# شيخ اياز

نثر 2

ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

خطَ انٽرويوءَ تقريرون-1

خطَ انٽرويوءَ تقريرون-2

اڳتي قدم جا ايڊيٽوريل



# ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

[ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان (مهاڳ)، خط، انٽرويوءِ تقريرون (ٻہ ڀاڱا)
ءِ اڳتي قدم جا ايڊيٽوريل]

شيخ اياز

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
ڪراچي. 2010ع

# شيخ اياز جو سڄو نثر- جلد ❷

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان<br>(ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان (مهاڳ)، خط انٽرويو ۽ تقريرون (ٻه ڀاڱا) ۽ اڳتي قدم جا ايڊيٽوريل) |
| ليکڪ: | شيخ اياز |
| ترتيب: | تاج جويو |
| ٻهريون ڇاپو: | مئي 2010ع |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي<br>فون: 021_32737290 |
| ڇپائيندڙ: | شمس جعفراڻي،<br>سيڪريٽري ثقافت کاتو<br>حڪومت سنڌ |
| قيمت: | 700/= رپيا |

شيخ اياز جي ڪتابن جي اشاعتي رٿا،
ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
**ثقافت کاتو بوڪ شاپ**
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400
فون: 021_99206063

# فهرست


پبلشر پاران 5
مرتب پاران 7

1) ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان 9
2) خط، انٽرويوءِ تقريرون (پاڱو پهريون) 155
3) خط، انٽرويوءِ تقريرون (پاڱو ٻيون) 495
4) اڳتي قدم جا ايڊيٽوريل 683

# عالمي شعور ۾ سنڌ جي ساڃاهه جو سنگم

شيخ اياز جي نثري تصنيفن جو هي ڇهون جلد هيٺين ڪتابن/ مواد تي مشتمل آهي:

1. خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو پهريون) جولاءِ 1987ع
2. خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڱو ٻيو) اپريل 1991ع
3. ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان جا (مهاڳ) ڊسمبر 1992ع
4. اڳتي قدم (1947ع جا ايڊيٽوريل) 2001ع

شيخ اياز جي پهرين ٻن ڪتابن ۾ شامل مواد سندس پنهنجن دوستن (حميد سنڌيءَ، مدد علي سنڌيءَ ۽ چام ساقيءَ) کي لکيل خطن، مختلف اديبن ۽ اديبائن ـ سحر امداد، شمع زيدي، فقير محمد لاشاري، نصير مرزا ۽ (ڊاڪٽر) فهميده حسين کي ڏنل انٽرويوئن، جشن روح رهاڻ، سنڌي شام، بزمِ صوفياءِ سنڌ جي ڪانفرنسن ۽ مشاعرن، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اجلاسن، يوم لطيف ۽ سچل سرمست جي ورسين، سنڌ صدين ڪان سيمينار ميرپورخاص، لاڙ ثقافتي ميلي، ڀٽ شاهه ۾ وائيس چانسلر جي حيثيت سان ڏنل حاضريءَ جي موقعي، مهراڻ آرٽس ڪائونسل ۽ روسي سفارتخاني ۾ ملهايل شاهه لطيف جي ورسين، مولانا روميءَ جي ست سؤ سالا جشن، آل پاڪستان فلاسافي ڪانگريس، سکر مشاعري، ساڻي ٻارڙا سنگت ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي ڪنوينشن، مشاعرن ۽ جشن لطيف، رشيد ڀٽيءَ جي چاليهي، لطيف ادبي اڪيڊميءَ جي اَوارڊ تقريب، دبئي جي اديبن جي دعوت، پير حسام الدين راشديءَ جي ورسيءَ، شاهه سچل سامي سيمينار بمبئيءَ جي موقعن تي ڪيل تقريرون، محمد عثمان ڏيپلائيءَ تي لکيل

خاڪي، نند جويريءَ، اياز گل ۽ ادل سومري جي شعري مجموعن ۽ بدر ابڙي جي جيل ڊائريءَ جي لکيل مهاڳن تي مشتمل مواد موجود آهي.

”خط انٽرويو تقريرون“ جي پهرئين ڀاڱي ۾ هڪ سؤ کان مٿي صفحن تي مشتمل سنڌ جي نامياري اديب رشيد ڀٽيءَ جو مهاڳ بہ شامل آهي، جنهن ۾ هن شيخ اياز جي تخليقي سفر سان گڏ جديد سنڌي شعر وادب جي تفصيلي تاريخ، لاڙن، جوهر ۽ فڪري سفر جو بہ ذڪر ڪيو آهي. هي مهاڳ بذات خود هڪ ڌار ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو جنهن ۾ رشيد ڀٽيءَ، شيخ اياز جي شاعريءَ ۽ تخليقي سفر کي ڏيهي ۽ پرڏيهي پسمنظر ۾ بيان ڪندي، ان تي عالمي ۽ ڪلاسيڪي سنڌي ادب جي اثر، افاديت، آفاقيت ۽ دائميت تي روشني وڌي آهي ۽ بيان ڪيو آهي تہ جديد سنڌي ادب پنهنجي تخليقي مسافت دوران رجعت پرستن، آمريت جي دلدادن، سامراج جي ساٿارين، بنياد پرستن ۽ مذهبي اجاريدارن جي باهوڙ جو ڪيڏي نہ دل جگريءَ سان مقابلو ڪيو آهي.

جديد سنڌي ادب خاص ڪري ون يونٽ واري سڄي دور ۾، هڪ طرف شعر توڙي نثر جي حوالي سان جدت ۽ ندرت جو رستو اختيار ڪيو تہ ٻئي طرف عالمي ادبي لاڙن ۽ تحريڪن جو اثر ورتي، حب الوطنيءَ ۽ ترقي پسنديءَ جي تاجي پيٽي تي ان جي اُڏت ڪري، سنڌي ادب کي عالمي سٽ ۾ بيهارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. نتيجي طور رجعت پرست ۽ بنياد پرست ادبي لاڙا سنڌ ۾ ڪر کڻي نہ سگهيا ۽ اهي جديد ترقي پسند، وطن دوست ۽ روشن خيال اديبن جي رستي ۾ رڪاوٽن کڙين ڪرڻ جي باوجود سنڌن وڌنڌڙ وکن کي روڪي نہ سگهيا. سنڌ جو جديد ادب خاص ڪري شاعري، صدين جو سفر سالن ۾ طئہ ڪري ان اُوچي پد ۽ مقام تي پهتو آهي، اهو سنڌ جي ادبي تاريخ جو سونهري، اَدب ليکيو ويندو. سنڌي جديد ادب فرسوده جاگيرداري قدرن، رسمن، رواجن ۽ لاڙن کي هميشہ لاءِ دفن ڪري ڇڏيو ۽ اُن ترقيءَ جي اها راهہ اختيار ڪئي، جيڪا اڳ کان اڳيري رهي. جمهوريت، سيڪيولرزم، سماجواد، حُب الوطني، عالمي امن ۽ اتحاد جا عالمگير مثا، سنڌي ادب جا محرڪ رهيا. اسان فخر سان چئي سگهون ٿا تہ

ان دور ۾ سرجيل ادب سنڌ جي صدين جي ساڃاهه کي سچ جي اهڙي سِراڻ تي چاڙهي عوام آڏو پيش ڪيو جنهن تي ڪڏهن به ڪٽ چڙهڻي ناهي.

اياز جا هي خط، انٽرويون، تقريرون، خاڪا ۽ مهاڳ، جديد سنڌي ادب جي ڪيتر جي اُها لازوال وٽ ۽ اهو اُمت سرمايو آهن، جيڪو صدين تائين پئي پراڻو ٿيڻو نه آهي. شيخ اياز جي انهن تحريرن ۾ اسان کي عالمي شعور ۽ هن سرزمين جي ساڃاهه جو خوبصورت سنگم ملي ٿو جنهن کي جيڪڏهن دنيا جي زبانن ۾ ترجمو ڪيو وڃي ته مون کي يقين آهي ته دنيا جي ادب ۾، انهن جو مقام ڪنهن به نوبل پرائيز کٽندڙ ادب/ اديب کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ شمار نه ٿيندو.

شيخ اياز اڄ نه، پر ورهاڱي کان اڳ ئي جديد فڪر جو پانڌيئڙو رهيو ۽ هن جا قدم وقت جي جبر ۽ نظرياتي يلغارن ۾ ڪٿي به نه ٿاٻڙيا. ان جو اندازو اسان کي شيخ اياز جي 1947ع ۾ ڪڍيل رسالي ”اڳتي قدم“ جي آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر وارن ايڊيٽوريلن جي اڀياس مان ٿي سگهي ٿو. اياز وٽ ان وقت انسانيت ۽ انقلاب به اهڙا آفاقي قدر هئا، جن تي هن سنڌي ادب کي پرکڻ ۽ لکڻ جي دعوت ڏني هئي. هن آگسٽ 1947ع جي ايڊيٽوريل ۾ لکيو هو:

”اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انقلاب جو آواز بُلند ٿي رهيو آهي. حڪومت، سماج، تهذيب، مذهب، رسم رواج ۾ اهم ڦيرگهير اچي رهي آهي. صديون ستم سهي سهي، غلاميءَ جا زنجير گهلي گهلي، عمريون لٽائي، ڦٽڪا کائي، هيسجي هارائي، اڄ آدميءَ مڪمل بغاوت جو اعلان ڪيو آهي. جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام سان پنجو لڙايو ويو آهي. ڪٿي ڪٿي جيت ٿي آهي، پر جدوجهد هر جاءِ جاري آهي.“

اياز وٽ جامد ترقي پسندي نه هئي، تڏهن ئي ته هن سيپٽمبر 1947ع جي ايڊيٽوريل ”جهلڪون“ ۾ لکيو هو ته: ”صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ادب ترقي پسند ادب آهي، پر ترقي پسند ادب صرف انقلابي ادب نه آهي. انقلابي ادب کي به پنهنجو معيار آهي ۽ اهو صرف ”هاري مزدور انقلاب زنده آباد“ جي نعري تائين محدود نه آهي. اسان کي ڏسڻو آهي ته انقلابي اديب پنهنجي

ڪهاڻيءَ يا شعر ۾ ڪيتري دلڪشي پيدا ڪري سگهيو آهي ۽ ڪيتري قدر اسان جي جذبن ۽ احساسن کي اٿلائي پٿلائي، مزاح ۽ طنز فطرت نگاري ۽ رومانيت، لکڻيءَ جي لچڪ ۽ مضمون جي نوائي ۽ نزاڪت رستي اسان جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي، اسان کي انقلاب لاءِ آماده ڪري سگهيو آهي. ادب ۽ آرٽ حُسن پيدا ڪن ٿا....“

مطلب تہ اياز ڪلهہ ڪان اڄ تائين ادب جي ترقي پسند قدرن ۽ ادب ۾ آرٽ جو حامي رهيو آهي. مون کي پڪ آهي تہ اياز جو نثر سنڌ جي اديبن کي عام طرح ۽ نئين نسل کي خاص طرح نہ رڳو اتساهيندو، پر سندن رهنمائي بہ ڪندو.

_ تاج جويو

# پبلشر پاران

شيخ اياز جي نثري تخليقن جو هي ٻيو جلد سندس فڪري پرواز ۽ روشن خياليءَ جو مظهر آهي. اسان سمجهون ٿا ته هيءَ ڪتاب اياز شناسيءَ سان گڏ سنڌي جديد ادب کي نوان زاويا ۽ نوان رخ ڏيندو. اياز پنهنجي دور جو اُهو عظيم آرٽسٽ آهي، جنهن جي تحريرن کي صدين تائين دوام رهندو.

هن جلد ۾ اياز جا ٻه مڪمل ڪتاب: ”خط انٽرويو ۽ تقريرون“ شامل آهن. ٽيون ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊميءَ پاران نئين ٿيءَ جي شاعريءَ جي انتخاب ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“ تي شيخ اياز جو لکيل طويل مهاڳ ”شاعريءَ جا فني قدر ۽ سنڌي شاعري“ آهي، جيڪو جڻ ته جديد سنڌي شاعريءَ جو مينيفيسٽو آهي. چوٿون ڪتاب، شيخ اياز جي 1947ع ۾ ڪڍيل ماهوار رسالي ”اڳتي قدم“ تي مشتمل آهي، جنهن مان صرف اياز جا لکيل ايڊيٽوريل ۽ هڪ ڪالم هن جلد ۾ شامل ڪيو اٿئون، اُن مان اياز جي اوائلي تحرير جو اسلوب معلوم ٿئي ٿو- مطلب ته اياز جون هي نثري تحريرون جديد سنڌي ادب جي تاريخ جو اهم حصو آهن، جن کي شايع ڪري ثقافت کاتي پنهنجو فرض نڀايو آهي.

ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

اميد تہ هيءُ ڪتاب اياز جي ڪتابن جي اشاعتي رٿا جي هڪ اهم ڪڙي ثابت ٿيندو. هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ محترمہ سسئي پليجو جي دلچسپي داد لهڻي، جنهن وقت بہ وقت هدايتن تحت هن ڪتاب جي اشاعت کي جلد ممڪن بڻايو آهي.

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

یک دداغ دل بس است برائے قبیلہ
روشن شود ہزار چراغ از فتیلہ

(هڪ دل جو داغ قبيلي لاءِ ڪافي آهي.
هڪ وٽ مان هزارين ڏيئا ٻري پون ٿا.)

[1]

# ڎيئا ڎيئا
# لاڎ
# اسان



# شاعريءَ جا فني قدر ۽ سنڌي شاعري *

آڪٽوبر 1990ع ۾ ريٽا شهاڻيءَ جي دعوت تي اسان پوني ويا هئاسين. اسان سان گڏ هري موٽواڻي به هليو هو. گنو سامتاڻي اُتي پاڻ ئي پهچي چُڪو هو. پورو ياد نٿو اچي، پونم جي رات هئي. اسان ريٽا جي بنگلي جي ڇت تي وڏاوِڙي ۾ ويٺا هياسين. چوڌاري باغ هو. ڪيئي وڻ بيٺا هئا. ٻوٽا هوا ۾ لُڏي رهيا ها. بنگلي جي چوڌاري جيڪي به بنگلا هئا، اُتي به ڪيئي وڻ هئا. جن تي چانڊوڪي ڇانيل هئي ۽ ريٽا وِسڪيءَ ڍُڪ پي، پنهنجي نثري شاعري ٻڌائي رهي هئي. اسان اڌ رات تائين ويٺا رهياسين ۽ ڳالهيون به ڪندا رهياسين ۽ مان پنهنجي اندر ۾ ٽُٻيون به ڏيندو رهيس. ٻاهران ڪائنات ڪنهن اشوڪ جي وڻ وانگر ٿي لڳي، جو اونڌو لڙڪي رهيو هجي ۽ جنهن جون جڙون آڪاس ۾ هجن ۽ پن، تاريون ڌرتيءَ تي. ريٽا جي نثري شاعري روحانيت جي باري ۾ هئي، جنهن ۾ پارت ورش جي خوشبوءِ هئي، پر ان ۾ ابهام هو جو نه رڳو هن ديس جي وحدانيت ۾ آهي پر هر مذهب جي وحدانيت جي تصور ۾ آهي. ڪيتري وقت کان ڪائي سوچ، جا منهنجي من کي ڌوڻڌاڙيندي رهي هئي، وري منهنجي من کي گرفت ۾ آڻي چُڪي هئي. پهريون جيوُ جڏهن ڄايو هو تڏهن ان کي ڪنهن ڏنو هو؟ هي رت پونءِ ته هن ڌرتيءَ جي دين آهي پر آتما ڪٿان ٿي

* ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، مظفر چانڊيي جو نئين ٿهيءَ جي شاعرن جي شاعريءَ تي سهيڙيل ڪتاب آهي، جيڪو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان 1992ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هيو. ان جو تفصيلي مهاڳ شيخ اياز "شاعريءَ جا فني قدر ۽ سنڌي شاعري" عنوان سان لکيو هو ۽ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هتي اهو 142 صفحن تي مشتمل طويل مهاڳ، اياز جي نثري تخليقن جي ٻئي جلد ۾ هڪ ڌار ڪتاب جي صورت ۾ ڏجي ٿو. (ت. ج)

اچي؟ جي خدا ڌرتي ۽ آسمان پيدا ڪيا تہ اهي ڪيئن ڪيا، اهو مشڪل ڪم اڪ چنيہ ۾ ڪيئن سرانجام ڏنو ويو؟ جي خلا مان ئي ساري تخليق ٿي، تہ اُن تخليق لاءِ مواد ڪٿان آيو؟

مون کي پيرو مل مهرچند جي قديم سنڌ مان رگ ويد جا ٽڪرا پئي ياد آيا. اندر، مِترا، وَرن، اگنيءَ جي باري ۾، ڪهڙي نہ پياري شاعري هئي ان ۾! پوءِ انهيءَ جي دويتا ۾ اَدويتا مان هڪ خدا جو تصور اُڀري ٿو جو اُپاٽڻهار ۽ سرجڻهار آهي، مشاهدي ۾ جو محدود آهي، انت ۾ لامحدود آهي ۽ مشاهدي کان بعيد آهي. هڪ ڪنيہ آويءَ تي ٿانءَ پچائي، لسائي لاهي ٿو. پر ان لاءِ بہ هن کي ڪنهن خام مواد جي ضرورت آهي؟ پر گيت لاءِ تہ ڪنهن خام مواد جي ضرورت نہ آهي. ان ۾ تہ شاعر پنهنجي وجود کي چڪيءَ تي ڦيرائي ٿو ۽ هن کي پتو نہ آهي تہ اها چڪي ڪنهن جي هٿ ۾ آهي؟ اهي سوال ها ازل ۽ ابد جي باري ۾، جن جو رگ ويد ۾ جواب ڏنو ويو هو ۽ جو مان پانيان سنڌ جي ڌرتيءَ تي تخليق ڪيو ويو هو:

”ڏينهن ۽ رات ۾ ڪائي مشابهت نہ هئي. نيستي بہ ڪا نہ هئي، هستي بہ ڪا نہ هئي. موت بہ ڪو نہ هو زندگي جاويد بہ ڪا نہ هئي.“

شاعر پنهنجي توڙ تي پهچي ٿو جڏهن هو ازلي حقيقت کي اظهاري ٿو ۽ چوي ٿو تہ ديوتائون بہ پوءِ جي پيدائش آهن. هن ڪائنات جي حقيقت جو پورو بيان نٿو ٿي سگهي. نيستي ۽ هستيءَ جي وچ ۾ تضاد جو انساني پهچ کان پري آهي، زمان ۽ مڪان جي سرحد کان دور، ڪٿي حل ٿي وڃي ٿو.

هند جي سرزمين تي اهي سوال ازلي ۽ ابدي آهن ۽ ان ڪري مون کي ريتا جي روحانيت واري شاعريءَ تي عجب نہ آيو. مون هن ۾ ايتري نواڻ بہ ڪا نہ ڏٺي. هوءَ هري دلگير جي شاگرد هئي، جو هن کي فارسي بحروزن سان آشنائي ڏئي سگهي ها، جنهن ۾ هو خود شاعري ڪندو آهي. جي هوءَ ماترائن جي حساب سان شاعري ڪري ها تہ اُها بہ هن جي وس کان ٻاهر نہ هئي. ماترائن جي حساب سان هند ۾ مذهبي توڙي

ٻي شاعري ڪيتري نه پياري ڪئي وئي آهي! ڪرشن جي ننڍپڻ جي باري ۾ ڪنهن نامعلوم سنسڪرت جي شاعر لکيو آهي:

"ماتا!"
"ڇا ڳالهه آهي؟"
"مون کي کير - ڪٽورو ڏي!"
"ڇا لاءِ؟"
"اِن لاءِ ته مان پِيئان."
"هاڻي نه"
"رڳو رات جو."
"رات ڇا ٿيندي آهي؟"
"جڏهن ڌرتي ۽ آڪاس اونداها ٿي ويندا آهن"

اها ڳالهه ٻڌي ڪرشن پنهنجون ٻئي اکيون ٻوٽيون ۽ چيائين:

"ماتا هاڻي ته ڏيندينءَ! رات اچي وئي آهي."

اها منظوم شاعري آهي ۽ نثري شاعري نه آهي، جيئن ڪرستان روايت ۾ سليمان جو گيتن جو گيت نثري نظم ۾ آهي ۽ جو مان اڳتي هلي ڏيندس. هنديءَ جي ڪويءَ جئديو ۾ به اهڙيءَ ريت ڀرپور مذهبي جذبات هئي، جنهن گيت گووند لکيو آهي، جيتوڻيڪ ٿي سال پوءِ چيتنيه جي تحريڪ به ساڳي نوعيت واري هئي. اُن ۾ راڌا ۽ ڪرشنا جي پيار جي باري ۾ گيت آهن، پر اُهي نثري نظم ۾ نه آهن، پر موزون آهن. گيت گووند کان ڪيئي صديون اڳي شرنگار تلڪ لکيو ويو جو ڪاليداس سان منسوب ڪيو ويو آهي، پر محقق ان کان انڪاري آهن ته اهو ڪوي ڪاليداس جو ڪتاب آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ ڪيئي پُرڪاريءَ واريون تشبيهون آهن، جيئن:

"تنهنجون اکيون ڪنول جي پتين وانگر آهن، تنهنجو مک ڪنول وانگر آهي، تنهنجا چپ ڪچا ڪوُنپل آهن ۽ تنهنجا انگ چمپڪ جي پنن وانگر آهن. ٻڌاءِ، پريتما، مون کي ٻڌاءِ ته اپاٽڻهار

توکي پٽر جهڙو هاڻ چو ڏنو آهي؟" اُتي ڪويءَ کي من ۾ بسنت کان پڇ ٿئي ٿو. "اڳيئي مون کي پيار پيڙا ڏئي رهيو آهي ۽ منهنجو من جو ملڻ جوڳو نہ آهي، اگر لاءِ پرارٿنا ڪري رهيو آهي. اُن جو ڪهڙو حال ٿيندو. جڏهن انب ٻور سان ٻوڪجي ويندا ۽ انهن جي ڦڪي اچاڻ اولهہ جي هوا ۾ ڦٿي پوندي؟" هن ۾ ڪٿي بہ ڪاوڙيل پيڙا نہ آهي. "تون منهنجا چپ منهنجي اچا کان سوا چو ٿو چمين. نِرلجا، ائين لڄ جو مکر چو ٿو ڪرين؟ هَٿُ، ڇڏ منهنجي گهگهي جي پاند کي ڇڏ! اِهي سؤڳنڌ ڪٽي مون کي پنيلائي چو رهيو آهين؟ مان تنهنجو اوجاڳيل انتظار ڪڍي ٿڪجي پئي آهيان، موتي وچ اُنهيءَ ڏانهن، جنهن سان ريڏل هئين! ماکيءَ جون مکيون اُهي ڦول چا ڪنديون، جي ڦٽي ڪيا ويا آهن؟"

ستينءَ صديءَ جي ڪَوي، پرتري هريءَ ۾ پرپور عشقيہ شاعريءَ جي پهرين جهلڪ ملي ٿي، ڪهڙي نہ پُرڪشش تصوير آهي هن جي پياريءَ جي، جڏهن هوءَ جهنگ ۾ چندرمان جي اُهاءَ ۾ پٽڪي ٿي:

"ڪامڻي، پاڻ کي چنڊ جي ڪرڻن کان جهنگ جي وڻن ۾ ڇپائي ٿي ۽ پنهنجو گهگهو مٿي ڪري ٿي، جنهن ۾ هن جا اُرهہ ڍڪيل ها...."

پر ڪامنا ڪويءَ جي من کي تڙپائي ٿي، جنهن کي هو نهايت پياري ٻوليءَ ۾ اظهاري ٿو ۽ هن کان پوءِ اَماروءَ جي شاعري شروع ٿئي ٿي، جنهن جو ترجمو اردو شاعر ميراجي پنهنجي ڪتاب "ديس ديس کي نظمين" ۾ نهايت چاهہ سان ڪيو آهي. ڇا نہ سِٽ آهي اَماروءَ جي:

"آهستي ڳالهاءِ! منهنجو ساجن منهنجي من ۾ آهي،
متان اهو توکي ٻڌي نہ وٺي!"

مون کي ڪجهہ سنسڪرت شاعرائون ياد آيون جي مون ڪافي وقت اڳي پڙهيون هيون: وِجا، سيلا، پٽريڪا، چندريڪا، گوري، پندماوتي، ڦلگو[1] چاندلا وديا[2] وغيره. انهن جي محبت ۽ فطرت جي

[1] ڦلگو: انجير جو وڻ، هڪ نديءَ جو نالو جا گنگا مان وهي ٿي. هوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ڳاڙهو ٻورو.
[2] چاندلا: نرڙ لاءِ سونو زيور، جهومر

شاعريءَ تي هڪ پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو جنهن جي هتي جاءِ نہ آهي. هڪ الڳ ڪتاب ويدانتڪ ڪويتا تي لکي سگهجي ٿو جڏهن انسان انيڪ ۾ ايڪ ۽ ايڪ ۾ انيڪ ڏسي ٿو اها شاعري هر صوفيءَ جي اعليٰ شاعريءَ وانگر آهي، هن ڪائنات جي وحدت جي باري ۾، انسان جي نجات جي باري ۾، رامانج ۽ رامانند جي شاعري، ڪبير، ميران ۽ نانڪ جي شاعري. اها شاعري ورثو آهي هند جو ۽ اها منظوم آهي، ماترائن تي آهي. جيڪي مذهبي ڪتاب نثر ۾ آهن، انهن ۾ بہ ترنم آهي، جيئن مان اڳتي هلي ڏيکاريندس.

مون ريتا کي صلاح ڏني تہ هوءَ اڳتي وانگر ناول لکي، ڇو تہ هن جي نثري شاعريءَ ۾ اهڙي نواڻ نہ آهي، جا ڌيان پاڻ ڏي ڇڪي وٺي. تازو مون کي هن جو نئون ناول "پرهہ جا پياڪ" مليو آهي، جنهن ۾ هن جي نثر ۾ تخليق وڏيڪ سجائي تي ڏسجي.

مون کي ريتا وٽ اهو خيال آيو تہ هن ديس جي شاعري، جا هيل تائين نظم ۾ خوبصورت ۽ ترنم واري رهي آهي، ان کي شاعر نثر ۾ ڇو گنجرائي رهيا آهن؟ ٽئگور تہ عمر جي آخر ۾ بہ ڪتاب نثري نظم جا لکيا ها، ڇو تہ هو موزون شاعري نٿي ڪري سگهيو پر انهن کان پوءِ هو موزون شاعريءَ تي موٽي آيو هو جنهن جو ذڪر مان "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" جي مهاڳ ۾ ڪري چڪو آهيان (دراصل نثري شاعريءَ جي ٽئگور کي گنجائش هئي، ڇو تہ هن هڪ هزار گيت لکيا ها، جن ۾ جَن، گُن من ۽ سونار بنگلا جهڙا ترنم وارا گيت بہ هئا) ريتا جي زندگيءَ جو نئين ٽيڪنالاجيءَ سان ڪوئي واسطو نہ هو، جنهن سان هندستاني سرمائيداريءَ جو هي صنعتي دور واڳيل هو.

روسي شاعريءَ مايا ڪوفسڪيءَ، ووزنيسينسڪيءَ ۽ بين فيوچرسٽ شاعرن جديد ٽيڪنالاجيءَ مان ڪيئي لفظ ورتا آهن، پر پوءِ بہ مايا ڪو فسڪيءَ ۽ ووزنيسنسڪيءَ جا اڪثر نظم بي پناهہ موسيقيت سان پرپور آهن. مان انهن جي شاعريءَ تي پوءِ ايندس، في الحال مان اهو ٿو چوڻ چاهيان تہ جديد هندي شاعريءَ ۾ نثري شاعريءَ

لاءِ گهڻو جواز پيدا نہ ڪري سگهيا آهن.

ريتا جي اڱڻ ۾ اڌ رات جو مون چنڊ ڏانهن ڏٺو جو اشوڪ جي وڻ مٿان ايئن وڃي رهيو هو جڻ اُن کي مٿي تي چمي ڏئي رهيو هو. مون من ۾ چيو "هيءَ گهڙي اَمر آهي. هن گهڙيءَ جيڪي بہ وجود ۾ آهي، ان جي انتها مون تي ٿئي ٿي. هن ساري سنسار ۾ ڪوئي سرگم آهي، جو آبشار وانگر وهي رهيو آهي. ان ۾ وهنجي ڏسان تہ منهنجي لونءَ لونءَ ڪاندارجي ويندي. مان ئي تہ هي سنسار آهيان!"

انگريز شاعر وليم بليڪ کان ڪنهن سوال پڇيو هو "خدا ڇا آهي؟"

"يسوع، تون ۽ مان" هن جواب ڏنو هو. اها ئي ڪيفيت آهي ڪلاسيڪل سنسڪرت ۽ هندي شاعريءَ جي. باغ جي چوڌاري سانت ۾ آماروءَ کان آگيہ تائين ڪويتا سمايل هئي. ڪيتري نہ مڌرتا هئي اُن ۾! ريتا ٽيڪنالاجيءَ واري دؤر جي ڪويتا بہ نٿي لکي! هن ۾ ويدانيت هئي، جنهن جي باري ۾ اڳ ڳايو ويو آهي. ساڳيو پس منظر، ساڳي جذبات. جا چاندني ۾ نهر وانگر آهي، پر اُن جو صديون مسلسل اظهار هاڻي طبيعت کي پاڻ نٿو پوي.

ٻي ڏينهن تي مون ريتا وٽ ئي هندستاني شاعريءَ تي ڪجهہ ڪتاب نظر مان ڪڍيا ها. هندي شاعريءَ ۾ ڪجهہ علامتون آهن، جي فطرت سان پور وچوتيون آهن. اهي هيٺ ڏجن ٿيون:

1_ سِجَ اُيرئي وقت ڪنول جو گل ٽڙي پوي ٿو ۽ اُهو اسان لاءِ سونهن، سچ، مڌرتا ۽ منورٿ (مقصد) چٽي ٿو. ڪويتا ۾ ٻيا گل اهڙا آهن جي ڪنهن ڪامڻيءَ جي ڇُهاءَ، پاڪر يا چُمي سان ٽڙي پون ٿا، جيئن اشوڪ جو وڻ ٽڙي پوي ٿو اها ڳالهہ سونهن جي سڦلتا جي نشاني آهي.

2_ هر موسم سان مخصوص علامتون واسطو رکن ٿيون. ڪويل ۽ انب جو ٻور بسنت جي علامت آهن، مورُ برسات جي علامت آهي، هنس ۽ ڪنجن[o]، ٻيا سانگي پکي (سنڌ ۾ تہ سوين سانگي پکي ايندا

[o] ڪَنجن: پکيءَ جو نالو (The Spotted fork tail)

آهن) آڳاٽي سَرءُ جي علامت آهن. ڪوهيڙو ۽ چٽندڙ پن سياري جي علامت آهن. منهنجي هڪ سٽ آهي:

چٽندڙ پن، وڇوڙيل يار ڳالهه ته ساڳي ناهي.

3_ چاتِڪ ۽ پپيهو اَمڙ ۽ اَڻ-قرٽي پڳتيءَ جي علامت آهن. اُپائٽهار جي اُڪير ۽ پيار جي آنديءَ-گهُرَ جي سرءُ جي برسات. جا سواتيءَ تاري[1] هيٺ پوندي آهي، اها برسات اُپائٽهار جي ڪرپا جي نشاني آهي: نانگ ۾ وهه، سِپ ۾ موتي ۽ بانس ۾ دارون پيدا ڪري ٿي. چاتِڪ ڪي سواتيءَ جي جرَ ڪان سواءِ ٻي ڪنهن جَر لاءِ ڪِرپ ايندي آهي ۽ فقط اُهو ٿي هن جي اُڃ اُجهائي سگهندو آهي. اهڙي طرح اُجاري جيءَ ڪي آتت نه ايندي آهي، جيستائين اُن تي ٻاجهاري جي ٻاجهه نه ٿيندي آهي.

4_ ڪام، جو سنيهه ۽ لَنوءُ جو ديوتا آهي، جنهن ڪي شوَ جلائي رک ڪري ڇڏيو آهي. پر جو سياڳو آهي، اُهو سدائين سرير ڪانسواءِ آهي. اها ڳالهه اهو ياءُ پيدا ڪري ٿي ته سرِيرڪ ڪامنا جون جڙون جيءَ ۾ نه آهن ۽ اُها اَجائي آهي. ڪام جي وَني رتي (موهه) آهي ۽ هن جا سنگي بسنت، چنڊ ۽ چاتڪ پکي آهن.

5_ هاٿي چال ۾ سوڀيا، سانتيڪائيءَ، سگهه ۽ بار ۾ ياري پٽي جي نشاني آهي، شينهن ڏيا ۽ تَن مَن جي ٻَل ۽ ڦڙتائيءَ جي علامت آهي ۽ هَرڻ تڪ، سوڪيمتا ۽ حواس جي ناپائداريءَ جي علامت آهي.

6_ انسان جي چهري جي چنڊ سان تشبيهه ڏني وئي آهي، اکين ڪي ڪنجن پکيءَ سان يا اهي آمي جي ڦار يا هرڻيءَ جي اکين سان ڀيٽيون ويون آهن. وارَ وَسيهر، ڪاريءَ گهٽا يا رات وانگر آهن. چپ بمبا جي ڦل وانگر آهن، جو ڳاڙهو ۽ شعلي رنگ ٿيندو آهي يا انب جي ڪچڙن ڪؤنپلن يا مرجان وانگر آهن. ڏند موتين جي لڙهيءَ جهڙا آهن پرپور ڇاتي ڦلدائڪ اِستري پٽي جي نشاني

[1] سُواتي تارو (The Star Acrturrus)

آهي، سنهي چيلهه جي چيتي جي چيلهه سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. راڻن ڪي ڪيوڙي جي ٿُڙ يا هاٿيءَ جي سونڊ سان ڀيٽيو ويو آهي (سنڌيءَ ۾ ڪنجل-لوڏ[1] سينگار ۾ استعمال ٿيل آهن). هَٿَ پير ڪوٽين جيان آهن. جيڪي اکين جي اشارن سان گڏ ناچ، ناٽڪ يا ڪويتا ۾ مُدرا[2] جو ڪم ڏين ٿا.

7- روايتي سونهن ۾ اهڃاڻ آهن:

پريل گهڙو اُڏار ۾ پکيئڙو گابي کي کير ڏارائڻ وقت ڳانءِ، سائو گاهه، پانَ جا پتا، سنک، سرڪنڊ جو ليپ، آرسي، ٻارڙن سان اَمڙ، گهلندڙ هير، چندن جو تلڪ. ٻيا بہ ڪيئي سونهن اَپسونهن آهن. ڳجُ علامت آهي سلسلي جي، پُنر آرنب جي، آس جي اَنيو جي.

هنديءَ جي همعصر شاعرن اهي علامتون ۽ روايتون هن سرشتيءَ جي سُجاڻ ۽ اُن ۾ ويساهه جي اظهارڻ لاءِ ڪم آنديون آهن. هنن اُنهن ۾ اُپياشائن ۽ لوڪَ-ڪٿائن مان ڪجهه اضافو بہ ڪيو آهي، پر هنن ڀاڻ کي روايتي انداز تائين محدود نہ رکيو آهي. ڪنهن مهل هُنن بنهه نيون تشبيهون ۽ آدرشي دنيا جو نئون تصور ڏنو آهي، مثال طور:

" هڪ گُڏي، ٺاهيل لينگهائتي، چِڪڙ ميري ڪپڙي مان يا "ڀاٽيءَ جي ڪنلي، جا ڪڙهي، ڀاڦ ٿي وڃي ٿي" يا ڪيسري ڪمار جي ڪويتا جي سٽ "سانجهه توکي ڪيئن سمجهايان؟ اها مزمان جي اُباسيءَ وانگر لڳي رهي آهي" يا ڪنهن جديد هندي شاعر پنهنجيءَ ڪويتا "سامونڊي ڪنڌي تي سنجها" ۾ چيو آهي تہ:
واريءَ جا ڍِڳ گهيرت ڪاٽي رهيا آهن.

"ٻلين وانگر لهرون اُنهن جي چنبن ڪان (رانيوٽن جي ڀَوَ ڪان) تڪڙيون تڪڙيون ڊوڙي رهيون آهن."

---

[1] ڪنجل: هاٿي
[2] مُدرا: آڱرين کي پوڄا ۾ ويڙهڻ يا وڪوڙڻ جو طريقو.

ڪِرتي چؤڌريءَ جي ڪويتا اَڇُرتا ۾ آهي.

”منجهند لهرون تي وئي آهي
۽ پنهنجيءَ اٽاسي اَؤجرم
ڀِهڪي رهي آهي.“

اهي مٿي آيل چار پنج تصور مون هنديءَ جي نثري شاعريءَ مان اچانڪ کنيا آهن ۽ اُهي روايتي نہ آهن ۽ يگاني تحرير کي اظهارن ٿا.

هڪ ٻي جديد شاعر جو هي نثري نظم ڏسو:

”ڪنهن
نئين ڏينهن کي منهنجي دروازي ٻاهران ڦٽي ڪيو آهي
هڪ خط وانگر.
جنهن تي ڪائي پراهين ۽ اڇرج جهڙي ٽڪلي لڳل آهي،
اُن جي اَڇُتي لفافي تي مهر لڳل آهي.
اَڻ- وِسهو لاک جي،
اَڄ تہ اَسان اُنهيءَ مهر کي ٽوڙيون!“

مون اها ڪويتا پڙهي ان ۾ جديد شاعريءَ جي نواڻ تہ محسوس ڪئي، پر سوچيو تہ ڇا اهي نثري ٽڪرا ڪنهن ناول، ڪهاڻيءَ، ڊائريءَ يا سفر نامي وغيره جو حصو نہ ٿي سگهيا؟

آخر مون بہ هن وقت جيڪي بہ نثري نظم لکيا آهن، اهي منهنجي نوٽ بُڪ جا ٽڪرا آهن، جي مون ناول يا ڊائري يا سفر نامي جو حصو ڪرڻ چاهيا ها!

اردو ۾ آزاد نظم تہ بحروزن تي هوندو آهي ۽ جيتوڻيڪ اُن جون سٽون ننڍيون وڏيون هونديون آهن، پر انهن ۾ ڪوئي مرڪزي خيال سمايل هوندو آهي. ڪيئي سال اڳ اردوءَ ۾ نثري نظم بہ لکيا ويندا ها، جنهن کي اردوءَ جا اَڌ اکري شاعر ”ادب لطيف“ چوندا ها. اهو ادب لطيف ڪيئن هو ۽ پيو ادب ڪثيف ڪيئن هو ان لاءِ هو ڪوئي سبب نہ ڏيندا ها. دراصل ٽئگور جي منظوم بنگالي شاعريءَ، جا ييٽس

انگريزي نثري نظم ۾ گيتانجليءَ جي نالي سان ڪجھ ترجما ڪيا، جن تي ٽئگور کي نوبل پرائيز مليو هو. ٽئگور پاڻ بہ پنهنجا ڪتاب ”باغبان“، ”ڪبير جا گيت“ وغيره انگريزيءَ ۾ نثري نظم ۾ ترجمو ڪيا ۽ پڙهندڙن ۾ غلط تاثر اهو پيدا ٿيو هو تہ اصل بنگالي شاعري بہ ايئن نثري نظم ۾ هئي. جڏهن ٽئگور کي نوبل پرائيز ملي تہ هر شاعر ننڍي ڪنڍ ۾ نثري نظم تي لکڻ چاهيو. مون کي هڪ ڪل جهڙو واقعو ياد اَچي رهيو آهي. جڏهن مان ٻي. اي ۾ پڙهندو هوس تہ مينارام هاسٽل مان بندر روڊ تي هڪ اسٽيشنريءَ (ڪاغذ، قلم، مس وغيره) جي دڪان تي پينسليون خريد ڪرڻ ويس. دڪان جو هندو مالڪ هڪ جهازي سائيز نوٽ بُڪ تي ڪجھ سنڌيءَ ۾ لکي رهيو هو. مون سمجهيو تہ هو پنهنجو وهي کاتو ٿو لکي. مون هن کي پينسلين لاءِ چيو تہ هن چپن تي آڱر رکي، مون کي چُپ ڪرڻ لاءِ چيو. مون ڀانيو تہ هن جي حساب ڪتاب ۾ رنڊڪ ٿي پئي، سو مان ماٺ ڪري بيهي رهيس. هو مون کان پنج فوٽ پري ويٺو هو ۽ منهنجي هُن جي ڪتاب تي نظر نہ ٿي پئي، پنج ڇھ منٽ گذريا تہ هن ڪتاب مان منهن ڪڍي مون کان پڇيو: ”ڪاليج ۾ پڙهندو آهين؟“

مون جواب ڏنو ”هائو“

”پوءِ مها ڪوي ٽئگور تہ پڙهيو هوندءِ؟“ هن پڇيو ”مان بہ هي ڪتاب ٽئگور وانگر سنڌي نثري نظم ۾ لکي رهيو آهيان. ان جو پروفيسر اجواڻيءَ کان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائيندس. تون آرٽس ۾ پڙهندو آهين يا سائنس ۾؟“ هن مون کي غور سان ڏسي پڇيو.

”آرٽس ۾“ مون جواب ڏنو.

”پوءِ تہ تون پروفيسر اجواڻيءَ کي سڃاڻندو هوندين؟ هو منهنجو پاڙيسري آهي.“ هن چيو مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي.

”بس، ڇڙو پروفيسر اجواڻي هن کي ترجمو ڪري تہ نوبل پرائيز منهنجي کيسي ۾ پئي آهي. تون هي ڪتاب پڙهي ڏسندين؟ هن پڇيو.

مون وري ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي تہ هُن پنهنجو ڪتاب مون

ڏانهن وڌايو. مون ڪتاب وٺي پهريون نظم ڏٺو:

”تيز هوا لڳي رهي آهيَ
ڪيڪڙا ڪناري تي وڃي رهيا آهن....“

پوءِ هن جا اکر ڪاغذ تي هيٺ لهندا ويا، جيئن ڪيڪڙا ساحل تي واريءَ جي ڍير تان لهندا آهن. مون جڏهن هن کي ڪتاب موٽايو ته هن پڇيو:
”ڪيئن مون کي نوبل پرائيز ملندي نه؟“ مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي ته هُن مون کي ڇهه پينسلون ڏنيون ۽ پئسا نه ورتا.
ٻي ڀيري 1965ع واري جنگ ۾ مون سان گڏ پروفيسر جهامنداس ”جهامر“ جيل ۾ گڏ هو. مان پرمانند ميورامر جي ڊڪشنري ڳولي ٿڪو آهيان. پر مون کي ”جهامر“ لفظ ڪٿي نظر نه آيو آهي. البته اردوءَ ۾ ”تامر جهامر“ لفظ آهي. جو هڪ قسم جي اَڻ گهڙيل ڏوليءَ کي چوندا آهن. اهو تخلص هن ”سامر“ جي مقابلي ۾ رکيو هو جو جئسنگهاڻيءَ جو تخلص هو. جئسنگهاڻي ”سامر“ لاڙڪاڻي جو شاعر، جو اربندو گهوش جي نموني اڪبر آشرم جو باني ۽ جيتامڙي جي ڊائريءَ جو مصنف هو. سنڌيءَ ۾ ”سامر“ لفظ معنيٰ پناهه يا سهارو آهي، باقي سنسڪرت ۾ ”سامُر“ ته ٽن ويدن مان هڪ ويد جو نالو آهي، جي ماترائن تي ٻڌل آهن ۽ ڳائي سگهجن ٿا. جئسنگهاڻيءَ ”سامر“ کي سچل ”سرمست“ وانگر شاعر هفت زبان ٿيڻ جو خبط هو ۽ هو نه رڳو سنڌي، سرائڪيءَ، اردو هنديءَ ۾ ڪلام لکندو هو ۽ اڪبر آشرم ۾ ڳارائيندو هو پر ديوان، حافظ مان قافيا ۽ رديف لکي، حافظ جي تتبع تي فارسي غزل لکندو هو. مان جڏهن به لاڙڪاڻي ڪنهن ڪيس سان ويندو هوس ته هن وٽ ضرور ويندو هوس. هو ۽ هن جي خوبصورت ڌرم پتني ڊاڪٽر سرلا منهنجي خاطر تواضع ڪندا ها. اسان گڏجي ناونوش ڪندا هئاسين ۽ مان هن جا فارسي غزل ٻڌندو هوس. جيتوڻيڪ مون سامر کي ڪيئي ڀيرا چيو هو ته هن کي زير اضافت ۽ واوعطفيءَ جو پورو پتو نٿو پوي، پر

هو وري وري ساڳيون غلطيون ڪندو هو. مرحوم لطف الله بدوي، جيڪو علامہ اقبال جي اسرار خودي ۽ رموز بيخوديءَ وانگر فارسيءَ ۾ مثنويون لکندو هو اُهو نہ رڳو اقبال جو تتبع ڪندو هو پر فارسيءَ ۾ زيرِاضافت ۽ واوعطفي چڱي طرح وزن ۾ آڻي نہ سگهندو هو. مان هن جي ڪم آندل واوعطفيءَ کي واءُ لطفي چوندو هوس. ڳالهہ نڪتي سام جي ڳالهہ تان. مان، سام ۽ سرلا تي هڪ پورو ناول لکي ٿو سگهان، هو ٽئي ٻين لکين انسانن وانگر تقسيم جي تباهہ ڪاريءَ جا مجسما هئا. پر هتي انهن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي جهامنداس ”جهام“ ڏانهن موٽان ٿو، جنهن کي عروض جي الف۔ بي جي خبر نہ هئي ۽ سام کي شهہ ڏيڻ لاءِ ٽئگور وانگر نثري نظم جرمنيءَ ۾ پنهنجي قلمي دوست لبڪي (Lubke) کي موڪليندو هو جو خود رِلڪي جو اولڙو هو. ۽ جو هن جي انگريزي ترجمي کي سنڌي منظوم شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ نثري ترجمو سمجهي، جرمن نثر ۾ ترجمو ڪندو هو. هن کي ”جهام“ منهنجا منظوم شعر بہ ترجمو ڪري موڪليا هئا. جي بہ هن جرمن زبان ۾ سنڌي شاعريءَ جي انتخاب ۾ ڇپايا ها. جن مان هڪ ڪتابچو مون وٽ اڃا آهي. (تازو گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي جرمن ڊائريڪٽر، جا منهنجي دوست ٿي وئي آهي، منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو تہ لُبڪي هڪ معمولي شاعر آهي ۽ هاڻي ٻوڙو ٿي چُڪو آهي) سو مون جڏهن جهام جا نظم ڏٺا تہ مون کي اهو اسٽيشنريءَ وارو دڪاندار ياد آيو جنهن جو مون ذڪر مٿي ڪيو آهي.

منهنجي چوڻ جو مقصد اهو هو تہ اڪثر نثري شاعري اهو روحانيت جو گٽر آهي، جنهن تي چنڊ جي روشني پئجي رهي آهي. جرمن شاعريءَ ۾ برٽالٽ بريخت جا نثري نظم ڏسجن، جنهن جا ٽي جلد مون پڙهيا آهن تہ انهن جي دنيا ئي ٻي آهي. ڪجهہ مايا ڪوفسڪيءَ وانگر، آرٽ جي فيوچرسٽ نظريي کان متاثر، خوبصورت نظم آهن، جن ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر جو پڙاڏو آهي ۽ پنهنجي دؤر جي سياسي پيڙا بہ نهايت خوبصورتيءَ سان چٽي وئي

آهي. اولهه ۽ اوڀر جرمني زياده تر ڪميونسٽ آرٽ ۽ ادبي تخليقن کي تڇ تي سمجهي، پر برٽالٽ بريخت جي نثري شاعري ۽ نهايت خوبصورت ڊرامن کي پوري جرمنيءَ ۾ اهميت آهي. منهنجي دوست اسلم اظهر (جو بينظير جي دؤر ۾ پاڪستان ٽيليويزن جو جنرل مئنيجر هو) نوڪريءَ کان اڳ گئليلو سوڏا بريخت جا پنج ڇهه ڊراما اسٽيج تي آندا ها، پر انهن ۾ انساني عمل کي ترجيح هئي ۽ اهڙا ٽڪرا گهٽ هئا، جن کي نثري شاعري چئي سگهجي، جنهن سان شيڪسپيئر جا ڊراما جهنجهيا پيا آهن.

مون انجيل ۾ نثري شاعري ”حضرت سليمان جي راڳن جي راڳ“ ۾ ڏٺي. اهو ڪتاب مون 1955ع ۾ نئين سال جي رات هڪ عيسائي ديول مان ورتو هو. مان ۽ منهنجو دوست مونس، ٻارهين بجي رات کان پوءِ جڏهن نئين سال جي شروعات ٿي، سکر جيمر خاني مان مدهوشيءَ جي حالت ۾ نڪتاسين ۽ پنڌ ڪُئينس روڊ ڏانهن ٿي وياسين جتي مونس منهنجي آفيس ۾ رهندو هو ۽ جتي منهنجي ڪار بيٺل هئي، جنهن ۾ مان پراڻي سکر وڃڻو هوس. رستي جي مُهڙ وٽ چرچ هئي، مان ته ٻاهر مذهبي ڪتاب ڏسڻ لڳس ۽ سينٽ ٿامس اَڪئيناس جو هڪ ڪتاب ۽ ٿي انجيل انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ خريد ڪيم. مون کي اهو ڏسي حيرت آئي ته ”مقدس بائيبل- نئون ۽ پراڻو عهدنامو“ ڪنهن پادريءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو جو گربخشاڻيءَ واري شاهه جي رسالي کان ٻه ٽوريءَ وڏي ماپ جو هو ۽ جنهن ۾ 1669 صفحا هئا. اهو بائيبل هندستان، پاڪستان ۽ سلون جي بائيبل سوسائٽيءَ 1954ع ۾ لاهور ۾ ڇپايو هو. ايتري ۾ شور ٿي ويو. مونس، جو غالب وانگر، روز-ابر ۽ شب- ماهتاب ۾، بيخوديءَ جي عالم ۾ هوندو هو مسيح جي بت ڏانهن ڊوڪي ويو هو ۽ هن جي پيرن سان مٿو ٽڪرائي چئي رهيو هو:”تون مون تي رحم ڇو نٿو ڪرين؟ تون مون تي رحم ڇو نٿو ڪرين؟“ مون ان کي عيسائي عبادت ۾ بيجا دخل سمجهيو ۽ هن کي ٻانهن کان ڇڪي ٻاهر وٺي آيس. (تفصيل سان اها ڳالهه ڪنهن وقت

پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکندس.)

متي جاٽايل انجيل جا نئي ترجما مون وٽ اجا تائين آهن. سنڌي نسخي مان ”راڳن جي راڳ“ جا ڪجهه چونڊ ٽڪرا هيٺ ڏيان ٿو جي خوبصورت نثري نظم وانگر آهن ۽ جن جو سنڌي ترجمو لاهور واري بائيبل سوسائٽي جو ڪرايل آهي ۽ صفحي 1224 تي ڏنل آهي:

**سليمان جو راڳن جو راڳ**

(1)

★ پلي تہ هو وات جي چمين سان مون کي چُمي، ڇاڪاڻ جو هن جي محبت شراب کان بهتر آهي.

★ 13_ منهنجو محبوب منهنجي لاءِ اهڙو آهي، جهڙو مِر[1] جو ڇڳو جو منهنجين ڇاتين تي وچ ۾ پيو آهي.

★ 14_ منهنجو محبوب اهڙو آهي، جهڙو ميديءَ جي گلن جو ڇڳو جو عين جِدي جي ڊاک جي باغن مان آهي.

★ 15_ ڏس، اي منهنجي پياري، تون سهڻي آهين، تون خوبصورت آهين، تنهنجون اکيون ڪبوترين جهڙيون آهن.

★ 17_ ڏس، اي منهنجا محبوب! تون حسين آهين، هائو دلپسند آهين، اسان جو پلنگ سائو آهي.

★ 18_ اسان جي گهر جون ڪامون سَروَ جون آهن ۽ اسان جون پٽيون صنوبر جون آهن.

(2)

★ آءٌ شارون جو گلاب آهيان. آءٌ وادين جو سوسن آهيان.

★ جيئن سوسن ڪنڊن ۾ آهي، تيئن منهنجي محبوبا ڪنوارين ۾ آهي.

★ جيئن جهنگ جي وڻن ۾ صوف جو وڻ، تيئن منهنجي محبوبا بہ نوجوانن ۾ آهي، آءٌ ڏاڍيءَ خوشيءَ سان هن جي ڇانو ۾ ويهي رهيس

[1] مِر: هڪ صحرا جو خوشبودار ٻوٽو جو وچ اوير ۾ ٽيندو آهي ۽ جنهن جي خوشبوءِ عورتون بدن کي لڳائينديون هيون ۽ جنهن جو تيل چراغن ۾ ٻارينداهئا.

۽ هن جو ميوو مون کي مٺو لڳو.

★ هن مون کي مجلس ۾ آندو ۽ هن جو جهنڊو منهنجي مٿان محبت جو هو.

★ اوهان مون کي ڪشمڪش سان آرام ڏيو ۽ صوفن سان مون کي تازو توانو ڪريو. ڇالاءِ جو آءٌ محبت جو مريض آهيان.

★ هن جو کابو هٿ منهنجي مٿي هيٺان آهي ۽ هن جي سڄي هٿ جو مون کي ياڪُر پيل آهي.

★ اي يروشلم جون ڌيئون! آءٌ اوهان کي قسم ڏيان، انهن هرڻين جو ۽ ميدان جي ڄانگهن جو، ته اوهين پيار کي نه اُٿاريو نه جاڳايو جيستائين ڪ هو پاڻ اُٿڻ گهري.

★ اِجهو منهنجي محبوب جو آواز! ڏِس، هو جبلن تان ٽپندو ۽ ٽڪرن تان ڊوڙندو اچي ٿو.

★ منهنجو محبوب هڪ هرڻ يا جوان ڄانگهي جهڙو آهي. ڏِس! هو اسان جي پٽ پٺيان بيٺو آهي، هو درين مان جهاتيون پائي ٿو هو ڳڙ کين مان پاڻ ڏيکاري ٿو.

★ منهنجي محبوب مون سان ڳالهايو ۽ چيائين ته اي منهنجي پياري مُنهنجي نازنين، اُٿي هلي اَچ!

★ زمين تي گل نڪتا آهن ۽ پکين جي ڳائڻ جي موسم آئي آهي ۽ ڳيري جي ٻولي اسان جي مُلڪ ۾ پئي ٻڌجي.

★ انجير جو وڻ پنهنجا ساوا انجير پچائي ٿو ڊاکن ٻور جَهليو آهي ۽ انهن مان خوشبوءِ پئي اچي. اُٿ، اي منهنجي پياري، منهنجي نازنين، هلي اچ!

★ اي منهنجي ڪبوترا! تون جا ٽَڪر جي ڦاٽن ۽ اُيڪپريءَ واريءَ جاءِ جي اوٽ ۾ آهين، پنهنجي شڪل ڏيکار، پنهنجو آواز ٻڌاءِ، ڇا لاءِ جو تنهنجو آواز مِٺو آهي ۽ تنهنجي شڪل سُهڻي آهي.

★ اسان جي لاءِ تون لومڙيون، ننڍيون لومڙيون پَڪڙ، جي ڊاک جو منهن زيان ٿيون ڪن، ڇاڪاڻ جو اسان جي ڊاک جي منهن ٻور

ڪيو آهي.

★ (منهنجي پيءُ لوڊن جي ڳوٺ شڪارپور ۾ بنگلو ٺهرايو هو. بنگلي ۾ بين وڻن ٻوٽن سان گڏ هڪ سنگ مرمر جو تلاءُ هو جنهن تي مَنهـَ هو جو ڊاڪ جي وَل سان ڇانيل هو. مون کي اڃان ياد آهي تہ ڊاک ۾ ٻور ڪيڏو نہ پيارو لڳندو آهي! اهو بنگلو ۽ باغ ٽئين ڏهاڪي واري وڏيءَ ٻوڏ ۾ ٻڏي ويو هو)

★ منهنجو محبوب منهنجو آهي ۽ آءُ سندس آهيان. هو پنهنجو گلو[1] سوسن ۾ ٿو چاري.

★ جيستائين ڏينهن ٺڏو ٿئي ۽ پاڇو لهي، تيستائين اي منهنجا محبوب موٽي اچ! بلڪ تون انهيءَ هَرَڻ يا جوان ڇانگهي جهڙو ٿيءُ، جو پٿر جي جبلن تي آهي.

(3)

★ جنهن سان منهنجي محبت آهي، تنهن کي رات جو مون پنهنجيءَ هنڌ تي ڳوليو مون هن کي ڳوليو پر ڪين لڌو مانس.

★ مون چيو تہ هاڻي مان اٿندس ۽ شهر جي چوڌاري گهمندس تہ جنهن سان منهنجي جان جي محبت آهي، تنهن کي گهٽين ۽ چؤسولن تي ڳوليان. مون هن کي ڳوليو پر ڪين لڌو مانس.

★ پهري وارا جي شهر جي چوڌاري پيا گهمن تن مون کي ڏٺو انهن کي مون چيو تہ اوهان ڪو هن کي ڏٺو جنهن سان منهنجي جان جي محبت آهي؟

(4)

★ اي شهزادي تنهنجا پير چاکڙين ۾ ڪهڙا نہ سهڻا ٿا لڳن! تنهنجين رانن جا سَنَڌَ جواهرن جهڙا آهن. جي ڪنهن استاد ڪاريگر جي هٿان جڙيل هجن.

★ تنهنجو دُن گول پيالي جهڙو آهي...

---

[1] گلو: ڌڻ

★ تنهنجون ڇاتيون ٻن ٻَڙن جهڙيون آهن، جي هرڻيءَ جا جاڙا ٻچا هجن.

★ تنهنجي ڳچي عاج جي ٿنڀ جهڙي آهي، تنهنجون اکيون "خشبون" جي تلاوُن جهڙيون آهن، جي بيت "ربيم" جي در وٽ آهن، تنهنجو نڪ لبنان جي ٽُل وانگر آهي، جنهن جو رُخ دمشق ڏي آهي.

(5)

★ اي پياري! خوشين جي ڪري تون ڪهڙي نہ خوبصورت ۽ دلپسند آهين!

★ تنهنجو قد کجيءَ جي وڻ وانگر آهي ۽ تنهنجون ڇاتيون ڊاک جي ڇڳن جهڙيون آهن.

★ مون چيو تہ آءٌ انهيءَ کجيءَ جي وڻ تي چڙهان ۽ اُن جون تاريون جهلي بيهان، پلي تہ تنهنجون ڇاتيون ڊاک جي ڇڳن جهڙيون هجن ۽ تنهنجي پساهہ جي خوشبوءِ صوفن جهڙي آهي.

★ ۽ تنهنجو وات تمام عمدي شراب جهڙو آهي، جو منهنجي محبوب جي لاءِ لسو وهندو وڃي ۽ جيڪي سُتا پيا آهن، تن جي چپن مان بہ ترڪندو وڃي.

★ اي منهنجا محبوب اچ تہ ٻهراڙيءَ ۾ هلون ۽ ڳوٺن ۾ هلي گذاريون.

★ هَل تہ سوير اُٿي ڊاک جي منَهہ ۾ هلون، ڏسون تہ ڊاک ڦٽي آهي يا نہ، اُن جا گل کليا آهن يا نہ ۽ ڏاڙهونءَ گل جهليا آهن يا نہ، اُتي توکي پنهنجي محبت ڏيندس.

(6)

★ مون کي مُهر وانگر پنهنجي دل تي هڻ ۽ مُهر وانگر پنهنجي ٻانهن تي رک، ڇا لاءِ تہ محبت موت وانگر زور واري آهي، حسن تير وانگر ظلم ڪندڙ آهي، اُن جا شعلا باهہ جا شعلا آهن. اها خود خداوند جو شعلو آهي.

اهو آهي حضرت سليمان جو "راڳن جو راڳ"، جو هڪ نثري نظم وانگر لڳي ٿو. اجا تہ اُن ۾ ٻيا فقرا حيرت انگيز آهن. پر سنڌ جي

اخلاقيات جي محدود تصور ڪري مون اُهي نہ ڏنا آهن. فارسي جي مشهور شاعر صائب جو شعر آهي:

آن کہ اول شعر گفت آدم صفی اللہ بود
طبع موزوں حجت فرزندیٔ آدم بود

(جنهن پهريون شعر چيو آدم صفي الله هو موزون طبع آدم جي فرزنديءَ جو دليل آهي)

ساڳيءَ ريت امير خسروءَ جو شعر آهي:

ما ہمہ در اصل شاعر زادہ ایم،
دل بہ ایں محنت نہ از خود دادہ ایم

(اسان دراصل شاعر مان پيدا ٿيا آهيون، هيئن پنهنجو پاڻ دل لائي محنت نہ ڪري رهيا آهيون.)

تشبيهہ جي قدامت جو ان ڳالهہ مان اندازو لڳايو تہ قديم زماني ۾ هڪ مصري شاعر ٿيبان (Theban)مصر جي فرعونن مان راسيس بئين 1292_1225 ق_ م تائين) جي تعريف ۾ ڪجهہ شعر لکيا ۽ جي اهرامِ مصر (Pyramids) جي اندر هڪ سخت پٿر تي اُڪريل آهن:

"بادشاهہ جرئت ۾ جنگ جو ديوتا ٿو نظر اچي ۽ لڙائيءَ ۾ وحشي سانَ وانگر آهي، ماڻهو هن کان ايئن ڊڄن ٿا، جيئن جهنگ جي شينهن کان ڊڄندا آهن. صبح جو جڏهن هو بيدار ٿيندو آهي تہ ايئن لڳندو آهي تہ سج اُڀري رهيو آهي."

اهي شعر موزون آهن ۽ انهن ۾ بي شاعريءَ وانگر تشبيهون آهن.

زبور ۽ توريت ۾ بہ تشبيهون ۽ استعارا ڪافي موجود آهن. قرآن پاڪ، جنهن کي مسلمان ديني ۽ دُنيوي علم جو سرچشمو سمجهندا آهن، ان ۾ بيشمار تشبيهون ۽ استعارا آهن. انهن سيني ۾ نثري شاعريءَ جي خوشبوءِ آهي. (نبي اڪرم ﷺ تي الزام هو تہ هو شاعر آهي، جنهن کان هن انڪار ڪيو هو) ڪجهہ تشبيهون هيٺ ڏجن ٿيون:

1_ "۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو انهن جي عملن جو مثال ايئن آهي،

جيئن پَٽ ۾ واري هجي ۽ پياسو اُن کي پاڻي سمجهي. ايستائين جو جڏهن ان کي ويجهو اچي، تہ هن کي ڪجهہ بہ نہ ملي."

2_ "تون انهن کي ايئن ڪري ڇڏيو آهي، جهڙو ڪاڏل پوسو."

3_ پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽي تيل جي تري وانگر گُلابي ٿي ويندو هجي."

4_ "جڻ تہ هو (نظر جُهڪائي رکندڙ حورون) ياقوت ۽ مرجان آهن."

5_ خدا آسمانن ۽ زمينن جو نور آهي. ان نور جو مثال ايئن آهي، جڻ هڪ طاق آهي، جنهن ۾ چراغ آهي ۽ چراغ هڪ قنديل ۾ آهي ۽ قنديل (ايترو صاف شفاف آهي جو) جڻ سون جو چمڪندڙ تارو آهي. ان ۾ هڪ مبارڪ درخت زيتون جو تيل جلايو ويجي ٿو. جو نہ مشرق جي طرف آهي، نہ مغرب جي طرف."

6_ " ۽ چنڊ جون بہ اسان منزلون مقرر ڪيون آهن. ايستائين جو هو (گهٽجي گهٽجي) ڪجور جي پراڻيءَ شاخ وانگر ٿي ويجي ٿو."

7_ "۽ پهاڙ (انهيءَ ڏينهن) پڃيل پشم وانگر ٿي ويندا."

قرآن مجيد ۾ ڪيئي تشبيهون آهن. پر مان مٿين ڪجهہ تشبيهن تي اِڪتفا ٿو ڪريان. افلاطون ۽ ارسطوءَ جون ڪيئي سٽون نثري شاعري وانگر آهن. ارسطوءَ تہ تشبيهہ ۽ استعاري تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي. يونان ۾ ڪيئي جادو بيان شاعر ٿيا. پر شاعري تيستائين پابند شاعريءَ جو روپ وٺي چُڪي هئي. هومر. سئفو وغيره وانگر ڪيئي مثال آهن. سئفو جا تہ "وهانءَ جا گيت" مشهور آهن.

روم ۾ سِسرَو هوريس، ورجل وغيره جي پابند شاعري آهي. انگلستان جي قديم ائنگلو سئڪسن شاعريءَ ۾ تشبيهہ ۽ استعاري جي هڪ مطلب کي بار بار بيان ڪيو ويو آهي.

ان کان گهڻو اڳي پوڙي ڪتاب (جنهن جو سنڌي ترجمو ڏمپد. منهنجيءَ نظر مان گذريو آهي) ۾ اهڙيون خوبصورت تشبيهون آهن. جهڙيون مون ڪٿي نہ پڙهيون آهن. اهو ڪتاب پراڪرت ۾ آهي، جا عوام جي زبان هئي. سنسڪرت، جنهن ۾ ويد لکيا ويا ها، اُن کي ديو واڻي چيو ويندو هو. ان ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪٿي آهي تہ پراڪرت ۾

اهو ڪويتا ۾ هو جي اهو نثر ۾ هو ته ان کان خوبصورت نثري شاعري مون اڄ تائين نه پڙهي آهي.

اُردو شاعري به شروعات کان منظوم رهي آهي ۽ عوامي زبان ۾ آهي. اها زبان، جي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي ها ته پوري هندستان لاءِ رابطي جي زبان ٿي وڃي ها. حيدرآباد دکن ۾ سلطان محمد قلي قطب شاهه، جنهن جي ڪليات هن جي ڀاٽيجي 1025هه ۾ مرتب ڪئي، ان ۾ ٻيءَ منظوم شاعريءَ سان گڏ هيٺيون غزل به آهي:

پیا باج پیالا پیا جائے نا
پیا باج یک تل جیا جائے نا.

کہے ہیں پیا بن صبوری کروں،
کہا جائے اما کیا جائے نا.

قطب شاہ نہ دے مج دوانے کو پند
دوانے کو کچھ پند دیا جائے نا

(ترجمو: پرينءَ کان سوا پيالو پيتو نه ٿو ٿئي.
پرين کان سوا ترجيترو وقت به نه ٿو گذري
چون پرينءَ کان سوا صبر ڪر
چوڻ ته سؤلو آهي پر ڪرڻ ڏکيو آهي،
قطب شاهه مون ديواني کي نصيحت نه ڏي
ديواني کي نصيحت نه ڏبي آهي).

اها شاعري جڏهن دکن مان دلي دربار ۾ پهتي ته چاڪاڻ جو درٻاري ٻولي فارسي هئي، بادشاهه کي خوش ڪرڻ لاءِ ان ۾ ڪافي لفظ پارسيءَ جا ڪم آندا ويا. اردوءَ تسليم شده وڏي ۾ وڏا شاعر غالب ۽ اقبال ٿيا آهن. غالب جي ٻولي هئي:

فنا آموزِ درسِ بیخودی ہوں اُس زمانے سے،
کہ مجنوں لام الف لکھتا تھا دیوار دبستان پر.

(ترجمو: مان انهيءَ زماني کان بيخوديءَ جي سبق ۾ فنا جي تعليم وٺندو رهيو آهيان، جڏهن مڪتب جي ديوار تي مجنون لام الف لکندو هو يعني ”لا“ لکندو هو جو لاالله جو شروعاتي لفظ آهي ۽ جو نفيءَ جو اظهار آهي.

هي تہ هو غالب جي مشڪل پسنديءَ جو مثال. مون هن جا سيءِ شعر پڙهيا آهن، جن مان ڪي ترنم ريز بہ آهن ۽ قابل غور بہ آهن.

جاتا ہوں داغ حسرت ہستی لئے ہوئے،
ہوں شمع کشتہ در خورِ محفل نہیں رہا.

بر روئے شش جہت در آئینہ باز ہے،
یاں امتیاز ناقص و کامل نہیں رہا۔

وا کردئے ہے شوق نے بند نقابِ حسن
غیر از نگاہ اب کوئی حائل نہیں رہا۔

گو میں رہا رہینِ ستم ہائے روزگار
لیکن ترے خیال سے غافل نہیں رہا۔

دل سے ہوائے کشت وفا مٹ گئے کہ واں
حاصل سوائے حسرت حاصل نہیں رہا۔

بیداد عشق سے نہیں ڈرتا مگر اسد
جس دل پہ ناز تھا مجھے وہ دل نہیں رہا۔ [1]

---

[1] ترجمو: هستيءَ جي حسرت جو داغ دل تي کڻي ٿو وڃان، اجهاڻل شمع آهيان ۽ محفل جي لائق نہ رهيو آهيان. ڇهن طرفن تي آئيني جو در (مشاهدي جو در) کليل آهي، هتي ناقص ۽ ڪامل ۾ فرق نہ رهيو آهي. شوق (ازلي) حسن جي نقاب جا بند سڀ کولي ڇڏيا آهن، هاڻي ازلي حقيقت ۾ منهنجي وچ ۾ مون کانسواءِ (يا نگاهہ جي عدم موجودگيءَ کانسواءِ) ڪجهہ آڏو اچي نہ رهيو آهي. جيتوڻيڪ مان زماني جي ڏکن ڏوجهرن ۾ ڦاٿل رهيو آهيان، پوءِ بہ تنهنجي خيال کان غافل نہ رهيو آهيان. دل ۾ (دوست يا دشمن جي) پوک هان. آنءُ ڪجهہ لُٽان، اهڙو مون کي آسرو نہ آهي، ڇاڪاڻ جو مون جيڪي لٽيو آهي، اُها رڳي حسرت ئي تہ آهي تہ ڪجهہ لٽي سگهان. اسدا مان عشق جي بيداد کان نٿو ڊڃان. پر مون کي جنهن دل تي ناز هو (جنهن نہ آڻ مڃي هئي ۽ نہ مات کاڌي هئي) اها دل ئي نہ رهي آهي.

غالب جو مان هڪ پيو غزل بہ مثال طور تو ڏيڻ چاهيان، ڇو تہ غالب ڪافي خوبصورت غزل لکيا آهن. اسان تہ غزل جو مزاج صفا بدلائي ڇڏيو آهي ۽ سنڌي غزل کي فقط فارم غزل جو آهي، باقي اُن جون روايتون، بندشون، تشبيهون، استعارا، اشارا، محاڪات وغيره فارسي غزل ۽ اردو غزل کان مختلف آهن. پر اسان کان اڳ ۾ انهيءَ بہ اردو غزل جي ٽئين درجي جي شاعرن جي ديوانن جو اسان جي سنڌي شاعرن جي غزل تي اثر آهي. اسان جي غزل گو شاعرن جو مطالعو نهايت محدود هو. هنن اردوءَ جي ٻئي درجي جي شاعرن مصحفي، انشا، مومن، سودا، جرائت، مير درد وغيره مان بہ ڪنهن کي نہ پڙهيو هو ۽ انهن جي پائي جي هڪ سٽ بہ نہ لکي اٿائون. مون کي ياد ٿو اچي تہ جڏهن مون ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي، تڏهن پنهنجي دوست مرحوم جمال صديقيءَ سان گڏجي، ڪراچيءَ مان نٿي هڪ ڪيس هلائڻ ويو هيس. ابراهيم جويو جو منهنجو ۽ جمال جو دوست هوندو هو نٿي هاءِ اسڪول جو هيڊماستر هو. اسان ابراهيم جي گهر رهيا هياسون، اهي نٿي جون ٻہ راتيون منهنجي زندگيءَ تي اَمٽ ڇاپ ڇڏي ويون. منهنجن شعرن مان اڄ تائين نٽي جي رابيل جي خوشبو ايندي آهي ۽ مان جڏهن ڪوئي رابيل جهڙو مکڙو ڏسندو آهيان تہ تڙپي ويندو آهيان. ٻي ڏينهن تي ابراهيم ٻڌايو تہ نٽي ۾ جمعيت الشعرا جو مشاعرو آهي، جتي واصف، خليل، نظامي وغيره ڄُغادري غزل گو شاعر آيا آهن ۽ مون اتي انتظام ڪيو آهي تہ تون جديد شاعريءَ تي تقرير ڪرين. اُنهن ڏينهن ۾ مون اختر حسين رائپوريءَ جو ادب ۽ انقلاب، فيض جو نقش فريادي، ن-م راشد جو ماورا، جديد اردو نظم ۽ نثر جا گهڻو ڪري سڀ ڪتاب پڙهيا هئا ۽ هندستان پاڪستان مان نڪرندڙ سارا رسالا: نقوش، سويرا وغيره نظر مان ڪڍيا ها ۽ ورهاڱي کان پوءِ جو تازو ادب منهنجي اکين اڳيان هو سو مون جديد ادب تي بہ ڪلاڪ تقرير ڪئي ۽ اتي آيل سيني شاعرن کي ٻڌايو تہ هنن جهڙا غزل تہ لکنوءَ ۽ دليءَ جو هر شاعر لکي سگهندو

آهي ۽ جي غزل اُتي طوائفون ڪوٺن تي ڳائينديون آهن، سي بہ سنڌن غزلن کان بهتر هوندا آهن. پوءِ مون کين ٻڌايو تہ جديد شاعري ڪيئن آهي. ٽئگور اقبال، چڪبست وغيره جي شاعريءَ ۾ نظم جي ڪهڙي نوعيت آهي ۽ حسرت، فاني، جگر ۽ اصغر گونڊوي ۽ فراق کان اڳتي وڌي فيض، جوش، ساحر، جذبيءَ، فڪر تونسويءَ وغيره ڪيئن غزل لکيو آهي. ڪجهہ New Writings مان يورپ جي ادب مان حوالا بہ ڏنا ۽ ٽئگور جي شاعريءَ جا حوالا بہ ڏنا. هو منهنجي عمر ۽ جرئت ڏسي ۽ دونهان دار تقرير ٻڌي وائڙا ٿي ويا تہ انهيءَ عمر ۾ مون کي اهڙي گستاخيءَ جي جرئت ڪيئن ٿي هئي، پر پوءِ ابراهيم جويي کي ڏسي چپ ٿي ويا. چو تہ چڙو ابراهيم هيڊماستر ۽ خليل ڊاڪٽر هئا. باقي ڪلارڪ ڪڙا، ماستر مڙا هيا. جڏهن تہ نظامي سنڌ زميندار هوٽل جو مالڪ هو. هو سُس پُس ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا: ”هي ڇوڪرو ڪراچيءَ ۾ وڪيل آهي؟“

ڪيترا سال پوءِ مون کي مولانا گراميءَ ٻڌايو تہ هو بہ اُن تقرير وقت موجود هو ۽ منهنجي تقرير ٻڌي هن پاڻ سان وعدو ڪيو هو تہ هو اڳتي شاعري ڇڏي ڏيندو (ان وقت مولانا گراميءَ سان منهنجي واقفيت نہ هئي. منهنجي هن سان پهرين واقفيت سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۾ ٿي، جڏهن محمد ابراهيم جويو اُتي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي آيو.) مولانا مون کي ٻڌايو تہ اهي صاحب ديوان شاعر جي ٽُٽي ۾ منهنجي تقرير وقت موجود هئا، سي اردوءَ جا ڪجهہ ديوان کڻي، انهن مان قافيا ۽ رديف لکي، پوءِ انهن تي غزل جا شعر لکندا ها. شاعري هنن لاءِ چؤپڙ جي راند وانگر هوندي هئي. اهو ئي سبب آهي تہ گل ڪانسواءِ سانگيءَ ۽ گدا کان ابراهيم خليل ۽ رشيد احمد لاشاريءَ تائين سنڌ جا غزل گو شاعر چار شعر بہ چڱا چئي نہ سگهيا آهن. انهن ۾ مراد علي ڪاظم نيارو ۽ غير معمولي شاعر هو پر هن جي شاعريءَ ۾ بہ فارسي آميزي گهڻي هئي، جيئن منهنجي شروعاتي غزل گوئيءَ ۾ هئي ۽ منهنجن

دوستن لعل محمد لعل ۽ نعيم وجدي[1] ۾ تہ مون کان بہ گهٽي هئي. اهي پويان بہ بہ مراد علي ڪاظم وانگر چڱا شاعر ها. ڪاظم مرحوم عبدالله عبد جي نيڪي ڪندو هو پر هن جو ڪو ڪلام منهنجيءَ نظر مان نہ گذريو آهي.

هڪ پيري مراد علي ڪاظم همايون[2] تعلقي شڪارپور ۾ فشريز کاتي ۾ ڪوئي عملدار ٿي آيو هو تہ مان ۽ لعل محمد لعل هن سان ملڻ ويا هياسين. اُتي هن پنهنجا شعر ٻڌايا ها جن مان هڪ تہ غزل مان هو جو مون کي اجا تائين ياد آهي:

غواصي عميقِ خرد ڪجهہ نہ ٿي سگهي،
هي ڪوڏ مون ڳتا ڪيا ساحل جي آسپاس.

۽ ڪجهہ نظم مان سٽون ياد آهن:

توئي اچي تہ ڪاريو آهہ سند م سمند ناز
صورت تازيانہ آءِ. آ. چڱو يار آ نہ آءُ.

پر انهن ۾ بہ فارسي آميزي تمام گهٽي هئي. ان کي پهرين بيوس ۽ پوءِ دلگير رد ڪيو ناراڻ شيام ۽ مون تہ پوءِ اُن کي بنهہ شهر نيڪالي ڏئي ڇڏي.

مان اصل موضوع تان هٽي ويو آهيان. جو غالب جي شاعريءَ جي باري ۾ هو. جنهن جو مثال طور مون هڪ پيو بہ غزل ڏيڻ چاهيو پئي، جو غالب جي مٿي ذڪر ڪيل غزل واري بحر ۾ ئي آهي:

محرم نہیں ہے تو ہی نواہائے راز کا
یاں ورنہ جو حجاب ہے پردہ ساز کا

---

[1] لعل محمد لعل. اجا تائين زندهہ آهي، سکر هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو آهي ۽ شڪارپور لاڪاليج جو پرنسپال آهي.
نعيم وجدي: ڪجهہ سال اڳ دبئي ۾ گذاري ويو جتي هو سول سرجن هو

[2] همايون: مفتون همايونيءَ جو ڳوٺ. جنهن رڳي هڪ سٽ پڙهڻ جهڙي لکي آهي، جنهن کيس امر ڪري ڇڏيو آهي. "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا. زندان هزارين مان نہ رڳو"

رنگ شکستہ صبح بہار نظارہ ہے
یہ وقت ہے، شگفتن گلہائے راز کا

تو اور سوئے غیر نظر ہائے تیز تیز
میں اور دکھ تری مژہ ہائے دراز کا

ہیں بسکہ جوشِ بادہ سے شیشے اُچھل رہے
ہر گوشۂ بساط ہے سر شیشہ باز کا

کاوش کا دل کرے ہے تقاضا کہ ہے ہنوز
ناخن پہ قرض اس گرہِ نیم باز کا

تاراج کاوشِ غم ہجراں ہوا اسد
سینہ کہ تھا دفینہ گہر ہائے راز کا[o]

غالب کان پوءِ مير ذڪر جي قابل آهي پر پيش لفظ جي طوالت سبب هن جا رڳو ڪجهہ شعر پيش ڪريان ٿو تہ پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن تہ فيض ۽ ناصر ڪاظميءَ تائين پهچڻ لاءِ اردو غزل ڪيترا مدارج طئي ڪيا آهن:

---

[o] ترجمو: رڳو تون ئي ڳجهہ جي سُرن جو (زندگيءَ جي اسرار جو) راز محرم نہ آهين، هتي تہ سارا حجاب (جي ڳجهہ کي ڇپائي ٿا ڇڏين) اهي ساز جون لرزندڙ تارون آهن (اُهي حجاب زندگيءَ جا راز سمجهائن ٿا يا هن ڪائنات جي ڳجهارت پيچن ٿا)

باک جا ڦڪا ۽ ڦتل رنگ، صبح جي وڏائيءَ ۽ واڪاڻ جا اهڃاڻ آهن، اُهي ئي وقت آهن، جڏهن پريت جا ڦول ٽڙي پون ٿا.

تون ۽ بين ڏانهن ڪڻ- پنگ، اک- تيت، مان ۽ تنهنجن (اُجاڙ ڪندڙ) لنبين پروئن جو دک! زندگيءَ جي مدّ چُڪيءَ تي سارو سنسار ناچ ڪري ٿو جڻ اهو پيتل آهي (لفظي ترجمو آهي تہ شراب جي جوش مان شيشا ٽپا ڏئي رهيا آهن)

ڏرتيءَ جي ڪنا، ڪڙچ، اُن پيالي آٽيندڙ جي مٿي وانگر آهي، جنهن جي مٿي تي مدّ جو پيالو ڇترائيءَ سان سوگهو رکيل آهي. دل زندگيءَ جي اسرار ۾ پيهي وڃڻ ٿي چاهي، منهنجا ننهن انهيءَ اسرار جي اڌ ڇوڙيل ڳنڍ جا اڃا قرضي آهن.

اسد جي دل وڇوڙي جي پيڙا کان ويران ٿي وئي آهي ۽ دل جا ڳجهيءَ ڏاهپ جي موتين جو پنڊار آهي، اجائي اُڪنڊ ۾ چٽ ٿي رهي آهي.

(نوٽ: "اسد" غالب جو نالو هو جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن تخلص ڪري بہ ڪم آڻيندو هو).

ناحق ہم مجبوروں پر یہ تہمت ہے مختاری کی
چاہئے ہے سو آپ کرے ہیں ہم کو عبث بدنام کیا

میر کے دین و مذہب کو اب پوچھتے کیا ہو، اُس نے تو
قشقہ کھینچا، دیر میں بیٹھا کب سے ترک اسلام کیا [1]

دور بہت بھاگے ہو ہم سے سیکھے طور غزالوں کا
وحشت کرنا شیوہ ہے ان اچھی آنکھیں والوں کا [2]

اَبر اُٹھا تھا کعبہ سے اور جھوم پڑا میخانے پر
بادہ کشوں کا جھرمٹ ہو گا شیشے دور پیمانے پر

پتا پتا، بوٹا بوٹا، حال ہمارا جانے ہے
جانے نہ جانے گل ہی نہ جانے، باغ تو سارا جانے ہے [3]

مير جي مٿين شعرن مان نظر ايندو تہ هن فارسي بحروزن سان ڪافي هٿ چراند ڪئي آهي ۽ ان ۾ قير گهير آندي آهي، جنهن ترنم کي گهٽايو نہ پر وڌايو آهي. اسان جي اردو زبان کان دوريءَ ، سنڌي شاعريءَ جي اصليت تہ برقرار رکي آهي پر فارسي بحروزن ۽ ان ۾ اردو شاعريءَ جي ردوبدل، اردو تشبيهہ ۽ استعاري جي ٻيءَ فني ارتقا کان اسان جي نئين نسل ۾ ڪنهن حد تائين اجنبيت پيدا ڪئي آهي.

---

[1] ترجمو: ناحق اسان مجبورن تي خودمختياريءَ جو الزام آهي، جيڪي اوهان چاهيو ٿا، سو ڪيو ٿا، اسان کي اجايو بدنام ڪيو اٿو. مير جي دين ۽ مذهب جو هاڻي ڇا ٿا پڇو هن تہ تلڪ ڏنو آهي، مندر ۾ ويٺو آهي ۽ ڪيتري وقت کان اسلام ڇڏيو آهي.

[2] ترجما: اسان کان ڏاڍو ڏور ڀڄين ٿو هرڻن جي ريت سکيو آهين، سُهڻين اکين وارن جي هوندءَ ئي ڀڄ ڀڄ ڊوڙ (وحشت) عادت هوندي آهي.

[3] ڪعبي وٽان گهٽا آئي هئي ۽ مئخاني تي جهومي وسي پئي (هاڻي) شيشي ۽ پيماني تي پيا ڪن جو ميڙ هوندو.

پن پن، ٻوٽو ٻوٽوا سان جو حال ڄاڻي ٿو نٿو ڄاڻي تہ گل (محبوب) ئي نٿو ڄاڻي باغ تہ سارو ڄاڻي ٿو.

ٻولين سان تعصب غلط آهي. ترڪ عربن سان نفرت ڪندا ها، پر ان ڪري عربي ادب کي رد نہ ڏنو هئائون. ڪرستان يهودين سان نفرت ڪندا ها، پر هنن جي ٻولين يڊش (Yiddish) [1] ۽ عبراني (Hebrew) سان نفرت نہ ڪندا ها. جيستائين دنيا جو ڪوئي ادب قدرن جي منافي نہ ٿو ڪري، تيستائين ان کي ٿڏي ڇڏڻ غلط آهي.

غالب کان اقبال تائين پنڌ ۾ وچ تي ڪيترائي شاعر ملن ٿا، پر وري بہ طوالت جي خوف کان تمام ٿورا شعر پيش ٿو ڪريان:

سودا جو ترا حال ہے اتنا تو نہیں وہ
کیا جانئے تونے اسے کس حال میں دیکھا

٭

سودا قمارِ عشق میں شیریں سے کوہکن
بازی اگرچہ پا نہ سکا سر تو کھو سکا

٭

عشق سے تو نہیں ہوں میں واقف
دل سے شعلہ سا کچھ لپٹتا ہے [2]

يا يگانہ چنگيزيءَ جا هي شعر:

خودی کا نشا چڑھا آپ میں رہا نہ گیا
خدا بنے تھے یگانہ مگر بنا نہ گیا.

٭

---

[1] يِڊش: اسرائيل، اتر ڏکڻ آمريڪا ۽ جرمنيءَ جا يهودي هيءَ ٻولي ڳالهائيندا آهن. جا هندي–يورپي ٻولين جي خاندانن مان آهي.

[2] ترجما: سودا تنهنجو جهڙو حال آهي، اهڙو تہ هو نہ آهي ڪيئن چئجي تہ تو هُن کي ڪهڙي حال ۾ ڏٺو هو.
سودا عشق جي جوئا ۾ ڪوهڪن (فرهاد) بازي کٽي نہ سگهيو تہ سَرُ تہ وڃائي سگهيو.
عشق سان تہ مان واقف نہ آهيان، دل کي ڪائي جيجي جرڪائي ٿي.

تڑپ کے آبلہ پا اُٹھ کھڑے ہوئے آخر
تلاشِ یار میں جب کوئی کارواں نکلا۔

نظامِ دہر نے کیا کیا نہ کروٹیں بدلیں،
مگر ہم ایک ہی پہلو سے بیقرار رہے۔ [1]

يا اصغر گونڊويءَ جو هي شعر جو مان ننڍي هوندي کان جهونگاريندو رهيو آهيان، جو مون تي ڪفر جي سارين فتوائن کي باطل ڪري ٿو:

جو نقش ہے ہستی کا دھوکا نظر آتا ہے،
پردے پہ مصور ہے تنہا نظر آتا ہے۔

لو شمع حقیقت کی اپنی ہی جگہ پر ہے،
فانوس کی گردش میں کیا کیا نظر آتا ہے۔ [2]

مان ايترا شعر انهيءَ ڪري ڏنا آهن ته نه رڳو اوهان کي اردو غزل جي ارتقا ڏيکاريان، پر اهو به ظاهر ڪريان ته اردو شاعر فارسي وزن جي تقطيع ۾ ماهر هئا ۽ اها مهارت هو ڪافي عمر فن جو رياض ڪري حاصل ڪندا ها. هر شاعر ڪنهن وڏي شاعر جي تلامذه مان هوندو هو، جو هن جي اصلاح ۽ تربيت ڪندو هو. سيماب اڪبر آباديءَ کي پنج سؤ شاگرد هوندا ها ۽ هو هر ڪنهن کان هڪ رپيو هر مهيني وٺندو ۽ ڪيس هڪ غزل جي اصلاح ڪري ڏيندو هو. مون حاجي محمود خادم جو ڪتاب ’رهنماءِ شاعري‘ پهرين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهيو هو ۽ ٻي درجي ۾ شڪارپور واري مولوي عبدالغفور جي تربيت هيٺ فارسي

---

[1] خوديءَ جو نشو چڙهي ويو ۽ آپي ۾ رهي نه سگهيو يگانه خدا ٿيو هو پر ٿي نه سگهيو.
پيرن ۾ لڦن وارا تڙپي اٿي بيٺا، جڏهن ڪوئي قافلو يار جي تلاش ۾ نڪتو.
زماني جي نظام ڪيڏا نه پاسا بدلايا، رڳو اسان ئي هياسين جي هڪ پاسي بيقرار رهياسين.

[2] ترجمو: جو به هستيءَ جو نقش آهي، اهو ڌوڪو نظر اچي ٿو. پردي تي رڳو مصور ئي اڪيلو نظر اچي ٿو. ڏس حقيقت جي شمع پنهنجي ئي جاءِ تي آهي، فانوس جي گردش ۾ ڇا ڇا نه نظر اچي رهيو آهي

بحروزن تي ڪافي عبور حاصل ڪيو هو. اڄ ڪلهه جي ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ ايتري ڪنهن کي فرصت نه آهي ته اڳي وانگر ڪنهن کان رهنمائي حاصل ڪري، پر پوءِ به فارسي بحروزن جي ڪجهه ڄاڻ ضروري آهي، ڇو ته ان کان سواءِ منظوم شاعري نثي ڪري سگهجي. هندي ڇند تي اسان جي ٿورن شاعرن کي عبور آهي. ان ڪري جو ڪجهه منظوم شاعريءَ ۾ لکيو وڃي ٿو سو نه نثر آهي نه نظم. چاهي ان ۾ تخيل کهڙو به چڱو ڇو نه پيش ڪيو ويو هجي. آخر ڪئنواس تي مصورن جون عمريون گذري وينديون آهن، تڏهن هو ڪائي پائيدار مصوري ڪري سگهندا آهن. شاعري ڪا ٽيبل ٽينس جي راند ته نه آهي!

مون اردوءَ جي گهڻو ڪري ساري قديم ۽ جديد شاعريءَ جو مطالعو ڪيو آهي. منهنجو ”شاهه جي رسالي“ جو منظوم ترجمو ۽ پنهنجي اردو شاعريءَ جو ڪتاب ”نیل کنٹھ اور نیم کے پتے“ ان جا گواهه آهن ته جي مان سانڌهه اردوءَ ۾ شاعري ڪريان ها ته اردوءَ جي ڪنهن به جديد شاعر کي پٺتي ڇڏي وڃان ها، پر هتي اردو هڪ ٻي پاڙي ٻولي ٿي وئي آهي، ڇو ته اُن جون پاڙون ته کڙي ٻولي، برج ڀاشا، پوربي، راجستاني، دکني، ميواتيءَ وغيره ۾ هيون، جن مان هزارين لفظ اردوءَ ۾ اچي، ان کي رابطي جي زبان بڻائي سگهن ها. پنجابي، سنڌي، بلوچيءَ ۽ پشتو سان اردو اُهو رابطو پيدا نه ڪري سگهي آهي، توڙي پاڪستان جي قومي ٻولي آهي ۽ نه هتان جا لفظ، لوڪ ڪٿائون يا ٻيو ادبي سرمايو پاڻ ۾ سمائي سگهي آهي. ان ڪري اُن ۾ اجنبيت محسوس ٿئي ٿي. لاهور واري امجد اسلام ”امجد“ مون کي لاهور ۾ هڪ موقعي تي چيو: ”جڏهن مون کي ڪنهن يو پيءَ جي اردو شاعر چيو ته هن لفظ جو تلفظ صحيح نه آهي ته مون هن کي جواب ڏنو ته ”مون کي ڪنهن لفظ جي قبر ۾ پوڻو آهي ڇا؟“

بانو قدسيهءَ مون کي ماسڪو ۾ ٻڌايو هو ته هن پنهنجن اردو ناولن ۾ ڪيترائي پنجابي لفظ ڪم آندا آهن. مون هتي اچي هن جا ناول پڙهي ڏٺا. اُهي پنجابي لفظ اردوءَ ۾ اجنبي ٿي لڳا ۽ ان تي مڙهيا ويا ها.

پنجابي زبان جا حامي اردوءَ جي مخالفت ۾ سنڌين کان به حد ٽپي

ويا آهن، ڇو تہ پنجاب جي افسر شاهي ۽ دانشور طبقي اردوءَ کي اپنايو آهي ۽ اردو پنجابي ٻوليءَ جي ڪافي هاڃي ڪئي آهي. سبط حسن پنهنجي رسالي ”پاڪستاني ادب“ ۾ هڪ پنجابي افساني جو اردو ترجمو ڏنو هو تہ پنجاب جي اهم شاعر نجم الحسن سيد کيس خط لکيو هو تہ اڳتي اوهان پنجابيءَ جو اردو ترجمو نہ ڪندا ڪريو ڇو تہ اردو زبان ۾ لفظن جو ايترو ذخيرو ڪو نہ آهي، جو پنجابي جو اردوءَ ۾ صحيح ترجمو ڪري سگهجي، دراصل ڇا هو جو اردو ترجمي ۾ پنجابي لفظ ”ڍڍ“ جو ترجمو پيٽ ڪري ڏنو ويو هو. نجم الحسن جو چوڻ هو تہ جا ڳالهہ ”ڍڍ“ ۾ آهي، سا ”پيٽ“ ۾ نہ ٿي ٿي سگهي.

مون بہ ايئن محسوس ڪيو آهي تہ هر لفظ کي روح آهي. جو صدين جي ارتقا مان گذريو آهي ۽ اهو روح فقط مادري زبان ۾ ئي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو ان ڪري مون اردو شاعري ڇڏي ڏني هئي، ڇو جو اردو منهنجي مادري زبان نہ هئي. مان پنهنجيءَ ذات کي رڳو مادري زبان ۾ ئي منطقي نتيجي تي پهچائي ٿي سگهيس. اڄ ڪلهہ تہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ اردو شاعري سُسي وئي آهي، ڪوئي گليور نہ آهي ۽ للي پٽ جا ڄامڙا ٿي. ويءَ تي پنهنجي ٻي سُري ترنم ۾ غزل ٻڌائي رهيا آهن. پر اردوءَ جو ورثو تہ امت آهي. هاڻي مان سڌو اچان ٿو علامہ اقبال تي. هن جا ڪجهہ خوبصورت اردو شعر، جي مون کي سرِدست ياد ٿا اچن، سي ڏيان ٿو:

آگ بجھی ہوئی اِدھر، ٹوٹے ہوئے طناب اُدھر،
کیا جانئے اس مقام سے گذرے ہیں کتنے کارواں،

سلسلۂ روز و شب نقش گر حادثات
سلسلۂ روز و شب اصل حیات و ممات [1]

---

[1] ترجمو: هوڏانهن وسامل باهہ آهي، هيڏانهن خيمي جون ٽٽل رسيون (طناب) آهن. ڪيئن چئجي تہ هن رستي تان ڪيترا قافلا گذريا آهن.
ڏينهن رات جو سلسلو حادثن جو روپ وٺي ٿو ڏينهن رات جو سلسلو حياتيءَ ۾ مماتيءَ جو اصل (مهاڳ ۽ مُنڍ) آهي

پويون شعر علامہ صاحب جي نظم "مسجد قرطبہ" مان آهي ۽ ان ۾ هڪ بہ لفظ اردوءَ ۾ نہ آهي. دراصل زياده ترنم واري شاعري علامہ اقبال جي فارسي ڪتاب "پيامِ مشرق" ۾ آهي.

هڪ ڀيري تاشقند جي سفر دوران مان، بانو قدسيہ ، خاطر غزنوي، گل رخسار، ارينا❶ ۽ هڪ ٻي روسي خاتون، جا تاشقند ۾ رائيٽرس گلڊ پاران اسان جي گائيڊ هئي، مقامي رائيٽرس گلڊ پاران ڏنل دعوت تي اسان سان گڏ هئي. اسان سڀ مقامي رائيٽرس جي دعوت تي اتان جي هڪ فائيو اسٽار هوٽل ۾ مدعو هياسين. گلڊ جي سيڪريٽري جو تخلص مومن هو ۽ هن اسان کي پنهنجي رباعيات جي ٽي چار انچ ڊگهي چيپل چوپڙي تحفي طور ڏني، جنهن ۾ اٽڪل چاليهارو صفحا هئا، جا اجا تائين مون وٽ مومن جي دستخط سان موجود آهي. مان چوپڙي ڏسي حيران ٿي ويس. اهڙيون چوپڙيون تہ مان ٻئي درجي سنڌيءَ ۾ پڙهيون هيون، جن ۾ چوند سنڌي ڪافيون هونديون هيون ۽ جي شڪارپور واري ڪُتب فروش پوڪرداس ۽ سکر واري ڪتب فروش هري سنگهہ ڇپايون هيون ۽ جي ڇهين پيسي ۽ ٻين آني في ڪاپي ملنديون هيون. اوهان تصور ڪري سگهو ٿا تہ جي گلڊ جي سيڪريٽريءَ جي اها حالت هئي تہ ٻين اديبن جي ڪهڙي هوندي! شاعري بہ اهڙي هئي، جهڙي مان پارسيءَ ۾ پنجين درجي ۾ ڪندو هوس.❷ اوچتو سمرقندي شراب جو بوتلون اچي ويون. رات ٿي چُڪي

---

❶ گل رخسار: اسان جي گائيڊ، جا سمرقند کان دوشنبي تائين اسان جي گائيڊ هئي.
اِرينا: ماسڪو کان دوشنبي ۽ واپسيءَ تي اسان جي روسي گائيڊ، ٻئي نوجوان خوبصورت عورتون هيون.

❷ مون مومن کي ٻڌايو هو تہ اسان وٽ بہ هڪ مومن خان "مومن" ٿيو آهي، جو غزل لکندو هو ۽ پوءِ هن کي مومن جو مقطع ترجمو ڪري ٻڌايو:

عمر ساری تو کٹی عشقِ بتاں میں مومن
آخری وقت میں کیا خاک مسلماں ہوں گے

انهيءَ تي هن ٺهڪ ڏئي چيو تہ مان چائي جمر کان مسلمان نہ آهيان، ڇڙو نالو مومن آهي. جڏهن مون هن کي ٻڌايو تہ مومن ڪنهن پرده نشين عورت سان عشق ڪندو هو ۽ جڏهن هن کي خط موڪليندو هو تہ خط لغڙ ۾ ٻڌي، لغڙ ڪوٺي تان اڏائي ان کي ڳُٽ ڪارائيندو

هئي ۽ چوڌاري قمقما روشن ٿي ويا ها ۽ شاعر جن کي هونءَ منرل واٽر (Mineral Water) بہ نصيب نہ هوندو هو سي سمر قندي شراب جا جام تي جام خالي ڪرڻ لڳا (مون کي هڪ ڪميونسٽ دوست مهٽو ڏنو هو تہ هو مون وانگر جام نہ پيئندو هو ۽ ان ڪري هن جي صحت خراب نہ ٿي هئي. هن کان شايد اهو وسري ويو هو تہ اسٽالن واري زماني ۾ پورو پالٽ بيورو واڊڪا تي شام شروع ڪندو هو ۽ صبح تائين ڪائيندو پيئندو هو ۽ ان وچ ۾ اسٽالن ۽ بيورو جا ميمبر رياستي امور تي فيصلا بہ ڪندا ها ۽ پوءِ سارو ڏينهن ننڊ ڪندا ها. جي ڪنهن کي ان ڳالهہ تي اعتبار نہ اچي تہ يوگو سلاويا جي ڪنهن وقت وائيس پريزيڊنٽ ملوين جلاس جو ڪتاب (اسٽالن سان گفتگو Conversation with Stalin) پڙهي ڏسي) . جڏهن تاجڪ شاعران ڪرام سرور ۾ آيا، تڏهن علامہ اقبال جو "پيغامہ مشرق" مان نظم "سرودانجم"[1] پڙهڻ لڳا.

خواجہ ز سروری گذشت بندہ ز چاکری گذشت
زاری و قیصری گذشت دور سکندری گذشت
شیوہ بت گری گذشت می نگریم و می رویم[2]

هو ڏاڍي پياري ترنم سان "سرود انجم" پڙهي رهيا ها. شايد هنن کي چيو ويو هو تہ پاڪستاني مهمان علامہ اقبال جي شاعري ڏاڍي خوش ٿيندا آهن. جڏهن تاجڪ شاعرن اهو بند پڙهيو تہ ٿورو هبڪي بيهي رهيا ۽ اسان کي چيائون تہ ان کان اڳ وارو بند ياد نہ ٿو اچي. جي اوهان کي ياد اچي تہ فقط شروعاتي سٽ ٻڌايو تہ اسان کي سارو بند ياد

---

هو جيئن لغڙ ان پرده نشين جي ڪوٺي تي ڪري ۽ هو ان مان خط چوڙي وٺي- پوءِ هو وري لغڙ اڏائي. ان جي ڏور ڇڪي وٺندو هو. ان تي مومن هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿڌو ساهہ ڀري چيو: "اسان وٽ تہ ڪا پرده نشين مسلمان رهي ناهي. سيئي گل رخسار جهڙيون بي حيا رهيون آهن."

[1] سرود انجم: ستارن جو راڳ

[2] ترجمو: مالڪ جي مالڪي وئي، ٻانهي جي ٻانهپ وئي، زاري (روس ۾ زار جي حڪومت) ۽ قيصري (جرمنيءَ ۾ قيصر جي حڪومت) گذري وئي، سڪندر جو دور بہ ختم ٿي ويو مورتي پوڄا جي ريت بہ نہ رهي، ڏسون پيا ۽ وڃون پيا.

اچي ويندو. مون کي سارو پيامِ مشرق پنجين درجي انگريزيءَ ۾ ياد هوندو هو (منهنجي مرحوم دوست نعيم صديقيءَ کي به فرسٽ ييئر ۾ علامہ اقبال جا سڀ اردو ۽ فارسي ڪتاب ياد هوندا ها ۽ اسان اقبال تي طويل بحث ڪندا هياسين) مون حافظي کي ڪوتيو. سمرقنديءَ شراب جڙڻ يادگيري تيز ڪري ڇڏي هئي. مون کي شعر ياد اچي ويو ته مون اجان هڪ سٽ پڙهي:

گرمی کاراز ہاخامی پختہ کارہا

(ويڙهہ جي پڙ جي تپت، پڪن پختن جي ڪچائي)

ته هنن چيو بس ۽ وڏيڪ شعر پاڻ ڳائڻ لڳا:

تاج و سریر و دارہا خواری شہر یارہا
بازئ روزگار ہا می نگریم و می رویم

(موڙ مُڪٽ ۽ ڦاسيءَ جا ڦندا، سمراٽن جا اپمان، سمئي جا کيل، ڏسون پيا ۽ وڃون پيا).

جنهن کي مفتعلن مفاعلن وزن ايندو آهي، اهو گواهي ڏئي سگهندو ته هن اهڙو مترنم شعر فارسيءَ ۾ ورلي پڙهيو هوندو. ان جي بي پناهہ رواني اوهان کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ مان ان نظم جو پهريون بند به لکان ٿو:

ہستیء ما نظامِ ما ہستی ما خرامِ ما،
گردش ہے مقام ما زندگئ دوامِ ما،
دوَر فلہ بہ کام ما می نگریم و می رویم.

(اسان جي هستي ئي سان جي ترتيب آهي، اسان جي مستي ئي اسان جي ٽوڙ آهي. اسان جي گردش جو ڪوئي آستان نہ آهي، اسان جي زندگي کي دوام آهي. آسمان جو دور اسان جي مرضيءَ موجب آهي. ڏسون پيا ۽ وڃون پيا).

هاڻي اقبال، جو ايترو ترنم ۽ موسيقي شاعريءَ ۾ پيدا ڪري سگهيو آهي، جيترو ترنم ۽ موسيقي نہ ٽئگور ۾ آهي، نہ نذر السلام ۾

(مون پنهي جا لانگ پلي (Long Play) رڪارڊ پڌا آهن).جي اقبال کي مشورو ڏنو ويجي ها تہ نثري شاعري ڪر تہ هو مشوري ڏيندڙ تي ڪلي ها ۽ هن کي اهو چئي ها "برخوردار ڪنهن اخبار ۾ نوڪري ڪر ۽ ڪالم لک! شاعري تنهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي."

منهنجو مقصد اهو آهي تہ نثري شاعريءَ جو حق صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ کي آهي، جو بودليئر وانگر سٺي منظوم شاعري ڪندو هجي ۽ پاڻ پنهنجي منظوم شاعريءَ تي نثري شاعريءَ کي ترجيح ڏي. دراصل سٺي نثري شاعري اهو ٿو ڪري سگهي، جنهن جو معيار برتالٽ بريخت جو هجي. شاعريءَ جو مقصد روح کي گرمائڻ آهي ۽ انسان جي گوشت پوست کي روح ۾ بدلائڻ آهي. جي اُن ۾ پيغام بہ آهي تہ اهو اقبال جو "بال جبريل" آهي (پوءِ اوهان ان پيغام سان متفق هجو يا نہ) ۽ غالب جي 'نوائي سروش' آهي. جيتوڻيڪ هومر ڪان ٽي. ايس اليٽ ۽ سعدي ۽ روميءَ جي زماني ڪان وٺي اقبال ۽ فيض جي زماني تائين، شاعر ان ڳالهہ جا مبلغ هئا تہ زندگي ڪيئن گذاري وڃي، هاڻي ماڻهو مغرب ۾ تہ ناول نگارن ڪان هدايت ۾ رهبريءَ جا طالب آهن ۽ انهن جي اشارن تي هلن ٿا. جنهن طرف بہ ناول نگار وڃن ٿا، هي تنهن طرف وڃن ٿا. ناول نگار چاهن تہ انسان ۾ بديءَ کي اکين سامهون آڻي بيهارن. جيتوڻيڪ ننڍي ڪنڊ ۾ عظيم ناول نگار پيدا نہ ٿيا آهن، مگر يورپ ۽ آمريڪا ۾ انهن جو ڪافي تعداد آهي. لاطيني آمريڪا ۽ جنوبي آفريقا ۾ ڪافي ناول نگار ٿيا آهن شايد گذريل سال نوبل پرائيز بہ ڪنهن مصري ناول نگار کي مليو آهي ۽ هيل گوئٽمالا جي ريڊانڊين شاعره رگوبرتا مينچوءَ (Rigoberta Menchu) کي مليو آهي. رگوبرتا مينچوءَ جو مشهور شعر آهي: "ڪولمبس جي پذيرائيءَ ۾ اسان جي ذلت ئي تہ آهي."

فرينچ ناول نويس آندري ييد، اخلاق جي اها تعريف ڪئي آهي تہ انسان پنهنجي اندرئين آواز کي ٻڌي ۽ زندگي جا جيڪي مختلف امڪان آهن، انهن کي نہ دٻائي، پر انهن کي پڌري ٿيڻ جو موقعو ڏي.

جديد زماني ۾ وجوديت جي آغاز تي انڪري ييد جو بہ فرائڊ وانگر وڏو اثر ٿيو چاڪاڻ جو ناول نثر ۾ آهن. نثري نظم ناول جو حصو ٿي سگهن ٿا ۽ ناول جي وچ ۾ ڊائلاگ يا منظر ڪشيءَ جي ڪم اچي سگهن ٿا. "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" جي پهرين جلد جي اشاعت کان پوءِ سنڌيڪا واري نور احمد ميمڻ مون کان ان جي باري ۾ پڇيو هو "چا ساڳي ڪتاب ۾ نثر ۽ نظم ڏيڻ ٺيڪ آهي؟" مون ان وقت تہ هن کي چيو "مون ان حالات جي وضاحت لاءِ نثر ۾ لکيو آهي، جن هيٺ مون ان ڪتاب جي ٽنهي جلدن ۾ ڇاپيل شاعري لکي آهي. ان کي دقيانوسي اردوءَ ۾ شانِ نزولِ چوندا آهن." پر پوءِ مون کي اهڙا ڪيئي مثال ياد آيا، جتي ساڳي ڪِتاب ۾ هڪ ئي مصنف نثر ۽ نظم بئي لکيا آهن، ۽ بئي هڪ ٻئي سان واڳيل آهن. مثال طور: ڊاڪٽر زواگو ۾ ناول جي خاتمي کان پوءِ اُهي خوبصورت نظم آهن، جي هن لارا جي محبت ۾ سائبيريا ۾ لکيا ها. اُهي ڪنهن ڪليات جو حصو نہ آهن، جيئن بودليئر جا نثري نظم آهن. ڪازان زاڪس جا سڀ ناول ۽ سفرناما پڙهبا تہ ان ۾ گفتگوءَ ۾ يا منظرڪشيءَ مهل ڪيئي نثري نظم آيل آهن. ايئن سولزي نٽسن جي ناولن جي وچ ۾ نثري نظم آهن، جيتوڻيڪ اهي بہ ناول جو حصو آهن. نہ رڳو اهڙي قسم جا ٻيا ناول بہ مون پڙهيا آهن، پر ڪيئي ڊراما مثال طور شيڪسپيئر، ابسن، برنارڊشا يا آسڪر وائيلڊ جا ڊراما ۽ ڪيئي مضمون پڙهيا آهن، جيئن فرانسز بيڪن جا مضمون، جي بہ ساڳيءَ قطار ۾ اچي وڃن ٿا، جن جي اندروني حصي ۾ نثري نظم آهن، مون اهڙا جملا جميلہ هاشمي جي ناولن، "چهره بچهره روبرو"، "دشت سوس" ۽ قراة العين حيدر جي ناولن "آگ ڪا دريا" ۽ "آخر شب کي همسفر" ۾ بہ ڏٺا آهن، جن کي ٿوري ڦير گهير سان نثري نظم جو روپ ڏئي سگهجي ٿو.

مون خود نثري نظم هندستان جي پهرين سفر تان موٽي لکيا ها، چاڪاڻ جو مون انهن کي هندستان جي سفر جو حصو بنائڻ چاهيو ٿي، پر پوءِ 1965ع جي پاڪ- هند جنگ سبب مون اهو سفرنامو نہ

لکيو ۽ رشيد ڀٽيءَ اهي نثري نظم الڳ ڪتاب ”اڪ جون ڦلڙيون ڀيج ڀنيءَ“ جي نالي سان ڇاپيا هئا. پر ڇاڪاڻ جو ڪجهہ نظم ان دور جي لحاظ کان شدت پسند هئا. انهن جي اشاعت روڪي وئي. پوءِ انهن مان اڪثر نظم ”پتڻ تي پور ڪري“ ۾ شايع ڪيا ويا. بودليئر جا نثري نظم اوهان پڙهندا تہ اوهان کي ننڍا نظم (جي هڪ يا اڌ صفحي ۾ اچي وڃن ) ٿورا ملندا ۽ هن جا باقي نثري نظم ڪافي لنبا آهن. جي واقع نگاريءَ تي ٻڌل آهن ۽ انهن ۾ هن جي سوانح حيات جي خوشبوءِ آهي. هن صديءَ جا ڪجهہ ڏهاڪا ڇڏي، پنتي ڏسبو تہ خالص نثري نظم جا شاعر ٿورا ٿا ڏسجن. هن دور ۾ ڪيترائي نثري نظم جا شاعر نظم ڇڏي يا ان کي ڪجهہ پاسيرو رکي نثري نظم ڏانهن وريا آهن.

ڳالهہ مان ڳالهہ منهنجي تحرير جو حصو ٿي وئي آهي. هاڻي مان وران ٿو اقبال کان پوءِ اردو غزل ۽ ٻي شاعريءَ ڏانهن. اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ اردوءَ جي جديد شاعريءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ فيض جي دور تائين اردو شاعرن کي فن تي مهارت حاصل رهي آهي، جنهن جي ويچارڻ لاءِ اسان جو نئون نسل ڪوشش گهٽ ٿو ڪري. ڪي تہ ستون داوَ وانگر چوپڙ تي ڦٽي ٿا ڪن. جن مان اوچتو نظم نهيو وڃي. مان نون شاعرن جي توهين نٿو ڪريان. جي هو شهري آهن تہ شهر جي مصروف زندگيءَ ۾ هنن کي ايتري فرصت نٿي ملي. جو فن تي مهارت حاصل ڪري سگهن پر جي ڪنهن کي بہ شاعري ڪرڻي آهي تہ ان مهارت کانسواءِ چارو نہ آهي.

فيض ۽ هن کان پوءِ جي غزل جو مان لنبو چوڙو جائزو پيش نٿو ڪريان. فقط مثال طور مان فيض جي ٻن غزلن جا ڪجهہ شعر پيش ڪريان ٿو جن مان ظاهر آهي تہ فيض ۾ ترنم، فن تي مهارت ۽ حافظ جي تاثر هيٺ نغمگي آهي:

دونوں جہاں تیری محبت میں ہار کے
وہ جا رہا ہے کوئی شبِ غم گذار کے۔

اک فرصتِ گناہ ملی وہ بھی چار دن،
دیکھے ہیں ہم نے حوصلے پروردگار کے۔

بھولے سے مسکرا تو دیے تھے وہ آج فیض،
مت پوچھ ولولے دلِ ناکردہ کار کے۔

ہم کہ ٹھہرے اجنبی اتنے مداراتوں کے بعد،
پھر بنیں گے آشنا کتنی ملاقاتوں کے بعد۔

ن. م راشد، جو تصدق حسين خالد کان پوءِ آزاد نظم جو باني آهي، جنهن جا ڪتاب ”ماورا“، ”ايران مين اجنبي“ ۽ ”لا انسان“، ”اردو شاعريءَ جي فن تي مهارت جا بي مثال نمونا آهن. جي هن ۾ ايتري فارسي زدگي نہ هجي ها، تہ هن جا نظم ”حسن ڪوزه گر“ ۽ ”سليمان سر بزانو ۽ صبا ويران“ ”شاهڪار نظم ها. هن کان اڳ تصدق حسين خالد جو آزاد نظم:

شیر دل خان
میں نے دیکھے تیس سال

------

میں کنوارا ہی رہا
کاش میرا باپ بھی
یوں کُنوارا
کیا کہوں!!

خوبصورت آزاد نظم آهن. ان کي پنهنجي ٽيڪنڪ آهي، ترنم آهي، مرڪزي خيال آهي. اهي نظم فرانس جي Verselibre وانگر آهن. مون مجيد امجد جا مجموعا پڙهيا آهن، انهن ۾ مرڪزي خيال خوبصورت آهي، پر هو ايترو ترنم پيدا نہ ڪري سگهيو آهي. اردوءَ ۾ ميراجيءَ بہ آزاد نظم لکيا آهن، جي پنهنجي فلسفي ۽ تخيل جي لحاظ کان چڱا نظم آهن، پر غالب کان وٺي اج تائين غزل، مستزاد، مثمن،

مخمس، مسدس، ترجيع بند وغيره اردو شاعريءَ جا بيا گهاڙيتا رهيا آهن، پر انهن وانگر نظم ۾ آزاد نظم جي اردو شاعري به گهڻي فارسي آميزيءَ مان جند نه ڇڏائي سگهي آهي. نه ان ۾ هندستان يا پاڪستان جي ڌرتيءَ جي سڳنڌ آهي. اردو گيت جي ٻي ڳالهه آهي. اهو هندي گيت کان به وڌيڪ سريلو ۽ روح ۾ ڪُپي ويندو آهي:

ميرا جيءَ جو گيت:

انجانے نگر مانے رہے، من مانے نگر آن جانے رہے،

هڪ خوبصورت گيت آهي. هن جا بيا گيت به ايئن ٿا لڳن، جيئن چانڊوڪي ۾ پوئين پهر جو رابيل ڦٽي پوندي آهي ۽ ان جي خوشبو چوطرف ڦهلجي ويندي آهي. يا امانت لکنويءَ جو "اندر سيا" ۾ گيت:

میری انگیا میں کوئلے بھرے [1]

يا آرزو لکنويءَ جا گيت:

جگ میں چلیں پوَن کی چال [2] وغیرہ.

يا دکن واري عظمت الله خان جي سٽ:

آندھرا کی سُندر پُتری، کالی کویل سے کالی [3]

ڪهڙا نه پيارا گيت آهن! دراصل گيت اُنهيءَ ڌرتيءَ جي نهايت خوبصورت شاعري آهي، جنهن تي قلعئہ معليٰ ۾ اردو زبان پيدا ٿي هئي ته جيئن اُها ننڍي کنڊ لاءِ رابطي جي زبان ٿي سگهي، پر پوءِ اها ئي زبان تقسيم جو باعث ٿي.

ميران ٻائيءَ جو ڪهڙو نه پيارو گيت آهي هي:

پگ گھنگھرو باندھ میراں ناچی رے...

---

[1] منهنجيءَ انگيءَ ۾ ڪوئلا پريل آهن

[2] جڳ ۾ هوا جي چال هلون.

[3] آنڌرا ديش جي سندري ڌيئڙي، ڪاري ڪويل جئن ڪاري.

ساس کہے میراں کل ناسی
میراں کہے میں بھگون داسی
مورا درد نہ جانے کوئے [1]

گيت جا ڪجهه بيا به پيارا شاعر اردو شاعريءَ ۾ ٿيا آهن. جيتوڻيڪ انهن ۾ امانت لکنويءَ واري گوناگوني نه آهي، جنهن ٺمري، ڇند، بسنت، هولي، ساوڻ، ڪافي، سهاگ جهڙيون هلڪيون ڦلڪيون ۽ عام پسند شيون ڳايون آهن. حفيظ جالنڌريءَ به ڪجهه پيارا گيت لکيا آهن. جيئن:

"جاگ سوزِ عشق جاگ..."
یاکاہن [2] مرلی والی، نند کے لال [3]، بنسری بجائے جا، وغیرہ

حفيظ جالنڌريءَ کانسواءِ مقبول حسين احمد پوريءَ، ساحر لڌيانويءَ، تاج سعيد، قيوم نظر، اڪرم فگار، احمد راهيءَ، ناصر شهزاد، نگار صحبائيءَ وغيره چڱا گيت لکيا آهن.

قيوم نظر جو هڪ گيت آهي:

دکھ چاتر [4] ہے کھلے کواڑوں آئے،
آئے اور نہ جائے

ليڪن مرحوم رئيس ڪريم بخش نظامانيءَ جو دوست جنهن کي نظاماڻي ڳائيندو هو ۽ جڏهن اڌ رات جو دف تي ٿاڦ هڻندو هو تڏهن اسان پنهنجيءَ ڪيفيت مان ڇرڪ ڀري ايئن اٿندا هياسين جيئن بندوق جي ٺڪاءَ تي آڙيون ڦر ڦر ڪري اڏامنديون آهن. اهو شاعر هو تنوير نقوي، جو هڪ نهايت پيارو انسان به هو. هو عشق ۾ ٺوڪر کائي سڀ ڪجهه وڃائي، اچي رئيس وٽ ماتليءَ ۾ رهيو هو. رئيس کي

---

[1] گهنگهرو ٻڌي ميران رستي تي نچندي رهي آهي، سس چوي ٿي ته ميران ڪُل (خاندان) کي ناس ڪيو آهي، ميران چوي ته اپاٺهار جي ٻانهي آهيان، منهنجو درد ڪوئي نٿو ڄاڻي.
[2] ڪاهن (هندي): جادو گر
[3] نند ڪي لال: ڪرشن نند جو پٽ هو.
[4] چاتر (هندي): چالاڪ

فقط هن جا اردو گيت ياد هوندا هئا، جن ڪي هو شراب ۾ اوتي، جام ۾ دف هٽ ۾ جهلي ڳائيندو هو. مون کي ڪجهه سٽون ياد آهن:

گگن پہ بیٹھا کھیل نرالے کھیلے کھیلن ہار
دیکھو لوگو! کٹھ پتلی کا ناٹک ہے سنسار،
ہم تم سب ہیں کھیل کھلونے
یہ لو بچّو، کھیلو بچّو!
دو کوڑی میں بکتا ہے انسان
لے لے پتھر کا بھگوان
لے لو بھوکا ہندوستان
لے لے بچّو! کھیلو بچّو!
کھیلو بچّو! لے لو بچّو!

”يہ لو بچو“، ”کهيلو بچو“ ۽ ”لي لو بچو“ ڪيڏا ترنم وارا قافيا ۽ رديف آهن! تنوير نقوي، جو هڪ دلشڪستو مفلس ۽ بيمار انسان ٿي لاهور مان ماتليءَ آيو هو. پنجابيءَ جو بہ هڪ ڏاڍو سٺو شاعر هو. هن جو هڪ پنجابي گيت آهي:

تیرے پیر قلیناں جوگے
کچا میرا ویہڑا
نا کوئی نوکر چاکر میرا نا موٹر نا کوٹھی
شکر خدا دا جے مل جاوے دو ویلے کی روٹی
میری قسمت بھکاں پھاکے [1]

يا هن جو هڪ ٻيو پنجابي گيت آهي:

دل کیہ کردا کچھ سمجھ نہ آوے

[1] تنهنجا پير قالينن جهڙا آهن. منهنجو ويڙهو ڪچو آهي. نہ ڪوئي منهنجو نوڪر چاڪر آهي، نہ مون وٽ موٽر يا ڪوٺي آهي.
مان خدا جو شڪر ڪيان جو مون کي ٻن ويلن جي ماني ملي وڃي منهنجي قسمت تہ بکون ٿي ڦڪي.

رُکدیاں رُکدیاں تھڑ تھڑ دھڑ کے
تھڑکدیاں رُک جاوے [1]

فقط انقلاب، مزاحمت ۽ آزاديءَ جي نعري جي اثر هيٺ شاعري سُڪڙجي، رڳو ڏڪار جو اظهار وجي رهي ٿي، جنهن مان شاعريءَ کي نقصان پهتو آهي. انگريز شاعر آڊن، جنهن وقت اشتراڪيت کان متاثر هو، ان وقت هن هيٺيان لفظ چيا هئا:

I have no gun
But I can spit

(مون کي بندوق تہ ڪانهي
(پر مان ٿُوڪاري تہ سگهان ٿو)

ان جي برعڪس پال مري جو هڪ گيت آهي:

”مون کي تون هڪ گيت ڏي، پيار جو
اُميد جو
۽ اتحاد جو
مان جنهن کي ڳائي سگهان دنيا ۾.
اهڙو گيت ڏي مون کي،
جنهن کي ٻڌي دل ڌڙڪي
محبت جو اهو نغمو ڏي!
اميدن جو اهو نغمو ڏي“
۽ پيار جو گيت جو ڳائي سگهجي ٿو
اهو بي سرو ٿي نٿو سگهي.
سريلي، مڌيري سنگيت ئي
محبت جو نغمو ڏئي سگهي ٿي.

---

[1] دل ڇا ٿي ڪري ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي
روڪجي، روڪجي ٿڙ ٿڙ ڌڙڪي ٿي.
۽ ٿڙڪي رڪجي ٿي وڃي

منهنجي غزل جو هڪ سٺو شعر آهي:

اٿاهہ اُڏما ڏِڪار ۾ ها. ڏڪار جا پيارَ جي سکي آ
سوين امر گيت آدميءَ جا. نہ چانڊنيءَ ۾. نہ پيار ۾ ها!

چار پيرا فعول فعلن جي وزن تي جنهن ڪجھہ بہ لکيو آهي، اهو انهيءَ شعر جي رواني محسوس ڪري سگهندو جنهن ۾ هڪ اکر بہ حذف نہ ڪيو ويو آهي. پر مان هاڻي ميجان ٿو ڏڪار نہ، پر پيار ئي شاعريءَ کي امرتا ڏئي ٿو.

هر شعر جي ٻي هر صنف ۾ بہ فني حسن ۽ شعري جذبو ضروري آهي. هن مجموعي ۾ فقط هڪ لوڪ گيت "بادليئو" آهي. لوڪ گيت کي وزن، تناسب واري ڌن ۽ جديد رنگ ۾ مون پهريون ڀيرو پيش ڪيو هو ۽ منهنجا پنج گيت "وڃون وسڻ آئيون" ۽ "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ۾ شامل ٿيل آهن: لمڪيان ڙي لو سانوڻ تيج، هڙڪ هلو هو همرچو ۽ چيچ. انهن وانگر بادليئو هڪ جديد، سڀولو ۽ سروپ لوڪ گيت آهي، جنهن جي ڌن مصنف جي تخليق آهي ۽ ان لاءِ هو ساراهہ جو مستحق آهي. *

هاڻي وري مان غزل جي پيرائتي ڳالهہ تي ٿو اچان. مان اهو فخر سان چئي ٿو سگهان تہ سنڌي غزل ۽ ٻي شاعريءَ کي ڏاري روايت مان مون ڪڍيو هو ۽ ان جون جڙون سنڌي شاعريءَ سان ملايون هيون، جيتوڻيڪ مون ماترائن جي حساب سان بيت، وايون، گيت، لوڪ گيت، هائڪو لکيا ها، پر مون کي فارسي بحر وزن تي بہ ڪافي عبور هو جنهن کي مون غزل، نظم، آزاد نظم، گيت، ڏيڍ سٽي وغيره ۾ ايئن استعمال ڪيو هو جو ڪو بہ بحر وزن جو اُستاد اُن مان غلطي پڪڙي نہ سگهندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مون غزلن، نظمن، آزاد نظمن ۾ تشبيهون، استعارا، فني محاڪات، ٻوليءَ جا گونا گون تجربا سڀ سنڌي آندا (منهنجي شعري خاصيتن تي سٽي ۾ سنا مضمون قمر شهباز ۽ هري دلگير لکيا آهن. پهريون سهڻيءَ جي شيخ اياز نمبر 2 ۾

* نوجوان شاعر 'ڪوي' (جهمپير واري) جو گيت 'بادليئو'

ڇپيو هو ۽ ٻيو هندستاني رسالي "جهولي لال" جي شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام نمبر ۾ ڇپيو آهي) اها ڪا تعلي نہ آهي تہ مون فارسي ۽ اردو شاعريءَ جو مطالعو ڪري بہ سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي ۽ اردو لفظ گهٽ ۾ گهٽ ڪم آندا آهن ۽ ان جون جڙون شاهہ لطيف سان ملايون آهن، پر مون فارسي بحروزن جو نئيڊي هوندي کان مطالعو ڪيو هو ۽ جي سنڌي جا جغادري شاعر ها انهن کان بحروزن کي ڏهہ ڀيرا وڌيڪ ڄاڻيندو هوس. هو بار بار ست ۾ اکر حذف ڪندا ها، مان ورلي ڪندو هوس. غالب جهڙي شاعر بہ ڇيو هو:

نکلنا خلد سے آدم کا سنتے آئے تھے لیکن،
بہت بے آبرو ہو کر ترے کوچے سے ہم نکلے۔

مٿيون شعر چار ڀيرا مفاعيلن وزن تي آهي، پر پڙهڻ ۾ "کا" جو الف حذف ڪري "ڪ" ڪري ٿو پڙهڻو پوي، جو نڙيءَ ۾ ڪنڊي وانگر ٿو ڪتڪي، منهنجي سنڌ جي نئين نسل جي شاعرن لاءِ اها هدايت آهي تہ هو فارسي بحر وزن جو مطالعو ضرور ڪن. ايئن برابر آهي تہ فارسي هاڻي اسان جي تعليمي نصاب ۾ زبردستي مسلط نہ ٿي ڪئي وڃي ۽ ٿورا ماڻهو پارسي ڄاڻن ٿا، پر گهٽ ۾ گهٽ اردوءَ جي ذريعي اسان جن شاعرن لاءِ لازمي آهي تہ هو فن عروض جو غور سان مطالعو ڪن. مون تہ ٻئي درجي انگريزيءَ ۾ ان موضوع تي پهرين محمود 'خادم' جو ڪتاب 'رهنماءِ شاعري' پڙهيو هو ۽ مون کي بحر وزن جي مشق ڪل بہ چار سال ڪرڻي پئي هئي. مون کي ياد آهي تہ مان جڏهن ٻيو درجو انگريزي پڙهندو هوس. تڏهن هوند راج داس (جو ساڳي اسڪول ۾ ٽيون درجو پڙهندو هو) ڀاري ڇاٻڙيا سان گڏجي "سدرشن" رسالو ڪڍيو هو. جنهن جي پهرين پرچي ۾ منهنجو شعر شايع ٿيو هو. جنهن جي فوٽو ڪاپي مون کي انور فگار هڪڙي شڪارپور مان موڪلي آهي. مون ڪيئل داس فانيءَ کان بہ ڪجهہ وقت اصلاح ورتي هئي ۽ ان وچ ۾ ٽي چار ڪتاب فنِ عروض تي پڙهيا ها. اردوءَ ۾ غير

مستعمل بحر چڙڏي، باقي هيٺيان اٺويھ بحر ۽ وزن مون پنھنجي لاءِ چنڊي چاڻي ڏنا ھا. انھن ۾ ست بحر ھڪ رڪن کي دهرائڻ سان ٺهن ٿا:

رمل مثمن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن

ان تي مون کي مولانا روميءَ جو شعر ياد ايندو آهي

من نہ دانم فاعلاتن فاعلات
شعری گویم بہ از آبِ حیات [1]

---

[1] مون کي ھڪ مزيدار لطيفو تہ ياد اچي. جڏهن اسان ننڍا ھئاسين تہ پروفيسر پوچراج ناگراڻيءَ جو ڊي پي آءِ محمد عمر دائود پوٽي سان وڏو تڪرار ٿيو جڏهن دائود پوٽي سنڌي قائدي ۾ سنڌي اچار ڦيرايا. مثلاً: سنڌي اچار شَمَعَ (ميم متحرڪ ڪي) شمع (ميم ساڪن ڪري لکيو) اُن وقت ناگراڻي منھنجو سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور ۾ پروفيسر هو ۽ هو ۽ صوفي جيٺمل پرسرام دائودپوٽي جي مخالفت تي ھٿ ھئا. (الفاظ جي تلفظ جو جهيڙو ڪفر ۽ اسلام جي جهيڙي ۾ تبديل ٿي ويو. جيتوڻيڪ اسان سنڌي مسلمان جڏهن نالا رکندا آهيون تہ وليءَ بدران ولو رکندا آهيون. اهڙيءَ طرح خدا، رسول، نبي جا بہ نالا سنڌي اچارن سان ڪٽندا آهيون. بهر صورت انهيءَ جهيڙي جو اثر مون تي اڄ تائين آهي. مون ڪڏهن بہ شاعريءَ ۾ فارسي لفظ ۾ ساڪن کي متحرڪ ۽ متحرڪ کي ساڪن نہ ڪيو آهي، جيتوڻيڪ مون ٺيٺ سنڌي لفظن کي ايئن ڪم آندو آهي، جيئن اُهي اچاريا ويندا آهن، جي مشدد هوندا آهن تہ انھن کي شد سان ڪتب آڻيندو آهيان ۽ غير مشدد ڪري استعمال نہ ڪندو آهيان. جيئن فارسي ۽ عربي ڪيا ويندا آهن.

مون هي مهاڳ پئي لکيو تہ مولانا محمد باقر شمسيءَ جو اردوءَ جي رسالي ”طلوع افڪار“ ۾ شان الحق حقيءَ جي تنقيد جو جواب آيو جا هن منظور حسين شرر جي ڪنھن فارسي نظم تي ڪئي آهي. مان اهڙي دقيانوسي تنقيد ۽ جوابي تنقيد کي اهميت نہ ڏيندو آهيان پر پڙهندڙن جي تفريح لاءِ اُن جو ٿورو حصو ڏيان ٿو جو هن مهاڳ سان واسطو رکي ٿو. نظم ۾ منظور حسين شرر لفظ بچہ تي تشديد لڳائي بَچّہ لکيو آهي، ان تي شان الحق حقي تنقيد ڪندي لکيو آهي تہ: ”بچہ تي تشديد هندستان ۾ لڳائي وئي آهي ۽ ان مان ڪچوريءَ جي بوءِ اچي ٿي.“ جواب ۾ شمسي صاحب چيو آهي تہ ”عربن جي غلبي کان پوءِ ايراني شاعر غير مشدد کي مشدد ۽ مشدد کي غير مشدد ڪرڻ شعروي ضرورت جي لحاظ سان جائز سمجهندا ها. عام بول چال ۾ ڪيترن ئي لفظن تي تشديد لڳائي وئي. جيئن شڪّر، گلّہ (وڳ) پلّہ (ڏاڪڻ). ايرانيءَ جو ھڪ مشهور عالم محقق دواني هو. دوانيءَ (ديواني) تي بہ شد ايران ۾ ڏني وئي. امير امان الله جڏهن افغانستان ۾ سڏارا آندا، تڏهن انھن سڌارن جي خلاف مُلا شور بزار هن کي جلاوطن ڪيو ان کان پوءِ افغانستان مان بہ اميدوار پيدا ٿيا، ھڪ نادر شاھہ، ٻيو بچہ سقہ. ان تي شمسيءَ صاحب پڇيو آهي تہ بچہ تي تشديد هندستان ۾ لڳائي وئي هئي تہ اها افغانستان ڪيئن پهتي، رڳو مغبچي ۽ ترسا بچي تي تشديد نہ آهي. ڪاش اسان جا پراڻيءَ تقطيع تي هريل نقاد اهو سمجهي سگهن تہ اهڙي تشديد ۽ تلفظ ۾ ٻي ڦير گهير سنڌي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جي اهم

(مان فاعلاتن فاعلات نہ ڄاڻان، پوءِ بہ آبِ حيات جهڙو شعر چوان ٿو.)

پر اها حقيقت آهي تہ مولانا رومي جي ساري مثنوي موزون آهي. اچو تہ فارسي بحروزن جي چند چاڻ ڪري ڏسون:

رمل مثمن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن
(چار پيرا)

هزج مثمن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
(چار پيرا)

مُتدارڪ مثمن: فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن
(چار پيرا)

متقارب مثمن: فعول فعولن فعولن فعولن
(چار پيرا)

رجز مثمن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن
(چار پيرا)

ڪامل مثمن: متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن
(چار پيرا).

وافر مثمن: مفاعلتن، مفاعلتن، مفاعلتن، مفاعلتن
(چار پيرا)

هيٺيان ٻارنهن بحر بہ رُڪني آهن ۽ ان ڪري انهن کي مرڪب بحر چيو ويندو آهي:

طويل مثمن: فعولن مفاعيلن فعولن مفاعيلن

---

تقاضا آهي. مان تہ چوان ٿو تہ ٿوري وقت ۾ سنڌي لفظ ساڪن ۽ متحرڪ بہ سنڌي اُچار جي لحاظ کان ڪيا ويندا ۽ ڪرڻ بہ گهرجن.

مٿي ذڪر ڪيل جهيڙي هلندي مون کي پروفيسر ناگراڻي چيو: "اياز اهو فارسي بحروزن بہ اجايو آهي. فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن جي بدران اسان ٽاٽ ٽاٽا ٽاٽ ٽاٽا ٽاٽ ٽاٽ ٽا چئي سگهون ٿا." ان تي مون هن کي جواب ڏنو تہ "ايئن تہ اسان "ناگراڻي ناگراڻي ناگراڻي ناگرا" بہ چئي سگهون ٿا. وزن تہ ساڳيو آهي فاعلاتن فاعلاتن فاعلن."

مديد مثمن: فاعلاتن فاعلن فاعلاتن فاعلن
مضارع مثمن: مفاعيلن فاعلاتن مفاعيلن فاعلاتن
بسيط مثمن: مستفعلن فاعلن مستفعلن فاعلن
مقتصب مثمن: مفعولات مستعفلن مفعولات مستفعلن
مجتث مثمن: مستفعلن فاعلاتن، مستفعلن فاعلاتن.
منسرح مثمن: مستفعلن مفعولات، مستفعلن مفعولات
سريع مسدس: مستفعلن مستفعلن مفعولات
جديد مسدس: فاعلاتن فاعلاتن مستعفلن
خفيف مسدس: فاعلاتن مُستفعلن فاعلاتن.
قريب مسدس: مفاعيلن مفاعيلن فاعلاتن
مشاڪل مسدس: فاعلاتن مفاعيلن مفاعيلن.

انهن بحرن مان بحر وافر، طويل، مقتصب، مشاڪل، قريب، جديد ۽ مديد جو اردو شاعريءَ ۾ رواج نہ آهي، جيتوڻيڪ مون پنهنجي شاعريءَ ۾ بحر مديد (فاعلاتن فاعلن) ڪم آندو آهي. پهريان ست بحر بہ مون سيئي ڪم نہ آندا آهن، رڳو اُهي ڪم آندا آهن جن منهنجي ترنم کي گهٽايو نہ آهي. هاڻي اهو سارو گورک ڌنڌو ڇڏي، مان انهن بحرن ۽ وزنن مان نڪتل اُهي بحر ۽ وزن ٿو ڏيان، جي سنڌيءَ ۾ اڪثر مستعمل آهن. مان ڀانيان ٿو جي سنڌي شاعرن کي انهن بحرن ۽ وزنن تي مهارت آهي تہ اها اسان جي شاعريءَ لاءِ ڪافي آهي. اهي آهن:

1ـ بحر هزج مثمن سالم: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن.
2ـ بحر هزج مثمن مسبغ: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلان
3ـ بحر هزج مقبوض مثمن: مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن.
4ـ بحر هزج مثمن اخرب: مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن.
5ـ بحر هزج مثمن اخرب مڪفوف مقصور: مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل.
6ـ بحر هزج مثمن اخرب مكفوف محذوف: مفعول مفاعيل مفاعيل

فعولن.

7ـ بحر هزج مثمن اشتر: فاعلن مفاعيلن، فاعلن مفاعيلن.

8ـ بحرهزج مسدس مخذوف (الاخر) و مسبغ: مفاعيلن مفاعيلن فعولن (يافعولان)

9ـ بحر هزج مقبوض دوا زده رُڪني: مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

10ـ بحر هزج مسدس مقصور: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل.

11ـ بحر هزج مسدس اخرب مقبوض مخذوف: مفعول مفاعلن فعولن.

12ـ بحررمل مثمن سالم: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن.

13ـ بحر رمل مثمن مقصور: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

14ـ بحررمل مثمن محذوف: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن.

15ـ بحر رمل مثمن مخبون محذوف: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن.

16ـ بحر رمل مثمن مخبون مخذوف مقطوع: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن (فعلن ۾ عين ساڪن آهي)

17ـ بحر رمل مثمن مشڪول: فعلات فاعلاتن فعلات فاعلاتن

18ـ بحر رمل مسدس مخذوف: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن.

19ـ بحر رمل مسدس مخبون محذوف (يامقصور): فاعلاتن فعلاتن فعلن (يا فعلات)

20ـ بحر رمل مسدس مخبون مخذوف و مقطوع: فاعلاتن فعلاتن فعلن (عين جزم سان)

21ـ بحر رمل مسدس مقصور: فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

22ـ بحر رمل مسدس مخبون مقصور مشعث: فاعلاتن فعلاتن فعلات

23ـ بحرر جز مثمن سالم: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

24ـ بحررجز مثمن مطوي مخبون: مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن.

25ـ بحر متقارب مثمن سالم: فعولن فعولن فعولن فعولن

26ـ بحر متقارب مثمن مقصور: فعولن فعولن فعولن فعول.

27ـ بحر متقارب مثمن مخذوف: فعولن فعولن فعولن فعل.

28_ بحر متقارب مثمن اثلم: فعلن فعولن فعلن فعولن.

29_ بحر متقارب مقبوض اثلم: فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن.

30_ بحر متقارب اثرم: فعل فعولن فعل فعولن، فعل فعولن فعل فعولن فعل فعولن.

31_بحر متقارب مثمن اثرم: ابتر مضاعف: فعل فعولن فعل فعولن فعل فعولن فعلن فع

32_ بحر متدارڪ مثمن سالم: فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن.

33_ بحر متدارڪ مثمن مخبون: فِعلن فِعلن فِعلن فِعلن

34_ بحر مُتدارڪ مخبون مسڪن: فعلن فعلن فعلن فعلن.

35_ بحر متدارڪ مخبون مسڪن آخذ: فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فع

36_ بحر متدارڪ مثمن آخذ: فاعلن فاعلن فاعلن فع.

37_ بحر ڪامل مثمن سالم: متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن.

38_ بحر ڪامل مثمن مذال: متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلان

39_ بحر مجتث مثمن مخبون: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلاتن.

40_ بحر مجتث مثمن مخنون مخدوف مقطوع: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن.

41_بحر مضارع مثمن اخرب محذوف: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن.

42_ بحر مضارع مثمن اخرب مڪفوف مخذوف: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن.

43_ بحر مضارع مثمن مكفوف مقصور (يا مخذوف) مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات.

44_ بحر منسرح مثمن مطوي مجدوع (يا مڪشوف): مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلات.

45_ بحر منسرح مثمن مطوي مقصور: مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن.

46ـ بحر سريع مُسدس مطوي مڪشوف: مفتعلن مفتعلن فاعلن.
47ـ بحر سريع مُسدس مطوي موقوف: مفتعلن مفتعلن ناعلات
48ـ بحر منسرح مثمن مطوي موقوف: مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلات
49ـ بحر حفيف مسدس مخبون مخذوف: فاعلاتن مفاعلن فعلن.
50ـ بحر بسيط مثمن مطوي: مفتعلن فاعلن مفتعلن فاعلن.

انهيءَ کانسواءِ رباعي بحر هزج ۾ آهي، جنهن ۾ چوويهه وزن آهن. نارائڻ شيام، هرو مل سدارنگاڻي وغيره ڪيترن ئي رباعيءَ جي وزنن ۾ لکيو آهي، پر اهي سنڌي شاعريءَ جي مزاج سان ٺهڪي نٿا اچن ۽ انهن ۾ ڪا رواني نہ آهي، سواءِ مفعول مفاعيل مفاعيلن فع جي. سنڌي رباعي جڻ هڪ چئن پاون واري ڪٺ آهي، جنهن تي شاعريءَ جو جنازو رکيو آهي. شاعر رباعي وڏيءَ مشقت سان لکندا آهن. فقط اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ هنن کي بحر وزن تي مهارت آهي. سنڌيءَ ۾ هيل تائين هڪ بہ سٺي رباعي نہ لکي وئي آهي، جنهن کي خيام جي مقابلي ۾ رکي سگهون.

مٿي جيڪي عربيءَ ۾ بحر جا نالا آيل آهن. اهي هڪ پوڙهي حڪيم جي پراڻي نسخي وانگر ٿا لڳن. انهن کي ياد ڪرڻ ضروري نہ آهي، بلڪ غير ضروري آهي. باقي وزن ياد رکيا وڃن ۽ اهي سنڌيءَ ۾ روانيءَ سان استعمال ٿي سگهن ٿا. انهن ۾ ڪجهہ وزن ڪٽيا ويا آهن، جي اردوءَ ۾ مستعمل ٿي سگهن ٿا، پر سنڌيءَ ۾ آورد واري شاعريءَ ۾ تہ اچي سگهن ٿا، آمد واريءَ شاعريءَ ۾ ناممڪن آهن. مون مٿين وزنن مان وزن نمبر 11، 17، 36، 38، 39 کان سواءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ بيا لڳ ڀڳ استعمال ڪيا آهن ۽ ڪن وزنن ۾ مير تقي مير کان بہ وڌيڪ ڦير گهير ڪئي آهي. منهنجو نوجوان نسل کي مشورو آهي تہ هو مير تقي مير جو غور سان مطالعو ڪن. شايد مير تقي مير جي شاد عظيم آباديءَ پيروي ڪئي هئي، پر مون کي هن جو ڪوئي غزل ياد نٿو اچي ۽ نہ هن جو مون وٽ ڪوئي مجموعہ ڪلام آهي.

سنڌي شاعر وزنن ۾ ميرتقي مير واري ڪيل ڦير گهير کان سواءِ بہ ڦير گهير ڪري سگهن ٿا. شرط اهو آهي تہ ترنم برقرار رهي. جي شاعر جي طبيعت روان آهي تہ هو وزنن تي هڪ سال ۾ عبور حاصل ڪري سگهندو ۽ جي روان نہ آهي تہ هو ڪيترو بہ مٿو ماري تہ بہ اهي هن جي مُٺ ۾ اچي نہ سگهندا.

جي شاعر فارسي يا اردو وزن تي لکن ٿا، انهن لاءِ اهو عبور ضروري آهي، ڇو تہ وزن ٽٽي پوندو تہ شعر ۾ رواني نہ رهندي. پر جي هو ماترائن جي حساب سان لکن ٿا تہ هنن لاءِ وزن جي ڄاڻ ضروري نہ آهي. هو بلڪل آزاد آهن ۽ ماترائون هنن جي شعر ۾ درياهہ جي رواني پيدا ڪري سگهن ٿيون. فارسي بحر وزن اسان وٽ ڌاري شيءِ آهي، جيڪا گدا ۽ سانگيءَ واري دور ۾ آئي. ان ڪي ڪوئي بہ سنڌي شاعر مسترد ڪري سگهي ٿو. نظم جي صنف انگريزيءَ تان ورتي وئي آهي ۽ جديد شاعريءَ لاءِ بنهہ ضروري آهي. ان ۾ ڪيئي تجربا ٿي سگهن ٿا. منهنجي نظمن ۾ سوين مختلف گهاڙيتا آهن ۽ ايترا گهاڙيتا يورپ يا دنيا جي ٻئي ڪنهن حصي جي شاعريءَ ۾ ڪو نہ آهن. اهي ماترائن جي حساب سان بہ آهن، فارسي بحر وزن تي بہ آهن، شاعر آزاد آهي تہ ڪنهن ريت بہ لکي، پر ڪيس ڪنهن حد تائين پابندي ڪرڻي پوندي، جي ڇند وديا جي حساب سان لکندو تہ هن کي ماترائن جي پابندي ڪرڻي پوندي. ذهين شاعر انهيءَ پابنديءَ کي اورانگهي سگهن ٿا ۽ پنهنجو بحر وزن ناهي سگهن ٿا يا ماترائن ۾ ڦير گهير ڪري سگهن ٿا بشرطيڪ شاعريءَ جي روانيءَ تي اثر نہ پوي. جينيس پنهنجا گهاڙيتا ۽ وزن پاڻ بلڪل نئين سر ناهي سگهن ٿا. شرط اهو آهي تہ ڪَن رس زخمي نہ ٿئي.

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ بيت، دوهو وائي ۽ ڪافي آهي، جا اڪثر ماترائن جي حساب سان لکي وئي آهي. سنڌي ڪافي بحر وزن تي بہ لکي وئي آهي. مون سنڌي ڪافي ڪا نہ لکي آهي (شايد ڪنهن وقت خواجہ فريد جي ملتاني ڪافيءَ جو سنڌي ترجمو ڪيو

هيم. پر ان جو گهاڙيٽو سنڌيءَ ڪافي وارو نہ هو) ٿوريون سنڌي وايون مون فارسي بحروزن تي بہ لکيون آهن پر اهو لازمي نہ آهي تہ وايون فارسي بحر وزن ۾ لکيون وڃن. جي ڳالهيون فارسي ۽ اردو شاعريءَ ۾ معيوب سمجهيون وڃن ٿيون، پر اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي مزاج سان ٺهڪي اچن ٿيون، اُهي شاعريءَ ۾ معيوب نہ آهن۔ سٽ جي اندرين تجنيس حرفي يورپ جي شاعريءَ ۾ ساراهي وئي آهي. اها جيتري ٻنائيءَ ۾ آهي، ڪنهن بہ يورپ جي شاعر ۾ نہ آهي. مون اردوءَ ۾ هائڪو فارسي بحروزن تي لکيا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ماترائن جي حساب سان بہ لکيا آهن. شايد پونر پري آڪاس ۾ ڪجهہ هائڪو نما نظم فارسي بحر وزن ۾ آهن. اوهان ترائيل ۽ ٻيا گهاڙيٽا بہ ساڳي طرح لکي سگهو ٿا، شرط اهو آهي تہ شاعريءَ جي موسيقيت تي ضرب نہ اچي.

جن شاعرن کي خدا ڏات ڏني آهي، اُهي پنهنجي راهہ پاڻ تلاش ڪري سگهن ٿا، پر اڳي آزمايل رستي تي، گهٽ ۾ گهٽ منهنجيءَ نظر ۾ ٿورو پنڌ ضروري آهي.

فارسيءَ ۾ گهاڙيٽا آهن مثنوي، مستزاد (ڏيڍ سٽا) قصيده، واسوخت، قطع، مخمس (پنج سٽا)، مسدس (ڇهہ سٽا) مثلث (ٽہ سٽا) مسقط ۽ تضمين (سنڌيءَ ۾ رائج نہ آهن)، ترجيع بند، ترڪيب بند (علامہ اقبال جا اڪثر نظم ترڪيب بند جي صورت ۾ آهن. مثلاً: ”شمع ۽ شاعر“ ”مسجد قرطبہ“ ابليس جي مجلس شورا“). مرثيو سلام، مسلسل غزل (اهڙا علامہ اقبال، جوش مليح آبادي ۽ فيض جا لکيل آهن). اسان انهن گهاڙيٽن جي پابندي ڪريون يا نہ، اها، اسان جي مرضي آهي. منهنجي پنهنجي شاعريءَ ۾ ايترا گهاڙيٽا آهن جيترا دنيا جي ڪنهن بہ شاعر ۾ نہ آهن. اسان اڪٿ نوان گهاڙيٽا گهڙي سگهون ٿا. قافئي، رديف جي باري ۾ ترنم جي لحاظ کان اسان پاڻ فيصلو ڪري سگهون ٿا. اردو شاعريءَ جي پيروي ضروري نہ آهي.

منهنجو هن مهاڳ لکڻ جو خاص سبب اهو هو تہ سنڌ کي نہ رڳو سنڌ جي نئين شاعريءَ سان واقف ڪرايان، پر اُن کي هر سنڌي

محقق جي چڪر مان ڪڍان، جي سنڌي شاعريءَ کي "ارهہ برهہ ڪَنڪره" سان شروع ٿا ڪن ۽ ساموئيءَ جا بيت پينسلين جي ايجاد وانگر پيش ڪن ٿا (.محقق لفظ جو اشتقاق شايد حقو آهي، ڇو تہ محقق بڙ بڙ گهٽي ڪندو آهي) مان هميشہ چاهيو آهي تہ سنڌي ادب هڪ ڇلانگ سان ڪجهہ صديون ٽپي وڃي. اهو غلط آهي تہ منهنجي سرڳواسي متر نارائڻ شيام "هائڪو" پهرين لکيا ها. اردو زبان ۾ هائڪو پهريون پيرو مون لکيا ها ۽ ان کان پوءِ مون سنڌيءَ ۾ بہ لکيا ها. مان هائڪو کي ٻي جديد شاعريءَ وانگر گربيءَ جي سٽڻ ۾ کهنبو دوپٽو ڏنو آهي. مون کي گهڻو اڳي معلوم هو تہ اٽويهين صديءَ جي ڦير گهير کان پوءِ مغربي شاعر، خاص ڪري انگريز شاعر، جپان جي مشرقي روايت کان اوچتو آگاهہ ٿيا. ان آگاهيءَ جو اثر رمزيت وارن (Symbolists) ۽ انگريز تصوريت پسندن (Imagists) تي ايئن ٿيو جيئن ان کان اڳ سنسڪرت ادب جي روايت جو شعور رومانيت پسندن کي ٿيو هو. نہ رڳو جپاني شاعريءَ جو مغرب تي اثر ٿيو پر جپان جا جي ٻيا آرٽ ها، تن جو بہ ان تي اثر ٿيو. انهيءَ شعور کي چيني ۽ جپاني مصوري پهرين اُتساهيو. نفسياتي طور ان جو سبب روسو- جپاني جنگ هئي، جنهن ۾ ايشيا جي هڪ ننڍي رياست جپان يورپ جي هڪ وڏيءَ رياست روس کي ٽوٽا چٻايا ها. ان ڪري نہ رڳو ان جي فوجي صلاحيت پر فني حاصلات طرف بہ ڌيان ويو. انهيءَ فوجي برتريءَ کان سواءِ شايد ان جي فني برتريءَ ڏانهن ڌيان نہ وڃي ها. ان ڳالهہ جو زياده اثر مغرب تي ٿيو ۽ ايشيا جون قومون ان جي فني حاصلات جي ڪاهي ڪيڍ نہ پيون. هائڪو جون ڪجهہ روايتون تہ اڳيئي ننڍي کنڊ ۾ هيون. اهو صحيح آهي تہ جپان جي ادبي حاصلات جي، مغرب جي ذريعي ننڍي کنڊ کي بوجهہ پئي، باقي ان جي سياسي پروڙ ذاتي تجربي مان پئي.

هندستاني مصورَ پهرين جنگ عظيم کان اڳ ئي چيني ۽ جپاني مصوريءَ کي اهميت ڏئي رهيا ها (جپاني شاعرن کي

ارزراپائونڊ ۽ ٽي اي. هُلمي (T.A. Hulme) جي انگريزي شاعريءَ ۾ هندستاني اديب ٽيهين واري ڏهاڪي ۾ پڙهي چُڪا ها) ورهاڱي کان پوءِ نئيندي کنڊ جي شاعرن هائڪو ڏانهن ڌيان ڏنو. سنڌيءَ ۾ ڪافي هائڪو لکيا ويا آهن. منهنجي ته پوري ڪتاب ”پن ڇڻ پڇاڙان“ ۾ رڳو هائڪو آهن. مون هائڪو ۾ نوان تجربا ڪيا آهن ۽ پنج ڇهه هائڪو ساڳي سٽ جي ورجاءَ سان لکي، انهن کي نظماڻي شڪل به ڏني آهي. ”واٽون ڦلن ڇانئيون“ ۽ منهنجن ٻين ڪتابن ۾ ڪيترائي مسلسل هائڪو آهن. ۽ انهن ۾ سنڌيت جي خوشبوءِ آهي. آخر ڪولهڻ پڙو نه پائيندي ته ڇا ڪِمونو (Kimono) پائيندي؟ هن مجموعي ۾ هائڪو ڪو نه آهن پر ڇاڪاڻ جو اُهي به سنڌي شاعريءَ جي هڪ صنف ٿي چُڪا آهن، مون انهن جو هتي ذڪر ڪيو آهي، جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ نه هائڪو آهن. نه ترائيل.

ترائيل فرينچ شاعريءَ جي صنف آهي، جتان اهو گهاڙيٽو اردوءَ ۾ ورتو ويو ۽ اردوءَ تان سنڌيءَ ۾. ترائيل گهٽا نارائڻ شيام لکيا آهن ۽ اهي ” فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فع“ وزن تي آهن. هو انهن ۾ ڳن رَس پيدا ڪري سگهيو آهي ۽ انهن ۾ سريلي ڌيمي ڌيمي باهه آهي. سانيٽ ۾ به نارائڻ شيام تجربو ڪيو آهي، پر اهو ناڪام ويو آهي.

ڪلاسيڪي ڪافيءَ ۾ اسان شاهه حسين، بلا شاهه ۽ فريد ملتانيءَ واري رواني ۽ ترنم پيدا ڪري نه سگهيا آهيون. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ ڪيئي ڪافيون لکيون ويون آهن. باقي دوهي ۽ گيت ۾ هندي شاعريءَ وانگر سوز و گداز پيدا ڪري سگهيا آهيون. دوهو هنديءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو حصو آهي ۽ جديد شاعريءَ ۾ ذري گهٽ متروڪ ٿي چڪو آهي.اسان دوهي، بيت يا سورٺي کي نئين زندگي عطا ڪئي آهي ۽ ان جي موضوع کي وسعت ۽ گوناگوني ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ هائڪو ترائيل، سانيٽ، ڪافي، دوهي ۽ نظم جا گهاڙيٽا ڪو نه آهن، ان ڪري مون انهن تي تفصيلي روشني نه وڌي آهي ۽ انهن موضوعن تي ٻي ڪتاب ۾ لکندس جو مون وٽ مهاڳ لاءِ

اڳوات پيو آهي.*

هتي مان رڳو اهو چوندس ته اسان وٽ مغربي شاعريءَ کان وڌيڪ تجربا ڪيا ويا آهن. اسان کي جائز اهميت اُن ڪري نه ملي آهي، جو اسان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو نه ٿيو آهي. مشهور مستشرق ڊاڪٽر ائن ميري شمل، جا منهنجي دوست به آهي، مون کي راولپنڊيءَ جي هڪ نشست ۾ چيو هو (اُتي لاهور هاءِ ڪورٽ جو اڳيون چيف جسٽس رحمان ۽ ٻيا وينا هئا) ته هاڻي علامه اقبال، شاهه لطيف ۽ شيخ اياز کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ چاهيان ٿي. هوءَ هڪ صوفي (Mystic) آهي ۽ ان وقت منهنجي صوفياڻي شاعري (Mystical poetry) ٿوري هئي. معلوم نه آهي ته هن کي منهنجا پويان ڇهه ست ڪتاب مليا آهن يا نه. روسي مستشرق پروفيسر گئنڪو وسڪيءَ، جنهن پاڪستان جي باري ۾ ٽي چار ڪتاب لکيا آهن، تنهن به اهڙو واعدو ڪيو هو. افسوس جي ڳالهه آهي ته هن جي دعوت جي باوجود منهنجي هن سان ماسڪو ۾ ڪنهن مجبوريءَ سبب ملاقات نه ٿي سگهي. وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي به چيو هو ته مان توکي آمريڪي مترجم وٺي ڏيندس، پر هن جي قبل از وقت موت سبب، ڳالهه کي عملي روپ ملي نه سگهيو.

آزاد نظم (Vers libre) فرانس مان نڪتو ۽ ساري دنيا ۾ ڦهلجي چُڪو آهي. ان ۾ قافئي ۽ رديف جي پابندي نه آهي، پر بحر و وزن يا Syllables ۽ ماترائن جي ڪنهن حد تائين پابندي آهي. ان ۾ اهو ضروري نه آهي ته سٽون هڪ جيتريون هجن. اهي ننڍيون وڏيون ٿي سگهن ٿيون. ڪيتري وقت کان آزاد نظم سنڌ سوڌو ساري دنيا ۾ لکجي رهيو آهي.

نثري نظم به هينئر تسليم ٿيل شاعريءَ جي صنف آهي. والٽ وٽمئن ۽ بودليئر کان وٺي ڪارل شيپيرو تائين هن وقت ڪاميابيءَ

---

* هتي ڪتاب "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" ۾ شامل شاعرن جي شاعريءَ جو ذڪر آهي.

سان لکجي رهيو آهي. مون کي اردو شاعريءَ ۾ نثري ۽ آزاد نظم جو خوبصورت ترين ڪتاب ”جنگل کي اس پار“ اصغر نديم سيد جو لڳو آهي. اهو ڪتاب ڪجهه سال اڳي مون ڏانهن ڪشور ناهيد هيٺين خط سان موڪليو هو:

شیخ جی!
آپ کی خبر نہیں ملتی، آپ کو لاھور بلانے کے لئے سارا شہر دیوانہ ھے۔ یہ ایک بہت خوبصورت شاعر کا کتاب ھے بہت بولڈ اور اچھا شاعر ھے۔ آپ خود نہیں آئے تو مجھے ٹکٹ بھیج کر آپ کو بلانا پڑے گا۔ بالکل ذاتی سطح پر بلا رھی ھوں۔ کوئی ادارہ نہیں۔ ھم ادیب مل کر یہ پروگرام کرنا چاھتے ھیں۔
آپ کی
کشور ناھید

ان کان پوءِ ڪشور ناهيد مون کي اچڻ لاءِ فون به ڪئي، پر منهنجي طبيعت نيڪ نه هئي ۽ ان ڪري مان ڪانئس معافي ورتي، نه ته ڪتاب مون کي ڏاڍو وڻيو هو. ان ڪتاب مان ڪجهه ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

اڄ تون ايترو ڪلينءَ
جيئن ڪوئي سوين قيدي پرندا آزاد ڪري،
جي آسمان ڏانهن اڏامن
يا بارش سمندر تي ڪري رفتار سان
يا اُس نڪري اچي پري برسات ۾.

هڪ ٻي نظم ۾ چيو اٿائين:

سارا رستا تنهنجي منهنجيءَ وک جو انتظار ڪن ٿا.
اسان ٻنهي کي ڏسن ٿا.
ته پري پري تائين هٿ لوڏائن ٿا.
خوشيون چيٽ جي مُند جهڙيون آهن

انهن ۾ عاشق شهزادن جي مقبرن جهڙي سچائي آ،
جانان، بارش کي مٽي جي مسامن[1] ۾ ننڊ ڪرڻ ڏي،
مان اُس جا ٻه ٽي ڍُڪ
تولاءِ
سياري جي سج کان گهران ٿو.

هن جي هڪ تشبيهه ڏسو:

”تيز هوا
جيئن فاتح ماڻهو سفر جي دروازن مان لنگهندا هجن.“

ساڳيو نظم (انار جو ڦول ڪڙيو آهي) جنهن جي آخر ۾ مٽيون ٻه سٽون آهن، اُن جي شروعات ڪجهه هيئن آهي:

”وهندڙ پاڻي ڏينهن جو واڳون ڇڪي رهيو آهي
هوا تيز آهي.
لڪين سال پراڻيءَ هن مٽيءَ ۾ انار جو ڦول ڪڙيل آهي
وهندڙ پاڻي سچائي ۾ ويڙهيل ابهم آهي
جو هر شيءِ کي پنهنجون نونيون هٽي لنگهي رهيو آهي.“

يا هڪ ٻي نظم جي آخر ۾:

”منهنجي عمر ته هڪ ختم نه ٿيڻ واري ڇُمي آهي
جا ڪيئي ميل اڏامندڙ پنڇيءَ وانگر اڻ-ٿڪ آهي
۽ هوا وانگر پنڌ پورو ڪري ٿي.“
يا
”ليڙن ۾ لپيٽيل سچائيتون ڇوڪريون ڇَوَن ٿيون
ته اسان ٻه لفظ آهيون
اسان ٻه صدا جو ذائقو آهيون.

---

[1] مسام (فارسي): وارن هيٺان سوراخ

آسمان، بيٺل نيرو سمنڊ
ڪير پياڪ ڇيلڙو به هڪ لفظ آهي
ساري ڌرتي هڪ ڦهليل نظم آهي
۽ مان ڪڏهن بارش
ڪڏهن سڪل درياهه ڪڏهن سچائيتن ڇوڪرين جو سڏ“

سچو ڪتاب اهڙين خوبصورت تشبيهن ۽ استعارن سان ستيو پيو آهي. پنجاب اهڙي ڪتاب جي آجيان ڪئي هوندي، ڇو ته ڌن دولت، وس پڄندي ۽ سمرتي ضمير جي ڇهنڊڙيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙي ديس ۾ مزاحمتي شاعري ڏيڪاءَ جي ٿئي ٿي يا ڏور جي ڪنهن مسئلي سان واڳيل ٿئي ٿي. جنهن جو شاعر کي ڪوسو واءُ نٿو لڳي ۽ هو ٿڌي ڇانوَ ۾ ويهي آرٽ کي وندر ۽ اندر جي آنند جو ذريعو سمجهي ٿو. ڪاش! ساري دنيا کي ايترو سک ۽ ڪلياڻ هجي جو ان کي مزاحمتي شاعري جي ضرورت نه پوي، جيئن فلسطين کي يا وچ آمريڪا ۾ ايل سئلويڊار گئوتمالا، هنڊوراس، نڪاراگوا وغيره ۾ پئجي رهي آهي يا جنوبي آفريڪا جي نسلي فضا ۾ لازمي طور اُڀري آئي آهي.

مون ڪافي سال اڳ هڪ ڪتاب ”Behind the iron curtain“ پڙهيو هو. Iron curtain محاورو ڪميونزم لاءِ ڪم ايندو هو. روس ۾ مزاحمتي شاعري خود روس ۾ ته پنجاب وانگر براءِ نام هئي، روس جي ايشيائي حصي ۾ ته هئي ئي ڪو نه، پر پولينڊ، هنگري، چيڪو سلواڪيا، مشرقي جرمني، رومانيا، يوگوسلاويا وغيره ۾ شايد وڏيڪ اثرائتي هئي. مون ڪجهه وقت اڳ هڪ دوست کي (جنهن سان ذري گهٽ ساري عمر گذاري آهي ۽ جو اجا اشتراڪيت جو حامي آهي) چيو ته:

”لوڪ يتا“ ڪتاب پهرين تو پڙهيو هو ۽ تنهنجي چوڻ تي مون خريد ڪري پڙهيو هو. ماديت پرستي ڪا نئين ڳالهه نه آهي. هزار سال اڳ به ماديت پرست ٿيا هئا. جن جا ڪيئي مڪتب فڪر هئا. پر

ڦهريون ڦيروماديت پرست حڪومت روس پنجهتر سالن لاءِ ناهي ۽ اها گول چڪر ڏئي ايتري ٿوري وقت ۾ گم ٿي وئي. جيتوڻيڪ موسيٰ عليه السلام، عيسيٰ عليه السلام، محمد صلي الله عليه وسلم ۽ انهن کان اڳ مهاوير، ٻڌ، ڪرشن، ڪنفيوشس، تائو وغيره جا ڪروڙين پوئلڳ اڄ به آهن. ٻڌ ماديت پرست ته نه هو پر خدا ۾ اعتبار نه ڪندو هو. ڪنفيوشس هن دنيا ۾ وهنوار جي نيت تي زور ڏيندو هو ۽ ڪنهن به ازلي هستيءَ جو ذڪر نه ڪيو اٿائين. انهن مذهبن ۾ اُهي ڪهڙا اقدار هئا، جن جتاءُ ڪيو آهي ۽ جي ڪميونزم ۾ نه هئا، جنهن انسان نه پر درندا پيدا ڪيا. بگهڙ، هاتار جن کي چير ڦاڙ ڪندڙ وچ هئا، تکا، اڻ ڪهلا، ڪنور ننهن هئا!“

هو ڪو به خاص جواب نه ڏئي سگهيو سواءِ ان جي ته جتي ڏاڍ ڏمر آهي، ڦرلٽ آهي، آپيشاهي آهي، اتي چپ ته ڪري نه ويهبو. منهنجي هن سان ان ڳالهه تي نااتفاقي نه آهي. اظهار بندوق جي ناليءَ مان ٿئي يا ڦٽائيءَ جي شعر وانگر ٿئي ته:

”ڀاڙي ناهه پروڙ ته ڪا رات رنجائي گذري“

يا

”اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهه، واڍوڙڪي مَنهين“ وغيره.

۽ اهڙي شاعري جا غالب جي ”تير نيم ڪش“ وانگر روح ۾ کپي وڃي ٿي ۽ انسان ۾ اذيت جو اظهار ٿئي ٿي، ان تي اعتراض نٿو ٿي سگهي. اهو شاعر تي مدار آهي ته هو شاعريءَ کي نرس جي رحمدل هٿ وانگر ڪم ٿو آڻي يا سرجن جي چاقوءَ وانگر. اڄ به يو.ايس.ايس.آر جي ٽٽڻ کان پوءِ ڪنهن چيو ته جي مارگريٽ ٿيچر گوئٽمالا ۾ هجي ها ته هو ڪميونسٽ هجي ها. هوءَ ڪميونسٽ هجي ها يا نه. ايتري سياسي گهٽ، ٻوسات ۽ اقتصادي ڦرلٽ ۾ مزاحمتي شاعريءَ لاءِ گنجائش آهي ٿي آهي. اها لازمي نه آهي، پر جي ڪٿي وڃي ته ان تي اعتراض نٿو ڪري سگهجي. موجوده مزاحمتي شاعريءَ تي اچڻ کان اڳ آءٌ اوهان کي يورپ جي شاعريءَ سان واقفيت ڪرائيندس.

بودليئر [1] فرانس ۾ 1857ع ۾ (جڏهن اسان وٽ بلوو ٿيو هو ۽ هند جا سڀ باشندا نانا صاحب، جهانسيءَ جي راڻيءَ، تانتيا توپي وغيره جي اڳواڻيءَ هيٺ انگريز سلطنت خلاف اٿي کڙا ٿيا هئا) پنهنجو ڪتاب گناهه جا گل (Flowers of Evil) شايع ڪرايو. فرانس جي نامور شاعر وڪٽر هيوگو [2] کيس ان ڪتاب جي اشاعت تي مبارڪباد موڪلي. هو خود به ماورائي موضوعن تي لکي ٿڪجي پيو هو ۽ ڪيتري وقت کان شاعريءَ جي ذريعي نوان ٿرٿلا وجهڻ ٿي چاهيائين. هن کي پڙهي جڻ سارو بورجوا سماج هراسجي ويو. بودليئر پنهنجي دل من کي هڪ وڏي، بنديخاني وانگر پيش ڪيو جنهن مان فرار جي راهه ڪائي نه هئي ۽ ڪنهن کي سکي ۽ آسودي حياتيءَ جي حاصلات ناممڪن هئي. هن ماورائي ۽ بعيد از فهم حقيقت کي پنهنجي باطن ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ غيبات جي واسي جهڙي دقيانوسي سوچ ۽ ٻيءَ هر روحاني واردات کي نفسياتي مونجهارو ڪوٺي، ادبي دنيا ۾ ڪنبٽي وجهي ڇڏي.

رومانوي شاعرن شيلي، هيوگو ۽ بائرن پاڻ کي هيرو (Hero) جي صورت ۾ يوناني ديوتائن پراميٿيوز (Prometheus) ۽ هر ڪليز (Hercules) جا جاءِ نشين سمجهڻ لڳا. جيتوڻيڪ بورجوا طبقي انهن کي به نظر انداز ڪري ڇڏيو پر هو پاڻ کي سياسي رهنما ۽ پيغمبر سمجهڻ لڳا ۽ هو جڻ پنهنجي خيال ۾، جذبات کي اُڀارڻ لاءِ ۽ انسانذات کي فيض رسائڻ لاءِ پيدا ٿيا هئا.

فرينچ تاثر پسند (امپريشنسٽ) ماني (Manet) [3] جون تصويرون ڏسبيون ته اگهاڙا ۽ لباس پهريل انسان گڏ ويٺل نظر ايندا ۽ انهن ۾ پنهنجي وجود جو احساس نظر نه ايندو. اهڙيءَ ريت بودليئر جو برهنگيءَ جو تصور هن جي روح ۽ هن جي شاعريءَ ۾ رچي ويو. نه رڳو هن ۾ ننڍي وهيءَ جي معصوميت جو بهشت آهي، پر هن ۾ جواني به

---

[1] بودليئر (1821ع _ 1867ع): فرينچ شاعر.
[2] وڪٽر هيوگو (1802ع _ 1885ع) ناول ۽ ناٽڪ نويس.
[3] ماني (1832ع _1883ع) فرينچ مصور ۽ عين بين تصوير ڪڍندڙ

جهنم وانگر دهڪي رهي آهي. ايئن لڳي ٿو تہ هن جي باھہ سان جبريل جا پَرَ جرڪي رهيا آهن. جڏهن هو پاڻ ۾ پيهي روح رهاڻ ڪري ٿو تہ تشڪيڪ ۽ تضاد ۾ ويڙهجي وڃي ٿو. ان جو اثر هن جي تخليق تي ٿئي ٿو. شيليءَ، ورڊ سورٿ ۽ هيوگو پنهنجي ڀاروتڻ ۾ گدگد نظر اچن ٿا ۽ هنن جي دنيا جرڪي رهي آهي ۽ هر شيءِ ڪي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ٿي.

اڳي شاعريءَ ۾ ڀرپور اظهار لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي هئي. بودليئر ۾ سٽ جي خيال سارو لڪٽي آهي، ان ۾ موڙ اَڻ چِٽائي، ۽ ٻوليءَ جو منجهيل مباحثو اُن جي اٿلاٽي ۽ ردِ ڪلام بہ آهي، جو پڳل ٽٽل بہ آهي ۽ وايون ٻتال ڪندڙ بہ آهي. انهيءَ سرس ۽ زوردار مشڪل پسنديءَ لاءِ سند پال ورلين ڏني، جنهن جديد شاعريءَ کان شاعريءَ جا مشتاق ڪسي ورتا، جي پڙهندڙ هونءَ شاعريءَ تي واريا ويندا هئا، اهي ان کان ونءُ وڃڻ لڳا، جيئن روس ۾ شاعر لينن اسڪوائر ۾ مائيڪ تي بيهجي ويندا هئا تہ لکين ماڻهو ايئن ڪنا تي ويندا هئا، جيئن هائيڊ پارڪ ۾ تقرير باز بنا اڳوات اطلاع جي تقرير ڪري انبوھہ گڏ ڪندا آهن، جي ورلي ڪم جي ڳالھہ ڪندا آهن، نہ تہ گهٽو ڪري واهي تباهي بڪندا آهن. فرانس ۾ ورلين جا سخن شناس ايئن ڪو نہ ٿي نظر آيا، جيڪو پاڻ بودليئر جو پوئلڳ هو. هن جي ترنم لاءِ حقارت پيدا ٿي. جيتوڻيڪ ورلين کي ترنم تي ڪافي گرفت هئي. هن جي اڻ پورائيءَ جي واڪاڻ ۽ هن جي ٻوليءَ رس کي للڪار، اُن جديد شاعريءَ لاءِ اُصولي عُذر پيدا ڪري ٿي، جنهن جي تخليق ۽ ان جي اظهار ۾ هڪ جيتري اڻپورائي آهي ۽ ان ڪري مونجهارو آهي. اهڙي شاعري پنهنجي مزاج ۽ زور بيان جي تيزيءَ سان مروج ٻوليءَ ۾ڦير گهير ڪري، ان ذهن جي نشاندهي ڪري ٿي، جو اهڙي تجربي کي پهچڻ چاهي ٿو جو پهچ کان پري آهي. اهڙي شاعري اڄ تائين خاص ڪري آزاد نظم ۽ نثري نظم ۾ رائج آهي. اهڙا جينيس جديد دنيا ۾ گهٽ ئي پيدا ٿيا آهن. جن جي شاعري سريئلي بہ آهي، ٻولي رس واري بہ آهي ۽

گڏوگڏ اُن ۾ تخيل جي اڏام بہ آهي ۽ اندر جي پيڙا جو پڙلاءُ بہ آهي ۽ جا اُلجهاءَ، ابهام ۽ اٽپورائيءَ کان وانجهي آهي، جن جي هر هڪ رچنا الڳ الڳ وَن واس واري گل وانگر آهي ۽ رت پونءِ واري انسان جي وس کان مٿي آهي.

بودليئر پاڻ فني روايت کان بغاوت نہ ڪئي، هن جون ڪيتريون ئي سٽون رسائين (Racine)[1] وانگر آهن، جن ۾ نفسياتي باريڪ بيني ۽ موشگافي آهي. جيتوڻيڪ بودليئر کان اڳ سو سالن جي عرصي ۾ سائنس دنيا کي بدلايو هو پر پوءِ بہ يوناني- رومي (Greco_roman) ڏند ڪٿائون ۽ ساهت، شاعريءَ ۾ اچا ورجايون ٿي ويون ۽ شاعريءَ لاءِ موضوع هيون، جن کي شاعرن پنهنجي پنهنجي ذهانت ۽ شعور آهر استعمال ٿي ڪيو ۽ ان جي ذريعي نوان نُڪتا ٿي پيدا ڪيا. جيئن اسان اڄ تائين سنڌي ادب جون لوڪ ڪٿائون پنهنجي معاشري، پنهنجي ماحول ۽ اندر جي عڪاسيءَ لاءِ ڪم آڻي رهيا آهيون. ڪنهن وقت روم ڏانهن اشارا، ڪلاسيڪي نالا، لاطيني مشغوليون شاعريءَ ۾ اچي، اُن کي پنهنجي صديءَ کان پٺتي ڌڪي ڇڏين ٿيون، جيئن اسان کي قديم سنڌ جي تاريخ پٺتي ڌڪي ٿي، پر اُها اسان جي شاعريءَ ۾ نئون اُتساهہ ڦوڪي ٿي ۽ ڌرتيءَ سان پيار پيدا ڪري ٿي، جيڪو رَت پوڙهي، نستيءَ ۽ نبل يوناني- رومي شاعري، مغرب جي شاعري ۾ پيدا نٿي ڪيو ۽ ان جون ڏند ڪٿائون ايئن بي پاڙيون آهن، جيئن ليليٰ مجنون، شيرين فرهاد، وامق عذرا، سهراب رستم جون ڏند ڪٿائون اردوءَ ۾ بي پاڙيون آهن ۽ ڪو بہ اتساهہ پيدا نٿيون ڪن ۽ انهن جي پس منظر ۾ فقط ڪڏهن ڪڏهن غالب جهڙي عظيم شاعر جو ڪوئي شعر من ۾ ولوڙا وجهي ٿو جيئن:

ہم نے مجنوں پہ لڑکپن میں اسد
سنگ اٹھایا تھا کہ سر یاد آیا

[1] رسائين (1639ع کان 1699ع تائين) فرينچ ناٽڪ نويس

شيڪسپيئر جي قلوپطره جي ٻي ڳالهه آهي. ان جو پس منظر جڻ همعصر آهي. دراصل ان لاءِ آثارِ قديمه جي علم جي ضرورت نه آهي، ڇو ته قلوپطره ازلي آهي. هوءَ وقت کان ماورا آهي ۽ جڏهن يوناني خدائن جو هن سان گڏ ذڪر ڪيو ٿو وڃي ته اهي گرهڻ هيٺ اچي ٿا وڃن. ايئن ئي اسان وٽ سسئي، سهڻي، مارئي، ليلا، سورٺ ازلي ۽ ابدي آهن. انهن جو جنهن به دور ۾ ذڪر ڪريون ٿا، اهي ان ۾ کُپي ٿيون وڃن. ساڳي طرح لورڪا جي شاعريءَ ۾ خانه بدوش ۽ گهرو لڙائيءَ واري پهري سجاڳ چونڪيءَ (Civil guard) جي ڪُڏي اٽبٽت ابتدائي وصف واري آهي، ڇو ته اهڙيءَ ڳهل اندلس ۾ صدين کان چاقوزني ڪئي آهي ۽ اهو مصنف، جو لاشن جو ڳاٽاٽو ڪري واقعي کي قلمبند ڪري ٿو ايترو جهونو آهي، جو اهو ياد نٿو اچي ته هن جي رزميه ۾ ڪهڙيون ڏريون جهيڙي ۾ رُڌل آهن. [1]

لورڪا جون ستون جديد شاعريءَ ۾ الجهاءُ پيدا ڪن ٿيون ۽ هڪ مشاهدي کي ٻي مشاهدي ۾ بدلائي ماضيءَ کي حال ۾ ڇڪي وٺن ٿيون ۽ حال جي مشاهدي کي ڄاڻوءَ لاءِ اڳي کان چتو ڪن ٿيون، وهندڙ رت کي ٻڌي سگهجي ٿو ماڻهو موت ۾ ڪنجهن ڪُرڪن ٿا ۽ اها ڪنجهو ڪنجهه هونءَ نه ٻڌي سگهجي ها، پر لورڪا ۾ ڏرتيءَ جي رت جي ڏارا جي ڳالهڙي فقط رت ۾ رڱيل نه آهي، پر اُن جي سانت ۾ ڪاريهر جي ڦڪار به آهي. جڻ ڀِتائي جي ست ”اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهه واڍوڙڪي منهي“ ياد اچي رهي آهي. اها ڪنجهو ڪنجهه سنڌ ۾ ابد ازل کان آباد آهي ۽ واڍوڙڪا منها اڃان تائين چنگهي چيڪي رهيا آهن ۽ ”ويچ ورائي ٻانهن چوري چاڪ نهاريا“ جي صدا صدين کي چيري، اسان جي ڪنن ۾ گونجي ٿي. شاعري اڃانگ ڏئي

[1] مصنف زيتونن جي باغ ۾ اچي ٿو. هن سان پهري سجاڳ چؤنڪي (Civil guards) گڏ آهي... ترڪڻو رت سُن ۾ ڪاريهر جئن ڦڪاري رهيو آهي. پهري سجاڳ چؤنڪيءَ واري، اها پراڻي ڪهاڻي آهي، چار روسي ماريا ويا آهن، چار ڪارٽيجي (لورڪا).
سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي شاعري خليفي نبي بخش جي سر ڪيڏاري ۾ ملي ٿي ۽ سنڌ ماضي، حال ۽ مستقبل لاءِ ڪرڙيءَ جي ميدان جو روپ وٺي ٿي.

صديون ٽپي ويندي آهي ۽ زمان ۽ مڪان جي پابند نہ رهندي آهي. ڪلهہ اڄ ۽ سڀاڻي هڪ ئي سٽ ۾ منجمند ٿي وڃن ٿا ۽ شاعريءَ تي پيغمبريءَ جي مهر هڻن ٿا.

ساڳي ريت جڏهن فردوسي شاهنامي ۾ چوي ٿو:

ز نقارہ آواز آمد بروں

کہ دوں است دوں است دنیائے دوں

(نقاري مان آواز آيو تہ دون (نيچ) آهي، دون (نيچ ) آهي، دنيا دون (نيچ) آهي.)

تہ ڄڻ اها سٽ انت ڪال تائين جنگ تي ڦٽڪار وجهي رهي آهي ۽ چئي رهي آهي تہ دنيا ڪُڌي، ڪپتي ۽ اجائي آهي.

انگريز شاعره ايڊٿ ستويل (Edith Sitwell) [1] ۽ وٺليس استوينس [2] بہ اهڙي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن ۾ رڳو آواز سان جذبات جي عڪاسي ٿئي ٿي.

مان وري بودليئر ڏانهن اچان ٿو جو مغرب جي جديد شاعريءَ جو باني آهي. ميراجيءَ پنهنجي ڪتاب "ديس ديس کي نظمين" ۾ هن جي شاعريءَ جو پورو تجزيو نہ ڪيو آهي. بودليئر اسان کي شاعر جي من جي آنڊ مانڊ ۽ بہ ۔ چتائي ڏني آهي. هن جو سياسي خواب پاش پاش ٿي ويو آهي. هن غيب دانيءَ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ ماضيءَ ڏانهن هن جو رَوَيو بدلجي ويو آهي. هن جو آرٽ جي پورنتا جو آدرش نيارو آهي ۽ حواس جو مونجهارو ۽ الجهاءُ. جو هن جي شاعريءَ مان چشمي وانگر اڀڙڪا ڏئي رهيو آهي. ان سڀ جو اثر مانٽيل (Montale) [3] ۽ ڊئلان ٿامس (Dylon Thomas) [4] تي بہ ٿيو ۽ انهن نوجوان شاعرن تي بہ ٿيو جي پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ لکي رهيا هئا. پر 1857ع کان

---

[1] ايڊٿ ستويل (1887ع ـ1964ع): انگريز شاعر ۽ اديبا.

[2] وٺليس استيونس (1879ع ـ 1955ع): آمريڪي شاعر.

[3] مانيٽل (1896ع ـ 1981ع): ويهين صديءَ جو وڏي ۾ وڏو اطالوي شاعر. جنهن کي 1981ع ۾ ادب لاءِ نوبل پرائيز مليو.

[4] ڊئلان ٿامس (1914ع ـ 1953ع) ويلس ۾ ڄايل شاعر ۽ نثر نويس.

پوءِ جڏهن گناهہ جا گل لکيو ويو شاعريءَ ۾ بہ انقلابي تبديليون آيون. بودليئر جي شاعري گهاڙيٽي ۽ شبدڀنڊار جي لحاظ کان روايتي هئي. هن جا نثري نظم سنگيت مئہ نثر کان اڳتي نتا وڃن. جو اڳيئي ڊي ڪُئنسيءَ[1] ۽ ايڊگر ايلن پو.[2] لکي چُڪا هئا. انگلينڊ ۾ شاعريءَ ۾ اهڙي عبارت جي گهر ڪئي وئي، جيڪا عوامي ٻوليءَ ۽ ڳالهہ ٻولهہ جي ويجهي هجي. ورڊسورٿ[3] ان جي حمايت ڪئي، پر اهڙي لکي نہ سگهيو. بائرن[4] گهٽو ڪري اهڙي ٻولي لکي پر اُن جي حمايت نہ ڪئي. ٽيني سن[5] ۽ آرنولڊ[6] پيڪيدار ۽ فلڪ واري عبارت ڏانهن موٽ ڪاڏي ۽ برائوننگ[7] جيتوڻيڪ پنهنجي ذريعي اظهار جا طريقا اڳتي وڌائڻ چاهيا ٿي، پر اليزبيٿ جي دؤر کان وٺي نظمِ معرا جي هير هنن جي آڏو آئي. پهريون شاعر جنهن روايت جي هئيت، ترنم ۽ زبان سان ناتو ٽوڙيو اهو والٽ وٽمئن[8] هو. جنهن جي آزاد رويءَ پنهنجي همعصر شاعرن کي، بودليئر کان پوءِ سيني کان وڌيڪ ڪشش ڪئي.

وِٽمئن جي مخصوص عبارت هئي:

”صدين لاءِ اڳيان مثال اهڙو مواد ڪٺو ڪندا رهيا آهن، جنهن کي دڳ لاتو نہ ويو آهي. آمريڪا ماڙا آندا آهن ۽ پنهنجو ڍنگ آندو آهي، ايشيا ۽ يورپ جي اَمر شاعرن پنهنجو ڪارج ڪيو آهي ۽ ٻي جهان ڏانهن هليا ويا آهن. پر ڪارج اجان رهيل آهي، جو سيني جي ڪاريہ کي پنتي ڇڏي وڃي ٿو.“

وٽمئن کي روشن انڌيرن ۽ تضادن سان نہ پوندي هئي ۽ هو انهيءَ

---

[1] ڊي ڪُئنسي ٿامس: انگريزي ٻوليءَ جو نثر نويس، جنهن جو مشهور ڪتاب ”آفيميءَ جي باس“ (Confession of an opium eative) آهي. (1759ع ـ 1785ع).

[2] ايڊ گرالن پو، آمريڪي مشهور شاعر، نقاد ۽ ڪهاڻي نويس (1809ع ـ 1859ع).

[3] ورڊسورٿ ـ وليم: انگريزيءَ جو مشهور شاعر (1770ع ـ 1850ع).

[4] بائرن: انگريزيءَ جو مشهور رومانوي ۽ آزادپسند شاعر. (1809ع ـ 1892ع).

[5] ٽيني سن، آلفريڊ: انگريزيءَ جو مشهور شاعر (1809ع ـ 1892ع).

[6] آرنولڊ، ميٿيو: انگريزي شاعر ۽ نقاد (1822ع ـ 1888ع).

[7] برائوننگ، رابرٽ: انگريزي شاعر (1812ع ـ 1889ع).

[8] والٽ وٽمئن: آمريڪي شاعر (1819ع ـ 1892ع).

تاڃي پيٽي کان بيپرواهہ هو جو نہ رڳو فرانس جي شاعرن لاءِ مشعل راهہ هو ۽ جنهن جو 1870ع جي جنگ ۾ هٿ پڇي پيو هو ۽ يورپ جنهن لاءِ اهو هٿ هو جنگين ۽ انقلابن جي تباهيءَ آڏو اچي ڇُڪو هو. رڳو ويهين صديءَ ولاديمير مايا ڪوفسڪي ۽ پبلو نرودا (ٻئي ڪميونسٽ) پيدا ڪيا، جن وٽمئن وانگر پاڻ کي نئين دور جو پيغمبر سمجهو.

لافورگ[1] (Lafourgue) ٿي هڪ سمجهدار سمجهوتو ڪيو آهي. نہ ٿي هن ترنم کي خيرباد ڪئي نہ قافئي کي، پر هن جو ترنم ڪنهن باقاعدي ترتيب جو حصو نہ آهي ۽ ڪنهن وقت رڳو هم آوازيءَ، هم آهنگيءَ ۽ اندروني تجنيس حرفيءَ سان پيدا ڪيو ويو آهي. ان جو مثال ”پؤنر پري آڪاس“ ۾ منهنجو هيٺيون آزاد نظم آهي، جو اڄ کان چاليهارو سال اڳ لکيو ويو هو:

ازل جي پراسرار آڳ
جلائي پئي ۽ وسائي پئي زندگيءَ جا ڏيئا.
ڏيئا ۽ ڏياتيون.
پيون بدلنديون
مگر لاٽ سان واٽ پئي جرڪندي
سدا جوت کي آهہ جاڳ
ازل جي پراسرار آڳ
جلائي پئي ۽ وسائي پئي زندگيءَ جا ڏيئا.

اهو منهنجو پهريون آزاد نظم هو. ان کان پوءِ مون ڪيئي آزاد نظم لکيا آهن. جن ۾ تجنيس حرفي ۽ هم آوازي انهيءَ نظم کان بہ زياده آهي. هم آوازيءَ جو اهو نمونو توڙ تائين منهنجي هر آزاد نظم ۾ آهي.

لافورگ هڪ حساس طنزنگار هو جنهن کي لوڪ گيت، سنگيت، هانديءَ جي نڙ نڙ ۽ شهر جي بازاريءَ بوليءَ لاءِ ڳن رَس هئي ۽ هن پنهنجي پوين نظمن ۾ تکي، تيزُ ۽ نڪتہ پرداز ترنم ريزي پيدا

[1] لافورگ جوليس: (1860ع ـ 1887ع) فرينچ شاعر ۽ نثر نويس.

ڪئي هئي. تي. ايس. ايليٽ پنهنجي مشهور نظم پروفراڪ (Prufrock) ۾ ان جو تتبع ڪيو هو. فرينچ سرئيلسٽ شاعر گيليم اپولي نير[1] (Guillaume Appolinaire) اها ترنم ريزي هن ڪان سال بہ اڳ اپنائي هئي. نرودا ۽ ڊئلان ٿامس (Dylon Thomas) تي بہ هن جو اثر ٿيو. انگريزيءَ ۾ جيرارڊ مئنلي هاپڪنس (Gerad Manley Hopkins)[2] بہ ان ترنم ريزيءَ کي ڪجهہ اڳتي وڌايو ۽ وچئين دور ۾ ائنگلو- سئڪسن (Anglo Saxon) شاعريءَ جي تجنيس حرفيءَ کي استعمال ڪيو. لافورگ آزاد نظم کي ترنم ڏنو ۽ ان ۾ مسلسل اشارا ۽ ڪنايا پيدا ڪيا ۽ ان جو اڏورو زيرو بم هاڻ بہ ايئن من کي موهي ٿو جيئن ان وقت موهيندو هو جڏهن اهو لکيو ويو هو. هن جي شاعري ۾ اهو پل ڦاسايو ويو آهي، جنهن ۾ تجربي جي گهرائي آهي، باقي ان ۾ يا تہ يادگيري آهي يا پيشن گوئي آهي.

منهنجي نظر ۾ ٽي شاعر يورپ ۾ وڏي توجهہ جا مستحق آهن: ازرا پائونڊ،[3] ٽي ايس ايليٽ[4] ۽ هسپانوي شاعر مائڪل دي يونامنو[5] ٽي ايس ايليٽ هر ٻڏتر ۾ آنڌ مانڌ. سوچ ويچار کان پوءِ بہ آخر ۾ يقين سان ڳالهائي ٿو. پر يونامنو ۾ بہ چٽي ماڻهوءَ جا بي چئن ڪنڊڙ شڪ شبها آهن، پر ٻنهي جي من والار تصوف (Mysticism) ڪئي آهي.

آنڌ مانڌ، من جي چيد، اُڻ تڻ، اهنجائي ۽ ستياناسيءَ جو جيڪو دؤر فرانس ۾ بودليئر جي شاعريءَ سان شروع ٿيو اهو ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو سگهجي. پهرين دور ۾ اڌ صدي اچي وڃي ٿي، جڏهن تہ جديد شاعري فرانس تائين محدود هئي ۽ ٻيو دور جو 1908ع کان شروع ٿئي ٿو ۽ ٻين ملڪن جي شاعرن کي بہ لپيٽ ۾ وٺي ٿو. ان کان پوءِ جا

---

[1] اپالونيئر (1880ع - 1918ع) فرينچ شاعر جو پول- اطالوي نسل جو هو.

[2] هاپڪنس: (1844ع - 1889ع) انگريزي شاعر

[3] ازرا پائونڊ: (1885ع - 1972ع) آمريڪا جو شاعر ۽ نقاد.

[4] ٽي ايس ايليٽ: (1888ع - 1965ع) آمريڪي شاعر جو ميسوريءَ ۾ پيدا ٿيو هو. 1920ع ۽ ان کان پوءِ انگريزي ادب تي ڇانيل رهيو.

[5] مائڪل دي يونامنو: (Miquel the unamuno) اسپين جو نويس شاعر ۽ مضمون نگار (1864ع کان 1936ع تائين).

74 سال دنيا لاءِ وڏيڪ اهم آهن. آنڊ مانڊ وارو دور پهريون فرانس ۾ آيو. ان ڳالهہ تي حيرت نٿي اچي. فرانس جو تشدد ۽ نئپولين جي مهم جوئي سبب سياسي زوال آيو هو ۽ واٽر لوءِ کان پوءِ فرانس جو ٽڪ ۽ هيٺائي سمجهي سگهجي ٿي. هڪ تهذيب ۽ اقتدار ۾ طبقي کي مليا ميٽ ڪيو ويو هو. فني ۽ ذوق تي قبضو شهري سماج جي ٿورائيءَ جو ٿي ويو هو جا چڻ دق تپ ۾ مبتلا هئي. آسٽريا ۽ روس ۾ انقلاب لاءِ تياريون ٿي رهيون هيون. انهن جي ساٽي ۽ سُن ۾ آيل سماج جي ڪنهن رهنمائيءَ هيٺ تبديلي مشڪل ٿي لڳي. فرانس جي زوال جو اهو بہ ڪارڻ هو تہ فرانس جي صنعت سازي پنتي رهجي وئي هئي ۽ برٽن. جرمني ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ان ڏس ۾ ڪافي ترقي ڪري ويا هئا. روس ۾ بہ انقلاب ان ڪري آيو ڇو تہ اهو بہ صنعت سازيءَ ۾ پنتي رهيل هو. بودليئر جنهن کي پنهنجي پيشن گوئيءَ تي ناز هو. انهن جنگين ۾ انقلابن جون ڳالهيون ڪري رهيو هو جي ڪنهن وقت اچانڪ زلزلن وانگر اچٽا هئا. هيگو وان هاف مئنٿل ( Hugo Von Hafmansthal) آسٽرو-هنگيرين (Astro_Hungarian) سلطنت جي خاتمي جي اڳڪٿي ڪئي. روس ۾ 1905ع جي ناڪامياب انقلاب کان ڏهہ سال پوءِ. روسي شاعر الگزانڊر بلاڪ[1] بين انقلابين سان گڏ انقلاب جي آجيان ڪئي، جيتوڻيڪ هو ساڳي وقت 1917ع جي شامت کان پوءِ ڏنو هو. انهيءَ ساڳي دؤر ۾ يو ڪي ۾ ٿامس هارڊي[2] قنوطيت پسند ناول لکيا. بلاڪ بہ آئيندي ۾ گهٽ اميد ڏيکاري ۽ چيو تہ ڪائنات ان وقت بهتر هئي، جڏهن ماٺهو ڌرتيءَ تي پيدا نہ ٿيو هو ۽ وري ساڳيءَ حالت ۾ تڏهن ايندي جڏهن ماڻهو اتان کي ٿيندو.

بهرحال ڪجهہ وقت پوءِ ييٽس (Yeats)[3] جهڙي شاعر بہ اڳڪٿيون ڪيون تہ دنيا جي تباهي آوس آهي ۽ بيهر حڪومت الاهي

---

[1] اليگزانڊر بلاڪ (1880ع - 1928ع) سيني روسي رمزيت پسندن کان اهم روسي شاعر.

[2] ٿامس هارڊي: (1840ع - 1928ع) انگريز ناول نويس ۽ شاعر.

[3] ييٽس (William butler Yeates): آئرلينڊ جو شاعر، ناٽڪ نويس، نقاد ۽ ٽئگور جي گيتانجليءَ جو مترجم، 20 صديءَ جو هڪ وڏو قوم پرست (1865ع - 1939ع).

(The Second Comming) اچڻ واري آهي. اهو نہ وساريو وڃي تہ ييٽس ٽئگور جي گيتانجليءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو ۽ جيتوڻيڪ ٽئگور بنيادي طرح آشا وادي هو پر هن جي ڪويتا تي يگ جي نراشا جا پاڇاوان هئا. ييٽس بلاڪ ۽ هارڊيءَ تاريخ کي سورهيائي ۾ آپدا جو اتهاس سمجهيو. نيٺ 1991ع ۾ گورباچوف هٿ سان يو ايس ايس آر ڍاهي ڇڏي، ڇو تہ انسان تي ساندهہ پنجهتر سال اهڙي مسلسل شامت اڳ تاريخ ۾ ڪڏهن بہ نہ آئي هئي.

خاص ڪري جيڪا ادب ۽ آرٽ تي شديد سختي ڪئي وئي، اهڙي ان دور ۾ بہ عام نہ هئي، جڏهن ايراني شاعر رودڪيءَ جون اکيون ڪڍايون ويون هيون يا سرمد جو ڪنڌ اڏيءَ تي ڏنو ويو هو. مختصر طور مون يورپ جي ادب ۽ شاعريءَ جو الميو 1959ع ۾ پڙهيو هو جڏهن جي. ايم. ڪوهان جو ڪتاب ”اسان جي دور جي شاعري“ شايع ٿيو هو. مان گهڻا تفصيل ٽپي رڳو اهو ٿو چوان تہ مون انهيءَ 60 واري ڏهاڪي ۾ ئي ان مايوسيءَ جو ذڪر ڪيو هو جا انقلاب منهنجي دل ۾ پيدا ڪئي هئي، پر پاڪستاني اشتراڪيت سان ويجهڙائيءَ سبب مون ان کي شڪ سان ڏٺو هو ۽ سامراجي پروپئگنڊا کي امڪان کان خارج نہ سمجهيو هو.

ان ۾ تہ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ جڏهن گهڻي گهٽ ٻوسات ٿيندي آهي، ڏمر، ڏاڍ، قرلت ۽ تاني شاهي وڌي ويندي آهي، جڏهن انساني قدر پائمال ڪيا ويندا آهن، جڏهن رياست جا ذريعا حسن، حق ۽ نيڪيءَ جا ڪليل يا ڳجها دشمن هوندا آهن ۽ ڪوڙ عوام تي ايئن مسلط ڪيو ويندو آهي، جيئن جرمن عوام تي گوئبلز[1] ڪيو هو. جڏهن گوئرنگ[2] جهڙا چور آرٽ تي قبضو ڪندا آهن ۽ هٽلر جهڙا ماليخوليا ۾ مبتلا انسان قوم جون واڳون هٿ ۾ جهليندا آهن ۽ جڏهن هر من هيس ۽ هملر جهڙا عقيدتمند آمريت جا هٿيار ٿي ڪم ايندا آهن، تڏهن

---

[1] گوئبلز: هٽلر جو اطلاعات جو وزير.
[2] گوئرنگ: هٽلر جو ثقافتي امور جو وزي

شاعرن کي پنهنجي دور تي ايتري ڪاوڙ ايندي آهي جو هو شاعريءَ کي انسان جي نجات جو ذريعو ڪري ڪم آڻيندا آهن ۽ شاعري مقصد بالذات نہ رهندي آهي. ان ڪري مان يورپ جي عظيم شاعرن استيفن جارج (Stephan George 1868ع - 1933ع) رلڪي (Rilke 1875ع - 1926ع)[1] ۽ پال وئليري (Paul Valery 1844ع -1896ع). انهن يورپ جي ٽنهي عظيم شاعرن کي ۽ اسپين جي ان دور جي شاعرن جمنيز (Jimnez) ۽ ان جا ٻيا ڪيترائي ذڪر جي قابل همعصر شاعر ڇڏي ۽ ٽي ايس ايلٽ جي Waste Land وغيره کي اورانگهي اچان ٿو يورپ ۾ تشدد جي دور ۾ نازي ازم ۽ فاشزم جي ايار کان پوءِ يورپ ۾ مزاحمتي شاعريءَ تي، ڇو تہ اڄ ڪلهہ گهڻو ڪري سنڌي شاعري مزاحمتي شاعري آهي:

يورپ ۾ اِن اُيار کان اڳ ۾ روس ۾ انقلاب جي شاعري ان دور لاءِ ڪافي اتساهيندڙ هئي. مايا ڪوفسڪيءَ چيو هو:

تون اهو ڪيئن سمجهي سگهندين
تہ مان ايتري آرام سان
وِڄ تي ٿو کلي سگهان!
۽ پنهنجو روح خونچي ۾ ڪٽي ٿو اچان
وهامندڙ ورهين جي جيڄ لاءِ،
۽ (اچان ٿو) پنهنجا اڪيارتا*
لڙڪ ڦوهاري وانگر وهائي،
چوواٽن[2] جي اڻ ڪوڙيل ڳلن تي،
مان
شايد
پويون شاعر آهيان.

---

[1] گني سامتاٽيءَ مون کي بمبئيءَ ۾ ٻڌايو هو تہ هن جي نالي جو اچار رِلڪي نہ پر رِلڪِ آهي
* اڪيارتا: اجايا، بيڪار
[2] اڻ- ڪوڙيل ڳلن تي: جتي ٻوڙا ۽ گل بيٺا هجن

ساڳي خود اعتماديءَ سان مايا ڪوفسڪيءَ بي هنڌ چيو:

جيڪڏهن مان ايترو ننڍو هجان
جيترو وڏو سمنڊ آهي،
تہ مان لهرن تي پيرن مٿان ڪڙو تي بيهان
۽ چنڊ کي پنهنجي جواريائتا سان
لاڏ ڪوڏ ڪرايان،
تون مون لاءِ
منهنجي لائق
محبوبا ڪٿان آڻيندين؟

اهو هو شاعر جي پنهنجي دماغ جو خلل (Paranoi)، جنهن هن کي انقلاب لاءِ زار شاهيءَ، فاشزم ۽ نازي ازم سان ٽڪرايو. ساڳي ماليخوليا اوهان کي جوش مليح آباديءَ ۾ ملندي، جنهن کي نهرو تہ وڏو ماڻهو سمجهندو هو پر جنهن جي لاف زنيءَ تي انگريز سرڪار ڪوئي ڌيان نہ ڏنو. جڏهن فيض جو غزل اقبال بانو ڳائي ٿي:

ہم دیکھیں گے ہم دیکھیں گے

تہ انهن ڪميونسٽ شاعرن جا خواب پيرن وٽ ڪرچيون ڪرچيون ٿي پکڙجي وڃن ٿا. چو تہ هاڻي جيڪي اسان بين الاقوامي سياست ۾ ڏٺو آهي، اهو غالب جي غزل وانگر اطلاع آهي:

اے تازہ واردان بساط ہوائے دل
ز نہار گر تمہیں ہوَسِ نا وو نوش ہے

(اي من ۾ اچا جي وچاٽي تي ويجهڙائيءَ ۾ پهتل پانڌيو! مٿان وڏيڪ کيپ لاءِ پاڻ کوهيو!)

مايا ڪوفسڪيءَ خود بہ ان لاءِ چيو هو:
سلهہ وتل اُتساهہ
جنهن کي پوسٽر جو (پت تي چپڪائڻ وقت)
گهرو آواز آهي."

پر پوءِ بہ انقلاب جو نشو هن تان لهي نٿي لٿو:

” جڏهن دل ڪائي ست لڪائي ٿي
تہ اها چڻ هڪ غلام استيج تي موڪلي ٿي
۽ آرٽ جو خاتمو ٿي وڃي ٿو ۽ اچي ٿي
ڏرتيءَ ۽ تقدير جي خوشبو.“

يو. ايس. ايس. آر ۾ انهيءَ ڏرتيءَ ۽ تقدير جي خوشبوءِ گذريل پنجهتر سالن ۾ شاعريءَ کي نهوڙي نيو. جي پڻائي، نادر شاهہ جي خلاف وڙهندي ماريو وڃي ها تہ اسان کي هن جا هڏا بہ نہ ملن ها. پٺ تي ويهي، سنڌ ۾ ساري ڪائنات جي باري ۾ پڻائيءَ جي اها سوچ ويچار ئي هو جنهن اهڙي امر شاعري خلقي جا اسان کي اڄا اتساهي رهي آهي. مون ليوناردو ڊاونچيءَ جي ڊائرين ۾ هڪ هنڌ چار صفحا ساموندي حياتيءَ تي پڙهيا هئا، جي هن مڇين جي هلت چلت جي باري ۾ لکيا هئا ۽ چار سٽون ان حاڪم جي باري ۾ لکيون هيون، جو ان ڏينهن ماريو ويو هو ۽ جنهن جي سورنهن سالن کان ليوناردو ملازمت ڪئي هئي. ساڳيءَ طرح امير خسرو ائين سلطانن جي ملازمت ڪئي ۽ اٺ ئي ماريا ويا. انهن مان رڳو هن سلطان محمد تي هڪ رقت انگيز مرثيو لکيو هو. جنهن سان هن جي دلي وابستگي هئي ۽ جنهن سان گڏجي هو انهيءَ جنگ ۾ وڙهيو هو جنهن ۾ سلطان محمد شهيد ٿيو هو. هونءَ خسرو سلطان نظام الدين اولياءَ جي خدمت ۾ هوندو هو ۽ سلطنت ۽ آپيشاهيءَ، مان ۽ مرتبي تي لت هنئي هئائين. هڪ شاعر جي جهوليءَ ۾ساري ڪائنات آهي ۽ اها هن جي حماقت ٿيندي جي هو ڪنهن پارٽي يا فرد جي ڪڍ لڳي، جنهن کي فقط پنهنجي پذيرائيءَ ۽ اقتدار جو هوس آهي، پر عوام جي ساراهہ، واهہ واهہ ۽ سو بوتلن جي نشي ۽ ڪڏهن ڪاوڙ ۾ پاڻ کي ناس ڪرڻ يا ويريءَ کي ناس ڪرڻ جو جذبو شاعر کي انهيءَ مزاحمت جي جهنم ۾ ڌڪي ٿو جتي هن جي شاعري جلي رک ٿي وڃي ٿي ۽ هو انهيءَ هُش ۾ خوش آهي تہ هن

پيڙ ڀاريو آهي. دراصل شاعري، جي اها واقعي شاعري آهي يا اهو آرٽ، جي واقعي آرٽ آهي تہ زماني جي تباهہ ڪارين جو بخوبيءَ مقابلو ڪري ويندو ۽ جڏهن شاعر جي شاعريءَ جو آتش ۾ آهن وارو دور گذري ويندو، تڏهن هن جو فن پنهنجي پوريءَ تابندگيءَ سان اڀري ايندو.

ڇا غالب، جي غدر ۾ وڙهندي مري ها تہ هاڻي ڪان وڏو شاعر هجي ها؟ انسانذات لاءِ اها ئي ڳالهہ غنيمت آهي تہ هو ان ڪي ديوانِ غالب ڏئي ويو. بهادر شاهہ ظفر جي پٽن جون گردنون خاڪ ۾ ملي ويون. انهن جو نالو نشان نہ آهي، اهي سپاهي جي ميرٺ مان دلي فتح ڪرڻ نڪتا هئا، انهن جي مٽيءَ ڪي هوائون اڏائي ويون ۽ گهٽائن ڌوئي ڇڏيو. تاريخ اڳتي نڪري آئي، آزاديءَ جي فانوسي تي ڪيئي پروانا جلي ويا، اها جدوجهد جائز بہ هئي ۽ هر ماڻهوءَ ڪي جنهن تي قوم جو قرض هو ان ۾ ٽپي پوڻو هو پر جي غالب بہ ان ۾ ٽپي پوي ها تہ هن جي ڪري انگريزن مان آزادي ملي ها ڇا؟ رڳو دنيا ديوان غالب ڪان وانجهي هجي ها. اها ڳالهہ توجهہ جي قابل آهي تہ ظفر جي پٽن جي شهادت ۽ ظفر جي رنگون ۾ قيد ۽ موت تي غالب ڪو بہ مرثيو ڪو نہ لکيو هو. غالب زندگيءَ ۾ قوم جو قرض ان ڪي پنهنجو پائينده آرٽ ڏئي موڪيو.

پر مان اوهان تي اهو مسلط نٿو ڪريان تہ اوهان مزاحمتي شاعري نہ ڪريو. جي اوهان پنهنجا هڏ انهيءَ دونهين دُکائڻ لاءِ ضروري ٿا سمجهو جا اوهان جي ديس ڪي گهرجي تہ اها اوهان جي مرضي، جي اوهان ڪي پنهنجيءَ زندگيءَ سان گڏ پنهنجي شاعريءَ ڪي بہ ٽئنڪ جي ناليءَ جو ڪاج ڪرڻو آهي تہ ڪوئي ڇا ٿو چئي سگهي! ممڪن آهي اها مزاحمت ڪندي اوهان بچي وڃو تہ اوهان جي شاعري باهہ جي لهس ڪائي ڪندن ٿي نڪري، پر شاعر يا آرٽسٽ لاءِ اها وابستگي ضروري نہ آهي. مائيڪل اينجلو[1] ۽ ريفل[2] دنيا ڪي زندهہ

---

[1] مائيڪل اينجيلو (1475ع ـ 1564ع) اطالوي صنم ساز، مصور، معمار، ڊرافٽس مئن (Drafts Man) ۽ شاعر. رينيسانس جي دور ۾ يورپ جي عظيم شخصيتن مان.

جاويد آرٽ ڏئي سگهيا، پر هنن ڪنهن بہ اقتدار ۾ قوت سان ٽڪر نہ کاڌو. ريپن (Repin) جو روس جي هڪ پارٽيءَ سان واڳيل هو انهن جي پيٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي. هسپانوي مصور گويا (Goya)[1] ۾ عظيم مصوري بہ ۽ پنهنجي سماج تي طنز بہ هئي. جيتوڻيڪ مان نٿو ٻانيان تہ هسپانوي حڪومت هن سان وچڙي هئي. گوئٽي[2] شيڪسپيئر ۽ پشڪن جو ڪنهن بہ حاڪم يا ناظم سان واسطو نہ هو. اٽليءَ جو عظيم شاعر ليوپاردي، گئريبالڊيءَ جو يار بہ هو ۽ قومي تحريڪ ۾ بہ سرگرم هو. شيلي، بائرن، لرمنتوف[3] جي رومانيت حسن ۽ حق سان واڳيل تہ هئي، پر اهي ڪنهن بہ سياسي تنظيم سان واڳيل نہ هئا. سارتر ۽ سمون دي بوار[4] جيڪي وجودي چناوَ جي فلسفي جا وڏا ٿنڀا، ٿوڻيون هئا، ڪميونسٽ پارٽيءَ جا حمايتي هئا، جي آسمان ۽ ڪاميو[5] هنن سان گڏبو هوندو تہ هنن کي ٻريان سلام ڪندو ويندو هوندو ۽ چوندو هو:

"آخر اهو وجودي چُناءُ ڪوڙهہ لاءِ ئي تہ هو
پنهنجي وجود جي ستياناسيءَ لاءِ ئي تہ هو."

شولو خوف[6] جي روسي نثر کي امرتا آهي، پر هن جي نقطہ نگاهہ تاريخ واهيات ثابت ڪئي آهي. ڇا ڪروڙين ڪسان ان لاءِ ڪوس ڪرايا ويا هئا تہ هڪ خوني اشتراڪي نظام قائم ڪيو وڃي؟ ووزني

[2] ريفل (1746ع ـ 1828ع) اطالوي مصور ۽ معمار جنهن جون تخليقون رينيسانس جي دور جي زينت آهن

[1] گويا (1846ع ـ 1828ع): هسپانوي مصور ۽ عين بين تصوير ڪيندڙ.

[2] گوئٽي (1746ع ـ 1832ع) المانوي شاعر، ناول نويس، ڊرامانگار ۽ فطري فلسفي، اول درجي جو اديب

[3] لرمنتوف (1814ع ـ 1841ع): ررسي رومانيت پسند شاعر جو ڪوهہ قاف ۾ مقابلو ڪندي ماريو ويو هو

[4] سمون دي بوار (1908ع ـ 1986ع) سارتري جي ري نڪاحي زال، ناول نگار، يورپ جي مشهور اديبہ ۽ نفسيات جي ماهر

[5] ڪاميو (1913ع ـ 1960ع) فرينچ ناول نگار، ڊراما نويس، مضمون نگار ۽ صحافي.

[6] شولو خوف (1905ع ـ 1984ع): روس جو مشهور ناول نويس

سينيسڪي[1] ۽ ايوتوشينڪو[2] ڪميونسٽ پارٽيءَ جا جميل الدين عالي ۽ احمد نديم قاسمي آهن ۽ هو سرڪار تي ٺوري تنقيد ڪندي به اشتراڪي نقطئہ نگاهہ جا حامي آهن.

آندري مالرو پهرين اسپين ۾ مزاحمتي تحريڪ ۾ شامل هو چين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان گڏ هو نازي والار جي خلاف ڊيگال سان گڏ مزاحمت ۾ شريڪ هو ۽ جڏهن ڊيگال اقتدار ۾ آيو تہ هن جو ڪلچرل منسٽر هو. ريگي ڊيبري (Regis Debre) چي گويرا سان بوليويا ۾ شامل هويا نہ پر هن کي ان الزام هيٺ بوليويا جي سرڪار ويهہ سال ٽيپ ڏني هئي، جا فرينچ سرڪار جي دخل ڪري گهٽائي ڇهہ ست سال ڪئي وئي. رهائيءَ کان پوءِ هن جيڪو ناول لکيو ان ۾ هن چي گويرا جي مهم کي اجايو ثابت ڪيو.

ڪنهن شاعر لاءِ حڪم صادر نٿو ڪري سگهجي تہ هيئن ڪري يا هونءَ ڪري، پر ايڏين جنگين ۽ خونريزين جي باوجود جي ڪنهن شيءِ انسان کي بچايو آهي تہ اهو آرٽ ۽ ادب آهي. سنڌ اڳ بہ پٺائي جي شاعريءَ ڪري بچي وئي ۽ هاڻي بہ ان جون ادبي تخليقون ان جي ثقافتي پابندگيءَ جي ضمانت آهن. سنڌ جا ڪجهہ نقاد منهنجي اڳين مزاحمتي شاعري منهنجي خلاف مثال ڪري پيش ٿا ڪن.

هو اهو نٿا سمجهن تہ ان وقت يو. ايس. ايس. آر آمريڪا جي مقابلي جهڙي قوت هئي ۽ اهي حقيقتون يقين سان منظر عام تي نہ آيون هيون تہ اها هڪ وحشي ۽ درندگيءَ تي ٻڌل نظام تي هلي رهي آهي ۽ دنيا جي بدترين آمريت آهي، جنهن کي ڏسي جنرل فرانڪو ۽ صدر پنوشي بہ ڪن پڪڙن ها. يو. ايس. ايس. آر ۾ خاص ڪري آرٽ ۽ ادب جي ستياناسي تڏهن ظاهر ٿي، جڏهن 1988ع ۽ 1989ع ۾ ڪجهہ تصويرون، شعر ۽ ناول "سوويت ادب" رسالي ۾ ڇاپيا ويا جي اڳ بندش هيٺ ها. ذاتي طرح هتان جا ڪميونسٽ منهنجا دوست

---

[1] ووزني سينيسڪي: روس جو مشهور زنده شاعر.
[2] ايوتو شينڪو: روس جو مشهور زندهہ شاعر

آهن پر ڪنهن ڪنهن ڪميونسٽ ۾، اڄ به جڏهن هو اقتدار ۾ نه آهي، مان رهزنيءَ ۽ بي رحميءَ، ڇل، ڊوهه ۽ ٺڳيءَ جون نشانيون ڏسي چڪو آهيان. جا هن مان تڏهن ظاهر ظهور پڌري ٿيندي جڏهن ۽ جيڪڏهن هو ڪنهن وقت اقتدار ۾ آيو. ان جي برعڪس فيض احمد فيض ڪميونسٽ هو پر ذاتي طور شريف ماڻهو هو نه ته پاڪستان ۾ ڪجهه ڪميونسٽ ته ڪاڪڙ ڪوڪڙ ماڻهو آهن. جي ذاتي زندگيءَ ۾ مرُ ۽ ٻُهرُ آهن ۽ هنن جو اندر ٻاهر ميرو گڇيرو ۽ ڌوڙ پيڪليو آهي. چوئيتاليهن سالن کان هو بي مهت رهيا آهن ۽ پٽ سان مٿو هڻندا رهيا آهن. هيل تائين هنن جي زندگي وئڙث وئي آهي ۽ هاڻي دير ٿي وئي آهي، جو هو نڪته نظر بدلائي سگهن. گهڙامنجي ٽٽي پوندي آهي ته گهڙا ڇيهون ڇيهون ٿي ويندا آهن.

مان چاهيان ٿو ته سنڌ ماضيءَ جو نظرياتي طوق لاهي، پنهنجي راهه تلاش ڪري ته ان ۾ ان جي نجات آهي، پر جي ان کي پراڻا پيڪڙا پيا هوندا ته اها سڌو دڳ وٺي نه سگهندي. اهي پيڪڙا ته اشتراڪي دنيا جي اڪثريتي حصي لاهي ڇڏيا آهن. اسان ڇو انهن کي پيرن ۾ وجهي پير ڪڙيءَ جي چابي پري اڇلائي ڇڏي آهي؟ هندستاني ڪميونسٽن کي ايئن ڪرڻ لاءِ ڪجهه ته جواز آهي، ڇو ته ڪيرالا ۽ اولهه بنگال ۾ ڪيمونسٽ حڪومت آهي، جا هنن جمهوري چونڊ جي ذريعي ورتي آهي ۽ لوڪ سڀا ۾ هنن جا ڪافي چونڊيل ميمبر آهن. اتي به ان ڳالهه تي سوچ ويچار ٿي رهيو آهي ته ڪميونزم جو نظريو ڪيتري حد تائين اپنائي ٿو سگهجي. پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳين سيڪريٽري جنرل ڄام ساقيءَ ته تصوف کي اپنايو آهي ۽ صوفين جي درگاهن تي حاضريءَ جو پروگرام ٺاهيو آهي. دراصل جمهوريت جو صحيح بنياد به اهو آهي، جيڪو صوفي چون ٿا يعني:

الله آدمي بن آيا

(Man is born in the Image of the divine)

۽ ان طرح انسان جي برابري تسليم ڪئي وئي آهي، جا ڳالهه ئي جمهوريت جي جڙ آهي. اها ڳالهه نہ رڳو جي ايم سيد چوندو آيو آهي، پر آءٌ بہ چوندو آيو آهيان. مير ٽيپو جو نرم مزاج ۽ شريف النفس دانشور آهي، اهو يو. ايس. ايس. آر جي ٽالان والان ٽيڙ مان ڪافي سبق سکيو آهي. منهنجو هڪ پيو پراڻو دوست، جنهن کي ڪوٽي ڏسجي تہ گانڌي وادي آهي ۽ پاهران ڏِک چيڪا (Checka)[1] جي چيف زرزينسڪيءَ جهڙي ڏيندو آهي، اهو پڏتر. مونجهاري ۽ گومگو واريءَ ڪيفيت ۾ آهي ۽ ان لاءِ پيچ ڊوڙ ڪري رهيو آهي تہ پراڻا ساٿي ڪنهن چپر چني هينان ڪنا ڪري، جيئن اهي ريلي ۾ وهي نہ وڃن. هو هڪ بنيادي حقيقت سمجهي نہ سگهيو آهي. پڏل پيڙيءَ جي اڏيري لال ٽيڙ بدران نئين پيڙي چو نہ ناهجي. تيستائين صبر چو نہ ڪجي، جيستائين اسان حالات جو صحيح تجزيو ڪري سگهون ۽ سمجهي سگهون تہ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي. پر ان کان پوءِ بہ شاعر آزاد آهي، هن کي وٺي تہ سياست جو دُمُ ڇلو ٿئي يا نہ، ڪنهن جو فريق ٿئي يا پنهنجي آرٽ جي دنيا وسائي ۽ سياسي ڪاروبار ۽ اُن تي عرق ريزيءَ کي سياست لاءِ ڇڏي ڏئي. پنهنجي ڪاوڙ کي پنهنجي فن ۾ بدلائي، سارا ڏينهن وانگ گوگ وانگر جاکوڙ ڪري تہ هو سورج مکيءَ جي گل ۾ اها قوت ڏسي سگهي، جا انسان جي نظر کان بعيد هن ڪائنات ۾ بجليءَ جيئن ڊوڙي رهي آهي ۽ پنهنجي فن سان صدين کي سورج مکيءَ جي گيت وانگر گونجائي ڇڏي.

هاڻي اچان ٿو مان ٻي جنگ عظيم ۽ ان کان پوءِ جي مزاحمتي شاعريءَ تي. تيهين ڏهاڪي ۾ فاشي آمريت ويمر ريپبلڪ جي مرڻ ڪنڌيءَ ۽ ٽٽان پٽان ادب کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ اشتراڪي آمريت (جنهن ۾ ۽ فاشزم ۾ ايم اين راءِ ڪو بہ فرق نہ سمجهندو هو ۽ تاريخ هن جي سوچ کي صحيح ثابت ڪيو آهي) روسي اديبن جي اها آزادي بہ کسي ورتي جا هنن کي لينن جي دور ۾ ڪي قدر نصيب هئي. مايا

[1] چيڪا: ڪي جي بيءَ جي پيش رو روس جي خفيہ پوليس

ڪو فسڪيءَ وانگر. جنهن جي ذهانت جهل نٿي ڏني، ان کي پارٽيءَ جا اهي سربراهہ برداشت نٿي ڪري سگهيا. اشاعت گهرن جون واڳون جن جي وس ۾ هيون ۽ جي ثقافتي پاليسي ناهيندا هئا. ها، پاسترناڪ تي مارڪسواد جو ڪو بہ اثر ڪو نہ هو ۽ هو فقط روسي رياست کان پاسيرو رهي، پنهنجي ڪم ۾ مصروف هو.

جمهوري ملڪن ۾ ڊنل عوامي عيوضي بہ حماقتون ڪري وينا ۽ جيمس جئائس (James Joyce)[1] جي ناول "يولي سيز" (Ulysses) ۽ ڊي ايچ لارينس[2] جي ناول "ليڊي چيٽرلي جي عاشق" (Lady chatterley's lover) تي بندش وڌائون. جيتوڻيڪ اتي دانشورن جي آزاديءَ تي حملو جتاءُ ڪري نہ سگهيو پر اسپين ۾ جتي جمهوريت فرينچ انقلاب کان پوءِ، پهريون ڀيرو ادب کي پالي پوسي رهي هئي، اتي ٻاهرينءَ مدد سان فاشزم اقتدار ۾ اچي اديبن جي نڙگهٽ تي ننهن ڏيڻ لڳي جيئن نتيجي ۾ يا اديب خاموش ٿي وڃن ۽ پنهنجي اظهار جي آزادي وڃائي ويهن يا اسپين جي ريپبلڪ جي شرط شروط ڪانسواءِ حمايت ڪن (ساڳي خاموشي مون نہ ڪئي هئي، جڏهن ڀوُنر پري آڪاس"، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" تي مغربي پاڪستان جي حڪومت بندش وڌي هئي.)

يورپ جي ڪيترن ئي اهم اديبن کي اسپين جو الڪو ٿي پيو هو. اسپين جي جنگ جا اِشارا ۽ ان مان نڪتل انومان، اديبن تي اهڙي ريت هئا. جو ڪين ٿوري وقت کان پوءِ ٻي جنگ عظيم جا ادب لاءِ آپسوڻ ۽ اگرا نتيجا چٽا نظر آيا هئا. جنرلن جي سازش اسپين تي ان وقت آفت وانگر نازل ٿي، جنهن وقت اسپين جي شاعري سترنهينءَ صديءَ کان پوءِ پنهنجي چوٽَ تي رسي چُڪي هئي (جيئن سنڌ ۾ ٿي) ميڪادو (Machado) جمنيز (Jimnez)، گيولين (Guillen)[3] ۽

[1] جيمس جئائس (1882ع ـ 1941ع): آئرلينڊ جو ناول نويس ۽ شاعر
[2] ڊي ايچ لارينس (1885ع ـ 1930ع): انگريز ناول نويس، شاعر ۽ نقاد
[3] مڪادو (1875ع ـ 1939ع) هسپانوي شاعر.

اليگزانڊر نئين ٿيءَ جا هئا. پر اسپين جي شاعرن ۾ سڀني کان اهم لورڪا ۽ ريفل آلبرٽي[1] هئا. ٻيا ٻه پنج ڇهه نامر ڪنيا شاعر هئا، جن کي ريپبلڪ جي شڪست کان پوءِ اسپين ڇڏڻي پئي. فرانڪو ان ڏرتيءَ تي پنهنجي هوائي جهاز مان لٿو جنهن تي رنگا رنگ گل ٽڙيل هئا، جڏنهن هن اسپين فتح ڪئي ته ڪجهه اديب، جي اجان اُتي رهيل هئا، انهن تي خاموشي مسلط ڪئي وئي. باقي ٻيا اديب يا ته ماريا ويا هئا يا قيد ڪيا ويا هئا يا يونائيٽيڊ اسٽيٽس، ميڪسيڪو آرجنٽينا يا برٽن ڀڄي ويا هئا.

رجعت جي قوتن ڀهرين لورڪا کي ڪُنو (جيئن ننڍي ڪنڊ ۾ داراشڪوه کي ڪنو ويو هو) لورڪا سياسي شاعر نه هو. هن جي شاعريءَ تي سياست جو ڪو به پاڇائون نه آهي، پر هن کي اسپين جي گورنمينٽ ناٽڪ پيش ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. جيتوڻيڪ هن جي تخليقن کي مدعا ۽ ميلان جو پيچ وتاب هو. هو به مزاحمت ڪندڙ شاعرن مان هو. ڇو جو هن جي عوامي تهذيب تي نڪته نگاهه حڪومت کي پسند نه هئي. اندلس جي رڳو هڪ پراچين ڪُنڊ هن لاءِ معنيٰ رکندي هئي، جتي جپسي رهندا هئا ۽ جن پنهنجا گيت ۽ ناچ اجان زنده رکيا هئا ۽ جي فرانڪو جي سول گارڊ کان مختلف طبيعت جا هئا. سِول گارڊ جا روح اهڙا هئا، جهڙا روغني چمڙي مان ناهيل جوتا هجن. (منهنجي شاعريءَ ۾ به ترين سان ساڳي محبت آهي ۽ منهنجا مخالف سردار علي شاهه، رشيد احمد لاشاري ۽ شيخ راز وغيره به جڻ پاڪستاني سول گارڊ هئا) جڏهن لورڪا ڪجهه وقت لاءِ آمريڪا ويو هو، تڏهن هن کي نيويارڪ جا نيگرو به جپسين وانگر لڳا هئا. لورڪا جي شاعريءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ ذڪر موت ۽ چنڊ جو هو. هن جي طلسماتي شاعريءَ کي غرناط جي خانه بدوشن جي گيتن ۽ ناچن

---

جمنيز (1821ع ـ 1988ع: هسپانوي شاعر.

گيولين (1893ع ـ 1984ع): هسپانوي شاعر.

[1] آلبرٽي ريفل (1902ع ۾ ڄائو ۽ اجا تائين جيئرو آهي) هسپانوي شاعر

اُتساهه ڏنو. ڪنهن هنڌ هن لکيو آهي:

”اسپين ئي اهڙو ملڪ آهي، جتي موت قومي تماشو آهي ۽ ڏاند ـ ويڙهه ۾ موت کي ان خاصيت جو پلي ۾ پلو ڏيکاءُ ملي ٿو. ڏاند کي پنهنجو دائرو آهي ۽ ويڙهوءَ کي پنهنجو. ٻنهي دائرن جي وچ ۾ خطري جي نشاني آهي. جا هنن جي ننڍي ناٽڪ جو ڇيهه آهي.“

آلبرٽي وڏو دانشور شاعر آهي ۽ لورڪا وانگر لوڪ گيت جي روايت هن ۾ جان ڦوڪي هئي. هن جي اشاريت به هن جي دور ۾ اقتدار سان پنجوازڻ کان نه رهي:

”بهشت ڏانهن ڪهڙو ڏڳ آهي؟ سوال کان پوءِ خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي. شهر لاجواب، نديون بي زبان، پهاڙي چوٽيون جن ۾ پڙاڏو نه آهي، سمنڊ گونگا ٿي ويا آهن. ڪنهن کي پتو نه آهي. ماڻهو ڄمي اَڄڙ آهن ۽ پنهنجن ٻُنين جي مُنهن وٽ بيٺا آهن ۽ مون کي ڪو نه ٿا سڃاڻن.“

آلبرٽيءَ جي تصور ۾ ڪٿي ڪٿي پاسترناڪ جي تازگي ملي ٿي. هن پنهنجي روسي همعصر وانگر ڪاري کي ڪارو ڪونيو اَڇي کي اَڇو ۽ ان ۾ ڪائي مين ميک نه رکي. آلبرٽيءَ محسوس ڪيو ته تباهي اچي رهي هئي ۽ هن جي شاعريءَ ۾ مايوسي ۽ لاچاريءَ جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. دنيا پنهنجي بحران ڏانهن وڌي رهي هئي ۽ هن پانير ٿي ته ڌرتي تباهه ٿي ويندي پر پوءِ به هن اميد جي پلئه کي پڪڙي رکيو آهي، اهو تاريخ مان سبق سکيو آهي ته جنهن پل ۾ اَچُ رهان ٿو اهو نامڪمل هوندي به ماضيءَ کان وڌيڪ پيارو ۽ خوبصورت آهي ۽ خاص ڪري ان ئي سبب ڪري ان جي تباهي ان جي پنيان آهي. فاشزم جي دور ۾ شاعريءَ ۾ مزاحمت ايتري ئي ڪافي هئي، پر پوءِ به هن ڪيئي رزميه نظم لکيا ۽ ان کان پوءِ ميڪسيڪو ۽ ويسٽ انڊيز هليو ويو. (مئڊرڊ جي گهيراوَ وقت هن ڪجهه ننڍا نظم لکيا هئا. جن ۾ هن جمهوريت پسندن تي ڏاڍو ترس کاڌو هو. جي ڪيڙن ماڪوڙن وانگر ماريا ٿي ويا) مايا ڪوفسڪيءَ وانگر هن جاتو ٿي ته سفر ۾ جتي

ڪٿي غريب جي امير هٿان لوٽ ڪسوٽ ڏسندو. پهرينءَ جلاوطنيءَ جي تلخيءَ کان پوءِ هن جي طبيعت تي سانت ۽ اداسائي ڇانئجي وئي. ٻي پيري تہ هن تي وڏي شهر جو اجاڙپڻو، خاص ڪري بيونس ايئرس (Buenos Aires)[1] جو هن جي اندر ۾ گهر ڪري ويو پر پوءِ هن اها تهذيب ياد ڪئي هئي جا هو پنتي ڇڏي آيو هو ۽ جنهن کي تباهيءَ جون قوتون وڪوڙي ويون هيون. ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ ڪافي گهرائي ۽ گيرائي آئي ۽ اهو شاعر جنهن اڳ ۾ اُڀرائيءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ساٿ ڏنو هو، تاريخ جي ترتيب ۽ ترڪيب جو چڱيءَ طرح تجزيو ڪري سگهيو. هو پاسترناڪ ۽ چليءَ جي نرودا وانگر پنهنجي دور جو اهم شاعر هو.

فرانس ۾ نازي والار جي خلاف مزاحمتي شاعري ايتري مقبول عام ٿي، جيتري لورڪا جي اسپين جي خانہ جنگيءَ ۾ ٿي هئي. اها اشتهارن جيئن چوري ڇپي ورهائي وئي، عوام ۽ شاعرن ۾ هن هڪ نئون تعلق پيدا ڪيو. انهن شاعرن ۾ اڪثر سوريئلي شاعر هئا، جي ڪميونزم جي اثر هيٺ آچي ويا هئا ۽ انهن ۾ سڀ کان اهم پال اليوار (Paul Eluard) هو. چاليهن واري ڏهاڪي ۾ بہ هن جي شاعري پنهنجي اڳين شاعريءَ سان ناتو نہ ڇنو هو. عشق هن جي شاعريءَ ۾ پهرين ذاتي هو ۽ پوءِ ڪائناتي ٿي ويو ۽ ان جي لپيٽ ۾ اهي سڀئي انسان بہ اچي ويا جيڪي ظلم و ستم جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهيا هئا. اها ڪجهہ فيض واري ڪيفيت هئي، جنهن جو اظهار فيض پنهنجي نظم:

”مجھ سے پہلی سی محبت میرے محبوب نہ مانگ“

۾ ڪيو آهي. اليوار جو ويساهہ سادو سودو هو. ڪميونزم جرمنيءَ جي شڪست کان پوءِ دنيا تي ڇانئجي ويندي ۽ اها ماڻهوءَ جي هر ڏک ڏنج ۽ ايذاءَ اهنج کي ميٽي ڇڏيندي. هندستاني ڪميونسٽ شاعر بہ ساڳي سادگيءَ سان ان ويساهہ جو اظهار ڪندا هئا ۽ چوندا هئا:

---

[1] بيونس ايئريس: آرجينٽينا جي گاديءَ مکيہ بندر آهي. 1980ع ۾ ان جي آدمشماري ڏهہ ملين هئي

گذر بھی جا کہ تیرا انتظار کب سے ہے

اليوار جي 1943ع ۾ لکيل هڪ نظم ۾ ساڳي فريب خوردگي ۽ سادگي آهي، جا دنيا جي ترقي پسند شاعريءَ ۾ آهي. هو چوي ٿو:

”پائرو هي باک اوهان جي آهي
هي باک اوهان جي ڌرتيءَ تي پوئين باک آهي
۽ اوهان ان ۾ ويڙهيل آهيو
هي باک، ڏک جي ڪاهيءَ مٿان،
اوهان لاءِ آهي.
پائرو اسان جي ڪاوڙ اسان جو
چِٽُ من اوهان سان آهي.
اسان هن باک کي امر ڪنداسين،
جا اسان جي ادب ۾ آس نراس جو آئينو آهي.
ڏڪار ڌرتيءَ مان اُپري رهي آهي
۽ پيار لاءِ لڙي رهي آهي.
ڏڪارَئي مٿيءَ ۾ آهي ۽ پيار ڏينهن ڏٺي جو
جرڪي پڄري رهيو آهي ۽ ان کي
ڌرتيءَ ۾ آس آهي.“

هي شاعري فيض احمد فيض جي پائي جي بہ نہ آهي، حبيب جالب جي نعريبازيءَ وانگر آهي. جنهن کي ڪا دوررس نگاهہ نہ آهي. ”باک“ ڪميونزم جو ان معنيٰ ۾ محاورو ٿي ويو جنهن معنيٰ ۾ اهو اڳي ڪڏهن بہ مستعمل نہ ٿيو هو:

یہ وہ سحر تو نہیں جس کی آرزو لے کر
چلے تھے یار کہ مل جائے گی کہیں نہ کہیں۔
فلک کی دشت میں تاروں کی آخری منزل،
کہیں تو ہو گا شبِ سست موج کا ساحل

فيض جو مٿيون نظم نازي جرمنيءَ جي شڪست کان پوءِ نہ لکيو ويو هو ورهاڱي کان پوءِ لکيو ويو هو ۽ ان لاءِ جواز هو پرهئمبرگ جي خلاصي- يونين جي سيڪريٽري جنرل پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو نالو ”رات کان ٻاهر“ ان ڪري رکيو هو جو هو ڪميونزم کي الوداع ڪري چڪو هو. خود منهنجو اردو شعر هو جو مون 1946ع ۾ لکيو هو ۽ منهنجي اردوءَ جي شعري مجموعي ”نيل کنٺھ اور نيم کي پتي“ ۾ شايع ٿي چڪو آهي:

اُلجھنے لگیں مشعلیں آندھیوں سے
سلجھنے لگی کاکُلِ شب رفیقو
مگر جب رفیقو
سحر ہو گئی
زندگی سو گئی
عزمِ خیبر شکن
آہنی جان و تن
موم سے ہو گئے
منزلیں کھو گئیں کارواں سو گئے
اور نوعِ بشر کو یقیں ہو گیا ہے
کہ نورِ سحر تا ابدیوں ہی رخشاں رہے گا
مگر یہ تو دستور روزِ ازل ہے
شب و روز اک دوسرے کا تعاقب کریں گے
رفیقو! نئی مشعلیں ڈھونڈلاؤ
شبِ تیرہ و تار سوئے زمیں پھر پُر افشاں ہوئی ہے۔

شايد ئي اهڙيءَ ريت دنيا جي ٻي ڪنهن شاعر کي انهيءَ دور ۾ ڪميونزم جي خاتمي جو تصور آيو هو.

يورپ ۽ برصغير ۾ اها سياسي سمجھ گھڻو پوءِ آئي. جڏهن اٿليءَ تي اتحادين جا هوائي حملا ٿي رهيا هئا, فاشست پارٽي ٻي همت ٿي

چڪي هئي ۽ ان جي شڪست چٽي نظر اچي رهي هئي، ان وقت اَن گاريٽي (Ungaretti) ايولار وانگر شاعري ڪئي، جنهن ۾ پنهنجو ڏک ۽ ديس جو ڏک مليل جُليل هئا. (فراق گورکپوريءَ اهڙيءَ شاعريءَ کي ”ڪُڇھ غم جانان ڪڇھ غمِ دوران“ چيو آهي) جيڪي اطالوي شاعر ان جنگ ۾ ماريا ويا هئا، شاعري انهن جي خاموش چيخ آهي. اهي انسان ڪنهن آدرش لاءِ نه مئا هئا، پر اٽليءَ جي ٿوري وقت لاءِ ڊپٽيءَ ۽ ٺاٺ لاءِ سر ڏنو هئائون. يوجينو مانٽيل (Eugenio Montale) [1] هٽلر جو بسنت نظم لکيو، جڏهن روم ۾ فيوهرر جي پريڊ ٿي ۽ هن جا حواري نعرا هڻي رهيا هئا ۽ هن ان کي ”چٽيءَ جو ڏينهن“ ڪوٺيو، جنهن موت کي زمهرير جي برف وانگر ڄمائي ڇڏيو هو پر آخر ۾ مانٽيل پنهنجي نظم ۾ اميد ڏيکاري ته آفريڪا جي وادين تي وري باک ڦٽندي جتي اٽليءَ جي فوج کي اڳيئي شڪست ملي رهي هئي. اهي شاعر ڪنهن ڪوڙي حب الوطنيءَ جو شڪار نه هئا ۽ پنهنجي ديس جي هار ۾ ئي دنيا جو نيتارو سمجهي رهيا هئا، ڇو ته ڪنهن وقت انسان جو پنهنجو ديس برائيءَ جو بدترين روپ آهي ۽ ان جي شڪست ۾ ئي انسان ذات جي فتح آهي.

سسلوي ڪُئاسي موڊو (Salvatore Quasimodo) [2] جي سسلي، جا هن جي ننڍپڻ ۾ هن لاءِ پيار جو هندورو هئي، جڏهن فاشزم جي آفت هيٺ آئي، تڏهن هن مزاحمت جي راھ اختيار ڪئي ۽ هن جي شاعري هن کي سياست ۾ ڪاٻي ڌر جو ساٿاري بڻائي ڇڏيو.

هن ڇا نه سٺون لکيون آهن!:

”مان توکي ياد ڏياريان ٿو اهو
پٽ تي ڄڀيون ڪيڏنڙ جر نيم جو گل،

[1] مانٽيل: اطالوي شاعر، جنهن کي 1975ع ۾ ادب لاءِ نوبل پرائيز مليو
[2] ڪئاسي موڊو سسلوي تار (1901ع ـ 1968ع) اطالوي شاعر، جنهن 1959ع ۾ ادب تي نوبل پرائيز حاصل ڪيو •

جنهن تي مشين گن جون تابڙ توڙ
گوليون وسايون ويون هيون.“

يا

”اوهان کي وري بيهر قتل ڪيو ويو آهي.
جيئن اوهانجن پيئرن انهن جانورن کي قتل ڪيو هو
جن کين پهريون ڀيرو ڏنو هو
انهيءَ خون مان ساڳي بوءِ اچي رهي آهي،
جيڪا ان ڏينهن اچي رهي هئي، جڏهن
هڪ ڀاءُ، ٻي ڀاءُ کي چيو هو: [1]
”اچ تہ ٻنيءَ تي هلون“
۽ ڪوئي سياندو وجهندڙ پڙاڏو
اوهان جي ڏينهن کي ڇهنيو پيو آهي.“

اهو نظم آخري بند ۾ مستقبل ۾ اميد تي ڪُتي ٿو:

”اي ٻونيرا! وساري ڇڏيو
اُهي خون جا بادل جي ڌرتي تي اُيريا ها!
پنهنجا پيءُ ڏاڏا وساري ڇڏيو
انهن جي ٻنين تي رڪ وري وئي آهي
۽ ڪارن پکين ۽ ڊوڙئي
انهن جي هيانو کي لتي ڇڏيو آهي.“

اهو اميد جو موضوع ڪُٺاسي موڊ ۾ سچي زندگي رهيو پر ان ۾ پوءِ ايتري گهرائپ نہ هئي جيتري جنگ جي زماني ۾ هئي.

انگليند ۾ مزاحمتي شاعري ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ ڪجهہ شاعرن ڪئي، جن تي نظرياتي مارڪسزم جو اثر هو پر هو آڊن (Auden)[2] کان پنهنجي شاعريءَ کي گهڻو اڳتي وڌائي نہ سگهيا. سي ڊي ليوئس

---

[1] غالباً قابيل ۽ هابيل جي حڪايت ڏانهن اشارو آهي
[2] آڊن (1908ع ـ 1973ع) انگريز ـ آمريڪي شاعر، ناٽڪ نويس ۽ ادبي نقاد

ان دور جا (C.Day Lewis)[1] ۽ لوئي مئڪ نيس (Louios Mac Niece)[2] عمدا ۽ پختا شاعر آهن. جن تي هارڊي (Hardy) ۽ ييٽس (Yeats) جو اثر آهي. آڊن تي ڪجهه روايت جو بہ اثر آهي، پر هن هارڊي، اوون (Owen)[3]، جيرالڊ مئنلي هاپڪنس (Gerard Manley Hopkins) سان گڏ وچولي دور جي شاعرن جي گيتن ۽ لوڪ گيتن مان ڀرپور فائدو ورتو. خاص ڪري ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ آڊن ۾ پنهنجي دور جو عڪس هو. بيڪار، بند ڪارخانا، ڇڏي ڏنل اُجاڙ ڪاٽيون ۽ ڪٽ ڪاڌل ريل جا پٽا. آڊن جو يورپ جي مزاحمتي شاعريءَ سان ايئن ناتو هو جيئن ڊئلان ٿامس (جو انگلينڊ جو اسرارالحق مجاز هو ۽ انت شراب نوشيءَ جو بک ٿيو) جو يورپ جي سريئلي شاعريءَ سان هو. آڊن مٿي ذڪر ڪيل ايولار، آلبرٽيءَ ۽ ڪئاسي موڊو وانگر هو. (جيئن سنڌ ۾ آزاديءَ جي جدوجهد وقت ڪشن چند بيوس، چڪبست ۽ اقبال جي قومي شاعريءَ جو پڙاڏو هو.) پر آڊن جو انقلاب جو تصور عملائتو نہ هو. هن انساني دل جو انقلاب چاهيو ٿي، جو دنيا تي ڦهلجي ويٺو هو. جڏهن پاسترناڪ روسي انقلاب کي هڪ ريل گاڏيءَ سان تشبيهہ ڏني، جنهن جي رفتار هر شيءِ کي ڪک پن وانگر اڏائي ڇڏيو هو تڏهن ان جي پڙهندڙن جاتو ٿي تہ جيتوڻيڪ حالتن ۾ هن ۾ ذهني وٿي هئي، تڏهن بہ هن کي اها رفتار پاڻ سان ڪک پن وانگر اڏائي وڃي رهي هئي. پر آڊن حالتن کي ريتي، پنهنجيءَ جاءِ تي پير کوڙي بيٺو رهيو. شروعات کان وٺي هن ۾ شخصي خدا جو تصور مليو ٿو. خدا، هن جي خيال ۾ پيءُ، ڊاڪٽر ۽ استاد وانگر هو. هن جي اها دعا تہ "سائين! ڪوئي انسان دشمن نہ آهي." ۾ نيم ـ مذهبي استعارا آهن. (ان دور ۾ اسان وٽ علامہ اقبال جي شاعريءَ ۾ ڀريون قومي ۽ پوءِ اسلامي

---

[1] سي ڊي ليوئس (1904ع ـ 1972ع) انگريز ناول نويس، شاعر ۽ نقاد

[2] لوئي مئڪ نيس (1908ع ـ 1923ع) انگريز ـ آئرش شاعر، نقاد ۽ سفر نويس

[3] اوون (1893ع ـ 1918ع) انگريز شاعر ۽ پهرين جنگ جو سپاهي، جنهن جي شاعريءَ جو ٽيهين ڏهاڪي واريءَ شاعريءَ تي ڪافي اثر هو

مزاحمت جو تصور آهي.)

”اسپين 1937ع“آڊن جو مزاحمتي نظم انهيءَ وقت لکيو ويو جنهن وقت اسپين جي آزاديءَ لاءِ شاعري سڏي سنواتي هئي، (جيئن اسان وٽ هاڻي فلسطين ۽ ڪشمير جي باري ۾ لکڻ سولو آهي.) جيتوڻيڪ دنيا ۾ نيڪ ۽ بد جا مسئلا ڪافي پيچيده هئا. مون کي ڪنهن وقت ان تي عجب ايندو آهي تہ مشرق مغرب کان ڇو مرعوب آهي، جيتوڻيڪ مشرق جي جديد شاعري، مزاحمتي شاعريءَ سوڌي مغرب کان گهڻو اڳتي آهي.

آڊن جو هي شعر مثال لاءِ پيش ڪيان ٿو:

”سپاٽي سائيڪل جون شرطون
اونهاري جي سانجهين جو ڳوٺ مان.
پر اج جدوجهد.“

مان پانيان ٿو تہ جنگ کان پوءِ هو نيويارڪ لڏي ويو جتي هن ذري گهٽ گمناميءَ جي زندگي گذاري. مون آڊن جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيا آهن ۽ هن ۾ گهرائيءَ جي ڪمي نظر آئي آهي. منهنجي نظر ۾ هو انگريزي ادب جو ظهور نظر هو جنهن ۾ اشتراڪيت سان ڪؤنس، جذباتيت ۽ آخر ۾ ذاتي زندگيءَ ۾ گمشدگي هئي.

ظهور نظر ملتان جو اردو شاعر، منهنجو دوست هو جنهن کي هن جي موت کان اڳ مون هن سان گڏ سکر اسپتال ۾ مقرر ٿيل ملتان جي هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ سان ڏٺو هو جنهن سان گڏجي هو منهنجي آفيس ۾ آيو هو ۽ پنهنجي رومانوي انداز ۾ ڊاڪٽرياڻيءَ جي دوستي منهنجي سپرد ڪري ويو هو. هن ۾ سيماب صفت طبيعت ۽ اهائي اشتراڪيت جي لغار هئي، جيڪا سن 1947ع ۾ هوندي هئي، جڏهن هو ڪراچي لا ڪاليج پرسان منهنجي لڳ فلئٽ ۾ پنهنجي دوست جاويد قمر سان گڏ رهندو هو ۽ ”يلغار“ ماهوار ڪيندو هو. يورپ جا اڪثر شاعر اسان جي پيٽ ۾ تيچ آهن، پر ڇا ڪجي، هو نانءَ چڙهيا واپاري آهن. مون کي

آڊن جو هڪ نظم ” پهرين سيپٽمبر 1939ع“ وٺبو هو خاص ڪري هينيون سٽون:

”مون ڪي آواز ئي تہ آهي
۽ ويڙهيل سيڙهيل ڪوڙ کي اُکيڙي
ننگو ڪري سگهان ٿو
گهٽيءَ جي موڙ تي ماڻهوءَ جي دماغ ۾
رومانوي ڪوڙ
۽ انهيءَ اقتدار جو ڪوڙ
جنهن جا ماڙا آڪاس کي ڇهن ٿا.
دنيا ۽ رياست جهڙي ڪا شيءِ نہ آهي،
توڙي ڪوئي اڪيلو زندهہ نہ آهي،
بک ڪوئي چناءُ عوام لاءِ نہ ڇڏيو آهي
نہ پوليس لاءِ
اسان کي هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ گهرجي
نہ تہ موت اَوس آهي.“

اهو شعر اڄ جي سائوٿ ايشيا جي باري ۾ ايترو صحيح آهي، جيترو 1939ع جي يورپ جي باري ۾ هو. آڊن جنگ کان پوءِ ڪنهن مسيحي فلسفي کي اختيار ڪيو.

جنگ هلندي جرمنيءَ مان گهڻو ڪري اديب، فلسفي، نفسيات جا ماهر، سائنسدان وغيره ڀڄي ويا هئا ۽ وڃي نسل پرست نازي دانشور بچيا هئا. جي نازي جرمنيءَ ۽ فاشي تحريڪ جي خاتمي کان اڳ ئي تالان والان ٿي ويا هئا. يورپ جي نازي والار ۾ فرانس ۾ شاعرن ڪجهہ ٻڙڪ ٻاقي، نہ تہ گهڻو ڪري شاعر مُئل ماريل هئا. جنگ کان پوءِ روسي شاعر فقط وات جي لباڙ هڻندا هئا ۽ چوڌاري چُپ چانئجي وئي هئي. يورپ ۽ ڪميونسٽ والار جي خلاف جتي ڪٿي شعر بغاوت ڪئي هئي. پر ڪي جي ٻيءَ جي پڄاڻان علي الاعلان گهڻو ڪجهہ چئي نہ ٿي

سگھيا. بهر صورت جو ڪجھ آمريڪا ۾ ڇپيو آهي، اهو ساراهه جوڳو آهي. ان کان پوءِ يهودي والار خلاف فلسطين جي ڀرپور مزاحمتي شاعري ٿي ۽ ان ۾ ڪجھ چڱا شاعر به هئا.

فلسطين ۾ وحدانيت وارا جدا مذهب پيدا ٿيا هئا ۽ انهن جي تهذيب ۽ تاريخ کي اسان وانگر روحاني ۽ دنيوي ورثو آهي. ان ورثي جو تحفظ، جنهن کي اسرائيل تهس نهس ڪرڻ چاهي ٿو فسلطين جي نئين نسل جو آدرش ٿي پيو آهي. ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جي نڪتهءِ نگاهه کي سمجھڻ لاءِ تيار نه آهن. صيهونيت فلسطين جا آثار قديمه مٽائي رهي آهي ۽ چوڌاري ڏَوِنس ۽ ڏانڌلي مچائي اٿائون. هيٺي کي جڏهن سگهه ايندي آهي ته اُن جو اظهار ڏاڍ ۽ ڏمر ۾ ڪندو آهي. جيتوٽيڪ ائفرو-ايشين ادبي تنظيم کي يو-ايس ايس آر جي ٽيڪر هئي، جا سنڌ کي ڪڏهن به نه ملي هئي، فلسطيني ادب ۾ سچ پچ سياسي حالتن تلخي ۽ مزاحمت لاءِ جواز پيدا ڪيو هو. محمود درويش جون چا نه سٽون آهن:

"اسان اوهان کي بيروت مان لکي رهيا آهيون،
اهو ڏيکارڻ لاءِ
ته ڪير ڪنهن جو گهيراءُ ڪري رهيو آهي!"

چا ڪوئي سنڌي انهيءَ سٽ جي تهه تائين پهچڻ جو اَهل آهي؟ مون ته ڏٺو آهي اڪثر سنڌي اديب فلسطين سان پان اسلامزم جي جذبي هيٺ همدردي ٿا ڪن. هونءَ به فلسطيني شاعريءَ ۾ مزاحمت جو اظهار وڏيڪ آهي، ان ۾ شاعري گهٽ آهي. فلسطيني شاعر غُسان زقطان جو هي شعر ڏسو:

"ابا! انهن کي سڏڪرا!
انهن سيني ڳوناٽن کي سڏي وٺ
اَبا! انهن کي چئه ته
جو پنهنجي موت جو عيني شاهد آهي،

اهو ڪڏهن بہ نہ مرندو.“

يا ڪمال ناصر جي نظم جو هي شروعاتي حصو:

”منهنجا پيار
جي تون اسان جي منٽڙي پار ڪي
آغوش ۾ جهليندي
۽ منهنجو انتظار ڪندي
ڪائي خبر ٻڌين
تہ روئجانءِ نہ
چو تہ مان نہ موٽندس،
جڏهن وطن جو سڏ ٿئي
تہ هن ڏک درد جي حياتي جي
قرباني وڏي ڳالهہ نہ آهي.
منهنجا پيار
جي منهنجن رفيقن جي ڊنل اکين ۾
خبر پڙهين،
تہ توکي قسم آهي
تہ تون انهن کي دلجاءِ ڏجانءِ.“

يا ذڪريا محمد جو هي نظم:

”بندوق ۾ فقط هڪ گولي آهي
جيئن دروازي پٺيان موت تاڙ ٻڌي ڏسي سگهي،
۽ پاسيرين ۾ رڳو هڪ ڦقڙ آهي
جيئن ساهہ آهستي ڪجي سگهي
۽ چابي رڳي هڪ آهي،
جيئن پوت پريت اندر واجهہ وجهي سگهن
۽ دل ۾ فقط هڪ شهر آهي

۽ جلاوطني نهايت تلخ ٿيندي آهي
۽ عمر
فقط هڪ عمر آهي
۽ ان ڪري وجود وڏيڪ پوائنتو آهي.“

ڇا هڪ فلسطيني شاعر محمد الاسد جي هي ڪيفيت هڪ سنڌي محب الوطن سمجهي سگهي ٿو جنهن جي قوم بہ تالان والان ٿي وئي آهي؟

”پراڻي دروازي جي اڳيان
ڪيئي وَڻ بيٺا آهن
هڪ عمارت
هڪ ننڍو گُنبذ.
پوڙها ماڻهو سفيد ڪافي پي رهيا آهن
۽ وڻن کي ٽيڪ ڏئي بيٺا آهن
جن جي ڇانوَ چوڌاري ڦهليل آهي.
مان اها خاموشي ڪهڙي نہ چڱيءَ طرح
سمجهي سگهان ٿو
اهي ڪاٺ جون بينچون
۽ پوڙهو ڪافيءَ وڪڻندڙ
ترڇي لاڙي واري دروازي اڳيان ويٺل
اهو ئي ڪارڻ آهي
تہ مان ڪافي پيئندس
انهن ساڳين وڻن جي ڇانوَ،
۽ تُرڪي ڪافيءَ
جي ابديت کي چکي سگهندس.“

ڇا سنڌي سمجهي سگهن ٿا تہ انهن جي اوباڙيل بِهن، کُنيين ۽ بوراڻين کي بہ ساڳي ابديت آهي، جنهن کي حافظي تان متاثر ناممڪن آهي!

ڇا جلاوطني زبان کان سواد ڇني سگهي ٿي؟ ڇا قلم انهيءَ گهوڙي وانگر نہ آهي، جو هر تاٽيل واڳ ڇني، پنهنجي تيز رفتاريءَ ۾ ڪمي نہ ٿو آڻي، پوءِ پلي تہ ايئن ڪندي هن جا چپ چيرجي پون! مان انهن سنڌي شاعرن کان پڇان ٿو جي ڇاڇر ۾ ڇيرون هڻندا آهن تہ هو جڏهن فلسطين تي نظم لکن ٿا تہ هو هڪ فلسطيني جلاوطن جي ڪَل ۾ پيهي سگهن ٿا؟ ڇا هنن ٻي ڏر جي باري ۾ بہ ڪجھ پڙهيو آهي؟ ڇا هو اها جسماني ۽ روحاني اذيت سمجهي سگهن ٿا. جا صدين جا پوگرام (Pogram) ڏئي چڪا آهن؟ ماڻهو ڏرين ۾ ورهائجي ويا آهن؟ آهي ڪوئي عيسيٰ، ٽالسٽاءِ يا گانڌيءَ وانگر سڀ جو خير گهرو جو چاهي تہ هر ڪنهن کي انصاف پلئہ پوي؟ ڇا دنيا ۾ هن مارڌاڙ رتو ڇاڻ، ڪرِپ ۽ ڏڪار مان ڪجھ وريو آهي؟ صديون ٿيون آهن تہ انسان وحشي درندن وانگر هڪ ٻئي جو رت پيئندا رهيا آهن. آهي ڪوئي جو قابيل جي هٿ مان ڇرو کسي سگهي ۽ هابيل جي زخم تي مرهم رکي؟

ڇا شاعريءَ جو ڪم اهو آهي تہ ان گهاوَ کي وڏيڪ رهڙي، روز تازو ڪندي رَهي؟ اي موت جا سوداگرؤ! شاعريءَ کان پاسو ڪريو اها جنس اوهان جي خريد و فروخت لاءِ نہ آهي!

هاڻي اچان ٿو مان لاطيني آمريڪا جي مزاحمتي شاعريءَ تي، خاص ڪري ايل سئلويڊار، گوئٽومالا، هُنڊ وراس ۽ نڪاراگوا جي شاعريءَ تي. اتي جنگ، جلاوطنيءَ ۽ موت جي باري ۾ شاعري ڪئي وئي آهي. اُتان جي نثر ۾ بہ ساڳيا موضوع آهن. انهن ۾ نہ خوبصورت منظر ڪشي آهي، نہ سياحت کاتي جا پوسٽر آهن، جن ۾ خوبصورت ديهات ڏيکاريل هجن ۽ نہ نفيس لوڪ آرٽ آهي.

ان ۾ اها سچي پچي حقيقت آهي جا اکين کان اوجهل آهي. جهنگن ۾ گوريلا جنگ هلي رهي آهي، انسان سالها سال کان وطن بدر ٿي رهيا آهن. ايل سئلويڊار گئوٽومالا ۾ باک ڦٽيءَ جو گهٽيون لاشن سان سٿيل آهن. مون کي منهنجي هڪ مداح نرنجن اسٽاڪ هوم مان

لاطيني آمريڪا جي شاعريءَ تي هڪ ڪتاب Volcan[1] موڪليو هو. شايد اتان جا شاعر انهن جنگجو شاعرن جي پونئيرن مان آهن، جي يورپي حملہ آورن سان وڙهيا هئا. جيئن لس ٻيلي جا شاعر وڙهيا هئا،جن جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "ٻيلاين جا ٻول" ۾ ڪيو آهي.

وچ آمريڪا ۾ اهي شاعر جن جو مستقبل نهايت درخشان ۽ اميدافزا هو، اُهي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ماريا ويا. مون اڳ ئي ڪٿي چيو آهي تہ اهو انسان جو پنهنجو وجودي چناءُ آهي. هو چاهي تہ پتنگ وانگر پاڻ کي آگ ۾ اڇلائي، ان جي ڄيپيءَ کي وڏيڪ جرڪائي، چاهي تہ آگ کان پاسيرو ٿي چنگ ۽ بربط مان اُهي اُلا اپاري جي ابدتائين جرڪندا رهن. مان پانيان ٿو تہ ان ۾ انسانذات جي ڀلائي آهي، جي ڪنهن شيڪسپيئر يا موزرات کي چئجي تہ ڪنهن ريجمينٽ ۾ شامل ٿي وڃ! پر جي هو پاڻ اها ڳالهہ چونڊي تہ هن تي ميار نہ آهي. آخر هن جي زندگي پنهنجي آهي ۽ جي هوءَ اها ڪنهن پتنگ وانگر مچ ۾ جرڪائي ٿو تہ هو خودمختيار آهي، پر انسان جيڪڏهن انسانذات جي خدمت ادب ۽ آرٽ جي تخليق جي ذريعي ڪري لهس جي ويجهو نہ وڃي تہ هن تي بہ ميار نہ آهي. ڪيئن چئجي تہ تارازيءَ جي پڙن ۾ ڪير ڳورو آهي! اهو جو ساري عمر پنهنجي صليب گهليندو وتي يا اهو جنهن کي گهڙيءَ ۾ نرڙ ۾ ڪو ڪا هنيا وڃن ۽ هو رت ڳاڙي، ٻڏندي سچ وقت چئي:

"يا خدا! تون هنن کي معاف ڪجانءِ، هنن نٿي جاتو تہ هنن چا ٿي ڪيو!"

چي گويرا وارو موت مان مسترد ٿو ڪيان. اهو هڪ ٻگهڙ جو موت آهي، چيتي جو موت آهي، عقاب جو موت آهي. تشدد جو تشدد جي

---

[1] Volcan لفظ انسائيڪلو پيڊيا ۾ ڪونہ آهي. لاطيني لفظ Vulcan آهي، جنهن جي معنيٰ Volcano (آتش فشان، جوالا مکي) آهي

مقابلي ۾ موت آهي. انقلاب جي رد و قبول ۾ تشدد پسند انقلابيءَ يا ڪنهن انقلاب دشمن جو موت، پنهي ڪي جهنم رسيد ڪري ٿو. ماڻهوءَ ڌرتي لهولهان ڪري ڇڏي آهي. ڪڏهن مذهب جي نالي ۾، ڪڏهن هن نظريي جي نالي ۾ ڪڏهن هُن نظريي جي نالي ۾. تاريخ ۾ خوني پنهنجا نانوَ بدلائيندا رهيا آهن، پنهنجا ٿانوَ بدلائيندا رهيا آهن، پر رَت سيني ۾ پِري پئي آهي.

بهر صورت انسان جي فطرت ڪي مان بدلائي ته نٿو سگهان! معاشي ابتري، اقتصادي بدحالي ۽ سياسي استحصال تي غصو فطري آهي ۽ ان جو اظهار جي شعر ۽ ادب ۾ ڪيو وڃي ته تعجب جهڙي ڳالهه نه آهي.

وچ آمريڪا ۾ انقلابي شاعر جي موت ڪان پوءِ به هن جي شعر جي بقا لاءِ جدوجهد جاري آهي. آٽوريني ڪاستيلو (Otto Rene Costillo) جي شاعريءَ تي ٻي همعصر شاعريءَ وانگر پنهنجي ملڪ گوئٽومالا ۾ اجان بندش آهي. مرسديز ڊيوران (Mercedez Durand) ۽ روڪي ڊالٽن (Roque Dalton) جي شاعريءَ تي ايل سئلويڊار ۾ بندش آهي ۽ ان ڪري ان ڪي ميڪسيڪو ۾ ساليڊارٽي جا حلقا نقل ڪري هٿئون هٿ ورهائن ٿا ۽ اها هر شاعر ۽ هر هڪ پناهه گزين تائين پهچي وڃي ٿي ۽ جڏهن جهوني پراڻي ٿئي ٿي، تڏهن ان جي ڪاپي اوهان جي هٿ ۾ اچي ٿي. هُنڊوراس جي رگو برٽو پريڊيز (Rigo berto paredes) ۽ ٻين شاعرن جون زيراڪس (zerox) ٿيل ڪاپيون هَٿئون هٿ ڦِرن ٿيون، ڇو ته روزانيون اخبارون انهن جي شاعريءَ کي شايع ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. پر نڪاراگوا ۾ سموزا (Samozo) حڪومت جي خاتمي سان بندش هيٺ آيل شاعري وري ڇپجڻ لڳي آهي ۽ اڳي جيڪي شاعر چوري ڇُپيءَ پڙهيا ويندا هئا، اهي کلم کلا پڙهيا وڃن ٿا. اها هنن جي فتح ته آهي، پر ڇا هنن جي آرٽ جي فتح به آهي، ڇا بقولِ حافظ شيرازي "ان شاعريءَ جو عالم جي جريدي تي دوام ثبت آهي؟" مان نٿو ڀانيان ته ڪاستاريڪا، پاناما وغيره ۾ به مٿي ڄاڻايل شاعريءَ جهڙي شاعري ٿي رهي آهي، پر اڃا انهيءَ سوال جو جواب هر ڪنهن

ڪي پنهنجي لاءِ ڏيٺو آهي:
”ڇا آزاديءَ جي مچ ۾ شاعر جا هڏا ٻيجي وجهڻ ضروري آهن؟ ڇا اُهي ماڻهو جي ساريءَ جدوجهد کان پوءِ اقتدار ۾ اچن ٿا، ايتري قربانيءَ جي لائق آهن؟“ يو ايس ايس آر جي پنجهتر سالن جي تاريخ تہ ان ڳالهہ جي نفي تي ڪري. مان وچ آمريڪا جي شاعريءَ مان مثال طور ڪجهہ شعر ڏئي فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو تہ اهڙي شاعريءَ لاءِ شاعر کان زندگي طلبي وڃي يا نہ:

”مان هڪ شاعر آهيان
مان شاعرن جي فوج آهيان.
۽ اڄ مان هڪ نظم لکڻ ٿو چاهيان
هڪ سيٽيءَ جو نظم
هڪ گوليءَ جو نظم
۽ ان کي درن تي چنبڙائڻ چاهيان ٿو
زندان جي ديوارن تي
اسڪولن جي ديوارن تي.
اڄ مان ناهڻ بہ چاهيان ٿو ۽ ڊاهڻ بہ چاهيان ٿو
قاسيءَ جي تختن تي اُميدون اُپارڻ چاهيان ٿو
ٻارن کي جاڳائڻ چاهيان ٿو
جي شمشيرزن فرشتا آهن.
وڄ کي اپارڻ چاهيان ٿو
ڪنوڙ کي،
هڪ سورهيہ جي قد و قامت وانگر
جيئن ظلم کي پاڙون پٽي ڇڏي.
اجلائي ڇڏي
ماڻهن جون
سڙيل، ڪنيون ٽيل جڙون.

(ڪليمنٽينا سوئاريز Clementina Suarez)

## روغني تصوير [o]

قيد جي شاهي دروازن وٽ
هڪ انبوهہ ڊونبڙو ٿي، ڊهي پيو آهي،
جنهن جون اکيون ڏرا ڏئي ويون آهن
جنهن جا منهن بگڙي، بدزيبا ٿي ويا آهن
تِچ جهڙي ڏي- وٽ ٿي رهي آهي
پيسي پائيءَ جي.
ديوارن پٺيان
هر ڪوئي ريڙهيون پائي رهيو آهي،
لفظ رڳو سرگوشي آهي
۽ سرگوشيءَ ۾ دهشت آهي،
پڳلَ، تتلَ، چورِ ۽ لنگهڻ تي
قيدي هميشہ
ڏِوَ تي ڪٽي ٿو
پنهنجو مفت جو راشن.
آسمان جو
۽ ٻاهر جي هوا جو
ٻاهر دونهون آهي
خوشبو آهي سارين جي،
مڪئيءَ جي ڍوڍي ۽ گوار جي ڦرين جي،
جا هوا ۾ ڦهلجي وئي آهي.
۽ اڇي اَبر تي آلايش آهي
سرد خون جي قطرن جي،
۽ شڪستہ حال ابهمن جو
گرم رت وهي رهيو آهي،

---

[o] روغني تصوير (Oil Painting)

جن جون ٽنگون
فوجين جي حڪم تي
ڊوڙنديون
سَٽڪي ڪُٽڪي هيٺ اَچي چُڪيون آهن.
ٻارن جون اکيون
ڊونڊڙي انبوهہ کي ڏسي رهيون آهن
جو هڪ ڪارن جسمن جي ڳنڍڙي لڳي رهيو آهي،
سراسر شڪست ڪاڏل

(والٽر مارٽينيز Walter Martinez)

هو زنده انسان کي
ڪيئن نہ رجهائي، ڪنو ڪري ماري رهيا آهن!
گهڙيءَ ۾ هنن کي خاڪ ٻڻائي رهيا آهن
مقتول جي منهن جي بي انتها زرديءَ جو
۽ هن کي حوالات ۾ رکي رهيا آهن
اَبدجي،
۽ ان ڪري
شيرينيءَ سان
مقدر وانگر
مون ارادو ڪيو آهي تہ جوڙيان
پنهنجن گيتن مان
آدميءَ جي عظمت لاءِ
اپار ۽ اننت پُل
جيئن هڪ تي اُن تان
ڌرتيءَ جا هَٺَ ٻگل ۽ ڪَنڌ جُهڪيل
لنگهي وڃن.
تو ڪان ڪافي پري مان نديءَ ڪناري سوچي رهيو آهيان

۽ پنهنجا بي سرا گيت آلاپي رهيو آهيان،
مٿڙ ۽ نت نين چولين اڳيان،
جن کي سُر جي ساڃاهہ آهي،
نڏي اهو درس دهرائي ٿي.
چوليءَ چوليءَ سان ۽ اچي ٽوپي، اچيءَ ٽوپيءَ سان، [1]
۽ ساڳيو گيت واري واري سان ورجائي ٿي.
انقلاب انقلاب.

(گئسپر گارشيالئوِيانا Gasper Garcia Laviana)

ساڳي شاعر جو ٻيو بہ نظم آهي:

ڌرتيءَ ڌٽي [2]
مان پنهنجي ماس کي چلي روڙي
ٽنگيان ٿو
تنهنجيءَ خاردار تار جي ڏنل لوڙهي تي
جيستائين اهو ڳري سڙي وڃي.
۽ تون ان جي سڙاند ۽ بدبوءِ برداشت نہ ڪري سگهين
۽ ڪنهن ٻي جاءِ تي لڏي وڃين.

نڪاراگوا جي هڪ ٻي شاعر وِدولز مينيسيز (Vidulz Meneses) جو تشدد جي ذريعي مارجي ويل عورت تي لکيل نظم جو آخري بند آهي:

خاموش ڪمپيئنيرا [3] (ڪامريڊ) جنهن پنهنجي
عاشق جا وارتي سنواريا.
چنڊ هيٺان
جنهن بگهڙن جي اوناڙ کي چار وجهي ڦاسائڻ تي
چاهيو

---

[1] اڇي ٽوپي خلاصي پائيندا آهن. اها پاٽيءَ تي جهاڳ وانگر لڳندي آهي
[2] ڌرتيءَ ڌٽي (Land Baron)
[3] ڪمپئنيرا (Companara) : هسپانوي لفظ آهي ڪامريڊ لاءِ

ڏکيءَ جو پيٽ، جنهن مان پار ڪري پيا،
جي ڪنهن ڪانڪئسٽيدار[1] جا گورا ٻار هئا
جي اُڇاتري علامت آهن
ان عورت جي جنهن کي روايت ناهيو آهي.

ڪيترائي مثال آهن اهڙي اتساهيندڙ شاعريءَ جا جيڪا ڏکڻ آمريڪا جي عڪاسي آهي. اي ڪاش! اشتراڪيت روس ۽ مغربي يورپ ۾ اهي درندا صفت انسان پيدا نه ڪري ها! اي ڪاش! انهيءَ اقتصادي ۽ سياسي انصاف لاءِ جدوجهد جو فلسفو اهو هجي ها، جنهن ۾ انسانيت جو احترام ڪيو وڃي ها!

هاڻي اچان ٿو آفريڪا جي نسل پرستيءَ جي خلاف مزاحمت واري شاعريءَ تي. اڄ ڪلهه ڏکڻ آمريڪا ۾ گهڻا آمر نه رهيا آهن، جي عوام کي آزارن ۾ مارڪسسٽ انقلاب جي سون سون گهٽجي وئي آهي، گوريلا جنگ جون پڪارون اڳي وانگر عوام کي اتساهن نٿيون، جڏهن فيڊل ڪاسترو جو ڏاڙهيل ٽولو سيئرا ميسترا (Sierra Maestra) ۾ ڪاهي آيو هو ۽ چوڌاري مسلح بغاوت ڦهلائي هيائين يا جڏهن چي گويرا هڪ ڏند ڪٿا تي چڪو هو يا جڏهن نڪاراگوا جي سئنڊنسٽا (Sandinista) جنرل اناٽيسيو (General Anatasio) کي ٽپڙ ويڙهايا ها. آڪٽوبر 1967ع ۾ چي گويرا بوليويا ۾ ماريو ويو ۽ 25 سال پوءِ 1992ع ۾ ٻيو اهم گوريلا ليڊر ابي مائل گز مان ( Abimael Guzman) کي پيروءَ ۾ سزا ڏني وئي. ڏکڻ آمريڪي گوريلا به هتان جي قوم پرستن وانگر Cow boys (ڳنوار) ٿي چڪا آهن. ڪجهه ائنڊيئن (Andean) صوبن ۾ اجان ڪٽر رتُ پياڪ گوريلا آهن، پر اهي ڪسان عوام جي دل جيتي نه سگهيا آهن، جي دهشتگرديءَ مان ايئن ڪڪ تي پيا آهن، جيئن سنڌ جا ماڻهو تي پيا آهن. ڪولمبيا ۾ به انقلابي

---

[1] ڪانڪئسٽيدار (Conquistador) : آمريڪا جو ڪو به هسپانوي فاتح، خاص ڪري جي 16 صدي ۾ پيرو ۽ ميڪسيڪو ۾ هئا. هونءَ اسپيئنش ٻولي ۾ لفظ جي معنيٰ ”فاتح“ آهي.

گروهه سرگرم آهن. بين الاقوامي ماهر انهيءَ راءِ جا آهن تہ يو ايس ايس آر جي خاتمي کان پوءِ هو پنهنجي مالي مدد پاڻ ڪري رهيا آهن ۽ ڪيوبا مان ان جي اميد نٿا رکن. هو آفيسر ۽ آسودا، چوپائي جي ڪيٽن وارا (Ranchor) اغوا ڪري، انهن کي يرغمال رکي تاوان وٺن ٿا ۽ ايئن گاڏي گهلن ٿا. نتيجو اهو آهي تہ گوريلا سرڪار سان امن جون ڳالهيون ڪري نٿا سگهن. چلِيءَ ۾ تڏهن کان پوليس شهري گوريلن جي لاهي پاهي ڪڍِ پئي آهي، جڏهن کان 1990ع ۾ صدر پيٽريشو ايلن (Patricio Aylion) اقتدار ۾ آيو آهي ۽ اتڪل 250 گوريلا گرفتار ٿي چڪا آهن. سرڪار ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ جمهوريت ۾ دهشتگريءَ کي شڪست ملي سگهي ٿي. جي مارڪسسٽ ٽولا 1980ع ۾ آگستوپنوشي جي خلاف اُٿي کڙا ٿيا هئا، اُهي هاڻي ڪابہ ڏر ۾ ايترا مقبول نہ آهن. گوئٽومالا جو قومي انقلابي اتحاد (UNNG) 1960ع جي وچ ڌاري ٺاهيو ويو هو جنهن ۾ باغي هاري شامل ڪيا ويا هئا ۽ ان ۾ اڌ اڪري ديهاتي بہ شامل هئا، پر ان کي شهرن ۾ حمايت حاصل ڪا نہ هئي، پر پوءِ ان جي حملو ڪري پٺي وڃڻ جي حڪمت عملي ڪامياب وئي هئي ۽ فوج کي ڪافي الجهائي رکيو هئائون. 1970ع ۾ فوج قتلام تي لهي آئي ۽ 1980ع کان 1982ع تائين هزارين هاري قتل ڪري ڇڏيائون. فوج گوريلا ايترا تہ ماريا جيترا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ انهن جا حمايتي ماريا ويا. گوريلن ۽ سرڪار ۾ رکي رکي ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهي آهي. في الحال فوج فيصلي لاءِ راضي نہ آهي، ڇو تہ اُن کي ۽ ان جي حمايتي افسر شاهيءَ کي پنهنجي لاءِ بجيٽ گهرجي جا گوريلن جو ڀؤ پيدا ڪري وٺي سگهن ٿا.

1979ع ۾ ايل سئلويڊار ۾ ڪو (Coup) ٿيو ۽ ڪابہ ڏر ملٽري سويلين جنٽا سان شريڪ هئي، پر ساڄيءَ ڏر ڪابہءَ ڏر کي نهوڙي نيو. ان وقت ڪابہءَ ڏر جا شدت پسند زير زمين تحريڪ ۾ هئا، پر پوءِ اها تحريڪ تيزيءَ سان ڀڙاڙيءَ ۾ پڪڙجي وئي. نيم فوجي ۽ فوجي دستن 1980ع ۾ سوين گوريلا ماري ڇڏيا. 1981ع ۾ گوريلن حملو ڪيو ۽ پوءِ

ڀهراڙيءَ ۾ پکڙجي ويا ۽ اُتي گوريلا فوج ٺاهيائون. يو ايس (U.S) چار بلين ڊالر خرچ ڪيا ۽ گوريلن خلاف ايل سئلويڊار جي حڪومت کي مدد ڏنائون پر وريو ڪجهه به ڪو نه. 1989ع کان ايل سئلويڊار جي حڪومت پنهنجو اڳيون مارڪسسٽ نظريو ترڪ ڪري چڪي آهي ۽ سوشل-ڊيموڪريٽ پارٽين جي ويجهو آهي. گذريل جنوريءَ ۾ امن جو معاهدو ڪيو ويو. جنهن ۾ ملٽري، عدليه ۽ اليڪشن جي سڌاري جو وعدو ڪيو ويو. مون هيءَ ساري افراتفري ان ڪري وچور سان ڏني آهي ته جڏهن هيڏانهن ڊانڊ پرندا هجن تڏهن اهو ضروري آهي ڇا ته شاعر جا هڏا پيجي به انهن ۾ وڏا وجن جيئن اُهي پين ڪانئين جي اُلاوَ کي وڏيڪ پڙڪائن يا هن جي شاعريءَ کي آزاد ڇڏيو وڃي ته جيئن اهي گيت لکي سگهي، جي هن جي دور کان پوءِ به انسانذات جي روح کي اتساهي سگهن.

سال 1956ع ۾ فيض احمد فيض جو ڪتاب ”زندان نامه“ ڇپيو. جنهن تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل سجاد ظهير ۽ سابق ميجر اسحاق (پوءِ پاڪستان ڪسان مزدور پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل) پيش لفظ لکيا هئا. اهو ڪتاب ساهيوال جيل ۾ لکيو ويو هو. جتي پنڊي سازش ڪيس جا سزايافته قيدي رکيا ويا هئا. (ڪيترو وقت پوءِ مون کي به ساڳي جيل ۾ الڳ وارڊ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ويجهو رکيو هيائون) زندان نامي جي صفحي 77 تي فيض جو هڪ ترانو هو:

Africa Come Back

(ایک رجز)

آجاؤ میں نے سُن لی ترے ڈھول کی ترنگ
آجاؤ مست ہوگئی میرے لہو کی تال
"آجاؤ ایفریقا"
آجاؤ میں نے دھول سے ماتھا اُٹھا لیا

آجاؤ میں نے چھیل دی آنکھوں سے غم کی چھال
آجاؤ میں نے درد سے بازو چھڑا لیا
آجاؤ میں نے نوچ دیا بیکسی کا جال
"آجاؤ ایفریقا"
پنجے میں ہتھکڑی کی کڑی بن گئی ہے گرز
گردن کا طوق توڑ کے ڈھالی ہے ہم نے ڈھال
"آجاؤ ایفریقا"
جلتے ہیں ہر کچھار میں بھالوں کی مرگ نیں
دشمن لہو سے رات کی کالک ھوئی ھے لال
"آجاؤ ایفریقا"
دھرتی دھڑک رہی ہے مرے ساتھ ایفریقا
دریا تھرک رہا ہے تو بَن دے رھا ھے تال
میں ایفریقا ھوں دھار لیا میں نے تیرا روپ
میں تو ھوں، میری چال ھے تیرے ببر کی چال
"آجاؤ ایفریقا"
"آجاؤ ایفریقا"
"آجاؤ ایفریقا"

اهو نظم منتگمري (ساهيوال جيل ۾) 14 جنوري 1954ع تي لکيو ويو هو. جڏهن مان ساهيوال جيل مان 1969ع ۾ نڪتس تہ اوچتو منهنجي نظر Come back Africa جي عنوان سان هڪ انگريزي نظم تي پئي، جو ڪافي وقت کان اشتراڪي آفريڪا جي آزاديءَ جو انگريزيءَ ۾ ترانو سمجهندا هئا. يو ايس ايس آر جي وجود اُن وقت ٽين دنيا کي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي آزاديءَ لاءِ ڪافي اُتساهہ ڏنو هو. مان آفريڪا جي ماحول ۾ بي شاعريءَ تي اچان، ان کان اول ان انگريزي تراني جو ترجمو ڏيان ٿو جنهن فيض جي تراني کي اتساهيو هو:

"اسان ڪارن لوڪن جون قومون،

آفريڪا لاءِ لُڙڪ لاڙيون ٿيون،
جا اسان جي وڏڙن کان کَسي وئي هئي،
جڏهن اهي اوندهہ ۾ هئا
موٽي اچو موٽي اچو
موٽي اچو آفريڪا.
جيڪا انگريزن کسي ورتي هئي،
جڏهن اسان اجان اوندهہ ۾ هياسين.
موٽي اچو موٽي اچو
موٽي اچو آفريڪا.
جنهن کي ڏچ قوم ان وقت غلام بڻايو هو
جنهن وقت اسان اوندهہ ۾ هياسين.
موٽي اچو موٽي اچو
موٽي اچو آفريڪا.
جنهن کي ان وقت غدارن وڪيو هو
جنهن وقت اسان اجا اوندهہ ۾ هياسين.
موٽي اچو موٽي اچو
موٽي اچو آفريڪا.
هر اجازت تي لعنت وجهو
اسان آزادي وٺي رهنداسين.“

اهو آفريڪا جي نوجوانن جو ترانو هو جو موراڪو کان آرلنڊو تائين ملبي ۽ ڪڪريءَ سان پريل گهٽين ۾ هشامن ڳاتو ٿي.

”موٽي آءُ آفريڪا“ هڪ پيڙا ۽ هيڪلائيءَ جي سوراتيل رڙ هئي. اها پنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ جنگ جوئيءَ جي پُڪار بہ هئي. اهو آفريڪا جي مستقبل جو سڏ بہ هو. هونءَ تہ آفريڪا جو الميو دنيا کي معلوم آهي، جتي انڌير ۽ انڌ ڌنڌ جڻ اتان جي تقدير تي آيو آهي ۽ ان ڏاڍ ڏمر ۽ زبردستيءَ کي جمهوريت، مسيحيت ۽ تهذيب جي نالي ۾ مسلط

ڪيو ويو آهي. اها سرزمين تشدد جي گهيراوَ ۾ رهي آهي ۽ ذهني ماليخوليا ۾ مبتلا آهي. ان جو مَتو ”اتحاد ۽ استحڪام“ آهي ۽ ان جي طرز زندگي تفريق (Aparthied) آهي. اهو ئي تضاد آهي، جو جنوبي آفريڪا جي زندگيءَ تي ڪنهن حد تائين اجا حاوي آهي. جڏهن ڪان مارڪسزم ۾ ويساهه گهٽجي ويو آهي، تڏهن ڪان ذڪرڻ آفريڪا ڪميونزم جي خوف ڪان ڪُلم ڪُلا تشدد نه ٿي ڪري سگهي ۽ آفريڪن نئشنل ڪانگريس کي غيرقانوني بنائڻ لاءِ دليل نه ٿي ڏئي سگهي. ٻاهران ته جنوبي آفريڪا ايتري ترمرائيندڙ آهي، جيتري هالي ووڊ جي فلمن ۾ ڏيکاربي آهي ۽ سرزمين نهايت خوبصورت آهي، جيتوڻيڪ زندگيءَ جو مدار غلاميءَ ۽ جهالت تي رهيو آهي. ايئن ته هانسبرگ، ڪيپ ٽائون، ڊربن، پريٽوريا، پورٽ ايلزبيبيٿ، ايسٽ لنڊن آسودا، مصروف ۽ مادي طور مهذب شهر آهن. ڪراچيءَ ۽ اسلام اباد وانگر انهن جون راتيون نيون سائينون (Neon Signs) جرڪائي ٿيون چڏين. اهي مُرڪندڙ نٽ نانگڙ وارا ۽ سيمينٽ ۽ شيشي مان جڙيل ناهوڪا شهر آهن ۽ انهن جي زندگيءَ جو معيار دنيا جي ڪنهن ٻه شهر سان ٻيٽي سگهجي ٿو، گهٽ ۾ گهٽ انهن جي زندگيءَ جو معيار جي هلندي پڄنديءَ وارا آهن، پر انهن جي ساري آسودگي ڪارن لوڪن جي استحصال تي مدار رکي ٿي.

ڇا اجا تائين سفيد فام ماڻهن جي بوجهه (White man's burden) جي ڪائي حقيقت آهي ڇا؟ ڪيئن به هجي. آفريڪنر (Afrikaner)[1] پاڻ کي اجا برتر مخلوق سمجهي رهيا آهن، جيتوڻيڪ ڪي سفيد فام سياهه فام کي پاڻ ڪان الگ نٽا سمجهن ۽ هن جي جائز حقن جي حصول لاءِ جدوجهد جي حمايت ڪن ٿا. هڪ تفريحي حڪومت جي باوجود سياهه فام شاعر، فلاسفر، ڪلاڪار يا سياستڪار پيدا ٿي چڪا آهن. مرحوم جو موڪينيٽا جي ايتري مقبوليت ۽ نيلسن منڊيلا

[1] آفريڪنر: آفريڪا ۾ يورپ جا مستقل رهواسي

جي آزادي ۾ هن جو ايڏو آڌرياءُ ان ڳالهہ جو دليل آهي، تہ جنوبي آفريڪا بدلجي رهي آهي. اتان جا باشعور سفيد فام ماڻهو جاڻن ٿا تہ گوئٽي جي فائوسٽ شيطان سان معاهدو علم ۾ عقل لاءِ ڪيو هو. سفيد فام ماڻهن اهڙو معاهدو ڇا جي لاءِ ڪيو آهي؟ مضافات ۾ هڪ گهر لاءِ، هڪ اسٽيشن وئگن لاءِ، برج (Bridge) پارٽين لاءِ، ڪلب ۾ ميڪانڪي باورچي خاني جي ماديت لاءِ؟ پوراپُٺا، هالو چالو ٿورَ-ڇِٽا ماڻهو سڪ-ڦٽي، ڦتڦتئي ۾ ڇتي جياپي ۾ مگن، رڳو اڇي چمڙيءَ تي ايمان ڪن ٿا ۽ ساري تنوڙ جي تانگهہ ڪاري ماڻهوءَ جي ياڱي ۾ ڏني اٿائون. ڪجهہ سال اڳ جنوبي آفريڪا جي غريبي پنهنجو مثال پاڻ هئي. انهن جا گندا مُحلا ۽ نالا هئا، جي تفريق (Aparthied) پکيڙي ڇڏيا هئا. هو آفريڪي ڳوٺين ۾ ٽين جي دٻن مان نهيل جهوپڙين ۾ رهندا هئا، جتي هوا جو لنگهہ نہ هوندو هو هڪ ٻئي تي ڳاهٽ ٽيل هشام، پيهہ ۾ پلندڙ جن لاءِ نويڪلائي ۽ وسرام رڳو سپنا هئا. پر تورڙي اُهي پورهيو ڪري ڪري ڇڪنا چور ٿي پوندا هئا، تڏهن بہ ڳائيندا، نچندا، لکندا هئا ۽ ان طرح هڪ شهري ثقافت جا خالق هئا، جنهن ۾ جاز (Jazz) [1] ڊراما ۽ نيگرو ادب هئا، پوءِ بہ هو بک، پيڙا ۽ پڻ ڏر ۾ وڏا ٿيندا هئا، ڇو تہ هو ڪارا هئا. اُتي ڪارا بار ڳائيندا هئا:

"پوليس اسٽيشن ڏانهن ڏِسُ
اِتي پوليس وارا آهن،
اهائي تہ وڏي وبا آهي
ان جاءِ جي."

ڏينهن رات انهن کي پِڪ-اَپ گاڏي (Pick up van) ۾ واڙي ڪٽي ويندا هئا. هڪ لوڪ گيت هو:

"هوءَ پِڪ- اَپ وئن آهي

[1] جاز: نيگرو ناچ/ موسيقيءَ جو قسم

پِڪ - آپ وِئن توکي اسان ڇا ڪيو آهي؟
اَسان جي چوڌاري پِڪ - آپ گاڏيون آهن
پِڪ آپ وِئن توکي اسان ڇا ڪيو آهي؟

اتان جا آفريڪنر (Afrikaner) هتان جي انهن مهاجرن وانگر بي جڙا، بي وڙا ۽ واڻڙا آهن، جيڪي اجا گنگا- جمنا جي ماترِيءَ کي وساري نہ سگهيا آهن ۽ واديءَ سنڌ جي نالي کان ئي نفرت ڪن ٿا ۽ اُن کي واديءَ مهراڻ ڪوٺن ٿا، مهراڻ جا ڪنهن وقت سنڌوءَ جي شاخ هئي، پر هاڻي سُڪي چڪي آهي. هونءَ تہ ڪجهہ پڙهيل ڳڙهيل مهاجر ڪافي سمجهدار ۽ صحيح سمت ۾ ڏسندڙ آهن، جيئن آفريڪا جا ڪجهہ سفيد فام دانشور ۽ ٻيا سلجهيل ماڻهو آهن، پر ڪنهن بہ اردوءَ اديب اردو ۾ اهڙا سنڌ جي باري ۾ ناول نہ لکيا آهن، جهڙا سفيد فام اديبن آفريڪا جي باري ۾ لکيا آهن. مون تہ رڳو قرات العين جو خام ۽ نا رسيدو ناول ”سيتاهرن“ پڙهيو آهي، جو سنڌي ثقافت، تاريخ ۽ زندگيءَ جي شعور کان بلڪل عاري آهي.

آفريڪا جي نادين گورڊمر (Nadine Gordimer) (جنهن کي نوبل پرائيز ملي چُڪي آهي) ڊانجيڪب سن (Don Jacobson) جا ناول بہ چڱا هئا. پر چار سال اڳ جي. ايم. ڪوئٽزيءَ (J.M Coetzee) جا ٽي ناول ”مائيڪل ڪي جي زندگي ۽ دؤر“، ”وحشي درندن جو انتظار“ ۽ ”ڀهراڙيءَ جي دل“ ۽ ويسل ايبرسون (Wessel Eborsohn) جو ناول ”ڪني تيل ڪاوڙ“ پڙهيا تہ منهنجا روم روم ڪڙا ٿي ويا. ڏکڻ آفريڪا هڪ ڏند ڪٿا وانگر آهي. حقيقت تہ سياهہ ۽ سفيد آفريڪا آهي، ان ۾ ڪٽڪ رنگا ۽ سانورا ماڻهو بہ اچي وڃن ٿا. ڪاري سائوٿ آفريڪا جو الميو اجان تائين پوريءَ طرح ادب ۾ نہ آيو آهي. ڪنهن عورت جو مرد الوپ ڪيو وڃي ٿو ۽ پاءُ پاءُ جي گمشدگيءَ تي روئي ٿو ٽن سالن لاءِ، پنجن سالن لاءِ، شايد هميشہ جي لاءِ. هڪ طرف ڳوڙها، تاهہ تاهہ ڳوڙها، رودن، سوءَ سياپو پٽڪو ڪُٽڪو آهي تہ ٻئي طرف سفيد فام آفريڪا آهي، جا ناشتي جي ميز تي ٿهي ٺُڪي ائپران (Apron) رکي ٿي ويهي.

صبح جي اخبارن جون شهه سرخيون اچاتريون ڏسي ٿي، سرد جنگ ۾ ايٽم بم جي باري ۾ ڳالهائي ٿي. آزادي ۾ خدا جڻ ٻئي ان جي طرف آهن، جڻ تہ ان جا خونخوار توڙي پستا ڪتا اها حقيقت ڏسي سگهن ٿا. آخر سفيد فام آفريڪي پاڻ کي سمجهن ڇا ٿا؟ انهن جي اڪثريت پنهنجي سفيد خواب ۾ محو آهي. چوڌاري هنن جا ڪارا ۽ سانورا هم وطني آهن، جي فقط نوڪر چاڪر، ٻنيءَ ٻاري تي پورهيت، رَسوبا ۽ هُڻ تڻ، ڪم ڪار ڪندڙ مزدور ماڻهو آهن. هو هنن جي غلاماڻيءَ، خوشامندڙي، ڪميڻيءَ نهتائيءَ کي مراد وند ۽ چئيوان سمجهندا هئا. جيستائين هنن ٻرندڙن آڱرين ۾ جرڪندڙ لوهہ جهڙيون اکيون ڏٺيون. هنن جون ٻنيون ۾ اُنهن تي هنن جا گهر جلايا ۾ راتاها هنيا ويا. گوون مبيڪي (Govan Mbeki) جو ڪتاب ”جنوبي آفريڪا ۾ ڪسانن“ جي بغاوت جي موضوع تي ڪافي روشني وجهي ٿو.

بين الاقوامي دٻاوَ اُتي جي سفيد فام لوڪن ۾ اهو احساس پيدا ڪيو آهي تہ سياهہ فام بہ انسان آهن ۽ انهن تي اکيون ٻوتي نٿيون سگهجن. ڪجهہ وقت اڳي آفريڪا جا رهواسي يا تہ سفيد فام آزادي پسند هئا يا جدوجهد ۾ مصروف اشتراڪي هئا، جن اهو چڱيءَ طرح محسوس ڪيو هو تہ گورن، ڪارن، ڪڻڪ ونن ۽ سانورن سيني کي ڪٽو رهڻو آهي، برابريءَ جي بنياد تي رهڻو آهي. دراصل اهو احساس نيگرو بين الاقوامي ڪانگريس بہ وڌايو ۽ ڪينيا جي مائو مائو دهشتگرد تحريڪ بہ، جنهن ۾ ڀڳت سنگهہ ۽ چندر شيکر آزاد کان بہ وڌيڪ دهشتگردي، رازداريءَ ۽ دشمن جي نابوديءَ لاءِ سخت قسم کنيا ويا ۽ جنهن ڪينيا جي قوم جي الڳ نياتن ڪڪويو ميرو ايمبو وغيره کي ڪٽو ڪيو. پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن مان سکر ۾ هوندو هوس تہ ريڊيو تي ۽ اخبارن ۾ مائو مائو تحريڪ جي دهشتگرد ڪارروايُن جي باري ۾ ٻڌندو ۽ پڙهندو هوس. اها مائو مائوءَ تحريڪ جي پنهنجي گهرن، ٻنين ۽ ڌرتيءَ لاءِ جنگ هئي، جنهن جي ناڪاميءَ جي قيمت موت هئي. اها تحريڪ اڳتي هلي هر دهشتگرد تحريڪ

وانگر ختم ٿي وئي. پر بينل پاٽيءَ ۾ وڏي چپ اچلي، لهرون ڦهلائي وئي. اها ”تنگ آمد بجنگ آمد“ جو مثال هئي ۽ ان جا اُهي محرڪ جذبا هئا، جي ڪنهن قوم کي چِتو ڪري وجهندا آهن. آئرلينڊ ۾ تہ دهشتگرد تحريڪ ڪي صدي کان متي ٿي ويو آهي ۽ جنهن ليون يورس (Leon uris) جو ناول ٽرنٽي (Trinity) پڙهيو آهي، اهو اها ڪيفيت چڱيءَ طرح سمجهي سگهندو جا انسانن کي تشدد تي اياريندي آهي، جيتوڻيڪ تشدد ڪنهن سياسي مسئلي جو مستقل حل نہ آهي.

آفريڪا ۾ ٻيون بہ آزاديءَ جون تحريڪون هليون، جن ۾ ڏارين کي سڀ کان وڏيڪ دشمن سمجهيو ويو ۽ روڊيشيا ۽ نيازا لئنڊ ۾ ڪارن لوڪن کي اياريو ويو. انهن تحريڪن سيکاريو تہ ڪو بہ آفريڪي ڪنهن سفيد فام قابض کان انسانيت جي لحاظ کان گهٽ نہ آهي. 1957ع ۾ گهانا آزاد ٿي. گهانا کان اڳ مصر، سيرياليون، سوڊان ۽ ايٿوپيا آزاد هئا. 1958ع ۾ آفريڪا جي آزاد ملڪن جي ڪانفرنس اِقرا ۾ ٿي ۽ اتي آزاديءَ جي جدوجهد کي تيز ڪرڻ جو نعراءُ بحال ڪيو ويو. 1972ع ۾ جڏهن ٽئنگنيڪا آزاديءَ جي گهُر ڪئي، تڏهن انگريز مڃرجي پيا. نڪورما وغيره جهڙن سياسي ليڊرن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ انت ايم اين راءِ جي پيشن گوئي پوري ٿي، جا هن غالباً 1945ع ۾ ڪئي هئي تہ سياسي سامراج جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. اهو جلد تڏا ويڙهيندو ۽ دنيا اقتصادي سامراج جي گهيراءَ ۾ اچي ويندي. پيٽر جوڊ (Petre Judd) جو ڪتاب ”آفريڪا جي آزادي“ جيتوڻيڪ 60ع واري ڏهاڪي ۾ ڇپيو هو ۽ ان کان پوءِ ٻيا بہ اهڙا ڪتاب ڇپيا آهن، ان موضوع تي ڪافي روشني وجهي ٿو.

ساري آفريڪا ذري گهٽ سياسي آزاديءَ جي ويجهو اچي پهتي آهي ۽ ٽين دنيا جو مکيہ مسئلو اقتصادي آزادي آهي. هي سياسي ڪتاب نہ آهي نہ تہ ٽين دنيا جي سياست تي ڪجهہ لکي سگهجي ٿو ۽ اهو ڏيکاري سگهجي ٿو تہ ڪيئن سياسي آزادي اقتصادي آزاديءَ

جي نالي ۾ نهوڙي وجي ٿي، پر هي شاعريءَ جي باري ۾ ڪتاب آهي ۽ مان فقط ان ڳالهه تي زور ٿو ڏيان تہ سهپ، انساني ثقافت، محبت ۽ يڪجهتيءَ ۾ دلچسپي ۽ يورپ جي ادب جي اثر ايئن آفريڪا ۾ بيداري پيدا ڪئي آهي، جيئن چٽوپاڌيا، توروٽ (Toro Dutt)، سروجني نئڊوءَ ۽ ٽئگور جي انگريزي ادب هندستان ۾ جاڳرتا آندي هئي. آفريڪا جا اديب جي فرينچ، انگريزيءَ ۽ يورپ جي ٻين ٻولين ۾ مهارت رکن ٿا، تن آفريڪا جي پڙهيل لکيل طبقي ۾ آزادي، برابريءَ ۽ نسل پرستيءَ لاءِ نفرت جي لهر آندي آهي.

سال 1967ع ۾ اڄڪلهہ آفريڪا جو ادب ( African Writings Today) ڇپيو جنهن ۾ نائيجيريا، سيرياليون، گهانا، ڪينيا، ڪانگو رُئانڊا، سيني گال، گِني، آوَري ڪوسٽ، ڪئميرون، داهومي، گئمبيا، ڏکڻ آفريڪا، انگولا، موزئمبيق، جو چونڊ نثر ۽ منظوم ادب شايع ٿيو. ان ۾ خوبصورت شاعري آهي جا آفريڪا جي باري ۾ ڪنهن نہ ڪنهن يورپي ٻوليءَ ۾ آهي. مان ڪينيا جي جوزف اي ڪيروڪيءَ جو هڪ نظم مثال طور ڏيان ٿو ۽ ايترو تفصيل ان ڪري ڏنو اٿم، جو اسان بہ ساڳي ڪاريءَ رات مان گذريا آهيون.

اڄ رات برسات پوندي
مون کي هوا ۾ برسات جي سڳنڌ اچي رهي آهي،
۽ اسان ان جو ڪيترو نہ انتظار ڪيو آهي!
منهنجي پيار چيو هو تہ هوءَ بارش سان ايندي
دروازي تي هلڪي دستڪ
منهنجي دل ۾ دڪ دڪ وڌائي ڇڏي آهي.
ننڍي ميڻ بتي کي واءُ جي جهوٽي وسائي ڇڏيو آهي،
اوچتو ڪن پل لاءِ مينهن اوڙڪون ڪري وسي ٿو
ان کان پوءِ چوڌاري وڄ جي روشني
اکين کي لهسائي ڇڏي ٿي،

ڌرتيءَ جي چيڙي تائين ڌرڙ هليو ٿو وڃي
هڪ آسهہ سُن سُنات اَننت جي،
۽ پوءِ ڦڙ ڦڙ
۽ پو مينهن اچي ٿو آهون پريندو
اُڀهرو نڪاس لاءِ اُتاولو
جيستائين ان جو چوهہ ڇڇي پوي ٿو
۽ اهو پنهنجو وهڪرو ناهي ٿو
اٿاهہ اکٽ وهڪرو.
هوا ۾ نهپير آهي
پر وڏيڪ نويڪلائي ۽ ماٺ منهنجي من ۾ آهي
سياٽي ڳوٺ جون زائفائون پوکيءَ لاءِ وينديون،
۽ انهن جو ٻج پيٽ ٻکي ڌرتيءَ ۾ هوندو
۽ زندگي ٻيهر اُسرندي“

هي انهيءَ ڌرتيءَ جو نظم آهي، جا آزاد ٿي چُڪي آهي. اڇو تہ جنوبي آفريڪا هلون جتي Negritude[1] جي خلاف جدوجهد اڃا هلي رهي آهي. ڊينس بروٽس جو هڪ نظم آهي:

”اوهان ڊاڪ زنيءَ کي غلط نہ سمجهو
اها جسم جي ضرورت جو اظهار آهي.
ٺهي دست، بي زبان جسم پنهنجي
طريقي سان هٿوراڙيون هڻي
اندر جي اشتها کي پڌرو ڪري ٿو.
هيڪليءَ سَڏ جي گُپت ايڪانت
ڇباڙي رهي آهي جيون جا پراڻ آستان
۽ ستا مان هڙٻاٽون نڪرين وانگر نڪري آيون آهن.
هن رمتي جيون کي ڀوڏر ۾ وجهي، ڪاسائڪي

[1] نيگريٽيوڊ (Negritude): نيگرائپ، نيگرو هجڻ جي ڪيفيت

من ورتي ڏني اثاثون.
جيتوڻيڪ تنهنجو ماس رهڙجي چُڪو آهي.
۽ منهنجون ٻانهون ڏکي رهيون آهن،
پر پياري، ويساهه ڪر، تہ مان پيڙا ۾
پنواتيون ڪائي،
۽ تنهنجي سور جي سوڪڙيءَ مان
پنهنجي ڪوملتا جي بکي گهرج وائکي
ڪري رهيو آهيان.“

انگريزيءَ ۾ هرويرو استعارا گنجرايا ويا آهن ۽ ان ڪري اُنهن جو سنڌي ترجمو ڏکيو ٿي پيو آهي. پوءِ بہ شعر جو مطلب آهي تہ هڪ ڪرانتي ڪار جو اندر ڪيترو ڪومل ٿي سگهي ٿو.

منهنجي سامهون هڪ پيو ڪتاب Modern poetry from Africa (آفريڪا جي جديد شاعري) پيو آهي. ڪنهن چيو آهي تہ هر سياهہ فام کي اها ڳالهہ ڏيان تي آڻي آهي تہ نہ فقط هو سياهہ فام آهي، پر هو سفيد فام نہ آهي. سياهہ فام جي ڏيان تي اها ڳالهہ تڏهن اچي ٿي، جڏهن هو ڏسي ٿو تہ هڪ دشمن سفيد فام سماج هُن کي ڪيئن مسترد ڪري چڪو آهي. اها ڳالهہ مختلف طريقن سان ڏيان تي اچي ٿي، اها ڳالهہ فرينچ آفريڪين جي ڏيان تي آئي هئي، جو فرينچ راڄڌانين ۾ اچي چمڙيءَ واري سماج هنن کي پنهنجن شرطن تي قبول ڪيو هو. اهو سماج هنن کي هنن جو رنگ معاف ڪرڻ لاءِ تيار هو جي هو مغربي تهذيب، تمدن ۽ ان جي رسم رواج ۾ ملبوس هئا ۽ ان جي مذهب کي اپنايو هيائون. انهيءَ ڳالهہ هنن کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو هو تہ هنن جي رنگ جي هنن لاءِ ڪهڙي اهميت آهي. ڇا هو هڪڙا سياهہ فام نہ هئا جي پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي رهيل ها جا تلف تاراج ٿي چڪي هئي؟ ڇا هو غير سفيد فام نہ هئا جي ٻئي جي تامل برداشت ۽ چشم پوشيءَ تي  جي رهيا پيا هئا؟ انهيءَ ظاهري يڪسانيت (Assimilation) جو نتيجو اهو ٿيو جو هنن کي پنهنجي

سياهہ فامي وري ياد آئي، جا هن ڪان نوآباديءَ جي قوتن وسارڻ چاهي ٿي. اهو اشارو جنهن ۾ رد ۽ قبول ٻئي هئا، Negritude (سياهہ فامي) لاءِ ڏنو ٿي ويو. اهي اشارا ڪنهن نہ ڪنهن پئرس جي طبقي ۾ بہ ڪيا ٿي ويا ۽ نيگرو دانشور طبقي تائين محدود هئا، جنهن ۾ ڪيترائي شامل هئا. جهڙوڪ سينگهار (Senghor)، ڊيوڊ ڊئوپ (David Diop) براگوڊئوپ (Birago Diop) ۽ ڪجهہ ڪانگو جا شاعر، جي جديد آفريڪا جي شاعريءَ لاءِ ذميوار هئا. مئڊاگاسڪر جي جمهوريت بہ سينگهار جي شاعريءَ کي اپنايو. مئڊاگاسڪر آفريڪا جو آخري حصو هو، جو فرانس جي تسلط ۾ آيو. 1920ع تائين مئڊاگاسڪر هڪ جينيس شاعر، ژان جوزف روبيئروبلو ( Jean Joseph Robierevelo) پيدا ڪيو، جنهن فرينچ ۾ سوچيو ۽ لکيو. پر هن 1937ع ۾ آپگهات ڪيو، جڏهن فرينچ افسر شاهيءَ هن جي فرانس وڃڻ تي مسلسل رڪاوٽون وڌيون. هن تي لافورگ، رامبوءَ وغيره جو اثر هو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مئڊاگاسڪر ٻيو شاعر فلاوي رينيوو ( Flavien Ranaivo) پيدا ڪيو، جنهن پنهنجن روايتن جو نهايت پراثر اظهار ڪيو ۽ هن جي نظم ۾ هن جي بازاري گستاخ ٻولي تي چالو لوڪ گيتن جو گهرو اثر آهي. مئڊاگاسڪر جا ٻيا بہ شاعر آهن، پر سينگهار تمام ٿورن سينيگالين مان آهي، جن فرينچ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم پرائي آهي. پئرس ۾ هو ٻن ٻين شاعرن جي مارٽينيڪ جي ايمي سيزاري (Aime Cezaire) ۽ فرينچ گِنيءَ جي ليون ڊامس ( Leon Damas) سان مليو ۽ ٽئي سياهہ فاميءَ جا رسول ( Apostles of negritude) سڏجڻ ۾ آيا. انهن مان ڪن شاعرن تي فرينچ سريئلزم جو اثر ٿيو.

ڪانگو جي يوتماسيءَ (U.Tamasi) جو هڪ شعر آهي:

”منهنجي ڳُل کي اڃا ياد آهي<br>
انهيءَ پگهريل تامي مليل قلعيءَ جو ذائقو<br>
جڏهن اهو اُن کي ڪوسو پيئاريو ويو هو.“

گھانا ۽ لبريئا ۾ انگريزيءَ ۾ شاعري ڪئي اٿائون. مثال طور:

خبردار!
اِهي زرد مُنهان اَجنبي
پنهنجن ناپاڪ پيرن سان
اسان جي پيءُ ڏاڏي جي ڌرتيءَ کي
پليد ڪن ٿا.“
جنوبي آفريڪا جو هڪ نظم آهي:
”اسان جي رسم رواج کي ڪوٺي ڪڍيو ويو آهي،
۽ انهن کي گاهه وانگر پاسيرو ڪري رکيو ويو آهي،
جنهن کي ناچو لتاڙي رهيا آهن،
۽ جنهن تي ڏاريون پوکون پوکيون ويون آهن،
اسان ڌرتيءَ تي اکيون جُهڪائي وجون ٿا
۽ هر ڏاريءَ ڳالهه اڳيان پيش پئون ٿا.“

آفريڪا جي پڙهيل لکيل شاعرن تي ڪافي وقت ڊِئلان ٿامس، پائونڊ ۽ هاپڪنس کان وٺي شيڪسپيئر تائين اثر آهي. پورچوگيز آفريڪا ۾ ڪافي وقت گهُٽ ٻوساٽ رهي هئي، جنهن مان باقي آفريڪا نڪري چُڪي هئي.

سارتر هڪ ڀيري چيو هو:
”نيگرو شاعري ئي اسان جي دور جي سچي
انقلابي شاعري آهي.“

(Negro Poetry is the true revolutionary poetry of our time)

پر هاڻي سارتر مري چڪو آهي ۽ آفريڪا به ڪيتري حد تائين بدلجي چڪي آهي ۽ شاعريءَ ۾ به نئون موڙ اچي چُڪو آهي. ڪنهن نامعلوم آفريڪي شاعر ڪهڙو نه چڱو چيو آهي:

”هڪ نظم جاز (Jazz)
جي حصي وانگر آهي،

ان جي سرانجامي ايتري ئي اهم
آهي، جيتري ان جي عبارت.
مان سمجهان ٿو تہ تيستائين نظم مڪمل
نہ آهي جيستائين ان کي ڳايو نٿو وڃي.
۽ ان جا لفظ موسيقي سان ملي نٿا وڃن.“

آفريڪا جي سون ڏيهي ٻولين ۾ نئين شاعري ڪئي وئي آهي، جنهن جا اجان ترجما نہ ٿي سگهيا آهن.

تازو مون ٽرنيڊاڊ جي مشهور اديب شوانيپال جو سفرنامو North of South (ڏکڻ جو اتر) پڙهيو جنهن ۾ زائر، ڪينيا، ٽئنزنيا، زئمبيانيا، انگولا، موزئمبيق، روڊيشيا، جنوبي آفريڪا وغيره جو ذڪر آهي. ڪتاب مان پتو پوي ٿو تہ آفريڪا ڪيترو بدلجي چُڪي آهي! ڇا ان جي سچي شاعري هاڻي شروع ٿيندي يا ان جي سچي شاعري اها آهي، جا سماجي ۽ نسلي آزادي ۽ جعلي جمهوريت جي نذر ٿي چُڪي آهي، ڪيئن چئجي؟ انسان تي ڪيل ظلم ۽ هن جي جهالت انسانذات کي ڪيترو لوڙايو آهي! مون تين دنيا جو ذڪر ايترو تفصيل سان ان ڪري ڪيو آهي جو سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”ننهن کي سيڪارڻو هجي تہ ڏيءَ کي ڏک هنيو وڃي.“ مثال سڌي ذڪر کان وڌيڪ اثرائتو ٿيندو آهي.

هاڻي اچان ٿو مان ان ڪتاب تي، جنهن جي ڊمي ڪاپي مون کي مهاڳ لاءِ سپرد ڪئي وئي آهي،* ان تي مثان تہ ڇا، پر ڪٽي بہ نالو چپيل نہ آهي. دراصل مون حسن مجتبيٰ کي حيدرآباد ۾ گهرائي چيو هو تہ مان چاهيان ٿو تہ جي نوان شاعر اُسريا آهن، انهن سان نہ رڳو آءٌ واقف ٿيان، پر انهن جي سنڌ جي نئين نسل سان پوري جاڻ سڃاڻ ڪرايان. دراصل هڪ ڀيري ماهتاب محبوب جڏهن نئون گهر ٺهرايو هو تڏهن منهنجي مان ۾ ڪجهہ اديبن جي دعوت بہ ڪئي هيائين، ۽ بيدل مسرور بدوي ۽ ڪجهہ ٻيا ڳاڻا بہ گهرايا هيائين جن کي خاص

*ڏيٺا ڏيٺا لاٿ اسان

ڪري منهنجو ڪلام ٻڌائڻو هو. جڏهن مون کي ٽي چار پيرا ٻڌائڻو ويو تڏهن پنيان ويٺل هڪ نوجوان کيس چيو ”هوائون نہ روڪيو“ ٻڌايو. اهو هڪ نوجوان شاعر ★ جو پيارو نظم هو جو مون اڳ نہ ٻڌو هو ۽ جو بيدل هن جي فرمائش تي ٻڌائڻو. مون کي ان وقت خيال آيو تہ سنڌ تي منهنجي پنجاهہ سال هڪ هٿي رهي آهي. ادب ۾ ايٽري آمريت بہ چڱي نہ آهي. جي منهنجيءَ شاعريءَ کي جٽاءُ ۾ اسٽرتا آهي تہ اها مون کان پوءِ بہ رهندي. وقت بهترين منصف آهي ۽ ان جي تارازي ۾ ڪاڻ ٽي نٽي سگهي. گهڻي اينگهہ بين کي اڏير، اُتاولو ۽ ڪميا- رهت ڪري ٿي. ان کان اڳ ۾ جي مان زيبائتي موت ڪانوان ۾ جيئري ئي تسلط کان تارو ڪريان تہ بهتر ٿيندو. آخرمان ڪو حرف آخر تہ نہ آهيان. مون خود ڪيئي حرف آخر متايا آهن. چند پاڻ گهٽائن ۾ تبي ڏئي، آڪاس کي تياڳيندو آهي تہ ڪهڙو نہ من ياوڪ لڳندو آهي. هونءَ بہ وڻ لاءِ جهڪڻ هن جي ڦلدائڪ هجڻ جي نشاني آهي. ٻئي ڏينهن مون حسن مجتبيٰ کي گهرايو ۽ کيس پنهنجي مرضي ٻڌائي. مون چاهيو تہ نوان شاعر مون کي پنهنجا پنهنجا پنڌرهن نظم ڏين تہ مان انهن مان هر هڪ جا ڏهہ نظم چونڊيان. ان جي برعڪس سنڌيڪا وارو مسٽر نور احمد ميمڻ (شايد حسن مجتبيٰ جي چوڻ تي) * چيپيل ڊمي ڪڍي آيو ۽ مون کي چيائين تہ کيس ڪوئي لمبو پيش لفظ لکي ڏيان. مون کي سنڌي شاعريءَ تي بہ ڪجهہ لکڻو هو (ان وقت فيثاغورث جو هڪ لطيفو بہ پئي ياد آيو پر اهو نٿو لکان تہ ڪنهن غلط فهميءَ جو سبب نہ ٿئي). شاعريءَ تي مهاڳ لکي پهريون تہ مون چاهيو شاعر ۽ هن جي شاعريءَ جي معيار آڏو نہ اچان ۽ نظم مهاڳ جي پٺيان جيئن جو تيئن شامل ڪري ڇڏيان. اهي نظم منهنجو انتخاب نہ آهن، پر پوءِ مون جڏهن اهي غور سان پڙهي ڏٺا تہ انهن مان ڪيترائي مون کي مطالعي جي قابل لڳا ۽ ان ڪري انهن جي گهڻي چند چاڻ ڪانسواءِ، انهن تي

---

★ مظهر لغاري

* مظفر چانڊيي جي چوڻ تي

مختصر تبصرو ڪيان ٿو.

عطيہ دائود ۽ پشپا ولڀ جا سيئي نثري نظم خوبصورت آهن ۽ انهن جي نثري شاعريءَ ۾ پائنده جاءِ آهي. ڏنل ساري شاعري بنا رڪ رڪاءَ جي ۽ ويچار وان پرجهہ ۽ پروڙ سان اپنايان ٿو.

جيستائين بين نثري نظمن جو سوال آهي تہ حسن درس جو پنهنجي نظم "خانم گگوش" مان هيءَ انوکي، اچنيي جهڙي تشبيهہ وارو بند ڏسو:

"تاريخ جي سگريٽ کي
تيليءَ چميو تہ
وقت دکي پيو
۽ هڪ ڏگهي ڪش ۾
درد جو سرمئي دونهون
هوا ۾ اڏرندو ويو
خُميني تون هڪ قلي وانگر
بي معنيٰ تي چٽي پوندين..."

جي حسن درس جو اهو نظم سبط حسن پڙهي ها تہ هو پنهنجي ڪتاب "انقلاب ايران" ۾ ترميم آڻي ها. يا هن جي هيءَ خوبصورت تشبيہ جنهن تي تبصرو ان جي حسن وڏائڻ کان قاصر آهي، هن کي اڄ ڪلهہ عبرت جي داستان وانگر نظر اچي ها. تاريخ ۾ ايتري دوربيني، سو بہ هڪ پاڪستاني مسلمان لاءِ جنهن جي اکين تي عموماً سائي عينڪ آهي، شاعريءَ ۾ ورلي ملي ٿي.

"سرد ملڪن جي پکين
جهڙي حسين ڇوڪري
منهنجون ڏهہ ئي آڱريون
ميڻ بتيءَ وانگر ٻرن
پوءِ بہ تنهنجي روح جون

## سڀ ڳليون سنسان ڇو؟

هن نظم کي اُهو محسوس ڪري سگهي ٿو جنهن جو روح ڪارڻ سان يا اَڪارڻ اداس آهي ۽ جنهن جي ڪنهن خوبصورت محبوبہ جي آغوش ۾ بہ اداسائي نہ گهٽي آهي. ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان هي نظم نثري نظم کان وڌيڪ ۽ منظوم نظم کان گهٽ نظم جي ويجهو آهي. تقطيع کان بي توجهي ان جو سبب آهي.

حسن مجتبيٰ جي نظم 21 جنوريءَ ۾ پنهنجي دور جي عڪاسي آهي، جا ايتري ڇٽي ۽ بي ڀئي آهي، جو ان جي وڌيڪ وائکائي ۽ کول کلائي اجائي آهي:

"جيل جي کوليءَ مٿان جو چنڊ آهي
جڻ ننڊو هي کنڊ آهي
يا
بندوق سان گهايل ڪنور جو مک آهي
۽ صدين جو ڏُک آهي
سنڌ جي آڪاش تي روز ڦاسي ڪا سُجي ٿي
ڏاڍ سان ڏرتي ڏجي ٿي
۽ ڦرنگي راڄ جو پورو ڪُتو
پؤنڪي پيو
سوراج جو سورج پري آ ڪيترو!
رابيل جي خوشبو هوا ۾ وار کولي ٿي روئي،
بس پرهہ جا پار آهن
هن جا جيڪي يار آهن
هن جي جوڀن جو ڪٽي سوڳنڌ وڙهن ٿا سنڌ ۾،
هو چون ٿا
"سنڌ ۾ يومِ حساب
سنڌ ۾ يوم حساب"

لاش ڪيڏا تا ڪرن،
آڪاش جيڏا تا ڪرن،
جيل جو هو سنتري بائيبل پڙهي ٿو
پر هو منهنجو همعصر ۽ همشهر
هيمون ڪالاڻي مگر
ڦاهيءَ چڙهي ٿو
ريل جي پٽڙين ڪان اڳي
هن جي من ۾ چا هيو
ڪاش ڪو ڄاڻي سگهي
سنڌ جي اتهاس ۾.“

ڪافي ڪامياب نظم آهي ڪاش! حسن مجتبيٰ ان ۾ ڪجھ اصلاح جي گنجائش ڇڏي ها! هن جا نظم ”گناهن جهڙي ڪاري رات“، ”بلئڪ اپريل“ ۽ ”اينٽي ڪلائيمڪس“ خوبصورت جديد نظم جا مثال آهن، جن مان گناهن جهڙي ڪاري رات هيٺ ڏيان ٿو:

”هئي هوا رولاڪ شاعر جي مثال
بند آفيسن جي ڪڙڪين وانگيان تنها اسين
تنهنجي وارن ۾ گناهن جهڙي ڪاري رات آ،
ديوتائن جو ڪفن بادل مٿا!
جن جي پٽ تان چنڊ ويو آهي لِڪي
ڪنهن ڏوهہ وانگر،
ڪنهن ڪريل گهڙيال جهڙي ماٺ آ،
درد جڻ فٽ پاٿ تان ورتل ڪتاب،
بس اسان جوين گذاريو آ ايئن
ماڪ ڪان پنيورن ڪان، پوپٽ ڪان چنل
گلدان جا قيدي گلاب.

مٿيون تشبيهون ايتريون نيون ۽ عجبائتيون آهن، جو ڪنهن بہ يورپ

جي جديد شاعر جي پيٽ ۾ رکي سگھجن ٿيون. بي اختيار منهنجي چپن تي فارسيءَ جو شعر اچي ٿو:

گمان مبرکه به پان رسيد کار مغان
هزار بادهء نا خوره در رگ تاک است

(وهم نہ کر تہ ڪلال جو ڪم پورو ٿي ويو. اجا تہ ڊاک جي رڳن ۾ ڪيئي شراب اڻ پيتل آهن).

شبنم گل اها شاعره آهي، جنهن ۾ هن مرد جي غلبہ آور سماج جي خلاف بڙڪ پاڻ جي همت آهي. هن جا نثري نظم ”مصلحت“ ۽ ”خاموشي“ خوبصورت آهن. باقي شاعريءَ ۾ هن جا انگريزي لفظ سي بہ انگريزيءَ صورتخطيءَ ۾ مون کي نہ آئڙيا. شبنم جو هي نثري نظم برصغير ۾ جديد نظم جي صنف ۾ جاءِ والاري سگھي ٿو:

”منهنجي خاموشيءَ
مون کي بين تي
ايئن ظاهر ڪري ڇڏيو آ
جيئن قيد ٿيل خوشبوءِ
شيشي جي بدن مان
اوچتو آزاد ٿي وئي هجي.
اکيون منهنجون
مصلحتن جي بار هيٺان
جھُڪيل رهن ٿيون،
پوءِ ماٺهو چون ٿا
اُهي ڳالهائن ٿيون،
مون گھڻو ڪجھ ڏٺوءِ سنو آ
پر مون کان سچ چوڻ
۽ سچ ٻڌڻ جو
اختيار کسي

پٿرن جي ديس ۾
رهندڙن
پنهنجين اکين
پنهنجن سماعتن تي،
ڪيئي پهرا رکي ڇڏيا آهن.“

دارا ابڙو هڪ دانشور اديب آهي ۽ هن جا نثري نظم ”ڪمپيوٽر ڍڪندو رهندو“، ”اسان انڌا آهيون“، ”ڪنارا رومينٽڪ نظم“، ”نہ ختم ٿيندڙ جبر “ ۽ ”اجايون ڳالهيون“ هونءَ تہ سٺا آهن. پر انهن ۾ شيام جئسنگهاڻيءَ جي گواني منظر وانگر غير ضروري انگريزي لفظ آهن. شيام تہ اهي لفظ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڏنا آهن. پر دارا انگريزي صورتخطيءَ ۾ ڏنا آهن. ”ڪمپيوٽر“، ”بريل“، ”ٽڪسيڊو“[1] ”رومينٽڪ“ “ ڊيپ فريزر“ ”سولر سيل“ ۽ انفراريڊ“ جهڙا لفظ پيلي انگريزيءَ ۾ ڏنا وڃن. ڇو تہ سنڌيءَ ۾ انهن جا هم معنيٰ لفظ نہ آهن. ڇڪي ٽاٽي رومينٽڪ کي رومانوي بڻايو ويو آهي. باقي ڪلئنس، چپ، هارس ڪوپ، وِنر، انٽيليڪچوئلزم، ماسِڪَ، فلورمل، انفرااسٽرڪچر، وينس لاءِ سنڌيءَ ۾ ٺُز لفظ آهن ۽ انهن جو استعمال بيجا آهي. قرات العين حيدر جهڙي ”آگ کا دريا“ ، ”آخر شب کي همسفر“ ۽ ”گلشن رنگ چمن“ جي مصنف جي انگريزي لفظن جي اجائي سجائي استعمال هن جي نثر کي بي سرو پاري ۽ ڪرخت بڻائي ڇڏيو آهي. نظم تہ نثر کان بہ وڌيڪ سريلائپ ۽ ڳن-رس جي گهر ڪري ٿو.

بخشڻ مهراڻويءَ کي بحر وزن تي ڪنهن حد تائين عبور آهي ۽ هن جا نظم ٽيڪنڪ توڙي تخيل جي لحاظ کان قابل قبول آهن. پر ههڙين خوبصورت سٽن ۾ بہ ڪجهہ بيپرواهي ڪري ردم ٽٽي پوي ٿو ۽ سٽ ايئن ڪنن ۾ بري ٿي جيئن ڪَٺُ چڙهيل ڪلف ۾ ڪنجي ڦرندي آهي.

---

[1] ٽڪسيڊو (Texedo) ماڻهوءَ جو رسمي سوٽ جو گهٽو ڪري ڪاري رنگ جو ٿيندو آهي

اڙي او پيار جا پاڳل
ڪٽي ڪشڪول نيٽن جا
ڪهڙي متيءَ ڪي ڳولين ٿو.

پوئين سٽ ڪي موزون بڻائڻ لاءِ ”ڪهڙي“ کي ”ڪڙي“ پڙهڻو پوندو. ايئن لڳي ٿو جڻ شيونگ بليڊ ڏاڙهي ڪوڙيندي ٽُڪو ڏنو آهي. هونءَ ”ڪشڪول نيٽن جا“ ڪهڙو نه پيارو محاورو آهي! ڪيترو نه انوکو ڪيترو نه نئون، ڪيترو نه عجبائتو! ”مگر چا ڪجي، ها مگر....“ جو پويون بند ساڳي طرح خوبصورت. پر ان ۾ ”جهڙي“ لفظ کي وزن تي آڻڻ لاءِ ”جڙي“ ڪري پڙهڻو پوي ٿو. ”تاريخ هارايل لشڪر جان“، ”سوال“، ”اجايل پنڌ جو پيچرو“، ”هڪ ڏکيءَ ننڊ سمهڻ جي ريهرسل“. ترنم جي چوڏول ۾ ڦيرائن ٿا، جيتوڻيڪ انهن ۾ رومانيت وڌيڪ آهي ۽ دانشورانه گهرائي گهٽ آهي، جا پنواتي ڏئي سگهي.

ڪويءَ* جي آزاد نظمن ۾ ڪنهن حد تائين ٽيڪنڪ آهي، پر ان کي توڙ تي پهچائڻ لاءِ اجا رياض درڪار آهي. ڪهڙو نه سهڻو بند آهي:

”هن گلابي شام ۾
پريان پهاڙين لام ۾
هيءَ رات جي ڪارن ڪُميتن جا
ڪئي اڙٻنگ سوار،
توکي سڏيندا تا وڃن،
پر جي ٻڌين!“

چا نه دلڪش منظر ڪشي آهيءِ ساچاه لاءِ سڏ آهي! هڪ تصوير اکين اڳيان ڦري ٿي وڃي. جڻ ڏچ مصور ريمبران کي لفظن ۾ ڦاسايو ويو آهي. هن جي ٻي آزاد نظم ۾

---

* خير محمد ڪوي، جهمپير جو نوجوان شاعر

”وڇوڙي جون وليون
وياڪل وجود کي ويڙهي وڃن ٿيون.“

ان اظهار کي جذبات جو کهڙو نہ تاثراتي انداز آهي!
وسيم سومري جي نظم ۾ ڪافي رواني آهي ۽ تراني وانگر هر سٽ ڳائي سگهجي ٿي. دراصل منهنجي راءِ اها آهي تہ نظم جو ڳائي نہ سگهجي، اهو صحيح معنيٰ ۾ نظم نہ آهي. ڪويتا سنگيت جا سواس آهي، جنهن کان سوا اها ان چانهن وانگر لڳندي آهي، جا مري ڪنديءَ تان ڪري پوندي آهي ۽ توڙي، ان جا پر اجان خوبصورت ۽ آڪاس سان لائون لهندا نظر ايندا آهن، تڏهن بہ بيجان هوندي آهي.
هڪ نظم ۾ هو چوي ٿو:

ٿي تنهنجي جوت جهنڻ چاهي، اڄ منهنجي تن تنوارون ٿي
نڙ بيتن مان ٿي واجهہ وجهي، ڪا لوڪ کهاڻي سارون ٿي
هوءَ در تي ڪندي سوچي ٿي، ڪنهن سانوڻ ڪاڻ ميارون ٿي
تون ٿڪجي پير پسارين ٿو ۽ پنهنجا قول نہ پاڙين ٿو
اي چنڊ لڪي ڇا جهاڙين ٿو؟

نظم ۾ لفظ ۽ معنيٰ هڪ ٻئي جي ٻڪ ۾ ٻڪجي وڃن ٿا. ٻولي جهرڻي وانگر وڃي رهي آهي، جنهن جي روانيءَ تي روڪ نہ آهي. هن جو آزاد نظم بہ عروض تي پورو آهي ۽ ان ۾ نظم جي رواني آهي. ان جي پوئين سٽ ئي جڻ شاعر کي پنهنجي مستقبل جي سند ڏئي ڇڏي ٿي:
”چري سوچ“ - چرخو ڪتڻ لئہ ڇڏي وئي،
”سوچ چرخو“ ڪيتري نہ بامعنيٰ ۽ دل جهٽيندڙ ترڪيب آهي!
جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ بہ سوچ- چرخو هڪ خوبصورت استعارو آهي ۽ مدي خارج چئي نہ ٿو سگهجي.
وسيم جاگيت، وايون ۽ غزل بہ سٺا آهن، جن تي مان ٻين شاعرن جي گيتن، واين ۽ غزلن سان گڏ تبصرو ڪندس. مون کي هو پيدائشي

شاعر ٿو نظر اچي، جنهن جي رت ۾ ردم شامل آهي.

ايئن تہ تاج جويو ادل سومرو اياز گل ۽ ٻيا ڪيئي شاعر مون کي پنهنجا اڻ ڇپيل شعر ڏئي ويا آهن، جن کي هن مجموعي ۾شامل نہ ڪيو ويو آهي ۽ جن کي پنهنجي انفراديت آهي، جنهن تي مان الڳ مهاڳ لکي رهيو آهيان.*

ارشاد ڪاظمي، جو پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر آهي، ان جي شاعري ۾ هن جي پيشي جون جهلڪيون بہ نظر اچن ٿيون.

هو نثري نظم جو شاعر آهي. "تون مون کي سياري ۾ سٺي لڳندي آهين". "آئي بئنڪ"، "الميو"، "توکي حاصل ڪرڻ لاءِ"، "محبت" ۽ "ياد" هن جا نمائندا نظم آهن. هن جي نظم "محبت" ۾ اهڙي انوکائي آهي، جهڙي ساحر لڌيانوي، جي نظم

میرے محبوب کہیں اور ملا کر مجھ سے

۾ ڪنهن وقت هئي، جنهن ساري هندستان کي چونڪائي وڌو هو. تخيل هن جو ساحر سان نٽو ملي، پر روايت کان علحدگي ۽ منفرد سوچ هن کي ٻين شاعرن کان ڌار ڪري بيهاري ٿي. هن جي جديديت کي واضح ڪرڻ لاءِ هن جو شاهڪار نثري نظم "آئي بئنڪ" هيٺ ڏيان ٿو:

"انهن کي
خاص محلول ۾ رکيو ويو آهي
تہ جيئن اُهي وساري نہ سگهن
تہ هنن ڇا ڇا ڏٺو هو
ڇا ڇا ڪيو هو
اُهي ڪيترو وقت کليل رهيون هيون

---

* ٽيهارو نوجوان شاعرن جي شاعري، سائين محمد ابراهيم جويي جي حڪم تي تعارف سان گڏ آءٌ اياز کي ڏئي ويو هئس، جنهن تي هن مهاڳ لکڻ چاهيو هو پر ڪو دوست اهو مسودو اياز وٽان تڳائي ويو هو. (ت. ج)

يا ڪيترو وقت بند
انهن کهڙا خواب ڏٺا هئا
ڪنهن کي چاهيو هو
تہ جيئن ڪين
وري سيکاري سگهجي
جاڳڻ ۽ سمهڻ
روئڻ ۽ کلڻ
ڏسڻ، چاهڻ ۽ خواب لهڻ
نئين سري ڪان.“

هڪ جديد فرينچ شاعر (نالو ياد نہ آهي) پنهنجي ڪنهن بہ شعر ۾ بيهڪ جون نشانيون نہ ڏنيون هيون. ارشاد بہ ورلي ڪائي بيهڪ جي نشاني ڏني آهي، جيتوڻيڪ اها ڳالهہ چڱي نٿي لڳي. ممڪن آهي، اها ڇاپي جي چُڪ آهي.

اثر جو آزاد نظم ”رهجي ويل منظر“ شاعر جي پيريءَ تي جوانيءَ جي خنده زني آهي ۽ ياس يگانہ لکنوي جو شعر ياد ڏياري ٿو:*

گناه زنده دلی کہیئے یا دل آزاری،
کسی پہ ہنس لئے اتنا کہ پھر ہنسا نہ گیا.

جڻ جوانيءَ کي پنهنجي ٿهڪ ۾ انت جو ڏهڪاءُ نظر اچي ٿو جو اُوس اچڻو آهي. هوبہو آزاد نظم پيڙا ۾ قبرستان جي گلن واري تشبيهہ ۾ ايتري وسعت پيدا ٿو ڪري، جو ان جي لپيٽ ۾ زندگيءَ جي خوشيءَ جا سارا لمحا اچي وڃن ٿا. جن جي خوشبو پنهنجيءَ ناپائيداريءَ کان بي نياز آهي. تشبيهہ نادر آهي ۽ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ پنهنجي پوري حسن سان کپي سگهي ٿي. ٻئي آزاد نظم عروض جي گهيراوَ ۾ آهن.

امتياز ابڙو آزاد نظم جو شاعر آهي، هن جا عڪس انوکا آهن، جي اُن آرسيءَ ۾ پئجي رهيا آهن، جا زندگيءَ جي ٽوڙ تي ڪوئي جهلي

* 'اثر' عبدالعزيز سولنگي، جهمپير وارو

بينو آهي ۽ آئي وئي مسافر کي ڏيکاري رهيو آهي. ”ساٽ جي موسم“ ۾ لکي ٿو:

ڪو جهيون سرٽيون
جن جون دليون
تجوڙين ۾ بند هونديون آهن،
لغڙ ڏسنديون آهن ته،
اُلر جو سوچينديون آهن.
”اسين پنهنجن محبتن جا
ڪاتا ٽيل لغڙ
اجان نہ ڳولي سگهيون آهيون!“

شايد هُن کي خبر نہ آهي تہ هٽ، جو مانجهو مليندو آهي. ان کي ڪاتا ٽيل لغڙ ڏسي، ڪيڏي نہ حسرت ٿيندي آهي! هن کي شايد اها بہ خبر نہ آهي تہ ڪي لغڙ توڙ تائين ڪاتا نہ ٿيندا آهن ۽ جڏهن شام جو انڌيرو ٿيڻ لڳندو آهي تہ انهن جي ڏور کي ڇڪي، انهن کي ٻيءَ اڏار لاءِ ويڙهي رکبو آهي. هن جا نظم ”مون کي تنهنجي گهرج آهي“ ۽ ٻيا نثري نظم اهو احساس ڏيارين ٿا تہ چڱو ٿيو جو ”ارهہ برهہ ڪنڪره“ ۽ ”ساموئي جي ستن بيتن“ لکندڙن مدارين مان جان ڇٽي! نثري نظم ئي سهي، انهن ۾ تازگي تہ آهي. هن جي اظهار جا طريقا ڏسو:

”مون کي تنهنجي سرمي جيتري
جاءِ کپندي هئي.“

(آئون توکي چاهيان ٿو)

”مون کي ياد آهي تو منهنجا لُڙڪ اگهيا هئا،
جيئن ڳوناٽيون ڦٽيون چونڊينديون آهن.“

(آئون توکي چاهيان ٿو)

”مون توکي ڇهيو هو
۽ هڪ چشمي ۾ تبديل ٿي ويو هوس.“

(آئون توکي چاهيان ٿو)

"مون کي رستو ڏيندڙ ڏاڪڻيون
سانجهيءَ ڏانهن ويون."
(آئون توکي چاهيان ٿو)

"اڄ تہ ڪجهہ مُرڪي وٺون" اهڙو نظم آهي، جو بين الاقواميت جو حامل آهي ۽ جنهن جو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪامياب ترجمو ٿي سگهي ٿو. هن جا ٻيا نظم "منهنجي جسم جو وطن" ۽ "ٻوساٽيل نقشو" ڏيکارن ٿا تہ هو هڪ نهايت حساس شاعر آهي ۽ هن جي نثري شاعري روح ۾ اُهي ولوڙا وجهي ٿي، جا منظوم شاعري بہ ورلي وجهندي آهي.

امر سنڌوءَ جي سياسي شاعريءَ ۾ بين الاقوامي سياست تي نگاهہ گهري نہ آهي ۽ قومي سياست کي بہ سطحي نظر سان ڏٺو ويو آهي. هوءَ اڃا شاگردياڻي آهي، پر پوءِ بہ هن جا ڪي محاورا هن جي ذهني بلوغت جي نشاندهي ڪن ٿا.

"لڙڪن جي سنگهرن ۾ سوگها ٿيل
درد جي سفر جا راهي آهيون."
(انقلاب جا سڀ نعرا بلٽ پروف آهن)

جنهن گوليءَ توکان نعرو کسيو هو،
سا
امن جي اک ۾ قلو آهي.

هن جي ڪم عمريءَ جي باوجود "سمهي نہ سگهڻ جو ڏک" "پاڳل خوابن جون تعبيرون" ۾ هن جي سوچ ٻارڻ وانگر ٻري رهي آهي ۽ اهي توجهہ طلب لفظ آهن. هوءَ منظوم شاعريءَ لاءِ بہ ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ جي هن پنهنجي ڪوشش ۽ مطالعو جاري رکيو تہ ڪنهن وقت هوءَ تمام چڱي شاعره ٿيندي، في الحال هن نثري نظم لکيا آهن، جن ۾ قافيہ پيمائي کٽڪي ٿي. پوءِ بہ هن جي شاعريءَ مان ذهانت جون ريکون بکن ٿيون.

مثال طور:

A Dream of a Mad girl

چا!
تون پنهنجي نظريي جو ڪمبل
مون کي اڌارو ڏيندين؟
مان
پنهنجن سپنن کي
سيءَ کان بچائڻ ٿي چاهيان
هوءَ
جنهن کان ڊگهي ڪس (Kiss)
ونڻ چاهي هئي مون
رات!
ان جي سپنن سيءَ کان بچڻ لاءِ
خودڪشي ڪري ڇڏي

چا انهيءَ نظم ۾ انگريزي لفظ ضروري هئا؟

جان خاصخيليءَ جو نهايت خوبصورت نثري نظم "بيجنگ (چين) ۾ ٽيل فائرنگ تي ڏيکاري ٿو.تہ شاعر جو بين الاقوامي سياست جو مطالعو ڪافي گهرو آهي ۽ هو نعري باز شاعرن مان نہ آهي. مان هن جو سارو نظم هتي ڏيان ٿو:

"پنيهرن جي لُڪ لڳي آهي
۽ تنهنجي سڪ لڳي آهي.
تنهنجي گلابي چپڙن جهڙا گهاوَ
اڄ بيجنگ جي گهٽين ۾
ٽڙي پيا آهن
تون پنهنجي ديش جي
هن گرم رت ۾،
ڳوٺ جي چانورن ۾

گيت جي ڏن تي
احساس اُٽندي
ڪيڏي وٽندي آهين،
ها مگر
اڄ تنهنجي ويس جهڙيون
ڳاڙهيون گهٽيون
فاشين جي اکين ۾
سرٿ پئجي آهن ويون،
ڪنوار جي تن جيان
اُجريون اُميدون
هيل رولي ۾ نہ پونديون
ميندي ءَ جون هٻڪارون ٿينديون
هيل سڄي جڳ ۾
موڙ ٻڌڻ جي مند بيچين آ."

مٿين نظم ۾ شاعر جي من جو دک ۽ سنسار جو دک ملي هڪ ٿي ويو آهي.هن جو آزاد نظم "خوابن جو سفر" بہ هڪ اونهيءَ سوچ مان اپريو آهي، جا سياسي سوجهہ ٻوجهہ جي نشاني ڏي ٿي. ساڳي طرح هن جو ٻيو آزاد نظم "گوئٽي ڏانهن " بين الاقوامي شعور جي گهري عڪاسي ڪري ٿو. اهي نظم سٺي انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿين تہ هن کي ڪافي شهرت ڏياري سگهن ٿا.

مون تہ پيش لفظ ۾ سنڌي شاعريءَ جي اڪثر صنفن جو ذڪر ڪيو آهي، جيئن پيش لفظ جامع ٿئي ۽ پوريءَ سنڌي شاعريءَ سان آشنائي پيدا ٿئي، پر هن مجموعي ۾ زياده نثري نظم آهن ۽ ڪجهہ آزاد نظم، غزل، وايون ۽ ٿورا گيت آهن. مان ٻي هر صنف تي لکي آيو آهيان، سواءِ وائيءَ جي. جنهن جو گهاڙيٽو بلا شاهہ جي پنجابي شاعريءَ تان يڌائيءَ ورتو هو ۽ يڌائيءَ تان مون ورتي ان ۾ نئين جان پيدا

ڪئي. پر هن مجموعي ۾ شامل ڪيل واين تي اچڻ کان اڳ مان هن ۾ ڇپيل غزلن جي چند چاڻ ڪريان ٿو.

مان سعيد ميمڻ جي غزلن کان شروع ٿو ڪريان. ڪجهه غزل جديد سنڌي غزل جي معيار تي پورا آهن. جيئن:

رستن جي ويراني مون ڏي گهوري ٿي،
هر شيءِ مان حيراني مون ڏي گهوري ٿي.

ڪيڏو وقت لڪل آ ڪَل جي گُهنجن ۾،
پوڙهي جي پيشاني مون ڏي گهوري ٿي.

هن غزل جو فارم ته اردو غزل وارو آهي، پر جديد سنڌي غزل وانگر ان جو هر شعر پاڻ ۾ هڪ نظم سمائي ٿو. در اصل سنڌي غزل جو مزاج بدلجي ويو آهي ۽ ان ۾ فارسي ۽ اردو غزل ۾ فارم ڪانسواءِ ڪائي مشابهت نه رهي آهي. نه تشبيهون ساڳيون، نه استعارا، نه اساطير (ڏند ڪٿائون) نه روايتون، نه بندشون، نه ڪنايا، نه اشارا، مطلب ته ڪجهه به ساڳيو نه آهي ۽ هجڻ به نه گهرجي.

سعيد ميمڻ جا اهڙا ڪجهه ٻيا به غزل جا شعر آهن:

صدين تائين پهچي ٿي هن جي نظر،
ڪلاڪار ڪي جي ملن ٿيون اکيون.

تنها تنها ورندا هِن آکيرن ڏي،
پکين کي به قطارون ساٿ نه ڏينديون هِن

لڙڪن سان لڙهي ويندا هِن سپنا،
من ساگر جون ڏارون ساٿ نه ڏينديون هن.

(اتر ۾ ”آهن“ لفظ کي ”هِنِ“ چوندا آهن ۽ جديد شاعر ان کي پوئين اچار سان استعمال ڪن ٿا).

وري چنڊ ـ پوپٽ ڇهن ٿا گلن کي،
گلابن ۾ آواز پڙڪي رهيا هن.

هي جسمن جي گرمي ۽ ٿوري ڇهڻ سان،
حجابن ۾ آواز پڙڪي رهيا هن.

صائب يا حافظ يا سعدي يا عرفيءَ وغيره هھڙيءَ شاعريءَ تي ڪن لاتار ڪري ڇڏين ها. ڇو ته انهن کي جديد نظم جو پورو تصور نه هو ۽ هو اهو سوچي به نٿي سگهيا ته غزل روايتي موضوع کان ايترو ڦري ويندو. غالب ۾ ڪٿي شعر کي پوري نظم جي ڪيفيت آهي، نه ته گھڻو ڪري اردو شاعري روايتي آهي، جنهن ۾ اٽڪل پنجاهه قافين جي هير ڦير آهي.

سعيد جي مٿين غزل ۾ چنڊ-پوپٽ ڪيڏو نه موهيندڙ استعارو آهي، جو يورپ جو ڪو به تصوريت پسند (Imagist) شاعر خوشيءَ سان اپنائي ها. سعيد هڪ وائي به چڱي لکي آهي:

سج لٿي کان پوءِ
چوڌاري تر ۾،
خاموشي آهي.

هلڪيون لهرون هن
چواڄ ساگر ۾
خاموشي آهي.

نوري توکان پوءِ
ڪيڏي ڪينجهر ۾
خاموشي آهي.

مون کي هن ۾ ٽيڪنڪ ۾ ڪافي پختگي نظر اچي ٿي. دراصل شاعري سڄي زندگيءَ جو رياض آهي. اقبال جو هڪ فارسي شعر آهي:

سالہا در کعبہ و بتخانہ می نالد حیات
تا زم بزم عشق یک دانائے راز آید برون!

(ترجمو: سالها سال حياتي ڪعبي ۽ بتخاني ۾ پُڪاري ٿي. تڏهن عشق جي بزم مان هڪ راز جو ڄاڻو ٻاهر اچي ٿو)

چڙي هيڏ ٻڙي هٿ ڪري ڪوئي پساري نٿو ٿئي، جو وهي سو لهي، جيترو ذات جي باري ۾ صحيح آهي، اوترو ڪنهن ڳالهه جي باري ۾ صحيح نہ آهي. ڪيڏو نہ مشاهدو ۽ مطالعو ۽ پاڻ کان ٻاهر ۽ پنهنجي اندر سفر ضروري آهي!

وسيم سومري کي غزل تي بہ مهارت آهي. پر هو هن مجموعي ۾ آندل ٻين شعرن وانگر تمام ٿورا وزن ٿو ڪم آڻي، جيتوڻيڪ انهن ۾ اصلاح جي ضرورت نہ ٿي نظر اچي:

ٿي سگهي ٿو ڪٿي چين توکي ملي،
اُٿ ڪتابن جي رستن مٿان رُل پرين،

ٿا چون: ”ڪو نہ پاڻي آ بيٺل چڱو“
پاڻ کي ڪجهہ تہ ڇاڇولِ ۾ ڇُل پرين.

آءُ توسان! ٻيهر- اوٿ ۾ ٿي ملان،
توکي ڳٽتي نہ ڪا ڳوٺ ۾ هُل پرين.

مون ڏي آهن ميارون مٿان ڪي رهيل،
ڳنڍ وانگر نہ ٿي، ڳالهہ ڪر کُل پرين.

مٿين غزل ۾ قافيا ۽ رديف نهايت پيارا ۽ ترنم وارا آهن. ٻيهر-اوٿ سنڌ جي پس منظر ۾ ڪهڙو نہ پيارو مرڪب لفظ آهي! ڪجهہ ٻيا شعر ڏسو:

وريـا ڏڻ وٿـاڻن، مليـو سـڄ لَڪـن سـان،
يري پانـد مـوتيس، مـان پيـرنُ پڪـن سـان.

رجيـا هــارين جــا مهانــدا مكــڻ جــئن،
ڪٽي ڪاج آيـون، سـنگهاريون ڏَڪـن سـان.

ڪيڏي نہ سَرل سنڌي آهي! نہ زير ـ اضافت، نہ واو عطفي! پوئين شعر ۾ تصوير ڪهڙي نہ سهڻي آهي. ڪنهن بہ مصور کي ان تي پيار اَچي وڃي!

هيٺين وائي، جا فاعلن، فاعلن، فاعلن، فاعلن وزن تي آهي، ڪيڏي نہ سريلي آهي، ڪيتري نہ اداس ۽ اباڻڪي آهي! ڪيڏي نہ اٿاهہ پيڙا آهي اُن ۾:

هــو اڪـــن ۾ ڦٽيون،
واڱـــڻـــائـــي ڦليون.
مون کي رُت راس آئي نہ آهي اجان!
ماڪَ، مڪڙيون چُميون
۽ ڪٿوريون کُليون.
مون کي رُت راس آئي نہ آهي اجان!
سُرمي- سپني بنـــان،
هـــي اکـــيون کوليون
مون کي رُت راس آئي نہ آهي اجان!
چين ڪِٿ ڪو نہ هو
سڀ مون راهون رُليون
مون کي رُت راس آئي نہ آهي اجان!

من جي ويڳاڻائيءَ جو ڪهڙو نہ اونهو اظهار آهي اُن ۾! جڻ تہ فطرت هن جي ڪنهن ڳجهي گهاوَ تي مرهم نہ رکي سگهي آهي، جڻ ڪوئي اَڻ چِتو ڦوڙائو هن جي من ۾ مروتا وجهي رهيو آهي! وسيم جو گيت بہ من ۾ پيهي وڃي ٿو ۽ پنهنجي وَن واس ۾ ڇڪي وٺي ٿو:

ڪيڏا نہ پوپٽ پئي مڙيا
سورج مکيءَ جي پوک تي.
سورج مکيءَ جي پوک تي.

جئن سج اُيريو ننڊ مان
تئن نيڻ مهٽي گل ٽڙيا
سورج مکيءَ جي پوک تي.
ساواڻ تي پيلاڻ جا
ڇا رنگ تارن جيئن ڪڙيا.
سورج مکيءَ جي پوک تي.
سورج مکي سڀ شام جو
جڙ ڪنهن نشي ۾ تي ٽڙيا.
سورج مکيءَ جي پوک تي.
ويري، وري سرهاڻ جا
اي ديس آهن آڪڙيا
سورج مکيءَ جي پوک تي.

ستون آهن يا شاعر، هُد هُد ۽ ڪاٺ ڪٽي ڪان پر وٺي ڪاغذ تي چنبڙائي ڇڏيا آهن! هھڙي شاعري ڏسي مون کي روايت سان بغاوت ۽ پنهنجي سٺ ورهين جي پورهئي تي پيار ٿو اچي. سنڌ پنهنجي راهه ڳولي لڌي آهي ۽ ان جي سڌي پنڌ کي ڪا به رڪاوٽ روڪي نٿي سگهي. پٿائيءَ ڪان پوءِ واري موڳائي، مورڪائي ۽ ويڳاڻو پٽڪاءُ ۽ ڏارين جي دَر ڊِڪا پورا ٿي چڪا آهن. سنڌ پنهنجي ڇيهه تي پهچي پنهنجي ڇانئڻ ٿيپي چُڪي آهي. جي آزاد نظم به هن شاعريءَ سان وک وک ۾ هلي ته ڪيڏو نه وٽي!

مان سنڌ جي نئين نسل کي اها ڳالهه ڪيئن ذهن نشين ڪرايان ته جي شاعري ڳائي نٿي سگهجي ته اُن جي اهميت ڪيتري نه گهٽجي ٿي وڃي! آخر "يہ دهوپ۔ڪنارا" ۽ "بول کہ لب آزاد هين تيري" به فيض جا آزاد نظم آهن، پر اهي جڏهن ڳايا ٿا وڃن ته من ۾ سيسرات اُيري ٿا وڃن.

شاهد ڀُٽي منهنجي هڪ نثري نظم "امان! هو مون کي ڪاري

ڪري مارينداَ“ جي ڏن ناهي، ثمينہ ڪنول ڪان بي بي سيءَ لاءِ رڪارڊ ڪرائي هئي. موسيقيءَ جي لباس ۾ اهو نثري نظم اُنهيءَ ٽاٽي بولا خان جي عورت وانگر لڳي رهيو هو جيڪا ڪنهن وقت مون پنهنجي خوبصورت ڳاڙهي گهگهي ۾ ڏٺي هئي ۽ ايئن لڳي رهيو هو تہ سچ نياڻ ۾ ٽُبي ڏئي رهيو آهي. پر نثري نظم ورلي ڳائي ٿا سگهجن. پنهنجن منٽرن درد وندن گيتن ڪري مون کي ميراجي غالب ڪان بہ وڏيڪ وڻندو آهي. آخر غالب ۾ ايران جو رنگ و بو آهي. ننڍي ڪنڊ جي بو باس تہ نہ آهي ۽ ننڍي ڪنڊ ۾ وري سنڌي شاعريءَ کي موتئي جي سڳنڌ آهي. ٻوراٽيءَ جو سواد. هن ڌرتي جي دين آهي، ان کي پنهنجي انفراديت آهي، جا ٻي هنڌ ڪٿي بہ نہ آهي.

اڳي سنڌي شاعريءَ ۾ ”نانءُ وڏو ديهہ ويران“ وارو معاملو هو. ”دائود پوٽي“ ۽ ”ميران محمد شاهہ“ جو ادلو گدلو يا ٽوٽو غزل هوندو هو تہ اُن کي اسان جي نصاب ۾ اسان تي مڙهي ڇڏيندا ها. جيڪي نامر ڪنيا شاعر هئا، انهن جي ڪليات ڳولي ڦولهي ڏسندا هياسين تہ هڪ اڌ سٽ پڙهڻ جهڙي مشڪل سان ملندي هئي. مثال طور مون مصري شاهہ جي ڪليات ساري اٿلائي پٿلائي هئي، پر مصريءَ جي ٽڙ جهڙي سِٽ رڳو هڪ هئي:

”ماءُ ڏٺي مون ماٺ مڙهين ۾
جوڳي جيڪس ويا جبروت.“

يا ’مفتون‘ همايونيءَ جي سڄي ديوان ۾ سٽ رڳو هڪ پڙهڻ جهڙي هئي:

”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا زندان هزارين مان نہ رڳو“

جي سنڌي شاعريءَ مان پٺائيءَ جي شاعري ڪڍي وجي تہ ان جو سارو سرمايو هڪ واهٽي واتهڙوءَ جي هڙ جيترو مس ٿيندو جنهن ۾ اڳڙين ٽڳڙين ڪان سواءِ ڪجهہ نہ هوندو.

هاڻي اچو تہ بخشڻ مهراڻويءَ جا هن مجموعي ۾ ڏهہ شعر ڏسون جي سنڌيءَ جي هر ڏهس نامي ڪان ياري لڳن ٿا ۽ ايئن لڳي ٿو تہ اسان جا نقاد ڪچڪول ڪنا ڪندا رهيا آهن، جن ۾ رڳو ٻهر مان ميڙيل سيڙيل اڪارتيون وٽون آهن.

بخشڻ جو غزل ڏسو:

منهنجـــي پريـــت آ پنجـــيءَ جهـــڙي
تنهنجـــي مـــوت شـــڪاريءَ وانگـــي.

اوســـــيئڙي ۾ نـــــيڻ اُجايـــــل،
تـــر جـــي پياســـيءَ واري وانگـــي.

رُت جـــي رات ۾ هـــر هـــڪ آشـــا،
مـــاري وئـــي آ، ڪـــاريءَ وانگـــي.

مـــون ۾ ڪـــو آڪيـــرو جـــوڙي
آءُ ٽٽـــل ڪـــنهن ٽـــاريءَ وانگـــي.

جـــڳ لڳـــي ٿـــو جوئـــا خـــانو.
مـــان هاريـــل جـــواريءَ وانگـــي.

يا هن جو ٻيو غزل:

توڪـــان هونـــدي ڏار جيئـــون ٿـــا،
جيـــونُ ڪچـــي گـــار جيئـــون ٿـــا.

روز نـــوان الـــزام اســـان تـــي،
روز اســـين سنگســـار جيئـــون ٿـــا.

هيـــڏانهن هـــٿ ســـمورا خـــالي،
هـــوڏانهن هـــو هٿيـــار جيئـــون ٿـــا.

مـــوت بيهـــاري بيٺـــو آهـــي،
چـــؤڏس پهريـــدار جيئـــون ٿـــا.

يا وائيءَ جون هي سٽون:

کهڙي دَر تي دانهنجي
ديس سجو دانهون
اسين اجايل پنڌ ۾.
سورج تنهنجو آڏرياءُ
سورج مکيءَ کان وڏ.
ڪير ڪري سگهندو؟

هي سٽون گربيءَ ۽ سوسيءَ کان زياده خوبصورت آهن ۽ شاعر ڪنهن امرتا جي آڏاٽي تي اُٽيون آهن. هن جا نثري نظم "هڪ ڏکهي ننڊ سمهڻ جي ريهرسل" ۽ "درد جي ڦاسيءَ تي" بہ سنا نظم آهن. دراصل هي ٽر جي ولين وانگر شاعر آهن جي برسات تي پاڻ تڙي پيا آهن ۽ جي پوکيون نہ وبون آهن ۽ جن جي هُبڪار ۾ هاڻ واسجي ٿو وڃي.

هن مجموعي ۾ آندل سڀ شاعر پڙهيل ڳڙهيل آهن، جن ۾ ڪنهن سگهڙ جي اجائي اينگهہ نہ آهي. ڪويءَ* جي گيت ۾ ديس سان جي قافيا ملايا ويا آهن، اهڙا قافيہ هن وقت ڪنهن بہ نہ ڏنا آهن ۽ انهن گيت کي سنگيت مئہ ڪري ڇڏيو آهي، جڻ مينهن ۾ آلي وڻ مان ڏرتيءَ تي پاٽيءَ ڦڙا ٽبڪي رهيا آهن. يا ٻي گيت جي هن سٽ کي ڪيڏي نہ مَڌ۔مئي سندرتا ڏني آهي:

چنڊ ٿو ڪنهن کان لِڪي
ڇيڳري چوريءَ جيان.

ٿوري اصلاح ساري گيت کي مڌرتا سان واسي ڇڏي ها. هن جو "بادليئو" تہ شاهڪار لوڪ گيت آهي. منهنجي سنڌي لوڪ گيتن کان پوءِ هي پهريون شاعر آهي، جنهن جديد لوڪ گيت لکيو آهي. هن جون ٻيون بہ ڪجهہ وايون سنڌي شاعريءَ ۾ امر اضافو آهن:

---

* خير محمد 'ڪوي'

آڏو تاڻيـــل تيـــر جـــي
هَئـــــ هَئــــ اڏاڻــــا

پنڇــي منهنجــي پــار جــا.

ڪينجهـر تنهنجي ڪَڇَ ۾
ڪنــــول ڪوماڻــــا
هَئـــــ هَئــــ اڏاڻــــا

پنڇــي منهنجــي پــار جــا.

يا هيٺين وائي بہ انهيءَ تصوير جهڙي دلڪش آهي جا اها چِٽي ٿي:

پُســيون چوليــون پوتيــون
پـــاڻي گهـــاگهر جـــو
ڳــالهيون ڪــولي ڌــو چــڏي.

اهڙيءَ طرح هن جي هڪ ٻي بہ وائي آهي:

ســاري رات ڪڙيا
مون در مٿان تارڙا.

حسن درس نظم جو دانشور شاعر آهي، پر غزل ۾ بہ ڪجهہ شعر چڱا لکي ٿو:

گهر تہ ياتين سان ستو آ ياڪرين،
ڪـــڙڪندڙ در چو يلا سمهين نٿو!

اثر جي غزلن ۾ بہ ڪجهہ چڱا شعر آهن:

دل جوڳيءَ جي ڪُٽيا وانگر
سوني ۽ سنسان لڳي ٿي.
تنهنجي سازن تي سناٽو؟
دور تہ ديپڪ تان لڳي ٿي.

پار نديءَ جي ننگي نينگر،
پکشوءَ کي پڳوان لڳي ٿي.
يا
هاڻ ڳهيلي ڳٺتي ڇاجي
کٽکن جو لابارو آهي.

سنڌي غزل جو لهجو بلڪل بدلجي چڪو آهي، فقط گهاڙيٽو غزل جو آهي. ان ۾ فارسي يا اردو غزل جو نالو نشان نہ آهي. سنڌ پنهنجي شاهراهہ ڳولي چُڪي آهي، جنهن ۾ ڪيئي راهون ملي وينديون.

آخر ۾ مان اياز جانيءَ جي غزلن ۽ واين تي اچان ٿو. اياز جاني مون وانگر سنڌي جا مشدد لفظ بحر وزن ۾ مشدد ڪري ڪم آڻي ٿو جي مون کان اڳ ورلي ڪم آندا ويندا هئا.

مَنَ ۾ ٿاڪَ ، تنهنجي نيڻن جا،
چَپ هيراڪَ، تنهنجي نيڻن جا.

راز سرجيانہ سي بہ ڄاڻن ٿا،
ڇا نہ ادارڪ تنهنجي نيڻن جا.

❊❊❊

نيڻ نهارون اڳتي، ڇو نعرا ٿڪجي پيا؟
ڇا هي بيٺي اُپ- پيرين جهنڊا ٿڪجي پيا.

ڪيئن تون منهنجي من ۾ پيڙا ڄاڻي سگهندين،
ڏِسُ تہ اکين ۾ آهن اوجاڳا ٿڪجي پيا.

مان تہ اُجهاميو ناهيان، تنهنجي اوسيئڙي ۾،
ڇا ٿيو جي ٻرندي ڏيئا ٿڪجي پيا.

ٻوٽيل نيڻ مسافر جا، ڪنهن کي ٿا ڳولن،
ڇو هن جي پيرن ۾ آهن رستا ٿڪجي پيا.

هي غزل فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن فعلن جي وزن تي آهي. ان ۾ ڪڏهن فعلن فعلن کي فعل فعولن ۾ بدلايو ويو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ اها ڪوشش غير شعوري آهي. غزل جي تقطيع ۾ اوجاڳا ۾ او جدا، جاڳا جدا، (او+جاڳا) تنهنجي ۾ تنهن جدا ۽ جي جدا (تنهن +جي) ڪري پڙهيو ويندو. منهنجي نظر ۾ اها اوڻائي آهي، ڇو تہ ايئن ڪرڻ سان ترنم ۾ گهارو پئجي وڃي ٿو.

اياز جانيءَ جي ٻي غزل جا بند ڏجن ٿا:

تو چيو ”سپنا بہ ساڀيا ٿيا ڪڏهن،“
مون چيو ”تنهنجو ملڻ ڇا معني؟!“

ڇرڪندو مون کي ڏِٺئي، جڏهن مون پڇيو.
”بند نيڻن سان ڏسڻ ڇا معني؟“

ٻئي شعر خوبصورت آهن، پر ٻنهي ۾ نارائڻ شيام جي غزل وانگر تقطيع ۾ حرف حذف ڪرڻا ٿا پون، جيڪا ڳالهہ جائز تہ آهي، پر جيترا حرف گهٽ حذف ڪيا ويندا، اوتري شعر جي رواني وڌندي. هن جو ٻيو بہ هڪ غزل آهي، جو نظرانداز ڪري نٿو سگهجي:

خاموشيءَ ۾ هلڪو ڪڙڪو ڳالهائي ٿو
دم ٿو گهٽجي، ڪوليو ڪمرو ڳالهائي ٿو.

تنهنجي پاڙي جا ماڻهو ڪيڏا اڻ ڄاتل
مون سان تنهنجي گهر جو رستو ڳالهائي ٿو.

هو ٻي گهر هوندي، جنگ بقا جي وڙهندو ويو
سنّل گهر وارن سان ڪتبو ڳالهائي ٿو.

هن غزل ۾ توڙي مقطع آهي ۽ جاني ڪم آندل آهي، پر هن مجموعي ۾ شامل شاعرن جي اڪثر غزلن ۾ مقطع ۽ تخلص ڪونهي، جا شاعرن ۾ اناپرستيءَ جي ڪميءَ جي نشاني آهي. جيتوڻيڪ مون گهٽو ڪري، غزل ۾ تخلص ڪم آندو آهي، جيئن اردو ۽ فارسيءَ جي

شاعرن ڪم آندو آهي، تخلص جو استعمال شاعر جي نشاندهي تہ ڪري ٿو پر مون کي ان مان آپي پٽي جي بوءِ ايندي آهي ۽ جي نہ ڪيو وڃي تہ چڱو. ڪجهہ شاعر تہ مطلع کي ئي پنهنجي تخلص سان شروع ڪندا آهن، جو مناسب نہ آهي، اياز جاني جو پويون غزل انوکو آهي ۽ من لپائيندڙ پڻ:

ڪا صدين جي اڄ آهي، آءُ نيٽن ۾،
تنهنجو آهي جو بہ آهي، گهاءُ نيٽن ۾.

او مسافر! پيار جا پل تو ڪڏهن پوڳيا؟
تو ڪيو محسوس ڪو پٿراءُ نيٽن ۾.

سخت لهجا، فاصلا، ٿوهر ڦٽي پوندا،
جي رکيو ڪنهن پيار جو پڇتاءُ نيٽن ۾.

اي هوا! آهستي گهل، بارود جي پرسان،
مون ڏنو آ، آڳ جو ڦهلاءُ نيٽن ۾.

اياز جانيءَ جي واين ۾ بہ ڪجهہ سُنا تصور (Images) آهن، جي هتي نہ ڏيڻ هن سان بي انصافي ٿيندي:

ڪــو محســـوس ڪـــري
اوســــــيئڙو در جـــــــو
ڪــو تـــ ڪــڙو ڪڙڪـــائي.
چــاقوءَ ســان چــا تيــون لکــن
نـــاريءَ جـــي ســيني تـــي
ڪنهنجـون آهـن آڱريـون؟
ڪيـــڏي اوتـــن نـنــڊ تيـــون،
اڄ هــــي ســـــازيني تــــي
ڪنهنجـون آهـن آڱريـون

ڪير چوي ٿو سج ٿو اڀري
تانـــــدڙاٽو ٿئـــــي ڪـــــو
ٽڙنــــــدي جاڳرتــــــا.
هٿ ـ ڪڙين کي چمندي اُڀ ۾
پکـــــين کـــــي ڏســـــجو
ٽڙنــــــدي جاڳرتــــــا.
گڏجي ٿهڪ پکيڙيو جُڙندو
خوشـــــبو جـــــو رســـــتو
ٽڙنــــــدي جاڳرتــــــا.
آهـــــي جـــــي اونـــــداهيءَ ۾
جيـــــئڻ جـــــو جـــــذبو
ٽڙنــــــدي جاڳرتــــــا.

هيءَ شاعري روايت جي روايت، بغاوت جي بغاوت جو مثال آهي. جهوني صراحيءَ ۾ نئون شراب آهي. ان ۾ سنڌ جي سڳنڌ آهي. مڏ کي پنهنجا مهتا آهن، جي جيءَ جهتي وٺن ٿا. جانيءَ چواٽي:

پيئندي نـہ محسوس ٿئي ٿـو
آويءَ ۾ پچـــــــــرڻ، الاوو
ايـــــــڏي اُج اُســـــــات.

سنڌ جي ڌرتي ڪيتري نـہ زرخيز ڌرتي آهي! هڪ بادل برسي ٿو تـہ تر ڦلارجي پوي ٿو. ڇا هن شاعريءَ تي سياست جا پاڇاوان ناهن؟ آهن. هتي جا شاعر ايئن تـہ نـہ ٿيندا جيئن حافظ چيو هو:

رموزِ مملکت ملک را شهان دانند
گدائے کوچہ نشینی تو حافظ مخروش [1]

---

[1] ترجمو: ملڪ جون مصلحتون رڳو بادشاهـ ڄاڻن ٿا. حافظ! تون تـہ گهٽي ۾ ويٺل پينو فقير آهين، تون ڇو رڙيون ڪري رهيو آهين.

هتي شاعر ۽ ماحول سان لاتعلقي نہ آهي، پر آرٽ کي اوليت آهي. ڪميونزم جي خاتمي کان پوءِ جمهوريت ۽ فلاحي مملڪت جو تصور ئي ٿين دنيا کي گرمائي سگهي ٿو. ٻي ڪنهن فرد لاءِ تہ اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن پارٽيءَ سان وابستگي ضروري آهي. شاعر خود ڪڏهن حلقو، ڪڏهن ادارو ۽ ڪڏهن جماعت آهي. هن جي شاعريءَ جا سياسي فضا تي پاڇاوان پئجي سگهن ٿا ۽ جيئن سينٽ جان پرسيءَ چيو آهي:

And it is enough for a poet to be the guilty conscience of his time.

(اهو شاعر لاءِ ڪافي آهي تہ هو پنهنجي دور جو مجرم ضمير ٿئي.)

دؤر جي جرم جو اعتراف ۽ سياسي بيداري، شاعريءَ لاءِ ڪافي آهي، جي شاعر جي سياست سان وابستگي آهي، پر اهو اسان کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ شاعر جي آغوش ۾ ساري ڪائنات آهي ۽ هن کي صرف سياست تائين جبراً محدود ڪرڻ هڪ بيڪار ڪوشش آهي. نہ هن لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو ڪنهن سياستدان جو هم-رڪاب ٿئي يا پنيان هن جي لشڪر لاءِ نقارو وڄائي. ها اها هُن جي پنهنجي مرضي تہ هو سياست ۾ مستغرق ٿي وڃي ۽ ڪنهن سياستدان جو رفيق طبلچي ٿئي.

پنهنجي لاءِ اهو ڪافي آهي، جي حافظ وانگر سنڌي ادب جو نئون نسل چوي:

دوش در حلقہ ما قصہ گیسوئے تو بود
تا دلِ شب سُخن از سلسلہٴ روئے تو بود.

(ڪالهہ رات اسان جي گڏجاڻيءَ ۾ تنهنجن ڇڳن جي ڪهاڻي هئي. رات جي دل تائين/اڌ رات تائين تنهنجي چهري جي ڳالهہ هلي پئي).

شيخ اياز

پهرين ڊسمبر 1992ع
ڪراچي-سنڌ.

# شيخ اياز

نثر 2

ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

خط، انٽرويوءِ تقريرون-1

خط، انٽرويوءِ تقريرون-2

اڳتي قدم جا ايڊيٽوريل



[2]

# خط، انٽرويو ۽ تقريرون

(ڀاڱو پهريون)



# انتساب

زرينہ جي نالي،
جنهن جي رفاقت ۽ قربانيءَ کانسواءِ
مان زندگي ايئن گذاري نہ سگهان ها،
جيئن مون گذاري آهي!

- شيخ اياز

# فهرست


مرتب پاران — رشيد ڀٽي — 161

## خط

انٽليڪچوئل ۽ انقلاب — 283
هائڪو ۽ سنڌي شاعري جو مزاج — 299
جي مان مران بند ۾! — 312

## انٽرويو

سامي سچ وڏاءُ — 317
انڌيري ۾ سويري جي آس — 322
اي ڪاش اهو تون ڄاڻين ها — 336

## تقريرون

سچل سرمست جي عظمت — 357
ادب جو نئون ۽ پراڻو نظريو — 362
شام، صبح جو پيغام — 370
امن ۽ انسانيت جو شاعر — 376
مشاعرو ۽ سنڌي ثقافت — 382
سنڌي شاعريءَ جو مزاج — 386
ڪانئن ڪاٺ پياس... — 392

| | |
|---|---|
| اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو! | 396 |
| مرڪن ساريون ماريون | 399 |
| سؤسرن پائي، جي تند برابر توريان | 408 |
| سنڌ هڪ آهي، هڪ رهندي | 414 |
| اُنا مينهن ملير! | 426 |
| لوڪ ادب، سنڌ جي نفسيات جو آئينو | 430 |
| پيٺائي، اسان جي تاريخ جي پورٽتا | 436 |
| پيٺائي، سنڌ جو خواب | 441 |
| شاهه جي شاعريءَ جا ٻه پاسا | 445 |
| مولانا رومي، ۽ شاهه لطيف | 451 |
| سنڌ جو فيلسوف، شاهه لطيف | 462 |
| پراسرار ڪائنات جو رازدان | 475 |
| چرخي چٽ نا لڳدا... | 482 |
| سچ جي پل، ۽ ڪوڙ جو ڪوٽ | 483 |

## مرتب پاران

اياز جي انٽرويوز خطن ۽ تقريرن جي هن مجموعي کي سهيڙيندي ۽ ان تي مهاڳ لکندي مان هڪ نرالي ۽ نياري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. ان لاءِ ڪيئي ڪارڻ آهن، پر مکيہ طور بہ سبب آهن: هڪ تہ اياز جي اهڙين تقريرن ۽ تحريرن کي سهيڙي سنڌ واسين آڏو پيش ڪري رهيو آهيان، جي اسان جي جدوجهد جو اڻ مٽ ۽ اَمٽ حصو آهن، ۽ ٻيو تہ انهن کي متعارف ڪرائيندي مان اهڙو پيار جو پورهيو ڪري رهيو آهيان، جو مون تي سنڌ ۽ سنڌ واسين جو لهڻو آهي. هي تعارف ۽ مهاڳ رڳو اياز جي تقريرن ۽ تحريرن جو مهاڳ نہ آهي، پر نئين سنڌ لاءِ ڪيل اسان جي جدوجهد جي تاريخ بہ آهي.

دانشور، اديب، شاعر ۽ فنڪار ئي پنهنجي ديس جي صحيح ۽ حقيقي تاريخ لکندو آهي. مورخن ۽ تاريخدانن جي لکيل تاريخ ڏرائتي، درٻاري واقعن سان ڀرپور، حاڪمن جي حمد و ثنا سان سرشار، ۽ انهن جي حاصلات ۽ ناڪامين، شخصي عياشين ۽ محرومين جي تاريخ هوندي آهي. ان ۾ ديس ۽ ديس واسين جي ان دور جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتن ۽ پس منظر جي ڪا جهلڪ ورلي هوندي آهي. انهن وقائع نگارن ۽ مورخن جي طويل داستانن ۾ توهان کي عوامي جدوجهد، رعيت جي حالت، ۽ عوامي سورمن يا ڪردارن جو ڪوبہ اُپٽار نہ ملندو. جي ڪٿي اسان جي ڪنهن سورمي جو ذڪر ڪيل بہ هوندو تہ منفي انداز ۾، ان جي ڪردار ڪشيءَ جي خيال سان، ڇو جو اسان جا تاريخدان يا تہ ڌارين فاتحن ۽ حڪمرانن مان هئا، يا

انهن جا مقامي پاڙيتا ۽ پچ لوڏو پگهاردار جن جو مقصد ئي اسان جي سورمن جي ڪردار ڪشي ڪري پنهنجن مالڪن کي اسان جو محسن ۽ مهربان ڪري پيش ڪرڻ هو. انهن پاڙيتن تاريخدانن کان اسان جو ڪهڙو سورمو بچي سگهيو آهي؟ اروڙ جي ديش ڀڳت راجا موسيڪانس کان هيمو ڪالاڻيءَ تائين، جنهن بہ سنڌ جي ڌارين هٿان استحصال ۽ حملي جي مخالف ڪئي آهي، تن تي الزامن ۽ بهتانن جي برڪا ڪئي وئي آهي، ايتري تائين جو مخدوم بلال ۽ شاهہ عنايت شهيد جهڙا مجيل عالم، بزرگ ۽ درويش بہ سندن ناپاڪ سازشن کان نہ بچي سگهيا آهن. ان جي برعڪس اسان جي لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اسان کي پنهنجي ديس جي صحيح تاريخ ۽ سورمن جي سچي ڪردار جي عڪاسي ملي ٿي. انهن تخليقن ۾ اسان کي سنڌ، سنڌ جي عوام ۽ سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتن جي تصوير جو صحيح روپ ملي ٿو. اهو ئي ڪارج اسان جو جديد سنڌي ادب بہ پورو ڪري رهيو آهي. گذريل اڌ صديءَ جي سنڌي اديب، شاعر، دانشور، مورخ ۽ فنڪار جڻ سنڌ جي تاريخ کي نئين سر تحرير ڪيو آهي ۽ اسان جي سورمن جي ڪردار کي چنڊي ڦوڪي اُجاگر ڪري عوام آڏو پيش ڪيو آهي. اها جاکوڙ جستجو ۽ جتن انهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن جو ڪيو ڪياؤ آهي، جن جي سرواڻي ۽ مهنداري، طويل عرصي کان، لاريب، شيخ اياز ئي پئي ڪئي آهي، ۽ ڪري رهيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان جي ادب ۾ اهي رجحان ۽ ترغيبون (اپڪنڊ جي) ورهاڱي کان اڳ پيدا ٿي چڪا هئا، ۽ اياز ان سلسلي جي هڪ ڪڙي هو جو ورهاڱي بعد ٽٽي پاڻ وڃائي چڪو هو. اياز ان ٽٽل سلسلي جي اُها ڪڙي هو جنهن نئين سر سنڌ ۾ ان سلسلي کي مروج ڪيو فڪر ۽ فن جي زنجير جون ڪڙيون ڳنڍيون، ان کي پختگي ۽ جٽاءُ ڏنو.

سنڌي ادب جي ان نئين موڙ ۽ نئين نسل جي راهہ تي ڪيئي اختلاف، تڪرار ۽ تضاد ايرندا پئي رهيا آهن، ۽ پنهنجي موت مري

ختم ٿيندا پئي ويا آهن. نئين ۽ پراڻي، يا قديم ۽ جديد جي وچ ۾ اها ڇڪتاڻ ۽ مقابلي آرائي ازل کان هلندي پئي اچي ۽ ابد تائين رهندي زندگيءَ ۽ دنيا جي هر وستوءَ ۾ اهو تڪرار جاري آهي، ۽ اهڙيءَ ريت زندگيءَ جي هڪ شعبي ادب ۾ به سياويڪ طور آهي ۽ رهندو. پر ادب جي حالت ۾ نئين يا پراڻي ۽ جديد يا قديم محاورن ۾ هڪ نرالپ ۽ نيارپ آهي، جا ٻين مادي شين جي قديم ۽ جديد يا نئين ۽ پراڻي کي، ادب جي اهڙن محاورن کان ڌار ٿي ڪري، ادب جيئن ته سوچ، فڪر ۽ نظرين سان واسطو ٿو رکي، ان ڪري ان جي نسبت ۾ جديد ۽ قديم يا نئين ۽ پراڻي جي اصطلاحن بجاءِ ٻين اصطلاحن جي استعمال سان صحيح معنيٰ، مراد ۽ مطلب ماڻي سگهجي ٿو. ادب جي تعلق سان جديد ۽ قديم يا نئون ۽ پراڻو بي معنيٰ محاورا آهن، يا گهٽ ۾ گهٽ، ڪُلي طرح واضح ۽ چٽا محاورا نه آهن. ان ڏس ۾ اسان صحتمند ۽ غير صحتمند، افادي ۽ غيرافادي، بامقصد ۽ بي مقصد جا اصطلاح واپرائي سگهون ٿا. اڄ جو صحتمند سياڻي جو غيرصحتمند ادب ٿي سگهي ٿو. ڪالهه جو بامقصد ادب اڄ لاءِ بي مقصد ادب ٿي سگهي ٿو. اڄ جو افادي ادب سياڻي پنهنجي افاديت وڃائي غيرافادي ٿي سگهي ٿو. اهو ان ڪري جو مادي جي انتهائي ترقي يافته صورت هئڻ جي ناتي شعور ۽ ان ڪري سوچ ۽ فڪر به، ارتقاءَ جي تقاضائن ۽ گهرجن جا پابند هوندا آهن. ان ارتقا جي سفر ۾ ڪي فڪر ۽ نظريا، سياسي، اقتصادي ۽ سماجي حالتن جي ارتقائي تبديلي سان پنهنجي افاديت وڃائي بيڪار ٿي پون ٿا، ۽ انهن جي جاءِ تي ڪي نوان فڪر ۽ نظريا اچن ٿا ۽ ادب ۾ اهميت حاصل ڪن ٿا. ڪي سوچون ۽ نظريا زمان ۽ مڪان جي تبديلي سان به پنهنجو ڪارج ۽ افاديت نٿا وڃائن، ان ڪري اهي پوءِ به افادي رهن ٿا. ان ڪري ڏٺوسين ته ادب ۾ نئين ۽ پراڻي يا قديم ۽ جديد جو مسئلو به هڪ ارتقائي عمل آهي. ڪالهه جو جديد اڄ جو قديم آهي، ۽ اڄ جو جديد سياڻي قديم ٿي سگهي ٿو. پر ان جي ابتڙ ايئن به ٿي سگهي ٿو ته ڪالهه جو جديد اڄ به جديد ئي

رهي، ۽ اڄ جو جديد بہ قديم جو ڪردار ادا ڪري. اهو سڀ ڪجهہ ان سوچ ۽ فڪر جي، مخصوص زمان ۽ مڪان ۾ افاديت، لاڀ، ڪارج ۽ ڪاريہ تي مدار ٿو رکي.

ان ساري ورڇ ۽ ورهاست کي آسانيءَ ۽ سولائيءَ سان سمجهائڻ لاءِ، ترقي پسندي ۽ رجعت پرستيءَ جي اصطلاحن کان ڪم ورتو وڃي ٿو. انهن ٻنهي اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ ضروري آهي. جيئن ته اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سماج ۾ ٻن متضاد طبقن يا گروهن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جاري رهي ٿي. ماضي ۾ قريب ۾ حال ۾ اهي ادبي محاورا ٿي عام استعمال ۾ رهيا آهن. ترقي پسند ۽ رجعت پرست ادب جي تضادن ۽ اختلافن ٿي نئين سنڌ ۾ نون سنڌي ادبي لاڙن جي جدوجهد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان جدوجهد ۾ ترقي پسند قوتون فاتح ٿي ابري آيون ۽ رجعت پرست مات کائي ويا. ڇو جو هو پنهنجي افاديت وڃائي چڪا هئا ۽ زمان ۽ مڪان سان پاڻ کي هم آهنگ نہ ڪري سگهيا ۽ فعال ۽ باعمل نہ رهيا. ان جي برعڪس نوان ترقي پسند ادبي رجحان ڪامران ۽ ڪامياب ٿي سنڌ کي نين راهن ۽ چارن تي وٺي آيا. ۽ اهو ذهني، فڪري ۽ شعوري انقلاب آندو جو اڄ سنڌ ۾ سنڌي عوام عوامي جمهوري ۽ وطن دوست انقلابي هلچل ۾ اپڪنڊ ۾ نمايان حيثيت ماڻي چڪا آهن.

ان ڇڪتاڻ، تضادن ۽ جدوجهد جي تفصيل ۽ اپٽار ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي تہ ٿوري ۾ ترقي پسندي ۽ رجعت پرستي، ۽ ادب جي افاديت، سياسي ۽ سماجي ڪارج جي ڪجهہ وضاحت ڪئي وڃي.

ان بعد انهن تضادن ۽ ڪشمڪش کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي. اڪثر رجعت پرستن، اصلاح پسندن يا سڌارڪن، ۽ نام نهاد آزاد خيالن طرفان، جي شعوري يا لاشعوري طور سامراج، سرمائيداري ۽ ٻين استحصالي قوتن جا ايجنٽ هوندا آهن، ترقي پسندي جي معنيٰ ۽ مراد الحاد، ڪفر، مذهب دشمني ۽ ساميواد (Communism) ورتي ويندي ۽ بيان ڪئي ويندي آهي. پر اها ساري عوام دشمن حلقن جي شرارت آهي. دراصل ايئن نہ آهي. 'ترقي پسند' اصطلاح مان مقصد ۽ مراد آهي، اُهو جو سماج جي جامد مشينريءَ کي متحرڪ ڪري، ان

مان خاميون ۽ نقص ڪڍي، ۽ اڳتي ترقيءَ جي راهه تي وٺي وڃي. ان جي برعڪس رجعت پرست ان کي چٽبو آهي، جو سماج کي اتي جو اتي رکڻ چاهي ۽ ترقي ۽ اوسر بجاءِ اُن کي پٺتي وٺي وڃڻ چاهي. اها آهي ٿوري ۾ ترقي پسندي ۽ رجعت پرستيءَ جي وصف ۽ وياکاڻ. اها ترقي پسندي ۽ رجعت پرستي ڪي اڄ جا پيدا ٿيل نظريا نه آهن. اسان وٽ به اهو وکر ڪو نئون نه آهي. سماج ۽ تهذيب جي هر زمان ۾ اهي فڪر ۽ خيال هڪ نه ٻئي صورت ۾ نالي ۾ موجود پئي رهيا آهن. سوچ ۽ فڪر جي ذهني ارتقا يا اوسر جو لازمي ۽ سائنسي نتيجو انهن ٻن ڌڙن يا مڪتب فڪر جو وجود پذير ٿيڻ آهي. خيال، نظريا ۽ عقيدا ڪو پاڻ هرتو ڪُنيين جيان ڦٽي نه نڪرندا آهن، ۽ نه ئي اُهي آسمانن تان هيٺ ڪرندا آهن، پر زندگيءَ جون مادي حالتون ئي انهن جي تخليق ۽ ترويج جو باعث ٿينديون آهن، ۽ اسان جي سماج جي روپ رنگ جو تعين ڪنديون آهن. سماج ۾ جي ان جي روپ کي پراڻن پيداواري ناتن ۽ وسيلن سوڌو قائم رکڻ چاهين ٿا، سي اڻ سڌيءَ طرح سماج ۽ زندگيءَ جي مادي حالتن کي واڌ، ترقي يا اوسر وٺرائڻ نٿا چاهين ۽ ان کي ان ئي پٺتي پيل حالت ۾ رکڻ چاهين ٿا. ان ڪري انهن کي رجعت پرست سڏجي ٿو. ان جي ابتڙ ترقي پسند انهن ناتن ۽ وسيلن ۾ اهڙي تبديلي آڻڻ چاهين ٿا، جا سماج ۽ زندگيءَ جي مادي حالتن کي ترقي وٺرائي ۽ اڳتي وڌائي.

ترقي پسنديءَ تي اهو به الزام هنيو ويندو آهي ته اها هڪ مخصوص منشور ۽ نظرئي (ساميواد) جي حامي ۽ پوئلڳ آهي، جڏهن ته ادب يا سوچ کي هڪ فڪر يا نظريي جو پابند نه هئڻ گهرجي. پهرين ڏسڻ سان ته اهو اعتراض وزني ۽ مدلل ٿو لڳي، پر ٿوري غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته ان اعتراض پٺيان اها ذهنيت ڪارفرما آهي، جا ادب ۽ فن و فڪر کي آدميءَ ۽ زندگيءَ کان الڳ رکڻ چاهي ٿي، جا انسانيت جي مسئلن کان فرار چاهي ٿي، ۽ حقيقت کي منهن ڏيڻ کان نٽائڻ چاهي ٿي. ان ذهنيت پٽاندڙ ادب هڪ غيرارادي، بي

مقصد ۽ اڻ لاياڻتي وستو آهي. اها ذهنيت بيمار ذهن ۽ مدي خارج رومانوي ادب جي علمبردارن رستي پرچاري وڃي ٿي. سماجي زندگي بذات خود هڪ مسلسل ارتقاء پذير منشور ۽ نظريو آهي. ان ڪان متاثر ٿيڻ هڪ حساس ۽ باشعور اديب لاءِ ضروري آهي، نہ تہ ادب ڪنهن مارڳ ۽ ماڳ ڏاران وڃايل اٿ ٿي پوندو. تاريخ ڪان ڏار اوپري شيءِ ٿي پوندو ۽ هڪ بي سبب بڪواس ڏاران ڪجهہ بہ نہ هوندو. ترقي پسند ادب رستي ٿي انسان (ان جي ذهن ۽ سماج) جي تاريخ جي ڏار ڏار عهدن، لاڙن ۽ درجن جو پتو پوي ٿو. ان ڪري ٿي هن دور جي نقادن ادب جي تاريخ کي سماج جي تاريخ يا ڪهاڻي سڏيو آهي.

اديب ۽ شاعر، فنڪار يا دانشور ڪٿي ڪهڙو بہ نظريہ حيات رکندو هجي، پر جي سندس لکڻين ۽ تخليقن مان انساني زندگي سنوارجي، سينگارجي، سهڻي ٿئي، سيبتي ۽ سڦل ٿئي، زندگيءَ کي سوجهرو ۽ شعور ملي، تہ اهو ترقي پسند سڏبو. پر جي سندس لکيتن ۾ فن پارن ۾ اها خوبي نہ آهي تہ ان کي ترقي پسنديءَ جي هام هڻندي بہ ترقي پسند نہ چئي سگهبو. ترقي پسنديءَ لاءِ اهو لازمي امر آهي تہ اڳلو انسان ۽ انساني سماج جي اوسر ۽ ترقيءَ جو قائل هجي، پوءِ پڻ نظريو ۽ فڪر ڪهڙو بہ رکندو هجي. ڪنهن اديب تي هڪ ئي وقت مختلف رجحانن ۽ رغبتن جو اثر هوندو آهي. ان حالت ۾ سندس تخليقن جي مجموعي تاثر مان اندازو لڳائبو تہ هو ترقي پسند آهي يا رجعت پرست. روايتون، رسمون، رواج ۽ ريتون، يا اخلاقي نيم يا متا ڪي اڻ مٽ يا اٽل نہ هوندا آهن. اهي بہ مادي شين جيان تغير، تبديلي ۽ ارتقائي عمل جا پابند هوندا آهن. اسان جي لوڪ ادب جا داستان، لوڪ ڪهاڻيون، ڪلاسيڪي ادب ۽ شاعري، چرچا گهبا، چوڻيون ۽ پهاڪا بہ اهڙيءَ ريت اسان جي ذهني ۽ سماجي اوسر جي سالن جي ارتقا جو نتيجو ۽ نچوڙ آهن. اهي جيئن تہ اج بہ افاديت ۽ اهميت رکن ٿا ان ڪري ترقي پسند اديب انهن کي بہ پنهنجو ڪري ٿو ۽ ڌتڪاري نٿو.

ترقي پسند ادب تي اها به تهمت مڙهي ويندي آهي ته ان ۾ پابنديون ۽ حدبنديون آهن. اهو الزام به بي معنيٰ ۽ باطل آهي. اها تهمت ترقي پسنديءَ جي بنيادي وصف جي ئي ابتڙ آهي. ترقي پسنديءَ جو مقصد ۽ مول متو روڪڻ يا محدود ڪرڻ نه پر وسيع ۽ گهرو ڪرڻ ۽ وڌائڻ آهي. ترقي پسندي محبت جي گيتن ڳائڻ کان ڪونه ٿي روڪي، نه ئي اکين جي آلاڻ کي ڪاغذ تي اُڪرڻ کان جهلي ٿي. پر اهو سڀ ڪجهه ايئن ۽ اهڙي طرح ڪيو وڃي، جيئن اهڙو درد ۽ پيڙا پيدا ٿئي جا انسانيت لاءِ آرام ۽ ڇوٽڪاري جي راهه ڪڍي. فن برو هجي يا ڀلو سادو هجي يا سونهن ڀريو منجهيل ۽ مبهم هجي يا صاف ۽ چٽو ڪا نه ڪا معنيٰ ۽ مراد رکندڙ ضرور هئڻ گهرجي. فن ۽ فڪر کي فهم ۽ افاديت کان آزاد نه هئڻ گهرجي، باقي آزاديءَ جا ترقي پسند بلڪل قائل آهن. اهڙيءَ ريت ترقي پسند ٻين نظرين ۽ فڪرن جي پرچار جا به مخالف نه آهن. هو ته چاهين ٿا ته ڀل اهي نظريا به عوام آڏو اچن، ته جيئن عوام انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، پرک ڪري، انهن جي اصليت کي سمجهي سگهي. ها، باقي ترقي پسندن وٽ راءِ ۽ خيال جي آزاديءَ مان مراد اها هرگز نه آهي ته هو پنهنجي نظريہ حيات، آدرشن ۽ اصولن کان به ڇڙواڳ ٿي وڃن. هنن ۾ ان لحاظ کان اخلاقي جرئت ۽ اظهار جي اخلاقي آزادي ايتري هوندي آهي، جو سڏجن ئي ”منهن ڦاٽ“. ترقي پسنديءَ ۾ روڪ ۽ حدبنديءَ جو اهو مطلب هوندو آهي ته هر سوچ ۽ فڪر کي زمان ۽ مڪان جو پابند هئڻ گهرجي، عوام جي خواهشن، امنگن ۽ ارادن جو خيال ڪرڻ گهرجي، مطلب ته هر فڪر ۽ سوچ جي حد اها هئڻ گهرجي ته انسانيت، انساني سوچ ۽ انساني سماج کي وٽندڙ سڌريل ۽ سهڻي صورت ۾ آڻڻ گهرجي.

قلم ۽ فڪر جي بور جوائي نام نهاد آزادي هڪ ڍونگ آهي. دراصل ان آزاديءَ سان هو ان فڪر ۽ سوچ کي پابند ۽ محدود ڪرڻ چاهين ٿا جي هر استحصالي طبقي جي مخالفت ۾ آهن. اها الزام

تراشي هو رڳو ترقي پسندن خلاف ڪن ٿا، سڌارڪن خلاف نہ. ڇو جو اهي سڌارن ۽ اصلاحن جي نالي ۾ ترقي پسند فڪر ۽ نظريئي جي اوسر کي روڪڻ ۾ انهن بورجواين جي گماشتي جو ڪردار ادا ڪن ٿا. اهڙن الزامن هٺندڙن پاڻ ڪڏهن فڪر ۽ فن کي آزادي ڏني آهي؟ وچين تاريخ واري دور ۾ مذهبي فرمودن جي پابندين سان لکيو ويندو هو. انهن فرمودن ۽ الهامي ارشادن خلاف لکڻ جي آزادي قطعاً ڪانہ هوندي هئي. ڪيترائي مفڪر، دانشور ۽ سائنسدان ان آزاديءَ جي ڏوهہ ۾ سوريءَ سزا وار ٿيا. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ عيسويءَ ۾ ان جي جاءِ تي رومانيت ۽ رومانوي فن جو دور آيو. ان ادب ۾ بہ اج جيان پراڻن الهامي، وسوسن ۽ وهمن واري فن ۽ فڪر تي آزاديءَ سان ٽيڪا ٽپٽي ڪئي ويئي. اهو سلسلو بورجوائي دنيا ۾ اج بہ جاري آهي. پر جيئن تہ سرمائيداري، جاگيرداري ۽ استحصالي طبقو هميشہ ان الهامي، وهمي ۽ مافوق الفطرت فڪر ۽ فن سان پنهنجي بقا ۽ اقتدار قائم رکندو آهي، ۽ رکڻ چاهي ٿو، ان ڪري هن اهو آزاديءَ جو ناٽڪ رچايو آهي. هو پنهنجي خلاف ايرندڙ نظرين ۽ سوچن کي ان نام نهاد قلم ۽ فڪر جي بورجوا آزاديءَ جي نعري سان روڪڻ چاهي ٿو. توهم پرستي، فرسوده مذهبي خيال، الهامي مذهبن جا دقيانوسي ۽ مفاد پرستيءَ وارا تفسير ۽ تاويلون، ان پراڻي ڊهندڙ سماج جا نظرياتي بنياد ٿيندا آهن، جنهن کي ترقي پسند ۽ بامقصد ادب ڊاهي نئون ترقي پسند، استحصال کان آجو سماج اڏڻ ٿو چاهي. ان ڪري بورجواين ۽ ٻين استحصالي قوتن جو گماشتو رجعت پرست، نين سوچن ۽ نظرين تي، پنهنجي هٿ نوڪئي قلم ۽ فڪر جي آزادي سان، پابنديون ۽ رڪاوٽون وجهڻ چاهي ٿو.

رجعت پرستن لاءِ فن ۽ ادب جي معنيٰ آهي سندن ۽ عوام جي جمالياتي، نفسياتي، جنسياتي ۽ جسماني خواهشن جي تسڪين ۽ حِظ اهڙو حظ ۽ تسڪين جي ذهن کي سلجهائڻ ۽ شعور کي اوسر ڏيارڻ بجاءِ مونجهاري ۾ وجهي ۽ مفلوج ڪري ڇڏين، جي عهد ۽

سماج جي مسئلن ۽ انهن جي ساجهہ کان پري وٺي وڃن. جنهن ڪري پڙهندڙ خود پرستي، خود مطلبي، اڻجاڻائيءَ ۽ مايوسيءَ جو شڪار وڃيو ٿئي. رجعت پرست ادب ۾ ٿي جنسيات، جنسياتي خواهشن جو اظهار ۽ شهواني خواهشن کي اڀاريندڙ ۽ پڙڪائيندڙ سونهن، حسن، عورت ۽ ان جي انگن جو اپٽار ملندو جنهن جو مقصد رڳو جنسي جذبا اڀارڻ هوندو آهي، ذهني عياشي هوندو آهي، ۽ ڪوبہ اقتصادي، سماجي يا سياسي پهلو مقصود نہ هوندو آهي. اهڙيءَ ريت فحاشيءَ ۽ عريانيءَ جو اشتهار تہ رجعت پرست پاڻ ٿين ٿا، پر الزام ترقي پسندن تي هڻن ٿا، جي رڳو انساني لطيف جذبن، خواهشن ۽ امنگن جو اظهار، سماجي ۽ اقتصادي پهلو ۽ پس منظر ۾، ڪنهن مراد ۽ مطلب سان ڪن ٿا، نہ ڪي جنسي جذبن پڙڪائڻ لاءِ.

مٿي ڄاڻايل ڏار ڏار وصفن ۽ اپٽارن مان سمجهي ويا هوندا تہ هڪڙو گروهہ فن ۽ ادب کي زندگيءَ لاءِ ۽ ان کي سينگارڻ سنوارڻ لاءِ تخليق ڪري ٿو ۽ ٻيو محض ذهني عياشي ۽ تسڪين طبع لاءِ. ان مقصديت ۽ غير مقصديت ڪري پهرين گروهہ لاءِ چيو ويو تہ هو "ادب برائي زندگي" جا قائل آهن، ۽ ٻي گروهہ لاءِ "ادب برائي ادب"، "فن برائي فن" يا "شڌ ڪلا" جهڙا محاورا ايجاد ٿيا. ان ڪري ترقي پسند اديب، فنڪار ۽ دانشور لاءِ فن ۽ فڪر جي تخليق واسطي، عوامي زندگيءَ سان وڏيڪ ويجهڙائي اڻٽر ۽ لازمي گهربل امر آهي. بهترين، اُچو ۽ اعليٰ ترقي پسند ادب رڳو عوام، ان جي زندگي ۽ وستوءِ سان ڳوڙهو لاڳاپو رکي ئي تخليق ڪري سگهجي ٿو. انهن جو ڳوڙهو مشاهدو ۽ ان جو ماحاصل ئي تخليق کي مضبوط بنياد فراهم ڪري ٿو. عوامي زندگيءَ جي وچور ۾ ان جو هر پهلو اچي وڃي ٿو. ان جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي زندگيءَ جا مسئلا، سندس ثقافتي ۽ تهذيبي پس منظر ۽ موجوده صورتحال، سندس قومي تشخص ۽ ان جو احياء ۽ بقا، ۽ انهن سڀني مسئلن جي حل ۽ حاصلات لاءِ ملڪ ۾ سياسي طور جمهوري قدرن جو واڌارو ۽ نفاذ. جمهوريت ترقي پسنديءَ

جو بنيادي عنصر آهي. عوام جي راءِ ۽ منشا جو احترام، عوامي تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي جو بقا ۽ احياء ۽ ڦهلاءُ، ۽ سماجي نياءُ ۽ برابري، اهي سڀ ترقي پسنديءَ جي اهم تقاضائن مان آهن. انهن عوامي لوازمات سان گڏوگڏ ترقي پسنديءَ جا ڪي قومي ۽ بين الاقوامي قدر بہ ٿين ٿا. قوم ۾ انسانيت ۽ آزاديءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ، انساني محبت ۽ ڀائيچاري جو درس ڏيڻ، امن ۽ آشتيءَ لاءِ اُدم ڪرڻ، مذهبي، لساني، نسلي ۽ ذات پات جي نفرتن جي نفي ڪرڻ ۽ طبقاتي غير برابري ۽ ويڇا وڃائڻ. قومي ۽ ملڪي بنيادن تي اهو ڪجهہ ڪرڻ کان پوءِ ترقي پسند اديب ڪي اهو ڪارنامو بين الاقوامي سطح تي سرانجام ڏيڻ بہ لازمي ۽ ضروري آهي.

اهو هو ٿوري ۾ ترقي پسند ۽ رجعت پرست جو تفصيل ۽ اپٽار. ان وچور ۾ ڪي قدر ادب جي وصف ۽ تعريف بہ اچي وئي آهي. اهو بہ ڪي قدر واضح ٿي چڪو آهي تہ ترقي پسند ادب جو ڪارج ڪهڙو آهي ۽ رجعت پرست ادب جو ڪردار ڇا آهي. پر ان تي اڃا بہ ڪجهہ وڌيڪ وضاحت جي ضرورت محسوس ڪريان ٿو. ان کان پوءِ ئي مان انهن تاريخي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪندس، جن هيٺ سنڌ ۾ هن دور جي ترقي پسند لاڙن جنم ورتو، رجعت پرستن سان تضاد ۾ آيا، ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪيئن سنڌ ۾ طبقاتي جدوجهد سان گڏوگڏ قومي احياءَ جي تحريڪ بہ اڀري آئي.

ادب ڇا آهي؟ ادب جو سماجي ڪارج ڪهڙو آهي ۽ هئڻ گهرجي؟ اديب ۽ فنڪار ڪي اهو ڪارج ڪيئن پورو ڪرڻ گهرجي؟ ان بابت پڙهندڙ ڪي ڪافي ڪجهہ معلوم هوندو. ان ڪري مان ان ڏس ۾ پنهنجي پاران گهٽ تذڪرو ڪندس، ۽ وڌيڪ عالمي شهرت يافتہ سياسي دانشورن، مفڪرن ۽ اديبن جي حوالي سان ان راءِ کي ٽيڪو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. فيصلو مان توهان تي ڇڏيندس. پاڻ فيصلو ڪجو تہ ادب جي اها وصف، اهو ڪارج ترقي پسند ادب سان نهڪي ٿا اچن يا رجعت پرست ادب سان. ادب، شاعري، نقاشي يا

ڪوبہ اهڙو بيو فن حقيقتن جو عڪاس هوندو آهي، ۽ انهن جي تصوير پيش ڪندو آهي. ان ڪري جا بہ تخليق اسان آڏو پنهنجي زمان، مڪان ۽ سماج جي چٽي صورت نہ پيش ڪري، ان کي فن جي زمري ۾ نہ آڻبو. ان عڪاسيءَ يا نقاشيءَ ۾ عوام جي ثقافت ۽ تهذيب بہ اچي وڃي ٿي ۽ ان جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون بہ، نفسياتي ۽ داخلي ڪيفيتون بہ تہ خارج اثرات بہ! هن صديءَ جي عظيم ڏاهي لينن ادب جي وصف بيان ڪندي چيو آهي تہ ادب هڪ آئينو آهي، ۽ جيڪو آئينو صحيح ۽ حقيقي عڪس پيش نہ ڪري، سو آئينو نہ سڏبو. ان جو وڌيڪ اپٽار ڪندي، پنهنجي مضمون "بورجوا رسالي بابت" ۾ هو لکي ٿو تہ صحيح ۽ سچو اديب عام ۽ ڄاتل حقيقتن جو نقش چٽي، پڙهندڙ کي مطالعي ۽ سوچڻ جي راهہ تي وٺي ايندو آهي. سادن دليلن ۽ ڪُپي ويندڙ مثالن سان هو انهن حقيقتن مان اهم ۽ چيدا نتيجا ڪڍي ڏيکاريندو آهي، ۽ پڙهندڙ جي ذهن ۾ زندگيءَ ۽ زندگيءَ جي حقيقتن بابت نوان نوان سوال اپاريندو آهي. اديب يا فنڪار جي ذهن ۾ اهڙو پڙهندڙ بہ هوندو آهي، جو سوچي نہ سگهندو هجي يا سوچڻ جي خواهش يا مرضي ئي نہ رکندو هجي. هو پنهنجي پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ کي سڃاڻيندو ۽ سمجهندو آهي. هو پنهنجي پڙهندڙ ذهني طور اڳتي وڌي ويل يا پٺتي رهيل ۾ ذهن استعمال ڪرڻ جي خواهش محسوس ڪندو آهي، ۽ هو ان سان سهڪار ڪري، پنهنجي تخليق سان سندس ذهن کي اڳتي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو تعميري ۽ بامقصد ادب هوندو آهي، ڇو جو اهو ڪنهن خاص طبقي ۽ رعايتي حلقن جي موٽن متارن فردن کي ذهني عياشي ۽ تسڪين نہ ڏيندو آهي، انهن جي حاشيہ برداري نہ ڪندو آهي، پر لکها ڪروڙها عوام جي خدمت ڪندو آهي، جي ملڪ ۽ قوم جي گلشن جا گلڙا آهن، ڌرتيءَ جي سگهہ آهن، سونهن آهن ۽ ان جو آڌر ۽ آئيندو آهن.

ادب ۽ شاعري دماغي عياشي ۽ ذهني ورونهن نہ آهي، نہ ئي ادب جو مقصد دربار مان انعام ۽ القاب وٺڻ آهي. ادب ۽ شاعري رڳو هڪ

حسينہ جي زلف، ڪاڪل ۽ رخسار جو ذڪر نہ آهي، پر ساري سنسار کي حسين ۽ خوبصورت جنت بنائڻ آهي. اهڙي اديب جو قلم دنيا جي ڪنهن بہ قارون جو خزانو نٿو خريد ڪري سگهي. هو انساني ڏکن ڏولاون، آهُن، اميدن ۽ احساسن امنگن جو ترجمان هوندو آهي. هو تاج الشعرا، استادالشعرا، محسن ادب ۽ اهڙن بين لقبن ۾ اعتبار نہ رکندو آهي. هو رڳو پنهنجي آدرش ۽ ڪارج ۾ اعتبار ۽ مطلب رکندو آهي. دانشور ۽ اديب جڏهن پنهنجي ان ڪارج ۽ مقصد کان منهن موڙي ٿو تہ اهو بي عمل ۽ غيرحقيقي ٿيو پوي. پر وري بہ جڏهن اهڙو اديب عوام سان لاڳاپي ۾ ايندو ۽ ان لاءِ پنهنجو ادب سرجيندو تہ سندس تخليق بامقصد ۽ ڪارج واري ٿي ويندي. اسان جي ادبي جدوجهد ۾ ڪيترائي اهڙا دوست آيا، جي اڳ رجعت پرست تنظيمن ۾ رهيا هئا، پر زمان ۽ مڪان ۽ عوام جو ساٿ ڏئي، ترقي پسند لڏي ۾ شامل ٿيا تہ پنهنجو وارو وڄائي ويا. مرحوم عبدالڪريم گدائي، مرحوم غلام محمد گرامي، مرحوم ڏيپلائي، نياز همايوني ۽ تنوير عباسي وغيره جا مثال اسان آڏو آهن. انهن ادبي ميدان جي مهندارن اسان جي سياسي، ادبي ۽ ثقافتي جدوجهد ۾ ڀرپور ۽ بي مثال ڪردار ادا ڪيو.*

منهنجي لفظ "سياست" جي استعمال تي ڪي رجعت پرست اعتراض ڪندا تہ ادب ۾ سياست ڪي آندو پيو وڃي. ان لاءِ عرض تہ ادب ۾ سياست ۽ سياسي ادب بہ الڳ الڳ شيون آهن. خالص سياسي مقصدن لاءِ سياسي ادب ئي مناسب ۽ موزون ماڌيم آهي، پر جيئن تہ ادب کي انسان ۽ ان جي سماج لاءِ ڪو ڪارج سونپيل آهي، ۽ سياست جو انساني زندگي ۽ سماج تي گهڻو اثر دخل آهي، سو انهن جي عڪاسي ڪندي، تجزيو ڪندي سياست کان پاسو نٿو ڪري سگهجي. سياست بہ انساني زندگي ۽ سماج ۾ ايتري اهميت رکي ٿي جيتري سماجيات، اقتصاديات ۽ نفسيات وغيره. ان ڪري ان حدتائين ادب کي سياست کان ۽ سياست کي ادب کان ڌار نٿو ڪري

* انهن مان اڪثر پهرين جمعيت الشعراءِ سان لاڳاپيل هئا.

سگهجي. ادب کي سياست کان بلڪل پري رکڻ جو نعرو بورجوائي ۽ سامراجي حرڪت آهي، جي طبقن ۽ قومن جي استحصال ۽ بينڪيت کي برقرار رکڻ جا خواهشمند آهن. ساميوادي ۽ ترقي پسند سنسار جي هڪ ڏاهي ماؤزي تنگ ان ڳالهہ جي هيئن وضاحت ڪئي آهي: "ادب ۽ فن جي تنقيد جا بہ پهلو يا پاسا آهن. هڪ سياسي ۽ ٻيو فني. سياسي پهلو فني پهلو جي برابر نٿو ٿي سگهي، ۽ فني سياسي تي حاوي يا ڀاري نٿو ٿي سگهي. ٻنهي جو سنگم ضروري آهي. هڪ بامقصد اشتراڪ، فن ۽ سياست جو ايڪو. وطن دوست انقلابي سياسي مراد ۽ ممڪن حدتائين فني خوبي ۽ سونهن واري هئيت جو ايڪو يا ميلاپ. جنهن فن پاري ۾ فني خوبيءَ جي گهٽتائي آهي، تہ ان ۾ ڪوبہ اثر ۽ زور نہ هوندو. پوءِ ڪٽي اهو ڪيترو بہ ترقي پسند ڇو نہ هجي. ان ڪري اسان ٻنهي ڳالهين جا مخالف آهيون. يعني اهڙا فني شاهڪار جنهن ۾ عوامي تحريڪن لاءِ غلط سياسي نظريو هجي ۽ اهڙي اشتهار بازي يا نعري بازي جا سياسي طور ڪٽي صحيح بہ هجي، پر فني خوبي ۽ سونهن کان پالهي هجي."

اهڙيءَ ريت بورجوائي ڇاڙتا رجعت پرست هڪ ٻيو دلفريب نعرو بہ هڻندا آهن، جو آهي فن ۽ فڪر جي آزادي بہ معنيٰ غيرجانبداري. اهو نعرو خود پنهنجي سرئي پابندي ۽ جانبداريءَ جو مظهر آهي! سچو ۽ صحيح اديب ڪڏهن موقعي پرستي ۽ منافقي جو شڪار نہ ٿيندو آهي، ۽ نہ ٻهروبي ٿيڻ جي ڪندو آهي. هن طبقاتي سماج ۾، ظالم ۽ مظلوم ۽ حاڪم محڪوم واري معاشري ۾، حق ۽ باطل جي تضاد جي دنيا ۾، ڪوڙ ۽ سچ ۾، جدوجهد جي دور ۾، غيرجانبداريءَ جي هام هڻڻ، وڏو ڍونگ ۽ فريب آهي. اهڙي سماج ۽ دور ۾ ڪير ٿو غيرجانبدار رهي سگهي؟ سواءِ اکين کان انڌي ۽ ڪنن کان ٻوڙي شخص، بي حس ۽ بي ضمير انسان ۽ موقعي پرست ۽ منافق ماڻهوءَ جي! اديب ۽ دانشور تہ انهن سڀني انساني ڪمزورين ۽ اوڻاين کان آجو هوندو آهي، باضمير، سجاڳ ۽ حساس هوندو آهي، اهو ڪيئن ٿو غيرجانبدار رهي سگهي.

ڇا هو ظالم جي مقابلي ۾ مظلوم جو ساٿ نہ ڏيندو؟ پيڙيندڙ خلاف پيڙجندڙ جي حمايت نہ ڪندو، باطل تي حق کي ترجيح نہ ڏيندو، ڪروڙين ڏکويل ۽ ڏتڙيل عوام جي پيٽ ۾ چند مراعات يافتہ هوند وارن جو پاسو کڻندو؟ جي ها تہ پوءِ اهو اديب ۽ فنڪار ڇا تخليق ڪندو؟ ان جو ڪليو ڪلايو مثال اوهان آڏو رجعت پرست ادب آهي، جنهن ۾ ذهني سڪون، عياشي، اگهاڙپ، هلڪي سلڪي جذباتيت ۽ رومانيت، غيرسائنسي، فرسوده ۽ مدي خارج وهم ۽ سؤنسا! رڳو عوام کي سندس مسئلن کان اڻڄاڻ رکي، انهن کان پري رکڻ، سوچ جي راهہ تان هٽائڻ ۽ گمراهہ ڪرڻ لاءِ استحصالي طبقن جي دلالي! (مان جانبداري بہ ان لاءِ استعمال نہ ڪندس، ڇو جو ان لاءِ دلالي ئي مناسب محاورو آهي) ان کي هو غيرجانبداري ٿا سڏين! اديب ۽ فنڪار کي جانبدار ٿيڻو ئي پوي ٿو. جانبدار، حق جو سچ جو مظلوم جو محڪوم جو ڦريل جو ڏتڙيل جو ۽ ڏکويل انسانيت جو!

ادب جي ان وصف ۽ ويا ڪاڻ ۽ اديب جي ان ڪردار جي تائيد اسان کي دنيا جي عظيم دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي خيالن مان بہ ملي ٿي. پئبلو نرودا چوي ٿو: ”مان جو ڪجهہ ڏسان ٿو ۽ محسوس ڪريان ٿو، سو ئي لکان ٿو. منهنجي شاعريءَ ۾ سونهن ۽ عظمت ان ڪري آهي جو مان سموري انسانذات جي خوشين ۽ آرزوئن جو وڪيل آهيان. مان چاهيان ٿو تہ مسرتون ۽ خوشيون ساري انسانذات جو مقدر بڻجن.“

ادب ۾ سوشلسٽ حقيقت پسنديءَ جو محاورو ايجاد ڪندڙ عظيم روسي اديب مئڪسم گورڪي بہ ادب کي انسان ۽ انساني سماج جي بهتريءَ جي ڪارج کان ڌار نٿو ڪري. هو چوي ٿو تہ انساني همدردي جي جذبي تي نڪتہ نظر جي اختلافن جو اثر نہ هئڻ گهرجي، ۽ نہ وري ڪڏهن انساني ناتن رشتن جي سلسلي ۾ نظرين ۽ راين کي اهميت ڏيڻ گهرجي، ڇو جو نظريا ۽ فڪر انسان ۽ انسانيت جي ڀلائيءَ ۽ نجات لاءِ هوندا آهن. ٽالسٽاءِ ڏانهن هڪ خط ۾ گورڪيءَ سندس ان

طرف ڏيان ڇڪرايو تہ هو عوام سان رشتا ناتا ٽوڙي چڪو هو ان جو آواز نہ ٻڌي سگهيو ان ڪري (ٽالسٽاءِ) عوام جي امنگن ۽ خواهشن، عام ڪمي ڪاسبيءَ جي حياتي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي عڪاسي صحيح ۽ حقيقت پسند نموني نہ ڪري سگهيو. ايچ جي ويلس، مشهور سائنسي فڪشن لکندڙ ڏانهن گورڪيءَ لکيو هو: ”ڪڏهن ڪڏهن مون کي لڳندو آهي تہ مون تي الهام پيو ٿئي، ۽ ماڻهن جي بدبختيءَ ۽ پيڙا تي منهنجو ڪروڌ ۽ ڪاوڙ مون کي چڱو چوکو پيغمبر تا بڻائين. يا وڌيڪ واضح ۽ سڌن لفظن ۾ ڪٽي ايئن چوان تہ بديءَ ۽ بڇڙائي خلاف نيڪيءَ جو پيغمبر!“ هڪ دفعي ڪانسٽنٽائين فيلڊن گورڪيءَ کان سوال ڪيو تہ ڪيئن لکڻ گهرجي؟ ان جي جواب ۾ گورڪيءَ کيس لکيو: ”ڪيئن لکجي؟ اهو واقعي هڪ ڳنڀير سوال آهي. ان مون کي بہ ڪافي پريشان ۽ هلاڪ ڪيو آهي، ۽ اجا تائين ڪري رهيو آهي ۽ پيو ڪندو. مون وٽ ان جو جواب اهو هوندو آهي تہ مان کهڙي نموني لکان، جو ماڻهو ڪٿي ڪير بہ هجي، ڪيئن بہ هجي، ڪٿي بہ هجي، ڪهاڻيءَ جي صفحن تي ايئن ايري اچي ۽ نگاهجي، جيئن پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ نگاهجي ٿو ۽ جيئن مان هن کي ڏسان ۽ محسوس ڪريان ٿو.“ اديبن جي گروهن ۽ ٽولن بابت فيلڊن ڏانهن لکندي گورڪي چوي ٿو: ”ان ٽولي سان وابستہ هجڻ اديب ۽ فنڪار لاءِ هاڃيڪار آهي، جو اڳ پوندڙ هوندو آهي. فنڪار اهو صحيح ۽ سچو هوندو آهي جو نہ ”اڳ پوندڙ“ هجي ۽ نہ ئي صلاح ڏيندڙ يا تبليغ ڪندڙ! سچو فنڪار نہ فتويٰ ۽ فيصلو ڏيندو آهي ۽ نہ صلاح مشورو. هو رڳو پيار ڪندو آهي يا نفرت! اديب پيار جو پيغمبر هوندو آهي. انسان ۽ انسانيت سان پيار، ديس ۽ ديس وارن سان پيار، امن سان پيار، سونهن ۽ سچ سان پيار. پر جي ڪو سندس انهن پيار جي وستوئن سان وير رکي ٿو، نفرت ڪري ٿو، تہ اهڙي وروڌي ۽ ويريءَ کان نفرت ۽ ڌڪار هر سچي ۽ حقيقي فنڪار جو فرض آهي. سونهن، سچ، انسانيت ۽ امن کان نفرت ڪندڙ کان

نفرت نہ ڪندڙ انهن جو چاهيندڙيا پرچارڪ نٿو ٿي سگهي."

ادب ۽ فن ۾ انساني همدرديءَ بابت مايا ڪووسڪي چوي ٿو: "مان هر ان جاءِ تي آهيان، جتي ڳوڙها ۽ ڏک بار بار صليب چاڙهيا ويا آهن، ۽ هر ان ڳوڙهي لاءِ آهيان، جو ڪٿي بہ وهيو آهي." انسان سان ناتا رشتا ۽ عوام سان لاڳاپو ادب ۾ ڪيتري اهميت رکن ٿا، ان جو اظهار مها ڪوي رابندر ناٿ ٽئگور جي لفظن ۾ اهو آهي تہ: "نون اديبن کي انسانن سان ملي جُلي پاڻ سجاڳ ڪرڻ گهرجي. مون جيان گوشہ نشين ٿي ڪم نہ هلي سگهندو. گهڻو عرصو عوام کان الڳ رهي، پنهنجي رياضت ۾ گم ٿي جا مون غلطي ڪئي آهي، سان مون هاڻي محسوس ڪئي آهي. منهنجي جاڻ ۽ سمجهہ جي اها تقاضا آهي تہ انسانيت ۽ سماج سان پيار ڪرڻ گهرجي. جي ادب انسانيت سان هم آهنگ نہ آهي تہ اهو ناڪام ۽ نامراد آهي."

ادب جي انسانيت سان هم آهنگ هجڻ هڪ بئي بحث طلب مسئلي کي جنم ڏئي ٿو. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ ادب ۽ فن ساري عالم انسان لاءِ آهي. ان وٽ مذهب، قوم، ذات، رنگ يا نسل جو ڪو مت ڀيد ڪونہ آهي. ڪنهن وقت جي مشهور ادبي رسالي "ادبي دنيا" (اردو) جي مدير محترم مولانا صلاح الدين صحيح چيو هو تہ: "ادب ۽ فن جو ڪو مذهب نہ هوندو آهي، خدارا ان کي لامذهب ئي رهڻ ڏيو." ان موضوع تي ڪجهہ چوڻ ان ڪري بہ ضروري آهي، جو پاڪستان ۾ مذهبي رياست جي ناتي، ترقي پسند ادب، خاص ڪري سنڌي ادب تي حملي ۽ جلهہ وقت مذهب کي بہ هڪ هٿيار ڪري پئي استعمال ڪيو ويو آهي. نئين ترقي پسند ادب تي رجعت پرستن وڏو الزام اهو پئي هنيو آهي تہ اهو غير اسلامي ۽ مذهب دشمنيءَ تي مبني آهي. ادب ڏانهن اهو رويو دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ روا نہ آهي، ويندي عربن جا اسلامي ملڪ بہ ادب ۾ مذهب کي ڪين چڪين. اهو مذهب جو هر جڳهہ ۽ مسئلي ۾ بيجا استعمال هت اسان وٽ ڪن خاص اقتصادي مقصدن لاءِ هڪ مخصوص طبقي ۽ قوم جي سياسي رهبرن ۽ ڪامورا شاهيءَ

جي ملي ڀڳت سان رائج ڪيو ويو آهي، جي نظريه پاڪستان ۽ اسلام جي آڙ ۾ پنهنجو استحصال جاري رکڻ چاهين ٿا.

ادب ۽ فن قوم جي سماجي زندگيءَ جو عڪس آهي. ان ڪري ان ۾ ان سماج ۾ زندگي جي (سياسي، اقتصادي، ثقافتي، سماجي ۽ مذهبي پهلوئن جي) عڪاسي ٿئي ٿي. جڏهن قوم يا ملڪ جي زبان ۾ ڪو ادب تخليق ٿئي ٿو ته اهو زبان يا علائقي جو ادب سڏجي ٿو، نه ڪي ان زبان ڳالهائيندڙن جي ڪنهن اڪثريتي مذهبي ٽولي جو ادب! جي ڪڏهن عرب ملڪن ۽ ٻوليءَ ۾ ڪو ادب تخليق ٿئي ٿو ته اهو عربي ادب سڏجي ٿو، نه ڪي اسلامي ادب، حالانڪ عربي زبان ڳالهائيندڙن جي بي پناهه اڪثريت اسلام مذهب جي پوئلڳ آهي. اهڙيءَ طرح ايران ۾ تخليق ٿيندڙ ادب ايراني ادب سڏجي ٿو يا فارسي ادب، پوءِ ڪٿي خلقيندڙ مسلمان هجي يا بهائي، زردشتي هجي يا دهريو، حالانڪ ات به اڪثريت مسلمانن جي آهي ۽ اسلامي ملڪ سڏجي ٿو! اهڙي طرح ڪنهن به اسلامي ملڪ ۾ اسان ڪي اسلامي ۽ غير اسلامي ادب جا محاورا ڪونه ٿا ملن. هر ملڪ ۽ قوم ۾، اتان جي زبان ۾ سندن مذهبي ادب تخليق ٿي سگهي ٿو جيئن سائنسي ادب، سياسي ادب وغيره ٿئي ٿو پر تخليقي ادب ۽ فن کي ڪٿي به اسلامي، يهودي، عيسائي يا هندو ادب نه سڏيو ٿو وڃي. اهوئي سبب آهي جو عالم عرب ۽ ايران ۾ اسلام کان اڳ جي عربي ۽ فارسي ادب کي به عربي ۽ فارسي ادب جو اڻ مٽ ڀاڱو سمجهيو ۽ شمار ڪيو ٿو وڃي، ۽ اُت ادب جي ورهاست مذهبي دورن پٽاندڙ نه ٿي ڪئي وڃي. هندستان جهڙي وڏي ۽ گهڻ لساني ملڪ ۾ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ادب سرجي پيو، پر هر ادب پنهنجي زبان جي پٺيان سڏجي پيو. جهڙوڪ هندي ادب، اردو ادب، مرهٽي ادب، پنجابي ادب، سنڌي ادب، تامل ادب ۽ بنگالي ادب وغيره. ات اڪثريت هندو مذهب وارن جي آهي، پر هندو ادب نالي ڪو محاورو اجا ات ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو آهي. البت هر ٻوليءَ جي ادب ۾ مذهب جي موضوع تي لکيو وڃي ٿو پر اهو به ان ٻوليءَ جي مذهبي ادب جي نالي

سان جاتو سڃاتو وڃي ٿو نہ ڪي هندو ادب جي نالي سان. جيئن هت اسلامي ادب جو نالو واپرايو ٿو وڃي. ان ڪري سنڌ ۾ ۽ سنڌي زبان ۾ تخليق ٿيندڙ ادب رڳو ۽ رڳو سنڌي ادب آهي ۽ سڏبو. البت ادب ۾ مذهب بہ ايئن موضوع ٿي سگهي ٿو جيئن سائنس، سياست يا اقتصاديات وغيره ٿين ٿا. پر ان هوندي بہ اهو بنيادي طرح سنڌي ادب ئي شمار ٿيندو. ان ڪي سنڌيءَ ۾ مذهبي ادب تہ چئي سگهبو پر اسلامي ادب نہ.

ادب انساني سماج جو آئينو آهي. ان سماج ۾ ڪيترن ئي مذهبن ۽ فرقن جا پوئلڳ رهن ٿا. مذهب ۽ فرقا يا انهن جا عقيدا انسان جي ڀلائي ۽ انسانذات جي سماجي اصلاح وغيره لاءِ پيدا ٿيندا، ۽ ڪيا ويندا آهن، نہ ڪي انسان مذهب لاءِ. اول انسان وجود ورتو آهي ۽ پوءِ مذهب آيا آهن. ادب، شاعري ۽ فن انسان سان گڏ جنم ورتو آهي، ۽ مذهب گهڻو پوءِ. ادب ۽ فن مذهب کان اڳاتا آهن، جيئن دنيا جي ڌار ڌار قديم تهذيبن جي مطالعي مان پتو پوي ٿو. ان ڪري ڪنهن بہ ادب کي يا فن کي ڪنهن مذهب سان منسوب ڪرڻ جو ڪٿي بہ دستور ڪونہ ٿو ملي. هر جاءِ اهي ان ديس يا قوم جي ناتي سڏيا ۽ سڃاتا وڃن ٿا. پر اسان وٽ، صدين جي ڌارين جي غلامي سبب اهو الميو پيدا ٿيو آهي، جو عرب ۽ ايراني ثقافت کي اسلامي ثقافت جي نالي سان سڏيون ۽ سڃاڻون ٿا. حالانڪ اهو محاورو خود عرب دنيا ۽ ايران ۾ واپرايو ڪونہ ٿو وڃي. پاڪستان کان پوءِ جيئن تہ حاڪم ٽولي (سياستدانن ۽ ڪامورا شاهي) جي زبان مادري يا تدريسي اردو هئي، ان ڪري هنن اردو زبان ۽ ان جي ثقافت کي اسلامي زبان ۽ ثقافت جو نالو ڏئي، پاڪستان جي ٻين قومن جي زبان ۽ ثقافت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. هنن اردو زبان ۽ ادب کي تہ اسلامي زبان ۽ پاڪستاني ادب و زبان جو درجو ڏنو باقي هن زمين ۽ اتان جي عوامي زبانن ۽ ثقافتن کي علائقائي زبان ۽ ثقافت ڪوٺي، ثانوي حيثيت ڏني. اهو سڀ ڪجهہ ان حاڪم ۽ استحصالي ٽولي جي سازش هئي، جنهن

رستي هنن پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي برتري ۽ هڪ هٽي قائم ٿي رکڻ چاهي ۽ رکڻ چاهين ٿا. اهڙيءَ ريت اسان جي ملڪ ۾ اسلامي ۽پاڪستاني، ۽ غيراسلامي ۽ پاڪستان دشمن ادب جي محاورن کي جنم ڏنو ويو. نہ تہ ادب ۽ فن نہ مذهبي ٿيندا آهن نہ غيرمذهبي. نہ هندو ٿيندو آهي نہ مسلم، نہ عيسائي ٿيندو آهي نہ ڪافر. ادب رڳو اصلاحي ٿيندو آهي يا غيراصلاحي، بامقصد ٿيندو آهي يا بي مقصد، حقيقت پسند ٿيندو آهي يا غيرحقيقت پسند، ترقي پسند ٿيندو آهي يا رجعت پرست! پوءِ ان جو خالق ڪٺي ڪهڙي بہ مذهب، فرقي يا عقيدي سان واسطو رکندڙ ڇو نہ هجي.

سنڌي ادب جي سلسلي ۾، خاص ڪري ان جي سياسي ڪردار واري پس منظر ۾، هڪ ٻيو بہ متضاد ۽ بحث طلب مسئلو آهي. اهو آهي قوم، قوميت ۽ بين الاقواميت جو. سنڌي اديب ۽ دانشور تي ان ڏس ۾ ڪيئي الزام هنيا وڃن ٿا. قوم دشمن، پاڪستان دشمن، نظريہ پاڪستان جو مخالف، اڳرائي واري قوم پرستيءَ جو مبلغ ۽ تنگ نظر قوم پرست وغيره. اهي الزام ٻن ڌرين طرفان هنيا وڃن ٿا. هڪ ڌر آهي جا سڌوسنئون، دوئدو ترقي پسند سنڌي ادب سان تضاد ۾ آهي، ڇو جو پوءِن اڳلي جي استحصال ۽ سياسي هڪ هٽيءَ کي نندي ۽ ختم ڪرڻ چاهي ٿو. ٻيو تضاد خود ترقي پسندن جي مختلف ڌڙن ۾ آهي. اهو تضاد غير وروڌي آهي، ڇو جو ان ۾ ڌرين درميان نظرياتي طرح اختلاف ڪونہ آهن، پر رڳو طريقہ ڪار ۽ ترجيحات جا اختلاف آهن.

پهرين قسم جي مخالفن ۾ اهي اچي وڃن ٿا جي پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي غرضن ۽ مفادن خاطر غيرحقيقي ۽ غير سائنسي قومي نظرئي جو بنياد رکن ٿا. هو مذهب ۽ خيالي نظرئي کي قوميت جو بنياد قرار ڏين ٿا. هو اسلامي اُمہ ۽ پاڪستاني قوم جهڙا محاورا استعمال ڪري، هن ملڪ جي ڌار ڌار حقيقي قومن جي وجود جي نفي ڪن ٿا ۽ انهن جي سياسي، اقتصادي حقن کان سواءِ، سندن لساني ۽ ثقافتي حقن تي بہ ڌاڙا هڻندا رهن ٿا. حالانڪ ڪٿي بہ دنيا اندر مذهب کي

قوميت جو بنياد نہ بڻايو ويو آهي، سواءِ اسرائيل جي. اهو بہ ان ڪري جو انهن جو مذهب تبليغي نہ آهي، پر هڪ سماجي، ثقافتي ۽ لساني گروهہ جو مخصوص مذهب آهي. عيسائي مذهب جي دنيا ۾ سڀ کان گهڻي اڪثريت آهي. سارو يورپ، آمريڪا، آسٽريليا ۽ آفريڪا کنڊ جي اڪثريت، عيسائي مذهب جي پوئلڳ آهي، پر انهن کنڊن ۾ عيسائي يا مسيحي نالي سان ڪابہ قوم وجود ڪونہ ٿي رکي. هر خطي ۽ ملڪ جي قوم پنهنجي مخصوص جاگرافيائي، لساني ۽ ثقافتي خصوصيتن ڪري، ان نالي سان سڏي وڃي ٿي. اهو حال هندستان جو آهي. هندو رام راج ۽ ڀارت ماتا جي نعري سان آزاد ٿيل ملڪ فطري ۽ حقيقي قومن جي اڀرڻ ۽ جدوجهد جو ميدان ٿي پيو آهي. مذهب يا هندو مت ڪين هڪ قوم نہ بڻائي سگهيو آهي. خود عالم اسلام کي ڏسو! ڪو عرب، ڪو ايراني، ڪو افغاني، ڪو پاڪستاني، ڪو ترڪ تہ ڪو ڪرد آهي. اسلام تہ خود عالم عرب کي بہ هڪ قوم نہ بڻائي سگهيو آهي. ان ۾ ڪو عراقي آهي تہ ڪو شامي، ڪو لبناني آهي تہ ڪو حجازي، ڪو مصري آهي تہ ڪو سوڊاني. حالانڪ انهن کي هڪ ثقافت ۽ ٻولي آهي. پر جيئن تہ اهي سياسي، جاگرافيائي ۽ اقتصادي ايڪايون نہ آهن، ان ڪري ڌار ڌار قوميت سان پنهنجو تشخص برقرار رکن ٿيون. اسلام جي تاريخ جي آڳاٽي ۽ شروعاتي دور کان عربي ۽ عجمي، مڪي ۽ مدني جي محاورن جو استعمال بہ ان جو دليل آهي تہ ڌار ڌار لساني ۽ ثقافتي ايڪايون سياسي وحدت ۾ اچڻ جي باوجود، پنهنجو تشخص قائم رکن ٿيون ۽ رکي سگهن ٿيون. سو تاريخ ثابت ٿي ڪري تہ مذهب قوم جو بنياد نٿو ٿي سگهي. ان جا لوازمات سياسي ۽ جاگرافيائي وحدت، لساني ۽ ثقافتي هڪجهڙائي، اقتصادي ۽ سماجي موافقت آهن.

خود پاڪستان جي مختصر همعصر تاريخ ان غيرسائنسي قوميت جي نظرئي جي نفي ڪري ٿي. مذهب جي بنياد تي قوميت جو بہ قومي نظريو (هندو مسلم) جوڙيو، ان جي آڌار تي اپکنڊ کي ورهائي بہ

الڳ الڳ ملڪ هندستان ۽ پاڪستان جي نالي سان آزاد ٿي وجود ۾ آيا. ان ٻه قومي نظرئي ۽ نظرياتي ملڪن جو ڇا حشر ٿيو؟ بنگلاديش جي الڳ ٿيڻ ٻه قومي نظرئي جي پاڪستان ۾ نفي ڪئي. ۽ ننڍن صوبن ۾ پنهنجي قومي حقن ۽ حق خود ارادیت جي هلچل وڌي وئي! ساڳئي حالت هندستان جي آهي. هندو ڌرم ۽ ڀارت ماتا جنهن وقت کان پس پرده هليا ويا آهن، هت علائقي ۽ لساني ۽ ثقافتي ايڪايون قومي جدوجهد ۾ جنبي ويون آهن. اسان جي تعلقن ڪان ٻه ننڍا صوبا قومي بنيادن تي قائم ٿي چڪا آهن، ۽ ڪين وڏ ۾ وڏ صوبائي خودمختياري ملي آهي. ان ڪري جو ات ٻه هڪ هندي قوميت جي نعري هٽندڙ يو پي ۽ سي پي جي هندي ڳالهائيندڙن ننڍين قومن جو سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي استحصال پئي ڪيو. جيئن هت پاڪستان معني' اسلام ۽ اردو ڇئي وڃي ٿي، تيئن هُت وري هندستان مان مراد هندومت ۽ هندي زبان ورتي پئي وئي، ۽ دراوڙن ۽ ٻين جي مذهبن، زبانن ۽ ثقافتن کي ثانوي حيثيت پئي ڏني وئي.

پاڪستان ٻه ٻه قومي نظريو (هندو مسلمان ٻه الڳ قومون) بنگال جي علحدگيءَ سبب ناڪام ثابت ٿيو ته استحصالي طبقن ۽ حاڪم اڪثريتي قوم ملي پنهنجي لٽ مار کي قائم رکڻ لاءِ هڪ ٻيو خيالي ۽ تصوراتي نظريو ميدان ۾ آندو آهي، جنهن سان ملڪ جي ڏار ڏار قومي حقيقتن ۽ قومن جي وجود جي نفي ڪري، حقيقي ڪثرت کي غير حقيقي وحدت ۾ جڪڙڻ جي ڪوشش پئي ڪئي وڃي. اهو منتر جنتر آهي "نظريہ پاڪستان!" گويا پاڪستان ڪا حقيقت نہ آهي، پر مٿان نازل ٿيل يا ڪنهن جي ذهني ڪاوش جو ڦل، هڪ نظريو آهي. ان جو مقصد حقيقي پاڪستان کان انڪار ڪرڻ ۽ هڪ فرضي ۽ خيالي پاڪستان جو هوا ۾ بنياد رکڻ. ان نظرئي جو بنياد ملڪ جي جاگرافيائي وحدتن، لساني ايڪاين، ۽ ثقافتي هڪ جهڙاين تي نہ پر نظرياتي سرحدن تي رکيو ويو آهي. اهي سرحدون مقرر ڪيون ويون آهن: مذهب (اسلام) ۽ زبان (اردو). حالانڪ اسلام جا پوئلڳ

پاڪستان کان گهڻا هندستان ۾ آهن، ۽ اردو بہ پاڪستان کان گهڻي هندستان ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. پاڪستان جي تہ ڪنهن بہ صوبي ۾ اردو ڪنهن اڪثريتي گروهہ جي زبان بہ نہ آهي، ساري عوام جو تہ سوال ئي نٿو اٿي. ان ساري سازش ۽ نظرياتي فرمودن ۽ مفروضن جو مقصد ان مقولي تي عمل ڪرڻ آهي، تہ ڪنهن بہ قوم کي محڪوم ۽ غلام رکڻ ضروري آهي تہ ان جي قومي تشخص ۽ غيرت کي ختم ڪيو وڃي. ان مطلب سان ئي اڪثريتي حاڪم قوم ۽ ان جا ڀاڱي ڀائي ٻين قومن جا استحصالي طبقا، عوامي، ثقافتي ۽ لساني تشخص رکندڙ قومن کي زوريءَ هڪ فرضي قوم جي لبادي ۾ آڻي، انهن جو قومي تشخص ختم ڪري، سندن استحصال ۽ ڦرمار جاري رکڻ چاهين ٿا. پر هنن جو اهو خيالي ۽ بدنيتيءَ سان ڪڙو ڪيل ڪانن جو ڪُڏ لُڏي لرزي رهيو آهي. ڇو جو اهو حقيقي ۽ سائنسي قومي نظرئي جي سگهہ ۽ ڇوهہ آڏو نبل ۽ هيٺو آهي.

سنڌ جي قومي (سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي) استحصال جي ردعمل ۾ سنڌ اندر اديبن، شاعرن ۽ دانشورن قومي هلچل کي برپا ڪيو ۽ اڀاريو. جنهن ۾ پوءِ ساڻن شاگرد ۽ شهري وچولي طبقي ساٿ ڏنو. اها تحريڪ شروع ۾ خاص ڪري ون يونٽ جي خاتمي تائين، گهڻي ڀاڱي هڪ متحد تحريڪ جي روپ ۾ اڀري ۽ هلي، پر پوءِ اڳتي هلي اها خود اندروني تضادن جو شڪار ٿي ٽن گروهن ۾ ورهائجي وئي. خاص ڪري اهي تضاد ون يونٽ جي ٽٽڻ بعد وڌيڪ تيز ۽ چٽا ٿي اُڀري آيا آهن.

پهريون گروهہ بورجوا قوم پرستي جو نعرو هڻي ٿو. هن جي جدوجهد ۽ هلچل جي حد نگاهہ رڳو قومي استحصال جي خاتمي تائين محدود آهي. هو طبقاتي استحصال جي ڳالهہ ڪونہ ٿا ڪن، يا وڌ ۾ وڌ سماجي برابريءَ جو محاورو استعمال ڪن ٿا. انهن مان بہ هڪ گروهہ جو وڌيڪ بااثر ۽ سگهارو آهي، سو تہ سنڌ جي علحدگي، يا "سنڌو ديش" جي قيام جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو. ان بورجوا يا نجي قوميت واري جذبي ۽ هلچل سان غيرقوم جي استحصال کان ۽ قومي ڦرمار

مان تہ جان ڇنتي سگهي ٿي، پر قوم جي تمام گهڻي اڪثريت، پورهيت، هاري ۽ هيٺين وچولي طبقي جي مٿين ۽ استحصالي طبقي جي هٿان ڦرمار ۽ پرماريت کان ڇوٽڪارو نٿو ملي. ان حساب سان قوم (اڪثريتي مظلوم عوام) اهوئي استحصال هيٺ رهندي، رڳو استحصال ڪندڙ مٽجي، ڌارين بجاءِ پنهنجا ٿي پوندا. يعني ابو مئو ادو ڄايو اسان اوتري جا اوترا! پيو ٽولو ترقي پسند اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ ادب دوستن جو آهي يا جي اشتراڪيت يا ساميواد ۾ ويساهہ رکن ٿا. هي اهو تسليم ڪن ٿا تہ طبقن جيان قومون بہ ظالم ۽ مظلوم، استحصالي ۽ استحصال ٿيندڙ ٿين ٿيون. پر هو ان ڳالهہ تي وڌيڪ زور ۽ ترجيح ڏين ٿا تہ هڪ سامياودي بين الاقوامي ٿيندو آهي. ان ڪري هو قومي استحصال جو حل طبقاتي استحصال جي خاتمي ۾ ڏسن ۽ سمجهن ٿا. هنن جو چوڻ آهي تہ طبقن جي ختم ٿيڻ سان قومي استحصال خودبخود ختم ٿي ويندو. هو وڌ ۾ وڌ رعايت اها ڏين ٿا تہ قوميت ۽ قومي نجات لاءِ جدوجهد کي ثانوي حيثيت ڏين ٿا ۽ اوليت ۽ ترجيح طبقاتي جدوجهد کي ڏين ٿا. هن ملڪ ۾ اهڙا نظريہ رکندڙن ۽ اڪثريت وڏي استحصالي قوم، يا ننڍن صوبن ۾ استحصالي لساني گروهن سان واسطو رکندڙ آهي، ۽ ساميواد يا اشتراڪيت جي ڪشش سان ڪجهہ ننڍين ۽ استحصال ٿيندڙ قومن جي اديبن ۽ دانشورن کي بہ پنهنجو هم خيال بڻائي ٿا وٺن. قومي سوال تي ٽيون مڪتب فڪر رکندڙ ڌر بہ ترقي پسند ۽ اشتراڪي خيالن واري آهي. انهن کي اڳ ۾ ذڪر ڪيل ترقي پسند اشتراڪي سوچ رکندڙ سان اختلاف ان ڳالهہ تي آهي تہ ڪو قومي استحصال طبقاتي استحصال ختم ٿيڻ سان خودبخود ختم ٿي ويندو ۽ تہ قومي آزادي، خوداراديت ۽ خودمختياري لاءِ جدوجهد جي حقيقت ڪو ثانوي آهي. هو ان راءِ جا آهن تہ قومي جدوجهد کي طبقاتي جدوجهد سان گڏوگڏ ۽ هم آهنگ ڪري هلائڻ گهرجي. باقي جيتري قدر اوليت، فوقيت يا ترجيح جو سوال آهي تہ ان بابت بہ هو واضح ۽ صاف آهن. تضادن جي سائنس موجب تضادن جي

حيثيت پٺي بدلبي رهندي آهي. اها تبديلي زمان، مڪان ۽ حالتن جي تبديليءَ جي مرهون منت هوندي آهي. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن بنيادي ۽ مکيہ تضاد ثانوي حيثيت وٺي ويندا آهن، ۽ غيراهم تضاد اولين ۽ ترجيحي حيثيت والاري ويندا آهن. اهڙيءَ ريت ڪڏهن طبقاتي تضاد مکيہ تضاد تي اڀرندو آهي، تہ ڪڏهن قومي استحصال خلاف وطن دوست جمهوري ۽ عوام دوست انقلابي جدوجهد مکيہ تضاد تي اڀرندي آهي. ان مان مراد اها هرگز نہ آهي تہ ان حالت ۾ ثانوي (طبقاتي) تضاد کي نظرانداز ڪري ان جدوجهد کي معطل ڪري ڇڏ جي. هرگز نہ! ٻنهي جدوجهدن جو گڏ هلڻ ضروري آهي. طبقاتي جدوجهد کي بہ ڇڏڻو هرگز نہ آهي. پر سوال رڳو اهو آهي تہ ڪن مخصوص معروضي حالتن ۾ قومي جدوجهد کي ڪي قدر ترجيح ۽ اوليت ڏيڻي تي پوي.

طبقاتي جدوجهد ۽ ان نسبت سان قوم پرستيءَ ۽ بين الاقواميت جي سوالن تي شروع ڪيل بحث کي مان پنهنجي ڪنهن راءِ، ٽيڪاٽپڻي يا فيصلي سان ختم ڪرڻ ۽ ڪنهن نتيجي ڪڍڻ جي ڪوشش نہ ڪندس. مان انهن جو حل ۽ صحيح نتيجو چند دانشورن جي حوالن سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. اهي حوالا گهڻي ڀاڱي مارڪسزم جي پهرين شارح ۽ مفسر، ۽ ان کي عمل ۾ آڻيندڙ مظلوم عوام جي سورهيہ سرواڻ ۽ دانشور لينن جي لکڻين مان آهن. پنهنجي مشهور مضمون "قومي سوال تي رايا" ۾ هو لکي ٿو : "جيڪو قومن ۽ قومي زبانن جي برابريءَ جي حق کي نٿو مڃي، ان لاءِ نٿو ڳالهائي، ان لاءِ جدوجهد نٿو ڪري، سو مارڪسسٽ نہ آهي، ۽ نہ سچو جمهوريت پسند آهي." ساڳي ئي مضمون ۾ هو چوي ٿو: "روسي زبان لاءِ زور ڀريندڙن جو منطق الٽو ٿو ٿي پوي. ننڍڙي سئٽزرلنڊ ڇا وڃايو آهي؟ پر جيڪي سو هڪ سرڪاري زبان نہ هئڻ سبب، لاڀ پاتو آهي، جرمن، فرانسي، ۽ اٽلين. ڪنهن هڪ لاءِ خاص رعايتون ۽ حق، سڀ ختم ٿيڻ گهرجن. پوليس ۽ ڏنڊي جي زور تي هڪ زبان کي مڙهڻ ۽

خاص رعايتن واري ڪرڻ سان ڪجهه به نہ ٿيندو. هڪ زبان کي زوري مڙهڻ جو خاتمو ٿيو تہ پيا خاص قومي حق ۽ رعايتون بہ ختم ٿي وينديون." ان ڏس ۾ لينن جا ڪجهہ پيا مقولا بہ ملاحظو ڪيو: نئين عهد ۾ پرولتاري بين الاقواميت رڳو پرولتاري انقلابن جي سلسلي جو نالو نہ آهي. پر هي هڪ اهڙو تاريخي عهد آهي جنهن ۾ سيني جمهوري ۽ انقلابي تحريڪن جو سلسلو اچي وڃي ٿو جنهن ۾ ترقي پذير، پٺتي پيل ۽ استحصال ٿيندڙ قومن لاءِ قومي آزاديءَ جي تحريڪ بہ شامل آهي. (مجموعي لکڻيون، جلد ص 6) اسان پيڙيل قومن لاءِ خودمختياريءَ جو حق گهرون ٿا، ۽ اهو اسان جي ساميواد لاءِ جدوجهد کان الڳ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ان جدوجهد کي، قومي سوال سميت، جمهوريت جي سيني سوالن ڏانهن، انقلابي رويي ۽ روش سان منسلڪ نہ ڪيو ويندو تہ اها رڳو هڪ کوکلو نعرو ٿي پوندي. اسين خود ارادي جي حق جي آزاديءَ جي طلب ڪريون ٿا. يعني آزادي، يعني استحصال ٿيندڙ ۽ پيڙيل قومن لاءِ عليحدگيءَ جي حق جي آزادي. اهو ان ڪري نہ تہ ڪو اسان ملڪ کي سياسي ۽ اقتصادي طور ٽڪر ٽڪر ڪرڻ جا خواب ٿا ڏسون. يا ننڍين ننڍين رياستن جا آدرش ٿا رکون. پر برعڪس ان جي، ان ڪري جو اسان وڏين رياستن ۽ قومن ۾ قربت، اتحاد ۽ الحاق چاهيون ٿا. جو رڳو سچي پچي جمهوري ۽ بين الاقوامي بنيادن تي هوندو. جو علحدگيءَ جي حق ڏيڻ ڏاران سوچي ئي نٿو سگهجي. (مجموعي لکيتون جلد1 ص 413_414). جاگيرداري ڳٽ لاهڻ، هر قسم جي قومي ڦرمار ختم ڪرڻ، ۽ ڪنهن مخصوص قوم يا زبان کي مليل رعايتون کسي ڦٽيون ڪرڻ، ڪنهن پرولتاريءَ لاءِ هڪ جمهوري قوت طور، يقيناً هڪ لازمي فرض آهي، ۽ يقيناً پرولتاري طبقاتي جدوجهد جي مفاد ۾ آهي، جا قومي سوال جي تلخين سبب، گمراهيءَ ۾ ۽ پٺتي پئجي ٿي وڃي. (مجموعي لکيتون جلد 20 ص35). هن نئين عهد ۾ قومن جي خود ارادي ۽ اختياريءَ جو سوال، استحصال ڪندڙ قومن جي سماجوادين جي ورتاءَ تي مدار ٿو رکي، ڪنهن بہ

استحصال ڪندڙ قوم جو سماجوادي، جو پيڙيل قومن جي خود اختياريءَ جي حق کي تسليم نٿو ڪري (عليحدگيءَ جي حق سميت)، ۽ ان لاءِ جدوجهد نٿو ڪري، دراصل هڪ شاونسٽ آهي ۽ نڪي سماجوادي. (مجموعي لکيتون، جلد 20 ص293).

مٿين حوالن مان ترقي پسند، روشن ضمير ۽ خيال دوست سمجهي ويا هوندا تہ قومي سوال ڇا آهي، ان جي اهميت ڪيتري آهي، ان جو حل ڇا آهي ۽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ بين الاقواميت ۽ قوميت جو پاڻ ۾ ڇا رشتو ناتو آهي؟ بين الاقواميت مان قوميت جنم وٺي ٿي، يا قوميت ۾ بين الاقواميت جون پاڙون ٿين ٿيون؟

ان بنيادي تعارف ۽ سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جي لاڙن ۽ انهن جي اوسر ۾ آيل رنڊڪن ۽ اٿاريل اعتراضن تي جاڻ ڏيڻ کان پوءِ، مان سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙن يا نون رجحانن جي مروج ٿيڻ ۽ اوسر تي، ان جي قومي، سياسي ڪردار تي مختصر واقفيت ڏيڻ چاهيندس. ان جي پس منظر جاڻڻ کان پوءِ ئي اياز جي هن مجموعي جي لکيتن کي سمجهڻ ۽ هنداڻڻ سهنجو ۽ سولو ٿي پوندو. اها پنهنجي جاءِ تي نہ رڳو سنڌي ترقي پسند ادب جي مختصر تاريخ آهي، ۽ ان جي ارتقائي سفر جي ڪهاڻي آهي، پر پنهنجي پر ۾ سنڌي ادب جي اوسر جي ڪهاڻي بہ آهي.

سنڌ تاريخ جي دور کان بہ اڳ فن، تخليق ۽ بين ثقافتي سرگرمين جو مرڪز رهي آهي. سنڌوماتريءَ جي تهذيب دنيا جي تهذيبن ۾ اهم ۽ عظيم مقام والاري ٿي. صورتخطيءَ واريون مهرون پڌائين ٿيون تہ ماقبل تاريخ ۾ بہ سنڌ کي پنهنجي اهڙي ٻولي هئي، جا لکي ويندي هئي. ان کان سواءِ موهن جي دڙي مان مليل آثار قديمہ جي وستوئن مان ثبوت مليو آهي تہ سنڌ سنگ تراشيءَ، نقاشيءَ، چترڪاريءَ، نرتيہ ڪلا ۽ ٻين اهڙن فنن ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪي هئي. فن ۽ تخليق جا اهي وهڪرا نہ بند ٿي ٿيا، ۽ نہ ئي رخ مٽائي ويا. آرين ويد سنڌوءَ

جي ڪناري تي ٺهي تخليق ڪيا. سڪندر يوناني سان آيل يوناني مورخن ۽ سياحن سنڌ جي فنون لطيفه ۽ زبان جي خوبين بيان ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. سنڌ تي پهريون دستياب ٿيل لکيل تاريخ جو ڪتاب "چچ نامو" لکي ٿو ته عربن جي ڪاهه وقت سنڌ کي پنهنجي سنڌي زبان هئي، جا لکي ويندي هئي، ۽ ان ۾ شاعري به ڪئي ويندي هئي. اسان جي ان ساري ادبي ۽ ثقافتي ورثي سان عرب فاتحن اهو ڪجهه ڪيو جو هلاڪوءَ بغداد جي ڪتب خانن ۽ثقافتي علمي ادارن سان ڪيو. سومرن ۽ سمن جي دور جو لوڪ ادب اسان جي ان عهد جي ادبي لاڙن ۽ رجحانن جي عڪاسي ٿو ڪري. انهن لوڪ داستانن ۾ سنڌ جي وطن دوست سورمين جي پذيرائي، ۽ ڌارين ڪاهي ايندڙن جي تذليل ٻڌائي ٿي ته سنڌ ۾ قومي جذبو ۽ قوم پرستيءَ جو رجحان شروع کان ئي ادب جو موضوع رهيو آهي. ان کان پوءِ ارغون، ترخان ۽ مغل ڌاريا سنڌ تي ڪاهين ۽ راڄ ڪن ٿا. هو مذهب جي نالي ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو استحصال ڪن ٿا. جي به انهن فاتحن وارو ئي مذهبي عقيدو رکندا هئا. ان مذهبي ڏاڍ، جبر ۽ استحصال جي دور ۾ اسان جي ڪلاسيڪي شاعري هڪ بيو حقيقت پسند رجحان اپنائي ٿي، جو آهي تصوف. جيڪو مذهب کي سياسي ۽ اقتصادي استحصال لاءِ ڪتب آڻڻ جي ردعمل ۾ وجود پذير ٿيل فلسفو هئو. ان فلسفي انسانيت، انسان دوستي، امن، رعيت، سهپ ۽ سچائيءَ جو پيغام پئي ڏنو. جيئن ته ڪلهوڙن به مذهب جي آڙ ۾ اقتدار حاصل ڪيو هو ان ڪري هنن ان کي جاري ۽ قائم رکڻ لاءِ به مذهب جو استعمال سياسي مقصدن لاءِ پئي ڪيو. ٽالپوري عهد ۾ به اها حاڪماڻي روايت ۽ ذهنيت جاري رهي، ان ڪري انهن حڪومتن جي دور ۾ به اسان جي ڪلاسيڪي شاعري تصوف کي ئي پنهنجو مکيه موضوع بڻايو. تصوف اسلام جي روح جي ترجماني ڪري ٿو نه ڪي ريتن رسمن جي. اسان جي ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن عربي، فارسي ۽ هندي ادب رستي تصوف يا ويدانيت جي ڄاڻ حاصل ڪئي، پر ان جي اظهار ۾

پنهنجي وطن دوستي ۽ قومي جذبي جي وسيلن کان ڪم ورتو. جڏهن سرڪاري ۽ درباري زبان فارسي هئي، ۽ اڪثر عالم شاعر فارسيءَ ۾ شاعري ڪندا هئا، ۽ فارسي يا عربيءَ ۾ لکندا هئا، تڏهن اسان جي انهن ڪلاسيڪي صوفي شاعرن عوامي زبان سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي، سنڌين لاءِ ڪئي، ۽ ان جو فني قالب سنڌي ۽ مقامي رکيو. بيت ۽ وائيءَ کي وري جياريو. هنن شاعريءَ جو محاڪاتي پس منظر بہ مقامي سنڌي رکيو. اهڙيءَ ريت اسان جي ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن بہ پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ وطن دوستي ۽ قوم پرستيءَ جي لاٽن کي مروج ڪيو جو سڀ ڪجهہ، ان دور جي روايت ۽ سياسي صورتحال کان بغاوت هئي، اهوئي سبب آهي جو اڄ اسان جي اها ڪلاسيڪي شاعري، موجوده سياسي ۽ سماجي صورتحال ۾، ساڳي اهميت ۽ افاديت رکي ٿي.

اسان جي ادبي زندگيءَ ۾ ويڌن (الميو) Tragedy پهريون پهريون تڏهن ظهور پذير ٿي، جڏهن سنڌي صورتخطي نهي ۽ مروج ٿي. اسان جي نون سنڌي خواندن (خاص ڪري شاعرن ۾، جن فارسي زبان ۽ شاعريءَ جو بہ مطالعو ڪيو هو) مور جي چال جي ريس ڪري پنهنجي چال بہ وساري ۽ ڪاري ڇڏي. هنن فارسي شاعري پڙهي تہ سهي، پر سطحي مطالعي سبب ان جي گهرائي، روح ۽ ست کي نہ سمجهي سگهيا. هو ان جي انسانيت دوستي، امن و آشتي، محبت ۽ صلح ڪل واري پيغام کي سمجهي ۽ هانءَ سان هنڍائي نہ سگهيا. وري جو ڪلاسيڪي اردو رومانوي شاعريءَ جو مطالعو ڪيائون، تنهن سندن ذهني رجحان ۽ فهم فڪر ڦيرائي ڇڏيا. نتيجو اهو نڪتو جو ڪنهن ڪارج، افاديت ۽ مقصد واري شاعري ڪرڻ بجاءِ هو يار جي زلف پيچان، محبوبہ جي خم ڪاڪل، دلربا جي لبن جي لاليءَ ۾ ڦاسي پيا ۽ تصوراتي فراق ۽ هجر جي راهن ۽ پيچرن تي رلندا ۽ ڀٽڪندا رهيا. فارسي علم عروض تي فارسي زده سنڌيءَ ۾ اهڙي شاعري ڪري، هو نہ رڳو پنهنجي پيش رو ڪلاسيڪي عظيم شاعرن جي روايت ۽

سجاڳيءَ کان منڪر ٿي پيا، پر پنهنجي ثقافتي ورثي (سنڌيءَ شاعريءَ جون صنفون وغيره) کي بہ لاوارث ڪري ڇڏيائون. سنڌي بيت، ڏوهيڙي، وائي ۽ ڪافيءَ کي هو اڻ پڙهيلن جي ۽ ڄٽڪي شاعري سڏڻ لڳا. نتيجو اهو نڪتو جو هو آسمان مان ڪريل ۽ کجيءَ ۾ اٽڪي پيل لغڙ وانگر ٿي پيا. نہ ئي هو وڏن عربي ۽ فارسي جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن آڏو ڪو مقام ماڻي سگهيا ۽ نہ ئي عوام ۾ مقبوليت ۽ مشهوري ماڻي سگهيا. فن ۽ فڪر جي لحاظ کان انهن جي فارسي زده غزل ۾ سنڌ جي عام ماڻهوءَ لاءِ ڪابہ ڪشش ڪانہ هئي. هونءَ بہ عام سنڌيءَ جي تہ سمجهہ کان بہ اها شاعري گهٽي هئي، جنهن جي زبان، محاورا، ترڪيبون، تشبيهون ۽ پس منظر سنڌ جي عام آدميءَ لاءِ غير، اوپرو ۽ ناقابل فهم هو ڇو جو گذريل ٽن سو سالن کان هو متي ڄاڻايل سنڌي لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ مان ئي حِظ وٺندا رهيا هئا.

ويهينءَ صديءَ جي شروعات ۾، خاص ڪري پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان اڳ ۽ هلندي بنگال، ڏکڻ هندستان، اتر هندستان جي ڪن هندي ڳالهائيندڙ علائقن ۾ (ڇو جو اتي انگريز ۽ ٻيون يورپي قومون سڀ کان اول آيون) يورپي ادب جي ترجمن رستي، سماجي سڌارڪ ادب مقامي زبانن ۾ متعارف ٿيو. پرڏيهي ترجمن کان متاثر ٿي انهن مقامي زبانن ۾ بہ سماجي مسئلن تي ۽ سڌارڪ قسم جو اصلوڪو ادب تخليق ٿيڻ لڳو. هندستان ۾ اردوءَ ۾ بہ اهي لاڙا پيدا ٿيا، جا هنديءَ جي ڀيڻ زبان هئي. جهڙيءَ ريت مسلمان سنڌي خواندا ۽ تعليم يافتہ فارسي اردو کان متاثر ٿيا تہ هندو وري هندي ادب ۽ ان ۾ ترجمو ٿيل ٻين هندستاني زبانن جي ادب کان متاثر ٿيا، جن ۾ بنگالي ۽ گجراتي ادب خاص اهميت وارو هو. ان ريت اها ادبي لهر ترجمن رستي سنڌيءَ ۾ بہ مروج ٿي. ان ڏس ۾ سندر ساهتيہ، رتن جوت، آشا، ڪهاڻي ۽ پارت ناول مالها ڪتابي سلسلن نمايان ڪردار ادا ڪيو. انهن سلسلن، هندي، بنگالي، گجراتي ۽ ڏکڻ هندستان جي ڪافي زبانن جو ادب سنڌيءَ ۾ متعارف ڪيو. ٻئي طرف مسلمان سنڌي اديب

وري اردوءَ جي اصلاحي ادب کان گهڻو متاثر ٿيو جنهن ۾ نہ رڳو مسلمان معاشري جي خامين جي نشاندهي ۽ اصلاح جي ڪوشش پئي ڪئي وئي، پر مسلمانن جي ماضيءَ جي عظمت جو تاريخي پسمنظر ڏئي، ان ۾ قومي احياءَ جي بہ سعي پئي ڪئي وئي. ان ڏس ۾ غلام محمد نظاميءَ جي رسالي ”ڪاميابي“، جميعت الشعرا جي رسالي ”اديب سنڌ“، سکر مان حافظ عبدالحميد پٺيءَ جي رسالي ”المنار“ وڏ ۾ وڏ حصو ورتو. پر سڀ کان نمايان حصو مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو آهي، جنهن ”عبرت“ ڪتابي سلسلي هيٺ مولانا عبدالحڪيم شر، ۽ صادق سرڏنوي جا ترجما بہ پيش ڪيا تہ پنهنجا اصلوڪا ناول بہ. اهڙيءَ ريت سڌارڪ ۽ اصلاحي ترجمن کان متاثر ٿي سنڌ جي هندو ۽ مسلمان اديبن ۽ نثرنگارن بہ اصلوڪو تخليقي سنڌي ادب پيش ڪرڻ شروع ڪيو. ان وقت سياسي اقتصادي ۽ سماجي مسئلا ذري گهٽ ٻنهي مذهبن جي پوئلڳن جا هڪ جهڙا هئا. هي اهو دور هيو جڏهن اپکنڊ مان نوابي ۽ جاگيرداري نظام تيزُ سيري وڃڻ جا سانباها ڪري رهيو هو ۽ نئون سرمائيداري سماج پنهنجي قدرن، خامين ۽ خوبين (جاگيرداري نظام جي پيٽ ۾) سان ظهور پذير ٿي رهيو هو. ان ڪري ملڪ جو سارو هندو مسلمان سماج عجيب بحرانن ۽ گهوٽالن جو شڪار ٿي رهيو هو. ڪي جذباتي ٿي ۽ مذهبي جنون هيٺ پراڻن ۽ فرسوده سماجي ريتن رسمن، رواجن ۽ قدرن کي قائم رکڻ لاءِ واءُ ويلا ڪري رهيا هئا، تہ ڪي وري حالتن سارو وقت سان ساٿ ڏئي، حالتن جي تقاضائن هيٺ سماج ۾ نوان قدر مروج ڪري، سماج کي بحرانن مان ڪڍي اڳتي ترقي ڏيارڻ لاءِ ادم ڪري رهيا هئا. اهي پوئين خيال ۽ سوچ وارا اديب ۽ دانشور پنهنجي وقت ۽ حالتن سارو سماج ۾ ترقي پسند ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. ان ۾ ئي عوام جي ڀلائي هئي، ان ڪري اهي جلد ئي عوام ۾ مقبول ۽ مشهور ٿي ويا. ۽ پراڻي صورتحال کي قائم دائم رکڻ وارا وقت جي ويرن ۽ ڇوهن آڏو پنهنجي پيرن تي بيهي نہ سگهيا، ۽ وقت جي وهڪري ۾ وَهي لڙهي ويا.

پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي وچ ۾ دنيا اندر محڪوم ۽ غلام قومن جي آزاديءَ جي هلچل جي بہ شروعات ٿي چڪي هئي. علم جي عام ٿيڻ سان انهن تحريڪن جي ڄاڻ ۽ خبرچار اپکنڊ تائين بہ اچي پهتي. نتيجي ۾ هت بہ بينڪيت ڪان جان ڇڏائڻ لاءِ قومي آزاديءَ واري سياست جو بنياد پيو ۽ هوريان هوريان ان جو اثر وڌڻ لڳو. ان جو سنڌ تي بہ اوس اثر پوڻو هو ۽ پيو. سڀ دانشور، اديب ۽ شاعر، مذهبي ۽ سياسي تفريق ڏاران، آزاديءَ جي موضوع ۽ قومي شعار جي بيداريءَ جي موضوع تي، بامقصد تخليقي ادبي سرگرمين ۾ مشغول ٿي ويا. ان ۾ ڪانگريسي بہ هئا تہ مهاسڀائي بہ، مسلم ليگي بہ هئا تہ خاڪسار ۽ احرار بہ، قوم پرست عالم بہ هئا تہ خلافت تحريڪ وارا بہ، سڀني جو هڪ گڏيل ۽ عام مقصد هو يعني انگريزن جي ڏاري بينڪيت ۽ محڪوميءَ کان آزادي. ان وقت سماجي مسئلا پٺتي هٽي ويا، ۽ قوم پرستي ۽ آزاديءَ جي جدوجهد اڳتي وڌي اهميت واري ۽ مکيہ مهم ٿي پئي. قوم پرستيءَ واري سياست ۽ آزاديءَ جو جذبو اُڀري وڏي اوليت حاصل ڪري ويو.

ان عمل دوران، سٽت ئي، ان سياسي سوچ ۽ فڪر جي وهڪري ۾ هڪ ٻي ڌارا بہ اچي ملي. ٻي مهاڀاريءَ لڙائي دوران ۽ پوءِ مواصلاتي، اشاعتي ۽ ڇپائيءَ جي وسيلن ۾ انقلابي ترقيون ۽ تبديليون آيون. دنيا جون دوريون سوڙهيون ٿي سسي ويون، ۽ دنيا هڪ ٻئي کي ڏاڍو ويجهو ۽ قريب ٿي وئي. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ بعد روس ۾ عوامي پورهيت انقلاب آيو. ان انقلاب نئين سائنسي مارڪسي فلسفي جي پرچار ۽ ڦهلاءَ ۾ وڏي هٿي ڏني ۽ محرڪ قوت ثابت ٿيو. ساري دنيا جي ادب ۽ ويچارن، فڪرن جا وهڪرا ڪنهن کان اوپرا ۽ لڪل نہ رهيا. عالمي ادب اپکنڊ جي ٻين زبانن جي ادب جيان سنڌي ادب کي بہ متاثر ڪرڻ لڳو. زبان، ثقافتي ۽ سماجي پسمنظر جي لحاظ کان تہ سنڌي ادب مقامي، ملڪي ۽ قومي ادب ئي رهيو پر موضوع ۽ مسئلن جي لحاظ کان بين الاقوامي نوعيت جو ٿي پيو. سنڌ جا پراڻا، جڳادري ۽ رجعت

پرست اديب، جن ۾ اڪثريت شاعرن جي هئي، نين ترقين، تبديلين ۽ رجحانن سان سازباز نہ ڪري سگهيا. هو پنهنجي شروعاتي غزل گو فارسي زده شاعريءَ سان ئي پنهنجا دڪان سجايو ويٺا رهيا. ڪنهن تصوراتي ۽ خيالي حسينہ جي لب و رخسار، زلف و ڪاڪل ۽ گردن صراحيدار ۽ آهو چشم جي ذڪر ۽ تعريف سان تماشائين ۽ پڙهندڙن کان داد وٺندا هئا، ۽ پاڻ ويهي استادالشعرا، تاج الشعرا، ۽ محسن الشعرا وغيره جهڙا لقب ورهائيندا هئا. انهن جي دڪانداري جهڪي ٿيندي ويئي، ڇو جو ڪين زماني ۽ حالتن سارو آڇڻ لاءِ ڪو نئون وکر هو ئي ڪين. ان جي مقابلي ۾ عالمي ۽ اپکنڊ جي ترقي يافتہ زبانن جي ادب کان متاثر ٿيل، ۽ پنهنجي لوڪ ورثي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي فن ۽ فڪري خوبين ۽ ان جي قدر قيمت، اهميت ۽ افاديت کي ڄاڻي پرکي، ادب ۾ نون موڙن ۽ قدرن کي روشناس ۽ مروج ڪندڙ اديب ۽ شاعر، عوام ۾ مقبوليت ۽ مشهوريءَ جون منزلون طئي ڪرڻ لڳا.

انهن نئين سوچ ۽ فڪر رکندڙن نہ رڳو انسانيت، محبت ۽ آزاديءَ جا گيت ڳايا، پر سنڌ مان بڇڙين رسمن ۽ فرسوده رواجن خلاف بہ جهاد ڪيو. هندستان جي مظلوم، پيڙيل ۽ ڏتڙيل عوام جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ ۽ کين سجاڳ ڪرڻ ۾ بہ هنن اوائلي ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن ۾ نثر نويس تہ ڪافي وقت کان مصروف عمل هئا، پر شاعريءَ ۾ پهريون پٿر اڇلائيندڙ ڪشن چند بيوس هيو جنهن ”الاجهري مَر شال غريبن جي جهوپڙي“ جهڙو نظم لکيو اقبال ۽ ٻين همعصر اپکنڊ جي نون شاعرن کان متاثر ٿي، يا سندن ترجما ڪري، سنڌي شاعريءَ کي نواڻ، وقت جي تقاضائن مطابق موضوع ڏنا. ان کان بعد جلد ئي کيئلداس فانيءَ سنڌي شاعريءَ ۾ نوان موضوع ۽ رجحان آندا. هن سڏارڪ، قومي ۽ سماجوادي گهرجن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. ستت ئي سندن پيروي ۾ نارائڻ شيام، هر دلگير، شيخ اياز ۽ حيدر بخش حيدر جتوئي نوان موضوع ۽ فني خوبيون کڻي سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ آيا. نتيجو اهو نڪتو جو رجعت پرست، لکير

جا فقير، شعرائي (جمعيت الشعرا وارا). جن جي هن ڪان اڳ ادب ۾ هڪ هٽي هٽي، پسمنظر ۾ هليا ويا، ۽ هي نوان شاعر ۽ لکندڙ نروار ٿي ڪانئن اڳتي نڪري ويا. نثر ۾ ڪتابي سلسلن، جن انهن نون رجحانن ۽ نظرين کي وڌايو. تن جو ذڪر مان مٿي ڪري آيو آهيان. پر شاعريءَ ۾ "سنڌو"* رسالي (حالانڪ اُن ۾ نثر بہ ڇپبو هو) اهم ڪردار ادا ڪيو. جمعيت الشعراء سنڌ جو رسالو "اديب سنڌ" پوٽو پوندو ويو ۽ "سنڌو" سنڌ جو مقبول ترين ادبي رسالو ڪئين سال (ورهاڱي تائين) سنڌي ادب جي آسمان تي چمڪندو رهيو. موضوع ڪان علاوه ٻيوس شعرا اين سان هڪ ٻيو بہ اختلاف ڪيو ۽ اهڙو ڪکر ۾ ڪڙو هنيو جو فرسوده مڇرجي پيا. ان ۾ بہ سوپ نون خيالن وارن حلقن جي ٿي. ڪراچيءَ ۾ ٿيل جمعيت الشعراء جي ادبي ڪانفرنس ۾ هن مشاعري جي صدارتي** تقرير ۾، خيال ظاهر ڪيو ۽ ان تي زور ڏنو تہ سنڌيءَ کي ڏارين، عربي، فارسي ۽ هندي وغيره جي لفظن کان پاڪ ڪيو وڃي، ۽ جيڪي لفظ اسان وٽ مروج ٿي چڪا آهن، سي اهڙيءَ ريت اچاريا وڃن جيئن عام سنڌي اچاريندو آهي، نہ ڪي انهن جي اصلي عربي يا فارسي اچارن جيان. جهڙي ريت عِطر بجاءِ عَطر، شمع بجاءِ شمع، ڪُتب بجاءِ ڪِتاب ۽ القاب بجاءِ لقب وغيره. ان تي ڊاڪٽر خليل ۽ ٻيا شعرائي اچي مڇريا، ۽ تڪرار اخبارن ۽ رسالن ۾ شروع ٿيو. ان بحث ۽ تڪرار ۾ بہ عوام ۽ پڙهيل ڳڙهيل سنجيده طبقي ٻيوس گروپ جي حمايت ڪئي. اهو سنڌي ادب ۾ نون ۽ پراڻن فڪرن ۽ رجحانن ۾ پهريون تڪرار ۽ تضاد هو جنهن ۾ رجعت پرستن کي شڪست ملي.

ان شروعاتي نون ۽ پراڻن رجحانن درميان تضادن واري دور ۾ اياز پهريون شاعر هو جنهن "ڳاءِ انقلاب ڳاءِ" جهڙا گيت لکي نہ رڳو سنڌي ادب ۽ شاعريءَ کي انقلاب ۽ ان نعري سان روشناس ڪرايو پر پنهنجي اپکنڊ جي مقامي صنف سخن "گيت" کي بہ سنڌيءَ ۾ مروج

* "سنڌو"، شڪارپور مان بولچند راجپال ڪڍندو هو.
** ڪشچند ٻيوس اهو مقالو سنڌي سهيلن ۾ پڙهيو هو (ت.ج)

ڪيو. اهڙي ريت ان نئين ترقي پسند مهندار جتي فڪر ۽ موضوع ڪان سواءِ فن ۾ بہ انقلاب آندو! پنهنجون مقامي اصناف سخن جو واهپو ۽ سنڌي زبان کي پاڪ ڪرڻ ۽ خالص ۽ چيدو ڪرڻ جي مهم جي شروعات بہ انهن ئي ڪئي، نہ تہ هن کان اڳ رجعت پرست مذهبي جنون ۽ اثر هيٺ سنڌي زبان کي مشرف بہ اسلام (عربي ۽ فارسي ملاوت ۽ گرامر سان) ڪرڻ ۽ شڌي (هندي سنسڪرت لفظن جي پرمار سان) ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺا هئا. شاعريءَ کان سواءِ نثر ۾ ڪيرت، مالهي، اتم، گوبند پنجابي، ابراهيم جويو، ع-ق شيخ، ديدار حسين موسوي، آسانند مامتورا وغيره نوان موضوع ۽ اسلوب بيان ڪڍي آيا. اياز بہ ان ڏس ۾ پٺتي نہ رهيو. انهن اديبن ۽ شاعرن زبان جي سلسلي ۾ بہ حقيقت پسنداڻو تعصب کان خالي ۽ سيڪيولر رويو اختيار ڪيو. پنهنجي انهن خوبين ۽ دلڪشين ڪري نئون ادب جلد اسري اڀري اڳتي وڌي آيو ۽ "مفعول فاعلات" جي گردش ۾ ڦاٿل رجعت پرست شاعر ان چڪر ۾ ڦيرا پائيندو گهاڻي جي ڏاند جيان سمجهندو رهيو تہ وڏي منزل ماري آيو هو. ان شروعاتي ڪشمڪش واري دور ۾ هڪ ٽين ڌر بہ پيدا ٿي، جا اعتدال پسند ۽ ڇڪتاڻ کان ٻاهر رهي ڪم ڪندي رهي. بزم طالب المولیٰ جي نمايان خوبي اها هئي جو هنن حقيقت پسنداڻو رويو اختيار ڪندي فني ۽ موضوعي طور پنهنجي پراڻي ڪلاسيڪي ورثي ڏانهن موٽ کاڌي. هنن تصوف جي موضوع کي وري اختيار ڪيو پر وري بہ انهن ۾ اڪثر شعراءِ جيان پري پيڪر، خيالي محبوبہ ۽ رومانيت جي داستانن دهرائڻ ۾ رڌل رهيا. هنن جي وڏي ۽ نمايان خوبي اها هئي جو هنن شعراءِ جون ترڪ ڪيل ۽ ڇڏيل سنڌي شاعريءَ جون صنفون ۽ سنڌي نج زبان وري واپرائڻ شروع ڪيون. هن جماعت جا اڪثر شاعر بيت، ڪافي، گيت ۽ وائيءَ تي طبع آزمائي ڪرڻ لڳا. انهن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، محمد خان غني ۽ سرشار عقيليءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. پر سياسي ۽ سماجي طور هن جماعت وارا نئين عالمي فڪر سان وڪ وڪ

۾ نہ وجهي سگهيا، جيئن سنڌ ۾ ساري اپکنڊ ۾ ترقي پسند اديب ڪري رهيا هئا. هن ادبي جماعت جو نمايان ۽ قابل قدر ڪردار اهو بہ آهي تہ اها پوءِ هلي اڳتي ايندڙ ترقي پسندن ۽ رجعت پرستن (شعراين ۽ بنياد پرست مذهبي سياسي جماعتن) درميان اختلافن ۽ تضادن ۾، پنهنجو غيرجانبدارانہ ڪردار ادا ڪيو پر ڪٿي ڪٿي حقيقت پسنديءَ جو مظاهرو ڪندي، ان جنگ ۾ ترقيءَ پسندن جو ساٿ ڏنو ۽ قلمي توڙي علمي حمايت ڪئي.

هي نوان ترقي پسند لاڙا ۽ سوچ رکندڙ هونءَ تہ ساريءَ سنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل هئا. سندن ڪن سياسي ۽ سماجي تنظيمن سان لاڳاپا هئا، پر ڪا خالص ادبي جماعت اجا ڪانہ ٺاهي هيائون. پهريون تنظيمي ڍانچو ڏيئي جي سنڌ ڪاليج جي شاگردن، پروفيسر پنجواڻي جي سرپرستيءَ ۾ تشڪيل ڪيو ۽ ”سنڌي ادبي سرڪل“ جي نالي سان هڪ ادبي جماعت ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي. ان جي باني مان شيخ اياز هڪ هيو. ستت ئي ڪاليج کان ٻاهر وڏي پئماني تي انهن هڪ جماعت جوڙي. ان مهل هند ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين قائم ٿي باعمل ٿي چڪي هئي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي اديبن بہ سنڌي اديبن جي انجمن ترقي پسند مصنفين قائم ڪئي، جنهن ۾ ”سنڌي ادبي سرڪل“ وارن ساٿين کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي شامل ٿيا. اياز، ڪيرت، مالهي، اتم، روشن مغل، سندري اتمچنداڻي، ابراهيم جويو، سوڀو گيانچنداڻي، ستار شيخ ۽ حيدر وغيره ان جا سرگرم ميمبر هئا. اياز جي ادارت ۾ ترقي پسند ادبي رسالي ”اڳتي قدم“ جو اجراءَ ٿيو* جنهن جا ٽي پرچا نڪتا ۽ پوءِ ورهاڱي جي افراتفريءَ جو شڪار ٿي بند ٿي ويو. اتم ”نئين دنيا“ ماهوار جاري ڪئي، جا ورهاڱي بعد پاڻ سان گڏ هندستان کڻي ويو ۽ اتان پاءُ صدي کن باقاعدي ڪيندو رهيو. پاڪستان کان اڳ ئي عورتن لاءِ هڪ ادبي رسالو بہ ڪڍيو ويو جنهن جي ادارت سندري اتم چنداڻي، روشن مغل ۽ ٻين جي بلي هئي، پر ان

* 1940ع ۾

رسالي ماهوار ”ساٿي“ جا روح روان هئا اياز ۽ اتم. هي رسالو به ورهاڱي ۾ اسان جي پلئه پيل بدبختين جو شڪار ٿي ويو. سن 1954ع ۾ پاڪستان سرڪار ملڪ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وجهڻ سان گڏوگڏ انجمن ترقي پسند مصنفين تي به روڪ وجهي ڇڏي. ڪراچيءَ ۾ موجود ترقي پسند سنڌي اديبن، جن مان اڪثريت نوجوان شاگردن جي هئي، هڪ نئين جماعت ”سنڌي ادبي سنگت“ جو بنياد وڌو.* هن جماعت جون ڪچهريون جناح ڪورٽس ۽ ميناارام هاسٽل ۾ ٿينديون هيون. مرحوم احسان بدوي سنگت جو پهريون سيڪريٽري ۽ مرحوم عبدالغفور انصاري جوائنٽ سيڪريٽري هو. پراڻا اديب ورهاڱي سبب آيل صدمي ۽ ادبي جمود سبب فراريت ۽ مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويا. اياز به اردو ۾ شاعري شروع ڪئي. ۽ آخر ڪراچيءَ جي اجنبي ۽ اوپري ماحول کان مايوس ٿي سکر اچي وڪالت ڪرڻ لڳو. گهٽن لکڻ کان عارضي رٽائرمينٽ اختيار ڪئي. پر ڪراچيءَ ۾ حالتون جلدئي بدلجڻ لڳيون. سڀ کان اول اتي ادبي جمود ٽٽڻ لڳو. 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ وري قائم ٿيو ته محمد ابراهيم جويو ۽ سراج ميمڻ ڪراچيءَ ۾ آيا.** ان ئي سال رباني ۽ حفيظ به حيدرآباد مان ڪراچيءَ آيا. ساڳي ئي سال مرتب به پڙهائيءَ لاءِ ڪراچي آيو. نورالدين سرڪي اڳ ئي ات هو ۽ سنگت ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ ترقي پسند هفتيوار اخبار ”صداقت“ به ڪڍي رهيو هو. سنڌس ميناارام جو ڪمرو 72 ادبي سرگرمين جو مرڪز ٿي پيو. ان سال سنگت جي نئين سر تنظيم ۽ چونڊ ٿي. عبدالغفور انصاري سيڪريٽري ۽ مرتب جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيا. ٻئي سال اياز قادري، جنهن جو جمعيت الشعرا سان به قديم ناتو هو ۽ نون لاڙن ۽ فڪرن کان متاثر ٿي سنگت ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو هو غفور جي جاءِ تي سيڪريٽري

---

* سنگت جو بنياد اپريل 1947ع ۾ پئجي چڪو هو 1954ع ۾ ترقي پسند مصنفين تي پابنديءَ بعد سنڌي ادبي سنگت کي منظم ڪيو ويو (ت. ج).

** 'سنڌي ادبي بورڊ' 'سنڌي ادب جي صلاحڪار بورڊ' جي نالي سان 1940ع ۾ قائم ٿيو 55_1954ع ۾ ان جي نئين تشڪيل ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي نالي سان ٿي (ت.ج)

چونڊيو ويو. نوان ساٿي مقبول سومرو، موتيرام راماواڻي، عبدالواحد سنڌي بہ سنگت ۾ سرگرم ٿيا تہ پراڻن مان جويو، روشن مغل، سوڀو ۽ پوهو بہ باقاعدي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لڳا.

اپکنڊ جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌي ادب ۾ نمايان ارتقائي ۽ انقلابي تبديليون آيون. ملڪ جو سياسي ۽ جاگرافيائي ورهاڱو ٿيو. ان لاءِ ڪيترائي لساني صوبا بہ ورهايا ويا. پر سنڌ سان ان کان بہ وڏيڪ ڪجهہ ٿيو. هن صوبي جو لساني، ثقافتي ۽ سماجي ورهاڱو بہ ٿيو. سماج ٽٽي پرزا پرزا ٿي پيو. ادب، ثقافت ۽ ٻولي جي رکوالن ۽ پرچارن جو وڏو حصو سنڌ کي ڇڏي، وڏي هندستان ۾ ٽڙي پکڙجي ويو. بنگال ۽ پنجاب کي تہ وري بہ موٽ ۾ پنهنجي سماج، ٻولي ۽ ثقافت وارائي مليا. پر سنڌ ۾ لڏي ويل سنڌين جي جاءِ تي، هندستان جي ڏار ڏار علائقن مان آيل مختلف زبان، ثقافت ۽ سماجي صورت وارن اچي ڪپ ڪوڙيا جي نہ رڳو زبان، ثقافت ۽ سماجي لحاظ کان هتان لاءِ اوپرا هئا. پر هت فٽ بہ نہ ٿي سگهيا پئي، اجا تائين اوپرا ۽ اجنبي بڻيا وينا آهن. انهن ثقافتي تبديلين ۽ پاڪستان جي قيام بعد ٿيل سياسي سازشن جي نتيجي ۾ سنڌ سان هڪ وڏي ويڌن اها ٿي جو سنڌين جو پاڪستان بابت خيال ۽ خواب ٽٽي پرزا پرزا ٿي پيو. عام سنڌي ۽ سنڌ اسيمبليءَ پاڪستان جي گهر ۽ ان جي حمايت ان خيال کان پئي ڪئي تہ اهڙيءَ ريت سنڌ جي عوام (جو مسلمان ۽ ٻهراڙي ۾ رهندڙ هو) کي سنڌ جي استحصالي سرمائيدار سيٺيئي ۽ ڪاموري (جو اڪثر هندو ۽ شهري هو) کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ کيس ترقي ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو موقعو ملندو. عوام کي بہ ڪاروبار، ملازمتن ۽ سياسي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ ۽ چٽاڀيٽي ڪرڻ جا موقعا ملندا. ان مقصد ۽ مراد سان ئي سنڌ جي مسلمان سياستدان پاڪستان جي حمايت پئي ڪئي. پر پاڪستان ٺهڻ بعد، ۽ محمد علي جناح جي موت بعد، خاص ڪري قرارداد مقاصد (Objective Resolution) جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پاس ٿيڻ بعد، سنڌين وارو

پاڪستان جو خيال ۽ تصور ٺٺي پيو. هينئر پاڪستان جو مطلب اسلام ۽ اردو هو جي ٻئي ڪنهن به حالت ۾ سنڌ جا مسئلا نه هئا، پر وچ هندستان يا گنگ- جمن واديءَ جي مسلمان عوام جا مسئلا هئا، جتي مسلمانن کي شڌي ٿيڻ جو ڀؤ هوندو هو ۽ اردوءَ جو هنديءَ سان ٽڪر هيو. سنڌ ۾ اردوءَ جو ڪو مسئلو نه هو. سنڌي هتان جي اڪيلي ۽ غير تڪراري زبان هئي، ۽ اسلام کي به سنڌ ۾ ڪو خطرو نه هيو. جيڪو سو هر سال متياري، ڪڏي (ڪراچي)، ٽيڙهي، پرچونڊي ۽ امروٽ وغيره ۾ سوين هندو ۽ ٻيا غيرمسلمان مشرف به السلام ٿيندا هئا. ٻئي طرف پاڪستان جي ٺهڻ بعد سنڌي مسلمانن جي اقتصادي صورتحال ۾ مشڪل سان ڪو اٺوٻهين ويهين جو فرق آيو. هندن جي ڇڏي ويل ملڪيتن ۽ ملازمتن، ڪاروبارن ۽ ڪوٺين تي، سنڌين جو حق نه تسليم ڪيو ويو. (مرڪزي سرڪار جي قانون هيٺ) ۽ اهو سڀ ڪجهه ٻاهران آيل پناهگيرن جو حق سمجهي انهن ۾ ورهايو ويو. هندن وٽ گروي رکيل سنڌين جون سڀ زمينون به نون آيلن کي ڏنيون ويون. هتيون جيڪو سو بئريجن (ڪوٽڙي ۽ گڊو) بعد سنڌ جي نين زمينن کان سنڌي هارين کي محروم ڪيو ويو ۽ اهي پنجاب جي فوجي ۽ سول ڪامورن ۾ ورهايون ويون. اهڙيءَ ريت سنڌ سرڪار جي ملازمتن ۾ سنڌين کي پنهنجو حق نه مليو ۽ اڪثريتي صوبي، جتان جي فوج آهي، مارشل لا پويان مارشل لا هٽي سنڌ جون زمينون ۽ نوڪريون به پنهنجن کي ڏنيون. اها صورتحال اڃا به جاري آهي. اهڙيءَ ريت سنڌين جو پاڪستان جو خواب ڏٺو سو تعبير جو روپ نه وٺي سگهيو. پر جيڪو سو انهن سان اها تعدي ٿي جو "وٺي سگهن لاءِ ڪن به ڪپائي آئي." ڪوشش ڪيائون اقتصادي ۽ سماجي بهتري ماڻڻ لاءِ پر ٻَلي پئجي وين لساني ۽ ثقافتي غلاميءَ جو ڳٽ!

اهڙيءَ ريت سنڌ جا مسئلا، پاڪستان ٿيڻ بعد، حل ۽ ختم ٿيڻ بجاءِ وڌندا ويا. سياسي ۽ اقتصادي مسئلا ته پنهنجي جاءِ تي، پر ستت لساني ۽ ثقافتي اختلافن ۽ تضادن به منهن ڪڍيو. ٻاهران آيل

مهاجرن جي بہ هڪ اقليتي لساني ۽ ثقافتي گروهہ جي زبان، اردوءَ کي، هتان جي عوام ۽ اڪثريتي زبانن کي ريتي، پاڪستان جي قومي زبان قرار ڏنو ويو. انهن جي گنگا، جمني يا هند مسلم ثقافت کي، پاڪستان جي شاهوڪار عوامي ثقافتن کي نظرانداز ڪري، پاڪستاني ثقافت طور سرڪاري ابلاغ ۽ پرچار جي ذريعي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان عمل ۽ سازش خلاف پهريون ردعمل بنگال ۾ ٿيو جتي شاگردن اردوءَ خلاف پر تشدد مظاهرا ڪيا. جانيون ڏنيون ۽ سنت ٿي پنهنجي علائقائي ۽ عوامي زبان بنگاليءَ کي بہ قومي زبان جو درجو ڏيارايو. زبان ۽ ثقافت سان ڪنهن قوم جو لڳاءُ انتهائي جذباتي ۽ جنوني حدتائين ٿيندو آهي. سنڌي بہ ان ڏس ۾ پٺتي نہ رهيا. سنڌي شاگردن جي جماعت سنڌ پراونشل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪراچي ٺهراءُ پاس ڪري، آئين ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن موڪليو تہ سنڌي کي بہ پاڪستان جي هڪ قومي ۽ سرڪاري زبان قرار ڏنو وڃي. 1954ع ۾ شاگردن ڪراچيءَ جي ڀتين تي چاڪنگ ڪئي (انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾) تہ سنڌيءَ کي بہ قومي ۽ سرڪاري زبان جو درجو ڏنو وڃي. مرڪزي تنظيم جي هدايت تي سنڌ اندر سنڌ پراونشل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ٻين يونٽن بہ اهڙا مطالبا ڪيا. ادبي تنظيمن، اخبارن، ۽ ڪن سياسي رهنمائن بہ ان لاءِ آواز اٿاريو. ان وقت سنڌ جي ان واحد شاگرد تنظيم جو مرڪز ڪراچي هو. قاضي اختر (هينئر سنڌ جو لامنسٽر) ان جو صدر ۽ راقم الحروف سيڪريٽري جنرل هو. منهنجي خيال ۾ اسان جي ڪيل چاڪنگ، ڪراچيءَ ۾ ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي زبان ۾ پهرين تحرير هئي، جا ڀتين تي ڏسي ماڻهو حيران بہ ٿيا هئا. تہ پنهنجا خوش بہ. ان مهم نتيجو ڪڍيو ۽ پيرزادي عبدالستار (ان وقت جي پاڪستان جي وزير قانون) جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيل آئين جي مسودي ۾ سنڌي ۽ ٻين عوامي زبانن کي بہ سرڪاري زبان جو درجو تجويز ڪيو ويو هو. پر آئين سازشن جو شڪار ٿي ويو ۽ مفاد پرستن ان جي بحاليءَ کان اڳ آئين ساز اسيمبلي ئي ٽوڙي ڇڏي،

بهرحال انهن سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي مسئلن نہ رڳو سنڌي ادب کي نوان سياسي، اقتصادي ۽ سماجي موضوع ڏنا، پر قومي ثقافتي لگن ۽ جذبي کي بہ اڀاريو. زبان ۽ ثقافت کي ڌارين (عربي، فارسي ۽ اردو) اثرن کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جي ڪوشش جدوجهد جو روپ وٺي وئي. عربي ۽ فارسي لفظن جي جاءِ تي نج ۽ چيدا سنڌي لفظ واپرائجڻ لڳا. ثقافت ۽ ثقافتي نماءَ ۽ شو منعقد ٿيڻ لڳا. ادب برائي ادب بجاءِ ادب برائي زندگي، عوام جي مسئلن ۽ امنگن آرزوئن جو ترجمان ادب، تخليق ٿيڻ لڳو. ڪراچي سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جو مرڪز هو. حالانڪ 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ کي حيدرآباد نيڪالي ڏئي (منتقل ڪري) هت الڳ ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪئي وئي هئي. سنڌي شاگردن جي سرگرمين جو مرڪز جناح ڪورٽس ۽ مينارام هاسٽليون هيون. ستت ئي سنڌ مسلم ڪاليج پاران سنڌ مدرسي جي حسن علي هائوس ۾ الڳ هاسٽل کولي وئي تہ اهو بہ هڪ سرگرميءَ جو مرڪز ٿي پيو. سنڌي ادبي سنگت جون ڪچهريون جناح ڪورٽس ۾ مرحوم احسان بدويءَ جي ڪمري ۾، يا مينارام هاسٽل ۾ سرڪيءَ جي ڪمري ۾، يا حسن علي هائوس ۾ منهنجي ڪمري ۾، يا اياز قادريءَ جي جاءِ 6- ڏني رام بلڊنگ، رام باغ روڊ، تي ٿينديون هيون. 1954ع ۾ مرحوم حفيظ شيخ، مرغوب بخاري ۽ مون گڏجي ڪراچيءَ مان هڪ ترقي پسند ادبي رسالي ”شاگرد“ ماهياني جو اجراءُ ڪيو جنهن جا بہ پرچا نڪتا، جي ان دور جي ترقي پسند ادب جا صحيح معنيٰ ۾ ترجمان ثابت ٿيا. عوام جي ساٿ جي گهٽتائيءَ ڪري ٽيون پرچو نہ نڪري سگهيو. ان وقت پاڪستان کان پوءِ سنڌي زبان ۾ صفائي پاڪائي(Puritan) تحريڪ، ۽ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙن ۽ سوچن جي شروعات هئي، جا ڪراچيءَ مان ٿي. مئي 1954ع ۾ اونهاري جي وئڪيشن ۾ مان سکر آيس تہ ات شيخ اياز، شيخ عبدالرزاق راز، مولائي شيدائي، مقبول صديقي، نبي بخش دائودپوٽي ۽ قادر بخش ميمڻ وارن سان ڪچهريون ٿيون، ۽ سکر ۾ بہ

سنڌي ادبي سنگت جو بنياد رکيوسين. ان کان اڳ مقبول، قادر بخش، نبي بخش دائود پوٽو ۽ آخوند خالد شهيد پنهنجي سر ادبي جمود کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري چڪا هئا، جنهن ۾ شيخ اياز به ساڻن سهڪار ڪيو هو. هنن پاڪستان کان پوءِ سنڌ جو پهريون ترقي پسند ادبي رسالو سکر مان 1952ع ۾ ڪڍيو پر ان وقت جي قومي بيحسيءَ ۽ بي پرواهيءَ سبب ماهوار ”محفل“ جو رڳو هڪ پرچو نڪري سگهيو. 12-13- 1954ع تي سنڌ ۾ پهريون ڌماڪو ادبي ميدان ۾ ٿيو جنهن رجعت پرستن کي چرڪائي ڇتو ڪري ڇڏيو. سکر ۾ پهريون دفعو ترقي پسند اديبن جي جماعت سنڌي ادبي سنگت جي طرفان به ڏينهن ”يوم سچل“ ملهايو ويو. اهو فنڪشن پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان سنڌ ۾ پهرين وک ۽ ڪوشش هو جنهن ۾ پنهنجي ڪلاسيڪي صوفي شاعرن کي وقت جي معروضي حالتن جي پس منظر ۾ نئين ترقي پسند نڪته نظر سان پيش ڪيو ويو. ان کان اڳ ۾ رجعت پرست جمعيت الشعرا جو ساليانو ادبي ڪانفرنسون ته ٿينديون هيون، جنهن ۾ پراڻا پساري پراڻا ۽ مدي خارج وکر کڻي ايندا هيا. پر ترقي پسندن طرفان هي پهريون عوامي ادبي اجتماع هو جنهن ۾ مقامي ساٿين کان سواءِ سنڌ جي ٻين شهرن مان به رفيق اچي شريڪ ٿيا هئا.

انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ جمعيت الشعرا ۽ بزم طالب المولىٰ جي روشن خيال ۽ نئين فڪر ۽ سوچ جي ساڪي شاعرن ۽ اديبن پنهنجي هڪ جماعت ”سنڌي ادبي انجمن“ قائم ڪئي هئي. ان جون هفتيوار ڪچهريون ڪراچي هوٽل، رسالا روڊ ۾ ٿينديون هيون. منهنجي ساڻن تعلق مهل شايد مرحوم مقبول ڀٽي ان جو سيڪريٽري هيو. هن جو سنڌي ڪتاب گهر واقع تلڪ چاڙهي (هينئر انتخاب ليڊيز ٽيلرس) سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي اوطاق يا رابطي جي جڳهه هوندي هئي. مولانا گرامي، ڏيپلائي، حيدربخش جتوئي، ع. ق شيخ، شيخ علي محمد، نذير حسين، ابن الياس سومرو ابن حيات پنوهر، مصطفىٰ قريشي، آغا شاهين (هينئر آغا سليم)، تنوير عباسي ۽ شمشيرالحيدري وغيره ان

جا سرگرم ميمبر هئا. مقبول پٽيءَ جي دڪان ۾ ڪراچيءَ هوٽل تي دوستن سان ملي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي سين، جنهن ۾ مون راءِ پيش ڪئي تہ جماعت جي نالي ۾ انجمن بجاءِ سنگت استعمال ڪيو وڃي، تہ جيئن سنڌ ۾ هڪ ئي نالي سان ۽ پليٽ فارم تي ڪم ڪري سگهجي. راءِ سڀني دوستن قبول ڪئي ۽ اهڙي ريت حيدرآباد جي ”سنڌي ادبي انجمن“، ”سنڌي ادبي سنگت“ تي پئي. ستت ئي جيڪب آباد ۾ غالب لطيف، چاچي گدائي ۽ برڪت آزاد جي ڪوشش سان سنگت قائم ٿي. نواب شاهہ ۾ بردي سنڌي، نور عباسي ۽ قاضي فيض محمد سنگت جو بنياد وڌو. خيرپور ۾ جمال رند، خواجہ سليم ۽ فتاح ملڪ سنگت جي شاخ کولي. دادوءَ ۾ شمشاد جوٽيجي، تاج صحرائي ۽ شوڪت سنڌي سنگت جوڙي. اهڙيءَ ريت ٿوري مدت ۾ سنڌ جي اڪثر وڏن شهرن ۾ سنگت قائم ٿي، پنهنجي مشن ۽ مقصد ۾ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو جنهن جو تفصيل سنڌي ادبي سنگت جي مختصر ۽ طويل تاريخي تذڪرن ۾ پڑهندڙن تائين اڳ ئي پهچي چڪو آهي. ان اوائلي دور ۾ حيدرآباد مان بہ ترقي پسند ادبي رسالن جي شروعات ڪئي وئي. ابن حيات پنوهر ”پرهہ ڦٽي“ جاري ڪئي، جنهن جا رڳو ٽي پرچا نڪري سگهيا. ڏيپلائي ”انسان“ سلسلو شروع ڪيو جو ڪافي وقت هليو ۽ پنهنجو تعميري ترقي پسند ڪردار ادا ڪندو رهيو جيسين مٿس بندش نہ پيئي.

اها هئي ٿوري ۾ سنڌي ادب، زبان ۽ ثقافت جي احياءَ جي تاريخ، جنهن کي ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي ادب جي تاريخ يا سنگت جي تاريخ بہ چئي سگهجي ٿو. سنگت هڪ اديبن جي ورڪشاپ يا سکيا گهر جو ڪردار ادا ڪيو. نئين نسل جي ايرنڊڙ ۽ اسرندڙ اديب ۽ دانشور هن جماعت جي هفتيوار تنقيدي گڏجاڻين ۾ اچي ادب ۽ ادب جي افاديت ۽ بين ڪيترن ٽي پهلوئن جو تربيت ۽ سکيا وٺندو هو. هنن ڪلاسن ۾ ئي نئون اديب پنهنجي قوم ۽ بين الاقوامي مسئلن کان روشناس ٿيندو هو ۽ انهن تي لکڻ لاءِ محرڪ ۽ اتساهہ حاصل ڪندو

هو. شيخ اياز ۽ ان جي همعصر شاعرن ۽ اديبن تقليد ڪندي نوجوان اديبن ۽ شاعرن نہ رڳو نون سياسي، اقتصادي ۽ سماجي موضوعن ۽ مسئلن تي طبع آزمائي ڪئي، پر قومي جذبي کي بہ اڀاريو ۽ زبان کي نج ۽ پاڪ ڪرڻ جي مهم بہ شروع ڪئي. هنن پنهنجي وسارين قومي ثقافتي ورثي کي بہ جياريو. پنهنجو ڪيو ۽ ادب ۾ مروج ڪيو. گيت کان سواءِ، بيت، دوهو، ڏوهيڙا، ڪافي ۽ وائي جي صنفن ۾ شاعري ڪري، انهن کي وري عوام ۾ مقبول ۽ مشهور ڪيو. فارسي بحر، وزن ۽ علم عروض بجاءِ مقامي هندي ڇند وديا ۽ ماترائن جي شاعري ٿيڻ لڳي. ان ڪلاسيڪي شاعريءَ جيان جديد شاعريءَ کي بہ مقبول ۽ عوامي بڻايو ڇو جو اها فارسي زده ۽ فرسوده شاعريءَ کان وڌيڪ متاثر ۽ متوجهہ ڪندڙ هئي، ڇو جو ساڳي ڌرتيءَ جي پيداوار هئي، جنهن مان عوام وجود ورتو پئي. ان هلچل شعرائي ۽ ٻين اديبن، شاعرن ۽ ادارن کي ايئن الوپ ڪري ڇڏيو جيئن سج اڀرڻ سان تاريڪيون گم ٿي وينديون آهن. مدي خارج، بيجان ۽ دقيانوسي نظرين ۽ قدرن جا قادر ۽ پيغمبر وڃي اونداهيءَ جي اوڙاهن ۽ غارن ۾ چبرن ۽ چمڙن جيان لڪا ۽ پناهگير ٿيا.

سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي اها تحريڪ ٿي هئي، جنهن اڳتي هلي شاگردن ۽ وچولي طبقي کي ساڻ ڪري، ان سياسي هلچل کي جنم ڏنو ۽ اڀاريو وڌايو جنهن جي نتيجي ۾ اڄ جي سجاڳ سنڌ اسان آڏو آهي، ۽ جمهوريت ۽ بنيادي حقن لاءِ نہ رڳو پنهنجي ملڪ، ايشيا، پر عالمي سطح تي ساک قائم ڪري چڪي آهي. ان تحريڪ جي شروعات ٻوليءَ جي مسئلي تي ٿي، اردوءَ کي قومي زبان قرار ڏيڻ ۽ ان جي ردعمل بابت مان مٿي لکي آيو آهيان. اهو مسئلو اڃا طئہ ۽ حل ٿي نہ ٿيو هو جو هند مسلم ثقافت جي شاونسٽ ٽولي طرفان سنڌي ٻوليءَ تي هڪ ٻيو وار ڪيو ويو. ڪراچيءَ جي سنڌ کان علحدگيءَ بعد سنڌ ٿي ڪراچيءَ ۾ الڳ ڪراچي يونيورسٽي قائم ٿي، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي تپڙ کڻائي حيدرآباد هجرت ڪرائي وئي. پر شروع ۾

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۽ ان سان ملحق ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ساڳي هئي، جا سنڌ يونيورسٽي ۾ هئي. 1954ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر اي. بي حليم جي تحرڪ ۽ ٻين ڪراچي وفاقي علائقي جي آفيسرن جي چرچ تي، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ فيصلو ڪيو تہ ٽن سالن بعد ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ميڊيم آف انسٽرڪشن ۽ ميڊيم آف ائنسرنگ پيپر جي حيثيت ختم ڪئي ويندي ۽ اها رڳو سنڌي شاگردن لاءِ مادري زبان جي سبجيڪٽ طور پڙهائي ويندي ۽ سا بہ اختياري مضمون طور. اهو بي- اي حليم ۽ ڪراچيءَ جا ٻيا عملدار اي تي نقوي، هاشم رضا ۽ آغا شاهي وغيره اهي ڪامورا هئا. جي سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ بعد هندستان مان درآمد ڪيا ويا هئا تہ جيئن اهي مرهٽن ۽ گجراتي آفيسرن جي جاءِ وٺن. اي. بي حليم کي تہ خاص طرح علي ڳڙهہ مان گهرائي سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو هو. ان فيصلي نہ رڳو سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي پريشان ڪيو. پر ڪراچيءَ جي سنڌي شاگردن ۾ بہ غم ۽ غصو پيدا ڪيو. ان مهل تائين سنڌ ۾ ايترا ڪاليج ڪونہ هئا. (شايد حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ ٻئي ڪاليج هئا ۽ چند هاءِ اسڪول) ان ڪري اڪثر سنڌي شاگرد ڪراچيءَ تعليم لاءِ ايندا هئا. ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن جون ٽي تنظيمون هيون. هڪ سنڌ لاءِ سنڌ پراونشل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ بہ خيرپور رياست جي شاگردن جون تنظيمون، خيرپور اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ خيرپور اسٽوڊنٽس يونين. سنڌ فيڊريشن جا عهديدار مان اڳ ڄاڻائي آيو آهيان. ٻين اهم ميمبرن ۾ قاضي محمد بخش ڏامراهہ، شمشاد جوڻيجو هاشم ملنگ، آغا سيف الدين، مولا بخش ابڙو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ ڇوڪرو ڇڄڙو (جيڪي نالا ياد اچن ٿا). خيرپور اسٽيٽ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا سرگرم ميمبر غوث علي شاهہ، قائم علي شاهہ، هادي بخش لاڙڪ، فتح محمد سنديلو قمرالدين سهتو وغيره هيا. اهڙيءَ ريت خيرپور اسٽيٽ

اسٽوڊنٽس يونين ۾ وري غلام محمد راجپوت، شميم، ضمير جماٽي ۽ شيخ حفيظ اهم رڪن هئا. ان سوال تي پهريون احتجاجي بيان ۽ ٺهراءُ سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ طرفان آيو. ان بعد مٿين شاگرد تنظيمن ٺهراءُ پاس ڪيا، مطالبا ڪيا، مظاهرا ڪيا ۽ احتجاجي جلوس ڪيا. پر يونيورسٽيءَ وارن ڪي ڪا ڇهنڊڙي به نه پئي. ڪراچيءَ ۾ عظيم طنز بنيادن تي به شاگرد تنظيمون ڪم ڪنديون هيون: ترقي پسند جماعت ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (D. S.F) ۽ رجعت پرست مذهبي اسلامي جمعيت الطلباءَ. ڊي ايس ايف ۾ ڊاڪٽر شريف، ڊاڪٽر ڪياني، ڊاڪٽر هاشمي، آغا ناصر، آصف جيلاني مکيه اڳواڻ هئا. هن جماعت ٿي 1952ع ۾ شاگرد هلچل شروع ڪئي هئي. سنڌي شاگردن منجهان مرتب، مرغوب بخاري، قادر صديقي، شيخ حفيظ ۽ پوهو D.S.F جا سرگرم رڪن هوندا هياسين. ان جماعت به ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ جي فيصلي خلاف ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته سنڌي زبان جي پراڻي حيثيت قائم رکي وڃي. سڀني ڪاليجن جي اسٽوڊنٽس يونين جو گڏيل اجتماع ڪاليجيئيٽ باڊي چونڊيندو هو. ان ۾ به اڪثريت ترقي پسند شاگردن جي هوندي هئي. ان وقت باڊي جو صدر ڊاڪٽر سرور (مشهور اردو ليکڪا سعيده گذدر جو پاءُ) هو. انٽر ڪاليجيئيٽ باڊي به ڊي ايس ايف جهڙو ٺهراءُ پاس ڪيو پر ان تي به ڪراچي يونيورسٽيءَ ڪو ڌيان نه ڏنو. انهن ڏينهن ۾ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو پرڏيهه مان تعليم پوري ڪري وطن وريو. هن اچڻ سان ئي پهريون مقدمو سنڌي شاگردن ۽ زبان جو کنيو (شايد دوست حفيظ لاکو به ساڻس شريڪ هو). هن ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ان فيصلي کي سنڌ چيف ڪورٽ ۾ رٽ رستي للڪاريو ۽ اتان منع نامو حاصل ڪيو.

ڪراچي يونيورسٽي ۽ ڪراچيءَ ائڊمنسٽريشن جي ڪرتن ڌرتن جي فيصلن ۽ روش ڪراچيءَ جي سنڌي شاگردن کي خاص طور ۽ سنڌي آبادي کي عام طور ويچارگي، بيوسيءَ ۽ محروميءَ جي

احساس ۾ وجهي ڇڏيو. هو پنهنجي رت سان نهيل شهر ۾ پاڻ کي پناهگير ٿيندو ڏسي رهيا هئا. ان عمل جي ردعمل ۾ سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ شاگردن ۾ قوميت جو جذبو زوردار نموني ابريو ۽ منفي ردعمل اهو به ٿيو جو پاڪستان ۽ اردوءَ بابت هنن جي ذهنن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا سوال ۽ وسوسا پيدا ٿيڻ لڳا. سنت ئي اڪثريتي صوبي، جنهن جي فوج ۽ ڪامورا شاهي ۾ به اڪثريت هئي ۽ آهي، لياقت علي خان جي سازش هيٺ قتل ٿيڻ بعد، اندر ئي اندر تيار ٿيندڙ منصوبي، ون يونٽ جي رٿا جو اعلان ڪيو جو ننڍن صوبن ۽ خاص ڪري سنڌ لاءِ بم جي ڌماڪي کان گهٽ ڇرڪائيندڙ ۽ ڏيجاريندڙ نه هو. ڇو جو ان جو مطلب خوشحال سنڌ جي آسودگيءَ ۽ وسيلن تي ڇاپو هڻڻ هو. پنجابي ڪامورا شاهي، جا ملڪ جي وڏي عهدي تي به پهچي چڪي هئي. غلام محمد لنگڙو گورنر جنرل، جو اڳ مالي سيڪريٽري هو. تنهن ملڪ جي چونڊيل ۽ پراڻي مسلم ليگي ڪارڪن خواجه ناظم الدين وزيراعظم کي برطرف ڪري، آمريڪا ۾ پاڪستان جي سفير محمد علي بوگرا کي گهرائي وزيراعظم مقرر ڪيو. هن پنهنجي پهرين تقرير ۾، جا هن 22 نومبر تي قوم کي خطاب ڪندي ريڊيو تان ڪئي، ون يونٽ جي منصوبي جو اعلان ڪيو. ان سازش ساري سنڌ کي ڇرڪائي ڇڙڪائي ڇڏيو. پيرزادي عبدالستار جي سنڌ سرڪار ان منصوبي جي پنيرائي نه ڪئي ته وزارت ڊسمس ڪري، کهڙي تان ايبڊو هيٺ پيل بندش هٽائي، ان جي سرڪردگيءَ ۾ سنڌ لاءِ نئين وزارت تشڪيل ڪئي وئي، جا کهڙي، راشدي ۽ حاجي مولا بخش سومري تي مشتمل هئي. پوءِ شايد قاضي اڪبر کي به ان ۾ شامل ڪيو ويو جن ڏيڍ دونس سان حيدرآباد جي دربار هال ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي، ڪن کي اغوا ڪرائي، ڪن کي جيل موڪلي، ون يونٽ جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو هو.

ان موقعي تي به قوم پرست سياستدانن، سائين جي ايم سيد، حيدربخش جتوئي ۽ قاضي فيض محمد وغيره کان پوءِ جنهن پهريون

ڪليو ڪلايو مخالفت جو علم ڪنيو سي ڪراچيءَ جا اديب هئا. سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ ڀرپور نهراءُ پاس ڪري ان منصوبي جي پرزور مخالفت ڪئي. ان بعد ڪراچيءَ جي سنڌي شاگرد تنظيمن ترت موٽ ڏني ۽ نهرائن، مظاهرن ۽ جلسن رستي مخالفت جو اظهار ڪيو. ون يونٽ جي قيام تائين سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۽ سياسي هلچل جو مرڪز ڪراچي ئي هئي، ڇو جو اخبارون، رسالا، ثقافتي ۽ ادبي جماعتون هت ئي هيون، ۽ سنڌ جي گادي به ڪراچي ئي هئي. 22 تاريخ نومبر تي ئي شام جو جناح ڪورٽس جي سينٽرل هال ۾ مختلف سنڌي شاگرد تنظيمن جو گڏيل اجلاس ٿيو جنهن ۾ تقريرن بعد فيصلو ڪري ساري سنڌ ۾ 24 نومبر تي ”ڪاري ڏينهن“ ملهائڻ جو سڏ ڏنو ويو. ان ڪاري ڏينهن ۾ هڪ نئين جماعت به ڀرپور حصو ورتو جا شاگرد ۽ غيرشاگرد نوجوانن جي تنظيم ”سنڌ يوٿ فرنٽ“ هئي، هيءَ جماعت ذوالفقار علي ڀٽي جي سربراهيءَ ۾ قائم ٿي هئي، ۽ ان جا اهم ڪارڪن هئا: هادي بخش لاڙڪ، حفيظ لاکو حفيظ پيرزادو ۽ مقبول ڀٽي. ڊي ايس ايف وارن به ان سڏ ۾ سڏ ڏنو ۽ احتجاجي جلوس ۽ جلسي ۾ شرڪت ڪئي. ڪاليجن جي چوڪ (سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج، سنڌ مسلم لا ڪاليج، ڊي جي ڪاليج ۽ اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج) وٽان هڪ وڏو ۽ ڊگهو جلوس تنظيمن پاران ڪارن جهنڊن سان ۽ مطالبن جي بئنرن سان ڪڍيو ويو جو فريئر روڊ ۽ صدر کان ٿيندو گرومندر پهتو جتي اسلاميہ ڪاليج جا شاگرد به شامل ٿيا. دگ ۾ فريئر روڊ وارو گورنمينٽ ڪاليج فار وومين به بند ڪرايو ويو. بندر روڊ تان موٽندي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد به ڪلاس ڇڏي جلوس ۾ شامل ٿيا. جلوس سنڌ مدرسي جي هال ۾ ختم ٿيو جتي مختلف شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن تقريرون ڪري ون يونٽ منصوبي جي سازش جي ڀرپور مخالفت ڪئي. ان جلسي ۾ ئي مون پنهنجو ڀرپور نظم ”سنڌڙي رهي، اسين نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو!“ پڙهي. ساري سنڌ مان بہ همت افزا رپورٽون آيون. سکر، حيدرآباد ۽ ٻين ننڍن

وڏن شهرن مان بہ سڌ جي سني موٽ ملي. ان وقت ڪراچيءَ مان ٽي روزانيون سنڌي اخبارون نڪرنديون هيون: الوحيد، نواءِ سنڌ ۽ نئين سنڌ. الوحيد ون يونٽ جي منهن توڙ مخالفت ڪري رهي هئي. نواءِ سنڌ کهڙي جي ذاتي ملڪيت هئي، سا ان جي ڀرپور حمايت ڪري رهي هئي. نئين سنڌ وارا عباسي برادران همت ۽ بندش آهر مخالفت جو آواز اٿاريندا پئي رهيا.

سنڌ مدرسي ۾ جلسي دوران پوليس گهيرو ڪري ورتو ۽ اسان ستن ڄڻن کي پڪڙي اچي بولٽن مارڪيٽ ٿاڻي جي لاڪ اپ حوالي ڪيو. ڇهن ستن ڪلاڪن کان پوءِ اسان کي ڇڏيو ويو. اسين سڌو نيوچاليءَ کان ٿيندا بيلاسز اسٽريٽ ۾ الوحيد جي آفيس آياسين. سائين جي ايم سيد، قاضي فيض محمد، حيدربخش جتوئي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، دين محمد عليگ ۽ ڪجهہ نوجوان شيخ عبدالرحيم ۽ لاکي وارا ملول ويٺا هئا. خبر پئي تہ سرڪار الوحيد اخبار جي اشاعت تي ٽن مهينن لاءِ بندش وڌي هئي. ان ڏينهن ئي شايد رات جو دير سان ون يونٽ منصوبي جي مخالفت جي مهندار سائين جي ايم سيد کي بہ نظربند ڪيو ويو. پر سرڪار جي انهن مذموم حملن ۽ حرڪتن تحريڪ کي روڪڻ ۾ سگهلتا نہ پاتي. الوحيد جي جاءِ تي ترت ئي حيدرآباد مان نجم الدين سريوال جي روزانہ ”ڪاروان“، مولوي خيرمحمد نظاماڻيءَ جي ادارت ۾ الوحيد جي جاءِ پرڻ شروع ڪئي. ”نئين سنڌ“ ڪراچي بہ وقت ۽ وسيلن آهر آواز اٿاريندي رهي.* الوحيد جي اڳين ايڊيٽر مشتاق ابڙي ڪراچيءَ مان هفتيوار ”جدوجهد“ جاري ڪري، الوحيد جون ڪي سڪون لاهڻ لڳو. پر جنهن اخبار سنڌ ۾ باهہ ٻاري ڏني ۽ نڪرڻ سان ئي هٿون هٿ کڄي ۽ کپي ويندي هئي، سا هئي مقبول پٽي جي حيدرآباد مان نڪرندڙ ”وطن“ هفتيوار. هن جي نالي جو بلاڪ ئي سنڌين جي جذبن ۽ جوش

* نئين سنڌ، سائين جي.ايم. سيد جي جاري ڪيل اخبار

کي اپارڻ لاءِ ڪافي هوندو هو. ”وطن“ نالي جي پسمنظر ۾ سنڌ جو نقشو هوندو هو، جو زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندو هو. جلد ئي ”وطن“ تي به بندش پئجي وئي، ڇو جو ان جون لکڻيون ڪامورا شاهيءَ کي بدهاضمو ڏئي ڇڏينديون هيون. ان وچ ۾ مان ۽ غلام رباني نئين سنڌ ۾ اچي وياسين، ۽ ان کي ڪجهه وڌيڪ تيز ڪري، ون يونٽ جي مخالفت ۾ اڳتي وڌي آياسين. شاعرن ۽ اديبن افسانن، نظمن ۽ بيانن رستي رڻ مچائي ڏنو. تنوير جا نظم: موهن جو دڙو سسئي ۽ مارئي ڪيترائي دفعا هڪ ٻن هفتن ۾ ڇپيا. سنت ئي محمد عثمان ڏيپلائي ”عبرت“ جي موتمار هٿيار سان ون يونٽ جي مخالفت ۾ ڪاهي پيو. پراڻي پارٽي ميمبر ڪامريڊ عبدالخالق آزاد ”آواز سنڌ“ نواب شاهه مان ان هلچل جي حمايت ۾ جاري ڪئي. هن جو بلاڪ (نالي جو) به جذبا ۽ جوش اپاريندڙ هو. پس منظر ۾ سنڌ جي نقشي اندر مارئي گرفتار ويٺي ڳوڙها ڳاڙيا. مطلب ته ون يونٽ جي تحريڪ سنڌ اندر قوميت ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو جنون جي حدتائين اپاريو ۽ سنڌ کي لساني، ثقافتي، سياسي، اقتصادي ۽ سماجي طور هڪ الڳ قوم هئڻ جو احساس ڏياريو ۽ قوميت جي بقا ۽ احياءَ لاءِ منجهن جذبو جوش ۽ جولان پيدا ڪيو. ان سلسلي ۾ نواب شاهه جي رسالي ماهوار ”ادا“ ۽ ذوالفقار راشديءَ جي ”مذهب انسانيت“ به شروعاتي دور ۾ تعميري ڪردار ادا ڪيو. ماهوار ”تقاضا“ جا نوجوان شيخ ايسوسيئيشن پاران نڪرندي هئي، تنهن جا پويان به پرچا ۽ سالنامو مرتب ايڊٽ ڪيا هئا. ان سالنامي ۾ ئي تنوير عباسيءَ جو مضمون جديد سنڌي شاعري ڇپيو جنهن شوراين (يعني جمعيت شعراءَ وارن) ۽ رجعت پرستن ۾ ڦڙڦوت وجهي ڇڏي.

ڳالهه ون يونٽ خلاف هلچل جي پئي هلي. ان سلسلي ۾ 11 جنوري 1955ع تي حيدرآباد ۾ پيرڳوٺي صاحب جي بنگلي تي سنڌ جي مڙني، سياسي، ثقافتي، سماجي ۽ شاگرد تنظيمن جي گڏيل ڪانفرنس ٿي. انهن ۾ سنڌ هاري ڪميٽي، سنڌ عوامي محاذ (سائين جي. ايم.

سيد جو)، سنڌ جناح عوامي ليگ (قاضي فيض محمد)، پاڪستان سوشلسٽ پارٽي (مبارڪ ساغر)، سنڌ يوٿ فرنٽ، سنڌ اسٽوڊنٽس يونائيٽيڊ فرنٽ (سنڌ پراونشل اسٽوڊنٽش فيڊريشن، خيرپور اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ خيرپور اسٽوڊنٽس يونين جو گڏيل محاذ)، سنڌ اسلام ليگ (عنايت الله لانگاهہ جي خاڪسار تنظيم) ۽ جمعيت العلماءِ سنڌ (قوم پرست ديني عالمن جي تنظيم) جا نالا قابل ذڪر آهن. اهڙيءَ ريت ون يونٽ ٺهڻ کان اڳ ان جي مخالفت لاءِ سنڌين جو هڪ گڏيل محاذ ٺهيو، جنهن جو نالو ”ائنٽي ون يونٽ فرنٽ“ رکيو ويو.* مخالفت زور شور سان شروع ڪئي وئي، پر پاڪستان جا والي وارث ڌڙدونس ۽ وٺ پڪڙ، غيرقانوني ۽ غيراخلاقي حربن سان ون يونٽ ٺاهي ٺي ماٺ ٿيا. ان وچ ۾ سنڌين تي جيل، نظربندي، زوري اغوا ڪرائڻ، هراس پيدا ڪرڻ ۽ بليڪ ميل جا طريقا بنا روڪ ٽوڪ جي جبر ۽ تشدد جي حدتائين روا رکيا ويا. پر اهو ڪانن ۽ ڪاغذ جو ڪوٽ، بنان پاڙ ۽ ٿنڀي جي ڪيستائين پئي بيهي سگهيو. سو 1957ع ۾ ئي اولهہ پاڪستان (ون يونٽ) جي اسيمبلي ٺهراءُ پاس ڪري ون يونٽ ٽوڙي، ساڳيا ئي صوبا وري بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ان ٺهراءَ پاس ڪرائڻ ۾ جي. ايم. سيد جي پارليامينٽري سياست واري حڪمت عمليءَ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو. پر جن ون يونٽ ٺاهيو هو سي ڪٿي پئي مڙيا. هنن ننڍن صوبن جي عوام جي راءِ ۽ ٺهراءَ کي ريٽي، پنهنجي ڪامورا شاهي، ۽ فوجي قوت جي سازباز سان ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي ۽ پوري ڏاڍ ۽ طاقت سان ون يونٽ جي نظام کي نافذ ڪيو. سنڌين جي ارمانن ۽ خواهشن کي هڪ دفعو وري ٽڙيءَ تي ننهن ڏئي گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن وقت تائين سنڌ جو سياسي ۽ اقتصادي استحصال پئي ٿيو پر نوان فوجي تانا شاهي ۽ شهري ڪامورا سياستدانن کان وڏيڪ چالاڪ ثابت ٿيا. هنن ضروري سمجهيو تہ ڪنهن بہ قوم کي محڪوم ۽ غلام بڻائي رکڻ جو ڪامياب

---

* سائين جي.ايم.سيد قائم ڪرايو.

طريقو اهو آهي تہ ان ڪان ان جي تاريخ، ثقافت ۽ زبان کسي وجي، يعني هن جو قومي تشخص ۽ شعور ڪانئس کسي ختم ڪيو وڃي. سو فوجي راڄ بعد ان ڏس ۾ وڏيڪ تيزيءَ سان ڪم شروع ٿيو. اسان جي تاريخ مسخ ڪئي وئي، درسي ڪتابن ۾ اسان جي تاريخ کي ڪا جاءِ نہ ڏني وئي، جي ڪجھ ڏنو بہ ويو تہ ان مقصد لاءِ تہ اسان جي تذليل ڪئي وڃي ۽ اسان جي سورمن جي ڪردار ڪشي ڪئي وڃي. سنت ٿي ايوب جي قائم ڪيل شريف تعليمي ڪميشن رپورٽ ۾ سفارش ڪئي تہ سنڌي زبان کي ٽين پرائمريءَ بعد ختم ڪيو وڃي ۽ اردو لازمي ڪئي وڃي. پاڪستاني ثقافت جي نالي ۾ هند مسلم يا گنگا، جمني ثقافت ۽ تهذيب زبردستي سنڌ مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن لاءِ وڏا خرچ ڪري هر سال هر شهر ۾ ثقافتي جشن سرڪاري طور منعقد ٿيڻ لڳا. ان ساري حرڪت ۽ حربن سنڌي اديب، شاعر ۽ دانشور کي هڪ دفعو وري پنهنجي ذميدارين سنڀالڻ لاءِ نئين جذبي، جوش ۽ ارادي ۽ قوت سان تيار ڪيو ۽ اٿاري عمل جي ميدان ۾ آندو.

چوندا آهن تہ ڪنو ڪم هميشہ ڍيڍ ڪان ڪرائبو آهي، سو هيل ڦاشي تانا شاهي فوجي راڄ سنڌي ترقي پسند ۽ وطن دوست قوم پرست اديبن جي راهہ ۾ رنڊڪون ۽ رڪاوٽون وجهڻ، انهن جي خلاف پرچار ڪرڻ لاءِ، سندن شهرت ۽ مقبوليت کي ڇيهي رسائڻ لاءِ، سنڌين مان ٿي چند تڪريل ۽ ڀاڙيتا هٿ ٺوڪيا اديب ۽ شاعر، جي مدي خارج ٿي پنهنجو موت مري رهيا هئا، هٿ ڪيا. ان سودي لاءِ هنن مشهور سامراج جي ڇاڙتي بنياد پرست مذهبي جماعت* جون خدمتون حاصل ڪيون. انهن مان ڪي سرڪاري نوازشن، وظيفن ۽ ڏوڪڙن تي مهم ۾ ڪاهي پيا، تہ ڪي وري لاشعوري طور، مذهبي استحصال جو شڪار ٿي، هنن جي چنبي ۾ اچي ويا. اهي هٿ ٺوڪيا اديب ۽ دانشور جن کي ڪو پڙهندو بہ ڪونہ هو ۽ نہ ئي جن کي ڪو اظهار جو وسيلو هو سي هڪ پراڻي درگاهہ جي سرپرست جي ملڪيت روزاني

---

* جماعت اسلامي

اخبار ۾ جا هزار ڪاپيون بہ نہ نڪرنديون هيون، ڏڙا ڏڙ ترقي پسند ۽ وطن دوست اديبن ۽ شاعرن خلاف لکڻ لڳا. هاڻي هو لئي مان لکڻ پيچي رئيس تي پيا. وٽن پيو تہ ڪو دليل يا وزنائتو جواز ڪونہ هو ان ڪري رڳو اسلام دشمني، اخلاق سوزي ۽ پاڪستان دشمنيءَ جون تهمتون هڻي، ابوجهہ سنڌي عوام کي برغلائڻ ۽ بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪاهي پيا. ايئن ڪرڻ سان هو پاڻ کي پنهنجي پر وڏو نقاد ۽ پارکو سمجهڻ ۽ هڪ ٻئي کي اهڙا لقب ڏيڻ لڳا. پر عوام ۽ عام پڙهندڙ ڳڙهندڙ ڪين مدت کان اونداهيءَ ۽ جهالت جا سفير سمجهي رد ڪري چڪو هو. تنگ نظري، بغض ۽ ڪيني ڪروڌ جي نقيبن کي، ڊيڊ واري ان ڪني ڪم ڪرڻ لاءِ ڪي شخصي سبب ۽ سور بہ هئا. ادبي دنيا ۾ سندن گهٽجي ويل يا ذري گهٽ ختم ٿي ويل ساک پت ۽ ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو سنڌ جي ادبي دنيا ۾ ڇائنجي وڃڻ، هڪ اهڙو شخصي سبب هو جو هو پنهنجي رقيب ترقي پسندن ۽ وطن دوست ادبي ٽولي کان پلئہ يا وير وٺڻ لاءِ انڌ جي گهوڙي تي چڙهي پيا ۽ هڪ قسم جو ذهني ۽ نفسياتي سڪون حاصل ڪرڻ لڳا. ان طرح سندن انا ۽ شخصي بغض جي تسڪين بہ ٿي پئي تہ اقتصادي ۽ مالي ضرورتون بہ پوريون پئي ٿيون. هنن جهالت ۽ ڪروڌ جي ٽنين اهو نہ پئي جاتو تہ سندن پستيءَ ۽ زوال جو سبب زمان ۽ مڪان سان ساٿ نہ ڏيڻ هو. هنن کي پنهنجي ان اٽجاٽائيءَ، جهالت، تنگ نظريءَ واري ڪمزوريءَ بجاءِ پنهنجي زوال جو ڪارڻ ترقي پسند پئي نظر آيا، ۽ هو انهن کي بدنام ڪرڻ لاءِ مٿن ڪفر، ڪميونزم، پاڪستان دشمني ۽ فحاشيءَ جا الزام هڻڻ لڳا. هلڻ پاڻ نہ اچي لک لعنت گوڏن تي! استحصالي جابر حاڪمن، انهن جي حوارين سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقن، سنڌ جو اقتصادي ۽ ثقافتي استحصال ڪندڙ پنجابي، پناهگير ٻٽ جي لوڀ ۽ لالچ، چرب زباني ۽ حرفت بازيءَ سان مذهب جي استحصال، هنن جي اکين تي اوندهہ جا کوپا چاڙهي ڇڏيا ۽ دماغ جون ڳڙکيون بند ڪري ڇڏيون. اهڙيءَ ريت هڪ بنياد پرست مذهبي

جماعت جا شعوري ۽ لاشعوري ڀاڙيتا ۽ ڪلنيارا. ڪم ظرف ۽ مفاد پرست ادبي ميدان ۾ مات ٿيڻ ڪانپوءِ، هي روشن وسنڌين جا دشمن، ڏنل عمارتن جي تاريڪ ڪنڊرن مان چٻرن ۽ چمڙن جيان نڪري، نور وجائي، روشن افق ۾ اڏندڙ انسانيت ۽ امن، محبت ۽ حق جي سفيد سفيد بي داغ پکين کي گاريون ڏيڻ ۽ ملامتون ڪرڻ لڳا. پنهنجي ان ذليل ۽ قابل نفرت مهم ۾ هو پنهنجي سنڌ، سنڌي ادب، ثقافت ۽ زبان دشمنيءَ ۾ پنهنجي ڪم ظرفي، ڪميڻائي، پنهنجي فطرت، ۽ نيتن جو به اظهار ڪندا هئا. مفاد پرست، ڪوڙو منافق ۽ ڀاڙيتو سدائين ڪم ظرف، ڏڄڻو ۽ ڪانئر ٿيندو آهي. ان ڪري هنن هٿ ٺوڪين اول ته نون اديبن خلاف فرضي ۽ نقلي نالن سان لکڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن پنهنجي صحيح نالي سان لکندا هئا ته اسلام، اخلاق، پاڪستان ۽ اردو جي آڙ ۾ پناهه وٺندا هئا ۽ پاڻ کي انهن جو علمبردار چئي، ترقي پسندن کي دشمن ڪوئي ڪاڳر ڪارا ڪندا هئا. ۽ ان طرح سنڌ دوستي يا عوام دوستي کي پاڪستان دشمني ۽ غيراسلامي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. اهڙيءَ ريت هي ڏيڍ آقائن جي خوشنودي ۽ پنهنجي مالي خوشحالي ماڻيندا هئا. ظاهر آهي ته انهن مدي خارج، وري وري ورجايل بي اثر دليلن ۽ جوازن سان اُهي سنڌ جي ستايل ۽ سورن سختين ۾ پڇي پڪي ٿيل ذهن کي گمراهه ڪري يا ڀنيلائي نه پئي سگهيا. الٽو جيڪي سو پنهنجي ساک پت (جي ڪا هئي به ته) پڌري ڪري وڌائون ۽ سنڌي عوام آڏو پنهنجي ننگي روپ ۾ ظاهر ٿي بيٺا. هنن ۾ ايتري ڏيا ۽ ڏات ئي ڪانه هئي، جو نون خيالن، فلسفن ۽ سوچن جو مقابلو ڪري سگهن. چريا ڪريا، چريا ڏاتورا، پنگ جا ڪوندا، لڪير جا فقير، چرين جي اسپتال مان نڪتل، ذهني پرميل ۽ باد فرنگ جا مريض، جي گاريون ڏئي پاڻ کي نقاد سمجهڻ لڳن ته ڪو هو نقاد ڪونه ٿي پوندا، پر هڪ ڪلٽهارڪي عجيب الخلقت مخلوق ٿي پوندا ۽ اهوئي نئين نسل جو انهن جي باري ۾ رايو ۽ خيال هو. ڪمپائونڊر ڊاڪٽر، جاهل ملا، اڌ اکري نقاد مٿن لقب رکيا پئي ويا.

مطلب تہ هو ڪوئي جيان هيڏ ڳڙڻي لهي، پاڻ کي تہ پساري سمجهي رهيا هئا، پر عوام جي لاءِ ڪوئا سي ڪوئا ئي رهيا.

انهن وطن جي ويرين ۽ قوم دشمن نقلي نقادن نہ رڳو سنڌي ترقي پسند اديبن، وطن دوست ۽ عوامي شاعرن، مفڪرن ۽ حق پرست دانشورن تي پنهنجا مڏا سڏا هٿيار ۽ چٽل ڪارتوس پئي حملي لاءِ ڪتب آندا، پر انهن هٿ نوڪين تنقيدن ۾ ايترو ڪم ظرفي ۽ ننڍڙيءَ ڳُجي جو مظاهرو پئي ڪيو جو پڙهندڙن جو بہ ڪنڌ شرم کان جهڪيو پئي ويو. تنقيد ۾ گاريون ۽ اخلاق سوز دشنام طرازيون پنهنجي مٿي بيان ڪيل روزاني اخبار* جي زيب و زينت بڻائي ڇڏيندا هئا. ان اخبار کي تن ڏينهن ۾ ڇيوئي ڪم ظرفي ۽ ڪوڙن جو ڪارخانو وبندو هو. اهي گاريون جي سندن آقائن جي پريس (اردو) ۾ اڇن ها تہ اهي بہ شرم کان پاڻي پاڻي ٿي وڃن ها. اردو پريس ان ڏس ۾ مات هوندي هئي، يا ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي ڪنڊپاسي ۾ سنگل ڪالم ۾ ڪا خبر پاڪستان ۽ اردو دشمنيءَ جي حوالي سان ڏئي ڇڏيندي هئي، ڇو جو هنن کي خبر هئي تہ عالمي توڙي اردو ادب ۾ ڇا ڇا نہ پيو لکجي، ۽ ٻيو تہ هنن اهو ڪم ٻڇ جي ڪتن هٿان بخوبي سرانجام ٿيندو پئي ڏٺو تہ پوءِ پنهنجا هٿ ڇو ڪارا ڪن. اسان جي طوطا چشم تنقيد نگارن جيان هو تعصب ۽ شخصي رقابت جو شڪار نہ هئا. هنن جا پنهنجا اقتصادي مفاد ۽ ثقافتي لاڀ ملوث هئا، ان ڪري هو ڪاوڙ ۾ انڌا ٿي کوهہ جا ڏيڏر نہ ٿي ٿيا. نہ ئي هو اسان جي نام نهاد نقادن وانگر جاهل هئا. هنن کي عالمي ادب ۽ ان ۾ نون لاڙن ۽ قدرن جي خبر هئي، ان ڪري هنن اهڙي (اسان جي نقادن جهڙي) تنقيد ڪري پاڻ کي کلٽهار ڪرڻ ڪو نہ پئي چاهيو. اسان وارن کي تہ پنهنجي (لوڪ، ڪلاسيڪي ۽ جديد) ادب جو بہ پورو پتو ڪونہ هو، رڳو پئي چمڪي تي نشان هنيائون.

---

* روزاني "مهراڻ"

ترقي پسند لاڙن، قوم پرستي جي جذبن ۽ وطن دوست انقلابي رجحانن کي روڪڻ لاءِ اسان جا هي هٿ ٺوڪيا نقاد ۽ اسلامي دانشور، حڪومت لاءِ گستاپو (نازي جرمنيءَ جي خفيه پوليس) جو ڪردار به ڪري رهيا هئا. انهن مان اڪثر مختلف خبرچار ايجنسين (سي آءِ اي، اسپيشل برانچ، ڊي آءِ بي، ۽ آرمي انٽيليجنس) جا باقاعدي پگهار يا الائونس بردار مخبر هيا. هو سنڌ جي نوجوان ترقي پسند، قوم پرست ۽ وطن دوست ادبي، ثقافتي ۽ سماجي جماعتن ۾ گهري مخبري ڪندا هئا. اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جون لکيتون ترجمو ڪري، حوالن ڪان ڏار هتان هُتان، بي ربط (پنهنجي آقائن جي منشا ۽ مراد پٽاندر) ترجمو ڪري انهن ڏانهن اماڻيندا هئا. (انهن جي باقيات اڄا به ان عمل ۾ رڌل آهن ۽ فڪر و نظر جي مالڪ هئڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. اُهي ويچارا وڏڙن جي يا مٽيءَ مٿيءَ جي نشاني آهن، ۽ اڄا تائين جاهلن جي جنت ۾ پيا رهن.) انهن جي ان من موهه ۽ وطن دشمن ڪوشش ڪري ئي سنڌ جي ادبي شهپارن ۽ رسالن تي بندشون پونديون هيون، ۽ اديب، دانشور جيل ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪندو هو. هر ادبي ۽ ثقافتي جشن، ميڙ ۽ گڏجاڻيءَ جي رپورٽ مالڪن ڏانهن اهڙي انداز ۾ موڪليندا هئا، جو اها چوٽي ياد اچي ويندي هئي ته مالڪ ڪان وڏيڪ ڪتو پوڪندو آهي. سندن انهن رپورٽن ۽ ترجمي جي آڌار تي جڏهن سنڌي ڪتاب، رسالي يا ڪنهن ميڙ تي بندش پوندي هئي ته پنهنجي بدنام سنڌ اخبار ۾ ڪڳيون ۽ هنبوشيون هڻي، ڪيپ ڪٽڻ جا جشن ملهائيندا هئا، ۽ هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيندا هئا. جڏهن ته انهن ننگ وطن اديبن جي برعڪس سنڌ جو سارو سنجيده طبقو ۽ پاڪستان جي ساري سنجيده آزاد خيال ۽ سيڪيولر پريس (اردو توڙي انگريزي) ادبي انجمون ۽ رسالا سرڪار جي ان عمل کي ندنيدا هئا. پر هنن يارن کي ڇا چئجي؟
گهوٽ چڙهيو گهوڙي ناس پتو بوڙي!

اهو هو سنڌ ۾ نئين ۽ پراڻي، ترقي پسند ۽ رجعت پرست، وطن دوست ۽ وطن دشمن، قوم پرست ۽ قوم فروش، حق ۽ باطل جي رجحانن

جي وچ ۾ تضادن جو سياسي، ۽ اقتصادي پسمنظر ۽ محرڪ. جن تضادن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي، سنڌ ۾ ترقي پسند قوتون اڀري آيون، وطن دوست انقلابي تنظيمن جو بنياد پيو ۽ طبقاتي ۽ قوم پرستيءَ واري جدوجهد ساري سنڌ کي پنهنجي ياڪر ۾ پيري ورتو. هاڻي اچو تہ ان جنگ جدل ۽ تضادن اختلافن جو ٿوري ۾ مختصر خاڪو نظر مان ڪڍون.

پاڪستان کان اڳ ۽ ان کان پوءِ ترت ئي سنڌي ادب ۾ نون ترقي پسند لاڙن جو مان ٿوري ۾ ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان. ان ۾ توهان کي ڏسڻ ۾ ايندو تہ سنڌي ادب ۾ فن ۽ فڪر جي لحاظ کان نوان موڙ ۽ قدر آڻڻ ۾ شيخ اياز جي شخصيت هڪ اهم ۽ ناقابل فراموش ڪردار ادا ڪيو هو. هن نہ رڳو پنهنجي وسيع عالمي ادب جي مطالعي ۽ پرک سبب، ملڪ جي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتن ۽ تبديلين جي مشاهدي جي آڌار تي سنڌي شاعريءَ کي نوان موضوع ڏنا. پر پنهنجي شاعريءَ جي پراڻن موضوعن ۽ قدرن (عظيم فارسي ۽ سنڌي لوڪ ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي) تصوف، بي ريائيءَ، انسانيت، محبت، صلح ڪل، سهپ ۽ ساٿيهہ سان سڪ کي بہ مروج ڪيو جن کي اسان جي انگريزي دور جي فارسي نقال شاعرن فراموش ڪري ڇڏيو هو. اياز يورپ، دنيا جي حصن، هندستان ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب جو بہ ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو. ان ڪري اياز سنڌي شاعريءَ ۾ فني طرح بہ انقلابي رجحان آندا. هن نہ رڳو سنڌي متروڪ صنفن بيت، دوهي ۽ وائيءَ کي وري مروج ۽ مقبول ڪيو پر هند جي مشهور صنف گيت ۽ دوهي کي بہ سنڌيءَ ۾ مروج ڪري عام ڪيو. هن روايتي فارسي زده غزل کي، پنهنجو مقامي گيڙوءَ رتو روپ ڏنو. گل* جا شروعات ۾ ڪوشش ڪئي، تنهن کي ڪاميابيءَ جي منزل تي اياز رسايو جنهن غزل جو محاڪاتي پس منظر، زبان، تشبيهون ۽ استعارا بہ خالص سنڌي رکيا، ۽ موضوع بہ نوان ۽ روايت کان هٽي پيش ڪيا. جن ۾ بين

* خليفو گل محمد "گل"

الاقوامي سياسي ۽ سماجي مسئلا، بين الاقواميت، جمهوريت، سماجي انصاف، وطن دوستي، عوام دوستي، قوم پرستي ۽ طبقاتي نظام جهڙا موضوع به اچي ٿا وڃن. اياز جي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ وڏي حاصلات اها آهي، جو هن سنڌي شاعريءَ جي روايتي اصناف سخن، انهن جي لوازمات ۽ روايتن کي، سؤ سالن بعد، سنڌيءَ ۾ نه رڳو وري مروج ڪيو، پر مقبول ۽ مشهور به ڪيو. هن شاعريءَ ۾ نج سنڌي پس منظر ڏنو. سندس شاعريءَ دشتن، خيابانن ۽ گلستانن مان نڪري سنڌ جي ٿر، ڪاڇي ۽ لاڙ ۾ اچي پناهه ورتي. هن محاڪات ۽ محاورا، تشبيهون ۽ اصطلاح، علامتون ۽ ڪردار سڀ سنڌي استعمال ڪيا. اهڙي ريت هن صديءَ کن کان گم ٿيل سنڌي شاعريءَ جو تشخص ۽ سڃاڻ ان کي موٽائي ڏني. جڏهن ته اسان جا رجعت پرست اديب، شاعر ۽ نقاد، انڌا اونڌا وبج، بي مقصد تڪ بند غزل گو شاعر (فارسي غزل نقال، جا نقالي به هو نه پٽي ڪري سگهيا.) خيالي ۽ تصوراتي حسينه جي زلف پيچان جي پيچ ۾ جڪڙيا رهيا، لب و رخسار تان ترڪندا رهيا. اهو اياز جو ڪرشمو يا معجزو هو جو هن مرض الموت تان اٿاري، ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ، زبان، اسلوب ۽ صنفن کي، جديد دور جي موضوعن سان سينگاري سنواري مقبول ۽ عام فهم ڪيو.

ڏسندي ڏسندي نئين نسل جو ۽ هر عمر جو ترقي پسند، روشن ضمير، آزاد خيال ۽ باشعور اديب ۽ شاعر اياز جي ان ڪامياب ڪاوش ۽ تجربي کان متاثر ٿيڻ لڳو ۽ صدين کان وساريل ۽ ڇڏي ڏنل ثقافتي، لساني ۽ فني ڪلاسيڪي ورثو سنڌي ادب کي موٽي مليو ۽ ان کي نوان نوان قومي ۽ بين الاقوامي موضوع مليا. ان ترغيب ۽ ترتيب ۾ سنڌي ادبي سنگت جي تنقيدي گڏجاڻين به وڏو ڪردار ادا ڪيو. جنهن شخص پهريندي ئي، مستقبل ۾ نظر وجهندي، وقت ۽ مڪان جي تقاضائن کي سمجهندي، نئين نسل ۽ ترقي پسند لاءِ جو ساٿ پرپور نمونو ڏنو سو آهي مولوي عبدالواحد سنڌي، جنهن کي اسين بزرگيءَ سبب چاچو ۽ زوريءَ مواد وٺڻ سبب ”زور آور“ يعني چاچو زور آور به

سڏيندا هياسين. سنڌي صاحب جو تڪيہ ڪلام بہ ”زور آور“ هوندو هو. هو هاليجي، تعلقي پني عاقل جو انيڙ هو. ننڍي هوندي علم جي ڳولا ۾ هندستان هليو ويو. جامعہ مليہ ۾ پڙهيو مرحوم ڊاڪٽر ذاڪر حسين جو پيارو شاگرد هو. شادي بہ اتي ڪيائين. ورهاڱي بعد مهاجر ٿي ڪراچي ۾ آيو ۽ اتان پاڪستان سرڪار جي پريس انفارميشن ڊپارمينٽ طرفان نڪرندڙ رسالي ”نئين زندگي“ جو ايڊيٽر ٿيو. جي مان چاچي زور آور ڪي ۽ ان بدولت ”نئين زندگي“ ڪي سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جو مربي ۽ مهندار همٿائيندڙ ۽ سرپرست چوان تہ غلط نہ ٿيندو. ستت ئي 54_ 1955ع ۾ پيرزاده وزارت سائين جي. ايم. سيد جي تحريڪ تي سنڌي ادبي بورڊ وري منظم ڪيو ۽ ان جي آفيس ڪراچيءَ ۾ پراڻي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ (اصل اين جي وي اسڪول) ۾ قائم ڪئي، ۽ محترم ابراهيم جويو ان جو سيڪريٽري ٿي آيو. بورڊ 1955ع ۾ سہ ماهي رسالو ”مهراڻ“ بہ جاري ڪيو. مهراڻ سنڌ ۾ ترقي پسند ۽ بامقصد ادب جي منزل ڏانهن هڪ بي اهم وک ثابت ٿيو. مهراڻ اڳتي هلي هڪ اهڙي اداري جو روپ ڌاريو جنهن سنڌ ۾ ترقي پسند ادب، سوچ، فڪر ۽ لاڙن کي پکيڙڻ ۾ اڻ مٽ ڪردار ادا ڪيو. نون ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن کان سواءِ، جن جو مان مٿي سنگت جي سلسلي ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، ڪي بزرگ ۽ پراڻا اديب ۽ شاعر بہ زمان ۽ مڪان جي تبديلين جو ساٿ ڏيندي، اسان جي لڏي ۾ اچي شريڪ ٿيا، ۽ نہ رڳو اسان جو ساٿ ڏنائون، پر رهنمائي ۽ شفقت سان بہ نوازيندا رهيا. انهن۾ چاچو عبدالڪريم گدائي، مولانا غلام محمد گرامي، پير حسام الدين راشدي، محمد عثمان ڏيپلائي، مولائي شيدائي ۽ مسٽر ۽ مسز عبدالله چنا جا نالا قابل ذڪر آهن.

مٿي بيان ڪيل تضادن ۽ اختلافن جي شروعات سہ ماهي ”مهراڻ“ ۽ ”نئين زندگي“ ۾ شايع ٿيندڙ ترقي پسند، عوام دوست ۽ وطن دوست انقلابي ادبي مواد تي رجعت پرستن جي تنقيد جي شروعات سان ٿي. مهراڻ روزاني جي ايڊيٽر سردار علي شاهہ (جو بورجوا قوم

پرستيءَ تائين تہ اسان جي حمايت ڪندو پئي رهيو پر پوءِ طبقاتي جدوجهد ۽ وطن دوست انقلابي لاڙن جي ادب ۾ اچڻ بعد، بِہ ٿي، اسان جو دشمن ٿي بيٺو). جمعيت الشعرا جي هڪ گمنام گوشہ نشين شاعر سرور علي سرور جو هڪ اجائي پٽاڙ وارو، غير مدلل، ڊگهو مضمون قسطوار اخبار ۾ شايع ڪيو. ان مضمون ”مهراڻ جو ترقي پسند ادب“ جو جواب ترقي پسند ڏين ئي ڏين، ان کان اڳ ئي، هڪ معتدل (ان وقت جي) سنڌي ليکڪ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ (هاڻي ڊاڪٽر) قومي جذبي هيٺ سرور علي سرور کي ڏنو. اهو مضمون نوابشاهہ مان تازي شايع ٿيندڙ ترقي پسند رسالي ماهوار ”ادا“ (55-1956ع) ۾ ”پاڻ نہ پلي ڏوجهان متيان ڏيوي“ جيۡ عنوان سان شايع ٿيو. ان مضمون ۾ ليکڪ موصوف نہ رڳو جويي صاحب جي ذهانت، ادبي بزرگي ۽ عظمت ۽ دانشوريءَ جي پيٽ ڀري ساراهہ ڪئي هئي، پر اياز ۽ ٻين ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن جي ساراهہ جا ڍڪ ڀريندي ۽ وڌائي وياکاڻ ڪندي لکيو هو تہ ادب کي هندو، مسلمان يا اشتراڪي ڪري ڇو ٿو ڏنو ۽ پرکيو وڃي، رڳو سنڌي ادب ڪري ڇو نہ ٿو پڙهيو ۽ پرجهيو وڃي. ساڳيو ئي ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اڳتي هلي، ڪن مجبورين، شخصي مفادن ۽ نفسياتي سببن ڪري ترقي پسند وطن دوست ادبي لاڙن جي دشمنن جي پهرين صف ۽ مهندار جٿي جو ميمبر ٿي پيو ۽ ادب ۽ فن کي مشرف بہ اسلام، شُڌي ۽ ملحد ڪرڻ لڳو.

ان جي موٽ ۾ ترقي پسندن طرفان ان ڇسي ۽ خواهہ مخواهہ تنقيد جي جواب ڏيڻ بجاءِ ”فقير رمندا رهندا، ڪتا ڀونڪندا رهندا“ وارو رويو اختيار ڪيو ويو. هنن پنهنجي موٽ مرندڙ ادبي لاڙن ۽ نظرين کي مارڻ لاءِ وقت وڃائڻ بجاءِ پنهنجي تعميري ۽ نوس تخليقي سرگرمين ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو. ”ادا“ کان سواءِ ”تقاضا“ ۽ ”مهراڻ“ ۽ ”نئين زندگي“ جي ساٿ ۾ شامل ٿي ويون. ڏيپلائيءَ جي ”عبرت“ هفتيوار بہ ترقي پسند ادب جي اشاعت ۾ وک وڌائي. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ روزاني ”نئين سنڌ“ جي. ايم. سيد خريد ڪئي. ۽ ڪامريڊ

سوڀو ان جو ايڊيٽر ٿيو ته ترقي پسند ادب ۽ اديب سنڌي ادب جي ميدان تي مهنداري ڪندڙ اڪيلو مقبول ۽ مشهور رجحان ۾ لاڙو تي پيو. ان وقت ”نواءِ سنڌ“، جا کهڙي محمد ايوب جي اخبار هئي ۽ مولوي عبدالغفور سيتائي ان جو ايڊيٽر هو ان تڪرار ۾ ملوث نه ٿي، پر جيڪو سو ڪڏهن ڪڏهن ترقي پسند ادب ۽ تنظيمن کي سٺي ڪوريج ڏيندي هئي. حيدرآباد جي ڪاروان اخبار به مولوي خيرمحمد نظاماڻيءَ جي ادارت هيٺ روزاني مهراڻ جي همنوا ٿي پئي. ون يونٽ ٿيڻ بعد ’مهراڻ‘ ۽ ’نواءِ سنڌ‘ حيدرآباد منتقل ٿي آيون. حيدرآباد جي سياستدان قاضي خاندان به پنهنجي دڪان چمڪائڻ لاءِ ڏيپلائي مرحوم کان ’عبرت‘ خريد ڪري، روزاني شايع ڪرڻ شروع ڪئي. ان اخبار جنهن جو ايڊيٽر اسان جو جهونو يار شيخ علي محمد ٿيو ۽ هيٺين اسٽاف ۾ به نئون نسل، ’پروانو ڀٽي‘ وغيره اچي ويو ترقي پسندن جي مهراڻ روزانيءَ جي رد ڏيڻ ۾ وڏي همت افزائي ڪئي. عبرت ۾ شيخ علي محمد جو اهو ڪردار سنڌ ۾ ترقي پسند، قوم پرست ۽ وطن دوست ادبي هلچل جي تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکڻ جهڙو آهي.

ون يونٽ خلاف، ۽ ان جي حمايتن، جاگيردار، سرمائيدار، فوجي ۽ شهري ڪامورا شاهيءَ خلاف سياسي ۽ ثقافتي بنيادن تي تحريڪ زور ورتي وئي. اديبن ۽ دانشورن جي پيغام ۽ سنيهي تي سنڌ جو سجاڳ شاگرد ۽ شهري وچولو طبقو ٻاهر ميدان عمل ۾ نڪري آيو. ۽ سائين جي. ايم. سيد کي سنڌ جي نجات لاءِ تحريڪ جي علامت ۽ رهبر ڪري هڪ باقاعدي تحريڪ ۽ هلچل جو روپ ڏنو. سائين سن وارو به بنيادي طور قوم پرست ۽ دانشور اديب هو ۽ پوءِ سياستدان. اهڙي ئي حيثيت ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ قاضي فيض محمد وغيره جهڙن سياسي اڳواڻن جي به هئي. ان ڪري ان هلچل کي جي اديبن ۽ دانشورن جي تحريڪ سڏيو وڃي ته بجا ٿيندو. انهن سياسي دانشورن جي سياسي ادب ۽ ترقي پسند اديبن جي تخليقي ادب جو سنڌ جي ذهن ۾، ٿوري عرصي ۾ انقلاب، سجاڳي ۽ ساڃهه آندي، تنهن جو مثال

دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. ان ساري عمل ۾ "روح رهاڻ" جو ڪردار نيارو، نمايان ۽ نہ متجندڙ آهي. ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي ڀرپور اظهار جو وسيلو رڳو "روح رهاڻ" ٿي وڃي بچيو هو. مارشل لا سبب انساني بنيادي حق (جنهن ۾ تقرير ۽ تحرير جي آزادي بہ آهي) معطل ڪيا ويا هئا. بدنام پريس ۽ پبليڪشن آرڊيننس سبب پريس پَرَ ڪتيل پڪي ٿي پئي هئي، ان ڪري "مهراڻ" تہ ماهي، "نئين زندگي" ۽ ترقي پسندن جون حمايتي روزانيون اخبارون پوءِ، احتياط ۽ پابندين هيٺ اچي ويون. "ادا" ۽ "تقاضا" نڪرڻ بند ٿي چڪا هئا. ان گهٽ واري ماحول ۾ هڪ سر ڦرئي نوجوان چئن يارن سان گڏجي حيدرآباد ۾ زندگي پبليڪيشن جو بنياد رکيو ۽ ان جي سهاري هيٺ ماهوار ادبي رسالي "روح رهاڻ" جو 1960ع ۾ اجراءَ ڪيو. اهو سر ڦريو جوشيلو جوان هو حميد سنڌي، اڄ جو سنڌيءَ جو مشهور ۽ نامور ڪهاڻيڪار ۽ سندس ساٿ ڏيڻ وارا هئا غيات جوڻيجو جمال رند، ناصر مورائي، قاضي اشفاق ۽ خواجہ سليم، جن ڏکيا سکيا ڏينهن ڪٽي، پيٽ تي پٽيون ٻڌي، هن ترقي پسند ادبي رسالي کي مثالي انداز ۽ نموني هلايو. سندن اخلاقي ۽ ڪي قدر مالي معاون هئي مرحومہ بيگم زينت عبدالله چنا. ستت ئي هيءُ رسالو سنڌ جي ترقي پسند ۽ وطن دوست اديبن جو اڪيلو ۽ بيباڪ ترجمان ٿي پيو رسالو نہ رڳو سنڌي ادب ۾ نمايان ۽ اهم موڙ جي علامت ٿي پيو پر پنهنجي جاءِ تي هڪ ادارو ۽ تحريڪ ٿي پيو. ترقي پسند تحريڪ ۽ روح رهاڻ هڪ شيءِ جا بہ نالا هئا. هي رسالو اپريل مهيني ۾ شروع ٿيو. جلد ئي هر سال ان مهيني (اپريل) ۾ حيدرآباد ۾ رسالي جو ساليانو "جشن روح رهاڻ" ملهائجڻ لڳو. هي جشن سنڌ ۾ قومي ميلي جي حيثيت وٺي ويو. سڄي سنڌ جا ترقي پسند، وطن دوست انقلابي اديب، شاعر ۽ دانشور حيدرآباد اچي ميڙ ڪندا رهيا. شاگرد ۽ وچولو طبقو ٻارين ٻچين جشن ۾ ايئن اچي شريڪ ٿيندو هو جڻ تہ ڪو الاهي فرض بجا آڻيندا هجن. صبح جو 9 بجي شروع ٿيندڙ هي جشن، سواءِ منجهند جي ماني،

شام جو چانهہ ۽ رات جي مانيءَ جي وقفي (جن جو بہ پنڊال يا ميڙي جي جڳهہ تي بندوبست هوندو هو) صبح جو باک ڦٽي تائين هلندو هو. مقالن، تقريرن، ڪهاڻيءَ جي نشستن ڪانسواءِ هن جشن جا دلچسپ ۽ روح پرور ۽ ايمان پختو ڪندڙ پروگرام هوندا هئا مشاعرو ۽ راڳ رنگ جي محفل. شاعري ترقي پسند لاڙن، وطن دوست انقلابي هلچل ۽ قوم پرستيءَ جي خيالن ۽ جذبن سان ايترو تہ سرشار هوندي هئي، جو مشاعري جو هال ۽ پوءِ حيدرآباد جي شهر ۽ ساري سنڌ ۾ ان جي گونج پڌبي هئي. انهن مشاعرن ۽ جشنن ۾ "جيئي سنڌ" ۽ "سنڌ جو آواز شيخ اياز" جا نعرا اٿيا ۽ پکڙيا. راڳ ۾ اڪثر نوي سيڪڙو جديد شاعرن جو قومي جدوجهد جي موضوع وارو شعر ڳايو ويندو هو. ان ۾ ڌُنن تيار ڪرڻ ۾ حيدرآباد جي ميوزيڪل ڪلب جي ماهرن عباسي برادران (نصر الله ۽ عنايت الله) جون خدمتون ۽ ڪاوشون نہ وسارڻ جوڳيون آهن. قومي ڪلام جي ڳائڻ ۾ مادام زرينہ بلوچ، جنهن جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪندي هئي، تنهن ڪيس ان وقت "سنڌ جي ام ڪلثوم" جو لقب ڏئي ڇڏيو هو. جديد ۽ قومي شاعريءَ جي ڳائڻ جي شروعات بہ ان جشن روح رهاڻ کان ٿي ٿي، فقير عبدالغفور ۽ علڻ فقير بہ قومي جديد شاعري ڳائڻ ۾ حصو ورتو. ان روح رهاڻ ۽ سندس ساليانن جشنن ئي سنڌ جي قومي سگهہ شاگرد ۽ پڙهيل ڳڙهيل وچولي طبقي کي تعليم ۽ تربيت ڏئي قوم پرست وطن دوست انقلابي تنظيم لاءِ همٿايو ۽ اٿاري هڪ تحريڪ ۽ هلچل بڻائي ڇڏيو.

ان ادبي تحريڪ ۽ هلچل دوران سياسي پليٽ فارم تي بہ ڪيترين ئي تحريري سرگرمين ون يونٽ ۽ زبان جي مسئلي تي جاري رهيون. انهن ڪتابڙن ۾ (هئنڊ بل ۽ پوسٽر وغيره تہ بي پناهہ هئا) سڀ کان گهڻا ڪتابڙا ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ لکيا ۽ ڇپايا. هو جنون جي حد تائين ون يونٽ جي خلاف (اقتصادي ۽ سياسي نڪتہ نظر کان) لکندو رهيو. هو لکندو بہ پاڻ هو ڇپرائيندو بہ پاڻ هو تہ ورهائيندو بہ پاڻ هو. هو پنهنجي ليکي پاڻ ۾ هڪ تحريڪ ۽ هلچل

هو جي ڪيس پاڻ جهڙا چند ئي مخلص ڪارڪن ملي وڃن ها تہ اڄ سنڌ ۾ هاري هلچل الائي ڪهڙي منزل تي هجي ها. انهن ڪتابڙن ۾ تي سلسلا ڏاڍا ڪارائتا ۽ معلوماتي هئا ۽ ملڪ ۾ سياسي ۽ اقتصادي طور ون يونٽ جي سازش کي اگهاڙو ڪري رهيا هئا. انهن ۾: Injustice to Sind) جون تي ڪتابڙيون، Democracy or Dictatorship جون بہ يا تي ڪتابڙيون ۽ Disposal of Lands in Gudu Barrage جا بہ ڪتابچا قابل ذڪر آهن. ان کان سواءِ ڪامريڊ پنهنجي نظربنديءَ خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ جا تقرير ڪئي هئي ۽ لکت ۾ بيان ڏنو هو سو بہ انگريزيءَ ۾ سائڪلو اسٽائل تي ورهايو ويو هو. زبان جو مسئلو ڪراچي يونيورسٽيءَ پيدا ڪيو تہ سياسي پليٽ فارم تان پهريائين ڪامريڊ جتوئيءَ هڪ مدلل ۽ وزنائتو ڪتابڙو انگريزيءَ ۾ ڇپرائي ورهايو جو هو ?Shall Sindhi Language Stay in Karachi or not ون يونٽ بعد محمد ابراهيم جويي جا ڪتابڙا Problem of Languages in West Pakistan سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ (سليم احمد جي نالي) ۾ ڇپيا. قوميت جي مسئلي تي قاضي فيض محمد جو سياسي ادب ۽ قومي ۽ وطن دوست انقلابي جدوجهد تي رسول بخش پليجي جي تحريرن ۽ ڪتابڙن بہ سنڌ ۾ اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي. ون يونٽ جي شروعاتي دور ۾ مرحوم ذوالفقار پٽي بہ بہ ڪتابڙا، "پڌرنامو" سنڌ يوٿ فرنٽ جو سنڌيءَ ۾، ۽ ?Unitary or Fedral Form of Government انگريزيءَ ۾ پنهنجي سنڌ يوٿ فرنٽ طرفان ڇپرائي شايع ڪيا. بهرحال جيئن تہ مارشل لا سبب اظهار راءِ جي زباني يا تحريري طور سياسي لحاظ کان بندش هئي، سنڌي دانشور ۽ باشعور ۽ باضمير سياستدانن ايئن ڪتابڙن رستي، ۽ رسالي روح رهاڻ ۽ ان جي ساليانن جشنن رستي پنهنجي اندر جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو پيغام عوام تائين پهچايو. ان ڏس ۾ زبان جي مسئلي تي باقر شاهہ مرحوم جو انگريزيءَ ۾ ڪتابڙو ۽ قوميت جي سوال تي ڄام ساقيءَ جو ڪتابڙو نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ڪوشش ۾ ڪارگر ۽ نمايان ڪاوش هئي.

جشن روح رهاڻ جي ڪاميابين ڪي ڏسندي ڏسندي اديبن ۽ شاگردن، ان سلسلي کي ساري سنڌ ۾ وڌايو ۽ پکيڙيو. هر شهر ۽ هر ڪاليج ۾ واري واري سان "يوم لطيف" ملهائجڻ جو سلسلو شروع ٿيو. اهڙيءَ طرح هر شهر ۾ مهيني ۾ هڪ ٻه دفعا اهڙا جشن لطيف جي نالي ۾ ٿيڻ لڳا، جو جشن روح رهاڻ جون سڪون لاهيندا هئا. اديبن ۽ دانشورن جي رهنمائيءَ ۽ هدايتن هيٺ سنڌ جو شاگرد، قوم پرست ۽ وطن دوست انقلابي هلچل جو مهندار جٿو ٿي پيو. صرف "يوم لطيف" هنن جي شوق، جدوجهد ۽ جذبہ عمل لاءِ ڪافي نہ هو. هنن پهريائين هر شهر ۾ "هوشو ڏينهن" ۽ بعد ۾ ان سان گڏ "سنڌي شام" ملهائڻ جا ٻہ سلسلا شروع ڪري ڏنا. اهڙيءَ ريت جشن روح رهاڻ، يوم لطيف، هوشو ڏينهن ۽ سنڌي شام جشنن جو اهڙو نہ ڪتندڙ سلسلو ٿي پيو جو ساري سنڌ ۾ ساوڻ جي بادلن جيان ڇانئجي ويو ۽ اهڙو وسڪارو لائي ڏنائين، جو ون يونٽ ۽ فوجي حڪومت (اول فوجيورديءَ ۾ ۽ پوءِ شهري لباس ۾) باهوڙجي وئي، حوصلا خطا ڪري ويٺي ۽ بوتل مان نڪتل هن جِن کي بند ڪرڻ سندس وس ۾ نہ رهيو. ان ڪري هنن وري ساڳيو پراڻو حربو ۽ طريقو استعمال ڪيو. سنڌين مان ئي ياڙيتا، تڪريل رجعت پرست اديب ۽ نڙڪائو نقاد ۽ نقلي دانشور ياڙي تي ڪري ترقي پسند ۽ وطن دوست انقلابين جي مقابلي ۾ بيهاريائون، جن کي پشت پناهي ۽ رابطو ساڳي بنياد پرست مذهبي جماعت جو هو جا مدت کان مذهب رستي اقتدار ماڻڻ جا خواب ڏسي رهي هئي ۽ آهي. ان ڏس ۾ نہ رڳو مقامي جاگيردار، سرمائيدار، فوجي ۽ شهري ڪاموري جي هن کي چرچ ۽ سهڪار هئا، پر عالمي سامراج پنهنجي ساٿين سميت هڙون توڙي وڙون سندن حمايت ۾ لهي آيو. پهرين جو مقصد سنڌ مان قوم پرستي ۽ عوامي جمهوري يا وطن دوستيءَ جي تحريڪن کي ختم ڪرڻو هيو ۽ پوئين جو عالمي بنيادن تي ترقي پسند خيالن ۽ انقلابي نظرين کي نهوڙڻ هو. ڏندن ڪاڏل، ڇيلهہ ڀڳل ۽ ذهني طور مفلوج سنڌي اديب، جي هڪ دفعو هار ڪائي وڃي ڪنڊرن ۽

ڇُرن ۾ لڪا هئا. بچ تي هڪ دفعو وري ٻاهر نڪري آيا. هيل هو سرڪار، سرمائيدار ۽ سامراج جي دلجوين، حمايتن ۽ حوصلن سان هٿيار بند هئا.

رجعت پرست تاريڪين جي ترجمانن جو هيل حملو وڏي ۽ ڊگهي عرصي لاءِ سٽيل سازش هيٺ 1963ع ۾ شروع ٿيو. جون 1962ع ۾ شيخ اياز جي ڪلام جو پهريون مجموعو "ڀنور ڀري آڪاس" پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان ڇپرائي شايع ڪيو ويو. مٿان ٻاهه تي تيل جو ڪم اهو ٿيو جو ڪتاب کي سال جي بهترين ڪتاب طور گلڊ ايوارڊ مليو. همراهه سڙي رک ٿي ويا. چوندا آهن ته هڪ ويٺي هئي رُني، مٿان آيس پيڪن کان نياپو! ڪتاب جي اشاعت ۽ انعام جي سوڪت ئي اجا رجعت پرست نه پچائي سگهيا هئا، جو مٿان منهنجي تحرير هنن لاءِ پيڪن جي نياپي جو ڪم ڪيو. سال 1963ع ۾ مون اياز جي ان ڪتاب، سندس ادبي شخصيت ۽ ڪردار، شاعري جو ڀرپور اڀياس ۽ پرک لکي، جا "نئين زندگي" جي اپريل، مئي ۽ جون 1963ع جي پرچن ۾ قسطوار ڇپي. ان مضمون ۾ ڪتاب ۽ شاعر بابت گهڻو ڪجهه لکندي مون اهو به لکيو ته شاهه لطيف کان پوءِ شيخ اياز پهريون شاعر آهي، جنهن صدين کان پوءِ سنڌ جي ثقافت کي جياريو ۽ وري روشناس ڪرايو. هن پنهنجي قومي ورثي، ڪلاسيڪي شاعري جي فني ۽ فڪري قدرن کي وري سنڌي شاعريءَ ۾ مروج ڪيو. ساڳي ئي زبان، ساڳيو ئي محاڪاتي پس منظر، اهي ئي استعارا ۽ تشبيهون ۽ موضوع، جي اسان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو سينگار ۽ سٺ هيا ۽ صدي ڏيڍ کان متروڪ ٿي چڪا هئا، اياز وري ورائي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيا. همراهن کي اُنڌ ۽ ٻهانو ملي ويو. منهنجي مضمون جي ان اختصار جي معنيٰ ۽ مراد اها ڪڍيائون ته مون شيخ اياز کي "شاهه لطيف ثاني" سڏيو آهي ۽ لقب ڏنو آهي. بس، پوءِ ته سائين، الله ڏي ٻندو وٺي. همراهه ڇيرين ڇمڪن، دهلن ڏُڪڙن سان ميدان ۾ ٽپي پيا. ڊوڙيو لائي ڏنائون گارين، لعنتن ۽ ملامتن جو. شاهه جي غم، عزت ۽ ان تي

غيرت انهن واڳو نما ڳوڙها ڳاڙيندڙن کي اچي ستايو ۽ پريشان ڪيو، جن نہ رڳو شاهہ جي مسلڪ ۽ مقصد تصوف، انسانيت، امن، محبت، سهپ، ڀائيچاري ۽ سچائيءَ کي وساري وڃي فارسي ۽ اردوءَ جي پوئلڳي نقالي تي پيڙ لاتي هئي، خيالي حسينہ جي زلفن جي ڄانو ۾ ننڊ پئي ڪئي، اڻ ڏٺي محبوب جي صراحي دار گردن ۾ ڀاڪر وڌا هئا، پر شاهہ جي فن (زبان، اسلوب، اصناف سخن، اصطلاحن، استعارن ۽ حڪايتن) کي بہ تي سلام چئي وڃي فارسي غزل ۽ نظم، رباعي ۽ قطعن جي گپ ۾ گوڏا کوڙيا هئا. هن ڏس ۾ ان بڙ بڙ ۽ بيهودي بڪواس جي شروعات مرحوم (مئن کهڙا مامرا) رشيد احمد لاشاريءَ ڪئي. جنهن سال کن اڳ ئي سرڪاري پتي پاڙي تي هڪ مضمون لکي اخبارن ۾ شايع ڪرايو هو. جنهن ۾ هن ثابت ڪري ڏيکاريو هو (اونڌي منطق سان) تہ شاهہ لطيف نہ رڳو پاڪستان جي قيام جي پيشنگوئي ڪئي هئي، پر ون يونٽ ٺهڻ جي اڳڪٿي ۽ ان لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري ويو هو! ان ڪري پاڪستان ۽ ون يونٽ الله جي رحمت ۽ پتائيءَ جي ڀلائي آهي! افعال پنهنجا ٻچڙا، لخ لعنت گوڏن تي! اها هئي سندس شاهہ سان محبت ۽ عقيدت! سندس ان مضمون جو جواب مون (مضمون ۽ اياز تي ڪيل تنقيد جي پس منظر ۾) ”سنڌ جا ٻهروپي اديب!“ جي عنوان سان لکيو. اهو ڊگهو مضمون روزانہ ”خادم وطن“ حيدرآباد ۾ قسطن ۾ ڇپيو. ان مقالي ۾ مون شاهہ جي اهڙن نام نهاد سڏڙين کي سندن ئي لکيتن جي آڌار تي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو شاهہ جو استحصال ڪندڙ نالي مان ناجائز مفاد ڪمائيندڙ ۽ ساڻس منافقيءَ ۽ مڪر فريب ڪندڙ هئا. اهڙن نقادن ۾ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سردار علي شاهہ (ايڊيٽر مهراڻ)، اميد علي سرائي (جنهن لاءِ نياز همايوني چوندو هو تہ ڏيڏريءَ نعل هٽايا آهن)، منظور نقوي (جنهن کي سرور علي ”سرور ڊگهو سڏيندو هو)، سرور علي سرور (جنهن کي منظور نقوي طوطو سڏيندو هو) ۽ ڊاڪٽر (چرين جي اسپتال جو) ابراهيم خليل اڳ اڳ ۾ هئا. ان ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي

مجبورين جو مثال مان مٿي ڏئي آيو آهيان. باقي رشيد لاشاريءَ جي منافقي، موقعي، پرستي ۽ شخصي مفاد انهن خطن مان ظاهر آهي، جي هن پنهنجي ڳوٺائين غالب لطيف ۽ چاچي عبدالڪريم گدائيءَ ۽ مرحوم غلام محمد گراميءَ ڏانهن لکيا. جن ۾ هو بار بار چوندو ۽ يقين ڏياريندو رهيو تہ جي اياز ۽ سندس رفيق جويو راشدي ۽ رباني وغيره هن کي سرڪاري وظيفو ونرائي ڏين ۽ روزگار جي در ڪولڻ جو وعدو ڪن تہ هو (لاشاري) تصوف جي پس منظر ۾ اياز جي شاعريءَ جي تفسير ۽ تاويل ڪري ان کي عين اسلامي ثابت ڪري سگهي ٿو. انهن خطن ۾ هن اهو بہ اعتراف ڪيو تہ هو ترقي پسندن ۽ شيخ اياز خلاف ان ڪري لکي رهيو هو جو ربانيءَ کيس نئين زندگيءَ مان ۽ جويي کيس سنڌي ادبي بورڊ مان نوڪري بدر ڪرايو هو. هن مٿين مڪتوب اليهان کي اهو بہ لکيو تہ هو پير حسام الدين راشديءَ کي چئي سندس (لاشاريءَ جو) ترقي پسندن سان ناهہ ڪرائين ۽ کيس نوڪري ڏيارائين! (ڏسو "ادب کي نام پر")

رجعت پرستن ۽ ان جي آقائن اجا "پنور پري آڪاس" جو ڌڪ ئي نہ پچايو هو ۽ اجا اُن جا رسيل زخم پئي چٽيائون، جو 1963ع جي پوئين اڌ ۾ اياز جي ٻن ٻين ڪتابن "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" (نثر) ۽ "ڪُلهي پاتم ڪينرو" (نظم) اچي مٿن ٻيو وار ڪيو. هنن ڪتابن ۾ اياز نہ رڳو سنڌ جي پراڻن ادبي ۽ شاعراڻن موضوعن کي ۽ اصناف سخن کي وڏيڪ زوردار نموني ۽ اثرائتي ڍنگ سان پيش ڪيو. پر سنڌ جي قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن کي بہ لکڻين جو موضوع بڻايو. حسام الدين راشديءَ جي تاريخي تحريرن ۽ بصيرت افروز مباحثن کان متاثر ٿي هن سنڌ جي تاريخ کي بہ هڪ نئين ۽ تعميري انداز ۾ پنهنجي انهن تحريرن ۾ پيش ڪيو. انهن مان هڪ ڪتاب جو تہ انتساب بہ راشدي صاحبِ جي نالي هو. انهن ڪتابن ۾ قومي جاڳرتا ۽ جدوجهد جي جذبي اڀارڻ جي بہ ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي هئي. ڪوبہ فاتح، غاصب ۽ ظالم حاڪم ڪڏهن بہ اهو نہ چاهيندو آهي تہ

ڪو سنڌس مفتوح، مغضوب ۽ مظلوم غلام قوم پنهنجي صحيح تاريخ ۽ ان جي عظمت کان آگاهه ٿئي. اسان جي حاڪمن کان به اهو سٺو نه ويو. هنن پنهنجي پالتو لوڏ جون رسيون ڍريون ڪيون، ۽ وري هڪ دفعو سنڌ جو ادبي آڪاڙو ڏوڙ ۽ دز سان پرجي ويو. اياز جي انهن ٻن ڪتابن، روح رهاڻ، نه ماهي مهراڻ، نئين زندگي ۽ ترقي پسند اديبن جي تحريرن ٿي الزامن، بهتانن، گارين ۽ ملامتن جو ڏوڙيو وسڻ لڳو. جويو اياز ۽ ٻيا ترقي پسند ته سنڌن انهن دشنام طرازين جو شڪار ٿيڻا ئي هيا ۽ ٿيا. پر هنن انڌ جي گهوڙي تي سوار جهالت جي جوڌن پير حسام الدين راشدي، مولوي عبدالواحد سنڌي، مولانا غلام محمد گرامي، ۽ مولانا عثمان ڏيپلائيءَ جهڙن سنڌ جي ادبي بزرگن ۽ پلارن کي به نه بخشيو جن سنڌ ۾ مسلمانن جي سماجي ۽ اقتصادي بهتريءَ ۽ ذهني ۽ فڪري بيداريءَ لاءِ سڄي عمر پاڻ پتوڙيو هو. هنن تي به ڪفر، الحاد، اشتراڪيت، اسلام ۽ پاڪستان دشمنيءَ ۽ ڀارت يا روس جي ايجنٽيءَ جون فتوائون نافذ ٿيڻ لڳيون. هيل هنن هڪ نئون شوشو به ترقي پسندن خلاف ڇڏيو. اهو نئون اعزاز هو فحاشيءَ جو. ان لاءِ هنن اياز جا به نوان ڪتاب ۽ منهنجو ڪهاڻين جو ڪتاب ”گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ“ چونڊيا. اها تنقيد ٽن قسطن ۾ روزاني مهراڻ ۾ 13، 14 ۽ 15 مارچ 1964ع تي شايع ٿي. ”ادب ۽ تنقيد“ جي عنوان سان لکيل ان ڏکهي وعظ جو ليکڪ هو ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌس ان بيهوده ۽ اشتعال ڏياريندڙ تهمت بازيءَ کي بند ڪرائڻ جي نيت سان سون ڪيس قانوني نوٽيس بدناموسيءَ جي مقدمي داخل ڪرڻ ۽ هرجاني ڀرائڻ جي دعويٰ ڪرڻ لاءِ ڏيارايو. هڪ جو وات بند ٿيو ته وري ٻئي ڪُڦ ڳاڙڻ شروع ڪئي. ستت ئي رشيد لاشاريءَ ڪراچي جي هفتيوار ”ناخدا“ ۾ (جو جو ميمڻ مجيد وارو نوٽيس مهراڻ کي به مليل هو) ”فرائڊ ۽ شاهه“ جي عنوان سان، سنڌي ادب ۾ عرياني ۽ فحاشيءَ جي موضوع تي لکڻ شروع ڪيو. ان ئي سلسلي ۾ ساڳي ئي ماڏيم ۾ ماستر حبيب الله، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي اڪيڊمي (جا پوءِ هلي انسٽيٽيوٽ آف

سنڌالاجي تي) واري عبدالڪريم لغاريءَ ۽ طفيل احمد قريشيءَ به سنڌي ۽ اردو ۾ مس ۽ وقت ضايع ڪيا. انهن تنقيدي مضمونن جو جواب ترقي پسندن طرفان سراج ميمڻ هڪ انگريزي ڪتابڙي ۾ (جو جو هنن پنهنجن مضمونن جا ترجما اردو ۾ ڇپرائي ورهائڻ شروع ڪيا هئا) "هي ڪجهه بحث" These Philistines جي عنوان هيٺ فرضي نالي انعام عزيز ۽ مصباح سان لکيو ۽ شايع ڪرايو (ياد رهي ته ان وقت سراج انڪم ٽئڪس کاتي ۾ سرڪاري ملازم هو).

ان وچ ۾ هنن پنهنجي آقائن جي سونپيل منصب جي بجا آوريءَ ۾ به ڪسر نه ڇڏي. هنن ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن، خاص ڪري اياز جي ڪتابن ۽ لکيتن جا به حوالا ۽ هتان هتان بي ربط ترجما ڪري، پنهنجي مطلب جي معنيٰ ڏئي، سرڪار ڏانهن اماڻڻ شروع ڪيا. انهن ترجمن ۽ عريضين ۾ ترقي پسندن کي ڪافر، دهريو اسلام دشمن، پاڪستان مخالف ۽ ڀارت جو ايجنٽ ڪري پيش ڪيو ويندو هو. سرڪار جي مراد پوري ٿي. هنن جو مطلب سڌ ٿيو اول "ڀنور ڀري آڪاس" تي 1964ع ۾ ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" تي 1965ع ۾ بندش وڌي وئي، جنهن لاءِ اهو سبب ڄاڻايو ويو ته اهي اسلام جي خلاف ۽ پاڪستان دشمني جي مواد جا حامل هئا، ۽ عرياني ۽ فحاشي جا پرچارڪ هئا.

هن وقت تائين، قوم پرست، ترقي پسند ۽ وطن دوست اديب، شاعر ۽ دانشور رڳو پنهنجي مقصد ۽ مراد ماڻڻ لاءِ تخليقي سرگرمين ۾ رڌل هئا، جو سندن مکيه مقصد ۽ ڪارج هو. پر ڪو وقت يا سمو اهو به ايندو آهي، جو فنڪار ۽ اديب کي تخليقي ڪم کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان پوئين ڪم کي تخليقي ڪم تي، عارضي ۽ وقتي طور تي ترجيح يا اوليت ڏيڻي پوي ٿي. جڏهن قلم کان لکڻ جو حق کسيو وڃي، زبان کان اظهار جي قوت کسي وڃي، تخليقي عمل ۾ رنڊڪون، رڪاوٽون وڌيون وڃن ۽ ان تي بندش وڌي وڃي، ته ان وقت، ان لاءِ، پنهنجي کسيل حقن جي حصول لاءِ، رنڊڪن ۽ رڪاوٽن کي

متائڻ لاءِ، شديد جنگ لڙڻ، دشمن جي وار کي بي اثر ڪرڻ، سندس هتيار کي ڪُند ۽ مڏو ڪرڻ، فنڪار ۽ تخليقڪار جو اولين ۽ ترجيحي فرض ٿيو پوي. جڏهن اديب، شاعر ۽ دانشور جي انهن آدرشن، اصولن ۽ مقصدن خلاف، جن سان هو محبت ٿو ڪري، ڪو نفرت ۽ ڏڪار جي باهہ پڙڪائي، تہ اديب ۽ فنڪار لاءِ ان نفرت، ڪروڌ ۽ ڪارڻ کي ختم ڪرڻ ۽ ان آڳ کي اُجهائڻ، محبت ۽ موقف کان بہ وڌيڪ ضروري ٿيو پوي ۽ اهو ڪجهہ ئي، مجبور ٿي، سنڌ جي سجاڳ ۽ سجاڻ اديب ۽ شاعر ڪيو. ان ڏس ۾ سنڌ جي مڙني اخبارن اسان جو ساٿ ڏنو. سنڌي ترقي پسند اديب تخليقڪاري سان گڏوگڏ دفاع ۽ مزاحمت ۾ بہ قلم آزمائي شروع ڪئي. جويو گرامي، ڏيپلائي، رسول بخش پليجو ابن حيات پنوهر، نياز همايوني، شمشيرالحيدري ۽ نوجوان اديب (اڪثر شاگرد) روزانين اخبارن ۾ واجٽ ڪندا رهيا. سنڌي ادبي سنگت تہ هوندءَ ئي ان مهم ۾ مهنداري پئي ڪئي، پر تضادن ۽ بحرانن جي عروج ويل بزم طالب المولىٰ بہ رجعت پرستن جي روش ۽ ورتاءَ يا ڪردار تي ناپسندگيءَ ۽ ورود جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو. انهن مضمونن ۾ نہ رڳو سنڌي رجعت پرستن کي پڌرو پئي ڪيو ويو پر سندن اصل آقائن ۽ رسي لوڏيندڙن کي ۽ انهن جي نيتن ۽ سازشن کي بہ اگهاڙو ڪيو پئي ويو ۽ مذمت ڪئي پئي وئي. حيدرآباد جي ٽنهي روزانين اخبارن عبرت، خادم وطن ۽ نواءِ سنڌ ۾ آگسٽ 1965ع تي هڪ مشترڪ ايڊيٽوريل لکيو ويو، جنهن ۾ رجعت پرستن، وطن دشمن ۽ سندن بولڙي روزاني ”مهراڻ“ جي سنڌ دشمن سازش جي مذمت ڪئي وئي. اهو مشترڪ ايڊيٽوريل جڻ سنڌ جي عوام ۽ دانشورن طرفان قوم فروشن ۽ وطن دشمنن جي منهن تي چماٽ هئي، جنهن سندن لوندڙيون ڦيري ڇڏيون.

سجاڳ، سجاڻ ۽ ترقي پسند سنڌي اديبن ۽ دانشورن ان نئين محاذ آرائي ۽ رجعت پرستن کي مدلل ۽ مثبت انداز ۾ جواب ڏيڻ

شروع ڪيو. تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ جي شماري 3-2 ۾* مرحوم غلام محمد گراميءَ هڪ پر مغز ناقداڻو ۽ بي انتها معلومات وارو طويل مقالو ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“ لکيو جنهن ۾ هن عقل جي انڌن جي انهن اعتراضن ۽ الزامن جو جواب ڏنو جي پنجاهيڪو کن قسطن ۾، چريا ڪريا، خالي کوپري نقاد، نام نهاد روزاني مهراڻ ۾ ترقي پسند اديبن، عام طور ۽ شيخ اياز تي خاص طور متعلق الزام هڻندا هئا تہ هو ملحد، دهريا، ڪافر ۽ شان خداوندي ۾ گستاخي ڪندڙ ۽ اسلام تي طنز ۽ چٽرون ڪندڙ آهن. گرامي مرحوم نہ رڳو بلند پايي جو اديب، نقاد، نثر نويس ۽ مقرر هيو پر سنڌ جي چند مجيل ۽ مشهور ديني عالمن ۽ مفڪرن مان هڪ هو. هن جا ڪيئي مذهب متعلق ڪتاب ديني درسگاهن، مدرسن ۾ سرڪاري تعليمي نصاب ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايا ويندا هئا. سنڌيءَ ڪانسواءِ کيس فارسي، عربي ۽ اردو ڪلاسيڪي شاعريءَ ۽ ادب تي بہ وڏي دسترس هئي. هن سنڌي، اردو فارسي ۽ عربي ادب ۽ شاعريءَ مان مثال ڏئي، ان مقالي رستي، ثابت ڪيو تہ رجعت پرستن کي نہ رڳو مشرق جي شاعريءَ جي نزاڪتن، مزاج، فني رجحانن ۽ لوازمات جي خبر ڪانہ هئي، پر هو پنهنجي سنڌي شاعريءَ (ڪلاسيڪي) کان بہ اڻڄاڻ، جاهل ۽ نابينا هئا. هن مثالن رستي ٻڌايو تہ اياز جي شاعريءَ جي جن حصن يا ٽڪرن تي رجعت پرست رڙيون ڪري رهيا آهن، سا تہ اردو فارسي ۽ عربيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي گستاخي ۽ حُجت ۽ بي حجابيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪنهن ڳاڻيٽي ۾ بہ ڪانہ پئي آئي. ان حساب سان تہ فارسي ۽ اردوءَ جا استاد شاعر، حافظ، سعدي، عمر خيام، فردوسي، غالب، مومن، ذوق، سودا ويندي اقبال تائين، سڀ زنديق، ڪافر، ملحد ۽ واجب القتل هئا. ان مقالي ۾ رجعت پرستن جي ڪم عقليءَ ۽ جهالت تي بہ ماتم ڪيو ويو هو. ان معرڪت الہ را مقالي

---

* تماهي مهراڻ، 2-3، 1964ع.

سنڌي ادب ۾ ۽ خاص ڪري ان جي تنقيد ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو سنڌي پڙهندڙ جا ذهن کولي، ڪيترن ئي حقيقتن جا لڪل راز افشا ڪيا. مولانا گراميءَ جي ان مضمون سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان، هر پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجهيل سوچ واري وٽان داد ۽ تحسين حاصل ڪيو. روزانين اخبارن جا ڪالم ۽ رسالن جا صفحا ان ڏس ۾ ڪارا ٿيڻ لڳا. رجعت پرستن جي صفن ۾ ماتم ۽ گهرن ۾ تڏو پئجي ويو. هنن پنهنجو روايتي مدي خارج هٿيار واپرائڻ شروع ڪيو. مرحوم جي خلاف اُهي ڇٽ، الحاد ۽ ڪفر جون فتوائون جاري ڪرڻ لڳا. فتوائن جي انهن بڌن واپارين يا ملا وٽن وٽ ڪجهه وڙ يا جنس آڇڻ لاءِ هئي ئي ڪانه. سو ويچارن ورجائي ورجائي پئي اهڙيون فتوائون ونڊيون ۽ ورهايائون. مولانا گراميءَ جي ان مقالي نه رڳو سنڌي رجعت پرستن جي عقلي ڏيوالي ۽ ذهني ڪم مائگي کي سندن جهالت جي ابوجهليءَ سميت اگهاڙو ڪري، هڪ اثرائتو وار ڪيو پر سنڌي نئين نسل کي به ڪلاسيڪي فارسي، عربي، اردو ۽ سنڌي شاعريءَ جي گونا گون نزاڪتن، خوبين ۽ فني فڪري رجحانن کان واقف ڪيو ۽ سندن ڄاڻ ۾ املهه ۽ ڪارائتو اضافو ڪيو.

ساڳئي ئي وقت سنڌ جي نامور اديب، ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ دانشور رسول بخش پليجي به روزانه "خادم وطن" حيدرآباد ۾ رجعت پرستن کي هڪ سلسليوار مضمونن ذريعي منهن توڙ جواب ڏيڻ شروع ڪيو انهن مضمونن کي پوءِ گڏي ڪتابي صورت ۾ "انڌا اونڌا ويڄ" جي نالي سان ڇپرايو ۽ شايع ڪرايو ويو. ان جو مهاڳ ڪامريڊ ابن حيات پنهور لکيو ۽ ڪتاب 1967ع ۾ پڌرو ٿيو. هي ڪتاب ادب ۾ ۽ خاص ڪري سنڌي ادبي تنقيد جي تاريخ ۾ هڪ اهم ۽ بنيادي ڪتاب آهي، جنهن ۾ ترقي پسند نڪته نظر کان تنقيد جي اصولن کي بنياد بڻائي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي وئي آهي. هي مثالي ڪتاب ڪو عرصو تنقيد لاءِ رهنما ڪردار ادا ڪندو رهيو. هن ڪتاب ۾ پليجي پنهنجي ڏاهپ، ڏات، اظهار جي بيباڪي، اسلوب جي بي ساختگيءَ ۽ زبان تي

دسترس سان رجعت پرستن کي اهڙا تہ سڌا سڌا جواب ڏنا، جو عام سمجهہ ٻوجهہ رکندڙ سنڌي خاندي لاءِ بہ ان سنڌ دشمن ٽولي جي نيت ۽ مقصد مراد کي سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانہ ٿي ٿئي. هن نہ رڳو رجعت پرستن جي سياسي ۽ اقتصادي محرڪن، ارادن ۽ سازشن ۽ سندن اصلي، پردي پٺيان باعمل آقائن (سرڪار، جماعت اسلامي ۽ پنجابي پناهگير ٻِٽ) جي منصوبہ بنديءَ جو پوسٽ مارٽم ڪيو پر انهن ڪوڙهہ جي ڏيڏرن ۽ گهاٽي جي ڏاندن جي اٽڪاٽائيءَ، جهالت، علمي فقدان ۽ ان سبب غير مقبوليت، ادبي ميدان ۾ پٺتي پاڻ جيان سڙي رک ٿي وڃڻ سبب نفسياتي ردعمل جي بہ اُڌيڙ اُکيڙ ڪئي. مطلب تہ پليجي ان ڪاوش سان سچ پچ رجعت پرستن ۽ انهن جي نقادن کي انڌو اونڌو ويچ ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو. هن ڪتاب ۾ نئين ۽ پراڻي، رجعت پرستن ۽ ترقي پسندن جي وچ ۾ تضادن ۽ ٽڪرائن جو تاريخي پس منظر بہ پيش ڪيو ويو ۽ تاريخ مان ثابت ڪيو ويو تہ هر دور ۾ اهڙا سچ، سونهن ۽ سيبتائي جا پرچارڪ پيدا ٿيندا رهيا آهن جي "پٺيءَ ڄَچ مرجُل" بجاءِ پنهنجي پويان عوام جا انبوهہ ڪٺي هلندا آهن، ۽ انهن سچارن ۽ سلجهڻن جا مخالف ذهنن تي تالا هڻڻ، سوچ تي پهرا وهارڻ ۽ خيال و فڪر تي بندش وجهڻ لاءِ، مٿن زنديق، ڪافر، ملحد ۽ مرتد هئڻ جون فتوائون ڏيارائيندا ۽ ڏيندا آهن. اياز ۽ ٻين ترقي پسند سنڌي شاعرن جي مڏ، مڏرتا، ڪايا ۽ مايا جهڙن هندي ٻڻ وارن لفظن جي استعمال تي اعتراض ڪندي اونده جا ابا مٿن هندستان جي ايجنٽ هجڻ جو الزام هڻن ٿا ۽ کين اسلام دشمن ڪوٺين ٿا. پليجي ان ڏس ۾ شاهہ جي سر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ رام ڪلي وغيره مان ڍير لفظ ڪڍي، اصطلاح ۽ محاورا پيش ڪري کين للڪاريو تہ هو شاهہ ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن مٿان اهي بهتان هڻي رهيا آهن (اڻ سڌيءَ طرح). ان ڪري هو نہ رڳو اياز ۽ سندس ترقي پسند لڏي جا دشمن آهن، پر سنڌي شاعري، تخليق، سچ، سونهن، ترقيءَ ۽ اوسر جا دشمن آهن، ڇو جو نظرياتي طور هو سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا دشمن آهن، جا

تصوف جهڙي اسلامي مڪتب فڪر جي عظيم مبلغ ۽ مفسر آهي. هو انهن سنڌي صوفي ڪلاسيڪي شاعرن کي سڌي طرح پنهنجي حملي جي نشان بنائڻ بجاءِ، سنڌ جي جديد شاعريءَ تي حملو ڪري، اڻ سڌيءَ طرح انهن تي ملامت ۽ حملو ڪن ٿا. اهو حرڪتي عمل سندن اخلاقي جرئت جي ڏيوالپڻي جو ثبوت آهي، سندن بزدلي، ۽ منافقيءَ جو مظهر آهي. جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ تي غيراسلامي هئڻ جي ٺپي هڻڻ تي پليجي ڪائن، پنهنجي مخصوص طنزيه ۽ چيڀندڙ انداز ۾ پڇيو ته، سندن (رجعت پرستن) ذهني عياشي، جنسياتي حظ، حسن پرستي، عورتن جي مخصوص عضون جهڙن ڳڳون ڳاڙيندڙ ذڪر، ڏاري عورت جي سونهن، صورت ۽ جوانيءَ جو چشڪيدار بيان، ڪهڙي پئماني ۽ لحاظ کان اسلامي ۽ جائز آهن؟ بقول گرامي فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جا ڪلاسيڪي عظيم شاعر ڪهڙا بزرگان دين، عالم اسلام، مبلغ ۽ مفسر هئا، فقيه يا امام هئا، جو انهن جي شاعري عين اسلام ۽ باقي ساڳئي موضوع ۽ مقصد واري نئين شاعري غيراسلامي؟ اسان جا هي شاعر به نون ترقي پسندن شاعرن جيان رڳو هڪ حساس دل رکندڙ ارنهي سوچ رکندڙ عظيم انسان، محبت جا معتقد ۽ نفرتن جا دشمن هئا! پليجي جي هن تنقيدي ڪارنامي جو پڙاڏو ڏهاڪو سال کن سنڌي ادب جي فضا ۾ گونججندو رهيو ۽ ان گونج ۾ رجعت پرستن جو مِڻ مِڻ وارو مادي ڪُڪڙ جهڙو آواز دٻجي گم ٿي ويو.

ان تڪرار ۽ اختلاف راءِ دوران هڪ ٻيو به ڪارگر تنقيدي ڪتاب ڇپيو. هي ڪتاب جهوني اديب ۽ ترقي پسند ابن حيات پنهور لکيو ڇپرايو ۽ پڌرو ڪيو. پنهور پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب ۽ اسان جا اديب" ۾ به رجعت پرستن جي ترقي پسندن خلاف اجائي گهل گهوڙا ۽ فتويٰ بازيءَ جا سياسي، اقتصادي ۽ نفسياتي محرڪ ۽ پس منظر پيش ڪيا هئا. هن چواڻي: هلڻ کين (رجعت پرستن کي) پاڻ کي کين پئي آيو لخ لعنت گوڏن تي (ترقي پسندن) تي پيا ڪن. پاڻ ته ٻيان، ادب، قوم ۽ وطن لاءِ ڪجهه ڪونه ٿا ڪن، پر اُٽلو ڪجهه

ڪندڙن تي بهتان طرازيون ۽ فتوائون جاري ٿا ڪن. هڪڙا پيرن، جاگيردارن، زميندارن ظالمن ۽ استحصالين، حاڪمن ۽ جهالتن جا ٻڌا ٻانها ۽ ڪاڙيارا هئا ته ٻيا سچ، انسانيت، امن، محبت ۽ روشنيءَ جا ساٿي هئا. پنوهر رجعت پرستن ڪيِ اسلام جو علمبردار ۽ دوست نه پر ان جي دڪانداري ڪندڙ ڪيس نيلام ڪندڙ ثابت ڪري ڏيکاريو هو. هن ٻڌايو ته انهيءَ اسلام فروشن جي بهتان طرازي ۽ فتويٰ بازي جو سلسلو نهايت ئي ڏگهو آهي، جنهن ۾ مولانا آزاد، حسين احمد مدني، عبيدالله سنڌي، سچل سرمست، مخدوم بلال، سرمد ۽ شاهه عنايت شهيد به اچي ٿا وڃن. هو منافقيءَ ۽ نفرت جي بندوق مذهب جي ڪلهن تي رکي هلائيندا رهيا آهن، ۽ اڃا به هلائين پيا.

ابن حيات بعد مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي، پنهنجي مخصوص طرز تحرير، طنزيه ۽ ٽوڪ ڀري انداز بيان سان رجعت پرستن تي حملي آور ٿيو ۽ ترقي پسندن، خاص ڪري اياز جي بچاءَ ۾ لهي ميدان تيِ آيو. هن اياز جي چند تقريرن جو ننڍڙو مجموعو ”بقول اياز“ انسان اڪيڊميءَ حيدرآباد طرفان 1965ع ۾ شايع ڪيو. ان جي مهاڳ ”سبب ان جهيڙي جو...“ ۾ هن پنهنجي لاثاني طنزيه انداز ۽ پر مزاح لهجي ۾ ان ادبي جهيڙي ۽ تڪرار جي سببن جو وزن ڪيو. هن به اهي ئي ساڳيا سبب ڄاڻايا جي ٻين دوستن ڄاڻايا هئا، يا مٿي ڄڻا ڪيا ويا آهن، يعني: ترقي پسندن جي وڌندڙ مقبوليت رجعت پرستن جي گوشهءَ ۽ گمناميءَ ۾ غارت گري، ۽ اياز ۽ سندس رفيق گروهه جي عوام ۾ پذيرائي. ڏيپلائي مرحوم لکيو ته خود اياز جون تقريرون ئي ٻڌائينديون ته انهن ۾ ڪهڙو بارود ڀريل آهي، جن رجعت پرستن ڪي ساڙي ڀڄرائي ڇڏيو آهي. هن لکيو ته اڄ اياز تي گارين ۽ تهمتن جو وسڪارو آهي، پر وقت ايندو جو هن جي تحريرن جي وضاحت ۽ تاويل اڪيچار جلدن ۾ ڪئي ويندي، مرحوم پنهنجي روايتي بيباڪي ۽ جرئت منديءَ جو مظاهرو ڪندي، رجعت پرستن يا نام نهاد اسلام پسندن جا وڪا پڌرا ڪندي سندن اخلاق ۽ ڪردار وائکو ڪري

ڏيکاريو تہ کھڙيءَ طرح هو منهن ۾ ملان ۽ چٽ ۾ چور هئا. (مرحوم سندن گھرياتي هو، سو ڪانئس هو ڳجها نہ هئا) دوکي بازي، پرائي ملڪيت ڦٻائڻ، پنگ جا ڪوبدا ٻڌڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ، روزي نماز کان ميءَ وڃڻ ۽ هم جنس پرسنيءَ جا ڪوڏيا هئا. پر ترقي پسندن تي تنقيد ڪرڻ ۽ تهمت هڻڻ خاطر پنهنجي مٿان مذهب جو لبادو چاڙهي رهيا هئا. انهن نام نهاد نقادن مان ڪي تہ فلمي صنعت سان وابستہ يا فلمي صفحي مرتب ڪرڻ ۾ ڪالم لکڻ تائين عاقل ۽ عالم هئا. ڏيپلائي مرحوم آخر ۾ لکيو تہ سنڌي جا رجعت پرست نقاد اُهي ڪمند چوپي ان مان رس ڪيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، جو اردوءَ جي جڳادرين پنجاهہ سال اڳ چوپي ۽ چوسي اُڇلائي ڇڏيو هو. ان ڪتابڙي بہ رجعت پرستن ۽ سندن آقا سياسي ڌڙن جا ڏيڍر ڏرا ڪري ڇڏيا.

روزاني سنڌي اخبارن جي حقيقي ۽ تعميري ڪردار ۽ مٿي ڄاڻايل سنڌي ڪتابن رجعت پرستن تي واضح ڪري ڇڏيو تہ هو سنڌي عوام کي گمراهہ نہ ڪري سگهندا، ۽ سنڌين وٽ سندن دال نہ ڳرندي، تہ هنن بي مذموم حرڪت ۽ مهم شروع ڪئي. هينئر هنن ترقي پسند سنڌي اديبن ۽ قوم پرست وطن دوست ڪارڪنن ۽ رهنمائن کي بدنام ڪرڻ، مٿن ڪجهہ قدم آڻڻ لاءِ آمر سرڪار کي سبب پيدا ڪري ڏيڻ لاءِ، اردو پريس ۽ زبان جو سهارو ورتو. ان مهم ۾ بہ سنجيده ۽ اعتدال پسند پريس سندن پاسي کڻڻ کان نابري واري، رڳو سندن آقا جماعت جي اخبارن يا هم خيال پريس ئي ساٿن سهڪار ۽ ڀرپور سهڪار ڪيو جن ۾ روزانيون ”حريت“ ڪراچي، ۽ ”نواءِ وقت“ ۽ هفتيوار ”چٽان“ لاهور اڳريون هيون. انهن اخبارن جا نظريا ۽ پاليسيون ڪو پڙهندڙن کان ڳجهو ڪين هيون. ٻئي طرف اعتدال پسند اردو پريس غيرجانبدار رهي، ۽ ترقي پسند پريس يا جنهن ۾ ترقي پسند ايڊيٽوريل اسٽاف تي هئا، اسان جي حمايت ۾ رجعت پرست اردو پريس کي جواب ڏيڻ لڳا. ان محاذ تي بہ منهن جي

ڪاٽي، سنڌ جا شعوري ۽ لاشعوري دشمن دلال اردوءَ ۾ اشتهار بازي، ڪتابچہ نمائيءَ جي حرڪت تي لهي آيا. هينئر هنن "مهراڻ" روزاني بجاءِ اردو اشتهار ۽ پمفليٽ پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايا. ننڍڙن ڪتابڙن کان سواءِ رشيد لاشاري هڪ ڪتاب "ادب ڪي آڙ ۾" اردوءَ ۾ ترقي پسند، وطن دوست ۽ قوم پرست اديبن، دانشورن ۽ سرواڻن خلاف لکيو جنهن ۾ کين ڪافر، مرتد، پاڪستان دشمن، اسلام دشمن، فاحش ۽ ڪميونسٽ ڪري پيش ڪيو ويو. جو ڪجهہ هو سنڌيءَ ۾ لکندا رهيا هئا، ان جو اختصار ۽ ترجمو ان ڪتاب ۾ ڏنو ويو هو. ان جي جواب ۾، اردو پڙهندڙ عوام ۽ پريس کي، رجعت پرستن جي سازشن ۽ سامراجي منصوبن کان واقف ڪرڻ لاءِ، گرامي صاحب هڪ نهايت ئي مدلل مديرانہ ۽ عاقلانہ ڪتاب اردوءَ ۾ مڪمل بحث ۽ حوالن سان لکي پيش ڪيو. جيئن تہ گرامي مرحوم نيم سرڪاري اداري "سنڌي ادبي بورڊ" ۾ ملازم هو ان ڪري هن جو اهو ڪتاب "ادب ڪي نام پر"، جو سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي تضادن سان پُر هيو پنهنجي هڪ هم سفر محمد قاسم پٿر سنڌيءَ جي نالي ۾ ڇپرايو* هن ڪتاب ۾ نہ رڳو ان ادبي ڇڪتاڻ کي ۽ ان جي ڪارڻن کي واضح ۽ چٽو ڪيو ويو هو پر انهن، لئي مان لکڻ پيچي رئيس سڏائيندڙ جهڙن نقادن جي ذاتي حياتي، ڪردار، علم ۽ ڄاڻ کي بہ پڌرو ڪيو ويو هو. گرامي صاحب رجعت پرستن جي شخصي عناد، رقابت، ريس، حسد، بغض، ناڪامي ۽ غيرمقبوليت جي انتقامي جذبي جو پس منظر بہ پيش ڪيو هو تہ سندن بلئڪ ميل ڪرڻ، هيسائڻ ۽ منافقت واري ڪميني فطرت ۽ نفسيات کي بہ پڌرو ڪيو هو. دستاويزي ثبوتن ۽ سندن لکڻين مان ڏنل مثالن ۽ حوالن رستي اردو دان عوام کي ٻڌايو ويو تہ رجعت پرست جي ايم سيد جي سياست کي مخصوص رنگ ڏئي، ترقي پسند، قوم پرست ۽ وطن دوست انقلابي اديبن ۽ دانشورن کي ان

---

* هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ محمد ابراهيم جويي جو وڏو هٿ هو ۽ گرامي بہ مددگار هو (ت.ج)

سان منسلڪ ڪري، ڪين پنجابي پناهگير ۽ عام پاڪستانيءَ آڏو خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. حالانڪ سنڌي اديب ڪنهن بہ هڪ سياسي ڌر سان ڳانڍاپيل ڪين هو. هرڪو پنهنجي الڳ قومي نظرئي جو حامل هو ۽ هر ڪنهن جو واسطو ڌار ڌار ڪابي ڌر يا قوميت جي مبلغ سياسي جماعت سان هو. هو رڳو زبان ثقافت ۽ ون يونٽ خلاف (سياسي ۽ اقتصادي استحصال سبب) اچي ڪٺا ٿيا هئا، اجتماعي جدوجهد ڪري رهيا هئا. ڪتاب ۾ رجعت پرستن جي ان مذموم حرڪت جو بہ مثالن ۽ دستاويزن سان توڙ ڪيو ويو هو. جنهن هيٺ هنن غلط ترجما ڪري، حوالي ڪان ڌار اقتباس ڏئي، بدديانتي ۽ بي ايمانيءَ جو مظاهرو ڪندي، ترقي پسند سنڌي اديب کي اسلام دشمن، ۽ اياز کي شاهہ ثاني ثابت ڪرڻ جو الزام هنيو هو ان ڪتاب اردو پريس ۽ قارئين تي تمام زوردار اثر ڇڏيو ۽ هنن غداران وطن جو اهو دروازو بہ بند ٿي ويو. هي عالماڻو مدلل ۽ پر مغز ڪتاب رجعت پرستن، وطن فروشن، عوام دشمنن جي هلڪڙائپ، ڪميڻائپ ۽ منافقيءَ جو ڪچو چٺو هو ۽ سندن علمي ڪم مائگي، ذهني پستي، ۽ اخلاقي شڪست جو اڻ سڌو اعتراف هيو.

ادب، سياست ۽ سماج جي تاريخ ثابت ڪري چڪي آهي، تہ هر دور ۽ ملڪ ۾ سياسي مقصدن ۽ مصلحتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مذهب کي استعمال ۽ ان جو استحصال ڪيو ويندو آهي. صاحب اقتدار پنهنجي طاقت ۽ اقتدار کي برقرار رکڻ لاءِ، ۽ انهن جا پائيوار ملا، پنڊت ۽ پادري اقتدار ۾ پنهنجي ڀاڱي رکڻ ۽ رياست جي پٺڀرائي حاصل ڪرڻ لاءِ، گڏجي مذهب جو استحصال ڪري، اڪثريت کي، جا اڻ پڙهيل توهم پرست، انڌو يقين رکندڙ هوندي آهي، رياست ۾ پنهنجو اثر رسوخ ۽ حالتون جيئن جو تيئن قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ ان صورتحال جي دشمنن کي مذهب جي هٿيار سان ختم ڪندا آهن. ان مقصد لاءِ ڪڏهن سياست تہ ڪڏهن مذهبي حربا استعمال ڪيا ويندا آهن. پر اڪثر مذهبي ملڪن ۾، جتي

سائنسي علم جهالت جي پيٽ ۾ ڪين برابر هوندو آهي، بئي گڏ واپرايا ويندا آهن. جيئن اڄ سامراج پنهنجي زير ڪفالت ترقي پذير يا پٺتي پيل نو- بينڪيت وارن ملڪن ۾، پنهنجي حڪمت عملي ۾ سياسي حربا به استعمال ڪري رهيا آهن ته بنياد پرست مذهبي جماعتن رستي مذهبي جاڳرتا جون تحريڪون به هلائي رهيا آهن. پهرين حربي جو مقصد بينڪي ملڪ کي سياسي ۽ اقتصادي طور پنهنجو مطيع ۽ ٻانهو ڪري رکڻ آهي، ۽ ٻئي جو ان ملڪ ۾ اڀرندڙ ۽ اسرندڙ ترقي پسند ۽ وطن دوست انقلابي تنظيمن ۽ سوچن کي روڪڻ ۽ رد ڪرڻ آهي. پاڪستان ۾ به ٻين مشرقي ملڪن جيان گهٽ وڌ ايئن ٿي رهيو آهي. ترقي پسند ۽ وطن دوست قوتن ۽ فردن، تنظيمن ۽ تحريڪن تي حملي پٺيان حملا پيا ڪيا وڃن. پرچاري مهم کان قتل جي سازشن تائين مهم جو دائرو وسيع ڪيو ويو آهي. پارٽين ۽ دين فروشن رستي عقليت، سائنس، فلسفي، جديد ترقيءَ ۽ فڪر کي مذهب جو مخالف ۽ دشمن ڄاڻائي، ان (مذهب) رستي نئين فڪر ۽ سوچ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. تاريخ ورجائي ورجائي ثابت ڪري چڪي آهي ته ان سازش ۽ منصوبي ۾ هار ۽ مات سدائين ملي ۽ مهنت جي ٿي آهي، جن مذهب جي فلسفي، روح ۽ ست کي فراموش ۽ پاسيرو ڪري ان جي روايتي مشيني حرڪتن، ظاهري ڏيک تي زور ڏئي، دڪانداري چمڪائي، عقل، سائنس، فلسفي ۽ جديد علم جي مخالفت پئي ڪئي آهي. ان سبب ئي ڪيترين قومن ۽ رياستون تباهه ۽ ختم ٿي ويون، جو هنن نئين فڪر ۽ روشنيءَ کي مذهب سان تضاد ۾ آندو. اهوئي عظيم رومي سلطنت جي زوال جو ڪارڻ بڻيو. ان سبب ئي خلافت عباسيه جي تباهي ٿي ۽ مامون جو دارالحڪومت نيست ۽ نابود ٿي ويو. ان ڪري ئي (اورنگزيب جي حڪمت عملي) هندستان ۾ عظيم مغل سلطنت پرزا پرزا ٿي، ذليل نموني ختم ٿي وئي. پر صاحب اقتدار ڪڏهن به ان مان سبق نه سکيو آهي،۽ نه تباهيءَ تي رسڻ کان اڳ انهن عوامل تي سوچيو آهي. هو وري

وري ساڳي غلطي ڪندو رهي ٿو.

پاڪستان جي قيام بعد، مذهب جي نالي هيڏي تباهي، قتل و غارت ۽ انساني قدرن جي پائمالي پيدا ڪرڻ جي باوجود بہ اسان جو صاحب اقتدار ڪو سبق نہ سکيو آهي. هت بہ وري وري اهائي غلطي ڪئي پئي وڃي تہ علم، ڄاڻ، نئين فلسفي، سائنس ۽ عقل جي مقابلي ۾ ملا ۽ مفتي جي مطلبي ۽ فرسوده مذهبي فڪر ۽ باطنيت بجاءِ ظاهريت کي همٿايو پيو وڃي، جو ان رستي حاڪم ٽولي جي اقتدار کي وقتي ۽ عارضي ساهي ۽ مُدت ملي ٿي. اڌ ملڪ وڃائڻ جي باوجود بہ هو سبق نہ سکيا آهن، ڇو جو هنن جا مفاد حڪومت ۽ رياست بجاءِ پاڻ تائين محدود آهن. ان ڪري هت بہ هميشہ جيان مذهبي جذبي ۽ جنون کي ڀڙڪايو ۽ ڪم پئي آندو ويو آهي. ان ۾ سامراج جي سازش، ڇُرچ ۽ ساٿ جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. جڏهن رجعت پرستن، سندن پالتو سياسي جماعت ۽ صاحب اقتدار ٽولي جا ڀيا حربا سنڌ جي ترقي پسند ۽ وطن دوست حلقن خلاف اڦل ۽ اجايا ثابت ٿيا تہ هنن آخر ۾ اهو مذموم ۽ منافقيءَ وارو رستو اختيار ڪيو جنهن ۾ بہ سنڌ جي سجاڳ، سجاڻ ۽ سائنسي سوچ رکندڙ سندن مڙسان مڙسي مقابلو ڪيو.

مرڪزي سنڌي ادبي سنگت کي فعال ڪرڻ لاءِ سکر جي سنڌي ادبي سنگت، مرڪز ۽ سيني يونٽن جي ڪنوينشن 10_11 اپريل 1965ع تي سکر ۾ ڪوٺرائي، جنهن ۾ ڪراچيءَ کان جيڪب آباد تائين سيني شاخن جي عيوضين شرڪت ڪئي. چاچي گدائيءَ جهڙي بزرگ، مولانا گراميءَ، ڏيپلائي صاحب، پليجي، حميد سنڌي، شمشير، مراد، تاج بلوچ، اقبال جتوئيءَ، بردي سنڌي، نور عباسي، پرواني ڀٽي، نياز همايوني، تنوير عباسي ۽ شيخ اياز جا نالا سردست ياد ٿا اچن. اٽڪل روءِ پنجاهہ کن انهن عيوضين جو اجلاس ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ صبح جو شروع ٿيو. جيئن تہ هي اجلاس محض انتظامي ۽ عيوضين تائين محدود هو ان ڪري مون بحيثيت

سيڪريٽري سکر سنگت (ڪنوينر) اجلاس شروع ٿيڻ کان اڳ غير عيوضين کي ان مدنظر هال مان نڪري وڃڻ لاءِ عرض ڪيو. ٻيا سڀ نڪري ويا، پر ”مهراڻ“ جو نمائندو عبدالڪريم تابان ۽ هڪ سرڪاري مخبر هال مان نہ نڪتا. جنهن تي مون رضاڪارن معرفت کين زوريءَ ٻاهر ڪيرائي اجلاس جي ڪارروائي شروع ڪئي. ٻئي ڏينهن اجلاس ڪارائتو ۽ ڪامياب هلي پورو ٿيو. هي اجلاس سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۾ اهم ۽ نمايان حيثيت ۽ موڙ ثابت ٿيو. ٽين ڏينهن 12 اپريل تي، روزاني ”مهراڻ“ ۾ پهرين صفحي تي ڇهن ڪالمن، ٽن هيڊنگن واري خبر شايع ٿي، جا سکر جي نمائندي طرفان موڪلي وئي هئي. سکر جي اجلاس بابت ان خبر جي ليڊ هئي ”سکر ۾ سرخ اديبن جو ميڙ“. ان ۾ ڄاڻايو ويو تہ سکر ۾ سنڌ جي سرخ يعني ڪميونسٽ اديبن جو ميڙ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ ٿيو جو ٻہ ڏينهن هليو. ميڙ شروع ٿيڻ کان رشيد ڀٽيءَ اخباري نمائندي، ۽ سي آءِ ڊي جي ماڻهن کي زوريءَ زبردستيءَ هال مان ڪڍي ڇڏيو. بعد ۾ پتو پيو تہ ان دربند خفيہ اجلاس ۾ اسلام مخالف ۽ پاڪستان دشمن ڳالهيون ڪيون ويون ۽ فيصلا ڪيا ويا. ان خبر اسان کي قانوني طور مهراڻ جو وات بند ڪرڻ جو وجهہ ڏنو. مون مهراڻ جي ايڊيٽر سردار علي شاهہ ۽ سندس سکر واري نمائندي تابان تي سکر جي ڪورٽ ۾ بدناموسيءَ جو ڪيس داخل ڪيو. هنن خلاف وارنٽ نڪتا. تہ ڪورٽ جي آرڊر خلاف هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ ۾ رويزن پٽيشن داخل ڪرائي، جا جسٽس غلام صفدر شاهہ پهرينديءَ ئي، بنا داخل ڪئي، اڻ ٻڌڻ جوڳي ٺهرائي، رد ڪري ڇڏي. ڇهہ سال ڪيس هلندو رهيو. اينگهائڻ سبب اسان کي اهو فائدو ٿيو، جو اها اخبار ڪيس هلندي تائين، ڪنٽيمپٽ آف ڪورٽ (عدالت جي بيحرمتي) جي ڏوهہ جي ڀؤ کان اسان جي ۽ سنگت جي خلاف ڪميونسٽ، اسلام مخالف ۽ پاڪستان دشمن الزام واري خبر يا تنقيد نہ ڪري سگهي. اپريل 1971ع ۾ بنگلاديش آپريشن دوران مان گرفتار ٿي ويس تہ پويان غيرحاضريءَ ۾ ڪيس

عدم پيرويءَ سبب خارج ڪري ڇڏيو ويو. ان جي وڌيڪ ضرورت بہ نہ رهي هئي. جڏهن جنوري 1972ع ۾ جيل کان نڪتاسين (مان ۽ اياز) تہ ٻاهر دنيا ئي بدلجي چڪي هئي. بنگلاديش الڳ ٿي چڪو هو بہ قومي نظريو ٽنگون ٽيڙي پيو هو. ملڪ مان مارشل لا ختم ٿي چڪي هئي، ۽ اهڙي حڪومت اقتدار ۾ اچي چڪي هئي، جا سوشلزم ۽ جمهوريت کي پنهنجو شعار ڪري پيش ڪري رهي هئي، جنهن سبب رجعت پرست ۽ مذهبي خارج بنياد پرست وروڌي وائرجي ڪري ڪک پن ٿي چڪا هئا.

مون واري ڪيس هلندي بہ رجعت پرست سامراجي ايجنٽ ماٺ نہ رهيا. اخبار ۾ لکڻ کٽي هنن روڪي ڇڏيو هو پر بي نام اشتهارن، ڪتابڙن ۽ پوسٽرن جي ڏم لائي ڏني هئي. 1965ع واري پاڪ ڀارت لڙائي ۾ اياز کي جهلي نظربند ڪيو ويو. جو بہ انهن قوم فروشن ۽ وطن جي ويرين جي مهم ۽ ڪوشش جو نتيجو هو. جنگ دوران اياز جيل ۾ اهو شاهڪار نظم لکيو جا اَمن جي موضوع تي عالمي ادب ۾ اهم مقام والاري ٿو. اهو نظم "هي سنگرام، سامهون آ ناراڻ شيام!" حميد سنڌيءَ "روح رهاڻ" ۾ سيپٽمبر 1966ع واري پرچي ۾ شايع ڪيو. جاهلن ۽ اڻ پڙهيلن هاءِ گهوڙا شروع ڪري ڏني. ٻائيتال پئجي ويو. مخصوص سياسي جماعتن ۽ هٿ ٺوڪين ادبي جماعتن، نام نهاد، دانشورن بيان ڪڍيا، ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، اشتهار ۽ ڪتابڙا، ڪوڙن سچن ناالن سان لکي، ڇپرائي ورهايا ويا (اڪثر اردوءَ ۾) جن ۾ اياز کي پاڪستان جو دشمن ۽ هندستان جو ايجنٽ ڪوٺيو ويندو هو. ان اشتهار بازي جي موٽ ۾ سنڌ جي ترقي پسند ۽ باشعور اديبن ڀاران بہ جوابي اشتهار ۽ ڪتابڙا، بيان ۽ ٺهراءَ جاري ڪيا ويا. هيل سنڌ جي ترقي پسند اردو اديب ۽ دانشور بہ اسان جو ساٿ ڏنو. سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ترقي پسند اردو اديبن اياز جي حمايت ۾ بيان ڏنا، اشتهار ۽ ڪتابڙا شايع ڪيا، انهن ۾ الياس عشقي، حمايت علي شاعر، محسن ڀوپالي، حسن حميدي، آفاق صديقي، نڪهت بريلوي ۽ خالد

عليگ جا نالا قابل ذڪر آهن. ان نظم جي سلسلي ۾ هڪ وڏو وال پوسٽر 32 ماڻهن جي صحيحن سان حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ ساري سنڌ ۾ پٽين تي هنيو ويو. ان ۾ نظم جو متن سنڌيءَ ۾ ڏنل، ان جو غلط اردو ترجمو ڏنل، اياز، حميد ۽ روح رهاڻ تي گلابي اردوءَ ۾ ڇوهه ڇنڊيا ويا هئا. حميد کي سکر گهرايوسين. ٻه ڏينهن ٻه راتيون سنگت ويهي صلاح مشورو ڪري 32 ڄڻن تي بدناموسيءَ جو ڪيس تيار ڪيوسين. حميد حيدرآباد ۾ وڃي ڪيس داخل ڪيو. اتفاق سان دائره اختيار وارو جج جمال ابڙو هو. انهن 32 جي لوڌ تي ٻه وارنٽ نڪتا. ۽ ڪيس شروع ٿيو. ته وڏيڪ بڪ بڪ ۽ بيهوده الزامن کان ٻه جان ڇٽي پئي. سال 1971ع ۾ ان مقدمي جو ٻه حشر مون واري ڪيس جهڙو ٿيو. فوجي جنتا، بنگلاديش آپريشن پيري سنڌ يونيورسٽيءَ جي ترقي پسند ۽ قوم پرست اديبن ۽ ڪارڪنن خلاف وطن دشمنيءَ جو سازش ڪيس ٺاهيو هو جو سکر ۽ جيڪب آباد سازش ڪيس جي ڪڙي ڪري، هڪ وڏي اگرتلا قسم جهڙي سازش ثابت ڪرڻ پئي چاهي وئي. ان ڪيس ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ حميد سنڌيءَ سميت (جو سنڌ يونيورسٽي جو رجسٽرار هو) 14 ڄڻا جوابدار هئا. سو اهڙيءَ ريت حميد سنڌيءَ جو ڪيس ٻه عدم پيرويءَ سبب، سندس غير حاضريءَ ڪري خارج ٿي ويو.

1968ع ۾ اياز کي گرفتار ڪيو ويو. (تفصيل لاءِ ڏسو سندس ڪتاب "ساهيوال جيل جي ڊائري"). هن جي ڊفينس آف پاڪستان رولس (D.P.R) هيٺ گرفتاريءَ جو سبب سندس بندش پيل ڪتابن ۾ ڪي، قابل اعتراض اقتباس هئا. ساڳين ئي ڏينهن ۾ ڪامريڊ جتوئي کي ٻه سندس ٻن نظمن "جيئي سنڌ ۽ سلام سنڌ" جي ڪري نظربند ڪيو ويو. اياز جي نظربنديءَ جي آرڊر خلاف مون لاهور هاءِ ڪورٽ وٽ رٽ داخل ڪئي. اها پٽيشن ميان محمود علي قصوريءَ داخل ڪئي. پر جسٽس گل محمد ان بنياد تي واپس ڪئي، ته ان جي ٻڌڻ جو اختيار اولهه پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي ڪراچي بينچ کي هو.

موٽي اچي ڪراچيءَ ۾ اياز جي دوست وڪيل ايم ايم پيرزادي سان صلاح مصلحت ڪري، رٽ پٽيشن جو مسودو تيار ڪيوسين، ۽ محترم اي ڪي بروهي صاحب وٽ کڻي وياسين. جنهن ٿوري ڦير گهير بعد اها ٽائيپ ڪرائي ۽ بي ڏينهن هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي. اٽ اياز جو پراڻو دوست ۽ ڪڏهن گڏ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندڙ وڪيل جناب خالد اسحاق بہ مليو جنهن بہ رٽ هلائڻ ۾ حصو ورتو. ڪامريڊ جتوئيءَ پنهنجي سر جيل مان رٽ پٽيشن تيار ڪري هاءِ ڪورٽ ۾ اماڻي. بئي رٽ پٽيشن ڪراچيءَ ۾ هليون. جتوئي صاحب پنهنجي پٽيشن پاڻ هلائي ۽ آزاد ٿي ويو. اياز جي پٽيشن ۾ ڪجهہ دير ٿي، جو ڪيس ساهيوال کان ڪراچيءَ منتقل ڪرڻ جو آرڊر ڪورٽ ڪري چڪي هئي. جنوريءَ ۾ اياز ڪراچي جيل منتقل ٿي آيو. حاضريءَ واري ڏينهن ائڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل ڪورٽ ۾ لکي ڏنو تہ اولهہ پاڪستان جي هوم ڊپارٽمنيٽ سندس نظربنديءَ جو حڪم واپس ورتو آهي. اياز جيل مان نڪري آيو پر جلد ئي ٻيهر گرفتار ٿيڻ لاءِ! ان رٽ پٽيشن ۾ ادب جي نسبت سان نهايت ڪارائتا ۽ بحث طلب سوال اٿاريا ۽ حل ڪيا ويا هئا. ائين پئي لڳو جڻ سنڌي ادب تي ڪيس داخل ٿيو هو ۽ ان جو بچاءُ پئي ورتوسين. ان پٽيشن جي ادبي پهلوءَ جي ڊرافٽنگ ۾ دوستن ابراهيم جويي (جو ان وقت ڪوهاٽ ۾ متعين هو عتاب هيٺ) ۽ عبدالقادر صديقيءَ گهڻي مدد ۽ سهڪار ڪيو.

ان ادبي قانوني جنگ دوران ڪو پنهنجو سفر رڪجي ڪونہ ويو هو. ممڻ متو پيو هو اديبن ۽ دانشورن جا دونهين دکائي هئي، سا مچي مچ ٿي چڪي هئي، جنهن مچ سنڌي شاگرد کي اُلو ۽ اُمالڙي ٻڌائي ڇڏيو هو. سنڌ جو ترقي پسند، وطن دوست انقلابي ۽ قوم پرست اديب ۽ دانشور سائين جي ايم سيد جي علامتي اڳواڻيءَ هيٺ جا گڏيل جدوجهد هلائي هئي، تنهن پنهنجا نتيجا ڪيڻ شروع ڪيا هئا. اديبن ۽ دانشورن جي اتحاد جو اهو نتيجو نڪتو جو سنڌ جو شاگرد بہ اجتماعي جدوجهد تي آماده ٿي ويو. ڊار ڊار شاگردن جون تنظيمون پاڻ

۾ گڏجي قومي هلچل جو مهندار جٿو ناهي. قافلي ۾ شريڪ سفر ٿي ويون. حالتون اهڙيون اچي بڻيون جو اقتصادي ۽ طبقاتي تضادن تي قومي تضاد حاوي پئجي ويا. ون يونٽ کان سنڌ جو ڇوٽڪارو آجو ڪرائڻ، عارضي طور طبقاتي جدوجهد تي ترجيح وارو عمل ٿي پيو. قوم پرست ۽ کاٻي ڌر وارا (روس نواز توڙي چين نواز) سڀ هڪ پليٽ فارم تي اچي ڪٺا ٿيا. سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن، سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن، سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، سنڌ آزاد اسٽوڊنٽش آرگنائيزيشن، سنڌ آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن، يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جي يونينن تي انهن جماعتن جو قبضو هو ٿي، ۽ ات هر ثقافتي يا ساليانى فنڪشن تي سڀ ڪٺا هوندا هئا. پر "جشن روح رهاڻ"، "هوشو ڏينهن"، "يوم لطيف" ۽ "سنڌي شام" جي جشنن تي سڀ بنا تفريق اچي ڪٺا ٿيندا هئا. جام ساقي، مهر حسين شاهه، مير ٿيٻو، مجيب پيرزادو، اقبال ترين، مسعود نوراني، يوسف لغاري، يوسف ٽالپر ۽ لالا قادر وغيره * سڀ جڻ هڪ ئي فوج جي سپاهه جا سرواڻ هئا. انهن جي اتحاد ۽ سرگرميءَ ۽ دانشورن جي تعليم ۽ پرچار اهو ولولو ۽ زندگي پيدا ڪئي، جو حيدرآباد جاڳي پئي، ۽ مارچ 1967ع تي سنڌ جو نوجوان خون سان رنگجي ريٽو ٿي پيو. ان قرباني ساريءَ سنڌ کي باهه جو شعلو بڻائي ڇڏيو. سنڌ جي قومي هلچل جي تاريخ جو اهو واقعو سنڌ جي سياست ۾ اهم موڙ آڻيندڙ ثابت ٿيو. شاگردن جي بنڌ پڄي پئي. شاگرد تن من سان سنڌ جي قومي هلچل ۾ ٽپي ويا. هنن کي معاملي جي نوعيت جو پتو پئجي ويو. شاگردن پنهنجي اديبن ۽ دانشورن لاءِ ڪيتري عقيدت ۽ احترام جا جذبا پئي رکيا، ان جو پتو تڏهن پيو، جڏهن سرڪار شيخ اياز کي حيدرآباد لا ڪاليج ۾ ملهائجندڙ "سنڌي شام" جي مشاعري جي صدارت ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ شهر ۾ 144 قلم لاڳو ڪيو ۽ اياز تي شهر بدريءَ جو حڪم تعميل ڪيو. قلم 144 جي باوجود ۽ قانون نافذ ڪندڙ

* يوسف لغاري، مدد علي سنڌي، يوسف ٽالپر، شاهه محمد شاهه پڻ

ايجنسين جي بار بار چتاءَ جي باوجود شاگرد جلوس جي صورت ۾ شيخ اياز کي اسٽيشن تي ڇڏڻ آيا. ان مشاعري جي صدارت اياز جي تصوير کان ڪرائي وئي. ان واقعي مان نہ رڳو اهو پتو پوي ٿو تہ سنڌ جي نوجوان کي پنهنجي دانشور ۽ اديب لاءِ ڪيتري عزت ۽ عقيدت هئي، پر اهو بہ معلوم ٿيو تہ فوجي ۽ آمر پاڪستان سرڪار سنڌ جي قومي هلچل ۾ اديب ۽ دانشور جي ڪردار کان ڪيترو ڊڄي ۽ ڏڪي رهي هئي. شاگردن کان سواءِ شاگردياڻيون بہ پٺتي نہ هيون. ان اوائلي دور ۾ اختر بلوچ، رياض ميمڻ، سحر بلوچ، (هاڻي سحر امداد) ۽ نسيم ٿيبو ڪافي سرگرم هيون. عورتن ۾ بيگم زينت چنا سجاڳ عورتن جي قافلي جي سرواڻ هئي، زرينہ بلوچ، قمر تنوير عباسي، عملي طرح هلچل ۾ سرگرم حصيدار رهيون، ڪافي عورتن ۾ سجاڳي ۽ بيداري آڻي، انهن کي باعمل ۽ فعال بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿيون.

حڪومت سنڌ ۾ جاڳرتا ۽ سجاڳيءَ جي وڌندڙ سيلاب کان خائف ٿي وئي. سياسي گڏجاڻين تي تہ هونءَ ئي سنڌ ۾ بندش هئي، هينئر ضلعي اختيارين کي هدايتون آيون تہ سماجي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙن جي موڪل بہ نہ ڏني وڃي. جهوني سياستدان ۽ نيون حڪمت عمليون متعين ڪندڙ سياسي دانشور سائين جي ايم سيد هڪ نئين تنظيم بزم صوفياءِ سنڌ جو بنياد وڌو.* هيءَ مختلف مڪتب خيال (سياسي) رکندڙ قوم پرست اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو اتحاد هو جنهن جو صدر جي ايم سيد ۽ سيڪريٽري رسول بخش پليجو هو. هن تنظيم جو مقصد ۽ متو تہ هو سنڌ جي صوفين جي درگاهن تي ورسين وغيره تي ميڙا ڪرڻ، پر اهڙن ميڙن ۽ ميلن تي (جي منهنجي خيال ۾ ڇهہ کن ٿيا) * جن کي بزم صوفيائي سنڌ ڪانفرنس سڏبو هو اديبن ۽ سياسي مفڪرن اهو ڪجهہ ڪيو جو سياسي پليٽ فارم تان بہ ادبي ثقافتي ميڙن ۾ ڪيو ويندو هو. اهائي ون يونٽ خلاف گونج،

* هيءَ تنظيم 1966ع ۾ قائم ڪئي وئي.
* اٺ ڪانفرنسون ٿيون (ت.ج)

سنڌي زبان لاءِ صدا ۽ سنڌي قوميت جو نعرو انهن ڪانفرنسن ۾ ٻڌبو هو. سنڌ جي ذهن کي سجاڳ ڪرڻ ۾ سنڌي اديبن جي ڪاوش، سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي، جشن روح رهاڻ، هوشوءَ جي ورسين، لطيف ڏينهن ۽ سنڌي شامن جو حصو يا ڪردار ادا ڪيو اوتروئي بزم صوفياءِ سنڌ جي ڪانفرنسن به ڪيو. هنن ڪانفرنسن جي خوبي اها هئي جو نئين سنڌ جو سنيهو ۽ سوچ ننڍين وڏن شهرن کان نڪري ڳوٺن تائين به پهتي. قوميت ۽ قوم پرستيءَ جي مسئلي ايتري اهميت ورتي هئي جو مختلف خيالن جا انتهاپسند به ان سوال تي بزم صوفيا ۾ اچي ڪٺا ٿيا. انهن ڪانفرنسن ۾ خاص ڳالهه اها به ٿي، جو نون شاعرن جو قومي ڪلام ڳائڻ رستي جهر جهنگ تائين وڃي پهتو. اجتماعن ۾ نياز همايونيءَ جو پنهنجو ڪلام ترنم سان پڙهڻ ۽ زرينه بلوچ جو اياز کي ڳائڻ خاص فيچر هوندا هئا. سڄي رات گذري ويندي هئي، باک ڦٽندي هئي، پر مجال جو ماڻهن جي فرمائش پوري ٿئي. اياز جي ته اها حالت هوندي هئي، جو ويهي پڙهي پڙهي شعر ٻڌائي ٿڪبو هو ته به جان نه ڇٽندي هيس، ڪرسيءَ تي ويهاري به ڪانئس سڄي سڄي رات شعر ٻڌو ويندو هو. جن انهن جشنن ۾ شرڪت ڪئي هوندي، تن کي خبر هوندي ته ڪيئن رات ڪٽندي ويرم ئي ڪانه ڪندي هئي. هرڪو جڻ ڪرسيءَ سان جڪڙجي ويندو هو. ميڙي ختم ٿيڻ جو اعلان ٿيندو هو ته چرڪ پيري اٿي، نراس، اداس ۽ اجايو ئي پنڌال ڇڏيندو هو. ان جذبي ۽ ساڃهه ئي ون يونٽ جهڙي لعنت کان سنڌ جي جان ڇڏائي. (پوءِ جو ڪجهه ٿيو يا ٿئي پيو سو الڳ داستان آهي. سنڌين سان ويڌن آهي، جنهن جو ذڪر ڪنهن ٻئي موقعي مناسبت سان ڪبو ڇو جو هن موضوع کان خارج از بحث آهي).

مان مڃي چڪو آهيان ته اديب ۽ فنڪار جو ڪم رڳو تخليق ڪرڻ نه آهي، پر پنهنجي تخليق، ان جي بنيادن، سچ ۽ پيار جو دفاع ڪرڻ به آهي. ان لاءِ سنڌي اديب نه رڳو قلمي جهاد ڪيو آهي، پر

عملي طرح بہ ميدان ۾ ٽپي پيو آهي، مظاهرن ۽ احتجاجي جلوسن ۾ بہ ڀرپور حصو ورتو آهي، يورپ جي حق گو جمهوريت پسند ۽ آزاديءَ جي رکوالن دانشورن جيان سنڌي اديب بہ عملي جدوجهد ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو آهي.

1968ع جي آخر ۽ جنوري 1969ع ۾ سنڌ جي اڪثر اديبن ۽ دانشورن کي سندن ادبي سرگرمين سبب نظربند ڪيو ويو ۽ سندن ڪتابن ۽ تحريرن تقريرن تي بندش وڌي وئي. جي ايم سيد، شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، رسول بخش پليجي ۽ غلام محمد لغاري وغيره کي سندن تحريرن سبب گرفتار ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت ون يونٽ جي فوجي ۽ شهري ڪامورا شاهي ٻين ننڍين قومن جي اديبن اجمل خٽڪ (پشتو) ۽ گل خان نصير (بلوچي) کي بہ انهن ئي الزامن هيٺ گرفتار ڪيو. ان وقت ڪراچيءَ ۽ پنجاب جا اردو اديب ماٺ جو مجرم رهيو (سواءِ حبيب جالب جي) رڳو سنڌ جو سجاڳ، ترقي پسند ۽ قومپرست اديب ۽ شاعر ئي هئا، جن نہ رڳو مطالبا ڪيا، پر انهن جي رهائيءَ لاءِ رستن تي بہ نڪري آيا. ڊسمبر جي پوين ڏينهن ۾ حميد سنڌي ”روح رهاڻ“ جي دفتر وٽان اديبن جي احتجاجي جلوس ڪڍڻ جو سڏ ڏنو. سکر، خيرپور، جيڪب آباد ۽ ٻين شهرن جا اديب بہ شرڪت لاءِ حيدرآباد پهچي ويا. ڪوڪر محلي مان، زينت پريس وٽان قلم 144 جي ڀڃڪڙيءَ ۾ اديبن جو جلوس نڪتو جنهن ۾ مڙئي سنڌي ترقي پسند اديبن ۽ اديبائن شرڪت ڪئي. بزرگ اديب بہ ان ۾ پٺتي نہ رهيا. جلوس جي قيادت بيگم زينت چنہ، زرينہ بلوچ ۽ ڊاڪٽر قمر تنوير عباسي ڪئي. جلوس رسالا روڊ، تلڪ چاڙهي، اسٽيشن روڊ تان ٿيندو گاڏي کاتي مان ٿي، ڊي سيءَ جي بنگلي تي پهتو اتي پنهنجي مطالبن جي يادداشت پيش ڪري، پڪي قلعي آيو ۽ هوشوءَ جي مزار تي اچي ختم ٿيو * ان بعد سکر مان اهڙو جلوس ڪڍيو ويو.

* پڪي قلعي ۾ موجود ”Unknown warier“ جي قبر کي هوشوءَ جي قبر قرار ڏنو ويو جو پڪو قلعو ٻاهران آيلن جي قبضي ۾ هو.

هي جلوس راقم جي آفيس وٽان نڪتو جنهن جي رهنمائيءَ چاچي گدائي ۽ مولائي شيدائيءَ ڪئي. جلوس بئراج روڊ، گهنٽا گهر، والس روڊ، فريئر روڊ، ليوڪس پارڪ، منارا روڊ تان ٿيندو ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس وٽ پهتو ۽ پنهنجي مطالبن جي يادداشت مٿي اماڻڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر کي ڏني. جڏهن ساري پاڪستان (اولهه) جي سياستدانن ۽ اديبن دانشورن کي نانگ سنگهي ويو هو يا سراپ لڳي ويو هو تڏهن سنڌ جو اديب ۽ دانشور ئي هو جو حق سچ جي سين هٽي نظرياتي پختگي ۽ ان سان پنهنجي ارپنا (Commitment) جو ثبوت ڏئي رهيو هيو.

اها آهي پاڪستان جي قيام کان وٺي ون يونٽ جي ٽٽڻ تائين سنڌي ادب، ادبي هلچل، ترقي پسند تحريڪ ۽ قوم پرستيءَ جي مختصر تاريخ، جنهن دوران سنڌ ۾ مختلف قوم پرست ۽ وطن دوست انقلابي تحريڪن جنم ورتو. ان مختصر جائزي ۾ ئي توهان کي سنڌ جي سجاڳيءَ، سنڌي شعور جي اوسر ۽ بيداريءَ جي جهلڪ نظر ايندي. ان سڀ ڪجهه جو وجود ۽ بنياد سنڌ جي سجاڳ، ترقي پسند، روشن ضمير، آزاد خيال ۽ حق پرست ادبي ٽولي يا گروهه جو مرهون منت آهي، جنهن جي مهنداري ۽ ذهني سرواڻي شيخ اياز پئي ڪئي آهي. جو ان ساري هلچل دوران "سنڌ جو آواز" ٿي اٿيو ۽ فضا ۾ گونججي ويو. انهن سنڌو ماتا جي سپوت اديبن ۽ دانشورن ئي اهڙي سياسي ۽ ثقافتي هلچل کي جنم ڏنو اُڀاريو ۽ عروج تي رسايو. جو 1967ع واري سکر جي "سنڌ شام" واري جشن جي رپورٽ فيلڊ مارشل ايوب کي پيش ڪندي، جاسوس کاتي لکيو تہ "سرڪار کي بلوچستان جي گن (بندوق) کان وڌيڪ جيئي سنڌ جي سِلوگن (Slogan) (نعري) کان پوءِ ڪرڻ گهرجي." جيئي سنڌ جي نعري تان ئي مشرقي بنگال جو "جئہ بنگلہ" نعرو ايريو ۽ بنگال کي بنگلاديش بڻايو ويو.

ان ساري ادبي ۽ سياسي منظر جي مختصر جائزي بعد توهان کي اياز جي هن مجموعي وارن خطن، انٽرويوئن ۽ تقريرن کي سمجهڻ ۾

ڪاٻه دقت ڪانه ٿيندي، ڇو جو اياز جي تحريرن ۽ تقريرن جو پس منظر اها هلچل ٿي آهي، ۽ انهن حالتن جو ردعمل ٿي انهن ۾ موجزن آهي. ٻئي هڪ ٻئي تي اثر وجهندڙ ۽ عمل ڪندڙ آهن. جتي اياز سنڌ جي انهن حالتن ۽ هلچل کان متاثر ٿي شاعري ڪئي ۽ لکيو تہ موٽ ۾ سندس تحريرن ۽ شاعريءَ وري هلچل تي اثر وجهي، ان کي اڳتي وڌايو تيز ڪيو ۽ قوت بخشي. سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حالتن ترقي پسند ادبي تحريڪ کي جنم ڏنو ۽ ترقيءَ لاءِ محرڪ جذبو بخشيو تہ موٽ ۾ وري ترقي پسند سنڌي ادبي تحريڪ قومي ۽ انقلابي تحريڪن کي جنم ڏنو ۽ منظم ڪيو ۽ اڳتي وڌايو. ان ساري داستان جي اسان کي ۽ اسان کان پوءِ واري ادبي نسل يا گروهہ کي پليءَ پٽ ڄاڻ آهي، پر ڪافي عرصي گذرڻ بعد اسان جي موجوده نئين نسل (اديب توڙي غير اديب) کي گهٽ ڄاڻ آهي، تہ اڄ جي سنڌ ۾ ان جي ڪارفرما قومي ۽ وطن دوست انقلابي لاڙا ۽ رجحان ڪيئن آيا، ۽ اهڙيون تنظيمون ڪيئن وجود ۾ آيون. ان ڪري اياز جي تحريرن ۽ تقريرن تي ڪجهہ راءِ زني ڪرڻ کان اڳ ۾ مٿيون واقعاتي ۽ نظرياتي پس منظر پيش ڪرڻ ضروري سمجهيم. ان ساري فڪري ۽ نظرياتي جدوجهد، جا اياز ۽ سندس رفيقن شروع ڪئي، جي ڪاميابيءَ سان موجوده منزل تي رسائي، ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ رڳو ذات وڏي شيءِ نہ آهي، پر ذات کي ڦهلائڻ لاءِ مچ مچائڻ وڏي شيءِ آهي، ۽ ان مچ کان بہ اهم ۽ عظيم آهي اُهو سچ، جو مچ کي مچائي ٿو. اڄ اها مهان مهما ۽ وستو سچ اسان آڏو آهي. سچ جي مچايل مچ جون چڻيون آسمان کي ڇهي رهيون آهن. سچ جا ويري مچ جي تاءَ ۾ سڙي پڇري رک ٿي چڪا آهن. سچ سوپارو ۽ سرهو سنڌ جي اُفق تي اُلا اُلا ٿي لالائي پکيڙي رهيو آهي.

هن مجموعي ۾ اياز مٿي ڄاڻايل ساري، سياسي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي منظر، سنڌ جي ان صورتحال جي پس منظر ۾ پنهنجي پوري فني، تخليقي، نظرياتي، فڪري ۽ ذاتي ڪردار سان اجاگر ٿيل نظر

اچي ٿو. هنن تخليقن ۾ اياز جي دور جون خارجي حالتون به نظر اچن ٿيون، ته انهن جي ردعمل ۾ سندس داخلي ڪيفيتن جو اظهار به ملي ٿو. سندس شاعريءَ ۽ نثر ۾ ڪو فرق ڪونه آهي. ٻنهي ۾ سندس محرڪ ۽ موضوع، مقصد ۽ مطلب ساڳيائي آهن. هن مجموعي ۾ اياز جا ٽي انٽرويو، ٽي خط ۽ ٻاويهه تقريرون پيش ڪيون ويون آهن، جي 1954ع کان 1987ع جي عرصي واري پيٽي ۾ پکڙيل آهن. هنن تحريرن ۾ سنڌ جي ماضيءَ جي صدين جي پيڙا به آهي ته سنڌي عوام جي هلندڙ سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي استحصال جو اپٽار به. اياز جي هنن تحريرن ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي بقا ۽ احياءَ جي جدوجهد جي تصوير به ملي ٿي، ته سندن ويرين ۽ وروڌين جو منافقيءَ، مفاد پرستيءَ ۽ وطن دشمنيءَ وارو اگهاڙو روپ ٻهروپ به. ڪُتو ڪُڙم جو ويري ڪيئن ٿو ٿئي، ان جو به ذڪر هن مجموعي ۾ ملي ٿو. سجاڳ، سچاڻ سنڌي نوجوان ۽ حق پرست اديب، شاعر ۽ دانشور تي ڪهڙيون ڪهڙيون الزام تراشيون ٿيون، تن جو به بيان هن مجموعي ۾ اوهان کي ملي ٿو. ترقي پسند اديبن ۽ خاص ڪري اياز تي، ڪهڙا بهتان مڙهيا ويا، تن جي تصوير به اوهان کي هت نظر ايندي. هنن ئي تحريرن ۾ اياز انهن الزامن، بهتانن ۽ فتوائن جو پنهنجي طرفان مؤثر، مدلل ۽ مثبت جواب ڏيندي نظر اچي ٿو.

رجعت پرستن ۽ وطن دشمنن طرفان سڀ کان اول ۽ وڏي تهمت اياز تي اها هنئي وئي ته هو پاڻ کي "شاهه ثاني" ٿو سمجهي ۽ سڏائي، ۽ شاهه جي عظمت جو منڪر آهي. جيئن مان مٿي چئي آيو آهيان ته اهي رجعت پرست ئي هئا ۽ آهن، جن شاهه جي ورثي، فن ۽ فڪر کي، الوداع چئي فارسي شاعريءَ جي بي ٻولي ۽ بي مقصد نقالي ڪئي آهي. انهن اردو غزل جي ڪاپي ڪري، پنهنجي حالت ريسالي گدڙ جهڙي ڪري ڇڏي جو نه رڳو ڪل ڪري پين، پر نه چيتا ٿيا نه گدڙ ئي رهيا! اياز جو شاهه جي فن ۽ فڪر کي ورجائڻ، پنهنجي شاعريءَ ۾ اهو ثقافتي ورثو مروج ڪرڻ ۽ اجاگر ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هن

کي شاهہ ۽ شاهہ جي سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ واري ثقافتي ورثي سان ڪيتري محبت ۽ عقيدت آهي. پاڻ تي اهڙن لغو ۽ بي بنياد الزامن جو جواب اياز پنهنجي زبان ۽ قلم سان ڏئي ٿو. ان ڪري نہ تہ ڪو هو انهن الزامن ڪري خائف آهي، ۽ بچاءُ ٿو ڪرڻ چاهي، پر ان ڪري جو هو فنڪار ۽ تخليقڪار واري خلوص ۽ ايمانداريءَ واري جذبي ۽ راءِ کي بيان ڪرڻ ڏاران نٿو رهي سگهي. ماهوار ”سوجهري“ ۾ ڏنل انٽرويو ۾ هو چوي ٿو تہ سنڌ ۾ شاهہ کي رڳو گيڙو رتي لباس ۾ ڏٺو وڃي ٿو. هڪ پير ۽ بزرگ ڪري پرکيو وڃي ٿو. هن جي فني ۽ تخليقي عظمت کي هن مهل تائين ڪنهن نقاد ڇُهيو ئي نہ آهي. ان انٽرويو ۾ اياز پنهنجي دلي خواهش جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ ڪاش! هو شاهہ جي واٽ وٺي، ساري سنڌ گهمي، ۽ هڪ تاريخي ناول لکي، جنهن جو مکيہ ڪردار نائڪ يا سورمو شاهہ لطيف هجي. شاهہ جي واٽ ٻي نہ، پر سنڌي عوام جي پيڙائن ۽ سورن جي واٽ هئي. اياز جي ٻولي سندس چواڻي شاهہ جي دين آهي. ان ساڳئي ئي انٽرويو ۽ ”حريت“ اخبار واري انٽرويو ۾ اياز اعتراف ٿو ڪري تہ هن جي ٻولي شاهہ تان مُستعار آهي. اُتي ئي شاهہ جي عظمت جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ ڳائڻ رستي شاعر جي شهرت عارضي هوندي آهي، اهڙا شاعر ڳائڻ جا محتاج هوندا آهن، پر ڪي شاعر اهڙا هوندا آهن جن جا ڳائڻا ۽ موسيقار محتاج هوندا آهن، ۽ شاهہ اهڙو شاعر آهي.

شاهہ جي تصوف بابت اياز هڪ نئون پهلو يا رخ پيش ڪري ٿو. روسي سفارتخاني ۾ شاهہ تي ڪيل پنهنجي تقرير ۾ هو چوي ٿو تہ شاهہ جو تصوف رڳو ايراني تصوف ۽ هندي ويدانيت جي روايتي ۽ نلهي تقليد نہ آهي. اردو، هندي ۽ فارسي جي صوفي شاعر جيان هن وٽ رڳو ظلم، دولت، اقتدار، تعصب ۽ تنگ نظريءَ خلاف نفرت وارو ناڪاري پهلو نہ آهي، پر هڪ هاڪاري مثبت پهلو بہ آهي. رنگ، مذهب ۽ ذات پات جي مت ڀيد ڏاران انسانيت ۾ ايمان ۽ ويساهہ، انسان سان محبت، عوام سان اُنس ۽ ايفا جو وعدو، ان جي ڏک درد،

اهنج ايذاءَ تي ساڻس همدردي ۽ سندس ڇوٽڪاري ۽ نجات لاءِ اڻ تڻ، هورا ڪورا ۽ لوچ سوچ ۽ جدوجهد هن جي شاعريءَ ۽ تصوف جا مثبت ۽ هائوڪاري پهلو آهن. هن پنهنجي دور جي تاريخي ۽ سياسي حالتن جو گهرو مطالعو ۽ مشاهدو ڪري، پنهنجي موضوعن جي چونڊ ڪري، تصوف سان گڏ پيش ڪيو آهي، جنهن جو ثبوت سندس شاعريءَ ۾ عوامي ڪهاڻيون، اصطلاح، محاورا، استعارا ۽ زبان جو واهپو آهي. شاهه جي فني، تخليقي ۽ ذاتي ڪردار جي عظمت ۽ ان سان عقيدت جو اظهار اياز جي تقرير ”سؤسرن پاڻي، جي تند برابر توريان“ ۾ وڌيڪ واضح انداز ۾ ملي ٿو. اياز چوي ٿو ته شاهه پنهنجي ذات ۽ ڏات کي ان وقت جي فنڪارن ۽ شاعرن جيان انعامن، اڪرامن ۽ خلعتن لاءِ واڪ نه چاڙهيو. ان ڪري هو دائم ۽ قائم آهي، جڏهن ته سندس همعصر ويڪائو گوشهءَ گمناميءَ ۾ غرق ٿي چڪا آهن. اها هڪ سچي فنڪار ۽ ڏاهي جي پنهنجي آدرش سان سچاڻپ آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه اڄ اسان وٽ هڪ علامت ۽ اهڃاڻ جي حيثيت ماڻي چڪو آهي، ۽ اڄ تائين سنڌي شاعريءَ ۾ پيش رو جو مقام والاري ٿو جو درجو ۽ مقام غالب، اقبال ۽ فردوسي نه ماڻي سگهيا. هن جو نصب العين فن ۾ پورڻتا هو. جو هن ماڻيو ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪردارن کي امر ڪري ويو. جي اڄ به سنڌ ۾ علامت طور ڄاتا سڃاتا ۽ واپرايا وڃن ٿا. انهن شاهه جي ڪردارن رستي ئي اسان سنڌي عوام جي جذبن، ڪيفيتن، ظلم، محبت، نفرت، ڏڪار ۽ دلچسپيءَ جو اظهار ڪريون ٿا. اها پڄائيءَ جي فن جي پورڻتا يا تڪميل ئي آهي، جو سندس هر بيت، هر سٽ، هر ڪردار اڄ به اهائي افاديت ۽ اهميت رکي ٿو جا ان کي ٽي سو سال اڳ هئي، پڄائي اڄ به زنده آهي، زنده رهندو ان ڪري جو هن طلب جي تنوار نه ڪئي!

پنهنجي هڪ ٻي تقرير ”سنڌ جو فيلسوف.... شاهه“ ۾ هو ڪليل لفظن ۾ اظهار ٿو ڪري ته شاهه منهنجي روح جو استعارو آهي. هن جو فڪر ۽ شعور منهنجي جيءُ جي روشني آهي، ۽ سندس نغما منهنجي

دل جي ڌڙڪن آهن. سندس آواز محدد کان لحد تائين هر سنڌيءَ جي دل ۾ موجود ۽ گونجندو رهندو. هن کي مقامي حدن اندر محسوس ڪيو ويو آهي، نہ تہ هو جاگرافيائي حدن کان ٻاهر جو شخص آهي. شاھہ جي فڪر ئي سنڌي زبان کي وسعت بخشي آهي. هو رڳو روايتي صوفي نہ هو پر هڪ فلسفي هو تصوف ۽ فلسفي جو تعلق دل ۽ دماغ جي تعلق جهڙو آهي. هڪ حقيقت ڄاڻڻ جو وجداني عمل آهي تہ ٻيو عقلي. افلاطون ۽ ارسطو کان محي الدين ابن عربي تائين ٻنهي جي ميلاپ دل ۽ دماغ کي هڪ جاءِ پئي آندو آهي. شاھہ سنڌ جو مجدد هو. سندس فن ۽ فڪر اڄ بہ ايترو ئي تازو ۽ توانو آهي، جيترو اڍائي ٽي سو سال اڳ. هن وٽ تصنع نالي ڪا شيءِ نہ آهي. هر شيءِ عوامي ۽ عوام مان آهي. هو پنهنجي معاشري ۾ پنهنجي عوام جو روح هو. جو ان کي دڳ لائڻ لاءِ جتن ڪري رهيو هو. هو عام صوفيءَ جيان تارڪ نہ پر طالب هو. حق، انصاف ۽ نياءَ جو. هن لاءِ زندگيءَ ماٺ ۽ ساعت نہ پر تحرڪ ۽ جدوجهد هئي. شاھہ سنڌي سماج ۽ حالتن جي عڪاسي عورت جي ڪردارن رستي ڪئي آهي. اهو ان ڪري جو سنڌي سماج ۾ عورت ئي مجبورين ۽ جبر ستم جي علامت آهي، ۽ مرد ايترو مجبور ۽ محروم نہ آهي. پنهنجي تقرير ”رومي ۽ شاھہ“ ۾ هن شاھہ کي تارڪ الدنيا نہ پر طالب ۽ باعمل صوفي سڏيو آهي، جو بي عمل ۽ تارڪ الدنيا صوفيءَ تي ڪڙي تنقيد ڪري ٿو. سندس تصوف زندگي، عمل ۽ تحرڪ جو تصوف آهي، جنهن جو محرڪ سماج جو ڳوڙهو مشاهدو ۽ مطالعو آهي.

پنهنجي تاريخي تقرير ۾ جا هن، وائيس چانسلر ٿيڻ تي، اديبن جي قافلي سان شاھہ جي درگاھہ تي حاضري ڀرڻ وقت ڪئي، اياز ٻڌائيءَ کي سنڌ جي تاريخ جي پورڙتا سڏيو آهي. هن طلب جي تنوار نہ ڪرڻ بہ شاھہ کان سکي تہ سڀ کان وڏيڪ اثر بہ شاھہ جو قبوليو اٿائين. جيترو ڪلام ڀٽائيءَ جو عوام کي ياد آهي، اوترو ڪنهن شاعر جو نہ هوندو. شاھہ کان پوءِ ڪوبہ شاعر اهڙو نہ ٿيو آهي جو شاھہ کان

متاثر نہ ٿيو هجي. اياز وڏيڪ خراج ڏيندي چيو تہ جي شاهہ جي تند کي دنيا جي شاعريءَ جي صلاحيتن سان تورجي تہ اٿل شاهہ جي تند طرف ٿيندي، پر اسان جا مدي خارج اديب ۽ نقاد شاهہ کي سمجهي ئي نہ سگهيا آهن، ۽ ان جي فڪر سان دنيا کي واسي نہ سگهيا آهن. ڪيس رڳو تصوف جي کوليءَ ۽ مذهب جي ڪوٺ ۾ بند ڪيو ويٺا آهن. شاهہ جي رجعت پرست نقادن تي تنقيد ڪندي، پنهنجي تقرير "ڀٽائي، سنڌ جو خواب" ۾ اياز چوي ٿو تہ اُهي ڇورون آهن، جي شاعريءَ جو رت چوسي رهيون آهن. شاهہ جبر تي اختيار پائڻ جو جذبو عجيب رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. سندس داخلي ڪيفيتون خارجي حالتن سان مشابهت رکن ٿيون. وٽس سماجي حالتن ۽ بيچڙاين خلاف بغاوت ۽ جدوجهد جو پيغام آهي. جڏ کان سواءِ شاعري اوتيل پاٽيءَ جيان هوندي آهي، ۽ شاهہ جي شاعريءَ جي جڙ ان جو آدرش آهي. ان نسبت سان ئي اسان جي نئين نسل جي شاعر جو شاهہ سان ناتو ڳنڍيل آهي. عالم سان لڳاءُ هوندي بہ سنڌ سان پنهنجو ناتو شاهہ کي امر ٿو بڻائي، وطن دوستيءَ مان ڦٽي نڪرندڙ بين الاقواميت، اهوئي خواب آهي جو شاهہ سنڌ لاءِ ڏٺو.

اهي آهن اياز جا شاهہ بابت ٿوري ۾ خيال، رايا ۽ ويچار سوچون وغيره. اها آهي اياز جي آڏو شاهہ جي عظمت ۽ اهميت. ان اظهار ۽ عقيدت کان پوءِ بہ جي مت جا موڙهيا ۽ عقل جا انڌا چون تہ شاهہ جي عظمت ۽ اهميت کان مفڪر اياز پاڻ کي "شاهہ ثاني" سمجهي ۽ سڏائي ٿو تہ اهڙي ڪوتاهہ دماغن، ڪورچشم ۽ جهالت جي سفيرن کي ڇا چئجي؟ سواءِ ان جي تہ ختم الله عليٰ قلوبهم، وعليٰ سمعهم وعليٰ ابصارهم.

اياز ۽ سندس ترقي پسند وطن دوست ساٿين تي، جي گهٽي ڀاڳي کانئس متاثر ٿيل آهن، رجعت پرست عوام دشمن قوتن طرفان، اهو بہ الزام هنيو ويندو آهي تہ هو متروڪ ۽ غير مروج لفظ ۽ ٻولي واپرائين ٿا، جا عوام جي سمجهہ کان مٿي ۽ ڏکي آهي. پيو تہ اهي ترقي پسنديءَ

۽ مغرب جي تعليم ۾ پنهنجي قومي ۽ ثقافتي ورثي کي ڇڏي مغرب زده ٿي ويا آهن! زبان، ادب ۽ شاعريءَ ۾ سنڌي قدرن، روايتن ۽ رجحانن کي ڇڏي ڏنو اٿائون. ان کي ڇڄبو آهي ٻُڌڻ ويو وسري، لڏڻ آيو ياد! مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ رجعت پرستن جو فن ۽ فڪر ڪيترو سنڌي قدرن ۽ روايتن جو حامل آهي. خالص، بي ڍنگي، ڄٽڪي فارسي ۽ اردو شاعريءَ جي نقاليءَ کي تہ هو قومي ورثو ۽ سنڌي ادب جي روايت ٿا سمجهن، باقي جن ترقي پسندن سنڌي فن، لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪي ادب جي قدرن ۽ روايتن کي مروج ۽ عام ڪيو سي ٿيا مرتد، مغرب زده ۽ سنڌي ادبي روايتن ۽ ورثي جا منڪر!

ٻوليءَ جي سوال تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي اياز ”سوجهرو“ واري انٽرويو ۾ چوي ٿو تہ سندس ٻولي کي رڳو اُهي ئي ڏکيو سمجهن ٿا، جن قوم ۽ عوامي سنڌ سان ناتو توڙيو آهي. عوام لاءِ اها ڏکي هرگز نہ آهي. انهن لاءِ تہ شاهہ جي ٻولي بہ ڏکي آهي، ڇو جو اياز جي ٻولي شاهہ جو استعارو آهي. جي شاهہ کي سمجهي سگهن ٿا، سي اياز ۽ نئين شاعريءَ کي بہ سمجهي سگهن ٿا. باقي جي شاهہ کي ئي نہ سمجهي سگهيا آهن، تن تي ڪهڙي ميارا انهن لاءِ تہ شاهہ جي ٻولي بہ متروڪ، پرائي ۽ ڇڏي ڏنل غير مروج آهي. اهي اعتراض رڳو پڙهيل ڳڙهيل جاهل ڪن ٿا جن کي پنهنجي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ ۽ خزاني جي خبر ئي نہ آهي، ۽ فارسي عربي لفظن، ترڪيبن، تشبيهن ۽ اصطلاحن جا غافل عاشق ٿي پيا آهن. اياز جي شاعري ان ٻوليءَ (رجعت پرستن جي عربي ۽ فارسي زده) يا ڪنهن الهامي ٻوليءَ ۾ نہ آهي، پر عوامي ۽ عام سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، جا هن عوام کان اڌاري ورتي آهي. ايليٽ پنهنجي شاعريءَ لاءِ ٻولي، اصطلاح ۽ تشبيهون 17 هين صديءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ مان ورتيون، جو عوامي ورثو هو. اهو ڪجهہ ئي سنڌ جو نئون شاعر ڪري رهيو آهي، جنهن کي رجعت پرست الٽو پنهنجي روايتي ثقافتي ورثي کان منهن موڙڻ ٿا سڏين!

اياز ۽ سندس ساٿين جي شاعري لوڪ ادب، ڪلاسيڪي

شاعريءَ جي سلسليوار لڙهي ۽ حسين سنگم يا ميلاپ آهي. اياز لوڪ ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ کي متروڪ سمجهي ڇڏي ڪونہ ٿو پر ان کي صحيح ۽ عوامي ادب سمجهي ان کان متاثر ٿئي ٿو. بدين جي ثقافتي ميلي واري تقرير ۾ هو کليو کلايو چوي ٿو تہ لوڪ ادب صحيح معنيٰ ۾ عوامي ادب آهي. اهو نہ رڳو ادب آهي، پر عوام جي غيرت جي جنگ آهي. اوپري لاءِ ڌڪار ۽ نفرت جي لڙائي آهي. آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي رغبت آهي. اُهو ڪجهہ آهي جو اڄ ڪلهہ جو نئون ترقي پسند شاعر ڪري ۽ چوي ٿو. لوڪ ڪهاڻيون ۽ گيت ڌرتيءَ مان ڦٽندا آهن. لوڪ گيتن ۽ لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار اڄ بہ عوام لاءِ اوترو ئي اتساهيندڙ آهن جيترو ڪالهہ هئا. اهوئي سبب آهي جو اياز ”دودي سومري جو موت“ جي عنوان سان اوپيرا (سنگيت ناٽڪ) لکيو. هن جي خيال ۾ لوڪ ادب ۽ ان جا ڪردار قومن جي نفسيات جو آئينو هوندا آهن. ٿر جي ميلي جي موقعي تي ڪيل تقرير ۾ اياز سنڌي ثقافت بابت بہ پنهنجو موقف پڌرو ڪيو آهي، جو دروغ گو دشمنن جي منهن تي چماٽ آهي. هن جي خيال ۾ سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جو نہ رڳو سندس جملي شاعريءَ تي نمايان اثر آهي، پر هن پنهنجي ڪلام ۾ عوامي لوڪ گيتن جي ترنم ۽ ڌنن کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. هن جو ان ناتي عوام سان رت ۽ درد جو ناتو آهي. آريائي ۽ دراوڙ ثقافت جي سنگم جو هي لازوال ورثو هن پنهنجي هيئين سان هنڊائي رکيو آهي. اهو ورثو ساهہ ۾ سانڍي ئي اياز ۽ سندس ساٿي نئين سنڌي ادب ۽ شاعري تخليق ڪرڻ جو عزم رکن ٿا.

سنڌ جي فڪري رجحانن، قدرن ۽ ورثي سان اياز کي ڪيترو لڳاءُ آهي، سو سندس انهن تقريرن ۾ عيان آهي، جي هن شاهہ ۽ سچل جي سلسلي ۾ ڪيون آهن. تصوف، سنڌي صوفين واري باعمل ۽ فعل تصوف سان سندس لڳاءُ ثابت ٿو ڪري تہ هن سنڌ جي فڪري ورثي کي ڇڏي ڪين ڏنو آهي، ۽ عوام جي ناتي، ان کي عوامي قدرن ۽ انسانيت جو علمبردار سمجهي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو

آهي. سچل جي مذهبي فراخدلي ۽ انساني رواداريءَ کي هن پنهنجي شاعريءَ جو شعار بڻايو آهي. سچل جي ميلي واري تقرير ۾ هو ڪلاسيڪي تصوف واري شاعريءَ کي ڌرتيءَ ۽ عوام جو ادب سڏي ٿو جنهن وکر کي وقت جي وير ريتي ميتي نٿي سگهي. ان جي پيٺ ۾ اردو فارسيءَ زده غزل گو شاعريءَ کي هو دهلي ۽ لکنو کان متاثر ٿيل شعور کان خالي شاعري سڏي ٿو جنهن ڪو وقت سنڌي ادب کي ڏبڻ ۾ ڦاسائي رکيو هو. اياز هميشه پنهنجي لوڪ ۽ ڪلاسيڪي ادب جي فني ۽ فڪري ورثي کي، زمان ۽ مڪان جي حالتن پٽاندڙ پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪرڻ لاءِ تلقين ڪئي آهي، بجاءِ ان جي جو غالب ۽ اقبال جي تقليد ۽ نقالي ڪئي وڃي.

اياز جي لوڪ ادب، پنهنجي ڪلاسيڪي، ثقافتي ورثي سان لڳاءُ ۽ عقيدت جي حد اها آهي، جو هو اهڙي اداري کي پنهنجي ڪرڻ يا مڃڻ کان انڪار ٿو ڪري، جنهن کي، رجعت پرستن دڪن، دهلي ۽ لکنؤ جي تقليد ڪندي مشاعري جي نالي سان سنڌ ۾ مروج ڪيو. هن مشاعري کي هن مسلم جاگيرداري دور جي ڪلٽهارڪي باقيات يا پاڇي سڏيو آهي. بزم صوفياءِ سنڌ جي هڪ مشاعري ۾ صدارتي تقرير ڪندي هو چوي ٿو ته جاگيردار دور جا وظيفي خوار مضحڪه خيز شاعر، انعام اڪرام ۽ بين نوازشن لاءِ، دربار ۾ وڃي شاعريءَ جون محفلون مچائيندا هئا. سنڌي شاعريءَ جي مزاج سان ئي اهو فعل نٿو ٺهڪي، اسان جا شاعر درباري ڪونه هوندا هئا. بيا سندن آسڻ اڇي سر نوائيندا هئا يا حاضري ڀريندا هئا. هو آسودي طبقي جا محتاج ۽ گداگر نه هوندا هئا ۽ ان ڪري انهن جي قيصده گوئيءَ کان پري هئا. هو ته سنجيدگيءَ سان انسانيت، امن ۽ پيار جو پيغام پکيڙيندا هئا، اسان ترقي پسند انهن جا وارث آهيون، ۽ شاعريءَ ۾ مسخري پڻ اسان لاءِ ڪا معنيٰ نٿو رکي. اياز انهن تقريرن ۾ صاف ۽ چٽو چوي ٿو ته پنهنجي ثقافت سان محبت قدامت پسندي نه آهي، ۽ نه ڪا اُها اوپري يا وسريل وٿ آهي. اها عين اسان جي قومي مزاج ۽ نفسيات پٽاندڙ

آهي. اجنبي روايتن ۽ ريتن کي اياز اهڙي وڻ ويڙهي ٿو سمجهي جا اسان جي ثقافت جي سائي ٻوٽي کي سڪائي ڇڏيندي. ڌرتيءَ، ثقافت ۽ ٻوليءَ سان ئي قوم جو تشخص قائم آهي. جيئن پرائي مڻ وڏيڪ رچي ۽ مچي ٿي، تيئن ثقافت ۽ تهذيب بہ پراڻي تي وڏيڪ ريتي ٿئي ٿي. ثقافت ۾ صدين جي سڃاڻ هوندي آهي. نئين نسل جي نيپاج لاءِ ثقافت ڌرتي ماءُ جي ٿڃ ٿيندي آهي. ثقافتي ورثي سان رغبت ۽ ڳانڍاپي ڌاران، جدت يا نئون فڪر اٽيو ۽ آلوٽو هوندو آهي. جديد سنڌي بيت، دوهو ۽ وائي قديم ۽ جديد جو حسين ميلاپ آهي. اياز مطابق ترقي پسند بغاوت قدامت يا قديم ورثي کان نٿو ڪري، پر مرده ۽ فرسوده قدامت کان ٿو ڪري، ان ثقافتي ورثي کان نہ جو سليس، عام فهم فن ۽ فڪر جي سڃاڻ جو صدين کان حامل آهي، جو ڌرتيءَ جي دين ۽ عوام جي باشعور مشاهدي جو نچوڙ آهي، ان سان تہ سلسلي ڳنڍڻ ۾ ئي اسان جي نجات آهي. جديد سنڌي شاعري ان ثقافتي ورثي ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو سرچشمو آهي. هڪ ٻي تقرير ۾ هو چوي ٿو تہ قديم ثقافتي ادبي ورثو اسان لاءِ اُهي سنگ ميل آهن، جن ڌاران اسان جو سفر اڄ ترقي ڪري هت پهچي، هي منزل نہ ماڻي سگهي ها.

مغرب جي تقليد جي الزام هٽندڙن تي کهڙي ميارا ڌاري ادبي، فني ۽ فڪري تقليد ڪرڻ رجعت پرستن جو مرڪ آهي يا ترقي پسند جو سو مان مٿي واضح ڪري آيو آهيان. باقي جيتري قدر نئين مغربي فڪر کان متاثر ٿيڻ جو سوال آهي تہ فڪر جامد، ساڪت يا دٻي جو بيٺل ڪنو پاڻي ڪونہ هوندو آهي. جيئن تہ شعور مادي جي انتهائي ترقي يافتہ صورت آهي، ان ڪري دنيا جي هر مادي وستوءَ جيان شعور يا سوچ ۽ فڪر بہ ارتقا پذير آهي، ۽ زمان ۽ مڪان مطابق بدلبو اسرندو ۽ ترقي ڪندو رهي ٿو ساڳيو نٿو رهي. ايئن نہ هجي ها تہ دنيا ۾ فيلسوفن جو سلسلو نہ جاري رهي ها. هڪ پيغمبر، سائنسدان يا فيلسوف ئي دنيا ۾ ڪافي هجي ها. پر ايئن نہ آهي. فڪر، سوچ ۽ شعور بہ وقت سان گڏ اوسر ونندا ۽ ترقي ڪندا رهن ٿا. اهو هڪ فطري

۽ سائنسي عمل آهي. ان کان انڪار ڪرڻ يا ان کان ذهن جا دروازا بند ڪرڻ، حقيقت کان اکيون ٻوٽڻ برابر آهي، پٺتي رهجي وڃڻ جي مترادف آهي. نئين فڪر ۽ فلسفي جو مطالعو ڪرڻ به، ڪنهن دانشور، اديب ۽ شاعر لاءِ ايترو ضروري آهي، جيترو پنهنجي تاريخي ورثي جو مطالعو ۽ حالتن ۽ عوام جو مشاهدو. هر اهو فلسفو ۽ فڪر جو سنڌي عوام جي امنگن، ارادن، خواهشن ۽ ضرورتن سان مناسبت رکي يا انهن لاءِ مفيد ٿئي، تنهن کي پنهنجي ثقافتي ورثي جي لبادي ۾ پيش ڪرڻ انڌي تقليد نہ، پر شعوري ۽ ساڃهہ ڀري، عوامي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش آهي. باقي جن دنيا جي ادب، جديد خيالن، فڪرن، نظرين ۽ فلسفن جو مطالعو ئي نہ ڪيو آهي، تن لاءِ اهي خيال پنهنجا ڪرڻ تہ پري رهيو انهن کي سمجهڻ ۽ اهميت جو اندازو لڳائڻ بہ ڏکيو آهي. هو ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ڏاران، تعصب واري روش سان هڪ طرفي فتوائون ڏئي، فڪر ۽ الحاد قرار ڏيو ڇڏين. اهڙن مجهولن ۽ نامعقولن جي ان الزام جي جواب ۾ اهوئي مناسب رويو آهي تہ جواب جاهلان باشد خاموشِ! باقي فني طرح نئين سنڌي شاعري مغرب وغيره جي ڪيتري تقليد ڪئي آهي، سو ادب جي تاريخ ۾ محفوظ آهي. شروع ۾ ترائيل ۽ سانيٽ تي طبع آزمائي ڪئي وئي، پر سنڌي پڙهندڙ جي نفسيات ۽ مزاج مطابق نہ هئڻ سبب هلي نہ سگهيون. غزل ۽ نظم جي اڄ سنڌي شاعريءَ ۾ مروج آهن تہ بقول اياز فارسي جاذبيت ۽ لبادو ختم ڪري خالص سنڌ جي گيڙو رنگ ۾ رنگجي چڪا آهن ۽ عين اسان جي مزاج مطابق ٿي پيا آهن. جو تجربو خليفي گل شروع ڪيو هو، تنهن کي جديد سنڌي شاعري پورڻتا تي پهچايو. دوهو ۽ گيت اپکنڊ جي ثقافت جو حصو هئڻ سبب، اسان لاءِ ڌاريا نہ آهن، ۽ نہ ئي شاعريءَ ۾ محسوس ٿين ٿا. هائڪو لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر اها جپاني صنف بہ مزاج سان نہ ٺهڪڻ سبب پنهنجي اصلي روپ ۾ مقبول ۽ مشهور نہ ٿي سگهي. اڄ اها هڪ نئون خالص سنڌي فارم وٺي ”ٽيڙو“ جي صورت ۾ بدلجي چڪي آهي.

جيتري قدر اياز ۾ اجنبي فني تقليد جو سوال آهي، تہ ان ڏس ۾ هو بالڪل صاف ۽ واضح آهي. سندس ساري شاعري ان جو ثبوت آهي، تہ هن ڪڏهن بہ فني خيال کان اولهہ جي تقليد نہ ڪئي آهي، ۽ جي اوپر (ايراني ۽ اپڪنڊ) جي ڪئي بہ آهي تہ پنهنجي رنگ ۾ رڱي. ”روح رهاڻ“ جي ايڊيٽر ڏانهن لکيل پنهنجي هڪ خط ”هائڪو ۽ سنڌي شاعريءَ جو مزاج“ ۾ هو وڌيڪ وضاحت ڏئي ٿو. هو لکي ٿو تہ هن نہ رڳو اردو شاعري ڇڏي، پر فارسي/ اردو بحر وزن واري شاعري بہ ”پنور پري آڪاس“ کان پوءِ ترڪ ڪري ڇڏي. هو ان وقت سنڌي نئين مروج ٿيندڙ جپاني صنف هائڪو بابت لکي ٿو تہ هائڪو سنڌي شاعريءَ جي سڀاءُ سان ٺهڪي نٿو اچي. پُسي ۽ پيڙُن جي ڏيهہ ۾ چيريءَ کي ڪهڙي معنيٰ مطلب! سياست بين الاقوامي هوندي آهي، پر شاعري بنيادي طرح قومي هوندي آهي. پوري انسان ذات جي شاعري هڪ گلدان آهي، پر هر گل جو رنگ ۽ خوشبو الڳ آهي. انهن جي واسن ۽ ورنن ۾ ساڳيائي ڳولڻ اڪارٿ آهي. شاعريءَ جي ٻيٺ ٻين لطيف فنن، نقاشي يا سنگ تراشيءَ وغيره سان نٿي ڪري سگهجي، ڇو جو ان (شاعري) کي ٻوليءَ جو لوڙهو ڏنل آهي. ان ڪري ان کي ٻيو ڏاريو روپ ڏيڻ ڏکيو آهي. قومي ڪردار جيان شاعريءَ جي بہ ڌرتيءَ ۾ جڙ هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ هائڪو جو تجربو بہ سانيٽ ۽ ترائيل جيان ناڪام ويندو. هائڪو جپان جي فطري شاعري آهي. ڪنهن سنڌي بيت ۾ هائڪو جهڙي ڪيفيت تہ ملي ويندي، پر ”سينريو“/منظر ڪشي جي ڪيفيت نہ. اياز جي خيال ۾ جدت لاءِ اها ٻي چيني احساس ڪمتريءَ جي نشاني آهي، جا شروعاتي دور ۾ ٿئي ٿي. ان ڪري اسان ڏسون ٿا تہ هائڪو پنهنجو روپ مٽائيندو سنڌي سڀاءَ مطابق ٿيڙو ۽ تہ سٽي جو روپ وٺندو پيو وڃي. پنهنجي ثقافتي ورثي سان ايتري لڳاءَ ۽ وابستگي بعد بہ جي ترقي پسندن کي پنهنجي فني روايت کان منهن مٽيندڙ ۽ باغي ڪونيو وڃي تہ اهڙن انڌن ۽ مت جي موڙهيلن جي عقل تي ماتم ڪرڻ ڏاران ڇا ٿو ڪري سگهجي.

ادب ۾ نئين ۽ پراڻي، جديد ۽ قديم جي جهڳڙي بابت بہ اياز ذهني طرح ڪنهن بہ مونجهاري جو شڪار نہ آهي. ان سوال تي سندس موقف بالڪل واضح ۽ اٽل آهي. ان موضوع تي پنهنجي هڪ تقرير ۾ هو ان جهڳڙي ۽ اختلاف کي دائمي ڪوٺي ٿو ۽ کيس فخر آهي جو هن سدائين نئين جو ساٿ پئي ڏنو آهي. جديد ڇا آهي؟ قديم ڇا آهي؟ ۽ انهن مان ڇا قبول ڪجي؟ ان جواب لاءِ مطالعو مشاهدو ۽ دل جي وسعت درڪار آهي. ڪم نظري بہ گهرجي تہ بالغ نظري بہ. ڪم نظري، ان ڪري جو جديد کان جديد ترين اديب ۽ شاعر بہ ماضيءَ کان ڏار ۽ ان جو منحرف نٿو ٿي سگهي. بالغ نظري ان ڪري جو هر سچو فنڪار ڪنهن بہ نقش قدم تي هلڻ کان پاسو ڪندو آهي ۽ پنهنجي راهہ پاڻ متعين ڪندو آهي. پنهنجي تقرير ”جهول ۾ گل، هٿ ۾ مشعل“ ۾ هو جديد سنڌي ادب بابت ڳالهائيندي چوي ٿو تہ هن وٽ رجعت پرستن ۽ قدامت پسندن جي مخالفت جي ڪا اهميت نہ آهي، ڇو جو هو انهن کي اديب ئي نٿو سمجهي. جديد ادب حق ۽ باطل جو شعور آهي، ادب ۾ اجتهاد آهي، ادب ۾ اجتهاد زندگيءَ جي اجتهاد جي ابتدا آهي. اسان جو نئون ادب فرسوده ۽ پيتي ادب کي ريٽي رد ڪري نئين جي پيڙهہ وجهي ٿو. نہ تہ اهو بہ فرسوده ۽ دقيانوسي ادب جيان مساڻ جي ڇپري جي گهور هجي ها. ادب ذهن جي تشڪيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ادب اديب جي روح جو اولڙو آهي. ان کي ڪو مقصد آهي، مقصد پنهنجي قوم لاءِ. جڏهن قوم جي زبان، تهذيب ۽ ثقافت خطري ۾ هجن، تہ مقصد انهن جي بچاءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو! هر وقت سياسي ۽ سماجي موضوع بہ ادب ۾ نيڪ نہ لڳندا آهن، پر مٿين حالتن ۾ سياسي ۽ سماجي مقصدن تي انهن کي ترجيح ڏيڻ ضروري آهي. ادب سياست نہ آهي، پر ادب جي سياسي ۽ سماجي ڪارج کان ۽ افاديت کان انڪار بہ نٿو ڪري سگهجي!

ساڳي ئي تقرير ۾ هن اديبن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ هيءَ دور نهائينءَ جي نيئهن وارو نہ آهي، اندر نہ پچرو ٻاهر ٻاڦ ڪڍو ڦاٽو ڇو

جو وقت جي صدا کان ڪن لاٿار موت جي اڳڪٿي آهي. اهوئي اڄ جي سنڌي اديب جو فرض آهي. اهو ادب جيئرو آهي تہ سنڌ، موهن جو دڙو ۽ ڀٽائي جيئرا آهن. ان (نئين ادب) جا ويري سنڌ جا دشمن آهن، ملير جي مٽيءَ جا دشمن آهن. هن ڪوڙهي سماج جو روح بہ ڪوڙهي آهي. ڏاڍ ڏمر کان منهن موڙيندڙ ڪانئر، رجعت پرست ۽ فراريت پسند اديب ڪاري ڪوهہ ۾ ڪوڙ جي ڪنگري آهي. اُهي حق ۽ سچ چوندڙ اديب کي اشتراڪيت، الحاد ۽ دهريت جا الزام ٿا هڻن. انڌن کي ڪهڙي خبر تہ چانڊوڪي ڇا ٿيندي آهي. فارسي بحروزن ۾ شاعري يا تڪ بندي ڪندڙ شاعر جديد بيت، گيت، دوهي ۽ وائيءَ جي رواني ڏسي حوصلا وڃائي ويٺا آهن. ۽ موٺ ۾ هوش ۽ عقل بجاءِ گارگند جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. هڪ ٻي تحرير ”اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو“ ۾ اياز نئين سنڌي ادب ۾ اديب جي ڪردار تي ڳالهائيندي چيو تہ جو سنڌ صدين ۾ نہ ڪري سگهي، سو توهان اديبن، شاعرن ۽ دانشورن چند سالن ۾ ڪري ڏيکاريو. قومي شعور جي بيداريءَ ۾ جو ڪجهہ اوهان ڪيو آهي، اهو مستقبل جي تاريخ ٻڌائيندي. فن جي اظهار لاءِ جا آزادي گهربل آهي، ان لاءِ جي توهان قربانيون ڏنيون آهن ۽ جا جاکوڙ ڪئي آهي، ان جو مثال برصغير ۾ ڪونہ ٿو ملي. اديبن جي قومي ڏينهن ”جشن روح رهاڻ“ بابت هن ان تقرير ۾ چيو تہ حب الوطني، فني ديانتداري، عالمي امن، سماجي انصاف، اقتصادي برابري لاءِ جدوجهد ۽ هر ترقي پسند قوم جي حمايت رڪاوٽن جي باوجود، اهي مقصد آهن جن لاءِ اسان هر سال هتي ڪٺا ٿيون ٿا. هن دور ۾ جڏهن انعامن اڪرامن، سيرن سفرن ۽ وظيفن تي مخبر فروشيءَ جي بازار گرم آهي، تڏهن اسين ئي آهيون، جو ڪنهن بہ جماعتي تشڪيل کان سواءِ ئي هڪ ادبي جماعت آهيون. ظلم، ڏاڍ ۽ جبر سهڻ جي باوجود ايتري ادبي جنبش آندي اٿئون، جو ڪفر جا ڪوٽ لڏي رهيا آهن، ۽ مورچن تي پهريدار پنهنجو توازن برقرار نٿا رکي سگهن، ڏڪن ۽ ٿڙن پيا. تاريخ جي ڏارا کي وقلي ۽ وهلور وڃي ڪوبہ روڪي نٿو

سگهي. ارتقا جو وهڪرو رجعت پرستيءَ کي لوڙهي لتي ٿو ڇڏي.

اياز جي نقطہ نظر موجب فن ۽ ڪلا ناقابل شڪست آهن، ۽ نہ ئي انهن کي خريد ڪري ٿو سگهجي. سچو فنڪار ڪڏهن ويڪائو وڙ نہ ٿيندو آهي، ۽ نہ ئي هو مصلحت مان ڄاڻيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو ان فن ۽ ڪلا خاطر ئي اياز ڪيترائي دفعا جيل ياترا ڪري آيو آهي ۽ سندس ڪتابن تي بندشون پيون آهن. ظاهري طرح تہ عام ماڻهوان کي فنڪار جي هار سمجهندو پر دراصل ايئن نہ آهي. اها قيد بند جي سزا ۽ تخليق تي پابندي هن جي فن جي فتح آهي. فنڪار کي بند ڪري سگهجي ٿو، سندس فن تي بندش وجهي سگهجي ٿي، پر سندس سوچ جي وهڪري ۽ ارتقا تي ڪابہ پابندي يا روڪ نٿي وجهي سگهجي. اهڙو اظهار اياز پنهنجي "سوجهرو" واري انٽرويو ۾ بہ ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ فن بذات خود "سهڻ سگهہ" (Resisting Power) آهي. جيترو گهرو ۽ اتوٽ رشتو ذات سان هوندو اوترو جيئري رهڻ جي سگهہ ۽ ارادو وڌي ٿو. پنهنجي هڪ خط مورخہ 1_10_1966ع ۾ اياز لکي ٿو تہ شاعري منهنجي لاءِ وبال جان بڻي آهي، ڇو جو مصلحت ۽ زماني سازي مون کي ڏانءِ نٿي اچي. اياز کي انهن فنڪارن لاءِ عزت آهي، جي لکي پڇتائين نٿا. فنڪار جي زندگي سرمد ۽ اورنگزيب درميان پنجہ ڪشي آهي، ۽ سرمد جي شهادت اورنگزيب جو موت آهي. سرمد بہ هڪ فنڪار ۽ ڏاهو هو جنهن ظلم ۽ جبر آڏو ڳاٽ اوچو جهليو پر زماني سازي برداشت نہ ڪئي. اڄ بہ ورديءَ وارو جانور فنڪار سان پنجہ ڪش آهي. هن کي ڊڱي جي منڊيءَ ۽ چيتي جا چنبا آهن. اهو اورنگزيب ڪنهن بہ سماج ۾ مرڻو ناهي. شاعر کي پنهنجو قلم ڏڦو ڪري ڪم آڻڻو آهي. ڪوبہ سچو فنڪار مرندو نہ آهي. هو تاريخ جي وهڪري ۾ ابدي لهر تي جيئندو آهي.

پنهنجي هڪ تقرير "شام صبح جو پيغام" ۾ اياز جديد سنڌي اديب ۽ ان جي ڪردار بابت وڌيڪ چوي ٿو تہ اسين جوَ نما گندم فروش اديب آهيون، گندم نما جوَ فروش سياستدان نہ آهيون. اسين

سچ خاطر وڙهڻ لاءِ هٿيلو ۽ ويڙهاڪ هانءُ رکون ٿا. مدي خارج سازشي شعور جي ارتقا کي روڪڻ لاءِ مذهب ۽ سياست کي استعمال ڪري اقتدار اڳيان ليلڙائيون ٿا ڪن، حق ۽ سچ کي دٻائڻ لاءِ. پر اسان جي شمع بلند آهي ۽ بلند رهندي. پنهنجي ٻي هڪ تقرير "سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي" ۾ اياز چوي ٿو ته اسان جو شاعر قصيده گو ۽ ڪورنش بجا آڻيندڙ نہ آهي. هو طوائفن جي ڪوٺي تي شراب جي بوتل لاءِ گڙ گڙائيندڙ نہ آهي. جاگيرداري دور جي تهذيب جي ڪريل ڪنڊر هن کي ڇهيو بہ نہ آهي. هو سدائين روحاني فيض، روشنيءَ ۽ سچ جو سرچشمو رهيو آهي ۽ رهندو.

"ادب جو نئون پراڻو نظريو" واري عنوان هيٺ تقرير ۾ مصلحت بابت اياز چوي ٿو ته ماحول فنڪار کي متاثر ڪندو آهي، ۽ فنڪار ماحول کي. پر باغي فنڪار ان جو محتاج نہ آهي، هو پنهنجو ماحول پاڻ پيدا ڪري ٿو. فن ۾ ماحول سان مصلحت آميزي عظيم ترين گناهہ آهي. فن حسن، محبت ۽ سچائيءَ جو اڻ ٽڪ ۽ اڏول پاسبان آهي. اهو نظريو اڄ بہ ايترو ئي سچو آهي جيترو سچل جي ڏينهن ۾. اڄ جي سنڌ جو ادبي ماحول اريج آهي ۽ اديب جي وهہ جو ورن پيو آهي. جيئن شاهہ چيو آهي تہ:

آسڻ جن اريج، تن جي وهہ جو ورن پيو.

ادب ۾ فراريت ۽ مقصد کان هٽي يا پڇي وڃڻ بہ اياز کي پاڻ ۾ نٿو پوي. هائڪو بابت پنهنجي خط ۾ بحث ڪندي هو چوي ٿو تہ هائڪو جي رس گلن ۾، وقتي طور، حقيقت جي تلخيءَ کان فرار آهي، ۽ فن جي ان عملي جدوجهد کان فرار آهي، جا قوم جي تقدير بدلائي سگهندي آهي. اڄ سنڌ جي حالت ڇا آهي. انسان کي ڪو تحفظ نہ آهي، نہ اجهو نہ اٽو ۽ نہ لٽو آهي. زبان تي پهرو ۽ قلم تي پابندي آهي. ان حالت ۾ تصوري عياشيءَ لاءِ ڪنهن بہ اهل دل شاعر وٽ گنجائش نہ هئڻ گهرجي. جتي ٻولي گوليءَ جو ڪم ڏئي انڌيري دنيا جي اپيماني ڳالهہ اڏائي سگهي ٿي، تہ آڪ مڪڙي تي هائڪو لکڻ مان ڇا فائدو؟!

اديب جي ذاتي زندگي يا ادب ۾ ذاتيات جو ڇا عمل دخل هئڻ گهرجي يا آهي؟ شهرت ۽ ناموري اديب تي ڪيئن اثرانداز ٿئي ٿي؟ ادب ۾ اجتماعيت بدران انفراديت جو ڪيترو دخل هئڻ گهرجي؟ ان موضوع تي بہ اياز بلڪل صاف ۽ واضح آهي. ”برسات“ ۾ آيل انٽرويو ۾ ان موضوع تي ڳالهائيندي هو چوي ٿو تہ اصل شيءِ مسئلن ڏانهن پهچ ۾ رويو آهي. اها تخليقي عمل سان ئي ٻي جي ذهن تائين پهچي ٿي، ان سان ئي فنڪار ۽ تخليق ڪار کي سڃاڻي سگهجي ٿو ۽ سڃاڻڻ گهرجي. باقي ذاتيات ۾ جهاتيون پائڻ سان اهو فنڪار ۽ مفڪر نہ سڃاڻي سگهبو. اديب جي شهرت ۽ ناموريءَ بابت اياز جو خيال آهي تہ اهي فن لاءِ هاڃيڪار يا مهلڪ نہ آهن، پر جي ڪا شيءِ مهلڪ آهي تہ اهو آهي فن ۾ ڪماليت جو احساس. ”حريت“ ۾ ڏنل پنهنجي انٽرويو ۾ هو چوي ٿو تہ مان شهرت کان مرعوب نہ آهيان ۽ نہ ئي اها منهنجي تخليقي ڪم ۾ رڪاوٽ ٿي سگهي ٿي. ناموري فنڪار جو حق آهي، ان ڪري ان جو فن لاءِ هاڃيڪار ٿيڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. اياز جو خيال آهي تہ اڇا ڪيس، اها شهرت نہ ملي آهي، جا سندس حق آهي. ساڳي ئي انٽرويو ۾ هو چوي ٿو تہ سندس شهرت جو ڪانئس تڏهن پڇيو وڃي، جڏهن سندس دنيا جي ٻولين ۾ ترجمو ٿئي. في الحال هو پنهنجي زندگيءَ کي اڃا گم ناميءَ جي زندگي سمجهي ٿو. اياز اجتماعيت ۾ ويساهہ رکندڙ مفڪر ۽ فنڪار آهي. هن جي لفظن ۾ (جهول ۾ گل هٿ ۾ مشعل) اجتماعيت زندگي آهي ۽ انفراديت اُن لاءِ مهلڪ آهي. پر فن ۽ تخليق جي باري ۾ هو انفراديت جو منڪر نہ آهي. ساڳي هنڌ هو چوي ٿو تہ هر فنڪار لاءِ انفراديت ايتري ضروري آهي، جيتري گل لاءِ خوشبو اها انفراديت ئي آهي، جا ڪنهن عمارت کي تاج محل بڻائي ٿي، تہ هر عمارت عمارت ئي آهي. هر رنگن جو ميلاپ مونا ليزا نٿو تيار ڪري، ان چٽر کي پنهنجي انفراديت آهي، جا ٻين چٽرن ۾ ڪانہ آهي. اديب، شاعر ۽ فنڪار بابت اياز پنهنجي تقرير ”اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو“ ۾ چوي ٿو تہ هر فنڪار جي

فني انفراديت هن لاءِ پنهنجو پنهنجو رستو متعين ڪري ۽ ٺاهي ٿي. ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ان ڪري ڪو اجتماعيت ختم ٿي ٿي وڃي يا ختم ڪري ڇڏجي. اڄ جي سنڌي ادب جو مثال ونو. فني طرح هر اديب ۽ شاعر منفرد آهي، پر اجتماعي طرح اسين سڀ هڪ ۽ گڏ آهيون. اسان جا رستا ۽ طريقا ڀيا ڀيا آهن، پر منزل ۽ سوچ هڪ آهي. اجتماعيت سوچ ۾ هئڻ ضروري آهي، باقي ان جي اظهار جو اسلوب ۽ انداز منفرد ٿي سگهي ٿو ۽ پل ٿيڻ گهرجي.

اياز پنهنجي تقريرن ۾، جي ادبي، ثقافتي جشنن کان سواءِ شاگردن جي جلسن ۽ جشنن ۾ ڪيل آهن. اڪثر شاگردن جي ان ڪردار جي سارهہ ڪئي آهي، جو هنن اديبن ۽ دانشورن جي فڪري تحريڪ کي اڳتي عملي ميدان ۾ آڻڻ لاءِ ادا ڪيو آهي. هن شاگردن جي ڪردار جو نہ رڳو اعتراف ڪيو آهي، پر ڪين ان لاءِ خراج تحسين بہ پيش ڪيو آهي. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگرد يونين طرفان ملهايل ”سنڌي شام“ جي مشاعري جي صدارتي تقرير ۾ شاگردن کي ان ڳجهارت پڇڻ جون مبارڪون ڏنيون آهن تہ، ”ڪانون ڪاٺ پياس، هي مرون نہ منهنجي وس!“ ان جي پڇٽي آهي ”جيئي سنڌ“ جو نعرو. جو شاگردن پنهنجو قومي شعور بڻايو هو. هن چيو تہ اسان جي نئين نسل جي شاگرد مارئيءَ جي امانت سنڀالي آهي. هينئر بہ دنيا کي هڪ نئين تهذيب جي باب (اڳ موهن جي دڙي جي تهذيب جيان) ڏيڻ جو بار ۽ ذمو توهان تي آهي. توهان حق ۽ سچ جي اها مشعل بلند رکندا اچو. سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي! اياز سنڌي شاگردن جي جدوجهد جي يادگار ڏينهن 4 مارچ کي سنڌ جو ”يوم مئي“ May Day ٿو سڏي، جڏهن 4 مارچ 1967ع تي سنڌي شاگردن ظلمن ۽ آمريت خلاف پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو حيدرآباد ۾ جهولايو هو ۽ ڦليليءَ جو رنگ ريٽو ڪيو هو.

سنڌ،سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي موجوده سياسي، سماجي ۽ ثقافتي استحصال واري صورتحال جو آئينو اياز جي شاعري آهي. اهوئي

سبب آهي جو پنجاهي ۽ سائيڪي واري ڏهاڪي ۾ ”جيئي سنڌ“ سان گڏ ”سنڌ جو آواز شيخ اياز“ جو نعرو به اڀريو ۽ گونجيو. اياز ائنٽي ون يونٽ جي هلچل ۾ ترقي پسند وطن دوست انقلابي اديبن جي سرواڻ جي حيثيت ۾ ان جدوجهد جي علامت بڻجي پيو. شاعريءَ کان سواءِ پنهنجي نثري لکيتن ۾ اياز ان موقف تي مڙسيءَ سان بيٺو رهيو. ”شام صبح جو پيغام“ عنوان واري تقرير ۾ هن سنڌ ۾ سنڌيت بابت ڪليل لفظن ۾ ڳالهايو آهي، ۽ ان نسبت سان ترقي پسند اديب ۽ رجعت پرست نقاد جي ڪردارن کي واضح ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته سنڌيت هڪ عظيم ۽ امر حقيقت آهي. قوميت لاءِ گهربل سڀ گهرجون ۽ لوازمات سنڌي قوم ۾ موجود آهن. هڪ جاگرافي، هڪ تاريخ، هڪ زبان، هڪ ثقافت ۽ ساڳيا اقتصادي ناتا ۽ سرشتا! ان ڪري پاڪستان ۾ اسان جي هڪ مخصوص حيثيت آهي. اسان جي قوم ئي اپکنڊ ۾ تهذيب جو سرچشمو ۽ بنياد آهي. اسان جي زبان اڄ کان پنج هزار سال اڳ هن ڌرتيءَ ۾ جڙون کپايون هيون. سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي طور اسين ڪافي عرصو ستا رهياسين، يا اسان جو استحصال ڪيو ويو. هاڻي نيٺ اهو جمود ٽٽو آهي. اسان ۾ گهڻي وقت پڄاڻان خودي جاڳي آهي. اقبال واري، برگسان کان اڌاري ورتل خودي نه، پر خودي، جا قومي ضمير جي بيداريءَ مان پيدا ٿيندي آهي، ۽ جنهن کي ڪوبه سمهاري نٿو سگهي. ان خوديءَ جو وجود سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌيت سان آهي. هھڙو دور، جنهن مان اسين گذري رهيا آهيون، ڪنهن به قوم، ڪڏهن نه ڏٺو هوندو، جڏهن ادب پنهنجي بقا لاءِ جدوجهد سان گڏ قوم ۽ زبان جي بقا لاءِ به اجتهاد ڪري رهيو آهي. جيڪي فرد ان ادب ۽ اهڙن اديبن خلاف مهم ۾ رڌل هجن، تن کي ڇا چئجي؟ انهن شترن ۾ فن ۽ فڪر جي بلندي ته پري رهي، پر رواجي ذهانت ۽ عام ديانت به نه آهي. جيڪي ڇپرا آزاد نظم کي اشتراڪي سازش سمجهن، تن کي توهان ڇا چوندا؟ ڪين اها به خبر نه آهي ته آزاد نظم ملٽن وٽ به آهي، جو تڏهن شاعري ڪندو هو جڏهن اشتراڪي

فلسفي جي باني ڪارل مارڪس جو پيءُ به اچا ڪونه ڄايو هو.

سنڌي ٻوليءَ بابت اياز سڪر ۾ ڪيل پنهنجي تقرير "سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهنديءَ" ۾ چوي ٿو ته قوم جي سڃاڻ ٻولي آهي. ڌرتي ۽ ٻولي قوم لاءِ لازم آهن. ڌرتيءَ کان سواءِ قوم وجود رکي سگهي ٿي، ٻوليءَ ڌاران نه. ون يونٽ رستي اسان کان ٻنهي شين کسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر سنڌ جي سپوتن مقابلو ڪري ٻئي وستوئون واپس ورايون. سنڌي دنيا جي قديم ترين ٻولي آهي. وٽس جو لفظن ۽ ادب جو خزانو آهي سو دنيا جي ڪنهن زبان ۾ ورلي هوندو. اسان جي لغت جي ضخامت پنهنجن جلدن ۾ آهي، ته لوڪ ادب جي چاليهن جلدن ۾، ته ڪلاسيڪي ادب جو ڪاٿو ئي ڪونه آهي. اڄ اُن ٻوليءَ کي ميسارڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. اسان تي ڌاري ٻولي ۽ ثقافت مڙهي پئي وڃي. انهن بنگال ۾ ضمر ٿيڻ ۽ ملي وڃڻ جي مخالفت ڪئي، ۽ سنڌ ۾ به مد غم ٿيڻ لاءِ مزاحمت ڪري رهيا آهن. انهن سان مذهبي بنياد پرست سياسي جماعتون ۽ انهن جا پاڙيتا سنڌي رجعت پرست دلال ساٿ ڏئي رهيا آهن. هو جيئي سنڌ ۽جيوي پنجاب جي نعرن کان ڇو خائف آهن؟ انهن جون اخبارون ۽ رسالا اسان خلاف ڇو واويلا ڪري رهيا آهن. ان گنگا جمني ثقافت ۽ زبان وارن کي اپڪنڊ جي ٻين زبانن ۽ ثقافتن بابت نفسياتي احساس ۽ مونجهارا آهن. نهروءَ جهڙو ودوان پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "Discovery of India" ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب جو ذڪر ته ڪيو آهي، پر شاهه لطيف جي شاعريءَ جو ذڪر ڪرڻ به مناسب نٿو سمجهي. پاڪستان جو دانشور پاڪستاني ثقافت تي ضخيم ڪتاب لکي ٿو پر ان جو تاتپرج به غرارو شيرواني، پان، مشاعرو ۽ مجرو آهي! انهن لاءِ ثقافت معنيٰ يوپي يا هندي ۽ اردو ٻوليءَ وارن علائقن جي ثقافت آهي! هت اردو جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، سو هندستان ۾ يوپي جي ٻولي هندي ڪري رهي آهي. ٻئي گنگ و جمن ماتريءَ جون جاڙيون ڀينر! جيئن هت پاڪستان جو مطلب اسلام ۽ اردو ورتو وڃي ٿو، تيئن هندستان

جو مطلب وري پارت ماتا ۽ هندي ورتو وڃي ٿو. هت اسان وٽ به ڪي صديون اهڙا عنصر عربي ۽ فارسي زبان ۽ ثقافت کي اسلامي ثقافت جي نالي ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا ۽ عوامي زبان ۽ ثقافت کي نظرانداز ڪندا رهيا، پر سنڌ جو عوام ۽ ثقافت ناقابل شڪست رهيا آهن ۽ رهندا. اڄ استحصالي حاڪم ٽولو ڪن غرضي مفادن خاطر هند، مسلم يا گنگا جمني ثقافت ۽ زبان کي عين اسلامي چئي اسان مٿان ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر اسان مات ٿيڻ وارا نه آهيون. اسان کي پنهنجي عظيم عوامي ورثي تي فخر آهي. ان موقف ڪري اسان تي شاونسٽ هئڻ جو الزام ٿو هنيو وڃي. اسين شاونسٽ نه آهيون، پر سنڌي ٿي رهڻ، جيئڻ ۽ مرڻ ٿا چاهيون. هو چڙڪي رهيا آهن، ڏجي رهيا آهن، ڇو؟ پنهنجي صورت ڏسڻ کان اهو ڏجندو آهي، جو ڪوڙهي ۽ بدصورت هوندو آهي. اڄ هو اسان کي پنهنجي ڪوڙهي ثقافت آڇي رهيا آهن، جا تاريخ جي آئيني کان چڙڪي رهي آهي. اسان جي تاريخ، موهن جي دڙي کان مياڻيءَ تائين، ثقافت ۽ ادب جي پرندڙ مشعل کي ڪوڙهي ثقافت جي نرجن، پينن جا مرٽينگ هٿ ڇا وسائي سگهندا..!

ان ساري قومي، وطن دوست ۽ انقلابي جدوجهد ۾ اياز پاڻ کي ڪيترو ملوث ٿو سمجهي ۽ ذميداري ٿو محسوس ڪري، اهو ته سندس شاعريءَ ۾ ئي عيان آهي. پر نثر جي لکڻين ۾ به هو پنهنجي اُن آدرش ۽ مقصد سان ارپنا تسليم ٿو ڪري. مدد علي سنڌي ڏانهن، جيل مان لکيل پنهنجي خط ۾ هو ان سوال تي دل کولي اظهار ٿو ڪري. هو چوي ٿو ته جيل ۾ اڪثر ڪيس پنهنجي آرام، آسائش ۽ سک واري زندگي ۽ ٻار ٻچا ياد ايندا آهن. جيل جون مشڪلاتون، طبيعت جي ناسازي، مڙندڙ عمر ۽ تڪ جڻ ڪيس ختم ڪريو ڇڏين. پر ظلم ۽ ڏاڍ خلاف بي انتها نفرت انهن ناروا ۽ غيرمناسب حالتن ۾ به ڪيس زنده رکيو پئي آئي. انهن حالتن ۾ هن جيل ۾ تمام گهڻو شعر لکيو. شاهه جا اڪثر سُر نئين فڪر ۽ پس منظر سان لکيائين. سکر جيل جي گرميءَ ۽ سج جي

تپش ڪري سندس خون جي گردش تيز ٿي ويندي هئي. پر شعر لکڻ وقت سندس دماغ اليڪٽرڪ شيور جيان هلندو هو. سمجهندو هو جڻ جواني موتي آئي هيس. ان وقت هو پنهنجي پيڙا کي لکها عوام ۽ ديس واسين جي پيڙا ۾ سمائجي ويندي ڏسندو هو. پنهنجي پاڻ مان نڪري هو تاريخ جي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ سمائجي ويندو هو. جيل جون ديوارون سندس اڳيان گم ٿي ويندڙيون هيون. اهڙيءَ ريت اياز قيد ڪرڻ وارن کي شڪست به ڏئي ٿو ته ديس واسين سان يڪجهتي به ڏيکاري ٿو. ساڳئي ئي خط ۾ هو چوي ٿو ته مان مرڻو نه آهيان. ڇو جو آزاديءَ جو عزم ڪڏهن نه مرندو آهي. اياز پنهنجي شناخت ”آزاديءَ جي عزم“ سان ٿو ڪري. ظلم خلاف لڙندي موت امرتا آهي. اهڙيءَ ريت اياز سنڌ جي مقصد، قومي آدرش، عوام سان يڪجهتي جو وڏي واڪ اظهار ۽ اعلان ٿو ڪري.

سنڌ سان ثقافتي ميدان ۾ ٿيندڙ استحصال جي مکيه ڌر هندو مسلم ثقافت جا داعي ۽ دعويدار رهيا ۽ آهن. مان لفظ مهاجر ان ڪري نٿو استعمال ڪريان، جو مهاجر ۾ هڪ وڏو گهڻ زباني ۽ ثقافتي گروهه اچي وڃي ٿو. جڏهن ته استحصال ڪندڙ انهن مهاجرن مان هڪ اقليتي ثقافتي حلقو آهي، جو گنگاجمني ثقافت جو مالڪ ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٽولي جو حصو آهي. اياز ان اقليتي لساني گروهه جي ڪردار، نفسيات، ماضي، حال ۽ مستقبل جو پورو پورو شعور منڍ کان ئي رکي ٿو ۽ رکي پيو. هو ڇا آهي، ڇا پيو ڪري، ڪيس ڇا گهرجي؟ ان بابت اياز جي سوچ سنڌ جي ٻين سياسي ۽ ادبي دانشورن کان ڌار يا نرالي نه آهي. اياز به هر امن ۽ انسانيت پسند اديب ۽ شاعر جيان بين الاقواميت ۾ ايمان رکي ٿو ۽ ڪنهن به انسان، سندس زبان يا ثقافت کان نفرت نٿو ڪري. پر جڏهن ڪا زبان يا ثقافت، ٻي زبان يا ثقافت جو استحصال ٿي ڪري ته ان حالت ۾ ان کي ننڍڻ، سندس ان استحصالي ڪردار سبب ايترو ضروري آهي، جيترو ڪنهن استحصالي طبقي کي ننڍڻ ضروري هجي. اياز ان متعلق به ڪنهن

ابهام کان ڪم نٿو وٺي. هو چاٽي ٿو تہ اها زبان، ثقافت ۽ انهن جا والي وارث ڪهڙو ڪردار پيا ادا ڪن، ۽ ان جي برعڪس ڪين ڪهڙو ڪردار يا ورتاءُ اختيار ڪرڻ گهرجي.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ طرفان 1971ع ۾ ملهايل ”جشن سنڌ“ جي موقعي تي ڪيل تقرير ”مرڪن ساريون ماريون، ڪرن سارا ڪوٽ“ ۾ هو موجوده ڪراچيءَ جي ورهاڱي کان اڳ واري ڪراچيءَ سان ڀيٽ ڪري ٿو. هن چواڻي ڪراچي هينئر ڀيو سڀ ڪجهہ هئي، پر سنڌ نہ هئي. ڀنائيءَ ڪي اتان ٽڙيو ويو هيو. ولي دڪنيءَ کان غالب تائين ڪراچيءَ تي قابض ٿي ويا هئا. هند مسلم ثقافت سنڌ مسلم ثقافت کي نيڪالي ڏئي چڏي آهي. اڄ علامہ دائود پوٽي واري ڪراچيءَ بجاءِ مشاعرن واري ڪراچي آهي، جو ماحول ئي سنڌ لاءِ اوپرو ۽ اجنبي آهي. ايتري قدر جو اسلام سان گڏ ڪميونزم بہ اردو تي وٺي آهي. مون کي اردوءَ کان نفرت نہ آهي. مون اردو ۾ شاعري بہ ڪئي آهي. ٽي مهينا اردو شاعري ڪيم ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين جو نائب صدر چونڊيائون. پر مون محسوس ڪيو تہ اردوءَ زمين کان اُکڙجي جمي نہ سگهندي. کڙي ٻولي، ڀاشا، راجستاني، ميواتي ۽ پوربي وغيره کان ڪٽجي، هوءَ وڏي ويجهي نہ سگهندي، ۽ سنسڪرت جيان رڳو ڪتابي زبان ٿي وڃي رهندي. ان ڪري سنڌ ۾ رڳو سنڌي زبان ۾ ئي ذهانت کي منطقي نتيجي تي پهچائي سگهجي ٿو. مون اردوءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ وقت پئي وڃايو، ان ڪري اندروني سنڌ هليو ويس. 1949ع کان پوءِ اڄ پهريون دفعو ون يونٽ جي لعنت ختم ٿيڻ بعد، ڪراچيءَ ۾ اچي پاڻ کي سنڌ ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان، ۽ ان کي سنڌ جو حصو پيو سمجهان. اڄ جڏهن سنڌي ادب ۽ اديب سنڌ جي تقدير مَٽائي ڇڏي آهي، تڏهن ڪراچيءَ ۾ سنڌ جو غير اردو مهاجر، ترت سنڌ ۾ جذب ٿي ويندو. باقي ڀيو مهاجر بہ ايئن گهڻو وقت نہ رهي سگهندو جيئن ڪِوليون ماڪيءَ جي لار تي نہ رهي سگهنديون آهن. ان تقرير ۾ اياز ڪليل لفظن ۾ چيو هو تہ هندستان سان نفرت جي باوجود

اسان تي هند مسلم ثقافت زوريءَ مڙهي پئي وڃي. هند سان نفرت کي سنڌ سان نفرت ۾ تبديل نہ ڪيو وڃي. هن اردو دان طبقي کي اپيل ڪئي تہ هو هر نظريي ۽ ازم کان اردوءَ سان نہ پرکين. جيئن مهاجر مسلمان لاءِ اڳ ۾ اردو ۽ پوءِ اسلام آهي، تيئن مهاجر مارڪسوادي بہ اڳ ۾ مهاجر ۽ پوءِ مارڪسسٽ آهي. هو قومي انقلابي جمهوري جدوجهد ۾ اڳ ۾ نہ ٿيندو، رڳو طبقاتي جدوجهد جي ڳالهہ ڪندو. اردو ڪامريڊ سڪرنڊ جي هاري ڪانفرنس ۾ پنهنجي اجاري داري رکندا، کوکلا نعرا هڻندا، ڇو جو کين سنڌي هاريءَ جي مسئلن جي ڪهڙي خبر، جنهن جي زبان ئي هو نٿو ڄاڻي. حيرت آهي تہ اندرون سنڌ ۾ هاري ڪانفرنس بہ اردو ڪانفرنس ٿيو پوي، جو شروع بہ اردوءَ سان ٿئي ۽ ختم بہ اردوءَ سان. اها عوام سان، مظلوم طبقن سان ڪهڙي قسم جي پهنجائي آهي؟ سو رڳو مهاجر ڪامريڊ ئي سمجهائي سگهي ٿو! هو سنڌ جي معروضي حالتن کان غيرواقف رهي، ڪافي هائوس ۾ ويهي انقلاب جي منصوبہ بندي ڪندا آهن. اها ثقافتي فاشزم نہ آهي تہ ڇا آهي؟ ان ڪري اياز اردو ترقي پسند کي صلاح ٿو ڏئي تہ هو سنڌ سان پنهنجي سڃاڻپ (Identify) ڪرائي، نہ تہ سنڌي هاڻي طبقاتي، جدوجهد، مارڪسزم ۽ انقلاب جي سائنس ۾ هنن کان گهڻو اڳتي نڪري چڪا آهن، ۽ هو ڪانئن گهڻو پٺتي تصوراتي دنيا ۾ رهجي ويا آهن، ۽ ان تصوراتي انقلابي دنيا ۾ ئي پيا پٽڪندا وتندا. اسان کين پنهنجو ڪنداسين، بشرطيڪ هو اسان جي ماءُ کي ماءُ سمجهن. سنڌ رڳو اقتصادي استحصال جو شڪار نہ آهي، پر سياسي ۽ ثقافتي جو بہ. انهن سيني استحصالن لاءِ گڏيل جدوجهد هلائڻي آهي. استحصال استحصال آهي، پوءِ ڪٿي اهو ڪهڙي بہ ميدان ۾ ڇو نہ هجي.

اياز سنڌ ۽ سنڌي عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ جدوجهد جي طريقي، راه عمل ۽ حڪمت عمليءَ بابت بہ ڪنهن مونجهاري ۾ نہ آهي. رجعت پرست سنڌي اديب ۽ ان جون آقا بنياد پرست مذهبي جماعتون، سنڌ جي ترقي پسند اديبن تي شاونزم، فاشزم ۽ تنگ نظريءَ ۽ قومي

تعصب جون تهمتون هڻندا آهن، پر ساڳي ئي وقت، پنهنجي جهالت جو چٽو ثبوت ڏيندي، مٿن ڪميونسٽ ۽ ملحد هجڻ جي فتويٰ بہ داغ ڪندا آهن. پهريون بيان ڪيل تهمتون ڪميونسٽ سان لاڳو ٿي ئي نٿيون سگهن، پر جاهلن تي ڪهڙي ميار! هنن کي تہ مڙئي پگهار حلال ڪرڻي آهي، پوءِ ڳالهہ نهي نہ نهي، ڪانوءَ جيان لڙ تہ پيو ٽيندو. سنڌ ۽ سنڌين جي نجات لاءِ جدوجهد بابت اياز جي بہ اهائي سوچ آهي، جا ڪنهن ترقي پسند وطن دوست انقلابيءَ جي هئڻ گهرجي. هو بورجوا قوم پرستيءَ جي ڪڌهن بہ وڪالت ڪونہ ٿو ڪري. هر جاءِ، هو عوامي جمهوري انقلاب جي ڳالهہ ٿو ڪري ۽ طبقاتي جدوجهد ۾ پنهنجو ويساهہ ڏيکاري ٿو "برسات" ۾ ڏنل انٽرويو ۾ هو چوي ٿو تہ پاڻ جدليات جو قائل آهي، پر ان ۾ انساني آزاديءَ جو عنصر بہ شامل هئڻ گهرجي. هو في الوقت موجوده صورتحال ۾ جمهوريت  جي بحالي ۽ مذهبي رواداري تي مبني سياسي سماجي سرشتي کي انقلاب جي پهرين منزل ٿو تصور ڪري. ان بعد ئي سماجواد ۽ ساميواد لاءِ صحيح معنيٰ ۾ جدوجهد هلائي سگهبي. ان لاءِ شاگرد، هاري، مزدور ۽ وچولي طبقي کي گڏجي جدوجهد هلائڻي پوندي، اهو انقلاب ئي انصاف تي مبني سماج ٺاهيندو جو سنڌ جي ضرورت آهي. تصوف ۽ ان جي موجوده حالتن ۾ اهميت ۽ افاديت بابت بہ اياز واضح آهي. هن جنون ۽ بنياد پرستيءَ واري دور ۾ رڳو تصوف ئي ان جو رد يا توڙ ٿي سگهي ٿو جو مذهبي رواداريءَ ، برابري، سيڪيولرزم، انساني محبت ۽ صلح ڪل جو فلسفو آهي. هن تعصب، تنگ نظريءَ، جبر، ڏاڍ، نفرت ۽ جنون جي دور ۾ اهو خودشناسي، خداشناسي  جو فلسفو ئي انسانيت، امن ۽ محبت جو بچاءُ ٿي سگهي ٿو. اياز مڃي ٿو تہ اهو فلسفو سترهين، ارڙهين يا اڻويهين صديءَ واري مڪتب فڪر طور مقبول نہ ٿي سگهندو پر ان جي مذهبي رواداري، سهپ، انسانيت، محبت، صلح ڪل ۽ سڏارڪ پهلوءَ کي چڱيءَ ريت لاڳائتي نموني واهپي ۾ آڻي سگهجي ٿو.

طبقاتي ۽ انقلابي جدوجهد ۾، وچولي طبقي ۽ ان جي ڪردار بابت بہ اياز وٽ ڪو ابهام ڪونہ آهي. پنهنجي 1966.10.1ع واري خط ۾ هو لکي ٿو تہ وچولو طبقو پنهنجون خوبيون ۽ خاميون رکي ٿو. هن ۾ اڳواٽيءَ جون صلاحيتون تيستائين نہ پيدا ٿينديون، جيستائين هو پاڻ کي لاطبقاتي (De_Classify) نٿو ڪري. لاطبقاتي ٿيڻ بعد هو سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي صلاحيت رکي سگهندو. پنهنجي لاءِ نفرت ۽ هاري مزدور لاءِ بي انتها محبت بعد ئي هو جدوجهد لاءِ ڪارگر ٿي سگهي ٿو. جڏهن هو هاري مزدور جي تقدير کي پنهنجي تقدير سمجهندو. اهوئي سبب آهي، جو اياز کي ڪئنرا ڪئنرا انٽليڪچيوئل ڪونہ وڻندا آهن. اهي اتهاس جي هٿ ۾ ڪاغذي لغڙ آهن، جي هڪ ٻئي کي ڪاٽا ڪرڻ جي فڪر ۾ آهن، پر ڪنهن ڏينهن طوفان کين ڪاٽا ڪري ڇڏيندو. اهي شهري وچولي طبقي جا دانشور اڳڙيءَ جا انقلابي آهن. سچو پچو انقلابي رڳو "ڇٽ" ئي ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت اياز جو ويساهہ آهي تہ عوامي ۽ طبقاتي جدوجهد کان سواءِ هر انقلاب بي معنيٰ آهي. پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ هو چوي ٿو تہ ٿوم ۽ ڊوڙي جي خوشبو ڪنهن بہ گل جي خوشبو کان وڌيڪ حقيقت رکي ٿي. اقتصادي مسئلن حل ڪرڻ کان سواءِ، روحاني مسئلا محض بڪواس آهن ۽ وڌيڪ ڪا معنيٰ ڪونہ ٿا رکن. قلم برابر ڪا معنيٰ رکي ٿو پر ڪنهن مسئلي جو حل نہ آهي. بندوق قلم کان ڳري ۽ حاوي آهي. بندوق ۽ قلم هڪ ٻئي جو ساٿ ڏئي سگهن ٿا، پر شرط اهو آهي تہ اها صحيح ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هجي. اهڙي ريت اياز واضح ٿو ڪري تہ سنڌ کي ڪهڙي نموني جي جدوجهد درڪار آهي، بورجوا قوم پرستي واري جمهوريت يا وطن دوست انقلابي ۽ عوامي جمهوريت لاءِ جدوجهد!

گذريل ست اٺ سال، اياز ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ ماٺ آهي، ۽ عوام سان لاڳاپو ختم ڪري چڪو آهي. ان بابت ڪيئي متضاد چميگوين ۽ رايا پئي ظاهر ڪيا ويا. ايئن برابر آهي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ٿيڻ کان پوءِ، اياز ڪنهن عام

اجتماعي يا ادبي ميڙ محفل ۾ ڪونہ آيو پر اهو چوڻ تہ هو اهو عرصو ماٺ رهيو سراسر غلط ٿيندو. جيڪي ڪيس ويجهو هئا، تن کي خبر آهي تہ اهو سارو عرصو هو ماٺ ڪونہ هيو. هو اڳياس ۽ رچنا جي شغل ۾ رُڌو ئي رهيو. هو سانده لکندو ئي رهيو پر پبلڪ پليٽ فارم تي ڪن مجبورين ۽ قانوني ۽ اخلاقي ذميدارين سبب نہ آيو. ان جو ثبوت اهو آهي تہ گذريل ٻن ٽن سالن ۾ سندس اڌ درجن کان وڌيڪ ڪتاب ڇپجي بازار ۾ اچي ساڳي مقبوليت ماڻي چڪا آهن، جا وائيس چانسلر کان اڳ واري اياز جي هئي. اهو ان عرصي دوران لکيل مواد، ٻڌائي ٿو تہ اهو سارو ظاهري ماٺ وارو وقت، هو سنڌ، سنڌين ۽ پنهنجي آدرشن کان ذرو بہ پري نہ رهيو آهي. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ اياز خلاف ان سلسلي ۾ وهم ۽ انديشا يا الزام انهن شخصن طرفان ٿا اٿاريا وڃن، جي پاڻ ادب ۽ فن جي دنيا مان روپوش ٿي ويا آهن، سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ خسيس ملازمتن تي ماٺ يا منڪريءَ جو روزو رکي ويٺا آهن. سرڪاري خرچن پکن تي سير سپاٽا ڪري ان حڪومت جي شان ۾ قصيدا گوئي ڪن پيا، جنهن جي دور ۾ سنڌ سڀ کان گهڻو سٺو ۽ وڃايو آهي. ڪي اهڙا دانشور بہ انهن ۾ شامل آهن، جي سو ٻن سون لاءِ اهڙن سرڪاري ابلاغ جي ادارن، ٽي وي ۽ ريڊيو وغيره تي وڃي وعظ ڪن ٿا، جن ادارن جو اسان جي نئين نسل کي قومي گمراهيءَ جي اوڙاهہ ۾ گهلي وڃڻ جو ڪردار ڪنهن کان بہ ڳجهو نہ آهي. سو اهڙيءَ ريت مينهن تي ڳئونءَ تي پيچ ڪاري هئڻ جو الزام هڻي، پر اياز جي تازن ڪتابن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هن نہ ماٺ اختيار ڪئي هئي، نہ ئي مصلحت بازيءَ کان ڪم ورتو آهي. اياز جو ادبي ڪردار سنڌ جي قومي، وطن دوست، انقلابي ۽ عوامي جمهوريت لاءِ ايترو تہ اڻ مٽ ۽ اَمٽ رهيو آهي، جو اهي وائڙيون ۽ شخصي ويڙ وروڌ واريون بهتان تراشيون سندس عظمت ۽ آدرش سان لڳاءَ کي ڪوبہ نقصان نہ رسائي سگهيون آهن. هو ادبي ( ان ناتي سياسي) دنيا ۾ اڄ بہ اوترو ئي مشهور ۽ مقبول آهي، جيترو اڳ هو. سنڌ

يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر ٿيڻ سان جي اياز جو قدڪاٺ گھٽجي ويجي ها تہ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ٿيڻ سان محمد ابراهيم جوئي جو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي سيڪريٽري ٿيڻ سان جمال ابڙي جو بہ گھٽجي وڃي ها! اهي ٻئي انهن ملازمتن ۾ هوندي بہ ذهني ۽ آدرشي طرح سدائين اسان سان گڏ رهيا آهن. اسان منجھن ڪا تبديلي محسوس ڪانہ ڪئي آهي. اهڙيون بهتان تراشيون صرف اهي ئي ڪندا آهن، جن جي پنهنجي اندر ۾ چور هوندو آهي، جيئن مان مٿي چئي آيو آهيان.

باقي رهيو سندس اهو عرصو پبلڪ اجتماعن کان پري رهڻ جو سوال، ان بابت هڪ وضاحت تہ مان مٿي ڪري آيو آهيان. وڌيڪ هو پاڻ بہ ڪري ٿو. سچل نيشنل سيمينار 1982ع ۾ پنهنجي پيش ڪيل مقالي "چرخي چت نہ لڳا" ۾ هو پنهنجي گوشہ نشينيءَ جو سبب ڏئي ۽ وضاحت ٿو ڪري. ان ۾ سچل جي هڪ بيت جي ان سٽ جي وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ ڪڏهن شاعر ۽ ڪلاڪار جي دلي ۽ ذهني ڪيفيت اهڙي ٿي ويندي آهي، جڏهن هن جو من فن ۽ تخليق ۾ نہ لڳندو آهي. جيئن ڪتڻ واري جو چرخي تان چت ڪڇي ويندو آهي تہ آٽڻ ايندي دل نہ ٿيندي اٿس. هر تخليق ڪار ۽ فنڪار جي زندگيءَ ۾ اهڙيون گهڙيون اچن ٿيون، جڏهن سندس دل فني تخليقي ڪارج مان پرجي وڃي ٿي ۽ هو بنا سبب جاتي، ماٺ ماٺ رهي ٿو. سندس من چيو ئي نٿو ڪري، چو؟ ان لاءِ هن کي سبب ئي نظر نٿو اچي، تہ وضاحت ڪيئن ڪري. اها ذهني جلاوطنيءَ واري ڪيفيت اياز تي بہ ڪجھ عرصو پنهنجي يارن ۽ پيارن کان پري رهي، طاري رهي. يقيني ۽ بي يقينيءَ جي وچ ۾ بڏتر واري ڪيفيت! ڪرڻ نہ ڪرڻ جي چڪتاڻ واري ذهني حالت. ان حالت ۾ هو سچل کان ان ڪيفيت بابت سوال ٿو پڇي، "چرخي چت نا لڳڻ، مين آٽڻ ڪيوين اوان؟" سچل وٽان ئي جواب ٿو مليس:

سر ڏي سچل ساجن ليوين، تل نهين هڪ تاوڻ دا!

ان سٽ ۾ ڪيس ”آتڻ ڪيوين آوان؟“ جو جواب ملي ٿو وڃي، ۽ آتڻ تي هليو ٿو اچي.

مان مٿي چئي آيو آهيان تہ ان ذهني ڪيفيت ۾ اياز ڪنهن جمود يا سانت ۾ نہ رهيو. هو مطالعو ڪندو رهيو پنهنجي ادب جو عالمي ادب جو. ڪڏهن لکندو هو تہ ڪڏهن ذهن يا نوٽ بوڪ تي نوٽس وٺندو هو. پنهنجي ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي آنڌين ۽ انڌيرن جو مشاهدو ڪندو رهيو ۽ ذهني تنهائي واري ڪيفيت ۾ دراصل هو پل تعمير ڪندو رهيو. انسان ۽ انسان جي وچ ۾ پل، ازل ۽ ابد جي وچ ۾ پل. پنهنجي آخري تقرير ”سچ جي پل ۽ ڪوڙ جو ڪوٽ“ جا هن پهرين جنوري 1987ع تي سنڌي ادبي سنگت جي انعامن ورهائڻ واري تقريب تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڪئي. هن پنهنجي ان ذهني تنهائيءَ واري ڪيفيت ۽ ان مان نڪري اچڻ جو ذڪر اپٽار سان ڪيو آهي. يوگوسلاويائي ڪهاڻيءَ جي نائڪ هڪ انجنيئر جيان، هو اهو سارو گمناميءَ وارو وقت، عوام لاءِ، ماڻهن لاءِ، هڪ خطرناڪ درياهہ پار ڪرڻ واسطي، هڪ مضبوط پل اڏي رهيو هو. تخليق جي پل، حق ۽ سچ جي پل، جنهن تان لنگهي عوام خطرناڪ درياهہ اُڪري وڃي. اهڙي پل جا انسان کي انسان سان ملائي، ازل کي ابد سان ڳنڍي، شاعريءَ جي پل. پوءِ ڪيس (اياز کي) احساس ٿو ٿئي تہ رڳو ناهڻ ئي ڪافي نہ آهي. اهو بہ سنو تہ پل نهي راس تي وئي، پر گڏوگڏ ڪجهہ ڍاهڻ بہ ضروري آهي، ان ڪري هو انهن اديبن سان عملي ساٿ ڏيڻ ضروري ٿو سمجهي، جي ان ڪوڙ جون پاڙون پٽي رهيا آهن. هينئر وري ڪيس اڳ جيان انهن جو ساٿ ڏيڻو پوندو. آخر تائين، جيستائين اهو ڪوڙ جو ڪوٽ ڍهي پٽ نہ پيو آهي، جو سنڌس تخليق ڪيل سچ جي پل سان نهڪي نٿو اچي. ستن سالن جي ان تنهائي ۽ اڪيلائي ۾ اها تخليق واري سچ جي پل ناهڻ کان پوءِ، ڪوڙ جي ڪوٽ ڍاهڻ لاءِ هو وري پنهنجي ساٿين سان ساٿ ڏيڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري ٿو اچي. هو ڪوڙ جي ڪوٽ کي ڍاهڻ جي اٽل

ارادي سان نڪري آيو آهي، پنهنجي ذات سان، سچ سان، ۽ سچ جو مچ مچايو آهي، اُن سچ سان!

هي هو اياز پنهنجي تحريرن جي آئيني ۾. ان مان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ٿا ته اياز جو رويو ورتاءُ ۽ ڪردار سنڌ جي سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي استحصال ڌانهن ۽ خلاف ڪهڙو پئي رهيو آهي. اياز جي انهن تحريرن جي آئيني ۾ اوهان سنڌ جي ترقي پسند، وطن دوست، انقلابي ۽ عوامي جمهوري تحريڪن ۾ اياز جي حصي ۽ ڪردار جي چٽي ۽ صاف صورت به ڏسي سگهو ٿا. انهن تقريرن ۽ تحريرن ۾ اياز ۽ ترقي پسند اديبن تي تنقيد ۽ حملي ڪندڙن کي منهن ۾ لڳندڙ جواب به ملي ٿو. هنن تحريرن ۾ انهن گهل گهوڙا ڪندڙن کي به موٽ ملي ٿي، جي اياز جي فڪري، فني، قومي ۽ عوامي ڪردار کي نظرانداز ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي، اياز جي هڪ شخصي فعل (وي سي ٽيڙ) کي ڪٽي، جو ڪنهن به طرح ۽ وقت قومي ڪاريه لاءِ هاڃيڪار نه ٿيو پنهنجي تهمتن جو نشانو بڻائين ٿا، ۽ اهڙي ريت ننڍڙي ڪين جهڙي حرڪت ۽ شرارت سان، هٺ جي ترين سان سچ جي شعائن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

هن مهاڳ ۾ مرتب، مرحوم غلام محمد گراميءَ جي شاهڪار مقالي ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“، ۽ اردو ڪتاب ”ادب کي نام پر“، ساٿي همسفر رسول بخش پليجي جي ڪتاب ”انڌا اونڌا ويچ“ ۽ ابن حيات پنوهر جي ڪتاب ”سنڌي ادب ۽ اسان جا اديب“ تان گهڻو لاڀ ورتو آهي. ان لاءِ مرتب سندن ٿورائتو آهي. باقي تفصيل ۽ مواد مرتب پنهنجي حافظي ۽ شخصي فائيلن (اخباري ڪٽنگس، هئنڊبلن، ڪتابڙن ۽ ٻئي پرچاري ادب تي مشتمل) تان ڪٽي واپرايو آهي. اياز جي هڪ انٽرويو ”انڊيري ۽ سويري جي آس“ ۽ ٻن تقريرن ”سنڌ جو خليفو- شاهه“ ۽ ”رومي ۽ شاهه“ جو اردوءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو نوجوان ساٿيءَ هادي پٽ ڪيو آهي، جنهن لاءِ مرتب سندس

ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

ٽوراٽتو آهي.

مون کي اميد آهي تہ ڪتاب جي مواد جي مطالعي کان اڳ ۾ هن مهاڳ جو مطالعو پڙهندڙ لاءِ اياز کي پرکڻ ۽ پروڙڻ ۾ آسانيءَ ۽ سولائيءَ پيدا ڪري ڇڏيندو. ڪنهن بہ عظيم ۽ اونهي فنڪار ۽ تخليقڪار کي سمجهڻ لاءِ، سندس تخليق جي پس منظر ۾ ڪارفرما ذهني ۽ فڪري محرڪات ۽ سياسي، سماجي ۽ واقعاتي حالتن کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ تمام ضروري هوندو آهي. هن طويل مهاڳ لکڻ جو مقصد بہ ربگو اهو ۽ اهوئي آهي.

**رشيد ڀٽي**

3.3. 1987ع

بئراج روڊ سکر (سنڌ)

# خط

# انٽليڪچيوئل ۽ انقلاب

(هي خط شيخ اياز پنهنجي حيدرآباد واري هڪ دوست ڏانهن پهرين آڪٽوبر 1966ع تي لکيو. جو ماهوار ”روح رهاڻ“ حيدرآباد جي جنوري 1968ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.)

1- آڪٽوبر 1966ع. ادا، ڪُتي جو منهن ڪُتي جو منهن آهي، پوءِ اهو سواستيڪا جي جهنڊي هيٺان هجي يا ٻئي ڪنهن جهنڊي هيٺان. فاشي ڪتي گوئرنگ چيو هو ”جڏهن مون اڳيان ڪوبہ آرٽ جو نالو وٺندو آهي، تڏهن منهنجو هٿ پستول ڏانهن ويندو آهي!“ ٻيءَ جنگ عظيم ۾ فاشزم شڪست کاڌي، ۽ نيورمبرگ جون ڪارروايون انسان ذات لاءِ عبرت ٿي آيون، پر اسان وٽ تہ اجا تائين ڪرسيءَ ڪرسيءَ تي ڪُتو وينو آهي ۽ ڪاٽينا ڏيکاري رهيو آهي. ڪالهہ اهڙي هڪ پسونءَ گهرايو ۽ چيائين تہ ”تو هيٺن چو لکيو آهي ۽ هونءَ چو لکيو آهي؟“ مون چپن ۾ چيو ”تون سامراج جو ڪفن چور آهين. تون قانون جي ڪل ۾ انڌي گهوڙي آهي، تون اهو اٺ گاڏو آهين، جنهن ۾ آمريڪا جا ٽاير ۽ عرب جو اٺ آهي، تون ڏاڍي اڳيان گونگو ۽ هيٺي اڳيان ٻوڙو آهين. مان توکي ڇا ٻڌايان تہ مون هيٺن چو لکيو آهي ۽ هونءَ چو لکيو آهي؟“

هن ڪڙڪي سان چيو ”ڪجهہ ڏاڍيان چؤ تہ مان بہ ٻڌان!“

مون مجبور ٿي جواب ڏنو ”تو شاعريءَ لاءِ سند بہ ورتي آهي ڇا؟ تو وٽ ”هشم و جام سڪندر“ آهي“ مون وٽ ”رسم و راهہ قلندري“•“

---

• تو و حشم و جام سڪندري، من و رسم وا راهِ قلندري (قرات العين طاهره)

تون مون کي ڇا سمجهي سگهندين!“

”ڇو مون علامہ اقبال کي پڙهيو آهي، مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي. ”رسم و راه قلندري“ ڇا آهي!“

”تو هن جي آيه ان الملوڪ جي تفسير بہ پڙهي آهي؟ تو اهو بہ پڙهيو آهي تہ هن سلطنت کي غالب قومن جي جادوگري ڪوٺيو آهي ۽ اهو بہ چيو آهي تہ آخر اسرائيل جو خون جوش ۾ ايندو آهي ۽ ڪوئي موسيٰ سامريءَ جو طلسم ٽوڙي ڇڏيندو آهي؟“

”نہ، اهو ڪهڙي شعر ۾ چيو اٿائين؟“

”توکي اها خبر آهي تہ علامہ اقبال جو فلسفو خود هڪ سامريءَ جو طلسم آهي!“

”اهو ڪيئن؟“

”ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ فاشزم ڪهڙي راڪاس جو نالو آهي؟ تو نتشي پڙهيو آهي؟ توکي اهو علم آهي تہ ”بقول زردشت“* جي ”فوق الا انسان“ ** ۽ هٽلر ۾ ڪوئي خاص فرق نہ آهي؟ توکي علم آهي تہ روميءَ جو ”انسان ڪامل“ ڇا آهي ۽ ان کي علامہ اقبال ڪيئن پيش ڪيو آهي؟ ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ ”انسان ڪامل“ لاءِ شاهين جي تشبيهہ پهرين ڪنهن ڏني هئي. شاهين، جنهن لاءِ ڪبوتر کي چيرڻ ڦاڙڻ ”لهو تيز رکڻ“ جو هڪ بهانو آهي! ڇا تون يهوديءَ لاءِ نفرت ۽ ”شانتيءَ جي پوڄاريءَ“ لاءِ ڌڪار ۾ ڪوئي نفسياتي امتياز ڪري سگهندين؟ ڇا تون ٻڌائي سگهندين تہ حڪيم الامت، مسولنيءَ ۽ نادرشاهہ جي مدح سرائي ڇو ڪئي آهي؟“

”منهنجو ايترو مطالعو نہ آهي، مون لاءِ منهنجو يقين ڪافي آهي!“

”تو علامہ اقبال جو اهو فارسي شعر پڙهيو آهي، تہ بہ سؤ گڏهہ انسان جو فڪر پيدا ڪري نٿا سگهن.!“

---

* Thus Spake Zarathushtra

** Superman

”ها، مون اهو پڙهيو آهي، ان ۾ جمهوريت تي طنز آهي.“

”چڱو جي تو اهو پڙهيو آهي، تہ ٻڌ: علامہ اقبال جي دور ۾ بہ سو گڏهہ انسان جو فڪر پيدا نٿي ڪري سگهيا. پر اڄ بہ ڪروڙ گڏهہ بہ انسان جو فڪر پيدا ڪري نٿا سگهن. تون چاهين تہ انهن جو تعداد اڃا بہ وڌائي سگهين ٿو.“

هو تپي لوهہ ٿي ويو ۽ چيائين ”تون زبان دراز آهين!“

”گونگو نہ آهيان!“

”مان تنهنجي جڀ ڪپي، توکي گونگو ڪري ٿو سگهان!“

”گوئرنگ! پوءِ مون تي ميار نہ رهندي!“

ادا، اها شاعري، اها طبيعت جي روشني مون لاءِ بلا ٿي آئي آهي. اکر اڳيان ايري، واڳو ٿي وريا آهن. ههڙيءَ افسر شاهيءَ کي ڇا چوان تہ ”اي پيسي ۽ عهدي جا هڏا چوسيندڙؤ! اوهان ڇا ڄاڻو تہ مون وٽ کهڙي امرت رس آهي!“ تو مون کي بار بار چيو آهي تہ زماني سازيءَ کان ڪم وٺان ۽ ڪڏهن ڪڏهن سيزر کي سلام ڪندو رهان، پر مون کان اهو نٿو پڄي. هتي فقط سيزر کي سلام تہ نہ ڪرڻو آهي، ڪورنش بجا آڻڻي آهي. ڪن، پڪڙ ۽ نڪ گيسات ڪرڻو آهي، ۽ ٻئي کي صليب تي ڏسي، منهن ڦيرائي ڇڏڻو آهي. اهي پورا ٽوٽيون ٽنيا منهنجا پرڪيل آهن، نيٺ اها صليب سيزر جي مٿي تي ڦهڪائي هٽبي، فقط ڪجهہ وقت جي دير آهي!

ادا، مون کي انهيءَ ڪويءَ ۽ ڪلاڪار لاءِ عزت آهي، جو مٿئين معاملي ۾ نراج وادي• آهي، جنهن پڙهي پڇتايو نہ آهي ۽ ڪڙهندي ڪيٻايو نہ اٿائين. هر سچي فنڪار جي زندگيءَ ۾ اورنگزيب سان سرمد جي پنجہ ڪشي آهي، ۽ سرمد جي شهادت اورنگزيب جو ابدي موت آهي. تو سرمد جي زندگي پڙهي آهي؟ دراصل امير خسرو ۽ سرمد هن ننڍي کنڊ جا بہ عظيم وحدت پرست فنڪار هئا، جن جي زندگيءَ تي اڃا تائين ايتري تحقيق نہ ڪئي ويئي آهي، جيتري هنن جي

---

• نراج وادي Anarchist

اهميت آهي. سرمد، جنهن کي ننڍي جي هڪ سنڌي ڇوڪري جي محبت، مجاز جي پل تان اوڪاري، حقيقت جي پرار تي پهچايو هو، هونءَ ته هڪ مجذوب شاعر هو جنهن عريانيءَ کي هر لباس تي ترجيح ڏني هئي، پر هن جي وحدت پرستيءَ، هن کي برصغير جي سياست ۾ ڇڪي، هن کان دارا شڪوه جي حمايت ڪرائي، ۽ هن اڳڪٿي ڪئي ته سلطنت دارا شڪوه کي ملندي. هن جا معتقد وڏي رهيا هئا ۽ ان ڪري اورنگزيب سازش ڪري، قاضي القضات کان فتويٰ وٺي، هن کي شهيد ڪرايو. سرمد جي زندگي هڪ شاعر جي بيباڪيءَ، حق گوئيءَ ۽ ان جي اگري نتيجي جو عبرت انگيز داستان آهي. محمد اڪرام پنهنجي ڪتاب ”رودِ ڪوثر“ ۾ لکيو آهي:

”اورنگزيب، ملا عبدالقويءَ کي موڪليو ته هو سرمد کي ڪپڙن پائڻ لاءِ تاڪيد ڪري. ملا، سرمد کي گهرايو ۽ هن کان پڇيو ته ”تون اگهاڙو ڇو ٿو رهين؟“ پتو ناهي ته سرمد ان وقت ڪهڙيءَ لهر ۾ هو! هن رڙ ڪئي، ”شيطان قوي آهي!“ ملا قويءَ کي، ”شيطان قوي (ڏاڍو) آهي“ جو فقرو ڏاڍو ڪڙو لڳو هوندو، پر رڳو اگهاڙپ ڪنهن جي قتل جو سبب ٿي نٿي سگهي. ان ڪري سرمد جي فرد جرم (چارج شيٽ) ۾ اضافو ڪيو ويو. قتل جو بهانو هن جي هڪ رباعي به هئي، جنهن جي باري ۾ چيو ويو هو ته ان مان معراج جو انڪار ثابت ٿئي ٿو. معلوم ٿئي ٿو ته اورنگزيب جي محتاط طبيعت انهيءَ کي به ڪافي نه سمجهيو ۽ هن علماءَ کي چيو ته سرمد کي چيو وڃي ته هو ڪلمه طيبه پڙهي. هن کي معلوم هو ته سرمد جي هڪ عجيب عادت هيءَ به آهي ته جڏهن هو ڪلمه طيبه پڙهندو آهي، تڏهن ”لاالله“ کان اڳتي نه وڌندو آهي. جڏهن علماءَ، سرمد کي ڪلمي پڙهڻ لاءِ چيو ته هن لاالله کان اڳتي نه پڙهيو جو ڪلمه نفي آهي. (يعني ”الله ڪونه آهي“). ان تي علماءَ اعتراض ڪيو ته سرمد چيو ته ”مان هن وقت تائين نفيءَ ۾ غرق آهيان ۽ اثبات جي مرتبي تي نه پهتو آهيان. جڏهن پهچندس، تڏهن الاالله به چوندس.“ علماءَ فتويٰ ڏني ته لاالله چوڻ ڪفر آهي ۽ جي سرمد توبهه

ڪري ته نيڪ، نه ته واجب قتل آهي. سرمد توبهه نه ڪئي، جنهن ڪري ٻئي ڏينهن هن کي جامع مسجد جي سامهون قتل لاءِ وٺي ويا. سرمد ان وقت گدگد ٿي نظر آيو. جلاد هن جي سامهون آيو ته هن مرڪي (فارسيءَ ۾) چيو ته "توتي گهور وجان! اچ، اچ! تون جنهن صورت ۾ به اچين ٿو مان توکي چڱيءَ طرح ٿو سڃاڻان" ۽ پوءِ هيٺيون شعر پڙهي، تلوار جي هيٺان ڪنڌ رکي ڇڏيائين.

(ترجمو): شور ٿيو ۽ مون عدم جي خواب مان اک کولي،

ڏٺم ته اجا فتني جي رات باقي هئي، وري سمهي پيس!

"ماثر الامراء" ۾ سرمد جي قتل جا سبب لکندي چيو ويو آهي ته، جيڪڏهن سچ پڇيو وڃي ته قتل جو سبب دارا شڪوه جي سنگت هئي، نه ته سرمد جهڙا اگهاڙا مجذوب ۽ آزاديءَ سان گفتگو ڪرڻ وارا گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڦرندا هئا ۽ انهن کي ڪوئي پڇندو به نه هو." ٻئي به هڪ تذڪري نگار لکيو آهي ته "چون ٿا ته سرمد جو دارا شڪوه سان رستو هو ۽ گهڻو ڪري عالمگير کي پٽيندو هو. وڌيڪ حال جي حقيقت جو علم الله کي آهي." مولانا ابوالڪلام آزاد به ان خيال جي تائيد ۾ لکيو آهي، "ايشيا ۾ هميشه کان پالٽيڪس مذهب جي آڙ ورتي آهي ۽ هزارين خونريزيون، جي پوليٽيڪل سببن ڪري ٿيون آهن، تن کي مذهب جي چادر ۾ ڇپايو ويو آهي."•

ادا، توکي منهنجي تحرير بي ربط ته نٿي لڳي؟ گوئٽنگ، اقبال، سرمد، اورنگزيب، ملا قوي. آخر تون پڇندين ته انهن جي ذڪر ۾ ڪهڙو منطقي تعلق آهي؟ جي تون تاريخ ۾ ٿبي هٽي ڏسندين ته ان ۾ توکي انهيءَ ذهنيت جو تسلسل ملندو، جنهن سان دؤر دؤر ۾، ڪنهن نه ڪنهن سچي فنڪار پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، تڪر ڪاڏو آهي. مون کي مفڪر ۽ فنڪار جي انانيت وڻندي آهي، ڇو ته اها جبر جي احساس برتريءَ خلاف ڍال آهي. جنهن انسان موت جي جبر کي للڪاريو آهي، ۽ جو پنهنجيءَ تخليق کي جاودان ڪري سگهيو آهي،

---

• "رودِ ڪوثر"_ محمد اڪرام صفحا 264_265

اُن لاءِ زندگيءَ جي جبر اڳيان سر جهڪائڻ اسهائيندڙ آهي. مشرق ۽ مغرب جي فن ۽ ادب ۾ اهڙا ڪيئي مثال آهن. جڏهن سرجڻهار ڏاڍ ۽ ڏمر اڳيان ڳاٽ اوچو رکيو آهي ۽ زماني سازيءَ جي ذلت برداشت نہ ڪئي آهي. مون ڪي روسي شاعر يوتو شينڪو جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ اهو پڙهي حيرت نہ آئي تہ پرولتاري انقلاب کان پنجاهہ سال پوءِ بہ شاعر کي افسر شاهيءَ خلاف جدوجهد جي ضرورت نظر اچي رهي آهي. مان پانيان ٿو تہ اهو ڪرسيءَ ۽ورديءَ وارو جانور جنهن کي ڏيڳي جي منڊي ۽ چيتي جا چنبا آهن. ڪنهن بہ سماج ۾ مرڻو نہ آهي ۽ شاعر کي سدائين پنهنجو قلم ان تي ڏقو ڪري ڪم آڻڻو آهي.

مارڪسي فلسفي موجب طبقي جو مفاد اهو زنجير آهي، جنهن ۾ هر انسان جڪڙيو پيو آهي ۽ هن جي فڪر ۽ عمل جي ڪڙي ڪڙيءَ ۾ جڙي پئي آهي. پر ساڳئي فلسفي لاطبقاتي (Deiclassed) مفڪر جي وجود کي بہ ڪافي اهميت ڏني آهي. جاگيرداري طبقي منجهان هوندي، ان طبقي جو ڪسان تي بہ انتهائي ظلم ڏسي، جيڪڏهن ڪنهن مفڪر کي بورجوا انقلاب جي چاهنا ٿئي ۽ هو ان لاءِ وڙهي، يا سرمائيدار طبقي منجهان هوندي، پرولتاريت جي بدحالي ۽ بورجُوا نظام جي خونريزي ۽ سفاڪي ڏسي، جيڪڏهن هو پرولتاري انقلاب جو حامي ٿئي، تہ هن جي لاطبقاتي شعور جي سمجهاڻي مارڪسواد ۾ آهي ۽ ان سمجهاڻيءَ لاءِ هستي واد (وجوديت! Existentialism) جي سهاري جي ضرورت نہ آهي. پر اجا تائين اهو طبقاتي جدوجهد جو نظريو مون کي تاريخ جي پوري سمجهاڻي نہ ڏيئي سگهيو آهي. اڪبر جي دور کان وٺي، هندستان ۾ صنعتي انقلاب جا آثار تہ نظر اچن ٿا، پر ڇا، اورنگزيب جا رجعت پسند نظريا تاريخ جي ڏارا کي پٺتي موٽائي رهيا هئا ۽ صنعتي انقلاب ۽ ان کان پوءِ لازمي بورجوا انقلاب لاءِ رڪاوٽ پيدا ڪري رهيا هئا؟ ڇا، دارا شڪوه ۽ سرمد انهيءَ انقلاب لاءِ غيرشعوري ڪوشش ڪري رهيا هئا؟ ڇا هي ضمير جو آواز فقط انهيءَ طبقاتي سنداڻ جو آواز آهي، جا انسان کي جدوجهد لاءِ ٿيي رهي

آهي؟ يا انساني زندگي هڪ گوناگون حقيقت آهي، ۽ حسن، صداقت ۽ نيڪي اهي مستقل قدر (Absolute values) آهن، جن لاءِ انسان سدائين وڙهندو رهيو آهي ۽ جن سان طبقاتي جدوجهد جو لازم ۽ ملزوم وارو واسطو نہ آهي؟ ڪيئن بہ هجي، اُهي انسان، جي حسن، صداقت ۽ نيڪيءَ جي حمايت ۾ جان جي بازي لڳائي ويا، تاريخ جي عظيم حقيقت آهن ۽ انهن کان سواءِ طبقاتي جدوجهد جي ارتقا ناممڪن هئي. مون اُن تي بہ سوچيو آهي تہ ڇا سرمد ۽ دارا شڪوه جي شهادت اجائي ويئي آهي يا اُها تاريخ جي ضمير ۾ ڪجهہ صديون سُن ۾ اچي ويئي آهي ۽ نيٺ ان جي صدا اُڀري ايندي ۽ ڪشمير کان ڪارو منڊل تائين ڪيتري وقت لاءِ گونجندي رهندي؟ مون کي يقين آهي تہ ڪوبہ سچو انسان مرندو نہ آهي ۽ اهو تاريخ جي وهڪري ۾ هڪ ابدي لهر تي رهندو آهي. موت، وير جو ڪوڙو سنسو آهي ۽ ڪانئر جي ساپيا آهي، ۽ ڪانئر اتهاس ۾ سدائين ڪوڙ جو ساٿي رهيو آهي.

توکي خبر آهي تہ جيل ۾ مون سان گڏ ٻيو ڪير نظربند هو؟ سوڀو گيانچنداڻي، جنهن جهڙي آزاد طبيعت ۽ گهري صداقت، مون ٻئي ڪنهن مائيءَ جي لال ۾ ورلي ڏٺي آهي. جڻ پهاڙ آهي، جو هر آنڌيءَ، هر طوفان ۾ اڏول بيٺو آهي. نہ ڄاڻان ڪيترا اهڙا انسان، پنهنجيءَ ڇاتيءَ جا ڇِهہَ ڇُپائي، ڳاٽ اوچو رکي، ظلم جو مقابلو ڪندا آهن ۽ گمناميءَ جي گهٽيءَ ۾ چوٽ کائي، ڪري لهو لهان ٿي، گهٽيءَ جي مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن، ۽ جڏهن ظلم جو انت ايندو آهي ۽ زندگيءَ جي سجي سجائي ڪنوار پنهنجيءَ ڏوليءَ ۾ اڳتي وڌندي آهي، تڏهن اها گهٽيءَ جي مٽي، ڪنوار جي ڪهنبي ۽ ڪهارن جي جتيءَ کي چنبڙي، پنهنجي ستياناسيءَ جو اجر گهرندي آهي يا نہ! ڪجهہ سال ٿيا تہ پاڪستان جو هڪ سياستدان، جنهن کي برٽرانڊ رسيل ۽ سارتري جهڙين هستين سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، لاڙڪاڻي وڃي رهيو هو تہ سکر ۾ ڪنهن هن کان پڇيو "اوهان موهن جو دڙو ڏٺو

ڏسڻ وچو؟“ هن جواب ڏنو ”مان موهن جي دڙي کان بہ وڏيڪ عظيم حقيقت ڏسڻ تو وڃان!“

”اهڙي ڪهڙي حقيقت آهي!“

”سوپو سوپو گيانچنداڻي!“

سچ پچ اڄ سوڀو موهن جو دڙو آهي، جو چوڏاري سمر ۾ ڪلر ڏسي اُداس آهي. توکي اهو ٻڌي حيرت ايندي تہ سوڀو جي. ايم. سيد وانگر، ڪيتري وقت کان سياست کان ڪناره ڪشي ڪري چڪو آهي،* ۽ ٻنديءَ نالي هڪ واهڻ ۾، اتي پيٺهڻ جي مشين تي وقت گذاريندو آهي، جڻ همالیہ ڪوئي جي ٻر ۾ بند آهي. معلوم ناهي تہ هن کي پوءِ بہ ڇا لاءِ نظربند ڪيو هئائون؟ شايد واگھ جا ڏند ڪڍي ڇڏبا ۽ ننهن ڪپي ڦٽي ڪبا، تڏهن بہ واگھ واگھ رهندو ۽ هن جي هيبت هاٿيءَ جي هانو کي دهڪائي وجهندي. مون لاءِ هن جي صحبت وڏي غنيمت هئي. اسان جي وارڊ ۾ هوائي حملي کان تحفظ لاءِ هڪ وڏي کاهي کنيل هئي ۽ ان مان نڪتل مٽي، ان جي چوڏاري ڍير تي جمي ويئي هئي. وارڊ ۾ گهمي گهمي، اسان پوڀاڙيءَ جي پاڇاون ۾ تڏ کان ڪتا ويڙهي، جڏهن انهيءَ ڍير تي ويهندا هئاسين، تہ بہ ابوالهول لڳندا هئاسين، جن جو راز اڃا تائين ڪنهن نہ ڄاتو آهي. مان خود، ڪنهن وقت هن جي اجنبي چهري ڏانهن ڏسي سوچيندو هوس تہ هي انسان، جو هن ڌرتيءَ جي پنجاهہ سالن جي تاريخ آهي، ان جون غلطيون بہ آهن ۽ ان جي عظمت بہ آهي، مون کان ڪيترو نہ دور آهي!

هن کي شام جو ڇهين بجي ڪوليءَ ۾ بند ڪندا هئا ۽ مان پوءِ هن جي ڪوليءَ جي ٻاهران وڃي ويهندو هوس. اسان جي وچ ۾ لوهي سيخن سان دري هوندي هئي. هڪ دفعي مينهن گجگاٽ ڪري وسي رهيو هو ۽ بجلي بتيون وسامي ويون هيون. سوڀو ڪوليءَ ۾ بند هو ۽ مان دريءَ

* 1960ع ۾ سائين جي.ايم. سيد سياست کان ڪناره ڪش ٿي بزم صوفيا ۽ سنڌ قائم ڪري، ان جي پليٽ فارم تان ڪانفرنسون سڏائيندو هو (ت.ج)

جي ٻاهران ويٺو هوس ۽ هن کي سنڌي ادب جي جديد رجحانن تي ڪجهه ٻڌائي رهيو هوس. ان وقت مون هن کي چيو: ”سوڀا، مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ ڪبير ۽ نانڪ جي پوئلڳن، هنن جي موت کان پوءِ هنن جي چادر ورهائي ڪنئي هئي. مون کي بہ اهوئي انديشو آهي تہ منهنجي موت کان پوءِ منهنجي ڪفن کي اڌ اڌ ڪيو ويندو. پر مان سوچيان ٿو تہ جي مان پنهنجي جيئري، ان کي هڪ جهنڊو ٺاهيان ۽ ان کي پنهنجي رت ۾ رڱيو ڪري اوچو ڪيان، تہ ان کي منهنجي موت کان پوءِ ورهائڻ جي ضرورت نہ پوندي!“

ان وقت ڪنوڻ بہ چارِ ڪجڪا ڪيا ۽ مون ڏٺو تہ سوڀو اُٿي بيٺو آهي ۽ دريءَ جي سيخن ۾ منهنجن هٿن کان ڪجهہ مٿي، پنهنجا هٿ ڪپائي چڏيا اٿائين. اوچتو هن چيو هو ”مون کي پنهنجو جهونو نظم ”اوباغي، او راج دروهي!“ ٻڌاءِ. مون کي اهو ڏسي عجب ايندو آهي تہ تون ڪيتري وقت کان، جوالا جي مٿيءَ ۾ رابيل جا ٻوٽا پوکيندو رهيو آهين!“

وري ڪنوڻ ڪِجي هئي ۽ مون ڏٺو هو تہ هو مرڪي رهيو هو. اها مرڪ مون کان ڪڏهن بہ نہ وسرندي. اها مرڪ هڪ جهوني، جانباز بولشيوڪ جي مرڪ هئي. جڻ آرزهہ جي اُس ۾ رُڪ جو چاقو چمڪي رهيو هو. پوءِ مون سيخن کي زور سان چڪي، بلند آواز سان، ”او باغي او راج دروهي“ پڙهيو هو ۽ جيل جا پهريدار واٽڙا ٿي ويا هئا. مون کي محسوس ٿيو هو تہ جنهن لوهہ ۾ اسان جا هٿ پيا هئا، ان ۾ چقمق جو اثر پيدا ٿي چڪو هو. ان رات کان وٺي اسان ۾ ڪائي اجنبيت نہ رهي هئي ۽ مون کي هن کان سواءِ مانيءَ گرهہ نڙيءَ ۾ ڪنڊو ٿي لڳندو هو.

مان ان رات جڏهن سوڀي کي چڏي پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ڏانهن موٽيو هوس، تڏهن مون سوچيو هو تہ وارياسي جي ڳل جي اهميت ٿي ڪهڙي آهي! نہ اهو ڪنهن چوٽيءَ ۾ لڳندو آهي ۽ نہ ڪنهن مالها ۾ پوئبو آهي! واهوندو ورندو آهي تہ اهوَ لهڪندو بہ اَجاتو آهي ۽ لُڙيءَ ۾ مرجهائيندو بہ اَجاتو آهي ۽ ڪاريءَ رات ۾ رڳو آڪاس جا نو لک نيڻ

اُن جي مرجهايل پتين کي رائي تي رلندو ڏسندا آهن. مون کوليءَ ۾ موتي پنهنجيءَ ڊائريءَ ۾ لکيو هو:

”تون، جو اڇٽو بہ آهين ۽ جنهن کي مون ڏٺو بہ نہ آهي، تون، جنهن جي زلف جو سلسلو هن زندان تائين پهتو آهي ۽ منهنجي ضمير کي وڪوڙي چُڪو آهي. هاڻي آءٌ چو تہ ڪافي دير ٿي وئي آهي ۽ عمر تي ڪوئي اعتبار نہ آهي!“

ادا، تون تہ ڄاڻين ٿو تہ مون هن انڌير نگريءَ ۾ ڇا ڇا نہ سٺو آهي! منهنجيءَ نظربنديءَ جي دوران بہ، ڪڏهن مون کي ملحد ۽ غدار تي سڏيائون، ڪڏهن گهر کي باهہ تي ڏنائون، ڪڏهن گولي تي هنيائون ۽ ڪڏهن ڦاهي تي چاڙهيائون. مان پنهنجيءَ صليب تان واجهائي رهيو هوس تہ ڪوئي آهي جو ٻڙڪ ٻاڦي، پر ڪنهن جي چپ تي پڙڪو نہ آيو. شايد بہ چار اهڙا هئا، جي ان صليب سان ڳل ملائي، گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا. اهو ڪنهن بہ نہ پڇيو تہ ڪهڙي قانون ۾ گيت جي سزا نظربندي آهي، قيد آهي، موت آهي؟ پر شايد وچئين طبقي ۾ اها اميد ئي اجائي آهي ۽ منهنجا گيت اڃا تائين سنڌ جي مزدور ۽ هاريءَ تائين نہ پهتا هئا. اهو وچون طبقو ڪچري جو ڍير آهي، جنهن ۾ سڙاند کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي، ان جي زندگي ايتري تہ بد ذوق آهي، ان جي ماحول ۾ ايتري تہ عفونت آهي ۽ ان جا خيال ايترا تہ غليظ آهن، جو جيڪو بہ ان جي لاش جو ڪانڌي نہ آهي ۽ ان جي ڪفن ۾ ڪافور جي بوءِ سنگهي، هتي پاسي ٿيو آهي، اُهو انقلابي آهي. جيستائين وچين طبقي جي ڪنهن فرد ۾ لاطبقاتي لاڙو نٿو اچي، تيستائين هن جو وجود ڪنهن بہ آزاديءَ جي تحريڪ لاءِ پوري طرح ڪارگر نہ آهي. هن وچولي طبقي جو ڇا ۾ اعتبار آهي؟ هي جي جهاد ۽ عالم اسلام جي غلبي جي نشي ۾ چور آهن، جن پوريءَ دنيا ۾ پاڻ کي دين جي تجديد ۽ احيا جو مرڪز سمجهيو آهي، جي پاڻ کي خالد بن وليد ۽ طارق بن زياد جو اولاد ٿا سمجهن ۽ جن جي زندگيءَ جي ماوا ۽ ملجا حقيقت ۾ رشوت خوريءَ ۽ چور بازاريءَ کان مٿي نہ آهي، سي ڪيڏانهن وڃي

رهيا آهن؟ هي جن مجدد الف ثانيءَ وٽ چڳ وڏائي آهي ۽ ابن العربيءَ جي نانءَ کان بہ واقف نہ آهن. جن جي دماغ ۾ جمال الدين افغانيءَ ۽ مهدي سوڊانيءَ کان وٺي حالي ۽ اڪبرالهہ آباديءَ تائين اُٿ وڳ ڪري ويجي رهيا آهن. تن مان ڪهڙي ترقي پسند سماج جي اوسر جي توقع آهي؟ هي، جن جي پور پور ۾ نفرت پري ويئي آهي، جن پنهنجيءَ ڌرتيءَ کي ڌڪاريو آهي، هي سامراج جي چپاڙي اوڳاڇيل ڍونڊ جا بوجرا ڪيئان. ڪهڙي انقلاب جا اهل ٿي سگهن ٿا؟ صحيح انقلابي قوت، مزدور ۽ ڪسان آهي ۽ وچولي طبقي جو ڪوئي بہ فرد انقلابي صلاحيت جو اهل تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن هن ۾ پنهنجي طبقي لاءِ بي انتها نفرت ۽ مزدور ۽ ڪسان لاءِ محبت پيدا ٿئي ۽ هو انهن جي تقدير کي پنهنجي تقدير سمجهي، انهن جي طبقاتي جدوجهد ۾ شامل ٿي وڃي.

مون کي وچولي طبقي جا ڪونئرا ڪينئرا انٽيليڪچيوئل بہ ڪونہ وڻندا آهن. تو ڳئس بتين جي روشنيءَ ۾ ڪيڪڙا ڏٺا آهن. اونداهين راتين ۾ ڪلفٽن جي ڪپر تي ڪيڪڙا؟ انهن کي ڪهڙي جاڻ تہ اونهي جو انت ڇا آهي! اهي انٽيليڪچيوئل اديب، اتهاس جي هٿ ۾ ڪاغذ جا لغڙ آهن. پهرين اهي لغڙ هڪ ٻئي کي ڪاٽا ڪندا آهن ۽ پوءِ طوفان سيني جي پني جا پرخچا اُڏائي ڇڏيندو آهي. هن ڏيوالي ڏيهہ ۾ مون کي جي بہ ذات ڏٺي مليا، اُهي انهيءَ وچين طبقي جا انٽيليڪچيوئل هوندي بہ ان جا باغي هئا. طالب العلميءَ جي دور ۾، مون سان ٿي اهڙا ڪاپڙي مليا، جن تنهي جي باري ۾، مون کي ڀٽائيءَ جي هيئين سِٽ ياد ايندي آهي:

جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڃو مامري!

۽ اُهي هئا سوڀو گيانچنداڻي، ابراهيم جويو ۽ حشو ڪيولراماڻي.

سوڀو اسان جو لال قلندر آهي، جنهن جي جُتيءَ ۾ اجا تائين ڪنهن بہ پير نہ پاتو آهي. وقت پلٽو کائيندو ۽ هن جي مٽيءَ تي ميلا لڳندا، ان ۾ مون کي ذرو بہ شڪ نہ آهي. جويو ڪرسٽ ۽

ڪرانتڪاريءَ جو ڳوڙهو ڳاڙهاپو آهي. تو تہ هن جي اُٽت ڏٺي آهي، پر جڏهن سنڌڙيءَ لاٿون لڌيون، تڏهن ڪير چوندو تہ ان جو سارو لال لباس، هن جي آڏاٽي ۾ اُٽيل آهي! هو اهو آدي جڳادي الوپ ماٿهو آهي، جو نؤ ورنيءَ جي سينڌ ۾ ستارا سجائي، گم ٿي ويندو آهي. هن ئي مون کي سيکاريو تہ شاعري زمهرير جي برف نہ آهي، جهنم جي آگ آهي ۽ جڏهن ان جا شعلا تيز ٿي وڃن ٿا، تڏهن اوچتو جنت جا دروازا کلي پون ٿا. باقي حشوءَ سان تنهنجي واقفيت نہ آهي. جي تون هن سان ملين ها، تہ توکي معلوم ٿئي ها تہ پنائيءَ جي انهيءَ سٽ "مون سي ڏنا ماءُ، جنين ڏٺو پرينءَ کي!" ۾ ڪهڙي ڪيفيت سمايل آهي. حشوءَ سنڌ پيو حشو ڪٿان آڻيندي؟ حشو جو چوندو هو تہ "مان واڻيو نہ آهيان، ڄٽ آهيان، مان سردار حشمت الله آهيان، ڄٽ ڪهاڙي آهي، ڪوڏر آهي، هر آهي، واهولو آهي، ڌرتيءَ جي دانهن آهي، پڳهر جي پڪار آهي، واڻيو موڙي آهي، مرادي آهي، ٿر جي ٽڏي مٽي آهي، اڳڙيءَ جو انقلابي آهي. سنڌ ۾ سچو ڪرانتڪاري فقط ڄٽ ٿي سگهندو آهي!"

حشوءَ مون سان مُرڪي موڪلايو هو ۽ مون اهڙي مرڪ اڃا تائين ڪنهن جي بہ چپن تي نہ ڏٺي آهي، جڻ ڏک جي ڏائڻ جو ڪنجرو ڪري پيو هو ۽ ان مان ڪائي ابوجهہ نينگري گڏيءَ جا ڪپڙا سبي رهي هئي. ڪهڙي نہ انوکي هئي اُها مرڪ! جڻ پنيور جي پِٽ تي سسئيءَ جي پوئين چُمي هئي! جڻ راءِ ڏياچ جو دهرو دان هئي! پر اهو دان هن ڪنهن کي ٿي ڏنو؟ ڪنهن کي هن جي سر جي طلب هئي؟ مان جڏهن بہ حشوءَ جي باري ۾ سوچيندو آهيان، تڏهن ايئن نظر ايندو آهي تہ مٽيءَ جي ڊير ۾ ڪائي سرنگهہ آهي، جنهن مان هو دور دور وڃي رهيو آهي. اها سرنگهہ موت جي سرنگهہ آهي، جلاوطنيءَ جي سرنگهہ آهي، ۽ ان جي مٽيءَ ۾ سنڌ جون روايتون ليٽڙيون پيون آهن ۽ هو مومل جي مانگ ۽ مارئيءَ جي لوئيءَ کي لتاڙيندو وڃي رهيو آهي. هن کي ويندو ڏسي مان ڊوڙ پائيندو آهيان تہ هن جي پاند کي پڪڙيان، روئان، ليلڙائيون ڪريان، ۽ هن کان پنهنجو عظيم نگاهہ بخشايان، پر

سرنگهه جو لنگهه مون لاءِ بند ٿي ويندو آهي ۽ حشو موتي نہ سگهندو آهي!

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ ڪيئن مان حشوءَ کي هوائي جهاز تي چڙهي، موٽي برنس باغ ۾ آيو هوس ۽ بينچ تي ڦان ٿي ڪريو هوس. ان وقت هڪ پونر گينڊي جي گل تي پري رهيو هو. مون ان کي پُڪ ۾ پڪڙي، پنهي ترين جي وچ ۾ چيپاتيو هو ۽ منهنجا هٿ هن جي لويل نچويل ڪنيڙاتين ۾ لُبجي، گندا ٿي ويا هئا. پوءِ مون اهو گينڊي جو گل پٽي، ان جي پتي پتي چپٽين ۾ مروڙي هئي ۽ ان جي ڏانڊيءَ کي لتون هٽي، ان کي جڙ کان جهونجهاڙي ڇڪي ڪڍيو هو. جڏهن پوءِ بہ مون کي چين نہ آيو هو تڏهن ڪيسي مان چاقو ڪڍي، مون ان کي ناريل جي ٿڙ ۾ ڪيئي پيرا هنيو هو. "ڪانئر، ڪمينا نيچ!" مون پاڻ کي بار بارگاريون ڏنيون هيون. جڏهن رات ٿي هئي، تڏهن مون کي ستارا ايئن لڳا هئا، ڄڻ ڪنهن ازلي بادفرنگ جون ڦرڙيون ڦسي پيون هيون.

ادا، ان کان پوءِ زندگيءَ ڪيترين نہ قلابازيون کاڌيون هيون! مون کي اها رات ياد اڃا رهي آهي، جڏهن مون سستي رم جي بوتل پنهنجي ۽ حشوءَ جي (مرحوم) دوست مونس اڳيان آڻي رکي هئي ۽ هن کي چيو هو "آءُ تہ پيئون! اڄوڪي رات نجات جي رات آهي!"

"هر باده نوشيءَ جي رات نجات جي رات ٿيندي آهي." مونس چيو هو.

"نہ، اڳي ايئن نہ هو پر هاڻي شايد ايئن ٿئي!"

"اڳي ڇو نہ ۽ هاڻي ڇو؟"

"ڇو تہ هاڻي شراب شاعريءَ لاءِ نہ، شراب شراب لاءِ پيئڻو آهي!"

"يعني؟"

"اڄ مان ڏهين ورهئين جي عمر کان وٺي هن وقت تائين لکيل پنهنجو پورو ڪلام جلائي رهيو آهيان!"

"نيڪ، شراب زندباد!"

"شاعري مرده باده!"

پوءِ مون پنهنجي قلمي سخن جي ڍير تي ڪجهہ رم پيٽيو هو ۽ ان کي تيلي ڏني هئي ۽ اسان انهن جي آگ تي هٿ سيڪيندي رم پيئندا رهيا هئاسين. جڏهن اهو ڍير رک تي ويو هو تڏهن مونس ٺهڪ ڏئي چيو هو.

"پر، توکي تہ پنهنجو پورو ڪلام ياد آهي. جيستائين اُنهيءَ ياد کي جلائي رک نہ ڪندين، تيستائين تنهنجي نجات ناممڪن آهي."

مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ان ياد کي رک ڪري نہ سگهيس، اها چٽنگ ٻڄي دکندي رهي ۽ ڪجهہ سالن کان وچ ٻڄي منهنجي وجود کي وڪوڙي چڪي آهي. شاعريءَ کان فرار مون کي ڪٿي ڪٿي پتڪايو ۽ منهنجي روپوش روح ڪٿي ڪٿي پناهہ ورتي، اهو هڪ لمبو داستان آهي ۽ ان جي وستار لاءِ هڪ پوري ڪتاب جي ضرورت آهي. پر اهو لهو رنگ جنهن "او باغي، او راج دروهي!..." سرجيو هو ڪيتري وقت کان وري وڃي رهيو آهي ۽ مون کي پنهنجي نجات شاعريءَ کان فرار ۾ نہ، شاعريءَ جي آغوش ۾ ملي چڪي آهي.

هاڻي مان جڏهن بہ انهيءَ فراري دؤر تي سوچيندو آهيان، تڏهن مون کي ايوتوشينڪو جو هيئين نظم ياد ايندو آهي:

"مون کي اُها ڏورانهين ماٺري ياد اچي رهي آهي،
اُها پُتي پراڻي پل-
۽ اُها گهوڙي تي تکو تکو ويندڙ مُنڌ.
ڏڏڙ جي ميرانجهيءَ لڙاٽ ۾ هيڊي، اڊنگي،
"خون"
هن رڙ ڪئي!
مون کان اها ڳالهہ ڪڏهن بہ نہ وسري آهي.
ڪيترائي ماڻهو هن جي ڪڍ پڄندا آيا هئا،
پنهنجا ڏاتا گاهہ ۾ ڦٽي ڪري،
۽ اداس ۽ اجنبي "هو" پيو هو
ٺڪريءَ جي پرئين پاسي،

پنهنجيءَ پاسيريءَ ۾ لڪل گهاوَ سان،
ڏاڙهي ۾ بيڏوهه مارجي ويل.
مون کي چڪڻ جي ڪاري چپيٽ ياد آهي،
۽ گهوڙي جا سنب ڪنن ۾ وڄي رهيا آهن.
۽ ڏڏڙ ۾ انهيءَ منڊ جو دهو اڃا تائين مون تي پئجي رهيو آهي.
”خون“
اها رڙ اڃا تائين منهنجي هانوَ کي چيري رهي آهي.
مون کي هن دنيا ۾ رهڻ ڏکيو ٿو لڳي،
اها ڏانهن اَسهه آهي،
مان انسان جي موت تي اڃا هِريو نه آهيان.
وٺي يا نه وٺي، مون اڪثر روح جي غير محسوس تباهي ڏٺي آهي.
ڪنهن جهوني ساٿيءَ کي پنهنجي پورهئي ۾ ڏسي،
مون کي هن جي موت جي اڳڪٿي ڪنبائي ڇڏيندي آهي.
موت، جو هن جي ڍيل ڍول کي پٽرائون ڪري ڇڏيندو
مان ايترو پڪو نه آهيان،
مان ڏند پيڪوڙي ماٺ تي ويندو آهيان.
”خون“
مان ذري گهٽ رڙ ڪندو آهيان!“

ڪالهه هو نادان مون کان پڇي رهيو هو ته ”مان هيئن ڇو ٿو لکان ۽ هونءَ ڇو ٿو لکان!“ هن کي ڪهڙي خبر ته مان ازلي باغي آهيان ۽ جي آدم ڪٽڪ جو داٽو نه ڪائي ها ته مون کي هن جو اولاد سڏائيندي شرم اچي ها. هو ڇا ڄاڻي ته شاعر پنهنجيءَ آزاديءَ کان آزاد ٿي نه سگهندو آهي. جنهن پگهار جا چار سڪا وٺي ضمير وڪيو آهي، تنهن کي ڪهڙو علم ته اديب جي زبان اُهو ضربخانو آهي، جتان لفظ لفظ چانديءَ ۽ سوني جي نئين سڪي وانگر نڪرندو آهي ۽ ان تي هن

جي مهر هوندي آهي! هن ۾ ڪجهه ادبي ذوق هجي ها تہ هن کي فرانسيسي شاعر جيڪس پرورٽ (Jacues Prevert) جو هي نظم پڙهايان ها:

مون پنهنجي ٽوپي پيجري ۾ رکي،
۽ پکي مٿي تي رکي ٻاهر نڪتس-
”سو هاڻي ڪوبہ ٽوپي لاهي سلام نٿو ڪري؟“ ڪمانڊر پڇيو.
”نہ، هاڻي ڪوبہ ٽوپي لاهي سلام نٿو ڪري!“ پکيءَ جواب ڏنو.
”اوه! ٺيڪ،
”مون سمجهيو هو تہ اجا ٽوپي لاهي سلام ڪبو آهي!“
ڪمانڊر چيو.
”توکي معافي آهي. هر ڪوئي ڪانہ ڪا غلطي ڪندو آهي!“
پکيءَ چيو.

مون جڏهن مٿيون نظم پڙهيو هو، تڏهن الاجي ڇو اردوءَ جا ترقي پسند شاعر ياد آيا هئا. ان ڪري جو هنن پکي پيجري ۾ موٽائي رکيو آهي ۽ ٽوپيءَ ۾ سنهري ڦندڻ لڳائي گهمي رهيا آهن. پيارا، پنهنجي مٿي تي عقاب آهي، جو ڪنهن بہ ڪمانڊر جون اکيون ڪڍي سگهندو آهي.

تنهنجو پنهنجو.*

❋❋

* حميد سنڌيءَ کي لکيل خط

# هائڪو ۽ سنڌي شاعريءَ جو مزاج

(هي ادبي خط هائڪو ۽ سنڌي شاعريءَ جو مزاج جي موضوع تي اياز پنهنجي هڪ ادبي دوست کي حيدرآباد لکيو هو. 15 سيپٽمبر 1967ع تي لکيل خط ماهوار ”روح رهاڻ“ حيدرآباد جي جنوري 1968ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.)

15 سيپٽمبر، 1967ع. ادا، تنهنجو خط پهتو. تو لکيو آهي ته مون نه فقط اردوءَ ۾ هائڪوءَ کي پهريون ڀيرو روشناس ڪرائي، ان جي اهميت محسوس ڪرائي، پر ”پونر پري آڪاس“ ۾ به اهڙا ته ستا نظم (فارسي بحر وزن ۾) ڇپيا آهن، جن ۾ هائيڪوءَ جي ڪيفيت آهي، ۽ ان ڪري تو اصرار ڪيو آهي ته مان ڪجهه هائڪوءَ تي لکان. ايئن ضرور آهي ته سال 62ع ۾ منهنجا هائڪو جي پاڪستان رائٽرس گلڊ جي اردو رسالي ”هم قلم“ ۾ شعر جي انتخاب ”ريگزار ڪي موتي“ ۾ شايع ٿيا هئا. تن کي اردو ادب ۾ ڪجهه اهميت ڏني ويئي هئي. مون ڪيتري وقت کان اردوءَ ۾ شعر گوئي ڇڏي ڏني آهي ۽ نه وري پنهنجي اردو ڪلام جي جائزي وٺڻ جي ڪا ضرورت محسوس ڪئي آهي. باقي سنڌي هائڪو جي باري ۾ منهنجو رايو آهي ته اُهو سنڌي شاعريءَ جي سياوَ سان نهڪي نٿو اچي. پيارا! هي پُسيءَ ۽ پيرونءَ جو ديس آهي ۽ ان ”ڇيريءَ“ جي گل جي اهميت فقط وقتي ۽ تجرباتي آهي. سياست بين الاقوامي ٿي سگهندي آهي، شاعري فقط قومي هوندي آهي. جي انسان ذات جي ڪا ئي شاعري آهي، ته اها اُهو گلدان آهي، جنهن ۾ هر قوم پنهنجا پنهنجا به ٿي گل سجايا آهن. انهن جي واس ورن ۾ ساڳيائپ جي ڳولا اَڪارٿي آهي. ايئن برابر آهي ته جپاني ۽ چيني

رنگ آميزيءَ جي تقليد مغربي مصوريءَ کي نئين هوا ۾ نئون آسمان ڏنو آهي پر رنگ بہ پٿر وانگر بين الاقوامي اظهار جو ذريعو آهي. ۽ ان جي تجربي جي معيار تي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ تجربي کي پرکي نٿو سگهجي. ان ڪري جيڪڏهن ثقافت جي ڪنهن حصي ۾ بين الاقواميت جي گنجائش آهي، تڏهن بہ ان جي انهيءَ حصي کي، جنهن جو شاعريءَ سان واسطو آهي، پنهنجيءَ ٻوليءَ جو لوڙهو ڏنل آهي، ۽ ان ڪري ئي دنيا جي هر عظيم شاعريءَ جو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ تسليءَ جهڙو ترجمو اگر ناممڪن نہ آهي، تہ بہ نهايت مشڪل آهي. مون کي فن ۽ فلسفي ۾ بين الاقوامي پيغام جي گنجائش کان انڪار نہ آهي، پر، قومي ڪردار وانگر، شاعريءَ جي جڙ بہ پنهنجي ڌرتيءَ ۾ هوندي آهي، ۽ ان مان، پٽجي شاعري اها خوشبو نہ ڏيندي آهي، جا ان جي خمير ۾ هوندي آهي. ان ڪري مون کي سنڌيءَ ۾ هائڪو سانيٽ، ترائيل وغيره جو تجربو انهيءَ ڳنڍ- ڪپ جو جهڙپ وانگر لڳندو آهي، جنهن جو پنهنجو کيسو خالي هوندو آهي.

جپاني هائڪو جو گهڻو اثر آمريڪا جي شاعريءَ تي ٿيو آهي، مون اجا تائين روسي، فرينچ يا ٻيءَ ڪنهن مغربي ٻوليءَ ۾ هائڪو نہ پڙهيو آهي. آمريڪا جي شاعريءَ کي، والٽ وٽ مئن ۽ رابرٽ فراسٽ جي باوجود، پنهنجو ڪوئي خاص ادبي ورثو نہ آهي ۽ نہ وري هن نئين سامراج جي ڌرتيءَ کي اهڙي ورثي جي حفاظت جي ڪا ضرورت آهي. اسان کي انهيءَ حفاظت جي ضرورت آهي. اسان جو ادبي ورثو اسان جي قوميت جو ضامن آهي. ان سان گهڻي هٿ چراند اسان جي قومي انفراديت لاءِ هاڃيڪار آهي، ۽ اها انفراديت ئي تہ ”ٻڏيءَ ٻيڙيءَ“ جو تختو آهي، جنهن کي اسين چنبڙي پيا آهيون. اسان جا بيت سنڌڙيءَ جي چنيءَ جون قلڙيون آهن، انهن ۾ هن ڌرتيءَ جي اٽت آهي. اُهي صدين کان اسان جي عوام جي روح ۾ رمي چڪا آهن. ۽ توڙي جو اسان انهن ۾ جديد دور جي تقاضائن سان مطابقت پيدا ڪيون ٿا، تڏهن بہ انهن ۾ ڪا اجنبيت محسوس نٿي ٿئي.

هائڪو فطرت جي شاعري آهي، ۽ مونکي فطرت جي شاعريءَ جي اهميت کان انڪار نہ آهي، پر جي ڪوئي وچ سير ۾ غوطا کائيندي، ترندڙ هنس جي ڳچيءَ تي گهٽو ڏيان ڏيندو تہ هن جو ٻڏڻ اَوس آهي.

”تنڪا“، ”هائڪو“ ۽ ”سينريو“ (Senryu)، جپاني شاعريءَ جا قديم فارم آهن. جيتوڻيڪ ٻنهي صنفن جو فارم ساڳيو آهي، سينريو ۾ اها مام نہ آهي، جا هائڪو ۾ آهي، سينريو فقط مخصوص حدتائين محدود آهي، ان ۾ رڳو اَوڻتي ۽ اَيري جي ڪچيءَ وکريءَ جي وَٿ آهي، ان ۾ ٻي انت جي اڪٿ پندار مان ٿوئي پرڻ تي روڪ آهي.

مثال طور:

هو گهر ۾ پيٺو آهي،
ڪوس جي چاٽ-
آناڙي ويڄُ.

❊❊❊

جين پروهت،
ڏيان پورو تي چڪو-
منگهڻن لاءِ واجهہ.

❊❊❊

پنهنجيءَ زال کي،
گهٽو چڙٻي،
هو چانور رڌي رهيو آهي.

❊❊❊

تاهہ،
پهرين ڪير مرڪي-
لڄ.

❊❊❊

در کوليندي،

اوا اوا اوا
برفاني باک.

***

”هن کي هڪڙي اک آهي“
پر اُها هرٽيءَ جهڙي آهي.“
ڏوتيءَ چيو.

***

سالي،
اڳ ۾ جاچي وٺندي آهي،
گهوٽ جون اوٽايون!

***

گڏو بہ
ڪپڙن جي بجڪي مٿان،
نئين گهوٽ ڪنوار جي گهر ۾!

***

سپاهيءَ جي گود ۾،
وجايل ٻار اشارو ڪري رهيو آهي،
مٺائيءَ جي دُڪان ڏانهن.

مون اڳ ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ“ ۾ لکيو آهي تہ ڪنهن ڪنهن سنڌي بيت ۾ هائڪوءَ جي ڪيفيت آهي. نہ فقط اهو پر ڪنهن ڪنهن بيت ۾ ”سينريو“ جي ڪيفيت بہ آهي. وڳنڌ جي باري ۾ چيل ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ ساڳي ڪلٽي چپ- پيڪوڙ آهي. مون کي ٿر ۾ هڪ ڀٽ هينيون بيت ٻڌايو هو جنهن ۾ انسان جي اُوٽائيءَ تي اهڙي ئي اچوتي ٿتڪا ر آهي، جهڙي سينريو ۾ آهي:

هڏي مٿان هوڏ، ڪڏهان ڪر ڪتن جي،
هڏي ساڳي لوڏ، چوبيندڙ چَلِيِ ويا.

يا اسحاق جو هڪ مشهور دوهڙو آهي:

بي عقل کي بانور جي، آهي پاڪر پيرن سيئن،
عقل جو اسحاق چئي، تنهن کي ڪانَ لڱندو ڪيئن!

سنڌ جا جيڪي لوڪ بيت آهن، جن کي پيڙهيءَ پيڙهيءَ ساهہ ۾ سانڍيو ويو آهي. انهن جي هيئت ۽ اسلوب (Form and Style) اسان جي ادبي ذوق ۾ رچي چڪو آهي ۽ اهو ادبي ذوق اسان جي ثقافت جو پائنده حصو ٿي چڪو آهي. اسان جي لوڪ سنگيت ۾ بيت وائيءَ سان گڏ ايئن لڳايا ويندا آهن، جيئن گج ۾ ڪاوا ٽاڪيا آهن. ان ڪري مون کي سنڌي هائيڪوءَ جي فارم ۾، بيت جي هيئت سان هٿ چراند چڱي نٿي لڳي. مان نٿو ڀانيان تہ جي مٿئين لوڪ بيت کي سينريو جي هيئتين تہ- ستي فارم ۾ ڏنو وڃي، تہ ڪو نتيجو خوشگوار نڪرندو:

هڏي مٿان هوڏ،
چوپيندڙ چَلي ويا:
هڏي ساڳي لوڏ!

فقط نواڻ ۽ نراليپڻ لاءِ ڏُوڪ ڏوڪان ۾ اسان بيت جون تيرنهن ماترائون ڇا لاءِ لتاڙي ڇڏيون؟ ڇا بيت جون چوويهن ماترائن واريون بہ سڌيون سٽون، توکي اڏامندڙ ڪونجن جي جوڙي وانگر نہ ٿيون لڳن؟ ڇا اها جدت لاءِ بي معنيٰ بيچيني، احساس ڪمتريءَ جي نشاني نہ آهي؟ ڇا اسان جو ڪوئي ڪلونت هائيڪو ڳائڻ لاءِ تيار ٿيندو ۽ جي ٿيندو تہ تنهنجي ڪنن کي ڪيهہ جي ضرورت نہ پوندي؟ جپاني هائيڪوءَ جو فارم تہ صديون پراڻو آهي ۽ ممڪن آهي تہ اهو گيشا سنگيت جو حصو ٿي چڪو هجي، پر ڇا سنڌي هائيڪوءَ جي فارم جي ڪائي اهميت آهي، ۽ جي اهميت ان جي فارم جي نہ، پر ان ۾ آيل ڪنهن ازلي ڪيفيت جي اڻ لکي ڇهاوَ جي آهي، تہ ڇا اُها ڪيفيت اسان جي بيت ۾ اڳي ئي اچي نہ چڪي آهي؟

هڪ ڀيري اسان ڪارونجهر وٽ ويٺا هياسين، چَمر ۾ ڳاڙهہ هئي ۽ اُڀ پهاڙ تي گربي اوڙهي بيٺو هو. اسان سان هڪ ٽري چارڻ بہ ساڻ

هو. اوچتو ڪارونجهر جي ڪور تي مور ڪنبڻ تيڙيا ۽ ڪنڌرجي ڪِنڌرجي، سنجها، سوني آڪاس جي سنگهاسن اڳيان ڪنهن ديوداسيءَ وانگر نچيو مون چارڻ کان پڇيو:

"هي مور پارڪر جو آهي، يا گجرات جو؟"

چارڻ جواب ڏنو: "مور نہ پارڪر جو ٿيندو آهي، نہ گجرات جو. مور تہ سدائين نيري آڪاس جو آهي!"

مون کي هن جي ذهانت تي حيرت آئي، هن اڳ بہ مون کي پارڪري سنڌيءَ ۾ انوکا بيت ٻڌايا هئا. (پارڪري سنڌيءَ ۾ گجراتيءَ جي ڪافي ملاوٽ آهي). سو مون هن کي چيو تہ "انهيءَ مور جي باري ۾ ڪوئي بيت ٻڌاءِ!" ۽ هن بہ چار بيت ٻڌايا. جن ۾ هي بيت بہ هو:

ڪارونجهر جي ڪور، مرئين تہ ميلئين نهين،
ماتي ٿهوڪي مور ڏونگر لاڳي ڏيپتو!

(ڪارونجهر جي چوٽي، مرندين تڏهن بہ نہ ڇڏي سگهندين. جڏهن ان جي مٿي تي مور ٿهوڪو (رڙ) ڪندو آهي، تڏهن ڏونگر ڏيئي وانگر لڳندو آهي.)

ادا، اهو حيرت انگيز تصور مون ڪنهن بہ هائڪوءَ ۾ نہ ڏٺو آهي. مور تہ برابر نيري آڪاس جو آهي، پر ان جو ناچ ڪارونجهر تي چڱو آهي، فيوجي ياما تي ان جو تصور بہ ڪري نٿو سگهجي. جپاني سونهن تي هرڪي، اسان کي پنهنجو نڪ بينو تہ نہ ڪرڻو آهي!

مون اڳ بہ لکيو آهي تہ جپاني هائڪوءَ جو فني حسن دائمي ۽ عارضيءَ جي ٽڪراءَ ۾ آهي، جو اڃا سنڌي هائڪوءَ ۾ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. ان ڪري سنڌي هائڪو فقط مور جو ڪنبڻ آهي، جنهن اسان جي بيت جي چال بگاڙي وڌي آهي.

چڱو آءٌ تہ توکي جپاني شاعريءَ سان ڪجهہ وڌيڪ روشناس ڪرايان. جپاني شاعر باشوءَ وغيره تائين قديم هائڪوءَ جو ڪجهہ ترجمو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃي چڪو آهي. آڙيون ستينءَ صديءَ ۾ بہ تاڙيون ويندڙيون هيون، جڏهن اُهي اتر ڏانهن اڏامنديون هيون، پر

ويھينءَ صديءَ ۾ انھن جو تصور ھيئن آھي:

ونديار تي،
گھٽو ڪري گدلا،
آڙيون اُڏار ۾!

مون جديد کان جديد ترين جپاني ھائڪوءَ جو مطالعو ڪيو آھي ۽ مون کي نظر آيو آھي تہ جپاني شاعر ان ۾ موضوع جي جدت ڪاميابيءَ سان آڻي نہ سگھيو آھي ۽ ڪامياب جديد ھائڪوءَ جي ڪيفيت بہ قديم ھائڪوءَ جھڙي آھي. شايد جديد جپان باشوءَ جي پايي جو "جينيس" پيدا نہ ڪري سگھيو آھي يا شايد ھائڪوءَ جي مزاج سان ھٿ چراند ھائڪو جو موت آھي.

ڪجھ جديد ھائڪو جي مون کي پسند آيا آھن، اُھي ڏس

چوٽيءَ تي نِڪٽ،
پَٽ ڪينئن جو ڳوٺ،
ننڊ ۾!

---

پيڻ جون ڏوڏيون پٽيندي،
ننڊاڪرو نينگر،
ونجھ ھٽي رھيو آھي!

---

نڙ تي ڳائڻو
ھن جو گيت پيھي ويو
ميرانجھيءَ باک جي ڪوھيري ۾!

---

ڪنوڻ ڪڇي،
جڻ منھنجيءَ ڇاتيءَ تي ڪري
اچا آءٍ جيئرو!

منهنجي پياري جي ٻاجهاري هٿ وانگر،
منهنجي ڪلهي تي تمجي ويو آهي،
سَرءُ جي اُس جو ٽِڙڪو!

---

چڪلي ۾،
هڪ ڪوٺي، خالي
سرءُ جي شام!

---

ميٽيءَ جي پن تي
پوپٽ وينو آهي-
اڪيلو اُداس!

---

اگهيءَ جي ڪوٺيءَ جي ٻڙڪِي،
جنهن کي جنديءَ تي رڱيو آهي،
مانگهہ جي پوري ناسي ڪڪر!

ادا، مون کي ڪاوڙ سنڌي هائڪوءَ تي آهي، جنهن بيت کي ڏيڍ تنگ ڏني آهي، باقي ايئن نہ آهي تہ مون کي جپاني هائڪو نہ وڻندو آهي. هڪ پيري مان جيل جي ڪوليءَ ۾ بند هوس تہ اوچتو هڪ پوپٽ سيخن مان اندر اُڏري آيو هو. مون هن کي ٻڪ ۾ جهلي، هن کان پڇيو هو: "تون هن وٺان تہ نہ آيو آهين؟" هن پرڙا پتوڙيا هئا تہ مون هن کي ڇڏي ڏنو هو ۽ پوءِ هن ڪوليءَ جي پٽين سان ٽڪري ٽڪري ڪنيڙاٽيون کوهي وڌيون هيون. "پوپٽ، اڪيلو اُداس." مون هائڪوءَ جا لفظ ٽڏي ساهہ سان جهونگاريا هئا.

پر هاڻي ٽڏا ساهہ پري پري، اسان منيون پيڪوڙي، ڏند ڪرٽي اُٿيا آهيون ۽ اسان کي ملايم جذبات گهٽو نٽي آئڙي، اسان جي زندگي وِهہ جي وٽي آهي، جا اسان کي زبردستيءَ پياري ويئي آهي، اهو هائڪوءَ جي رسُ گُلو جنهن ۾ حقيقت جي تلخيءَ کان وقتي فرار

آهي، فن جي ان عملي جدوجهد ۾ رڪاوٽ آهي، جا قوم جي تقدير بدلائي سگهندي آهي.

هڪ ڀيري اسان ٿر جي سفر تان موٽي رهيا هئاسين. اسان کي ٻه سواريون هيون ۽ چاچري وٽ ٻنهي جا ٽيٽا پنڪچر ٿي پيا هئا. ڊرائيور پنڪچر ڳنڍي رهيا هئا. تہ سج لهي ويو هو. واريءَ تي ڪنڍيءَ ۽ نِم جا وڻ، سنجها جي پرڇائينءَ ۾، ڏرتيءَ ديول جا پروهت ٿي لڳا. ان وقت مون واريءَ تي ٻہ اَڪ مَڪڙ ڏٺا هئا. جي شفق جهڙا رنگين هئا ۽ هڪ ٻئي جي ڪڍ ٽپا ڏيئي رهيا هئا. چڻ جيئري هائڪوءَ وانگر ٿي لڳا. انهن کان پرڀرو هڪ ٻونگيءَ جي ٻاهران ڪائي جوينونت مينگهواڙ دانگيءَ تي ٻاجهريءَ جو ڍوڍو پچائي رهي هئي ۽ هن جا ٻارڙا هن جي پرسان ڪڏڪي رهيا هئا. مينگهواڙ کي پولڪو ۽ ڳاڙهو پڙو پيو هو ۽ مانيءَ اٿلائڻ وقت هن جي ٻانهينءَ کڙ کڙ ٿي ڪئي. بکايل ٻارن لاءِ مامتا جي انتر انيو ۽ اڌ پڪيءَ مانيءَ جي اُڪنڊيءَ اُٿل هن جي چهري تي هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ڪئي هئي. مون ٿر ۾ اها ڪيفيت اُتي ڏٺي هئي، جتي آڳر ۾ ڪجهہ اَن ڪٺا هئا. چا سومرا- سر. جون ڦريچاٽيون، چا سورا چند جون بجيراٽيون، سيني جي سورج، ونسي سونهن، گهٽو ڪري گهوماٽيل نظر آئي هئي، چو تہ چوڏاري ان جي اٽاٽ هئي. (ان جي اٽاٽ جي باري ۾، ڪنهن ٿريءَ هڪ درد انگيز جملو چيو هو جو مون کان وسري نٿو وسري. ”سائين، ڪٽڪ تہ ميوو آهي، اسان کي تہ اَن بہ نٿو ملي!“ اَن مان هن جي مراد ڀرٽ مرٽ وغيره گاهن جا داڻا هئا. اسان چاچري مان رات جو نائين بجي امرڪوٽ ڏانهن روانا ٿيا هئاسين. بدي جي چوڏينهنءَ جي رات هئي ۽ چانڊوڪيءَ جي ڀاڪر ۾ واريءَ سومل جي ڏيک تي ڏني. انهيءَ مينگهواڙ جي سباجهڙي صورت وري وري منهنجي اکين اڳيان ٿي آئي ۽ مون سوچيو هو تہ سگهي پورهيت مانيءَ پچائيندي ڪهڙي نہ پياري ٿي لڳي! گوگا سر نالي وستيءَ ۾ هڪ هوٽل هو جتي اسان سواريون روڪيون. جيسين ڊرائيور انجڻين ۾ پاڻي وجهن، تيسين اسين هوٽل

ٻاهران پيل موڙن تي وڃي ويٺاسين. هوٽل ڇپري جي ٻاهران هو ۽ مٽيءَ جي چلهہ تي چانھہ تڇڪي رهي هئي. اوچتو ڇپري مان ڪنجهڻ ڪڙڪڻ جو آواز آيو ۽ مون منهن ڦيري ڏٺو تہ ڪوئي سَوڙ اندر تڏي تي لڇي رهيو هو. مون هن جي باري ۾ پڇا ڪئي، تہ هوٽل واري جواب ڏنو "سائين، هن کي "وارو" آهي!"

"وارو ڇا آهي؟" مون پڇيو.

"هتان جي ٻَلر جي پاڻيءَ ۾ ڪائي بيماري آهي، جنهن جي پيئڻ سان، ماڻهوءَ جي جسم ۾ ڪيئان پئجي وڃن ٿا. سائين وارو ڏاڍو بڇڙو آهي، ماڻهوءَ کي جهپ بہ نہ لڳندي آهي ۽ سڄي سڄي رات پيو رڙندو آهي!"

"هي ڪنهن اسپتال ۾ علاج لاءِ ڇو نٿو وڃي؟"

"ڇهن ڏينهن کان اتي چڙي چڪي رهيو آهي، نہ هن وٽ پئسو آهي ۽ نہ اسپتالن ۾ دوائون ئي علاج لاءِ آهن. هتي تہ نانگ،ڪاڏي جو بہ علاج ڪونہ آهي، روز هڪ نہ ٻيو چڪ وگهيو مري رهيو آهي!"

مون چپ پيڪوڙي آسمان ڏانهن ڏٺو هو ۽ مون کي ايئن لڳو هو ڄڻ چنڊ جي ڪِرڻن مان ٻُر ٻُر ڪيئان ڪري رهيا هئا!

ادا، جتي انسان کي نہ تحفظ آهي، نہ تسلي آهي، نہ اَجهو آهي، نہ اٽو آهي، نہ اگهائيءَ ۾ آسرو آهي، جتي زبان تي پهرو آهي ۽ قلم تي بندش آهي. اُتي تصور جي عياشيءَ لاءِ ڪنهن بہ اهلِ دل شاعر وٽ گنجائش گهٽ آهي. جڏهن شاعر کي انهيءَ ڳالهہ جو احساس اچي ٿو تہ ٻولي گوليءَ جو ڪم ڏيئي سگهي ٿي ۽ انڌير ۾ انياءَ جا ايماني ڳاٽ اُڏائي سگهي ٿي، تڏهن هن کي اِڪ مڪڙ تي هائڪو لکڻ ڪيترو نہ بي معنيٰ ٿو لڳي!

هاڻي اڄ تہ انهن پٺ- ڪئين جي دنيا جي ٻي شاعري بہ ڏيکاريانءِ، جنهن ۾ وڇوڙءَ جهڙو ڏنگ آهي. ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ مغرب جي جديد فن ۽ سياسي شعور سان آشنائيءَ، جپان ۾ نہ فقط دادا ازم (Dadaism)، سوريئلزم (Surrealism) ڪيوبزم

(Cubism) جي بورجوا فن جا نظريا جپاني شاعريءَ تي اثرانداز ڪيا، پر اُتي نراج وادي ۽ پرولتاري شاعري بہ وجود ۾ آئي. جپاني ٻوليءَ جا هي ترقي پسند نظم ڏس:

انهن جا گيت نہ ڳاءِ
اهي ڪرمچي ڪوئنپل،
اهي پوپٽ جا پَر،
اهو واءُ، جو پيڻ، جهڻ ڪري رهيو آهي،
۽ اها استريءَ جي وارن جي سڳنڌ.
جو ڪجھ بہ ڪومل آهي،
جو ڪجھ بہ گهنگهريل آهي،
جو ڪجھ بہ اداس آهي،
هٽاءِ، اُن کي!
جو ڪجھ بہ سُترو آهي
نہ ڳاءِ، اُن کي!
ان جي بدران ڳاءِ ان کي،
جو ڪجھ بہ جوڳو آهي:
جو من جي آڌت آهي،
ڇاتي ٺوڪي ڳاءِ،
ڌهڪاوَ ۾ بہ-
اهو گيت ڳاءِ، جنهن جو پڙلاءُ ڦهلجي وڃي،
اهو گيت، جو هانوَ کي ڏاڍو ڪري،
۽ ان کي ڇڪي وٺي،
پڇتاوَ جي پاتار مان،
پنهنجو گلو ڦاڙي ڳاءِ،
اهي گيت
پنهنجي جاني جباري سُر ۾
۽ سماءِ انهن کي

هر ڪنهن جي دل ۾!
(ناڪانو شڪي هارو)
مان خاموش تہ لڳان ٿو
پر امڪان آهي تہ ڪجهہ سوچيان ٿو.
مان ڳالهايان تہ ڪونہ ٿو
پر متان مون کي ديوار سمجهين.
(تِسو بوءِ شگي جي)
سَرءُ ۾ ڪنهن سڄڻ،
هڪ صوف موڪليو
مون اُن کي ڪاٽيو
يڪدم-
سُرخ، بيحد سرخ صوف،
منهنجيءَ ترِيءَ تي ڳوڙو
ايترو ڳوڙو جيترِي هيءَ ڌرتي آهي!
(تِسوُ بوءِ شگي جي)

پوئين نظم ۾ صوف، مسيحي روايت وارو ممنوع ميوو آهي، جنهن کي کائي، آدم ڌرتيءَ ڏانهن رجوع ٿيو هو. شاعر، صوف کي سرخ چئي، پرولتاري فلسفي لاءِ کهڙي نہ سهڻي تشبيهہ پيدا ڪئي آهي!

1945ع ۾ جپان جي شڪست، شاعرن کي بين فنڪارن کان وڌيڪ مات ڏيئي ڇڏي. فاشزم جي رزمي شاعريءَ جي دور جي خاتمي کان پوءِ جن بہ شاعرن جي جپان جي جنگي محاذ سان جذباتي وابستگي هئي، اُهي خاموش ٿي ويا، ۽ فقط اُهي پرولتاري شاعر اڳي کان اڳرا ٿي آيا، جن جنگ هلندي پنهنجي دور جي فاسد حب الوطنيءَ کان خاموشي بهتر سمجهي هئي يا جنگ جي کُلم کُلا مخالفت ڪئي هئي ۽ ان ڪري قيد ڪيا ويا هئا. جي پرولتاري شاعر ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ چوٽيءَ جا شاعر ليکيا ويندا هئا، انهن آن جي پنجين ڏهاڪي ۾ وري پنهنجي جاءِ اچي والاري ۽ اجا تائين وڃائي نہ آهي.

ادا، مٽان ايئن سمجهن تہ مان سانوري شيام سان رنو آهيان، ڇو تہ هن کي سنڌي هائڪوءَ تي هڪ- هٿي آهي. شيام بہ سنڌي ٻولي آهي. مون تہ هن کي ”ڪؤتا جو ڪاڪ ڏٽي“ ڪوٺيو آهي، اها ٻي ڳالھ آهي تہ مون کي ڪاڪ ڏٽيءَ کان ڪاڪِ وڌيڪ پياري آهي. چانگي کي چندن چاريندي تہ مون ڪيئي ڏٺا. ڪوئي مومل کي ڏاگھ تان موٽائي تہ مڃان. *

تنهنجو پنهنجو

* هي خط حميد سنڌيءَ ڏانهن لکيو ويو هو.

# جي مان مران بند ۾!

(1971ع ۾ بنگلاديش آپريشن دوران 7 مئي کان 31 ڊسمبر 1971ع تائين شيخ اياز سکر سينٽرل جيل ۾ نظربند رهيو. ان نظربنديءَ دوران هن هي خط سنڌي جي ڪهاڻيڪار ۽ اديب مدد علي سنڌيءَ ڏانهن لکيو جو سندس ڪتابي سلسلي "اڳتي قدم" ۾ ڇپيو هو.)

سکر سينٽرل جيل

تنهنجو خط پهتو. تنهنجي موڪليل ڪتابن مان فقط "گيت اُجايل مورن جا" پهتو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ باقي ڪتاب ۽ رسالا سي. آءِ. ڊي وارا ڪڻي ويا هوندا. اڄڪلهہ انهن کان ڪوبہ پڇڻ وارو نہ آهي. هو اسان جا رسالا ۽ ڪتاب چڪاس لاءِ پوسٽ آفيس مان ڪڻي ٿا وڃن ۽ پوءِ بازار ۾ وڪڻي ٿا ڇڏين.

مان مئي ۽ جون جا ٻہ مهينا بيمار هوس، توکي تہ سکر جي گرميءَ جي خبر آهي. جيل کان ٻاهر مون کي ڪافي آسائش جي زندگي ميسر هئي. جيتوڻيڪ ذهني پريشاني اُتي وڌيڪ هوندي هئي. هتي تہ ايئن محسوس ٿيو جڻ ڪنهن تتل تنور ۾ ڪنهي ڪڻي اڇليو آهي. پيرُن پڇڻ جي مند هئي، سخت جهولو ٿي لڳو. ڪوليءَ مان ٻاهر نڪرڻ سان مٿو ٽپي ٿي ويو ۽ ڪل ڪامي ٿي وئي. ڪوليءَ ۾ اندر سيمينٽ جو سڙيل موبل آئل لڳل فرش ۽ جهنگلن ۾ لڳل لوهي شيخون بہ ايترو ٽپي ٿي ويون جو گهڙي چين نہ ٿي آيو. بي انتها سياسي، ادبي ۽ وڪالت جي مصروفيتن، ڪار جي هزارها ميل سفر ۽ دشمنن جي ڏينهن رات سازشن سبب، اڳ ئي منهنجي طبيعت بگڙيل هئي. ايئن ٿي لڳو جڻ

گهڙي اچي پُني هئي، پر ظلم جي خلاف بي انتها نفرت ۽ غصي مون کي زنده رکيو هو. انهيءَ عرصي ۾ مون ڪافي شعر لکيو آهي. گرميءَ جي موسم هميشہ منهنجي شاعريءَ لاءِ سازگار رهي آهي. منهنجي طبيعت مغربي مصور (Vincent Van Goch) وانگر آهي، جيڪو تتل سج ۾ ڪيترو وقت ويهي رهندو هو ۽ جڏهن هن جو مٿو تپي ويندو هو ۽ رڳن ۾ خون جي گردش تيز ٿي ويندي هيس، تڏهن هو برش جي زوردار جهٽڪن سان ڪئنواس تي عجيب غريب نقش ڪڍي وٺندو هو. هن جا نقش ڏسي ايئن محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ زندگي پنهنجي ڀرپور قوت ۽ تيز رفتاريءَ سان ڪئنواس تي ڊوڙي رهي آهي. روسي شاعر ”ووزنيسيسڪي“ (Voznesenski) هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ شعر لکڻ وقت منهنجو دماغ هڪ اليڪٽرڪ شيور وانگر ڦرندو آهي. مون بہ شعر لکڻ وقت ساڳي ڪيفيت محسوس ڪئي آهي. هن ڀيري تہ ايئن ٿي لڳو ڄڻ منهنجي ٿوهہ جواني موٽي آئي آهي، ۽ زندگي پنهنجي بي پناهہ قوت سان ڪاغذ تي اُڀري رهي آهي. هن ڀيري جو مون شعر لکيو آهي، تنهن ۾ منهنجي ساري پيڙا پنهنجن لکين ديس واسين ۽ پوري انسان ذات جي پيڙا ۾ سمائجي چڪي آهي. ڪافي وقت کان مون اها پيڙا پنهنجي رڳ رڳ ۾ محسوس ڪئي هئي ۽ پنهنجي محدود دنيا مان نڪري تاريخ جي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ سمائجي چڪو هوس. هتي جڏهن مون لکڻ شروع ڪيو تڏهن ايئن لڳو ڄڻ اچانڪ جيل جون ديوارون گم ٿي ويون آهن، مان پنهنجن قيد ڪندڙن کي شڪست ڏيئي چڪو آهيان، ۽ مون کان وڌيڪ ڪوبہ آزاد نہ آهي. منهنجي نئين شعر جي سٽ سٽ ۾ منهنجو انسان جي مڪمل آزاديءَ جو فلسفو سمايل آهي. سهڻي، مارئي، ليلا، سر ڪاپائتي وغيره ڪلاسيڪي موضوعن کان وٺي ”لينن گراڊ تي حملو“، ”لمبا جو ديس“، ”ائني فرانڪ Anne Franc“، ”ويٽنام آزادي جي راهہ تي“ وغيره نظمن تائين مون ساري شعر ۾ انهيءَ آزاديءَ جي فلسفي جو تسلسل قائم رکيو آهي. بہ سؤ صفحا کن لکي چڪو آهيان

۽ اجا گهڻو ڪجهه لکڻو آهي. مون ڪتاب جو نالو ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ سوچيو آهي. تو پڙهيو هوندو، ٻيو ته ڪنهن مون کان ”ڪپر ٿو ڪن ڪري، جيئن ماڻهو منجهه مهي“ ته پڙهي هوندي. پهرئين مون ان جو نالو ”جي مان مران بند ۾“ سوچيو هو پر پوءِ اهو نه آئڙيو. ڇو ته مان مرڻو نه آهيان، ڇو ته انسان جي آزاديءَ جو عزم مرڻو نه آهي، ڇو ته ظلم جي خلاف نفرت ۽ انسان جي عظيم جدوجهد مرڻي نه آهي، ڇو ته سنڌ مرڻي نه آهي ۽ ٻنائي امر آهي! ٻاهر اچان ته انهيءَ ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ گڏجي سوچينداسين.

منهنجي منٽن دوستن ابراهيم جوئي، رباني،ءَ جمال رند، جمال ابڙي ۽ سراج کي منهنجا سلام ڏجانءِ. مان ٻانيان ٿو ته محمد عمر ميمڻ، الانا صاحب، حميد سنڌي ۽ انهن سان گڏ گرفتار ٿيل دوست اڃا تائين حيدرآباد جيل ۾ آهن. ٿي سگهي ته انهن تائين منهنجا سلام پهچائجانءِ ۽ کين چئجانءِ ته، سنڌن اذيت اجائي نه وينديءِ يوسف ٽالپر، اقبال ترين ۽ ٻين شاگرد ٻائرن سان به منهنجي دليءَ محبت جو اظهار ڪجانءِ. سائين جي ايم سيد جو ڪو احوال معلوم هجيئي ته لکي موڪلجانءِ. تاريخ هن جي فڪر تي پيغمبريءَ جي مهر هڻي چڪي آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته هو پنهنجي جيئري پنهنجي سپني کي ساپيا ٿيندو ڏسي سگهي يا نه!

رشيد ڀٽيءَ جا تو لاءِ ۽ ٻين دوستن لاءِ سلام.

تنهنجو پنهنجو

اياز

# انٹرویو

# سامي سچ وڙاءُ

(هي انٽرويو سنڌي زبان جي مشهور شاعره ۽ اديبہ محترمہ سحر امداد ماهوار "سوجهرو" ڪراچيءِ لاءِ ورتو. ساڻس معاون هو محترم تاج بلوچ. انٽرويو "سوجهرو" جي آڪٽوبر 1973ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.)

اياز جي ڪوتا هن ڌرتيءَ جي دين آهي. اياز جي مهانتا اهائي آهي تہ هو مهان ڌرتيءَ جو ڪوي آهي. اياز وهہ امرت ڪري پنهنجي ڪوتا ۾ اوتيو آهي، اياز جو ڪجهہ سنو ۽ پوڳيو سو هن ڌرتيءَ جو دک ئي تہ آهي. مان مهان ڌرتيءَ جي مهان ڪويءَ (ماضيءَ جي ماضيءَ ۽ مستقبل جي مستقبل جي شاعر) جي بابت سوچي ئي رهي هيس، تہ ماڳ اچي ويو. گاڏي بيهي رهي، ۽ مان ڌڪي تي جهڙوڪر سپني مان سجاڳ ٿيس.

***

فرانسيسي مصور پال گاگن چيو هو: "ماڻهوءَ جي هٿن جي حاصلات ئي ان ماڻهوءَ جي تشريح آهي" اياز کان پڇيم: ڇا اهو هر ڪلاڪار تي ٺهڪي ٿو اچي؟ اياز وراڻيو هو: پال گاگن مصور هو ۽ هٿن جو پورهيو ڪندو هو. انهيءَ ڪري مصوري کي هن "هٿن جي حاصلات" چيو آهي. مان هڪ ڪوي آهيان. ۽ ڪوتا منهنجي "ذهن جي حاصلات" آهي. شخصيت جو مرڪز جيئن تہ ذهن هوندو آهي، انهيءَ لحاظ کان ڪويءَ جي ڪوتا کي ئي سندس تشريح چئي سگهجي ٿو.

ٺلهي هڪ سِٽ سرجڻ لاءِ ڪلاڪار کي ڪيڏو نہ پورهيو ڪرڻو ٿو پئي. سڄي دنيا جو ادب پڙهڻو ٿو پوي. جيئن خبر پئجي سگهي تہ دنيا ۾ نظم جو (Concept) ڇا آهي. ٻين شاعرن ڇا سرجيو آهي. اسين انهن کان ڪيئن مختلف آهيون ۽ انهن کان الڳ ۽ منفرد شيءِ ڪيئن ٿا ڏيئي سگهون. ايتري مطالعي، ڪرڻ کان پوءِ ڪڏهن ايئن بہ

ٿيندو آهي ته ڪنهن جي ڪا ست، ڪو مشاهدو لاشعوري طور اسين پڻ استعمال ڪري وجون پر بقول جرمن شاعر رِلڪي جي: ڪنهن تجربي يا مطالعي کي هڪ ست ٿيڻ لاءِ ويهه ٽيهه سال لڳن ٿا. ڪنهن ڪويءَ جو ماخذ ڪهڙو آهي؟ هو انهيءَ جو بائيو گرافر ته ڇا خود اهو ڪوي به نٿو ڳولي سگهي. اياز هڪ ساهيءَ ڳالهايو پئي. سندس ڳالهائڻ ۾ ٺهراءُ ۽ گنڀيرتا هئي. تڏهن ئي هن ٻڌايو ته هڪ ڀيري ”غالب“ کي ڪنهن چيو ته تنهنجي شعر جو فلاڻي جي شعر مان توارد آهي (مقصد چورڻ جو اهو هو ته شعر چورايل آهي) تنهن تي غالب چيو هو:

متاع من ز نهان خانۂ ازل برد است

يعني منهنجي متاع، ازل جي نهان خاني مان هن چورايو آهي. ٻوليءَ تي ڳالهائيندي اياز چيو هو: ڪا ٻولي فقط ڪتابي ٻولي ٿي رهندي آهي. ايئن ڪٿي چئجي ته هر ٻوليءَ جي ارتقا جو هڪ فطري دور هوندو آهي. مون کي اردو ته ڇا ڪنهن به ٻوليءَ سان ڪا دشمني نٿي ٿي سگهي. جيستائين اردو ٻوليءَ جو سوال آهي ته ورهاڱي کان پوءِ هن هندستان جي ڌرتيءَ جي ٻولين جهڙوڪ ميواتي، برج ڀاشا، کڙي ٻوليءَ، راجستانيءَ ۽ پوربيءَ وغيره سان ناتو ٽوڙي، عربيءَ ۽ پارسيءَ سان اچي رشتو ڳنڍيو جنهن سندس اصليت کي ڌڪ رسايو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو اردو فقط ڪتابي ٻولي ٿي پئي آهي. اهو به نٿو چئي سگهجي ته ٻولين جي اوسر واري فطري عمل ۾ اڳتي هلي ڪهڙي صورت وٺي بيهندي؟ انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ کي اهڙي ڪنهن به ٻوليءَ جي اثر کان محفوظ رکڻ ضروري آهي، نه ته اهو خود سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو.

ڪانئس پڇيم: اسان جي عام پڙهندڙن کي توهان سان شڪايت ٿي پئي آهي ته ڏاڍي ڏکي ٻولي ٿا لکو؟ تنهن تي اياز چيو هو: شاهه جي ٻولي به ڏکي آهي ۽ سوچ اونهي اٿس. جيڪڏهن ماڻهو شاهه کي سمجهي سگهن ٿا ته انهن لاءِ مون کي سمجهڻ ڏکيو ناهي. پر جيڪي شاهه کي ئي نٿا سمجهي سگهن، انهن تي ڪهڙي ميارا سچ ته اهو آهي ته اسان وٽ شاهه کي سمجهيو ئي ڪنهن آهي؟ ڪي پل ترسي، هن گنڀيرتا سان چيو: دراصل اسان جي شهري ٻولي ڪري پئي آهي. اسان وٽ پڙهيل ڳڙهيل طبقو ڪهڙو آهي؟ اهوئي جيڪو انگريزي پڙهيل

آهي. پر انهيءَ کي جيڪر پڙهيل ڳڙهيل جٽ چئجي، جن کي پنهنجي ٻوليءَ جي ڪا ڄاڻ ڪانهي. انهيءَ ڪري ئي هو اسان کي ڏکيو چون ٿا. پر مان غالب جيان ڪنهن "No man's language" ۾ لکڻ نٿو چاهيان. منهنجي ٻولي سنئون سڌو عوام کان ورتل آهي. ڪا اڌاري ورتل ٻولي نہ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ايليٽ جو مثال ڏيندي اياز چيو هو: ايليٽ جون ترڪيبون ماڻهن کي ڏکيون لڳنديون هيون. جيتوڻيڪ ايليٽ اهي سترهين صديءَ جي شاعرن کان ورتيون هيون.

هتي مان جيڪڏهن ايئن چوان تہ اياز مشڪل پسند نہ آهي، پر اسان جا ماڻهو سهل پسند آهن، هو هر ڳالهہ چٽي ٿا چاهين، تہ انهيءَ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. اياز تہ لوڪ، ڪلاسيڪل ۽ نئين دور جو سنگم آهي.

شاهہ جو ذڪر ڇڙيو- تہ هانو تي هري آيون هيم اياز جون اهي سٽون: "سنڌ ۾ شاهہ شاعر نہ آهي، فقط گيڙوءَ رتو لباس آهي. پيوت آهي ازل ۽ ابد جو ٻهروپ آهي." ۽ اياز چيو: شاهہ سنڌ جو مهان ڪوي آهي، پر هن جي نقادن مٿس تصوف جو پوش چاڙهي ڇڏيو آهي. توهان اهو پوش لاڙي سگهو ٿا! ڪيس چيو هيم. تنهن تي هن وراڻيو هو: ڪلپنا اٿم- شاهہ واري وات وٺي سموري سنڌ گهمان. ۽ پوءِ انهيءَ آڌار تي ٽيرهن چوڏهن سؤ صفحن جو تاريخي ناول لکان، جنهن ۾ خود شاهہ هڪ مکيہ ڪردار هوندو ۽ انهيءَ ۾ ئي هن جي شخصيت تي پيل "پراڻو پڙ" لاهي ڦٽو ڪندس. پر اهو تڏهن ئي ٿي سگهندو جڏهن صحت ۽ زندگي ٻنهي اجازت ڏني.

ادب ۾ جمود جي ڳالهہ چوريم تہ اياز چيو: نہ انهيءَ دور کي اسين جمود جو دور نٿا چئي سگهون. بلڪ هيءُ Suspension جو دور آهي. نوان ليکڪ چڱا پيدا ٿيا آهن، پر، پراڻن لکڻ گهٽائي ڇڏيو آهي.

اياز ڪڏهن ڪلپنا ڪئي هئي: "اي ڪاش مان گمناميءَ ۾ جيان ۽ گمناميءَ ۾ مران! بدنامي ۽ ان کان بہ وڌيڪ نيڪ نامي ڪنهن بہ شاعر جي تخليقي انفراديت لاءِ مهلڪ آهي." ڪانئس پڇيم: ڇا اها ناموري توهان جي تخليقي انفراديت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي آهي؟ تنهن تي چيائين: ناموري منهنجو حق آهي. پر جيڪا اڄا مون کي نہ ملي آهي.

تنهن ڪري منهنجي تخليقي انفراديت لاءِ انهيءَ جي هاڃيڪار ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي: اهو سوال مون کان تڏهن پڇيو وڃي جڏهن منهنجي شاعريءَ جو ترجمو دنيا جي زبانن ۾ ٿئي. مان ته پنهنجي ليکي اڃا تائين گمناميءَ جي زندگي گذاري رهيو آهيان.

فنڪار جي شڪست فن جي فتح آهي. مان انهيءَ مان ڇا سمجهان؟ ڇيائين: مون کي منهنجي تخليقن جي ڪري ڪيئي ڀيرا جيل اماڻيو ويو آهي. اڳين جابر حڪومتن منهنجن ڪتابن تي پابندي وڌي. جيڪا موجوده حڪومت اڃا لاٿي ڪونهي. دنياوي طرح اها فنڪار جي شڪست ئي ته آهي، پر، ڪير جي ايئن سمجهي ته انهن پابندين جي ڪري سوچ جي ارتقا ختم ٿي ويندي ته اهو غلط آهي. ڇو ته سوچ تي ڪوبہ جابر پابندي نٿو وجهي سگهي. فرانس جي شاعر باڊليئر جي مجموعي "Flower's of Evil" تي ڇاليهارو سال کن بندش رهي، جيڪا ڏهاڪو سال ٿيندا، جو هٽائي وئي آهي. پر پابنديءَ جي وقت دوران ئي هن ڪتاب سڄي يورپ ۾ پنهنجي اهميت مڃارائي ورتي هئي. روسي ليکڪن ۾ ٽالسٽاءِ کان پوءِ سولزير نٽسن جو نالو ڪٽي سگهجي ٿو. ذات جي ڏوهہ ۾ ڪيس ڪيڏيون نہ سختيون سهٽيون پيون. پر هن آڻ نہ مڃي. اهڙيءَ ريت ترڪيءَ جو ناميارو شاعر ناظم حڪمت جيل ۾ ڪاغذن جي ننڍڙن ٽڪرن تي پنهنجا شعر لکي، بہ لڪائي رکندو هو. ۽ اڄ مايا ڪووسڪي بہ ناظم حڪمت کي نٿو پهچي سگهي. ڪنهن بہ ڪلاڪار جي جيئري رهڻ لاءِ مکيہ ڳالهہ اها آهي تہ هن ۾ "Resisting power" ڪيترو آهي؟ پنهنجي ذات سان جيڏو اتوٽ ۽ گهرو هن جو سٻنڌ هوندو اوترو ئي هن ۾ جيئري رهڻ جي شڪتي پڻ هوندي.

ڊوڊي ۽ ٿوم جي بوءِ روح جي هر خوشبوءِ کان زياده پياري آهي. چلهہ ۽ تؤ محراب ۽ منبر کان زياده مقدس آهي. اڄ بہ اياز جو اهو ايمان آهي تہ جيستائين انسان جا اقتصادي مسئلا حل نہ ٿيا آهن، تيستائين روحاني مسئلا بڪواس کان وڌيڪ ڪجهہ ڪونهن.

ڇا واقعي هن وقت سڄي مشرق ۾ قلم ڪائي معنيٰ نٿو رکي؟

انهيءَ سوال تي چيائين: قلم معنيٰ ته رکي ٿو پر ڪنهن به مسئلي جو صحيح حل قلم نه آهي. مثال طور: اليندي جي جمهوري طريقي سان آندل سوشلسٽ حڪومت کي فوجي ٽولي ڊاهي وڌو. انهيءَ ڪري سوچڻو ٿي پئي ٿو ته ڇا پارليامينٽ ئي هر ڪنهن مسئلي جو حل ٿي سگهي ٿي؟ انهيءَ جو مطلب ته بندوق قلم تي ڀُري آهي نه؟ ڪيس چيو هيم. ته بندوق قلم جي ساٿي آهي- بشرطيڪ صحيح ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هجي! اياز چيو هو.

سنڌ ۽ سنڌي قوم جي باري ۾ چيائين ته منهنجو اٽل ويساهه آهي ته هن قوم ۽ ڌرتيءَ جو مستقبل روشن آهي. هن ڌرتيءَ ۽ هن قوم کي پنج هزار سالن تائين ڪو ميساري نه سگهيو آهي- نه ئي اڳتي ميساري سگهندو. سنڌ جيڪي قتل عام ڏاڍ ڏهڪاءُ ۽ ظلم جا داستان ڏٺا آهن. سي دنيا جي ڪنهن قوم ڪونه ڏٺا آهن. پر هيءَ ڌرتي، هيءَ قوم اڄ به زنده آهي، سڀاڻي به زنده رهندي.

توهان ”خيام“ جو رس ۽ ”ميران“ جا ڳوڙها ملائي ڪيئي جام پيتا هئا، ڇا توهان جي ڪوتائن ۾ اڄ به اهو خمار باقي آهي؟ اياز کان آخري سوال ڪيم. بنيادي طرح اڄ به ڪائنات سان منهنجو ناتو هڪ ناسٽڪ جوڳيءَ وارو ئي آهي، پر جڏهن انسان زندگيءَ جي ڪڙين حقيقتن مان لنگهي ٿو تڏهن هن جي سوچ ۾ اهڙين جذباتي ڳالهين جي جڳهه گهٽ رهندي آهي. انهيءَ قسم جي جذباتيت منهنجي نئين شاعريءَ ۾ ڪانهي، پر اڄ به منهنجي اندر جو اهو ناسٽڪ جوڳي مئو ناهي. اڄ به ساڳيو جوڳ جڙاءُ اٿس.

اياز کي سڪر موٽي وڃڻو هو. مان انهيءَ ناسٽڪ جوڳيءَ کان موڪلائي ٻاهر نڪتيس- نيلي اُڀ تي هڪ پورو ناسي بادل ڊوڙندو ٿي ويو. هانو هندوري تي هري آيم اياز جون هي سٽون- مان من ئي من ۾ جهونگارڻ لڳيس:

دل روز چوي ٿي دور وڃان
مان پوپاڙيءَ جي پنڇيءَ جان
ڪنهن پوري ناسي بادل تي!

# انڌيري ۾ سويري جي آس

(هي انٽرويو اردو روزانہ ”حريت“ ڪراچي جي ايڊيٽوريل عملي جي مس شمع زيديءَ ورتو ۽ ”حريت“ جي 2 آگسٽ 1985ع واري پرچي جي ادبي صفحي ۾ شايع ٿيو.)

**ادبي سفر**

**نالو: شيخ اياز**

**ڄمڻ جو هنڌ ۽ تاريخ: 23 مارچ 1923ع، شڪارپور**

ٻيا شغل ۽ مجموعا: 80_1976ع تائين، جڏهن مان وائيس چانسلر هوس، منهنجو هڪ مجموعو ”لڙيو سج لڪن ۾“ تيار ٿي سگهيو. تنهن کان پوءِ مون پنج ڪتاب ٻيا لکيا آهن، جيڪي ڇپجي چڪا آهن. ”پتڻ ٿو پور ڪري“، ”ٽڪرا ٽنل صليب جا“، ”ٻن ڇڙ پڇاڙان“، ”واٽون ڦلن ڇانئيون“، ”جڳ مڙيوئي سپنو“. انهن منجهان پهريان ٻہ ڪتاب منهنجي نثري شاعريءَ جا مجموعا آهن.

ٽيون ۽ چوٿون نظمن جا مجموعا آهن. ”ٻن ڇڙ پڇاڙان“ مجموعي ۾ ٽن سؤ صفحن کان وڌيڪ جاپاني هائيڪو آهن. جپاني هائڪو ۾ سترهن ماترائون هونديون آهن. سنڌيءَ ۾ 35 ماتراؤن ٽين ٽيون. 11، 13، 11. انهن منجهان ڪن منجهہ تہ جاپاني هائيڪو جو رنگ ۽ خوشبو آهي، جڏهن تہ انهن ۾ محاڪاتي پس منظر سنڌي آهي ۽ باقي ٻين ۾ مختلف جذباتي ۽ روحاني ڪيفيتون آهن. ان ڪري مون انهن کي هائيڪو نہ پر ”تہ سٽا“ جو نالو ڏنو آهي. ان ۾ نہ رڳو بين الاقوامي نظرين

جا تاثر آهن، بلڪ قومي ۽ بين الاقوامي سياست ۽ تاريخ بابت ردعمل بہ آهي.

پنجون ڪتاب، منهنجي سوانح عمريءَ جو پهريون حصو آهي، جيڪو ڏهن ٻارهن حصن ۾ آهي، ان ۾ ظاهري طرح تسلسل نظر نٿو اچي ۽ واقعن کي ننڍن ننڍن بابن ۾ اهڙيءَ طرح ترتيب ڏنو ويو آهي، جو انهن تي هڪ افسانوي رنگ حاوي ٿي ويو آهي. پهرين حصي ۾ منهنجو حياتيءَ بابت نظريو ڪنهن حدتائين نظر اچي ٿو پر منهنجو حياتيءَ بابت پورو نظريو ان جي مڪمل ٿيڻ وقت صاف ۽ واضح ٿيندو.

تنهن کان سواءِ هن سال مون ٽن سؤ صفحن کان وڌيڪ نظم لکيا آهن ۽ مون کي محسوس ٿيو تہ نہ رڳو شاعري ڦوهہ جوانيءَ، سونهن ۽ سينگار سان مون وٽ موٽي آئي آهي، پر ان کي پنهنجي تجربن ۽ شعور نئين گهرائي ۽ پختگي بہ بخشي آهي. اهو نئون ڪلام مان هڪ ٻن مهينن ۾ ڇپائيءَ لاءِ ڏيئي ڇڏيندس. ان مجموعي ۾ قوميءَ کان بين الاقوامي مسئلن تائين ۽ هڪ عالمگير جنگ جي ڀيانڪ نتيجن جي تصور تي مبني نظم آهن ۽ ڪيترائي فيلسوفاڻا مسئلا بہ بحث هيٺ آيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ منهنجو پنهنجو هڪ نقطہ نظر (Vision) آهي، جنهن کي مان پنهنجو نرالو منفرد نقطہ نظر چئي سگهان ٿو ۽ جو دنيا جي ڪنهن بہ شاعر کان متاثر ٿيل نہ آهي. ٽن سؤ صفحن تي مشتمل منهنجو هڪ انٽرويو بہ ترتيب هيٺ آهي جيڪو منهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو هڪ حصو هوندو.

منهنجون تازيون ادبي تخليقون، منهنجي اڳين ڪم کان مختلف نہ آهن. انهن ۾ منهنجي شخصيت جي ڏاڪي بہ ڏاڪي ارتقا پسجي ٿي.

❊❊❊❊

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ چيو هو "ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي." ۽ شيخ اياز يقيناً اهو ماڻهو آهي جنهن جو ڳاڙهيٽو بهار جي خوشبوءِ وارن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. شيخ اياز صاحب سان ڳالهہ

ٻولهہ ڪرڻ وقت هر هر منهنجي ذهن ۾ اهو خيال اچي رهيو هو تہ سندس شخصيت جي کھڙي پهلوءَ کي پهريان روشن ڪجي، ڇاڪاڻ تہ منجهس هر پهلو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ايترو اهم ۽ مڪمل آهي، جو ان لاءِ الڳ الڳ ڪيترائي انٽرويو گهرجن (سندس شاعري، ڪهاڻيون، ڊراما، ترجما، وڪالت ۽ سندس ذاتي زندگي وغيره).

پردي ۽ آواز وسيلي ڪنهن شخصيت جي ٻين سان ڇاڻ سڃاڻ ڪرائڻ سولو آهي. ان ۾ ويئلن ۽ ڏسندڙن جي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي سگهہ جو دخل هوندو آهي، پر لفظن وسيلي، پنهنجي پڙهندڙن آڏو ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو خاڪو پيش ڪرڻ، سندس شڪل شبيهہ چٽڻ، ڪجهہ ڏکيو ڪم آهي. ها، پر لکڻ واري لاءِ اُهي گهڙيون وڏي مان مرتبي واريون هونديون آهن، جيڪي قلم جو رشتو لفظن سان ۽ لفظن جو رشتو پڙهڻ وارن سان ڳنڍينديون آهن، تڏهن بيجان لفظ بہ ڳالهائڻ لڳندا آهن ۽ مصور جي رنگن ۾ آواز پيرجي ويندو آهي.

سائين شيخ اياز کان انٽرويو وٺڻ ڪا توري ڳالهہ ناهي. سنڌي، اردو، فارسي ۽ مغربي ادب تي سندس مطالعو ايترو تہ ګوڙهو آهي، جو ڳالهہ ٻولهہ دوران هو هڪ سوال جي جواب ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن ڪتابن ۽ انهن جي ليکڪن جو حوالو ڏيندو آهي. انهن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪندو آهي ۽ پوءِ ٻنهي جي توازن سان پنهنجي ڳالهہ جو جواب ڏيندو آهي. هو پاڻ کي رڳو سنڌي ٻوليءَ جو شاعر نہ سمجهندو آهي، پر شاعر ۽ شاعريءَ کي اهڙيءَ ورهاست کان قطعي مٿانهون ڀائيندو آهي، سندس چوڻ آهي تہ! ”شاعر رڳو شاعر هوندو آهي، باقي ٻيون سڀ ثانوي شيون آهن.“ بلڪ سندس هڪ ڪتاب جي ترجمي جو جيڪو حمايت علي شاعر ڪيو آهي، انتساب ”اردو، سنڌي اديبن ۽ شاعرن

جي اتحاد "نالي" آهي.*

"شيخ اياز شعر ۽ ادب ۾ اوچي شخصيت جو نالو آهي." پير حسام الدين راشديءَ چواڻي، "شيخ اياز شاهہ ڀٽائي، سچل سرمست ۽ سامي کان پوءِ سنڌيءَ جو سڀ کان وڏو شاعر آهي." (۽ ساڳي راءِ جي ايم مهڪريءَ جي بہ آهي.)

شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ رڳو سُرهاڻن، محبتن ۽ امن جو ئي نعرو نٿو لڳائي، پر جتي زماني جي ناسازگاريءَ جي ڳالهہ هجي، انسانن جي انسان مٿان ظلم ڪرڻ ۽ حقن کسڻ جي ڳالهہ هجي، اتي بہ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ آواز اٿاري ٿو جيڪو نيٺ، پرامن انقلاب جو بنياد بڻجي وڃي ٿو. هن پنهنجي قلم جي ئي حوالي سان چيو هو:

"اي منهنجا محبوب وطن، توسان منهنجو ساڳو لونءَ لڳاءُ،
هي منهنجو مظلوم قلم، سوچيو ناهي جنهن سرچاءُ."

مٺي، صاف ۽ سادي زبان ۾ ڳالهائڻ واري شيخ اياز صاحب جي شاعريءَ منجهہ جيڪو ميٺاج آهي، اهائي مٺڙي زبان ۽ سادگي سندس طبيعت جو بہ حصو آهي. ساڻس ڳالهہ ٻولهہ جي شروعات ۾ منهنجو پهريون سوال سندس شاعريءَ ۽ کانئس اڳ جي شاعريءَ بابت ئي آهي.

س: شيخ صاحب! توهان کان اڳ جي سنڌي شاعريءَ جي صورتحال ڪهڙي هئي؟ ۽ توهان ڪهڙي ماحول ۾ ۽ ڪڏهن شاعري شروع ڪئي؟

هن اردو ۽ سنڌيءَ جي ڳاڙهي ساڙهي لهجي ۾ مٺي زبان ۾ وراڻيو "ان وقت سنڌيءَ جا غزل گو شاعر اردو جي صاحب ديوان شاعرن کان متاثر هئا. هو خليفي گل محمد جي سنڌي محاڪات، محاورن ۽ زبان بجاءِ ناسخ، مؤمن ۽ آتش وغيره جي ڪلام مان رديف ۽ قافيا چونڊي چونڊي

---

* حمايت علي شاعر "شيخ اياز شخص اور شاعر" ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هن اياز جي ڊائري ۽ شاعري بہ ترجمي جي صورت ۾ ڏني آهي.

پنهنجي غزلن ۾ آڻيندا هئا. خليفي گل محمد ’گل‘ کان پوءِ سنڌي غزل، اردو غزل جو چربو هوندو هو. هو غالب ۽ علامہ اقبال جي شاعريءَ کان بہ اڻجاڻ هئا. ان دور ۾ ڪشن چند بيوس سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو. هو اقبال جي ”بانگ درا“ ۽ چڪ بست کان گهڻو متاثر هو. بيوس پنهنجي شاعريءَ کي سامراج دشمن خيال سان ڳنڍي ڇڏيو. هن سنڌي شاعريءَ جي لوڪ روايت (شاهہ، سچل، سامي) منجهان بہ ڪجهہ پرايو. اهو ماحول هو ۽ مان ان وقت اچا اسڪول ۾ هئس، جڏهن مون رڳو يارهن سالن جي عمر ۾ پهريون نظم لکيو ۽ اهو نظم شڪارپور جي رسالي ”سدرشن“ ۾ ڇپيو هو. شيخ صاحب چيو ”اصل ۾ منهنجي تربيت اهڙي ماحول ۾ ٿي هئي، جيڪو منهنجي شاعراڻي صلاحيتن جي واڌاري لاءِ ڏاڍو سازگار هو. منهنجو بابا لکنؤ الهہ آباد ۽ حيدرآباد دکن ۾ ڪيئي سال رهيو هو. اردو ۽ فارسيءَ تي ڪيس گهڻي مهارت حاصل هئي. ان وسيلي حافظ، غالب ۽ ڪيترائي بيا شاعر، مون ننڍپڻ ۾ ئي پڙهي ڇڏيا هئا.“ هو چوندو رهيو ”نيرنگ خيال، ”عالمگير“ ۽ ”الهلال“ وغيره جهڙا رسالا اسان جي گهر ايندا هئا. منهنجي ماءُ مون کي سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي. جنهن مان آءٌ پنهنجي لوڪ روايت کان بہ واقف ٿيس ۽ مان سنڌيءَ زبان جي ڏس ۾ روزمره جي ٻولي، پهاڪن ۽ چوڻين ۾ بہ مهارت حاصل ڪئي. مطلب تہ ننڍپڻ ۾ ئي، مان سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جا ڪيئي ڪتاب پڙهي چڪو هوس.“

شيخ صاحب ٻڌائي رهيو هو ”سورهن سالن جي عمر ۾ مون کي شاهہ جو رسالو غالب جي ديوان ۽ حافظ جي ديوان جا گهڻا ياڳا، گلستان، سعدي، پيام مشرق، بانگ درا ۽ بال جبريل جا ڪيئي نظم ياد ٿي ويا هئا.“

شيخ صاحب انهيءَ دؤر جو ذڪر ڪندي ٻڌايو: ”ان زماني ۾، منهنجا شعر ”سنڌو“ جهڙي رسالي ۾ ڇپجڻ لڳا هئا. هڪ ڀيري ”سنڌو“ جو ايڊيٽر مون سان ملڻ آيو. جڏهن مون ان کي ٻڌايو تہ مان

شيخ اياز آهيان، تہ هن اهو چرچو سمجهيو ۽ جڏهن مون ڪيس پڪ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو ڪاوڙجي هليو ويو تہ ايترو ننڍڙو ڇوڪرو شيخ اياز ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ۽ ان کان پوءِ هن لڳاتار ٽي سال، منهنجي ڪابہ شيءِ پنهنجي رسالي ۾ نہ ڇاپي.“

مون اهو پڇي ڄاڻڻ چاهيو تہ جنهن وقت شيخ صاحب شاعري شروع ڪئي، تنهن وقت سنڌ جي سماجي ۽ سياسي صورتحال ڪهڙي هئي؟ مون اهو سوال سندس سامهون رکيو تہ هن جواب ڏنو:

”مون جڏهن شاعري شروع ڪئي، تڏهن انگريز سامراج خلاف سڄو برصغير ٻري رهيو هو. ڀڳت سنگهہ کي انهن ئي ڏينهن ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو. ادبي ماحول جو مان ٻهريون ئي ذڪر ڪيو آهي. سماجي ۽ اقتصادي صورتحال اها هئي، جو سماجي ۽ اقتصادي طور هندن کي مسلمانن تي برتري حاصل هئي. پر اسان جي شيخ برادريءَ جا ماڻهو ڪجهہ تعليم يافتہ هئا. انهن مان ڪيترائي سرڪاري عهدن تي هئا ۽ اسان جو پاڙو مسلم ليگي سياست جو ڳڙهہ هو.“

شيخ صاحب! ان معاملي ۾ هڪ سوال آهي تہ سنڌ جي ادبي تحريڪ، پاڪستان جي ٻين ادبي تحريڪن کان ڪيترو مختلف يا مطابق هئي؟

هو جواب ڏئي ٿو ”جيستائين ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ سياسي تحريڪ نہ اڀري هئي، تيستائين سنڌي ادب جي تحريڪ ۽پاڪستان جي ٻين ادبي تحريڪن ۾ نمايان فرق اهو هو تہ سنڌي ادب، خاص ڪري شاعريءَ ۾ سنڌ جو پس منظر هوندو هو. ان جا محاڪات سنڌي هئا، ۽ ان جو شروع کان ئي پنهنجي ڌرتيءَ سان ڳانڍاپو هو. ون يونٽ کان پوءِ سنڌ جي صوبائي خودمختياري بحال ڪرائڻ لاءِ جڏهن تحريڪ اڀري، تہ سنڌي ادب ان جو ساٿ ڏنو. ان ۾ ڪجهہ نمايان ڪڙائي پيدا ٿي، ۽ اها ڪڙائي ايوب خان جي آمريت ۽ جمهوريت جي نفيءَ جي خلاف ايتري ئي هئي، جيتري پنهنجي صوبائي خودمختياريءَ جي کسجڻ تي.“ شيخ صاحب چوي ٿو ”بنگالي، بلوچي

۽ پشتو ادب ۾ سنڌي ادب جهڙا لاڙا مليا پئي. البتہ ادبي تخليق جو مقدار سنڌيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ پنجابي ادب ۽ پنجاب جي دانشورن ۾ بہ اهي لاڙا اڀريا هئا. پر اڳتي هلي آمريت خلاف پاڪستان جي سڀني ٻولين جي شاعرن، جن ۾ فيض ۽ حبيب جالب نمايان هئا، وڏوُن وڏ حصو ورتو.“

تحريڪ تان وري شاعريءَ تي آياسين. شيخ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ قسمين قسمين صنفون ڪتب آنديون آهن. هو ان بابت ٻڌائي رهيو هو: ” غزل، نظم، آزاد نظم، نثري نظم، گيت، وائي، بيت، ڏوهيڙا، ڪافي، تہ سٽا، منظوم ڊراما، لوڪ گيت، مطلب تہ ڪائي صنف اهڙي ڪانهي، جنهن ۾ مون نہ لکيو هجي. منهنجا گيت ۽ غزل بہ سنڌي رنگ ۾ رڱيل آهن. ڪٿي ڪٿي گيت ۾ غزل جي ڪيفيت اچي وڃي ٿي ۽ وائيءَ ۾ تسلسل هئڻ ڪري نظم جي ڪيفيت پيدا ٿي وڃي ٿي. نظم ۾ ان جي اندروني موسيقي ۽ رواني ڪري گيت جي ڪيفيت ملي ٿي.“

شيخ صاحب هڪ سوال جي جواب ۾ چئي ٿو: ”اصل ۾ پنهنجي هر تخليق تي منهنجي پنهنجي ڇاپ آهي. جيڪڏهن منهنجي ڪنهن تخليق تي منهنجو نالو نہ بہ هجي، تہ بہ پڙهڻ وارو سمجهي ويندو تہ هيءَ شيخ اياز جي شاعري آهي. ايئن ضرور آهي تہ مون ٻوليءَ جي لحاظ کان تہ شاهہ لطيف ۽ ساميءَ کان گهڻو لاڀ پرايو آهي، پر مان پوري اعتماد سان چئي سگهان ٿو تہ منهنجو هر هڪ مصرع منهنجو پنهنجو آهي، ۽ ان تي ڪنهن جو ڪو خاص اثر نہ آهي.“

توهان ڪهاڻيون بہ لکيون آهن. اهو ٻڌائيندا تہ سنڌي ادب ۾ توهان جي افسانن جي حيثيت ڪهڙي آهي؟

مشڪندي چوي ٿو: ”مون اهي ڪهاڻيون سترهن، ارڙهن سالن جي عمر ۾ لکيون جن جو مجموعو ”سفيد وحشي“ جي نالي سان پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڇپجي چڪو هو. پوءِ ان مجموعي جا ڪيترائي ايڊيشن ڇپيا ويا. پر مان، انهن کي گهڻي اهميت نٿو ڏيان،

چاڪاڻ تہ اهي ننڍپڻ ۾ ڇپيا هئا، البتہ ايترو سو آهي تہ مان پهريون سنڌي مسلمان هوس، جنهن جي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيو.“

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ شيخ صاحب جي مجموعي جي ڳالهہ نڪتي تہ مون ڪانئس پڇيو تہ هندستان جو سنڌي ادب، پاڪستان جي سنڌي ادب کان ڪيترو مختلف آهي؟

هو جواب ڏئي ٿو ”هندستان جي سنڌي ڪهاڻي، پاڪستان جي سنڌي ڪهاڻيءَ کان مٺ پري آهي. هونئن نارائڻ شيام هندستان جو تمام سٺو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلو وڌيڪ نمايان آهي ۽ خلوت ۽ مجاز جون رنگينيون جهلڪنديون آهن.“

منهنجو ٻيو سوال بہ ادب بابت ئي آهي. مان ڪانئس پڇان ٿي تہ جديد سنڌي ادب، ۾ نمايان طاقتور آواز يا شخصيتون ڪهڙيون آهن؟

هو بنا هٻڪ چئي ٿو: ”سڀ کان اوچو ۽ طاقتور آواز محمد ابراهيم جويي جو آهي، هو منهنجو دوست ۽ ساٿي رهيو آهي ۽ منهنجن ڪيترن ڪتابن جا مهاڳ سندس لکيل آهن. هونئن رسول بخش پليجو بحيثيت هڪ ڪهاڻيڪار، نقاد ۽ مفڪر پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ان کان سواءِ جمال ابڙو، نياز همايوني، سراج ميمڻ، امر جليل، ماهتاب محبوب، نسيم کرل (مرحوم) غلام رباني آگرو رشيد ڀٽي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر نجم عباسي، امداد حسيني، تاجل بيوس، ذوالفقار راشدي، عبدالجبار شيام، عبدالقادر جوڻيجو حميد سنڌي، آغا سليم، علي بابا، مراد علي مرزا، فتاح ملڪ، يوسف شاهين ۽ نئين نسل مان ڪيئي اهم آواز آهن.“

هر لکڻ واري جو مزاج پنهنجو هوندو آهي. جنهن مطابقت سان هو مطالعو ڪندو آهي. مون شيخ صاحب کان پڇيو تہ توهان ڪهڙن شاعرن ۽ اديبن کي پڙهيو آهي؟

هن ڪن گهڙين جي ماٺ کان پوءِ ڳالهايو ”سنڌيءَ ۾ شاهہ لطيف ۽ ساميءَ کي، اردو ۾ غالب، ميراجي ۽ فيض کي، فارسيءَ ۾ حافظ، خيام ۽ بيدل دهلويءَ کي.“ سندس چوڻ آهي، ”هونئن تہ مون سڄي دنيا جي

شاعريءَ جو انگريزي ترجمن وسيلي مطالعو ڪيو آهي (چاڪاڻ تہ چليءَ ۾ ميڪسيڪو کان وٺي، چين ۾ جپان تائين شاعريءَ جا ترجما انگريزيءَ ۾ ملن ٿا.) انهن منجهان، مون خاص ذوق ۽ شوق سان هسپانوي شاعر لورڪا، ترڪ شاعر ناظم حڪمت، لاطيني آمريڪا جي پبلو نرودا ۽ روسي شاعرن مايا ڪووسڪي، اسيفتو شنڪو ۽ وزنزنسڪي کي پڙهيو آهي." شيخ صاحب چوندو رهيو "هونئن تہ مون سڄي دنيا جو ڪافي فڪشن پڙهيو آهي، پر يوناني اديب ڪازان زاڪس کي، تمام گهڻو پنهنجي ويجهو محسوس ڪيم. هونئن بہ سائپرس جي هڪ يوناني رهاڪوءَ ۽ هڪ سنڌيءَ ۾ ذهني هڪ جهڙائي ايتري بعيداز قياس بہ نہ هجڻ گهرجي. گهڻي ڀاڱي نوبل پرائز وٺڻ وارن سڀني اديبن جي ڪتابن جا انگريزي ترجما بہ منهنجي نظر مان نڪري چڪا آهن ۽ يورپ، آمريڪا، ٽين دنيا ۽ سوشلسٽ ملڪن جي اديبن کي بہ ڏسي چڪو آهيان." هن پنهنجي طبيعت سان ميل رکندڙ ادب ۽ اديبن بابت مفصل ڳالهہ ٻولهہ پوري ڪندي چيو.

س: ٻڌون پيا تہ توهان هڪ ناول بہ لکي رهيا آهيو. جو توهان جو سڀ کان وڏو ادبي تجربو ٿيندو. ٻڌائيندا تہ اهو ڪم هينئر ڪٿي پهتو آهي ۽ ان جو موضوع ڇا آهي؟

هن جواب ڏنو. "مون ان ناول تي پنهنجو (هوم ورڪ) پورو ڪري ورتو آهي ۽ اهو ناول ڊاڪٽر زواگو وانگر پنهنجي ڌرتيءَ تي ٿيندڙ تبديلين بابت هوندو."

شيخ صاحب ٿوري ۾ ورندي ڏني ۽ هن وقت منهنجي ذهن ۾ شيخ صاحب جا لکيل ڪي جملا اچي رهيا آهن، جن ۾ هڪ هنڌ هن لکيو آهي تہ: "اڌ سچ، ڪوڙ کان وڌيڪ خراب ٿيندو آهي." خبر نہ آهي اها ڳالهہ هن ڪهڙي تجربي جي بنياد تي چئي آهي. بهرحال ان لاءِ مان کانئس ئي پڇان ٿي. پر هو ان بابت رڳو ايترو ئي چوي ٿو "شمع بيبي! مطلق العنانيت جي دؤر ۾ هر ان ماڻهوءَ کي جيڪو ضمير جي اظهار جي ضرورت محسوس ڪندو آهي، هر هر اهڙن تجربن مان لنگهڻو

پوندو آهي.“

محسوس ڪرڻ جي ڳالهہ تي ئي مان ڪانئس پڇي ورتان ٿي تہ زندگيءَ جي ڪنهن ڏاڪي تي توهان پاڻ کي بيوس محسوس ڪيو؟

هو بيحد نرم ۽ مانيٽي لهجي ۾ سچائيءَ سان چوي ٿو، ”جڏهن ڏاڍ ڌهڪاءُ چوٽ چڙهيل هوندو آهي ۽ پنهنجي ڪل بچائڻ لاءِ سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ چونڊ ڪرڻي پوندي آهي. اهڙين گهڙين ۾ ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجو پاڻ کي بيوس محسوس ڪندو آهي.“

زندگي بابت هر ماڻهوءَ جو پنهنجو نظريو هوندو آهي تہ ڪهڙي ڍنگ سان گذارڻ گهرجي. ڪو پنهنجي زندگي ڪنهن مقصد ماڻڻ خاطر گذاري ڇڏيندو آهي. ڪٿي زندگي بامقصد بجاءِ بي مقصد گذري ٿي. مان شيخ صاحب کان اهو سوال ڪريان ٿي. سندس جواب ان سلسلي ۾ ڏاڍو قلندراڻو آهي. هو چئي ٿو ”ماحول ڪٿي ڪيترو ئي قنوطيت سان ڀرپور هجي، هڪ رجائي نقطہ نگاهہ زندگيءَ کي آسان بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ هر انڌيري ۾ سويري جي آس ۽ ان سان ڳانڍاپو زندگيءَ کي وڌيڪ بامعني بڻائي ڇڏي ٿو ۽ اهوئي منهنجي حياتيءَ جو نظريو آهي.“

اڳ هڪ سوال جي جواب ۾ توهان ٻڌايو تہ يارهن سالن جي عمر ۾ توهان لکڻ شروع ڪيو ۽ ”سنڌو“ رسالي جو ايڊيٽر توهان سان ملڻ آيو پر جڏهن توهان هن کي ٻڌايو تہ توهان ئي شيخ اياز آهيو تہ هن کي ان ڳالهہ تي اعتبار نہ آيو ۽ ڪاوڙجي هليو ويو هو. ان مان ثابت اهو ٿيو تہ توهان تمام ننڍي عمر ۾ پاڻ ميچرائي ورتو هو! ڇا اهو ڏکيو ڪم نہ هو؟

هو مرڪندي وراڻي ٿو ”مغربي موسيقار موزارٽ، پاڻ کي اٺن (8) سالن جي عمر ۾ ميچرائي چڪو هو. هڪ آرٽسٽ لاءِ جيڪڏهن هو واقعي آرٽسٽ آهي، پاڻ کي ميچرائڻ ايترو ڏکيو ڪم بہ نہ آهي. البت ڪڏهن ڪڏهن مون کي بہ ”مباش منڪر غالب کہ در زمان تست“ جهڙي ڪيفيت جو احساس ٿيو پر ايڏو گهڻو بہ نہ.“

س: توهان کي پنهنجي شهرت ڪيئن لڳندي آهي؟ ڇا ڪڏهن توهان جو مَنُ گهرندو آهي تہ توهان گمناميءَ جي حياتي گهاريو جتي توهان کي ڪوبہ سڃاڻڻ وارو نہ هجي؟

هو ڏاڍي سادگي ۽ ڪجهہ لاپرواهيءَ سان جواب ڏي ٿو"مان پنهنجي شهرت کان ڪڏهن بہ مرعوب نہ رهيو آهيان ۽ نہ ئي شهرت جو احساس ڪڏهن منهنجي تخليق جي جذبي لاءِ رڪاوٽ بڻيو آهي، ڇاڪاڻ تہ منهنجي خيال ۾ فن ۾ پورڻتا جو احساس ئي فن لاءِ مهلڪ ثابت ٿيندو آهي. تازو ئي مون کي يهودي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آئزڪ سنگر (Issac Bashevis Singer) جي هڪ ڪهاڻيءَ جي شاعر ڪردار جو اهو جملو ڏاڍو وڻيو تہ "جيستائين فنڪار ساهہ کڻندو رهندو آهي، تخليق جي خواهش نہ مرندي آهي." سوال جي ٻئي حصي بابت هو چئي ٿو "هونئن وڪالت کان سواءِ گوشہ نشيني جي زندگي تہ مان گذريل پنجن سالن کان گذاري رهيو آهيان. ۽ هاڻي اها گمنامي منهنجي فن جي تخليق لاءِ ڏاڍي سازگار ٿي آهي، ڇو تہ هڪ سال جي عرصي ۾، مان پنج ڪتاب ڏيئي سگهيو آهيان. پر ان هوندي بہ اها گمنامي شهرت کان فرار سبب نہ آهي ۽ نہ وري مان غالب وانگر اتي رهڻ چاهيان ٿو جتي ڪوئي نہ هجي! پر مان پنهنجي واندڪائيءَ جو وقت پنهنجي مطالعي ۽ ادب جي تخليق لاءِ وقف ڪرڻ چاهيان ٿو."

ادب جي تخليق تي ياد آيو تہ شيخ اياز صاحب پنهنجي ذاتي ڊائريءَ ۾، جيڪا سندس ڪتاب "شيخ اياز (شخص ۽ شاعر) ۾ حمايت علي شاعر صاحب ترجمو ڪئي آهي، هن شيخ صاحب جي حوالي سان نقل ڪيو آهي تہ هو پنهنجي باري ۾ لکي ٿو: "مون هميشہ چاهيو آهي تہ منهنجي شاعري حقيقت جي ويجهو هجي ۽ حقيقت جي زبان ۾ هجي، پر ان حقيقت پسنديءَ جي باوجود مان پاڻ کي ماضيءَ جي ماضي ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر سمجهندو رهيو آهيان، ڇاڪاڻ تہ هن ڌرتيءَ جي حقيقت جو هڪ اٽٽر سلسلو آهي ۽ ان تسلسل کان اٽڃاڻائي حقيقت کان ڪن لاتار ڪرڻ برابر آهي."

هڪ ٻي هنڌ شيخ صاحب لفظن جي حوالي سان ڏاڍي ڀوڙهي ڳالهه ڪري ٿو:

”هر لفظ ڪي هڪ روح هوندو آهي، جو صدين جي لڳاتار ارتقا مان گذرندو آهي.“

”عوامي ٻوليءَ جو ڪوبه لفظ ڏکيو يا ڳرو نه هوندو آهي.“

”هر ظاهر ظهور متروڪ يا مرده لفظ تي دم عيسيٰ ڦوڪڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پر ان کان سواءِ شاعري پيغمبري نٿي ٿي سگهي.“

مان شيخ صاحب کان پڇان ٿي ته شاعر جي ڪاميابيءَ ۾ محبت ۽ ناڪامين جو ڪيترو هٿ هوندو آهي؟“ هو چوي ٿو ”محبت ۽ ناڪامين کان سواءِ فن تخليق نٿو ٿي سگهي. جيتوڻيڪ ڪنهن سوانح نگار لاءِ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته سندس ڪهڙي تخليق ڪهڙي ذهني يا جذباتي واردات جو نتيجو آهي.“

ڇا اهو صحيح آهي ته ڪجهه شاعرن جي شهرت ان کي ڳائڻ وارن جي محتاج هوندي آهي؟ ته شيخ صاحب ان جي تائيد ڪندي چئي ٿو:

”هائو اها ڳالهه صحيح آهي ته ڪن شاعرن جي شهرت ان جي ڳائڻ وارن جي محتاج آهي. پر اهڙن شاعرن جي شهرت بلڪل عارضي هوندي آهي. ڏسو شاهه لطيف جي شاعريءَ جي اهميت ان ڪري نه آهي ته هن کي سڄي سنڌ جا ماڻهو ڳائين ٿا. پر هن جي شاعريءَ ۾ خود هڪ موسيقي آهي، جيڪا ڪنهن ڳائڻي جي محتاج نه آهي. ڪي شاعر، ٿي سگهي ٿو موسيقارن جا محتاج هجن، پر موسيقار پاڻ وڏي شاعر جو محتاج هوندو آهي.“

شيخ صاحب کي جيڪا شهرت ۽ عظمت حاصل آهي، ان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ماڻهو هن جي شاعريءَ ۽ شخصيت کان مرعوب آهن. مان هن کان پڇان ٿي: ڇا توهان به ڪنهن شخصيت کان مرعوب آهيو؟

هو کلندي جواب ڏي ٿو: ”مرعوب ته مان ڪنهن کان به نه رهيو

آهيان. پر ڪجهه ماڻهن سان ويجهڙائي، خوشي ۽ دل جمعي ضرور نصيب ٿي آهي، جيئن فيض احمد فيض صاحب هو.“ هو چوي ٿو.

”مان ڪري ڳالهه منهن تي چئي ڏيڻ وارن کي پسند ڪندو آهيان ۽ خوشامدين کان پاسو ڪندو آهيان.“

مان سيني موضوعن تان هٽي، سندس ذاتي زندگيءَ بابت هڪ سوال ٿي ڪريان، تہ توهان جي رفيقہ حيات توهان جي ادبي ڪمن ۾ توهان سان ڪيترو سهڪار ڪندي آهي؟ هو کليءَ دل سان ان ڳالهہ جو اعتراف ڪري ٿو.

”ان جي سهڪار کان سواءِ جيڪر مان ڪجهہ بہ لکي نہ سگهان. هوءَ منهنجي ڪم ۾ ڪڏهن بہ ڪائي رنڊڪ نہ وجهندي آهي ۽ اديب جي حيثيت ۾ مون کي ايتري آزادي ڏيئي ڇڏي اٿائين، جيڪا هر ڪنهن اديب کي نصيب نہ آهي. پر جي منهنجي زال بہ اديبہ هجي ها تہ پوءِ مسئلا پيدا ٿي سگهيا ٿي.“

منهنجو ٻيو سوال شيخ صاحب کان عمر جي ان دور بابت هو جيڪو سيني دؤرن جو شهنشاهہ چوائيندو آهي، يعني ”ننڍپڻ.“ ماڻهو سڀ ڳالهيون وساري سگهي ٿو پر ان دؤر جا دوست، ساٿي ۽ اڻ ڳڻيون يادگيريون هن کان وساري نہ وسرنديون. انهيءَ عرصي ۾ جيڪو پل پل گذري ويندو آهي، زندگيءَ جو اهو ”البم“ آهي، جنهن کي اسان هوبهو ڏسڻ گهرون تہ خوشيءَ ۽ غم جا بي حساب احساس جاڳي اٿندا. اهو معصوم بالڪپڻو جنهن ۾ هر ڳالهہ نئين نڪور، نرالي ۽ هورا ڪورا واري هوندي آهي. اهڙوئي ننڍپڻ جو هڪ اڻ وسرندڙ واقعو شيخ اياز صاحب بہ ٻڌائي ٿو: ”جڏهن مان ٽن سالن جو هوس تہ هڪ ڀيرو پنهنجي بابا سان گڏ شڪارپور جي هڪ باغ ۾ گهمڻ ويس. اتي باغائي ڪانياٽيءَ سان چين چين ڪندڙ پکين کي مٽيءَ جي ڳوڙهن سان ماري ڀڄائي رهيو هو. هڪ پکي ڪري پيو. مون ان کي هٿ ۾ کنيو تہ ابا چيو ”هي مري ويو آهي.“ مان پڇيومانس، ”مري ڪاڏي ويو آهي؟“ منهنجو پيءُ منهنجي ان سوال جو ڪوبہ جواب نہ ڏئي سگهيو

هو. اها ڳالهه مون کي اڄ تائين ياد آهي!“

۽ توهان جي يادگيرين جو سفر ڪٿان شروع ٿئي ٿو؟ مون ساڻس ڳالهه ٻولهه کي سهيڙيندي پڇيو.

هن ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”گرمين ۾ مون کي ننڊ نہ ايندي هئي ۽ منهنجي جيجل امڙ مون کي لوليون ڏيئي سمهارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، جنهن جو هڪ مصرعو اڄ تائين مون کان نہ وسريو آهي:

گهل ڏکڻ ڙي نيڻ تا ننڊ گهرن.

اهو شيخ اياز صاحب سان منهنجي ڳالهه ٻولهه جو آخري سوال هو. هن جي شخصيت ۾ لڪل مختلف پهلوئن کي ڳولي مون توهان تائين پهچايو آهي، پر ان خاڪي يا نقش ۾، مون کي ڪيتري ڪاميابي ٿي آهي، ان جو فيصلو ڪرڻ منهنجو يا شيخ اياز صاحب جو نہ پر پڙهڻ وارن جو ڪم آهي.

# اي ڪاش اهو تون ڄاڻين ها

(هي انٽرويو سنڌ جي نوجوان ترقي پسند ليکڪ، صحافي ۽ نقاد، فقير محمد (ف م) لاشاريءَ، آڪٽوبر 1986ع تي شيخ اياز کان سکر ۾ ورتو ۽ 3 نومبر 1986ع واري هفتيوار "برسات" ڪراچيءَ ۾ ڇپيو)

سکر لاءِ فون ڪرڪائي اياز صاحب سان ڳالهائي انٽرويو لاءِ عرض ڪيم. لڳم، تہ منهنجو چوڻ تاري نہ سگهيو ۽ هائو ڪيائين. پوءِ ڏينهن طئي ٿيو 15 سيپٽمبر جو. وري سوچيو سون تہ انٽرويوءَ ۾ اياز جي ساٿين، سائين رشيد ڀٽي ۽ سائين فتاح ملڪ جي بہ هن ڏس ۾ مدد ورتي وڃي، ان بهاني سکر ۾ سنڌن مهماني بہ ماڻيم ۽ پڙهندڙن لاءِ اياز جي قرب حاصل ڪرڻ سان گڏ انٽرويو بہ ڪري آيس. انٽرويو فتاح ملڪ صاحب جي گهر تي ڪيم ۽ سوال اهڙي نوعيت جا پڇيم، جن مان مختلف معاملن ڏانهن اياز جي ورتاءَ جي خبر پوي. ذاتي نوعيت جا سوال آءُ پڇي نہ سگهندو آهيان، ڇو جو انهن ڳالهين جي ڪا دائمي حيثيت آهي ڪانہ. دائمي حيثيت انهن روين جي آهي، جيڪي تخليقي عمل ذريعي ذهنن تائين پهچن ٿا.

شيخ اياز سنڌي ادب جي مهندار شخصيت آهي، ۽ قومي سجاڳيءَ ۾ سندس جيڪو حصو آهي، ان جو مرتبو سنڌي توڙي عالمي ادب جي تاريخ ئي طئي ڪري سگهي ٿي. اياز ذاتي طرح گهڻو عرصو پبلڪ لائيف کان ڪٽيل رهيو هو جو تازو ئي سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي سڏ تي "وائيسز" گروپ سان موسيقيءَ جي شام ۾ خاص مهمان طور شريڪ ٿيو. اخبارن ۾ هڪ ڏينهن جي خبر تي اياز جي

نالي ۾ جيترا ماڻهو گڏ ٿيا، تن پروگرام جي منتظمين کي ڪجهه پريشان بہ ڪيو. ڇو تہ ماڻهو ڪراچي پريس ڪلب جي هال جي گنجائش کان گهڻا وڌيڪ اچي ويا. اياز جي اچڻ سان هڪ ٿي وقت بہ ڳالهيون ٿيون. اياز ۽ ميڙ پنهي هڪ ٻئي کي اُتساهہ ڏنو ۽ اياز سنگت سان پير پري ثابت ڪيو تہ هو اسان کان ڌار ناهي. اياز وڏو تخليقڪار آهي ۽ هن، وقت زيان ڪرڻ کان سواءِ، سڪر جو مصروف ترين وڪيل هئڻ جي باوجود، لاڳيتو لکيو آهي. اياز شروع کان ئي الزامن ۽ تنقيدن جو نشانو رهيو آهي، پر انهن ڳالهين کيس وڌيڪ سگهہ بخشي آهي. اياز کي جيڪڏهن ڪنهن حملي سان تڪليف ٿيندي آهي، تہ اُها پنهنجن جي حملي سان. جيڪا ڳالهہ مون کي ڪانئس انٽرويو وٺندي بہ محسوس ٿي. پنهنجن مان اياز جي مراد اُهي قوتون آهن، جيڪي سماجي نانصافين خلاف مختلف محاذن تان مهاڏو اٽڪائي بيٺيون آهن. اياز تمام وڏو فنڪار آهي، اُن ڪري ڪجهہ هن جون بہ تقاضائون آهن ۽ انهن تقاضائن تي اسان سڀني کي سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو.

سوال: هڪڙي راءِ آهي، تہ شيخ اياز هينئر پنهنجي شاعريءَ کان ٻاهر هڪ ٿڪل شخص آهي. توهان ان ڏس ۾ ڇا چوندا؟

جواب: وڪالت ۾ 10_12 ڪلاڪ روز ڪم ڪرڻ جي باوجود، منهنجا گذريل ٽن سالن ۾ نو (9) ڪتاب ڇپيا آهن ۽ چار زير تصنيف آهن. ايتري محنت سان ٿڪ تہ لازم آهي. باقي جي اوهان روحاني ٿڪ جي ڳالهہ ٿا ڪريو تہ مون ۾ اجا ايتري تازگي آهي، جو مان، جي ڪنهن وڻ کي ڇُوان تہ تڙي پوءِ، تہ اهو تڙي پوندو. منهنجي قلم جو قد سدائين سڌو رهيو آهي. اُهو ڪڏهن بہ ڪنهن پوڙهي جي پٺيءَ وانگر ڪبو نہ ٿيو آهي. منهنجا پويان چار ڪتاب "پن ڇڻ پڇاڙان"، "واٽون ڦلن ڇانئيون"، "چنڊ چنبيلي ول" ۽ "رڻ تي رم جهم" ڏسندا تہ مون انهن ۾ شاعريءَ جا فارم ئي بدلائي ڇڏيا آهن. هن عمر ۾ بہ ڪنهن بہ نئين صنف سخن سان منهنجو نڪاح ڪامياب رهيو آهي. فيض جي

پوئين ڪتاب ”اي دل ميري مسافر“ وانگر اوهان ڪي منهنجي ڪتابن ۾ ٽڪ جو احساس نہ ملندو. اجا تہ مون ۾ اهو ٽڪ نہ آيو آهي، جو انگريز شاعر ازرا پائونڊ ۾ نظر ايندو هو جڏهن هو وينس ۾ ڪنهن واهہ جي ڪناري تي لڪڻ ٽيڪيندو ويندو هو. دوستووسڪي وانگر مون ڪافي روحاني اذيت محسوس ڪئي آهي، پر پوءِ بہ مان هن وانگر عيسائيت يا ٻي ڪنهن مذهب جي آغوش ۾ فرار اختيار نہ ڪيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ صليب تي يسوع منهنجي پسنديده شخصيت رهيو آهي ۽ منهنجي ڪيڏ هڪ ڪان وڏيڪ ميري مگدولين آيون آهن.

سوال: اوهان ڪنهن وقت سياست ۾ سڌي طرح حصو وٺڻ ضروري سمجهيو هو. پوءِ ڇو ڇڏي ويا؟

جواب: مون سياست ۾ حصو پاڻ نہ ورتو هو پر مون کي سياست ۾ ڇڪيو ويو هو. منهنجا ڪتاب وري وري بئن ڪيا ويا ۽ انهن جي خلاف موثر پروٽيسٽ (احتجاج) جو طريقو فقط اهو هو تہ مان ايوب خان جي آمريت خلاف سياسي قوتن جو ساٿ ڏيان. منهنجي ڪتابن تي بندش ڪان پوءِ رجعت پرستن ۽ ترقي پسند قوتن جو ان تي ايترو تصادم ٿيو جو ان تصادم هڪ تحريڪ کي جنم ڏنو جنهن کي پنهنجا سياسي لوازمات بہ هئا. موجوده دور ۾ مان عملي سياست کان ڪناره ڪش ان ڪري ٿيو آهيان جو هڪ تہ منهنجي صحت ٺيڪ نٿي رهي ۽ ٻيو عملي سياست تي پنهنجو سارو فرصت جو وقت صرف ڪري مان ادبي ڪم نٿو ڪري سگهان. دراصل صحيح معنيٰ ۾ منهنجو شعر ادب اڳ بہ منهنجي سياست هو هاڻي بہ آهي. ان ڪان مون ڪناره ڪشي اختيار نہ ڪئي آهي. (ان وچ ۾ رشيد ڀٽي صاحب چيو: ”اسان سياست ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ واسطي حصو ورتو هو.)

سوال: توهان پنهنجي هلت چلت ۾ دانشور وڌيڪ آهيو يا وڪيل؟

جواب: مان وڪيل جي حيثيت ۾ بہ هڪ دانشور هوندو آهيان. اوهان مون کي هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌو تہ ان مان اندازو لڳائي سگهو ٿا.

بورجوا جور سپروڊنس (سرمائيداراڻي قانون جي فلسفي) جي پيچ و خم کان مون کان وڌيڪ ٻيو ڪير سمجهي سگهندو.

سوال: اوهان متعلق هڪ راءِ آهي ته، ماڻهن سان ميل جول جي سلسلي ۾ اوپرائپ واري روش اختيار ڪندا آهيو. ان متعلق توهان کي ڇا چوڻو آهي؟

جواب: مان اوپري ۽ پنهنجي کي هڪ نظر سان پرکي وٺندو آهيان ۽ ڪنهن اوپري کي هڪ ملاقات ۾ ئي پنهنجو سمجهي ويهندو آهيان. اوپرن سان اوپرو هوندو آهيان. منافقيءَ جي مرڪ مان منهن تي آڻي نه سگهندو آهيان. باقي پنهنجن کي جيتري مون مان پنهنجائپ ملي آهي، شايد ئي اُها ڪين ٻين مان ملي هوندي ها. اها ٻي ڳالهه آهي، ته ڪم ۾ نهايت مصروف رهندو آهيان ۽ جيڪڏهن ڪوئي پنهنجو به بنا اطلاع جي اُن ۾ مخل ٿيندو آهي، ته ان کي ايتري توجهه نه ڏيئي سگهندو آهيان، جيتري توجهه جو هو مستحق هوندو آهي.

سوال: شيخ اياز جيڪو شاعر آهي ۽ شيخ اياز جيڪو وائيس چانسلر هو ٻنهي ۾ اوهان ڪهڙو فرق ڪريو ٿا؟

جواب: ابراهيم جويو جيڪو اديب آهي ۽ جيڪو ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو سيڪريٽري هو ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ڇا اهو به ڪوئي سوال ٿيندو، ته جمال ابڙو سنڌ جو عظيم ڪهاڻيڪار آهي ۽ جو سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري هو ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ڇا جي اسيمبلي، ڪوئي غلط بل پاس ڪيو هو ته اهو جمال ابڙي سان منسوب ڪيو ويندو؟ ايئن وائيس چانسلري به هڪ نوڪري هئي جو سوا سال مون چونڊيل حڪومت هيٺ ڪئي ۽ باقي مارشل لا هيٺ. ان کي پنهنجا لوازمات هئا. اهو چوڻ ته ڪابه يونيورسٽي هڪ خودمختيار ادارو آهي، قومي حالتن کان بي خبريءَ جو نتيجو آهي. شيخ اياز شاعر هڪ آزاد انسان آهي. وڪالت هن لاءِ پيرن جا زنجير نه آهي. بقول حافظ:

"فاش مي گويم وار گفتهء خود دلشادم

بنده عشقم و از هر دو جهان آزادم.“

سوال: توهان جو چوڻ آهي، تہ اديب کي اظهار جون سڀ آزاديون ڏنيون وڃن. اهڙيون آزاديون حاصل ڪرڻ ۾ اديب جو پنهنجو ڪيترو حصو هئڻ گهرجي؟

جواب: مون ان جو جواب تازو پنهنجي هڪ نظم ۾ ڏنو آهي، جو ”رڻ تي رم جهم“ ۾ ڇپيو آهي: ”اي ڪاش اهو تون ڄاڻين ها سا آزادي ڪيئن ايندي آ“ (هتي اهو سڄي نظم ڏجي ٿي:)

اي ڪاش، اهو تون ڄاڻين ها
آزاد هوا ڇا ٿيندي آ
اي ڪاش، اهو تون ڄاڻين ها،
پر واهہ بنا پر ڪيئن هوندا
آزاد فضا ڇا ٿيندي آ!
اي ڪاش، اهو تون ڳائين ها
ڪلهہ رات ڀڳت سنگهہ ڦاسيءَ تي
جو گيت اڌورو
ڳاتو هو!
اي ڪاش، اهو تون پائين ها
جو هار هوائن ۾ لڏندي
ڪلهہ تانتيا ٽوپيءَ پاتو هو!
تاريخ جي خوني گلين مان
هر وقت لهوءَ جي لاٽن ڏي
ڪا توکي ڇڪ ڇڪيندي آ
جڻ اوڊائر جي ڪا گولي،
اڄ تائين توکي تاڙي ٿي،
۽ تنهنجا تنهنجي مقتل ڏي
جڻ پير اچانڪ لاڙي ٿي،
تاريخ بکايل چيتي جئن

چؤ واتي تي چنگھاڙي ٿي
اي ڪاش، اهو تون ڄاڻين ها
ڇا تن جي قيمت ٿيندي آ،
جنهن آزاديءَ جا گيت چيءِ
اي ڪاش، اهو تون ڄاڻين ها
سا آزادي ڪيئن ايندي آ!

سوال: توهان جو ادبي نظريو ڪهڙو آهي؟

جواب: ڪنهن چيو آهي:

'All theory, dear friend is gray, but the golden tree of life springs ever green'

(اي دوست سڀ نظريا ناسي رنگ جا هوندا آهن، رڳو زندگيءَ جو سونهري وڻ ئي سدائين سائو هوندو آهي.)

سوال: ايم. اين. راءِ کان متاثر هئڻ جي ناتي محسوس ٿيندو آهي، تہ توهان جدليات ۾ انساني ارادي واري اضافي جا قائل آهيو. توهان انساني ارادو انفرادي صورت ۾ يا گڏيل شڪل ۾ مڃو ٿا!

جواب: فارسيءَ ۾ "فريڊم آف ول" جي مسئلي کي جبر ۽ اختيار جو مسئلو چيو ويندو آهي. ايم. اين. راءِ پنهنجي دور ۾ اختيار (Freedom of will) جو اعتراف ڪيو هو پر اهو هو پنهنجي مٽيريلزم ۽ معاشي جبريت جي نظرين سان هم آهنگ ڪري نہ سگهيو هو. مان شروع کان ئي ارادي جي آزاديءَ ۾ اعتبار ڪيو آهي. مون ڀٽائي جا سر اڪثر ٻيهر لکيا ها ۽ انهن ۾ پنهنجي زندگيءَ جي فلسفي جا مختلف پاسا ڏنا ها. ارادي جي آزاديءَ جو مسئلو مون سر ليلا چنيسر ۾ کنيو آهي، "جو چاهين سو چونڊ تون، مٽيو توڙي ماڳ" دراصل اهو سر ذريعن ۽ مقصدن جي باري ۾ آهي. مون ان تي ڪيئي بيت لکيا آهن:

اڳتي آءُ نہ آءُ سڀ ڪجهہ تنهنجي وس ۾،
ازل کان آزاد تون، آهين منهنجا ڀاءُ،
جو چاهين سو چونڊ، پر رکي چت چتاءُ،

ناهي سوريءَ ساءِ، ڳچيءَ جي ڳڻ ڳوت ۾.

ارادي جي آزاديءَ جي باري ۾ مون تي روسي ناولسٽ دوستو وسڪيءَ، جرمن فلسفي هيڊگر، فرينچ ادب سارتر ۽ ان جي همعصر اديبن جو اثر ٿيو آهي. يوناني ناولسٽ ۽ شاعر ڪازان زاڪس جي به ان تي گهري ڇاپ آهي.

سوال: توهان "پتڻ تو پور ڪري" ۾ هڪڙي هنڌ سماج کي پڇرو ڪوٺيو آهي. ڇا انسان سماجي جانور هئڻ جي باوجود سماج جي بنيادي تصور سان بغاوت ڪرڻ جو حق رکي ٿو؟

جواب: سماج سان بغاوت ئي عظيم فن پيدا ڪندي آهي. سماج ۾ چڱي ۽ بري جي وچ ۾ تضاد ازلي آهي ۽ ابد تائين رهڻو آهي. اهو چوڻ تہ سوشلسٽ معاشري ۾ اهو تضاد ختم ٿي ويندو ۽ تضاد چڱي ۽ وڌيڪ چڱي ۾ وڃي رهندو غلط آهي. وڌيڪ چڱي سان ٽڪراءَ ۾ اچي چڱو بري جي زمري ۾ اچي وڃي ٿو. هر باشعور ۽ باضمير اديب کي چڱائيءَ جو ساٿ ڏيڻو ۽ برائيءَ سان تصادم ڪاٽڻو آهي. روسي انقلاب کان پوءِ ادب ۾ بغاوت يا تہ زوريءَ ختم ڪئي وئي يا پوڙر جي ڪري ختم ٿي وئي. اهي ناول جن تي استالن پرائيز ملي هئي، وري بيهر نہ ڇپيا ۽ رديءَ ۾ وڪامي رهيا آهن. انهن مان هڪڙو بہ اوهان کي روسي ڪتابن جي ايگزيبيشن ۾ نہ ملندو. مون انهن مان اڪثر ناول نظر مان ڪڍيا هئا. انهن ۾ هڪ سٽ بہ اهڙي نہ هئي، جا پڙهڻ جي قابل هجي. استالن جي موت کان پوءِ جڏهن خروشيف اديبن کي آزادي ڏني، تہ اتي ٿي اهم ناول شايع ٿيا. هڪ اليا اهرنبرگ جو "دي ٿا" (برف جو رجڻ) ٻيو ڊوڊنسوف جو "ناٽ باءِ بريڊ الون" ۽ ٽيون سولزي نٽسن جو "ايوان جو سائيبريا ۾ هڪ ڏينهن." اليا اهرنبرگ ۽ سولزي نٽسن جا ناول روس ۾ ڇپيا ۽ ڊوڊنسوف جو باهر ڇپيو. اهي ناول اڃا پاڪستان ۾ ئي نہ پهتا هئا تہ مون آمريڪا مان گهرائي ورتا ها. اليا اهرنبرگ ۽ ڊوڊنسوف جي ناول جي روسي ٽيڪنوڪريسي ۽ ان جي سازشي ڪردار تي سخت ڪڙي تنقيد آهي. سولزي نٽسن جو ناول استالن جي

دور جي ظلم ستم جي باري ۾ آهي. جڏهن خروشيف کي اقتدار مان هٽايو ويو تہ اها آزادي واپس ورتي وئي. پيسترنڪ جي شاهڪار ڊاڪٽر زواگو جي مغرب ۾ اشاعت کان پوءِ جو ڪجھ پيسترنڪ سان ٿيو اهو عالم آشڪار آهي. مون سان ماسڪو جي اديبن گفتگو جي دوران اهو تسليم ڪيو تہ پيسترنڪ، پشڪن کان پوءِ روس جو عظيم ترين شاعر آهي ۽ ڊاڪٽر زواگو هڪ نهايت اهم ناول آهي. هنن اهو بہ ٻڌايو تہ هو حڪومت کان تقاضا ڪري رهيا آهن، تہ ڊاڪٽر زواگو تان بندش هٽائي وڃي. (ياد رهي تہ سوويت يونين ۾ ڊاڪٽر زواگو کي بحال ڪري ڇاپيو ويو آهي: انٽرويو وٺندڙ) سولزي نٽسن جا باقي سڀ ڪتاب روس کان ٻاهر ڇپيا آهن ۽ مون اهي سڀ پڙهيا آهن. منهنجي نظر ۾ ٽالسٽاءِ ۽ دوسٽو وسڪيءَ کان پوءِ هو روس جو وڏي ۾ وڏو ناولسٽ آهي. منهنجي ساري عمر سماج سان بغاوت ۾ گذري آهي. انهيءَ بغاوت ئي منهنجي هر سٽ کي جلا ڏني آهي. مان اهو حق هر اديب کي هر سماج ۾ ڏيڻ چاهيان ٿو. انهيءَ سوال مان مون کي تہ ايئن ٿو لڳي تہ توهان اڳ ئي آئيندي جي اسٽيبلشمينٽ وانگر سوچي رهيا آهيو.

سوال: آمريڪا ۾ سياسي پناهہ وٺندڙ سولزنٽسن کي هڪ هنڌ توهان پنهنجو ڀاءُ سڏيو آهي، جڏهن تہ هن پنهنجي عمل ذريعي سوشلسٽ ڪئمپ بدران سامراجي ڪئمپ سان ناتہ ڪيو ۽ زار وري روس جي ساراهہ ڪئي. سندس ان چوڻ بابت اوهان جو ڪهڙو رايو آهي؟

جواب: مان سولزنٽسن جي فن کان متاثر آهيان، ان جي نظرين سان منهنجو اتفاق نہ آهي ۽ نہ مان هن جي اها ڳالهہ مڃان ٿو تہ زار جو دور روس ۾ موجوده دور کان بهتر هو. ڇاڪاڻ جو هن جي جينئس جي پوري Evaluation نہ ڪئي وئي ۽ اسٽالن هن کي ڪافي وقت ڪنسنٽريشن ۾ رکيو ان ڪري سندس ردعمل نهايت سخت ٿيو. مان چاهيان ٿو تہ انهيءَ پائي جي فنڪار کي روس ۾ اڪموڊيٽ ڪيو وڃي

ها تہ بهتر. هن وقت هو آمريڪي ايجنٽ جو رول ڪري رهيو آهي، انهيءَ هن جي ادبي قد و قامت کي گهٽايو آهي.

سوال: گارشيا مارڪئيز کي جادوئي حقيقت نگاريءَ جي پوئواري ڪندڙ ڄاڻايو پيو وڃي، ڇا ان اسٽائيل جو ترقي پسند حقيقت نگاريءَ سان واقعي ڪو تضاد ٿئي ٿو؟

جواب: گبرائيل گارشيا مارڪئيز کي 1983ع ۾ نوبل پرائيز مليو. ميڪسيڪو کان چلي ۽ ارجنٽينا تائين انقلابي ادب طوفان وانگر ايريو آهي. جڏهن گو گول، دوستو وسڪيءَ، ٽالسٽاءِ ۽ چيخوف جو دؤر اڪين اڳيان ايري ٿو اچي. پر اڻويهين صديءَ جي روس ۽ ويهين صديءَ جي لاطيني آمريڪا ۾ وڏو فرق آهي. ايئن آهي تہ هن وقت لاطيني آمريڪا ۾ ايئن سياسي جبر تشدد آهي، جيئن روس ۾ 19 صديءَ ۾ هو. ايئن بہ آهي تہ بيروني قوتون روس ۾ بہ تڏهن جبر و تشدد کي ساٿيءَ طرح هٿي ڏينديون هيون، جيئن هاڻي لاطيني آمريڪا ۾ ڏئي رهيون آهن. ان لحاظ کان لاطيني آمريڪا جي آمريتن ۽ زار شاهيءَ ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي. ان دور ۾ لاطيني آمريڪا عظيم شاعر پيدا ڪيا آهن. چليءَ جي پبلو نرودا ۽ گبرائيل مسترا کي اڳ ئي نوبل پرائيز ملي هئي. پيروءَ جو سيزار وليجو ۽ آرمينڊو والاڊيرس جو ڪاسترو جي ڪيوبا ۾ ويهہ سال جيل ۾ رهيو اهم شاعر آهي. مارڪئيز ڪنهن سوشلسٽ پارٽيءَ جو ميمبر نہ آهي، نہ هن ۾ شولو خوف واري انقلابي حقيقت نگاري آهي. ايئن آهي تہ هن کي ٽين دنيا جي مسئلن ۽ ان جي جدوجهد سان همدرديون آهن، جنهن ڪميونزم جي پوءَ کان ٽين دنيا ۾ هر فوجي آمريت جي حمايت ڪئي آهي ۽ ان کي هٿيار ڏئي رهي آهي، تنهن مارڪيز کي اهو انعام ڇو ڏياريو؟ آخر نوبل پرائيز جا جج سڀ پرو آمريڪا آهن ۽ ان ڪري سارتري نوبل پرائيز کي ٺوڪاري ڇڏيو هو. پيسترنڪ کي تہ نوبل پرائيز (ڊاڪٽر زواگو تي) ان ڪري ڏني وئي هئي، جو ڊاڪٽر زواگو ۾ مارڪسزم کي للڪاريو ويو هو. پر مارڪئيز تہ مارڪسزم جي خلاف نہ آهي. سوال آهي تہ هن کي

سندس ناول ”هيڪلائيءَ جي صديءَ“ تي بورجوا قومن عالمي انعام ڇو ڏنو ۽ آمريڪي پريس هن جي نگارش کي جادوئي حقيقت نگاريءَ ڪوٺي ايڏو اُڇالي ڇو رهي آهي. مغرب ۾ ادب ۽ آرٽ ۾ ترقي پسند حقيقت نگاري نالي ماتر آهي. فرانس ۾ ايملي زولا واري دور ڪان پوءِ، حقيقت نگاري کي فن ادب ۾ خاص همٿايو نہ ويو آهي. پر سارتر ۽ ٻين جي وجوديت مغربي ادب تي ڇانئجي وئي هئي، توڙي جو سارتر اڪثر اوقات روس جو ساٿي ۽ امپيريلزم جو دشمن هو پر ان جو هڪ سبب اهو بہ هو تہ وجوديت جي بنيادي نظرين جدلياتي ماديت ۽ تاريخ جي جبريت کي رد ٿي ڪيو. جيتوڻيڪ سرمائيدارانہ نظام ۽ اشتراڪي نظام ۾ رسا ڪشي وقت سارتري، اشتراڪي نظام جو ساٿي هو هن روس ۾ استالن واري دور ۾ ٿيل جبرو ستم تي چشم پوشي ٿي ڪئي، جا البرٽ ڪامو نہ ڪري سگهيو هو ۽ ان ڪري نازيءَ جرمنيءَ خلاف گڏيل جدوجهد واري دور ڪان پوءِ سارتري کان الڳ ٿي ويو هو. سارتري جا ترجما يورپ جي زبانن ۾ ڦهلجي ويا ۽ هو بورجوا مفڪرن جي اکين جو تارو ٿي پيو ڇو تہ هن ڪميونزم جي بنيادي فلسفي کي رد ٿي ڏنو. ساڳي طرح انهيءَ خوف سبب تہ لاطيني آمريڪا جا مارڪسٽ انقلابي ۽ ڪرستان انقلابي جيڪي آمريتن خلاف هڪ نهايت موثر ڪردار ادا ڪري رهيا آهن، مارڪسزم ۽ ان جي ادبي فلسفي ترقي پسند حقيقت نگاريءَ تان هٽي وڃن، ان ڪري ادب ۾ جادوئي حقيقت نگاريءَ جي گورک ڌنڌي کي همٿايو ويو آهي. مقصد اهو آهي تہ دشمن جي دانگي ٻڳي بہ ڇڳي آهي. سال بہ اڳ آمريڪي رسالي ”هاريزن“ ۾ هڪ دلچسپ مضمون آيو: ”حقيقت نگارن جي واپسي“ ان ۾ ڪيترن ئي مصورن جا نالا ۽ تصويرون ڏنيون ويون، جن ٿوريءَ نواڻ سان آرٽ ۾ حقيقت پسندي آندي آهي، انهن ۾ اُها حقيقت پسندي نہ آهي جا روسي مصور ريپن (Repin) ۾ آهي، جنهن جي لينن ساراهہ ڪئي آهي. ان مضمون ۾ مضمون نگار چوي ٿو تہ ”جديد حقيقت نہ هر هنڌ هڪ جهڙي آهي، نہ ان کي ساڳيو اسلوب آهي ۽ نہ ساڳيو طريقو ۽ نہ

ساڳيو نظريو جيتوڻيڪ اها آرٽ جو مول مقصد تصوير ڪشي سمجهي ٿي پر پوءِ بہ ان جا مقصد جدا جدا آهن.“ جادوئي حقيقت نگاري بہ ترقي پسند حقيقت نگاريءَ کان اهڙو جدا طريقو جدا نظريو ۽ جدا مقصد رکي ٿي ۽ ان ڪري مارڪئيز کي انعام جو مستحق سمجهيو ويو. مون هن جا ڇهہ ست ڪتاب پڙهيا ۽ ڪافي بور ٿيس. مان پانيان ٿو تہ سنڌي ادب تي هن جي تخليقات جو اثر سودمند نہ ٿيندو. ان قسم جا تجربا سلمان رشديءَ، اٽاليو ڪئلوينو وغيره ڪيا آهن، پر مون کي اهي پسند ناهن.

سوال: ڇا وڏو اديب ڪا مافوق الفطرت هستي آهي؟

جواب: نہ۔ ٽالسٽاءِ بہ ايئن مافوق الفطرت نہ هو جيئن لينن نہ هو ٽئگور بہ ائين مافوق الفطرت نہ هو جيئن گانڌي نہ هو. ٽالسٽاءِ زال سان وڙهي گهر ڇڏي نڪتو ۽ ڪنهن ڏورانهين اسٽيشن تي سيءَ ۾ ڏڪندي مري ويو هو. لينن کي اڌ رنگ ٿي پيو هو. هن جي زال ڪروپسڪايا هن جي تيمارداري ڪندي هئي، پوءِ بہ هو مري ويو. ٽئگور بيماريءَ جي بستري تي مئو گانڌي گوليءَ جي موت مئو. نہ انهن جي زندگي مافوق الفطرت هئي، نہ موت. پوءِ بہ اهي انسان پنهنجو مثال پاڻ هئا. نہ رڳو روسي ادب ۾ پر دنيا ۾ ٽالسٽاءِ جي پائي جو اديب نہ ٿيو آهي، ٻيا اديب پنهنجي محنت جي باوجود ٽالسٽاءِ جهڙو ادب پيدا ڇو نہ ڪري سگهيا آهن؟ اديب تہ دنيا ۾ لکين ٿيا آهن، جن جي اهميت لوهار ۽ واڍي جيتري بہ نہ آهي. دراصل سوال هئڻ گهربو هو تہ ڇا جينيس مافوق الفطرت آهي؟ اسان کي ان جو جواب ڏيڻو پوندو تہ جينيس ڇا آهي، ڪيئن ٿو پيدا ٿئي، ڇا جينيس کي سمجهڻ لاءِ هن جي ماحول ۽ هن جي ورثي کي سمجهڻ ڪافي آهي؟ ڇا ڪنهن بہ انسان جي پوري ورثي جي ٿوهہ لڳائڻ ممڪن آهي؟ موزارٽ انن ورهين جي عمر ۾ هڪ عظيم موسيقار تسليم ڪيو ويو هو ڇا اها ڳالهہ هن جو ماحول ۽ ورثو سمجهائي سگهن ٿا؟ ڪنهن فرانس جي مشهور فلسفي برگسان کان ساڳيو سوال پڇيو هو تہ هن چيو هو تہ جي

شيڪسپيئر جي ذات هن جي ماحول ۽ ورثي ۾ ڳولي سگھجي ٿي، تہ هن جي ماحول ۽ ورثي جي جڙ ڇا ۾ آهي؟ ظاهر آهي تہ هن جي پيءُ جي ماحول ۽ ورثي ۾. پوءِ سوال اُٿي ٿو تہ شيڪسپيئر جي پيءُ جي ماحول ۽ ورثي جي جڙ ڇا ۾ آهي؟ ظاهر آهي تہ هن جي ڏاڏي جي ماحول ۽ ورثي ۾. اهڙيءَ طرح ڏاڏي جي ماحول ۽ ورثي جي جڙ پڙڏاڏي ۽ پوءِ تڙڏاڏي جي ماحول ۽ ورثي ۾ ۽ انت اهو ماحول ۽ ورثو وڃي نيبيولا (Nebula) تي ڪٿو.“ ايئن ڇئي برگسان ٺهڪ ڏنو هو ۽ چيو هو ”ان منطق موجب شيڪسپيئر جي ذات جو ڪارڻ نيبيولا ۾ ڳولڻو پوندو. ان کان تہ اهو وڌيڪ معقول آهي، جي چئجي تہ شيڪسپيئر کي خدا ذات ڏني هئي.“ جينيس ان لحاظ کان مافوق الفطرت تہ نہ آهي، پر شعوري تجزئي کان بعيد آهي. ان وٽ، عاجزيءَ کان سواءِ چارو ناهي ۽ ان تي ٿوڪ ۽ روڪ رکو ان کان وڌو جينيس رکي سگھي ٿو. پر شايد اهو بہ غلط آهي. جينيس وڌو يا ننڍو نہ هوندو آهي، جينيس جينيس هوندو آهي.

سوال: هن وقت دنيا ۾ جاندار ادب ڪٿي پيدا ٿي رهيو آهي؟

جواب: مون تائين جيڪي عالمي ادب جا 1986ع تائين انگريزيءَ ۾ ترجما پهتا آهن، تن موجب اهم ادبي تخليقون لاطيني آمريڪا ۽ ڏکڻ آفريقا ۾ ٿي رهيون آهن. مون لاطيني آمريڪا جي ادب جو ذڪر اڳيئي ڪيو آهي. مان پانيان ٿو تہ اهي ڪراچيءَ وارا ڪرستان جي ”جفاڪش“ اردو جو رسالو ڪڍي رهيا آهن ۽ جن ڪجھ وقت اڳ منهنجا نظم اردو ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيا ها، لاطيني آمريڪا جي ڪرستان انقلابين کان متاثر آهن. لاطيني آمريڪا جا ڪرستان انقلابي، خمينيءَ جهڙا انقلابي نہ آهن، جيتوڻيڪ خمينيءَ وانگر اُهي بہ امپيريلزم جا دشمن آهن. انهن جو انقلاب جو فلسفو نهايت سلجھايل آهي، جنهن اُتان جي اديبن کي ڪافي متاثر ڪيو آهي.

ڏکڻ آفريقا مان ڪافي ناول شايع ٿيا آهن، جن اُتان جي مقامي باشندن ۽ انهن جي جدوجهد سان همدرديءَ ۽ سفيد فام نسل پرستيءَ

خلاف نفرت جو اظهار ڪيو آهي.

پولينڊ ۽ جرمنيءَ ۾ بہ جاندار ادب تخليق ٿي رهيو آهي. افسوس آهي تہ ڪتاب ايترا مهانگا ٿي ويا آهن، جو پاڪستان ۾ نهايت گهٽ ڪتاب گهرايا وڃن ٿا. بهر صورت جديد ادب جي مطالعي مان مون اهو اندازو لڳايو تہ جي اديب مطلق العنان حڪومتن سان ٽڪر کائن ٿا، اُهي ئي جاندار ادب پيدا ڪن ٿا. اهڙيءَ هڪ مطلق العنان حڪومت خلاف ٻن دانشورن کي چيو ويو تہ هو ڪنهن احتجاج تي دستخط ڪن. هڪ انڪار ڪندي چيو تہ "مون کي هڪ پٽ بہ آهي." ٻي قلم ڪيسي مان ڪڍي ڪوليو ۽ چيائين، "مون کي دستخط ڪرڻو پوندو ڇو تہ مون کي پٽ بہ آهي." اهي بہ جواب ٻن مختلف ارادن جو مختصر اظهار آهن، بہ ڏوريون جن ۾ ڪيترين ئي ثقافتن جون تاريخون ويڙهيل آهن. هڪ جواب ۾ پنهنجي بچاءَ جو اونو آهي ۽ ٻئي ۾ بغاوت لاءِ آنڌ مانڌ آهي، هڪ ۾ پنهنجي وجود جو تحفظ آهي، ٻئي ۾ عزت نفس جو ورثو آهي، جنهن ۾ ايندڙ نسل جو صحيح تحفظ آهي.

سوال: توهان وٽ انقلاب جو ڪهڙو تصور آهي ۽ انقلابي قوتون ڪنهن کي سمجهو ٿا؟

جواب: سر دست پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحالي ۽ مذهبي رواداريءَ جي بنيادن تي جوڙيل سياسي سرشتي جو اچڻ انقلاب آهي. سوشلزم جو مسئلو پوءِ جو آهي. برصغير ۾ انقلاب جو مڪمل تصور مون وٽ آهي، پر ان باري ۾ هن وقت ڪجهہ چوڻ نٿو چاهيان. ان لاءِ اوهان منهنجي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو تہ بهتر ٿيندو. اوهان جي سوال جو ٻيو حصو انقلابي قوتن بابت آهي. پورهيت، مزدور، شاگرد، هينيان طبقا ۽ پاڻ کي ڊي ڪلاس ڪري انهن سان ڳنڍجندڙ وچولي طبقي جون ڌريون انقلابي آهن.

سوال: اوهان وٽ انقلابي معاشري جو ڪهڙو تصور آهي؟

جواب: ساڳيو جيڪو توهان وٽ آهي. هر قسم جي بي انصافي کان آجو معاشرو ئي انقلابي معاشرو ٿيندو.

سوال: سنڌي اديب ۽ شاعر جو مجموعي طرح "محبوب"ڏانهن اهڙو رويو ملي ٿو جڻ محبوب فقط ڪا استعمال جي شيءِ هجي. ان جي احترام، آزادي ۽ برابري واري حيثيت کي مزاج ۾ شامل ڪرڻ واري ڳالهه نظر نٿي اچي_ ڇو؟

جواب: فارسي ۽ اردو شاعريءَ جي روايت، جا سنڌي غزل کي ورثي ۾ ملي هئي، ان ۾ محبوب استعمال جي نہ، پرستش جي شيءِ هو.

پرستش کی یہاں تک کہ اے بت تجھے،
نظر میں سبھوں کے خدا کر چلے_(میر)

ان پرستش ۾ احترام تہ آهي، پر آزادي ۽ برابري نہ آهي. محبوب پاڻ محبت ڪندو نظر نہ ٿو اچي، هو فقط هڪ بت آهي، جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي. حالانڪ ڪلاسيڪي سنڌي ۽ هندي شاعري ۾ عورت کي اها آزادي ۽ برابري آهي. ليلا، مومل، سسئيءَ ۾ محبت ٻہ طرفو عمل آهي. عورت بہ محبت ۾ ايتري سرگردان آهي، جيترو مرد، بلڪ مرد کان بہ وڌيڪ محبت جي راهہ تي گامزن آهي. مون ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ هڪ طرفي محبت نہ ڪئي آهي. منهنجي تازي ڪتاب "رڻ تي رم جهم" ۾ اسي ڇهہ سٽا آهن، جي محبوب جو احترام، آزادي ۽ برابري برقرار رکن ٿا.

مون جديد سنڌي نثر ۾، خاص ڪري ڪهاڻين ۾ ايئن ڏٺو آهي تہ محبوب استعمال جي شيءِ سمجهيو ويو آهي. اهو مغربي ادب جي مطالعي جو اثر نظر ٿو اچي. مغرب جي سرمائيدارانہ نظام Sex کي بہ هڪ Commodity ڪري پيش ڪيو آهي. ان ۾ احترام آدميت نہ آهي. دولت جي انبار هيٺ انساني اقدار دٻجي وڃن ٿا. گاڊ فادر جهڙا لکين ناول، جي ڪنهن حدتائين ان حقيقت جي عڪاسي ڪن ٿا، تن ۾ محبوب جو تصور ئي نہ آهي، انهن ۾ فقط سيڪس آهي، جا رڳو استعمال جي چيز آهي. مغرب جي گهڻو ڪري هر ناولسٽ ۾ هينئر ڊي سيڊ (De Sade)، ڪئسانووا ۽ هينري ملر جو ڪجهہ عنصر آهي، ان

ڪان سواءِ ناول وڪامن نہ ٿا. ڇو تہ سرمائيدارانہ معاشري ۾ سيڪس استعمال جي شيءِ آهي ۽ ان ۾ احترام جو عنصر غيرموجود آهي. عورت جي برابريءَ ۽ آزاديءَ جي باوجود، محبت ۾ احترام جي ڪميءَ، مغرب جي ادب ۾ آوارگيءَ ۽ فحاشيءَ جي ڪيفيت پيدا ڪئي آهي. اها ڳالهہ اوهان کي اشتراڪي ادب ۾ نہ ملندي، ڇو تہ اشتراڪي معاشري ۾ سيڪس Commodity نہ آهي، عورت لاءِ احترام، آزادي ۽ برابري آهي ۽ جاگيرداري دور جي ان حقيقت خلاف نفرت جو اظهار آهي، جنهن ۾ عورت کي انهيءَ احترام، آزاديءَ ۽ برابريءَ کان محروم رکيو ويو هو. ڊاڪٽر زواگو ۾ لارا جو ڪردار ان حقيقت جو بهترين ثبوت آهي.

سوال: سونهن ڇا آهي؟

جواب: سونهن مان اوهان جي مراد ڇا آهي؟ انسان جو روپ يا هن جي طبيعت يا فطري مناظر يا فن لطيف جي سونهن؟ سونهن کي مون ڪڏهن Define نہ ڪيو آهي پر ان مان هميشہ مون کي ويجهڙائيءَ جو احساس ٿيو آهي، پوءِ اهي ڪنهن پياري مڪڙي جي ڪنن ۾ جهومڪ هجن يا املتاس جا گل، يا باشوءِ جو هائڪو يا ڪتيءَ جي آڪاس ۾ ستارن جا ميڙ، سينی جي سونهن مون کي Harmony جو احساس ڏنو آهي.

سوال: هن وقت ادب ۾ تصوف کي مکيہ وسيلي طور ڪم آڻڻ جي ڪيتري گهرج آهي؟

جواب: تصوف تعصب جو رد آهي، رواداريءَ جو حامي آهي. انسان ذات ۾ برابريءَ ۽ محبت جو حامي آهي. تصوف خود شناسيءَ کي خداشناسي سمجهيو ۽ انساني وقار کي سربلند رکيو مون ڪٿي پڙهيو هو تہ اورنگزيب ڪنهن صوفي درويش کي قاصد ذريعي خط موڪليو هو تہ اهو درويش ساڻس دربار ۾ ملي. ان درويش خط جي جواب ۾ هڪ شعر ڪاغذ تي لکي، ڪاغذ پنهنجي جتيءَ جي پادر ۾ وجهي قاصد کي ڏنو هو ۽ دربار ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو هئائين. اهو شعر هي هو:

دنيا اگر دهند نه خيزم ز جائے خويش،
من پسته ام حنائے، تو کل به پائے خويش-

(پوري دنيا اگر ڏين تڏهن بہ مان پنهنجي جاءِ تان نہ اُٿان، مون توڪل جي مينديءَ پنهنجن پيرن تي لائي ڇڏي آهي.)

جيتوڻيڪ سنڌ جو عام ماڻهو ننڍي هوندي کان تصوف جي هوا ۾ ساهہ کڻندو رهيو آهي، دور جديد ۾ دانشورن ۾ تصوف جو هڪ فلسفءِ حيات جي حيثيت ۾ مقبول ٿيڻ ڪجهہ مشڪل آهي. سمرسيٽ مام پنهنجي نوٽ بڪ ۾ لکيو هو تہ: Pantniest is a Polite word for an atheist

تصوف، کي انگريزيءَ ۾ 'پئيٿيئزم' ئي چئي سگهجي ٿو ۽ اهو زندگيءَ جو نظريو دنيا جي هر وڏي مذهب ۾ رهيو آهي. مون عيسائين، يهودين ۽ هندن ۾ اهڙن ڪيترن ئي درويش صفت انسانن جون زندگيون پڙهيون آهن، جن جو انسان ۽ ڪائنات ڏانهن ردعمل صوفيءَ وارو آهي. بهتر ايئن ٿيندو تہ جديد دور جي ڪنهن اهڙي فلسفي کي اپنايو وڃي، جنهن ۾ انسانيت سان محبت ۽ رواداري ايتري ئي آهي جيتري تصوف ۾.

سوال: سامي اسان وٽ گهڻو وساريو ويو آهي، ان جو توهان کي ڪهڙو سبب نظر اچي ٿو؟

جواب: سامي اسان جي ادب جو اڻوٽ حصو آهي. هن کي وسارڻ جو سبب اهو آهي تہ اسان انهيءَ ٻوليءَ کي وساري ڇڪا آهيون، جا ساميءَ ڪم آندي آهي، بازار ۾ ساميءَ جا سلوڪ ناياب آهن، نہ رڳو ويدانيت جي فلسفي ۾ دلچسپي نہ رهي آهي، پر تصوف ۾ بہ گهٽجي رهي آهي. پر پوءِ بہ سامي اسان جو ايئن ورثو آهي، جيئن ڀٽائي اسان جو ورثو آهي. هن جي هر سٽ انهيءَ تاڻيل ڪمان وانگر آهي، جنهن جي زهہ کي ٿوريءَ وڏيڪ ڇڪ سان ڪمان ٽٽي پوندي آهي. هن جي سٽن ۾ ردوبدل ڪرڻ مشڪل آهي. Line جي Perfection هن ۾ ايتري آهي، جيتري ڀٽائيءَ ۽ خليفي نبي بخش ۾ آهي. مون تہ هن کي ڪونہ

وساريو آهي. مون ساميءَ جي انداز ۾ سامي‌ءَ جا نوان سلوڪ لکيا آهن، جن ۾ مون پنهنجو زندگيءَ ۽ ڪائنات جو فلسفو ڏنو آهي ۽ انهن ۾ ساميءَ واري ٻولي آهي، جا مون کي نهايت پياري لڳندي آهي. ساميءَ جي وسار انهيءَ حقيقت جي وسار آهي، جا هن ڌرتيءَ جو لازمي مستقبل آهي.

سوال: اوهان ڪيئي نوان هائيڪو لکيا آهن ۽ انهن کي نئون ترنم ڏنو آهي ۽ مسلسل هائيڪو بہ لکيا آهن، وائيءَ وانگر، جا بلڪل هڪ نئين صنف آهي. انهن جي هيئت ۽ فن جي باري ۾ ڪجهہ چوندا؟

جواب: مون انهن کي هائيڪو نہ، پر ”ٽہ سٽا“ ڪوٺيو آهي. انهن مان ڪجهہ ٽہ سٽا اهڙا آهن، جن کي هائيڪو جي ڪيفيت آهي. باقي ٽہ سٽا بين الاقوامي سياست، تاريخ ۽ شاعر جي زندگيءَ جي واقعات جي پس منظر مان آهن، جي جڻ ته شاعر جي آتم ڪهاڻي جو حصو آهن. هائيڪوءَ جي ٽن سٽن ۾ 5_7_5 ماترائون هونديون آهن، منهنجن ٽہ سٽن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 13_11_13 ماترائون آهن ۽ انهن ۾ سنڌي بيت جي خوشبو آهي. ان کان سواءِ ڪجهہ ٽہ سٽا ملائي، انهن ۾ وائيءَ وانگر ساڳي سٽ دهرائي، مون انهن جي موضوع ۽ ترنم کي تسلسل ڏنو آهي ۽ اهي ٽہ سٽا گڏجي هڪ مڪمل نظم بڻائين ٿا.

مصوريءَ ۾ فلورين طيني پاڻ کي حرف آخر سمجهندا هئا. هو مصوريءَ ۾ ڪئنواس تي فطري مناظر جي هوبهو تصوير ڪشي مصوريءَ جو ڪمال سمجهندا هئا. جيستائين مغربي مصور پال سيزان (Paul cezanne) ان مفروضي کي جهنجهوڙيو. ڪيپلر (Kepler) ۽ گئليلو کان وٺي نيوٽن تائين سائنسدانن ڪائنات ۾ انسان جي وجود تي نئين روشني وڌي آهي. سائنسدان ان نتيجي تي پهتا تہ جا حقيقت اسان اکين سان ڏسون ٿا، سا هن مادي دنيا جو معمولي حصو آهي، جنهن جي پنهي پاسي اها حقيقت آهي. جا انساني نظر کان اوجهل آهي، ۽ جنهن کي ڪائي حقيقت نگاري چڱيءَ طرح چٽي نہ ٿي سگهي. منهنجن ٽہ سٽن ۾ فطري شاعري فلورين طينيءَ مصوري وانگر

بہ آهي، مثلاً:

جمڙائو جو تڙ
رڍون پاڻيءَ پيئندي
پر تي گهاتو بڙ

۽ ڪن هائيڪن ۾ پال سيزان وانگر ان حقيقت تائين رسائيءَ جي ڪوشش آهي، جا انساني نظر کان معدوم آهي. مثلاً:

گونجيا تل تلاوَ
سارس ڪالهہ ڪريڙيو
جڳ جڳانتر گهاوَ

نہ وري مون وارا تہ ستا هائيڪو وانگر سماجي ڪارج کان بي پرواهہ آهن.

هڪ هائڪوءَ زين (Zen) نظريہِ حيات هيٺن پيش ڪيو آهي:

”خاموشيءَ سان ويٺا رهياسين، ڪجهہ بہ نہ ڪيوسين، بهار آيو ۽ گاهہ پنهنجي ليکي ڦٽي پيو.“

اُن هائڪوءَ ۾ شاعر جو اهو يقين تہ بهار اچڻو آهي ۽ گاهہ پنهنجي ليکي ڦٽي پوندو بہ سماجي ڪارج جو حصو آهي ۽ ان مشعل کي جلائي رکي ٿو جنهن جو وسامي وڃڻ اُها مايوسي ڦهلائي ٿو جا سماجي ڪارج کي پٺ تي ڌڪي ٿي. ان طرح ڪجهہ سال اڳ چوڌاري بي عمليءَ ۽ افسردگيءَ جي ماحول ۾، منهنجو هيٺيون تہ ستو بہ مستقبل ۾ اعتبار جي نشاندهي ڪري ٿو:

ڪن جي لاءِ ليا؟
ويندا پرينءَ پار ڏي
بيڙائي بيا

يا اهڙي ماحول جي عڪاسي هيٺين هائڪوءَ ۾ ڏسو:

ڏاڍا سيءَ پيا
پوءِ بہ گهٽيءَ جي ڪُڪِّ ۾
ڪوسي سئنيما

ان تہ سنتي جي پس منظر کي تصور ۾ آڻيو تہ ايئن محسوس ٿيندو تہ گهٽيءَ جي ٻاهران ولهہ وسي رهي آهي، اُتي ٿڌ ۾ ٽڪاءُ ڏکيو آهي، گهٽيءَ جي ڪک ۾ سئنيما آهي، جا ٻاهر ٿڌي ۾ اندر ڪوسي آهي، ان ڪري جو ان جا دروازا بند آهن ۽ ماڻهو سيءُ کان سوگها ويٺا آهن. ڪک ڪوسي ڪرڻ هڪ محاورو نہ آهي گهٽيءَ جي ڪک سئنيما ڪوسي ڪري رهي آهي يعني تہ نہ رڳو ديوارن اندر ويٺلن کي سرديءَ کان محفوظ رکيو ويو آهي، پر سئنيما جي پردي تي تصويرون بہ ڏسندڙن ۾ گرمي پيدا ڪري رهيون آهن. هي شعر ان حقيقت جي تمثيل آهي تہ شاعر ناسازگار حالتن ۾ پنهنجي تصور جي دنيا ۾ پناهہ ورتي آهي.

سوال: ترقي پسند اديبن جي ملڪ گير تنظيم جي سلسلي ۾ ڪافي سرگرمي نظر اچي ٿي، اوهان جو ان بابت ڪهڙو رايو آهي؟

جواب: مان ان جي مڪمل حمايت ڪريان ٿو اهو ڪم تمام ضروري آهي ۽ ٿيڻ گهرجي.

سوال: آخر ۾ سنڌ جي ترقي پسند اديبن لاءِ ڪو پيغام؟

جواب: سيلاب جي اڳيان جڏهن بند اچي ويندو آهي تہ لهرون پٺ تي موٽي هڪ ٻئي سان وچڙي وينديون آهن. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي. پر پوءِ بہ جي اوهان کي زنده رهڻو آهي تہ هڪ ٻئي کي سهارو ڏيو ۽ ڪمزوريءَ کي بہ طاقت وانگر استعمال ڪيو. اوهان جي. ايم. سيد سان آهيو بينظير سان آهيو پليجي سان آهيو ڄام ساقيءَ سان آهيو ڪنهن سان بہ آهيو هڪ ٻئي جا ڄنڊا نہ پٽيو. ٽٽل پل جي ملبي کي ڪٺو ڪري ڍڳ ڪيو تہ جيئن پاڻيءَ جو ريلو سيني کي نہ لوڙهي وڃي. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم کي ان اصول تي منظم ڪريو.

# تقريرون

# سچل سرمست جي عظمت

(14، جون 1954ع تي سنڌي ادبي سنگت، سکر طرفان "يوم سچل" ملهايو ويو شام جو مولانا محمد علي جوهر پارڪ ۾ مشاعرو منعقد ٿيو جنهن جي صدارت شيخ اياز ڪئي، ۽ هيءَ تقرير پيش ڪئي.)

اج اسان پنهنجي ادب جي پُر عظمت شخصيت کي خراج تحسين ادا ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهيون. اسان جي سرمست سان عقيدتمنديءَ جو سبب اهو نہ آهي تہ هو فقط ولي الله هو يا ڪا خدا رسيده ۽ برگزيده هستي هو. اجوڪي اجتماع جو مقصد سچل سرمست کي انهيءَ عظيم شاعر ۽ فنڪار جي حيثيت ۾ سمجهڻ ۽ ساراهڻ جو آهي، جنهن کي سنڌي ادب ۾ دوام حاصل آهي.

سچل سرمست جي شاعري هڪ ازلي استفهام آهي. هن جو هر شعر سوال آهي. هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ هي خاڪ و باد، هي ابر و باران جو عالم پنهنجي صدها رنگينين جي باوجود ايترو ناپائيدار ڇو آهي؟ انسان جي ازلي منزل ڪهڙي آهي؟ هيءُ پرديسي پکيئڙو ڪٿان اڏريو آهي؟ سندس ديس ڪهڙو آهي؟ هي انسان، گوناگون شرعي لباس ويڙهي، پنهنجي حسين اصليت ڇو ٿو لڪائي؟ جڏهن انساني دل ديرو آهي ڪنهن لامڪان جي مڪين جو تہ پوءِ هي دين ڌرم ۽ ڪفر اسلام جا تفرقا ڇا جا؟ سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ تجسس پيو بکي. هر شعر ۾ گويا هن جو نعرهءِ رندانہ ڪوئي ازلي سوال آسمان سان پيو تکرائي:

"آهيان آهيان آهيان وو موتي چوان تان ناهيان ڪي تہ آهيان وو
دوکي واريون لکين ديواريون ڏوڙانهيءَ ٿو ڏاهيان وو."

ڪيتري نہ سرمستي ۽ زور بيان آهي انهيءَ شعر ۾! هستي ۽ نيستي جي پُراسرار حقيقت شاعر جي دل ۾ جا ڪيفيت پيدا ڪري

تي، ان جو اظهار مٿئين شعر کان بهتر ٿي نٿو سگهي. نفي ۽ اثبات جي معمي جو اهو احساس جڏهن سندس شخصي وجود ڏانهن لڙي ٿو تڏهين هو پاڻ کان پڇڻ ٿو لڳي:

"جنهن دل پيتا مئي دا جام، سا دل مستئون مست مدام."

"ڪوڪيئن چوي، ڪوڪيئن چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان.
ڪوئي مست، ڪوئي سرمست چوي، ڪوئي راه دين درست چوي،
ڪوئي عاشق روز الست چوي، آءُ جوئي آهيان، سوئي آهيان.
ڪو خاص چوي، ڪو عام چوي، ڪو پختو چوي ڪو خام چوي،
ڪوئي "سچو" سچو نام چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان."

مستي ۽ بيخوديءَ جي انهيءَ منزل تي پهچي، هو دنيا جي هر ظاهر پرستيءَ ۽ تفرقيبازيءَ کان بي نياز ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻ کان آخري سوال پڇي ٿو. سوال جو انداز ته ڏسو ڪيڏو نه پيارو آهي:

"تون ڪيو درويش سڏاوين، سچو تون ڪيوين درويش سڏاوين؟"

۽ پوءِ خود ئي جواب ڏي ٿو:

"عشق جو ڏس انصاف، سڀ مذهب ڪيائين معاف."

هر اهل معرفت وانگر سندس مذهب تنگ نظريءَ کان مٿي آهي ۽ هو انسان جي روحاني برابريءَ جو علمبردار آهي. اهو هر انسان، جو ازلي حقيقت جي جستجو ۾ آهي، سو انساني مذهبن ۽ فرقي بندين کي بي معنيٰ سمجهي ٺڪرائي ڇڏي ٿو. سچل سرمست جي ذات ۽ سندس شاعري، ٻئي انهيءَ اصول جون آئينه دار آهن.

سچل سائين جي تخئل تي مختصر تبصري بعد، مان سندس فن جي هيئت جي باري ۾ ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو.

سچل سرمست جو شعر فارسيءَ ۾ وزن جي بلڪل قريب اچي ٿو. ان ۾ ملتاني ڪافيءَ ۽ هندي گيت جون سموريون خوبيون آهن. خصوصاً، هر ڪافيءَ جي پهرين سٽ ته بي پناه روانيءَ سان ڇيل آهي. سندس ڪافيءَ ۾ گداز ۽ شيريني آهي. جيڪڏهن جديد سنڌي گيت ۽ ڪافي ۾ سچل جي شاعريءَ جو روح سمايو وڃي ته ان ۾ ڪافي دلڪشي پيدا ڪري ٿي سگهجي.

# ادب جو نئون ۽ پراڻو نظريو

(سچل سرمست ڪاليج، حيدرآباد جي سنڌي ادبي سوسائٽيءَ طرفان اپريل 1964ع ۾ سنڌي مشاعرو منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت شيخ اياز ڪئي. هيءَ ان مشاعري جي صدارتي تقرير آهي.)

دنيا ۾ نہ فقط اڄڪلهہ، پر هميشہ کان وٺي، نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾ اٿبٽ رهي آهي. مان اها فخر جي ڳالهہ ٿو سمجهان تہ هن خيالي يا حقيقي ڪشمڪش ۾ مون قدامت پرستي ۽ رجعت پسنديءَ جي خلاف جديد فڪر جي حمايت ڪئي آهي ۽ انهيءَ حيثيت ۾ ڏنو ويجان ٿو.

مون سان گڏ، سنڌ جي نئين امنگ، نئين فڪر ۽ ان جي حامين جي ڪافي مخالفت ڪئي ويجي ٿي. قديم ڇا آهي ۽ جديد ڇا آهي، قديم ڇو آهي ۽ جديد ڇو آهي، ان جو صحيح شعور ۽ شناس وسيع مطالعي ۽ گهري فڪر سان ملي ٿي. قدامت ۽ جدت ۾ قابل قبول ڇا آهي ۽ انڪار جي قابل ڇا آهي؟ ان جي پرک لاءِ جنهن نظر جي گهرائيءَ ۽ دل جي وسعت جي گهرج آهي، اُها هر ڪنهن کي نصيب نہ آهي.

ادب ۾ جديد ۽ قديم جو قصو ڪم نظريءَ جو دليل بہ آهي، ۽ بالغ نظريءَ جو بہ. ڪم نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو جديد کان جديد تر شاعر ۽ اديب بہ پنهنجي ماضيءَ کان بلڪل منحرف نٿو ٿي سگهي. بالغ نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو هر سچو فنڪار ڪنهن بہ نقش قدم تي هلڻ کان پاسو ڪندو آهي، ۽ پنهنجي منزل ۽ پنهنجي راهہ پاڻ متعين ڪندو آهي. ازراپائونڊ جو هي عجيب غريب

نظم، جو هن آمريڪا جي بهترين شاعر، والٽ وٽمئن، متعلق لکيو آهي، هڪ منفرد شاعر جي نفسيات جو صحيح جائزو آهي:

”مان توسان معاهدو ٿو ڪريان، والٽ وٽمئن!
مون توسان ڪافي وقت نفرت ڪئي آهي:
مان تو ڏانهن ايئن ٿو اچان، جيئن بلوغت تي پهچي،
اولاد، ڪم فهم پيءُ ڏانهن موٽي ايندو آهي.
هاڻي منهنجي بالغ نظري ايتري آهي، جو تون ۾ مان دوست ٿي سگهون.
تو نئون ڪاٺ ڪپيو هو اچ ان تي نقش طرازيءَ جو وقت آهي:
اسان جي جڙ ۾ گونج ساڳيا آهن.
بهتر آهي ته تنهنجو ۽ منهنجو سمجهوتو ٿئي.“

اهوئي هڪ منفرد فنڪار جو ذهني بلوغت تي پهچي، ماضيءَ ڏانهن ردعمل ٿئي ٿو. هن جي شروعات بغاوت سان ٿئي ٿي. ماضيءَ جي هر پراڻي نقش سان عداوت، هن کي فني ارتقا ۾ معاون ثابت ٿئي ٿي، پر آخر هو پنهنجيءَ منزل تي رسي، پٺ تي اهي سنگ ميل ڏسي ٿو جيڪي جيڪڏهن موجود نه هجن ها ته هن جي منزل تائين رسائي ناممڪن نه، ته به مشڪل ضرور ٿي پوي ها.

هر فنڪار پنهنجيءَ وسيع ڪائنات جو موجد آهي. هو ڪنهن به ٻئي فنڪار جي حدبنديءَ کي، جي حقارت سان نه، ته به سڪ سان ضرور ڏسي ٿو. مون طالب علميءَ جي زماني ۾ ”غالب“ جو هڪ شعر پڙهيو هو جو مون کان اڃا تائين نٿو وسري:

*کوہکن نقاش یک تمثال شیریں تھا اسدؔ!*
*سنگ سے سر مار کر پیدا نہ ہو وے آشنا۔*

(يعني ته فرهاد، شيرين جي فقط هڪ تمثال (Symbol) جو نقاش هو: پٿر سان مٿو هڻي، ڪوئي شيرين جو آشنا پيدا نٿو ٿئي.)

فن واقعي اها ”شيرين“ آهي، جنهن جا سوين رنگ روپ آهن. فنڪار جو روح اُن ۾ صدها رنگينين جي تلاش ڪري ٿو. اهو

ناممڪن آهي ته هو ان جي فقط هڪ ئي مانوس صورت تي مطمئن ٿئي. شاهه لطيف هجي، سچل سرمست هجي، سامي هجي يا ڪو ٻيو هر ڪنهن پنهنجيءَ پنهنجيءَ ”شيرين“ ۾ صدها رنگينين جي تلاش ڪئي. پر جڏهن وقت گذريو ته هر ڪنهن جي شيرين هڪ مانوس صورت اختيار ڪندي ويئي، ۽ نئين فنڪار جي بيقرار روح ان کي مسترد ڪري، پنهنجي شيرين پاڻ لاءِ ڳولي.

اهو سچ آهي ته ماحول فنڪار کي متاثر ڪري ٿو پر باغي فنڪار ڪڏهن به ماحول جو محتاج نه آهي. هو پنهنجو ماحول پاڻ پيدا ڪري ٿو. شعر و ادب يا ٻئي ڪنهن به فنِ لطيف ۾ ماحول سان مصلحت آميزي، عظيم ترين گناهه آهي. فن، حسن ۽ محبت ۽ سچائيءَ جو اٽُٽ ۽ اڏول پاسبان آهي. اهو نظريو اڄ به ايتروئي سچو آهي، جيترو شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي وقت ۾ هو. انهيءَ لحاظ سان اڄوڪي ماحول ۽ ادب جي ڪنهن خاص جائزي وٺڻ بدران آءٌ لطيف سائينءَ جي سر ڪارايل مان هڪ سٽ پيش ڪرڻ تي اڪتفا ڪريان ٿو:

آسڻ جن اَريج،* تن جي وِهه جو ورن ٻيو.

نانگن متعلق لکندي، ٻڌائي چوي ٿو ته جن نانگن جا آسڻ (نڪاٽا) بنا ريج واريءَ زمين ۾ هوندا آهن، انهن جي زهر جو رنگ ئي ٻيو هوندو آهي. اڄ سنڌ جو ماحول اهو اَريج آسڻ آهي، جتي اسان جي وِهه جو ورن واقعي ٻيو ٿيندو.

---

* اَريج: بنا ريج

# جهول ۾ گل، هٿ ۾ مشعل

(4. اپريل 1965ع تي ماهوار "روح رهاڻ" حيدرآباد جو ٽيون ساليانو "جشن روح رهاڻ"، بسنت هال حيدرآباد ۾ ڪوٺايو ويو. ان موقعي تي ڪيل تقرير. شيخ اياز مشاعري جي صدر طور ڪئي.)

ڪيترئي مدت کان سنڌ ۾ منهنجي فن ۽ فڪر لاءِ محبت جو اظهار به ڪيو ويو آهي ۽ نفرت جو به. مون پنهنجيءَ مخالفت کي اهميت نه ڏني آهي ۽ هن وقت تائين ان جي جواب ۾ ڪجهه به نه چيو آهي، ڇو ته ان جي نوعيت ادبي نه آهي، ۽ ڪنهن غير ادبي ڇڪتاڻ لاءِ نه مون کي رغبت آهي ۽ نه فرصت: پر مٿان خاموشي نيم رضا يا شڪست جو اعتراف سمجهي وڃي، ان ڪري مان اوهان اڳيان سنڌ جي جديد فن ۽ فڪر سان گڏ ان جي ڪيل مخالفت جي باري ۾ به ويچار پيش ڪريان ٿو.

فرانس جي عظيم اديب ۽ فلسفيءَ سارتري، جنهن کي 1964ع ۾ ادب لاءِ نوبل پرائيز مليو، تازو ادب جي اهميت کان ئي انحراف ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته "مون ٻارن کي بک وگهي مرندو ڏٺو آهي... ڪوئي به ناول ڪنهن مرڻينگ ٻار سان توري نٿو سگهجي. ٻار وارو پڙ هميشه ڳرو آهي." مون ساڳيءَ ذهني ڪشمڪش جو اظهار به سال اڳ پنهنجي ڪتاب "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ" ۾ ڪيو هو. پر ان مسئلي تي مسلسل سوچ مون کي ٻئي نتيجي تي پهچايو آهي. دوستو وسڪيءَ پنهنجي هڪ ناول ۾ هيرو جي ڪردار نگاري ڪندي لکيو آهي ته "هر چڱو لفظ چڱو عمل آهي." جڏهن ڪوئي به شاعر يا اديب

حق ۽ باطل جو پورو شعور رکي، حق جي حمايت ۾ پنهنجو قلم ٿو هلائي، تڏهن ان جي اها جرئت ادب ۾ اجتهاد آڻي ٿي، ۽ ادب جو اجتهاد، زندگيءَ جي اجتهاد جي ابتدا آهي.

ادب فرسوده معاشري جي هر قدر کي ڏانوانڊول ڪري، هڪ نئين خواب جو سنگ بنياد رکي ٿو ۽ جي ادب ۾ اها صلاحيت نہ آهي، تہ ادب فقط مساڻ جي چيري جي گهري گهور آهي، جا موت جي سيني ۾ تہ پيهي وڃي ٿي، پر زندگيءَ جو سراغ نٿي پائي سگهي. ان ڪري ادب جي باري ۾ سارتري جي قنوطيت بي بنياد آهي. زار جي زماني ۾ روس جي آزادي پسند باغيءَ، اليگزينڊر هرزن، کي جيڪو پنهنجي جلاوطنيءَ جي دوران زار جي خلاف ڪليا خط ڇپائيندو هو ڪنهن اشتعال پسند تحريڪ جي حاميءَ لکيو هو تہ ”تنهنجي هٿ ۾ قلم آهي ۽ منهنجي هٿ ۾ بم گولو. تون ۽ تنهنجو دور مري چڪو آهي.“ ان طنز ۾ ڪنهن حدتائين تاريخي حقيقت هئي، پر پوءِ ڪير چوندو تہ مئڪسم گورڪيءَ جي ناول ”ماءُ“ جي انقلابي اهميت، هرزن جي سياسي اشتهارن کان گهٽ آهي. آخر انسان جو ذهن ئي تہ ماحول کي بدلائي ٿو! ۽ منهنجيءَ نظر ۾ ذهن جي تشڪيل ۾ ادب جو نهايت اهم رول آهي.

ادب جو دليل منطقي نہ آهي، پر پوءِ بہ منطق کان وڌيڪ مڃائيندڙ آهي، ادب انساني روح کي يڪدم گرفت ۾ آڻي، هن تي هڪ پائيدار تاثر ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ تاثر جو عملي زندگيءَ جي تشڪيل ۾ وڏو هٿ آهي. ان ڪري مون کي سارتريءَ جي مٿينءَ چوٽيءَ سان اتفاق نہ آهي. شاعر جي قول ۽ فعل ۾ جيڪڏهن ڪوئي تضاد نہ آهي۔ جنهن لاءِ هر فڪر هڪ عمل جو پيش خيمو آهي۔ تہ هن جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو درجو ملي ٿو پر منهنجي نظر ۾ هن جو هر قول هڪ فعل آهي ۽ ان جو نتيجو جي هن لاءِ نہ، تہ هن جي قوم لاءِ يا پوريءَ انسان ذات لاءِ لازمي طرح عملي آهي. مان ادب جي آدرش تي سوچي، انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ ادب، اديب جي روح جو اظهار آهي، ۽ اهو

بنامقصد جي نہ آهي، ۽ ادب، ۽ زبان، جا اُن جي اظهار جو ذريعو آهي، ۽ پوري قوم جنهن تائين اديب جي رسائيءَ لاءِ انهيءَ اظهار جو سهارو ورتو وڃي ٿو جڏهن انهن سڀني جو وجود، ڪنهن ٻاهرئين يا اندرئين خطري سبب، خاتمي جي قريب نظر اچي ٿو تڏهن ادب جو پنهنجيءَ حفاظت ڪان وڌيڪ، ۽ ان ڪري لازمي طرح پنهنجيءَ زبان ۽ قوم جي حفاظت ڪان وڌيڪ، ٻيو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو! اهو لازمي نہ آهي تہ هر وقت ادب جو مقصد سياسي يا سماجي هجي، پر مٿينءَ حالت ۾ ٻئي ڪنهن مقصد جي گنجائش گهٽ آهي. ادب ۾ سياسي ۽ سماجي مقصد جو اظهار ادب جي اهميت ڪي نٿو گهٽائي. ايئن بہ صحيح آهي تہ ادب جي پرک اول ادبي آهي ۽ پوءِ سياسي ۽ سماجي، ايئن بہ صحيح آهي تہ ادبي تخليق نہ اخباري مراسلو آهي نہ اشتهار، پر پوءِ بہ ادبي تخليق جي سياسي ۽ سماجي افاديت تي مون ڪي ڪوئي اعتراض نٿو نظر اچي. جي ادب هر لطيف فن وانگر حسن جي تلاش آهي تہ ان تلاش جي دائري ڪان سماج ۽ سياست ڪي ڇو ٻاهر رکيو وڃي؟ آخر هر عظيم سياسي ۽ سماجي ادب ۾ سياست ۽ سماج جو هڪ تصور آهي، جو ان جي خالق جي نظر ۾ تاج محل تي تروري وانگر بکندو آهي. هو ان تصور ڪي ڪنهن بہ فطري منظر ڪان زياده دلڪش ڪري پيش ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي جذبي ڪي ٻيءَ ڪنهن بہ محبت جي جذبي ڪان وڌيڪ ڀڙڪائي ۽ مهڪائي سگهي ٿو. ڪنهن وقت هن جي ٻوليءَ جي ڪوڙاڻ هر امرت ڪي مات ڏيئي سگهي ٿي ۽ هن جي لڪڻيءَ جي واگهہ نک پاتوليءَ جي هٿ ڪان وڌيڪ پياري لڳي ٿي. زندگي پٿ جي ڳنڍ بہ آهي تہ وِهہ جو ڳنڍو بہ آهي. ڪهڙو باشعور اديب هوندو جو انهيءَ وهہ جي ڳنڍي ڪان منهن موڙي ويندو! گيت نہ واريءَ ۾ گت آهي ۽ نہ فقط ڪتيءَ جي ڪانڊ: چڪور جو چڪوريءَ ڪان هر وقت اهو سوال بہ آهي تہ ” اهو ديس ڪٿي آهي، جتي رات نہ آهي!“

سنڌ ۽ ان جي ادب جي مستقبل تي سوچيندي، مان ڪيتري وقت ڪان انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ هي دور نهائينءَ جي نينهن وارو نہ

آهي: جي ٻاهر ٻاڦ نہ نڪتي تہ فقط ڪاريءَ وارا ڪڪ رهجي ويندا. زندگي حالات جو فيصلہ ڪن مقابلو آهي، ليلڙاٽيون نہ آهي، للي ڇپي نہ آهي، وقت جي صدا تي ڪن لاتار موت جي اٽٽر اڳڪتي آهي. اديب يا هن جي قوم جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو مرحلو اچي ٿو جو ان کي هر هموار راهہ تان هٽڻو پوي ٿو ۽ ٻاٻريءَ ڪنڊ تي ٻرانگهہ ئي منزل تائين رسائي سگهي ٿي. اڄ سنڌي ادب پنهنجا پير لهولهان ڪندو، انهيءَ ناهموار خارزار کي لتاڙي رهيو آهي. جي اهو ادب زنده رهيو تہ سنڌ زنده رهندي، ۽ جي نہ رهيو تہ پٽائيءَ جي پٽ کان موهن جي دڙي تائين ساڳي ويراني وسندي نظر ايندي. اوهان يقين ڪريو تہ سنڌ جي جديد ادب جا دشمن سنڌ جا دشمن آهن. انهيءَ ملير جي مٽيءَ جا ويري آهن، جنهن مارئيءَ کي جنم ڏنو هو ۽ جا ڪنهن بہ ڪوٽ ۾ قاپو رهي نہ سگهندي آهي. دنيا جي ادب جي مطالعي مون کي انهيءَ نتيجي تي پهچايو آهي تہ جيڪو بہ شاعر ۽ اديب، هن زندگيءَ جي ڪاروان لاءِ راهہ هموار ڪرڻ واسطي اڳ ۾ نڪتو آهي، ان جا پير مخالفت جي ڪنڊ لهولهان ڪري وڌا آهن، پر پوءِ بہ قافلي جا قدم وڌندا رهيا آهن ۽ منزلون ملنديون رهيون آهن. مون کي جيفرسن جو هڪ قول ياد اچي رهيو آهي تہ ”سچ هڪ انسان جي اقليت ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ هڪ سچو انسان ۽ هن جي جرئت اڪثريت جي برابر آهي.“ ايئن صحيح آهي تہ آرٽ ۽ ادب ۾ سچ، ۽ ان جي مستقبل جو مبهم تصور اچي ٿو جيتوڻيڪ فنڪار جي نظر ڌرتيءَ جي دل چيري، اڳ ۾ ڏسي ٿي تہ ڪهڙو سلو ساماڻجي، رنگ ۽ خوشبوءَ جو مظهر ٿيندو ۽ ڪهڙو فقط ڪانڊيرا ڦهلائيندو ويندو!

برونو، ٽالسٽاءِ، روسو، والٽيئر، گورڪي ۽ ڪجهہ ٻين انهيءَ سچ جي هيڪار ڀهرين هنئين ۾ محسوس ڪئي ۽ انهن جي دور جي معاشري ان جي شگفتگي ڪيترو وقت پوءِ ڏٺي، پر انهيءَ سچ ۽ ان جي مستقبل جي اظهار ۾ ابهام ٿئي ٿو ڇو تہ تاريخ اها رقاصہ آهي، جا رسي تي قلابازيون کائيندي رهي آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪوئي بہ يقين سان چئي

نہ سگھيو آهي تہ اها چيڙي تائين ڪڏهن ۾ ڪيئن پهچي سگهندي. ليڪن نہ فقط زندگي اميد تي قائم آهي، هڪ سچي فنڪار جو موت بہ اميد تي قائم آهي. اها اميد تہ هيءَ ڪاريهر جهڙي ڪاري رسي ڪٽي تہ ڪتندي ۾ پريڻ جي پايل نيٽ تہ چم چم ڪندي هن تائين پهچندي!

اسان تي الزام ڏريو ويو آهي تہ اسين ماده پرست آهيون. اسان جو نثر ۽ نظم گواه آهي تہ اسان ماديت جي فلسفي کي ڪڏهن بہ آخري حقيقت نہ سمجهيو آهي، جيتوڻيڪ اسان کي مادي زندگيءَ جي بي انتها اهميت ۽ افضليت جو اقرار آهي. ڪوڙهي سماج جو روح بہ ڪوڙهيو هوندو آهي. جو اديب زندگيءَ جي ڏاڍ، ڏمر ۽ ڏک کان منهن موڙي، اهو ڪانئر ۽ ڪميٽو آهي، هو پنهنجي فرار جي باوجود ادب تخليق ڪري سگهي ٿو پر هو فقط ڪوڙي ڪيمياگر وانگر ڏنگيءَ جي ڏک پيدا ڪري سگهي ٿو باقي هن وٽ آهي رڳو ٽڪي جو ٽامو. سرجڻهار جوٽي جنسار سان دل نہ بهلائيندو آهي. فراري ادب زندگيءَ جي ڪاري ڪوهہ ۾ ڪوڙ جي ڪنگري آهي، جنهن ۾ وسوڙا آب حيات تلاش ڪن ٿا. اهڙو ڪوبہ اديب نہ آهي، جو دلي طرح مادي زندگيءَ کي اهميت نہ ڏيندو هجي، پر مادي زندگيءَ ۾ انقلاب لاءِ ڪوشش ٻيروءَ جي راند نہ آهي ۽ سسي نيزي پاند اچلائڻ هر ڪنهن جي وس ۾ نہ آهي.

نئين ادب تي اهو الزام بہ ڏريو ويو آهي تہ اهو اشتراڪي آهي. جنهن بہ اهو الزام ڏريو آهي، تنهن جڪ ماري آهي ۽ پنهنجي بغض ۽ حسد سبب الزام تراشيءَ جي ڏن ۾ اچي، يا تہ جديد ادب جي پوري مطالعي ڪرڻ کان ئي انڪار ڪيو آهي يا تہ هن کي نظرياتي پرک ۽ پروڙ بنهہ ڪانہ آهي. هونئن بہ شاعر هڪ جذبات ۽ قلبي واردات وارو انسان آهي، هو طبيعتاً هر مسلڪ پرست رجحان ۽ اصول جي تعين کان گهبرائيندو آهي، جو زندگيءَ جي تنوع ۽ تحرڪ پريءَ حقيقت سان محبت ڪري، ان جو ڪنهن بہ جامد نظريي سان نباهہ ناممڪن آهي. شاعر جا بہ نمايان فرض ٽين ٿا، ۽ اهي هي آهن تہ فقط جيئڻ دنيا

آهي، ان جو آئينو ٿئي، پر جيئن دنيا ٿيڻ گهرجي، ان جو تخيل بہ پيش ڪري. هن جو هر سياسي جماعت کان ٻاهر رهڻ جو سبب هن جو هٺ نہ، پر هن جي نهٺائي آهي. هن جي ”انسانيت جي جامع ۽ پيچيديءَ اڪائيءَ“ سان عقيدت آهي. اها هن جي فراخدلي آهي، جا هن کي ڪنهن بہ سياسي جماعت سان شامل ٿيڻ نٿي ڏئي. پر اسان جا مخالف، جن مان ڪي فقط عمر ۾ بزرگ آهن، اسان کي سمجهي نٿا سگهن، ۽ اوندهہ ۾ ٽاڪوڙا ٽا هڻن، ڇو تہ جدت پسند اديب اڄڪلهہ جيڪي پڙهي رهيا آهن، ان جي فقط هڪڙي صفحي کي سمجهڻ لاءِ انهن اٽيڙهيلن ۽ نام نهاد بزرگن کي ٻن ڇئن مهينن جي ضرورت آهي، آزاد نظم کي اشتراڪيت جي سازش سمجهڻ وارا ۽ چانڊوڪيءَ کي دهريت سڏڻ وارا انڌا اونڌا ويچ وڏيڪ توجهہ جا مستحق نہ آهن.

مون هميشہ انفراديت ۽ انفراديت پرستيءَ ۾ فرق ڪيو آهي. انساني زندگي اجتماعي آهي ۽ انفراديت پرستي ان لاءِ مهلڪ آهي. باقي انفراديت هر عظيم فنڪار لاءِ ايتري ضروري آهي، جيتري گل لاءِ خوشبوءِ. هر عظيم فنڪار جوڙڻ هار آهي ۽ پنهنجي ڪائنات جو جوڙيندڙ آهي، فن زندگيءَ لاءِ هوندي بہ ان کان مٿيرو آهي. فن جي ڪمال ۾ زندگيءَ جي روحانيت جي تڪميل آهي. هر عظيم شاعر جي سٽ ڏسي، يڪدم انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ اها خوشبوءِ فقط هن جي روح جي ٿي سگهي ٿي. مون ڪڏهن بہ عظيم فن کي ڏسيل راهہ يا پيري جو محتاج نہ ڏٺو آهي، فن هميشہ اٽانگي واٽ ورتي آهي، جنهن تي اڳ ڪنهن بہ پکيءَ جو پاڇو نہ پيو آهي. عظيم فن جي منزل ان جي پهرئين قدم تي بہ شروع ٿئي ٿي ۽ ان جي پوئين قدم تي بہ رسائيءَ کان دور نظر اچي ٿي. عظيم فن ازل کان ابد تائين ٻرندڙ شعلو آهي، جنهن جي مشعل هر ”سڏ پنڌ“ کان پوءِ بدلجندي رهندي آهي. ان کان سواءِ اها جوت جٽاءُ نہ ڪري سگهندي آهي.

انفراديت ٽيڪنڪ لاءِ بہ ضروري آهي ۽ فڪر لاءِ بہ. پر هر متشاعر شاعر نہ آهي، ۽ هر بحر وزن جو مشاق نظم گو نہ آهي، جيئن

هر تعمير تاج محل نہ آهي ۽ هر رنگ آميزي مونا ليزا نہ آهي. فن جي جان ان جي هيئت نہ آهي پر اهو آتشين روح آهي، جو ڪنهن بہ جام کي جرڪائي سگهي ٿو. شاعري ڪنيار جو ڪاروبار نہ آهي، پر ڪلال جي ڪانڌ آهي، ۽ سري جي سڳنڌ کان سواءِ هر ٿانءُ مٽيءَ جو پنوڙو آهي. شعر جو تخيل هيئت ايئن حاصل ڪندو آهي، جيئن باز بلبل کي جهٽي. هيئت جي تخليق بہ حسن جي تخليق آهي، پر بلورين جام احمرين شراب، کان سواءِ بي معنيٰ آهي. اهو بہ ظاهر آهي تہ هر بحروزن جو مشاق دلفريب هيئت جي تخليق جو اهل نہ آهي. هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي تہ اهو قافيو ڪم آڻي، جو ساريءَ سٽ جو ساهہ هجي، جو ڪان وانگر ڪڙڪڙ ڪري ڇپي وڃي ۽ واڍوڙڪي وڍ تي پيار مان پٽيون بہ ٻڌي. هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي تہ جذبات جي جوار ياٽا کي ايئن ڇڻي، جو وير، واري، ڇر، ڇولي جدا جدا بہ هجي ۽ هڪ ٻئي ۾ سمايل بہ. مون اڪثر "فاعلاتن فاعلات" ۾ "واهياتن واهيات" ڏٺو آهي.

پيسترنڪ جي ناول "ڊاڪٽر زواگو" ۾ اديب ۽ شاعر لاءِ ڇيل هيٺين سٽن تي مون ڳاڙهو نشان ڏيئي ڇڏيو آهي:

"ٻولي، جيڪا سونهن ۽ سمجهہ جو گهر آهي، اها پنهنجو پاڻ سوچڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي ۽ ڀرپور سنگيت جو روپ وٺي ٿي. ٻاهرين ٻڌجي سگهندڙ آوازن جي لحاظ کان نہ، پر پنهنجي اندرينءَ اڇل ۽ اجهل وهڪري جي لحاظ کان. پوءِ جيئن هڪ مها نديءَ جي تيز ڌارا خالص پنهنجيءَ رفتار سان پٿرن کي لسائيندي ۽ ڦيٿن کي هلائيندي اڳتي وڌندي رهندي آهي، تيئن ٻوليءَ جو وهڪرو پڻ، خالص پنهنجن قانونن مطابق، وڌندي وڌندي، وزن جي جوڙ ۽ قافيي جو جڙاءُ ۽ ڪيئي اهڙا سٽاءَ ۽ گهاڙيٽا تخليق ڪندو رهي ٿو جيڪي پاڻ انهن کان زياده اهم آهن ۽ هيل تائين نہ ڪڏهن لڌا ويا آهن ۽ نہ ويچاريا ويا آهن ۽ نہ وري انهن کي اجا تائين ڪي نالا ٿي ڏنا ويا آهن."

فقط فارسي ۽ عربي تقطيع کي شاعريءَ جو معيار سمجهڻ وارن

ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ جديد شاعريءَ ۾ ايتري بي پناهہ موسيقي ڇو آهي؟ هنن ڪڏهن اهو بہ جاچيو آهي تہ جديد بيت، دوهي يا وائيءَ جي ڪنهن بہ سٽ ۾ ڪيترا نڙيءَ مان، تارونءَ سان يا چپ سان اچاريل اکر آهن ۽ انهن جو توازن ۽ هم آهنگي ئي شعر ۾ موسيقي پيدا ڪري ٿو!

اهو توازن ۽ هم آهنگي ذات ۽ ڏانءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪمال آهي ۽ پوريءَ زندگيءَ جي رياض جو نتيجو آهي. ڪنهن استاد کي اها خبر بہ آهي تہ تجنيس حرفي فقط لفظن جي پهرين اکرن جو تڪرار نہ آهي، پر وچين ۽ پوين اکرن جو تڪرار بہ ٻوليءَ ۾ بيحد شيريني پيدا ڪري ٿو! ڇا اهي ڄاڻن ٿا تہ شاهہ جي هيءَ سٽ "پيشانيءَ ۾ پرين جي، پلاٽيءَ جا پير" ۾ زبان جي شيرينيءَ جو سبب فقط "پيشاني" ۽ "پرينءَ" جي "پ" جو ۽ "پلاٽي" ۽ "پير" جي "پ" جو تڪرار نہ آهي، پر ان سٽ جو صوتي تاثر "پيشانيءَ" جي وچين "الف" ۽ "پلاٽيءَ" جي وچين "الف" ۽ "پرينءَ" جي وچينءَ "ر" ۽ "پير" جي پوئين "ر" جي تڪرار تي بہ مدار رکي ٿو ۽ ان کان سواءِ ختم ٿي وڃي ها!

جديد ادب جي ٽيڪنڪ جو معيار بہ جديد آهي، پر ڇا ڪجي، جو اسان جا بزرگ نقاد اسان کان هڪ صدي پٺتي آهن، ۽ "برمزارِ ما غريبان نے چراغ و نے گلے" چئي، انهيءَ هر اديب کي گاريون ڏيئي رهيا آهن، جنهن کي جهوليءَ ۾ گل ۽ هٿ ۾ مشعل آهي. اسان کي هنن جي حال تي افسوس آهي، فقط افسوس آهي.

وقت جي ڪميءَ سبب مان جديد فن ۽ فڪر تي مفصل بحث نٿو ڪريان، ۽ آخر ۾ ان ساريءَ سنگت جو احسان مڃان ٿو جنهن مون کي هن مشاعري جي صدارت جو شرف بخشيو آهي ۽ سنڌ جي نئين فڪر ۽ فن جي جرئت سان حوصلہ افزائي ڪئي آهي. "روح رهاڻ" رسالو جديد ادب جي اشاعت ۾ اڳرو رهيو آهي ۽ ان جي اداري هر مشڪل جي باوجود جدت پسنديءَ جي حمايت ڪئي آهي، جنهن لاءِ جناب حميد سنڌي ۽ هن جا سنگتي مبارڪباد جا مستحق آهن.

# شام ـ صبح جو پيغام

(15، مئي 1965ع تي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد جي شاگرد يونين ”سنڌي شام“ ملهائي. ان ۾ مشاعري جي صدارت شيخ اياز کي ڪرڻي هئي. ڪن سنڌ، سنڌي زبان ۽ ادب دشمنن جي سازش سبب ان ڏينهن شيخ اياز کي حيدرآباد مان شهر بدر ڪيو ويو. مشاعري جي صدارت سندس تصوير کان ڪرائي وئي، تقرير ٻئي ڪنهن پڙهي.)

گذريل سال مون جڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ”سنڌي شام“ جي مشاعري جي صدارت تي ڪئي، تڏهن ئي مون اندازو لڳائي ورتو هو تہ سنڌڙيءَ جو صبح ڪيترو نہ ويجهو آهي. هيءَ ڀٽائيءَ جي سرزمين اڄ فقط سڏ نہ آهي، پڙاڏو بہ آهي. پڙاڏو بہ اُهو جنهن لاءِ ڪاليداس چيو آهي تہ جڏهن شينهن جي گجگوڙ جهنگل ۾ گونجندي آهي، تڏهن ڪنهن اونهي کوهہ ۾ ان جو پڙاڏو ايتري زور سان ٿهلجي ويندو آهي، جو هاٿيءَ جو بہ هانءُ دهلجي ويندو آهي.

ڪهڙو نہ پيارو لفظ آهي: ”سنڌي شام!“ سانجهيءَ جو تاٽو من ۾ ڪهڙي نہ اجنبي اُڻ تڻ پيدا ڪندو آهي، پکيئڙا آکيري اوڏا ڏسي، ڪائي اڻچاتل اُداسائي ڇانئجي ويندي آهي! مون کي مولانا روميءَ جو هڪ شعر ياد اچي رهيو آهي:

چون سواد شام هرڪس بہ نهد چراغ و خواني،
منم و خيالِ ياري، غم و نوحہ و فغاني.

يعني: جڏهن شام جي اوندهہ لهندي آهي ۽ هر ڪوئي چراغ ٻاريندو آهي، ان وقت مان هوندو آهيان ۽ يار جو خيال، ۽ ان جي جدائيءَ ۾ جيءَ جلي پُڪار!

مون ۾ سا ڳيءَ ڪيفيت جو اظهار پنهنجيءَ تصنيف "جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙيءَ" ۾ هن ريت ڪيو هو:

"هينئر شام چانهه وانگر نيرا پر پکيڙيا آهن. چانهه اسان جي تر جو مشهور پکي آهي ۽ ان متعلق ڏند ڪٿا آهي ته هوءَ هميشه ڪنهن پارس جي تلاش ۾ هوندي آهي. مان جڏهن به شام کي چانهه سان تشبيهه ڏيندو آهيان، تڏهن نه فقط ان جي اڪيلائيءَ جو احساس ۽ نيراڻ مايل رنگ ذهن ۾ هوندو اٿم، پر مان محسوس ڪندو آهيان ته منهنجي شام به ڪنهن پارس جي تلاش ۾ هوندي آهي. ڪنهن نامعلوم، نارسا هستيءَ جي جستجوءِ ۾، جا منهنجي ساهه کي سارو سون ڪري سگهندي"

منهنجا نوجوان دوستو! سنڌيت هڪ عظيم حقيقت آهي. قوميت جو مدار جاگرافيءَ، تاريخ، زبان، اقتصادي ۽ ثقافتي رابطي تي آهي. ان لحاظ کان اسان کي هڪ مخصوص حيثيت آهي. انهيءَ حيثيت جي انفراديت ۾ هڪ عظيم تاريخ آهي. تاريخ، جنهن ۾ انسانذات جي مهذب زندگيءَ جي عظيم حاصلات آهي، تاريخ، جا هن پوري ننڍي کنڊ جي مهذب زندگيءَ جو سرچشمو آهي. انهيءَ تاريخ جو پورو شعور ۽ ان تي فخر، اوهان جي مستقبل جي حفاظت ۽ ارتقا جو ضامن آهي. انهيءَ زبان سان محبت، جنهن جون جڙون مسيح کان به پنج هزار سال اڳ جون آهن، اوهان ۾ خودداري ۽ خوداعتمادي پيدا ڪندي، ۽ ان جي اقتصادي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ ۽ اقتصادي ۽ ثقافتي حقن جي جائز حمايت ۾ اوهان جي مادي ۽ روحاني ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو راز مضمر آهي.

ڪيتري وقت کان پوءِ اوهان جي فڪر ۽ عمل جو جمود ٽٽو آهي، ڪيتري وقت کان پوءِ اوهان جي خودي جاڳي آهي. اها خودي اُها نه آهي، جنهن جو تخيل علامه اقبال، "برگسان" تان ورتو هو پر اُها خودي آهي، جا قوم جو ضمير هوندي آهي، جو جڏهن اگهور ننڊ مان جاڳندو آهي ته ان کي ڪائي به جابر حقيقت ليٽائي نه سگهندي آهي. مان

شاعر آهيان، منهنجي دنيا شبنم جي دنيا آهي، پر هي شعلو جو منهنجي روح مان ڀڙڪي اٿيو آهي، ان ضمير جي زبان آهي، جنهن جي صدا مون کان پوءِ بہ اوهان جي جاڳ کي جرڪائيندي رهندي ۽ انهيءَ خوديءَ جو احساس ڏياريندي رهندي، جنهن ۾ اوهان جي ۽ اوهان جي قوم جي زندگيءَ جو راز مضمر آهي. منهنجي ۽ اوهان جي حقيقت ڪجهہ بہ نہ آهي. جيستائين سنڌ نہ آهي، سنڌي زبان نہ آهي ۽ سنڌيت نہ آهي.

هھڙو دور شايد ئي دنيا جي ڪنهن ادب ۾ آيو هجي، جڏهن ادب جو اجتهاد فقط ادب جي تخليق لاءِ نہ، پر ان زبان جي بقا لاءِ بہ هجي، جنهن ۾ اُن ادب جي تخليق ڪئي وڃي. معلوم نہ آهي تہ انهن کي ڇا چئجي، جيڪي ان عظيم اجتهاد جي نڙگهٽ تي ننهن ڏيئي رهيا آهن. سنڌي ادب ۾ ”بئستائيل“ جي حامين کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ ”بئستائيل“ جو پيچرو بہ تاريخي حقيقت آهي. روسُو ۽ والٽير جي سرزمين جو هي اشاراتي پهلو آٽڻ وقت، مون کي ساڳيءَ سر زمين جو هڪ تازو واقعو ياد آيو آهي، جنهن جو ذڪر حالات کي مدنظر رکجي تہ ناموزون نہ آهي. جڏهن فرانس جي عظيم مفڪر ۽ اديب، سارتري، الجزائر جي مجاهدن جي علي الاعلان حمايت ڪئي، تڏهن ڪنهن ڊي گال کي چيو تہ ”آخر ٻين تي ساڳئي ڏوهہ لاءِ قيد و بند جي سزا آهي. سارتري تي ڪارروائي ڇو نہ ٿي ڪئي وڃي؟“ جنهن تي ڊي گال جواب ڏنو ”سارتري تي ڪارروائي ڪيئن ڪبي، سارتري تہ فرانس آهي!“

اهو آهي هڪ عظيم شخصيت جو هڪ مخالف صاحبِ فڪر ڏانهن رِدعمل. افسوس آهي تہ سنڌ جي نئين ادب کي اهي مخالف مليا آهن، جن ۾ عظمت تہ ڪجا، ڪم از ڪم ذهانت ۽ ديانت بہ نہ آهي. مون کي هڪ صاحب جي تنقيد پڙهي ڪل آئي تہ آزاد نظم اشتراڪي سازش آهي. هن کي اها خبر بہ نہ آهي تہ آزاد نظم ملٽن جي زماني ۾ بہ هو جڏهن ڪارل مارڪس جو پيءُ بہ پيدا نہ ٿيو هو ۽ جديد عربي

شاعريءَ ۾ بہ آهي ۽ ان جي مصر جي طاها حسين جهڙي مفڪر ۽ محقق بہ حمايت ڪئي آهي، جنهن جي عظمت پوريءَ اسلامي دنيا تسليم ڪئي آهي.

سنڌ جا سپوتو! اهي مدي خارج سنڌي دماغ هڪ منظم سازش ڪري، اڄ سنڌي شعور جي ارتقا کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. مون پهرين تہ انهن جي حرڪتن کي ڏسي لنوايو هو تہ سنڌوءَ جي ڌارا کي بہ ڪميون ڇا روڪينديون! پر اڄ هو هزارين حربا استعمال ڪري رهيا آهن. مڪر، فريب، دروغ گوئي، صحافتي بدديانتي، سياسي ۽ مذهبي اشتعال انگيزي، اقتدار ۽ اختياريءَ اڳيان روئڻ، رڙڻ، ليلڙاٽيون ڪرڻ، ليٽڙيون پائڻ تہ جيئن حق جو آواز دٻجي وڃي ۽ جيئن سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت جا حمايتي هيسجي وڃن. مون کي منصور جي انهن چپن جو قسم آهي، جي ڪپجي ويا هئا تہ بہ انا الحق چوندا رهيا هئا، تہ اوهان جا نوان اديب، هر ڌمڪيءَ ۽ دڙڪي جي باوجود اوهان جي ادب، زبان ۽ ثقافت جي مشعل بلند رکندا ايندا. ڪجھ سال اڳ مون کي پٽائيءَ جي هڪ سٽ بار بار ياد ايندي هئي:

”ڪا جا ڪُن ڪرين، پِنيءَ پُٽ جُهڻ پاڻ ۾“

۽ اڄ اهو حال آهي تہ ”ڪپر تو ڪن ڪري، جيئن ماٽيءَ منجھ مهي“ ۽ مٺو متو مهراڻ چوليون هٽندو گجگوڙ ڪندو وڏي رهيو آهي.

مون بار بار دهرايو آهي تہ نئون سنڌي ادب اشتراڪي نہ آهي. جديد دنيا ۾ بين الاقوامي سياسي تحريڪون بي معنيٰ ٿي چڪيون آهن ۽ هن وقت ڪنهن بہ صاحب نظر اڳيان، جي ڪوئي سياسي آدرش آهي تہ اُهو هڪ پاسي حب الوطن ۽ ٻئي پاسي انسان دوستيءَ ۽ بين الاقوامي امن ۾ توازن ۽ رابطو آهي. اسان ملير جي مٽي آهيون، موهن جي دڙي جي داڻهن آهيون، پٽائيءَ جي پٽ تي پنيٽ آهيون. اسان سنڌ جي ماضيءَ جا عڪاس ۽ مستقبل جا مصور آهيون. اسان جو فڪر نہ لينن جي لهٽي هيٺ آهي ۽ نہ جيفرسن جي ڪرڙئي تي وينل آهي، انهن ٻنهي مان استفادي جي باوجود، اسان جي فڪر ”پٽ

جي ڏٽيءَ“ کان ”سن جي سائين“ تائين پنهنجو پاند ڦهلائي، پنهنجي انفراديت حاصل ڪئي آهي.

ڪالهه مان آمريڪا جي Book of the month Club جو چونڊيل ڪتاب ”ثقافت جون راهون“ پڙهي رهيو هوس. ان ۾ ڪجهه دلڪش سٽون هيون، جي مان چاهيان ٿو ته اوهان به هيئين سان هنڊائي ڏسو:

”انساني ثقافت اُهو ڏندڪتا وارو وڻ آهي، جنهن جي هر ٽاريءَ جي اوسر الڳ آهي، ۽ هر ٽاريءَ جي ڦل ڪي پنهنجو پنهنجو سواد آهي، پر اهي ٽاريون ساڳئي هڪڙي ٿڙ مان ڦٽيون آهن.“

منهنجا دوستو! سنڌي ثقافت به اُها ٽاري آهي، جنهن جي اوسر الڳ آهي ۽ جنهن جي ڦل ڪي پنهنجو سواد، پنهنجو ميٺاج آهي، پر مان ٻانيان ٿو ته ان ۾ وڌاءُ نه ٿيندو جي مان چوان ته سنڌي ثقافت اهو ڏار آهي، جنهن مان ڪيئي ٽاريون ڦٽي پوري برصغير ۾ ڦهليون آهن. شال! انهن جا هٿ ڪپجن جي ان ڏار جي ڇانو هيٺ وبهي، ان جي جڙ ڪي ڪاٽڻ جي ڪوشش ٿا ڪن.

اسان ”جوَ نما گندم فروش“ اديب آهيون، ”گندم نما جوَ فروش“ سياستدان نه آهيون. اسان جي ٻولي ادب جي ٻولي آهي ۽ ان جي ادبي رمز ۽ ايما اُها زرهه آهي، جا ادب جبر جي هر دؤر ۾ پائيندو آهي، ۽ ان زرهه هيٺان هڪ هنيلو هانءُ هوندو آهي، جو سدائين سچ لاءِ وڙهندو آهي ۽ ڪنهن به شمشير و سنان جي وار کان نه گهبرائيندو آهي. اڄ انهيءَ رمز و ايما جو سهارو وٺي، مان اوهان کي آسٽريليا جي هڪ شاعره ميري گلمور (Mary Gilmore) جي هڪ نظم جو ترجمو ٻڌايان ٿو جو اوهان لاءِ به ايتروئي سبق آموز آهي، جيترو آسٽريليا جي عوام لاءِ:

”مان وهم وسوسي کان مٿي چڙهي چڪي آهيان،
مان ٻانيان ٿي ته هيءَ ڌرتي هڪ گهر آهي،
۽ خدا جي دسترخوان تي ويٺو آهي
هرڪوئي، جو ان مان پنهنجو حصو ڪٽڻ آيو آهي:

پر هيءَ ماني، جا منهنجي هٿ ۾ آهي،
فقط منهنجي پُٽ لاءِ آهي.“

اسان سنڌي، جي ڪڏهن مانيءَ ڳيو ڌرتيءَ تي پيل ڏسندا آهيون، تہ ان کي کڻي، اکين تي رکي، چمي، پاسيرو رکندا آهيون تہ جيئن اهو لتاڙ هيٺان نہ اچي. منهنجا دوستو! اها ”مانيءَ“ لاءِ عزت بي معنيٰ نہ آهي. دراصل اهو هر قوم جي تقدير جو فيصلہ ڪُن سوال آهي ۽ اهو مان اوهان کان انهيءَ شاعره جي لفظن ۾ ٿو پڇان:

”ڇا اها ”ماني“، جا اوهان جي هٿن ۾ آهي،
اوهان جي پٽن لاءِ بہ آهي يا نہ؟“

جي اوهان انهيءَ سوال تي غور ڪيو ۽ اوهان مان هڪڙي بہ انهيءَ سوال مان پيدا ٿيندڙ مسئلي جي حل لاءِ پاڻ پتوڙيو تہ هيءَ ”سنڌي شام“ سجائي سمجهبي.

مان اوهان جو احسانمند آهيان، جو اوهان مون کي صدارت جو شرف ڏيئي، سنڌ جي جديد فن ۽ فڪر جي حمايت ڪئي آهي. سنڌ جو مستقبل اوهان سان وابستہ آهي، شل! اوهان جي ضمير کي اها جرئت ملي، جا قومن جي تقدير بدلائي وجهندي آهي.

# امن ۽ انسانيت جو شاعر

(1965ع ۾ سچل سرمست اڪيڊمي، خيرپور طرفان درازن ۾ سچل جي ورسيءَ تي ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، ان موقعي تي مشاعري جي صدارت ڪندي اياز هيءَ تقرير ڪئي.)

مون ڪيئي ڀيرا مشاعرن جي صدارت ڪئي آهي، پر هن مشاعري جي صدارت تي مون کي اڳ کان زياده فخر آهي، ڇو تہ هي مشاعرو انهيءَ سرزمين تي ٿي رهيو آهي، جا اسان جي ڪلاسيڪي ادب جو سرچشمو آهي، ۽ انهيءَ جو انتظام ۽ انهيءَ ۾ نمايان حصو انهن جديد اديبن جي پلئہ پيو آهي، جن جي ذات سنڌي زبان ۽ ادب ۾ اها جوت جاڳائي آهي، جنهن کي ڪوئي واءُ وسائي نٿو سگهي. اهو وقت گذري ويو جڏهن سنڌي مشاعري مان ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ ايندي هئي، جڏهن لکنؤ ۽ دهليءَ جي پُٽيءَ روايت کان متاثر سنڌي شاعر قافيہ پيمائي ڪندا هئا ۽ پنهنجو غزل پينوءَ جي پاند جيئن ڦهلائي، داد جي طلب ڪندا هئا. انهن ۾ نہ زندگيءَ جو شعور هو نہ ادب جي شناس، ۽ نہ انهيءَ اردو غزل جو صحيح ذوق، جنهن جون بہ چار تشبيهون هنن لاءِ انهيءَ انڌي ڏيڏر جي ڪائنات ٿي چڪيون هيون، جو نہ فقط زندگيءَ جي موج ۽ تلاطم کان بي خبر هو پر پنهنجي کوهيءَ جي چر تي ڪنهن چنڊ ستاري جو پاڇو بہ نہ ڏٺو هئائين. گذريل ڪافي عرصي جي شاعري اهي ٽاڦوڙا آهي، جنهن جي چڪ جون ڦيهنگون اڃا تائين حيدرآباد کان لاڙڪاڻي تائين اڏامنديون نظر اينديون ۽ جن کي اڃا تائين ڪجهہ تڪ بند شاعر جور وانگر چنبڙيا

پيا آهن. فارسيءَ ۽ اردو شاعريءَ جي روايت ۾ ڪائي مور جي ادا ته ڪانه هئي، جو ان جي تقليد ڪئي وڃي ها. البت ڪجھ ڪانوَ هل جا ڪنڀ اٽڪائي،اڌامندا نظر ايندا هئا. انهن مان ڪجھ اهي به هئا. جن جا سطحي جذبا هنن کي حالي، اڪبر الھ آباديءَ ۽ اقبال جي دروازي تي وٺي ويا. ۽ هو لڪير جا فقير، ڪجھ ادبي اوير مان جهول ڀري آيا ۽ انهيءَ کوکليءَ شاعريءَ جي ڪرڙ ڏسي، ڦوليا نه سمايا. انهن کان اهو وسري ويو ته اسان جي زبان ۽ ادب خود مالامال آهي، ۽ ڀٽائي، سچل ۽ ساميءَ جيڪو ذخيرو ڇڏيو آهي، سو ڪڏهن به نه کٽڻو آهي، ۽ فقط اهوئي اسان لاءِ فخر جو باعث آهي. هڪ طرف فارسيءَ ۽ اردو شاعريءَ جي تتبع ۽ انڌي تقليد سنڌي شاعريءَ ۾ جمود پيدا ڪيو ۽ ٻئي طرف اسان جي ڪافي، بيت ۽ ڏوهيڙي ۾ به نئين جذبي ۽ جدت جي نمايان ڪمي نظر آئي. اوهان گذريل صديءَ جون ڪافيون ۽ بيت ڏسندا، ته انهن ۾ ڪائي ايڪڙ ٻيڪڙ سٽ اهڙي نظر ايندي، جا ادبي معيار تي پوري اچي، نه ته انهن ۾ فقط ساڳين ساڳين لفظن جي الٽ ڦير ۽ ڪنهن پير جي پراڻي پٽڙ وانگر پٽي، بي معنيٰ روحانيت نظر ايندي. گذريل صدي يا انهيءَ کان وڌيڪ عرصي ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ نه فقط مئي مَتي مهراڻ واري مستي ختم ٿي ويئي، پر ادب اها ڏٻڻ ٿي ويو جنهن جي چوڌاري فقط ڪانون جا ڪانگيرا وڃي رهيا. انهيءَ زوال جو سبب سياسي ۽ سماجي به هو ۽ انهن شخصيتن جي ڪمي به هئي، جن جي گهري نگاهه ۽ اعليٰ حوصلو زندگيءَ جا قدر طئي ڪندو آهي، ۽ جن جي جرئت انهن مخالف حالتن سان ٽڪر ڪائيندي آهي، جي قومي زندگيءَ جي جڙ ڪاٽيندڙيون آهن. اهڙي ئي انفراديت جي قلت جي باري ۾ سچل سرمست اطلاع ڏنو آهي:

پٺيءَ ججھ م جل، منجھ تماشي نه پوين،
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامو هل!

۽ اهڙيءَ انفراديت جي اظهار لاءِ ڀٽائيءَ چيو آهي:

ٻارڻ ٻاريائي ته ٻار، ڦوڪ ته لڳي انبرين!

اهو بيان جو زور ۽ حسن اسان لاءِ نہ غالب ۾ آهي ۽ نہ اقبال ۾. پر هن وقت تائين ڪهڙي نقاد جو انهيءَ ڏانهن ڌيان ويو آهي؟ جرمنيءَ جي عظيم شاعر، شلر چيو آهي: "پنهنجي مادر وطن کي پوريءَ عقيدت سان چنبڙي پئو ۽ ان کي هٿان نہ ڇڏ. چو تہ انهيءَ ڌرتيءَ ۾ سگهہ جون جڙون آهن. باقي ڪنهن ڌاريءَ ڌرتيءَ ۾ تون ايئن سمائجي ويندين، جيئن ڪوئي ڪنبندڙ ڪانو جنهن کي ڌوڙ ئي جو ٿورو ئي ڌڌڪو ليٽائي ڇڏيندو آهي."

سچل ۽ ساميءَ جي دور کان پوءِ صحيح معنيٰ ۾ سنڌي شاعري وري دور جديد ۾ شروع ٿي آهي، جڏهن اسان کي پنهنجيءَ قوميت، زبان ۽ الڳ تهذيبي ورثي جو ڀرپور احساس ٿيو آهي، ۽ جڏهن اسان جو شاعر ۽ اديب، دنيا ڀر جي بهترين ادب جي مطالعي جي باوجود انهيءَ نتيجي تي پهتو آهي تہ اسان جي جيءَ جون جڙون سنڌ ۾ آهن ۽ جيستائين اسان جي سٽ سٽ ۾ سنڌيت جو هڳاءُ نہ آهي، تيستائين اسين ڪوئي زنده جاويد ادب تخليق نٿا ڪري سگهون. جڏهن اهو پنهنجي ورثي جي انفراديت ۽ عظمت ۾ ايمان پيدا ٿيو آهي، تڏهن کان سنڌ اهو ادب تخليق ڪري رهي آهي، جو ٿوري عرصي ۾ مشرقي ادب جي بهترين ادب ۾ شمار ڪيو ويندو. ادب ۾ اهو انقلاب "بيوس" جي شاعريءَ ۽ قليچ جي نثر سان شروع ٿيو ۽ اهو شعور جنهن ادب کي انهيءَ موڙ تي آندو اڃي رچي ريٽو ٿيو آهي، ۽ اڄ مون کي سنڌ جو نئون ادب ايئن لڳي رهيو آهي، ڄڻ سرمست جي مزار تي ڏاڙهونءَ جا گل ڦٽا آهن. سياست سنڌ سان فريب ڪيو آهي، اڄ فقط شعر و ادب ئي ان جو ساٿ ڏيئي رهيو آهي. اڄڪلهہ جو سنڌي اديب ۽ شاعر ايئن آهي، جيئن شاهہ سر راڻي ۾ چيو آهي:

سچ سياڻي جا ڪري، سائي ساميءَ روءِ!

سچل سائينءَ ۽ ڀٽ ڌڻيءَ جي ڪلام تي اڃا تائين ڪوئي معياري تنقيدي ڪتاب نہ لکيو ويو آهي. جو ڪجهہ لکيو ويو آهي، سو يا تہ ڏندڪٿائن جو ڍير آهي، يا ڪنهن پراڻي اڏوهيءَ کاڌل تصوريت

جو منڍ بنا مانداڻ آهي. فن جو جمالياتي، نفسياتي، معاشياتي ۽ ادبي تجزيو اڃا ڪنهن سنڌ جي نقاد نہ ڪيو آهي. شايد اهو احساس منهنجي هن بيت جو پس منظر آهي:

تون تو چونڊين ڪک، مان اڏران آڪاس ۾،
تون ڇا ڄاڻين، آهہ ڇا، لونءَ لونءَ منهنجي لک،
پوپاڙيءَ جا پک، آڪيري او تائتا.

دراصل اها ڪمي اسان محسوس نہ ڪئي آهي، پر پوري برصغير کي ان جو احساس آهي. دور جديد جو باشعور نقاد اڃ وري ڪاليداس ۽ غالب جي روح کي ڳولي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ نئين دور جا اديب پنهنجي پختيءَ پرک ۽ پروڙ وسيلي سچل ۽ ٻين ٽائيءَ ۾ اها عظمت اجاگر ڪندا، جا انهن کي مهذب دنيا جي عظيم شاعريءَ ۾ هڪ دائمي جاءِ ڏيئي سگهي ٿي. مثال طور، مان اوهان کي سچل جو هڪ سڌو سادو بيت ٻڌايان ٿو:

جتي ماڻهن ميڙ آ، مان تتي ناهيان،
سسي سنباهيان، پنيءَ شاهہ حلاج جي.

منصور حلاج جو ذڪر هر صوفي شاعر ڪيو آهي. منصور کي روحاني آزاديءَ جي پيغمبر جي حيثيت ۾ ڏٺو ويو آهي. هو انهيءَ آزاد مشرب انسان جو عظيم مثال آهي، جو نہ فقط روايت جو باغي آهي، پر انهيءَ بغاوت ۾ سر جي سٽ ڏيئي سگهي ٿو. اهو بيت ايترو معمولي نہ آهي، جيترو ٻيو ڪوئي شعر، جنهن ۾ منصور کي تمثيلي حيثيت ڏني ويئي هجي. هن بيت جي اها سٽ "جتي ماڻهن ميڙ آ، آءُ تتي ناهيان." هڪ روايت کان باغيءَ جي روحاني تنهائيءَ جي عڪاس آهي. اهو انسان، جنهن جي پير ۾ ڌرتيءَ جون ڪڙيون آهن ۽ جنهن جو ڪنڌ عرش جي ڪنگريءَ سان لڳي ٿو ڪيترو نہ تنها آهي، ڪيترو نہ ماڻهن جي ميڙ کان پري آهي! هن کي سسي ضرور سنباهڻي آهي، پر اهو احساس هن جي پيڙا جو ڪارڻ نہ آهي. هن جي پيڙا تہ انهيءَ ۾

آهي تہ هو ايترو تنها آهي. اها پيڙا متاچري طرح اڪارڻ لڳندي آهي، جو تہ اڪثريت انهيءَ تنهائيءَ جي ڪيفيت کي نہ سمجهي سگهندي آهي. اهو شعر (جو ظاهري طرح معمولي آهي) پڙهي، مون کي جرمنيءَ جي عظيم شاعر، رلڪي، جو هيءُ نظم ”گنڀير گهڙي“ ياد آيو:

”جيڪڏهن هن وقت دنيا ۾ ڪوئي بہ روئي رهيو آهي، ۽ ڪارڻ کان سواءِ روئي رهيو آهي. تہ هو مون تي روئي رهيو آهي!

جيڪڏهن رات جو ڪٿي بہ ڪوئي کلي رهيو آهي، ۽ ڪارڻ کان سواءِ کلي رهيو آهي، تہ هو مون تي کلي رهيو آهي!

جيڪڏهن هن وقت دنيا ۾ ڪوئي بہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي، ۽ ڪارڻ کان سواءِ وڃي رهيو آهي، تہ هو مون ڏانهن وڃي رهيو آهي!

هن وقت دنيا ۾ ڪٿي بہ، جو ڪوئي مري رهيو آهي، ۽ ڪارڻ کان سواءِ مري رهيو آهي، سو مون ڏانهن ڏسي رهيو آهي.“

ڪجھ انهيءَ قسم جي ڪيفيت سچل جي بئي بہ هڪ بيت ۾ آهي:

گوندر جن گذاريو منهن تنهين مشعل،
ڪا مون پوي ڪل، انهن جي افسوس جي!

هر عظيم شاعر پنهنجي هر تجربي کي اهڙيءَ طرح پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙ جو زندگيءَ ۽ ڪائنات ۾ احساس گهرو ٿي وڃي ٿو. اهائي سچي فن جي حقيقت آهي، ۽ اهائي ان جي عظمت. اهائي احساس جي گهرائي، اسان کي سچل ۽ پٽائيءَ جي شاعري بخشي ٿي انهيءَ لاءِ سچل چيو آهي:

مين تہ ڪوئي خيال هان،
ملسان نال خيال دي!

اها ست اهڙي آهي، جا گوئٽي کان غالب تائين، ڪهڙي بہ مفڪر شاعر ۾ حسرت جو احساس پيدا ڪري سگهي ٿي. اج ضرورت آهي انهيءَ تنقيد جي، جا اسان کي پنهنجي ادب جي صحيح عظمت ڏيکاري.

وقت جي تنگيءَ کي مدنظر رکي مان هيءَ تقرير اهو چئي ختم
ڪريان ٿو تہ سرمست نہ فقط عظيم شاعر هو پر عظيم انسان بہ. جا
فڪر جي آزادي ۽ انساني محبت جي رواداري هن جي ڪلام ۽
زندگيءَ ۾ آهي، اها شايد ئي ڪنهن شاعر جي حصي ۾ آئي هجي!

اڄ جڏهن سياست مذهب جي آڙ وٺي، انسان ۾ انسان لاءِ بي انتها
بغض ۽ نفرت پيدا ڪري رهي آهي، تڏهن هن محبت، امن ۽ انسانيت
جي شاعر جي اهميت اڳي کان بہ وڌيڪ آهي. شل سنڌ هن جي پيغام
کي اڄ بہ پرکي، پروڙي ۽ هنئين سان هنڊائي، ۽ هن نئين ٿڪن جي
انڌاري ۾ پنهنجي مشعل بلند ڪري!

# مشاعرو ۽ سنڌي ثقافت

(3, سيپٽمبر 1966ع تي سن ۾ ٽين سنڌي ثقافت ڪانفرنس بزم صوفياءِ سنڌ طرفان ڪوٺائي وئي، جنهن جي مشاعري جي صدارت ڪندي, شيخ اياز هيءَ تقرير ڪئي.)

هيءَ بزم صوفياءِ سنڌ جي نشست آهي، مشاعرو نہ آهي. مون کي "مشاعرو" لفظ ئي نہ آئڙندو آهي. بلڙيءَ واري ڪان وٺي بيڪس سائينءَ تائين، ڪنهن بہ مشاعري ۾ شرڪت نہ ڪئي هئي. ڇو تہ مشاعرو اسان جي ثقافت جو حصو نہ آهي. مشاعري جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ بيت, دوهو وائي، ڪافي نہ پڙهيا ويا آهن. مشاعري جي روايات برصغير جي جاگيرداري دور سان وابستہ آهي ۽ شاعر جي بيڪسيءَ مضحڪہ خيزيءَ ۽ ذلت جو عبرت انگيز داستان آهي. برصغير ۾ مشاعرا گهڻو ڪري طرحي هوندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ غير طرحي غزل، قصيدا, هجو مسدس، مخمس وغيره پڙهيا ويندا ها. اُهي مشاعرا جاگيرداري طبقي جي تفريح لاءِ ڪيا ويندا هئا ۽ شاعر يا تہ ان طبقي جا وظيفي خوار هوندا هئا يا وظيفي جا تمنائي هوندا هئا. انعام اڪرام ۽ سروپا جا خواهان، پنهنجا قافيا ڪبوترن جيئن اڏائيندا هئا, ۽ بحر و وزن ۽ رديف جي سنگلاخ سرزمين تي تصور جا گهوڙا ڊوڙائيندا هئا. شمع ڦرندي رهندي هئي. غزل تي غزل پڙهيو ويندو هو. واهہ, واهہ مڪرر, مڪرر ارشاد, مڪرر ارشاد, جا آواز بلند ٿيندا هئا. ۽ شاعر بار بار جهڪي وري پڙهندا هئا, ۽ وري داد لاءِ ڪنائيندا هئا. انهيءَ طوايف الملوڪيءَ جي دور ۾ شاعر کي اهو احساس نہ هو تہ

هن جي شاعريءَ بٽيربازي، ڪبوتربازيءَ يا پتنگ بازيءَ ۾ ڪوئي فرق بہ آهي ۽ اها فقط آقا جي تفريح جو ذريعو آهي يا وڌيڪ ڪجهہ بہ آهي.

چيو ويو آهي تہ ان دور جي اردو مشاعري ۾ سنجيدگي هئي، جا اڄ نہ آهي. پر ان ظاهري سنجيدگيءَ جو سبب مشاعري ۾ جاگيرداري طبقي جي موجودگي هوندي هئي، جي سامعين جي ڪابہ زيادتي پنهنجي توهين سمجهندا هئا. دراصل ان سنجيدگيءَ جي تہ ۾ شاعر جي بنهہ بيوسي هوندي هئي. سنجيدگي فقط آداب محفل جي پائبندي ٿي نہ آهي. ”غالب“ جي فني عظمت جي باوجود هن جي درٻاري ماحول ۾ بار بار ذلت ان جي گواهہ آهي. هو ايستائين مجبور ٿيو جو سپاهگريءَ کي ذريعو عزت جو سمجهيائين ۽ نہ شاعريءَ کي.

برصغير ۾ جاگيرداري دور جي زوال کان پوءِ مشاعري جي اها ظاهري سنجيدگي بہ ختم ٿي ويئي. سامعين فقرا ڪسيا، ٺٺوليون ڪيون، ۽ جي داد ڏنو تہ ايئن جيئن ڪنهن مسخري کي ڏبو آهي. جي ”داغ“ دهلوي ۽ ”امير“ مينائيءَ جي ڪلام سامعين کي حواس باختو ڪيو تہ اهو ايئن جيئن ڪوئي بازيگر ڪرتب ڏيکاريندو آهي تہ تاڙيون وڄنديون آهن. اها روايت، جا سامعين جي رت جو حصو ٿي چڪي هئي، ان کي ”حالي“ ۽ ”اقبال“ بہ بدلائي نہ سگهيا. پاڪستان کان پوءِ جا ”جگر“ مراد آبادي ۽ ”يگانہ“ چنگيزيءَ جي لاهور ۾ ذلت ٿي، اها ان جي گواهہ آهي تہ مشاعرو فقط تخريبي مشغلو آهي.

اسان وٽ اهو تخريبي مشغلو ”سانگي“ جي دؤر ۾ يا ان کان ڪجهہ اڳ آيو. اسان جا ڪلاسيڪي شاعر مشاعري باز نہ ٿيا، ڇو تہ اهي بيحد خوددار انسان هئا، ۽ هو ڪنهن جي آسڻ تي نہ ويندا هئا، پر ڪوڙئين انهن جي آسڻ تي اچي سلام ڪندا هئا، ڇو تہ هو نہ فقط شاعر هئا، پر پيغامبر بہ هئا، هو ڪنهن طبقي جا محتاج نہ هئا، پر پنهنجي ذات ۽ ذاتءَ عوام کي آڇيو هئائون. هو ڪنهن جا قصيده گو نہ هئا، سواءِ سنڌ جي عوام جي، جنهن جي محبت هنن جي فن جو

سرچشمو هئي، ۽ سنڌ جي عوام انهن کي بي مثال سنجيدگيءَ سان داد ڏنو انهن جي سٽ سٽ ياد رکي ۽ انهن جي پيغام کي پنهنجيءَ زندگيءَ جي نظريي ۾ شامل ڪري ڇڏيو. اسان، جي اڄ سنڌي ثقافت جي تحفظ لاءِ تجديد لاءِ ڪٺا ٿيا آهيون، انهن شاعرن جا وارث آهيون، جن انسان ذات کي هڪ لازوال پيغام ڏنو آهي. امن ۽ انسانيت جو پيغام، سپردگي ۽ سرفروشيءَ جو پيغام، مذهبي تفرقي بازي ۽ تعصب کان پرهيز جو پيغام، حب الوطنيءَ ۽ بين الاقوامي رواداريءَ جو پيغام. اسان يڪتائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جا وارث آهيون، ۽ مشاعري جو مسخري پڙو اسان لاءِ ڪائي اهميت نٿو رکي. هيءَ ڌرتي، جنهن ۾ اسان جي جڙ آهي، هيءَ ڌرتي جا اسان جي ماءُ آهي، هيءَ ڌرتي جنهن مان سوين فن ۽ ادب جا رنگين گل اسريا آهن، انهيءَ ڌرتيءَ جي، فقط انهيءَ ڌرتيءَ جي روايت، اسان جي ثقافت جو حصو آهي، ۽ انهيءَ روايت جي حفاظت ئي اسان جي تخليقي ادب کي پنهنجي لازوال انفراديت ڏيئي سگهي ٿي.

اها پنهنجي ثقافت سان محبت قدامت پسندي نہ آهي، ۽ نہ اجنبي روايت سان بغاوت تنگ نظريءَ جي نشاني آهي. جا بہ اجنبي روايت اسان جي ثقافت جي مزاج سان ٺهڪي نہ اچي، ان سان لڳاءُ ۽ ان جو ڦهلاءُ انهيءَ وڻ- ويڙهيءَ وانگر آهي، جا سائي وڻ کي سڪائي ڇڏيندي آهي. ثقافت هڪ جامد حقيقت نہ آهي، پر ان جي اوسر ان جي جڙ مان ٿيندي آهي، ۽ ڌاريءَ ڌرتيءَ ۾ اها ڪومائجي ويندي آهي. اسان جي زرعي پيداوار واري سماج تي جڏهن صنعتي زندگيءَ جون تقاضائون ٿيون، تڏهن اسان جي ثقافت ۾ بہ لازمي تبديلي ايندي، پر ان جي سنڌيت برقرار رهندي. ثقافت قوم جو روح آهي، ثقافت زنده هوندي آهي، تہ قوم زنده هوندي آهي. ثقافت قوم جي لطيف احساس جو نچوڙ آهي، جيئن اها پراڻي ٿيندي آهي، تيئن مڌ وانگر رچي ريٽي ٿيندي آهي. ان جي قدامت سان ربط کان سواءِ جدت اَٽيي ۽ آلوٽي آهي. اهو يقين ڪيو تہ ڪائي بہ قوم ويهن سالن ۾ ثقافت پيدا نہ

ڪري سگهندي آهي. ثقافت صدين جي سڳنڌ آهي. اُها نه مڙهي ويندي آهي، ۽ نه مڱي ويندي آهي. اها قوم جي روح مان چشمي وانگر ڦٽندي آهي ۽ صديون سيراب ڪندي ويندي آهي. ثقافت ڌرتيءَ ماءُ جي ٿڃ آهي ۽ ان کان سواءِ قوم جي نئين نسل جو نيپاج ناممڪن آهي. سنڌ کي پنهنجي ثقافت آهي ۽ ان ثقافت کي بي مثال انفراديت آهي. ان انفراديت جي حفاظت اسان جي قومي وجود ۽ ان جي ترقيءَ جي امين آهي.

هر عظيم ثقافت وانگر سنڌي ثقافت ۾ هڪ جامع حقيقت آهي، جنهن جو فن ۽ ادب هڪ اهم حصو آهي. اسان جڏهن سنڌي شاعريءَ ۾ اُگري اجنبيت محسوس ڪئي، ته اسان ان سان بغاوت ڪئي. اسان وري بيت، دوهي، وائيءَ، ڪافيءَ، گيت کي زنده ڪيو ڇو ته ان ۾ سنڌ جي سڳنڌ هئي. اسان غزل ۽ آزاد نظم جي مزاج ۾ ايتري تبديلي آندي، جو ان ۾ ڪائي اجنبيت نه رهي. اسان بحر، وزن، قافيي ۽ رديف ۽ ٻئي پوري فني لوازمات کي سنڌيت جي مزاج سان موافق ڪيو ۽ جديد کان جديد ترين انسان جي ذهني ڪشمڪش ان ۾ سمائي آياسين. هن وقت سنڌي شاعري، فڪري ۽ فني لحاظ کان، قدامت ۽ جدت جو بهترين ميلاپ آهي، ۽ ان ۾ هند ۽ پاڪ جي عظيم تخليقي حاصلات آهي. اسان جي بغاوت قدامت سان نه پر مرده قدامت سان آهي ۽ اُن اُگري اجنبيت سان آهي، جا اسان جي منڙيءَ تهذيب کي بگاڙي رهي آهي.

اڄو ته اڄ سڀئي اهو وعدو ڪريون ته اها ثقافت جا پٽ ڏٽيءَ کان سن جي سائينءَ تائين ساهه سان سانڍي ويٺي آهي، جا ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين پکڙي پيئي آهي، جا موهن جي دڙي ۽ اروڙ جي اتهاس ۾ جرڪي رهي آهي، ۽ جنهن پوري برصغير جي تهذيب تي پنهنجا ترورا ڦهلائي ان کي زندگي بخشي آهي، اها ثقافت اسان پنهنجي جند جان کان عزيز رکنداسين، ۽ اهو عظيم پيغام، جو اسان کي پنهنجا پيغمبر، شاعر ڏيئي ويا، ڪڏهن به نه وساريندا سين ۽ ان کي هن اونداهي کنڊ ۾ مشعل راهه ڪري بلند رکنداسين.

# سنڌي شاعريءَ جو مزاج

(18_19 نومبر 1966ع تي سن ۾ بزم صوفياءِ سنڌ جي ڇهين ثقافتي ڪانفرنس منعقد ٿي، ان ۾ مشاعري جي صدارت شيخ اياز ڪئي. ۽ هيٺين صدارتي تقرير پڙهي.)

سنڌي شاعريءَ جي پرک لاءِ برصغير جي پوريءَ شاعريءَ جي مزاج سان آشنائي ضروري آهي. منهنجي نظر ۾ شاعريءَ جو فن پنهنجي ڪمال تي پهچي، دقيق ۾ دقيق خيال جو اظهار سليس ۾ سليس زبان ۾ ڪندو آهي. پر ان زبان جي سلاست ۽ عام فهميءَ جي تهه ۾ فڪر ۽ فن جو اهو رچاءُ هوندو آهي، جنهن ۾ صدين جي سڳنڌ سميٽجي ايندي آهي. ڪنهن به عظيم شاعر جي هڪ سوليءَ سٽ تي تنقيد يا تبصري لاءِ، نه فقط هن جي موجوده معاشري جو جائزو ضروري آهي، نه فقط هن جي دور جي قومي ۽ بين الاقوامي تعصبات جو تجزيو ۽ انهن ڏانهن هن جي ردعمل جو مطالعو ضروري آهي، نه فقط شاعر جي داخلي زندگيءَ جي شعوري ارتقا ۽ ان تي هن جي خارجي زندگيءَ جي اثر پذيريءَ جو اندازو لڳائڻو آهي، پر هن جي تحت الشعور جي انهيءَ روشنيءَ کي به جاچڻو آهي، جنهن جا پاڇا هن جي شعور جي پردي تي پوندا رهن ٿا. جنهن ڪتڪليءَ جي نرت نه ڏٺي آهي، اهو ڪاليداس جي ڪويتا جي پوريءَ هڳاءَ ۾ ويڙهجي نٿو سگهي. جنهن رگ ويد ۾ وايو پرجينا، اوشا، ارنياني، راتري جي باري ۾ گيت نه پڙهيا آهن، جنهن کي اها ڄاڻ نه آهي ته هوا، برسات، باک، جهنگل، ۽ رات جي باري ۾ اڳ ڇا ڇا ڳايو ويو آهي، ان لاءِ ميگهه دوت جي روح تائين رسائي

ناممڪن آهي ۽ جنهن ڪاليداس جي ميگهه دوت ۾ اهو نہ پڙهيو آهي تہ ڪاليداس بادل کي آڏو آڻي چوي ٿو تہ:

”اتي ڪليل ڪڙڪين مان واجهہ وجهندڙ وار سنواريندڙ نارين جي سڳنڌ، تنهنجي سرير کي ڳورو ڪري وجهندي،

محل جا مور نچي نچي تنهنجو سوا گت ڪندا، جيڪڏهن تون ٿڪجي پوين تہ رات ڦولن جي سڳنڌ ۾ ويڙهيل سراين مٿان گذارجانءِ، سرايون جن جا اڱڻ سندر نارين جي پيرن جي ميندي‌ءَ سان لال ٿي چڪا آهن.“

جنهن ميگهہ دوت ۾ اهو نہ پڙهيو آهي، تنهن کي پٽائي‌ءَ جي اجاتي تاجي پيٽي‌ءَ جي کهڙي پروڙ پوندي، هن کي ڪهڙي خبر تہ پٽائي‌ءَ جي ست ست کهڙي ڪهڙي آتڻ ۾ اُٿي وئي آهي، ان کي ڪهڙي چاڻ تہ اهو ڪهڙي جڳ جو جادو آهي، جنهن ”سر سارنگ“ سرجيو آهي. سر سارنگ جي هي‌ءَ سٽ:

”سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن“

يا مومل راڻي مان هي‌ءَ سٽ:

”مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن“

يا سر ڪنيات جي هي‌ءَ سٽ:

”سجڻ سُتا وِلهہ ۾، چوٽا پري ڪپور“

انهن سٽن ۾ اهو جسماني خوشبوءِ جو ڦهلاءُ آهي، انهن جي تحت الشعور ۾ جسماني شاعري‌ءَ جي اها روايت آهي جا اُمارو، ڪاليداس ۽ پرتري هري‌ءَ کان هلي آهي ۽ جا ديس ديس واسي، اڄي سنڌي ادب ۾ عنبير جيئن مهڪي آهي:

شڪنتلا جي باري ۾ ڪاليداس چيو آهي:

”هوءَ هڪ اهڙي ڦول وانگر آهي، جنهن کي نہ
سنگهيو ويو آهي،
هڪ اهڙي پن وانگر آهي، جنهن کي هٿ سان نہ
ڇڳو ويو آهي،

هوءَ هڪ موتي آهي، جنهن کي ڪنهن هار ۾ نہ
پوييو ويو آهي،
هوءَ ماکي آهي، جنهن کي اڃا تائين ڪنهن نہ
چکيو آهي.“

۽ ڀٽائي انهيءَ تهذيب جي عطر بيزي هن سٽ ۾ آندي آهي:

”ڪنواريون ۽ ڪنول، هل تہ پسون ڪاڪ جا.“

۽

جه تڙ ڏُوڙئون ڏُون، چوتا چندن چڪ ڪئو
اَچن پونر پنيولئا، پاٽيءَ تهين پُون،
راول رَتو روُن، ڪو وه لڳو واسئين.

اِها خوشبوءَ انهيءَ ول جي خوشبوءِ آهي، جا پن جهڙ ۾ مرجهائجي ويندي آهي تہ بہ پنهنجا ٻج ڌرتيءَ تي تيڙي پکيڙي ويندي آهي ۽ ميگهہ ملار ۾ اهي ٻج ڦٽي وري ڪائي ول پيدا ڪندا آهن، جنهن جي هڳاءَ سان آس پاس واسجي ويندي آهي، هن ڌرتيءَ جي ثقافت اهو گلريز تسلسل آهي، جو بہ صديون اڳ ڀٽائيءَ جي ذات ۾ ڦلارجي، سنڌڙيءَ جي چپر چپر ۾ ڇات ٿي آيو.

هڪ پراڪرت گيت آهي:

”رات هوءَ مسافر لاءِ پلال وڇائي پُڻ پُڻ ڪري رهي هئي،
۽ باک ڦٽيءَ جو انهيءَ پلال کي ڪٺو ڪري روئي رهي هئي!“

جوانيءَ جي انهيءَ ڪيفيت جو اظهار هن ننڍي کنڊ جي گيت گيت ۾ آهي، ڀٽائيءَ ساڳئي رنگ ۾ سرديسي ۾ آندو آهي:

”مون ڀانيو مون وٽ، هميشہ هوندا پرين.“

يا ساڳئي سُر جي هڪ وائيءَ جون هيٺيون سٽون:

لڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍ تپن ويهہ،
ووا چڏي تون ڪو ڇپر ويندين!

اهڙا هزارين مثال آهن، جنهن ۾ هن جندڙيءَ ۽ ان جي ڏک سک، پيار ۽ پڇتاءَ، ريت ڪُريت کي گيت ۾ سمايو ويو آهي ۽ جنهن جو

پڙاڏو ڀٽائيءَ جي پٽ تي ٻڌو ويو آهي. انهيءَ يڪتاري جي تار ۾ صدين جي سنگيت جو پڙلاءُ آهي ۽ آڳرين جي ڇهاءَ ۾ ڪائي آدجڳاد آهي. هن ڌرتيءَ جي ڪائي دين آهي، جا جهوليءَ جهوليءَ ورهائبي رهي آهي ۽ فقط هڪڙيءَ ذات جو ڏاج نہ آهي.

مون ڀٽائيءَ جي الوهيت ۾ بہ اهوئي آواز ٻڌو آهي. هي انسان جي روحاني مساوات جو پيغمبر اهوئي پيغام دهرائي رهيو آهي، جو نرگن واد ۽ پريم مارگ ۽ ڀڳتي تحريڪ جي شاعريءَ ۾ آهي، جنهن کي ڪبير، ميران ٻائيءَ، سورداس، ملڪ محمد جائسي، رحيم خانان پنهنجي دوهن، چوپاين ۽ گيتن جي ذريعي هن ننڍي کنڊ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچايو ۽ جنهن کي سرمد ۽ دارا شڪوه پنهنجي رت سان رنڱيو.

برصغير ۾ جي بہ انساني مساوات جون روحاني تحريڪون پيدا ٿيون، جن انسان کي تعصب، تفرقي بازيءَ، ابن الوقتيءَ ۽ خود پرستيءَ خلاف تلقين ڪئي، جن انسان جي خمير ۾ ضمير کي سڀ کان اهم درجو ڏنو ۽ دولت ۽ اقتدار جي هوس کي هن جي روحاني ترقي لاءِ رڪاوٽ سمجهيو، انهن سڀني تحريڪن جو تت ڀٽائيءَ جي بيت ۽ وائيءَ ۾ سمايل آهي. شاهہ جو رسالو سماوي الهام نہ آهي، اهو هن ڌرتيءَ جو الهام آهي، جو هوءَ ڪيتري وقت کان سيني ۾ سانڍيندي آئي هئي ۽ جڏهن ان جو پيغمبر پيدا ٿيو تڏهن ان جي واتان اهو پيغام گل ڦل تي پکڙجي ويو.

جسم ۽ روح جي شاعريءَ جي انهيءَ مڌر ميلاپ، ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي انهيءَ انوکي سنگم ۾ ئي ڀٽائيءَ جي انفراديت آهي. ڀٽائي سنڌ ۾ هند جي پيونديءَ مان اهو اسريل ميوو آهي، جنهن جي جڙ پراڻي آهي، پر ذائقو نرالو آهي.

مون ڪبير ۽ ڪجهہ ٻين هندي شاعرن ۾ انسان جي عملي زندگيءَ جي چرخي سان تشبيهہ پڙهي آهي، ۽ سُر ڪاپائتيءَ ۾ ڏنل پيغام جو ماخذ ڳولي سگهيو آهيان. پر مون پوري برصغير جي شاعريءَ

۾ ڪٿي بہ نہ پڙهيو آهي تہ ازلي حقيقت کي ڏٺ سان تشبيهہ ڏني ويئي هجي، يا جنهن ۾ انسان جي دائمي جستجوءَ کي ڏوٿيئڙي ۾ مجسم ڪيو ويو هجي، جيئن ڀٽائيءَ سر ڪاهوڙيءَ ۾ ڪيو آهي:

سمر ڪنياڻون سُڄ ۾، ڏوري ڏُٺ لهي.“

انهيءَ ڏرتيءَ جي پيغمبر جي صدا آهي، جنهن انسان جي مادي ۽ روحاني ضرورتن ۾ هڪ پائنده رابطو ڳولي لڌو آهي.

پر اها ڏات هن ڌرتيءَ جي ڏين آهي. اوهان مئين عنات جو ڪلام پڙهيو هوندو تہ اوهان ڏٺو هوندو تہ عنات ۾ بہ اهيئي لوڪ ڪهاڻيون، تمثيلون، محاورا، روزمره جو استعمال، استعارا، علامتون، ادبي اشارا، تشبيهون، تخيل، ڪلام جي فصاحت ۽ زبان جي سلاست سڀ ساڳي رنگ روپ، سچ ڏج سان ملن ٿا، جيئن ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ آهي. تاريخ جي ستمر ظريفيءَ سنڌي ٻوليءَ جون ان ڪان اڳ جون تخليقون ناياب ڪري ڇڏيون آهن، نہ تہ انهن روايتن جو سلسلو ڳولي سگهجي ها ۽ انهن جو ناتو هزارن صدين سان جوڙي سگهجي ها. پر ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ شاهہ لطيف جو وجود ڪائي ازلي شعبده بازي نہ آهي، پر هن ڌرتيءَ جي فن ۽ فڪر جي درجي بدرجي ارتقا جو حاصل آهي، ۽ جڏهن شاهہ لطيف آيو، تڏهن سچ جيئن ڇانئجي ويو. جنهن جي اُهاءَ ۾ ٻيا ”تارا، تر، تروڪڙيون“ ڏڪجي ويا، ۽ پنهنجي جوت ايتري جر ڪائي نہ سگهيا، جيتري انهن ۾ جِلا هئي.

صديون چمڪي، اوچتو اهو سچ گرهڻ ۾ اچي ويو. ديومالا ۾ آهي تہ راهوءَ جهڙا دئيت جڏهن سچ کي وٺ ڪندا آهن، تڏهن سچ گرهڻ ٿيندر آهي. سنڌ جي جديد شاعريءَ جڏهن اک کولي، تڏهن ان جي چوڌاري اونده نظر آئي، زندگيءَ جا قدر بدلجي چڪا هئا. فاشزم جا ڪوڙا پيغمبر چوٽيءَ جا شاعر ٿي سمجهيا ويا. انصاف، امن، انسان دوستيءَ جي سچ کي انهن جي شاعري گرهڻ جيئن ويڙهي چڪي هئي. اسان ڏٺو تہ اسان جا شاعر تصوف وارو انساني برادريءَ جو پيغام وساري چڪا آهن، تخليقي وقت کي تعصب جي ڏٻڻ ڳڙڪائي چڪي آهي،

شاعري فقط لفاظي آهي، نقالي آهي، ادبي شعبده گري آهي ۽ ان ۾ پيغمبريءَ جي بوءِ بہ نہ رهي آهي. اسان ڏٺو تہ اسان جي ثقافت جي جڙ ڪٽجي چڪي آهي، ۽ جا ثقافت اڳ واڙيءَ ڦل جيئن وڌي هئي، اها بي پاڙيءَ ول جيئن ڦهلجي رهي آهي، جا اسان جون ساريون صلاحيتون سڪائي ڇڏيندي. اسان ڏٺو تہ پولڙا تاريخ جي مداريءَ جي هٿ ۾ نچي رهيا هئا ۽ شينهن پنجوڙ ڏسي پاسي تي وبا هئا.

ان وقت اسان سوچيو تہ اسان جي نجات ان ۾ آهي تہ ڀٽائيءَ سان پنهنجو سلسلو جوڙيون تہ اهي روحاني قدر، جي ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي جان ها، تن کي جديد شاعريءَ جو سنگ بنياد ڪريون، تہ هن ڪوڙ جي سڙاند ۾ وري اها سچ جي سڳنڌ ڦهلايون، جنهن ڪان هن ڌرتيءَ جي ڪنڊڪڙڇ وانجهي ٿي چڪي آهي. مومل بہ نئين، مينڌرا بہ نوان، پر ڪاڪ پراڻي هئي. اسان ان تي پنهنجا رنگ رتول اڏيا. ۽ مستقبل فيصلو ڪندو تہ اسان جي جديد شاعريءَ تي بہ ڪي صديون پونر پنيپوليا ايندا يا نہ!

حال جو ازلي منصف مستقبل آهي. فقط ان جي فتوا اٽل آهي ۽ مستقبل ئي فتوا ڏيندو تہ جو پيغام سنڌ جي جديد شاعريءَ ڏنو آهي، ان ۾ هن برصغير جي ڪوڙهئي ضمير جو علاج آهي يا نہ. زندگي ”ڪوهہ بي ستون“ سهي، پر جي ڪوهڪن جي ضرب ۾ ”جوءِ شير“ جي تلاش آهي، تہ تاريخ هن کي ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪيو آهي. سنڌ جي جديد شاعريءَ جو پيغام هي آهي:

تہ ڀٽائي عظيم آهي، پر سنڌ عظيم ترين آهي، تہ ڀٽائيءَ سان اسان جو سلسلو دراصل پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان ناتو آهي،

تہ سنڌ جي ڌرتي انهيءَ انساني اقدار جو سرچشمو آهي، جنهن ۾ برصغير جي مرده ضمير لاءِ آب حيات آهي، تہ ذات سستي آهي، ۽ ضمير مهانگو آهي، ۽ ضمير جي حصول لاءِ سر جو سردو سهانگو آهي،

تہ فن جيستائين زندگيءَ جو ضمير نہ آهي، تيستائين اهو پاٽيءَ تي ڇٽُ آهي، ان ۾ ڪائي پائبندگي نہ آهي.

# ڪانوَن ڪاٽ پياس....

(سنڌ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج، ڄامشورو جي هاسٽلن جي شاگردن 1 ڊسمبر 1967ع تي ڄامشورو ۾ يونيورسٽي ڪئمپس تي ”سنڌي شام“ ملهائي. مشاعري جي صدارت ڪندي، شيخ اياز جا تقرير ڪئي، سا هيٺ ڏجي ٿي. تقرير اڳ ”روح رهاڻ“ ۾ شايع ٿي هئي.)

سنڌڙيءَ جا سپوتو ڪجهہ سال ٿيا تہ مان ۽ منهنجا دوست، لڪيءَ جي چشمي ڏانهن ويجي رهيا هئاسون. چشمي ڏانهن ويڻ لاءِ، جبل مان ڏاڪڻ نهيل آهي. اڌ ڏاڪڻ تي مون هڪ عورت ريڙهيون پائيندي ڏٺي. ڪٽڪ وني، سچ ورٽي سونهن، اڌ ميرو گج، ڇڳن ۾ چيڙهہ. ڪائي ٻهراڙي جي وينگس ٿي لڳي. هن جو ساڄو پير سُڄي يُڪ ٿي پيو هو جنهن تي ڪپڙن جا موٽا ٻڌل هئا، ۽ هوءَ ڪاٻي پير سان گيسرندي چڙهي رهي هئي. شايد چشمي جي پاڻيءَ ۾ چوٽڪاري جي ڳولائو هئي، مون ان وقت سوچيو هو تہ فقط ڪاٻي پير جي سهاري، هن کي ڏاڪڻ چڙهڻ ۾ ڪيتري نہ تڪليف ٿي ٿئي! اوچتو مون کي اها عورت علامتي روپ ۾ نظر آئي هئي. هيءَ اگهي سنڌ هئي، جا ڪاٻي پير جي سهاري، انهيءَ ابديءَ چشمي ڏانهن وڃي رهي هئي، جتان ان کي شفا ملڻي هئي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ، جڏهن اوهان سکر ۾ ”سنڌي شام“ ملهائي، ۽ لڳاتار سادا اٺ ڪلاڪ تقريرون ٿيون، نهراءَ بحال ڪيا ويا، قومي گيت پڙهيا ۽ ڳايا ويا، تڏهن اها علامت منهنجي اکين اڳيان اُڀري آئي، ۽ مون ڏٺو تہ اگهي وينگس، ڏاڪڻ تي چڙهي چشمي جي ڪناري تي پهچي چڪي آهي.

مون هڪ نثري نظم لکيو هو تہ:

”جڏهن جبر وڌي ويندو آهي،
تڏهن شاعر ڪي علامت جو سهارو وٺڻو پوندو آهي.
علامت، شاعريءَ جي زره آهي،
علامت اهو نقاب آهي،
جنهن مان فقط شاعر جي اکين جي آگ ٻرندي نظر ايندي آهي!“

پر هڪ سنڌي سگهڙ، منهنجي هر علامت کي پنهنجيءَ هڪ ڳجهارت سان شهہ ڏيئي ويو. مان ۽ منهنجا ڪجهہ دوست، ”رني ڪوٽ“ جي قلعي ۾ ويٺا هئاسين ۽ سنڌ جي تاريخ تي بحث ڪري رهيا هئاسين، تہ اهو سگهڙ اچي نڪتو هو. هن کي هڪ ڪلهي تي پاٽيءَ جي ڪلي هئي ۽ ٻئي ڪلهي تي رائيفل. هو ڀهراڙيءَ جي هر سنڌيءَ جيئن سٻاجهڙو ۽ ڳالهين جو ڳهير هو پر هن جي اکين ۾ ناهر جي نهار ۽ لڱ لڱ ۾ چيتي جي ڦڙتي هئي، ڳالهيون ڪندي، مون هن کان پڇيو تہ ”اوهان سڌ ڪنهن کي ڏيندا آهيو؟“ جواب ڏنائين تہ ”اسان جو سائين بہ اهو پوتار بہ اهو سڀ جي. ايم. سيد کي ڏيندا آهيون.“ پوءِ هن اسان کي ڪجهہ ڳجهارتون ڏنيون. ڏيٽيون بہ ٻڌايائين ۽ پيٽيون بہ ٻڌايائين. آخر هڪڙي ڳجهارت ڏيئي، هن چيو ”هيءَ ڳجهارت مان بہ پيجي نہ سگهيو آهيان ۽ هن وقت تائين ڪوئي بيو بہ پيجي نہ سگهيو آهي.“

اها ڳجهارت هيءَ هئي، ”ڪاٺئون ڪاٺ پياس، هي مرون نہ منهنجي وس!“

مون، هن جي چيتي جهڙي سڊول بدن کي ڏسي، هن جي رائيفل ۾ هٿ وجهي چيو ”تعجب آهي، تون سڌ بہ جي. ايم. سيد کي ڏيندو آهين، پوءِ بہ اها ڳجهارت پيجي نہ سگهيو آهين. جنهن کي هڪ ڪلهي تي پاٽيءَ جي ڪلي هجي ۽ ٻئي ڪلهي تي رائيفل، ان لاءِ اها ڳجهارت ايتري

ڏکي تہ هجڻ نہ کپي! پر پيلي، اها ڳجهارت فقط بيڙي فقير * لاءِ نہ آهي، اها ڳجهارت سنڌ جي پوري نئين نسل کي پڇڻي آهي.“

اڄ مان ڏسي رهيو آهيان تہ اوهان اها ڳجهارت ڀڃي چڪا آهيو. ڪوئي سگهڙ مڃي نہ مڃي، ان جي ڀڃڻي فقط اها آهي، جا اوهان جو نعرو بڻجي چڪي آهي: ”جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!“

منهنجا سڄڻو! اهو ”جيئي سنڌ“ فقط جذباتي نعرو نہ آهي، جنهن سان ڪوڙ جا قلعا لڏي وڃن ٿا ۽ انهن جي ڪنگرن ۾ ڪنبڻي اچي وڃي ٿي. ان نعري جي پس منظر ۾ ثقافت ۽ قوميت جو اهو تخيل آهي، جو سنڌ جي تقدير بدلائي سگهندو آهي، ۽ جو انهيءَ جڙتو ثقافت جي جڙ تي ڪهاڙيءَ جو وڍ آهي، جا اوهان تي مڙهي ويئي آهي. قوميت نہ فقط ٻوليءَ جو ڳانڍاپو آهي، نہ فقط ڌرتيءَ ۽ روٽيءَ جو ڳانڍاپو آهي، قوميت اهي سيئي ڳانڍاپا هوندي بہ انهن کان ڪجھ وڌيڪ آهي. ڳنڍير جي ڳنڍين ۾ جيستائين ماروئڙن جو من ٻڌل نہ آهي، تيستائين قوميت جو تخيل مڪمل نہ آهي. قوم، زبان جو اشتراڪ، زمين جو اشتراڪ ۽ معاش جو اشتراڪ بہ آهي ۽ انهيءَ اشتراڪ ۾ انسانن جي نفسياتي ساخت جي يڪسوئي بہ آهي. اها نفسياتي ساخت، زمان ۽ مڪان جي لڳاتار سلسلي مان جڙندي آهي ۽ ان تي اثرانداز بہ ٿيندي آهي. اها من ورتي قوم جي سياوَ جي جڙ هوندي آهي ۽ ان جي ثقافت ۾ ڦلندي ڦولندي آهي. ان کي ڪائي شڪل صورت نہ آهي پر قومي ثقافت مان ان جو هڳاءُ دور تان پڌرو هوندو آهي. ڇپر جو پتو ڇات مان پوندو آهي، جي ڀتائيءَ ۽ سچل جو وجود نہ هجي ها، تہ هيءَ پسيءَ ۽ پيرونءَ جي ڌرتي، قوم پيدا نہ ڪري سگهي ها. قوميت ڏٿ نہ آهي، ڏوٿيئڙو بہ آهي ۽ مارئيءَ جي پڪار بہ آهي، جنهن صحرا جي سٽر کي معنيٰ بخشي آهي. فقط رياست قوم ناهي نہ سگهندي آهي ۽ نہ ڪوئي سطحي سرڪاري انتظام ان جي اڏاوت ڪري سگهندو آهي. قوم فقط انساني گروهہ بندي نہ آهي ۽ نہ وري قوميت هجوم جي تعداد ۽ ان ۾

---

* بيڙو فقير: سنڌ جو مشهور سگهڙ

عارضي طور اتحاد تي مشتمل هوندي آهي. ڪاش! مان اوهان کي ٻڌائي سگهان تہ اج کان ويهہ سال پوءِ، مون کي سنڌ ڪيئن نظر اچي رهي آهي. ممڪن آهي تہ ان وقت مان نہ هجان، پر منهنجي شاعري اوهان جي ضمير ۾ شامل هوندي. في الحال، اوهان لاءِ جي منهنجيءَ هر نئين ادبي علامت تي هري ويا آهيو، اهو ڪافي آهي تہ اسان جي قوميت اها مارئيءَ جي پڪار آهي، جنهن صحرا جي ستر کي معنيٰ بخشي آهي ۽ اها پڪار اسان جيءَ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ آهي، ۽ ان پڪار ۾ جنهن گرم لهو جي لرزش آهي، اهو لهو انهيءَ ڏٿ جي ذات آهي، جو اسان کي ملير جي مٽيءَ ڏنو آهي. اها مارئيءَ جي پڪار اها ٻولي، اهو ڏٿ ۽ اها ملير جي مٽي اوهان وٽ امانت آهي، اوهان کي ماءُ ٿڃ نہ بخشيندي، جي اوهان انهيءَ امانت جي هر حالت ۾ حفاظت نہ ڪندؤ.

منهنجي ڌرتيءَ جا نونهالو! سنڌڙيءَ جي مستقبل جون روشن مشعلو! تاريخ اهو آئينو آهي، جنهن کي ڏسڻ کان فقط اهو ڏڪندو آهي، جنهن کي منهن تي ڪوڙهہ هوندو آهي. موهن جي دڙي کان مياڻيءَ تائين تاريخ جا وارثو! اوهان کي هڪ ڪوڙهي ثقافت آڇي وئي آهي، جا تاريخ جي آئيني کان ڇرڪي رهي آهي. ڪو وقت هو جو مون مونن مان منهن ڪڍي، پٽائيءَ جي انهيءَ ڪينري ڏانهن ڏٺو هو جو ڪيري تي لٽڪي لٽڪي، ڪنجي ويو هو. مون سوچيو هو "اهو لاهي تہ ڏسان، متان وڃي پئي!" اج ٽُنبي جي تانَ، سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ گونجي رهي آهي. اج اهي ايراني ۽ وچ ايشيائي تهذيب جا نرجا پينو اوهان کي پنهنجو ڪچڪول ڏيکاريندي لڄ مري رهيا آهن. اج اوهان جو ادب، اوهان جيءَ پوريءَ ڌرتيءَ لاءِ هڪ اوچي مشعل آهي. مرٽينگ هٽ، ان کي ڇا وسائي سگهندا! اڳ بہ اوهان هن برصغير کي زندگيءَ جو مهذب نظريو ڏنو هو ۽ تاريخ جو هر ڪتاب اوهان جي عظمت جي داستان سان شروع ٿيندو آهي، هن ڀيري بہ اهو بار اوهان جي ڪلهن تي آهي، ۽ تاريخ جو نئون موڙ اوهان جي قدمن جو منتظر آهي. اها مشعل بلند رکندا اچو ٻوليءَ جو مسئلو آخري مرحلو نہ آهي، منزل اجا بہ اڳتي آهي، اجا بہ اڳتي آهي، اجا بہ اڳتي آهي.... "جيئي سنڌ!"

# اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو!

(1, اپريل 1968ع تي بسنت هال حيدرآباد ۾ ”جشن روح رهاڻ“ جي تقريب منعقد ٿي، جنهن جو افتتاح شيخ اياز ڪيو. هي اُن جشن جي افتتاحي تقرير آهي، جا مئي، جون 1968ع جي ”روح رهاڻ“ واري پرچي ۾ شايع ٿي.)

منهنجا رفيقو! ترقي پسند اديبو! سنڌڙيءَ جا سپوتو! هي دؤر تاريخي دؤر آهي. جو سنڌ صدين ۾ نہ ڪري سگهي هئي، اهو اوهان ڪجهہ سالن ۾ ڪري ڏيکاريو آهي. اوهان جي شعر ۽ ادب، پنهنجيءَ تاريخ ۽ ثقافت سان پرپور محبت پيدا ڪري، جنهن قومي شعور کي اُڀاريو آهي، ان لاءِ مستقبل جي تاريخ اوهان جي احسانمند رهندي. اوهان فن ۽ ادب ۾ جا اظهار جي آزادي ڏيکاري آهي ۽ ان آزاديءَ لاءِ جا قيمت ادا ڪئي آهي، ان جو مثال پوري برصغير جي ادب ۾ ڪٿي بہ نہ آهي.

هر سال هي ميڙ هڪ ماناري وانگر لڳندو آهي ۽ ڪا ماکيءَ کان مِٺي رس اوهان کي چڪي، هتي آٽيندي آهي. اوهان جي پڻ جُهڻ ۾ انهيءَ اڪير جو رسيلو امنگ هوندو آهي، جنهن اُڪير سنڌڙيءَ جي ساري سڳنڌ چوسي، اوهان جي منڙيءَ ٻولي کي ورسايو آهي. اسان مان هر ڪنهن جي فني انفراديت پنهنجو الڳ رستو ڳولي سگهي ٿي، پر اسان سڀني جي منزل هڪڙي آهي.

حب الوطني، پنهنجي فن سان ديانتداري، عالمي امن، سماجي انصاف، سياسي ۽ اقتصادي برابريءَ لاءِ جدوجهد ۽ زندگيءَ جي ٻي هر ترقي پسند قدر جي حمايت ۽ ان حمايت جو پنهنجي هر تخليق ۾، هر

رڪاوٽ جي باوجود، پوريءَ آزاديءَ سان اظهار اهي سڀ مقصد اسان کي هر سال هن جشن روح رهاڻ ۾ ڪنو ڪن ٿا، ۽ اسان جي هن اجتماع کي پنهنجي مقصديت جي روشنيءَ سان منور ڪري، ان کي ملڪ جي ٻيءَ هر ثقافتيءَ سرگرميءَ کان مختلف ۽ ممتاز ڪن ٿا. اڄڪلهه جڏهن انعامن اڪرامن، سيرن سفرن، معاوضن ۽ وظيفن چوڏاري ادب ۾ ضمير فروشيءَ جي بازار گرم ڪري ڇڏي آهي، تڏهن فقط اسان ئي، ڪنهن جماعتي تشڪيل کان سواءِ هڪ ادبي جماعت آهيون، جن انسانيت ۽ انصاف جي ڀرپور حمايت ڪئي آهي ۽ رجعت پرست قوتن جي بي انتها مخالفت، جبر ۽ تشدد جي باوجود اڳي کان اڳرا آهيون.

اسان هڪ منظم تحريڪ نہ آهيون، پوءِ بہ اسان جن ادبي ڪوششن ايتري جنبش پيدا ڪئي آهي، جو ڪوڙ جو سارو ڪوٽ لڏي رهيو آهي ۽ ان جي مورچن تي بيٺل پهريدار پنهنجو توازن رکي نہ ٿا سگهن ۽ پنهنجا ابتا سبتا تير هيڏانهن هوڏانهن اُڇلي رهيا آهن ۽ اسان اُهي تير پنهنجن هٿن سان مروڙي انهن جي ڦڪي منهن ۾ هڻي رهيا آهيون. تاريخ جي ڏارا کي ڪوئي بہ وڦلي، وهلور وجي اڃا تائين روڪي نہ سگهيو آهي. ارتقا جي وهڪري هر رجعت پرست قوت کي لوڙهي لٽي ڇڏيو آهي، ڪوئي بہ ارتقا جي وهڪري کي روڪي نہ سگهيو آهي. اهو وهڪرو هڪ گونجندڙ گرجندڙ سمنڊ وانگر ڪيئي پهاڙ پاڙ کان پٽي ڦٽي ڪندو آهي. زندانن جون سيخون انسانن کي روڪي سگهنديون آهن، تاريخ کي ڪابہ رڪاوٽ، ڪابہ بندش، ڪوبہ تشدد روڪي نہ سگهيو آهي. تاريخ کي هڪ پڪو وهي کاتو آهي ۽ اها هر غدار کان گڏيل وياج سان قرض چڪائي وٺندي آهي ۽ هر محب وطن کي مدي خارج مُور بہ موٽائي ڏيندي آهي. تاريخ وٽ دير آهي، انڌير نہ آهي ۽ ان جي ديگ جڏهن بہ ٽپندي آهي، تڏهن هر حرامخور جي هڏي هڏي رجهي ويندي آهي. تاريخ دؤر دؤر جا ڪيئي لاش مقدس مقبرن مان ٻاهر ڪڍي اُڇلائي ڇڏيا آهن ۽ انهن جي

هڏاون پيڃرن کي چؤنڪ چؤنڪ تي لتڪندو ڏٺو ويو آهي. تاريخ لاءِ اها نئين ڳالهہ نہ آهي تہ اڄ محب وطن سياڻي جو غدار لکيو وڃي ۽ اڄ جو غدار سياڻي جو عظيم محب وطن مڃيو وڃي.

اي تاريخ جي تسلسل جا پاسبانو! اي منهنجي ڌرتيءَ جا سر ڦريا انسانو! ترقي پسند اديبو! سنڌڙيءَ جا سپوتو! اوهان شعر ۽ ادب ۾، اوهان پنهنجيءَ هر فني تخليق ۾، پنهنجي هر تحرير ۽ تقرير ۾، انساني عظمت جو پرچم بلندا رکندا اچو هڪڙو ڪتجي ڪري، تہ ٻيو هن جي پرچم کي هن جي هٿ مان وٺي، ان کي اڳي کان بہ وڌيڪ اوچو ڪري، اڳتي وڌي.

آخر ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي جي خوددار ۽ باضمير شخصيت کي، جا زندگيءَ ۾ عظيم هئي ۽ موت ۾ عظيم تر آهي، مان پنهنجو سلام ڪري، هن جشن جو افتتاح ڪريان ٿو.

# مرڪن ساريون ماريون

(1, جولاءِ 1970ع تي جنرل يحيٰ خان ون يونٽ جو خاتمو ڪيو ۽ پراڻا صوبا وري نقشي تي اڀري آيا. سنڌ جي هر شهر ۾ ان خوشيءَ ۾ ”جشن سنڌ“ منعقد ٿيا. 18 جولاءِ 1970ع تي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي، ”جشن سنڌ“ ملهايو. ان موقعي تي شيخ اياز هيءَ صدارتي تقرير ڪئي، جا هفتيوار ”صبح سنڌ“ ڪراچيءَ جي 26 جولاءِ 1970ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.)

سنڌ جا سپوتو! ٻاويهه سال اڳ ڪراچي اسان کان کسي ويئي هئي، تڏهن گهير ۾ چار گهاتو ٻه نه هئا، جي ويريءَ سان وڙهي سگهن. سنڌ جي انهيءَ ورهاڱي کان ٻه سال اڳ، مون ڪراچيءَ ۾ انگريزي سامراج خلاف ”او باغي، او راڄ دروهي“ ۽ ”انقلاب ڳاءِ“ جهڙا نظم هزارين سنڌين جي سامهون پڙهيا ها. ڪياماڙي وٽ انگريز سرڪار جا جهاز جلندي ڏٺا ها ۽ عيدگاهه ميدان تي گولين جي وسڪاري ۾ بغاوتي گيت ٻڌا ها. پر ڪراچي جي جدائيءَ کان پوءِ مون جڏهن نظر ڦيرائي هئي، تڏهن مون کي ابراهيم جويي ۽ نورالدين سرڪي کان سواءِ ٽيون ماڻهو نظر نه آيو هو جو منهنجا گيت ٻڌي سر ڏوڻي ها. ان وقت ڪراچي جي جهرمر ڏسي ايئن لڳندو هو جيئن ڪؤنرو سيج تي ستي پئي هئي ۽ ليلا ڪوڙي ڪچ تي موهجي ڪانڌ وڃائي چڪي هئي. ان وقت ڪراچي دهلي هئي، لکنؤ هئي، اورنگ آباد هئي، راءِ بريلي ۽ بانس بريلي هئي پر سنڌ نه هئي. پٺائيءَ کي ڪراچي مان تڙي سنڌ ڏانهن اماڻيو ويو هو ۽ ساري متروڪه جائداد تي ولي دکنيءَ کان غالب دهلوي تائين قبضو ڪري ويا ها، هند مسلم جي زبان، ثقافت،

نفسيات ۽ سياسي ڏونس ۽ ڏانڊلي مون لاءِ ته اجنبي ڪونه هيون ڇو ته مون ڪافي وقت هند مسلم جي ڪلچر ۽ سياست جو گهرو مطالعو ڪيو هو پر اسان جا پيا اديب ان جي آڌو واٽڙا تي وسامي ويا ها. سال 47ع ۾ هڪ دفعي مون کي پروفيسر پنجواڻي چيو ته اردو ڪاليج ۾ نشست آهي، تون به اچجانءِ. پروفيسر پنجواڻي پاڪستان کان اڳ ئي اردو ادب سان ڪجهه دلچسپي رکندو هو ۽ هن کي علامه اقبال ۽ جوش مليح آباديءَ جا ڪيئي شعر ياد هوندا هئا. پنجواڻي، جو سنڌي سرڪل ۾ پيتائيءَ ۽ منهنجا شعر ڳائيندو هو اهو نئين ماحول ۾ ڪيئن ٿو لڳي، اهو ڏسڻ لاءِ مان هن جي ڪوٽ تي ٻي جي ڪاليج ۾ ويس. اتي بابائي اردو مولوي عبدالحق صدارت جي ڪرسي تي ويٺو هو ۽ پنجواڻي علامه اقبال جو غزل ”گیسوئے تابدار کو اور بھی تابدار کر“ ڳائي رهيو هو. هن جا اردو اُچار صاف سٿرا ها ۽ آواز ڏاڍو مٺو هو ان ڪري اڪثر ٻڌندڙ جن جي مادري زبان اردو هئي هن کي پاپوهه سان ڏسي رهيا ها ۽ سٽ سٽ تي ڪنڌ ڏوڻي رهيا هئا. اوچتو هن:

تو ہے محیط بے کراں میں ہوں ذراسی آب جو
یا مجھے بے کنار کر یا مجھے ھمکنار کر

وارو شعر ڳائي، وچ ۾ ڪنهن اناڙي قوال وانگر، علامه اقبال جي شڪوه جا ڪجهه بند ڳائڻ شروع ڪيا. سيني اردوءَ وارن جي چپن تي مرڪ اچي وئي ۽ جڏهن هن هيءَ سٽ، ”بت تو کهتي هين که کعبي کي نگهبان گئي“ ڳائي تڏهن سيئي ٺهڪڙن ۾ ويڙهجي ويا. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هي پنجواڻي هو جنهن انگريز سامراج جي خلاف ٿيل ڪانفرنس ۾ لکن ماڻهن جي سامهون منهنجا قومي ترانا ڳايا ها! هن ويچاري کي ڪهڙي خبر ته ”هند مسلم ثقافت“ ۽ ”سنڌ مسلم ثقافت“ به الڳ ڳالهيون آهن. هن کي ڇا معلوم ته وائيءَ جي سڳي ۾ پيتائيءَ جا بيت پوئڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ علامه اقبال جي غزل ۾ هن جي مسدس جا بند ٽنبڻ ٻي ڳالهه آهي.

ٻي پيري ساڳي ڪاليج ۾ اردو مشاعرو هو ۽ شمس العلماءَ دائود

پوٽي صدارت تي ڪئي. اردو مشاعري جي روايت خلاف دائود پوٽي صاحب، مشاعري جي شروع ٿيڻ کان اڳ اردوءَ ۾ پنهنجي صدارتي تقرير ڪئي. هن کي اردوءَ تي پوري ساري مهارت هئي ۽ تقرير ۾ هن پنهنجيءَ عربي دانيءَ ۽ فارسي دانيءَ جو سهارو ورتو. تقرير ڪندي هن ڪوئي عربي لفظ مشدد ڪري ڪم آندو تہ هڪ اردو شاعر، جنهن جو تخلص• احمق ققوندوي هو انهيءَ لفظ جي وڏي واڪ درستي ڪئي ۽ ان کي بنا شد جي اچاريو. احمق صاحب ايئن ڪرڻ وقت پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان اٿي بہ نہ بيٺو. دائود پوٽي صاحب پنهنجي قطع ڪلامي تي ڪن لاتار ڪئي ۽ وري ساڳيو جملو ورجايائين جنهن ۾ ساڳيو عربي لفظ مشدد ڪري اچاريائين. ان تي احمق صاحب هن کي وري ٽوڪيو ۽ اعتراض وارو لفظ بنا شد جي اچاريائين. هاڻي دائود پوٽو صاحب ڳاڙهو ٿي ويو ۽ رڙ ڪري چيائين، "هي ڪير شخص آهي جو بار بار دخل در معقولات ٿو ڏئي؟ مان پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو عربي دان آهيان ۽ ڪنهن کي بہ عربي سيکاري ٿو سگهان. هو ڪير ٿيندو آهي جو منهنجا ويچارا ٿو ڪڍي!" هن ايترو مس چيو تہ سيئي اردو شاعر اٿي کڙا ٿيا ۽ هال ڇڏي هليا ويا. نہ صدارتي تقرير پوري ٿي سگهي ۽ نہ وري اردو مشاعرو ئي ٿي سگهيو. شمس العلماءَ عمر بن محمد دائود پوٽي سڄي زندگي سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب تي کوجنا ڪئي هئي، سنڌ ۾ هن جي علم جي ڌاڪ هوندي هئي ۽ سڀ سنڌي هن کي ڳنڀير ٿي ٻڌندا ها ۽ ڪڏهن بہ واتا ورڻ نہ ڪندا هئا. هن اهو نہ ٿي ڄاتو تہ اردو مشاعري ۾ فقرا ڪسيا ويندا آهن ۽ اڄاترا اديب ٽيڳرجي ٽوڪون ڪندا آهن ۽ احمق فقط تخلص نہ آهي چو تہ حماقت اردو مشاعري جي روايت ۾ داخل آهي.

انهيءَ واقعي کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ ڪڇهري روڊ تي ڪميونسٽ پارٽي جي آفيس ۾ وينا هياسين ۽ ڪامريڊ ڪيرت جو اڄڪلهہ

• ممڪن آهي تہ نالي ۾ مون کان ڀل ٿي هجي ۽ اهو شاعر حاجي لق لق هو.

بمبئي مان سنڌي هفتيوار ”سنڌو ڌارا“ ڪڍندو آهي، پنهنجي لولي لنگڙي اردوءَ ۾ وچ اوير ۾ گلب پاشا جي سياسي چالبازين تي تقرير ڪري رهيو هو. ٻڌندڙن ۾ ڪجهه اردو جا ترقي پسند اديب هئا ۽ باقي پارٽي ميمبر ۽ همدرد هئا، جن مان اڪثر اردو ڳالهائيندڙ هئا. تقرير ڪندي ڪيرت ٻه ٽي دفعا اردو ۾ چيو تہ اسان کي برجستا ڪم ڪندڙ گهرجن. ان تي اردو ڪامريڊن ڪن ڪنيا ۽ نيٺ هڪڙي کان نہ رهيو ۽ ڪيرت کان پڇيائين، ”ڪامريڊ اهو برجستو کهڙي بلا آهي؟“ هاڻي ڪيرت لاءِ مصيبت پيدا ٿي تہ هو اردوءَ ۾ برجستي جي معنيٰ ٻڌائي. هن ٻئي هٿ مٿي کنيا ۽ پاڻ سيٽي، پنهنجي ڇاتيءَ ڏانهن اشارو ڪري چيائين، ”ڪامريڊ برجستو هن کي چئبو آهي، يعني زبردست يعني سپر، يعني.....“

هو واٽڙا ٽي ڪلڻ لڳا. نيٺ مون هنن کي سمجهايو تہ سنڌي لفظ برجستي جي هڪ معنيٰ آهي اردو لفظ ”برجستہ“ جي ٻي معنيٰ آهي ۽ برجستو مضبوط ۽ همت واري کي چوندا آهن. ويچاري ڪيرت پنهنجي تقرير ۾ تہ پارٽي سرڪيولر جو تت ڏنو هو پر اردو جي اڌوگابري ڄاڻ ڪري ان کي ڳڙڏاٽي ٻڻائي وڌو هو. ان وقت مون هن کي ڪن ۾ چيو هو، ”ڪامريڊ! ڪراچيءَ ۾ ڪميونزم بہ اردو تي ويٺي آهي، وچي ڪچ پچ وساءِ، هتي تنهنجي ليڊري ڪانہ هلندي.“

مون اهڙا ڪيئي واقعا ڏٺا ۽ ان ڪري جڏهن بہ ڪنهن ڪراچي جي سنڌي اديب يا سياسي ڪارڪن تي منهنجي نظر پوندي هئي، تڏهن منهنجو هيانوُ ڪچو ٿيڻ لڳندو هو. هو سڀ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا هئا. مون لاءِ اردو شعر و ادب ڪائي ڏکي ڳالهہ نہ هئي. مون ٽي مهينا اردوءَ ۾ شاعري ڪئي تہ مون کي انجمن ترقي پسند مصنفين پاڪستان جو نائب صدر چونڊيائون ۽ جو اردو شعر مون ان وقت لکيو هو، اهو جڏهن اردو رسالن ۾ دير سان شايع ٿيو تڏهن سال 62ع ۾ رائيٽرس گلڊ مون کي ن—م راشد سان گڏ سال جو بهترين اردو شاعر تسليم ڪري ”هم قلم“ ايوارڊ ڏنو. پر مون ٿوري وقت ۾ محسوس ڪيو

هو تہ اردو پنهنجيءَ ڏرتي تان اکڙجي ڪڏهن بہ سنڌ ۾ قلبي قولي نہ سگهندي. مون محسوس ڪيو هو تہ کڙي بوليءَ، برج ڀاشا، راجستانيءَ، پوربيءَ ، ميواتي وغيره کان ڪٽجي، اردو انت ٻوساٽجي ويندي ۽ پارسي ۽ عربي لفظن جي پٺت پٺتان ان ۾ نئون ساهہ وجهي نہ سگهندي ۽ هتي اردو جي حالت نيٺ وڃي سنسڪرت واري ٿيندي، مون محسوس ڪيو تہ سنڌ جي زبان فقط سنڌي آهي ۽ فقط ان ۾ ئي ڪوئي بہ سنڌي شاعر يا اديب پنهنجي ذهانت کي منطقي نتيجي تي پهچائي ٿو سگهي. مون محسوس ڪيو تہ هن ڌرتيءَ جي پنج هزار سال پراڻي زبان ۾ هڪ بي انتها وسعت آهي، جنهن جو مثال نندي ڪنڌ جي ڪنهن بہ زبان ۾ نہ آهي. مون محسوس ڪيو تہ اردو ۾ شاعري ڪري ۽ ڪراچيءَ ۾ رهي مان پنهنجو وقت وڃائي رهيو آهيان. سال 49ع ۾ مون ڪراچي ڇڏي ۽ اڄ پهريون ڀيرو ڪراچيءَ ۾ صحيح معنيٰ ۾ موٽي آيو آهيان، جڏهن سنڌ کي ون يونٽ جي لعنت مان نجات ملي آهي ۽ ڪراچي قانوني طور سنڌ جو حصو ٿي چڪي آهي. ان وچ ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعرن تي ڇا ڇا ٿي گذريو، ڪيئن سنڌي ادب سنڌ کي ڪنب ڪرڻ واريءَ ننڊ مان جاڳايو ۽ ان جي اکين تان صدين جو آرس لاهي ڇڏيائين، ڪيئن ايوب شاهي جا ڇاڙتا سنڌي شاعرن ۽ اديبن تي رنيندا ها، شهر نيڪاليون ڏيندا هئا، ڪوڙا ڪيس ڪندا ها ۽ جيلن ۾ وجهندا ها. انهيءَ ساري داستان کي دهرائڻ اجايو آهي ڇو تہ اهو سڀ ڪجهہ اوهان جي اکين اڳيان ٿي گذريو آهي ۽ اوهان ڏٺو آهي تہ سنڌي ادب ڪيئن سنڌ جي تقدير ڦيرائي ڇڏي آهي. پر ڪراچي اڃا اُتي ئي آهي جتي مون ڇڏي هئي. اڃا ڪراچي سنڌ ٿيڻي آهي. ڪراچي، جا اسان جي شهہ رڳ آهي، ان ۾ اڃو اجرو رت آٽو آهي. ڪراچيءَ جا ڪڇي، بوهرا، کوجا، ڪانياواڙي، گجراتي، اصل هتان جا ها ۽ اهي سنڌ موٽي آيا آهن ۽ سنڌي تهذيب جو حصو ٿي ويندا. ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ٻيون قومون، جن جي ٻولي اردو نہ آهي، پنهنجي مفاد ۾ سنڌي ڳالهائڻ لڳنديون ۽ سنڌي معاشري ۾ جذب ٿي

ويندڙيون جيئن اڳ عرب، مغل، ترڪ. پٺاڻ ۽ بيون قومون سنڌ ۾ جذب ٿي ويون هيون. ماڪيءَ جي لار ۾ ڪٺليون جيئريون رهي نہ سگهنديون آهن. مان فقط ڪراچيءَ جي اردو ڳالهائيندڙن کي هي چوندس تہ هو لکنؤ الهہ آباد، دلي ۽ دکن هميشہ لاءِ ڇڏي آيا آهن ۽ انهن کي واپس موٽي نہ وڃڻو آهي. هاڻي سنڌ هنن جو ديس آهي ۽ سنڌ جي زبان ۽ ثقافت هنن کي پنهنجي زبان ۽ ثقافت سمجهڻي پوندي. پاڪستان کان ٽيويهہ سال پوءِ هو پاڻ کي مهاجر چوڻ ڇڏي ڏين ۽ بنگال ۾ بنگالي، پنجاب ۾ پنجابي، سرحد ۾ پختون، بلوچستان ۾ بلوچي ۽ سنڌ ۾ سنڌي ٿي وڃن. تاريخ جي منطق کان منهن موڙڻ اجايو آهي، پنهنجي نفسياتي تضاد ۾ اهو الجهاءُ ذهني خلل جي نشاني آهي. سنڌ هڪ حقيقت آهي جا هنن کي اکين ۾ گهوري ڇئي رهي آهي تہ:

”مان موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين زنده رهي آهيان. دنيا جي ڪائي بہ تهذيب مون کي مٽائي نہ سگهي آهي، جي بہ تهذيبون هتي آيون هتان جي مٽيءَ ۾ جذب ٿي چڪيون آهن.“

سنڌ مارئي آهي، سنڌ اها سَتي آهي، جا سدائين ڏِڪا ڏُومان ڪائي پار پئي آهي ۽ ڪوئي بہ ان جو ست بگاڙي نہ سگهيو آهي. جي ڪنهن بہ سنڌ جي فطرت کي قرات العين حيدر جي ڪردار سيتا ميرچنداڻيءَ ۾ ڏٺو تہ ان کان وڏيڪ ڪائي سياسي غلطي ٿي نٿي سگهي. سنڌ غالب جي سرزمين نہ آهي، غالب جي مزار سنگ مرمر مان نهروءَ نهرائي هئي ۽ دهليءَ ۾ جرڪي رهي آهي. سنڌ پنائيءَ جي ڌرتي آهي، سچل جي سرزمين آهي، سنڌ ڪنجهون آهي، ڪڙتال آهي، هو جمالو آهي، سوسيءَ جو ويس آهي ۽ اهو عظيم ذهني انقلاب بہ آهي جو هر ڪوڙ کي ڊاهي ڍير ڪري سگهندو آهي، جنهن پاڪستان جي قوم جا ذهني زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ انهن کي انهيءَ عظيم حقيقت سان روشناس ڪرايو آهي، جا حقيقت هو صدين کان سمجهي نہ سگهيون هيون. اسان سنڌين کي سنڌ جي ڌرتيءَ سان محبت آهي ۽ اسان سنڌ مان هجرت کي نفرت سان ڏسندا آهيون. سنڌي بخارا کان

بخار ست تائين ويا آهن ۽ هانگ ڪانگ کان هانو لولوءَ تائين ڪوئيون قائم ڪيون اٿائون پر انهن جي اُڪنڊ ۽ اُڪير سنڌ سان رهي آهي ۽ هو وري وري انهيءَ ڌرتيءَ تي موٽي آيا آهن. ايئن ضرور آهي ته اسان سدائين هر غريب الوطن کي پناهه ڏني آهي ۽ جي هن اسان جي سنڌيت سان هٿ چراند نه ڪئي آهي، ته اسان هن کي پنهنجو ڪيو آهي. اچ انهيءَ پنهنجائپ لاءِ اسان جو شرط فقط اهو آهي ته هند سان نفرت جي باوجود، ڪوئي اسان تي هند مسلم ثقافت نه مڙهي ۽ ”هند لاءِ نفرت“ کي ”سنڌ لاءِ نفرت“ ۾ نه بدلايو وڃي. اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾، سنڌ ۽ ان جي زبان ۽ تهذيب کان انڪار سنڌ ۽ پاڪستان سان غداري آهي، جا ڪڏهن به معاف نه ڪئي ويندي. سنڌ ۾ اردوءَ وارن کي منهنجي صلاح آهي ته هو سنڌ جا مسئلا پنهنجا مسئلا سمجهن ۽ انهن کي فقط پنهنجي طبقي جي مفاد جي لحاظ کان نه ڏسن. مون کي ڪراچيءَ جي فقط هڪ ئي ترقي پسند اردو هفتيوار ۾ اهو پڙهي عجب آيو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد جيلن ۾ ڪن رشوتي ڪامورن کي بچائڻ لاءِ ٿا وڃن ۽ سنڌ جا نوان پنجابي آبادگار سنڌي هاريءَ جي نجات ثابت ٿيا آهن. مون کي معلوم نه هو ته اردو وارن اشتراڪين جي اکين تي اهڙا ڪوپا چڙهي سگهندا آهن. ڪوبه سچو مارڪسوادي ڪنهن مظلوم قوم جي قومي جدوجهد جي اهميت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهي، اها قومي جدوجهد اڳتي وڌي طبقاتي جدوجهد ۾ بدلجي ٿي وڃي. مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته مهاجر مارڪسوادي مهاجر پهرين آهن ۽ مارڪسوادي پوءِ آهن. هو سنڌ جي حقيقت سان اکيون ملائڻ لاءِ تيار نه آهن. ايئن ڪرڻ سان هو پنهنجو وجود خطري ۾ محسوس ڪن ٿا ۽ سوچن ٿا ته سنڌ هنن جي سڃاڻپ مٽائي ڇڏيندي. پر ڇا سنڌ کان سواءِ ٻي ڪائي ڌرتي هنن کي سڃاڻپ ڏيئي سگهي ٿي؟ ڇا هو تاريخ جي ڌارا کي پٺ تي موٽائي سگهن ٿا؟ هو ڪيستائين سنڌ ۾ چرنڊڙ پرنڊڙ الهه آباد ۽ دلي تي رهندا؟ ڪيستائين سنڌ جي حقيقت ۽ ان جي مسئلن کان منهن موڙي

سگهندا؟ سڪرنڊ جي هاري ڪانفرنس ۾ ڪوڪلا طبقاتي نعرا هڻڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ سنڌي هاريءَ سان سنڌي تي رهڻ ٻي ڳالهه آهي. حيرت آهي تہ سنڌ ۾ هاري ڪانفرنس شروع بہ اردو سان ڪئي وئي ۽ ختم بہ اردوءَ سان ڪئي وئي ۽ ڪنهن بہ جهنڊي تي جيئي سنڌ لکيل ڪونہ هو جيتوڻيڪ سنڌي هاري، نعرا جيئي سنڌ جا هڻي رهيا ها. اسان انهيءَ ثقافتي فاشزم کان تنگ اچي چڪا آهيون. جوالا جي مٽيءَ مان رانديڪا ناهڻ وارا ڪڏهن ڪنهن شعلي جي اوچتيءَ لپيٽ ۾ اچي ويندا آهن. مان انهن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ هو ٻاويهہ سال فقط ڪراچيءَ جي ڪافي هائوس ۾ سوشلسٽ انقلاب تي بحث ڪندا رهيا ها ۽ پنهنجي در کان ٻاهر ليئو پائي نہ سگهيا ها. اهي اسان قوم پرست آهيون جن مسلم ليگ ۽ جماعت اسلاميءَ جي فاشزم کي جڙ کان اکيڙي ڦٽو ڪيو آهي ۽ قومي انصاف جي جدوجهد کان طبقاتي انصاف جي جدوجهد ڏانهن وڌي رهيا آهيون. اردوءَ وارا اهو سمجهي ڇڏن تہ اسان انهن سان، انهن کان سوا، انهن جي باوجود، پنهنجي منزل ڏانهن اڳتي وڌندا رهنداسين. ان ۾ انهن جو فائدو آهي تہ سنڌ جي مٽيءَ ۽ مٽي ٻوليءَ کي پنهنجو ڪن ۽ اسان سان اسان جهڙا ٿي، اسان جي جدوجهد ۾ شريڪ ٿي وڃن. ان ۾ انهن جي بہ چڱائي آهي، سنڌ جي بہ چڱائي آهي ۽ پاڪستان جي بہ چڱائي آهي. هو اسان جا ڀائر آهن، بشرطيڪ هو اسان جي ماءُ کي پنهنجي ماءُ سمجهن. جيستائين هو اهو نہ سمجهندا تہ سنڌ ۾ ظالم فقط سنڌي وڏيرو نہ آهي، جيستائين هو پنهنجو پاڻ کي پاسي رکي، اهو طئي نہ ڪندا تہ سنڌ ۾ ظالم ڪير ڪير آهي ۽ هر ظالم خلاف اسان جي عظيم جهاد ۾ شريڪ نہ ٿيندا تيستائين اجنبيت جي احساس مان جند ڇڏائي نہ سگهندا. نظرياتي، ثقافتي ۽ ذهني جبر اقتصادي ڦرلٽ کان بہ برو ٿيندو آهي سنڌ فقط جوئر جو ڍوڍو نہ آهي، شاهہ جو رسالو بہ آهي.

اجوڪي جشن تي مان سنڌي ادبي سنگت کي مبارڪ ٿو ڏيان. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي آزادي جي جدوجهد لاءِ وڏو ڪم ڪيو

آهي. اهي سنڌي ادبي سنگت جا ميمبر ها جن ون يونٽ جي خلاف بغاوت جو پهريون جهنڊو بلند ڪيو هو ۽ جي ون يونٽ جي خاتمي تائين سنڌ جي محب الوطن انقلابي قوتن جو ساٿ ڏيندا آيا ۽ ڪنهن حد تائين رهنمائي بہ ڪندا آيا! سنڌي ادبي سنگت سنڌي ادب کي قومي ۽ انقلابي مقصد لاءِ ڪم آڻيندي رهي آهي ۽ بيمار سنڌ لاءِ ادب کان ايمبولينس جو ڪم ورتو اٿائين.

آمريڪا جي ڪنهن ڊراما نويس جو هڪ ڊرامو نهايت ڪاميابي سان اسٽيج تي آندو ويو هو. ڊرامي جي خاتمي کان پوءِ ڪنهن هن کان پڇيو "ڊرامو تہ چڱو هو پر آخر تنهنجو پيغام ڪهڙو هو؟" هن جواب ڏنو هو "پيغام! پيغام! آخر مان ڪوئي پوسٽ مئن آهيان ڇا، جو هر پيري پيغام کڻي اچان!" هن نادان کي اها خبر نہ هئي تہ اديب پوسٽ مئن نہ، پيغمبر ٿيندا آهن ۽ انهن جو پيغام قومن جي تقدير بدلائي وجهندو آهي. اسان سنڌ جي تقدير ڪجهہ بدلائي چڪا آهيون ۽ ڪجهہ اڃا بدلائڻي آهي. اميد تہ اسان جو شعر ۽ ادب سنڌ جي محب وطن انقلابي قوتن جو هر موڙ تي ساٿ ڏيندو جيستائين:

"مرڪن ساريون ماريون ڪرن سارا ڪوٽ"

جيئي سنڌ- جيئن سنڌ جا مارو ۽ اهي سون برابر سگهڙا، جي هنن کي ٻانهن ۾ ٻڌل آهن.

# سؤسرن پائي، جي تند برابر توريان

(هيءَ تقرير شيخ اياز لاڙڪاڻي ۾ "يوم لطيف" جي هڪ تقريب ۾ ڪئي هئي، جا 1972ع ۾ منعقد ٿي هئي. ان تقريب جي مشاعري جي صدارت شيخ اياز ڪئي هئي، ۽ اهو ميڙ جناح باغ ۾ ٿيو هو.)

پيارا پائرو ۽ پينرو جيئي سنڌ!

ڪيئي سال اڳ مون ٿئائيءَ جي "سر سورٺ" جو ترجمو ٿي ڪيو تہ منهنجي هڪ بيت تي نظر پئي هئي، جو منهنجي ڏيان جي لهرن ۾ لنگر وانگر لهي ويو هو:

طلب جــي تنوار، متان ڪرين مڱڻا!
ڏڪي ڪندءِ ڏار ماڻڪ ڏئي مُٺ ۾.

هر انسان شاعر نہ آهي پر هر شاعر انسان آهي ۽ انسان ۾ جا دولت ۽ اقتدار لاءِ هوس آهي، اُها هن جي پيرن ۾ زنجير ٿي پوي ٿي. اها هوس هر آرٽسٽ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ثابت ٿئي ٿي، هن جي فني تڪميل جي آڏو اچي ٿي، پوءِ اهو آرٽسٽ هڪ موسيقار هجي، مصور هجي، صنم تراش هجي يا شاعر هجي. جيستائين هو "طلب جي تنوار" نہ ڇڏيندو تيستائين هو پنهنجي آدرش کي پنهنجيءَ پرپور قوت سان حاصل ڪرڻ جو عزم نہ ڪري سگهندو. اهوئي سبب آهي، جو برصغير جي جاگيرداري دؤر جا درباري شاعر، جي ڪنهن بادشاهہ، نواب يا راجا جا وظيفي خوار هوندا ها، پنهنجي پالڻهار جا قصيدا لکندا ها، ڪنڌ جهڪائي داد وصول ڪندا ها ۽ انعام اڪرام لاءِ واجهائيندا ها، برصغير جي ادبي تاريخ تي پنهنجي دوام جي مهر هڻي

نہ سگھيا ۽ اُهي پنهنجي تخليق کي اها قوت، اها توانائي، اها پائندگي ڏئي نہ سگھيا، جا ڀٽائي جي ڪلام ۾ آهي ۽ نہ پنهنجي عوام ۾ پنهنجي لاءِ اها اُڪير پيدا ڪري سگھيا جا ڀٽائيءَ سنڌي عوام ۾ پيدا ڪئي آهي، جو صديون گذري ويون آهن تہ بہ هن کي هر ڪوئي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳائي رهيو آهي، جو اجا تائين هو اسان جي زندگيءَ جي فلسفي ۾ شامل آهي، جو وقت بوقت هو اسان جي قومي شعور ۾ اڀري اچي ٿو اسان کي نوان نوان اُمنگ ڏئي ٿو جو اجا تائين بہ اهوئي پانڌيئڙو آهي، اسان جي پنڌ ۾ اسان جو ساٿي آهي، رهبر آهي. ڀٽائيءَ طلب جي تنوار پلي ڇڏي هئي ۽ پنهنجي پوريءَ لگن سان پنهنجي فن جي پرورش ڪئي هئي. هن پنهنجي وقت جي حاڪم نورمحمد ڪلهوڙي اڳيان پنهنجو ڪنڌ اوچو رکيو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن جو غرضائو نہ ٿيو. ٻيا مسلمان شاعر هن کان ڪيترو نہ مختلف هئا! غالب، بهادر شاهہ ظفر جو وظيفي خوار هو ۽ جڏهن بهادر شاهہ ظفر کي انگريزن قيد ڪري رنگون موڪليو تہ هن وائيسراءِ جي شان ۾ قصيدا لکيا تہ جيئن انگريز سرڪار هن لاءِ ڪوئي وظيفو مقرر ڪري. علامہ اقبال، خوديءَ جي پيغمبر، حيدرآباد دکن ۾ نظام جي وزير سر اڪبر حيدريءَ جا موڪليل پيسا موٽائي ڇڏيا ها ۽ چيو هيائين تہ شاعر زڪوات نہ وٺندا آهن، پر پوءِ بہ ڪجھہ نواب هن جي گذاري جو انتظام ڪندا ها. ايران جي قومي شاعر فردوسيءَ کي محمود غزنويءَ، شاهہ نامي جو پورو اُجورو نہ ڏنو تہ هن جي دل ٽٽي پئي.

ڀٽائيءَ پنهنجي اڳيان ڪيترو نہ اوچو آدرش رکيو هوا "طلب جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا!" مون اهو بيت پڙهي سوچيو هو تہ پاڪستان جا نامر نهاد وڏا شاعر، جي مشاعري ۾ غزل جون اٺ ڏهہ سٽون پڙهي، هزار پنڌرهن سؤ رپيا وٺن ٿا ۽ ڪنهن جوڳيءَ وانگر پنڊيءَ جو ڍڪ کولي، نانگ جي ڦڻ ڏيکاري پيسا طلب ڪن ٿا ۽ جي آمريت اڳيان سرجهڪائن ٿا، ڪڏهن بہ شاعريءَ جي آدرش کي پائي نہ سگھندا. ڀٽائيءَ جي غور سان مطالعي مون کي انهيءَ نتيجي تي پهچايو تہ اها

خود سپردگيءَ جي ڪيفيت هن جي سٽ سٽ ۾ آهي. هڪ وائيءَ ۾ چوي ٿو:

لوئيون سهن لوڪ جا وِهاٽيءَ ٽيون ويڻ
جوين ٻہ ٿي ڏينهڙا
سرتيون جي مون وسهو ننڊ نہ هيريو نيڻ
جوين ٻہ ٿي ڏينهڙا

پٽائيءَ جي زندگيءَ جو نصب العين پنهنجي فن جي تڪميل هو ۽ هن ساري ڄمار انهيءَ اُڻ تڻ ۾ گذاري. ”سر سسئيءَ“ ۾ چيو اٿائين. ”آءُ نہ پڳي پرينءَ کي، هي پڻ ڏينهن ويو“ ۽ ان کان پوءِ ساڳي سُر جي ٻئي بيت ۾ چيو اٿائين: ”آءُ نہ پڳي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج.“ انهيءَ تونءَ تونءَ جي لڳن، انهيءَ گهڙيءَ گهڙيءَ جي تانگهہ ۽ تات، هن جي شاعريءَ کي اُهو ڦهلاءُ ۽ اونهائي ڏني آهي، جا دنيا جي ادب ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. هن جنهن ٻول کي ڇُهيو آهي، ان کي پارس وانگر ڇهيو آهي ۽ ان کي سچي سون بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن بہ ڪردار کي هن پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي، ان کي ابدي زندگي بخشي ڇڏي اٿائين. جڏهن بہ هن جي ٻوليءَ کي ڏسون ٿا تہ ”سر ڪاموڏ“ مان هيءَ سٽ دل تي تري اچي ٿي:

ماڻڪ مياڻين ۾، ڇِلڙن جئن ڇٽيائين
ويهي ساٿين وچ ۾.

جي مارئي پٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ نہ اچي ها تہ ڀراڙيءَ جي ٻيءَ ڪنهن زوريءَ ڪنيل زائفان کان مختلف نہ هجي ها. پٽائيءَ هن کي سنڌ جي حب الوطنيءَ جي علامت بڻائي ڇڏيو. ٻہ سؤ سالن کان پوءِ بہ جڏهن اسان اهو پڙهون ٿا تہ:

مون مارن سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون
سون برابر سڳڙا، مون کي ٻانهن ٻڌائون
عمر جو آئون، پٽ ڪئن پهريان سومرا!

تہ اسان جي لونءَ لونءَ ڪانڊارجي وڃي ٿي ۽ اسان ۾ پنهنجيءَ

قومي تقدير کي توڙ تائين پهچائڻ جي تڙپ پيدا ٿئي ٿي. اڄ به جڏهن اسان اهو پڙهون ٿا ته:

چاري چوگانن ۾، واهيت ڳن و زير،
ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪونين اندر ڪير......

ته ايوب خان ۽ يحيٰ خان دؤر ۾ اسان جي هر وطن دوست اديب ۽ دانشور تي وڌل پابنديءَ خلاف اسان جي نفرت پڙڪي اٿي ٿي. اڄ به اسان جڏهن پڙهون ٿا ته:

وَرُ سي وطن ڄائيون، صحرا سَتُر جن،
گولاڙا ۽ گگريون اوڇڻ اباڻن،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهه جهنگن،
مون کي ماروئڙن، سڄ ڳڻائي سيج ۾.

ته اسان جي اکين اڳيان حيدر بخش جتوئيءَ جهڙو عظيم وطن دوست اُڀري اچي ٿو جو مرندي دم تائين سنڌ جو نانءُ جپي رهيو هو.

مارئيءَ کي اها ابديت ڪيئن ملي؟ ٿر جي هڪ الهڙ نينگري سنڌي عوام جي مظلوميءَ جو سمبل ڪيئن بڻجي وئي؟ صديون گذري ويون آهن، پر پوءِ به هن جو ڪردار وطن جي حب ۽ انسان جي عزم جو مثال ٿي بار بار ڪم ڇو ٿو اچي؟ اهوئي ڀٽائيءَ جي فن جو ڪمال آهي. . بت تراش پٿر ۾ ساهه وجهي نه سگهندو آهي، پر ان کي هر ساهواري کان وڌيڪ پيارو بڻائي ڇڏيندو آهي. مصور گاهه جو هڪ پن به پيدا نه ڪري سگهندو آهي، پر پوءِ به هو پنهنجي ڪئنواس کي ڪائنات جي هر تخليق کان وڌيڪ سهڻو بڻائي سگهندو آهي. فن اهو دم عيسيٰ آهي، جو مردي ۾ جان وجهي ٿو ڇڏي، جو مٽيءَ جي پنوڙي کي اهو ماڻهپو ڏئي ٿو جو موت کي جيتي وڃي ٿو. ڇا ليلا چنيسر مان هيءَ سٽ پڙهي اوهان ۾ ڪائي بي چيني پيدا نه ٿي ٿئي: "مٽيو وجهان مڇ ۾، هائيءَ هڻان هار. ڇا اها سٽ اڄ به اوهان جي جذباتي ڪشمڪش جي آرسي نه آهي؟ ڇا اوهان سر گهاتوءَ جو اُهو بيت گذريل ٻارنهن سالن ۾

بار بار نہ جهونگايو آهي.

متو آهين مَڇ، ٿلهو ٿيو ٿونا هٽين،
تو جا پائين اڃ،تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

مورڙئي کي مئي تہ صديون ٿيون ۽ ان بيت کي لڳئي بہ صديون ٿيون! ان ۾ اها ابديت ڪٿان آئي آهي؟ بار بار اهو بيت تاريخ جي آئيني وانگر اُڀري اچي ٿو ۽ ان ۾ ڪهڙا ڪهڙا منهن ڏيکارجن ٿا! هر دور ۾ هي بيت اسان کي ڏڍ ڇو ٿو ڏئي؟ اسان جي اکين ۾ ڳوڙها ڇو ٿا ڀرجي اچن، جڏهن اسان ڀٽائيءَ جي هيءَ وائي ٻڌون ٿا:

هينئڙو ڏندڻ پاڙ جئن ڇڪي ڇنائون،
حال منهنجو هھڙو جهڙو
هينئڙو ڏاڙهونءَ گُل جئن ريهي رتائون،
حال منهنجو هھڙو جهڙو
هو جي پھڻ پٻ جا مٽيا مُڪائون،
حال منهنجو هھڙو جهڙو
هونِ سلامت سپرين، گهوري سا آئون!
حال منهنجو هھڙو جهڙو

اها وائي من ۾ ڪهڙا اهجاڻ ٿي آڻي؟ ڪيڏي نہ آدرش سان لڳن آهي ان ۾! اڄ بہ اسان جي من کي ايئن تڙقائي رهي آهي، جيئن ڀٽائيءَ جي من کي تڙپايو هئائين! اهو ڪهڙو تسلسل آهي، جو اسان جي من کي وڃي هن جي من سان ملائي ٿو؟ ڇا اها سنڌ جي لڳاتار پيڙا تہ نہ آهي، جنهن صدين جو سلسلو ملائي ڇڏيو آهي؟ هن مظلوم، محڪوم، مجبور، مقهور وطن جي مسلسل اذيت، جا ڀٽائيءَ کي جهونو ٿيڻ نہ ٿي ڏئي ۽ هن جو هر شعر ايئن لڳي رهيو آهي، ڄڻ هن اڄڪلهہ اسان جي دور، اسان جي حال جي باري ۾ لکيو آهي؟ ڪوئي تہ زنجير آهي، جو هن جي صديءَ کي اسان جي صديءَ سان ڳنڍي رهيو آهي؟ ڪائي تہ ادبي صداقت آهي انهيءَ شاعريءَ ۾، جنهن کي وقت مٽائي نہ سگهيو آهي، وقت جنهن جابر ۾ جابر انسان مٽائي مٽي ڪري ڇڏيا آهن ۽

ڪنڊرن ۾ بہ انهن جي قلعن ۽ ڪنگرن جا نشان نہ ٿا ملن. وقت جنهن نادرشاهہ کي مٽائي ڇڏيو ۽ جنهن کي ڀٽائيءَ مٽائي ڇڏيو آهي.

اي سنڌ جا سپوتو! پنهنجو ڳاٽ اوچو رکو! سنڌ، جا ڀٽائي پيدا ڪري سگهندي آهي، ان جي مٽيءَ کي سلام ڪريو! اها مٽي امر آهي، ان کي ڪوئي بہ مٽائي نٿو سگهي. سنڌ ڀٽائيءَ کي جنم ڏنو ڀٽائيءَ سنڌ کي نئون جنم ڏنو. هر عظيم شاعر پنهنجي ديس کي نئون جنم ڏيندو آهي. هن جو آواز اسرافيل جي صور هوندو آهي، هن جو آواز عزازيل جي روح ۾ ڪنبڻي وجهي ڇڏيندو آهي. اهي بيت سچ پچ آيتون آهن. ڀٽائي زندهہ آهي، زندهہ رهندو. تخت ۽ تاج وارا ڪيئي ايندا ويندا. پر سنڌ جو هي بي تاج بادشاهہ ڪڏهن بہ نہ مرڻو آهي، ڇو تہ هو سنڌ جي هڪ ڪروڙ عوام جو شاعر آهي.* هن جي شاعريءَ جو سرچشمو هن ڌرتيءَ جا ڏک سک آهن ۽ هن ۾ پنهنجي ديس ۽ عوام لاءِ اُها اڪير ۽ اُڪنڊ آهي، جا هر ڪنهن جي روح کي سدائين گرمائيندي رهندي. هو پوريءَ انسانذات جو شاعر هو پر اها آفاقيت بہ هن ۾ سنڌ جي محبت پيدا ڪئي هئي. تڏهن تہ هن چيو هو:

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

ڀٽائي زندهہ آهي ۽ زندهہ رهڻو آهي، ڇو تہ محبت کي موت ماري نہ سگهندو آهي ۽ انهيءَ محبت جي مارڳ ۾ هن طلب جي تنوار ڇڏي ڏني هئي، ڏاڍا ڪشالا ڏنا ها ۽ تنبوري تي تن من واري ڀٽ وسائي هئي. جڏهن بہ هن جو نالو ايندو تہ هن جون هي سٽون هانوَ ۾ هُرڻ لڳنديون:

سوءِ سِرن پائي، جي تند برابر توريان،
نہ اُتل اوڏاهين تئي، جيڏانهن هيجل ہُرائي.
جيئي ڀٽائي، جيئي سنڌ

* هن وقت ڇئن ڪروڙن جو شاعر

# سنڌ هڪ آهي، هڪ رهندي

(4، مارچ 1971ع تي سنڌي شاگردن اديبن ۽ وطن دوست ساٿين جي ساٿ سان سکر ۾ سنڌي زبان ڪنوينشن سڏائي. ان موقعي تي شيخ اياز جا صدارتي تقرير ڪئي، سا هيٺ ڏجي ٿي. اها تقرير ماهوار "سهڻي" حيدرآباد جي 1974ع جي ڪنهن شماري ۾ شايع ٿي هئي.)

سنڌ جا سپوتو انقلابي اديبو شاعرو شاگردو منهنجا وطن دوست يائرو ۽ ڀينرو جيئي سنڌ!

چوٿين مارچ سنڌ جو مئي ڊي (May day) آهي. اڄوڪي ڏينهن حيدرآباد ۾ سنڌ جي شاگردن انهيءَ ظلم جي خلاف پنهنجي رت ۾ رڱيو جهنڊو اپو ڪيو هو جنهن سنڌ جي صوبي، ان جي قوميت، زبان، ثقافت، سياسي آزاديءَ ۽ اقتصادي برادريءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش رچي هئي. مون کي چيو ويو تہ اڄوڪي ڏينهن، مان حيدرآباد ۾ هجان، ڇو تہ حيدرآباد، سنڌ جي سياست ۽ ثقافت جو مرڪز آهي ۽ اتي ئي سنڌ تي ٿيندڙ ظلم خلاف پهريون مؤثر آواز اٿيو هو ۽ سنڌي شاگردن پنهنجو رت ڏيئي، جيئي سنڌ جي نعري سان ساري ڪوڙ جي قلعي کي ڏوڏي ڇڏيو. مون کي حيدرآباد جي مرڪزي اهميت کان انڪار نہ آهي، پر اهو سکر شهر آهي، جنهن جي گرمي جبرئيل جا پر بہ ساڙي ڇڏيندي آهي، پر پوءِ بہ اتي انهيءَ شاعريءَ جو نزول ٿيندو رهيو آهي، جنهن اوهان کي پنهنجيءَ قومي تقدير جو شعور ڏنو آهي. اهو سکر جو شهر آهي، جتي جبر جو حصار معصوم شاهہ جي مناري کان اوچو رهيو آهي، هتي ئي سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ شهر کان وڌيڪ ايوب خاني ۽ يحيٰ خاني آمريت پنهنجي ننگي روپ ۾ نروار ٿي هئي. اهو سکر جو

شهر آهي، جتي ٽيرنهن سال بيورو ڪريسي ڪنهن راڪاس وانگر آدم بوءِ ڪندي رهي ۽ سي آءِ ڊيءَ هٽلر جي گيسٽاپو ڪي بہ شهہ ڏيئي وئي آهي. هتي ئي پٽي صاحب تي ڪوڙو ٽرئڪٽر ڪيس چالان ڪيو ويو هو ۽ هتي ئي مون تي سون رجعت پرست غنڊن خوني حملو ڪيو هو ڇو تہ هنن منهنجي آواز کي سنڌ جو آواز سمجهي، ان کي ختم ڪرڻ چاهيو هو. هتي ئي سنڌوءَ جي سڄي ڪپ تي ستين جو آستان آهي، جو دلوراءِ جي نگريءَ جا اهڃاڻ ڏئي رهيو آهي ۽ سڄي ڪپ تي گڏريل ٽيرنهن سال دلوراءِ جي نگريءَ کان بہ وڌيڪ انڌير ٽيندو رهيو آهي. هن شهر جي آس پاس، جا سنڌ جي امر تاريخ پکڙي پئي آهي، ان جي اوک ڊوک مان مستقبل جي مورخ لاءِ ڇڏيان ٿو. مان اوهان کي فقط اهو ٻڌايان ٿو تہ هن مهراڻ ڪلچرل سينٽر کان، جنهن جي انتظامي ڪاميٽيءَ ۾ اوهان جي سنڌي ڪلچر جو هڪ بہ عيوضي شامل نہ آهي، ٽي فرلانگ پري ڪرڙيءَ جي ميدان ۾ جنگ لڳي هئي ۽ سنڌ جي جنگي جوڌن شاهہ شجاع کي سنڌ مان هميشہ لاءِ لوڏي ڪڍيو هو. ڪرڙيءَ ۾ ايترو رت وهيو هو جو سنڌ جي هڪ رزمي شاعر چيو هو:*

"ڪرڙي ڪائي رت، پَٽُ نہ وجهي وات ۾"

۽ ساڳي شاعر شاهہ شجاع کي چتاءُ ڏنو هو:

شجاع! سنڌ ۾ ويهہُ، اوڏا اڏي نجهرا،
هيءُ تني جو ڏيهہ، سر جني جا سٽ ۾.

اهو سڀ ڄٽي، مون ارادو ڪيو تہ مان 4 مارچ تي سکر ۾ رهندس، ان ڪري نہ تہ اهو منهنجو شهر آهي (سنڌ جو هر شهر منهنجو شهر آهي)، پر ان ڪري جو پاڪستان کان پوءِ ظلم جي ترار انهيءَ شهر تي سڀ کان وڌيڪ ڪِري آهي ۽ هتي بہ 4 مارچ جو ريٽو جهنڊو پنهنجيءَ پوريءَ اهميت سان لهرائي سگهجي ٿو.

4- مارچ سان گڏ اڄ سنڌي زبان ڪنوينشن رکي ويئي آهي.

---

* رزمي شاعر، خليفو نبي بخش لغاري

سنڌي زبان ڪنوينشن لاءِ ان کان بهتر ٻيو ڪوئي موقعو ٿي نٿو سگهي. ڪنهن به قوم جي پهرين سڃاڻ ان جي ٻوليءَ مان ٿي آهي. ڌرتي ۽ ٻوليءَ ۾ قوميت جون جڙون ٽينديون آهن. ڌرتي کان سواءِ به قوميت ٽڪي سگهي ٿي، پر ٻوليءَ کان سواءِ ان جو وجود برقرار رکڻ ناممڪن آهي. ون يونٽي حڪومت سنڌ جي نقشي کي مٽائي، ان جي ٻولي ۽ تهذيب کي متاثر ڪرڻ لاءِ جا ناپاڪ سازش ڪئي هئي، اها اوهان کان ڳجهي نه آهي. اها اسان جي سنڌ هئي، جنهن پوري برصغير کي مهذب زندگي ڏني هئي. برصغير جي تاريخ جو هر ڪتاب موهن جي دڙي جي تمدن سان شروع ٿئي ٿو. اسان جي ٻولي به دنيا جي قديم ترين ٻولين مان آهي. ان جي عمر گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن هزار سال آهي. موهن جي دڙي جي پنج هزار سال پراڻي تمدن تائين پهچڻ لاءِ، اسان جي ٻوليءَ ڪيئي هزار سال ارتقا جون منزلون طئي ڪيون هونديون. اڄ جڏهن ڪمپيوٽرن جي ذريعي مغرب جي لساني ماهرن موهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي اُڪريل اکر پڙهيا آهن، تڏهن ظاهر ٿيو آهي ته انهن تي لکيل پنج هزار سال پراڻا لفظ، اڄ به ساڳي اچار سان ساڳيءَ معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ رائج آهن. سنڌي لفظن جو ذخيرو دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن کان گهٽ نه آهي. ڪاري ڇاڻ کان ڪيٽي بندر تائين سفر ڪندي، مون ميربحرن کان ساموندي زندگيءَ جي باري ۾ ايترا ٺيٺ سنڌي لفظ ٻڌا ها، جو مون ڀانيو هو ته سنڌيءَ ۾ ساموندي اڀياس لاءِ پوري ٽڪسالي ٻولي موجود آهي. اسان جي ٻوليءَ ۾ ٻاونجاهه اکر آهن ۽ انهن مان فقط الف، ب ۽ ٻ سان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي لغت جي پهرئين جلد جا چار پنج سؤ صفحا ڀريا آهن. جيتوڻيڪ هن کان به اڃا سوين لفظ رهجي ويا آهن. مون کي يقين آهي ته جي سنڌ جي صوبائي حڪومت پوريءَ طرح تعاون ڪري، ته سنڌي ٻوليءَ جا ماهر پنجن سالن جي عرصي اندر دنيا ڀر جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ڪم آيل لفظ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهن ٿا ۽ ان کي دنيا جي سينيئر ڪ ٻولين جهڙوڪ انگريزيءَ، روسي، فرينچ وغيره جي پائي تي پهچائي

سگهن ٿا. اسان جي ٻوليءَ جي خمير ۾ ايتري صلاحيت آهي، جو اها دنيا جي ڪنهن به جديد ٻولي جي پائي تي پهچي سگهي ٿي. انهيءَ قديم ترين ٻوليءَ کي هڪ عظيم ادبي ورثو به آهي. ان جا لوڪ گيت مورو لاڏو لولي، هو جمالو همرچو وغيره ڏسوا ٻيءَ ٻوليءَ ۾ نه اوهان کي اهڙي ڏن ملندي، نه اهڙا ٻول. ان جون ڳجهارتون، ڏور، مناظرا، واقعاتي بيت، لوڪ ڪهاڻيون، ڏٺ، پروليون ۽ ٻيو لوڪ ادب. ڏسوا سنڌي ادبي بورڊ اسان جي لوڪ ادب تي چاليهارو جلد شايع ڪرڻ جو پهه ڪيو آهي، جنهن مان ويهارو جلد شايع ٿي چڪا آهن* دنيا جي ٿورين ٻين ٻولين ۾ ايترو ججهو ۽ جيارو لوڪ ادب هوندو. جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي هئي، تڏهن هو اهو ڏسي حيران ٿي ويا هئا ته سنڌي ٻوليءَ جو نثري سرمايو هندستان جي ٻيءَ ڪنهن به صوبائي ٻوليءَ جي نثري سرمائي کان وڌيڪ هو. سنڌ جي شاعري پوريءَ دنيا جي شعري ادب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪجهه سال اڳ ڊاڪٽر سورلي، آمريڪا ۾ هڪ ڪتاب "Musa Pervagans" شايع ڪرايو. جنهن ۾ هن ڪلاسيڪي لاطيني (Latin) ۽ يوناني ٻوليءَ جي شاعرن، عربيءَ جي ابن زيرون، وچولي دور جي لاطيني شاعرن، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، فرانس جي وڪٽر هيوگو (Victor Hugo) ۽ علامه اقبال جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڏنا آهن. انهيءَ ساڳئي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي:

'To me it seems clear that of all the poets from whose work I am offering translations now, "SHAH" is the greatest.'

يعني مون لاءِ اهو بلڪل ظاهر آهي ته مان جن به شاعرن جا ترجما هاڻي پيش ڪري رهيو آهيان، انهن ۾ "شاهه" سڀني کان عظيم آهي.

اوهان وٽ ڀٽائيءَ کان سواءِ عنات آهي، عيسو آهي، سچل آهي، سامي آهي ۽ ٻيا ڪيئي شاعر آهن،جن جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو رتبو آهي، جن ڪنهن وظيفي يا سروپا لاءِ ڪنهن بادشاهه، ڪنهن نواب يا ٻئي ڪنهن ڇيگري ڇٽ ڌڻيءَ جا قصيدا نه چيا ها، نه وري

---

* هن وقت چاليهه ئي جلد ڇپيل آهن.

ڪنهن درٻار ۾ ڪورنشون بجا آنديون هيون، نہ سهرا لکيا هئائون، نہ قرض تي ورتل ميءَ پيئندا هئا ۽ نہ ڪنهن قرض خواهہ اڳيان ليلڙاٽيون ڪندا هئا. نہ واهہ واهہ ۽ مڪرر مڪرر جي ڪل جهڙين ساراهن جا طلبگار هئا ۽ نہ ڪنهن طوائف جي ڪوٺي تي آداب محفل جي نمائش ڪندا هئا. نہ انهن ۾ غالب جي رسوائي ۽ ذلت هئي، نہ ذوق جي درٻاريت ۽ غلامي هئي، نہ انشاءَ جو مسخري پڻو هو ۽ نہ مير جي اذيت پسندي (Masochism) هئي. جاگيرداري دور جي تخريبي (Decadent) تهذيب هنن کي ڇهي بہ نہ سگهي هئي، جنهن جي ماحول ۾ برصغير جي اردو شاعري پلي هئي. هو سنڌي عوام جا شاعر بہ هئا، فلسفي بہ هئا ۽ روحاني فيض جا سرچشما بہ هئا. دراصل پوريءَ سنڌو ماتريءَ ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو ساڳيو مزاج آهي. ڀٽائي، سچل، باهو بلهي شاهہ، وارث شاهہ، فريد شڪر گنج، خواجہ فريد سڀ انهيءَ عظيم روحاني سلسلي جون ڪڙيون آهن. اهي عظيم شاعر هئا، انهن پنهنجي عوام جي دک درد کي انهن جي ٻوليءَ ۾ ڳاتو هو. اهي نوابي درٻارن تي پلجندڙ اقليتن جا شاعر نہ هئا. اهي انهن ڪروڙين انسانن جا شاعر هئا، جي تتيءَ ٿڌيءَ ٻنيون کيڙيندا، هر ڪاهيندا، پورهئي ۾ پگهر وهائيندا ٿا وتن. اهي ڪير آهن، جي ٻُلي ۽ ڀٽائيءَ کي ريٽڻ ٿا چاهين؟ اهي ڪير آهن، جي سچل ۽ شڪرگنج جي ڌرتيءَ تي ڪجهہ درٻاري ٻولڙين ۽ انهن جي ٻوليءَ جي اهميت جتائين ٿا؟ اهي ڪير آهن، جي نہ فقط سنڌيءَ، پر پنجابي، پشتو ۽ بلوچيءَ جي قومي درجي کان انڪاري آهن ۽ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي عوام تي هڪ ڌاري ٻولي ۽ تهذيب مڙهڻ چاهين ٿا؟ اهي ڪير آهن، جن بينگالي شاگردن تي ٻوليءَ جي مسئلي تي گوليون هلايون ۽ انت بينگالي عوام کي ايترو تنگ ڪيائون، جو هو اسان کان جدا ٿي ويا. مان انهن کي برصغير جي تاريخ ۾ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. اها هڪ استحصالي ذهنيت آهي، جا زبان ۽ تهذيب جي آڙ ۾ هڪ ٽولي جي ڦرمار قائم رکڻ تي گهري. انهيءَ ٽولي هڪ هٿي قائم رکڻ لاءِ اوير

پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي مسئلي تي نفرت ڦهلائي ۽ نيٺ پاڪستان کي ٻه ٽڪرا ڪري ڇڏيو. اهي ئي بينگالي ۽ بهاري عوام جي خون جا ذميدار آهن. اهي ئي سنڌ ۾ چوٿين مارچ تي ٿيل ڏاڍ جا ذميدار آهن. انهن ئي هندستان کان آيل ماڻهن کي سنڌي عوام سان ملي ڪير کنڊ ٿيڻ کان روڪيو آهي. اهي پاڪستان ۽ اسلام جي آڙ وٺي سنڌيءَ، پنجابي، بلوچ ۽ پختون عوام تي غداريءَ جا الزام هڻن ٿا. پاڪستاني عوام جو ڪوبه رهنما هنن جي الزامن کان محفوظ نه رهيو آهي. انهن ئي بينگالي عوام جي چونڊيل رهنما شيخ مجيب الرحمان تي غداريءَ جا الزام هڻي، هن جي لاءِ مخالفت جي فضا تيار ڪئي هئي. اهي ئي صدر ذوالفقار علي ڀٽي جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. انهن ئي پختون ۽ بلوچي عوام جي اڪثريتي پارٽي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي رهنما خان عبدالولي خان تي بار بار غداريءَ جا الزام هنيا آهن. ۽ انهن ئي سائين جي. ايم. سيد ۽ مون کي غدار، نفرت جو ديوتا، مها ملحد وغيره جهڙا لقب ڏنا آهن. انهن جو ئي پاڪستان جي اردو پريس تي قبضو آهي. اهي پاڻ کي اسلام ۽ پاڪستان جا واحد ٺيڪيدار سمجهن ٿا، سوشلزم ۽ صوبائي خودمختياريءَ جا دشمن آهن ۽ مرڪزيت جا انڪري حامي آهن، ته جيئن هنن کي پورو پاڪستان پيلڻ لاءِ ملي وڃي. اهي سکر ۾، سنڌ ۾، پوري پاڪستان ۾ ڦهليل آهن ۽ پاڪستاني صوبن جي هر قومي امنگ خلاف واويلا ڪن ٿا. اهي ئي ”جيئي سنڌ“ جي نعري جا ويري آهن، اهي ئي ”جيوي پنجاب“ جي نعري کان جلن ٿا. سڌي يا اڻ سڌي طرح اهي رجعت پرست ۽ فاشسٽ سياسي پارٽين، جماعت اسلامي، مسلم ليگ، پي ڊي پي، نظام اسلام پارٽي، تحريڪ استقلال وغيره جا حامي آهن. انهن مان جيڪي منافقي ڪري پيپلزپارٽي ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن، اهي فقط چالاڪي ۽ عياريءَ سان انهن پارٽين جو پروگرام پنهنجي مقصد لاءِ سبوتاج (Sabtoge) ڪن ٿا. اهي ڪڏهن اسلام جي نالي ۾ عوامي امنگن سان دشمني ڪن ٿا، ڪڏهن سوشلزم جي نالي ۾. مون کي اهو

ڏسي حيرت آئي هئي تہ جڏهن ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ميٽ ۾ ڪيل منهنجي صدارتي تقرير تي پوري اردو پريس مخالفت جو طوفان اٿاريو هو. تڏهن ساڳئي هفتي ۾ هفتيوار سياسي رسالن چٽان، زندگي، الفتح ۽ ليل و نهار بہ منهنجي خلاف زهر هاريو هو. چٽان ۽ زندگي رجعت پرستن جا رسالا آهن ۽ الفتح ۽ ليل و نهار نام نهاد ترقي پسندن جا رسالا آهن، پر سنڌ جي قومي آواز ۽ امنگ کي نهوڙڻ تي سيئي متفق ٿي ويا هئا.

ورهاڱي کان ڪجهہ سال اڳ مون اردوءَ جي مشهور نقاد عبدالرحمان بجنوريءَ جا اهي لفظ حيرت سان پڙهيا ها تہ: "هندستان جا الهامي ڪتاب فقط ٻہ آهن. هڪ مقدس ويد ۽ ٻيو ديوان غالب." مون ان وقت سوچيو هو تہ ڇا هندستان جي الهامي ادب ۾ ڪنهن ٽئين ڪتاب جي بہ گنجائش آهي؟ ڇا شاهہ جو رسالو ديوان غالب جي پائي جو الهامي ڪتاب نہ آهي؟

ورهاڱي کان هڪ سال اڳ مون پنڊت نهروءَ جو ڪتاب "ڊسڪوري آف انڊيا" پڙهي ساڳيءَ حيرت سان سوچيو هو تہ نهروءَ جي پايي جو سياسي مفڪر جڏهن هندستان کي دريافت ڪري ٿو تڏهن اردو شاعر مرزا غالب ۽ هنديءَ جي شاعرن ملڪ محمد جائسيءَ ۽ رحيم خان خانان جي ساراهہ جا تہ ڍڪ ڀري ٿو پر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، سچل سرمست، وارث شاهہ، سلطان باهوءَ، خواجہ فريد، خوشحال خان ختڪ جو ذڪر بہ نٿو ڪري، ڄڻ تہ اُهي ڪجهہ بہ نہ هئا، ڄڻ تہ ذات گنگا جمنا جي ماتريءَ تائين محدود هئي، ڄڻ تہ موهن جي دڙي، هڙپا ۽ ٽئڪسلا کان پوءِ سنڌوماتر ذات کان وانجهي ٿي چڪي هئي! ان وقت منهنجي عمر ٻاويهہ سال هئي ۽ هندي ۽ اردو جي ڪافي مطالعي جي باوجود، منهنجي ڪنهن بہ مشهور هندي يا اردوءَ جي اديب سان ملاقات نہ ٿي هئي. پنڊت نهروءَ جو اهو ڪتاب پڙهي مون ان وقت بہ محسوس ڪيو هو تہ، هي هنديءَ ۽ اردوءَ جا ڪوڏيا، هي گنگا جمني ڌرتيءَ جا رهواسي، اُهي سانڊيا گاڏڙيا آهن، جي هونءَ تہ

هڪ ٻئي جي ڏاڙهيءَ ۽ چوٽيءَ پٺ ڪن ٿا، زنار ۽ تسبيح جا ڌاڳا پتنگ جي ڏور وانگر ڪم آڻي، هڪ ٻئي کي ڪاٽن ٿا ۽ بنارس ۽ علي ڳڙهہ جي ويڙهاند ۾ هنديءَ ۽ اردو جا جهنڊا اُڀا ڪن ٿا. پر بنيادي طرح برصغير جي باري ۾ ٻنهي جي ذهنيت ساڳي آهي، ٻئي احساس برتريءَ ۾ مبتلا آهن. ٻئي سڄي برصغير کي تِچ ٿا سمجهن ۽ ڪشمير کان وٺي ڪيپ ڪامورن تائين هر قوميت کي هنديءَ يا اردوءَ جي ثقافتي ڪالوني ٿا سمجهن. ان وقت بہ مون کي ان ثقافتي سامراج جا پرون پيا ها ۽ هنديءَ ۽ اردوءَ جي جهڳڙي ۾ ٻن ثقافتي سامراجن جي ويڙهہ نظر آئي هئي، جن مان هر هڪ برصغير تي پنهنجو ثقافتي غلبو ڪرڻ ٿي چاهيو. انگريز سامراج جي ساڳئي دور ۾ هندستان جي انقلابي مفڪر ايم. اين. راءِ چيو هو تہ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، ٻنهي ۾ فاشزم جا جيوڙا آهن، جي آزاديءَ کان پوءِ اُنهن کي ويا وانگر وڪوڙي ويندا. ڪانگريس هندي زبان جي حامي هئي ۽ مسلم ليگ اردوءَ جي.

ورهاڱي کان پوءِ، هنديءَ وارن جي تسلط سبب، ڏکڻ ڀارت جي آنڌرا، ڪرناٽڪ، تامل ۽ مليالم قومن ۾ هلچل پيدا ٿي ۽ جڏهن آئيني طور هنن تي هندي مرڪزي زبان ڪري مڙهي وئي، تڏهن اُنهن هندي سامراج خلاف بغاوت ڪئي ۽ هنديءَ کي ثقافتي غلبي ۽ اقتصادي ڦرمار جو ذريعو سمجهي، ڏکڻ ڀارت ۽ مرڪز جي وچ ۾ انگريزيءَ کي رابطي جي زبان برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪئي.

پاڪستان ۾ اسلام ۽ نظريہ پاڪستان جي نالي ۾، پاڪستان جي بينگالي اڪثريت تي اردو مڙهي وئي ۽ جيستائين ڪجهہ ڪونڌر نہ ڪُٺا، تيستائين بنگلا ڀاشا جي قومي حيثيت تسليم نہ ڪئي وئي. حيرت آهي تہ شيخ مجيب الرحمان جي گرفتاري کانپوءِ وري ساڳيون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ۽ بنگاليءَ تي عربي خط مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ نيٺ پاڪستان بہ ٽڪرا ٿي ويو. اڄ باشعور سياسي حلقا اهو تسليم ڪري رهيا آهن، تہ اوير پاڪستان اُنهيءَ ڏينهن جدا ٿيو هو جڏهن بنگالي شاگردن تي ٻوليءَ جي مسئلي سبب گوليون هلايون

ويون هيون.

ڪجهه وقت اڳ ”نصرت“ هفتيوار ۾ پنجابي اديب، ”شفقت تنوير مرزا“ لکيو هو تہ سال 1958ع ۾ هن جي روبرو پنجاب جي اردو نواز تعليمي ماهر ”حميد احمد خان“ جي صدارت هيٺ ڪيل هڪ ميڙ ۾ ”مولوي عبدالحق“ مرحوم چيو هو ”اردو کان سواءِ پاڪستان جون سڀ زبانون بت پرستن ۽ ڪافرن جون زبانون آهن.“ دروغ برگردن راوي، پر اهائي ذهنيت آهي، جنهن پاڪستان جي قوميتن ۾ نفرت جو ٻج ڇٽيو ۽ جنهن اوير پاڪستان کي اسان کان جدا ڪيو.

مان جڏهن ٻاهران آيلن کي چوان ٿو تہ: سنڌ ۾ سنڌي، پنجاب ۾ پنجابي، بلوچستان ۾ بلوچي ۽ سرحد ۾ پختون ٿي وڃو تہ اردو پريس ککر وانگر چڙي وڃي ٿي ۽ منهنجي اُنڌ وٺي، پوريءَ سنڌ ۽ ان جي زبان، تهذيب ۽ تاريخ تي آڪڙجي، اُپري اچي ٿي. اهو هڪ خطرناڪ وطن دشمن ٽولو آهي، جو سنڌي، پنجابيءَ، پختون، بلوچي ۽ بنگاليءَ تهذيب کان وٺي ايراني ۽ عرب تهذيب تائين، هر تهذيب جي قومي وجود جو دشمن آهي. اهي ئي تہ هئا، جن مصر جي صدر ناصر جي ان ڪري مخالفت ڪئي هئي، ڇو تہ ناصر اسوان ڊئم ٺهڻ سبب يونيسڪو جا ڪروڙين ڊالر خرچ ڪرائي ابوسمبل جو تاريخي مندر هڪ هنڌان پٽائي ٻئي هنڌ رکايو هو. اهي ئي تہ آهن، جي سُس پُس ڪن ٿا، جڏهن ايران جو شهنشاهہ پاڻ کي آريہ مهر چوائي ٿو ۽ جڏهن هن عظيم سائرس جي قبر اڳيان سر جهڪايو تڏهن انهن ئي هن تي طنز ڪئي ۽ پوءِ سائرس کي قرآن ۾ آيل ذوالقرنين ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي ڌرتيءَ ۽ ان جي فرزندن، انهن جي زبانن ۽ تهذيبن کان ڇرڪن ٿا ۽ ڪنهن هوا ۾ تنگيل نظريي کي پوڄن ٿا. اهي ئي فوجي آمريت جي پاڇي ۾ مڇي مچ ٿيا ها ۽ اڄ جمهوريت جي آڙ وٺي، نيشنل عوامي پارٽيءَ کي پيپلزپارٽيءَ سان ٽڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، ڇو تہ صدر ڀٽي جو مارشل لا هنن کي پنهنجي من ماني ڪرڻ نٿو ڏئي. دراصل هنن جو جمهوريت ۾ ڪوئي

اعتبار نہ آهي ۽ هو ننگا فاشسٽ آهن.

اهي ئي اڳي پنجابيءَ کي بينگاليءَ ۽ سنڌي سان ويڙهائيندا ها ۽ اڄ بلوچ ۽ پختون کي پنجابيءَ ۽ سنڌيءَ سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اڄ هو مختلف حربا استعمال ڪن ٿا، پر اسان انهن جي صيهوني ذهنيت کي چڱيءَ طرح سڃاڻون ٿا.

هي جي سڄي دنيا ۾ پاڻ کي اسلام جو ٺيڪيدار سمجهن ٿا ۽ پنهنجي ڦرمار کي برقرار رکڻ لاءِ اسلام اسلام ڪري اسان جي نڙي گهٽڻ چاهين ٿا، انهن کي اسان جو هڪ ئي جواب آهي، "ميان! اسلام بہ اسان جو باب الاسلام بہ اسان جو. اسان ڪائي شودرن جي اولاد تہ نہ آهيون. اسان جا وڏا اوهان جي وڏن کان چڱا مسلمان هيا."

سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پختونن جون جهونيون زبانون ۽ تهذيبون تاريخ جي هر اُٿل پٿل ۽ خون خرابيءَ جي باوجود صدين کان زنده ۽ پائنده آهن، ڇو تہ اُهي عوامي زبانون ۽ تهذيبون آهن.

سنڌ ۾ يوناني، عرب، مغل، ترڪ ۽ ٻيون قومون آيون، پر اُهي سنڌي تهذيب ۾ ملي جلي ويون. سنڌي ازلي ۽ ابدي آهي ۽ ان کي ڪوئي بہ مٽائي نہ ٿو سگهي. سڪندر آيو ويو، سيوهڻ اڄا اتي ئي آهي. دمادم مست قلندر جي صدا کي نہ ڪوئي ايوب خان خاموش ڪري سگهيو آهي، ۽ نہ ڪوئي يحيٰ خان ڪري سگهيو آهي. ڪيئي فوجي آمر مٽيءَ ۾ سمائجي ويا، پر ڌرتيءَ جي ڌمال ايئن ئي وڄندي رهي ٿي.

اسان کي هڪ عظيم تهذيبي ورثو آهي، جو اسان کي پنهنجيءَ جند جان کان وڌيڪ پيارو آهي. اسان کي هڪ عظيم تاريخي تسلسل آهي. اسان کي هڪ زنده جاويد زبان آهي، جنهن کي اشارن، رمزن، لوڪ ڪٿائن ۽ علامتن جو هڪ بي بها خزانو آهي، اسان کي پنهنجو الڳ تعمير جو فن آهي، ڀٽائي، سچل، قلندر شهباز، شاهہ عنايت، مڪليءَ تي دولهہ دريا خان ۽ ڄام نندي وغيره جا مقبرا اسان جا تهذيبي مرڪز آهن.

اسان کي پنھنجي خطاطي، نقاشي ۽ موسيقي آهي. اسان امير خسروءَ، سلطان حسين شرقي، نعمت خان سدا رنگ ۽ انھن کان پوءِ آيل ”هندي مسلمان“ موسيقارن جي تخليقي صلاحيتن کان انڪار نٿا ڪريون. انسانذات جي هر قوم جي فني تخليق پوريءَ انسانذات جو ورثو آهي. پر ڇا ”سنڌي مسلمان“ کي الڳ موسيقي نہ آهي؟ ڇا فقط خسروءَ جي ايجاد ڪيل ستار ئي دنيا ۾ هڪ ساز آهي؟ ڇا پٽ ڏٽيءَ پنج تارو تنبورو ايجاد نہ ڪيو آهي؟ ڇا سنڌ جا بوٽينڊا، نغل، يڪتارا، ڪڙتالون، ڪنجھون، ناد، شرنايون، مُگرمان، پيير، سرندا، دنبورا، مرليون، نڙ ۽ بينون، اسان جي الڳ تهذيب جي ساک نٿا پرين؟

ڇا موسيقيءَ کي فقط خيال، ٺمريءَ، دادِري وغيره تائين محدود ڪيو وڃي؟ ڇا سنڌ کي پنھنجا راڳ ۽ راڳڻيون نہ آهن؟ نہ فقط اسا ن عربي ۽ ايراني روايت مان ورتل ”يمن“ ۽ ”حسينيءَ“ ۽ هندستاني روايت مان ورتل سترنھن راڳ ۽ راڳڻين کي ٺيٺ سنڌي ٻول ڏنا. پر سنڌ جي لوڪ سنگيت موسيقيءَ کي راڻو ڪوهياري، معذوري، آبري، سامونڊي، رپ، ڪاهوڙي، ليلا، ڪاپائتي، پرياتي، ڏهر، گھاتو ڪارايل، ڪيڏارو، مارئي، ڊول مارو ۽ هير رانجھو ڏنو جن ۾ هن ڌرتيءَ جي اُها دک پيري دانھن آهي، جنھن جو مثال اوهان کي ٻي هنڌ مشڪل ملي.

سنڌي موسيقار عبدالعزيز جڏهن اسپين ۾ راڻو ڳايو ۽ ان جي جپسي ڌُن سان هڪجهڙائي ڏيکاري، تڏهن يورپ جا موسيقار ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا. اسان جا لوڪ ناچ ڏسو ڪڏهن ٽر ۾ جهمر، جمالو ڪڳي، ٻيگهي، لمڪيان ڙي لو ۽ ٻيا ڪيئي ناچ ڏسندؤ تہ اوهان کان رمبا سمبا، ٽوسٽ ۽ راڪ ۽ رول وسري ويندا. سنڌ جا ڪيس، لويون، سوسيون، گربيون، اجرڪ، گج، جنڊي ۽ ڪاشي وغيره سڀ شيون فقط سنڌ جون آهن، جي اسان جي وڏن کان اسان کي ورثي ۾ مليون آهن. اسان جو کاڌو پيتو بہ الڳ آهي. اي برياني کاؤ! پلو واريءَ ۾ سنڌين کان سواءِ ٻي ڪائي قوم پڇائي نہ سگهندي آهي.

اسان جو ملڪ پاڪستان آهي، پر پاڪستان ۾ اسان سنڌي ٿي

جيئڻ چاهيون ٿا ۽ اهو حق اسان کان ڪوئي ڪسي نٿو سگهي. تاريخ جي گذريل پنجن هزارن سالن ۾ اهو حق اسان کان ڪوئي ڪسي نہ سگهيو آهي. سنڌ ازلي آهي، ابدي آهي، ڪڏهن بہ نہ مرڻي آهي، ڪڏهن بہ نہ مرندي. اسان پنهنجي قوم تي ناجائز غرور ڪندڙ يا شاونسٽ نہ آهيون، جيتوڻيڪ اسان کي پنهنجي ورثي تي فخر آهي، فخر ڪيئن نہ ڪريون؟

هومر فقط "هلن آف ٽراءِ" پيدا ڪئي، ڪاليداس فقط "شڪنتلا" ۽ "اُروشي" سرجيون. پر سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ مارئيءَ، موکيءَ، مومل، سسئيءَ، سهڻيءَ ۽ ليلا جا امر ڪردار خلقيا ۽ پوريءَ انسانذات جي گوناگون اُمنگن ۽ آدرشن کي انهن ۾ سمائي آيو.

اڄ مان ڀٽائي ۽ سچل جي روحن کي مخاطب ٿي چوان ٿو تہ: "اي ڀٽ ڌڻي، تنهنجي ڀٽ تي سج وري اُڀري رهيو آهي، ان ازلي چراغ کي ڪوئي بہ وسائي نہ ٿو سگهي! اي سرمست! تنهنجي درازن جي دز کي بہ ڪوئي ڇُهي نہ ٿو سگهي! جيسين سنڌي مائرون ٻار ڄڻينديون رهنديون، تون قائم ۽ دائم آهين. تنهنجون گهڙوليون ڳائبيون رهنديون، تنهنجا نغارا وڄندا رهندا. هي 4 مارچ جو ريٽو جهنڊو هي سنڌي سپوتن جي لهوءَ ۾ لال جهنڊو انهيءَ جي ضمانت آهي تہ اوهان زنده جاويد آهيو ڇو تہ سنڌ زنده جاويد آهي، سنڌي ٻولي زنده جاويد آهي، سنڌ جو روحاني پيغام زنده جاويد آهي، سنڌيت زنده جاويد آهي. اوهان اسان کي وحدت الوجود جو پيغام ڏنو هو. اها وحدت الوجود آفاقي بہ آهي سنڌي بہ آهي. اوهان ئي اسان جي ڌرتيءَ جا ڏک سک ڳاتا ها. اڄ سنڌ جو هر دانشور هر اديب، هر شاعر، هر شاگرد، هر وطن دوست سنڌ سان اها وحدت الوجود جي ڪيفيت محسوس ڪري رهيو آهي. اڄ 4 مارچ جو جهنڊو انهيءَ قومي وحدت الوجود جو عظيم نشان ٿي هوا ۾ لهرائي رهيو آهي.

اها وحدت الوجود ڪڏهن بہ دوئيءَ ۽ ڌڪار ۾ نہ بدلجندي. سنڌ هڪ آهي، هڪ رهندي. جيئي سنڌ!

# اُنا مينهن ملير!

(1974ع ۾ ٿرپارڪر ۾ "سنڌ صدين کان" جشن ملهايو ويو. ان جي ڪارروائي ڪتابي صورت ۾ "اُنا مينهن ملير" جي نالي سان شايع ڪئي وئي. ان ڪتاب جي افتتاح جي تقريب نومبر 1975ع ۾ ميرپورخاص ۾ منعقد ٿي. ڪتاب جو افتتاح شيخ اياز ڪيو ۽ هيءَ سندس افتتاحي تقرير آهي.)

اديبو شاعرو محققو ۽ ٻيا معزز مهمانو

مان هن عزت افزائيءَ لاءِ اوهان جو ٿورائتو آهيان. ٿرپارڪر سنڌ جو اهو ضلعو آهي، جنهن سان مون کي خاص رغبت رهي آهي ۽ جنهن جي تهذيب ۽ تاريخ منهنجي شاعريءَ کي ڪافي وقت لاءِ اتساهيو آهي.

تازو هڪ آمريڪي شاعر مون سان ملاقات لاءِ آيو. مان هن سان ڪيترو وقت آمريڪا ۽ دنيا ڀر جي ادب تي ڳالهائيندو رهيس. ڳالهيون ڪندي مون هن کي چيو تہ اسپين جو شاعر لورڪا مون کي مغرب جي سيني شاعرن کان وڌيڪ پسند آهي. هو خود لورڪا جو مداح ٿي نظر آيو ۽ مون کي چيائين تہ ڇا تنهنجي لورڪا سان محبت جو سبب اهو آهي تہ هو اسپين ۾ فرانڪو جي فاشسٽ حڪومت جي خلاف هو ۽ ان ڪري ماريو ويو هو. مون هن کي چيو تہ اهو بہ هڪ سبب آهي، ڇاڪاڻ جو مان بہ پاڪستان ۾ آمريت جي خلاف وڙهيو آهيان ۽ آمريت جي خلاف وڙهندي مون ڪافي ڪجهہ سَٺو آهي. پر هڪ ٻيو سبب بہ آهي ۽ اهو هي آهي تہ لورڪا اسپين جي جپسين (خانہ بدوشن) جي لوڪ گيتن مان پنهنجو ترنم حاصل ڪيو هو جنهن هن جي شاعريءَ کي هڪ انوکي ڪيفيت ڏني. مون بہ ساڳيءَ طرح ڪجهہ سال اڳ ٿر جو سفر ڪيو هو ۽ اتان جا لوڪ گيت ٻڌا هئا ۽ مان انهن جي ترنم کان ايترو متاثر ٿيو هوس، جو مون انهن لوڪ

گيتن کي پنهنجي جديديت تہ ڏني، پر انهن جي مخصوص ترنم کي برقرار رکيو ۽ مان ڀانيان ٿو تہ اهي لوڪ گيت منهنجي شاعريءَ جو هڪ اهم حصو آهن.

آمريڪي شاعر سان ملاقات کان ڪجھ ڏينهن اڳ روسي ڪونسل جنرل مون وٽ ملاقات لاءِ آيو ۽ اسان روسي ادب متعلق ڳالهايو. مون هن کي ٽالسٽاءِ کان وٺي جديد دور جي روسي اديبن ۽ شاعرن جي تخليق بابت پنهنجو رايو ٻڌايو ۽ هن کي اهو بہ چيو تہ مان روسي ادب کان بہ ڪافي متاثر رهيو آهيان. منهنجو بہ سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام ۽ ان جي ڏک درد سان ايترو ئي ناتو رهيو آهي، جيترو روسي اديبن جو پنهنجي ديس جي عوام جي ڏک درد سان ۽ عوام جو ڏک درد ئي منهنجي شاعريءَ جو ڪيتري حد تائين محرڪ جذبو رهيو آهي. ان تي هن مون کان پڇيو تہ سنڌ ۾ عوام جي زندگي جي ڪهڙي پهلوءَ مون کي متاثر ڪيو آهي. مون هن کي چيو تہ مون سنڌ ۽ پوري پاڪستان جي عوام جا تمام مسئلا غور سان جاچيا آهن ۽ انهن جي هر روحاني اذيت جي تہ تائين پهتو آهيان، پر ٿر جي عوام جي تڪليفن ۽ مصيبتن مون تي ايترو اثر ڪيو هو جو ٿر جي سفر کان موٽي مون پنهنجي ڪلام جو هڪ مجموعو ”جل جل مشعل جل“ لکيو هو جنهن سنڌي ادب ۾ ڪافي اٿل پٿل پيدا ڪئي هئي. سال 1964ع ۾ مون ميرپورخاص کان وٺي ننگرپارڪر تائين سفر ڪيو. اسلام ڪوٽ ۾ پوري رات ٿر جا لوڪ ناچ ڏٺا ۽ لوڪ گيت ٻڌا. رستي تي گيتن ۾ ٿر جي هارين کي همرچو ڳائيندي ٻڌو، جنهن منهنجي من ۾ اهڙا جذبا اڀاريا، جيئن ڪنهن جي ڇاتيءَ ۾ ڇرو ڪپي وڃي ۽ گرم خون اُبڙڪا ڏيئي ٻاهر نڪري اچي. هيءَ سرزمين جنهن جا صديون پراڻا لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ اڄ اتائين امر آهن، جنهن جي لوڪ ادب جو ذخيرو اڪٿ ۽ املھ آهي، جنهن جا زيور، لباس، گيت ۽ ناچ وغيره انسان ذات جي مجموعي تهذيب جو هڪ امر حصو آهن ۽ جنهن جا ٻڪايل ۽ ڏڪايل مارو صدين کان رتين جي ريت نڀائيندا ٿا اچن. هڪ

عجيب سرزمين آهي، جا منهنجي روح جو اتوت انگ ٿي چڪي آهي. هڪ رات ننگر پارڪر ۾ اسان پهاڙ جي پٻ وٽ ويٺا هئاسين ۽ هڪ پٽ مون کي ساري رات لوڪ بيت ۽ ڏوهيڙا ٻڌائيندو رهيو ۽ هن مون کي چيو تہ هن کي ايترا دوها ۽ بيت ياد آهن، جو پورو مهينو اونداهي پک ۽ سهائي پک ۾ سڀيئي راتيون هو مون کي اهي بيت ۽ دوها ٻڌائي، تہ بہ اهي بيت ۽ دوها نہ کٽندا. انهن ۾ هڪڙو بيت هي بہ هو:

”ڪارونجهر جي ڪور، مرئين تہ ميلئين نهين
ماٿي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو.“

بيت جو مقصد اهو هو تہ ڪارونجهر جي ڪور تون مرندين تڏهن بہ وساري نہ سگهندين. ان جي مٿي تي ويهي جڏهن مور آواز ٿو ڪري، تڏهن ڏونگر ڏيئي وانگر ٻري پئي ٿو.

مٿيءَ کان ٿورو پري اسين ڪنهن ڳوٺ ۾ لٽل هئاسين تہ باک ڦٽيءَ مهل مون کي جاڳ ٿي ۽ مون اٿي ڇهل قدمي ڪئي. سامهون کوهہ تي ڪي ٽري عورتون ورت چڪي رهيون هيون ۽ ڪي پاڻيءَ جا پريل گهڙا مٿي تي رکي وڃي رهيون هيون. انهن جون چاتيون پولڪن سان ڍڪيل هيون. مون کي ان وقت اوچتو خيال آيو تہ لفظ پولڪا مون ڪٿي انگريزيءَ ۾ پڙهيو آهي. ان وقت تہ مون وٽ ڪا انگريزي لغت ڪانہ هئي، پر جڏهن مان موٽي سکر ويس، تڏهن مون آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ متروڪ ۽ اجنبي ٻولين جي لفظن جي فهرست ڏٺي، ان ۾ پولڪا جي هيءَ معنيٰ لکيل هئي:

'Polka_ Tight fitting dress of a woman, used in German and French _Origin unknown'

اهو ڏسي مون کي حيرت آئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب جا رشتا ناتا ڪيترا نہ قديم آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ڪٿي ڪٿي پهچي چڪا آهن. هيءَ مارئيءَ جي ڌرتي، جا دراوڙي ۽ آريائي تهذيب جو هڪ خوبصورت ۽ حيرت انگيز سنگم آهي، دنيا جي تهذيب جو هڪ لازوال ۽ بينظير ورثو آهي ۽ ان ڌرتيءَ جا مسڪين ماروئڙا ڪيترن

اهنجن ۾ ڏکن ۾ حياتي گذارين ٿا. ان جو صحيح اندازو مون کي تڏهن ٿيو جڏهن مان چاچري مان جيپ ۾ عمرڪوٽ وڃي رهيو هوس، رستي تي اسان هڪ هوٽل وٽ چانهه پيتي، هوٽل جي اندرئين ڪمري مان اوچتو ڪنجهڻ ۽ ڪرڪڻ جو آواز آيو ۽ ان ۾ ايتري اذيت پريل هئي جو مان چرڪي ويس ۽ هوٽل جي مالڪ کان پڇيم ته هي ڪير ڪنجهي ۽ ڪرڪي رهيو آهي؟ هن مون کي ٻڌايو ته ڪمري ۾ ڪو بيمار ليٽيل آهي جنهن کي وارو ٿي پيو آهي، جنهن سبب انسان جي جسم ۾ ڪيڙا پيدا ٿي پون ٿا ۽ ان بيماريءَ جو ڪوئي علاج ٿي نٿو سگهي. ان مهل منهنجي دل پرجي آئي، مون دل ۾ چيو ته ڊاڪٽر ساڪ (Dr. Salk) ائنٽي پوليو وئڪسن (Anti Polio Vaccine) ڳولي سگهيو ۽ ڪينسر جهڙي بيماريءَ تي ڪامياب ريسرچ ٿي رهي آ هي، پر اسان جا مسڪين مارو ايئن ئي تڙپي تڙپي مري ٿا وڃن ۽ هنن جي بيمارين لاءِ ڪنهن علاج جي تلاش نه ڪئي ويئي آهي.

اهي ٽر جون پراڻيون يادگيريون وري تازيون ٿي ويون، جڏهن هتان جي ڊپٽي ڪمشنر مون کي "اُنا مينهن ملير" جي هڪ ڪاپي موڪلي ۽ مون کي دعوت ڏني ته مان تقريب ۾ شريڪ ٿيان.

"اُنا مينهن ملير" پنهنجي جاءِ تي هڪ چڱي ڪوشش آهي. اسان سنڌ جي اها جهوني تهذيب به هنئين سان هنڊائي رکي آهي، پر ان سان گڏ اسان کي هڪ نئين سنڌ به اڏڻي آهي. هن ڪتاب جي صفحي 136 تي هڪ بيت جي هڪ سٽ ڏني وئي آهي:

پراڻا پرار نوان اڏجو نجهرا

مان ان آرٽيڪل جي مصنف جي ان معنيٰ سان متفق ناهيان، جا هن انهيءَ سٽ تي مڙهي آهي. مان لفظ "پراڻا" کي پراڻ کان پريان جي معنيٰ ڏيڻ نٿو چاهيان. مان سٽ سڌي سادي نموني ۾ پڙهڻ ۽ سمجهڻ ٿو چاهيان. اها سٽ هن نئين نسل لاءِ هڪ عظيم پيغام آهي ۽ اها سٽ آءٌ وري دهرايان ٿو:

"پراڻا پرار نوان اڏجو نجهرا"

# لوڪ ادب، سنڌ جي نفسيات جو آئينو

(1976ع ۾ لاڙ ادبي ۽ ثقافتي سوسائٽي پاران بدين ۾ ”لاڙ ثقافتي ميلو“ منعقد ڪيو ويو. ان ميلي ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس بہ ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت شيخ اياز ڪئي. هيءَ سندس ان ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير آهي.)

دوستو

مان اوهان جو هن عزت افزائيءَ لاءِ شڪرگذار آهيان. جڏهن مون کي هن تقريب لاءِ دعوت نامو مليو هو تہ مون سوچيو هو تہ سنڌي ادب تي هڪ مفصل مضمون لکان، پر منهنجون مصروفيتون اوچتو ايترو تہ وڌي ويون، جو مون کي ان ڪم لاءِ فرصت نہ ملي ۽ ڪالهہ مون ٽڙتڪڙ ۾ بدين جي لوڪ ادب تي بہ چار سٽون لکي ورتيون.

روس ۾ جڏهن انقلاب ڪان پوءِ اسٽالن اقتدار ۾ آيو تہ هن فرمان ڄاري ڪيو تہ ٻئي ساري روسي ادب کي ريٽي، روسي لوڪ ادب تي توجهہ ڏنو وڃي، ڇو تہ لوڪ ادب ئي صحيح معنيٰ ۾ عوامي ادب آهي. مون جڏهن بدين ضلعي جي لوڪ ادب جي باري ۾ سوچيو آهي، تڏهن مون کي ايئن محسوس ٿيو آهي تہ اهو ادب نہ آهي، پر هڪ پوري جنگ آهي. جنگ ادب ۾ ڪيئن تبديل ٿئي ٿي ۽ ادب جنگ ۾ ڪيئن تبديل ٿئي ٿو، ان جو مثال بدين جي لوڪ ادب جهڙو پاڪستان ۾ ورلي ملي ٿو. مون خوشحال خان خٽڪ جي شاعري بہ پڙهي آهي، پر ان ۾ بہ پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان ايترو پيار، پنهنجيءَ غيرت ۽ خودداريءَ جو اهڙو اظهار ويريءَ لاءِ ايتري ڌڪار ۽ آزاديءَ جي نانءَ سان ايتري رغبت نٿي

ملي، جيتري بدين جي انهن لوڪ بيتن ۾ ملي ٿي، جيڪي دودي ۽ چنيسر جي باري ۾ چيا ويا آهن.

دودو روپا ماڙيءَ ۾ رهندو هو. جنگ وڳهه ڪوٽ ۾ لڳي هئي، علاؤالدين خلجيءَ فوج وٺي وڳهه ڪوٽ ۾ تنبو کوڙيا هئا. جڏهن دودي کي اطلاع مليو هو تڏهن هن پنهنجي ياتني ننگر ۽ پٽ پونگر کي موڪليو هو ته وڃي چنيسر کي پرچائي اچي، جنهن علاؤالدين خلجيءَ کي ڪاهه ڪرڻ لاءِ چرچ ڏني هئي. پوءِ هو چنيسر سان مليا ها ته هن کين چيو هو ته جي ڪاهه ڪرڻو اٿوَ ته بادشاهه سان ڳالهيون ڪيو. هو ملاقات لاءِ چانوٽيءَ ۾ پهتا ته هنن سان بادشاهه جي وزير نذر بيگ ملاقات ڪئي ۽ کين چيائين ته رڳو ٻاگهيءَ جو سڱ بادشاهه لاءِ ڏيو ته هتان جي حڪومت توهان جي آهي ۽ اسان سڱ وٺي موٽي ويندا سين. دودي جو پٽ ۽ ياتنيو دودي وانگر ئي غيرتمند هئا. ڪڏهن به ڏاڍ اڳيان سر نه جهڪايو هئائون، ڪڏهن به نيچ پٽي ڏانهن نه نوڙيا هئا. ان وقت انهن چيو هو ته حڪومت اچڻي وڃڻي هوندي آهي، لوبن جي لڄ، لڄن جُون لوبون سدائين رهنديون آهن. حياتي به اچڻي وڃڻي شيءِ آهي، مڙس ڪنڌ ڪپائيندا آهن، جهڪائيندا نه آهن. مرندي ويل به وصيعت ڪندا آهن ته "اسان کانپوءِ اچڻ وارا اسان وانگر لوئيءَ جي لڄ بچائجو."

انسان ٻن قسمن جا هوندا آهن، هڪڙن کي چائي ڇڄ ۾ هوندي آهي ۽ ٻين کي لڄ لوئيءَ ۾. انهيءَ ڪيفيت جو اظهار بدين جي سگهڙ ياڳوپان ٻن بيتن ۾ ڪيو هو. اهي بيت ننگر ۽ خلجيءَ جي وچ ۾ سوال جواب هئا. جنهن وقت هن ٻاگهيءَ جو سڱ گهريو هو. خلجيءَ چيو هو:

"پائر پرچو پاڻ ۾، ٻاگهي ڏيو مون،
سڀ پهريان سومرا، جهجهي ڏيئي پون"

جنهن تي ننگر جواب ۾ چيو هو ته:

ٻاگهي ٻاگهي مَ چئه، ٻاگهي مون مائي،
ٻاگهي وٺي نانءُ جو، تنهن وات وڍيان وائي،

چڙيان سر سلطان جو کنن* سان ڪائي.“

ڪي لوڪ ڪهاڻيون پنهنجي ڌرتيءَ مان ايئن اُپرنديون آهن، جيئن ٿوهر ٻٽ تي بنا پاڻيءَ جي ڦٽي پوندا آهن. انهن جي ٽاريءَ ٽاريءَ ۾ ڪنڊا هوندا آهن، پر جڏهن برسات پوندي آهي، ته انهن جون ٽاريون سايون ڇهڇ ٿي پونديون آهن ۽ اکين کي ٺاڍل بخشينديون آهن.

اهڙيءَ ساڳيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ابڙي جو ڪردار به اسان جي روح جي انوکي آرسي آهي. هڪ ڀيري ابڙي ۽ دودي چوپڙ پئي کيڏي ته دودي جو داءُ پيو ۽ هن کي ساريءَ کي ڏڪ هڻڻو هو. اجا ڏڪ هنيائين پئي ته ساري ابڙي جي جهوليءَ ۾ اچي پئي هئي. دودي ابڙي کي چيو هو ته ”ساري موٽائي ڏي ته ڏڪ هڻان.“ پر ابڙي ساري موٽائڻ کان ٻنهه نابري واري هئي. ان تي ڪاوڙ ۾ اچي دودي تلوار ڪڍي چيو هو ته ”ساري موٽائي ڏيندين ته چڱو نه ته مون کي تلوار کان ڪم وٺڻو پوندو.“ ابڙي جواب ڏنو هو ته ”ساري منهنجي سام پئي آهي، منهنجيءَ جهوليءَ ۾ اچي ڪري آهي، اها موٽايم ته ابي ڏاڏي جي پت هلي ويندي. مان ساري ڪونه موٽائيندس، ڇو ته ان منهنجي سام ورتي آهي. باقي تون چئين ته تلوار جو جواب توکي تلوار سان ڏيان.“ ڪجهه سال پوءِ جڏهن دودي جو لشڪر تباهه ٿي ويو، تڏهن دودي پنهنجي خاندان جي عورتن ڏانهن ڏسي پڇيو هو ته ”اهڙو ڪوئي آهي، جو اوهان جي سام جهليندو؟“ اوچتو هن کي چوپڙ تي ابڙي سان جهيڙو ياد آيو هو ۽ هن چيو ته رڳو ابڙو ئي آهي، جو سام جهليندو. ابڙي سچ پچ سام جهلي. مرندي ماريو ويو پر خلجيءَ کي دودي جي خاندان جي ويجهو اچڻ نه ڏنائين. انهيءَ ڪري ئي ڀٽ ڌڻيءَ ابڙي جي جهليل سام جي باري ۾ هي بيت چيو هو:

”سيني ڏنيون سرڙيون، ڏئي نه ڏونگر راءِ،
هوا ڻ ڏنن آڌو ڦري، سو ڏنيون ڏئي ڪياءِ،

---

* کنو: تلوار

لوڙهيون لڪ مٿاءِ، هن مٿيري موٽائيون.“

اٻڙي جي شهادت کان ڪيترو زمانو پوءِ اٻڙي جي شهر مان ڪنهن شخص هڪ وٿوڏرتي مان ڪوٽي لڌو هو ۽ ان کي جڏهن ڪنهن سگهڙ ڏٺو هو تہ هي بيت چيو هئائين:

”ڪي ڪنجهو ڪي ٻاٽ، ڪي ڪي ريڪون رُڪّ جون،
هي تڏهونڪون گهاٽ، جڏهن سمي صاحبي.“

مان جڏهن هن بيت تي سوچيندو آهيان، تڏهن مون کي پنهنجي شاعري اکين اڳيان ڦري ويندي آهي. ڪوئي بہ پارکو منهنجيءَ شاعريءَ تي انهيءَ کان وڌيڪ تبصرو نٿو ڪري سگهي تہ ”ڪي ڪنجهو ڪي ٻاٽ، ڪي ڪي ريڪون رڪ جون“ ۽ اهي ريڪون رڪ جون جن ۾ سمي جي صاحبي ميرانجهڙي ٿي چڪي آهي، اڄ بہ انهن هٿن جي رڱڻ وانگر مضبوط آهن، جن کنن سان ڪيڏندي پوڙها ٿيندا آهن.

مون کي دودي ۽ چنيسر جي ڪهاڻيءَ ايترو متاثر ڪيو هو. جو مون ان تي هڪ پوري آپيرا ”دودي جو موت“ لکي هئي، جا منهنجي ڪتاب ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ ۾ ڇپجي چڪي آهي. دراصل هن ڌرتيءَ تي واريءَ جي ڪڻ ڪڻ ۾ ڪيئي ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻيون، جي سدائين ماڻهوءَ جي من کي اتساهينديون رهنديون، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ پيار پيدا ڪنديون رهنديون، پيار ۽ ڌڪار جي وچ ۾ توازن پيدا ڪنديون رهنديون ۽ ماڻهوءَ کي ماڻهپي جي بچاءَ لاءِ اپاريندريون رهنديون.

هن ئي ضلعي جي باري ۾ هڪ روايت آهي تہ شاهہ بندر جي پرسان چانگن ۽ جتن جو مارو ٽيو هو. انهيءَ ماري ۾ ڪيهر بہ وڙهي رهيا هئا. ٻنهي ڌرين سان چارڻ بہ گڏ هئا، جيڪي بيت ڏئي ٻنهي ڌرين کي اُياري رهيا هئا. جڏهن ڪيهرن جو وڏو ويڙهہ ۾ مارجي ويو هو ۽ هن جو لاش بہ نہ لڌو هو تڏهن ٻيءَ ڌر جي چارڻ طنز سان چيو هو:

”يا دانهين دليءَ ويو يا اُڏاڻو آڪاس“

جنهن تي ڪيهرن جي ڏر جي چارڻ چيو هو:

يا گنگا اُلٽي وهي يا پڇي سڪندر بند،
يا قطب تارو پوئتي، رڙهي وني رند،
يا موتي پوي ماس ۾ سندو هاٿيءَ ڏند،
تہ ڪيهر ڦيري ڪنڌ، تي پنيرو پڙ ڪان.

'سڪندر بند' سنڌيءَ ۾ 'سد سڪندريءَ' کي چوندا آهن. بيت جو مقصد اهو آهي تہ جڏهن دنيا ۾ ناممڪنات ممڪن ٿي پوي، تڏهن ئي هتان جا مڙس پڙ کان پنيرا ٿي ڪنڌ ڦيريندا.

ڪيڏي نہ شجاعت آهي انهيءَ شاعريءَ ۾، مون هومر جي شاعريءَ ۾ يوناني بهادرن جا داستان بہ پڙهيا آهن، فردوسيءَ جي شاعريءَ ۾ ايراني جنگجوئن جا مقابلا بہ پڙهيا آهن، ۽ اهو بہ پڙهيو آهي تہ:

وگر نہ بڪام من آيد جواب،
من وگرز و ميدان و افراسياب.

فردوسي هڪ عظيم شاعر هو. هن جي رزميہ شاعريءَ ۾ اهڙيون سئون اچن تہ وسهڻ جهڙي ڳالهہ آهي، پر اهو ڪيڏو نہ اتساهيندڙ آهي، جو سنڌ جي سون چارڻن پنهنجي شاعريءَ ۾ انهيءَ کان بہ وڌيڪ غيرتمنديءَ ۽ ڌرتيءَ سان محبت جو ثبوت ڏنو آهي ۽ اها ڳالهہ دنيا جي لوڪ ادب ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

پٽائيءَ جا گهٽيي ئي گهٽگهرا هئا ۽ انهن مان مکيہ خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو هو. جيڪو هن ضلعي جو هو هڪ پيري ان کي پٽائيءَ بيت ڏنو هو:

ڪپيريءَ ۾ پير، پاتو ڪنهن پيرئين،
ان پونءِ سندو پير، ڪوڙين مان ڪوئي لهي.

جنهن تي محمد زمان جواب ڏنو هو تہ:

ڪپيريان اوري رهيا، اَبڏ بڏائون،
اُتانهين آئون، رهي آيس راتڙي

منهنجي شاعري بہ انهيءَ پونءِ سندو پيرئي آهي ۽ جڏهن هيءَ

زندگي ڪنهن تارن ڀريءَ راتڙيءَ وانگر اُجهامڻ تي آئي تہ پوئين وقت منهنجي زبان تي اِهي لفظ رهندا:

اُتانهين آئون، رهي آيس راتڙي

بدين وانگر سنڌ جي هر ضلعي ۾ اڪيچار لوڪ ادب موجود آهي. لوڪ ادب قومن جي صدين جو سرمايو ٿيندو آهي، بيحد بي لوث انسانن جي خدمتن جو نتيجو ٿيندو آهي، جي انهيءَ ادب تي پنهنجي نالي جي ڇاپ نہ ڇڏيندا آهن. لوڪ ادب انهن سخي انسانن جي ميڙي چونڊي هوندو آهي، جي موتين جي ورڪا ڪري ڪڏهن بہ اهو نہ ورجائيندا آهن تہ اسان اها ورڪا ڪئي آهي.

لوڪ ادب قومن جي نفسيات جو آئينو ٿيندو آهي ۽ ان ڪري ئي لوڪ ادب کي چين ۽ روس ۾ بئي هر تخليقي ادب کان وڌيڪ اهميت ڏني ويئي آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ ڪانپوءِ مون سوچيو آهي تہ سنڌالاجيءَ کي اهو ڪم سپرد ڪريان تہ ڪنهن طريقي سنڌ جو سارو لوڪ ادب ڪٺو ڪيو وڃي. جيڪي سنڌ جا سگهڙ حال حيات آهن، انهن جي آواز کي ٽيپ ذريعي محفوظ ڪيو وڃي ۽ اهو سرمايو جيستائين اسان جي هٿن مان کسجي وڃي ۽ اهي سگهڙ موت جي اونداهہ ۾ گم ٿي وڃن، ان کان اڳ ۾ انهن جا سيئي پڇڙ تارا ميڙي وٺجن. اهو اسان جو فرض آهي تہ اهي ٿم ٿم ڪندڙ ڏيئا، جي اُجهامڻ وارا آهن، انهن جي جوت جهٽي وٺون. جوت، جا امر آهي، جا ڪڏهن بہ مرڻي نہ آهي، جا ايئن ئي امر آهي، جيئن سنڌ جي ڌرتي امر آهي.

# ڀٽائي، اسان جي تاريخ جي پورٽتا

(سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي عهدي وٺڻ کان پوءِ، سڀ کان پهريائين شيخ اياز سنڌ جي اديبن سان گڏجي قافلي جي صورت ۾ ڀٽ شاهه تي حاضري ڏني، ۽ سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، ان موقعي تي هن جا تقرير ڪئي، اها سندس شاهه سان عقيدت ۽ اُنس جو مظهر آهي.)*

شاعرو اديبو ۽ معزز مهمانو!

اسان جي تاريخ ۾ جيڪڏهن ڪوبه انسان پيدا ٿيو آهي، جنهن وٽ مان پنهنجو اعمال نامو پيش ڪرڻ چاهيندس، جنهن کي مان پاڻ کان حساب ڪتاب وٺڻ جو حق ڏيڻ چاهيندس، جنهن کي مان اهو ٻڌائڻ چاهيندس ته مون مان توکي ڪيتري توقع هئي ۽ مان انهيءَ توقع تي ڪيستائين پورو آيو آهيان، تو مون مان ڇا پئي طلب ڪيو ۽ مان تنهنجي معيار تي ڪيستائين پهتو آهيان، جيڪڏهن ڪوبه اهڙو انسان آهي، جنهن جي آدرش جي ڪسوٽيءَ تي مان پنهنجي ڪردار کي پرکڻ لاءِ ٻڌل ٿو سمجهان ته اهو ڀٽائي آهي. جڏهن به مون کي اهو احساس ٿيو ته منهنجي زندگي هن جي پيغام سان نه ٿي ٺهڪي، تڏهن مان پنهنجي زندگيءَ کي اجايو سمجهندس. اهوئي هڪ شاعر ۽ شخص آهي، جنهن جي زندگيءَ ۽ جنهن جي شاعريءَ منهنجي زندگيءَ ۽ منهنجي شاعريءَ تي بي انتها اثر ڇڏيو آهي. مان انهيءَ کان ئي سکيو هوس ته:

طلب جي تنوار، متان ڪرين مڱڻا.

---

* سن 1976ع، ان قافلي ۾ آءُ به هوس، سڀ کان ننڍو اديب، عمر 24 سال (ت.ج).

ڏکي ڪنڌ، ڏار موتي ڏئي مٺ ۾.

جڏهن بہ مون محسوس ڪيو تہ مون ۾ طلب جي تنوار آئي آهي، تہ مان سمجهندس تہ مان ڏکجي ڏار تي ويو آهيان، ۽ منهنجي شاعري مون کي چڏي وئي آهي. انهيءَ شخص جي پيغام سان ناتو نڀائڻ ئي منهنجي شاعريءَ کي بقا بخشي سگهي ٿو ۽ اها ڳالهہ مون کان ڪڏهن بہ وسري نٿي سگهي.

اڄ مان سنڌ جي ممتاز اديبن ۽ شاعرن سان گڏجي ڀٽائيءَ جي آرامگاهہ تي گلن جي ڀيٽا ڏيڻ آيو آهيان. مون کي هڪ نئين روپ ۾ موقعو مليو آهي تہ سڌيءَ طرح سنڌ جي نئين نسل جي ذهني اوسر ۾ پنهنجي وس آهر حصو وٺان ۽ ان کي هڪ نئين راهہ ونڻ ۾ مدد ڏيئي سگهان. انهيءَ موقعي مون کي اهو فرض سونپيو آهي تہ ڀٽائيءَ جي مزار تي اچي اها دعا گهران تہ "اي ڀٽ ڌڻي! دعا ڪر تہ سنڌ کي ملڪي ۽ عالمي سطح تي جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي، ان ڪردار جي شناس ۽ لياقت اسان ۾ ۽ اسان جي نئين نسل ۾ پيدا ٿئي." سنڌ جي ماڻهن جي ڪردار کي ناهڻ ۾ ۽ ان کي صحيح روپ ڏيڻ ۾ ڀٽائيءَ جي زندگيءَ، فلسفي ۽ شاعريءَ جو نهايت گهرو اثر رهيو آهي. هن جي سٽ سٽ اسان سنڌين جي روح ۾ رچي چڪي آهي. مون دنيا جي سڀني عظيم شاعرن جو مطالعو يا تہ خود انهن جي ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي يا انهن جي ڪلام جي ترجمي ذريعي ڪيو آهي. مون قديم کان قديم ترين شاعرن کان وٺي جديد کان جديد ترين شاعرن جي نہ رڳو شاعريءَ، پر زندگيءَ جو بہ ڪنهن حدتائين مطالعو ڪيو آهي. دنيا ۾ اهڙو ڪو مثال ئي نہ آهي تہ ڀٽائيءَ وانگر ڪنهن بہ شاعر جو پورو ۽ ايترو ڪلام انهيءَ شاعر جي ملڪ جا عام ۽ خاص ماڻهو ڳائيندا هجن. لاڙ کان اُتر تائين انهيءَ ڪلام جي گونج اسان جتي ڪٿي ٻڌون ٿا. انهيءَ ڪلام جو اثر اسان سنڌ جي هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۽ ان جي ڪردار ۾ ڏسون ٿا. انهيءَ ڪلام جي پهچ اسان پنهنجي قديم ترين ماضيءَ کان وٺي پنهنجي بعيد ترين مستقبل تائين ڏسون ٿا. اهو آواز، جو ڪنهن بہ ڪتاب ۾ پهرين سانڍيو ڪونہ ويو هو پيڙهين کان اسان جي روح جي

گهراين ۾ گونجي رهيو آهي، اهو آواز جو هن ڌرتيءَ جو آواز آهي، جو پٿونر وانگي پيري رهيو آهي ۽ آڪاش تائين اُڏري رهيو آهي، جنهن جي تند کي جيڪڏهن دنيا جي هر ذهني حاصلات سان توريون تا تہ اُتل پٿائيءَ جي پاسي تي ٿئي، اهو آواز جو اسان جي ماضيءَ ۽ اسان جي حال ۾ پرندو رهيو آهي ۽ جنهن جي گونج جا پڙاڏا اسان جي مستقبل ۾ بہ پرندا رهندا. اهو آواز جنهن کي تاريخ جو ڪوبہ ٿرٿلو لوڏي نہ سگهيو آهي ۽ جو ايئن ئي زندهہ ۽ سلامت آهي، جيئن ان وقت هو جنهن وقت پٽ تي يڪتاري جي تارن مان اپرندو هو ۽ ستارن جي چانو ۾ ساهي پٽيندو هو. اهو آواز اسان جو اهو امر ورثو آهي، جنهن هن ڌرتيءَ کي اها امرتا ڏني آهي، جا ان کان ڪوئي بہ ڪسي نٿو سگهي، جنهن ان کي اها پائندگي ڏني آهي، جنهن کي ڪوئي بہ مٽائي نٿو سگهي، جنهن ان کي حسن ۽ اها خوشبوءَ بخشي آهي، جا دنيا جي هر حسن ۽ هر خوشبوءِ کان انوکي آهي، جنهن اسان کي اهو فخر ڏنو آهي تہ اسان انسان جي حيثيت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهيون، ٻئي ڪنهن کان بہ گهٽ نہ آهيون ۽ ٻئي ڪنهن کان بہ گهٽ نہ ٿينداسون. انهيءَ آواز جون لهرون سنڌ مان اپرن ٿيون ۽ ان کان اڳتي وڌي عالمي ۽ آفاقي ٿي وڃن ٿيون.

انهيءَ آواز کي سڄي سنڌ پنهنجي پنهنجي سر ۾ ورجائي ٿي. سنڌ جي هر حصي ۾ هن کي مختلف انداز ۾ ڳايو وڃي ٿو. ڪڏهن ٿر جي پٽن ۾ اهو آواز پڳتيءَ جي انداز ۾ ميران ٻائيءَ جي پچن کان بہ اوچو اڏري ٿو، ڪڏهن هن کي چارڻ پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڳائن تا ۽ اسان جي عوام جا پورا دک درد، پورا امنگ ۽ اڌما، آس ۽ نراس انهيءَ آواز ۾ اپري اچن تا ۽ ڪڏهن ان کي موسيقيءَ جا استاد پنهنجي ڪلاسيڪي انداز ۾ ڳائن تا ۽ ان تي سنڌ جي شخصيت جي هڪ مخصوص مهر هڻن تا. اهو آواز جو آڪاش ڏانهن اڏامي ٿو ۽ جنهن جون جڙون پاتار ۾ آهن، دنيا جو هڪ خاص آواز آهي، جو پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ۽ جنهن جو راڻو هجي يا ڪوهياري، معذوري هجي يا ڪارايل، سر سنگيت جو هڪ امر ورثو آهي، جنهن جو مثال پوري

نندي ڪنڊ جي سنگيت ۾ نہ آهي. منهنجيءَ شاعريءَ تي ڀٽائيءَ جيترو اثر ڪيو، ان جو اعتراف مان پنهنجيءَ شاعري ۾ ڪري چڪو آهيان:

کھڙي ڪنير جوڙيو متيءَ بنان ٿانءُ
آهي تنهنجيءَ ٻاجھہ سان، ميان منهنجو نانءُ
ڪٿي هجان آنءُ، جي نہ هجين تون جُوءِ ۾.

هن وقت تائين جيڪي بہ شاهہ جي شعر جا نقاد ٿيا آهن، انهن يا تہ شاهہ کي پورو سمجهيو نہ آهي يا جي سمجهيو اٿائون تہ موثر ٻوليءَ ۾ هن جي پيغام کي، هن جي فن کي، هن جي شاعريءَ کي، هن جي پوري حسن ۽ هن جي موسيقيءَ کي پڙهندڙن تائين پهچائي نہ سگهيا آهن.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ منهنجو اهو پهريون فرض آهي تہ سنڌ جي هن عظيم فرزند، حسن، محبت، اخوت ۽ انساني غيرت جي هن عظيم پيامبر جي شاعريءَ ۾ سمايل سوچ، ڀائپيءَ، عوام دوستيءَ، وطن دوستي ۽ انسان دوستيءَ تي ليڪچر، ڪلاس ۽ سيمينار ڪرايان تہ جيئن اسان جي نئين نسل کي خبر پوي تہ سنڌ جي هن عظيم پيامبر ڇا چيو هو ۽ اسان ڇا ٿي سگهون ٿا.

سنڌالاجيءَ ۾ شاهہ جي ڪلام جو گهڻو حصو رڪارڊ ڪيو ويو آهي، پر مان ان کي دستاويزي تهہ خانن ۾ محفوظ رکڻ نٿو چاهيان. اها موسيقي، اهو ڪلام اسان جي عوام جي ملڪيت آهي ۽ اسان وٽ امانت آهي ۽ منهنجو اهو فرض ٿيندو تہ مان اها ملڪيت عوام کي موٽائي ڏيان ۽ پنهنجي امانت جو فرض ادا ڪريان. مان هتي هر ڪنهن کي اجازت ٿو ڏيان تہ سنڌالاجيءَ ۾ جيڪو بہ شاهہ جو ڪلام ٽيپ ٿيل آهي ان تان ڪوئي بہ ٽيپ ڀري سگهي ٿو ۽ پاڻ وٽ سانڍي ان کي هينئين سان هنڊائي سگهي ٿو. مان سوچان ٿو تہ هڪ تفصيلي پلان ٺاهيان تہ جيئن نئون نسل اسان جي انهيءَ سانديل ورثي تائين آسانيءَ سان پهچي سگهي. شاعر قوم جو امر ورثو ٿيندا آهن. هومر کان سواءِ يونان جي تاريخ اڌوري آهي، ورجل کان سواءِ اٽليءَ جي سڃاڻ مشڪل آهي، شيڪسپيئر کي ڪڍيو وڃي تہ ايليزبيٿ جو دور فقط جنگين جي هڪ بي معنيٰ تاريخ رهجي وڃي ٿو. فردوسي نہ هجي تہ

فقط سائرس جو دور ايران لاءِ ايترو فخر جو باعث بڻجي نٿو سگهي. تاريخ فقط تلوارون نہ آهي، فقط نيزي تي سر نہ آهي، فقط جنگ جي ميدان ۾ لهوءَ ۾ لوبل لاش نہ آهي، فقط ملڪن جي هوس گيريءَ ۽ حڪمرانيءَ جو داستان نہ آهي، فقط بادشاهن جون درٻارون ۽ انهن ۾ ڪجندڙ تلوارون ۽ مجرن جا گهنگرو نہ آهي، تاريخ اهو دور بہ آهي جنهن ۾ ڀٽائيءَ جي يڪتاري مان آواز اڀريو. تاريخ مان جيڪڏهن مائيڪل اينجلو جو ”سسٽائين چئپل“ ڪڍيو وڃي تہ يورپ جي وچولي دور جي تاريخ بي معنيٰ تي وينديءَ سچي ۽ اصلي تاريخ شاعر آهي، فنڪار آهي، موسيقار آهي، معمار آهي، اليڊ ۽ آڊيسي آهي، موزا رٽ ۽ شاپن آهي، اجنتا آهي، ايلورا آهي، تاج محل آهي، ڪراڙ ڍنڍ جو ڪپر آهي، درازا جو دروازو آهي. انسان جي صحيح تاريخ عوام جي تخليقي ڪاوش جو نتيجو آهي، حاڪم طبقن جي خونريزيءَ جو داستان نہ آهي. انهيءَ ڪري ئي اسان جي تاريخ نہ رڳو دودي ۽ دريا خان جي شهادت آهي، پر ان سان گڏ ۽ شايد انهيءَ جي ڪري ۽ انهيءَ کان بہ وڌيڪ اسان جي تاريخ ڀٽائيءَ جو ڪلام بہ آهي.

ڀٽائي، جنهن جي درگاهہ تي اسان اڄ ڪٺا ٿيا آهيون جنهن وٽ اسان سنڌين لاءِ ۽ سنڌ جي نئين نسل لاءِ امر نپايو آهي، انهن شاعرن مان آهي، جنهن جي مٽيءَ کي مان ملندو آهي ۽ جنهن جي آسڻ تي ڪوڙئين سلام ڪندا آهن. اسان اڄ ان مٽيءَ کي سلام ٿا ڪيون، اسان انهيءَ آواز کي سلام ٿا ڪريون جو مٽيءَ جي مٺ مان اڀريو هو پر جو مٽي تي نہ سگهيو جو سدائين زندهہ آهي ۽ سدائين زندهہ رهندو. اسان انهيءَ درگاهہ تي شمعون ٻارڻ آيا آهيون جنهن اها ابدي شمع جلائي آهي، جنهن کي ڪوبہ طوفان وسائي نٿو سگهي ۽ جنهن جي لاٽ اسان کي سدائين رستو ڏيکاريندي رهنديءَ رستو جو گهڻو اڳتي وڃي رهيو آهي، جنهن جو پنڌ اَکُٽ آهي، جنهن تي اسان جا پير ٿڪجي ساهي پٽي اڳتي وڌن ٿا، اڳتي وڌندا رهندا، سدائين اڳتي وڌندا رهندا.

# ڀٽائي، سنڌ جو خواب

(1975ع ۾ مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد طرفان، لطيف جي ورسيءَ جي موقعي تي هڪ ادبي ويهڪ سڏائي ويئي، جنهن جي صدارت ڪندي شيخ اياز هيٺين تقرير ڪئي.)

جناب الانا صاحب ۽ دوستو!

ڪنهن شينهن کان پڇيو هو، توکي ڪنهن کان خوف ٿيندو آهي، هاٿيءَ کان چيتي کان يا وحشي سانَ کان؟ شينهن جواب ڏنو هو ته مون کي فقط جوُر کان خوف ٿيندو آهي. ڀٽائيءَ جا ڪيترائي نقاد اُهي جوُرون آهن، جي هن جي شاعريءَ جو رت چوسي، هن کي رت پُوڻو ڪري ڇڏين ٿيون. هن وقت تائين ڀٽائيءَ تي جو ڪجهه سنڌ ۾ لکيو ويو آهي، ان مان ورلي ڪي مضمون نظر اچن ٿا، جي مطالعي جي قابل آهن. انسان ذات تي جو به جبر ٿيندو رهيو آهي، انهيءَ تي اختيار پائڻ جو جذبو هن جي شاعريءَ ۾ عجيب رنگ روپ وٺي اچي ٿو. اهو جذبو انساني روح جي داخلي قانون سان خارجي قانون جي مطابقت پيدا ڪرڻ چاهي ٿو جو ڪجهه ٿيڻ نه گهرجي، ان کان انڪار جو جذبو ۽ ان جي خلاف بغاوت جو جذبو ۽ جو ڪجهه ٿيڻ گهرجي ان لاءِ عمل جو جذبو ۽ جدوجهد جو پيغام هن جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. اهو جذبو دنيا کي پنهنجيءَ دل جي مطابق ڦيرائڻ جو جذبو آهي، ان نئين دنيا بنائڻ جو جذبو آهي، جا وڌيڪ بهتر هوندي، وڌيڪ پاڪيزه هوندي، وڌيڪ ديانتدار هوندي ۽ وڌيڪ حق ۽ انصاف تي ٻڌل هوندي. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ انسان ذات ۽ ان جي مستقبل ۾ ڀرپور ويساهه ملي ٿو. جا شاعري آدرش کان عاري آهي، جنهن ۾ ڪائي آس نراس نه آهي،

جنهن شاعريءَ کي نہ ڪا ڏرتي آهي ۽ نہ جڙون آهن. جنهن مان سلا نڪري سگهن. اها شاعري اوتيل پيالي وانگر هوندي آهي، جا ڪنهن بہ پياڪ جي پياس ٻجهائي نہ سگهندي آهي. اهڙيءَ شاعريءَ ۾ نہ ٻج هوندو آهي، نہ آنڊا هوندا آهن ۽ نہ رت هوندو آهي، اها شاعري فقط لفظن ۾ بدلجي ويندي آهي، ان شاعريءَ جي هر سٽ بليغ بازيگري تہ ٿي سگهي ٿي، پر اها شاعري نہ هوندي آهي لفظن جي ڪلابازي هوندي آهي، فن جو ڪرتب هوندي آهي، ادبي نٽو سربازي هوندي آهي. انهيءَ شاعريءَ سان ٽڪر ڪائي سنڌ جي نوجوان شاعرن ڀٽائيءَ جي پيغام ۽ فڪر سان پنهنجو ناتو ڳنڍيو ۽ هن جي وحدت الوجود واري ڪيفيت کي سنڌ سان وحدت الوجود ۾ ڦيرائي ڇڏيو.

پوري ڪائنات سان لڳاءُ هوندي بہ پنهنجي ڌرتيءَ سان لڳاءُ برقرار رکي، ڀٽائيءَ پنهنجي شاعري کي اها امرتا ڏني آهي، جو صديون گذري ويون آهن. تڏهن بہ هو اڳي کان اڳرو آهي، نئين کان نئون آهي، موهڻي کان موهڻو آهي. اڄوڪي دور ۾ جڏهن اسان هن جو ڪلام پڙهون ٿا تہ هو اسان جي دور جي ڳالهہ ڪري ٿو. جيتوڻيڪ دنيا نهايت تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي، انسان چنڊ تي پهچي چڪو آهي ۽ هن جا خلائي جهاز مشتريءَ جي چوڌاري ڦيرا ڏيئي رهيا آهن. پوءِ بہ انهيءَ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دنيا ۾ انساني روح جو امر آواز ڪڏهن بہ پٺوڻو نہ پيو آهي، ڪڏهن بہ پٺوڻو نہ پوڻو آهي، ڀٽائي پاڻ چيو هو تہ:

"مڱڻهارن مپ، ڪونهي پيو ڪيرت ري"

اها ڳالهہ ڪيتري نہ سچي نڪتي آهي. وقت هن جي ڪلام کي ڪٿي ماپي، هن کي ابد تائين اپنائي چڪو آهي ۽ هو پنهنجي ڪلام ۾ ايستائين زنده آهي، جيئن بہ صديون اڳي هو.

هو اڪيون ٻوٽي جوڙڻهار کي تہ ڏسندو هو پر وري اهي پٽي هن ساري جوڙ ۽ جنسار کي بہ ڏسندو هو ۽ ان سان پنهنجو ابدي ناتو محسوس ڪندو هو. هو انهن صوفين مان نہ هو جي ساريءَ ڪائنات تي هڪ وڏيءَ مرغيءَ وانگر آرو ڪري ويهندا هئا. نہ هو سچل سرمست

وانگر هو جو آسمان ڏانهن پٽر اڇليندو هو تہ اهي پيچڙ تارا بڻجي ويندا هئا. مون ٻيتائيءَ تي ڪيئي تنقيدون ۽ تبصرا پڙهيا آهن، جن ۾ نہ ڪائي سگهہ هوندي آهي، نہ ساهہ هوندو آهي، نہ ون هوندو آهي، نہ واس هوندو آهي ۽ اهي ماڻهپي جي وٿ ڪان بہ بنهہ وانجهيل هوندا آهن. اهي تبصرا ڪڏهن انهيءَ گندي پاڻيءَ جي ٿانو وانگر هوندا آهن، جن ۾ سوين جيوڙا ٻُر ٻُر ڪندا نظر ايندا آهن ۽ ڪڏهن اهي تتي پاڻيءَ وانگر هوندا آهن، جن ۾ جيوڙا تہ ڪونہ هوندا آهن، پر جن ۾ ڪائي سگهاري وٿ بہ ڪانہ هوندي آهي. اهي تبصرا بلڪل بي جان هوندا آهن، زندگيءَ جي نفي هوندا آهن، مقبري جا پڙ هوندا آهن. انهن تبصرن ۾ ٻيتائيءَ جا اجهل اڏما، مٽيءَ جي سڳنڌ سان ٻوجهل اڏما، فقط هڪ بي جان ذهني کيل ٿي وڃن ٿا. انهن ۾ ڪجهہ ڪاريگري تہ هوندي آهي، پر انهن جو ٻيتائيءَ جي شاعريءَ سان واسطو بنهہ ڪونہ هوندو آهي.

انسان ٽن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا اهي، جن جو مقصد فقط پنهنجي زندگيءَ کي خوش گذارڻ هوندو آهي، کائڻ پيئڻ هوندو آهي، پيار ڪرڻ هوندو آهي، دولت، اقتدار ۽ ناموس حاصل ڪرڻ هوندو آهي. ٻيا انسان اهي آهن، جن جو مقصد اهو هوندو آهي تہ پنهنجي لاءِ بہ جيئڻ ۽ ٻين انسانن جي زندگيءَ سان بہ ناتو نڀايو اچن. هو ايئن محسوس ڪندا آهن تہ انسان پنهنجيءَ ذات پات، رنگ روپ، قوم نسل جي فرق جي باوجود هڪ جهڙا آهن ۽ ان ڪري هو سڀني کي پنهنجي خيالن جي روشني آڇيندا آهن، انهن سان پيار ڪندا آهن ۽ انهن سان نيڪي ڪندا آهن. آخر ۾ انسانن جو هڪ ٽيون قسم بہ آهي، جو هن پوريءَ ڪائنات سان وحدت الوجود جي ڪيفيت محسوس ڪري ٿو هر شي سان، هر انسان سان هر ساهواري سان، هر درخت سان، هر ستاري سان پاڻ کي هڪ سمجهي ٿو. اهڙا انسان سمجهن ٿا تہ ڪائنات جون سڀئي شيون هڪ آهن ۽ سڀئي هڪ عظيم جدوجهد ۾ رڌل آهن. اها جدوجهد ڪهڙي آهي؟ مان سمجهان ٿو تہ اها مادي کي

روح ۾ بدلائڻ لاءِ جدوجهد آهي، آواز کي راڳ ۾ بدلائڻ جي جدوجهد آهي، رنگ کي تصوير ۾ بدلائڻ جي جدوجهد آهي، پٿر کي مجسمي ۾ بدلائڻ جي جدوجهد آهي، ٻوليءَ کي شاعريءَ ۾ بدلائڻ جي جدوجهد آهي. انساني زندگيءَ کي هر ڏک کان، هر ظلم کان، هر جبر کان نجات ڏيارڻ جي جدوجهد آهي. جي پٺائيءَ جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي صحيح معنيٰ ۾ تبصرو ڪرڻو آهي ته پٺائيءَ کي انهن ٻوئين ٻن انسانن جي روپ ۾ ڏنو وڃي، ۽ تڏهن ئي اسان هن جي روح جي گهرائيءَ کي پهچي سگهنداسين. پٺ شاهه تي جڏهن مون هن جو ڪلام ٻڌو آهي ته منهنجا ڪن هن جي آواز سان ايئن ٻريا آهن، جيئن ڪوڏن ۾ سمنڊ جو آواز گونجندو آهي. پٺائي واقعي هڪ وحدت الوجودي هو. هن پراسرار ڪائنات جي هر رمز کي پنهنجيءَ رڳ رڳ ۾ محسوس ڪيو هو. هن جي شاعريءَ جي دنيا ڪنهن حدتائين رنگا رنگ اندلٺ جي دنيا هئي، پر ساڳئي وقت هن جا پير ڌرتيءَ تي هئا. هن جي سنڌ جي عوام سان بي انتها محبت هئي، انهيءَ عوام جو ڏک ۽ سک، آس ۽ امنگ هن جي شاعريءَ ۾ جهلڪندا رهندا. جيستائين هن ڌرتيءَ تي سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ وارو آهي، تيستائين پٺائي زنده رهڻو آهي. سنڌي ٻولي پٺائيءَ کان سواءِ اڻ پوري آهي. پٺائي ان جي پورڻتا آهي. ها، اهو سچ آهي ته پٺائي سنڌ جو خواب آهي، خواب جنهن جي تعبير اجا ٿيڻي آهي، ٿيندي رهندي، سدائين ٿيندي رهندي.

سر پورب ۾ هن ٻه سؤ ورهيه اڳ چيو هو ته:

پنيءَ ٿيون پڙڪن، باهيون بيراڳين جون،
هلو ته سيڪيون هٿڙا، مٿي تن مچن،
ملا سنياسين، جَڙُ لڳي مون جان ۾.

پٺائيءَ جي شاعري جي جڙ ٻه سؤ سال اڳ سنڌ جي جان ۾ لڳي هئي، هاڻي وڏي وڻ ٿي آهي، ڦلي ڦولي آهي، ڦلندي ڦولندي رهندي.

# شاهه جي شاعريءَ جا ٻه پاسا

(1980ع ۾ روسي سفارتخاني جي "فرينڊ شپ هائوس" ۾ شاهه لطيف جي 224 هين ورسي ملهائي ويئي. ان ادبي تقريب ۾ شيخ اياز مهمان خصوصي طور ڪوٺيو ويو هو ان موقعي تي هن هيٺين تقرير پيش ڪئي.)

محترم ڪونسل جنرل يو. ايس. ايس. آر معزز مهمانو ۽ دوستو!

اوهان شاهه لطيف جي 224 هين ورسيءَ تي مون کي مهمان خصوصيءَ جو شرف بخشيو آهي، ان لاءِ مان اوهان جو ٿورائتو آهيان.

ان ۾ شڪ نه آهي ته شاهه لطيف صوفي هو پر صوفي رومي به هو بيدل دهلوي به هو ۽ فارسي ۽ اردوءَ جا ٻيا ڪيئي شاعر به هئا. تصوف جو اثر نه فقط هن ننڍي کنڊ جي فارسي ۽ اردو شاعريءَ تي ٿيو آهي، پر ڪنهن حدتائين هندي شاعريءَ تي به ٿيو آهي، ۽ گورکناٿ جي پريم مارڳ تحريڪ کان وٺي ڪبير جي ڀڳتي تحريڪ تائين ۽ نانڪ جي گروانيءَ تائين ان جو اثر ظاهر آهي. پر ڀٽائي انهيءَ ڏس ۾ سڀني کان نرالو آهي. ڀٽائيءَ جو تصوف سان لڳاءُ نه فقط ظلم لاءِ نفرت، دولت ۽ اقتدار لاءِ نفرت، ۽ تعصب لاءِ نفرت جي ناڪاري وٿي پيدا ڪئي، پر ان نفرت جا هاڪاري پاسا به هئا ۽ اهي هئا رنگ، نسل، قوميت ۽ مذهب جي اختلاف جي باوجود انسانيت تي ايمان ۽ انسان ذات سان محبت، پنهنجي ديس جي عوام سان الست بربڪم واري وقت کان وٺي انس ۽ ايفا جو واعدو ۽ ان جي ڏک درد، اهنج ايذاءَ سان همدردي ۽ انهن جي ڏکي سکيءَ زندگيءَ ۾ بي انتها دلچسپي. اهي هاڪاري پاسا هئا، انهيءَ نفرت جا، جيڪا هن وحدت الوجود جي فلسفي، ظلم، دولت،

اقتدار ۽ تعصب لاءِ پيدا ڪئي هئي. ڀٽائيءَ جي دور ۾ پورچيگيزن ٺٽي تي حملو ڪيو هو ۽ شهر کي لٽي ڦري ان کي باهه ڏئي ساڙيو هئائون ۽ تهذيب جي انهيءَ عظيم مرڪز مان آسمان تائين اُلا اڀرندي ڏٺا ويا هئا. انهيءَ دور ۾ نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو هو ۽ لکين ماڻهو بيدرديءَ سان ماريا ويا هئا، ۽ ايتري خونريزي ڪئي هئائين ۽ ايتري ڦرمار ۽ ڀوَڏر جي فضا پيدا ڪئي هئائين، جو اڄ تائين سنڌيءَ ۾ محاورو آهي ته ”نادري حڪم ٿو هلائين“ ۽ پهاڪو آهي ته ”نادر به نادر آهي، پر قادر به قادر آهي.“ اهو دور هو جڏهن ٺٽي ۾ مقرر ٿيل مغل گورنر ۽ سنڌ جي جاگيردارن گڏجي شاهه عنايت کي شهيد ڪرايو هو. شاهه عنايت جو وجود تاريخ جو هڪ سياسي اتفاق هو جيئن اسپارٽيڪس جو وجود روم ۾ غلاميءَ خلاف بغاوت جو هڪ اڪيلو ۽ انوکو مثال هو. شاهه عنايت انهيءَ دور ۾ جاگيردارن جي خلاف تحريڪ هلائي هئي ۽ جهوڪ ۾ هڪ وڏو ڪميون ناهيو هئائين، جتي هاري گڏجي پوکيندا هئا ۽ گڏجي، ونڊي ورهائي کائيندا هئا. ان دور جا جاگيردار اقتصادي ڦرلٽ خلاف اها ڪلمر ڪلا بغاوت برداشت نه ڪري سگهيا هئا ۽ شاهه عنايت کي مارائي ڇڏيو هئائون. اهو دور افراتفريءَ جو دور هو، شهر آشوب جو دور هو، نفسانفسيءَ جو دور هو. انهيءَ دور ۾ ئي هندستان ۾ گورنرن بغاوت ڪئي هئي ۽ مغل حڪومت ٽٽي رهي هئي. انهيءَ دور ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو متعصب ملو پيدا ٿيو جنهن جو وجود انسان دوستيءَ ۽ رواداريءَ لاءِ نفرت ۽ تعصب جو وڏي ۾ وڏو ڳڙهه هو. انهيءَ دور ۾ سنڌ جو عوام هيسيل، هراسيل، بڪايل، ڏڪايل، ارهو آواهو ۽ اڌر هو. ڀٽائيءَ انهيءَ دور جي هن ريت عڪاسي ڪئي آهي:

”پاڙي ناهه پروڙ ته ڪا رات رنجائي گذري“

انهيءَ ڏاڍ، ڦرلٽ، ڏڪار، ڪترپٽي ۽ ڪيني جي دور ۾ ڀٽائيءَ جي شاعري ماحول جي ساري ڪوڙ ۽ ڪچ کي ٺوڪر هڻي، انسانيت، شرافت، اخوت ۽ محبت جو پيغام ڏنو. بنيادي طرح هر صوفي شاعر جي شاعريءَ ۾ ڪوئي اتت جو اونو ملندو آهي، ڪوئي ڏورانهين جو

ڏس هوندو آهي، ڪنهن ابدي حقيقت جي تلاش هوندي آهي، پر ڀٽائيءَ جي شاعري هن پراسرار ڪائنات تي ڪنهن وڏي مرغيءَ وانگر آرو ڪري نہ ويني آهي، اها تہ ڪويل جي ڪوڪ آهي، جا ڪائنات جي سيني ۾ پيهي وڃي ٿي ۽ ان جي ڳجهاندر ڳالهڙي کي ڳوليندي رهي ٿي. تصوف سان انهيءَ بنيادي لڳاءَ جي باوجود ڀٽائي ڪائنات جي پراسرار حقيقت جي پرجهہ ۽ پروڙ لاءِ عوامي زندگيءَ ۾ علامتون ڳولي ٿو ۽ پنهنجيءَ جستجو کي عوامي زندگيءَ جي گوناگون حقيقت جا پهراڻ پهرائي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ ڪاسبين، ڪاپائتين ۽ ڪورين، مڇي ڇٽ وارن مياڻين ۽ مهاڻن، اُجهامي ٻرندڙ اڳارن ۽ ڏنوڻين تي ڏڳن، ڏٽ ڏوريندڙ ڏوتين، ٽريلين، ٽرجائين ۽ پکن ۾ پونهارين، پسي ۽ پيرون، مانڌاڻي ۽ مڪ تي قوت ڪندڙ ماروئن، نهائين ۾ گهڙا پچائيندڙ ڪنڀارن، پاڻي ۾ لٽا ڌوئندڙ پرٽياڻين، اونهي سان اٽڪندڙ مڪڙيون مکيندڙ تن تنيندڙ ناڪئن انهن سڀني جون زندگيون، رهڻيون ڪهڻيون، ريتون رسمون علامت طور ڪم آنديون. اها ڳالهہ اسان کي دنيا جي ٻي ڪنهن بہ صوفي شاعر ۾ نٿي ملي. هن جي زندگيءَ جا اهي ناڪاري ۽ هاڪاري پاسا اسان کي هن جي هڪ هڪ شعر جي هڪ هڪ سٽ ۾ ملن ٿا. مثال طور سرگهاتو ظلم ۽ جبر جي خلاف اجتماعي جدوجهد جي علامت آهي. ماحول جي مونجهہ ۾ ويڙهيل انسان سوچي سمجهي بہ نہ ٿا سگهن تہ ڇا ڪيو وڃي. اها ڪيفيت ڀٽائيءَ انهيءَ سر جي هڪ سٽ ۾ هيئن ظاهر ڪئي آهي:

گهنگهريا گهڻ جاڻ، موڙهي مت مهانئيين،
وٺا گڏجي وير ۾، پٺا مہ مهراڻ،
اڳيان پويان ناڻ، وٺا ويچارن وسري

جڏهن رات ٿئي ٿي ۽ انهن جا مولهيا ماڪ ۾ پڇي وڃن ٿا، انهن جون اوليون اجهڻ لڳن ٿيون، ونجهہ وهي وڃن ٿا، تڏهن هو اپاڻڪو ٿي سوچي ٿو.

ڪلاچيا ڪهي، ڪڏهن ڪوبہ نہ آئيو!

ماحول تي ڇوڏاري ڇانيل مايوسيءَ جو هو هن طرح ذڪر ڪري ٿو:

نڪا ٻوءِ بزار ۾، نڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اُگهٽ،
هي پڙ پسؤ پٽ، ماٺهو وڃن موٽيا.

۽ پوءِ مڇ ڪي مارڻ لاءِ گهاتن ڪي واهہ وسيلا، طور طريقا ٿو ٻڌائي:

جئن جهڳا پائين، جهول ۾، ايئن نہ مرن مڇ،
سپر ڏار سمونڊ جا، ڪي رائون، رگيون رڇ،
هي ڇارون ۽ ڇڇ، اجا اوڙاهہ اڳاهون ٿيو.

۽ جڏهن سهي سنيري گهاتو گهير ۾ گهڙي، رگيل رڇ وجهي، مڇ ڪي مارن ٿا، تڏهن هو چوي ٿو:

گهوريندي گهور پٽا، اگهور گهوريائون،
مگر مارئيائون، ملاحن منهن سنرا.

تاريخ ۾ اگهور ڪي گهورڻ، مايا ڪووسڪيءَ وانگر 1916ع ۾ انقلاب ڪي ايندو ڏسڻ، هر ڪنهن شاعر جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. انهيءَ طرح پٽائيءَ جي هر سُر ۾ اهي منفي ۽ مثبت پهلو نفرت ۽ محبت جا جذبا ملن ٿا.

سريمن ڪلياڻ ۾ ڏيهي ماڻهن جي پيڙ هيئن چٽي اٿائين:

وڍوڙن وٺاءِ، رهي اڇجي راتڙي

يا ههڙيون سٽون لکيون اٿائين:

اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهہ، واڍوڙڪي منهين،
جه پڻ پيين سنجهہ، هو پنيون هو پٽيون.
اڄ پڻ ڪهڙي دانهن، واڍوڙڪي منهين،
وبج ورائي ٻانهن چوري چاڪ نهارئا.

اقتصادي ڦرلٽ جي خلاف نفرت جو اظهار هن هيئن ڪيو آهي:

ڏڪاريا سپ ڏيهہ مان موذي شال مرن.

ڪاهوڙي ڪجن پسي پورهيت ويسرا.

۽ انهيءَ جذبي جو مثبت اظهار سنڌ لاءِ دعا جي صورت ۾ ڪيو اٿائين:

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار.

سر سامونديءَ ۾ ڪوڙي ڪچ جي سودي لاءِ ڏڪار جو اظهار آهي، ته سر سارنگ ۾ هن اجايل ڏرتيءَ جي آس ۽ امنگ کي چٽيو ويو آهي:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪئي چوٽي
منداڻتي مينهن جي، ڪنوڻ نه کوٽي
آءَ لالڻ موٽي، گهورڻا رسڻ ڏينهڙا.

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڏڪار ۽ پيار جا اهي ٻئي پاسا هن جي صوفياڻي پيغام سان گڏوگڏ هر هنڌ ملن ٿا. ٻن صدين کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي، پر پوءِ به اهي ڏڪار ۽ پيار جا جذبا اڄا تائين اسان جي روح کي گرمائيندا رهيا آهن. ڀٽائيءَ جي شاعري هن ڌرتيءَ کي هڪ انوکي سالميت ڏني آهي. انهيءَ شاعريءَ جو هتان جي ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾ اڄا تائين واسو آهي، جو جڏهن به ڀٽائيءَ جو ڪلام ڳايو وڃي ٿو، تڏهن هو ايئن سمجهن ٿا ته هڪ جسم وانگر ساڳي سڳنڌ مان ساهه کڻي رهيا آهن، ته هو هڪ آهن. صدين کان وٺي هڪ ٿي رهيا آهن، ۽ صدين تائين هڪ ٿي رهندا. هن دنيا جي رنگا رنگ چمن ۾ اهو واريا سي جو گل هڪ انوکو رنگ ۽ خوشبوءِ کڻي آيو هو جنهن جو رنگ ۽ خوشبوءِ اڄا تائين ڦڪا يا جهڪا نه ٿي سگهيا آهن.

عظيم شاعر صدين جا سوداگر ٿيندا آهن، هو اهو وکر وهائيندا آهن، جنهن سان انساني من سدائين مالامال رهندو آهي، جيئن وقت گذرندو آهي، تيئن اڳي کان اڳرو ٿي جرڪندو آهي، پنهنجي نئين سجاڻ پائيندو آهي ۽ سمي جا هاٿڪ هاڃا هن کي نهوڙي نه سگهندا آهن. انهيءَ جاگيرداري دور ۾ جنهن ۾ ڀٽائي پيدا ٿيو هو نه فقط هندستان جا پر پوري مشرق جا شاعر گهٽو ڪري وقت جي حاڪم جا قصيدا لکندا هئا، انهن جي گذران جو ذريعو ئي دربار تي هوندو هو.

آسمان ۾ عيد جو چنڊ ڏسندا هئا تہ هنن کي بادشاهہ جي گهوڙي جو نعل ياد ايندو هو. ورلي ئي انهيءَ دور ۾ ڪو اهڙو شاعر ٿيو هوندو جنهن جاگيردار طبقي کان ايتري نفرت ڏيکاري هوندي، جنهن پنهنجي شاعري کي مسڪين ماروئڙن جي ڏک سک ۾ ايتريءَ حدتائين ياڳي پائيوار ڪيو هوندو. پٽائيءَ جي سٽ سٽ ۾ انهن جي پڳهر جو واس آهي، انهن جي گرم ڳوڙهن جو سيڪ آهي. انهن جي بکايل آنڊن جا وٽ آهن، انهن جي اجايل اکين جي پياس آهي. ورلي ڪنهن شاعر جي شاعري اجتماعي زندگيءَ سان ايئن ملي هڪ ٿي وئي هوندي، پنهنجي اکٽ انفراديت محفوظ رکندي بہ هڪڙيءَ سگهڙ پيڙيءَ وانگر ساگر جي چولين ۾ ملي وئي هوندي. مان هن جون کهڙيون سٽون چونڊي کهڙيون چونڊيان:

ور سي وطن جائيون، صحرا ستر جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوڇڻ اباڻن،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهہ جهنگن،
مون کي ماروئڙين، سڄ ڳٺائي سيج ۾.

❊❊

مٿن ٿبڪ ٿبڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪڙيون کيهہ ڍڪليون، پڳهر سر پيرن،
اي وڙ ويڙيچن، مون لوڏائين لکيا.

اهو من جو مارن سان سنهيءَ سئيءَ سبيو هو اجا تائين تاريخ ان جا ٽوپا اڊيڙي نہ سگهي آهي.

❊❊

# مولانا رومي، ۽ شاهه لطيف

## (اردوءَ تان ترجمو)

(فيبروري 1978ع ۾ پشاور يونيورسٽي جي سهاري هيٺ مولانا روميءَ جو ست سؤ ساله جشن ملهايو ويو. 12 فيبروري تي شيخ اياز ان جشن جي افتتاحي اجلاس ۾ مٿين موضوع سان صدارتي تقرير ڪئي، جا هت شايع ڪجي ٿي.)

مجمع الفصحا جي ليکڪ رضا قلي هدايت، ايران جي چئن ڪتابن کي دنيا جي مقبول ترين ڪتابن ۾ شمار ڪيو آهي. فردوسيءَ جو شاهنامو، گلستان سعدي، مولانا روم جي مثنوي ۽ حافظ جو ديوان. جيڪڏهن اسين انهن چئني ڪتابن جو تقابلي مطالعو ڪريون، ته دلچسپي ۽ مقبوليت جي لحاظ کان، مولانا روم جي مثنوي کي اعليٰ مرتبي ۽ پهرين درجي تي ڏسنداسين. ان ڪتاب جي مان مرتبي جو ان کان وڏو ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو جو ان کي،

هست قرآن درزبانِ پهلوي

(يعني: هي پهلوي ٻوليءَ جو قرآن آهي) چيو ويو آهي. اها حقيقت آهي ته ان مثنوي ۾ دين جا جيڪي ڳُجهه ۽ راز ۽ تصوف جا جيڪي نُقطا بيان ڪيا ويا آهن، انهن سببان ايران، خراسان، ترڪي ۽ هندستان توڙي پاڪستان ۾ هن کي هڪ پاڪ ۽ آسماني صحيفي جو مرتبو حاصل آهي.

خود مولانا روميءَ پنهنجي دؤر جي فقيهن تي چٽر ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

من زِ قرآن بر گزيدم مغز را
استخوان، پيشِ سگان انداختم.

(قرآن جو مغز مون پاڻ وٽ سنڀالي رکيو باقي جيڪي هڏيون بچيون سي ڪُتن اڳيان اڇلائي ڇڏيم.)

مولانا رومي اج کان اٽڪل ست صديون اڳ، يعني 672هه ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو پر ان ڊگهي عرصي ۾ سندس مثنويءَ جي مقبوليت ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانه آئي آهي. هر دور ۾ اها نه رڳو ذوق شوق سان پڙهي ويئي، پر وقت بوقت ان جي نت نئين انداز ۾ تشريح به ڪئي وئي. علم ۽ ادب وارن نه رڳو ان جي اسلوب کي پنهنجو ڪيو پر روميءَ جي فڪر مان به فيض پرايائون. موجوده دور ۾ مولانا روميءَ جي پيرويءَ جو سڀ کان روشن مثال علامه اقبال جي شاعري آهي.

مولانا روميءَ جي ڪلام جي انداز جي پيروي سندس زندگيءَ ۾ ئي شروع ٿي چڪي هئي. اجا به ايئن ڪٽي چئجي ته ان جي پيروي هڪ تحريڪ جو روپ وٺي چڪي هئي. سندس پٽ سلطان جي مثنوي ”رباب نامو“ (جيڪا هن پنهنجي پيءُ جي پيروي ڪندي لکي هئي.) جي مهاڳ مان معلوم ٿئي ٿو ته مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو اسلوب ۽ بحر دلين تي ايترو ڏاڍو ڇمائي چڪا هئا، جو صوفياڻن خيالن پيش ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ٻيو ڪو انداز وڻندو ئي ڪونه هو.

نائين صدي هجريءَ ۾ مثنوي جي مقبوليت ۾ اجا به گهڻو واڌارو آيو حسين خوارزمي جي شرح ”جواهر الاسرار“ جا 835هه ۾ لکي وئي، پنهنجي وقت جي هڪ اهم يادگار آهي. ڏهين صديءَ هجريءَ ۾ مولانا روميءَ جي مثنوي ڪورس ۾ شامل ڪئي وئي.ايران ۽ خراسان ۾ ان جي ڏکين پهلوئن کي سمجهڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو. ان دؤر جي ٻين تصنيفن ۾ علامه داعي شيرازي ۽ سروريءَ جون تشريحون ۽ شاهديءَ جي گلشن توحيد جو انتخاب، جو 937هه ۾ ترتيب ڏنو ويو، خاص ڪري ذڪر جوڳا آهن. انهن ڪتابن ۾ داعي شيرازيءَ جي شرح اهڙي آهي، جنهن ۾ لفظن سان گڏوگڏ مثنويءَ جي رمزن ۽ معارفن جي

وضاحت بہ ملي ٿي.

داعي شيرازي، جيڪو 915ھہ ۾ گذاري ويو حضرت شاهہ نعمت الله جو ساٿي هو ۽ تمام گهڻي عرصي تائين زهد ۽ عبادت ۾ هن سان گڏ رهيو.

ڏهين ۽ يارهينءَ صديءَ ڌاري مولانا روميءَ جي مثنوي هندستان جي ڪورس جي ڪتابن ۾ بہ شامل ٿي وئي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان دؤر ۾ ان تي ڪنهن اهم ايياس جو پتو نٿو پوي، ان جو سبب شايد اهو هجي تہ اڪبر جو دؤر عقليت جو دؤر هو ۽ اهڙي دؤر ۾ عرفاني ۽ وجداني قدرن لاءِ گنجائش ڪيڻ هڪ ڏکي ڳالهہ هئي.

اڪبر ۽ جهانگير جي دؤر ۾ مثنويءَ جي گونج ڪجهہ گهٽ ٿي سهي، پر ختم نہ ٿي هئي، ڇاڪاڻ تہ يارهين صدي هجريءَ ۾ هندستان ۽ ايران ۾ جيڪي شرحون لکيون ويون، انهن جو تعداد چڱو چوکو آهي. انهن شرحن ۾ عبدالفتاح جي ”مفتاح المعاني“، عبداللطيف عباسيءَ جي ”لطائف المعنوي“، محمد رضا جي ”مڪا شفات رضوي“ ۽ ”شرح شاهہ عبدالفتاح“ خاص طور تي ذڪر لائق آهن.

عبداللطيف عباسي شاهہ جهان جي دؤر جو ليکڪ آهي. هن ”نسخئہ ناسخا مثنويات سقيمہ“ جي نالي سان مولانا روم جي مثنويءَ جو هڪ مستند نسخو تيار ڪيو هو ۽ ”لطائف اللغات“ جي عنوان سان ڏکين لفظن جي لغت بہ ترتيب ڏني هئي.

مثنويءَ کي سڀ کان وڌيڪ مقبوليت اورنگزيب جي دؤر ۾ حاصل ٿي. ان دؤر ۾ عاقل خان رازي ۽ سيد شڪرالله خاڪسار جي شرحن کي تمام گهڻي پذيرائي حاصل ٿي. ان زماني ۾ روميءَ جي مثنويءَ جي مقبوليت جو اهو حال هو جو اميرن جي ڪچهرين ۾ ان جي مطالعي ۽ ڄاڻ کي تهذيب ۽ سلڇڻائپ جو دليل سمجهيو ويندو هو. ان دؤر ۾ جيڪي ڪتاب ۽ شرحون مثنويءَ بابت لکيون ويون، انهن ۾ محمد عابد جي ”المغني“ (1100ھہ)، شاهہ افضل الهہ آباد جي ”حلِ مثنوي“ (1104ھہ)، خواجہ ايوب پارسا لاهوريءَ جي ”شرح مثنوي“

(1120هه). ولي محمد اڪبر آبادي جي ”مخزن الاسرار“ (1149هه)، بهلول برڪيءَ جي ”شرح مثنوي“ ۽ خليفي خويشگي قصوريءَ جي ”اسرار مثنوي“ گهڻي اهميت وارا آهن.

سنڌ ۾ اهو دؤر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دؤر آهي. شاهه صاحب به، جنهن جو مرتبو انهن سڀن کان مٿاهون آهي، مولانا روميءَ کان تمام گهڻو متاثر هو. مشهور ڪلهوڙي حاڪم ميان نور محمد مثنويءَ جو هڪ سونو نسخو شاهه صاحب کي سوکڙيءَ ڪري موڪليو هو. شاهه صاحب قرآن شريف سان گڏ اها مثنوي به سدائين پاڻ سان گڏ رکندو هو.

مولانا روميءَ جو هڪ مصرعو آهي:

سنديان را، اصطلاح سند مدح

(سنڌين کي سنڌي زبان ئي سونهين)

اهو مصرعو ڄڻ ته هڪ اهڙي اڳڪٿي آهي ته سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ مان هڪ اهڙو ماڻهو پيدا ٿيندو جيڪو مولانا روميءَ جي فڪر جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي عوام کي حق ۽ دين جي رازن کان واقف ڪندو.

بقول مولانا رومي:

شاهه بود و شاهه حق آگاهه بود

شاهه عبداللطيف ڀٽائي واقعي حق جو ڄاڻو هو. هن ۾ ۽ مولانا روم ۾ غيرمعمولي هڪ جهڙائي ۽ هم آهنگي ڏٺي وڃي ٿي. ٻئي فراخ دل ۽ آزاد خيال آهن ۽ ٻئي ڪنهن به قوم ۽ مذهب جي مت ڀيد ڌاران، سڀني کي پيارا آهن.

”شاهه جي رسالي “ جو هڪ نسخو جيڪو ڀٽ شاهه ۾ ڀٽائيءَ جي روضي تي سانڍي رکيو ويو آهي، هن بيت سان شروع ٿئي ٿو:

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن ڀڃ ڀنهنجا ساريا، هو هنجون هنن لاءِ هاري،

اهو بيت مولانا روميءَ جي انهن بيتن جي ياد ڏياري ٿو جن سان

مثنوي جي شروعات ٿئي ٿي:

بشنواز نے چوں حکایت می کند
وز جدائی ها شکایت می کند
کز نیستاں تامرا ببریدہ اند
کز نفیرم مرد وزن نالیدہ اند

ٻنهي ڪتابن جي شروعات حمد ۽ نعت سان ٿئي ٿي. ٻنهي جي ڪلام جو روح( تت) قرآن حڪيم مان ورتل آهي. ٻئي اسلامي تصوف جا اعليٰ ترجمان ۽ متاهين ڏاڪي جا مفسر آهن.

وحدت الوجود جو مسئلو تصوف جو ڏاڍو نازڪ ۽ ذڪيو مسئلو آهي. شاهه صاحب ان جي تشريح هن طرح ڪري ٿو:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳهم گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

مولانا رومي جي مثنويءَ ۾ به اهو خيال ڪيترن ئي جاين تي ادا ٿئي ٿو ته بيت اوهان آڏو پيش ڪريان ٿو:

ماچونائیم ونوادرباز تست ماچو کوهیم وصدا درباز تست
آں صدا ئش اصل هر بانگ ونواست خوندا آنست واین باقی صداست

ٻنهي کي حضور اڪرم صہ سان جيڪو عشق هو شاهه صاحب جي لفظن ۾ ٻڌندا:

جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪيائين نروار،
حامي هادي هاشمي سردارن سردار،
سونهين صحابن سٽ ۾، منجهه مسجد مٽيادار،
چارئي چڱا چوڏار هئا، هيڪاند حبيب سين.

مولانا رومي چئي ٿو:

سیدو سرور محمد نورِ جان بهتر و مهتر شفیع مجرمان
گو بگویم تا قیامت نعت او هیچ آں را مقطعِ غایت مجو

مولانا روميءَ کي تعليم لاءِ سندس والد، شيخ برهان الدين کي مقرر ڪيو هو. شاهه صاحب کي به سندس والد، آخوند نورمحمد وٽ

پڙهڻ لاءِ موڪليو اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مولانا روميءَ درسي تعليم حاصل ڪري ورتي، پر شاهہ صاحب الف کان اڳتي پڙهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سندس هڪ بيت آهي:

هلائج هنئين ۾، الف سندي اوڙ
تہ ڪتابن جي ڪوڙ منجهائين معلوم ٿئي.

مولانا روميءَ بہ ڪتابي علم کان وڌيڪ پيهي پروڙڻ جي تعليم ڏني ٿو:

خود بہ بين اندر چو علم انبياء
بے کتاب و بے معيد و اوستاد

علامہ اقبال جي لفظن ۾ ان پروڙڻ جي تشريح هيئن ٿيندي:

دل بيدار فاروقي، دل بيدار کراري
مس آدم کے حق ميں کيميا ہے دل کي بيداري۔

شاهہ صاحب دل جي ان سجاڳيءَ لاءِ دل جي صفائيءَ تي زور ڏني ٿو:

صوفين صاف ڪيو ڌوئي ورق وجود جو
تهان پوءِ ٿيو جيئري پسڻ پرينءَ جو.

مولانا رومي ساڳي ڳالهہ هنن لفظن ۾ چئي ٿو:

شيشہ دل چوں شود صافي و پاک
نقشہا بيني بروں از آب و خاک۔

شاهہ صاحب کي مولانا روميءَ سان جيڪا عقيدت هئي، ان جو اظهار شاهہ جي انهن بيتن ۾ بہ ملي ٿو جيڪي سندس رسالي جي سريمن ڪلياڻ ۾ آهن:

طالب ڪٿر، سُنه سرُ، اندر روميءَ راءِ
ماڙهو ات ڪِٿاءِ، منڊ نہ پسن منڊئوا!
طالب ڪٿر، سُنه سر، ايءَ روميءَ رُوءِ،
جنين ڏٺي جُوءِ، تنين ڪيچيو ڪين ڪي.
طالب ڪٿر، سُنه ستر، روميءَ چيو آهي،

تاڙي جو لاهي، تہ منجهہ مشاهدو ٿئي.
طالب ڪٿر، سُنه سَرُ، ايءَ رومي جي رهاڻ،
پهرين وڃائڻ پاڻ، پسڻ پوءِ پرين کي.
طالب ڪٿر، سُنه سر، ايءَ رومي جي راحت،
جنين ڏني مت، تنين ڪڇيو ڪين ڪي.
طالب ڪٿر، سُنه سَرُ، اي روميءَ جي اوطاق،
جي ڀڄي در فراق، تہ منجهہ مشاهدو ٿئي.

شاهہ سائين نج مذهبي ماحول ۾ نپنيو ۽ پليو هو. هن اسلام جي صحتمند اصولن کي ڏاڍي سلڇٽائپ سان پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪلام جي پيڙهہ تصوف تي رکي. پر هي اهو تصوف نہ آهي جيڪو صوفين کي بي عمل بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ زماني سان سمورا واسطا ٽوڙي انهن کي گوشہ نشين رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي. اسلام ۾ هڪ اهڙو دؤر بہ ملي ٿو جڏهن تمام گهڻا مسلمان فلسفي ۽ علماءَ يوناني فلسفي کان تمام گهڻو متاثر نظر اچن ٿا. يوناني فلسفي جو لاڳاپو پڇاڙيءَ ۾ متحرڪ حياتيءَ کان ٽٽي پيو جنهن اُن کي عينيت (Idealism) ۾ بدلائي ڇڏيو. عقليت (Reationalism) سٺي شيءِ آهي، پر جيڪڏهن اها زندگيءَ سان پنهنجو ڳانڍاپو ٽوڙي ڇڏي ۽ هوا ۾ لڙڪي پئي تہ فائدي بدران نقصان پهچائيندي آهي. اهائي اُها يوناني محدود عقليت هئي، جنهن کان ان وقت جا مسلمان عالم متاثر هئا. ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم مرحوم ان مسئلي تي ڏاڍي ڏاهپ سان روشني وڌي آهي. هو چئي ٿو:

”روميءَ جي دؤر ۾ هڪ محدود قسم جي يوناني حڪيمن کان ورتل عقليت اسلامي عقيدن کي منطق ۽ علم الڪلام جي هڪ ڳجهارت بڻائي ڇڏيو هو... اسلام انسان کي سمجهہ ۽ سوچ، ۽ زمين ۽ آسمان جي لقائن جي ڳوڙهي اڀياس جي هدايت ڏئي ٿو ۽ عقل کي ڪم نہ آڻڻ وارن کي جانور بلڪ اجا ان کان بہ ڪريل مخلوق ڄاڻائي ٿو. پر جنهن قسم جي عقل کي قرآن ڪريم استعمال ڪرڻ جي

تعليم ڏئي ٿو اهو عقل اهڙو هئڻ گهرجي، جيڪو حياتي ۽ ڪائنات جي گهري مطالعي تي مبني هجي... مولانا روميءَ جي زماني ۾ عقليت جو ڍانچو ڪجهه اهڙي قسم جو هو جو نه فطرت جي مشاهدي ۾ مددگار ٿيندو هو ۽ نه نفس جي ڪشادگي ۽ پاڪائيءَ ۾...... روحانيت جا دعويدار رهبانيت ۽ دنيا کي ترڪ ڪرڻ جو لاڙو رکندا هئا. انهن وٽ نه ڪائنات جو مشاهدو هو نه فطرت کي فتح ڪرڻ ۽ قوم کي سگهاري ڪرڻ جي خواهش. تصوف هڪ حياتيءَ کان لنوائيندڙ شيءِ ٿي پئي هئي. دنيا جو ڪوبه شعبو پرواهه يا ڌيان جوڳو نه هو. قرآن جي تعليم اها هئي ته ظاهر به حق آهي ۽ باطن به حق... خدا جي خلقت ۽ ڪائنات منجهه نه بناوٽ (ڪوڙ) آهي، نه فتور. پر دنيا کي هيچ سمجهڻ وارن ان کي ڪنهن پاڳل جو خواب بڻائي ڇڏيو هو...

علم ۽ حڪمت کي قرآن ڪريم وڏو خير چئي ٿو. پر صوفين چوڻ شروع ڪري ڏنو هو ته علم وڏو حجاب (پردو) آهي. خدا وجود کي حقيقي چئي ٿو ۽ نعمت طور پيش ڪري ٿو پر صوفي چوندو هو ته تنهنجو وجود ئي سڀ کان وڏو گناهه آهي... سموري ڪائنات خدا جو خواب ۽ خيال بڻجي ويئي هئي.“

مولانا روميءَ اِهڙي قسم جي بي عمل تصوف تي سخت تنقيد ڪئي ۽ تصوف کي عملي ۽ متحرڪ زندگيءَ سان همڪنار ڪري ان کي هڪ نئون موڙ ڏنو. هو هر مسئلي تي وڏي جرئت سان تنقيد ڪري ٿو. هو جاڻ ۽ علم جو متوالو آهي ۽ عقل کي خدا جي هڪ وڏي نعمت سمجهي ٿو. هن لاءِ مادي کان خدا تائين، زندگي ئي زندگي آهي. حياتيءَ جو هر ڏاڪو زندگيءَ جو ئي هڪ ڏاڪو آهي ۽ جتي زندگي آهي، اتي ڪنهن نه ڪنهن درجي جو عقل ضرور آهي. جتي عام صوفين فنا ۽ ترڪِ دنيا کي دين سمجهيو آهي، اتي روميءَ ان کي بقا جي نظريي ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. هر ترقيءَ جي لاءِ پهرين حالت کي فنا ڪرڻو پوندو آهي، پر ان جو مقصد بقا هوندو آهي. عجمي تصوف ۾ ضرورتن جي ڇڏڻ کي خدا تائين پهچڻ جو وسيلو سمجهيو ويندو

آهي، پر روميءَ حاجت کي وجود ۾ پلائيءَ جو سرچشمو سڏيو آهي. هن جي نظر ۾ زندگيءَ جون گهرجون تمام متاهيون آهن.

اهوئي اُهو عملي تصوف آهي، جنهن سان شاهه صاحب جو ڪلام ڀريل آهي. ان تصوف جا بنيادي محرڪ سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي ڳوناٽي ۽ عوامي زندگيءَ جا روحاني، معاشي، سماجي ۽ سياسي لاڙا آهن. شاهه صاحب جي بيتن، واين ۽ ڏوهيڙن ۾ تصوف سان گڏوگڏ سندس دؤر جي گهمندڙ ڦرندڙ جيئري جاڳندي زندگي پنهنجا نظارا ڏيکاري ٿي. دراصل شاهه صاحب جا صوفياڻا خيال هوا ۾ لڙڪيل نه آهن، پر انهن جي پيڙهه انسان ۽ ان اڳيان پکڙيل ڪائنات تي آهي.

مولانا رومي جڏهن ڪنهن مسئلي کي نبيرڻ گهري ٿو، ته ان لاءِ جتي هو منطقي دليل ڏئي ٿو اتي تشبيهن ۽ تمثيلن کان به ڪم وٺي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح ننڍين ننڍين ڪهاڻين وسيلي پنهنجي مقصد کي وڏيڪ من موهيندڙ انداز ۾ بيان ڪري وڃي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ وٽ به روميءَ جو اهو انداز موجود آهي ۽ ان لحاظ کان ان ڳالهه ۾ ٻنهي ۾ گهڻي ساڳيائپ ڏسي وڃي ٿي. پر ٻنهي ۾ هڪ بنيادي فرق به آهي ۽ اهو هي آهي ته رومي پنهنجي مقصد جي وضاحت لاءِ پاڻ ڪهاڻيون جوڙي وٺي ٿو جڏهن ته شاهه سائين عوام منجهه مقبول قصن ۽ ڪهاڻين کي ئي بنياد بڻائي مسئلن کي نبيرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. شاهه صاحب جي ان واٽ وٺڻ سان جتي سندس ڳالهه سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي، اتي هن جي انداز ۽ لهجي ۾ وڏي ڪشش ۽ دل نشيني به پيدا ٿي پئي ٿي. ڪجهه بيت اوهان اڳيان آهن:

سڀ ۾ پنهون پاڻ، پيو ڪونه پروچ ري،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون.

هو ڪثرت ۾ وحدت جو مشاهدو ڪري ٿو ۽ ان کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڪوڙين ڪايائون تنھنجون، لکن لک ھزار،
جيءَ سپ ڪنھن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار،
پريم تنھنجا پار، ڪھڙا چئي ڪھڙا چوان.

وحدتا ڪثرت تي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي ھيڪڙو، بولي ٻي مَ ٻُل،
ھو ھلاچو ھُل، بالله سندو سڄڻين.

شاھ سائينءَ ڪي وڻ ٽڻ، پکي پسون، ريگستان ۽ گلزار جھنگ جھر، جبل جر، شھر ۽ واھڻ ۽ ٻين فطري لقائن ۾ خدا جو روپ بہ پسند ھو تہ ان سان گڏ انھن جي زميني رشتن تي بہ سوچ ويچار ڪندو ھو. زمين جي انھيءَ رشتي سان، ھو انسان جي زندگيءَ جو بہ تجزيو ڪندو ھو.

شاھ صاحب جو دؤر برصغير ۾ وڏي بدحالي، سياسي ۽ سماجي ۽ معاشي گھوٽالي جو دؤر آھي. مغل شھنشاھيت جي زوال پذيري، نادر شاھ دُرانيءَ جون ڪاھون، يورپي قومن جي مداخلت، مقامي حاڪمن جون سازشون ۽ گھرو لڙايون، اھڙا تاريخي واقعا ھئا، جن سموري ملڪ ۾ غيريقينيءَ واري صورتحال کي جنم ڏنو ھو.

عام ماڻھو قسمين قسمين مسئلن ۾ وڪوڙيل ھئا. حال اھڙو اونداھو ھو جو مستقبل ۾ پري پري تائين آس جو ڪو ڪرڻو نظر ڪونہ ٿي آيو. اھي سموريون حالتون شاھ صاحب جي اکين اڳيان ھيون. ھو پاڻ ڪيتري ئي عرصي تائين دشت ۽ دريا، جبل ۽ جھنگ، شھرن ۽ ڳوٺن ۾ گھمي ڦري، زندگيءَ کي ان جي ڌار ڌار صورتن ۾ ڏسندو رھيو. پڻائيءَ جي ان سيلاني سفر کيس ھر قسم جي جيون کي ويجھڙائيءَ کان ڏسڻ ۽ ان کي سمجھڻ ۾ وڏي مدد ڏني. پڻائيءَ حالتن جو انساني سطح تي جائزو ورتو ۽ پنھنجي ڪلام وسيلي مايوس، ڏٻل ۽ مظلوم ۽ پيڙيل انسانن کي حوصلو ۽ ھمت، اميد ۽ جذبي جو پيغام ڏنو. تنھن ڪري ئي ھن جي ڪلام ۾ اسان کي ڌار ڌار ڏنڏن سان

واسطو رکندڙ ماڻهن جو وڏي چٽائيءَ سان ذڪر مليل ٿو. سامونڊين، مهاڻن، ملاحن ۽ سفر تي اُسهڻ کان اڳ ۾ انهن جي گهر وارين جون ايلاز ۽ منٿون. وري موتي اچڻ جو ڇئن چورائيندڙ اوسيئڙو موتي اچڻ تي خوشيءَ جو اظهار، آڳرين (لوهارن) جو ٻين پورهيتن لاءِ مختلف اوزار ناهڻ، هارين جي جاکوڙ ڪورين ۽ ڪاپائتين جي ڪاروباري ۽ نجي زندگي، خانہ بدوشن ۽ ڏنارن جو حال، هارين جو جهوپڙين ۾ اٽ هوند واري حياتي گذارڻ، ڪوڙن ۽ ٺڳ پيرن ۽ مرشدن جو پنهنجي مريدن کي قسمين قسمين طريقن سان ڦرڻ، ساڌن، سنياسين، جوڳين ۽ ملنگن جو بيان، جي وسندين کان ڏور برن ۾ ڏوٽي هٽي ويٺا هوندا هئا.اهي ۽ اهڙي قسم جون اهي سموريون حالتون ۽ ڪيفيتون، جن جو واسطو سنئون سڌو عام زندگيءَ سان هو، شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ وڏي مهارت سان پنهنجو مقام والارين ٿيون.

مولانا روميءَ جيان شاهہ صاحب جو واسطو بہ سنئون سڌو عوام سان هو ۽ ان ناتي هن ۾ انسان دوستي، رواداري، پنهنجائپ ۽ عام ماڻهن سان غيرمعمولي محبت جو جذبو پيدا ڪري ڇڏيو هو. اهڙي قسم جي انساني سطح تي تخليق ٿيندڙ شاعري ڪابہ جاگرافيائي حدبندي قبول نہ ڪندي آهي. ان ڪري اهو چوڻ بيجا نہ آهي تہ مولانا روميءَ جيان شاهہ يٽائيءَ جو ڪلام بہ هر دؤر ۾ دلچسپي ۽ سنجيدگيءَ سان پڙهيو ويندو ۽ سندس شاعراڻي عظمت ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو ويندو.

# سنڌ جو فيلسوف- شاهه لطيف

(اردوءَ تان ترجمو)

(30_31 مئي 1979ع تي قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد جي سهاري هيٺ، ويهين آل پاڪستان فلاسافي ڪانگريس منعقد ٿي، ڪانگريس ۾ 30 مئي تي اجلاس "شاهه عبداللطيف اجلاس" جي نالي ۾ نسبت سان ٿيو جنهن جي صدارت شيخ اياز ڪئي. هيءَ ان اجلاس جي صدارتي تقرير آهي.)

منهنجي لاءِ ان کان وڌو اعزاز ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو جو توهان فلسفه ڪانگريس جي ان ميڙ جي صدارت جو شرف مون کي بخشيو آهي، جيڪو منهنجي ديس جي عظيم صوفي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سڳوري نالي سان منسوب آهي. اها منهنجي خوش بختي آهي، جو آءٌ اڄ ان شخصيت آڏو پنهنجي عقيدت جو نذرانو پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪو منهنجي روح جو استعارو آهي: جنهن جو فلسفو ۽ فڪر منهنجي شعور جي روشني، ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪن بڻيل آهي ۽ رڳو هڪ مان ئي نه، سنڌ ڌرتيءَ جو ذرو ذرو ان سج جي تاب سان ڀڪي ۽ جڳ مڳ جرڪي رهيو آهي. لاڪيٽي لطيف جو آواز مهد کان لحد تائين اسان جي وجود ۾ گونجندو رهي ٿو.

ان کان اول جو مان شاهه ڀٽائي جي فيلسوفيءَ ۽ فڪر جو ذڪر ڪريان، مان پنهنجي ۽ اسان سڀني جي هڪ اهڙي ڪوتاهي ۾ ڪم نظريءَ ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري ٿو ڀانيان، جيڪا اسان جي قومي بدنصيبي برابر آهي. اسين ماڻهو تيستائين پنهنجي عظمتن ۽ بلندين جو اعتراف ڪونه ڪندا آهيون، جيستائين غير جي نگاهه اسان کي

اهو احساس نہ ڏياري، اها بيقدري ۽ ناشناسي رڳو اسان وٽ ئي نہ آهي پر لڳ ڀڳ سموري اوير ۾ آهي. اسان عمر خيام جي عالمگير عظمت کي تڏهن سڃاتو جڏهن Fitz Garald ان آڏو ڪنڌ نوايو. ڪاليداس کي تڏهن مڃيوسين جڏهن Max Muller سندس عظمت جو اعتراف ڪيو ۽ اهڙي طرح شاهہ لطيف ۽ ٽئگور جي اعليٰ مقام ڏانهن تڏهن اک کڻي نهاريوسين، جڏهن سورلي ۽ ييٽس (Yeats) انهن جي قدر ۽ قيمت جي جهلڪ ڏيکاري، خاص طرح شاهہ لطيف کي تہ ڪو عرصو مقامي حدبندين ۾ بند رکيو ويو، جڏهن تہ هو جاگرافيائي حدن کان ٻاهر جو انسان هو. هن ميڙ ۾ مان اها ڳالهہ ڪرڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ ٻولي رڳو فڪر ۽ سوچ جو ويس هوندي آهي، ۽ ويس وڳا مٽبا رهندا آهن. شاهہ لطيف جو فڪر ۽ سوچ، جنهن بہ ٻوليءَ ۾ پيش ٿيندا، ان ٻوليءَ کي نيون بلنديون ۽ ڪشادگيون ڏيندا. سقراط کان وٺي آئن اسٽائن تائين، هومر کان وٺي ٽي ايس ايليٽ تائين جيترا بہ فيلسوف ۽ اديب ٿي گذريا آهن، انهن جي فڪر ۽ سوچ سان ئي اسان جي ٻولين جو معيار مٿاهون ٿيو آهي. جيڪڏهن اسان ٻوليءَ جي دائرن کي ڪشادو نہ ڪيو تہ جيڪر پنهنجو پاڻ ۾ ئي سُسي سُڪي وڃون، ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن ٿيندو جڏهن اسين ٻين جي عظمت کي سڃاڻينداسين. اولهہ (يورپ) کي اسان تي اهائي برتري حاصل آهي.

اسان سان ويڌن (Tragedy) اها آهي تہ اسين پنهنجو پاڻ کي بہ سڃاڻڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون، هر وقت ٻين جي نظر جا محتاج رهون ٿا. شايد ان جو سبب، اُها احساس ڪمتري هجي، جيڪا صديون پراڻي غلاميءَ جو نتيجو آهي. اسان جي تهذيبي تباهيءَ جو هڪڙو ڪارڻ يا محرڪ پاڻ پرکڻ ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ جي اها گهٽتائي بہ آهي، جيتوڻيڪ هر اُتم انسان هڪ خاص انداز ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڏئي ويندو آهي.

علامہ اقبال چيو هو تہ:

من نوائے شاعر فرداستم

غالب چيو هو تہ:

*لوحِ جهاں پر حرف مکرر نهیں هوں میں*

مير تقي مير چيو هو تہ:

افسوس تم کو میر سے صحبت نهیں رهی

شاهہ لطيف جي صحبت مان بہ سؤ سال فيض پرائڻ جي باوجود، اسان هن جي عظمت کي سندس اشارن ڪناين مان نہ سڄاتو پر، H. T. Sorely جا تورائتا ٿياسين.

شاهہ سائينءَ هڪ هنڌ پنهنجي لاءِ چيو هو تہ:

جي تو بيت ڀانيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي

سندس ڪلام اڄ بہ معرفت جي رمزن ۽ ڄاڻ جي رازن جو آئينو آهي، رڳو ان اک جي ضرورت آهي، جيڪا ان آئيني منجهہ پيهي ڏسي سگهي.

شاهہ صاحب جو بنيادي مسلڪ تصوف آهي. تصوف ۽ فلسفي ۾ اهوئي لاڳاپو آهي، جو دل ۽ دماغ ۾ آهي. هڪڙو حقيقت کي حاصل ڪرڻ جو وجداني عمل آهي ۽ ٻيو عقلي، پر افلاطون ۽ ارسطو کان وٺي محي الدين ابن العربي ۽امام غزاليءَ تائين فلسفي ۽ تصوف ۾ جيڪي بہ طرفا لاڳاپا وڌيا ويجها آهن، سي دل ۽ دماغ کي ساڳئي ئي منزل تي رسائين ٿا. خاص ڪري اسلامي تصوف ۾ فلسفو ڪنهن الڳ شيءِ جي حيثيت ۾ باقي نٿو رهي، پر ٻئي هڪ جان ۽ هڪ قالب ٿي وڃن ٿا.

شاهہ لطيف جيڪو پنهنجي دؤر جو هڪ عظيم شاعر ۽ وڏو موسيقار بہ هو تنهن پنهنجي وجد ۽ فڪر کي شاعريءَ ۽ آواز جي آلاپ ۾ اهڙي ريت سمائي ڇڏيو جو ٻيائي ختم ٿي وئي، ۽ تاثر جي اهڙي وحدت جنم ورتو جيڪا پنهنجي جڳهہ تي هڪ "ڪل" جي حيثيت رکي ٿي.

شاهہ صاحب جا صوفياڻا ۽ فيلسوفاڻا فڪر ساري جا سارا هڪ

آواز ۾ هڪ لئه ۾ گڏجي ويا آهن. ان لئه ۾ سمورن رنگن جو روپ موجود آهي، سيني جذبن جو جوش ڇوليون ٿو هڻي، مڙني احساسن جون سنوتيون ظاهر آهن، پر ايئن، جيئن ڪيئي درياهه هڪ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري، پاڻ هڪ اجهل ۽ اٿاهه ساگر ٿي ويندا آهن.

شاهه لطيف جي شخصيت به هڪ اهڙي ئي مڪمل شخصيت آهي. ٻن سؤ سالن کان سنڌي شاعري سنڌس مڌ سان متوالي ۽ مست رهي آهي. وقت جا فاصلا به ساڻس اسان جا ناتا ٽوڙي ڪونه سگهيا آهن ۽ موجوده دؤر جي زندگيءَ جي مسئلن ۽ آئيندي جي فڪر ۾ به هو مست هوا ۽ چلولي چنچل سرهاڻ جيان اسان جو همسفر آهي. ايڏو تيزيءَ سان بدلجندڙ دنيا ۾ جتي ماضي جا قدر تڙي پکڙجي ويا آهن، شاهه لطيف جو زندگيءَ جو تصور ايتروئي تازو توانو آهي، جيترو ٻه صديون اڳ هو.

مولانا غلام رسول مهر، شاهه صاحب جي ڄم جو ذڪر ڪندي پنهنجي هڪ مقالي ۾ هڪ اهم نڪتي ڏانهن اشارو ڪيو آهي:

”شاهه صاحب 1101هه يعني 1689ع ۾ ڄائو مطلب ته سندس جنم ٻارهين صدي هجري جي بلڪل شروع ۾ ٿيو. عوام جي عقيدي موجب صديءَ جي بلڪل آخر ۾ ”مجدد“ پيدا ٿيندا آهن. شاهه عبداللطيف کي ڪو ماڻهو عام اصطلاح ۾ ”مجدد“ مڃي يا نه مڃي، پر ان حقيقت ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، ته هن پنهنجي شاعريءَ سان سنڌي ٻولي کي جياري ڇڏيو. سندس تعليم عرفان ۽ علم وارن جي تعليم هئي، جيڪا پنهنجي گهڻ رُخي هئڻ سبب زمان ۽ مڪان جي قيد کان آجي هوندي آهي. جنهن جا مخاطب رڳو اهي ماڻهو نه هوندا آهن جيڪي پڙهيلن ڳڙهيلن جي اڳيان پويان نظر ايندا آهن، پر جنهن جا مخاطب هر دور، هر ملڪ ۽ هر قوم جا فرد هوندا آهن. سندن زبان تي جيڪي ڪجهه هوندو آهي، سو انسانيت جو سبق هوندو آهي. آفاقيت جو وعظ هوندو آهي. هو انسان ناهڻ جا قالب ناهيندا آهن، ۽ انسانن کي اعليٰ انسان بڻائيندا آهن ۽ پنهنجي پهچ آهر انهن ۾ فرضن پوري

ڪرڻ جو جذبو ۽ شوق پيدا ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن لاءِ خدا پيغمبرن کي دنيا ۾ موڪليندو آهي.“

ان حوالي جي روشنيءَ ۾ شاهه صاحب جي دؤر ۾ سندس شاعريءَ جو جائزو ورتو وڃي ته بيشڪ سندس شخصيت:

پيغامبري کرد و پيمبر نتوان گفت

جي چوٽي نظر اچي ٿي.

علامه اقبال هڪ هنڌ پنهنجي شاعريءَ بابت لکيو آهي:

مری نوائے پریشان کو شاعری نه سمجهه
که میں هوں محرم راز درون میخانه

شاهه صاحب به زندگيءَ جي رمزن ۽ ڪائنات جي رازن جو هڪ اهڙو ئي ڄاڻو هو. لطيف به حقيقت جي اظهار لاءِ شاعريءَ کي وسيلو بڻايو.

مير چوائي:

کیا تھا شعر کو پردہ سخن کا
وہی آخر کو ٹھہرا فن ہمارا

۽ ان فن کي هر عظيم شاعر وانگر، شاهه صاحب به پنهنجي فڪر سان مالامال ڪري ڇڏيو.

شاهه سائين بيان ۽ اظهار جو جيڪو سليقو سنڌي شاعريءَ کي بخشيو ان جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته ان ۾ ڪٿي به ڪو ڳنڍ يا جوڙ نظر نٿو اچي. هن جيڪي لفظ جيڪي پهاڪا ۽ جيڪي استعارا استعمال ڪيا، سي سڀ هن ئي ڌرتيءَ جي جهول مان چونڊيا. هن پنهنجي ڌرتيءَ جي تهذيب ۽ تاريخ کي پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن جي اندر ۾ جهاتي پاتي، انهن جي ڏکن سکن کي سهيڙيو سندن سپنن کي پنهنجي نيڻن ۾ سانڍيو ۽ پنهنجي شاعريءَ کي انهن جي تعبير جو آئينو بڻائي ڇڏيو.

ان مقصد لاءِ هن اظهار جو تمثيلي انداز اختيار ڪيو ۽ جيئرن جاڳندن ڪردارن جي وسيلي پنهنجي ڳالهه بين تائين پهچائي. اهي

ڪردار جي هن پنهنجي ديس جي لوڪ ڪهاڻين مان چونڊيا، استعارن ۽ علامتن طور سندس ڪلام ۾ ظاهر ٿيا آهن. شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ کي ان ڪري ديسي رنگ ۾ رڱيو آهي، ته جيئن سندس خيالن جي فضا اوپرائپ ۽ ويڳاڻپ جي وَر نه چڙهي وڃي ۽ حياتيءَ جو فلسفياڻيون حقيقتون، جاتل ڪيفيت ۽ محسوس انداز ۾ وڌيڪ اثرائتي نموني چٽيون ٿي سگهن. شاهه صاحب جي ڳالهه ٻولهه جيئن ته سڏوسنئون عوام سان هئي، تنهن ڪري هن لفظن جي چونڊ ۾ عوام جي ذهن ۽ عوام جي ريتن رسمن کي به اڳيان رکيو ۽ هڪ مخصوص مڏرتا ۽ ليءِ سان پنهنجي ڪلام کي ملائي ڇڏيو ته جيئن پڙهڻ وارو وجد ۾ اچي جهونگارڻ لڳي ۽ سندس پيغام روح جو گيت بڻجي رڳ رڳ ۾ رچي وڃي.

شاهه صاحب جو مخاطب عوام هو هن عوام کي ٻڌائڻ پئي چاهيو ته ظاهر جي حقيقت ڇا ٿيندي آهي ۽ باطن جي حقيقت ڇا آهي. شاهه سائينءَ وٽ ٻنهي حقيقتن جو ادراڪ هو. سندس نظر نه رڳو پنهنجي دور جي تاريخ ۽ سماج تي هئي پر انهن ڳجهن محرڪن تي به جيڪي تاريخ جي وهڪري جو رخ طئي ڪندا آهن ۽ سماج جي اجتماعي روح کي آهستي آهستي پنهنجي قالب ۾ سمائي ويندا آهن. مغل سلطنت جو زوال، نادر شاهه درانيءَ جو حملو يورپي قومن جي مداخلت ۽ مقامي حاڪمن جون گهرو لڙايون. شاهه صاحب جي دور کي هڪ چوپاسي طوفان جي آڏو آڻي بيهاريو هو. هن کي پڪ هئي ته هاڻي اهو طوفان تهذيب، تمدن ۽ تاريخ جي هر روايت کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيندو. ۽ ايڏو پري ڪٽي وڃي تڪرا تڪرا ڪري ڇڏيندو جو وري ان جو ڪو ذرڙو به هٿ نه اچي سگهندو. ظاهري حقيقت جي اها پيچ ڊاهه، ٿي سگهي ٿو ته باطني حقيقت کي به پيچي پورا ڪري وجهي. شاهه پنائيءَ روح جي دنيا کي روشن ڪري ڇڏيو ۽ اوندهه ۾ هٿوراڙيون هڻندڙ جسمن کي تصوف جي وسيلي جاڻ ۽ حڪمت جي سوجهري ۾ وٺي آيو.

شاهہ صاحب صوفي شاعر هو پر تصوف جي ان مسلڪ جو قائل نہ هو جيڪو انسان کي تارڪ الدنيا بڻائي ڇڏي ٿو. شاهہ صاحب ان جي ابتڙ زندگيءَ کي ماڻڻ جي تعليم ڏني آهي. هو ”ترڪ“ جي بجاءِ ”طلب“ جو طرفدار آهي. سندس خيال ۾ ”طلب“ هڪ متحرڪ، روح افروز ۽ محو ۽ مشغول رکندڙ عمل آهي. ڪنهن شيءِ کي ڳولڻ ۾ جيڪو انتظار، چاهہ، هورا کورا ٿيندي آهي، اها ان خوشيءَ کان گهٽ پرجوش نہ آهي، جا ان کي حاصل ڪرڻ تي حاصل ٿيندي آهي.

آڳاٽي زماني جا صوفي هن دنيا کي شر جو گهر سمجهندا هئا، تنهنڪري ردعمل طور تي انهن اهو فيصلو ڪيو هو تہ روحاني طاقت ۽ خير حاصل ڪرڻ لاءِ هن دنيا کان ڪناره ڪش رهڻ کپي، پر ابن العربي جهڙن جليل القدر مفڪرن ان ردعمل کان منهن موڙيو ۽ منطقي طور تي عام مادي ۽ روحاني رشتي کي ايترو سهڻي نموني سان جديد فلسفي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو جو پوءِ جا مفڪر ۽ صوفي سڀ ڪورا ڪانئس متاثر ٿيڻ بنا نہ رهي سگهيا.

شاهہ لطيف، محي الدين ابن العربي وغيره جي فڪري جدت جو جيڪو اثر مثنويءَ جي وسيلي قبول ڪيو ان جو ڪوبہ چٽو مثال نظر نٿو اچي. پر اها حقيقت آهي تہ هو زندگيءَ کي هڪ اڻ کٽ سلسلو سمجهندو هو. ڀٽائيءَ جي خيال ۾ حياتي ۽ مماتي رڳو وچ جا مرحلا آهن، نہ تہ انساني زندگيءَ جي نہ ڪا ڇٽي شروعات آهي، نہ ئي پڇاڙي.

ڪڏهن ڪڏهن شاهہ لطيف زندگيءَ ۽ موت بابت هيئن بہ سوچي ٿو تہ ڄڻ اُهي شعور ۽ لاشعور جا ملندڙ جلندڙ بہ جدا نفسي وجود آهن. شاهہ جو خيال آهي تہ شعوري زندگي ماحول جي پيچيدگين کان گهٻرائيندي آهي، ان ڪري سندس سعيو يا ڪوشش عام طرح ڪنهن بہ نتيجي واري نہ ٿي ٿئي، ان جي ابتڙ پنهنجي وجود کي پنهنجي مقصد ۾ سمائڻ سان مشڪلاتن جو ڪوبہ احساس نہ ٿيندو آهي ۽ انسان ڏکي کان ڏکي وقت مان بہ تيزيءَ سان نڪري ٽپي وڃي ٿو. ٻن حقيقتن جي ميلاپ سان جيڪا ايڪائي وجود ۾ اچي ٿي، اها

هڪ اهڙي اونهي عشق سان ٽمٽار هوندي آهي، جنهن کي "جنون خرد" جي انتها چئجي ته جيڪر غلط نه ٿيندو. ان حالت ۾ نه وقت راهه ۾ رڪاوٽ هوندو آهي، نه وسعتن جو احساس- ڏگهائين ۽ ويڪراين جا مفاصلا ويڙهجي هڪ وک تي پوندا آهن ۽ غالب چواڻي ته هڪ "دشت امڪان" هڪ "نقش پا" تي ويندا آهن.

شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ اها بي پناهه روحاني ڪيفيت تصوف سان ڳوڙهي لاڳاپي جي صدقي آهي. مولانا رومي به انهيءَ ئي آئيني ۾ حقيقت جا ڳجهه چمڪندا ڏسي ٿو ۽ شاهه ڀٽائي به.

مولانا روميءَ سان شاهه ڀٽائيءَ جي عقيدت جو سبب به اهو ئي آهي ته ٻنهي جو سرچشمو ساڳيو آهي. ٻئي ساڳي ساگر جا ٽوبا آهن. ٻنهي جي شاعري سچن موتين جي ڳولا جو هڪ جذباتي عمل آهي، جنهن کي سندن شاعريءَ جي اسلوب پنهنجي پنهنجي جاءِ تي منفرد بڻائي ڇڏيو آهي. فرق رڳو ايترو آهي، جو مولانا رومي هڪ نُڪتي کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ سڄي ساري ڪهاڻي تخليق ڪئي ۽ شاهه ڀٽائيءَ عوام جي ڪهاڻين ۽ ان جي ڪردارن جي عمل ۾ هڪ نُڪتو ڳولي هٿ ڪيو ۽ ان عمل جي ڌار ڌار پهلوئن کي استعارن ۽ علامتن طور پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو. اهڙي طرح شاهه مخفي حقيقتن کي بينقاب ڪيو.

شاهه سائين جي سموري شاعري ڳولا ۽ جستجو جي شاعري آهي. پنهنجي مسلڪ جي بيان لاءِ هن جيڪي به ڪردار چونڊيا آهن، ان جي خصوصيت مان به، زندگي بابت هن جي نقطه نگاهه جو پتو پوي ٿو. هن جا ڪردار گهڻو تڻو زنانا آهن. سوال ٿو پيدا ٿئي ته آخر هن عورتن جا ڪردار ئي ڇو چونڊيا آهن؟

جيئن مون اڳ ۾ ئي عرض ڪيو آهي ته سندس تصوف "ترڪ" جو سبق نٿو ڏئي. هو "طلب" جو طالب آهي ۽ طلب لاءِ عمل ۽ مسلسل عمل جي ضرورت هوندي آهي. سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ عورتاڻا ڪردار وڌيڪ فعال ۽ متحرڪ آهن، ٻيو سبب هي آهي ته اسان جي

سماج ۾ عورت جبر ۽ محروميءَ جي علامت آهي ۽ تيون سڀ کان وڏو سبب هي آهي تہ احساس جي شدت جي باوجود، عورت، زندگيءَ کي سمورن عذابن سميت قبول ڪرڻ جو استعارو آهي. ان جي ابتڙ انهن ڪهاڻين ۾ مرد جو ڪردار ايترو فعال، ايترو حساس ۽ ايترو ڏکويل نظر نٿو اچي. ممڪن آهي تہ ان جو سبب سماج ۾ مرد جي مان مرتبي ۽ ان جي عمل ۽ ردعمل ۾ لڪل هجي. بهرحال اهو هڪ جدا بحث آهي. تہ هر "الميہ داستان" (Tragic Tale) ۾ مرد جي پيٺ ۾ عورت جيئري جاڳندي حقيقت جو تي بڻجي وڃي.

شاهہ صاحب جو تہ رد ۽ قبول جي چڪتاڻ ۾ حياتيءَ کي ماڻڻ جو سبق ڏنو آهي، تنهنڪري لوڪ ڪهاڻين جا عورتاڻا ڪردار ئي ان جي نقطہ نظر جي نمائندگي ڪري سگهن پيا ۽ انهن ئي ڪردارن جي نفسياتي مطالعي جي روشنيءَ ۾، هو ان حقيقت جو راز سمجهائي سگهيو تي تہ زندگي طلب جو نالو آهي، جستجوءَ جو نالو آهي، جبر کان جان ڇڏائڻ جو نالو آهي، ان عشق جو نالو آهي، جيڪو پنهنجي آدرش کي پنهنجي روح ۾ سمائي ڇڏڻ سان نروار ٿيندو آهي.

شاهہ يتائيءَ جي ڪلام جو سڀ کان روشن رخ اهوئي آهي، جو سندس حياتيءَ جو تصور خلا ۾ لتڪيل نہ آهي. هو حقيقت جي ڳولا ۾ روح جي وجود کان نٿو نٽائي. هو زندگيءَ کي هڪ محسوس ٿيندڙ روپ ۾ ڏسي ٿو ۽ زندگيءَ جي قدرن کي، جذبن جي گرميءَ سان هڪ قوت بڻائي ڇڏي ٿو.

مارئيءَ جو ڏک سندس شاعريءَ ۾ حب الوطنيءَ جو اڏول يئيت بڻجي ظاهر ٿئي ٿو تہ سسئي جو ڏک طلب جو هڪ بيڪران بيابان تي پکڙجي ٿو وڃي. ليلان جي ڳوڙهن ۾ وڃائجي ويل شيءِ کي بيهر حاصل ڪرڻ جي جستجو لڇندي پچندي نظر اچي ٿي تہ نوريءَ جي روپ ۾ وفاداريءَ جو جرڪندڙ وجود جنم وٺي ٿو.

شاهہ صاحب نہ رڳو انهن محسوس ٿيندڙ ڪردارن جي داخلي تصوير چٽي آهي، پر انهن جي خارجي حالتن جو تجزيو بہ ڪيو آهي.

هو ڏرتيءَ سان انسان ۽ زندگيءَ جي ناتي کي ڪڏهن بہ وساري نٿو. هو انهن سمورن محرڪن جو بہ گهرو مطالعو ڪري ٿو جي سماج جي مختلف مسئلن جو سبب آهن. انسان جي فطرت جا جيڪي بہ رخ ڏسي سگهجن ٿا، شاهہ صاحب انهن تي بہ روشني وجهي ٿو تہ جيئن اُهي وڌيڪ نروار ٿي پون. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ زندگي مجرد حقيقت نہ آهي. پر هڪ محسوس حقيقت بڻجي ظاهر ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ جتي جهومندڙ ٻنيون، سرسبز ۽ وسندڙ چراگاهہ، جبل پهاڙ جهنگ، برپٽ، اٿلون ڪائيندڙ درياهہ، ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جا چشما، ۽ اهڙا سوين هزارين فطري لقاءَ پنهنجي جمال ۽ جلال جي رنگينين سان رنگ ڇٽيندي ۽ جڳمڳائيندي نظر ايندا، اتي مهاڻن، ملاحن، دونهين دکائي ويهندڙ جوڳين، هُجرن ۾ گهاريندڙ صوفين ۽ شاهي محلن ۾ حياتي گذاريندڙ شهنشاهن جا ٻهڪندڙ ۽ ڪومايل چهرا بہ نظر ايندا، جن جي پيشانيءَ تي وقت پنهنجي تاريخ لکي ڇڏي آهي.

شاهہ صاحب ان تاريخ جو اهڙو مؤرخ آهي، جو رڳو اکر اکر پڙهندو آهي ۽ انهن کي پنن تي اتاري ڇڏيندو هجي، شاهہ صاحب هڪ عظيم مفڪر جيان پنهنجي دؤر جي تاريخ جو اڀياس بين السطور (Between the Lines) ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ تاريخ سٽن وچ ۾ لڪل هوندي آهي.

شاهہ صاحب جو ڪوبہ بيت ڪڻو. اُهو ظاهري طرح تہ هڪ ڪردار جي هڪ پَل جو اظهار آهي، پر حقيقت ۾ اهو هڪ پل سڄي دور کي گهيري ۾ ڪيو بيٺو آهي. ان دور جي هر انسان جو سانحو محسوس ٿيندو ۽ وري جڏهن اسين ان کي وقت جي قيد مان آزاد ڪري جاچينداسين، تہ اهو هر دؤر جي هر انسان جي دل جي ڏڪ ڏڪ ۾ گونجندو ملندو. تاثر جي اها ابديت، انسان جي فطرت جي ڳوڙهي مطالعي ۽ ان جي بيان جي غيرمعمولي ڏات، مهارت ۽ حاصلات کان سواءِ ڪنهن بہ لکڻي ۾ پيدا ٿي نٿي سگهي. ان کان سواءِ ان بنيادي

سچائيءَ جو ادراڪ به ان ابديت جو لازمي حصو آهي. جيڪو رڳو هڪ وڏي شاعر، هڪ وڏي اديب ۽ هڪ وڏي مفڪر کي ئي نصيب ٿيندو آهي. ان ڪري، جو ان جي نظر رڳو خارجي حالتن تي نه هوندي آهي پر آڏي منظر کان ڏور اکين کان اوجهل حقيقت تي به هوندي، ۽ جڏهن اک کان اوجهل حقيقتون محسوس جسمن جو روپ وٺي، جيئرن جاڳندن انسانن وانگر نروار ٿينديون، ته انهن انسانن کي جاگرافيائي حدبندين ۾ قيد نه ڪري سگهبو. هو پنهنجي مخصوص شڪل شبيهه، خاص لباس، ۽ لفظ ۽ آواز جي نمايان حدبندين جي باوجود سموري عالمي پائيچاري جا ترجمان نظر ايندا.

شاهه جو شاعراڻو فڪر زمان ۽ مڪان جي قيد کان ان معنيٰ ۾ آزاد آهي، ته هن هڪ پل ۾ صدين کي سهيڙيو ۽ سمايو آهي، چند ڪردارن جي ويس ۾ دنيا جي هر انسان جو چهرو ڏيکاري ڇڏيو آهي. چند ڪهاڻين جو حوالو ڏئي، هر ان ڪهاڻيءَ جو تجزيو ڪري ڇڏيو آهي، جا دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ هڪ زنده حقيقت طور ٻڌي ۽ ٻڌائي پئي وڃي.

مولانا غلام رسول مهر ان ئي معنيٰ ۾ ڀٽائيءَ کي "مجدد" جي نالي سان سڏيو آهي. هو شرح ۽ فقه جي لحاظ کان عام اصطلاح مطابق مجدد نه آهي، پر ادب جي جهان ۾ ڪيس اهو مقام ۽ مرتبو يقيناً حاصل آهي.

مون جڏهن به شاهه صاحب جي ڪلام تي سوچيو آهي ته مون کي ايئن محسوس ٿيو آهي ته خدا ڏانهن ڪوبه عام رستو نٿو وڃي. خدا ڏانهن رڳو سوڙهيون گهٽيون ئي وينديون آهن. ڀٽائيءَ جو هر ڪردار اهو چوندو نظر اچي ٿو ته:

"اي، آگ، مان پنهنجيون هڏيون پيچي پورا ڪري تنهنجي ٻارڻ ۾ اچلائي رهيو آهيان، ته جيئن تون اُجهامي نه سگهين."

شاهه سائينءَ جا سمورا ڪردار تلوار جي تيز ڇهنب تي نچندي نظر اچن ٿا. هرڪو پنهنجي صليب ڪلهي تي کنيو پيو هلي. جيڪو قول يا عمل هنن کي پنهنجي تقدير جي واٽ تان هٽائڻ چاهي ٿو ان

ڪي هو ڪبيري گناهه برابر سمجهن ٿا. جڏهن خدا انهن ڏانهن مائل ٿيندو آهي، ته انهن جا مٿا پهاڙن تي سٽيندو آهي ۽ جبلن جي چوٽين تان اڇلائي، انهن کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان هار ۽ ذلت کان پوءِ انهن کي ابدي سالميت بخشي ڇڏيندو آهي، اهائي انهن جي آزمائش جي انتها آهي. هو جيستائين وڃي سگهندا آهن، ان کان به اڳتي هليا ويندا آهن.

شاهه صاحب جي ڪردار کي ڏسي پڙهندڙ اهو سوچڻ لڳي ٿو ته اهو ”نيل پنڪ“ جنهن کي انسان جو روح چيو ويندو آهي، ان جو پيڇو ڪرڻ ڪيڏو ڏکيو آهي.

هن جا ڪردار، هوندي ته سيئي عوام منجهان چونڊيل آهن، پر شاهه انهن کي ادبي قدرن جي علامت بڻائي ڇڏيو آهي. هيلن هڪ عام زوري ڪنيل ڇوڪريءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه هجي ها، (جنهن جي اغوا تي به ڳوٺ لڙائي ڪن ٿا) جيڪڏهن هومر جو قلم ڪيس پنهنجو نه ڪري ها، ۽ من موهيندڙ سونهن جي علامت نه بڻائي ڇڏي ها. پنائيءَ جو هر هڪ ڪردار لاڳيتي ڳولا ۽ قربانيءَ جي جذبي جو اهڃاڻ آهي، جڻ هو چنڊ کي ڏسي چئي رهيو هجي:

”او چنڊ! مان توکي ڪيئن حاصل ڪريان؟“

چنڊ چوي ٿو:

”جبل جي چوٽيءَ تان ٽپو ڏي، مان توسان هيٺ چشمي ۾ ملندس.“

هر هڪ ڪردار پنهنجي جنت ۾ وڃڻ لاءِ ڪهاڙيءَ سان ان جا بند در پٽجي رهيو آهي ۽ سندس ٻانهون ساٽيون تي پيون آهن ۽ هٿ رتو رت ٿيل آهن. ان لاڳيتي جيءَ جي جوکي، مسلسل جستجو جي حالت ۾ ڪٿي به مايوسيءَ جو پاڇو نه ٿو پئي. جڻ هن جو ڪردار عذابن جي ٻوڏ ۾ ٻڏي چوندو هجي ته هن ڌرتيءَ تي جيستائين گل ٽڙيل آهن، ٻار آهن، پکي آهن. ڊڄڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي، سڀ ڪجهه نيڪ ناڪ تي ويندو. شاهه صاحب ۾ اها رجائيت اوچي ۽ اتم حد تائين ملي ٿي، ۽ ان رجائيت جي بيان لاءِ هن وٽ هڪ رچي راس ٿيل

ٻولي آهي، جنهن ۾ قديم زماني جي لفظن جو پڙاڏو ٻڌجي ٿو. هن جي هر لفظ کي هڪ روح آهي جيڪو صدين جي لاڳيتي ارتقا مان لنگهيو آهي. هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ عوامي ٻوليءَ جو ڪوبہ لفظ ڳرو نہ ٿيندو آهي. ظاهري طرح ڳري يا ڏکي لفظ تي دم عيسيٰ ڦوڪارڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، پر ان ڪان سواءِ شاعري پيغمبريءَ جي هام بہ هڻي نٿي سگهي. شاهہ صاحب ڳوناٺي ٻوليءَ جي هر لفظ کي جبرائيل جا پر ڏئي چڙهيا آهن. هن ان ٻوليءَ کي جادوئي ترنم سان بہ نوازيو آهي، اهڙو ترنم جو ڪنهن ڳائڻي يا ساز نواز جي فني احسان جو محتاج نہ آهي. رنگ ۽ خوشبو جو ترنم سان ابدي رشتو ٿيندو آهي. رنگ ۽ خوشبو سان ترنم جو احساس پيدا ٿئي ٿو ۽ هڪ تخليقي ڏاهو ترنم کي رنگ ۽ سرهاڻ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. اهو ناممڪن نہ آهي تہ ريگستاني ڦول مان منگتيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي، ۽ هڪ سنڌي وائيءَ مان نٽي جي موتين جي مهڪ اچي. منهنجي خيال ۾ ڀٽائيءَ جي لفظن مان ڪڏهن ڪڏهن اڇي مکڙي ٽڙڻ جو احساس پيدا ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن جي بيتن ۾ هڪ جلال جي ڪيفيت چرڪائي چڙهي ٿي. جڻ هن جو نڙ چوندو هجي تہ:

"هائو مون ۾ پنهنجو ساهہ ڦوڪي ڇڏ. پنهنجو ساهہ ڦوڪي ڇڏ، جيئن هڪ شينهن پنهنجي تازي ڄايل ٻچڙي جي وات ۾ ساهہ ڦوڪيندو آهي."

جيئن مون اڳ بہ عرض ڪيو آهي، شاهہ ڀٽائي عام سوچ ۽ سمجهہ موجب فلسفي نہ هو. هو هڪ صوفي هو ۽ تصوف جون پاڙون فلسفي ۾ آهن. پر هن جو تصوف هن ڌرتيءَ مان ڪاڏ خوراڪ حاصل ڪندو هو. مان سمجهان ٿو تہ هاڻي بہ هو طوبيٰ جي پاڇي مان اٿي جنت جي ڳڙکيءَ مان جهاتيون پائيندو هوندو ۽ پنهنجي خاص مريد کي چوندو هوندو:

"ڪاش! اسين سنڌ جي واريا سي ۾ هڪ جهومندڙ سائو پن ڏسي سگهون."

# پراسرار ڪائنات جو رازدان

(1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ سنڌ جي مفڪر، فيلسوف، ماهر تعليم ۽ سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر جي ائين ورسي ملهائي وئي. ان موقعي تي شيخ اياز مرحوم علامه آءِ آءِ قاضي جي حضور هيءُ نذرانہ عقيدت پيش ڪيو.)

استادو شاگردو منهنجا پائرو منهنجيون پينرون!

مان علامہ صاحب سان زندگيءَ ۾ فقط هڪ ڀيرو مليو هوس. مان ۽ منهنجا دوست غلام رباني ۽ پير حسام الدين شاهہ راشدي گڏجي هن جي گهر ويا هئاسين. هو رٽائر ٿي چڪو هو. هن مون کي ان وقت ڏيکاريو هو تہ هن جي ڪپڙن کي ڏهہ چتيون لڳل هيون، جيئن حضرت عمر جي جامي تي لڳل هونديون هيون. هو مون سان گهڙيءَ ۾ اينٽرو گهايل مايل ٿي ويو هو جڻ اسان ورهين کان واقف هئاسين. اوچتو هن جبر ۽ اختيار جي مسئلي تي ڳالهايو هو غزاليءَ کان وٺي دور جديد جي مفڪرن تائين انساني فڪر جي ڇنڊڇاڻ ڪئي هئي ۽ جبر جي تصور تي پنهنجي روشني وڌي هئي. مون هن کي پنهنجي نظرين ۾ رجهائڻ نٿي چاهيو ۽ هن کي خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيس. هن وقت مون کي هن جا پورا لفظ ياد نہ آهن، پر هن جي گفتگو مون تي هي تاثر پيدا ڪيو هو تہ دوزخ ۽ بهشت جا دروازا لڳو لڳ آهن ۽ انسان جنهن دروازي مان وڃڻ چاهي، ان مان وڃي سگهي ٿو. ابليس فقط دوزخ جي دروازي مان وڃي سگهي ٿو ۽ فرشتو فقط بهشت جي دروازي مان، پر انسان کي ٻنهي دروازن مان هڪ چونڊڻو آهي. چاهي تہ هو بهشت جي دروازي مان وڃي چاهي تہ دوزخ جي دروازي مان.

علامہ صاحب جون ڳالهيون ٻڌي مون کي سنڌ جي ڏاهي وتائي فقير جو هڪ ٽوٽڪو ياد آيو هو. وتائي کي هڪ پيري هن جي ماءُ چيو تہ "پٽ چُلهہ اُجهاٽل آهي، ڪٿان ڪوئي ٽانڊو ڪٽي آءُ تہ باهہ دکايون." وتايو چڪر ڏيئي موٽي آيو ۽ چيائين تہ "امان ٽانڊو تہ ڪٿي بہ ڪونہ مليو." جنهن تي ماڻس چڙي چيس تہ "وڃي جهنم مان ڪٽي اچ" وتائي کلي جواب ڏنو تہ "امان اتي بہ هرڪو هتان ئي پنهنجي پنهنجي باهہ کنيو ويندو آهي."

علامہ بنيادي طرح هڪ فلسفي هو ۽ مان شاعر آهيان. شاعريءَ جو فلسفي سان ڳوڙهو ڳانڍاپو آهي. علامہ صاحب جيترو وقت مون سان گفتگو ڪئي، ان مان مون کي اهو اندازو ٿيو تہ هو هن پراسرار ڪائنات جي هر اسرار ۾ ڳوڙهي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي ۽ زمان ۽ مڪان جي فلسفي تي ڪافي غور ڪيو اٿائين.

دراصل اهو موضوع منهنجي فڪر کي بہ مرغوب رهيو آهي. جيتوڻيڪ مان سڌيءَ طرح سائنس جو شاگرد نہ رهيو آهيان، پر مون انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ آئن اسٽائن جي "Theory of Relativity" جو مطالعو ڪيو هو. مون جڏهن عمر خيام جي باري ۾ پڙهيو هو تہ هن جي تجربي گاهہ کي نظام الملڪ طوسيءَ جي زماني ۾ ڪنهن جيءَ چرچ تي جلائي خاڪ ڪيو ويو هو ۽ هن علم نجوم تي جي ڪتاب لکيا هئا، سي سڀ رک جو ڍير ٿي ويا هئا. تڏهن مون ۾ شوق جاڳيو هو تہ مان پنهنجو ٽيلسڪوپ وٺان ۽ ستارن جي چر بر جو دوربين سان ڪجهہ مشاهدو ڪريان.

مون ائسٽرا ناميءَ تي ماسڪو ۾ ڇپيل بہ ڪتاب بہ انهيءَ ڪري پڙهيا ها ۽ انهن ۾ اهڙين آسماني حقيقتن جي باري ۾ بہ پڙهيو هو جي نہ گرهہ آهن ۽ نہ ستارا. پر اهي پراسرار وجود آهن، جي ازل کان هن ڪائنات ۾ روشنيءَ جي رفتار کان بہ تيزيءَ سان وڃي رهيا آهن. ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن، تنهن جو ڪنهن کي بہ پتو ناهي. ڪٿي اهي دنگ ڪندا، انهيءَ جو بہ ڪنهن کي پتو نہ آهي. جي ڪٿي اهي

دنگ ڪندا ۽ ڪائنات جي ڪائي حد آهي تہ ان کان اڳتي ڇا آهي؟ ان سوال جو جواب بہ ڪوئي نہ ڏئي سگهيو آهي. جي هيءَ ڪائنات ڪڏهن شروع ٿي هئي تہ ان کان اڳ ۾ ڇا هو ۽ جي ختم ٿيندي تہ ان کان پوءِ ڇا آهي؟ انهن سڀني سوالن جا جواب زمان ۽ مڪان جي فلسفي سان واڳيل آهن ۽ انهن جو جواب علامہ صاحب پنهنجي نقطہ نگاهہ کان ٺهہ پهہ ڏيئي سگهيو ٿي. جواب، جو مون لاءِ اڃا تائين سوال جي نشاني آهي ۽ جنهن کي مان ڀٽ ڌڻيءَ جي رسالي ۾ تلاش ڪندو رهيو آهيان.

ڀٽائيءَ سر مارئيءَ ۾ چيو آهي:
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماهہ،
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناهہ،
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهہ،
لڪائين لطيف چئي، ات ڳجهاندر ڳاهہ،
اکين ۽ ارواح، اها ساجاءِ سپرين.

علامہ صاحب جي اهليہ مرحومہ ايلسا قاضي بہ ان وقت علامہ صاحب سان گڏ ويٺي هئي. هوءَ خود هڪ مصور، شاعره، اديب ۽ موسيقار هئي ۽ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا ها. مون کي هنن جي جوڙي ڏسي هنن جي زندگيءَ تي رشڪ آيو هو. بہ انسان ڇڻ اکين سان هن ڪائنات کي ڪيئن هڪ ئي طرح ڏسن ٿا، پنهنجي وجود کي ڪيئن روح ۾ بدلائي ڇڏين ٿا. هن زندگي جي پراسرار حقيقت تي گڏ سوچيندي ڪيئن هنن جا وار اڇا ٿي وڃن ٿا ۽ انهيءَ رفاقت، محبت ۽ خلوص جي باوجود ڪيئن هنن کي اڳتي هلي اڪيلو ڏگ وٺڻو پوي ٿو. ڪيئن هڪڙو ٻئي کي عمر جي ڳوڙهي ڳانڍاپي کان پوءِ اڪيلو ڇڏي هليو ٿو وڃي، ان ڳالهہ جو احساس مون کي تڏهن ٿيو جڏهن مون ايلسا قاضي جي موت جي باري ۾ ٻڌو. ڪجهہ مهينا پوءِ مون ٻڌو تہ علامہ صاحب جو لاش سنڌوءَ مان ڳولي ٻاهر ڪڍي ڪناري تي آندو ويو آهي. اها ڪهڙي ڪيفيت هئي، جا هن کي سنڌوءَ جي آغوش ۾ وٺي

وئي، ان تي مان اڄ تائين سوچيندو رهيو آهيان. مون هڪ فلسفيءَ جي باري ۾ پڙهيو هو تہ هو جمنا جي پل تي بيٺو هو. هوا تيز گهلي رهي هئي ۽ لهرون گجگوڙ ڪري اڳتي وڌي رهيون هيون. هو ڪافي وقت لاءِ پل تان هيٺ لهرن کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيائين تہ ”تون بہ لهر مان بہ لهر“ ۽ ايئن چئي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنائين ۽ هن جو لاش بہ پاڻي مان هٿ نہ آيو. انهيءَ فلسفيءَ جو نالو رام تيرٿ هو ۽ هن جي شخصيت ۽ موت علامہ اقبال کي ايترو تہ متاثر ڪيو هو جو علامہ اقبال هن جي موت تي هڪ نظم لکيو هو جو بانگ درا ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

علامہ قاضيءَ جي وفات ڪان مان ايترو متاثر ٿيو هوس تہ ڪجهہ ڏينهن پوءِ هڪ نظم لکيو هوم:

”تون بہ پاڻي مان بہ پاڻي،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾
تار ۾ آ تڪ ڏاڍي،
ناؤ منهنجي آ پراڻي،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾
مون وتو تنهنجو پنارو
هي جڳاڻو جوٽ جاڻي،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾
لهر پنهنجا پهر جهاڳي،
سير ۾ آخر سماڻي،
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾.

هن جي اهليہ هن کي اول ڇڏي ويئي ۽ هن جي تنهائيءَ جو احساس مان چڱيءَ طرح سمجهي ٿي سگهيس. هو زندگيءَ ۽ موت، ٻنهي ۾ وحدت الوجودي هو. هن پراسرار ڪائنات جي هر پن، هر ستاري، هر شي سان وحدت الوجود جي ڪيفيت محسوس ڪئي هئي ۽ مان پانيان ٿو تہ سنڌوءَ جي آغوش ۾ بہ هن کي اهائي ڪيفيت ڇڪي ويئي هئي ۽ هن سنڌوءَ جي سير سان هڪ ٿي وڃڻ ٿي چاهيو.

مون کي منهنجي هڪ دوست ٻڌايو تہ پوين ڏينهن ۾ علامہ صاحب هن سان اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو جن مان هن جي انهيءَ ظاهري طرح خطرناڪ ارادي جي جهلڪ نظر ايندي هئي. هو چوندو هو تہ انساني جسم هڪ مشين وانگر جڏهن ڪم ڪان بيڪار ٿي وڃي، تڏهن باقي ان جي ڍانچي کي اڳتي هلائڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ هو يٽائيءَ ۽ غزاليءَ جي انت جي باري ۾ بہ مثال ڏيندو هو ۽ شاهديءَ طور يٽائيءَ جي هي وائي پيش ڪندو هو تہ:

”ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري،“

ڪيئي انسان پنهنجو انت پاڻ ئي آڻيندا آهن. ۽ انت آڻڻ جا بہ ڪيئي طريقا هوندا آهن. پر اها ڳالهہ غور طلب آهي تہ علامہ صاحب پنهنجو انت آڻڻ لاءِ سنڌوءَ جي سير ۾ پاڻ کي ڇو اڇلايو؟ دراصل هن جي سنڌ سان ايتري محبت هئي، جو هن جي وحدت الوجود جي ڪيفيت پوئين ڏينهن ۾ سنڌ سان وحدت الوجود جي ڪيفيت ۾ تبديل ٿي ويئي هئي. هو رات ڏينهن لطيف سائينءَ جا بيت پنهنجيءَ گفتگو ۾ ايئن آڻيندو هو جيئن وينجهر سون ۾ مٽيا جڙيندا آهن ۽ جڏهن هو گذاري ويو هو تہ هن جي ميز تي ڇڏيل تحريرن ۾ يٽائيءَ جي بيت جي هيءَ بہ سٽ هئي:

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار.

علامہ صاحب هڪ بئريسٽر هو. شايد هن مون وانگر وڪالت جي پيشي ۾ ايترا سال ضايع نہ ڪيا هئا. هو ڪافي وقت انگلنڊ ۾ رهيو هو ۽ لنڊن اسڪول آف اوريئنٽيل لئنگويجز ۾ سنڌي زبان جو استاد هو ۽ 1951ع ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلريءَ جي چارج ورتي هئي. اهي ڳالهيون سڀ هن جي دنيوي اهميت وڏائين ٿيون. پر مون لاءِ علامہ صاحب بنيادي طور هڪ فلسفي هو، هڪ وحدت الوجودي هو، هڪ عظيم انسان هو، جنهن انسان جي مستقبل تي ڪافي غور ۽ خوض ڪيو هو. مون جڏهن بہ هن جي باري ۾ سوچيو آهي تہ مون محسوس ڪيو آهي تہ ڪائي لافاني قوت مادي کي روح ۾ بدلائيندي

رهي ٿي، انسان ۾ ڪوئي ازلي چيچڙو آهي، جو روٽيءَ پاڻي ۽ ماس کي پيڙي انهن کي قول ۽ فعل ۾ بدلائي ٿو. مان چوندو آهيان تہ ڪوئي مون کي ٻڌائي تہ هو ڪاڏو ڇا لاءِ ڪائي ٿو تہ مان هن کي ٻڌايان تہ هو ڪير آهي.

مستقبل جي دنيا اجا بطن ۾ آهي، اها ڏورانهين آهي، هل چل، وڏ وڏان ۾ آهي ۽ انهيءَ روشنيءَ مان جڙندي، جنهن مان خواب اُٿيا ويندا آهن پر اجا تائين اها دنيا ايئن آهي، جيئن طوفان جي گهيري ۾ بادل هوندا آهن. دنيا محبت، نفرت، تصور ۽ تقدير جي گهيري ۾ آهي. هن ڌرتيءَ تي علامہ صاحب جهڙا عظيم پيامبر فقط پيغام ئي تہ ڏيئي ٿا سگهن، فقط هڪ اسم اعظم ئي تہ ٻڌائي ٿا سگهن ۽ جيترو مبهم اهو اسم اعظم هوندو اوترو ئي عظمت انهن جي پيغام جي ٿيندي.

منهنجي علامہ صاحب سان ملاقات ٿي، ان کان گهڻو اڳ هو مون تي ڪافي مهربان هو ۽ جڏهن مرڪزي حڪومت هن کي شاهہ جي رسالي جي منظوم اردو ترجمي جو ڪم سونپيو هو تڏهن هن پاڪستا ن جي سمورن شاعرن مان مون کي انهيءَ ڪم لاءِ چونڊيو هو ۽ جڏهن مون اهو ترجمو پورو ڪيو تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ مون کي دعائون ڪيون هيائين.

سنڌ يونيورسٽي علامہ صاحب جو هڪ خواب آهي، جنهن جي تعبير اجا اسان کي ڪرڻي آهي، علامہ صاحب سنڌي شاگرد کي هڪ مثالي شاگرد ۽ سنڌي استاد کي هڪ مثالي استاد بڻائڻ پئي چاهيو ۽ هنن جي صدين جي سستيءَ ۽ ڪاهليءَ کي جهونجهاڙي جديد دنيا سان روشناس ڪرائڻ پئي چاهيو ۽ جديد دنيا جا علمي معيار نظر ۾ رکي سنڌ يونيورسٽيءَ کي هڪ مثالي يونيورسٽي بنائڻ پئي چاهيو. هن استادن ۽ شاگردن ۾ بدنظمي، ڪاهلي ۽ علمي لياقت جي گهٽتائي سنڌ ۽ سنڌ يونيورسٽي لاءِ هڪ داغ پئي سمجهي. هن کان ڪجهہ سال پوءِ بقول حافظ:

”قرعہ فال بہ نام من ديوانہ زدند.“

مان سمجهان ٿو تہ مون کي علامہ قاضيءَ جي انهيءَ خواب جي تعبير ڪرڻي آهي ۽ جا ڳالهہ بہ انهيءَ تعبير آڏو آئي ان کي ٿڏي اڳتي وڌڻو آهي. مون کي بہ انهيءَ ساڳي علمي معيار جو تصور آهي، جو علامہ صاحب جي جذبي جو محرڪ هو ۽ مان ڪنهن بہ استاد ۽ شاگرد کي انهيءَ علمي معيار کان پٺتي ڏسڻ نٿو چاهيان. هتان ٿي سنڌ جو نئون نسل اڳتي وڌي پنهنجون ذميداريون سنڀاليندو. سنڌ فقط نعرن سان نہ جيئندي، سنڌ ڪتابن جا پنا ورائيندي، اکين جو نور نچوئيندي، سانجهيءَ کي صبح ڪرڻ سان جيئندي. اها نہ فقط منهنجي جوابداري آهي، پر اسان سڀني جي گڏيل جوابداري آهي. مون کي يقين آهي تہ اسان انهيءَ جوابداريءَ کي پنهنجي پوري عزم، محبت ۽ خلوص سان نڀائيندا سين. مون کي يقين آهي تہ سنڌ جيئندي ۽ صحيح معنيٰ ۾ جيئندي، هن يونيورسٽيءَ مان ئي پنهنجو جياپو حاصل ڪندي ۽ سدائين وڌندي ويجهندي رهندي.

# چرخي چت نالڳدا.....

(30_31 مارچ 1982ع تي خيرپور ۾ سچل نيشنل سيمينار ڪميٽيءَ طرفان، سچل سرمست تي نيشنل سيمينار منعقد ٿيو ان جي ٻئي ڏينهن واري اجلاس جي هڪ نشست ۾ شيخ اياز هي صدارتي تقرير پڙهي هئي.)

جڏهن مون کي هن سيمينار ۾ شرڪت لاءِ چيو ويو، تڏهن مون سوچيو ته سچل سرمست جي کهڙي پهلوءَ تي لکان، هن تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ ڪجهه به نه لکيو ويو آهي. مون هن جو سرائڪي ڪلام کوليو ڇو ته هن جي سرائڪي ڪلام ۾ جا شهد جي خوشبو آهي، جا مهر جي خوشبو آهي، جا تصوف جي خوشبو آهي سان هن جي ٻئي ڪلام ۾ نه آهي. پهرين سٽ جنهن تي منهنجي نظر پئي سا هئي:

چرخي چت نہ لڳدا، هڻ ڪيوين آتڻ آوان سنئيان!

ايئن به نه ٿي چيائين ته سٽ سٽرو نه آهي، ڪاتار ڪوڙا آهن، لڳاتار ڪاپي ڪتائي وڏو آهي، ونگي تڪ ڏسي گهبرائي رهيو آهيان ۽ ان ڪري چرخي ۾ چت نه ٿو لڳي، رڳو چرخي چت نه ٿو لڳي، سائين آتڻ ڪيئن اچان؟

اها سٽ پڙهي منهنجو ڏيان يڪدم T.S Eliot جي نظم ڏانهن ويو، جنهن ۾ هن چيو آهي:

I pary that I may forget
Those matters that with my self I too much

(مان دعا گهران ٿو ته مان وساري ڇڏيان اُهي سڀ ڳالهيون، جن تي مان

پاڻ سان ڳالهائيندو آهيان.)
۽ دعا گهريائين:

Teach us to care and not to care
Teach us to sit still

(اسان کي سيکار تہ اسان پرواھہ ڪريون ۽ پرواھہ نہ ڪريون اسان کي سيکار تہ اسان ماٺ ويٺا هجون.)

اليٽ جي من جي اها ڪيفيت پنهنجي المناڪ انجام تي هن جي نظم "The hollow men" ۾ پهتي، جنهن ۾ نہ رڳو هن آجڪائيءَ پر اُن جي امڪان کان بہ بنھہ انڪار ڪيو. ان نظم ۾ هن جون هي سٽون دل ۾ ڦڙڪٽي وجهي ڇڏين ٿيون:

This is the way the world ends
This is the way the world ends
This is the way the world ends
Not with a bang but a whimper

(انهيءَ ريت دنيا ختم ٿئي ٿي،
انهيءَ ريت دنيا ختم ٿئي ٿي،
انهيءَ ريت دنيا ختم ٿئي ٿي،
ڌڏڪار سان نہ پر ڪٽڪار سان)

اها من ورتي ڏک جي چانئٺ آهي. اندر موتي وچ تہ گهٽ ٻوسات، مونجھہ موت. نڪري اچ تہ کلي هوا، آزادي، زندگي. وڏي ۾ وڏي پيڙا اها آهي تہ ماڻهو چانئٺ تي ويٺو هجي، نہ اندر پيرڙي سگهي، نہ ٻاهر. چرخي چت نا لڳدا.

نٽشي چيو هو تہ سيئي عظيم انسان پنهنجي آدرش جا اداڪار ٿيندا آهن. پر ڪنهن وقت پنهنجي اداڪاريءَ مان هنن جي دل ايتري ڪتي تي پوندي آهي، جو هو آدرش ۽ اداڪاريءَ ٻنهي کي ٻن ڏيڻ چاهيندا آهن.

نٽشي جي انهيءَ ڪيفيت کي سمجهڻ لاءِ هڪ فرانسيسي

فلسفيءَ جو هي حوالو بي موقعي نہ ٿيندو:

”مون کان سياري جي اُها رات نہ ٿي وسري، جڏهن حقيقت پنهنجي چهري تان نقاب هٽايو هو... اجايو مان پنهنجي اڳين وبساھ کي ايئن چنبڙي پيو هوس، جيئن ڪوئي خلاصي ڪنهن ٻڏل ٻيڙي جي تختي کي چنبڙي پوندو آهي، مون کي انهيءَ اڳاهين پولار تي سوچي پوڻ ٿيو جنهن ۾ مون کي لڙهي ويڃڻو هو. مان پنهنجي ٻاروتڻ، پنهنجي ويڙهي، پنهنجي ساٿيھ ڏانهن وريس، هر انهيءَ شيءِ ڏانهن وريس، جا مون کي پياري هئي ۽ مون لاءِ مقدس هئي. منهنجي ڏيان جي ڏارا تکي ۽ اٽموٽ هئي، جنهن هر شيءِ کي مٽائي ڇڏيو. ڇا منهنجا پيءُ ماءُ، ڇا منهنجو خاندان، ڇا منهنجي ياد، ڇا منهنجو يقين. اها ڏارا هر ڳالھ کي لوڙهي وئي. منهنجي تلاش جيئن پوءِ تيئن زياده گهري ٿيندي وئي ۽ جڏهن پنهنجي گهرائيءَ جي انت تي پهتي، تڏهن ڪائي شيءِ سنئين سنواٽي نہ رهي. مان بيجان ٿي پيس ۽ ڏٺم تہ زندگي، جا هونءَ مرڪندي هئي ۽ پرپور هوندي هئي، مون ۾ هڪ ڇيپءَ وانگر وسامي وئي ۽ منهنجي اڳيان هڪ نئين زندگي اُڀري آئي، زندگي جا ڳنڀير هئي ۽ انبوھ کان دور هئي، جتي مون کي تنها رهڻو هو انهيءَ موتمار سوچ سان گڏ. جنهن مون کي تنهائيءَ جي زندگي ۾ جلاوطن ڪيو هو.“

هر باشعور شاعر ۽ اديب جي ذهن ۾ انهيءَ تنهائيءَ جي جلاوطنيءَ ۾ بار بار اهو سوال اُڀري ايندو آهي تہ ”مان ڇا ڪريان، جو پاڻ کي بچائي سگهان؟ جي انهيءَ سوال جو جواب اهو آهي تہ ”ڪجھ بہ نہ، هر ڪاوش اجائي آهي.“ تہ پوءِ اهو جواب ذهني خودڪشيءَ جي برابر آهي. ها، هر باشعور اديب ۽ شاعر اهو سوال هيئن ڦيرائي پڇي سگهي ٿو ۽ اڪثر اوقات پڇندو رهيو بہ آهي ”مان پاڻ کي ڇا کان بچائڻ چاهيان ٿو!“

ان سوال سان لاڳو سوال ٽالسٽاءِ پاڻ کان پنجاھ ورهين جي عمر ۾ پڇيا هئا ۽ تيستائين هو Anna Karenina ۽ War and Peace تصنيف ڪري چڪو هو. اهي سوال هئا: هي زندگي ڇا آهي؟ مان ڇا

لاءِ جيئان؟ مان ڪجھ بہ ڇا لاءِ ڪيان؟ ڇا زندگيءَ ڪي ڪائي معنيٰ آهي؟ ڇا موت تي فتح پائي سگھجي ٿي؟ موت ڇو اٽل آهي؟

مان پانيان ٿو تالستاءِ وانگر، هر عظيم شاعر ۽ اديب ڪي ڪنهن نہ ڪنهن وقت جڏهن ڪوئي سينيما جو پردو اکين اڳيان اُڀري اچي ٿو ۽ هن کي ايئن ٿو لڳي تہ اهو پردو جڏهن هن جي زندگيءَ جو تاڃي پيٽو آهي. هن جون محبتون، هن جون نفرتون، هن جون ياريون دوستيون، هن جي جنگ و جدل سڀ انهيءَ پردي تي مايا وانگر لڳن ٿا، اهڙا بي حقيقت جيئن ڪوئي خواب هجي.

H.G. Wells پنهنجي ڪتاب The Conquest of time ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ آخرين فاتح وقت آهي ۽ نہ انسان، پوءِ هڪ شعر پيش ڪيو اٿائين:

Time like an ever rolling stream bears all its sons away
They fly forgotten as a dream dies at the opening day.

(وقت هڪ وهندي نهر وانگر پنهنجا پٽ لوڙهي ڇڏي ٿو ۽ اُهي اڏري وسري وڃن ٿا، جيئن باک ڦٽيءَ مهل سپنا وسري ويندا آهن.)

ڪجھ سال اڳ تاجڪستان ۾ بحر نووڪ تي هڪ ڪشتي ڏسي، تاجڪ شاعره گل رخسار مون کي هي شعر ٻڌايو هو جو اڄا تائين مون کي ياد آهي:

غافل مشو ز عمر کہ چون کشتي بر آب،
استاده مي نمايد وچون تير مي رود.

(عمر کان غافل نہ رهہ، اها ايئن آهي جيئن ٻيڙي پاڻيءَ تي بيٺل نظر ايندي آهي پر دراصل تير وانگي ويندي رهندي آهي.)

لنڊن ۾ مادام تساد جو مومي عجائب گهر (Wax Museum) آهي، جتي دنيا جي اهم شخصيتن جا مومي بت رکيل آهن. عجائب گهر جي زير زمين حصي ۾ "Chamber of horrors" آهي، جتي ٻين بتن سان گڏ فرانس جي راڻيءَ "Mary Antoinette" جو مومي بت گلوٽين هيٺان رکيل آهي. سنڌي نثر نظم جي شاعره گيتا راج، جا اُتي مون

سان گڏ هئي، تنهن اهو بت ڏسي چيو هو تہ هي مومي بت انهن تاريخي شخصيتن کان وڌيڪ حقيقي لڳن ٿا. جي انهن جي ذريعي پيش ڪيون ويون آهن. مومي ئي سهي، انهن جو ڪوئي وجود تہ آهي. وڌيڪ شدت سان اها ڪيفيت مون ۾ رشيد ڀٽيءَ فتح پور سڪريءَ ۾ ان جاءِ تي محسوس ڪئي هئي، جتي تانسين ۽ بيجو باورا جو مقابلو ٿيندو هو سانجهيءَ جي اٿاهہ سُن ۾ اسان جا ڪن اهي آواز ڳولي رهيا هئا، جي هن ڪائنات جي وسعت ۾ گم ٿي ويا ها.

فنا ڇا آهي؟ بقا آهي بہ يا نہ؟ جي آهي تہ ڇاڪي آهي؟ جي آهي تہ ڪيئن آهي؟ اهي سوالَ هر باشعور اديب ۽ شاعر جي سوچ ۾ وار وار ٻرن ٿا، جڏهن هن کي انهن سوالن جو ڪوئي قطعي جواب ملي ٿو تہ هن جو چِت چرخي ۾ لڳي ٿو. پر اهو جواب ورلي قطعي ٿئي ٿو ۽ وري وري ان جا ٽوٽيون ٽنيا لڏڻ لڳن ٿا.

دوستو وسڪيءَ جا ڪردار اوهان کي انهيءَ يقين ۽ بي يقينيءَ جي ڪيفيت ۾ وري وري موٽندا نظر ايندا. نيٺ دوستو وسڪيءَ پنهنجي جاءِ پناهہ مسيحيت ۾ ڳولي لڌي. هن جي بي مثال ناول (The Brothers Karamazov) ۾ هن جو ڪردار اليوشا (Alyosha) جنهن جي ذهن تي اهو خيال حاوي ٿي چڪو آهي تہ آخري فتح برائيءَ جي آهي ۽ نہ چڱائيءَ جي ۽ ماڻهوءَ جو انت رڳو مٽي آهي، رات جو خواب ڏسي ٿو جو هن کي پنهنجو ويساهہ موٽائي ڏئي ٿو. هو ڏسي ٿو تہ هو گئليليءَ ۾ آهي، جتي يسوع پاڻيءَ کي شراب ۾ بدلائي رهيو آهي. ايتري ۾ ڪوئي پوڙهو هن کي سس پس ڪري چوي ٿو ”هو پاڻيءَ کي شراب ۾ بدلائي رهيو آهي، جيئن ڪنهن مهمان جو سُرور گهٽجي نہ وڃي. مان پانيان ٿو تہ هن کي نون مهمانن جي اچڻ جي اُميد آهي، هو تہ لڳاتار نون مهمانن کي اچڻ جو نوتو ڏئي رهيو آهي.“ جنهن وقت اليوشا خواب مان جاڳي ٿو تہ هو محسوس ڪري ٿو تہ هن کي نئين زندگي ملي چڪي آهي، هو رات جي وقت ٻاهر تارن ڀري آسمان هيٺان اچي ٿو ۽ پاڻ کي ڪنهن آفاقي شعور جي گهيري ۾ محسوس ڪري ٿو هو پاڻ

کي ڏرتيءَ تي اُڇلي ان کي چمڙ چاهي ٿو ۽ ان کي سدائين لاءِ پيار ڪرڻ چاهي ٿو. ان وقت هن کي پنهنجو جواب ملي وڃي ٿو آتڻ ڪيوين آوان؟ جو جواب.

ٽالسٽاءِ جي من ۾ جڏهن مٿي ذڪر ڪيل سوال اُڀري آيا تہ هن کي پنهنجا همعصر نادان لڳا، پاڻ کي بين کان علحدو ثابت ڪرڻ لاءِ هن هيئينءَ ڏند ڪٿا جو سهارو ورتو:

”ڪوئي ماڻهو هڪ ٻوڙي کي چنبڙيو پيو هو ۽ ڪڏ ۾ لڙڪي رهيو هو ڪڏ جي مٿان هڪ خونخوار جانور بيٺو هو ۽ ڪڏ ۾ هيٺ هڪ بلا هن کي کائڻ لاءِ آتي هئي. نہ هو ڪڏ کان ٻاهر نڪري ٿي سگهيو ۽ نہ ڪڏ ۾ هيٺ ٽپو ڏيڻ ٿي چاهيائين. ۽ جنهن ٻوڙي ۾ هن جا هٿ ڪپي ويا ها، ان کي بہ ڪوئا ڪتري رهيا هئا. پوءِ بہ ٻوڙي کي جهليندي لڙڪندي، موت جو انتظار ڪندي، هن کي ٻوڙي جي سرن تي ماکيءَ جا بہ ٽي ڦڙا نظر آيا ۽ هو انهن کي چٽڻ لڳو.“

اهي هئا ٽالسٽاءِ جي نظر ۾ پنهنجا همعصر، جي موت جو انتظار ڪندي ماکيءَ جا بہ ٽي ڦڙا چٽي رهيا ها. ماکيءَ ڦڙا، جن جي اهڙيءَ هيبتناڪ فضا ۾ ٽالسٽاءِ لاءِ ڪائي اهميت نہ هئي.

چرخي چت چو نہ ٿو لڳي؟ چرخي چت ڪيئن لڳي؟ آتڻ اچان تہ ڪيئن اچان؟ ڊوسٽو وسڪيءَ وانگر ٽالسٽاءِ کي بہ انهن سوالن جو جواب مسيحيت جي آدرش خود قربانيءَ ۾ مليو.

انگريزيءَ زبان جي مشهور شاعر "William Blake" پنهنجن همعصرن جي باري ۾ ٽالسٽاءِ وانگر ساڳيو خيال ظاهر ڪيو هو:

I wander through each dirty street
Near where the dirty Thames does flow
And on each human face I meet
Marks of weakness, marks of woe

(مان هر انهيءَ گنديءَ گهٽيءَ ۾ رلان ٿو
جنهن جي پرسان ٿيمس ندي وهي ٿي،

۽ جنهن بہ انسان سان مان ملان ٿو،
ان جي منهن تي نستائيءَ ۽ ڏک جا نشان ملن ٿا.)

من جي انهيءَ آنڌ مانڌ ۾ وليم بليڪ ٿيمس نديءَ کي جا انگريزن لاءِ ڏري گهٽ مقدس نديءَ جو درجو رکي ٿي، گندي ندي ڪوٺيو آهي، ٽالسٽاءِ وانگر هن بہ پنهنجو حل مسيحيت ۾ ڳوليو جيتوڻيڪ جڏهن روسي شاگردن کي ساڳيءَ اضطرابي ڪيفيت مان گذرڻو پيو تہ هن هرزن (Herzen) ۽ بڪونن (Bakunin) جهڙن انقلابين جو ڏڳ ورتو.

مان ڀانيان ٿو تہ "چرخي چت نا لڳدا" واري بي عمليءَ جي ڪيفيت سارتري جي "Nausea" جي ڪيفيت وانگر آهي. سارتري جي هڪ ڪردار اهڙي ڪيفيت محسوس ٿي ڪئي، اوچتو هن جي سامهون ڪنهن هڪ رڪارڊ هلايو هڪ نيگرو ڳائڻي ڳائي رهي هئي. "ڪڏهن نہ ڪڏهن...." "ڪڏهن نہ ڪڏهن....". اوچتو هن جي "Nausea" ختم ٿي وئي. هن محسوس ڪيو تہ هو موسيقيءَ ۾ آهي، ان جا اُلا آئينا ٿي پيا آهن، جن جي چوڌاري دونهين جا ڇلا آهن.

مان بہ ڪافي وقت کان ساڳيءَ ڪيفيت مان گذريو آهيان. "چرخي چت نا لڳدا" پڙهي مون سچل کي سڏي چيو "سرمست! تنهنجي هوندي مان پنهنجي سوال جو جواب. پنهنجي ذهني اضطراب جو حل نتشي، ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪيءَ، وليم بليڪ، اليٽ يا سارتري کان ڇو پڇان؟ تون ئي ان جو حل ٻڌاءِ. پوءِ مون سچل جو سرائڪي ڪلام اٿلايو تہ هن جي هڪ سٽ تي نظر پئي.

سر ڏي سچل ساجن ليوين، تل نهين هڪ تاوڻ دا.

وقتي طور مون ايئن محسوس ڪيو تہ جيئن هڪ ننڍو ڪار ڪٽڇي هڪ وڏي ڪار ڪٽڇيءَ جي پرسان ويٺو هجي ۽ پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري پاڻ کان وڏي جو سريلو گيت ٻڌندو هجي ۽ اوچتو پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجي چنهب هوا جي جهرٽي ۾ ٻوڙي ۽ گيت هن جي نڙيءَ مان هڪ ڦوهاري وانگر نڪري اچي.

مون سوچيو تہ ڇا "آتڻ ڪيوين آوان" جو جواب اهو آهي؟

# سچ جي پل، ۽ ڪوڙ جو ڪوٽ

(1 جنوري 1987ع تي سنڌي ادبي سنگت، سنڌ پاران ادبي انعامن ڏيڻ جي تقريب حيدرآباد جي پريس ڪلب ۾ تي گذري. ان تقريب جو مک مهمان ۽ ايوارڊ ورهائيندڙ شيخ اياز هيو. ان موقعي تي اياز هيٺين تقرير ڪئي.)*

ٽي. ايس. اليٽ انگريزيءَ جي مشهور شاعر ۽ ڊرامانگار هڪ ڊرامو لکيو آهي. 'Murder in cathedral' "ديول ۾ خون" ان ڊرامي جو موضوع انگريزن جي تاريخ جو هڪ خوني باب آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن برٽن جي بادشاهه هينري پنهنجي دوست ۽ ڪئنٽربريءَ جي آرچ بشپ ٿامس اي بيڪيٽ (Thamas a Becket) کي مارايو هو. هن پنهنجن ٽن آفيسرن اڳيان چيو هو "اهڙو ڪو آهي جو مون کي هن نگوڙيءَ مان ڇوٽڪارو ڏياري." هينريءَ ان وقت ڏٺو هو ته هن جا اهي ٽئي جان نثار جن جي روبرو هينريءَ پنهنجي منشا جو اظهار ڪيو هو تڙ تڪڙ ۾ دربار مان نڪري ويا ۽ هو سمجهي ويو ته اهي پنهنجي سپرد ڪيل ڪارروائيءَ لاءِ ويا هئا. پر جڏهن هن کي اها خبر پئي ته هن جو پراڻو دوست بيڪيٽ قتل ڪيو ويو آهي. تڏهن هينري ڪوڙيون اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو هو. ڪنهن وقت ته ايئن ٿي لڳو جڻ هن کي ڏاڍو صدمو پهتو هو ۽ هو ڏک ۾ رڙهي رنيي رهيو هو.

اهل نظر ڄاڻن ٿا ته تاريخ اهڙيءَ ريت اهلِ اقتدار جي مڪاريءَ

* سنڌي ادبي سنگت سنڌ طرفان 1- جنوري 1987ع تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ "سنڌي اديب جو قومي ڪردار" سيمينار ۽ ادبي ايوارڊ تقريب منهنجي دور ۾ سڏائي وئي هئي (تاج جويو).

جو داستان آهي. آمريڪا جي واٽر گيٽ اسڪينڊل (واٽر گيٽ واري بدناموسيءَ) کان وٺي ايران گيٽ اسڪينڊل (ايران گيٽ واري بدناموسيءَ) تائين، جي اوهان اُڇاٽري نگاهہ وجهندا تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويندا تہ آمريڪا جو پريزيڊنٽ ريگن جيڪو ڪرنل قذافيءَ جي دهشت پسنديءَ جي بظاهر مخالفت ٿو ڪري ۽ ان مخالفت جي آڙ ۾ پنهنجيءَ دهشت پسنديءَ لاءِ جواز ڳولي لبيا تي وحشيانہ بمباري ٿو ڪرائي ۽ ساڳي سبب جي ڪري خمينيءَ جي ايران جو بہ سخت دشمن آهي، ڪيئن نہ ڪلابازي کائي، ساڳيو ايران کي خفيہ طور هٿيار وڪرو ٿو ڪري. هٿيار جي آمريڪا جي دوست ملڪن تي استعمال ڪيا ويندا. ۽ نہ رڳو پنهنجي حساب سان اخلاقي غلطي ٿو ڪري، پر آمريڪي ڪانگريس ۾ اظهار ڪيل آمريڪي عوام جي واضح مرضيءَ خلاف، ايران کان ورتل هٿيارن جي قيمت مان گهڻو حصو نڪارا گوا جي ترقي پسند حڪومت جي مخالفن ڏانهن موڪلي ٿو. جڏهن ڦاٽ ڦاٽي ٿو تڏهن ريگن انهيءَ سازش ۾ پنهنجيءَ شرڪت کان انڪاري ٿئي ٿو ۽ هينري (2) وانگر رنيي رڙي ٿو. اڻ سڌيءَ طرح سرڪاري ذريعا انهيءَ اخلاق سوز حرڪت ۽ ڪانگريس جي فيصلي جي خفيہ خلاف ورزيءَ لاءِ بهانا پيش ڪن ٿا.

جڏهن حڪومتون ۽ انهن جا سربراهہ ايتري ڪوڙ تي لهي اچن، جڏهن انهن جي قول ۽ فعل ۾ ايڏو تضاد وڌي وڃي، جڏهن اقتدار جا ابا دنيا ۽ پنهنجي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندا هجن، جڏهن ابلاغ جا ذريعا ڪيسانہ موريءَ ۽ اورنگيءَ ۾ وهايل خون کي ڌوئي، ڌرتيءَ کي ايئن صاف ڪري ڇڏن، جو ڪوئي نشان نہ رهي تہ اتي معصوم انسان ڪٺا ها، جڏهن اسلام جي نالي ۾ رڳو پنهنجي اقتدار کي هٿي ڏني وڃي ۽ جمهوريت، آئين ۽ انساني آزاديءَ کي نهوڙيو وڃي، جڏهن عورتن کي رڍن ۽ ٻڪرين وانگر سمجهيو وڃي ۽ جي هو ان جي خلاف احتجاج ڪن تہ انهن جي جلوسن تي لٺيون وسايون وڃن، جڏهن ماڻهن کي وچ دڳ تي ڦٽڪا هنيا وڃن ۽ ڏسندڙن ۾ بربريت ۽ وحشانيت جي جذبن

کي اياريو وڃي، جڏهن ماڻهن کان اعتقاد جي آزادي کسي وڃي، جڏهن اديب جو رزق هن جي ضمير تي حاوي پئجي وڃي. ياڙيتا ۽ ڪن ٽوپيل غلام اڳي کان اڳرا هجن ۽ خوددار عزت نفس وارن انسانن کي رت جا ڍڪ پيرڻا پون، تڏهن اديب ۽ شاعر جي معاشري جو ضمير ٿيندا آهن، انهن تي ڀاري ذميداري عائد ٿئي ٿي ۽ ڊاڪٽر مهڪريءَ جي لفظن ۾:

”لفظ، لفظ ۽ لفظ۔ هي هٿيار جيڪي آئرلينڊ جي ماڻهن ايئن ته هر ويلي ۽ لڳاتار اهڙي ته سيڏ ۽ اهڙي ته شعور ۽ ارادي سان ۽ اهڙي ته اعتماد، ايمان ۽ مقصد سان برطانوي حڪومت خلاف استعمال ڪيا، جو آخرڪار انهن جي وارو وار هيٺ اڏول برطانوي طاقت جو سڄو منڊ ٽٽي پيو ۽ آئرلينڊ، پنهنجي اڳيان ڏسڻ ۾ بي انت ۽ ٽپي نه سگهڻ جهڙيءَ غلاميءَ جي کاهيءَ مان ٽپي پار ٿيو ۽ جيئن اهو اڄ آهي، تيئن بڻجي پيو. يعني آئرش فري اسٽيٽ آزاد آئريش ديش.“

۽ اهو ڊاڪٽر مهڪري، جنهن جي ڪتاب ”مهڪريءَ جا مضمون“ مان مون هي لفظ دهرايا آهن يا ان جو فاضل مترجم، انهن انعام وٺندڙن مان آهن. جن ۾ انعام ورهائڻ جو شرف مون کي بخشيو ويو آهي ۽ اهي انعام حاصل ڪندڙ اديب اهڙا آهن، جن کي انهيءَ ذميداريءَ جو ڀرپور احساس آهي، جا هن دور مٿن وڌي آهي.

جڏهن سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل* مون کي هن تقريب لاءِ دعوت ڏني تڏهن مون ڀهريون ته هن کي لنوايو ڇو ته مان ستن سالن کان بيءَ ڪنهن هڻ هٽان ۾ هوس. غالب جو هڪ پارسي شعر آهي:

کيست کز کوشش فرهاد نشان باز دهد
بجز آن نقش که از تيشه به خارا ماند

”ڪير آهي جو فرهاد جي ڪوشش جو نشان ڏئي سگهي، سواءِ ان نقش جي جيڪو تيشي جي ڏک سان پٿر تي رهجي ويو ٿو.“

پر شايد ان شعر ۾ به انانيت آهي. ان ۾ به پنهنجي وجود جي بقا

---

* تاج جويو

جو سوداءُ آهي. نہ مون اهي ست سال ان جي ڪڏهن نہ گذاريا آهن تہ منهنجو نام و نشان باقي رهي. مون تہ اهو سارو وقت پل تي ناهي، انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ازل ۽ ابد جي وچ ۾ هڪ پُل. ڪجھ سال اڳ مون يوگوسلاويا جي ڪهاڻيڪار ابوو آندرچ جي ڪهاڻي ”زيپا پُل“ پڙهي هئي. اها ڪهاڻي پوءِ منهنجي دوست جڳت آڏواڻيءَ سنڌي ۾ ترجمو ڪئي، جا هاڻي سنڌ ۾ ڇپي آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ آهي تہ ”يوگوسلاويا جو ڳوٺ زيپا ڪنهن پهاڙيءَ لڳ هو جتي ان ساڳي نالي واري زيپا ندي، درنا نديءَ سان وڃي ملي ٿي ۽ وجيگراد وڃڻ لاءِ واحد رستو ان نديءَ مان ٿي هو. ندين جي سنگم کان پنجاھ قدم مٿي، لڪڙين جي جيڪا بہ پل ٺهي ٿي. ندي ان کي وهائي، لوڙهي ڇڏيندي هئي. زيپا ۾ ڇوھ سان اُٿل ايندي هئي. تہ سيني پهاڙي ندين جيان، اوچتو لڪڙين کي جڙ کان اُکوڙي، وهائي کڻي ويندي هئي. يا درنا اُٿلندي هئي ۽ اها زيپا کي روڪي رکندي هئي ۽ زيپا ڦتڪندي پل کي بنياد کان پٽي، ايئن الڳ ڪري ڇڏيندي هئي، جو ان جو نانءُ و نشان بہ ڪونہ رهندو. يا سياري ۾ برف لڪڙين تي ڄمي ويندي هئي ۽ ماڻهن توڙي وهٽن لاءِ مصيبت اچي ويندي هئي. ٿوري ۾ چئجي تہ جيڪو بہ شخص اتي پل ٺهرائيندو، اُهوئي زيپا جي وڏي ۾ وڏي شيوا ڪندو.“

ان ڪهاڻيءَ جي وڏيڪ اوسر ڪندي، ان ۾ چيو ويو آهي تہ هڪ انجنيئر اتي پٿر جي پل ناهڻ شروع ڪئي ۽ هر مشڪلات ۽ هر حوصلہ شڪنيءَ جي باوجود، هن اها پل ٺاهي تيار ڪئي. ان دوران انجنيئر جتي پل تعمير ٿي رهي هئي، اتي پرسان جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو ۽ ڪنهن کي منهن نہ ڏيکاريندو هو ۽ پنهنجيءَ ڪم ڪار ۾ مصروف رهندو هو. نيٺ اها پل ٺهي راس ٿي ۽ ”لڪڙين ۽ پٿين جي جارين مان پل ٻاهر نڪتي. سفيد، پتلي، هڪ ڇپ کان ٻيءَ ڇپ تائين هڪ سڌي اڏاوت! ڇا ان سنسان جهنگل ۾ ٻي ڇيز لاءِ آشا ٿي سگهي ٿي سواءِ ههڙيءَ وسميہ پريءَ رچنا جي! اها ايئن ٿي لڳي گويا نديءَ جي ٻنهي ڪنارن کان وهڪري جي سفيد گجيءَ جا ڦوهارا مٿي پئي آيا ۽

پنهنجي اُڏام کي ڪن پل ڪاهيءَ مٿان روڪي لٽڪي بيٺا ها. هيٺ اُفق تائين ڦهليل زيپا ندي پئي وهي. ڏسڻ وارن جون نگاهون ڪافي وقت بعد نازڪ، ڊولائتين ريکائن واريءَ ان ڪمان تي ڄمي، ٽڪي ٽي سگهيون. جا بناوت ۾ ايئن پئي ڀاسي جڻ آس پاس جي ولين ۽ ٻوٽن هڪ پل لاءِ ڪٽي نوڪدار پٽرن کي پڪڙيو آهي ۽ اهي سڀ پل پر ۾ هوا تي ويندا، اکين کان اوجهل ٿي ويندا."

اُن پُل جي تعمير کان ڪجهه وقت پوءِ اهو انجنيئر گذاري ويو پر اها پل دور دور کان اس ۾ چمڪندي هئي، چانڊوڪيءَ ۾ چمڪندي هئي، منش ۽ ڍور ان تان لنگهي پار پهچندا هئا...

دور کان ان پل جو ايرنڊڙ شاهي وستار هميشه سيني چيزن کان ڪٽيل الڳ لڳندو هو. ان کي ڏسي ياتري دنگ رهجي ويندا هئا، جڻ انهن پهاڙي جهنگلن ۾ اها پل هڪ اڻ نهڪندڙ چتر ڪلپنا هئي.

مون اڳ ئي چيو آهي ته مان به پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي پل ٺائي رهيوهوس، انسان ۽ انسان جي وچ ۾، ازل ۽ ابد جي وچ ۾، ته تاج جويو آيو ۽ اچي منهنجي ڪم ۾ رخنو وڌائين. مون هن کي پهريون لنوايو پر پوءِ ڪجهه سوچڻ لڳس: "رڳو ناهڻ ته ضروري نه آهي ڪجهه ڍاهڻ به ته ضروري آهي." هي ڪوڙ جو ڪوٽ، جو ڏينهن رات اکين ۾ ڪٽڪي رهيو آهي، اهو انهيءَ اڏاوت سان ڪيئن ميل کائيندو جا مون جوڙي راس ڪئي آهي! هي اديب، جيڪي ڪوڙ جي پاڙ پٽڻ چاهين ٿا، انهن لاءِ منهنجو ساٿ ضروري آهي، هائو مون کي اڳي وانگر انهن جو ساٿ ڏيڻو آهي. هائو انهيءَ ڪم کي اوليت آهي، اهو ڪم پنهنجيءَ جاءِ تي افضل آهي، اڄ مان ستن سالن کانپوءِ اوهان وٽ آهيان ۽ پانيان ٿو ته آخر تائين اوهان سان رهندس. مون ڪيئي سال اڳ لکيو هو ۽ اڄ به ساڳي ڳالهه دهرائي رهيو آهيان:

ذات وڏي شي ناهي
پر سَچ وڏي شيءِ آهي
۽ جو سچ مڃائي
سو مڃ وڏي شيءِ آهي.

# شيخ اياز

نثر 2

ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

خط، انٽرويوءِ تقريرون - 1

خط، انٽرويوءِ تقريرون - 2

اڳتي قدم جا ايڊيٽوريل



[3]

# خط
# انٽرويو
# ۽ تقريرون

(پاڱو پيو)



# انتساب

سکر جي وڪيلن، اديبن ۽ دانشورن جي نالي،
جن سان مون اڌ عمر گزاري آهي،
۽ جن جون يادگيريون،
منهنجي زندگيءَ جو املهه سرمايو آهن.

-شيخ اياز

# فهرست

## خط


| | |
|---|---|
| لامون تنهن وڻ سنديون (پيغام ۽ ٻه خط) | 503 |
| ڪانارئا ڪٽڪن... | 505 |
| شخصيتون تاريخ جا پيرا آهن | 513 |


## انٽرويو


| | |
|---|---|
| چٽنگ جو چٽاءُ | 517 |
| منهنجي شاعريءَ جو ساڻ آدرشن سان آهي | 529 |


## تقريرون


| | |
|---|---|
| قومي جدوجهد ۾ سنڌي شاعريءَ جو حصو | 545 |
| تعليم ڪان سواءِ آزاديءَ جو صحيح شعور ممڪن نہ آهي | 550 |
| پيغام | 555 |
| شاعرو اديبو سنڌ ديس جي ثقافت جا وارثو! | 560 |
| ڌرتيءَ جي ڏيئرن ڏانهن | 568 |
| موت جي ذڪر تي پنهنجيءَ جو ردعمل | 573 |
| ايندڙ نسل لاءِ جمهوريت ۽ آزاديءَ جو ورثو ڇڏڻو پوندو | 579 |
| هاڻوڪا ۽ اڳيان هموطنو سنڌي دوستو! | 586 |
| شيخ اياز نمبر جي مهورت وقت ڪيل تقرير | 589 |

ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

| | |
|---|---|
| درياهہ جي ڳالهہ درياهہ کان پڇو | 598 |
| سڪڻ سڳر توڪ.... | 610 |
| حيدرآباد ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي مشاعري ۾ ڪيل تقرير | 624 |
| خاڪوءِ مهاڳ | |
| محمد عثمان ڏيپلائي منهنجو محسن (خاڪو) | 631 |
| نند جويري جي ڪتاب ”چوواڻي“ تي لکيل مهاڳ | 641 |
| تاجل بيوس جي ڪتاب ”سنڌ منهنجي امان“ تي لکيل مهاڳ | 651 |
| اياز گل جي شعري مجموعي جو مهاڳ | 657 |
| ادل سومري جي شعري مجموعي جو مهاڳ | 664 |
| بدر ابڙي جي ڪتاب ”جيل جي دائري“ تي لکيل مهاڳ | 672 |

# خط

پريمودا
(شڪنتلا کي) :
تون جو وڻ سان ٽيڪ ڏيئي بيٺي آهين،
ته ائين لڳي رهيو آهي،
ڄڻ هن وڻ سان ڪنهن سندر ول جو سنجوڳ ٿي ويو آهي
- ڪاليداس

❊❊❊

لامون تنهن وڻ سنديون، لوڏيان، لايان ڳري،
منهنجي وو شهر پنيور ۾.
(سُر ڪوهياري، شاهه)

# لامون تنهن وٽ سنڌيون

(سال 1968ع ۾ رسالي روح رهاڻ ۾ ڇپيل پيغام ۽ به خط)

## پيغام

(حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سيڪريٽري جنرل ڄام ساقيءَ ڏانهن پيغام)

1- ڊسمبر 1967ع، ادا ڄام- افسوس اٿم، جو حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان (3 ڊسمبر 1967ع تي) "قوم ۽ زبان" جي موضوع تي سڏايل مذاڪري ۾ ڪن اڻٽر مجبورين سبب شريڪ ٿي نٿو سگهان.

قومي مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن جي جوڳي حل تلاش ڪرڻ لاءِ اهي مذاڪرا نهايت فائدي وارا ثابت ٿي سگهن ٿا. پاڪستان ۾ قومن ۽ زبانن جو مسئلو ڪيڏو نه اهم آهي ۽ ان جو جوڳو ۽ جٽاءُ وارو حل ڪيڏو نه ضروري آهي، سو ڪنهن به دانشور کان ڳجهو نه آهي، نه وري اها ڳالهه ٿي ڪنهن کان ڳجهي آهي ته پاڪستاني زبانن کان اُڇاترائي ۽ ڏاڍائيءَ سان قومي ۽ علاقائي درجا ڏيئي، جنهن نموني مسئلي کي رفع دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، ان کان هن علائقي جا ماڻهو راضي نه آهن، ۽ هو پنهنجيءَ زبان کي آئيني طور جائز درجي ڏيارڻ لاءِ ڪافي عرصي کان جدوجهد ڪري رهيا آهن.

سنڌي زبان بابت اهو عام ويچار ته اها اولهه پاڪستان جي هڪ پنتي پيل زبان آهي، ڏاڍو غلط ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. اولهه پاڪستان جي زبانن ۾ سنڌيءَ جي امتيازي حيثيت جو اقرار خود حڪومت ان وقت ڪري چڪي، جڏهن مارشل لا کان پوءِ مقرر ڪيل تعليمي ڪميشن جي رپورٽ ۾ سنڌي عوام جي گهر سبب، ترميم آڻي، سنڌي

زبان کي ڪنهن حدتائين تعليم جو ذريعو تسليم ڪيو ويو. پر فقط انهيءَ هڪڙي قدم سان سنڌي زبان جو مسئلو نه حل ٿيڻو هو نه ٿي سگهندو. هاڻي ته انهيءَ ڏنل درجي کي به ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن جو هڪ مثال سنڌ ۾ قائم ڪيل ڪامپريهينسو اسڪول (Comprehensive Schools) آهن. منهنجي راءِ ۾ اردوءَ ۽ انگريزيءَ جي ڇڪتاڻ جو مسئلو به تڏهن حل ٿي سگهندو، جڏهن پهرين اولهه پاڪستان جي قومي زبانن، سنڌيءَ، پنجابيءَ، بلوچيءَ ۽ پشتو جو مسئلو حل ڪيو ويندو.

زبان، زمين، تاريخ ۽ معاشي ۽ نفسياتي سٿاءَ جي لحاظ کان، اسان سنڌي هڪ قوم آهيون، ۽ اهڙيءَ طرح پاڪستان، جو هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي، ان ۾ هر قوم سان هڪجهڙائيءَ ۽ نياءَ جي ورتاءَ جو طريقو ڳولڻو آهي. جي اسان ۾ سچائيءَ ۽ ياڻپيءَ جي من- ورتي آهي، ته انهيءَ مسئلي جو حل ڳولڻ ڏکيو نه آهي. انسان سڀ ڀائر آهن، شرط اهو آهي ته هڪڙو ٻئي جي پيٽ تي لت ۽ نڙيءَ تي ننهن نه ڏئي. اسان جي مسئلي کي، جيڪڏهن ڪوئي سنڌي ٻڌجي ڏسندو ته هو اسان جي من جي پيڙا کي سمجهي سگهندو.

مون کي وڏي اميد آهي ته اوهان جي مذاڪري ۾ شريڪ ٿيندڙ عالم ۽ دانشور زبانن ۽ قومن جي مسئلي جي چڱيءَ ريت ڇنڊڇاڻ ڪري، ان جي جوڳي نياوَ لاءِ ڪارائتيون رٿون تيار ڪري سگهندا. *

اوهان جو،
شيخ اياز.

* هن کان پوءِ هڪ خط ڪڍيو ويو آهي، جو ته خط انٽرويو، تقريرون ياڱي پهرئين ۾ "هائيڪو ۽ سنڌي شاعري جو مزاج" عنوان سان اڇي ڇڪو آهي، جيڪو اياز 'روح رهاڻ' جي ايڊيٽر حميد سنڌيءَ کي لکيو هو.

# ڪانا رئا ڪٽڪن.... (خط)

پيارا حميد،

توسان فون تي وعدو ته ڪري ويٺو آهيان، پر هاڻي سوچان ٿو ته توکي ڇا موڪليان. مٿان وري سليم جو خط پهتو آهي.

منهنجي شاعري انهيءَ ٽوپي وانگر آهي، جو جڏهن ٽُپي هٽي، مُٺ پري مٿاڇري تي ايندو آهي، تڏهن هن جون اکيون پاڻيءَ ۽ مِٽيءَ سان ايترو ته لڙائيل هونديون آهن، جو هن کي ٻيءَ ٽپيءَ لاءِ ڪافي ساهي پٽڻي پوندي آهي. شاعريءَ ۾ به جندڙيءَ جي جوار ياٽا آهي؛ اُها وير وانگر ايندي آهي ۽ موٽ ڪائي فقط سُڪل ٺوٺ پهاڙيون ڇڏي ويندي آهي. جڏهن شعر جي آمد ٿيندي آهي، تڏهن دل جو ڌڙڪو ايئن تيز ٿي ويندو آهي، جيئن وحشي آفريڪي گهاٽن جهنگن ۾ ڍُهل وڄائيندا آهن، اُنهن جي هل هلاڇي تي شڪار هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي، آخر انهن جي چار ۾ اٽڪي ڦاسي ويندا آهن، ۽ پوءِ ڍُهل جو آواز ڍرو ٿيندو ويندو آهي ۽ نيٺ اُن جي جهيڻي جهانءِ پاتار ۾ پيهي ويندي آهي. جيستائين اهو شڪار ونديو ورهائبو نه آهي ۽ وري آهيڙين جا آنڊا ٻُڪ ۾ وڌبا نه آهن، تيستائين اهي ڍُهل ٻڌڻ ۾ نه ايندا آهن. شعر جي تخليق هڪ عجيب تجربو آهي. باشعور ۾ باشعور شاعر به پنهنجي تحت الشعور جي هيجان جو محتاج آهي.

مون محسوس ڪيو آهي ته مون ۾ بُت تراش جو جنون آهي. بُت تراشيءَ لاءِ جذبات جي شدت، خون جي گرم رويءَ ۽ جانڪنيءَ جي ضرورتِ آهي. تخليق ڪان پوءِ مصور جا هٿ رنگ ۾ ٿڦيل نظر ايندا آهن، پر بت تراش جا هٿ، ڇيڻيءَ تي زبرا ڌڪ هڻي، لهولهان ٿي پوندا آهن، ۽ وري پٿر ۾ پيهي، ٻيءَ مورتيءَ کي ڇڪي اڇڻ لاءِ اُنهن چٽيل

چچريل هٿن کي ڪجهہ آرام جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي.

شعر، جي واقعي شعر آهي، تہ هر سٺ شاعر جي هڏي جي مِکُ آهي. ان جي تخليق ۾ جسماني ڪاوش بہ ايتري ئي آهي، جيتري روحاني. سرجڻهار جي سرير ۾ هر نئين سٺ ايتريءَ تيزيءَ سان ڦرندي آهي، جيئن ڪائي شئي جنديءَ تي ڦرندي هجي. ڀٽائيءَ ”رڳون ٿيون رباب“ چئي ساڳيءَ ڪيفيت جو اظهار ڪيو آهي، پر اهو رباب ”ويل سيپ ڪنهين“ فقط شاعر جي تحت الشعور ۾ وڄندو رهندو آهي.

بهر صورت، جنهن دور مان اسان گذري رهيا آهيون، ان ۾ ساهي پٽڻ جي گنجائش نهايت گهٽ آهي. ڀٽائيءَ جي ”سوئا، پالڪ، چُوڪا“ واري ڪهاوت جيتري اڄ معنيٰ خيز آهي، اوتري ڪڏهن بہ نہ هئي. هن وقت ذات کي خالي ڪارتوس وانگر ڦٽي ڪري نہ ڇڏٺو آهي. جي نظم ۾ نہ، تہ نثر ۾ ان کي سنڌ جي نجات لاءِ ڪم آڻٺو آهي. ڪنهن بہ محافظ دستي جي ڪاهيءَ ۾ اک ٻوٽ اهو جرم آهي، جنهن لاءِ تاريخ وٽ ڪائي معافي نہ آهي. في الحال اڳئين مجموعي مان (جنهن کي تو يا ابراهيم ”جل جل مشعل جل جل“ جو عنوان ڏنو آهي) جي ڪجھ ڪوڙيون رهجي ويون آهن، تن کي اڇو اجرو ڪري موڪلي رهيو آهيان. دراصل مون اڳئين مجموعي جو عنوان ”وڄون وسڻ آئيون“ سوچيو هو ۽ ان جي وضاحت لاءِ ڀٽائيءَ جي هينئين سٽ عنوان جي پرسان ڏيڻ جو ارادو ڪيو هو.

”منداڻتي مينهن جي، ڪنوڻ نہ ڪوٺي.“

مون کي ڀٽائيءَ سان ايتري عقيدت ٿي وئي آهي، جو هر ڪتاب جو عنوان هن جي ڪلام مان ڪڍڻ چاهيان ٿو. مون کي هميشہ ايئن لڳو آهي تہ اهو عنوان جڻ منهنجي ڪتاب جي سرورق تي ڀٽائيءَ جو هٿ آهي، جو ان جي مٿي تي رکيو آهي ۽ ان کي دعا ڪري رهيو آهي.

رسول بخش پليجي مون کي هڪ ڀيري چيو هو ”تنهنجي نثر ۾ تہ زندگيءَ جو مادي نظريو ملي ٿو پر تنهنجي نظم ۾ ڀٽائيءَ وانگر مابعد الطبيعاتي ابهام (Metaphysical vagueness) آهي.“ مون کي هن جي تجزيي سان اتفاق نہ هو. پر ان وقت مون محسوس ڪيو هو تہ شايد منهنجي انسان ۽ ڪائنات، زمان ۽ مڪان جي تخيل کي مادي نظرئي

وارا اپنائي نہ سگھندا. ھونءَ تہ منھنجيءَ نظر ۾ وحدت الوجود (Pantheism)، دھريت (Atheism) لاءِ ھڪ ملايم لفظ آھي، پر پوءِ بہ مون کي پليجي جي اعتراض ۾ پنھنجي دور جي ذھين طبقي جي اُھا يڪجھتي نظر آئي ھئي، جنھن شاعر جي روح تائين پھچڻ کان انڪار ڪيو آھي.

تازو ”سوويت ادب“ ۾ مون روس جي عظيم شاعر ۽ ناولسٽ پيسٽرنڪ تي ھڪ تنقيدي مضمون پڙھيو آھي، جنھن منھنجيءَ انھيءَ سوچ ۾ ڪافي ڦيرو آندو آھي. بہ چار ڏينھن اڳ مون بورجوا پريس جي ھڪ خبر پڙھي تہ پيسٽرنڪ جو نوبل انعام کٽندڙ ناول، روس جي مشھور ادبي رسالي نووي مير (Novy Mir) ۾ شايع ٿي رھيو آھي. ان کان اڳ بہ چار پيرا مون ترقي پسند ادب ۾ فني آزاديءَ تي بحث ڪندي چيو ھو تہ ”مون کي ان جو انتظار آھي تہ ”ڊاڪٽر زواگو“ روس ۾ ڪڏھن ٿو شايع ٿئي.“ مون کي توقع ھئي تہ ڪنھن نہ ڪنھن وقت اُتي ان جي اشاعت ٿيندي. الياھرنبرگ جي ناول ”برف رجي وئي“ (The Thaw) کان وٺي يوتوشينڪو (Yevtushenko) جي آتم ڪھاڻي ۽ شاعريءَ ۽ ووزنيسينسڪيءَ (Vozne Sensky) جي شاعريءَ تائين، جو روسي ادب انگريزي ترجمي ۾ مون تائين پھتو ھو ان مان مون کي يقين ٿي ويو ھو تہ پرولتاري انقلاب جي جنم ڀومي، پنھنجا اقتصادي ۽ سياسي مسئلا حل ڪري، انساني آزاديءَ جي روحاني مسئلي ڏانھن توجھ ڪري رھي آھي. سندريءَ اُتم چنداڻيءَ جي ھونءَ دلچسپ ترجمي ”امن سڏي پيو“ ۾ يوتوشينڪو ۽ ووزنيسينسڪيءَ جا اُھي نظم شامل نہ ڪيا ويا آھن، جن مون کي وڏيڪ متاثر ڪيو آھي. مون يوتوشينڪو جو نظم ”بابي يار (Babii Yar) ۽ ووزنيسينسڪيءَ جو نظم ”پوري دم جو گيت (Ballad of the Full Stop) پڙھي يڪدم چيو ھو تہ ھيءَ عظيم شاعري آھي ۽ روس، جنھن ڪنھن وقت پڪاسو جي سورئيلي آرٽ (Surrealistic Art) کي مصلحت سبب اپنايو ھو، ھاڻي سچ پچ فن ۽ ادب ۾ عظيم تجربن ۽ فنڪار جي روحانيءَ آزاديءَ ڏانھن موٽي رھيو آھي.

ھڪ دفعي فيض احمد فيض سان اسٽالن جي دؤر جي سخت

گيريءَ ۽ جديد روسي ادب ۾ جمود تي بحث ڪري رهيو هوس تہ هن چيو: ”پر ٽالسٽاءِ ۽ مائڪوفسڪي تہ جينيس (Genius) هئا ۽ جينيس صديءَ ۾ گهٽ پيرا پيدا ٿيندو آهي؟ ترس، اجا انقلاب کي سال گهڻا ٿيا آهن؟“ مون ان وقت فيض سان اتفاق ڪيو هو ۽ سوچيو هو تہ شايد جينيس پيدا ٿيندو ئي روحاني آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي دور ۾ آهي. پرولتاري انقلاب، ڪنهن ٻار جي جم وانگر، هڪ ڳاڙهي، رت ڀونءِ، هاٺي نئين زندگي آهي، ان ۾ پيڙا بہ آهي ۽ ان جي آئيندي جو اُلڪو ۽ اونو بہ آهي. اهو اُلڪو ۽ اونو جڏهن آزاديءَ جي آڏو اچي، تڏهن اُن تي يڪدم صحيح فتويٰ ڏئي نہ ٿي سگهجي. اها فتويٰ تاريخ کي ڏيڻي آهي، صدين جا زنجير ڪپيندي ڪپيندڙ کي هٿ بہ ڪپي وجهندا آهن. پر هر انسان دوست مفڪر انقلاب کي انسان جي روحانيءَ آزاديءَ جو پيش خيمو سمجهيو ويندو آهي. سياسي ۽ اقتصادي آزادي بہ فقط ذريعو آهي روحانيءَ آزاديءَ جو. ڌرتيءَ ٽڪرو يا مانيءَ ڀڳيو گيت کان زياده اهم نہ آهي. جيتوڻيڪ ان لاءِ بلڪل ضروري آهي.

ڏس، الاجي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهتو آهيان! پر انسان هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو اچي چڪا آهن، جو عالمي ادب جو هر مسئلو دنيا جي هر باشعور اديب جو مسئلو ٿي پيو آهي. هوڏانهن، چين جي ثقافتي انقلاب (Cultural Revolution) جو چيني ثقافت تي ڪهڙو اثر ٿيندو ۽ اجڪلهہ ”چيني ادب“ رسالي ۾ ڇا اچي رهيو آهي، ان تي پوري پاڪستان جا ذهين اديب ڪافي ڪجهہ سوچي رهيا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان جي ننڍڙي ديس جي هر مسئلي جي اهميت بہ ان جي جاگرافي ۽ سياسي اهميت مطابق آهي. پر ڪوئي وقت ايندو مٺا، ڪوئي وقت ايندو...

سو مون توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ روسي ادب ۽ اديب جي ذهنيءَ آزاديءَ ڏانهن موٽي رهيو آهي.

”سويت ادب“ ۾ ڪورنيئي، چڪوفسڪي، پيسترنڪ جي هڪ نظم، ”چيل جا وڻ“ جو حوالو ڏئي ٿو جنهن ۾ شاعر هڪ لحظي لاءِ جاودان ٿيڻ واري ڪيفيت محسوس ڪري ٿو ۽ هو درختن ۾ معرفت پائي ۽ انهن جي مراقبي ۾ محو ٿي اذيت کان ۽ باطل کان ۽ موت کان بہ

آزاد ٿي وڃي ٿو.

مون نہ فقط شاعريءَ ۾، پر پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئي ڀيرا اها ڪيفيت محسوس ڪئي آهي. اسان جي پاڙي ۾ اٽڪل ٽيھہ پرھہ اونهو کوھہ هوندو هو. ننڍي هوندي اسان ڏينهن جو ڪڏهن ان جي ڳاڌيءَ تي ڦرندا هئاسين ۽ ڪڏهن مالهہ تي هيٺ لهي ويندا هئاسين. ائٽ، ارڙيون، ڪنگريون، نيسر، مطلب تہ اُن جي هر شيءِ اسان جي اگوندري الهڙپڻي ۾ سمائجي چڪي هئي. هڪ رات پاڙي ۾ شادي هئي. اُها اسوءَ جي تارن ڀري رات هئي. پاڙي ۾ ڌرتيءَ تي گلم غاليچا وڇايل هئا، جن تي گڏس بتيون ٻري رهيون هيون ۽ چاچي، مولودي، آيا ويا، پنهنجا پراوا سڀ سجيا سجايا ويٺا هئا. اسان غريب هئاسين ۽ مون کي موقعي لاءِ چڱا ڪپڙا ڪونہ هئا. ان ڪري مان اتان اوچتو کسڪي، مالهہ تان کوهہ ۾ لهي ويو هوس ۽ ڪيترو ئي وقت پاٽيءَ ۾ ٽنگون لٽڪائي ويهي رهيو هوس. کوهہ ۾ چوڌاري سُن هئي ۽ فقط منهنجهين لتن لڳڻ ڪري پاٽي لپڪ لپڪ ڪري رهيو هو. تارن جا ٽڙڪا کوهہ جي پاٽيءَ ۾ ايئن ٿي پيا، جڻ موسلادار مينهن ۾ ڪڙ ڪبيتا چمڪي رهيا هئا. ان وقت مون کوهہ مان اٿي آڪاس ڏانهن ڏٺو هو آڪاس جو وشال آهي، جنهن جو ڪوئي انت اَد نہ آهي، جنهن جي پولار ۾ هيءَ ڌرتي ڪنهن تاري جي ٽبڪي جيتري بہ نہ آهي. مون کي انهيءَ کوهہ ۾ پنهنجي جندڙي ڏاڍي ننڍڙي لڳي هئي. اوچتو مون محسوس ڪيو هو تہ مان اها مالهہ آهيان، اهو پاٽي آهيان، اهو آڪاس آهيان، جنهن ۾ اهي سڀ ستارا سمائجي ويا آهن، پوري ڪائنات آهيان، ازل کان ابد تائين زندگي آهيان، منهنجو ڪوئي موت نہ آهي.

جيئن مون پنهنجي اڳئين خط* ۾ لکيو هو هڪ ”لحظي لاءِ جاودان ٿي وياسين“. جي اها ڪيفيت وحدت الوجود جي ڪيفيت آهي ۽ ان ۾ ۽ مادي فلسفي ۾ ڪو ٽڪر ڪونهي.

اڄ مون کي نفرت آهي انسان ۽ ڪائنات جي هر انهيءَ تصور کان، جنهن جي آڙ ۾ انسان، انسان تي ظلم روا رکيو آهي، ۽ هن کي

* ”ابر ۾ اهاءُ ٿيو“خط: روح ۔ رهاڻ: مئي ۔ جون، 1967ع

غلاميءَ، بک ۽ بدحاليءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو آهي. مون کي نفرت آهي انهيءَ هر پير، پيغمبر، واعظ، خطيب، محتسب ۽ مذهبي ۽ سياسي مفڪر ۽ رهنما کان، جنهن انسان کي ڪوڙو اهڙو تصور ڏنو آهي. انهن ڪڏهن بہ پنهنجي محدود ذات مان نڪري اُنهيءَ لامحدود کي پُڇهي نہ ڏنو آهي ۽ ان ڪري انهن انسان کي ننڍڙو سمجهيو آهي ۽ ان تي ظلم روا رکيو آهي، انهن انسان جي زندگيءَ جي عظيم وسعت ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي آهي ۽ تنهن ڪري ان جي تذليل ۾ نہ ڪيٻايو آهي.

ادا، اهو پليجو جيڪو تنهنجو يار آهي ۽ جنهن انگرسال (Ingorsol) جيتري بلا جي ذهانت، فصاحت ۽ رواني آهي، پنهنجيءَ انهيءَ ائنٽري سُپاءَ سان مون کي ڪرنارڪ جي مندر جي ڪنهن تانترڪ شلپيءَ جي هٿ سان ٺاهيل يڪش وانگر لڳندو آهي. (هن کي منهنجي هندي ٻوليءَ ۾ سپيتا سان گهڻي دلچسپيءَ تي مٺيان لڳندي آهي ۽ ان ڪري تشبيهہ بہ اهڙي سجهي آئي آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ هن کي ساڳيءَ ٻوليءَ سپيتا جو سهارو وٺڻو پوندو.)

اهڙي بئي ائنٽري يار کي "روح رهاڻ" ۾ بہ پيرا چپايل "جل جل مشعل جل جل" پسند نہ آيو. ابراهيم جويي جي مهاڳ مان تہ ظاهر آهي تہ هو اُهو مجموعو هن کي ڪنهن يوگيشور ۽ تپيشور جي من جي مينڪا وانگر لڳو آهي ("وري ساڳي ٻولي، وري ساڳيءَ سپيتا سان هٿ چراندا!" پليجو چوندو.) ابراهيم اُهو مهاڳ لکي منهنجي ذات جي ستياناس ڪرڻ جي پرخلوص ڪوشش ڪئي آهي. ابراهيم ايترو تہ وڏو آهي، جو مون کي هن جي هرفتويٰ قاضيءَ ازل جي فتويٰ وانگر لڳندي آهي. پر هن پيري هن جا فتويٰ ڏئي مون کي زندگي جاويد جي سزا ڏني آهي، اُها مون کي قبول نہ آهي. مان جوت جو ڳنڍ ڪپ نہ آهيان: مون لاءِ پنهنجيءَ جندڙيءَ جي ڳنڙي ڪافي آهي. جڏهن ڪوچ جو سنک وڳو تڏهن مان اها ڳنڙي ڇنڊي، هٿين خالي نڪتو ويندس.

ها، مون توکي ٻڌايو ٿي تہ بئي هڪ يار پنهنجيءَ موتين مول ٻوليءَ ۾ اڻ گهري فرمائش ڪندي چيو: "مون کي تنهنجو "جل جل مشعل جل جل" پسند ڪونہ آيو. چو تہ تو پنهنجيءَ ذات کي اجايو وڃائين ۽ ساڳي

وقت پنهنجي لاءِ بي معنيٰ مصيبت پيدا ڪرين؟ بهتر آهي ته پنهنجيءَ جمالياتي دنيا ۾ موتي وڄ. نادر شاهه سنڌ ۾ ڪيتري خونريزي ڪئي هئي، پر ڀٽائيءَ اُن تي هڪ سٽ به نه لکي آهي.“

مون ”ادب ادب لاءِ“ جي ڪوتي سڪي ڪي پرکي، جواب ڏنو: ”نادر شاهه سنڌ ۾ ڪوپو ڪوڙي ته ڪونه وينو هو جو ڀٽائي هن جي باري ۾ به لکي ها. اهو ورلي ٿيندو آهي ته ڪو به عظيم شاعر، ڪنهن به حادثي سان مقابل رهي يا ان کان يڪدم پوءِ ان جي باري ۾ ڪجهه لکي سگهي. مون کي برصغير جي زنده جاويد شاعريءَ ۾ اهڙو فقط هڪ مثال نظر آيو آهي- امير خسرو جو سلطان محمد جي شهادت تي مرثيو. نه فقط اهو پر ان دور ۾ باغي شاعر فقط هجوگو ٿيندا ها. ڀٽائيءَ هجو گوئيءَ جو به اهڙي طرح اهل نه هو جهڙيءَ طرح قصيده گوئيءَ جو (سُر بلاول نه گربخشاڻيءَ جي رسالي ۾ آهي، نه ٽرمپ جي ۾، مان اها قصيده گوئي ڀٽائيءَ جو ڪلام نه ٿو سمجهان.) ظلمَ هن ۾ فقط مظلوم لاءِ رحم ۽ ظلم لاءِ نفرت پيدا ڪئي آهي. ڇئي سگهنديِن ته تاريخ جا اُهي ڪهڙا حادثا هئا، جن شاهه کان هھڙيون سٽون لکارايون هيون:
ڪانا رئا ڪٽڪن، جنين لوهه لڱن ۾.

رهي اڄجي راتڙي، تن واڍوڙئن وٽاءِ،
جن کي سُور سرير ۾، گهٽ منجهارا گهاءِ،
لڪائي لوڪاءِ، پاڻهه ٻڌن پٽيون.

ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو،
سُرهو سر وڃائيو ڪوڙن ڪانيرن،
رُنا روهه وڃن، هيٺائيءَ کان هنجڙا.

حسن ۽ جمال سان ته مون کي به محبت آهي، پر باهه جي وقت پاڻيءَ جي ضرورت قلواڙيءَ کان وڌيڪ فائر برگيڊ کي آهي. جنهن هٿ ۾ بنسري هئي، اُن ۾ بيو گل ڏسي وائڙو نه ٿيءُ. ڪنهن به سچي شاعر لاءِ حقيقت کان دائمي فرار ناممڪن آهي. ڪلا ڏرتتي آهي، ڏيڻ جو ڪوڙو تذڪار نه آهي. پر اها جمالياتي دنيا ڇا آهي؟ ڇا اها فقط گل ۽

بلبل، زلف ۽ رُخ جي دنيا آهي؟ ڇا اُها فقط ازل جي چڳ ۽ ابد جي چوٽي آهي؟ ڇا پتائيءَ جي انهيءَ سٽ ”ڪانا رتا ڪٽڪن، جنين لوهہ لڳن ۾“ ۾ سونهن نہ آهي؟ ۽ جي آهي تہ اُها سونهن ”ڪانياري“ ۾ آهي يا هن جي ”ڪٽڪڙ“ ۾ آهي يا انهيءَ لوهہ ۾ آهي، جو هن جي لڳن ۾ پيهي ويو آهي؟ اسپتال ۾ ڪنهن زخميءَ جي صورت جمالياتي احساس تہ نہ اُپاريندي آهي؟ نہ. اها سونهن انهيءَ سٽ جي ٻوليءَ ۾ ڪلپنا جي مڏرميلاپ ۾ آهي. شاعر خود حسن ۽ جمال جو خالق آهي. هن جي زبان ۽ تصور جي هم آهنگيءَ ۾ ئي جمال جي تخليق جو راز آهي. جي ان معيار تي جاچيندين تہ توکي انقلابي شاعريءَ ۾ بہ جمالياتي احساس جي ڪمي محسوس نہ ٿيندي. ڪرانتيءَ لاءِ تڙڦ ڪلا کي نهوڙيندي نہ آهي، وڌيڪ تاريندي آهي.

ادا حميد، مون کي اُنهيءَ فنڪار کان نفرت آهي، جنهن کان جيڪڏهن پڇيو وڃي تہ ”تنهنجي ڌرتيءَ تي هيترا انڌير پئي ٿيا، تو ڇا ٿي ڪيو؟“ تہ هو جواب ڏئي، ”مان زندهہ رهيو آهيان.“ مون کي هر سنڪيءَ (Cynic) ۾ هر ڪانئر کان بُڇان ايندي آهي. ان ڪري ئي مغربي ادب ۾ مون کي اسپين جي شاعر لورڪا (Gracia Lorca) جي شخصيت ۽ شاعريءَ لاءِ بيحد محبت آهي. هو فاشزم جي خلاف وڙهندي ماريو ويو هو. هن کي پنهنجي پيٽي بورجوا طبقي لاءِ ايتري نفرت هئي، جيتري مون کي سنڌ جي مٿئين وچولي طبقي لاءِ آهي ۽ هن کي جپسي عوام جي آزاد زندگيءَ سان ايتري محبت هئي، جيتري مون کي ٽري عوام سان ٿي وئي آهي، انقلابي هوندي بہ هو حسن ۽ جمال جو خالق هو.

ادا، هاڻي رات جا چار لڳا آهن. منهنجي ننڍڙي ڌيءَ ننڍ مان ڪَرَ موڙي پاڻيءَ پيئڻ لاءِ اُٿي آهي ۽ مون کي لکندو ڏسي چوي ٿي، ”بابا، اڃا تائين، ڇا ٿو لکين؟ بتي ٻاري اسان جي ننڊ ڦٽائي اٿئي.“ هن کي ڪهڙي خبر تہ هن جي بابا بتي ٻاري سنڌ جي پوري نئين نسل جي ننڊ ڦٽائي آهي.

تنهنجو پنهنجو

# شخصيتون تاريخ جا پيرا آهن!

(مدد علي سنڌيءَ ڏانهن لکيل خط)

فيبروري 1973ع

پيارا مدد علي! منهنجا سائين جي ايم سيد سان ڪجهه اختلاف ته ٿي سگهن ٿا، ۽ رهيا به آهن، پر مون کي ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته سائين، سنڌ آهي. منهنجي هن سان پهرين ملاقات 6 آگسٽ 1972ع تي سکر ۾ ٿي هئي، ۽ ان کان به چار ڏينهن پوءِ هو نظربند ڪيو ويو هو. هو سنڌ جو دورو ڪندي خيرپور پهتو هو ۽ شام جو سکر ۾ سکر بار جي دعوت تي اچڻو هو. مان 12 وڳي خيرپور پهتس. سائين هڪ وڏي ميڙ ۾ اسٽيج تي ويٺو هو ۽ تقريرون ٿي رهيون هيون. مان به پاسو ڏيئي هن جي پيرن وٽ ويهي رهيس. سائينءَ جي ٻنهي پاسي به بندوقچي پُراٽيون رائفلون جهليو بيٺا هئا. ۽ ميڙ جي چوڌاري سنڌي ۽ غيرسنڌي پوليس آفيسر اسٽين گنون تاڻيو ويٺا هئا، ته متان ڪوئي فساد نه ٿي پوي. جي. ايم. سيد سنڌ ۾ به محفوظ نه هو. سنڌ، سنڌ ۾ به محفوظ نه هئي. ان وقت مون کي به شعر پڙهڻ لاءِ چيو ويو ته مون سر ڪيڏارو ٻڌايو جنهن ۾ هيٺان بيت به هئا:

سدا ايريا سنڌ ۾، ڪوپا ڪنجل لوڏ،
هوڙهايون ۽ هوڏ، ڏسي پنهنجي ڏيهه سان.

سدا ايريا سنڌ ۾، ڪوپا ڪيهر وڪ،
ڏوران جن جي ڏڪ، ويريءَ جيءَ جهپائيو.

ميٽنگ بعد سائينءَ سان ڪجهه وقت تنوير جي جاءِ تي گذريو ۽ پوءِ اهو چئي اجازت ورتم تہ سکر ۾ ملنداسين.

سکر ۾ جي. ايم. سيد جي دعوت انتر پاڪ هوٽل ۾ هئي، مان سادي چهين وڳي اتي پهتس تہ سيٺي وڪيل واٽڙا تي لڳا. رشيد ڀٽيءَ کان معلوم ٿيو تہ سائيءَ کي سکر پهچڻ کان پوءِ دل جو دورو پيو هو ۽ هو هڪ ڪمري ۾ آرامي هو ۽ هن جو نوڪر هن جي پيرن کي زور ڏيئي رهيو هو. مون نوڪر کي اشاري سان ٻاهر هليو وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ سائينءَ جي پيرن کي زور ڏيندي سوچيو تہ انهن پيرن ڪيڏو نہ پنڌ ڪيو آهي، پر پوءِ بہ انهن جي منزل ڪيتري نہ دور آهي. مون اهو سوچيو تہ پنهنجي بقا لاءِ جدوجهد ڪندڙ قوم لاءِ شخصيت پرستي ڪيڏي نہ ضروري هوندي آهي. تاريخ شخصيتون اپاريندي آهي، ۽ شخصيتون تاريخ کي اڳتي وٺي ويندڙيون آهن، شخصيتون تاريخ جا پير آهن، تاريخ انهن کان سواءِ جڏي هوندي آهي، لينن کان سواءِ روس ۾ انقلاب ايترو جلدي نہ اچي ها، ڪاسترو ۽ هوچي منهہ کان سواءِ ڪيوبا ۽ ويٽنام اجوڪا ڪيوبا ۽ اجوڪا ويٽنام نہ هجن ها. ۽ جي. ايم. سيد کان سواءِ دودي ۽ دولهہ دريا خان، جي سنڌ هميشہ لاءِ دفنائجي وڃي ها. ايتري ۾ سائينءَ اکيون پٽيون ۽ مون کي ڏسي مُرڪيو. اسان ٻنهي جي اکين ۾ ڪوئي اختلاف نہ هو ڇو تہ ٻئي ساڳي منزل ڏانهن ڏسي رهيون هيون، باقي اهو نئون سفر ڪيئن طئہ ڪجي، منهنجي لاءِ اهو فيصلو مون کي پاڻ ئي ڪرڻو آهي، ۽ مون ڪيو آهي.

تنهنجو

شيخ اياز

# انٹرویو

# چٽنگ جو چتاءُ

شيخ اياز سان هي انٽرويو باقاعدي پلان ڪري ڪونہ ورتو ويو هو پر هڪ اوچتي ۽ محبت سان ڪيل ملاقات جو تاثر آهي جيڪو نئين ٿهيءَ جي ليکڪ ۽ شاعر نصير مرزا ساڻس صرف هڪ ڪلاڪ گڏجاڻي ڪرڻ کان پوءِ منفرد ڍانءَ سان تحرير ڪيو آهي. هي انٽرويو نما تاثر شيخ اياز جي انهن ڏينهن جو يادگار آهي، جڏهن هو ڪافي ناچاڪ هئا. شيخ اياز سان 15 آگسٽ 1988ع تي ٿيل نصير مرزا جي ان مختصر ملاقات جو هي تاثر، ڪونج (انڊيا) نومبر ڊسمبر 1988ع واري شماري ۾ شايع ٿيو.)

**سگنيچر ٽيون**

تاريخ جي مووِنگ فنگر، ٽورو لکندي، گهٽو ڪجهہ ڇڏيندي، سرڪل ۾ ڦرندي تي رهي. تاريخ نويس کو ڪراماً“، ڪاتبين تہ آهي ڪونہ، جو سڀ ڪجهہ لکندو وڃي. ڪجهہ تہ ”پويان ايندڙ“ پانڊيئڙن لاءِ بہ رهائٽو آهي، جيئن پيرا سلامت رهن ۽ سفر جاري رهي. ازل تا ابد.

هنن ستن ۾ مون پيرا ڪنيا آهن. بي گاهہ مهل، ادل سومري ۽ آغا سعيد سان گڏجي، ”جنات چوڪ“ جون سنهڙيون ۽ پُر پيچ گهٽيون لتاڙي، پراڻي سکر جي ان گهر تائين پهتو آهيان. جنهن ۾ سنڌ جو Brain رهي ٿو: شيخ اياز.

وڏي پکيڙ ۾ پکڙيل سيمنٽ رنگ جي شاهي عمارت. چوڌاري عالم پناهہ جي اوچي ديوار. ديوارن تي لکيل رنگا رنگي سياسي نعرا. سلوگنس، دروازي جي ڀنهي پاسي چاڪنگ: M Q M (مهاجر قومي مومينٽ)

اندر انهيءَ شاهي وڏي گهر ۾ شيخ اياز رهي ٿو.
سنڌي شاعريءَ جو شينهن ـ شير خدا.
اڄڪلهه سندس لائيف سرڪل:
روٽين ۾ ڦرندڙ.

گهر، ڪورٽ، آفيس، مطالعو محدود/ لامحدود دنيا. لکڻ کان سواءِ ڪا ٻي ايڪٽوٽي؟

”نہ“، پالٽيڪس؟ ”نہ“، مشاعرا محفلون؟ ”نہ“، جلسا جلوس؟ ”نہ“، ڪو تحرڪ، ڪا قيادت؟ ”نہ“، پوءِ بہ جنهن رخ کان، جنهن ڪارنر تان ڏسبو، هن جو جائزو وٺو شيخ اياز ـ جهڙو آسٽر پهاڙ جهڙو ڪارونجهر جبل.

ادل سومرو گهر ـ دروازي جا ڏاڪا چڙهي، ٻانهن ڊگهيري ڪال بيل تي آڱر ٿو رکي. گهنٽيءَ جي ٽررررن، ٽررررن، ڇڻ، پوري پراٽي سڪر تي پکڙجندي ٿو محسوس ڪريان.

**فليش بيڪ**

اوڻيهہ سو اناسيءَ جي ايڪٽيهن مارچ تي نبڪ ڏيڍ وڳي ٻنپهرن جو ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. فون کنيم.

25913. ٽو فائيو نائين، ون، ٽري؟

Yes!

اوهان سان شيخ اياز ڳالهائڻ ٿو چاهي.

اوچتو مون کي لڳو سنڌو ماتريءَ جي پنج هزار سالا تهذيب، مون سان مخاطب ٿيڻ ٿي چاهي.

هيلو...!؟

منهنجي ڪنن ۾ ماضيءَ جي ماضيءَ ۽ مستقبل جي مستقبل، جي مهان ڪويءَ جو آواز ٻُريو.

نصير! (اياز چيو):

مون کي ”سائين مرنا“ جي اِڪتاري تي وڄايل، ڏنن واري لانگ پلي جي رڪارڊنگ، ڪئسيٽ تي گهرجي.

What?

سائين مرنا؟_ سائين مرنا، جنهن جون اڪتاري تي وڄايل سيڊ ٽيونس (Sad Tunes) ريڊيو تان، ڪنهن جي غمخواهي پروگرامن جي بيڪ گرائونڊ ۾ يا ڊيٿ آئنيورسريز (Death Anniversaries) جي موقعن تي نشر ٿينديون آهن؛ جنهن جي هر تار، هر سُر مان، بيابان واڪا ڪري نڪري نروار ٿيندا آهن: جن جي ٻڌڻ سان، اکين جي اڳيان مڪليءَ کان بہ وڏا قبرستان، پکڙجي ويندا آهن. سائين مرنا، جنهن جي "اِڪتاري جو آواز Wind_up جي علامت ۽ پڄاڻيءَ جو اهڃاڻ آهي.

فون تي اياز صاحب سان، شروعاتي "هيلو هاءِ" ڪرڻ وقت اکين ۾، جيڪا خوشيءَ ۽ مسرت جي مرڪ هئي، اُن ۾ اوچتو اداسيءَ جو هيڊو رنگ دائرا دائرا ٿي، پکڙجندو ويو.

(فليش بيڪ ختم)

پنڌرهن آگسٽ 1988ع تي، رات جو ڏهين وڳي، شيخ اياز صاحب در_ اوپن ڪيو. گهر دروازي جي ڏاڪڻ وٽ، ادل، 'شيخ صاحب' سان مون کي انٽروڊيوس ٿو ڪري.

نصير مرزا.

نهايت ڏيرج سان شيخ اياز جو پاڻ ڏانهن وڌيل هٿ، پنهنجي هٿ ۾ جهلي، هلڪو دٻاءُ ڏنم. جيئن "گريٽ گڊ اولڊ مئن" کي پنهنجي اندر جي گرميءَ ۽ خلوص جو ڀرپور احساس ڏياري سگهان.

اياز صاحب، اسان کي، پنهنجي هڪ مختصر، مستطيل نما اسٽڊي روم ۾ آڻي ويهاري ٿو. اسٽڊي روم جي هڪ سائيڊ سان، نيٽ سان واٽيل ڪرسين جو سيٽ. ڪرسين تي آرام ده ڪُشن رکيل. وچ ۾ ننڍڙي ٽيبل. ٻيءَ سائيڊ کان آمهون سامهون ڪٻٽ. ڪٻٽ ۾ اندر مٿان، پاسن کان، ڪتاب سوڙها ٿيل، هڪ ٻئي سان، سلهاڙيل، هڪ ٻئي مٿان سٽيل. (لڳو هنن ڪتابن کي ڪنهن هٿ جو ڇهاءُ ڏني ورهيہ

لنگهي ويا آهن.) ڪبٽن جي مٿان رسالا، اخبارون، ميگزينس جا بنڊل، انهن جي اوچائي ڇت تائين. (آبوءِ! اهو سڀ ڪجهه، اياز اڪيلي سر پڙهيو آهي. اهو سوچي منهنجا هوش خطا ٿا، ٿيو وڃن.)

اياز صاحب ٻڌايو پئي، گهر ۾ مون کان، زرينه (زال ۽ ”بوا“ کان سواءِ، ڪوبه ڪونهي. هڪڙو پٽ ٻارن سوڌو ڪراچي ۾ سيٽل آهي.)
Abroad ٻيو

ڳالهائيندي ڳالهائيندي، هو اسان جي سٽ مان، اوچتو اُٿي ٿو ڪڙو ٿئي. چيائين: هينئر ماني کائي، پنجن منٽن کان پوءِ دوا جو ڊوز وٺڻو اٿم. مون ڏٺو شايد گهٽ سوجهري سبب، يا آءِ سائيٽ ويڪ هجڻ سبب، اياز صاحب پيرن جي گسڪي سان رستو ٿاهي اڳيان وڌيو پئي. اسٽڊي روم جي دروازي مان وچڙندو اندر گهر ۾ داخل ٿيو. باوجود پيڙي دربند ڪرڻ جي، سنهڙي چيوٽي رهجيو ٿي وڃي. اندر خوبصورت ڊرائنگ روم جو منظر. فرش تي قالين وڇيل. چوڏاري صوفا سيٽ، ڪارنر تي ٽيبل، ان تي ڪتابن جو شيلف. پرسان ٿي وڃءَ تي رکيل، فريم ٿيل ڪائي بليڪ اينڊ وائيٽ تصوير. انهيءَ سموري سينريو ۾ پيرن جي گسڪي سان گهڻدڙ شيخ اياز. پانياڙ خالي عمارت ۾ تن تنها، پٽڪندي، مون ٻڌو. هو مسلسل ڪنهن کي پڪاري رهيو هو. بوا..... بوا..... بوا..... بوا....

انهن ئي پيرن تي، اياز صاحب جي پيرن جي گسڪي جو رخ، پاڻ ڏانهن محسوس ٿا ڪريون. ڪنهن زوردار ڌڪي سان، دروازو ايئن کليو جيئن طوفان ۾ ٻيڙيءَ جا سڙهه ڦڙڪندا آهن.

دروازي جي کليل فريم ۾، هو اسان جي سامهون بيٺو هو.

هٿن ۾ سهٽي ٽري. ٽري ۾ رکيل، برف جي ڪاشز سان ڀريل بائول، پاٽيءَ جي دنگي، ٽي خالي گلاس ۽ گلابي، ”جام شيرين.“

هاٽي اياز منهنجي ڪلوز۔ اپ ۾ هو.

اڇي سلوار ۽ اڇي لون جو پهراڻ پاتل.

پيشانيءَ تي ٽڙيل پڪڙيل، اڇا ڪارا وار.

گهاٽا پرٽئون.
پرپور سانورو چهرو- عقابي اکيون.
(اياز کي ايترو ويجهو ۽ ايتري پرپور نموني ڏسڻ جي ان سوئمبر کان وڌيڪ، مون لاءِ ٻيو ڀلا ڪهڙو سوئمبر ٿي سگهي ٿو؟ پاڻ کي، پاڻهي جواب ڏنم. "ڪوبہ نہ!")
ٽري، ٽيبل تي رکندي پڇيائين:
بسڪيٽ وغيره....؟
"نہ ڪجهہ بہ نہ" سيڱ گڏجي ڪورس جي انداز ۾ وراڻيون ٿا. ماني کائي موٽي اچو. ٻيو ڪجهہ نہ گهرجي. صرف اوهان گهرجو. (الائي ڪيستائين ننڍڙي لائبريريءَ ۾ اسان جي آوازن جا پڙاڏا گونجندا رهيا. ٻيو ڪجهہ نہ گهرجي. صرف اوهان گُهرجو.)
هن چيو پئي: مون وٽ ملڻ وارن لاءِ، ۽ شايد زندگيءَ لاءِ بہ هاڻي وقت، گهٽ آهي (پاڻ کي خبردار ڪيم. ڪاڪا! هي ڪهڙي سمئي تون هتي هليو آيو آهين؟ اهڙي سمئي، جڏهن هن جو پل پل املهہ ۽ گهڙي گهڙي قيمتي آهي.)
موت منهنجي گهر- دروازي تي بيٺو آهي (اياز صاحب جو آواز اندر- تون هو) مان هاڻ ايئن آهيان، جو هر ورق، آخري دفعو پيو ورايان. هاڻ جڏهن مان 65 سالن جو ٿي چڪو آهيان، زندگي کي پنهنجي End ڏانهن پل پل ويجهو ٿيندي پيو ڀانيان. (۽ اياز صاحب جي ڳالهين جي بيڪ گرائونڊ ۾، "سائين مرنا" جون ڊيٿ ٽيونس وڄڻ شروع ٿي ويون.)
زندگيءَ جي نوٽ بڪ جا پنا، پورا ٿيڻ وارا آهن. چند صفحا وڃي باقي بچيا آهن. مان مسلسل ڏينهن رات لکندو رهندو آهيان. ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ، جيئن ريٽائر ڪامورا فل ٽائيم، ڪنهن، نہ ڪنهن عبادت ۾ جنبي ويندا آهن. مون وٽ هن جمار ۾ لکڻ ئي وڏي عبادت آهي.
زندگي ۽ موت جي فلاسفيءَ کي جسٽيفاءِ ڪندي، هو مسلسل (بنا پڇڻ جي) اِن ٽاپڪ تي قنوطي انداز ۾ ڳالهائيندو رهيو. تڏهن اوچتو مون کيس وچ ۾ اِنٽرپٽ ڪيو. ايڏي فرسٽريشن ڇو؟ مون ڪراس

ڪوسچنگ شروع ڪئي ۽ اچانڪ ڪمري ۾ چڻ چٽنگ جو چٽاءُ ٿيو. اياز صاحب جو موڊ آف ٿي ويو. هن جو پاري آواز ويتر پاري ٿي ويو. مون کي پنهنجي ڪنڌ تي، ڪالر پويان، پگهر نڪرندو ٿو محسوس ٿئي ٿو ذهن جي آس پاس ايڏو گوڙ ٿو محسوس ڪريان، چڻ منهنجي سامهون ڪوئي جهاز ڪرئيش پيو ٿئي. وچ وچ ۾ ”ادل“، مون کي ڊفينس ڪندو ٿو رهي. پيشانيءَ منجهان، مان پاڻ کي چنبيان ٿو. ”ايڊئيٽ! بي عقل. نادان. جاهل! عقل وارن اڳيان اَول جلول ڳالهيون، بي معنيٰ سوال ڪونہ اُٿاريا آهن. جن ڳالهين بابت ڊيٽيل جي ڄاڻ نہ هجي، باادب ٿي خاموشي سا اُها ٻڌڻ گهرجي ۽ بس.“ ان ڪان پوءِ اِن ٽاپڪ تي، مان هن کي ٻڌندو رهيس. منهنجو ري- ايڪشن. رڳو چهري جا ايڪسپريشن. هون.... هون.... ها، اچا! (ء حرف ندا) واهہ- زبردست- اوهہ! مارولس- گڊ.

هاڻي اياز صاحب کي ماني کاڌي پنج ,منٽ گذري چڪا هئا. دوا جو وزن وٺڻ لاءِ هڪ دفعو وري هن، اندر گهر جو رخ رکيو. اندر ويندي، شيخ اياز زندگيءَ جي ڊگهي ڪاربدار ۾ مون کي اڪيلو بيٺل نظر آيو. اهڙو شخص، جنهن جو فائيل (بقول سندس) عنقريب بند ٿيڻ وارو آهي.

اوچتو هوا جي زور تي دروازو پنهنجو پاڻ بند ٿي ويو: ٺا....... ٺڙڪ.

ڪنهن ڪتاب وانگر اڄ
در ڪلي پيو آهي
باغ يادگيرين جو....
سانوٽيون سميٽي چڻ
اڄ جُهلي پيو آهي.

پنهنجي جنم پوميءَ واري شهر شڪارپور ۾، هڪ شام جو پنهنجي گهر- اڱڻ ۾ ’بابا‘ سان گڏ ويٺو هئس. اياز صاحب، پنهنجي يادگيرين جي اسٽاڪ جو دروازو کوليو: چٽڪار سبب، مٽيءَ منجهان هڳاوَ پئي نڪتا. سرڪل ۾ رکيل موڙن پرسان کٽ رکيل ۽ کٽ تي

ڏريل وهاڻي تي ٽيڪيل/ آهليل بابا. حقي جي نئي سندس چپن ۾..... ۽ هوا ۾ تماڪ جي دونهين جا دائرا.

مان پرسان موڙي تي ويٺل. هٿ ۾ ڪليل ”الف ليلي“ جي قصي وارو عشقيہ داستان. ڏيان ۽ دلچسپي سموري، ڪتاب جي سٽن ۾... السلام عليڪم.... اوچتو اُن چپ- مانار ۾ ڪنهن سلام ورايو. اُهو منهنجو ”مامو“ هو. بابا سان خوش خيريافت ڪندي سندس نگاهہ اوچتو منهنجي هٿ ۾ جهليل ”الف ليلي“ واري قصي تي پئجي وئي. ڪاوڙجي پيو. بابا سان مخاطب ٿيندي چيائين: ”پٽهين ڪي جهلين نٿو هينئر کان ئي، هئڙا ڪتاب وينو پڙهي!“ بابا حقي جي نئين تان چپ هٽائي، نهايت ڏيرج سان وراڻيس. پائو! آخرڪار بہ پڙهڻا تہ اٿس! پوءِ هاڻي کان ئي ڇونہ.....!؟

اُن ئي زماني ۾، مون شڪارپور مان جاري ٿيندڙ رسالي ”سنڌوءَ“ ۾ نادر بيگ مرزا جي ڪهاڻي پڙهي هئي. پانيان ٿو اُها 1932ع جي ڳالهہ آهي. مان نون سالن جو مس هوندس. نادر بيگ جي اُها ڪهاڻي، مون کي ڪافي ٿرلنگ لڳي هئي. ڪنهن سيٺ جو پٽ ڪنهن پنگياڻيءَ سان عشق ڪري، کيس Own ٿو ڪري. ان زماني جي لحاظ کان اِهو ٽاپڪ ڪافي بولڊ هو. ۽ ان ٽاپڪ تي، نادر بيگ، نهايت جرئت سان نئين اسلوب واري اصلوڪي ڪهاڻي لکي هئي. جيتري قدر ياد پوي ٿو مون اُها ئي پهرين سنڌي ڪهاڻي پڙهي هئي.

نادر بيگ مرزا جي اِشوءَ تي ڳالهائيندي، اوچتو اياز صاحب، ٽريڪ بدلائي، اسان سيني تي پنهنجي يادن جي رنگ رتي امبريلا تاڻي ڇڏي رنگا رنگ يادون. يادن جا رنگين دائرا. جوانيءَ جا ڀرپور واقعا- ۽ دروازا کلندا ويا. مون ڏٺو هن جي اکين جي سڏ ۾ ڪا ريکا دور ڏنڌلڪي ۾ روشن ٿيندي وئي.

روشن!؟

آءٌ مين، روشن مغل.....!؟

يادن جي ايوان ڏانهن، ماضيءَ جي ڳڙکين مان ڏسندي، اياز

صاحب سمائلنگ فيس سان چيو: ”نہ“۔ ڪيتريون ڳالهيون محض اسڪينڊل. محض لپو۔ سروس آهن روشن مغل بابت جو ڪجهہ حقيقت ۾ آهي اُهو پنهنجيءَ آٽو باءِ (Lip Service) گرافيءَ ۾ چاٽائيندس. هن جي ياد هن جي وفا جي روشني ۽ بيون ڪيتريون ئي روشنيون منهنجي امانت آهن.

روشن مغل جي، روشن يادن مان اوڀر مرحوم حفيظ شيخ ايئن نڪري نروار ٿيو جيئن گل ٽڙڻ سان، پنکڙين مان خوشبو بر آمد ٿيندي آهي.

مون چيو: اوهان جي ڪن همعصرن کان ٻڌو اٿئون تہ روشن جي مسئلي تي، اوهان ۽ حفيظ شيخ وچ ۾ ڪا چپڪلش.....! No. روشن مغل يا ڪنهن ٻئي اشوءَ تي منهنجي مرحوم حفيظ شيخ سان ڪابہ دشمني، ڪابہ جيلسي ڪانہ هئي. حفيظ اسان جو ساٿي هو. يار هو. سکر ۾ ٻيرلوءِ جي، ڪنهن گهٽيءَ ۾ هن جو گهر هو. حفيظ مجذوب ٽائپ، بولڊ ڳالهيون ڪندڙ شخص، ۽ خواجہ سليم جو گهاٽو دوست هو. مان رشيد ڀٽيءَ سان گڏ، سکر جي جيل ۾ هئس تہ، اوچتو صبح جو جيل جي ڪوليءَ ۾ هن جي دکدائڪ ڊيٿ جي خبر ٻڌم. بيحد ڏک ٿيم. ويچارو حفيظ شيخ: Poor Soul

(”جڏهن روح جا ريلا سڪي ويندا آهن تڏهن نہ توتي ميار نہ مون تي“ حيدرآباد ۾ حفيظ شيخ جي تربت تي ڪتبي تي اڪريل اکر. جيڪي هاڻي سندس جُهرندڙ قبر جي سيرانديءَ هجڻ بدران، محض ڪتابن ۾ محفوظ.)

اهي سڀ قبرون
جن تي ڪوبہ ڪتبو ڪونهي
اهي سڀ منهنجون آهن (سلطانہ وقاضي)

ماڻهو چون ٿا، شيخ اياز ڪئرفل انداز ۾ ٿو زندگي گذاري، موت کان ڊڄي ٿو. ان ڀوَ ۾ سگريٽ نٿو ڇڪي. ڊرنڪ ڇڏي ڏني اٿس. آءِ سي.... منهنجا ڦڦڙ، سگريٽ جو دونهون نٿا ائڪسيپٽ ڪن! نٿو ڇڪيان سگريٽ. صحت! فزڪ. جمار ڊرنڪ نٿي هنڍائي سگهي.

چڙدي ڏنو اٿم پيٽ... ۽ مان ڪو شرابي آهيان؟ هيبچوئل ڊرنڪر آهيان...؟ نو! مان ناهيان شرابي.... شرابي ناهيان مان... گمڀيرتا ۽ ڪاوڙ سبب. ڪن پلڪ لاءِ، هن جو B.P هاءِ ٿي ويو. مون ڏٺو: اياز صاحب جن ٻن آڱرين ۾، اڻ دکيل سگريٽ، سندس رڳن ۾ گردش ڪندڙ رت جيان، گول گول ڦري رهيو هو. گول گول گول گول....

(رليڪس- رليڪس- رليڪس)

شاعر اُهو وڻ هوندو آهي،

جنهن جا گل،

هن جي موت کان پوءِ،

اڳي کان به، وڌيڪ ٽڙندا آهن!

همعصر ڪڏهن به هڪ ٻئي کي، صحيح نموني ايپريشيئيٽ نه ڪندا آهن. اهو ازل جو ڪوئي قانون آهي. پوءِ، ايندڙ نسل ئي اُنهن کي صحيح معنيٰ ۾ ايڪناليج ڪري سگهندو آهي.

باوجود ان عذر پيش ڪرڻ جي. مان اياز صاحب جي آڏو ڪجهه نالان وڻان ٿو:

نارائڻ شيام.

شيام، مون کي وڻندو آهي هو جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ وڏو شاعر آهي.

نياز همايوني.

گهڻو عرصو ٿيو آهي. نياز سان منهنجي ملاقات نه ٿي سگهي آهي.

مون چيو: نياز صاحب جي شاعريءَ بابت ٿو پڇان.

اياز صاحب خاموش. نو ڪمينٽس.

شمشير الحيدري

شمشير، جو جيڪو تازو "آزاد نظم جي اوسر" بابت مونو گراف ڇپيو آهي. هڪ نظر ڏٺم. پريس ڏانهن موڪلڻ کان اڳ اُن ۾ نوان اضافا ڪري ۽ فوٽ نوٽس ملائي، ان کي اَپ ٽو ڊيٽ بنائڻ گهرجي ها.

مون چيو: مان شمشيرالحيدريءَ جي شاعريءَ بابت پيو پڇان.

اياز صاحب خاموش. نو ڪمينٽس.

تنوير عباسي

تنوير صاحب جي شاعري بابت ڳالهائيندي، اياز صاحب فارسي شعر پڙهڻ شروع ڪيو.

مان چيو: ٽرانسليشن پليز.

اياز صاحب مرڪندي، فارسي شعر جي معنيٰ ڪجهه هن ريت ٻڌائي.

.........................................

.........................................

(فارسي شعر جي ٽرانسليشن- آف دي رڪارڊ)

ڀلا خود شيخ اياز صاحب جي شاعريءَ لاءِ ڇا ٿا چئو؟

اِن سوال جو جواب، اياز صاحب ڪونه ڏنو. سندس ڪتاب. ”پتڻ تو پُور ڪري“ مان ڳولي هٿ ڪيو اٿم.

هماليه جي جاءِ پرڻ تو چاهين؟

منهنجي موت جي انتظار ۾ آهين!؟

اڄ جو نوجوان، شاعر، نهايت ذهين ۽ ٽيلينٽيڊ آهي ۽ مان گهڻي ڀاڱي اُن مان مطمئن آهيان. اياز صاحب اطمينان جو اظهار ڪندي ٻڌايو پئي ته: 31 مارچ تي، سنڌي ادبي سنگت جي سنگت ايوارڊس ورهائڻ واري تقريب لاءِ، حيدرآباد ۾ هئس ۽ جويي صاحب سان سنڌس جرنلسٽ ڪالوني واري گهر- ڪمري ۾ ڪجهه نوجوان ليکڪن جي سٽ ۾ ويٺو هئس، تڏهن جويي صاحب چيو: ايازا هنن نوجوانن ۾، هڪ نوجوان ڏاڍو پيلو شاعر اٿئي. پرائيويسيءَ ۾ ويهي، هن کان هوند، ڪجهه نظم ٻڌي وٺ ته، چڱو. پوءِ ان نوجوان کي ٻئي ڪمري ۾ وٺي، ويچي، مون ٻڌو.

سچ پچ ته، اُن نوجوان جي شاعري، مون کي پنهنجي Continuty لڳي.

(سکر کان حيدرآباد موٽي، مون يڪدم حيدرآباد جي سيني

نوجوان شاعرن کان پڇيو: عزيزو؟ اياز صاحب کي، اوهان مان، ڪنهن الڳ روم ۾ ويهي، شاعري پڙهائي هئي. هر ڪنهن جواِهوئي جواب: "نہ يار"! مان تہ ڪونہ هئس... مان بہ ڪونہ هئس. (ٻئي جو جواب) .... نہ يار مان پڻ ڪونہ هئس.. (ٽئين جو جواب))

۽ اياز صاحب، نويڪلائي ۾ ويهي، جنهن خوشنصيب نوجوان شاعر کان، سندس شاعري پڙهي هئي، ان جي نالي جواڄ تائين ڪو پتو ڪونہ پئجي سگهيو اٿم. *

اياز صاحب جي اسٽڊي روم منجهان اُٿي، جنات چوڪ ڏانهن ايندي، موڪلائڻ کان ڪجهہ گهڙيون اڳ، هن چيو: نصير! منهنجو گهر وڏيو توکي؟ (مون ڏٺو اياز صاحب جي ان گهر جو رخ تاريخ جي ڪئميرا ڏانهن هو. دل ۾ چيم. هڪ ڏينهن اِهو گهر سنڌي ادب جي تاريخ ۾، ايترو ئي مان ماڻيندو، جيترو رتبو دنيا جي، ادب جي تاريخ ۾ شيڪسپيئر، ڪارل مارڪس، پڪاسو ۽ جيڪ لنڊن جا گهر ماڻي چڪا آهن.)

مون هڪ دفعو وري اياز صاحب جي سيمنٽ رنگ بلڊنگ تي نظر وڌي. ڪنهن وڏي آڳوٺ جيڏو تہ منزلو گهر، اندران وشال. ٻاهران وڏي پڪيڙ ۾ پکڙيل. مون ڏٺو تہ ان بلند عمارت جي پيٽ ۾، ان کان بہ بلند شخص، اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، وک وک هلندو جنات چوڪ ڏانهن وڌي رهيو هو. مون مڙي ڏٺو. گهر جي ديوارن تي رنگا رنگ سياسي سلوگنس ۽ دروازي ۽ درين جي پاسي کان چاڪنگ هئي (معاف ڪجواِها ڳالهہ مون کان ريپيٽ ٿي وئي آهي.)

چوڻ چاهيم تہ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي گهر- ديوران، درين ۽ دروازن تان، رب ڪرائي، ميٽرائي ڇو نٿا ڇڏيو؟ پر چيم ڪونہ. چيم: مان اوهان جي ڪنهن شاعريءَ جي مجموعي جو Preface لکڻ ٿو

* اهو نوجوان، احمد سولنگي هو (ت.ج)

چاهيان. چيائين: منهنجي جيڪا بہ شاعري، منهنجي سيني مجموعن مان توکي سوٽ ڪري، سليڪٽ ڪر. مهاڳ لک. ڇپائڻ جي اجازت اٿيئي.

مون ڪڇيو ڪجهہ بہ ڪونہ. چپ رهيس ۽ انهيءَ لحظي اچانڪ جنات چوڪ تي لوڊشيڊنگ سبب بجلي هلي وئي هڪ موڙ کان ٻئي موڙ تائين پوري ڳلي سنسان. نہ اسٽريٽ لائيٽ، نہ ڪنهن در اڳيان ڪا روشني. چوڌس گهپ اوندهہ. اچانگ، اياز صاحب جا، ڪجهہ گهڙيون اڳ چيل اکر، ذهن ۾ جرقل وانگر جرڪڻ لڳا: مان سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ وڏو جن آهيان. اوچتو جنات چوڪ تي آڌيءَ رات جو گهڻيءَ جي موڙ وٽ بيٺل شيخ اياز مون کي واقعي ڪنهن پراسرار جن جو روح لڳو. آڇن ڪپڙن ۾، ٽن پاڇولن جي دائري ۾ اچانگ شيخ اياز صاحب جو پهراڻ ۽ پاڇولو هوا ۾ لڏڻ لڳا. تڏهن ڪنهن پراسرار هيلو سينيشن جهڙي منظر ۾ ادل سومري، آغا سعيد ۽ مون، نمبر وائيز هٿ ملائي، هن کان موڪلايو. مون جهڪي سندس چرن ڇهيا ۽ پنهنجي پاڇولي کي سندس پيرن ۾ جهڪندو پکڙجندو ڏٺم ۽ گم.

## ”ڪلوزنگ“

پراڻي سکر کان نئين سکر ڏانهن نينديءَ ”ٽانگو“، معصوم شاهہ جي مناري واري چاڙهي لهي، گهٽتا گهر ڏانهن ڊوڙندو رهيو. مون واچ ۾ ڏٺو. رات جا ساڍا ٻارهن. سکر جو آسمان ستارا ستارا... رستا سنسان. ڪنهن اونهي سناٽي ۾ گم. رستن جي ٻنهي پاسي، سکر شهر جون اِتهاسڪ جايون. ديوارن تي انهن جا هيبتناڪ پاڇولا. خالي روڊ تي ڊڪندڙ گهوڙي جي سنبن مان نڪرند آواز. ٽپ ٽپ، ٽپ ٽپ... مون رليڪس ٿي اکيون پوري ڇڏيون. ۽ اياز صاحب جون اهي سڀ ڳالهيون، جيڪي پنڻين هڪ ڪلاڪ دوران، مون پنهنجي ذهن جي ٽيپ رڪارڊر تي، ٽيپ ڪري ورتيون هيون، هر هر روائينڊ ڪري ٻڌندو ۽ دهرائيندو رهيس. ٻڌندو ۽ دهرائيندو رهيس.

# منهنجي شاعري جو ساٿ آدرشن سان آهي

(فقير محمد لاشاريءَ کي فيبروري 1989ع جي سنڌ سجاڳ رسالي لاءِ ڏنل انٽرويو.)

سوال: توهان جي شاعريءَ سنڌ ۾ هجومن ناهڻ ۽ انهن کي چرپر ۾ آڻڻ جو ڪم شروع ڪيو. جنهن جو هڪڙو نتيجو اڄ جي جمهوري صورتحال به آهي. ان جمهوري صورتحال ڏانهن توهان جو ڪهڙو رشتو نهي ٿو؟

جواب: مان ساري عمر جمهوريت، انسان جي عزت نفس ۽ هن جي برابريءَ لاءِ وڙهيو آهيان. قلم منهنجي تلوار به رهي آهي ته صليب به..... نه رڳو اهو پر برصغير ۾ مون جنگ ۽ ڇڪتاڻ جي مخالفت ڪئي. نه رڳو مون ايوب خان کي مخاطب ٿي لکيو هو.

منهنجو اگهه پڇين ٿو آمر
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون؟

نه رڳو اهو پر 1965ع واري جنگ جي خلاف به لکيو هو. اهو نظم هڪ وال پوسٽر تي ڇپي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ لڳايو ويو. خيرپور جي ڪمشنر مون کي گهرائي پڇيو ته توکي ڇا گهرجي؟ ڪوئي عهدو گهرجي ته ٻڌاءِ. مون هن کي جواب ڏنو ته منهنجا عهدا ازل ۾ آهن. مون کي رڳو پنهنجي تحرير جي آزادي گهرجي. پر هو منهنجي آزاديءَ اظهار کي بار بار نهوڙيندا رهيا. نه رڳو هنن منهنجن ڪتابن "پونر پري آڪاس"، "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ" تي بندش وڌي. نه رڳو مون کي بار بار قيد ۽ بند ۾ وڌو ويو. پر

ڪيئي دفعا جڏهن مون کي حيدرآباد ۾ صدارت ڪرڻ جي لاءِ گهرايو ويو پوءِ اها مشاعري جي صدارت هجي يا ڪنهن ادبي ڪانفرنس جي. مون کي شهر نيڪاليون ڏنيون ويون. چوڏاري سي. آءِ. ڊي جو پهرو هيو. گهر تي، آفيس تي، ڪورٽ ۾ اچڻ وڃڻ تي، گهمڻ ڦرڻ تي، هر ڳالهه جي رپورٽ ٿيندي هئي. سي آءِ ڊي جا نادان ۽ جاهل رپورٽر منهنجيءَ شاعريءَ تي رپورٽون ڪندا ها تہ انهن ۾ وطن دشمني آهي، اسلام دشمني آهي. رجعت پرست اخبارن هزارين ڪالم لکيا. اردوءَ ۾، انگريزيءَ ۾، سنڌيءَ ۾. اسلام جا ٺيڪيدار ملا ۽ مشائخ وچڙي ويا. ۽ وري مون کي 1970ع واري جنگ ۾ جيل ۾ وڌيو ويو. پرپٽ سنڌ جي پيپلزپارٽي ريزوليوشن بحال ڪيو تہ منهنجو جنگ سان ڪوئي واسطو نہ آهي، مون کي يڪدم آزاد ڪيو وڃي، پر گورنمينٽ جي نادان ۽ متعصب بيوروڪريسيءَ منهنجي قيد ۽ بند جو بيو ٽرم بہ وڌايو. جيستائين بنگلاديش وجود ۾ آيو. ملڪ ٽٽي ويو ۽ شهيد ڀٽو پاڪستان جو چيف مارشل لا ۽ پرائم منسٽر ٿي آيو. يڪدم سنڌ جي گورنر سکر جيل ۾ فون تي آرڊر ڪيو تہ مون کي ڇڏيو وڃي. لکت ۾ آرڊر پهتا. شهيد ڀٽي پوءِ پاڻ جمهوريت بحال ڪئي. 73 جو آئين وجود ۾ آيو. 1977ع ۾ هو گرفتار ڪيو ويو لڳ ڀڳ سال عرصو هن جيل ۾ اذيتون برداشت ڪيون. چليءَ ۾ فوجي ڪُودي تا ڪان پوءِ آلندي بہ بندوق ڪٽي ڪجهہ ڪلاڪ مقابلو ڪيو هو ۽ ماريو ويو هو. وڙهندي مرڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي. ڀٽو بيوس هو بندي وان هو بيمار هو هو ٻن سالن کان وڌيڪ ضياءَ جي آمريت جو مقابلو ڪندو رهيو. ان لاءِ نفرت جو اظهار ڪندو رهيو ۽ آڻ نہ مڃيائين ۽ نيٺ شهيد ٿيو. شاهہ بلاول بہ اڌ ڪلاڪ گهاڻي ۾ پيڙايو ويو هو. هو ٻن سالن کان وڌيڪ پنهنجي پيچ ۽ تاب ۾ رهيو اضطراب ۾. شاهہ عنايت کي گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ تلوار هيٺان سر رکي شهيد ڪيو ويو هو. ڀٽي وانگر پورو سال سچيل مهاڙن جو عذاب نہ ڀوڳيو هئائين. شهيد ڀٽو برصغير جي عظيم ترين شهيدن مان هو.

هاڻي بہ بينظير جي روپ ۾ هو اسان سان آهي. هوءَ شهيد پيءُ جي جسماني ۽ روحاني ورثو آهي. مون کي اميد آهي تہ هوءَ جمهوريت سان، انسان جي عزت نفس سان، انسان جي برابريءَ جي جذبي سان، عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ بار بار ڪيل اقرار سان پنهنجو وعدو نڀائيندي، پنهنجو ساٿ جمهوريت سان آهي، سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام جي روحاني آزاديءَ سان آهي، امن سان آهي، عوام جي اقتصادي خوشحاليءَ سان آهي، عوام جي برابريءَ جي خواهش ۽ عزت نفس سان آهي، پوري سائوٿ ايسٽ ايشيا ۾ امن، ڀائيچاري ۽ فوج ڪشيءَ جي مخالفتن سان آهي. مون کي يقين آهي تہ اهي آدرش محترمہ بينظير جا بہ آهن ۽ جيستائين هن جا اهي آدرش رهندا، ۽ مان ڀانيان ٿو تہ هوءَ پيءُ وانگر اڏول رهندي، تيستائين هن سان ساٿ رهندو. تيستائين منهنجي شاعري سياست سان هم رڪاب رهندي. پر مان ورجايان ٿو. منهنجي شاعريءَ جو ساٿ انهن آدرشن سان آهي. ڪنهن فرد سان نہ آهي، فرد بہ تيستائين معنيٰ رکن ٿا، جيستائين انهن جو عڪس انهن آدرشن ۾ آهي.

سوال: جمهوري صورتحال ۾ سماج جي اڏاوت جي ڏس ۾ توهان جي ذهن ۾ ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

جواب: ”انسان ذات خداونديءَ جو پرتو آهي.“ اهو قول جمهوريت جي جڙ آهي. اهڙو ڪوبہ قانون نہ ٺاهيو وڃي، جو انسان جي عزت نفس کي ضرب رسي. سماج ۾ انهن حالتن جو خاتمو آندو وڃي جي انسان جي عزت نفس جو خاتمو ڪن ٿيون. نہ رڳو انسان جي بنيادي حقن سان هٿ چراند نہ ڪئي وڃي، پر اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن، جو هر قسم جي محتاجي، بک ۽ بيماريءَ جو خاتمو آندو وڃي. هڪ فلاحي مملڪت جو قيام جمهوريت جو روح آهي. تعليم عام ڪئي وڃي، علاج جون سهولتون ڏنيون وڃن ۽ جيتري قدر ٿي سگهي ان کي مفت ڪيو وڃي. ضعيفيءَ ۾ پينشن نهايت ضروري آهي تہ جيئن عمر ڀر جي محنت ڪان پوءِ ماڻهو سک جو ساهہ کڻي سگهي. مون تہ لنڊن ۾

ڏنو تہ جي ڪوئي بيواهو انسان مري ٿي وڃي تہ ان جي ڪفن دفن جو انتظام بہ حڪومت ڪندي هئي. پنهنجي ملڪ جي باشندن کي روزگار جا ذريعا مهيا ڪرڻ بہ حڪومت جي ذميواري آهي. انگلنڊ ۾ ان شخص کي بي روزگاري جي پينشن پئي ڏني وئي، جيستائين ان جي ڪنهن پيشي ۾ ڪنهن ملازمت جو انتظام نہ ٿيو هو. جمهوريت صحيح معنيٰ ۾ اها آهي تہ انسان سر الاهي يعني انسان الله جو ڳجهہ آهي واري اصول تي عمل ڪيو وڃي. اسان جو ديس تصوف جو ديس آهي. ڀٽائيءَ ۽ بلا شاهہ جو ديس. جن صدين کان انسان جي برابريءَ جو پيغام ڏنو آهي ۽ انسان کي پرتو ازل سمجهو آهي، ۽ اهوئي جمهوريت جو روح آهي.

سوال: جمهوريت کي وهندڙ درياهہ وانگر رکڻ لاءِ اسان مان هر ڪنهن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: هر وقت هر فرد کي حق ۽ انصاف جي ڳالهہ چوڻ گهرجي. انسان جو ضمير وڏي ڳالهہ آهي. ايئن نہ آهي تہ ضمير فقط سماجي حالات جي پيداوار آهي ۽ فقط ان جي نشان دهي ڪري ٿو. نہ ضمير اندر جو آواز آهي جو سچ ۽ ڪوڙ صحيح ۽ غلط جي وچ ۾ پرک ڪري ٿو ۽ انسان کي اطلاع ڏئي ٿو تہ هو صحيح ڪم ڪري رهيو آهي يا نہ. اهو ڪوئي جاگيرداري دور يا سرمائيداري دور جو وهم نہ آهي. روس جهڙي ملڪ ۾ گوربا چوف جي (پيير سترائڪا) ۾ بہ ان تي اسرار ڪيو ويو آهي تہ انسان ضمير جي آواز کي نہ لنوائي. هو جيڪي صحيح سمجهي ان تي عمل ڪري. جي روسين جي اڪثريت اسٽالن جي مخالفت ڪري ها تہ هو اهي ظلم نہ ڪري سگهي ها. جي نيوٽائيمس، ماسڪو نيوز ۽ سوويت ادب ۾ اڄڪلهہ وائڪا ڪيا وڃن ٿا. فردن ۽ ادارن کي جمهوريت جي قدم قدم تي حفاظت ڪرڻي آهي. جيڪڏهن حڪومت ڪوئي غلط قدم کڻي، جيڪڏهن حڪومت مطلق العنانيت يا آمريت ڏانهن ڪوئي لاڙو ڏيکاري، جيڪڏهن پريس ۽ اظهار جي آزاديءَ تي ڪائي روڪ ٽوڪ رکي، جيڪڏهن ڪوئي

اهڙو قانون پاس ڪيو ويجي جو انسان جي بنيادي حقن تي لت ايندي هجي ته يڪدم احتجاج بلند ڪيو وڃي. جيڪڏهن قيد ۽ بند برداشت ڪرڻو پوي ته ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ان جي خلاف سر جي سٽ ڏيڻي پوي ته ڏني وڃي. اها زنده قومن جي نشاني آهي. اهو احتجاج جمهوريت کي زنده رکڻ لاءِ ضروري آهي. پولينڊ ۾ ڪنهن اديب کي احتجاج تي دستخط ڪرڻ لاءِ چيو. هن کي اهو پڻ ٿيو ته مان احتجاج تي دستخط ڪندس ته ماريو ويندس. ان ڪري هن جواب ڏنو ته مان دستخط نه ڪندس چو ته مون کي هڪ پٽ به آهي. ساڳي وقت ٻئي اديب کي احتجاج تي دستخط ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته هن چيو ته مان ضرور دستخط ڪندس چو ته مون کي هڪ پٽ به آهي. اهوئي ورثو اسان کي پيڙهيءَ پيڙهيءَ تائين ڇڏڻ گهرجي. اهوئي جمهوريت کي برقرار رکي سگهي ٿو. سچ جي بروقت حمايت ئي ۽ ان لاءِ هر عذاب جي جرئت ئي جمهوريت جي گارنٽي آهي.

سوال: توهان کي عوام کان پري رکڻ لاءِ ايوب خان جي دور کان وٺي ڪتابن تي پابنديون، جيل ۽ فتوائون ڏنيون ويون تن جو توهان جي تخليقي مزاحمت تي ڪيترو اثر ٿيو؟

جواب: جيئن جيئن مون تي پابنديون وڌيون ويون، جيئن جيئن مون تي ظلم ڪيو ويو، تيئن تيئن مون پنهنجي قلم کان تلوار جو ڪم ورتو. پنهنجي ويريءَ، پنهنجي ديس جي ويريءَ، پنهنجي عوام جي ويريءَ تي بار بار وار ڪيا. هڪ ڀيري مون کا خيرپور جي ڪمشنر پڇيو ته ايوب خان پڇي ٿو ته توکي ڇا گهرجي؟ مون هن کي جواب ڏنو مون کي جيڪي گهرجي اهو ايوب خان مون کي نه ڏئي سگهندو. مون کي جمهوريت گهرجي، مون کي آزادي گهرجي، مون کي ون يونٽ جو خاتمو گهرجي، مان چاهيان ٿو ته سنڌ وري پاڪستان جي نقشي تي آندي وڃي، اها پنهنجي زبان، پنهنجي ڪلچر سان قبول ڪئي وڃي، ان کي پاڪستان جي اقتصاديت ۾ جائز حصو ڏنو وڃي. ڇا اهو ايوب خان مون کي ڏئي سگهندو؟ ايوب خان مون کي 65 ۾ جيل ۾ وڌو، 68 ۾

جيل ۾ وڌو. يحيٰ خان مون کي 70 ۾ جيل ۾ وڌو جنهن جو ذڪر مان ڪري چڪو آهيان. مون 70 واري گرفتاريءَ وقت ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ جو شاهه جي رسالي جي اڌ جيترو آهي ۽ ان ۾ بار بار پنهنجي ايگزسٽنشلسٽ چوائس جو ذڪر ڪيو آهي. بار بار آزاديءَ جو ذڪر ڪيو آهي:

اڳتي آءُ نه آءُ سڀ ڪجهه تنهنجي وس ۾
ازل کان آزاد تون، آهين منهنجا ياءُ
جو چاهين سو چونڊ پر، رکي چت چتاءُ
ڪونهي سوريءَ ساءُ، ڳچيءَ جي ڳڙ ڳوت ۾.

مان ضياءَ جي دور ۾ جيترا ڪتاب لکيا اوترا ڪتاب مون اڳ سڄيءَ زندگيءَ ۾ نه لکيا آهن ۽ انهن ڪتابن ۾ انهن قدرن جو بار بار ورجاءُ آهي، جي جمهوريت جا قدر آهن، انساني آزاديءَ جا قدر آهن. ڀائيچاري جا قدر آهن، محبت، امن ۽ انسانيت جا قدر آهن.

سوال: توهان تمام گهڻو لکيو آهي ۽ اڃان توهان جي قلم جي طاقت ۾ ڪمي نه آئي آهي. ڏاهپ جي رسد جي ان شاهوڪاري جا تفصيل ڪهڙا آهن؟

جواب: مون شاعري کي موسيقيءَ وانگر سڄي زندگيءَ جو رياض سمجهيو آهي. دراصل هر فن سڄيءَ زندگيءَ جو رياض آهي. منهنجي شاعريءَ ۾ منهنجو مشاهدو ۽ مسلسل مطالعو شامل آهي. شايد دنيا جو ڪو شاعر آهي جو اصل ۾ يا ترجمي ۾ منهنجي نظر مان نه گذريو آهي. مون اهو سڀ پڙهي پنهنجي دور جي حالات کي مدنظر رکي، پنهنجي ديس ۽ ساري دنيا جي شاعري کي مدنظر رکي، شعر جي تخليق ڪئي آهي. جيترو ٻيا ساري زندگيءَ ۾ لکي سگهندا اوترو مون هڪ مهيني ۾ لکيو آهي. ان جو محرڪ جذبو پنهنجي فن سان وابستگي، پنهنجي ديس ۽ انسان ذات جي تقدير سان وابستگي آهي. ڏرتي جي هر دانهن مون ۾ ٻرندي رهي آهي ۽ جيڪو به ٿيو جنهن وقت ٿيو جنهن جاءِ ٿيو سو مون تي ظلم ٿيو آهي. ۽ اوهان کي منهنجي ساريءَ شاعريءَ ۾ اهائي ڪيفيت ملندي.

سوال: توهان جي شاعراڻي طاقت مڪمل طرح سان عوام تائين ان ڪري نہ پهتي آهي جو اسان وٽ پڙهيل ماڻهو 15 سيڪڙو مس آهن. ان حالت کي بدلائڻ، شاعر هئڻ جي ناتي بہ توهان جي ذميداري آهي. توهان ڇا تجويز ڪندا؟

جواب: شاعري عوام تائين پهتي تہ آهي، هر هوٽل تي، سنڌ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڪئسٽ وڄن ٿا، عبدالغفور جا، زرينہ بلوچ جا، عابده پروين جا، بيدل مسرور بدويءَ جا، وائيسز گروپ جا، سرمد جا ۽ ٻين جا جن مون کي ڳاتو آهي. انهن مون کي سنڌ جي ماڻهوءَ ماڻهوءَ تائين پهچايو آهي. اها ٻي ڳالهہ تہ اسان وٽ تعليم ٿوري آهي ۽ منهنجا پڙهندڙ گهٽ آهن، پر هي آڏيو جو دور آهي. شاعري عوام تائين پهچي وڃي ٿي. سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو تي نہ رڳو خان بهادر کهڙو نچيو هو پر ساري سنڌ نچي آهي.

سوال: توهان وائس چانسلري ڇڏڻ کان پوءِ ظاهري طرح جنهن ماناڻ ۾ رهيا، ان کي ڪيئن واضح ڪندا؟

جواب: ضياءُ الحق جي آمريت آزاديءَ لاءِ ڪابہ وٿي نہ ڇڏي هئي. جي مان پبلڪ پليٽ فارم تي اچان ها تہ ضياءُ مون کي يڪدم جيل ۾ وجهي ڇڏي ها ۽ مان اهو ڪجهہ لکي نہ سگهان ها جو مون 80 کان پوءِ لکيو آهي. مون هڪ سٽ بہ اهڙي نہ لکي آهي، جنهن ۾ مون پنهنجي زندگيءَ جي فهم تي مصلحت ڪئي هجي. منهنجي احتجاج جو سڀ کان موثر ذريعو منهنجي شاعري هئي جا مون نهايت زوردار نموني سان ڪئي آهي. مون اڳ ۾ ئي چيو تہ ضياءُ مون کي جيل ۾ وجهڻ نہ ٿي چاهيو. مارائڻ ٿي چاهيو. جي هو مون کي جيل ۾ وجهي ها تہ بي بي سيءَ تان اچي ها تہ ضياءُ اڳوڻي وائيس چانسلر کي جيل ۾ وڌو آهي ۽ قلم جي آزادي کسي رهيو آهي. هن ئي اڪيڊمي آف ليٽرز ناهي، اديبن کي انعام اڪرام، قرض ۽ رشوتون ڏيئي ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو تہ هو اهلِ قلم جو سرپرست آهي. سچ تہ هن فقط جک جي همت افزائي ٿي ڪئي ۽ اهڙن چيلهہ ڀڳل اديبن کي انعام اڪرام ٿي ڏنا، جي هن جي ۽ هن جي واهيات نظريي جي پٺڀرائي ڪري رهيا هئا.

# سورهن، سانجهہ سويرن ۾

رسالي سگهڙين سٽ جي فيبروري مارچ 1990ع واري سالنامي ۾ رسالي جي ايڊيٽر فهميده حسين جو شيخ اياز کان ورتل انٽرويو.*

شاعر تخليقڪار آهي، سرجڻهار آهي اهو يقين، لطيف ۽ اياز کي پڙهڻ کان پوءِ پڪو ٿئي ٿو. هر فنڪار جو پنهنجو ماحول هوندو آهي، پنهنجو بيان، پنهنجو انداز پنهنجي فڪر ۽ احساس جي سطح هوندي آهي، ان ڪري ئي هو انفراديت جي دعويداري ڪري سگهندو آهي. هر دور جي شاعريءَ ۾ روايتن جو تسلسل بہ هوندو آهي تہ وري ڪن نين روايتن جي پيڙهہ پوندي آهي. جن شاعرن سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ تبديلي آندي، ادبي قدرن جا رخ موڙيا، قومي ۽ فطري لاڙن کي نوان روپ، نوان لفظ ڏنا، انهن جڻ تہ سموري ادبي ماحول ۾ تبديلي آندي، هونءَ بہ ذهني تبديلي بدلجندڙ ماحول ۽ حالتن جو رِدعمل هوندي آهي ۽ هر ڪو شاعر ان جو اظهار مختلف انداز ۾ ڪندو آهي، سندس خارجي ماحول ۽ داخلي ڪيفيتون ۽ پڻ موروثي اثر سندس ذهني اوسر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. شيخ اياز اهڙو ئي هڪ منفرد شاعر آهي، جنهن جو بيان ۽ انداز ڪائنات ۽ زندگيءَ جي مسئلن جو مخصوص ادراڪ، ڏيهي ۽ پرڏيهي حالتن جو شعور ڪيس جديد دور جو سيني کان نرالو ۽ پيارو شاعر بنائي ٿو ڇڏي. سندس شاعراڻي تخليق

---

* فهميده حسين، ڊاڪٽر فهميده حسين آهي، جيڪا شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر رهي چڪي آهي ۽ هن وقت سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن آهي.

جو سياءُ پنهنجو آهي. رومانوي شاعري هجي يا نظرياتي، هو ماڻهوءَ جي اندرين سطح (Innerself) کي ڇهي سگهڻ جي طاقت رکي ٿو. سندس بنيادي جبلتن پيار (سونهن سان پيار- وطن سان پيار) انسان دوستي ۽ جيئڻ جي چاهنا سان سڌوسنئون تعلق ۾ اچي ٿو. فارسي زده شاعريءَ جي هڪ ڊگهي دور کان پوءِ اياز سنڌي شاعري کي نئون موڙ ڏيڻ وارن جديد شاعرن جو سر موڙ آهي. هن پنهنجي ٻولي، پنهنجي تهذيب، پنهنجين روايتن ۽ ڌرتيءَ جي وجائجي ويل احساس کي ورائي آندو ايتري قدر جو هن ڌرتيءَ جا گل ٻوٽا، وڻ ٽڻ، جهر جهنگ، جبل، درياهه نديون- اشارا ڪنايا، تمثيلون، روايتون، سورما، سورميون، جڻ ٻيهر جياريا آهن جيڪي ڏارين اثرن ڪري سنڌي شاعريءَ مان غائب ٿي ويا هئا. اياز پراڻيون روايتون ٽوڙڻ، پراڻا (Trends) بدلائڻ ۽ نيون روايتون نوان (Trends) ڏيڻ وارو اهڙو شاعر آهي، جنهن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي سان، پنهنجي فارم ۽ گهاڙيٽن سان، صرف هم عصرن کي نه، پر پويان ايندڙ نسلن کي به متاثر ڪيو آهي. نه صرف ايترو پر عام سنڌي ذهن، خاص ڪري نوجوانن ۾ سنڌ جي حوالي سان ذهني سجاڳي ۽ نئون شعور پيدا ڪرڻ ۾ سندس شاعريءَ جو وڏو ڪردار آهي. (ڀلي ڪير مڃي يا نه مڃي) اها سندس ڪاميابي آهي ۽ اها ڪاميابي يقيناً سندس شاعريءَ جي سچي سونهن- سندس "خيال" جي خوبصورتيءَ ۾ آهي جنهن ۾ سهڻن ۽ لطيف لفظن ۽ گهاڙيٽن سببان اهڙو اثر ٿو محسوس ٿئي، جيڪو دل ۽ من ۾ جذبا موجزن ڪريو ڇڏي. سندس خيال ۽ جذبي، هيئت ۽ گهاڙيٽي ۾ ڏاڍي هم آهنگي آهي جيڪا سندس شاعريءَ ۾ ترنم ۽ موسيقيت پيدا ڪرڻ جو سبب آهي. هڪ ٻي خوبي آهي سندس شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو- ڇو جو پاڻ ئي چيو اٿس "گيت گلن جيئن ايرن ٿا ڌرتيءَ مان" هن وٽ پنهنجي ديس ۾ لُڪ لڳڻ سان جيڪي اڪ ٽپن ٿا، تن جو هڪ جدا تخليقي پس منظر آهي، جنهن جي پنهنجي سونهن آهي. ٻيو ڪير لُڪ لڳڻ سان اڪ جهڙي ڪڙي ڪساري وڻ مان ڦٽندڙ ڦلڙين

ڌانهن متوجهہ ٿئي، نہ ٿئي، پر اسان جو هي شاعر هن ڌرتيءَ جي حوالي سان سخت موسم ۾ ڪڙي ڪساري آڪ کي بہ پنهنجي لاءِ (Inspiration) جو سبب بنائي ٿو ڇاڪاڻ جو هو ان کي Own ڪري ٿو جيئن انسان جي زندگي دورن ۾ ورهايل آهي. ننڍپڻ، جواني، پيري۔ تيئن تخليق جي عمل جا بہ دور ٿين ٿا، شعور جون بہ سطحون ٿين ٿيون. شيخ اياز جي پهرئين ڪتاب ”ڀونر ڀري آڪاس.“ کان وٺي سندس هن مهل تائين آخري ڪتاب (اڻ ڇپيل) ”اڀر چنڊ پس پرين“ ۾ هڪ تسلسل آهي، جيڪو سندس شخصيت جي مختلف روپن کي نروار ڪري سگهي ٿو. سندس ننڍپڻ ضرور ڪنهن اهڙي هستيءَ جي هنج ۾ گذريو هوندو، جنهن جي شعوري يا غيرشعوري تربيت هن کي نوجوانيءَ ۾ انقلاب لاءِ ڪليو ڪلايو ڳائڻ تي آماد ڪيو:

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب ڳاءِ،
جيئن زمين آسمان،
جي ڪلي ڀون زبان،
ڪنڊ ڪنڊ، چوڪ چوڪ،
شهر، شهر، ڳوٺ ڳوٺ،
جيئن ڏئي اتي جواب۔ انقلاب!

نوجوان عمر ۾ ايترو جوش ۽ جذبو ۽ ايترو شعور ڪيس يقيناً سندس وسيع مطالعي، باشعور انقلابين سان لهہ وچڙ ۽ پنهنجي اندر جي سوجهري سبب مليو هوندو، پر انهن سڀني کان اڳ بہ هڪ مڪتب ٿيندو آهي، جتان ڪنهن ڏاهي انسان کي سچ سڃاڻڻ ۽ پرکڻ جو سبق ملندو آهي ۽ اهو مڪتب هوندو آهي سندس گهر! جنهن ۾ ننڍپڻ ۾ امڙ جي لولين ۽ ڪڌائڻ کان وٺي راتين جو ٻڌايل آکاڻين ۽ داستانن جو ٻار جي ذهني تربيت ۾ وڏو ڪردار هوندو آهي ۽ ڪنهن خاص عمر تائين ان هستيءَ جو عمل دخل رهي ٿو. پوءِ وري ٻين عورتن جو وارو ٿو اچي جنهن ۾ محبوبہ کان جيون ساٿيءَ تائين عورت جا مختلف روپ رهن ٿا، جيڪي سندس شخصيت ناهڻ ۾ مددگار ٿين ٿا.

ان حوالي سان شيخ اياز کان پنهنجو پهريون سوال هو تہ ”توهان جي شخصيت ناهڻ ۾ امڙ جو ڪيترو ۽ ڪهڙو ڪردار هو؟“

جواب: مان جڏهن ننڍڙو هئس تہ منهنجي ماءُ مون کي پينگهي ۾ لوڏي يا ڇت ۾ لڱل جهلي هلائي ننڊ ڪرائيندي هئي ۽ ان وقت لوليون ڏيندي هئي جي مون کان اجا تائين نہ وسريون آهن. هن جو آواز ڏاڍو مٺڙو هوندو هو. جڏهن، آرهڙ ۾ ٻاهہ وسندي هئي ۽ گهر کان ٻاهر ڪانوَ جي اک نڪرندي هئي تڏهن هوءَ مون کي منجهند جي ماني کارائي پنهنجي پسنديده لولي ڳائيندي هئي.

”گهل ڏکڻ ڙي، نيڻ ٿا ننڊ گهرن“

اهڙيءَ طرح سانوڻ ۾ ٻدي جي ٻُٺ ۾ جڏهن مون کي ننڊ نہ ايندي هئي ۽ مان کٽ تي پاسا ورائيندو هوس، تڏهن هوءَ لوليون ڳائي مون کي ننڊ ڪرائيندي هئي. هن کي سنڌ جا ڪيئي لوڪ گيت ۽ لوڪ ڪهاڻيون بہ ياد هونديون هيون، جي هوءَ مون کي ٻڌائيندي هئي. ساري زندگي هوءَ منهنجي شخصيت تي ڇانيل رهي ۽ منهنجي تحت الشعور ۾ شاعريءَ لاءِ لڱن هن ئي پيدا ڪئي. مون هن ساري ڪائنات کي پنهنجي ماءُ وانگر سمجهيو آهي ۽ ان جو تقدس منهنجي دل تي ايئن ڇانيل آهي جيئن پنهنجي ماءُ جو هو ۽ پنهنجي اڻ ڇپيل ڪتاب ”اڀر چنڊ پس پرين“ ۾ انهيءَ ڪائنات جي تصور ۽ ان جو پنهنجي ماءُ سان پيت جو اظهار بہ ڪيو آهي.

منهنجو پيءُ تڏهن گذاري ويو جڏهن مان چوٿين درجي سنڌيءَ ۾ پڙهندو هوس. هن کان پوءِ منهنجي ماءُ ئي منهنجي پرورش ڪئي هئي. مان سَوَ جنمر وني اچان تہ هن جو هڪ ٿورو لاهي نہ سگهندس. ”ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت ٿيندو آهي.“ اها هڪ عام چوڻي آهي، پر مان چوان ٿو تہ ”ماءُ جي پيرن کان مٿي ڪوئي بہ بهشت نہ ٿيندو آهي.“

عام طور سنڌي سماج ۾ گهرن ۾ عورت سان ڏاڍو اڏنگو ورتاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ اهو مختلف طبقن ۾ مختلف انداز ۾ هوندو آهي. اڄ کان پنجاهہ سٺ سال اڳ اهو ڪيئن هو ۽ اسان جي شاعر ان کي ڪهڙيءَ

ريت ڏني ان جو اندازو لڳائڻ لاءِ ٻيو سوال ڪيم: ”نندپڻ ۾ اوهان جي آبائي شهر ۾ عورت جي سماجي حيثيت ڪهڙي هئي؟“

جواب: مان جڏهن ننڍڙو هوس ۽ شڪارپور ۾ سنڌي اسڪول ۾ پڙهندو هوس، تڏهن هندو عورتن کي ڇڏي فقط ٻه شريف عورتون بي پردي هونديون هيون. انهن مان هڪ منهنجي مائٽ ڊاڪٽر عطا محمد شيخ جي انگريز زال هوندي هئي ۽ ٻي هڪ ڪرستان نرس، جنهن کي سارو شهر ”ڪاري منڊم“ ڪوٺيندو هو. باقي رڳو طوائفون بي پرده هونديون هيون جن ۾ ”نونا“ مشهور هوندي هئي، جا شڪارپور جي ميونسپالٽيءَ جي انگريز ائڊمنسٽريٽر مسٽر ڊريو جي داشته هئي. پهرين مسلمان عورت، جنهن پردو ترڪ ڪري تعليم حاصل ڪئي، اها روشن هئي، جا مون سان ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ جنهن جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ ۾ ڪيو آهي.

مردن جو عورتن سان ورتاءُ عام طور تي ان گهر جي ماحول جي عڪاسي ڪندو آهي ۽ ٻارن جي ذهني اوسر تي پڻ اهو اثرانداز ٿيندو آهي. ان حوالي سان منهنجو اڳيون سوال اهو ته ”توهان جي گهر ۾ عورتن سان مردن جو ورتاءُ ڪيئن هو؟“

جواب: اسان جي گهر ۾ بابا جي وفات کان پوءِ فقط هڪڙي عورت وڃي رهي، جا منهنجي ماءُ هئي ۽ ٻي مون کان ننڍي منهنجي ڀيڻ هئي. منهنجو پيءُ منهنجي ماءُ سان ڏاڍو پيار ڪندو هو ۽ هوءَ به هن کي ايترو ياد ڪندي هئي جو جڏهن هو سياري جي موسم ۾ گذاري ويو تڏهن منهنجي ماءُ، پرسان رکيل رک سان پريل سگري جنهن ۾ ڪجهه ٽانڊا به هئا، اوچتو کڻي پنهنجي وارن تي هاري هئي ۽ جي اسان جون مائيناٽيون هن جو مٿو يڪدم نه ڇنڊين ها ته هن جي وارن کي باهه لڳي وڃي ها.

منهنجي پاڙي ۾ منهنجا ڪيترا مائٽ رهندا هئا، جي ان دور جي اڪثر مسلمانن وانگر پنهنجي ماءُ جي ته عزت ڪندا هئا پر پنهنجي زال کي پنهنجي ملڪيت سمجهندا هئا ۽ اڃا هنن جي ڪائي ڏيءَ ساماڻي مس هئي ته هن کي گهر اندر وهاري ڇڏيندا هئا ۽ پردو

ڪرائيندا هئا. وري ڪوئي عورتن ڪي مارڪٽ ڪندو هو يا گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو. سيئي گهٽو ڪري وچولي درجي جا ڪامورا هوندا هئا ۽ لوڪ لڇا جو خيال رکندا هئا. هاڻي تہ اسان جي پاڙي ۾ عورتن جي تعليم ايتري وڌي وئي آهي جو گهر گهر مان ڊاڪٽرياڻيون آهن، جي پردو نہ ڪنديون آهن.

نٽيپڻ جي اهڙي مشاهدي کان پوءِ عورت جي آزاديءَ لاءِ ذهن ۾ پيدا ٿيل معيار جي ڄاڻ خاطر پڇيم "توهان عورت جي لاءِ ڪيتري آزاديءَ جا قائل آهيو؟"

جواب: ايتري آزادي، جيتري هن ڪي مغرب ۾ آهي. عورت بہ ايتري آزاد آهي، جيترو مرد آزاد آهي. هن تي رڳو ايتري پابندي عائد ڪري سگهجي ٿي، جيتري مرد تي. ترڪي تہ مسلمانن جو ملڪ آهي. استنبول ۾ مون ترڪ عورتون ايتريون آزاد ڏٺيون، جيتريون لينن گراڊ يا لنڊن ۾! ها قونيہ وغيره اسان جي ملڪ جي ڪجهہ حصن وانگر ان ڏس ۾ پٺتي آهي.

منهنجو خيال آهي تہ گهر ۽ سماج ۾ عورت ۽ مرد جو باهمي رشتو هڪ جهڙائيءَ ۽ برابريءَ وارو هئڻ گهرجي.

پڇيم "پلا اهو ٻڌايو تہ اوهان جي زندگيءَ ۾ آيل عورتن مان اوهان ڪي ڪهڙي قسم جي عورتن متاثر ڪيو؟"

جواب: گهٽ ڳالهائڻ، گهٽي رد ڪد کان پاڻ تي عائد ڪيل روڪ ٽوڪ، وهلور نہ وڃڻ، پاڻ کان وڌيڪ خوش حال عورت ڪي ڏسي حسد نہ ڪرڻ ۽ ٻئي سان همدردي جا گڻ رکندڙ عورتن مون ڪي متاثر ڪيو!

هڪڙي عام چوڻي آهي تہ "هر وڏي ماڻهوءَ جي ڪاميابيءَ جي پٺيان ڪانہ ڪا عورت هوندي آهي. اوهان جهڙي مهان ليکڪ شاعر ۽ شخصيت جي ڪاميابيءَ پٺيان ڪهڙي عورت رهي آهي." ان سوال جو جواب بلڪل واضح لفظن ۾ مليو. چيائين:

"دوستي تہ منهنجي ڪيترين ئي عورتن سان رهي آهي، پر

جيڪڏهن منهنجي ڪائي ڪاميابي آهي تہ ان جي پٺيان منهنجي زال زرينہ جو هٿ آهي، هن جو بي انتها تحمل پنهنجي ٻارن جي اڻ ٿڪ پرورش، سليقي سان گهر هلائڻ زندگيءَ جي هر لاهي چاڙهيءَ ۾ شڪايت ڪان سواءِ ساٿ، منهنجي مطالعي ۽ تخليق جي بلڪل آڏو نہ اچڻ، منهنجي بيماريءَ ۾ خدمت ۽ ٻيون ڪيئي خوبيون، ان ڪاميابي ۾ مددگار ثابت ٿيون آهن."

رومانوي شاعريءَ جي حوالي سان اياز جو شعر ڏاڍو پيارو لڳندو آهي، اهڙي شاعري 'پيار' جي جذبي جي عڪاس هئڻ ڪري انسان کي پنهنجي دل وٽان لڳندي آهي. 'پيار' جي جذبي لاءِ ٿورن لفظن ۾ ڪجھ چوڻ جو چيم تہ جواب ڏنائين:

"پيار زندگيءَ کي معنيٰ بخشي ٿو اهو ماءُ جو هجي، محبوبہ جو هجي، اولاد جو هجي، قوم جو هجي، انسان ذات جو هجي- پيار کان سواءِ زندگيءَ جي ويرانيءَ ۾ ڪنهن سايي دار درخت جي تلاش بيڪار آهي!"

سنڌ جي مستقبل سنوارڻ لاءِ سيني فردن کي (زالون مرد سڀ) گڏجي پاڻ پتوڙڻ گهرجي، ان لاءِ هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو رول هوندو آهي، ان بابت سندس راءِ پڇيم تہ چيائين:

"زالن کي مردن جهڙوئي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، صرف گهر واري (House wife) ٿيڻ ڪافي نہ آهي. تڏهن پڇيم "پلا سنڌي سماج جي تڪڙي ضرورت ڪهڙي آهي؟"

جواب: "اتحاد. جمهوريت لاءِ اتحاد!" آخر ۾ سگهڙين سٽ جي معرفت سنڌي عورت لاءِ پيغام ڏيندي چيائين تہ "صدين جا زنجير ٽوڙي پنهنجي آزاديءَ لاءِ وڙهو. ان لاءِ مرد جي ذات کان نفرت ضروري ناهي ۽ ڪيترائي مرد اوهان جي انهيءَ ويڙهہ ۾ اوهان سان شامل آهن. جاگيرداري دور جي غلاميءَ مان نڪري اچو جا مرد اوهان تي مسلط ڪئي آهي. سرمايہ داري دور جي ٻي راهہ رويءَ کان پاسو ڪريو چو تہ ان مان انسان ذات کي فقط ڇيهو رسيو آهي!"

# تقريرون

# قومي جدوجهد ۾ سنڌي شاعريءَ جو حصو

1964ع ۾ سکر جي هڪ مشاعري ۾ ڪيل صدارتي تقرير

پيارا دوستو!

روسي شاعر ايوتوشينڪو کي ڪنهن چيو هو "ڪامريڊ! انقلاب مري چڪو آهي." تہ هن جواب ڏنو هو "نہ ڪامريڊ! انقلاب مُئو نہ آهي، بيمار آهي ۽ مان پنهنجي شاعري ائمبولينس ڪري ڪم آڻي رهيو آهيان." سنڌ جي شعر ۽ ادب جڏهن قومي جدوجهد ڏانهن ڏيان ڏنو. تڏهن اُن جي ڪيفيت بہ ڪجهہ اهڙي هئي. سنڌ مُئي نہ هئي، اَگهي هئي. سنڌي شاعريءَ کي قومي چوتڪاري لاءِ ڪارائتو ڪرڻ لاءِ انهيءَ ناسور جي وڍ ڪپ نهايت ضروري هئي، جنهن ان کي نستو ۽ موڳو بڻائي وڌو هو. اها وڍ ڪپ بنا ڪهڪاو جي ڪئي وئي، اگهيءَ کي سگهہ ڪيئن ملي، اُن جي اُپٽار ڪجهہ هن ريت آهي.

1. سانگيءَ ۽ گدا کان وٺي لاڙڪاڻي واري محمود خادم تائين آيل شاعريءَ جي روايت، جا فارسي ۽ اردوءَ جي تقليد ڪري رهي هئي، هڪڙي نوڪر سان ڌاهي ڍير ڪئي وئي. نہ اُن جا اُهي عاشق رهيا، جي ڪار مُنهين رقيب جا موچڙا کائيندا ها ۽ دربان جون جتيون چنڊبيندا هئا ۽ نہ اُن جا اُهي معشوق رهيا، جي سبزہ خط ۽ ڪاڪُل مشڪين سان ٿڏي، سمندِ ناز تي سواري ڪندا هئا ۽ پنهنجن غمزن ۽ عشون سان گهوٽ گهائيندا وتندا هئا.

2. اسان دقيانوسيءَ شاعريءَ جي پوري ڪائنات ڊانوانڊول ڪئي، ان ڪان اهي پهاڙ درياهہ، وڻ، ٻوٽا، گل، ساهوارا، سڀ ڪجهہ ڪسي اُڇلايا، جي هن کي فارسي ۽ اردوءَ شاعريءَ کان ورثي ۾ مليا ها. هنن ننڍي کنڊ جي ڪجهہ پرڳڻن ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن، پنهنجي تيرنهن سيڪڙو آباديءَ جو تهذيبي غلبو قائم رکڻ لاءِ، پنهنجيءَ تهذيب کي ايراني، توراني، ازبڪ ۽ ٻين ٻاهرين تهذيبن جي ڳڙڏاٽي ٻڌائي رکيو هو. هنن کي ايئن ڪرڻ ۾ ڪهڙي مصلحت هئي، ان لاءِ مان هن وقت ڪجهہ چوڻ نہ ٿو چاهيان، پر هڪ ڳالهہ صاف ظاهر هئي تہ هنن جي شاعريءَ جي اثر سنڌي شاعريءَ جي ستياناس ڪئي هئي. مثال طور هي ننڍو کنڊ هڪ درياهن جو ديس هو جتي سنڌو، برهم پترا، گنگا وغيره جهڙا درياهہ ها، پر اردو شاعر ذڪر فقط دجلہ ۽ فرات جو ڪندا ها، همالا جهڙا پهاڙ چڏي، علامہ اقبال ڪوهِ دماوند کي علامت طور ڪم آندو. مون بنگال ۾ رڳو چمپا جا پنڌرنهن قسم ڏٺا آهن پر اردو شاعريءَ ۾ گل فقط نرگس شهلا ۽ لالہء صحرا نظر ايندا، جي مغلن جي باغن ۾ بہ شايد ٿيندا ها. ديومالائن جي ديس ۾ ليلا مجنون، شيرين فرهاد ۽ وامق عذرا جون ڳالهيون ڳايون ويون. غير اسلامي هوندي بہ، يزدان ۽ اهرمن جو تخيل بار بار آندو ويو، ڇو تہ ان ۾ ايران جي خوشبو هئي. اسان ڏٺو تہ هند_ مسلم شاعريءَ جي اثر سنڌ مسلم شاعريءَ جي جڙ سنڌ جي ڌرتيءَ مان اُکاڙي ڦٽي ڪئي هئي، ان ڪري اسان سنڌي شاعريءَ کي سنڌ جي ڌرتي ۽ آڪاس موٽائي ڏنو. غالب ”بنات النعش“ جا راڳ ڳاتا ها، اسان تيڙو ۽ ڪتين جا گيت آلاپيا، اردو شاعريءَ ۾ آهويء ختن پنهنجي جُڙتو وحشت سان ڊوڙندا نظر ايندا ها، اسان جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا روجهہ رمندا نظر آيا، اردو شاعري هُما ۽ عنقا لاءِ سرگردان هئي. اسان شاعريءَ کي ڪونج جي اُڏار ۽ تاڙي جي تنوار ڏني. نتيجو اهو ٿيو تہ سنڌي شاعريءَ جي ڪائنات مير ۽ مومن، انشا ۽ ناسخ، غالب ۽ اقبال کان ڪٽجي وئي ۽ ان جا خيما پتائيءَ جي پٽ تي کُپي ويا. سنڌ پنهنجي ڳم ۽ ڳنڊير، ڏٿ ۽ ڏوٿيئڙن سان چمڪي اُٿي، ناسور

جو هڪ وڏو ڳوڙهو ڪيچي ويو ۽ اسان جي شاعري سنڌي ٿي وئي.

3. سنڌ جي قومي جدوجهد لاءِ شاعريءَ کي ڪارگر ڪرڻ لاءِ ان سنڌيت جو هجڻ ضروري هو ان ڪري اسان کي اردوءَ جي جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ جو اثر به نه آئڙيو. تصدق حسين خالد ۽ ن. م. راشد کان وٺي مجيد امجد ۽ وزير آغا جي جديد شاعريءَ تائين، مغربي شاعريءَ جو سطحي اثر ته نمايان آهي، پر ان شاعريءَ جي جڙ ٻيءَ اردو شاعريءَ وانگر ڪنهن به ڌرتيءَ يا ان جي تهذيب ۾ نه آهي. ان ڪري اسان مغربي شاعريءَ سان اردوءَ جي ذريعي نه، پر سڌو رستو رکيو ۽ رِلڪي کان لورڪا تائين، پوري جديد مغربي شاعريءَ جو واس وٺي، سنڌي شاعريءَ کي هٻڪايو. جيستائين اردوءَ جي ترقي پسند شاعريءَ جو سوال آهي ته اسان محسوس ڪيو ته اها ڪاٺ گدري جي کل ۾ بم گولي پرڻ جي اجائي ڪوشش ٿي ڪري، ان جو انهيءَ موسيقيءَ سان ڪوئي واسطو نه آهي. جا عوامي روح ۾ گونجندي آهي. ان جي ٻولي علامتون دقيانوسي آهن، جن جو پاڪستان جي ڪنهن به صوبي يا ان جي عوام سان ڳانڍاپو نه آهي. مون فيض احمد فيض کان هڪ ڀيري پڇيو ته تنهنجن چئني مجموعن ۾ ”نقشِ فريادي“ کان وٺي ”دست تهِ سنگ“ تائين، ڪوبه اهڙو لفظ يا قافيو ڪم آيو آهي، جو ولي دکنيءَ کان وٺي جگر مراد آبادي تائين، ڪم نه آيو هجي، ته هو جواب ڏئي نه سگهيو. ان ڪري اسان کي اردوءَ جي ترقي پسند شاعريءَ جو سنڌ جي ترقي پسند شاعريءَ تي اثر ايرو لڳو. ان ۾ انقلابي نعرا ته هيا، پر اُنهن نعرن ۾ نه فقط انقلاب جو هڪ کوکو روايتي تصور هو پر انهن نعرن کي اها نيزي جي اٽي به ڪا نه هئي، جا روح ۾ ڪپي ويندي آهي. اسان پنهنجي قومي ۽ انقلابي پيغام کي ٻوليءَ ۽ روايت جي هڪ انوکي پنهنجائپ ڏني، جنهن ڪري سنڌي شاعري ڀٽائي جي دور کان پوءِ وري ڀهريون ڀيرو سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڦهلجي وئي ۽ اسان جي قومي جدوجهد لاءِ پوريءَ سنڌ کي جذباتي طور تيار ڪري ڇڏيائين. ”بزمِ

صوفيا“ ۽ سنڌ ”روح رهاڻ“ ۽ ”سنڌي شام“ جا جلسا انهيءَ جا گواهہ آهن تہ جنهن وقت ”جيئي سنڌ“ جو نعرو بہ گناهہ سمجهيو ويندو هو ان وقت اسان جي انقلابي شاعري هڪ اونهي سمنڊ وانگر گجندي گونجندي هئي. سنڌي علامتن جو سهارو وٺڻ جي باوجود، اها ڪڏهن بہ مبهم نہ لڳي: هر پڙهندڙ سمجهي وٺندو هو تہ ڪير ڪهڙي پٽ جا پَهہ پروڙائي رهيو آهي. ڪوڙ جا ڪنگرا لڏي لڏي نيٺ ڦهڪو ڪري ڪِريا ۽ ون يونٽ ٽٽي پيو. اڄ سنڌ آگهائيءَ مان نڪري چڪي آهي ۽ سنَرا مارو سَرها آهن. پر اجا پنڌ پري آهي، اجا تہ ڪينر تان ڪَسُ مس لٿي آهي، اجا ان کي وڃڻو آهي ۽ اوهان کي پرينءَ جو نئون نئون پار پساڻو آهي. هن وقت مان فقط هڪ ڳالهہ اوهان جي ڌيان ۾ آڻڻ چاهيان ٿو. دنيا جي ادب جي مطالعي مون کي ان نتيجي تي پهچايو آهي تہ ڪنهن ڪنهن وقت انقلابي تحريڪن ادب جي انقلابي ڪردار کي پنهنجي هٿ سان نهوڙيو آهي. انقلابي ادب پهرين ادب آهي، پوءِ انقلابي آهي. جي اُن ۾ پنهنجو انفرادي حسن ۽ خوبي نہ آهي تہ اهو ڪنهن بہ انقلابي تحريڪ لاءِ بيڪار آهي. جي ان جو بنيادي پيغام انقلابي آهي تہ ان جي تاجي پيٽي تي گهٽي وٺ پڪڙ چڱي نہ آهي. هڪ ڀيري ٽراٽسڪيءَ ميڪسيڪو جي انقلابي آرٽسٽ ڊيگور ويرا سان گڏجي انقلابي فنڪارن جي انجمن ٺاهي هئي، جنهن جي پڌرنامي ۾ لکيو هيائين تہ ”آرٽ انقلاب جو بهترين ساٿي آهي، بشرطيڪ ان کي آزاد ڇڏيو وڃي.“ اهو هڪ نهايت سمجهدار ادبي پڌرنامو هو. لينن جڏهن انٽرنيشنل جي خالق گوتيئر لاءِ چيو هو تہ هو ”گيت ۾ بهترين پروپئگنڊا ڪندڙ آهي.“ تڏهن هن پروپئگنڊا کي گيت کان وڌيڪ اهميت نہ ڏني هئي، ڇو تہ گيت جيستائين صحيح معنيٰ ۾ گيت نہ آهي، تيستائين اهو پروپئگنڊا جي صلاحيت کان وانجهيل رهي ٿو. مائوزي تنگ بہ ينان ڪانفرنس ۾ انقلابي فن جي فني اهميت تي خاص زور ڏنو آهي. مان هي ان ڪري چوان ٿو جو اسان جي جدوجهد انهيءَ انقلابي موڙ تي پهچي چڪي آهي، جتي

اسان جي قومي ادب جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لازمي سمجهي ويندي ۽ ڪي نام نهاد انقلابي سنڌي شاعريءَ تي گرفت ڪرڻ شروع ڪندا. ان وقت اوهان اهو نه وسارجو ته نعرو به هڪ فن آهي ۽ فن به هڪ نعرو آهي، پر فن لاءِ نعري تي گونجڻ لاءِ پهرين فن ڄاڻڻ ضروري آهي. جيئي سنڌ.*

* هن ڪانپوءِ شيخ اياز جي 14 اپريل 1965ع تي روح رهاڻ جشن حيدرآباد ۾ ڪيل شيخ اياز جي تقرير ڏنل هئي جيڪا پهرئين جلد ۾ "جهول ۾ گل ۽ هٿ ۾ مشعل" عنوان سان اچي چڪي آهي. ان ڪري هتي ياڳي مان ڪڍي وئي آهي.

# تعليم کان سواءِ آزاديءَ جو صحيح شعور ممڪن نہ آهي

(آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ ساٿي پارڙا سنگت جي مذاڪري تي تقرير جا ماهوار ”سنڌ سجاڳ“ جي 14 آگسٽ 1987ع جي شماري ۾ ڇپي.) *

پارڙا ساٿيو، نوجوانو، هم عصر دوستو! مان اوهان جو ٿورائتو آهيان جو هن گڏجاڻيءَ تي صدارت لاءِ اوهان منهنجو انتخاب ڪيو آهي. هونءَ تہ آءٌ صحت جي خرابيءَ سبب ڪنهن جلسي ۾ وڃڻ کان ڪيٻايان ٿو پر ڪراچيءَ ۾ هوندي اوهان جي سڏ ڪي۔ اوهان، جي سنڌ جو نئون نسل آهيو لنوائي نہ سگهيس ۽ چاهيم تہ اوهان کي ڪجھ هدايتون ڪيان، جي منهنجي نظر ۾ ضروري آهن.

ذڪرڻ آفريڪا جي سياھ فام شاگردن جو نعرو آهي. ”انقلاب اڳ ۾ ۽ تعليم پوءِ.“ اهو نعرو سفيد فام لوڪن جا وارڪانداري ٿو ۽ انهن ۾ ڪنبڻي وجهي ٿو ڇڏي، پر ان نعري جو هڪ منفي پهلو بہ آهي. نئون سياھ فام نسل نہ انجنيئر، نہ ڊاڪٽر، نہ ٽيڪنيشن، نہ سماج جا ٻيا ڪارآمد پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو پيدا ڪري رهيو آهي، پر نوجوان، جي صحيح انقلابي تعليم کان وانجهي آهن، اهو نٿا ڄاڻن تہ انقلاب ڇا آهي، انقلاب ڪيئن آندو وڃي، ڪيوبا، ويٽنام وغيره ۾ انقلاب ڪيئن آندو ويو هو، اتي جون حالتون ڪهڙيون هيون ۽ اتي جي

---

* هن کان پهرين ”هڪ تقرير“ هتي شامل نہ ڪئي وئي آهي، جيڪا ”ڪانئون ڪاٽ پاسِ“ عنوان سان ”خط انٽرويو تقريرون“ ڀاڱي پهرين ۾ ڇپيل آهن.

سرزمين ڪِھڙي ھئي، انھن جو نفسياتي پس منظر ڪھڙو ھيو ۽ ٻيا مسئلا ڪھڙا ھيا. اتي تنظيم ڪيئن ڪئي وئي ھئي ۽ حالتون آفريڪا جي حالتن کان ڪيترو مختلف ھيون ۽ ڪيترو مليون جليون ٿي.

چين ۾ بہ ثقافتي انقلاب واري دور ۾، ٻنھہ مخلتف ماحول، ڏھہ سال اڻ پڙھيل نظريي پرست پيدا ڪيا ويا. جن ساري ملڪ ۾ افراتفري تہ پيدا ڪري ڏني، پر ملڪ تعليم جي ميدان ۾ بہ نھايت پٺ تي رھجي ويو ۽ ھن وقت جڏھن ان ثقافتي انقلاب جا نشان تتي چڪا آھن، تڏھن چيني نوجوانن ۾ ٻنھہ بي حسي ملي ٿي، ھو حڪومت جا معاملا پارٽيءَ جا معاملا بي حسيءَ سان ڏسن ٿا. موجوده چين ۾ بورجوا ملڪن جي حاصلات کي حسرت سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ انھن جي طور طريقي جو نقل ڪيو وڃي ٿو. آفريڪا ۾ انقلاب کان اڳ جي فضا آھي، چين ۾ انقلاب کان پوءِ جي فضا آھي، ٻنھي صورتن ۾ تعليم ۾ پوري دلچسپيءَ جي ڪميءَ ۽ فقط نعري بازي ڏانھن توجھہ، نئين نسل کي نقصان پھچايو آھي.

اسان وٽ بہ رجعت پرستيءَ جي فضا آھي، ايئن ٿو لڳي تہ اسان ڪيئي سؤ سال پٺ تي ڌڪيا ويا آھيون، تبديليءَ جي ضرورت نھايت شديد آھي ۽ نوجوان ئي اُھا تبديلي آڻي سگھندا آھن ۽ انھن جي سياست ۾ ملوث ٿيڻ کان سواءِ اھا تبديلي ناممڪن آھي، پر ان جي معنيٰ اھا نہ آھي تہ تعليم کي بلڪل نظرانداز ڪيو وڃي ۽ فقط نعرن تي مدار رکيو وڃي. 1942ع ۾ جڏھن "ھندستان خالي ڪريو" تحريڪ انگريزن جي خلاف زور تي ھئي ۽ ستياگرھہ ڪندڙ شاگرد ۽ ٻيا نوجوان، تشدد جون ڪارروايون ڪري، قيد ۽ بند جون تڪليفون سھندا ھئا. تڏھن بہ انھن جي تعليم ۾ دلچسپي برقرار ھئي ۽ ھو جيل ۾ بيحد مطالعو ڪندا ھا. اتي انھن جا ڪلاس ورتا ويندا ھا ۽ ڪي جيل جي اندران ئي تياري ڪري امتحانن ۾ ويھندا ھئا ۽ چڱيون مارڪون ڪٺي پاس ٿيندا ھا ۽ ڪجھہ جڏھن ٻاھر نڪرندا ھا تہ انھن کان بہ

گهٽو ڄاڻندا ها، جي ٻاهر رهي، ڪاليجن ۾ باقاعدي تعليم وٺندا ها. انگريز خلاف جدوجهد اهي سياسي ڪارڪن پيدا ڪيا، جي نہ رڳو اڳتي هلي نهايت چڱا انجنيئر، ڊاڪٽر وغيره ٿيا پر جن کي پنهنجي ماحول جو خاص طور ۽ دنيا جي حالات جو عام طور نهايت گهرو شعور هوندو هو. اسان جڏهن مينارام هاسٽل ۾ رهندا هئاسين ۽ مان ايل ايل بي ۾ پڙهندو هوس تہ نہ رڳو لا ڪاليج ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري هوس ۽ لڇمڻ راجپال سان گڏ هفتيوار اخبار ”سوشلسٽ“ ڪيندو هوس، پر هفتي ۾ هڪ ڏينهن نورالدين سرڪيءَ جي ڪمري ۾ ڪلاس ٿيندا ها. جتي قومي ۽ بين الاقوامي حالات کان وٺي تصوريت ۽ماديت جي فلسفي تائين، ليڪچر ٿيندا ها. اسان فعال بہ هئاسين ۽ جڏهن انگريزن خلاف عيدگاهہ ميدان ۾ لکها ماڻهن جو اجتماع ٿيو هو، سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ ٻين انگريز سامراج خلاف نهايت پڙڪائيندڙ تقريرون ڪيون هيون ۽ پوليس ٽيئر گئس جا ڪيترائي شيل هلايا ها، تڏهن ڪيئي شاگرد مجمع ۾ موجود ها جڏهن ڪياماڙيءَ تي بيٺل انگريزن جي پاڻيءَ جي جهازن کي جلايو ويو ۽ انگريزن کي تڏي ويڙهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو ۽ انهن ايستائين پنهنجون مشعلون اوچيون رکيون هيون جيستائين 1947ع ۾ آزاديءَ جو سورج پنهنجي آب تاب سان نڪري نراور ٿيو هو. پر اهي شاگرد مينارام هاسٽل موٽي اچي پڙهندا هئا. ڊي جي. سنڌ ڪاليج جي لئبريريءَ مان روازنويا هڪ ٻيءَ ڏينهن ڪوئي ڪتاب وٺي، پڙهي پورو ڪندا ها، ڪچهريءَ روڊ تي پارٽي آفيس ۾ ٿيندڙ مباحثن ۾ شريڪ ٿيندا ها، اتان بہ ڪتاب وٺندا ها ۽ بورجوا ۽ اشتراڪي ادب پڙهندا ها، ۽ پنهنجي خرچ مان پيسا بچائي قومي تحريڪ جي باري ۾ آچاريہ ڪرپالاڻيءَ، گانڌي، نهرو، قائداعظم، ايم. اين. راءِ، منوسانيءَ، ڊاڪٽر امبيڊيڪر رام منوهر لوهيا، رجني پام دت. جئہ پرڪاش نارائڻ، ڪراڪا وغيره جا ڪتاب وٺندا ها، بمبئي ۽ ڪلڪتي مان نڪرندڙ انگريزي هفتيوار اخبارون گهرائيندا ها، ۽ پنهنجو مطالعو وسيع ۽

ملڪي حالتن جي باري ۾ پنهنجو شعور گهرو ڪندا ها. ۽ پنهنجي ڪورس جا ڪتاب بہ راتيون جاڳي پورا ڪندا ها. هنن ڪڏهن بہ پاڻ ڏاهڻ ۽ ديس ڏاهڻ ۾ تضاد محسوس نہ ڪيو هو. اسان جا ادبي حلقا ڪاليج جي زماني ۾ ئي پنهنجي سنڌي ڪلاسيڪي ادب کان سواءِ ٽئگور اقبال، منشي پريم چند وغيره. ان وقت جا چوٽيءَ جا ادبي اردو رسالا، نقوش، ادب لطيف وغيره پڙهندا ها. مان جڏهن بي اي ۾ پڙهندو هوس تہ ڊي جي ڪاليج جي سنڌي سرڪل ۾ لالچند امر ڏني مل جي صدارت هيٺ، مون ڏيڍ ڪلاڪ ترقي پسند ادب تي تقرير ڪئي هئي ۽ ان جو مواد ڪجهہ تہ حشو ڪيولراماڻيءَ سان بحث مباحثي ۾ حاصل ڪيو هيم ۽ ڪجهہ ان دور ۾ ڇپيل اختر حسين راءِ پوري جي مشهور ڪتاب ”ادب اور انقلاب“ ۽ New Writing Series تان ورتو هيم، جنهن ۾ مغرب جي جديد ادب جون تخليقون، نظم، ڪهاڻيون، تنقيدي مضمون وغيره ايندا هئا. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو هو تہ آزاديءَ جي لگن تعليم سان لڳاءَ کي ٽڏو نہ ٿي ڪري. دراصل تعليم کان سواءِ آزاديءَ جو صحيح شعور ممڪن نہ آهي. اوهان پڻ سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب پڙهو حالات جو تجزيو ڪيو چڱي ۽ بري، ترقي پسند ۽ رجعت پرست جي وچ ۾ تميز ڪيو حالات پٽاندڙ حالات کي بدلائڻ ۾ حصو وٺو پر ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ بہ ڌيان سان پڙهو. ڊاڪٽر ٿيو تہ چڱا ڊاڪٽر ٿيو وڪيل ٿيو تہ چڱا وڪيل ٿيو انجنيئر ٿيو تہ چڱا انجنيئر ٿيو مطلب تہ جنهن بہ شعبي ۾ وڃو اتي پنهنجي ڌاڪ ڄمايو ايئن ڪوئي بہ نہ چئي سگهي تہ سنڌي اڻ پڙهيل نعري پرست آهن. اهي فقط نعرا هڻي سگهندا آهن ۽ پاڪستان جي ٻين شهرين کان پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ گهٽ درجي جا آهن. مان اهو ان ڪري نہ ٿو چوان تہ مان وائس چانسلر ٿي رهيو آهيان ۽ شاگردن جي تعليم تي توجهہ ۽ درس گاهن ۾ انتظام ڪنهن وقت منهنجو مکيہ مسئلو هو. مون اهو دور تہ جيئن تيئن گذاريو هو ۽ هاڻي ڪنهن بہ نوڪريءَ جي تمنا تہ نهيو تصور بہ ڪرڻ نہ ٿو چاهيان، مان

اوهان کي اهو ان ڪري چئي رهيو آهيان جو سنڌ جو مستقبل اوهان سان وابسته آهي، منهنجو شعر ۽ ادب ۽ دانشوري انهيءَ سنڌ لاءِ آهي، جا اڳتي هلي اوهان کي ناهڻي آهي، جنهن جي اڏاوت اوهان تڏهن ڪري سگهندؤ جڏهن دل ۽ جان سان پڙهندؤ نه رڳو درسي ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪتاب پڙهي هنئين سان هنڊائيندؤ پر درسي ڪتابن جي مطالعي ۾ به ڪنهن کان پنتي نه هوندؤ سنڌ ايئن جيئندي، سدا جيئندي، اوهان جي ذريعي جيئندي نلهو نعرو تي نه جيئندي، هڪ جيئرو جاڳندو اڳتي وڌندو روان دوان انقلاب تي جيئندي.

منهنجي اوهان کي اها به هدايت آهي ته پاڻ ۾ وڙهو نه. جي اوهان جي محبت سنڌ جي وجود، بقا، ۽ ترقيءَ سان آهي، ته متيپد جي باوجود، هڪ ٻئي تي اُڀري هلان نه ڪيو اڳ جيڪي آزمائش تي پورا رهيا آهن، ٻڌي ٻڌائي ڳالهه تي انهن جي نيت تي شڪ نه ڪريو تحمل سان هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ اهڙا الزام نه هڻو جن جي اوهان وٽ پوري ثابتي نه آهي. اوهان جي منزل ساڳي آهي، رستا الڳ ٿي سگهن ٿا. هي دور ڏاڍو نازڪ دور آهي، اوهان سياست جي پل صراط تان وڃي رهيا آهيو هٿ هٿ ۾ ڏئي هليا هلو منزل ويجهي اچي رهي آهي، پر جي اوهان هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيندا رهيا ته مور نه ملندي، ٻڌي اوهان جي سگهه آهي، ڇڙوڇڙ ٿي اوهان انهيءَ مقصد کي پڄي نه سگهندا جو اڌ صديءَ کان وڌيڪ منهنجي شاعري ورجائيندي رهي آهي.

# پيغام

(سنڌياڻي تحريڪ جي 10 جولاءِ 1989ع تي شاهپور ضلعي سانگهڙ چاڪر ۾ ٿيل تاريخي ڪنوينشن لاءِ موڪليل تقرير) *

منهنجون پياريون ڀينرون،

منهنجي زندگيءَ جو هي وڏي ۾ وڏو اعزاز آهي، جو اوهان مون کي گهرايو آهي. ان کان بهتر منهنجي شاعريءَ جي قدرشناسي ٿي نہ ٿي سگهي. مان اوهان جو ان لاءِ احسانمند آهيان. مان اڳ بہ اوهان جي تحريڪ جي باري ۾ اخبارن ۾ پڙهي ايترو تہ متاثر ٿيو هيس، جو مون اوهان تي هڪ وائي لکي هئي.

پڙ ۾ آهہ پچار، گهر گهگهيريون آئيون،
وچن پيون واٽ تي، ٻانهن جهلي ٻار،
گهر گهگهيريون آئيون.
ڏيئي ڏنڊين آڱرين ڏنو تن ڏهڪار،
گهر گهگهيريون آئيون.
سهسين سڄڻ وانگيان، ويڙهيچڻ ويچار،
گهر گهگهيريون آئيون.
نہ سي پيرين پيڪڙا، نہ سي ڪوٽ ڪپار،
گهر گهگهيريون آئيون.

اڄ اوهان جي هن عظيم الشان اجتماع کي ڏسي، مان اهو دعويٰ سان چئي سگهان ٿو تہ منهنجي اندرينءَ اک اوهان جي شاندار

* هن ياڱي ۾ ساڳيو پيغام/تقرير بہ پيرا ڇپيل هئي. ان ڪري هڪڙي برقرار رکي وئي آهي.

مستقبل کي انهيءَ وقت ئي چڱيءَ طرح ڏسي ورتو هو ۽ ان تحريڪ جي نهايت انقلابي نتيجي کي پروڙي، مون اوهان کي پنهنجيءَ شاعريءَ جو حصو بنائي ڇڏيو هو. اوهان منهنجي خواب جي عظيم ترين تعبير آهيو منهنجي ان مستقبل جي تصور جي بهترين تصوير آهيو جو اڳتي هلي اسان جي نجات ثابت ٿيندو.

ڪجهه سال اڳ مان روس ۾ روسي عورت جي آزاديءَ، خوداعتمادي (پاڻ ۾ پروسو) ۽ ترقي ڏسي حيران ٿي ويو هوس. لينن گراڊ ۾ منهنجي هڪ روسي گائيڊ، جنهن جو نالو لينا هو ۽ جا ڪنهن انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر هئي، مون کي ٻڌايو هو ته ان وقت ملازمتن ۾ روسي عورتون چاليهه في صد هيون ۽ هن کي اها توقع هئي ته ڏهن سالن کان پوءِ پنجاهه في صد کان وڌي وينديون ۽ پوءِ ڪِلي چيو هيائين ته ان وقت اسان مردن جي خلاف Discriminate ڪنديونيسين يعني انهن سان صدين جو پلئه ڪنديونسين ۽ پنهنجي اڳيان احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديوسين. روسي عورتون انجنيئر، ڊاڪٽر، سائنسدان، ماهر تعليم وغيره زندگيءَ جي هر شعبي ۾، ويندي Astronauts تائين آهن، پنهنجي سجاڻ ڪرائيندي، پاڻ کي ورڪر چونديون آهن، يعني پاڻ کي پورهيت سڏينديون آهن، انهن مان ڪيتريون هاري طبقي جون به هونديون آهن، پر هڪ انجنيئر عورت به فخر سان پاڻ کي پورهيت چئي سجاڻ ڪرائيندي آهي، چو ته انسان جو پورهيو ئي هن جي صحيح سجاڻ آهي، ۽ پورهئي سان ڪيل حاصلات ئي هن لاءِ فخر جو باعث آهي. ان ڪري مان اوهان کي رضيه سلطانه ۽ جهانسيءَ جي راڻيءَ جهڙا پراڻا مثال نه ڏنا آهن. ڪابه هارياڻي ڪنهن به راڻيءَ کان بهتر آهي، چو ته پورهئي ۾ "مٽن ٽبڪ ٽبڪڙا چڪندڙيون اچن" واري ڪيفيت ئي انسان جي عظمت جي نشاني آهي.

منهنجي ڌرتيءَ جون ڌيئرون! اوهان ڪنهن به مرد جي برابر آهيو ڪنهن کان به گهٽ نه آهيو اوهان پنهنجي خودي سڃاتي آهي ۽

چوديواريءَ مان نڪري چادر کي پرچم بڻايو آهي ۽ ديس جي نجات لاءِ مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳتي نڪري پيون آهيو. مون کي يقين آهي تہ آزادي جي راهہ تي هاڻي اوهان جا قدم پنتي نہ هٽبا.

اوهان کي ڏسي، مون کي تاشقند جي هڪ ٽپهري ياد ٿي اچي. تاجڪ عورتون، جي مزدور هيون ۽ هنن کي بيلچا هٿن ۾ هيا. پنهنجي پورهئي تان هڪ ٽرڪ ۾ موٽي رهيون هيون ۽ ٽرڪ تي ناچ ڪنديون ٿي ويون. اسان جي اشاري تي هنن ٽرڪ روڪي ۽ اسان جي استدعا تي ٽرڪ مان ڏرتيءَ تي لهي اسان کي تاجڪ ناچ ڪري ڏيکاريو. ٽرڪ جي ڊرائيور جا بہ عورت هئي، هيٺ لهي آئي ۽ انهن سان ناچ ۾ شامل ٿي وئي. هو اوهان وانگر مسلمان هيون. پر هوا جيئن آزاد هيون، منجهن پکين جيئن پرواز جي تمنا هئي، ڪنهن بہ مرد جون ڪاٽياريون نہ هيون ۽ انهن مان ڪي شادي شده هوندي بہ. پنهنجو پورهيو ڪري پاڻ پالي رهيون هيون. ڪنهن وقت اهي تاجڪ عورتون بہ اسان جي عورتن وانگر مجبور هونديون هيون، پردو ڪنديون ۽ اُڏامندي پکيءَ جو پاڇو بہ انهن تي نہ پوندو هو. پاڪستان جي دقيانوسي شاعر حفيظ جالنڌريءَ چواڻي:

اسلام کی شہزادیاں
پردے کی ہیں آبادیاں
چشم فلک نے آج تک
دیکھی نہیں ان کی جھلک

۽ پوءِ هڪ نچڻيءَ کي مخاطب ٿي چيو اٿائين.

ہاں ناچتے جا گائے جا
نظروں سے دل گرمائے جا
تڑپائے جا تڑپائے جا
اے دشمنِ دنیا و دین

تعجب آهي تہ اسان جو قومي ترانو اهڙي ماڻهو لکيو جنهن لاءِ

ڪابہ پردي کان ٻاهر عورت، جنهن جي جهلڪ آسمان جي اک ڏسي ورتي هئي، دين ۽ دنيا جي دشمن هئي.

مون تاجڪستان ۾ مزدور عورتن جي آزادي ڏسي، تڏو ساهہ پري سوچيو هو تہ منهنجي ديس ۾ بہ عورتون ايئن هو اوانگر آزاد ڪڏهن ٿينديون؟ اڄ اوهان کي ڏسي منهنجي دل خوشيءَ سان پرجي وئي آهي. اوهان انهيءَ انقلاب جي شروعات آهيو جو هن ڌرتيءَ تي اُوس اچڻو آهي. هيءَ ڌرتي ويٽنام تہ نہ آهي، پر اوهان کي ويٽنامي عورتن وانگر مردن جو ٻانهن ٻيلي رهڻو آهي. دراصل هيءَ سنڌياڻي تحريڪ ڪنهن وقت پوري پاڪستان تي ڇانئجي ويندي ڇو تہ ٻين صوبن ۾ اوهان جون ڀينرون بہ اوهان وانگر مظلوم آهن. پنجاب ۾ عورتون زياده تعليم يافتہ آهن پر انهن مرد جي جبر ۽ ستم کي للڪاريو آهي ۽ شريعت بل جي مخالف ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر جو شڪار آهن. اوهان جو ٻٽو رول آهي. مردن جي جبر ۽ ستم کان نجات ۽ مردن سان ملي پنهنجيءَ قومي نجات لاءِ جدوجهد.

مان جيڪر اوهان کي پوريءَ دنيا جي آزاد ملڪن ۾ ”عورت زاد“ (Feminist Movement) تحريڪ جا اوهان کي مثال ڏيان، لاپئشنارا (Lapassionara) جهڙيون انقلابي عورتون پيدا ڪيون. اوهان کي ٻڌايان تہ ايران قرات العين طاهره جهڙي آزاد عورت پيدا ڪئي هئي. جا انقلابي هوندي ايتري خوبصورت بہ هئي، جو ان کي گُهٽو ڏيندي جلاد جا هٿ پئي ڪنبيا. اڄڪلهہ ايران ۾ خمينيءَ جي حڪومت بہ انهيءَ جلاد وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، پر ان جا هٿ نٿا ڪنبن. مان جيڪر اوهان کي آمريڪا، جپان، چين، ويٽنام وغيره ۾ عورتن جي آزاديءَ جا مثال ڏيان، پر برصغير جي عورت جي غلاميءَ انهن ملڪن جي عورتن جي غلاميءَ کان مختلف آهي. صدين کان گهٽيل ٻوساٽيل عورتون، جي مرد جي ظلم اڳيان ٻڙڪ نہ ٻاقي سگهيون آهن، منهنجين اکين آڏو آهن. انهن ۾ هن مارئيءَ جي ديس جي انقلاب لاءِ خواهش پنهنجو مثال پاڻ آهي. مان نہ ٿو يانيان تہ مغربي بنگال جي عوام تي ايتري دسترس جي باوجود اُتان جو عوامي رهنما جيوتي باسو

ڪلڪتي ۾ عورتن جو ايترو ميڙ ڪنو ڪري سگهندو، جيترو اوهان ڪيو آهي.

منهنجي اوهان کي دعا آهي. اها آزادي برقرار رکجو. اڄوڪو قانون مرد جو قانون آهي. ان کي دل سان تسليم نہ ڪجو، جيستائين انقلاب ساري قانون جا پرخچا اُڏائي ڇڏي ۽ هر قانون ۾ اوهان کي مرد سان برابري حاصل ٿئي. حوا آدم جي ڪُک مان پيدا ٿي هئي يا آدم حوا جي ڪُک مان پيدا ٿيو هو اهو هاڻي ڪيئن چئجي! ڪيئن بہ هجي عورت ماءُ آهي، ان جي برتري تسليم ڪئي نہ وڃي تہ ان جي ڪمتري بہ تسليم نہ ڪئي ويندي.

مان وري بہ اوهان جو ٿورائتو آهيان، جو اوهان مون کي ياد ڪري گهرايو آهي. اوهان جي تحريڪ بہ منهنجيءَ شاعريءَ جي هڪ منتها آهي، انهيءَ آزاديءَ جو هڪ اڻمٽ حصو آهي، جنهن جي رستي تي اسان جا پير لهولهان آهن.

# شاعرو، اديبو، سنڌ ديس جي ثقافت جا وارثو!

(پريس ڪلب حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ساليانيِ ميڙ 31 ڊسمبر 1987ع ۾ ڪيل صدارتي تقرير) *

مان اوهان جو ٿورائتو آهيان، جو اوهان مون کي هن سال به صدارت لاءِ ڪوٺ ڏني آهي. بهتر ٿيندو ته ان موقعي جو فائدو وٺي، اوهان سان پنهنجي موجوده خيالات جو اظهار ڪيان. پنجاهه سال ٿيا آهن ته منهنجي خيالات جو تاجي پيٽو ساڳيو رهيو آهي، اوهان ان مان اُتساهه ورتو آهي ۽ منهنجو آدرش اوهان کي بي چين ڪندو رهيو آهي. زندگيءَ جي هن پوئين پهر ۾ مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته منهنجو پنهنجي آدرش ۾ اجا به اوتروئي اعتبار آهي، ۽ هاڻي سنڌ جو اهو روشن مستقبل دور نه آهي، جنهن کي منهنجي شاعريءَ ڏٺو آهي ۽ جنهن لاءِ مون ايترو سٺو آهي، جو بيو شاعر هجي ها ته فردوسيءَ وانگر رڙ ڪري ها. *مرا اے کاشکے مادر نہ زادے* (اي ڪاش! مون کي ماءُ نه ڄڻي ها.)

شاعريءَ ۽ سياست ۾ ڪجهه بنيادي ڳالهيون ساڳيون آهن. شاعر ۽ سياستدان، ٻئي راءِ جو اظهار نهايت زوردار ٻوليءَ ۾ ڪن ٿا ۽ ٻئي اسرار ڪن ٿا ته هنن جو نقطه نظر قبول ڪيو وڃي. ٻنهي ۾ ڪنهن وقت ساڳي جذبات جو اظهار آهي، ٻئي خرد تي جنون جو وار ڪن ٿا ۽ خاموشيءَ ۽ اطمينان جي برف رجائي ڇڏن ٿا. پرشاعريءَ کي هڪ

---

* هيءَ تقرير شيخ اياز 31 ڊسمبر 1987ع تي حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل تاج جويي پاران سڏايل ساليانيِ سنڌ ڪائونسل اجلاس ۾ ڪئي وئي هئي.

مستقل جاءِ آهي. سياست اڇٽي وڃٽي آهي، شاعري رهجي وڃي ٿي. اها سياست کان وڌيڪ پائدار آهي ڇو تہ ان جي ٻولي اهلِ سياست جي ٻوليءَ کان وڌيڪ پائدار آهي. زبان جي ابديت، ان جي ماضيءَ ۾ غوطہ زني ۽ مستقبل جيٰ دور انديشي ڪنهن وقت اربابِ سياست کي چرڪائي وجهي ٿي ۽ ڪنهن وقت تہ انهن سان عداوت بہ پيدا ڪري ٿي، جنهن ۾ سياست جي اها معاونت ڪري ٿي، ان جي وک کي وڏائي ۽ منزل جي ويجهو آڻي ٿي، ۽ جڏهن منزل ملي تہ سياست پنهنجي دور سان ماضيءَ جو حصو ٿي وڃي ٿي، پر شاعري اڳي کان بہ وڌيڪ زنده ۽ تابنده نظر اچي ٿي.

لاڙ جي وطن پرست هيري بداماڻي پنري پنهنجي ديس جي آزاديءَ لاءِ مغل جارحيت ۽ اقتدار کي للڪاريو ۽ جنگ ڪئي هئي. اڄ مغليہ دور ماضيءَ ۾ دفنائجي چڪو آهي ۽ نہ بداماڻي پنرو رهيو آهي، پر لوڪ ادب جون هي سٽون اجا تائين زنده آهن ۽ اڄ بہ اسان جي جذبات ۾ ولولا وجهي ٿيون ڇڏن.

اڄ گهرجين يار، بداماڻي پُنرا،
ڪاڇي پنهي پار، ويرين واتون لائيون.

اڄ گهرجين تون، بداماڻي پُنرا
مٿان اچي مون، ويرين واتون لائيون.

اڄ گهرجين هٿ، بداماڻي پُنرا
ڪاڇي پڳي پٽ، ويرين واتون لائيون.

نڪارا گوا، جي هڪ اديب جنهن کي 1986ع ۾ پنهنجي ادبي حاصلات تي نوبل پرائيز ملي هئي، هڪ ڀيري چيو هو ”جڏهن آمريت اوهان جي ديس تي مسلط ڪئي وڃي ٿي، اوهان ڀهرين ڳالهہ جا محسوس ڪريو ٿا، ۽ ان ۾ جنهن احساس کي بي ساختگي آهي، جو فوراً اچي ٿو اُهو آهي ذلت جو احساس. اهو ذلت جو احساس روزانو وڌندو وڃي ٿو ۽ آمر جي ان لڳاتار ڪوشش جو نتيجو آهي، جا اوهان

جي ذهن تي خلفشار مسلط ڪري ٿي، جو هر آمر جي دنيا ۾ هوندو آهي. دنيا جا، تاڪئين لوهه جي هوندي آهي، پر بظاهر نهايت مضبوط لڳندي آهي. اوهان ائين محسوس ڪندا آهيو ته اوهان جي عقل ۽ انسانيت کي روز مجروح ڪيو وڃي ٿو. اوهان روز خوف ۽ هراس جي ذلت سان روشناس ٿيو ٿا ۽ پاڻ کي ڏڪارڻ لڳو ٿا. هڪ شهريءَ جي حيثيت ۾ اوهان جو ضمير شديد زخمي ٿي پوي ٿو ۽ اوهان انهيءَ عوام سان پنهنجو ناتو مضبوط ڪيو ٿا، جنهن جا اوهان آهيو.“

دوستو هڪ شاعر ۽ اديب اها ذلت سڀ کان وڌيڪ محسوس ڪري ٿو ۽ آمريت خلاف پنهنجي شعر ۽ ادب کي بغاوت لاءِ استعمال ڪري ٿو. هو ان لاءِ وقتي ادب کان گريز نٿو ڪري ۽ شعر ۽ ادب جي پائبندگي ۽ ابديت جو خيال هن تي روڪ نه ٿو رکي. پنهنجي ناول “Mother” (ماءُ) جو ذڪر ڪندي، گورڪيءَ لينن تي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي:

”مون هن (لينن) کي چيو ته مون اهو ڪتاب تڪڙ ۾ لکيو آهي، پر هن کي نه ٻڌايو ته مون اها تڪڙ ڇا لاءِ ڪئي آهي، ڇو ته هن ساڃاهه سان ڪنڌ ڌوڻيو ۽ پاڻ ئي جواز پيدا ڪندي چيو ته“ تو چڱو ڪيو جو اهو ڪتاب تڪڙ ۾ پورو ڪيو ڇو ته اهڙي ڪتاب جي اشد ضرورت هئي. ڪيئي پورهيت انقلابي لاشعوري طرح ۽ از خود انقلابي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويا آهن ۽ اهي هاڻي مادر (Mother) پڙهي ڪافي لاڀ پرائيندا. اهو ڪتاب نهايت وقتائتو آهي.“

اهوئي سبب آهي ته مون گذريل پنجن سالن ۾ ايترو لکيو آهي جيترو مون سڄيءَ زندگيءَ ۾ نه لکيو آهي. ان تڪڙ جو سبب هڪ اهو احساس به آهي ته سج ٻڏي رهيو آهي ۽ جيڪي لکڻو آهي، سو لکي وٺان، پر وڏو سبب وقتي ضرورت جو آهي، اهو لازمي نه آهي ته شعر ۽ ادب وقتي، ضرورت کي مدنظر رکي تخليق ڪيو وڃي، ان کي ابديت نه هجي. اهو شاعر ۽ اديب جي تخليقي صلاحيتن تي مدار ٿو رکي ته هو پنهنجي تخليق کي ابديت عطا ڪري سگهي ٿو يا نه. نه وري اها ابديت جي تلاش ادب جي تخليق جو هر وقت محرڪ آهي. چڪبست جي

شاعري ۽ انگريز سامراج خلاف لکيل ناولن، ڪهاڻين، ڪتابچن ۽ پئمفليٽن کي، جن تي چاليهن کان وڌيڪ سالن جي دز ڄمي چُڪي آهي، اُهي پنهنجي دور ۾ نهايت ضروري هئا. ۽ انهن جي حاصلات ابدي آهي ۽ اهي بظاهر زنده نه هوندي به تاريخ جي ضمير ۾ زنده آهن ۽ موجوده ادب جنهن ارتقا جي منزل تي پهتو آهي، انهن کان سواءِ اتي پهچي نه سگهي ها. ڇا ڪازان زاڪس جا ناول پنهنجي پابندگي وڃائي ويٺا آهن، ڇو ته قبرص (Syprus) آزاد ٿي چڪو آهي؟ (ڪازان زاڪس جي ناولن جو اڪثر موضوع قبرص جي آزادي آهي.) نه، اهي وقتي ضرورت پوري ڪرڻ جي باوجود پائنده آهن. شرت، بنڪم، ٽيگور ۽ نذرل ته پنهنجي امرتا پائي چڪا آهن، ڇو ته اهي ان آزاديءَ جو حصو ٿي چڪا آهن، جا انهن جي جاکوڙ کان سواءِ نه اچي سگهي ها. ڀڳت سنگهه يا چندر شيکر آزاد يا ٻيو ڪو انقلابي پنهنجو رت ته انهن انسانن لاءِ هڪ ئي وقت ڏئي سگهيو جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا. پر، ڦڙو ڦڙو ڪري رت ڏيڻ نهايت مشڪل هو جيئن انگريز سامراج خلاف آئيني سياست ڪندڙن سان گڏ ان دور جي اديبن ۽ شاعرن ڪيو. ڪنهن اديب چيو آهي ته: "جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي ته کهڙو رستو بهشت ڏانهن وڃي ٿو ته مان جيڪر جواب ڏيان ته اهو جو سڀ کان مشڪل آهي." اوهان اشتراڪي آهيو جيئي سنڌي آهيو عوامي تحريڪ سان آهيو نالي جي ڪري ڪوئي فرق نٿو پوي، جي اوهان جون اکيون انهن آئينن وانگر آهن، جن ۾ سنڌ جي تقدير بکي رهي آهي. اوهان سنڌي اديب آهيو ۽ اوهان جي جاکوڙ سنڌي ادب لاءِ آهي، ۽ سنڌي ادب جي جاکوڙ سنڌ لاءِ آهي ۽ سنڌ جي جاکوڙ پورهيت عوام لاءِ آهي. جيستائين ادب تي زنجير آهن، سنڌ تي زنجير آهن، سنڌي عوام تي زنجير آهن، توهان لاءِ وقتائتا ڪتاب لکڻ تمام ضروري آهن. ازل ۽ ابد، موت ۽ زندگي، حيات ۽ حيات بعد ازممات ۽ ٻيا فلسفي جا مسئلا، جي اوهان جي جدوجهد سان لاڳاپو نٿا رکن، اوهان ملتوي ڪري سگهو ٿا. ادب جي بهترين حاصلات اها آهي ته انسان، انسانن وانگر جيئن، انهن کي ڍورن وانگي ڳهٽو نه پوي، اهي

آزاديءَ ۾ ساهه کڻڻ ۽ انهن جون ذاتي ضرورتون انهن جي ضمير کي لوڏو ڏئي نہ سگهن. ادب جي گهه ۾ هونئن تہ ساري ڪائنات آهي، پر ڪائنات جي اسرار ۽ رموز جي ڪڏ لڳي، هينئر ۽ هتي تي توجهہ نہ ڏيڻ، جڏهن اوهان جو هينئر ۽ هتي، اوهان جو وجود جوکي ۾ آهي، اهڙي بي توجهي خودڪشيءَ جي برابر آهي، ان آزاديءَ کان انحراف جي برابر آهي، جنهن کان سواءِ ادب جي تخليق ناممڪن آهي. سنڌ جي بقا لاءِ جدوجهد، جمهوريت لاءِ جدوجهد، غيرطبقاتي معاشري لاءِ درجي بدرجي جدوجهد، مرد خواه عورت جي عزت نفس لاءِ جدوجهد، اوهان جي ڀرپور توجهہ جي مستحق آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ سوين انٽرويو ڪتابچہ، مضمون وغيره سنڌيءَ ۾ لکيا ويا آهن، جن جي وقتي ضرورت آهي ۽ مان انهن کي بہ سنڌي ادب جو حصو سمجهان ٿو ۽ انهن کي جائز اهميت ڏيان ٿو.

ادبي سنگت جي حيثيت ۾ مون اوهان جي اڳواٽڻ جي ڪارڪردگي ڏٺي آهي، اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ اوهان ان کي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ تائين ڦهلايو آهي ۽ ساريءَ سنڌ جي اديبن جا پاڻ ۾ ناتا وڌايا آهن، پر اوهان تي ٻيون بہ ڪيتريون ئي ذميواريون عائد ٿين ٿيون، جي وقت جي ضرورت آهن. انهن ذميدارين جي ذڪر کان اول مان اهو چوڻ چاهيان ٿو تہ سياست ۾ وڏي رساڪشي اچي وئي آهي ۽ سنڌ جا محب وطن اڳواڻ پنهنجو پورو اتحاد قائم ڪري نہ سگهيا آهن ۽ توهان ئي هڪ واحد مُحب وطن ادارو آهيو جنهن ۾ ڪوئي خاص ڏڦيڙ نہ آهي ۽ سنڌ جيءِ بقا ۽ شاندار مستقبل لاءِ متحد ٿي جدوجهد ڪري رهيا آهيو. اهو اتحاد هر صورت ۾ قائم رکيو وڃي ۽ ترقي پسند محب وطن اديب سياسي اختلاف جي باوجود هن پليٽ فارم تي ڪٺا رهڻ گهرجن. ٻي ڳالهہ تہ اسان کي ڪنهن گهٽيءَ خوش فهميءَ ۾ مبتلا رهڻ نہ گهرجي ۽ اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ اسان جي حاصلات جڳ دنيا ۾ بي مثال آهي. نثر ۾ تہ اڃا اسان وٽ ادب جي شروعات ٿي رهي آهي. اوهان انگريزي، روسي، فرينچ يا ٻيءَ ڪنهن مهذب زبان جو ادب پڙهي ڏسو تہ اوهان حيران رهجي ويندؤ تہ

اڄڪلھ ڇا ڇا لکجي رهيو آهي. ان مان منھنجو مقصد ڪا مايوسي ڦھلائڻ نہ آهي. ڪنھن بہ قوم جي زندگيءَ ۾ چاليھ سال جي اوهان کي پاڪستان کان پوءِ مليا آهن، ڪوئي وڏو عرصو نہ آهي، پر پنھنجي باري ۾ ايتري خوش فھمي چڱي نہ آهي تہ اسان جو ادبي ذخيرو دنيا ۾ بي مثال آهي. اوهان يتائيءَ جو ڏينھن پلي ملھايو پر اهو خيال ۾ رکي تہ اسان کي هاڻي ماضيءَ جي بدران مستقبل تي وڌيڪ توجھ ڏيڻي آهي ۽ هڪ نئين سنڌ اڏڻي آهي.

سو مون اهان جي ذميدارين جو ذڪر پئي ڪيو. اوهان سنڌيءَ ۾ هڪ ادبي رسالو شايع ڪريو ۽ ان جي خرچ پوري ڪرڻ لاءِ هر ميمبر اديب تي ماهوار چندو رکو ۽ سنڌ جي عوام ۾ پنھنجي اشاعتي پروگرام لاءِ فنڊ ڪٺي ڪرڻ جي مھم شروع ڪريو. سنڌيءَ کي تعليم جو ذريعو بڻايو وڃي ۽ ان کي سنڌ ۾ سرڪاري زبان ڪري تسليم ڪيو وڃي، ان لاءِ پنھنجي مھم تيز ڪريو. سنڌي ڪتابن جي وڪري کي همٿايو ۽ ادبي سنگت جي هر برانچ کي هدايت ڪريو تہ هر نئين ڪتاب جون ڏھ ڪاپيون خريد ڪري سنگت جي مقامي لائبررين ۾ رکيون وڃن. هفتيوار گڏجاڻين ۾ هر نئين ڪتاب کي پڙهي ان تي ذميداريءَ سا بحث ڪيو وڃي، سنڌ مان هر موضوع تي ماهر گھرائي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ ليڪچر ڪرايا وڃن. سينسرشپ ظاهري يا لڪل، جي خلاف آواز اُٿاريو وڃي، هن ڳالھ جي اجازت آهي ۽ هن ڳالھ جي اجازت نہ آهي، ان کان ادب ۾ انڪار ڪيو وڃي، اوهان کي بيوروڪريسيءَ، پوليس ۽ زميندار جي ظلم ۽ سماج ۾ ٿيندڙ بئي هر ظلم خلاف پنھنجي قلم کان ڪم وٺڻ گھرجي. ان ڪري ڪا ادب جي اهميت ڪانہ ٿي گھٽجي. اوهان روسي اديب گو گول پڙهي ڏسو. هن جاگيرداري نظام جي خلاف لکيو آهي، پر ان جي ڪتابن جي ادبي اهميت اڄ بہ ايتري آهي، جيتري زار جي زماني ۾ هئي. مُلو پير ۽ اختيار جا صاحب پاڻ کي اسان جي روحاني قدرن جا والي وارث سمجھن ٿا، اوهان انھن جي ڪوڪلاٽپ کي وائکو ڪريو. انھن کان پڇو تہ اوهان ڪير آهيو نظريي جا سبق ڏيڻ وارا؟ هن ڌرتيءَ کي پنھنجي

آئيڊيالاجي آهي، اسان اوهان جي آئيڊيالاجيءَ کي ڄاڻون ٿا، جنهن تي بار بار ڪوئي نہ ڪوئي اڌ پڙهيل سيڪشن آفيسر يا اسسٽنٽ سيڪريٽري اوهان کي تقرير لکي ڏئي ٿو جا اوهان صحيح طرح پڙهي بہ نٿا سگهو. اُنهن کان پڇو تہ اوهان ڪير ٿيندا آهيو اسان جي تاريخ سان هٿ چراند ڪرڻ وارا؟ ٿامس مين (Thomas man) اڃا تائين زنده آهي. هٽلر پنهنجي زير زمين تهہ خاني ۾ پاڳل ٿي پيو ۽ پنهنجي انت آندائين. اڄڪلهہ اقتدار جا صاحب تاريخ جي آئيني ۾ ڏسڻ کان گهبرائين ٿا ۽ ديوار تي لکيل صاف اکرن ۾ تحرير نٿا پڙهي سگهن. انهن کان اوهان پڇو تہ اي! انڌ جي گهوڙي تي شهسوارو! ڇا اوهان ڄاڻو ٿا تہ اوهان جو سفر ڪٿي ڪنٽو آهي؟

مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ اديب پنهنجي جاءِ تي هڪ آزاد مملڪت آهي. پاڪستان ۾ غير سنڌي اديب اڪثر ايئن لکي رهيا آهن، جيئن نازي جرمنيءَ ۾ نسل پرستيءَ (Anti Senitic Literature) تي ڪتاب لکندا هئا، جي ٻيءَ جنگ عظيم کان پوءِ ڳوليا نٿا لڀن. ڪاش! رسيءَ ۾ لڙڪندڙ خاموش آئش مين جي لاش کان پڇي سگهجي ها تہ اهي نسل پرستيءَ تي لکيل ڪتاب ڪيڏانهن ويا؟ اديب، جيڪي رزق لاءِ روح وڪڻن ٿا، جن لاءِ ڪاغذي نوٽ صحيفن جا صفحا آهن، جي هٿ ادب جا ٻڌي اقتدار جي اڳيان پيش ٿين ٿا ۽ انعام اڪرام وٺي پوئين پير واپس ٿين ٿا تہ جيئن ظل الاهيءَ کي پُٺي نہ ڏيکارن، اُهي پاڻيءَ تي ڦوٽا آهن ۽ سٽائي واءُ ۾ ٽوريءَ دير جتاءُ ڪن ٿا. سچا اديب تہ طوفاني ڇولين وانگر پهاڙن کي چُور چُور ڪري وڃهندا آهن.

بندوق جي ناليءَ مان ايترو بارود نہ نڪرندو آهي، جيترو ادب مان. روس جو ڪائنات کي تسخير ڪري رهيو آهي، ان جو 1905ع کان اڳ ۽ 1905ع کان 1917ع تائين ادب پڙهي ڏسو تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ شاعر ۽ اديب، جي عظيم آهن، اهي سچ ڏسن ٿا ۽ سچ لکن ٿا. اهي مصلحت آميزي نٿا ڄاڻن. اهي اقتدار اڳيان نہ سر ٿا جُهڪائن، نہ جهولي ٿا ڦهلائن. هڪ ادبي شهپاري جي عظمت انهيءَ ۾ آهي تہ ان ۾

هڪ شاعر ۽ اديب سياستدانن کان اڳ ۾ مستقبل جي جهلڪ ڏسي وٺي ٿو پنهنجي حال جو ڀرپور تجزيو ڪري، ان کي مستقبل سان واڳي ڇڏي ٿو ۽ نيٺ اهو مستقبل وجود ۾ اچي اهڙي ادب تي دوام جي مُهر هڻي ٿو.

سولزي نٽسن پنهنجي امر ڪهاڻيءَ ”ماتر فونا جو گهر“ (Mater Youn's House) ۾ لکيو آهي:

”اسان سڀ هن جي ويجهو رهندا هياسي، پر اسان کي اها پروڙ نہ هئي تہ اهائي اهڙو انسان هئي، جنهن کان سواءِ ڳوٺ جهٽ بہ نہ ٽڪي سگهيو. نہ وري شهر ٽڪي سگهيو. نہ اسان جي ساري ڌرتي.“

شاعر ۽ اديب ايئن هر ڌرتيءَ جو اڻ ورسرندڙ حصو آهن. هو خرد ۽ جنون جو مٺڙو ميلاپ آهن. هو پنهنجي دؤر جي تهہ تائين پهچن ٿا ۽ پنهنجي اندرينءَ اک سان پنهنجي سماج جا مختلف پهلو جاچن ٿا ۽ هڪ ماهر معاشيات کان اڳ ان ۾ ڦيرگهير لاءِ ڪوشش ڪن ٿا، جا جائز آهي ۽ ان ڪري لازمي آهي.

ادارا اوهان جون پُرتڪلف دعوتون ڪري، اوهان کي خريد ڪرڻ چاهين ٿا، اوهان کي بي معنيٰ ڪتابن تي انعام آڇين ٿا. اوهان پاڻ وڪڻي سارو جڳ پايو تہ بہ اوهان سُڃي جا سُڃا. اوهان سنڌ جو ضمير آهيو ۽ سنڌ جو سودو ڪنهن بہ قيمت تي نہ ڪرڻو آهي.

جي ادب سماج لاءِ ڪليءَ هوا ۽ روشنيءَ جو لنگهہ نہ آهي، جي اهو اڳواٽ اطلاع نٿو ڏئي تہ سماج کي ڪهڙا خطرا درپيش آهن، جي اهو بيمار سماج جو نبض شناس نہ آهي ۽ ان جي صحت جي باري ۾ اُڻ تڻ جو اظهار ۽ خطري جي نشاندهي نٿو ڪري، تہ اهو ادبي ڪتاب جي اجڪلهہ پاڪستان ۾ ڇپجي رهيا آهن، فقط پسارين جي ڪم ايندا ۽ اُنهن مان پُڙيون ٻڌيون وينديون.

سنڌي ادب اڄ زنده آهي ۽ هڪ ماڪيءَ جي ماناري وانگر ان ۾ چرپر آهي مان اوهان کي مبارڪ ڏيان ٿو ۽ ادب جي عظيم مستقبل لاءِ دعا ڪريان ٿو.

# ڌرتيءَ جي ڌيئرن ڏانهن

سنڌياڻي تحريڪ سکر پاران تاريخ 5 فيبروري 1988ع تي ڪوٺايل
جشن لطيف جي موقعي تي مهمان خاص جي حيثيت ۾ ڪيل تقرير

منهنجون ڀينرو

منهنجي ڙال مهيني کن کان بيمار آهي ۽ ان ڪري ڪنهن به ادبي ڪم ۾ دل نٿي لڳي. پر اوهان منهنجي نياڻين وانگر آهيو ۽ منهنجيون نياڻيون مون کي پٽن کان به وڌيڪ پياريون آهن. ان ڪري مان اوهان جي سڏ کي لنوائي نه سگهيس ۽ اڄ توهان سان گڏ آهيان.

منهنجون اديبون! اولياءَ اسلام جي تاريخ ڏسجي ته اوليائي صف ۾ عورت فقط رابعه بصري نظر ايندي. جا به اڌ قلندر سڏي وئي آهي. برصغير جي اولياءَ ۾ دليءَ واري نظام الدين اولياءَ. يا ذڪريا ملتانيءَ کان وٺي سيوهڻ جي شهباز مرونديءَ تائين فقط مرد نظر اچن ٿا ۽ عورت جو ذڪر اشاري سان به نه ڪيو ويو آهي. دراصل اولياءَ عورت کي مرد جي روحاني ارتقا ۾ رنڊڪ سمجهندا هئا. ان جي برعڪس برصغير جي فلسفي ۽ شاعريءَ جي تاريخ نرالي آهي. فلسفي ۾ ازلي حقيقت کي مؤنث ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جو ته ان مان ئي هي پراسرار ڪائنات پيدا ٿي آهي، ۽ محبت ۾ سرگردان به عورت ئي نظر اچي ٿي ۽ ان کي ئي تلاشِ حق جو مظهر سمجهيو ويو آهي. ان ڳالهه کان مستثنيٰ فقط برصغير جي اردو شاعري آهي، جنهن تي فارسي شاعريءَ جي گهري ڇاپ آهي. ۽ جنهن ۾ محبوب مذڪر آهي ۽ شاعر عورت جي ذڪر کان ئي گهٻرائي ٿو. اختر شيرانيءَ کان اڳ جڻ ته

ڪنهن به اردو شاعر عورت سان محبت ئي نه ڪئي آهي.

برصغير جي روايت جيان ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ به عورت ڪي تلاش حق جو مظهر سمجهيو ويو آهي ۽ هوءَ ئي جستجوءَ ۾ سرگردان نظر اچي ٿي. ڀٽائي هونئن ته ڪاليداس ۽ هومر وانگر هڪ نهايت عظيم شاعر آهي، پر هن تي جاگيرداري دور جي هر شاعر وانگر پنهنجي دور جا اثرات نمايان آهن. جاگيرداري دور ۾ مظهر حق ڪي مذڪر ئي سمجهيو ويو آهي ۽ عورت جي منزل اهو ئي آهي، پوءِ اهو پنهون هجي يا ميهار هجي يا راڻو هجي يا چنيسر هجي يا ڄام تماچي، اهي لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار پنهنجي دور جي سوچ جي عڪاسي ڪن ٿا. پنهونءَ ڪي ڀائر راتو واهيءَ اغوا ڪري وڃن ٿا ۽ هڪ نئين ڪنوار ڪي ڏهاڳ ڏيندي هُنن جي ضمير ڪي لوڏو نٿو اچي، راڻو مرد جي اوڻائيءَ جو مظهر آهي ۽ مومل تي اجايو شڪ ڪري هن ڪي ڏاگهه تائين پهچائي ٿو چنيسر هڪ عيش پرست مرد آهي، جو پنهنجيءَ زال ڪي ريتي انهيءَ جي سيج ٻيءَ ڪنهن ڪي آڇي ٿو ميهار سهڻيءَ ڪي لهرن حوالي ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ ڄام تماچي هڪ گندريءَ تي چٽ ته جهولائي ٿو پر هن ڪي بار بار ان ڳالهه جو احساس ڏياري ٿو ته تو ۾ ميڇيءَ چٽ آهي، تون منهنجي لائق ته نه آهين، پر مان تنهنجي سونهن ڏسي هرڪي پيو آهيان. پنهونءَ به ايئن ڏوٻياڻيءَ سان وڙ ڪيو آهي ۽ سسئيءَ جا ڏير هن ڪي پنهنجو مٽ نه ٿا سمجهن. ميهار جيتوڻيڪ هڪ ڪنيارڻ لاءِ تخت تاج ڇڏي آيو آهي، تڏهن به هن لاءِ خود درياهه پار ڪرڻ جي سگهه نٿو ساري، راءِ ڏياچ فن تي ايترو فدا آهي، جو ان لاءِ سر ڏئي وڃي ٿو پر سورٺ هڪ جامد ڪردار آهي، راڄ محل جي قيدياڻي آهي، هن جي آرٽ سان ڪابه دلچسپي ناهي ۽ فقط راءِ ڏياچ جي موت تي روئي رڙي ٿي. اهي لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار صدين کان سنڌ ڪي ورثي ۾ مليا هئا. جن ۾ ڀٽائيءَ نئين سر روح ڦوڪيو ۽ پنهنجي سورمين ڪي هڪ مسلسل جستجو ۽ جدوجهد جوڳس ڏنو جو اسان ڪي ورلي دنيا جي ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ نظر

ايندو. هومر جي اڊيسيءَ ۾ هيلن انساني حسن جي مُنتها ڪري پيش ڪئي وئي آهي، پر هوءَ ان کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي، سواءِ ان جي ته هن کي هٿ ڪرڻ لاءِ جنگيون ٿي پيون ٿيون. اهڙيءَ طرح ڊانٽي جي بيئيٽرس (Beatres) هجي يا ڪاليداس جي اروشي هجي يا شڪنتلا، ڪنهن ۾ به اها جستجو اها جدوجهد نظر نٿي اچي، جا جسم کي روح ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي ۽ انسان کي پنهنجي آدرش تائين رسائيءَ لاءِ سر توڙ جاکوڙ لاءِ آماده ڪندي آهي.

اوهان کي پٽائيءَ ۾ علامه اقبال وانگر عورت جي توهين ڪٿي به نظر نه ايندي. شعر ته پڊو جو علامه اقبال چيو آهي:

هند کی شاعرو صورت گرو- افسانہ نویس

آہ بیچارون کی اعصاب پر عورت ھی سوار.

مون ته پٽائيءَ وارا سارا سُر بيهر لکيا آهن ۽ انهن ۾ جاگيرداري دور جي قدرن کي مسترد ڪري انهن ۾ انقلابي سوچ سمائي آهي، مان به پٽائيءَ وانگر پنهنجي دور جي پيدائش آهيان. پر هي دور پٽائيءَ جي دور کان گهڻو مختلف آهي. جيتوڻيڪ اسان جي ديس ۾ جاگيرداري ۽ سرمائيداري قوتون ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلي رهيون آهن ۽ مغرب وانگر هتي سرمائيداري نظام، جاگيرداري نظام جي پاڙ پٽي ڦٽي نه ڪئي آهي ۽ نه وري اُهو ڪنهن جاگيرداري نظام جي پاڙ پٽڻ ٿو چاهي، ليڪن منهنجي پيدائش وقت روس ۾ پرولتاري انقلاب اچي چڪو هو انسان پنهنجا اقتصادي زنجير ٽوڙي چڪا هئا ۽ جڏهن مان جوانيءَ تي پهتو هوس، تڏهن انگريز سامراج خلاف برصغير ۾ ڀرپور جدوجهد پنهنجا نتيجا ڏيکاري رهي هئي ۽ سامراج جا پويان پساهه هيا. ان ڪري دنيا ۾ هلندڙ سياسي ۽ طبقاتي آزاديءَ جي تحريڪن مون تي پنهنجي اثر ڇڏيو هو ۽ مان پنهنجي دور ۾ ٽي اهي زنجير ڇني چڪو هوس، جي اوهان هاڻي ڇني رهيون آهيو. دراصل برصغير ۾ اڄ تائين اوهان جي تحريڪ وانگر ڪائي به عورتن جي تحريڪ نه هلي

آهي. مغرب جي سرمائيدار ملڪن ۾ ”عورت زاد“ Feminist Movement گهڻو ڪري مقصديت کان عاري هئي ۽ ان جي تان جنسي بي راهه رويي ۽ مرد کان نفرت تي ڪٽي ٿي. جي اوهان فرانس جي مشهور Feminist عورت، جا ”جارج سئنڊ“ جي فرضي نالي سان اڻويهين صديءَ ۾ لکندي هئي، جا خط پڙهو ته اوهان حيران رهجي ويندؤ ته سرمائيداري نظام ۾ ڪيئن نه عورتن ۾ آزاديءَ لاءِ تڙپ فقط بيهودگيءَ تي پوري ٿئي ٿي. تاريخ پڌائي ٿي ته جي عورتون مردن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي طبقاتي جدوجهد ۾ سرگرم هيون، انهن جو ڪردار پئرس ڪميون کان وٺي روس جي انقلاب تائين قابل تحسين آهي ۽ اهڙيءَ جدوجهد ۾ عورتون پوري مظلوم طبقي جي آزاديءَ سان گڏوگڏ مرد جي ظلم ۽ ستم، بربريت ۽ احساس برتريءَ کان آزاديءَ لاءِ وڙهيون ۽ نيٺ آزادي پائي چڪيون هيون.

اوهان جي هيءَ سنڌياڻي تحريڪ فقط سرمائيدار مغرب جي عورتزاد تحريڪ وانگر نه آهي، اها ڏراڙجو ڪاپاري ڏک آهي، جو هن دقيانوسي سماج کي نهوڙي نيندو. ايئن نه آهي ته يورپ يا آمريڪا جي آزادي پسند عورت وانگر اوهان کي زال يا ماءُ جي ڪردار کان نفرت آهي، جيتري قدر مان سمجهي سگهيو آهيان ته اوهان جي تحريڪ مرد سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي پنهنجي لاءِ ۽ پوري سماج لاءِ نجات حاصل ڪرڻ ٿي چاهي..... انهيءَ سماج کان جنهن جو بنياد ڪوڙ تي آهي، جو اوهان کي مرد سان برابريءَ جو حق نٿو ڏئي، جو مرد لاءِ چار شاديون جائز ٿو سمجهي، جو اوهان جي به اقتصادي قرلٽ ڪري ٿو. ڪوبه مرد ڪنهن به عورت کان بحيثيت مرد جي برتر نه آهي. منهنجون چار ڌيئر آهن، انهن ۾ به ڊاڪٽرياڻيون آهن ۽ باقي به تعليم يافته هوندي به گهر ڌياڻيون آهن. گهر ڌياڻي ٿيڻ ڪا بُري ڳالهه نه آهي.ڇوڪرين جي تعليم فقط Carrier Girl ٿيڻ لاءِ ناهي، مون کي لينن گراڊ ۾ ڪجهه عورتون مليون، جي گهر ڌياڻيون هيون، انهن جا مڙس گهڻو ڪري ٽيڪنوڪريٽ هئا ۽ انهن جي پگهار ايتري هئي،

جو هو سارو گهر هلائي ٿي سگهيا ۽ انهن جون زالون رڳو گهر ٻار جو خيال رکي رهيون هيون، پر اهڙيون عورتون تمام ٿوريون هيون. اڪثر عورتون بہ مردن وانگر محنت ڪش هيون ۽ مختلف پيشن ۾ ڪم ڪري رهيون هيون. پر انهن جي دنيا پرولتاري انقلاب کان پوءِ جي دنيا آهي، اقتصادي ۽ طبقاتي ڦرلٽ جي خاتمي کان پوءِ جي دنيا آهي. اوهان کي اها ڦرلٽ جي دنيا اڃان ختم ڪرڻي آهي. اها سياسي جبر ۽ گهٽ ٻوساٽ جي دنيا، قومي ۽ طبقاتي استحصال جي دنيا، مردن سان گڏ جدوجهد ڪري صفحہ هستيءَ تان مٽائڻي آهي.

اوهان لطيف جو جشن پلي ملهايو. لطيف سنڌ جي تاريخ جو امر ڪردار آهي، هن انسان کي جدوجهد لاءِ برابر اُڀاريو آهي، پر اهو نہ وساريو تہ اوهان کي فقط ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ جي ڪردار وانگر جدوجهد نہ ڪرڻي آهي، ۽ زندگيءَ کي انهيءَ ٽريجڊي تي نہ ڪٽائڻو آهي، جتي رسالي ۾ آيل سورمين جي ڪُٺي هئي. مارئيءَ وانگر اوهان کي ان جو انتظار نہ ڪرڻو آهي تہ ڪڏهن ٿا مارو ڪوڙ جو ڪوٽ کي ٽوڙن، اهو ڪوڙ جو ڪوٽ مارئين کي بہ مارن سان گڏجي ٽوڙڻو آهي.

# موت جي ذڪر تي پٺيءَ جو ردعمل

(اپريل 1988ع تي مرحوم رشيد ڀٽيءَ جي چاليهي تي سکر ۾ ڪيل صدارتي تقرير)

رشيد ڀٽيءَ جي گوناگون شخصيت ڪي ڪيئي پهلو هيا. شايد مان ڪنهن وقت هر پهلوءَ کي مدنظر رکي ڪوئي ڪتاب لکان. في الحال مان هن جي شخصيت جي هڪ پهلوءَ تي لکان ٿو ۽ اهو آهي موت جي ذڪر تي ڀٽيءَ جو ردعمل. روس جو عظيم شاعر ۽ ناول نگار بورس پيسٽرنڪ روس جي شهر پيري ڊيلنڪو (Peredelinko) ۾ رهندو هو جتان هڪ ڀيري هن اسٽالن کي فون ڪيو. اسٽالن کي پيسٽرنڪ جي اهميت جو ڪجهه احساس هيو ۽ ان ڪري هن پيسٽرنڪ سان فون تي گفتگو گوارا ڪئي ۽ فون تي هن کي چيو "ڇئہ" پيسٽرنڪ، اسٽالن ڪيس جواب ۾ چيو "مان اوهان سان ڪجهه گفتگو ڪرڻ ٿو چاهيان." "ڪهڙيءَ ڳالهہ تي؟" اسٽالن هن کان فوراً پڇيو. "موت ۽ زندگيءَ تي." پيسٽرنڪ چيو. پيسٽرنڪ اڃا جواب ڏئي پورو مس ڪيو تہ اسٽالن فون بند ڪري ڇڏيو.

موت کان اڳ اسٽالن جي دماغ جي رڳ ڦاٽي پئي، جي هن کي هوش هجي ها تہ شايد هن کي فون تي پيسٽرنڪ سان گفتگو ياد اچي ها ۽ هن کي ان تي افسوس ٿئي ها تہ هن پيسٽرنڪ سان زندگيءَ ۽ موت جي باري ۾ ڇو نہ ڳالهايو.

ڀٽيءَ جي اسٽالن سان ڪائي ڀيٽ تہ نہ هئي، پر هن جو موت جي

ذڪر تي ردعمل اسٽالن وارو هوندو هو. مان جڏهن بہ هن سان موت جي باري ۾ ڳالهائيندو هوس، هو ايئن چپ تي ويندو هو جيئن اسٽالن، پيسترنڪ جي ڳالهہ تي ٺڙاڪ ڪري فون بند ڪري ڇڏيو هو. گويا هو چوندو هو تہ زندگي مختصر آهي، موت طويل آهي ۽ ان ڪري زندگيءَ جو هڪ لمحو بہ موت تي ڳالهائي ضايع ڪرڻ نہ گهرجي. واقعي هن پوئين گهڙيءَ تائين هڪ لمحو بہ ضايع نہ ٿي ڪيو. موت کان ڪجهہ مهينا اڳ هو منهنجي ڪتاب ”خط، انٽرويو تقريرون“ کي ترتيب ڏئي ان تي پيش لفظ لکي رهيو هو. ان وقت هن وڪالت ڇڏي ڏني هئي ۽ بيماريءَ سبب فقط رات جو ٽي ڪلاڪ، غالباً انين بجي کان يارهين بجي تائين لکندو هو. مون هڪ ڀيري هن کي رات جو انين بجي فون ڪيو. فون تي چيائين تہ هو منهنجي ڪتاب جو پيش لفظ لکي رهيو هو. ساڳيءَ رات وري، نائين ۽ ڏهين بجي فون ڪيم تہ ٻئي ڀيرا ساڳيو جواب ڏنائين. ٻئي ڏينهن تي مون هن کي روبرو چيو: ”ڀلي تون دل جو مريض آهين، تو لاءِ وزن ۾ ڪمي تہ ضروري هئي، پر تون ماس صفا ڇڙي ويو آهين. انسان جو جسم هڪ ڊگهي وانگر ٿئي ٿو. ان کان حد کان وڌيڪ ڪم ورتو وڃي ٿو تہ اهو گهُم ڪري ويهي رهي ٿو. نہ ڄاڻان هن کي ڇا خيال آيو ۽ چيائين: ”اياز! جڏهن سکر جيل ۾ گڏ هئاسين تہ تون ڪازان زاڪس جا ڏاڍا ڪتاب پڙهندو هئين. هن جو هڪ ناول تو مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. توکي وسري ويو هجي، پر مون کي ان مان هڪ ٽڪرو اجا تائين ياد آهي، جنهن کي تو قلم سان نشان ڏئي ڇڏيو هو ۽ جو مون بار بار پڙهيو هو. اج تائين اهي لفظ منهنجي هينئين ۾ هُرن ٿا. پوءِ هن مون کي ڪتاب مان هڪ ٽڪرو ٻڌايو هو. ”هڪ ڀيري ماري جهنگ ۾ چار وڇائي ويا. ٻئي ڏينهن تي ڏٺائون تہ ڪيئي ڳيرڙا، جي اجان ٻچڙا هيا، اُڏري وڃڻ لاءِ ڪنيڙا ڪوهي رهيا ها، پر چار جي تند پڪي هئي ۽ هو رڳو پاڻ کي ايذاءَ رسائي رهيا هئا. پوءِ هو ٿِوَ ۾ سهمي ويجها ٿي ويهي رهيا.“

"هي ٻڪيئڙا هڪ گرهه به نه ٿيندا. فقط هڏڙيون ته آهن"، مارين مان هڪڙي چيو "انهن کي بزار ۾ ڪير ڳنهندو؟" جنهن تي ٻئي ماريءَ چيو: "اسان انهن کي ڪجهه چوڳو وجهنداسين ته هو ڦٽڙا ٿي پوندا ۽ جڏهن چڱا چوکا ٿيندا، تڏهن انهن کي وڪڻي ايندا سين."

پوءِ هنن ٻيرڙن کي ڍير چوڳو ڏنو ۽ هو ڪائي ڪائي ٿينهن ٿي پيا. انهن مان فقط هڪڙي ٻيرڙي داڻي پاڻيءَ تي ڌيان نه ڏنو ۽ ڏينهون پوءِ ڳرندو سنهڙو ٿيندو ويو ۽ چار جي وٿين مان نڪري وڃڻ لاءِ پٽ کوهه ڪندو رهيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن ماري هنن کي بزار ۾ ڪٽڻي آيا. ٻيرڙو جنهن چوڳو ڇڏي ڏنو هو اهڙو ڳري سنهو ٿي ويو هو جو آخر هو چار جي وٿيءَ مان سوڙهو سڪوڙو ٿي نڪري ويو ۽ اُڏامي آزاد ٿيو."

اهو ٻڌائي پٽيءَ وڏو ٿهڪ ڏنو. پٽيءَ جو ٿهڪ، جنهن ۾ هونءَ ته ڏاهر جا ڏهڪار هوندا هيا، هاڻي ڪمزور ڦڦڙن مان اٿين نڪري رهيو هو جيئن هنن جو ذڪر ڪيل ٻيرڙو چار مان نڪري ويو هو. جڏهن مان هن جي پاڙي ۾ جناري نماز لاءِ ويس ته فتاح، علي بخش ۽ عثمانيءَ تي نظر پوندي ئي اجهل سڏڪا پريم ۽ ڪيتري دير پريندو رهيس، جو فتاح نيٺ چيو : "استاد، (فتاح مون کي عزت وچان اُستاد ڪوٺيندو آهي.) هاڻي گهر وڃي آرام ڪر ۽ شام جو ساڍي ڇئين بجي اڇجانءِ، پنجين بجي نماز ٿيندي."

مان وري شام جو ساڍي ڇئين بجي موٽي آيس ۽ رسول بخش پليجي تي نظر پئي ته مون رانيات ڪيا ۽ ڪوشش جي باوجود پاڻ کي روڪي نه سگهيس.* محبوب ۽ حميد سنڌيءَ مون کي صلاح ڏني ته مان ڪار ۾ ويهي لُڙڪ اگهان. پر مان ڪرسيءَ تي ويهي رومال ڳوڙهن سان پجائيندو رهيس. هن وقت تائين مون زندگيءَ ۾ به پيرا قضا ۽ قدر جي اڳيان سر جهڪايو آهي. هڪڙو پنهنجي امڙ جي وفات وقت ۽ ٻيو

---

* رشيد ڀٽيءَ جي جنازي نماز ۾ آءٌ به شامل هئس. واقعي شيخ اياز جي حالت اها هئي (ت.ج)

پنهنجي پياري دوست رشيد ڀٽيءَ جي وفات وقت. جڏهن مان جنازي نماز پڙهي قبرستان ڏانهن وڃي رهيو هوس تہ منهنجي اکين اڳيان هن جون ڪيڏيون نہ يادگيريون آيون. اسان 1971ع ۾ جيل ۾ گڏ هياسين تہ اوچتو سائرن (گُهگو) ايئن وڳو هو جڻ هڪ وحشي جانور شڪار تي نڪتو هو. اسان جيل جي پٺيءَ ۾ ڪنيل کاهيءَ ۾ ٽپو ڏئي جهڪي ويٺا هئاسين تہ پارت جا هوائي جهاز مٿان لامارا ڏئي رهيا ها ۽ روهڙيءَ تي بم ڦٽي ڪري رهيا ها. اچا هڪ جهاز اسان جي مٿان ٿي هيو تہ ڀٽي کاهيءَ ۾ اُڀو ٿي بيٺو ۽ جهاز کي ٻوٿڙو ڏئي چيائين، "ٺُو... و... ٿي اچان بہ نہ ٿو سڃاڻين." مون هن کي ڇڪي هيٺ ڪيو هو تہ ايتري ۾ جهاز تورو اڳتي هليو ويو هو ۽ روهڙيءَ ۾ ريل جي پٽيءَ تي بم ڦٽي ڪيو هئائين. ايتري ۾ ڀٽيءَ وڏو ٺهڪ ڏنو هو ۽ چيو هيائين "ٺُڪ ٺَس!."

مون ڏٺو هو تہ ڀٽيءَ کي موت جو خوف بنهہ ڪونہ هو. ايئن نہ آهي تہ هر انقلابيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جي خاتمي جو سوچي ڪنبڻي نہ پوندي آهي. ايئن بہ نہ آهي تہ ڀٽيءَ جو موت کان پوءِ ٻيءَ ڪنهن ادبي زندگيءَ ۾ يقين هو. ها هن کي اهو يقين هيو تہ موت کان پوءِ بہ انسان پنهنجي ديس ۾ زندهہ رهي سگهي ٿو پنهنجي تاريخ ۾ زنده رهي سگهي ٿو. جيئن هن ڪائنات ۾ هر ستاري کي امرتا آهي، جيئن اهو دائمي آهي، تيئن ڀٽي بہ پنهنجي زندگيءَ کي دائمي سمجهندو هيو. هيمنگوي جي ناول "For whom the bell talls" ۾ جڏهن فرانڪو جا فاشي سپاهي مشين گن جي گوليءَ سان هيرو جي هڪ ٽنگ سخت زخمي ڪري ٿا وجهن ۽ هو گهوڙي تان ڪري پوي ٿو. تڏهن هو پنهنجي محبوبا کي گهوڙي تي پڇي وڃڻ جي ترغيب ڏئي چئي ٿو: "وڃ، ڀڄي وڃ! منهنجو فڪر نہ ڪر! مان تون ۾ جيئندس." ۽ پوءِ پاڻ مشين گن سامهون رکي دشمن جي سپاهين جو اڪيلو مقابلو ڪري ٿو. ڀٽيءَ کي بہ اهڙي امرتا ۾ اعتبار هو. ان ڪري ٿي هو چوندو هو تہ موت کان خوف ڇا لاءِ؟ ڌرتيءَ جي ڏاڍن اڳيان سر ڇو جهڪائجي ۽ هن

پچاڙيءَ تائين سر نہ جهڪايو. هن پنهنجي هر گهڙيءَ کان گوليءَ جو ڪم ورتو. منهنجي ڪتاب ”ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي“ ۽ ”خط، انٽرويو تقريرون“ تي پيش لفظ پڙهبا تہ ايئن لڳندو تہ اُهي ڪنهن مشين گن وانگر رجعت پرستن تي برسي رهيا آهن.

ينيءَ جي وفات کان ٿورا ڏينهن اڳ مان سکر ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي ميڙ ۾ خاص مهمان هوس ۽ هو اعزازي مهمان هو. هزار کن نوجوان ڇوڪريون ساريءَ سنڌ مان اچي سکر جي جاگيراڻي محلي ۾ ڪٺيون ٿيون هيون. انهن ۾ ڪيتري نہ تنظيم هئي! هو آئيندي جون مائرون هيون. نئين سنڌ اُڀري رهي هئي. انهن کي ڏسي ينيءَ مون کي ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”اياز! تون ڪيترو نہ رجعت پرستن سان وڙهيو آهين! اڄڪلهہ نئين سنڌ پيدا ٿي چڪي آهي. ادب مان رجعت پرست ايئن ڀڄي ويا آهن، جيئن شبِ برات جو ڪُتي جي پُڇ ۾ ڦٽاڪا ٻڌندا آهيون تہ هو ڀڄندو وتندو آهي. پر اڃا سياسي پليٽ فارم کي مضبوط ڪرڻو آهي.“ ان وقت مون ينيءَ ڏانهن ڏٺو هو. هي، جو سياسي پليٽ فارم کي مضبوط ڪري رهيو آهي، اهو نہ ٿو سوچي تہ پاڻ ٻُري ڪنڊا ٿي ويو آهي. اهو نٿو سوچي تہ ماڻهوءَ جو سرير ڊوئاٽيءَ جو ڍڳو آهي، ان کي چارو نہ وجهنداسين تہ وچ ڏڳ ۾ ويهي رهندو.

۽ پوءِ هن جو سرير ڏڳ ۾ ويهي رهيو. مون هن کي گهر فون ڪري چيو تہ ”ادل سومري کي نياپو ڏي تہ منهنجي گهر اچي، منهنجو نئون ڪتاب ”روس جو سفرنامو“ نقل ڪري، تہ هن ٻڌايو تہ هن جي خون ۾ کنڊ جو مقدار بلڪل گهٽجي ويو هو پر ڊاڪٽرن هن کي گلوڪوس جي Drip ڏني هئي ۽ هو ٿورو وقت اڳ ٺيڪ ٿي ويو هو پر اڃا ڏاڍي ڪمزوري ٿي محسوس ڪيائين.“

ٿوري دير کان پوءِ مان پنهنجي آفيس ويس ۽ آفيس مان فارغ ٿي انين بجي فتاح ملڪ سان مليس تہ هن چيو تہ: ”ينيءَ جي رت ۾ کنڊ بلڪل گهٽجي وئي آهي ۽ هن کي ايمبولينس ۾ ڪراچيءَ ڪڍائي ويا آهن.“

صبح جو معمول موجب مان چانهه پي رهيو هوس، ۽ امير خسروءَ جا دوها ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌي رهيو هوس ته ڇهين بجي فون جي گهنٽي وڳي آواز آيو.

”استاد، مان فتاح ٿو ڳالهايان.“ مون يڪدم سمجهيو ته رشيد پٽي گذاري ويو آهي.

پٽيءَ هڪ ڀيري مون کي چيو هو ”مان ايئن پورهيو ڪندو آهيان، جڻ ته مون کي ڪڏهن به مرڻو نه آهي.“

مون هن کي جواب ڏنو هو: ”پورهيو مان به ڪندو آهيان، پر اهو خيال رکي ته مان ڪهڙي وقت به مري سگهان ٿو.“

ڇا پٽيءَ صحيح هو يا مان صحيح آهيان، يا ٻئي صحيح آهيون، ڪيئن چئجي!.

# ايندڙ نسل لاءِ جمهوريت ۽ آزاديءَ جو ورثو ڇڏڻو پوندو

(29 مارچ 1989ع تي لطيف ادبي اڪيڊمي طرفان ايوارڊ ڏيڻ جي تقريب ۾، جنهن جي خاص مهمان بيگم نصرت ڀٽو هئي، شيخ اياز جي ڪيل تقرير.)

لطيف اڪيڊمي جا مانوارا منتظمو معزز ساٿياريو!

مون کي گذريل ٻن مهينن کان دل جي تڪليف رهي ٿي، جنهن ڪري مان ڪائي جامع ۽ مربوط تقرير اوهان جي اڳيان پيش ڪري نہ ٿو سگهان، پر پنهنجا ڪجهہ ڇڙوڇڙ خيال اوهان جي اڳيان رکان ٿو.

1- آمريت جي دور ۾ پاڪستاني عوام جي اها ڪيفيت هئي، جيئن ڪوئي ٻار گهگهہ اونداري ۾ روئيندو هجي، روشنيءَ لاءِ رانياٽ ڪري نہ سگهندو هجي ۽ سڏڪا ڀريندو هجي ۽ هڪ ڇپياتيل رڙ ئي هن جي ٻولي هجي. جمهوريت عوام کي زبان ڏني ۽ ان کي پنهنجي ڏکن ڏاکڙن ۽ مسئلن جي اظهار جو موقعو ڏنو.

2- چينين ۽ جپانين ۾ هڪ رسم هئي تہ جڏهن بہ اُنهن جي زندگيءَ ۾ ڪا ئي خوش نصيبي ايندي هئي تہ هو بازار مان پکين سوڏا پڃرا خريد ڪري ايندا ها ۽ پڃرن جو دروازو کولي، انهن ۾ بند پکين کي آزاد ڪري ڇڏيندا هئا. موجوده منتخب حڪومت، اقتدار ۾ اچڻ شرط، قيد ۽ بند جا دروازا کولي، انهيءَ چيني روايت جي پيرويءَ ۾ مارشل لا جي قيدين کي رها ڪري ڇڏيو ۽ ابلاغ جي ذريعن جهڙوڪ ريڊيو ٽيليويزن کي آزادي ڏني، ۽ ٻين بنيادي حقن جي ضمانت ڏيڻ جي

عملي ثابتي ڏني. نہ رڳو مارشل لا جي قيدين کي رها ڪيو ويو پر پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس کي رد ڪري تحرير جي آزادي واپس ڪئي، جيڪا قائداعظم جي وفات کان پوءِ ختم ٿي وئي هئي. تقرير ۽ تحرير جي آزادي جمهوريت جو پهريون شرط آهي ۽ اڳتي اسان اها آزادي ڪنهن کي بہ کسڻ نہ ڏينداسين، پوءِ ان لاءِ اسان کي ڪيڏي بہ قيمت ڇو نہ پرڻي پوي.

3- مون پنهنجي بيماريءَ ڪري سڌو سنئون مارشل لا حڪومت جي نظام سان ٽڪر تہ نہ کاڌو ۽ ڳوٺ، ڳوٺ وڃي ان جي خلاف تحريڪ نہ هلائي، جيئن مون ون يونٽ جي خلاف هلائي هئي ۽ نہ وري پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ اهڙي مهاڏي جي گنجائش هئي. پر هيمنگوي چواڻي:

'I Consider that I have many responsibilities but no greater than this to last and get my work done'

يعني "مان ڀانيان ٿو تہ منهنجي ان کان وڌيڪ ڪائي ذميواري ناهي تہ مان هجان ۽ پنهنجي ڪم کي پورو ڪريان."

مارشل لا واري دور ۾ مون ايڏو نثر ۽ نظم لکيو آهي، جيترو مون سڄي حياتيءَ ۾ نہ لکيو هو ۽ منهنجي هر سٽ ۽ هر مصرعي ۾ مطلق العنانيت ۽ آمريت جي دماغي خلل، بيوروڪريسي ۽ پوليس جي انڌا ڌنڌ يلغار، تحرير ۽ تقرير جي اظهار تي پابندي، آئين جي منسوخي ۽ قانونن کي پيرن هيٺ لتاڙڻ ۽ وقت بہ وقت پنهنجي مرضيءَ موجب ڦيرائڻ، اسلام جي اوٽ ۾ هر ڌنوئس ۽ ڌانڌلي ۽ مظلوم عوام خلاف ڏاڍ جاري رکڻ جي خلاف نفرت ظاهر آهي. پنهنجي شاعريءَ ۾ مون نہ فقط ان ظالماڻي نظام ۽ ان جي جبر ۽ تشدد کي للڪاريو پر عوام کي ان خلاف اُڀارڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ۽ اديب جي حيثيت ۾ اهوئي منهنجو فرض هو.

4- آمريڪا جي هڪ شاعر هڪ گلاب جي گل کي مخاطب ٿي اهي لفظ ڪم آندا هئا جيڪي لانگ فيلو فلسفي جي اظهار لاءِ مناسب

سمجهيا ها. اهي لفظ هئا، تہ ”حسن هڪ اثاثي ’Asset‘ کان وڌيڪ هڪ ذميواري Liability آهي. آمرانہ دور ۾ مون جڏهن بہ شاعريءَ جي باري ۾ سوچيو هو تہ مٿيون سٽون منهنجي ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳيون هيون.“
5_ جڏهن هڪ جهاز ٻڏڻ لڳندو آهي، تڏهن ان کي ڪوئا ڇڏي ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا آهن. پر اُهي ڪوئا هوندا آهن ۽ ڪوئا جهازران نہ ٿيندا آهن. ڀٽي خاندان پنهنجون مُنيون ڀڪوڙي ان سڄي طوفان جو مقابلو ڪيو ۽ انهن ڇولين کي منهن ڏيندو رهيو جيستائين اوچتو ساحل اکين جي سامهون اچي ويو. مان ميان ٿو تہ ان جدوجهد ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جو رت شامل هو پر سڀ کان نمايان بيگم نصرت ڀٽو ۽ ان جي خاندان جو ڪردار هو.
6_ حسن اتفاق سان بيگم نصرت ڀٽو سنڌ جي آهي، پر جيڪڏهن هيءَ پاڪستان جي ٻيءَ ڪنهن بہ قوم مان هجي ها تہ مان هن جي جدوجهد کي ساڳي قدر جي نگاهہ سان ڏسان ها، ڇو تہ هن فاشي آمريت جو ٻي جگريءَ سان مقابلو ڪري عوام جي دل جيتي هئي ۽ اهڙيءَ طرح ووٽ حاصل ڪري سندس ڌيءَ محترمہ بينظير ڀٽو اقتدار ۾ آئي آهي ۽ هيل تائين اهڙو ڪوبہ قدم نہ کنيو اٿائين، جنهن سان ڀرپور جمهوريت کان انڪار ٿيندو هجي.
7_ رواداري ۽ برداشت جي حدن کي وڌائي پاڪستان جي هر اديب جو تعاون حاصل ڪري سگهجي ٿو. اديب هڪ فوجي آمر يا سياستدان کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙيءَ ڳالهہ سان ملڪي سلامتيءَ کي نقصان رسندو ۽ منهنجي نظر ۾ ڪوبہ اهڙو اديب ناهي، جيڪو ڄاڻي واڻي ايئن ڪرڻ گهرندو هجي، پر مان زوردار لفظن ۾ اها ڳالهہ واضح ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اسان رڍن ٻڪرين وانگر جيئڻ نٿا چاهيون ۽ آئنده ڪنهن بہ فوجي آمر کي برداشت نہ ڪنداسون، پوءِ نتيجا ڪهڙا بہ نڪرن.
8_ جڏهن زندهہ رهڻ جو ارادو شديد ٿي ويندو آهي تہ هر اديب سمجهي وٺندو آهي تہ ڇا حقيقي آهي ۽ ڇا غير حقيقي آهي. 1968ع ۾

جڏهن مان شهيد ڀٽي سان گڏ ساهيوال جيل مان نڪتو هئس ته مون ‘آدم جي ايوارڊ’ کي ٺڏي ڇڏيو هو. ڇو ته اهو ايوارڊ مون کي رائٽر گلڊ پاران مليو هو ۽ رائٽرس گلڊ آمريت جي خلاف اهو ڪردار ادا نه ڪيو هو جيڪو ان کي ڪرڻ کپندو هو. اڄ مان بيگم نصرت ڀٽو کان سنڌي ادب تي ڏنل گولڊ ميڊل خوشيءَ سان قبول ڪريان ٿو ڇو ته هوءَ شهيد ڀٽي جي بيواهه آهي ۽ محترمه بينظير جي ماءُ آهي، جيڪا هڪ جمهوري فلاحي مملڪت جي سربراهه آهي.

9ـ ادب جو سياست سان واسطو ته آهي، پر هر ادب پارو زندگيءَ جو تصديق ٿيل سچو نقل (True Copy) نه هوندو آهي. صحيح معنيٰ ۾ آرٽ جو روح (Essence) ان جو غير متوقع (Unexpected) اظهار آهي.

10ـ جڏهن اسان آرٽ جي ماهيت ۽ قوت متعلق سوچيون، ٿا تڏهن اسان تي اها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته رجعت پرست حڪومتون آرٽ جي ماهيت ۽ قوت کي چڱي طرح ڄاڻن ٿيون. هو فقط ان جي مواد يا ان جي نظرين جي اظهار کان نٿيون ڊڄن، پر ان جي توانائيءَ ۽ خودمختياريءَ کان ڊڄن ٿيون، جيڪا ان جي جمالياتي خوبين ۾ مضمر هوندي آهي. اظهار جي شدت، طنز ۽ ابهام آمريت جي جمود خلاف هڪ للڪار جي حيثيت رکندو آهي ۽ جبر وارن قانونن جي ذريعي انعام اڪرام ڏيئي اهڙين ڳالهين کي دٻايو ويندو آهي.

11ـ شاهه لطيف جو هڪ شعر آهي ته ”جي تون فارسي سکئين، گولو توءِ غلام“ شاهه لطيف ته روميءَ کي پير مرشد ڪري مڃيندو هو ۽ فارسي زبان ۾ نه رڳو رومي، پر حافظ، خيام ۽ ٻيا ڪيئي وڏا شاعر پيدا ٿيا آهن. اُن ڪري سوچڻو ٿو پوي ته شاهه لطيف جي مراد ڇا هئي جڏهن هن چيو ته ‘جي تون فارسي سکئين ته غلام ٿي ويندين’. دراصل هن جو مطلب هو ته جيڪڏهن تون وقت جي حاڪم جي ٻولي، هن جي پنيرائي ڪندو رهين، حاڪم جو جابر ۽ قهار آهي، ته تون غلام ٿي پوندين. جديد دور جي حوالي سان ايئن چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن اسان مارشل لا آرڊيننس ۽ آرڊرن کان مرعوب ٿي وڃون ها

تہ غلامي اسان جو مقدر هجي ها. هڪ جابر حاڪم جي حڪمن کي قول ۽ فعل سان رد ڪرڻ ئي حريت يا آزاديءَ جي ضمانت آهي.

12_ C_130 جو اوچتو اُڏامي وڃڻ. هڪ اهڙو ڪرشمو آهي* جو جيڪڏهن غالب جيئرو هجي ها تہ ائين ڪڏهن نہ چوي ها تہ:

کیا وہ نمرود کی خدائی تھی

بندگی میں میرا بھلا نہ ہوا۔

13_ آمريت جي دور ۾ اڪيڊمي آف ليٽرس جو دعوت نامو مون ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيو هو ۽ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ واپس ڪري ڇڏي هئي. آمريت اديبن کي خريد ڪرڻ لاءِ ڪيئي طريقا استعمال ڪيا، پر هو مون سميت ڪيترن اديبن کي خريد نہ ڪري سگهي.

14_ هڪ هوائي حادثي حالتن جو رخ جمهوريت جي طرف موڙي ڇڏيو نہ تہ اها ڳالهہ ٿئي ها جا Tenessee Williams پنهنجي لکيل "شيشي جي چڙيا گهر" ۾ چئي آهي.

'Blow your candle laura for the house in lit by a lightening.'

لارا هن ڊرامي جي هيروئن هئي ۽ ان کي ڏسي چيو ائين تہ "لارا پنهنجي شمع وسائي ڇڏ. ڇاڪاڻ تہ گهر تي وڄ ڪري ان کي روشن ڪري ڇڏيو آهي."

15_ منهنجي نظر ۾ محترمہ بينظير کي اڃان تائين پورو اقتدار حاصل نہ ٿيو آهي ۽ هن جي لائحہ عمل ۾ دست اندازي ٿي رهي آهي. مون کي توقع آهي تہ جڏهن هن کي پورو اقتدار مليو تہ هوءَ هن قوم جي تقدير ڦيرائي ڇڏيندي. قدرت هن کي هر چيز عطا ڪئي آهي، ذهانت، علمي استعداد ۽ شخصيت جي دلڪشي.

16_ پولينڊ جي هڪ دانشور کي حڪومت جي خلاف احتجاج تي

---

* C_30، اهو جهاز جنهن ۾ ضياءُ الحق سوار هو ۽ ان کي هوا ۾ باهہ لڳي وئي هئي ۽ آمر ضياءُ ساٿين سميت سڙي مري ويو هو (ت.ج).

دستخط ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته هن جواب ڏنو ته "مان ان احتجاج تي دستخط نه ڪندس، ڇو ته مون کي هڪ پٽ به آهي." جڏهن ٻئي دانشور کي ان ساڳي احتجاج تي دستخط ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته هن جواب ڏنو ته "مان ان احتجاج تي دستخط ضرور ڪندس، ڇو ته مون کي هڪ پٽ به آهي." اهي به جواب ٻن مختلف ذهنيتن ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهن، جيڪي مختلف دانشورن ۾ ملن ٿيون. هڪ ۾ پنهنجي ذاتي تحفظ لاءِ ۽ ٻئي ۾ نئين نسل جي انهيءَ ورثي لاءِ تشويش ملي ٿي جيڪو سچائي جو ورثو آهي، جيڪو بيباڪي ۽ حريت جو ورثو آهي، جيڪو صحيح سوچ تي ٻڌل حقيقت سان ساٿ ڏيڻ جو ورثو آهي. اسان کي به اهڙو هڪ وجودي انتخاب (Existentialish Choice) ڪرڻو پوندو ۽ پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ جمهوريت ۽ آزاديءَ جو ورثو ڇڏڻو پوندو ۽ پاڪستان جي هن دور ۾ فڪر يا اظهار جي آزادي جو ساٿ ڏيڻو پوندو. ان جي خلاف تاريڪيءَ جون اُهي قوتون آهن، جيڪي جديد دور کان منهن ڦيري اسان کي جهالت جي ڪنهن اونداهي دور ۾ ڌڪڻ چاهين ٿيون. ادب برائي ادب ڪنهن صدين کان آزاد ملڪ ۾ ڪا معنيٰ رکي سگهي ٿو پر پاڪستان ۾ نه فقط بي معنيٰ آهي، پر هاڃيڪار به آهي.

17ـ پاڪستان هڪ ننڍو ملڪ آهي ۽ ننڍي ملڪ جي سياست خاص ڪري ادبي نوعيت جي سياست، وڏي ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري جڏهن به هڪ اديب تي هلان ٿيندي آهي ته هو هڪ مرڪزي نقطو بڻجي ويندو آهي ۽ هڪ زبردست عصبي هيجان، بيزاري يا برهميءَ ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. اهڙي سياست ۾ به هڪ جمهوري عمل هئڻ گهرجي ۽ زير عتاب اديب کي وضاحت جو موقعو ڏنو وڃي ۽ هن جي حمايت تي ڪا روڪ ٽوڪ نه رکي وڃي.

18ـ شمسي شعائن تي هلندڙ سولر بيٽريون (Solar Batteries) ۽ عظيم شاعر بي انتها ڏنڊ ۾ به ڪم ڪندا رهندا آهن. ننڍن شاعرن کي هڪ مسلسل چارجنگ جي ضرورت پوندي آهي ڪڏهن هو شهرت سان

چارج ٿيندا آهن، ڪڏهن شراب سان ۽ ڪڏهن بين شاعرن جي شاعريءَ جي مطالعي سان. عظيم شاعر ۽ اديب صدين ۾ هڪ پيرو پيدا ٿيندا آهن.

19۔ ماضيءَ ۾ چيو ويندو هو تہ سرمائيداري وارو نظام فقط هڪ بناوٽي جمهوريت تي هلي رهيو آهي، پر ان بناوٽي جمهوريت ئي واٽر گيٽ جي واقعي کان پوءِ هڪ آمريڪي صدر کي صدارت جي عهدي تان هٽائي ڇڏيو. گلاس نوسٽ ۽ پير سٽرائيڪا کان پوءِ گوربا چوف بہ واري واري سان جمهوريت جي اهميت تي زور ڏيئي رهيو آهي. اها جمهوريت تڏهن حاصل ٿي سگهندي، جڏهن عوام الناس جي سامهون اهي سارا معاملا پيش ڪيا ويندا، جيڪي رهنمائيءَ جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جو باعث آهن ۽ عوام کي انهن ماڻهن کي اقتدار تان هٽائڻ جو حق ڏنو ويندو جيڪي غلط رستي تي هلي رهيا آهن. هڪ سياسي نظام جي اصلاح لاءِ ذهنن کي کليو رکڻ گهرجي. انتظامي معاملن تي بحث مباحثو ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ پريس جي آزادي پهريون شرط آهي، جيڪو هن حڪومت پورو ڪيو آهي، جيڪي ڪجهہ صحيح ۽ معقول آهي، ان جي عوامي مباحثي ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي. پاڪستان جي سياست جي اصلاح لاءِ جمهوريت جي اشد ضرورت آهي ۽ جمهوريت کي جاري ۽ ساري رکڻ لاءِ پريس جي آزادي بيحد ضروري آهي.

آخر ۾ مان بيگم نصرت ڀٽو، مخدوم محمد امين فهيم ۽ لطيف اڪيڊمي جو هن گولڊ ميڊل لاءِ ٿورائتو آهيان ۽ انهيءَ ميڊل کي صحيح معنيٰ ۾ پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهان ٿو.

# هاڻوڪا ۽ اڳيان هم وطنو، سنڌي دوستو!

(22 آڪٽوبر 1989ع تي دبئيءَ ۾ سنڌي هندو ۽ مسلمان اديبن طرفان ڏنل دعوت ۾ ڪيل صدارتي تقرير)

مان ايتري آجيان لاءِ اوهان جو ٿورائتو آهيان. اوهان دبئيءَ ۾ ننڍي سنڌ آهيو ۽ سنڌ منهنجي وجود جو حصو آهي، منهنجو جسم آهي، جنهن جا عضوا وڏجي ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويا آهن. ان ڪري ئي مان پاڻ کي منصور وانگر محسوس ڪيو آهي ۽ منهنجي شاعري آخري دم تائين انا الحق جو آواز ٿي رهي آهي. اسان ورهاڱي کان پوءِ جمهوريت جو ٿورو عرصو ڇڏي، باقي سارو وقت فوجي آپيشاهيءَ هيٺ رهيا آهيون، جنهن اسان کي جيءَ جي جلاوطنيءَ جو احساس ڏنو آهي. آمريت هيٺ آءُ انگلنڊ يا دبئيءَ جي پاسپورٽ جو سوچي بہ نہ ٿي سگهيس. جمهوريت ۾ مون لاءِ اهو ممڪن ٿي سگهيو آهي تہ وري دنيا ۾ ٻاهر وڃي سگهان. ساري دنيا جمهوريت جي اشد ضرورت محسوس ڪري رهي آهي، يورپ جو ڪميونسٽ بلاڪ بہ اهو محسوس ڪري رهيو آهي ۽ سوشلزم تيزيءَ سان جمهوريت طرف وڌي رهي آهي. مون کي اميد آهي تہ پاڪستان بہ جمهوريت جي دور ۾ اهي دروازا کوليندو، جي هن وقت تائين ان ٻوٽي رکيا آهن. اسان وٽ سارڪ سمٽ ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي وزيراعظم جي تقرير ۽ ڀارت جي وزيراعظم جو ذڪر اوپر ايشيا لاءِ ان ساري تقرير کي اپنائڻ، ان مستقبل ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي، جيڏانهن اسان وڌي رهيا آهيون امن ڏانهن، ڀائيچاري ڏانهن، مٺ محبت ڏانهن. ساري انسان ذات امن لاءِ

سيڏائي رهي آهي، ڇو ته امن ۾ ئي ساري انسان ذات ۽ هن ڌرتيءَ جي سلامتي آهي. مون کي ڪو سبب نظر نٿو اچي ته هندستان ۽ پاڪستان ۾ امن ڇو نه ٿئي ۽ سڀ مسئلا شملا معاهدي موجب حل ڇو نه ڪيا وڃن. وقت اچي ويو آهي ته اسان ماضيءَ جون ساريون تباهيون ۽ تلخيون وساري، هڪ نئين دوستيءَ جو بنياد رکون، جنهن ۾ اسان جن ٻنهي ملڪن جي سلامتي آهي. جيستائين ادب ۽ شاعريءَ جو سوال آهي، تيستائين مان خاطريءَ سان چئي ٿو سگهان ته ان شروع کان ئي هڪ ٻئي لاءِ حقارت کان پاسو ڪيو آهي. خونريزين ۽ تباهه ڪارين کي ننديو آهي ۽ هر اها ڳالهه جنهن ۾ خلل آهي، ان کان دور رهي آهي ۽ ان محبت جي تصور ۾ رهي آهي، جڏهن انسان کي انسان سمجهيو ويندو ۽ هر تفرقي کان پري رهي فقط انسانيت سان محبت ڪئي ويندي. اهي نه فقط منهنجا، پر هر سچي سنڌي اديب ۽ شاعر جا جذبا آهن. ساري ننڍي کنڊ جي شاعريءَ ۾ اوهان کي اهو پيار اها اُڪير، اُها انسان دوستي شايد مشڪل ملي، جا سنڌي شاعريءَ ۾ آهي. سياست سالن جو معاملو آهي، شاعري صدين جو معاملو آهي، سياست زبانون ڪپيندي آهي، شاعري گونگائپ ۾ گرج پيدا ڪندي آهي. جڏهن وقت گذري وڃي ٿو ته سياست ماضيءَ جو ڪفن ٿي وڃي ٿي ۽ شاعري مستقبل جو دوشالو ٿي وڃي ٿي.

شاعري سڪ آهي، پنهنجائپ آهي، ويڇا مٽائي ٿي، ويجهڙائپ پيدا ڪري ٿي. شاعري ڀڳت ڪبير آهي، شاهه ڀٽائي آهي. اها پنهنجي ياڪر ۾ ساري انسان ذات کي ونئي ٿي، هڪ ٻئي کي محبت آڇي ٿي، انسان سان پيار ڪري ٿي ۽ هن جي انسانيت اڳيان سر جهڪائي ٿي. دنيا ۾ اسٽالن جهڙا ڪنور انسان آيا ويا، اڄ ڪوئي انهن کي ليکي به ڪونه ٿو روسي شاعر پاسترناڪ جي قبر تي روز گل رکيا وڃن ٿا. نفرتون ۽ نفرتون ڪنڊڙ مليا ميٽ ٿي وينديون، نارائڻ شيام جي ڪويتا سدائين رهندي، جنهن ۾ اُڪير آهي، دکي انسانيت لاءِ آٿت آهي، ۽ انهيءَ مستقبل جو تصور آهي، جنهن جا بنياد پيار ۽ هڪ

ٻئي لاءِ عزت تي رکيا ويندا، جيستائين اهڙي شاعري، اهڙو ادب زنده آهي، سنڌ نہ رهندي، سنڌيت زنده رهندي ۽ پنهنجي هڳاءَ سان هن ننڍي کنڊ کي واسي ڇڏيندي.

اوهان جنهن ريت منهنجو آدرياءُ ڪيو آهي، مان اوهان جو ٿورائتو آهيان مان اوهان کي پڪ ٿو ڏيان تہ نہ فقط مون کي پر هر سنڌيءَ کي، جو سوچي سمجهي سگهي ٿو نہ رڳو اوهان لاءِ، پر هر انهيءَ سنڌيءَ لاءِ اُڪير آهي جو هن ڌرتيءَ تي جتي بہ آهي، مان پنهنجن پيارن دوستن موتي پرڪاش، موهن گيهاڻي ۽ گوپ ڪمل، محمد جعفر، محمد صالح ٽيٻي ۽ مسٽر منور جو خاص طرح ٿورائتو آهيان، جن مون کي لنڊن مان دعوت ڏئي گهرايو ۽ اوهان سان ڏيٺ ويٺ ڪرائي. مان اُنهن جو بہ ٿورائتو آهيان، خاص ڪري شري نارائڻ، سانولاڻي، شري سورج مل منگهناڻي، شري رام بخشاڻي ۽ جناب غلام عباس خواجہ جو جي نهايت محبت سان مون سان ۽ منهنجي فيمليءَ سان پيش آيا آهن ۽ اسان جي ميزباني ڪيائون.

اوهان سنڌ اسان کي سونپي، جو تياڳ ڪيو آهي، اهو اسان سڀ محسوس ڪريون ٿا. پنهنجا ماڳ مڪان، پيءُ ڏاڏي جو ورثو ڇڏڻ ايترو آسان نہ آهي. مون هونءَ تہ ساري انسان ذات کي پنهنجي چڱائيءَ سان گڏ اپنايو آهي، پر ڌرتيءَ جو هڪ اٽوٽ ناتو آهي، جنهن کي ڀلائي نٿو سگهجي ۽ جنهن کي مان چڱيءَ طرح سمجهان ٿو ۽ جنهن جي ٽٽي وڃڻ تي جو ڏک ٿئي ٿو ان جي مون کي ڀليءَ پٽ ويچاڻ آهي، اوهان لاءِ منهنجو فقط هڪ ئي نعرو آهي ۽ اهو نعرو غور سان ٻڌجي تہ هڪ نياپو بہ آهي ۽ اهو آهي ”سنڌ زنده باد، سنڌيت زنده باد، انسانيت زنده باد ۽ انسان جي انسان لاءِ اُڪير زنده باد.“

# 25 مارچ 1990 تي سهڻيءَ جي شيخ اياز نمبر وقت ڪيل تقرير

مانوارا سراج الحق ميمڻ صاحب،
مانوارا رسول بخش پليجو صاحب،
مانوارا طارق اشرف صاحب،
محترم مهتاب راشدي،
ساٿيو ۽ دوستو.

طارق صاحب هن نمبر جي اشاعت تي ڏينهن رات محنت ڪئي آهي، محترمہ مهتاب راشدي سنڌ ثقافت ۽ سياحت جي کاتي پاران نمبر جي پڌرائي ڪئي آهي ۽ سراج الحق ميمڻ صاحب ميڙ جي صدارت ڪئي آهي. ان لاءِ مان تنهي جو ٿورائتو آهيان. ٽئي ڪنهن تعارف جا محتاج نہ آهن. مان انهن دانشورن، اديبن ۽ شاعرن. جن منهنجي شاعريءَ يا منهنجي باري ۾ چار چڱا لفظ چيا آهن، انهن جو بہ ٿورائتو آهيان. دراصل همعصر نقاد ورلي ڪنهن شاعر جي شاعريءَ تي پائندگي جي ڇاپ هڻي سگهيا آهن. فقط ڪي ڪي شاعر ٽي ايس اليٽ وانگر خوش نصيب ٿيندا آهن، جن جي اهميت هنن جي زندگيءَ ۾ مڃي ويندي آهي. ٽي ايس اليٽ جڏهن گذاري ويو هو تہ هن تي ڪتاب لکيو ويو هو جنهن ۾ ڪيترن ئي اديبن جا هن جي فن ۽ شاعريءَ تي تبصرا هيا ۽ ڪتاب جو سرو هيو He dead? يعني هو مري ويو؟ ۽ ان کان پوءِ سواليہ نشان هو جنهن مان واضح هو تہ سيئي تبصري نگار چئي رهيا هئا تہ اهڙا شاعر ڪيئن مرندا، هن کي تہ

زندگيءَ ۾ دوام حاصل آهي. شاعر جي زندگيءَ ۾ اهڙي تحسين هرويرو پائدار بہ نہ آهي. اسان جي ڀٽائيءَ کي بہ صديون پر کي چڪيون آهن، ۽ اڃا تائين هن جي شاعري ۽ ان جو پيغام ايئن ترو تازا آهن، جيئن بہ صديون اڳي هئا، بلڪ انهن جي رنگ ۾ اڳي کان بہ وڌيڪ نکار آهي ۽ ان جي خوشبوءِ ديس ديس ۾ ڦهلجي چڪي آهي. وقت ئي اها ڪسوٽي آهي، جنهن تي کوٽي ۽ کري شاعري پرکي سگهجي ٿي. عموماً عظيم شاعر ۽ اديب گمناميءَ ۾ جيئندا آهن ۽ گمناميءَ ۾ مرندا آهن. ڪن سان پنهنجا همعصر ساڙ ۽ حسد ڪندا آهن ۽ هنن کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا آهن. فردوسيءَ جو طوس جي هڪ دروازي کان لاش ٿي نڪتو تہ ٻي دروازي مان هن لاءِ دينارن سان ڀريل اُٺ ٿي آيا. رودڪيءَ جون اکيون ڪڍايون ويون هيون ۽ عمر خيام جي رسدگاهہ (Observoatory) کي غزاليءَ جي چرچ تي جلايو ويو هو. اطالوي شاعر برونو کي جيئرو جلايو ويو روسي شاعر پشڪن ۽ لرمنتوف Duel وڙهندي ماريا ويا. غالب ويچاري کي ايترو تہ پريشان ڪيو ويو هو جو هن جو شاعريءَ تان ارواح ئي کڄي ويو هو ۽ چيو هيائين:

سو پشت سی هی پیشہ ابا سپہ گری،
کچھ شاعری ذریعہ عزت نہیں مجھی.

شاهہ لطيف کي نور محمد ڪلهوڙي مناٿيءَ ۾ زهر وجهي موڪليو هو ۽ ڀٽائيءَ اها مناٿي وڻي درياهہ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏي هئي. ادب جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي مثال آهن، جڏهن همعصر شاعريءَ جي بي قدري ڪئي وئي آهي. خاص ڪري اُها شاعري، جا سياست ۾ ملوث هئي. سرمد دليءَ جي جامع مسجد جي ڏاڪن تي ويهي چوندو هو تہ سلطنت دارا شڪوه کي ملندي، دارا بہ شاعر هو ۽ اقتدار جي هوس ۾ قتل ڪرايو ويو هو. ڪهڙو نہ خوبصورت شعر چيو اٿائين:

تاک راسر سبز کن ای ابر نیسانِ بہار،
قطرہء تامی تواند شد چراگر ھو شود.

يعني تہ اي بهار جا وڻندڙ ڪڪر، انگور جي ول کي سرسبز ڪر، پلٽيءَ جي بوند، جا شراب ٿي سگهي، سا موتي ڇا لاءِ ٿئي؟

ڪيڏو نہ بامعنيٰ شعر آهي! مينهن جي بوند سپيءَ جي پيٽ ۾ وڃي ٿي تہ موتي ٿيندي آهي ۽ انگور جي اوسر لاءِ سازگار ٿيندي آهي، جنهن مان شراب ڪشيد ڪيو ويندو آهي. شاعر چوي ٿو تہ هڪ مينهن جي بوند جي شراب ٿي سگهي ٿي تہ موتي ڇا لاءِ ٿئي؟ ڪهڙو نہ وزنائتو اطلاع آهي، انهن شاعرن لاءِ جي طلب جي تنوار ڪن ٿا. دارا سياست ۾ بہ ملوث هو ۽ اورنگزيب جي هٿان مارايو ويو هو. ڪيئي شاعر جي دور قديم ۾ هئا ۽ قصيدا لکندا هئا، انهن جون شاعريون سندن تقدير جي نشاندهي ڪن ٿيون. دور جديد ۾ بہ ڪيترا دانشور اديب ۽ شاعر مارايا ويا آهن. پولينڊ جي هڪ دانشور کي ڪنهن احتجاج تي دستخط ڪرڻ لاءِ چيائون تہ هن چيو تہ ”مان دستخط نہ ڪندس، ڇو تہ مون کي هڪ پٽ بہ آهي.“ ٻئي دانشور کي دستخط ڪرڻ لاءِ چيائون تہ هن چيو تہ مان ”دستخط ضرور ڪندس، ڇو تہ مون کي پٽ بہ آهي.“ اهي ٻئي رويا ٻن ذهنيتن کي واضح ڪري رهيا آهن. پهرين رويي ۾ ذاتي تحفظ جو اُلڪو آهي ۽ ٻئي ۾ ان ڳالهہ جو اونو آهي تہ اسان ايندڙ نسل کي ڇا ڏئي رهيا آهيون، ڇا اسان جو ورثو سچائيءَ جو ورثو آهي، بي ڊپائيءَ جو ورثو آهي، جبر ۽ استبداد خلاف احتجاج جو ورثو آهي؟ انهيءَ ذهنيت پولينڊ ۾ ساليڊرٽيءَ کي هٿي ڏني ۽ انت ان پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي. تازو لنڊن ۾ مون ليڪ وليسيا جي سوانح عمري خريد ڪئي هئي. ان ۾ چڱيءَ طرح ڏيکاريل هو تہ ساليڊرٽيءَ لاءِ دانشورن ۽ شاعرن ڪيترو نہ سَٺو آهي! آلندي جي چليءَ ۾ حڪومت ٻين ڪميونسٽ حڪومتن کان مختلف هئي. هو نہ رڳو مخالف ڌر سان وڙهندي پاڻ ماري ويو پر چليءَ جو راڳي شاعر وڪٽر هارا بہ ساڳيءَ ويڙهہ ۾ ماريو ويو. اشتراڪي دنيا جو عظيم شاعر پيبلو نرودا، جو آلندي جو اسپين ۾ سفير هو هن جي موت جي صدمي ۾ مري ويو. ترڪيءَ جو عظيم شاعر ناظم حڪمت 9 سال ترڪيءَ ۾ قيد ۾ هو ۽ آزاديءَ کان پوءِ جلاوطني اختيار ڪئي هيائين ۽

انت سوويت يونين ۾ مري ويو هو. فرانڪو جي دور ۾ اسپين جي عظيم شاعر لورڪا کي فاشسٽن قرطبه ۾ ماريو، پوري ڇڏيو هو. اوريانا فلاچيءَ، جنهن پٽي صاحب کان مشهور انٽرويو ورتو هو تنهن جو ناول (The man) پڙهندؤ ته اوهان محسوس ڪندؤ ته ڪيئن يوناني آمر هڪ شاعر کان ٿرٿلي ۾ هوندا هئا ۽ انت هن کي بيدرديءَ سان مارايو ويو هو. هٽلر ڪيترائي دانشور مارائي ڇڏيا. ٿامس مئن، آئن اسٽائين ۽ فرائڊ اسٽيفا زوايگ وغيره جرمني ڇڏي ڀڄي ويا ۽ زندگيءَ جو باقي حصو جلاوطنيءَ ۾ گذاريائون. ٽئگور ۽ اقبال بچي ويا، ڇو ته انهن انگريز سامراج کي ايتريءَ شدت سان نه للڪاريو هو ٻيو ته انگريز بنيادي طرح هڪ شريف قوم هئا. فيض پيريءَ ۾ بيروت پٽڪندو وتيو ۽ اُتان پنهنجي ڏيءَ سليمه هٿ مون کي ڪجهه نظم موڪليائين. جي پوءِ "اي دل مري مسافر" ۾ ڇپيا ۽ جن مان بيحد مايوسي ٿي بکي. دراصل فن جي تاريخ ڇپي ڇپي تي دارورسن جي آزمائش آهي. گهٽايو ته مون سان به نه اٿائون. اڌ صدي شاعري مون لاءِ صليب ٿي رهي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته مون ان کي تلوا رڪري ڪتب آندو آهي. ايوبي آمريت جي دور ۾ جڏهن مان سکر مان حيدرآباد ڪنهن ڪانفرنس يا مشاعري جي صدارت لاءِ ويندو هوس، ته مون کي ڪنهن پوليس وٺن ۾ ڪنيي، ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي ڇڏي ايندا هئا ۽ تيستائين اسٽيشن تي چاليهارو پوليس وارن جو گهيراءُ هوندو هو جيستائين مان ٽرين ۾ چڙهي سکر ڏانهن نه ويندو هوس. شهر نيڪاليءَ سبب مشاعرو يا ڪانفرنس ملتوي ٿي ويندي هئي. 1965ع واريءَ جنگ ۾ مان ٿي پاڪستان ۾ هڪ مسلمان شاعر هيس، جنهن کي جنگ جي دوران نظربند ڪيو ويو هو جڇ ته ٿر تي حملو ٿي منهنجي شاعريءَ ڪرايو هو. بس رڳو اهو سبب هو ته مون سنڌ جو نانءُ ورتو هو نانءُ، جو ايوب حڪومت پاڪستان جي نقشي تان مٽائي ڇڏيو هو.

مان سال 68ع ۾ شهيد ڀٽي سان گڏ ساهيوال جيل ۾ هوس. اسان سان گڏ ولي خان، ممتاز ڀٽو ۽ ملڪ سڪندر حيات به هئا. پر ٻيا سڀ رها ٿي ويا، شهيد ڀٽو ۽ مان وچي رهياسين، جيستائين ايوب استعيفا

ڏني، جڏهن مرحوم رشيد ڀٽي منهنجي رٽ پٽيشن داخل ڪرڻ لاءِ بئرسٽر محمود علي قصوريءَ وٽ لاهور ويو هو ته قصوريءَ، جنهن سان منهنجي دوستي هئي، ڀٽيءَ کي چيو ته بهتر ٿيندو ته اي. ڪي بروهي صاحب کي چيو وڃي ته هو هيءَ رٽ پٽيشن ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪري، ڇو ته لاهور جي ججن مان ڪوبه اُها هلڻ لاءِ ائڊمٽ به نه ڪندو. ان وقت مسٽر جسٽس مشتاق ۽ جسٽس انوارالحق به لاهور هاءِ ڪورٽ جا جج هئا، جن گهڻو پوءِ ڀٽي صاحب کي موت جي سزا ڏني هئي.

رشيد ڀٽي پوءِ مون کي ٻڌايو ته جڏهن ڪراچيءَ پٽيشن داخل ڪرڻ لاءِ آيو ته اي. ڪي بروهي صاحب اها پٽيشن ته داخل ڪئي، پر ٻڌايائين ته هاءِ ڪورٽ جي هڪ سنڌي جج بروهي صاحب کي چيو ته اياز جي شاعري سنڌي قوم جو سر شرم کان جهڪائي ڇڏيو آهي. مون ان تي ڀٽيءَ کي چيو "ڀٽي! پوءِ تو ڇو رٽ پٽيشن داخل ڪئي؟ جج به ته هن معاشري جو حصو آهي. هو مون تي فتويٰ ڇا ڏيندا. مون تي ته تاريخ فتويٰ ڏيندي، هنن جو سر منهنجيءَ شاعري ته نه جهڪايو آهي، ايوب خان جي نوڪريءَ جهڪايو آهي."

ساهيوال جيل ۾ ڀٽو صاحب سنتريءَ هٿ مون کي بسڪٽ، سڪو ميوو دٻي ۾ بند مڇي وغيره ڪڏهن تحفي طور موڪليندو هو. موت ۾ مان هن کي جرمن شاعر هائني جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب "Hiene the artist in revolt" موڪليو جنهن ۾ ڏيکاريل هو ته پنهنجي قوم تي پابنديون ڏسي ڪيئن نه شاعر بغاوت تي آماده ٿي وڃن ٿا.

ستر واري پاڪ و هند جنگ جي دوران مون کي اٺ مهينا سکر جيل ۾ نظر بند رکيو ويو. مون کي A_ Class ۾ نه رکيو ويو توڙي جيل مئنيويل موجب مان A_Class جو حقدار هوس. ساري پاڪستان جي شاعرن ۽ اديبن پاڪستان جي شهر شهر ۾ نعراءَ بحال ڪيا ته مون کي آزاد ڪيو وڃي. خود سنڌ جي پيپلزپارٽيءَ منهنجي رهائيءَ لاءِ نعراءُ بحال ڪيو ڇو ته منهنجو مشرقي پاڪستان جي بغاوت ۾ ڪوبه هٿ

ڪونہ هو. پر پاڪستان جي متعصب بيورو ڪريسيءَ ان تي ڪن لاٽار ڪئي.

سرحد تي هلندڙ گوليءَ کان وڌيڪ منهنجي شاعريءَ جي هر سٽ کي خطرناڪ سمجهي رهيا هئا.

ڀٽي صاحب جو فرينچ روليوشن جي تاريخ تي گهرو مطالعو هو ۽ هن چڱيءَ طرح ڄاتو ٿي تہ والٽيئر کي بئسٽائيل جيل ۾ رکڻ جا ڪهڙا نتيجا نڪتا هئا. جڏهن پاڪستان بہ ٽڪر ٿي ويو ۽ ڀٽو صاحب هتي اقتدار ۾ آيو. تڏهن مون کي ٽيلي فون تي آرڊر ڪري جيل مان آزاد ڪيائين. جڏهن هو وزيراعظم ٿيو هو تہ مون کي سکر سرڪٽ هائوس ۾ گهرائي چيو هيائين. "اياز! توکي جيڪي وڻي لک. مان تنهنجي شاعريءَ کي سياست ۾ بدلائڻ نٿو چاهيان."

ان ساري وقت ۾ رجعت پرستن، مون تي گڏيل يلغار ڪئي. منهنجي خلاف هزارين صفحا اردو ۽ انگريزي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپايا هيائون، ۽ مون تي طرح طرح جا الزام ڏنا هيائون. خدا کان انڪار، وطن دشمني، قومي نفاق، لساني هنگاما، مطلب تہ ايستائين بہ ويا، جو چيائون تہ تحريرن ۾ فحاشي بہ آهي. "پونر پري آڪاس" جيڪو منهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب هو، ۽ جنهن کي آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ، سال جو بهترين ڪتاب سمجهي، انعام ڏنو هو ان تي بندش وڌائون، "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ "جي ڪاڪ ڪڪوڙيا ڪاپڙيءَ" تي بندش وڌائون. پوءِ بہ جڏهن مون کي چپ ڪرائي نہ سگهيا تہ اردوءَ ۾ منهنجا شعر ۽ تحريرون ٽوڙي مروڙي، ترجمو ڪري پنهنجي آقائن کي پهچايائون، منهنجي خلاف اردو ۾ ڪتاب لکيائون تہ جيئن سارو پاڪستان منهنجي خلاف بدظن ٿئي، منهنجي مدافعت ۾ ڪيترن ئي شاعرن، دانشورن ۽ اديبن لکيو هڪ تحريڪ پيدا ٿي پئي. رسول بخش پليجي جهڙي دانشور "انڌا اونڌا ويڄ" لکيو. مولانا گرامي "مشرقي شاعريءَ جا قدر ۽ رجحانات" لکيو ۽ بين ڪيترن ئي مضمون لکيا. ٽئي ڀيرا جڏهن مون تي نظربنديءَ جي ڪاروائي ڪئي وئي ۽ مون نظربنديءَ جا تحريري سبب پڙهيا تہ مون

چيو تہ هيءَ سرڪار تہ ناهي، خرڪار آهي. هن کي جواب ڇا ڏجي. جيستائين هنن جا ڪوٽ ڍهي ڍير ٿي پون، تيستائين هنن جون زيريون ۽ زنجير برداشت ڪرڻا آهن.

نہ وري مون پنهنجي ڪنهن نقاد کي هيل تائين جواب ڏنو آهي. هڪ تہ منهنجا نقاد ايتريءَ توجهہ جا مستحق نہ آهن ۽ ٻيو تہ مون وٽ ايترو وقت نہ آهي، جو پنهنجي بچاءَ ۾ وڃايان. منهنجو بهترين دفاع منهنجي شاعري آهي.

هنگريءَ جي هڪ شاعر اشتراڪي نظام حڪومت تي هڪ نظم لکيو هو جنهن جو عنوان هو 'One sentence on tyranny' ان وقت ساري ترقي پسند دنيا اشتراڪيت کي ظلم ۽ استحصال کان نجات جو ذريعو سمجهي رهي هئي، پر اهو شاعر جو هڪ Siesmograph وانگر هو يعني انهيءَ اوزار وانگر، جنهن سان زلزلن جي اڳڪٿي ڪبي آهي، انهيءَ چيو:

Where there is tyranny
All is in vain
Even the song

اهو نظم انهيءَ هر حڪومت جي عڪاسي ڪري ٿو جتي To talitarianism آهي، مطلق العنانيت آهي. لفظ To talitarianism زندگيءَ جي فاشي نظريي جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ پهريون پيرو حڪومت زندگيءَ جي فاشي نقطہ نگاهہ لاءِ مسولنيءَ 1926ع ۾ ڪم آندو ۽ چيو هيائين تہ: "حڪومت کان ڪجهہ بہ ٻاهر نہ هجي. ان کان ڪجهہ بہ مٿاهون نہ هجي، نہ حڪومت جي خلاف ڪجهہ هجي. هر ڳالهہ حڪومت لاءِ هجي." 1929ع کان پوءِ اسٽالن بہ انهيءَ نظريي تي عمل ڪيو ۽ ڪيئي شاعر ۽ اديب ماراياٿين. ڪن کي جلاوطنيءَ ۾ موڪليائين ۽ ڪن تي روزگار جا ذريعا بند ڪيائين.

ڪارل مارڪس چيو هو تہ: .The poets are original Creatures We must let them go their way يعني شاعر original انسان آهن، تخليقي انسان آهن، انهن جي راهہ ۾ رڪاوٽ نہ ٿجي. پر اسٽالن ان

ٻاله جي برعڪس عمل ڪيو ۽ شاعر جي قول ۽ فعل کي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو. اڄڪله گوربا چوف ان جو ازالو ڪري رهيو آهي.

اها To talitarianism ٽين دنيا ۾ به نهايت خطرناڪ صورت ۾ آئي ۽ جتي آمريت هئي، اتي شعر و ادب جي آزاديءَ کي نهايت سختيءَ سان ڪچليو ويو ۽ اجا ڪچليو وڃي ٿو. ايشيا آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ اهڙا ڪيئي مثال ملندا. پاڪستان ۾ ايوب ۽ يحيٰ جي دور کان به وڌيڪ ضياءَ الحق جي دور ۾ تشدد ڪيو ويو ۽ نه رڳو سياست پر شعر و ادب کي به ختم ڪرڻ لاءِ طرح طرح جي ڪوشش ڪئي وئي. جنرل ضياءَ، جنهن جو شعر و ادب تي عبور پير واري مسجد ۾ ملان جي خطابت کان وڌيڪ نه هو. اهو علامه اقبال جون تشريحون ڪرڻ لڳو.

ڪن شاعرن هن جي دور ۾ خاموشي اختيار ڪئي، جنهن تي "Herosim of silence" چيو ويندو آهي، هڪ پيري مارشل لا جي دوران مون پاسترناڪ جون هيٺيون سٽون پڙهيون:

زندگي رڳو هڪ پل آهي،
رڳو هڪ گيت آهي، رڳو هڪ خواب آهي،
هڪ پوري ناسي فاخته آهي.

تڏهن مون چاهيو ته ان فاخته جي پڃري جو در کولي ڇڏيان. پل ته هوءَ هوا ۾ پر ڦهلائي. پوءِ مون راتين جون راتيون جاڳي لکيو. اهو سڀ ڪجهه توهان جي اڳيان آهي، سواءِ منهنجي پوئين ڪتاب "اُپر چنڊ پس پرينءَ" جي، جو مون جمهوريت جي دور ۾ لکيو آهي. منهنجا اڪثر ڪتاب ضياءَ جي دور ۾ ڇپيا آهن، جن جا حوالا هن نمبر ۾ آهن. اوهان ڏسندو ته مون انهن ۾ جبر جي ماحول سان بغاوت ڪئي آهي ۽ آزاديءَ جي اڳوات مرحبا ڪئي آهي. ضياءُ الحق اُنهن ڪتابن تي بندش نه وڌي، هن پيو ڪجهه سوچيو هو پر قدرت هن کي ايتري وٿي نه ڏني ۽ پنهنجي من ماني ڪري نه سگهيو. هينئر ته دنيا بدلجي چڪي ۽ هر ملڪ گويا جمهوريت لاءِ جدوجهد جي لپيٽ ۾ آهي. 25 فيبروري تي نڪارا گوا ۾ ڏهن سالن جي راڄ کان پوءِ ڊينيل اورٽيگا جي سئنڊي نستا حڪومت کي وايو ليٽا ڪمارو جي هٿان شڪست،

ان جي نشاني آهي تہ دنيا ۾ ڪنهن بہ ملڪ تي هاٺي زبردستيءَ، حڪومت نہ ٿي سگهندي وري ڪنهن هٽلر، مسولني، اسٽالن، فرانڪو سالازار يا جنرل ضياءَ جهڙي آمر جي گنجائش ڪانہ آهي.

منهنجي زندگيءَ پنهنجي فن کي تڪميل تي پهچايو آهي يا نہ، ان جو قطعي فيصلو ٿيو تہ مستقبل ڪندو. مان انسان جي حيثيت ۾ ڪمزور سهي، پر مان ايترو يقين سان چوان ٿو تہ مون اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصي ۾ شاعريءَ ۾ اهڙي هڪ بہ سٽ نہ لکي آهي، جنهن ۾ مان نہ آهيان، جا منهنجي فلسفہ حيات جي تاجي پيٽي ۾ هڪ تند نہ آهي، اهو سٽ سڦرو آهي يا نہ، ان جو منصف نہ مان آهيان، نہ توهان.

مان اڄ بہ اها ڳالهہ چوندس تہ جيڪا مون ڪيترو وقت اڳي چئي هئي، مون رڳو پنهنجي شخصيت جي تڪميل لاءِ لکيو آهي ۽ نہ ٻي ڪنهن حاصلات لاءِ، اها ڳالهہ مون "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ۾ سرڪاپائتي ۾ لکي آهي:

مون کي مُلهہ ملي چڪو هاڻي تور نہ تور،
آءٌ ڪتڻ لئہ ڪتيو.
آتڻ ڪالهہ اداس هو مون چيو "چرخو چور!"
آءٌ ڪتڻ لئہ ڪتيو.
اَرهي! پنهنجي آرٽ سان اُٿي آڏيءَ اور،
آءٌ ڪتڻ لئہ ڪتيو.
سُتي ساهہ نہ هتڙا، ننڊ ندوري گهور،
آءٌ ڪتڻ لئہ ڪتيو.
تاجي پيتو پيار جو مون جو پورئون پور،
آءٌ ڪتڻ لئہ ڪتيو.
هاڻي وينو ڦولهہ تون، منهنجي سپني ڏور،
آءٌ ڪتڻ لئہ ڪتيو.

توري سپني ڏور سهڻيءَ جي هن نمبر ۾ ڦولي آئائون، باقي اڳتي ڦوليندا رهندا.

# درياهہ جي ڳالهہ درياهہ کان پڇو

(لاڙڪاڻو فرينڊس پاران 5 اپريل 1990ع تي پير حسام الدين راشدي جي ورسيءَ واري تقريب ۾ ڪيل صدارتي تقرير).

دوستو ساٿيو

شاعري ۾ پيسو نہ آهي، پيسي ۾ شاعري نہ آهي، اهو چئي مون بيماريءَ کان پوءِ وڪالت ڇڏي ڏني آهي ۽ بيماريءَ سبب سکر ڇڏي آيو آهيان، ڇو تہ اتي علاج جون سهولتون ڪونہ آهن. پر هتي منهنجون مصروفيتون ايتريون وڏيون ويون آهن، جو ايئن ٿو لڳي تہ سکر ۾ فرصت وڌيڪ هئي. نہ رڳو مون شعر جا ٻہ نوان مجموعا، ”الوادعي گيت“ ۽ ”اپر چنڊ پس پرين“ لکيا آهن، پر رسالن، مضمونن، خاڪن، تقريرن، صدارتن ۽ ٽي وي ۽ ريڊيو انٽرويوئن ۾ ايترو وچڙي ويو آهيان، جو سهڻيءَ جي شيخ اياز نمبر کان پوءِ مون ادبي دنيا کان ڪجهہ وقت لاءِ ڪناره ڪشيءَ جو ارادو ڪيو هو مان اڃان پوريءَ طرح صحتياب نہ ٿيو آهيان ۽ مئي ۾ پيهر لنڊن علاج لاءِ وڃڻو آهي. ايتري ۾ ڪنهن تقريب تي جناب حسين شاهہ راشديءَ سان ملاقات ٿي جنهن چيو تہ 2 اپريل تي پير حسام الدين شاهہ راشدي جي ورسي ٿي، رهي آهي ۽ آءٌ ان جي صدارت ڪريان. مان هن کي انڪار ان ڪري نہ ڪري سگهيس، ڇو تہ پير صاحب منهنجو محسن هيو. هن ساري پاڪستان جي اردو شاعرن کان ٽاڻيءَ جو ڏهن بيتن جو ترجمو گهرائي، سيني مان منهنجو انتخاب ڪيو هو ۽ ان ڪري شاهہ لطيف جي رسالي جو ترجمو سنڌ يونيورسٽيءَ مون کي سپرد ڪيو هو. اهو اردوءَ ۾ ترجمو هيل تائين ٻہ پيرا ڇپجي چڪو آهي* ۽ هن وقت ان جي هڪ ڪاپي

* چار پيرا ڇپجي چڪو آهي ۽ پنجون پيرو ثقافت کاتي جي اياز

بہ دستياب نہ آهي. ان ڪان پوءِ منهنجا ادبي ناتا پير صاحب سان ايترا گهرا ٿي ويا ها، جو مون پنهنجيءَ شاعريءَ جو ٻيو مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" هن سان منسوب ڪيو هو ۽ انتساب ۾ لکيو هو "پير حسام الدين شاهہ راشدي جي نالي، جنهن جي روح مان مون کي اروڙ جي مٽيءَ جي ڀيني خوشبو ايندي آهي." ان مجموعي جي اشاعت کان پوءِ جڏهن مون رٽز هوٽل حيدرآباد ۾، راجا ڏاهر جي ڏيٺرن، تي پنهنجو نظم هن کي ٻڌايو هو تہ هن مون کي ڀاڪر پائي چيو هو تہ سنڌ جي تاريخ کي جيئن تو سمجهيو آهي، ايئن ورلي ڪنهن سمجهيو آهي.

سو جڏهن حسين شاهہ مون کي صدارت جي دعوت ڏني تہ مون کي انڪار ڏکيو لڳو. جڏهن لياقت ميموريل لائبريريءَ ۾ سهڻي رسالي جي شيخ اياز نمبر جي پڌرائي ٿي رهي هئي، تڏهن اتي مون سان جناب روشن علي چچڙو چيئرمين لاڙڪاڻو فرينڊس ويلفيئر ايسوسيئيشن مليو ۽ چيائين تہ 2 اپريل تي اوهان کي شيرٽن هوٽل ۾ پير صاحب جي ورسيءَ تي صدارت ڪيئن بہ ڪري ڪرڻي آهي، مون هن کي چيو تہ راشدي صاحب جون ساريون تصنيفون تہ مون وٽ سکر پيون آهن، اوهان وٽ ڪجهہ مواد هجي تہ مون کي موڪلي ڏيو. تنين ڏينهن تي هو مون وٽ هن جو ڪتاب، "اهي ڏوتي، اهي ڏينهن." ڪڻي آيو جنهن ۾ هن ٻين جي باري ۾ لکيو هو. ان ۾ سنڌ زميندار پريس جو ذڪر مون خاص طور پڙهيو چو تہ راشدي صاحب هڪ ڀيري سکر آيو ۽ ٻُڙهي ياسين واري مرحوم آغا بدرالدين خان دراني‌ءَ جو مهمان هو. مرحوم آغا بدرالدين جو بنگلو سنڌ زميندار پريس کان ٽيهارو قدمن تي هو. رات جي ماني کائي، مان ۽ راشدي صاحب چهل قدميءَ لاءِ نڪتاسين، جڏهن سنڌ زميندار پريس وٽ پهتاسين تڏهن ڏٺوسين تہ حافظ اوحدي، جو ان وقت پريس جو مئينجر هو ۽ اسان جي خلاف سردار علي شاهہ جي ٽولي ۾ شامل هو اهو ڪنهن تحرير مٿان ڪبو ٿي جهڪيل ٿي نظر آيو. پريس ۾ بہ ٽي پراڻيون ڪرسيون ۽ هڪ ننڍي ميز پئي هئي. ڀتين تان سڪل پلستر ڇڻي رهيو هو ۽ زمين تي

ردي سدي ڪاغذ پيا ها. ان وقت مون کي راشدي صاحب ٻڌايو تہ هن ۽ هن جي وڏي ڀاءُ علي محمد شاهہ راشديءَ هن پريس سان پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي، ٻئي ڀائر اتي ڪمپازيٽر هيا ۽ ٻنهي محنت سان زندگي ناهي هئي. مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي تہ هن جي منهن تي ڪائي گهٻراهٽ نہ هئي ۽ هو پنهنجي شروعاتي غريبيءَ جي ڳالهہ نهايت اطمينان سان ڪري رهيو هو ان تي مون هن کي هڪ پارسيءَ جو شعر ٻڌايو!

قصہ امواج دريا راز دريا ديده پرس
هر دلي آگهہ ز طوفان دل من نيست نيست

"يعني درياهہ جي ڳالهہ درياهہ کان پڇي ڏسڻ گهرجي، هر ڪا دل طوفان کي ٿورو ئي سمجهي سگهندي آهي." شعر راشدي صاحب کي وڻيو پڇيائين تہ ڪنهن جو آهي؟

مون چيو "رهي معيريءَ جو" حيرت مان مون کي ڏسي چيائين، "تو رهي معيري بہ پڙهيو آهي!" ان ڏينهن کان پوءِ راشدي صاحب سان منهنجي دوستي گهري ٿي وئي، ڇو تہ راشدي کي فارسي ادب ۽ شاعريءَ سان بيحد محبت هئي. دراصل مان چوندو آهيان تہ هو پيدائشي سنڌي هو ثقافتاً نہ رڳو نٿي ۽ روهڙيءَ جو هيو پر اصفهان ۽ شيراز جو بہ هو ۽ هن کي سنڌ جي ڪلاسيڪي شعر و ادب تي ايترو ئي عبور هو جيترو دکن، دليءَ ۽ لکنوءَ جي ادب تي.

سکر ۾ منهنجي هن سان ملاقات يا تہ آغا بدرالدين واري بنگلي تي ٿيندي هئي، جو ڪئينس روڊ تي هيو جتي منهنجي بہ آفيس هئي يا آغا صاحب جي ڳڙهي ياسين واري بنگلي تي ٿيندي هئي، جو هن پنهنجي فارم تي ناهيو هيو. پير صاحب جي فرمائش تي آغا صاحب هڪ لائبريري بہ اتي ناهي هئي، جنهن ۾ ڪافي چيپيل ڪتاب ۽ قلمي نسخا رکيا هئائين. هڪ ڀيري راشدي صاحب جوش مليح آبادي کي دعوت ڏئي ڳڙهي ياسين وٺي آيو. سکر مان مون کي بہ ساڻ کنيائين، جڏهن جوش مليح آبادي هڪ بوتل وسڪيءَ جي پوري

ڪئي تہ راشدي صاحب کي چيائين، ”ٻتِ ٻي پيرا ڪر ڪوئي انتظام“ ايتري ۾ آغا صاحب جو ڪيڏانهن اتي ويو هو موٽي آيو، هن کي چيائين:

آغا بدرالدين، آغا بدرالدين!

اياڪ نعبد اياڪ نستعين.

جوش جي انهيءَ شعر ۾ گستاخي ظاهر هئي، پر عربي لفظ نستعين استعانت مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ امداد طلبي آهي. ڳالهہ مذاق ۾ لنوائجي وئي ۽ جوش صاحب جي وسڪيءَ جي ٻئي بوتل اچي وئي. آغا صاحب جي ڳڙهي ياسين واري فارم تي ٻئي پيري راشدي صاحب سان منهنجي هڪ رات محفل ۾ گذري، هو مشهور جرمن مستشرق ڊاڪٽرائن ميري شمل کي ڳڙهي ياسين وٺي آيو هو. چانڊوڪي رات هئي ۽ اسان هڪ ڪافي وڏي پاٽيءَ جي تلاءَ پرسان وينا هياسين، جو آغا صاحب پنهنجي فارم تي ٺهرايو هو. سازندا ساز وڄائي رهيا ها ۽ ڳائڻا سنڌي ڪلام ڳائي رهيا ها، جو ٻڌي ڊاڪٽر شمل وجد ۾ اچي وئي هئي. هوءَ تيستائين ڪافي سنڌي سکي وئي هئي. منهنجي پرسان هڪ نيٺ سنڌي وڏيرو ويٺو هو. انهيءَ مون سان سرگوشي ڪري پڇيو تہ ”اياز صاحب! هيءَ شمل ولايت مان آئي آهي ڇا؟“ مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي تہ هن وري پڇيو ”راشدي صاحب جو هن سان عشق آهي؟“ مون هن جواب ڏنو ”شمل جو راشدي صاحب سان عشق آهي. ڏسين نہ ٿو تہ ڪٿان جرمنيءَ مان هن لاءِ هزارين ميل هوائي جهاز ۾ سفر ڪري آئي آهي!“ وري هن سُس پُس ڪري پڇيو ”پوءِ راشدي صاحب هن سان نڪاح ڇو نہ ٿو ڪري؟“ مون کي کل اچي وئي ۽ چيم ”وڏيرا! عشق اهو پرندو آهي، جو ورلي نڪاح ۾ ڦاسندو آهي.“ وڏيري کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ سوچ ۾ ٻڏي ويو.

جڏهن راشدي صاحب گذاري ويو ۽ هن کي مڪليءَ تي دفنايائون تہ مون ٻڌو تہ مقبري جي خاموش ۽ پرسڪون فضا کي ڏسي ڊاڪٽر شمل وصيت ڪئي تہ جي مان مران تہ مون کي بہ راشدي

صاحب جي پرسان دفنائجو. انهيءَ ڏينهن زرينہ بلوچ منهنجي وائي، ”عشق عقاب پکي پر ڏيهي، جهڙپ ڏئي تو جهتي“ ڳائي رهي هئي تہ مون کي ڊاڪٽر شمل ياد اچي رهي هئي.

مان جڏهن حيدرآباد ايندو هوس تہ رٽز هوٽل ۾ رهندو هوس، جتي راشدي صاحب بہ ڪراچيءَ مان ايندو هو تہ رهندو هو ۽ اتي هن سان ادبي ڪچهريون ٿينديون هيون. گرامي صاحب، مولوي عبدالواحد سنڌي، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، جويو صاحب، غلام رباني آگرو، حميد سنڌي، رشيد ڀٽي، نياز همايوني، جمال رند ۽ ٻيا دوست ڪٺا ٿيندا ها ۽ راشدي صاحب مجلس جو مور هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مشاعرو بہ ٿي ويندو هو. هن وقت گرامي صاحب، راشدي صاحب، رئيس ڪريم بخش، مولوي عبدالواحد سنڌي ۽ رشيد ڀٽي حيات نہ آهن ۽ انهن کي ساري ڪنهن وقت بي اختيار چپن تي امير خسروءَ جو شعر اچي ويندو آهي.

وه صورتين الاهي ڪس ملڪ بستيان هين
اب جن ڪي ديکني ڪو آنکين ترستيان هين.

راشدي صاحب کي اردو ۽ فارسي غزل سان خاص رغبت هوندي هئي، پر ڪنهن ڪنهن وقت هو منهنجا بيت ٻڌي بہ سر ڌوڻيندو هيو. فارسي ۽ اردو غزل جون خوبيون راشدي صاحب جي سنڌي دوستن مان، آءٌ ئي چڱيءَ طرح پرکي سگهندو هوس. هونءَ تہ مون دنيا ڀر جي شاعري انگريزي ترجمي ۾ پڙهي آهي، پر ڪجھ ٻولين جي شاعريءَ وانگر مون فارسي شاعري براہ راست پڙهي آهي. راشدي صاحب کي اهو ڏسي حيرت ايندي هئي تہ مون کي حافظ، خيام وغيره جو اڪثر ڪلام ياد هو. هڪ ڀيري رٽز هوٽل ٻاهران مان، راشدي صاحب ۽ جويو صاحب لان ۾ ويٺا هياسين ۽ ربانيءَ ۽ نياز همايوني جو انتظار ڪري رهيا هياسين، جي اچڻا ها. ان مهل ڏکڻ اولھ جي هوا گهلي رهي هئي ۽ لان ۾ بينل پيپل ۽ گل مهر جا وڻ هوا ۾ جهومي رهيا ها. راشدي صاحب جون ڳالهيون بہ طبيعت کي باغ و بهار ڪري

رهيون هيون. اچانڪ راشدي صاحب چيو ”اياز! فارسي غزل جو ڪوئي شعر ٻڌاءِ“ مون کي الاجي ڇو دل تي تري آيو.

بوئي جوئي موليان آيد همي
ياد يار مهربان آيد همي

ان تي راشدي صاحب چيو ته ”شبليءَ جو شعر العجم شروع ڪيو اٿي ڇا؟ مون کي ڪوئي مبتدي ٿو سمجهين؟ اهڙو شعر ٻڌاءِ جو مون نه ٻڌو هجي“

مون ڪجهه سوچي پيو فارسي شعر پڙهيو:

از جنبش نسيم سحرگاهه لاله ها
بريک دگر زندند چون مستان پياله ها.

يعني پرهه جي هير جي چرپر سان لاله جا گل مستن وانگر هڪ ٻئي جي مٿن تي پيالا هڻي رهيا آهن.

”واهه ڇا ته شعر آهي!“ راشدي صاحب چيو. پوءِ پڇيائين.

”خبر اٿي اهو ڪنهن جو شعر آهي؟“ مون چيو ”نه“ ان تي پير صاحب چيو ”اهو هڪ غير معروف شاعر جو شعر آهي، نالو اٿس احمد شقاقي.“ ان دور ۾ فارسيءَ جا مداح فقط ڪجهه وڃي رهيا ها. مرحوم مير علي محمد ٽالپر به انهن مان هڪ هو پر هن فارسي ڪتابن جو مطالعو گهٽ ڪيو هو ۽ مولانا آزاد جي ڪتابن ۾ آندل شعر نوٽ ڪري ڇڏيندو هو جي هو حسب ضرورت ڪم آڻيندو هو ۽ ”غبار خاطر“ وانگر خط لکندو هو. ها، مولانا گراميءَ ڪيترائي ڪتاب پڙهيا ها ۽ ڪڏهن ڪڏهن راشدي صاحب جي صحبت ۾ هن سان عارف قزوينيءَ، ايرج مرزا وغيره جي شاعري تي دلچسپ گفتگو ٿي ويندي هئي.

ايلفسٽن اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ هڪ ايراني ڪتاب گهر هيو جتان مون کي راشدي، صاحب ڪيترائي فارسي شاعريءَ جا ڪتاب خريد ڪرايا ها. جن ۾ فردوسيءَ جي شاهنامي جو خوبصورت منقش نسخو به هو جو اڃا تائين مون وٽ آهي.

راشدي صاحب جي همه گير شخصيت جي هر پهلوءَ تي لکبو ته

ڪتاب پڙهي ويندا. مون في الحال تہ فارسي شاعريءَ لاءِ هن جي محبت جي باري ۾ لکيو آهي. سنڌ جو اڳيون ادب فارسيءَ ۾ آهي. راشدي صاحب جو قاضي قادن، ميين عنايت شاهہ بلڙيءَ واري شاهہ عبدالڪريم، لطف الله قادريءَ، شاهہ لطيف، سچل سرمست وغيره جي ڪلام جو گهرو مطالعو هو. پر اهي شاعر پاسي رکبا تہ سنڌ جي باقي شاعري فارسيءَ ۾ آهي. نہ رڳو نظم پر نثر بہ فارسيءَ ۾ لکيو ويو آهي. جيئن انگريزن جي دور ۾ تورودت، سروجني نئڊو چٽو پاڌيہ، ٽئگور وغيره انگريزيءَ ۾ شاعري ڪندا ها، پر آزاديءَ کان پوءِ ٽئگور کان سوا هنن جو فقط نالو رهيو آهي. ۽ هنن جي شاعريءَ جي ڪائي اهميت نہ آهي، ائين سنڌ جي فارسي شاعريءَ جي بہ ڪائي اهميت نہ آهي ۽ رڳو محقق ان مان تاريخي مواد حاصل ڪن ٿا.

جڏهن فاران هوٽل نهيو تڏهن راشدي صاحب ۽ مان رتز ۾ رهڻ ڇڏي ڏنو ۽ فاران ۾ اچي رهندا هياسين. فاران جي سامهون رئيس ڪريم بخش ماتليءَ واري جو بيو گهر هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو راشدي صاحب سان ڪچهريءَ لاءِ هليو ايندو هو. راشدي صاحب هن سان ”ذرا عمر رفتہ ڪو آواز دينا“ واريون ڳالهيون ڪندو هو تہ هو ٻڌائيندو هو تہ ڪيئن هن پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان گڏجي سنڌيءَ جي پهرين فلم ايڪتا ناهي هئي ۽ ڪيئن بمبئيءَ ۾ هندو ائڪٽريسون هن تي واريون ونديون هيون. هن جي آخري تان انهيءَ جملي تي ڪٽندي هئي. ”هي دنيا هڪ گذرگاهہ آهي راشدي! ان جي دروازي مان لنگهي ڪوئي پٺتي نہ موٽي آيو آهي. مون ڇا ڇا نہ فتنهائي روزگار صورتون ڏٺيون! اڄ انهن مان ڪابہ نہ بچي آهي.“

جڏهن رئيس گهڻ ۾ پوندو هو تہ راشدي صاحب هن جي گفتگو وچ ۾ ڪٽي چوندو هو ”هيءَ دنيا هڪ گذرگاهہ آهي، رئيس.“ ان وقت رئيس سمجهندو هو تہ ڪچهريءَ جو وقت پورو ٿي ويو آهي ۽ هاڻي موٽي وڃڻو آهي.

ڪراچيءَ ۾ راشدي صاحب جا ڪتاب ڪونہ ها ۽ ان ڪري مون

فقط هن جون يادگيريون ڪنيون آهن. هونءَ بہ ممڪن نہ هو تہ هن جي سيني علمي تحريرن جي ايتري ٿوري وقت ۾ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ها. هو بلبل هزار داستان هو.

ها. هن جيءَ طبيعت ڪي بي ضرر مزاح جو پهلو ضرور هوندو هو. سنڌي ماهوار نئين زندگيءَ جي ايڊيٽر مولوي عبدالواحد سنڌيءَ ۽ اردو تاريخ نويس اعجازالحق قدوسيءَ سان هن جي نوڪ جهونڪ ٿيندي رهندي هئي. اها ايئن هوندي هئي، جيئن جناب جي ايم سيد جي مومن مليرائيءَ سان هوندي هئي.* اسان جي اچڻ جو ٻڌي مولوي صاحب اڏ مڻ جو ٿيلهو کڻي، جنهن ۾ پنا، رسالا، پروف، ڪتاب، ۽ ٻيو وکري هوندي هئي، سهڪندو ايندو هو ۽ اچان ويهندو مس هو تہ پير صاحب هن کي راتوڪي تعدي ياد ڏياريندو هو جا هن سان گهر ۾ ٿي هئي ڪڏهن ڪڏهن ربانيءَ کي چوندو هو تہ هن تي مون وارو لکيل هزل اهي مولوي مزيدار ٻڌائي. مولوي صاحب پنهنجو تڪيہ ڪلام "چڏ زور اور" دهرائي، پنج سو وولٽ جي بلب وانگر مرڪندو هو. مولوي صاحب زندگيءَ جو اڪثر حصو ڊاڪٽر ذاڪر حسين سان جامع مليہ دهليءَ ۾ گذاريو هو پر راشدي صاحب؛ ۽ رباني صاحب جي ڇيڙڇاڙ تي ايترو هري ويو هو جو اعتبار نہ ايندو هو تہ هن دليءَ ۾ ايتري سنجيده زندگي گذاري آهي.

اعجاز الحق قدوسي سنڌ جي پوري تاريخ اردوءَ ۾ لکي رهيو هو ۽ بار بار راشدي صاحب سان مشورو ڪندو هو. هڪ ڀيري اسان نئي راشدي صاحب واري بنگلي تي ڪراچيءَ ۾ ويٺا هياسين تہ راشدي صاحب چيو "اياز"! مان سنڌ جي فارسي شاعريءَ کي خاص اهميت نٿو ڏيان. هونءَ تہ ان جو مطالعوتضيع اوقات آهي، پر اها تاريخ جي واقعات تي ڪافي روشني وجهي ٿي. Persian Poets of sind هرومل سدارنگاڻيءَ لکي، پي ايچ ڊي جي ڊگري ورتي. ان جي هر

---

* مومن مليرائي، سائين جي.ايم. سيد جو دوست، ۽ ملير، ڪراچيءَ جو جهونو شاعر هو (ت.ج)

صفحي تي ٻه چار فارسيءَ جا شعر لکيا اٿائين. پر انهن ۾ اهڙو هڪ به شعر نه آهي جنهن جي ڪائي ادبي اهميت هجي. ڀلا هندستان جي فارسي شاعريءَ جي باري ۾ تنهنجو ڇا رايو آهي؟

مون جواب ڏنو "هندستان جا فارسي شاعر يا انهن جا وڏا تازو ايران مان آيا ها ۽ ان ڪري هنن جي ڪلام ۾ ايراني شاعريءَ جي خوشبو هئي. مغليه دربار ڪنهن حدتائين هنن کي ايراني ماحول به مهيا ڪري ڏنو هو. ايئن آهي ته هتي غالباً 1935ع ۾ جڏهن مشهور ايراني شاعر شهريار آيو هو ته هن کان پڇيو هيائون ته "غالب جي فارسي شاعري ڪيئن آهي؟" ته هن جواب ڏنو هو ته "ولي رال مي آيد" ۽ وري جڏهن علامه اقبال جي باري ۾ پڇيو هيائونس ته طنز سان چيو هيائين، "قبال؟ اهو جيڪو ليٿو ۾ پنهنجا ڪتاب ڇپائيندو آهي؟" پر منهنجو شهريار سان اتفاق نه آهي. بيدل دهلوي، امير خسرو عرفي، صائب، غني، ڪشميري، غالب وغيره فارسيءَ ۾ تمام چڱو لکندا ها ۽ اهي يا انهن جا وڏا تازو ايران مان آيا ها. ان تي راشدي صاحب چيو "ايران ۾ ته فقط عرفي کي مڃيندا آهن. ڪي قدر خسروءَ جا به قائل آهن. پر اياز فارسي ۽ اردو غزل جي تتبع سنڌي غزل کي بي جان ڪري وڌو آهي. ها سانگيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي انفراديت ملي ٿي." پوءِ سانگيءَ جو هڪ شعر جهونگاريو هيائين.

لانڊي هجي لوڙهي ۾ رهڻ لاءِ ڪکن جي
ڏيکارجي دشمن کي مگر لوڏ لکن جي.

ايراني ثقافت سان ايتري دلچسپيءَ سبب شاهه ايران راشدي صاحب کي ايران به گهرايو هو ۽ هن سان نهايت عزت سان پيش آيو هو. هن کي ايران ۾ آنرري پي ايچ ڊي جي ڊگري به ڏني هئائون. جڏهن مون آمريڪي ناول "Crash of 79" جي باري ۾ راشدي صاحب کي ٻڌايو هو ۽ چيو هو ته ناول نگار ويجهي مستقبل ۾ شاهه ايران جي زوال جي پيش گوئي ڪئي آهي ته راشدي صاحب کلي چيو هو اهي بيوقوف ناول نگار به تولاءِ اهميت رکندا آهن ڇا! ڪجهه وقت کان پوءِ

آمريڪا جو OPEC ۾ ايران سان تيل جي قيمت تي زبردست اختلاف ٿي پيو هو. اشتراڪي توده پارٽيءَ به روس جي چرچ تي خمينيءَ جي مدد ڪئي هئي، جيئن هاڻي هندستان ۾ حماقت ڪئي اٿائون ۽ پارٽيه جنتا پارٽيءَ کي اقتدار ۾ آندو اٿائون. ان وقت اردو اديب سبط حسن ٽڙ تڪڙ ۾ پنهنجو ڪتاب "انقلاب ايران" لکيو هو. پير صاحب کي اها ڳالهه مون وانگر نه آئڙي هئي ۽ مون هن کي چيو هو ته بنياد پرست اقتدار ۾ اچي ايراني ثقافت کي تباهه ڪري ڇڏيندا ۽ هن مون سان اتفاق ڪيو هو.

منهنجو خيال آهي ته پير صاحب اڄ کان پنج سؤ سال اڳي پيدا ٿئي ها ته هن جو روح وڏيڪ مطمئن هجي ها. هو برصغير ۾ پلو تارچ (Plutarch) جي پائي جو مورخ هو ۽ پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ لِلي چپي نه ڪندو هو.

هڪ ڀيري مان ڪراچيءَ ۾ هن جي ڊرائنگ روم ۾ ويٺو هوس ته اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر ممتاز حسين صاحب به ويٺو هو. جو دور اسلاميه جي تاريخ ۾ گهڻي دلچسپي رکندو هو. گفتگوءَ جي دوران هن چيو ته اسلامي مورخ نهايت ديانتدار هئا ۽ اڄڪلهه جي مورخن وانگر بدديانت نه ها. راشدي صاحب هن کي چتائي ڏنو ۽ چيو ته تاريخ جي هڪڙي دور ۾ مسلمان پنهنجي گادي هڪ هنڌان ٻي هنڌ ڦيرائي رهيا ها. ٻئي ساري سرو سامان سان گڏ هنن چاليهه اٺ رڳو حديث جي ڪتابن سان لڏيا ها. انهن چاليهه اٺن تي لڏيل حديث جي ڪتابن مان فقط هڪ معتبر ڪتاب نڪتو آهي ۽ اهو آهي 'صحيح بخاري' هاڻي ته ڪجهه عالم دين ان ۾ آيل ڪن حديثن جي صحت تي به يقين نٿا ڪن. اها هئي اسان جي مورخن جي ديانتداري. ممتاز حسين هڪو ٻڪو ٿي ويو.

راشدي صاحب برصغير جي مغليه دور جي تاريخ تي ته هڪ انسائيڪلوپيڊيا هو. هڪ ڏينهن اسان شهنشاهه اڪبر جي دور تي ڳالهائي رهيا هياسين ته هن چيو ته "اڪبري دور ۾ برصغير جا عظيم

ترين انسان، اسان جا سنڌي هيا.“ مون هن کي ڏيان سان ڏٺو ته هن چيو ”اهي ٻئي ڀائر سيوهڻ جا ها ۽ انهن جو نالو ابوالفضل ۽ فيضي هو.“ مون مرڪي چيو ”۽ انهن جي پيءُ جو نالو شيخ مبارڪ هو.“ راشدي صاحب کلي ويٺو ۽ چيائين، ”ڏسجانءِ ته توتي نالي جو اثر نه ٿئي. ابوالفضل ۽ فيضي وڏا تجربيڪار ها.“ پير صاحب وڏيڪ ٻڌايو ته فيضي، عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو جيد عالم هو. پوءِ اسان فيضيءَ جي قصيدن، غزلن ۽ فارسيءَ نظمن تي بحث ڪندا رهياسين ۽ فيضيءَ جي حاضر جوابيءَ ۽ بذله سنجيءَ جي باري ۾ ڳالهائيندا رهياسين. راشدي صاحب ڪافي وقت اڪبري دور جي ثقافت تي پنهنجا رايا ٻڌايا. هن ٻڌايو ته فيضي ليليٰ مجنون جي طرز تي نل ومن لکي هندو رعايا کي موهي وڌو. هن ڪيئي ڪتاب لکيا ها ۽ ڪلام مجيد جي بي نقط تفسير به لکي هيائين. راشدي صاحب وڏيڪ ٻڌايو هيو ته ابوالفضل اڪبر ناموءِ آئين اڪبري لکيا ها. هن محمد حسين آزاد جي ان تبصري سان اتفاق نه ڪيو ته ابوالفضل هڪ مبالغه پرداز مصنف هو. ان وقت مان ۽ رشيد ڀٽي هن جي عامل ڪالونيءَ واري بنگلي جي ايوان ۾ ويٺا هياسين ۽ هو مانيءَ کان اول ڪچهري ۾ محو هو. هن ٻڌايو ته جڏهن فيضيءَ جي زبان بند ٿي وئي ۽ دربار جا سڀ حڪيم هن کي موت جي پنجي مان نه ڇڏائي سگهيا ته اڪبر پنهنجي دستار لاهي زمين تي ڦٽي ڪئي، مون کي ياد آهي ته ڪافي وقت اسان عبدالرحيم خان خانان جي هندي شاعريءَ تي ڳالهائيندا رهياسين. خان خانان جو اڪبر جي دور ۾ سنڌ جي ڪنهن حصي جو گورنر به هيو. توڙي خان خانان کي عربي ۽ فارسيءَ تي مهارت هئي ۽ نه رڳو هو فارسيءَ ۾ شعر گوئي ڪندو هو پر هن جي ڪتب خاني ۾ شڪيبيءَ، ظهوري، نظيري، ثنائي، عرفيءَ وغيره جا قلمي مجموعا هوندا هئا، پوءِ به هن هنديءَ ۾، جي دوها لکيا، اهي اڄ تائين برصغير جي امر هندي شاعريءَ جو حصو آهن. راشدي صاحب وڏيڪ چيو هو ته هو انهيءَ راءِ جو هيو ته جي اهڙي شاعري ڪئي وڃي ها ته هند ۾ دوئيءَ جو

احساس ختم ٿي ويچي ها. هن پوءِ ملا عبدالقادر بدايونيءَ جي منتخب التواريخ ۽ ٻين ڪتابن تي ڳالهايو جن جا نالا وسري ويا آهن. مون ان وقت محسوس ڪيو هو تہ هي شخص منهنجي تاريخ جي نظريي جي قريب ترين آهي ۽ جي مان ڪنهن مان ڪجهہ پرائي سگهندس تہ اهو پير حسام الدين راشدي ئي آهي. اهڙا بحث هن سان ايرانين ڪلچر سينٽر حيدرآباد ۾ بہ اڪثر ٿيندا ها. جتي سينٽر جو ڊائريڪٽر شڪوهي ۽ هن جي بنگالي زال شيلا، اسان جون دعوتون ڪندا ها ۽ جن ۾ رباني صاحب بہ مَوجود هوندو هو.

هو نهايت مهذب ۽ شائستہ مزاج وارو انسان هو ۽ هن جي ٻوليءَ ۾ ترشي نہ هوندي هئي. رڳو هڪ ڀيري هن ڳتو لفظ ڪم آندو هو. ممڪن آهي تہ اهو لفظ ڳتو نہ هو ۽ تير نشاني تي هو. علامہ اقبال جي صد سالہ ورسي ملهائجي رهي هئي، جنرل ضياءُ الحق جو دور هو ۽ مان اجا سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هوس. مون ۽ راشدي صاحب ٻنهي کي ورسيءَ ۾ شرڪت لاءِ لاهور طلب ڪيو ويو هو. ٻين سان گڏ اسان علامہ اقبال جي مزار تي فاتحہ خوانيءَ لاءِ وياسين منهنجي ڪبي پاسي راشدي صاحب بيٺو هو. اوچتو هڪ لنبو تڙنگو ڏنڊو ڏوٿو شخص اچي راشدي صاحب جي پرسان بيٺو. مون زندگيءَ ۾ پهريون ۽ پويون ڀيرو راشدي صاحب جي چپن مان ڳتو لفظ ٻڌو هن سنڌيءَ ۾ ٿي ڳالهايو. جڏهن بئي فاتحہ پڙهي موٽياسين تہ مون راشدي صاحب کي چيو اوهان اها ٻولي ڪنهن جي لاءِ ڪتب آندي؟ هن حيران ٿي انهيءَ لنبي تڙنگي شخص ڏانهن اشارو ڪري چيو "چا تون هن کي نہ سڃاڻين؟" جڏهن مون چيو تہ نہ تڏهن هن چيو "هي اهو جسٽس مشتاق آهي جنهن ڀٽي تي خون جي ڪيس ۾ فتويٰ ڏني هئي." مان چپ ٿي ويس. راشدي صاحب جو منهن غصي ۾ ٽامڻي هٽي ويو.

اهو هو سنڌ جو زندهہ جاويد محقق پير حسام الدين شاهہ راشدي، سنڌ جو ابن خلدون جنهن جي ورسيءَ جي صدارت جو شرف مون کي اڄ بخشيو ويو آهي.

# سڪڻ سڳر توڪ....

(25 آڪٽوبر 1990ع تي ڀارت ۾ ”شاهه سچل سامي“ سيمينار جي مهورت وقت ڪيل تقرير جا ڊسمبر 1990ع جي سهڻي رسالي ۾ شايع ٿي.)

ڀارت ورش جا سنڌيو

سنڌ ديس ۾ ان جي رهواسي ڀائرن ۽ ڀينرن جا اوهان لاءِ پيار. مان، سنڌ ديس جو شاعر، جنهن اوهان کي ڪڏهن به پاڻ کان ڌار نه سمجهيو آهي، گذريل ستاويهه سال تاريخ جي ڀيانڪ چڪر ۾ اچي، وري سنئين لڳين اوهان وٽ موٽي آيو آهيان. جيتوڻيڪ انهيءَ وقت ۾ منهنجي روح تي رهڙون اڳي کان به گهٽيون اچي چڪيون آهن. منهنجا اوهان لاءِ پرنام!

اوهان مون کي ”شاهه، سچل ۽ ساميءَ“ تي سيمينار جي مهورت لاءِ گهرايو آهي، جنهن لاءِ مان اوهان جو ٿورائتو آهيان. ”شاهه ، سچل ۽ سامي“ سنڌ جي صدين وانگر، منهنجي ساهتڪ تاجي پيٽي ۾ اٽيل آهن. سامي به مون لاءِ اوترو ئي اهم آهي، جيترو شاهه ۽ سچل، ڇو ته ٿنهي جو نقطه نگاهه ساڳيو آهي، جو ويهينءَ صديءَ ۾ به ايتري اهميت رکي ٿو جيتري پنهنجي دور لاءِ رکندو هو. مان رسمي طرح ”شاهه، سچل ۽ ساميءَ“ جي شاعريءَ جو جائزو نه ٿو وٺان، پر ويهينءَ صديءَ لاءِ ۽ اڪويهين صديءَ لاءِ، جا هڪ ڏهاڪي کان پوءِ اچي رهي آهي، انهن جي لحاظ کان سندن پيغام کي پرکيان ٿو.

ويهينءَ صديءَ ۾ پنهنجي ڌرتيءَ تي عالمي سطح تي اسان ڇا نه ڏٺو آهي! ڪيتريون نه لاهيون چاڙهيون، ڪيترا نه انقلاب، ڪيتري نه

سماجي ڇڪتاڻ، جنگيون ۽ خونريزيون ڏٺيون آهن اسان اُن ۾ ڪيتري نه بهادري ۽ انسان دوستيءَ جا ڪارناما ڏٺا آهن. ان ۾ جوهري توانائي يعني Nuclear Energy ڌرتيءَ جي چوڌاري گردش ڪندڙ مصنوعي سيارا (Satallites) زندان جي سيخن پويان بيٺين ۾ جڪڙيل انسان ۽ پکين کان به تيز خلا (Space) ۾ اُڏامندڙ خلاباز! اسان جي ننڍي ڪنڊ ۾ به جيڪي ڪجهه ٿيو دلين جون جدايون، محبتن ۽ رفاقتن جا ورهاڱا، بي معنيٰ رتوڇاڻ، مائرن ۽ ڀينرن جون ڪپيل ڇاتيون ۽ ڪوڙيل مٿا، نيزن جي نوڪن تي اُڇلايل ٻار، ريل گاڏين تي حملا ۽ بيدريءَ سان خونريزي، سرحدن تي بکيا، ننگا، لٽيل ڦريل قافلا، فوجي آمريتون، بي شرم آپي شاهيون، قلم تي بندشون، ڪتابن جون ضبطويون، نظربنديون قيد، سياسي، قتل، مذهب جي آڙ ۾ زبانن تي تالا، ڌرتيءَ جي دلالن جي ڇهري تي سرخوشي، افسر شاهيءَ جي لوٽ ڪسوٽ، ڏوئنس، ڌانڌلي، مذهب، نسل قوم ۽ رنگ جي نالي ۾ بي انتها ڏڪار ڇا ڇا نه ڏٺو آهي، ڇا ڇا نه سٺو آهي، اسان جي هن صديءَ ۾! اي ڪاش! اسان هي ويهينءَ صديءَ جا پويان ڏهه سال ايڪويهينءَ صديءَ جي مهاڳ وانگر استعمال ڪريون ۽ انسان کي اهو پيار ۽ محبت موٽائي ڏيون، جنهن ۾ هن جي امن، آشتيءَ ۽ بقا جو راز آهي! ڌرتي سميئجي هڪ پاڙو تي وئي آهي ۽ پوري سرشتي هڪ شهر لڳي ٿي. هن صديءَ ۾ نه رڳو ناگاساڪيءَ ۽ هيرو شيما جهڙا وقعا ٿيا آهن، پر ساڳي وقت ائين ٿو لڳي ته آلاسڪا ۽ سائبيريا کان وٺي هماليه تائين جڻ ويڇو ختم ٿي ويو آهي.

ان شڪ ۾ نه آهي ته زندگي Reverse gear ۾ نه ٿي وڃي سگهي ۽ تمدن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميلاپ اسان مان هر ڪنهن تي اثر ڇڏيو آهي. ٽيلي ويزن، ٽيليڪس ۽ ٽيلي فيڪس وغيره جي ضرورت کان آءٌ انڪاري نه آهيان، پر جا ڳالهه ڀنيءَ جي پاڻن ۽ سچ لٽي وٺاڻن ۾ آهي، جا ڳالهه ڪڙاهه تي چوڏهينءَ جي چنڊ ۾ ائٽ تي آرهڙ جي سج ۾ آهي، جا ڳالهه جمڙائو واهه تي ٻڙ جي ڇايا هيٺان رڌن کي پاٽي پيئندو ڏسڻ ۾

آهي، جنهن کي ڏسي مون هائڪو لکيو هو:

جمڙائو جو تڙ،
رڍون پاڻي پيئنديون،
پر تي گهاٽو ٻڙ.

اهڙي ڳالهه اوهان کي جديد تهذيب جي حاصلات ۾ نہ ملي سگهندي. انهيءَ ڪري ئي ماحول ۾ ماحوليات، (Environment) ۽ Ecology تي ساري دنيا ۾ ڏڍا ڏڍ مضمون اچي رهيا آهن، جن ۾ ان ڳڻ جو اظهار ڪيو ويجي ٿو تہ ايئن نہ ٿئي تہ انسان، پنهنجي هَوس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي اجاري داريءَ سبب ڪڏهن ڏڪار جي اوڙاهہ ۾ ڌڪجي وڃي ۽ مورڳو دنيا کي تباهہ ڪري ڇڏي.

ويجهي ڇڪ ۾ اوسلو (Oslo) ناروي ۾ نفرت تي هڪ انٽرراشٽريہ ڪانفرنس ٿي هئي. ڪوشش اها ڪئي وئي هئي تہ اتي ڪرشمي ساز ۽ عقلمند شخصيتن کي آندو وڃي ۽ انهن کي روشنيءَ ۾ تي ڏينهن فوڪس ڪيو وڃي ۽ اونداهيءَ جي قوتن کي پٺ تي ڌڪيو وڃي. انهن ماڻهن ۾ چيڪو سلوواڪيا جو هاڻوڪو صدر وئڪلاف هئول (Vaclof Havel) بہ هيو جو هڪ سٺو ڊراما نويس بہ آهي. سائوٿ آفريقا جو نيلسن منڊيلا بہ هو ڪجهہ سال اڳ وارو آمريڪا جو صدر جمي ڪارٽر ۽ فرانس جو صدر فرانسوا متران بہ موجود هئا. جڳ مشهور ليکڪ (گنٽر گراس Gunter Grass) ۽ نادينگور ڊمر (Nodine Gordimar) بہ اُتي موجود هئا تہ چين جا چائي لنگ (Chai Ling) ۽ لي ليئو (Li Liue) بہ هئا، جن ڪجهہ مهينا اڳ بيجنگ جي تاءِ نان مين اسڪوائر ۾ لوڪ شاهيءَ لاءِ هل چل جي اڳواڻي ڪئي هئي. اهي سڀئي ۽ وسمئہ ۾ وجهندڙ ڪيترائي نوبل انعام کٽندڙ پروفيسر، ريڪٽر، مهاپرش ۽ سنت ڪٺا ڪيا ويا هئا. ان ميڙ ۾ ان ڳالهہ تي حيرت جو اظهار ڪيو ويو تہ ستن Deadly sins ۾ نفرت شامل ڇو نہ آهي ۽ پراڻو عهدنامو (Old Testamount) ايتريءَ نفرت سان ڀريل ڇو آهي! ڪانفرنس ۾ نيلسن منڊيلا جي ڪوئلي جهڙن وارن (Charcoal

(hair جي چوڌاري ٽيلي وين جي روشني (Nimbus of television light) پئجي رهي هئي، ڪيترو نه سَنو هو هُن! مان ستاويهه سال ٻاهرين ۽ اندرين جيل ۾ رهيو آهيان. هو ستاويهه سال فقط اندرين جيل ۾ رهيو هو پر به هو شانت هيو ۽ سيني ڪان وڏيڪ. دل جي پرپور همت سان اؤ سان اڪنا ڪيو وينو هو Self Possessed هو. ماڻهو هن ڪي ڏسي سوچن پيا ته جيل ۾ سانده ستاويهه سال رهڻ ڪان پوءِ به ڪوئي ايترو سانت رهي سگهي ٿو؟ آمريڪا مان نڪرندڙ رسالي ٽائيم جي رپورٽر لکيو آهي ته هن جرمن ناول نويس گنٽر گراس جي نازي جرمنيءَ ۾ اُپاريل ڏڪار ۽ هنسا تي تقرير ٻڌي، وئڪلاف هئول ڏانهن منهن ڦيرايو جو هن کي ڪوئي بن جو پراڻي (Wood land creature)* تي لڳو. جمي ڪارٽر ۾ ساڪيات مذرتا (Likable sweetness) هئي، جا تيج وان پئي لڳي، جيتوڻيڪ هو چيڙهالو ماڻهو آهي. سڀ ان ڳالهه تي ويچار ڏئي رهيا هئا ته ڏڪار ڇا آهي؟ ڇا ڏڪار هڪ ڪارو سج آهي (Black Sun)، جيئن هڪ ليکڪ چيو آهي، پر اهو ڪاري سورج جو تصور جڻ نفرت کي وڌيڪ آبرو ڏئي رهيو هو. ڪنهن ڏڪار کي "White Whale" (اڇي ويسر) سان تشبيهه ڏني. تشبيهون ڪهڙيون به هجن، نفرت تي بحث ڏاڍو مشڪل آهي، ڇو ته نفرت هڪ اسرار به آهي ۽ ڪم فهمي به آهي. مون پنهنجي ڪتاب "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" ۾ لکيو هيو ته:

اٿاهه اڌما ڏڪار ۾ ها، ڏڪار جا پيار جي سکي آ،
سوين امر گيت آدميءَ جا، نه چانڊنيءَ ۾ نه پيار ۾ ها.

ان شعر ۾ به مون اُن ڏڪار جي ڳالهه ڪئي هئي، جا پيار جي سکي آ. ان ڪري ڏڪار يا ته ايتري ڳوڙهي ٿئي ٿي، جو سمجهه ڪان متاهين ٿئي ٿي، جنهن جي ڇيد ۾ سڦلتا نه آهي، جيئن ڪلپنا دت جي ڪتاب "چاٽگام جا انقلابي" ۾ نه آهي، يا ته اها بنهه بي سمجهيءَ جو ڪارڻ ٿئي ٿي. جيئن تازو پاڪستان ۾ ٽيل دهشتگرديءَ ڪنهن

---

* جهنگل جو ساهوارو

ڪاري خمار جو تصور پئي اُڀاريو جنهن جي اُڪت موت سان ساز باز هئي. آسلو ڪانفرنس ۾ ڪوي ۽ ليڪ، جي آتم وادي (Subjectivists) هئا، سي ڏڪار جي جڙ ماڻهوءَ جي من ۾ ڳولي رهيا هئا ۽ جي باهر وادي (Objectivists) هئا، يعني اقتصاديات (Economics) جا ڄاڻو هئا. يا تاريخ دان هئا يا قانون سان واسطو رکندڙ هئا. انهن اهڙا خيال هوائي سمجهي رد ڪري ڇڏيا ۽ ڏڪار جو سبب انسان جي اردگرد ۾ ڏيکاريو ۽ ان وايو منڊل کي ڪوٺيو جنهن ۾ ماڻهوءَ جي آجيو ڪا هئي. جان ڪينٿ (John Kenith Gatbraith) چيو تہ: 'Hard visible circumstances define reality' يعني تہ ڪنن پڌريون حالتون حقيقت جي شرح ڪن ٿيون. ايلينا (Elena Bonner) جا جڳ مشهور آندي سخاروف جي وڏوا آهي، ان چيو:

'Moral concepts are lovely but key is governing these things by Law.'

يعني! اخلاقي خيال تہ پيارا آهن، پر هر ڳالهہ جي ڪنجي اها آهي تہ قانون سان حڪمراني ڪيئن ڪجي.

وئڪلاف هئول، چيڪو سلواڪيا جي صدر تہ تقرير ئي ايئن شروع ڪئي تہ هن کي نفرت لاءِ دل ۾ جڳهہ ئي ڪانہ آهي، جيئن مان چوان تہ مون وٽ نفرت لاءِ دل ۾ ڪا جڳهہ ئي نہ آهي. ڏڪار ۽ پيار ۾، خاص ڪري اتيت آتمڪ پيار ۾، گهڻو ڪجهہ هڪ جهڙو آهي. مثال طور پيار ۾، ٻئي ڪنهن تي دل ۽ نظر جو ڪيپي وڃڻ، ۽ پنهنجي سڃاڻپ کي ان سان واڳي ڇڏڻ جو عنصر موجود آهي. اهڙيءَ طرح ڏڪاريندڙ بہ پنهنجي مراد لاءِ سدائين سيڏائيندو آهي، ان سان واڳيل هوندو آهي ۽ هن جو هر ڪرم انهيءَ اونداهيءَ ڏڪار مان اُپرندو آهي. ڏڪار ڪريل فرشتي (Fallen agnel) جي صفت آهي. اها روح جي اها ڪيفيت آهي، جنهن ۾ انسان خدا ٿيڻ چاهيندو آهي، پر انت جڏهن خدا تي ويچاريندو آهي تہ ان نتيجي تي پهچندو آهي تہ نفرت خدا نہ آهي. محبت خدا آهي. علامتي ڏڪار سان پريل انسان کي هڪ گنڀير

منهن هوندو آهي. هو غصو ڪندو آهي ۽ جلدبازي ڏيکاريندو آهي. ٻاڙا ٻول ٻوليندو آهي، چيخ پڪار ڪندو آهي، هن لاءِ پاڻ مان ٻاهر نڪرڻ دشوار هوندو آهي ۽ هو پنهنجو مورڪ پٽو ڏسي نہ سگهندو آهي. ڏڪار تي ان ڪانفرنس جي ڪارروائي پڙهي، مان ان نتيجي تي پهتس تہ ان ۾ بحث جو موضوع نہ رڳو ڏڪار هئي، پر آئيندي لاءِ اميد بہ هئي ۽ اميد ۾ اهو انيو هوندو آهي تہ جيون ۽ ان جي ڪاريہ ڪي معنيٰ آهي. مون کي ايئن لڳو تہ هن نئيي ڪنڊ ۾ بہ ڏڪار ڪم فهميءَ جي نشاني آهي. ۽ آئيندي لاءِ اُميد جي معنيٰ آهي. مون کي ايئن لڳو تہ شاهہ، سچل ۽ سامي بہ ساڳي ڳالهہ چوندا آهن ۽ انهن کي بہ اهڙي تاريخ ورثي ۾ ملي هئي، جنهن انهن ۾ ساڳيا جذبا اڀاريا هئا، جن جو اظهار اوسلو ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو هو. ڇا شاهہ لطيف جي دور کان اڳ سنڌ جي دشمن شاهہ بيگ ارغون، مخدوم بلاول تي ڪفر جو الزام ڏئي، هن کي گهاڻي ۾ نہ پيڙايو هو؟ ڇا جهوڪ واري شاهہ عنايت کي ان ڪري شهيد نہ ڪيو ويو جو هن انسان جي انسان سان محبت ۽ هڪجهڙائي جو نعرو تي هنيو؟ اها تاريخ ئي تہ انهن سِٽن جي رچنا جو سبب هئي:

جهجان پسيو جهوڪ آيل سنگهارن ريءَ

يا

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرين کي.

تاريخ جا ڪيترا نہ اونداها دور ڏٺا هئا شاهہ، سچل ۽ سامي؟ نادرشاهہ جي حملي وقت شاهہ جي عمر پنجاهہ ورهيہ هئي. سچل يارنهن ورهين جو هو ۽ سامي ڏهن ورهين جو هو. نادر شاهہ ،مياں نور محمد ڪلهوڙي جو وڏو پٽ محمد مراد ياب ۽ بہ ٻيائر يرغمال طور (Hostages) ڪري وٺي ويو هو. جڏهن 1747ع ۾ نادر شاهہ قتل ڪيو ويو، تڏهن ٻن سالن کان پوءِ نور محمد جا پٽ ۽ ٻيائر سنڌ موٽيا. ان وقت سچل ۽ سامي ويهن ۽ اُٺويهن ورهين جا هئا ۽ جڏهن سنڌ جو ولي عهد، محمد مراد ياب سنڌ واپس آيو تڏهن شاهہ لطيف جي عمر 62 ورهيہ

هئي ۽ ان کان هڪ سال پوءِ هو گذاري ويو. ان ساري دور ۾ نہ رڳو سنڌ ۾ ڏارين لاءِ ڏڪار هئي ۽ انهن جي خلاف جدوجهد هئي، پر ڪنهن حدتائين سنڌ ۾ هڪ ٻئي لاءِ مذهب جي نالي ۾ ڏڪار هئي ۽ جي اها ڏڪار نہ هجي ها تہ اڳتي هلي تالپر دور ۾ نائون مل نہ پيدا ٿئي ها. مان تالپر دور کي سنڌ جي نيم آزاديءَ جي دور ۾ شامل ٿوڪريان. ان کان سواءِ بہ سنڌ ست سؤ سال آزاد رهي هئي. سومرا، سما، ڪلهوڙا، آزاد حڪمران هئا ۽ سنڌي هئا. سنڌ هڪ State هئي. اهي حاڪم بہ عوام ۾ اها محبت پيدا ڪري نہ سگهيا هئا، جا دين ڌرم جا ويچا واري چڏيندي آهي، پر ڪلهوڙا دور ۾ ان کان پوءِ جا شاعر هڪ "Siesmograph" يعني زلزلي ماپ جي اوزار وانگرڏوڏا محسوس ڪري رهيا هئا. اهي پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي اها محبت پکيڙي رهيا هئا، جا هڪ قوم جي فردن کي پنهنجي قوميت جو شعور ڏيندي آهي. پشڪن لاءِ ڪنهن چيو هو تہ هو هر زار کان وڏو آهي. ايئن شاهہ لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو تہ هو سنڌ جي ڪنهن بہ بادشاهہ کان وڏو آهي.

اها محبت اوهان کي پريم مارگ تحريڪ جي بانيءَ گور ڪناٿ، رامانند، رامانج، ڪبير نانڪ ۽ ميران تائين ملندي، پر ايتري رچي ريٽي ٿيل نہ ملندي، جيتري شاهہ، سچل ۽ ساميءَ ۾ ملي ٿي. دراصل اها هڪ ٻئي سان محبت ۽ امن جي ڪيفيت هنن کي سنڌ جي ورثي مان ملي هئي. صدين جي ورثي مان ساڍا ٽي هزار سال بي. سيءَ (3500 B.C)کان اناويهہ سؤ بي سي (2800 B.C)تائين، اسان وٽ جنگ وجدل جو ڪوئي نشان نہ آهي. آريہ جڏهن يورپ مان ايران ڏانهن آيا، تڏهن جنگ ۾ رڌل رهيا. سنڌ ۾ پهريان 50 سال سو امن سان رهيا، جنهن وقت نہ هنن ۾ Caste System هئي نہ هنن کي راجا جو تصور هو نہ فوج هئي. مذهب جو بہ ڪوئي واضح تصور نہ ٿو ملي. فقط City states ٿيون ملن. اهو پيار، امن ۽ اپٽي جو دور هو. خوشحاليءَ جو دور هو. 350 B.C ۾ نہ رڳو اسان ڪپهہ پوکيندا هئاسين، پر آڏاٽو بہ اسان جي ايجاد هو. آڏاٽو جا هڪ مشين هئي، جنهن تي ڪپڙو ناهيو

ويندو هو ۽ فخر سان مصر ۾ بادشاهن جون مميون سنڌ جي ڪپڙي ۾ ويڙهيندا هئا. سڪندر اعظم هتان جي ڪپهه ڏسي حيران ٿي ويو هو ۽ ان کي Vegetable wool چيو هيائين ۽ هتان هاري يونان ڏانهن ڪپهه جي پوک لاءِ موڪليا هيائين. بئنرجي ۽ جان مارشل موهن جي دڙي جو فقط هڪ ٿهه کوٽيو هو جي موهن جي دڙي جي وڏيڪ کوٽائي ڪئي وڃي ۽ ان مان نڪتل مهرن تي لکيل لکت پڙهي وڃي ته اسان جي تهذيب عراق جي تهذيب کان به وڏيڪ قديم ثابت ٿيندي ۽ اسان جي قوم دنيا جي پهرين مهذب ترين (Most Civilized) قوم ليکي ويندي. پڏمت هتي پروان چڙهي ۽ ان کان پوءِ سنڌ ۾ هندومت امن ۽ پيار آندو. نهروءَ "Discovery of India" ۾ لکيو آهي ته فرانس ۾ آندري مالرو جڏهن هن سان مليو ته هن کان پهريون سوال اهو ڪيائين ته "نهرو! اهو ڪيئن ٿيو ته پڏمت پارت مان چين، جپان وغيره ملڪن ڏانهن وڃي نڪتو ۽ رت جي ڦڙي وهائڻ کان سواءِ، هتي هندومت ڇانئجي وئي؟" نهروءَ جواب ڏنو ته "اهائي ته اسان جي ڌرم جي خوبي آهي ته اها ست نچوڙي، باقي ڦوڳ اُڇلائي ڇڏيندي آهي." مون کي "Discovery of India" پڙهي چاليهارو سال ٿيا، پر مان پاڻيان ته ان ۾ ڪم آندل لفظ لڳ ڀڳ ساڳيا هئا.

اوهان ته ڄاڻو ٿا ته هندستان ۾ ذهني انقلاب لاءِ وڏي ۾ وڏي ڪوشش ابوالفضل ۽ فيضيءَ ڪئي هئي، جي سيوهڻ جا سنڌي هئا ۽ اتفاق سان ٻنهي جي پيءُ جو نالو شيخ مبارڪ هو، جو منهنجو ڄم جو نالو آهي.

مون کي احساس آهي ته مون شاهه، سچل ۽ ساميءَ تي گهٽ ڳالهايو آهي، پر سنڌ تي وڌيڪ ڳالهايو چڱو ته شاهه، سچل ۽ سامي سنڌ جو روح هئا. ۽ پيار، محبت ۽ امن جو شاعريءَ ۾ اهو پيغام هئا، جو سنڌ جي تاريخ اسان کي ڏنو آهي. اهو پيغام اسان جي رڳ رڳ ۾ رچيل آهي ۽ اوهان سنڌ مان، پاڻ سان کڻي آيا آهيو. اهوئي پيغام هو جنهن مون کان 1965ع واري جنگ جي مخالفت ڪرائي هئي ۽ مون اهو نظم لکيو هو:

هي سنگرام
سامهون آ نارائڻ شيام!

ساميءَ جو گهر تہ شڪارپور ۾ منهنجي اباڻي گهر کان سڏ پنڌ تي آهي ۽ مون ڪيئي نوان سلوڪ سامي جي نالي لکيا آهن مون ايئن سمجهيو آهي تہ سامي مون ۾ ائين آهي، جيئن سنڌ جي مٽي، مون ۾ آهي. اهو ساميءَ جو گهر، شاهہ ۽ سچل جو روضو سنڌ جي مٽي، سنڌ جو پاڻي، اُتر جون لڪون ۽ لاڙ جون هوائون اوهان کي اجا تائين ياد ڪن ٿيون. ڀارت جي ڪنهن بہ شاعر پنهنجي مٽيءَ سان محبت ۽ قومپرستيءَ جي اهڙي ثابتي نہ ڏني آهي، جهڙي سچو اهو چئي ڏني آهي:

ديس سچل دا شهر درازا، مڪا نا ملتان.

شاهہ لطيف کي دنيا جي جاگرافيءَ جي پوري خبر تہ شايد نہ هئي ۽ نہ اهڙي خبر اُن دور ۾ ڪنهن کي ٿي سگهي ٿي، پر هن کي اها خبر تہ ضرور هئي تہ هن نئيڻي ڪنڌ جو دارومدار چوماسي تي آهي، ۽ برسات جي ضرورت سنڌ کي سيني کان وڌيڪ آهي. تڏهن هن اها سٽ چئي هئي ”اندر جنين اُڃ، پاڻي اُڃيو تن کي،“ جيئن روميءَ چيو آهي:

تشنگان گر آب جويند درجهان،
آب مي جويد بہ عالم تشنہ گان.

(يعني تہ نہ رڳو اُڃايل پاڻيءَ جي ڳولا ۾ سرگردان هوندا آهن، پر پاڻي بہ اڃايلن کي ڳوليندو وتندو آهي.)

مان شاهہ جي ٻڌل سُڌل جاگرافيءَ جي چاڻ واريون سٽون ڪٽي، اوهان کي فقط هن جون اهي سٽون ٻڌايان ٿو جي هن نئيڻي ڪنڌ لاءِ لکيون هيون، جن جو سير سفر ڪنهن حد تائين هن ڪيو هو ۽ اُهي آهن:

وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڏار،
ڪي دهليءَ، ڪي دکن، ڪي گُڙن مٿي گرنار،
ڪن جنبي جسلمير تان، ڏنا بيڪا نير بڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀڄائيو ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪنهين اچي عمرڪوٽ تي، وسايا ولهار.

سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست، تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!

اها آهي سنڌ جي آسيس، عالم سڀ آباد ڪرين. اها آهي اسان جي پراچين سڀيتا جي پڪار، جا اڄ تائين گونجي ٿي ۽ جڏهن ڇئي ٿي ته نفرت نفرت کي جنم ڏئي ٿي. اسان نفرت مان نتا ڄاڻون، اسان ننهن کان چوٽيءَ تائين محبت آهيون. اسان سيما جي هُن پار آهيون، يا سيما جي هن پار، هر اهو ساهوارو اسان جو پياءُ آهي، جنهن کي اسان انسان چئون ٿا. مان پنهنجو شعر ورلي ڪنهن تقرير ۾ ڏيندو آهيان، پر هتي پنهنجون ٻه سٽون پڙهڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان.

اسان سنڌ وارن ازل کان 'اياز'
ڪنهين لاءِ مندي سمائي نه من.

اهو آهي اڄ تائين انهيءَ مٽيءَ جو پيغام، جنهن شاه، سچل ۽ ساميءَ جهڙا عظيم شاعر پيدا ڪيا آهن جن جي نالن کان دنيا ۾ ٿورا واقف آهن. پر جن جهڙي امن ۽ پيار جي پيغام سان اڄوڪي دنيا گونجي رهي آهي. انگريز شاعر وليم بليڪ (William Blake)، جو خود شاه، سچل ۽ ساميءَ جي طبيعت وارو وحدت الوجودي يا ويدانتي شاعر هو ان جو چوڻ هو ته ڪلاڪارن يا ڪوين کي "Divine Vision " يعني ايشوري درشتي يا رحماني مشاهدو مليل آهي، ۽ اهي Eternal Momemt ۾ گهارن ٿا. انادي پل ۾ يا ادبي لمحي ۾ گهارن ٿا. چو ته ان وقت ئي شاعر جو ڪاريه پورو ٿئي ٿو ۽ وقت جا سارا وڏا واقعا شروع ٿين ٿا يا تصور ۾ اچي سگهن ٿا. فقط هڪ پل ۾، دل جي هڪ دڪ دڪ ۾.... اهو پل جڏهن پره، پارون ٿي اچي ۽ ان جون سڱنڊون ڦهلجي وڃن ٿيون، هڪ پهاڙي جهرڻي وانگر آهن. جو صاف سنگ مرمر جي ڏارا مان وهي نڪري ٿو ۽ ان کي شاعر جا ابدي مشاهدا اتساهن ٿا.

اها ڳالهه هر دور ۾ مڃي وئي آهي، غالب چيو هو ته:

آتي هين غيب سي يه مضامين خيال ۾
غالب صرير خامه نوائي سروش هي.

اردوءَ ۾ خامہ قلم کي چوندا آهن ۽ سروش جبريل يا انهيءَ فرشتي کي چوندا آهن، جو پيغام پهچائيندو آهي. يعني اي غالب! هي مضمون غيب مان خيال ۾ اچن ٿا. ڪاغذ تي قلم جو آواز جڻ فرشتي جو سڏ آهي.

مان اڳئين پيري جڏهن لنڊن ۾ ٿيمز ندي جي ڪناري تي ويٺو هوس تہ T.S Eliot جون هي سٽون منهنجي ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳيون هيون:

Under Brown fog of a winter dawn,

A crowd flowed over London Bridge,

I had not throught death had undone so many

(مايا روپي شهر،
سياري جي ناسي ڌنڌ ۾،
هڪ انبوهہ لنڊن جي پل تان وڃي رهيو آهي، ڪيترا نہ ماڻهو آهن.
مون کي سڌ نہ هئي تہ موت ايترن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي.)

اهڙيون سٽون هڪ ٽُڪ بند لکي نہ سگهندو آهي، اهڙيون سٽون الهام وانگر اينديون آهن. ايئن ماسڪو ۾ مون کي مائڪو فسڪيءَ جا شعر ياد آيا هئا ۽ استنبول ۾ ناظم حڪمت جا. انهن شاعرن جا سياسي نظريا الڳ هئا، پر انهن ۾ هڪ شيءِ ساڳي هئي. انهن اهي شعر انهيءَ انادي پل ۾ رچيا هئا، جڏهن وقت بيهجي وڃي ٿو جڏهن اهڙي ڪائي شڪتي هنن جي مُٺ ۾ اچي وڃي ٿي، جا هن سنسار کي هلائي رهي آهي. هو خلقڻهار آهن ۽ خدا وانگر پنهنجي دنيا خلقڻ چاهن ٿا. دنيا، جا خدا جي دنيا کان وڌيڪ پائيدار آهي. هزارين سال ٿي ويا آهن، پر هيلن هومر جي شاعريءَ ۾ زنده آهي، شڪنتلا ۽ اُروشي، ڪاليداس جي ڪويتا ۾ امرتا پائي چڪيون آهن. شاهہ ۾ تہ اوهان کي مومل، سسئي، ليلا، ڪوئنرو سهڻي، مارئي ۽ موکي متارا، جيئرا جاڳندا نظر اچن ٿا ۽ ساميءَ ۾ بہ ساڳيا اوڏوت، ساڳيا ڪاپڙي نظر اچن ٿا. جن ڪام ترشنا کي تياڳي ۽ هن سنسار کي تڇ سمجهي ريتي ڇڏيو هو ۽ جن جو پڙلاءُ اڄ بہ انسان ۾ آهي، ۽ سچل

انهيءَ سچ جو ڳولائو هو جنهن دين ڌرم جي اُپاريل ڏڪار کي ريتي، ڏنڌ ۾ سچ جو سچ اُپاريو هو. انهيءَ شاعريءَ ۾ متيءَ جي اها مهڪ هئي، جا اوهان سان اڄ به ساٿ آهي اهو سنڌوءَ جو پاڻي، جنهن توهان ۽ اسان جي سرير کي متيءَ سان ملي ڻاهيو هو. اها هوا، جنهن ۾ سنڌ جون صدين جون آتمائون ڦرنديون وتن ٿيون. اهي پکهر ڦڙا ۽ رت ريلا جي توهان ۽ اسان ۾ ساڳيا آهن ۽ جن سنڌي سماج جي اڏاوت ڪئي هئي، اهي سڀ ڳالهيون شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شاعري ۾ سمايل آهن. اسان شاهه ۽ سچل کي ساميءَ کان ڪڏهن به ڌار نه سمجهيو آهي، ڇو ته سامي به سنڌ جون صديون آهي، جي ويدڪ دور کان به ڪيترو وقت اڳي جون آهن .اهي چينتائون، اهي چتنائون جي ساميءَ جي ڪويتا ۾ آهن، اهي سنڌي سڀيتا جو اتوٽ حصو آهن. اسان انهن کي اوپريون نٿا سمجهون، توڙي اوهان هتان جي ڌرتي اپنائي آهي. اوهان مان ويجهي چڪ ۾ جيڪي به سنڌ ڏسي آيا آهن، اهي ڄاڻن ٿا ته اسان جي نئين نسل کي شاهه، سچل ۽ ساميءَ سان ڪيترو نه پيار آهي. انهن کي پنهنجي ڌرتي ۽ سڀيتا ڪيتري نه پياري آهي ۽ ان جي آئيندي جو ڪيترو نه اونو آهي! مون دنيا جا سڀ شاعر لڳ ڀڳ پڙهيا آهن. پر مان پانيان ٿو ته منهنجي ديس جي ڪويتا نهايت اوچي آهي ۽ دنيا جي ڪنهن به ڪويتا سان پيٽي سگهجي ٿي. ڪيئي سال اڳ جڏهن مون شاهه جي پوري رسالي جو اردو نظم ۾ ترجمو ڪيو هو ته ان تي مهاڳ لکڻ کان اڳ مون ڊاڪٽر سورلي جو هڪ ڪتاب آمريڪا مان گهرائي پڙهيو هو ان ڪتاب جو نالو " Musa Pravagens " هو. اهي لفظ انگريزيءَ جا نه آهن ۽ مان پانيان ٿو ته انهن جي معني (Tribute to the Muse) آهي. ان ڪتاب ۾ هن دنيا جي ڪيترن ئي ڪلاسيڪي شاعرن جا ترجما ڏنا آهن. انهن ۾ لئٽن ۽ گريڪ شاعر به شامل آهن، جرمن شاعر به آهن، عرب ۽ ايراني به آهن. اردوءَ جو علامه اقبال به شامل آهي ته سنڌيءَ جو شاهه لطيف به. ڊاڪٽر سورلي وڏو Linguist هو ۽ هن اها شاعري اصل ۾ پڙهي هئي ۽ ڪتاب ۾ هڪ پاسي کان اصل

شعر ڏنو اٿائين. ۽ ٻئي پاسي کان ان جو انگريزي ترجمو ڏنو اٿائين. مهاڳ ۾ لکيو اٿائين تہ انهيءَ مجموعي ۾ شامل ڪيل شاعرن ۾ شاهہ لطيف سڀني کان وڏو آهي.

منهنجا پيارا ۽ پينرون! اوهان جتي بہ هجو، خوش هجو. اها سپيتا، جا اوهان اسان وٽ پنتي ڇڏي، يا اوهان پاڻ سان هتي آندي آهي، اها املهہ آهي. اسان تي سنڌ جي ڌرتي جي اٽمٽ ڇاپ آهي، ان اهو پيار جو سنديش ڏنو آهي، جنهن جي ڳولا ۾ هيءَ ڌڪار سان ڀريل دنيا اڄ بہ هٿوراڙيون هڻي رهي آهي. اڄ بہ ساري دنيا جڙ ڌڪار جي گهيري ۾ آهي اڄ تائين يهودي مئيدانڪ ۽ آوشوتس واريون ڪئمپون وساري نہ سگهيا آهن، جتي نازي جرمنيءَ ۾ لکين يهودي گئس چئمبر ۾ ماريا ويا هئا ۽ توڙي نيورمبرڪ وارا مقدما ختم ٿي چڪا آهن ۽ ان جو پويون قيدي هرمن هيس چاليهہ سال قيد ڪاٽي مري چڪو آهي ۽ جينوٽيڪ اولهہ ۽ اوڀر جرمني هڪ ٿي ويا آهن ۽ جرمني نيٽو جو ميمبر آهي، تڏهن بہ نفرت جا شعلا مڪمل طور اجا اُجهاميا نہ آهن ۽ انسان انسان کي معاف نہ ڪيو آهي ان ڪري ئي ڪجهہ مهينا اڳي اوسلو ۾ اها ڪانفرنس ٿي، جنهن جي مون اڳ ڳالهہ ڪئي آهي.

لينن گراڊ ۾ منهنجي هڪ پاڪستاني همسفر* مون کي ٻڌايو هو تہ هن کان گرداس پور جا واقعا اڃان وسريا نہ آهن ۽ هوءَ اهو وساري نہ سگهي آهي تہ انسان بنيادي طرح ظالم ۽ وحشي آهي ۽ هن کي ٻگهڙ جا ننهن ڏبا تہ هو تنهنجون اکيون ڪڍي وجهندو. ان تي مون هن کي چيو هو تہ ورهاڱي وقت سيئي وحشي ٿي پيا هئا ۽ ان ڪري ان دور ۾ ڪرشن چندر پنهنجي ڪتاب جو نالو ئي ”هم وحشي هين“ رکيو هو. پوءِ بہ ورهاڱي وقت تون سنڌي قوم سان وحشت يا درندگيءَ جا واقعا منسوب نہ ڪري سگهندينءَ. جن جي ڪري اسان کي شرمندگيءَ سان ڪنڌ جهڪائڻو پوي. هاڻي تہ دنيا کي ڀرپور احساس ٿيو آهي تہ انسان

* بانو قدسيہ

پنهنجا مسئلا پيار سان ئي حل ڪري سگهي ٿو ۽ نفرت ڪنهن به مسئلي جو حل نہ آهي حافظ چيو آهي:

فنا پذير بو دهر بناک مي بني،
بجز بناءِ محبت کہ خالي از خلل است،

يعني تہ هر بنياد فنا ٿي ويڃڻو آهي.
سواءِ ان بنياد جي جو خلل کان خالي آهي.

آخر اسان ڪيسين، اٽيلا، هٽلر، اسٽالن ۽ خميني پيدا ڪندا رهنداسين ۽ نيٺ تہ دنيا ۾ پيار جا پيغمبر پيدا ٿيندا ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڏڪار ختم ٿي ويندي!

ساميءَ جي هيءَ سٽ ڪيتري وقت کان منهنجي دماغ ۾ ڦرندي رهي آهي ۽ اهڙي سٽ ورلي ڪنهن شاعر لکي آهي:

سڪڻ سڳر ٿوڪ، لڪڻ تنهن کان اڳرو.

ڇا اسان رڳو سڪندا رهنداسين ۽ لڪندا رهنداسين؟ مان ان ڏينهن جي انتظار ۾ آهيان تہ ڪڏهن ٿو ڪوئي اچي جنهن سان چپ عيسيٰ وانگر ٻرندڙ ٽانڊن سان پاڪ ڪيا ويندا ۽ هو سچو سچ چئي ڏيندو؟

في الحال مان هيءَ تقرير "سر ساموندي" مان ڪجھ بيتن سان ختم ڪريان ٿو:

مون اُيي تڙ پاس، پرين پڳھ ڇوڙيا،
هو الله آهار اوهريا، آنءُ دم دم دعا ڪندياس،
آس نہ لاهيندياس، موٽي ايندا مون ڳري،

مون اُيي تڙ وٽ، پرين پڳھ ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ ئي گهٽ، نہ تہ سڄڻ سباجها گهڻو

(نوٽ: اوسلو ڪانفرنس جي باري ۾ مواد آمريڪي رسالي "ٽائيم" تان ورتل آهي.)

# 28 فيبروري تي حيدرآباد ۾ ٿيل سنڌياڻي تحريڪ جي مشاعري ۾ ڪيل صدارتي تقرير

محترم رسول بخش پليجو سنڌياڻي تحريڪ جون ڀينرون ۽ ٻيا حاضرين!

مان مشاعري جو شاعر نہ آهيان ۽ جيستائين ڪنهن مشاعري جي، اڄوڪي مشاعري وانگر، مقصديت نہ هوندي آهي، ان ۾ شريڪ نہ ٿيندو آهيان. اڳي سنڌ ۾، سانگي ۽ گدا کان وٺي خليل ۽ واصف تائين جي مشاعرا ٿيا. انهن ۾ فقط قافيہ پيمائي ڪئي ويندي هئي ۽ سا بہ بقول مولانا گرامي، مير ۽ مومن کان وٺي داغ دهلوي ۽ امير مينائيءَ جا اردو ديوان ڏسي، انهن جي غزلن مان قافيا اُتاري، اردو غزل جي تشبيهہ ۽ استعاري جي مٿي پليٽ ڪئي ويندي هئي. اهي گل ۽ بلبل جي ڳالهين ڳائڻ وارا شاعر، جن کي نہ دنيا جي شعر و ادب جي ڄاڻ هئي نہ اها خبر هئي تہ انهن جي چوڌاري ڇا وهي واپري رهيو آهي، ون يونٽ جا ادبي ٽوڏيون ٽنيا ٿي بيٺا ۽ جڏهن اُنهن سنڌ جي آزادي پسند شاعريءَ جي ڀرپور مخالفت ڪئي، تڏهن رسول بخش پليجي پنهنجو شاهڪار ڪتاب ”انڌا اونڌا ويڄ“ لکي، اُنهيءَ جي بي معنيٰ شاعريءَ جي قلعي کولي وڌي ۽ ان جي نظرياتي ڍؤنگ کي ڍاهي ڍير ڪري وڌو. اڄ واري مشاعري کي اوهان قومي مشاعرو چيو آهي ۽ چڱو جو اوهان ايئن چيو آهي، ڇو تہ اوهان لاءِ قوميت جي ڀرپور احساس ۽ انهيءَ شعور جي ضرورت آهي، جو اوهان کي پنهنجي تقدير جي توڙ تائين پهچائيندو. پليجي صاحب اوهان کي بار بار ڀٽائيءَ جا بيت ٻڌائي

اُتساهہ ڏياريو آهي، ڇو تہ پتائي سنڌ جو ماضي ۽ مستقبل بہ آهي ۽ اوهان جي حال جو آئينو بہ آهي.

سنڌ جي جديد شاعريءَ پنهنجي ماضيءَ سان نہ رڳو ٻي دنيا جي جديد شاعريءَ وانگر رشتو منقطع نہ ڪيو آهي، پر ان کي صدين جي ادبي حاصلات سان بہ جوڙيو آهي ۽ دنيا جي جديد ادب سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي، پنهنجي لاءِ ايئن راهہ هموار ڪئي آهي، جيئن ٿين دنيا جا ٻيا ديس ڪري رهيا آهن.

مان تازو ڀارت مان موٽيو آهيان ۽ اُتان جي ٻولين ۾ فرقن خاص ڪري امبيڊڪر جي ٻوڌلڳن جي دلت ساهت جو مون چڱيءَ طرح پرجهيو ۽ پروڙيو آهي. مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ سنڌي شاعري ڀارت جي ڪنهن بہ پرانت جي شاعريءَ کان پٺ تي نہ آهي، بلڪ ڪافي اڳيرو آهي. پاڪستان ۾ تہ سنڌي شاعريءَ جي افضليت اڳي ئي تسليم ٿي چڪي آهي ۽ فيض جهڙي شاعر ان جو اعتراف ڪيو آهي. اوهان جا نوجوان شاعر هن وقت جيڪي لکي رهيا آهن، اهو اڳتي هلي، سنڌ جي تهذيب ۾ چوٽي ڦل وانگر نظر ايندو.

هن وقت گهڻيءَ ڀيٽ پرائيءَ ڪري، آمريڪا ۽ يورپ ۾ شاعريءَ لاءِ اُهو اتساهہ نہ رهيو آهي، جو والٽ وٽمئن، مائڪو فڪسي ۽ لوئي آراگون واري زماني ۾ هو. اڄڪلهہ ٽين دنيا جي شاعري پڙهندڙن کي وڌيڪ متاثر ڪري رهي آهي. شاعري هرويرو سماجي مسئلن جي حل جو ذريعو نہ آهي، پر جيستائين ڪنهن ديس جو وجود ئي خطري ۾ آهي، اُها پاڻ کي اُنهن مسئلن کان پاسي نہ ٿي رکي سگهي. بمبئيءَ ۾ منهنجي دوست گني سامتاڻيءَ مون کان پڇيو هو تہ جڏهن اهي سماجي مسئلا حل ٿي ويندا، جن تنهنجي شاعريءَ کي الجهائي رکيو آهي تہ پوءِ تنهنجي شاعريءَ جو ڇا ٿيندو؟ مون هن کي چيو هو تہ منهنجا هم وطن اهو سوال تہ پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ بہ نہ ٿا پڇن تہ جي اسان نہ بچياسين، تہ پوءِ سنڌ آزاد ٿي تہ ڇا، نہ ٿي تہ بہ ڇا! دراصل جي سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي تہ ان جي ٻوليءَ جو وجود خطري ۾ آهي ۽ جي ڪنهن وقت سنڌي ٻولي ئي نہ رهي، تہ منهنجي سنڌيءَ شاعريءَ جي

اهميت ڪھڙي رهندي. مون مشهور ڪھاڻي نويس لعل پشپ کي بہ ساڳي سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ جي سو سالن گذرڻ کان پوءِ ڪنهن بہ شاعر جون سؤ سٽون امر سمجهيون وڃن تہ هو عظيم آهي ۽ اوهان کي وليم شيڪسپيئر ۾ بہ اهڙيون سؤ سٽون ئي نہ ملنديون جيئن اسان جي شاهہ لطيف ڀٽائيءَ ۾ موجود آهن جي اسان جي روح ۾ اڄ بہ ايئن ولوڙا وجهي رهيون آهن، جيئن چاڏين ۾ مانڌاڻيون وجهنديون آهن. موجوده سماج سان واڳجي، شاعري پيغمبري نہ رهندي، اها ڳالهہ مان مسترد ڪيان ٿو.

مون کي تہ پاڪستان جي هر صوبي لاءِ بنيادي حل اهو ٿو نظر اچي. جيڪڏهن پنجاب انگريز سامراج جي مسلط ڪيل تهذيبيءَ غلاميءَ مان نجات حاصل ڪري ۽ ان چڪر مان ٻاهر اچي، جنهن ۾ اڃا تائين هو هٿوراڙيون هڻي رهيو آهي تہ هو پنهنجو تشخص پائي سگهندو جو هو اڄ وڃائي ويٺو آهي، ۽ پاڪستان جا چارئي صوبا بخوبيءَ هڪ ٻئي جي ويجهو اچي، هن اتر اولهہ برصغير جي جمهوريت صحيح معنيٰ ۾ هلائي سگهندا.

مزاحمتي شاعري (Poetry of Resistence) جي تيستائين اهميت آهي، جيستائين ظلم آهي. نازيءَ جرمنيءَ ۽ فرانس جي والار جي لوئي آراگون، آندري بريتون (Andre Breton) ۽ پال الووار جهڙيون سٺن شاعرن مخالفت ڪئي هئي، ڇو تہ ان دور جي نجات نازي جرمنيءَ جي خاتمي ۾ هئي، انهن ۾ لوئي آراگون ڪميونسٽ هو ۽ آندري بريتون ۽ پال الووار سرريل (Surreal) شاعر ها ۽ ماورائي حقيقت پسنديءَ کي فن جو سرچشمو سمجهندا ها. سوچ جي بنيادي اختلاف جي باوجود هو اهو سمجهن پيا تہ هٽلر جو مين ڪئمپ (Main Campf) ۽ ان جي زير اثر تصنيفون ۽ خيال انسان کي اونداهيءَ ڏانهن ڌڪي رهيا ها ۽ تهذيب جي اُها مشعل وسائي رهيا ها، جا سقراط کان وٺي برگسان تائين ٻاري وئي هئي. ان دور ۾ لکيل هسپانوي شاعر البرٽيءَ جو هي نظم ڪھڙو نہ اتساهيندڙ هو "اف! اسان هن ڪاريءَ رات کي پاسيرو ڪري نہ ٿا سگهون! هي سڀ سال خوف ۽ هراس جو ڳنڍ آهن. جنهن

ڪي ٿوڙي اسان انهيءَ روشنيءَ کي اجاگر ڪريون، جا اسان ڄاڻون ٿا ته موجود آهي ۽ ڄاڻ جو اسان اهو ڄاڻون ٿا. اسان اڳتي وڌون، گيت ڳائيندا وڃون، موت تائين.“

منهنجا دوست، جيڪي ترهو رڳو ٽانگهي ۾ ٽاٽي ٻڌن ٿا ۽ جن جي نظر اونهي جي انت تي نه ٿي وڃي، ڪڏهن منهنجيءَ انهيءَ شاعريءَ تي حيران آهن، جا ٿوري وقت لاءِ ڌرتيءَ کي ڇڏي، آڪاس سان اوري ٿي. منهنجو هنن کي اهو جواب آهي ته اهڙي شاعري منهنجي عمر جي تقاضا آهي، جا سرحد تي پهچي چڪي آهي ۽ اڳتي ڏنڊ ۾ گهوري ڏسي ٿي. پر ان جي باوجود منهنجي پوئين دور جي شاعريءَ جو به ڪافي حصو هن ڌرتيءَ ۽ ديس جي دک درد سان واڳيل آهي ۽ ان کي ٿي اوليت ڏئي رهي آهي اها ٻي ڳالهه آهي هت هن عمر ۾ مون کي اڳتي جي اون لازمي آهي، اوهان جي جواني ته پنهنجي جدوجهد ۾ مصروف آهي ۽ هن پيٽ بکئي جڪڙيل جنهنجوڙيل ديس جو آئيندو اوهان کي ئي اُجارڻو آهي.

اوهان پٺ ڏٺيءَ کي ئي ڏسو جو هن ديس جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. هن جي ڪجهه سٽن ۾ ئي خاص سنڌ جو نالو آيل آهي. جن مان:

”سائين! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار.

۽ صديون ٿيون آهن ته اُها سٽ اسان تي مينهن جي ڏار وانگر وسندي رهي آهي اوهان کي اهو نه وسارڻ گهرجي ته پڪاسو جي ڪيوبزم ۽ سرريلزم سوويٽ روس لاءِ دٻي ۾ ٺڪريون هئي، پر هن جي تصوير ”امن جي فاخته“ انسان ذات لاءِ بين الاقوامي سمبل ٿي چڪي آهي، جنهن کي روس به پنهنجي پروگرامن ۾ ڪم آندو آهي.

مون اصل موضوع کان هٽي، هيءَ ڳالهه ان لاءِ ڪئي ته اوهان پلي فن کي سنڌ لاءِ ڪم آڻيو جيستائين ان کي ان جي ضرورت آهي، پر اهو نه وساريو ته فنڪار خدا جي عجيب خلقت آهي، روبات نه آهن، ڪنهن گسيل پٽيل رڪارڊ وانگر ساڳو گيت نه ڳائيندا آهن، پر انهن کي پنهنجي تخليقي انفراديت به آهي، جنهن جو احترام واجب آهي، ڇو ته هو اوهان کي ڪجهه ڏين ئي ٿا، اوهان کان ڪجهه گهرن ته نه ٿا.

ها، انهن مان اوهان اها جائز توقع رکي سگهون ٿا تہ هو اوهان جو قلمي ساٿ ڏين. پر جي وڏيڪ صليب گهلي هنن جا ڪلها ڏکندا هجن، تہ انهن جي عمر ۾ عرصہ دراز جي اذيت کي خيال ۾ رکو ۽ ان جي توقع نہ رکو تہ هو بہ اوهان سان ڪڙين ۽ ڪوٺن ۾ حصيدار ٿين. ايئن برابر آهي تہ هر خوف جو ڦڙو فلسفي جي ڪوڙين ڪتابن کان ڳرو آهي، پر ساڳئي وقت اها بہ حقيقت آهي تہ هڪ عارفانہ نظر هزارين مشعلون ٻاري ٿي، جنهن سان رستا جڳ مڳ ٿي وڃن ٿا، جن ۾ اهي رت ڦڙا اڪيچار سجن وانگر چمڪن ٿا.

منهنجون ڀينرون! منهنجو اوهان کي اهو پيغام آهي تہ اوهان جيڪي سنڌ کي مارئيءَ سان تشبيهہ ڏيو ٿيون، اهو نہ وساريو تہ اُها پنهنجي گهڙي سان کوهہ تي واپس نہ پهتي آهي ۽ جيئن اکيون مٿي کڻي ڏسي ٿي، ڪوٽ جو ديوارون اڳي کان اوچيون ٿينديون وڃن ٿيون، حد نگاهہ تائين.

پر اهو بہ ڄاڻي ڇڏيو تہ دنيا ۾ جبر کي پائندگي نہ آهي. دنيا ڦري رهي آهي، ۽ ويجهي مستقبل ۾ گهڻو ڦري ويندي ۽ اسان بہ ان جي اثر کان پري نہ آهيون.

ڀٽائيءَ جي سٽ منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهي آهي:

تون جا پانئي اَڇ، تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا.

ان سٽ کي صديون ٿي ويون، پر اُها اڄا تائين ايئن اڇي اُجري آهي، جيئن پنهنجي تخليق وقت هئي. سچي شاعريءَ کي جهريون نہ پونديون آهن ۽ صديون ان جي معصوميت کي برقرار رکنديون آهن. پر اهڙي شاعريءَ لاءِ Laser beam جهڙيون نظرون گهرجن، جي مستقبل ۾ پيهي وڃن، جا هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

مان هن صدارت کي پنهنجي عزت افزائي سمجهان ٿو ۽ ان لاءِ اوهان جو ٿورائتو آهيان. دراصل هيءَ گڏجاڻي مشاعرو گهٽ آهي، ۽ ساڳي انهيءَ مقصد لاءِ ميڙ آهي، جو نثر ۾ اظهار کان پوءِ نظم ۾ پنهنجو اظهار ڪري رهيو آهي.

# خاڪو ۽ مهاڳ

# محمد عثمان ڏيپلائي منهنجو محسن

(محمد عثمان ڏيپلائي تي لکيل خاڪو جو 1990ع جي سهڻي رسالي ۾ ڇپيو.)

نه ڄاڻان ته ڏيپلائيءَ جو نالو ٻڌي مون کي ڇو. اين. لائيءَ جو نالو ڇو ياد ايندو آهي! شايد انهيءَ ڪري، جو ٻنهي نالن جو پويون اڌ ساڳيو آهي. يا انهيءَ ڪري جو ڏيپلائيءَ جو طنز ۽ مزاح ۾ چيني طنز مزاح جي خوشبوءِ آهي، جا 3ڪان 6 صدي قبل از مسيح تائين جهوني آهي ۽ جنهن جو اظهار ڪهاڻين ۽ تمثيلن ذريعي ٿيل آهي.

ڪنفيوشس يونان ۾ سقراط جي جنم کان ڏهاڪو سال اڳ، سن 551 قبل از مسيح ۾ ڄائو هو ۽ ان ۾ به ساڳيو مزاح ٿو ملي، جو يوناني- رومي روايت (Greco Roman Tradition) ۾ پوءِ پيدا ٿيو ڪنفيوشس ان جو حصو آهي، جنهن ۾ ڏيپلائي صاحب جي دور وانگر، ڪافي مونجهارو اڻ ٻڌت ۽ تانگهه هئي. مون کي ڏيپلائي صاحب جي چهري تي لڙيل مُڇون ڏسي، ڪنفيوشس جي ياد ايندي آهي... ۽ ڏيپلائي صاحب جو طنز ۽ مزاح وري ڪنفيوشس کان اڳ ۽ هن کان پوءِ واري چيني طنز ۽ مزاح جي ياد ڏياريندو آهي، جنهن ۾ اديب، لطيفا ٻڌائي، انهن سان پنهنجي وروڌي ڌر کي ٺهه ڪري ڪيرائيندا هئا، ۽ انهن ۾ پنهنجا متا چڱيءَ طرح سمجهائي سگهندا هئا يا جن سان هو پنهنجي بيان کان ٻاهر ۽ باطني سچ به چُٺي سگهندا هئا.

ست واري ڏهاڪي ۾ جڏهن سنڌي روزاني اخبار "مهراڻ" جو ايڊيٽر سردار علي شاهه منهنجي ۽ مون سان گڏ سنڌ جي ترقي پسند

ادب جي خلاف، اسلام ۽ ديني حميت ۽ غيرت جي نالي ۾ ڪات ڪھاڙا کنيا ھئا، ۽ روز اداريہ لکندو ھو ۽ ڪالم لکارائيندو ۽ پنھنجي اخبار ۾ شايع ڪندو ھو. تڏھن حيدرآباد ۾ منھنجي ملاقات ڏيپلائي صاحب سان، جويي صاحب جي معرفت ٿي ھئي. ان پھريئن ملاقات ۾ ئي مون کي ھن مان رفاقت جو احساس ٿيو ھو ۽ ھن سان عقيدت ۽ محبت ٿي ويئي ھئي. پوءِ حيدرآباد ۾ ھن سان اڪثر ھر انھيءَ ادبي نشست ۾ ملاقات ٿيندي ھئي، جنھن جي صدارت لاءِ مون کي گھرايو ويندو ھو. ان دور ۾ ڪنھن دعوت تي يا رتز يا فاران ھوٽل ۾ منھنجي رھائش وقت ملاقات ٿي ويندي ھئي ۽ ھن جي محبت جو فيض حاصل ٿيندو ھو.

جويي صاحب ڏيپلائي صاحب تي ھڪ مضمون ”محمد عثمان ڏيپلائي، اسان جو بزرگ ساٿي“ ۾ لکيو آھي:

”ڳالھ مان ڳالھ ڪيڻ ڪو ڪانئن سکي. ٻئي جي ڳالھ ٻڌندي ٻڌندي، ڪين اھڙي ڪا نئين، تز ۽ تکي ڳالھ ياد اچي ويئي تہ... بس ڪجھ کنگھڪار، ڪجھ نڙيءَ جي صفائي ۽ ڪجھ ٿھڪ ٻڌبو ۽ ڏيپلائي صاحب جي اصلي سون جھڙي صاف ۽ املھ ڪا ڳالھ. ڪو ٽوٽڪو ۽ ڪو نئون نقل نذير شروع ٿي ويندو... رڳو تھن ڏينھن آءٌ ۽ ڏيپلائي اڪيلا وينا ھئياسين تہ ڪنھن ريت ڪو گدڙ جو نقل ڇڙي پيو پوءِ تہ ڏيپلائي صاحب گدڙ جا ايترا نقل ۽ ٽوٽڪا ٻڌايا، جو دل ۾ آيم تہ ڪنھن تازه دم نئين ٿھيءَ جي ليکڪ کي چوان تہ ھڪڙي ڪنھن وڏي ڪتاب جي ترتيب ھٿ ۾ کڻي، جيڪا سنڌ سماج جي لوڪ ـ ڏاھپ، جيڪا ايئن گدڙ کي لوڪ ـ ڪردار ٺاھي، بيان ڪئي ويئي آھي، اھا ان ۾ جمع ٿئي ۽ ھميشہ لاءِ محفوظ ڪئي وڃي.“

ڏيپلائي صاحب جي مزاج ۾ جيڪو سنجيدگيءَ جو پھلو ھو سو نھايت اھم ۽ قابل غور آھي. ھڪ چيني لطيفو آھي ”لو“ (ھاٽي چين جو شندانگ ضلعو) جي سرزمين تي ھڪ ماڻھو شھر جي دروازي مان لنگھي رھيو ھو. ان وقت ھن کي ھڪ سنھي ڪاني ھٿ ۾ ھئي، جي

اها هٿ ۾ اُيي ٿي ڪنيائين ته ايتري لنبي هئي، جو دروازي مان نه ٿي لنگهي سگهي، جي اُها سنئين ٿي ڪنيائين ته دروازي جي سوڙهائيءَ سبب اها اُتان وڃي نه ٿي سگهي. هن کي ڪو طريقو نظر نه ٿي آيو. ڪنهن بزرگ کيس چيو ته ”مان ڪو ايڏو وڏو ڏاهو ته نه آهيان، پر مون پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪيئي ڳالهيون ڏٺيون آهن. ڇا تون پنهنجي لٺ کي ٻه اڌ ڪري، انهيءَ دروازي، مان لنگهي نه ٿو سگهين؟“ اهو ماڻهو انهيءَ صلاح تي لڳو ۽ پنهنجي ڪانيءَ کي وچ مان ٻه ٽڪر ڪيائين.

ان ريت، ڏيپلائي صاحب ٻه جڏهن ڪنهن وڏيري، پير، مير، مُلي مشائخ کي ڪاني ڪندو هو ته هن جي لٺ جا ٻه ٽڪر هوندا هئا. طنز ۽ مزاح مان هو هڪ ٽڪر جو ڪم وٺندو هو ته سنجيدگيءَ مان ٻئي ٽڪر جو. ”اکين جو عيوض“ هن جي اهڙي خوبصورت ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ طنز ۽ مزاح ۽ سنجيدگيءَ جو پهلو ٻه شامل آهي. هڪ طرف ڏنيئر (سوئر) مرشد تي طنز آهي ۽ ٻئي طرف مريدن سانوريءَ ۽ ڪمال جا ڪردار اهڙي ڪمال، اهڙي همدرديءَ سان چٽيا اٿائين، جو نه رڳو دل پرجي اچي ٿي، ۽ هن سماج جي سفاڪيءَ لاءِ نفرت از خود پڙڪي اٿي ٿي ۽ ان جي مظلوم عوام لاءِ همدرديءَ جو جذبو جاڳي پوي ٿو پر ڏيپلائيءَ جي فن ۽ شخصيت لاءِ دل ۾ احترام جو جذبو ٻه اڀريو اچي.

فاصلي جي ڪري هن سان منهنجيون ايتريون ملاقاتون ته ڪونه ٿيون هيون، پر هڪ واقعو نهايت وضاحت سان ياد اچي ٿو. اونهاري جي مند هئي ۽ شام جو وڳڙو وڄڻ وارو هئس ته ڏيپلائي صاحب مون وٽ سڪر اچي نڪتو. حال احوال کان پوءِ هن مون کي ٻڌايو ته هن هڪ ڪتاب ”بقول اياز“ شايع ڪرايو هو جنهن جون ڪجهه ڪاپيون هو مون لاءِ کڻي آيو هو. اهو چئي هن ڪتاب جي هڪ ڪاپي مون کي ڏني. مون پڙهي ڏٺو مهاڳ کان اڳ منهنجو سارو غزل ”هيءَ سين نه ڏيندي چٽن“ ڏنل هو ۽ ان کان پوءِ مهاڳ جو عنوان هو ”سبب هن جهيڙي جو...؟“ مون مهاڳ ڏيپلائي صاحب جي موجودگيءَ ۾ پڙهيو جنهن ۾ منهنجي حمايت ۾ ٻئي مواد سان گڏ هيٺيون لطيفو ٻه هو:

ڳالھ تا ڪن تہ ڪنھن زماني ۾ ڪتي ڪو هڪڙو شخص هو جو اهڙا تہ عجيب غريب شعبدا ڏيکاريندو هو جو ترت ئي جاهل عوام کي پڪ ٿي ويئي تہ هن جي هٿ ۾ جن آهن، ۽ انهيءَ ڪري ڪيس سڏيندا ئي هئا "فلاڻو خان جِنائي" هن لاءِ مشهور هو تہ جنن جي وسيلي هرڪو ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ هوا، باهہ ۽ پاڻي هن جي وس ۾ آهن. وغيره وغيره.

هڪ پيري اُتي ڪٿي ڪو ميلو ٿي رهيو هو ۽ سڀ خلق اوڏانهن وڃي رهي هئي. ميلو هڪڙي شاهي ميدان تي ٿيڻو هو ۽ ٻين رستن کان سواءِ هڪ پيراڳو پڻ هو جو ان ميدان ڏانهن وڃي رهيو هو. ان پيراڳي جي پاسي کان هڪ درويش فقيراڻن ڪپڙن ۾ ويٺو هو ۽ سندس ٻڌڙي اڳيان پيئي هئي، جا پيراڳي مٿان اچي ويئي هئي. جيڪو بہ ماڻهو اتان ٿي لنگهيو، تنهن کي وڪ بہ پاسو ڪري لنگهڻو ٿي پيو. ڇو تہ ميدان ڪليل هو ڪا رڪاوٽ ڪانہ هئي ۽ ائين ٿيندي ٻڌڙي جي پرسان پيراڳي جو وڪڙ بہ ظاهر ٿيندو پئي ويو.

ڪنهن مهل "فلاڻو خان جنائي" بہ وڏي طمطراق سان پري کان ايندو ڏسڻ ۾ آيو: مُڇون وڏيون، پيٽ نڪتل، ٻت ٿلهو وڏيءَ آڪڙ سان ٻانهون لوڏيندو پيراڳي تان هلندو پئي آيو. درويش کي هڪل ڪندي چيائين، "اڙي هٽاءِ ٻڌڙي!"

درويش ڏاڍي نرم آواز سان چيو "بابا! ميدان گهڻو پيو آهي، جيئن ٻيا پيا لنگهن، تيئن تون بہ لنگهي وڃ!" پر درويش کي ڪهڙي خبر تہ جنائي خان، جنائي خان هو. هو ٻين وانگر هرگز نہ ٿي لنگهي سگهيو! سو جنائي خان هڪدم دهمان ڪيو: "اڙي هٽاءِ ٻڌڙي نہ تہ..."

"نہ تہ ڇا...؟" درويش اکيون مٿي کڻي سنجيدگيءَ سان پڇيو: "نہ تہ؟... نہ تہ هٽائنس تو ٽڏو...! ڏيکندي ويندي" جنائي خان تيس مار خان ٻڻجي، شهپرن کي هٿ هڻي، وڏي غرور سان چيو.

"توکان جي هٽي سگهي تہ هٽائينس!" درويش سندس ٽنگن ۾ نظر کپائيندي چيو.

جنائي خان تيئن آڪڙ ۾ اچي ويو. پر جنائي خان جي تنگ زمين ۾ ايئن ونجي ويئي، جڻ ڪنهن ميخون هٽي ڇڏيون هجنس. هاڻي ٽڏو هٽي، سو ڪيئن هٽي! بس جنائي خان ڪي بنهه چڙ اچي ويئي، سو ڪيسي مان ڪجهه مٺهن جا داڻا ڪڍي مٿن ڪجهه پڙهي ڪٽي مٿي اڇلايائين! پوءِ ته ماڻهن ڏٺو ته هڪ زبردست واچوڙو اُٿيو آهي، جو وڏندو درويش ۽ سندس بدڙيءَ ڏانهن ڪاهيندو پيو اچي. پر جڏهن واچوڙو وڏي بدڙيءَ تائين پهتو ته ڳالهه ٿي ٻي! بدڙي جي چوڌاري ٻه چار چڪر ڪاٽي، ايئن هليو ويو جڻ هوئي ڪونه، ۽ هيڏانهن بدڙي ساڳي هنڌ رهي!

خلق جو ٻڌو ته جنائي خان جو هڪ درويش سان مقابلو ٿي رهيو آهي، سو ميلو ٻيلو اتي ٿي رهيو. هشام ماڻهن جا اچي سندن چوڌاري گڏ ٿيا. هاڻي جنائي خان جي وات ۾ گجي اچي ويئي... هن وري به ڪيسي مان ڪا شيءِ ڪڍي، پڙهي اُڇلائي ته باهه جا زبردست شعلا پيدا ٿيا. ماڻهو ڊپ ڪان هٽي ويا. باهه وڌندي ويئي، پر بدڙيءَ جي ويجهو اچي وسامي ويئي!

وات مان ڦٽنگون ڪڍيندي، جنائي خان زور سان ڪو اسم پڙهيو ۽ وري به ڪا چيز اُڇلايائين... ماڻهن ڏٺو ته وڏي پاڻيءَ جي اُٿل آهي، جيڪا گجگوڙون ڪندي اچي رهي آهي ۽ فقير ۽ بدڙي ته ڇا، سموريءَ خلق کي لوڙهي ويندي! پر هيءَ آفت جهڙي اُٿل به فقير ۽ بدڙيءَ وٽان موجون هڻندي، ٻن شاخن ۾ ٿي اڳتي وڌي ويئي ۽ غائب ٿي ويئي!

ڪافي دير تائين برابر جنائي خان ايئن گوڙ ڪندو، گجي وهائيندو، ڪرشما ڪندو رهيو. پر بدڙي ته ذرو به ڪانه هٽي.

هاڻي فقير جلال ۾ اچي اکيون مٿي ڪنيون ۽ جنائي خان جي اکين سان اکيون ملائي چيائين:

"حيرت آهي- اهڙو ماڻهو اڃان چريو نه ٿو ٿئي!"

هن جو ايترو چوڻ ۽ جنائي خان جون اکيون ٽڙڻ: شهپر هيٺ ٿي

ويا، بت لرزي ويو هٿ بي اختيار گريبان تائين پهتا... ڏسو تہ ڪپڙا پيو قاڙي، وار پيو پٽي: مطلب تہ جنائي خان سچ پچ چريو ٿي پيو.

مون مٿيون لطيفو ساري جو سارو ان ڪري ڏنو آهي، ڇو تہ لطيفي ۾ ان سان گڏ مهاڳ واري حصي مان واضح آهي تہ ڏيپلائي صاحب جي ظرافت نہ امير حمزه جي داستان واري طفلانہ ظرافت آهي ۽ نہ ئي اردوءَ جي مزاحيہ غزل وانگر واهيات آهي. پر ان ۾ شيخ سعديءَ واري بذلہ سنجي ۽ لطافت آهي. باقي سارو مهاڳ پڙهندڙ پاڻ پڙهي ڏسندو تہ هن ڪي محسوس ٿيندو تہ ڏيپلائيءَ ۾ نہ رڳو لطافت آهي، پر پاڪيزگي، همداني، همہ بيني ۽ همہ رنگي پڻ آهي. سردار علي شاهہ سنڌ جو سئيوونيرولا (Savonarola) هو ۽ هن ڪي هن جي حلقي ڪي اهڙو جواب، جهڙو ڏيپلائي صاحب "بقول اياز" جي مهاڳ ۾ ڏنو آهي، اهڙو موثر جواب ان دور ۾ فقط رسول بخش پليجي "انڌا اونڌا ويج" ۽ مولانا گراميءَ "مشرقي شاعريءَ جا قدر رجحانات" ۾ ڏنو هو. جيتوڻيڪ طنز ۽ مزاح ۾ ڏيپلائي صاحب پنهنجو مثال پاڻ هو. سئوونيرولا هڪ Dominican راهب هو، جو 1452ع ۾ ڄائو ۽ 1498ع ۾ مري ويو. هو فلارينس ۾ فني آزاديءَ جي خلاف وعظ ڪندو هو ۽ نہ رڳو مغربي نشاط ثانيہ (Renaissance) واري ساري فڪر جي اپار جو وڏو مخالف هو پر مخالفن خلاف ديني عدالتون (Inquisitions) قائم ڪرائي، انهن ڪي جيئرو جلائيندو هو. هو مشهور مصور ليوناردو ڊاونسيءَ جو بہ دشمن هو. نيٺ هن پوپ اليگزينڊر 6 ڪي ڏاڍو ڪاوڙايو ۽ جيئرو جلايو ويو.

جنرل ضياءَ جي دور ۾ مون ڪي ڏيپلائي صاحب جي پيشگوئي پوري ٿيندي نظر آئي هئي. حيدرآباد ۾ سردار علي شاهہ جنرل ضياءَ ڪي منهنجي خلاف وڏي دانهن ڏني ۽ ٿي. وي ٿي هو هوبهو جنائي خان وانگر ڳالهائي رهيو هو. مون ان وقت ربانيءَ ڪي چيو هو تہ "هن جو بلڊپريشر ايترو تہ وڌي ويو آهي، جو مون ڪي هن جو انت ويجهو نظر اچي رهيو آهي!" ان تي ربانيءَ چيو: "ڪيئن ڇئجي اجان تہ هو ڏندنائي رهيو آهي!" ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سردار علي شاهہ گذاري ويو هو.

ون يونٽ واري دور ۾ مان سکر ۾ رهندو هئس ۽ ڏيپلائي صاحب سان ملاقات گھٽو ڪري تڏهن ٿيندي هئي، جڏهن وئڪيشن ۾ مان حيدرآباد ويندو هئس يا سنڌ ۾ ڪٿي جلسي جي صدارت ڪندو هئس. هڪ ڀيري مان حيدرآباد ۾ فاران هوٽل ۾ ترسيل هوس، ته رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻيءَ ٻيڙين تي ماتليءَ هلڻ لاءِ دعوت ڏني، جو سندس ڳوٺ هو. رئيس سان اڪثر محترم جي. ايم. سيد جي جاءِ تي منهنجي ملاقات ٿيندي هئي. رئيس پنهنجي دور جو يادگار هو ۽ هن جي تصنيف "ڪيئي ڪتاب" ڪافي دلچسپيءَ سان پڙهي ويئي (ان وقت منهنجن ڪن دوستن رئيس کي منهنجي خلاف بدظن ڪيو هو. چو ته هو مون کي وائيس چانسلر جي عهدي تي برداشت نه ڪري سگھندا هئا.)

رئيس پاڻ به چڱو ڳائيندو هو ۽ ڳائڻ وقت دف نهايت پياري انداز ۾ هلائيندو هو. هڪ ٻيڙيءَ ۾ ته رئيس جا همنوا، طبلچي، نوڪر چاڪر هئا ۽ ٻيءَ ۾ رئيس، مان، ڏيپلائي، جويو رباني، رشيد ۽ ڪجھ ٻيا دوست هئاسين. ڏيپلائي صاحب منهنجي قريب ويٺو هو ۽ مون سان گفتگو ڪري رهيو هو. ٿوري وقت کان پوءِ سج ڦليليءَ ۾ ٻڏڻ لڳو ۽ پاڻيءَ تي شفق جا رنگ لهرائڻ لڳا. رئيس مون کي جام پري ڏنو ته ڏيپلائيءَ مون کي منهنجو غزل "هيءَ سئن نه ڏيندي چئين" تحت اللفظ پڙهي ٻڌايو ۽ چيو ته "اياز جڏهن کان تو اهو غزل ڀريون ڀيرو جشن روح رهاڻ ۾ بسنت هال ۾ پڙهيو هو تڏهن کان ان جون سٽون منهنجي اندر ۾ گونجنديون رهنديون آهن. تنهنجو انهيءَ غزل جي باري ۾ رايو ڇا آهي؟" مون گلاس مان ڍڪ ڀري چيو: "مان ماپ کي ترجيح ٿو ڏيان!"

ان تي ڏيپلائي صاحب چيو: "ڪهڙي ماپ؟ ايتري ۾ ته ٺي ونجي ويو آهين ڇا؟"

مون جوب ڏنو: "ڏيپلائي صاحب! مان ونجي نه ويو آهيان، تنهنجي سوال جو جواب ڏيئي رهيو آهيان. هڪ لطيفو آهي: "هڪ ماڻهوءَ کي

جُتي خريد ڪرڻي هئي، سو پنهنجي پيرن کي ڏاڍي سان ماپي ڏنائين. جڏهن بازار ۾ جُتين جي دڪان تي ويو تڏهن هن کي اوچتو خيال آيو تہ اهو ماپ وارو ڌاڳو تہ هو گهر وساري آيو هو. هن کي ان وقت دڪاندار جا ڏيکاريل جتين جا پادر هٿ ۾ ئي هئا تہ چيائين تہ "مان پنهنجي ماپ گهر وساري آيو آهيان." پوءِ پادر ڦٽي ڪري، انهيءَ ماپ جي ڌاڳي کڻي اچڻ لاءِ تڙتڪڙ ۾ گهر موٽي ويو. جڏهن گهران ٿي بازار موٽيو تہ دڪان بند ٿي چڪا هئا. دڪاندار جيڪو دڪان کي قلف ڏيئي وڃي رهيو هو، تنهن هن کي ڏسي چيو: "تو پيرن ۾ جتي پائي چو نہ ڏٺي، تہ پوري آهي يا نہ؟ ماپ جي ڌاڳي لاءِ گهر موٽي چو وئين؟" ماڻهوءَ وراڻيو تہ "موٽي ان لاءِ ويس، جو مون کي پاڻ کان وڌيڪ ماپ تي اعتبار هوا!"

ڏيپلائي مُرڪيو ۽ مون کي ڳچيءَ ۾ ٻانهن کڻي وڌائين. "ڏاهري رنگ محل" جي مصنف جو "راجا ڏاهر" تي نظم لکڻ واري شاعر جي ڳچيءَ ۾ اهو هار مان کي سدائين ياد رهندو!

ٿوريءَ دير ۾ مون کي چيائين تہ "لطيفا تہ مون کي ايترا ايندا آهن، جو مان توکي ٻڌايان تہ ساري رات گذري وڃي تہ بہ نہ کٽن. تون ايئن ٿو سمجهين چا تہ مون کي شاعريءَ جي پرک نہ آهي؟ مون کي ڪوئي شعر ٻڌاءِ."

مون هن کي صراحي ڏيئي چيو:

"بريز اي پير ميخانہ مئتلخم بہ پيمانہ
کہ من در وضح مستانہ بي شيرين سخن درام."

(اي ميخاني جا بزرگ، پيماني ۾ تلخ شراب وجهہ، چو تہ مون وٽ مستانيءَ وضع جا ڪيئي شيرين سُخن آهن.)

ان وقت سج قليليءَ ۾ صفا ٻڏي ويو هو ۽ اسان سيئي رباعيات عمر خيام تي ڪنهن نڪتل تصوير وانگر لڳي رهيا هياسون.

ڪجهہ وقت کان پوءِ بيڙي ماتليءَ پهتي. رئيس جو راڳ شروع ٿيو. ڪتين ڪر موڙيا. پر اجا رئيس نظاماڻي دف تي ڳائيندو رهيو ۽ هن جا ساٿي ڪيس سر وٺائيندا رهيا. پنهنجي عادت موجب رئيس

جڏهن ڏيپلائي صاحب جي پرسان دف زور سان وڄائي، گهنگهرن جي گهڻ گهڻ ڪئي تہ ڏيپلائي صاحب ڇرڪ ڀريو ۽ مون کي منڇر مٿان بندوق جي نڪاوَ تي آڙيون اُڏامنديون نظر آيون.

جنهن وقت ڏيپلائي صاحب جو فرزند محمد علي مون وٽ آيو ۽ مون کي چيائين تہ مان هن کي ڏيپلائيءَ تي ڪجهہ لکي ڏيان، تہ منهنجي لائبريريءَ ۾ ڏيپلائي صاحب جا فقط ٻہ ڪتاب هئا. هڪ ”بقول اياز“ ۽ ٻيو هن جو طويل ناول ”سانگهڙ“ سندس لکيل ڏيڍ سؤ کن ڪتابن مان سندس خاندان وٽ بہ چاليهارو کن ڪتاب مس هئا. وٽن. ”بقول اياز“ جي ڪاپي بہ ڪانہ هئي. جا مون محمد عليءَ کي خوشيءَ سان ڏني ۽ هن کي همٿايو تہ هو سارو ذخيرو ڪٺو ڪري ڇپائي. في الحال هن مون کي ٻہ ڪتاب ڏيپلائي صاحب جا ۽ ٻہ ڪتاب هن تي لکيل ڏنا، جن جون هن وٽ هڪ ڪان وڌيڪ ڪاپيون هيون. انهن ۾ ڏيپلائي صاحب جا ناٽڪ بہ هيا ۽ اهڙا مضمون بہ هيا، جن مان مون ڪجهہ ٽڪرا مٿي ڏنا آهن. ناٽڪ پڙهي مان انهيءَ نتيجي تي پهتس تہ ڏيپلائي صاحب تي پنهنجي دور جي اردو ادب جو ڪافي اثر هو. هن جا ڪجهہ ڊراما، آغا حشر جي ڊرامن وانگر ٿا لڳن. جيتوڻيڪ انهن ۾ بہ هن جي پنهنجي انفراديت آهي ۽ هن جا موضوع الڳ آهن. هن جا سڀ ڪتاب هجن تہ اندازو لڳائي سگهجي تہ هن تي ابوالڪلام آزاد ۽ ”الهلال“ محمد علي جوهر ۽ ”همدرد“، مولانا ظفر علي خان ۽ ”زميندار“ اڪبر الهہ آبادي، شبلي نعماني، عبدالمجيد سالڪ، چراغ حسن حسرت وغيره جو ڪيترو اثر ٿيو آهي. بهر صورت سنڌ جو ماحول ۽ ان جا مسئلا، هن جي تحرير ۾ اوليت رکن ٿا. ڏيپلائي پاڪستان کان اڳ ۽ پاڪستان کان پوءِ مسلم سنڌي ادب جو ٻئرومئٽر آهي. جويو ۽ مان تہ ٻي مٿيءَ مان نهيا هئاسين.

هن وقت منهنجي ميز تي هڪ ڪتاب ”ڏيپلائي سنڌ جو ڪهنہ مشق صحافي“ پيو آهي. ڪڇي جلد تي ڏيپلائي صاحب جي تصوير آهي ۽ ان جي هيٺان منهنجو شعر آهي:

”آ ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه مٺيا،
پر مون ڪي اهڙا مڙس وٺيا،
جي سارو جڳ جرڪائي ويا،
پر پنهنجو پاڻ پلائي ويا!“

اهو ڪتاب نور محمد عباسيءَ ترتيب ڏنو آهي ۽ ان جي پيشڪش بہ هن ئي ڪئي آهي. مان هن سان متفق آهيان تہ منهنجو مٿيون شعر ڏيپلائي صاحب جي شخصيت جي عڪاسي ڪري ٿو. ڏيپلائي منهنجو محسن هو ۽ مون ڪي ان وقت ڪم آيو جنهن وقت ڪيئي ”جنائي خان“ سنڌ ۾ مون سان وڙهي رهيا هئا ۽ پنهنجي هر توٽي ڦيٽي سان مون کي هيسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا!

جن پاسو ورتو ڪوڙ ڪنان،
سي مڙس نہ ويندا مُور منان!
جن واڪي واڪي وس ڪيا،
جي سارو سچ بڏائي ويا!

# مهاڳ

(ڀارت جي سنڌي شاعر نند جويري جي ڪتاب ”چؤ واٽي“ تي ڊسمبر 1990ع ۾ لکيل مهاڳ)

انسان هُوءَ ته ازلي جلاوطن آهي پر جڏهن پنهنجي ڌرتيءَ تان به جلاوطن ٿئي ٿو ته جدائي هن لاءِ وڌيڪ اسهه ٿي پوي ٿي، هو پنهنجون جڙون ڳولڻ ۽ پنهنجي تشخص (Identity) لاءِ بي چين رهي ٿو. نند جويريءَ جي هن مجموعي ۾ اهي ٻئي ڪيفيتون ملن ٿيون. هن جو فلسفي وارو ”مان“ پنهنجي اصليت جي تلاش ۾ آهي، جنهن کي هو ”نج“ ڪوٺي ٿو.

”شروعات ۾ مان نه پاڪ هوس
نه ئي ناپاڪ هوس
مان نج هوس.“

اهو نج ڪنهن مابعدالطبيعاتي حقيقت (Metaphysical reality) وانگر ڏنڌ ۾ ويڙهيل آهي جنهن جي پٺيان آپار مايا سمنڊ وانگر آهي، جنهن تي ڪنهن وقت گهٽائن مان ويندڙ چنڊ جا پاڇاوان پون ٿا ۽ ڪجهه ڏنڌليون بيٺاريون نظر اچن ٿيون ۽ جڏهن چنڊ گهٽائن ۾ ڇپي وڃي ٿو ته اُهي غائب ٿي وڃن ٿيون. پنهنجي ڌرتيءَ تي رهي به اهو سوال ته ”آءٌ“ ڇا آهيان ۽ منهنجو انت ڇا آهي؟ ماڻهوءَ جي روح کي سدائين بي چين ڪندو رهندو ۽ ورلي به ماڻهو انهيءَ سوال جو جواب ساڃيو ڏيندا. پر جڏهن انسان پنهنجي ڌرتيءَ تان ڏڪاڻجي وڃي ٿو ته ان سوال جي نه رڳو معنيٰ بدلجي وڃي ٿي پر ان جي اهميت به وڌي

وجي ٿي. نازي جرمنيءَ مان فرائڊ، ٿامس ۽ ٻيا ليکڪ جلاوطن ٿي، انهيءَ پوئين سوال جي جواب ۾ سرگردان رهيا هئا. روسي اديب نبوڪوف، جيڪو مشهور ناول ”لوليتا“ جو مصنف هو اهو به پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ ان سوال کان پريشان آهي. اربندو گهوش وانگر ان سوال جي تلاش برابر ڏکي آهي، پر سباش چندر بوس کي ان سوال جي جواب لاءِ جيون جي بازي لڳائڻي پئي ۽ آزاد هند فوج ٺاهيائين. پهريون سوال انسان جي من کي ڪنهن نه ڪنهن وقت ڏاڍو تڙڦائي ٿو. جيئن نهروءَ جي من کي تڙڦايو هئائين. جڏهن هو ڪملا نهروءَ جون هاڻيون هوائي جهاز ۾ کڻي ٿي آيو پر انسان جيڪو رت ڀُڻڻ جو پتلو آهي، ان لاءِ جيءَ جي جلاوطني وڏيک پريشان ڪندڙ آهي. جيءَ جي جلاوطني مون پنهنجي ڌرتيءَ تي رهي به ڀوڳي آهي. پر ننڊ ۾ ڌرتيءَ کان ڌڪجي، اُها مون کان به وڏي وئي آهي ۽ هو جتي ڪٿي پنهنجيءَ شڪارپور کي ڳولي رهيو آهي:

”آخر ڀي
شڪارپور آهي ڪٿي؟
توهان کي خبر آ
شڪارپور ڪٿي آ؟
...... هر شڪارپوري
شڪارپور ۾ ڄائو هو
پر هر شڪارپوري
شڪارپور ۾ ڪونه ڄنميو آ
ڪهڙو فرق ٿو پوي
اگر
پوگول واري شڪارپور
پومي گرست تي چڪي آ
ڪهڙو فرق ٿو پوي
اگر شڪارپور جو نالو بدليو ويو هجي

ڪهڙو فرق ٿو پوي
اگر ڪنهن کي شڪارپور اتر اولهہ جي بدران
ڏکڻ اوڀر ۾ ملي
ماڻهن کي شڪارپور گهرجي
صرف شڪارپور
تہ پوءِ هو ڇو ڪونہ ٿا
هٿ لکيل پرزي تي
وشواس ڪن،
ڇو ڪونہ ٿا ڪنهن ويٺل ڏانهن
هٿ ڊگهيڙن
هٿ ڊگهيڙي تہ ڏسن
ڇت ۾ پائيندا شڪارپور.
شڪارپور ڪنهن زمين جو نالو هو؟
ڪنهن زمين جو نالو ناهي،
ڪنهن سرير جو نالو هو؟
ڪنهن سرير جو نالو ناهي،
شڪارپور ڪنهن روح جو نالو هو؟
ڪنهن روح جو نالو آهي.
.... شڪارپور کي ڳولڻ لاءِ
شڪارپوري هئڻ ضروري آ
هٿ ڊگهيڙي ڏسو!“

شڪارپور سنڌ ۾ نند لاءِ ماٽا جي ٿڻ وانگر هئي. هو منهنجو ۽ ساميءَ جو ڳوٺائي آهي ۽ ٻنهي جو ساءُ هن جي ڪويتا ۾ ملي ٿو:

”سامي شير تي
اتي جي چومکي ڏيئي جي لاٽن مان
چؤطرف
بجليءَ جون تارون ڦهليل هيون

لٽڪيل ڏيئي جي
پيٽ واري ٽنگ مان
جو چوڏهين آگسٽ تي مون ڪيو هو
تيل جو ننهن سُو سڙو ڦڙو
رڪي رڪي اجا بہ ٽپڪي رهيو هو
مون هٿ وڌائي
اُن ڦڙي کي ترڇيءَ تي ڪنيو
پر هو ڪن ۾ ئي پار نڪري ويو
منهنجي سيتل ماس مان.“

اربندو گهوش لاءِ پنهنجي ”مان“ وڏيڪ معنيٰ رکي ٿي ۽ هن لاءِ پانڊيچري (جيڪا ان وقت فرينچ ڪالوني هئي) جي ڪا اهميت نہ هئي. نند لاءِ پنهنجي ابدي ”مان“ کان بہ وڌيڪ شڪارپور جي اهميت آهي، جتي هن جي ”مان“ جي اوسر ٿي هئي ۽ جنهن کان ورهاڱي کان پوءِ هو اوچتو ڪٽجي ويو. هن جو نظم ”ڌرتي“ هڪ شاهڪار نظم آهي ۽ شڪارپور سان ئي واڳيل آهي ۽ سئليوڊار ڊاليءَ جي سرريئلي (Surrealistic) پينٽنگ وانگر لڳي رهيو آهي. پڙهندڙ نند جي ”جتيءَ“ نظم ۾ شرنارٿيءَ جي پيرن ڏانهن ڏسي، جڻ ساڳيو اندر جو عذاب پوڳي ٿو جو هن پنهنجو ملڪ ڇڏڻ کان پوءِ پوڳيو آهي:

”باقي جُتي
اسان جي پيرن لاءِ هوندي بہ يا نہ
انهيءَ ۾ بہ شڪ آهي
وقت ان جو مقدار گهٽائي
۽ اسان جي پيرن کي وڌائي ڇڏيو آهي
تڏهن مون هنن جي پيرن ڏانهن ڏٺو
هنن کي پير هئا ئي ڪونہ
هو بہ مون وانگر اُپنگ هئا“

شڪارپور وارا مسلسل نظم پڙهي محسوس ٿيندو تہ اها ڌرتي هن

جي ”مان“ جو حصو آهي، جنهن کي هو ڳولي ٿو. هو ڪڏهن ٿڪجي ٿو پوي ته ڪڏهن مايوس ٿو ٿئي:

”لکي در تي گهنٽا گهر
منجهند جو ٻي ٻجي
شام جا پنج گهنڊ ڇو ڪونه هنيان؟
انهيءَ کي به بخار هو
يا لقوي جي مرض ۾
ريڙهيون پائيندي
لاچاريءَ جو اظهار ٿي ڪيائين
مون وانگر.“

ڪڏهن گهاٽي جهڙ مان نڪرندڙ چنڊ جهڙي اُس هن کي پنهنجي جهلڪ ڏيکاري ٿي. جيئن هن جنم کان پوءِ هن کي ٻئي جنم جي پڪ آهي، ايئن هن کي شڪارپور ۾ پنهنجي ٻئي جنم ۾ شڪ آهي. پر شڪ ۾ يقين جو هڪ عنصر هوندو آهي ۽ انسان انهيءَ عنصر تي ئي تڳي سگهندو آهي ۽ جڏهن اهو عنصر گم ٿي ويندو آهي، تڏهن زندگي پنهنجو انت آڻيندي ويرم نه ڪندي آهي. نند جي دل ۾ اهڙو يقين نظر اچي ٿو.

ترنم واري شاعري ۽ ان جي فني خوبين کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پشڪن کان فردوسيءَ تائين، ڪاليداس کان ليوپارڊيءَ تائين، ترنم واري شاعري انسان جي روح ۾ خنجر وانگر کپي وئي آهي، پر جديد دور ۾ جا نثري شاعري ٿي رهي آهي، ان کي پنهنجي اهميت آهي. ان جي مرڪزي خيال ۾ اها شعريت آهي، جا ترنم جي محتاج نه آهي. جذبات جو ترنم نثر ۾ آڻي سگهجي ٿو. بودليئر جي ڪتاب 'Flowers of Evil' ۾ هن جون پئرس جون راتيون ترنم وارا شاهڪار نظم آهن پر ساڳئي وقت هن جي مجموعي ۾ هن جا نثري نظم به اوترائي خوبصورت آهن. فرانس جي شاعر رامبوءَ کان وٺي جديد آمريڪا جي شاعر ڪارل شيپيرو تائين ڪيترن شاعرن

خوبصورت نثري نظم لکيا آهن، جن ۾ خيالات ۽ جذبات جي مصوري ڪئي وئي آهي ۽ جي ماڻهوءَ جي من کي ائين ٿا اُيارن، جيئن ترنم واري شاعري ڪندي آهي.

نند جا ڪجهه Poetic images هيٺ ڏيان ٿو:

”پريل گهر
بگيءَ تي ڪٽي
ٽيشن تي خالي ڪري
بگيءَ واري
وري ورائي نـ ڏٺو
تـ ڪو خالي ماڻهو
پريل گهر ڊوهيندو
سرحد پار هليو ويو“
”سانت،
سانت جا برهما جي
نندِ کان پوءِ هوندي آهي
ان سانت کي چيريندو گهوڙو
جڏهن نندِ لاءِ طنبيلي تي پهتو
تنهنجي لڳايل ڏور اجا هن جي ڏائن ۾ هئي.
سانت،
سانت جا برهما جي سجاڳيءَ کان اڳ هوندي آهي
ان سانت کي چيري
چا بگيءَ جو گهوڙو
وري اُٿندو
ڪو پريل گهر
ڪو خالي ماڻهو ڊوهڻ لاءِ ٽيشن ايندو؟
او شڪارپورا!“
”اسان جي ٿهڪن سان

باغ ۾ گل
ڇڻي نہ پون ۽ وري ڪائي
لنبي عرصي واري
خزان نہ اچي
اسان صرف من ئي من ۾
مسڪرايو آهي،
۽ جڏهن ساهہ جو احساس ٿيو
من اندر جي مشڪ وڪڻي بہ
اسان پراون سان،
واعدا ڪرڻ لاءِ بهانا ڳوليا آهن
او شڪارپورا!"
"اهو ئي تہ رواج آهي
تنهنجو منهنجو
تن کي بہ تن تان لاهي
موڙي تي رکي اچ،
۽ اچ تہ پيار ڪريون
او شڪارپورا!"
"شبد پنهنجا نقش
خاموشيءَ جي
ڪئنواس تي
چٽيندي چٽيندي
پنهنجو پاڻ ۾ ئي
پيهي ويا
وقت جي ذر ڪان،"
"موسيقي
ڪنهن گهٽيءَ جي
ڪنهن ڪُسيءَ جي

گهنگهرن جو آواز هو"
"هاڻ گرميءَ ۾ ماٺهو
سمر اوڏي
سمر تي سمهندا.
سائي سمر
سائي لڱل پٽ
سائي رنگ جا ماٺهو
ڪي ئي رنگن جا سوال ڪٽي
هڪ ئي رنگ
"سائي" جو جواب پائي جيئندا آهن"
"پوترتا
تنهنجي آتما هئي
۽ مان هاڻ پوتر نہ رهيو آهيان
هاڻ جڏهن جڏهن
مان تو وٽ اچان ٿو
مون کي لڳي ٿو
مان پنهنجي ئي
مرده سرير ۾ پرويش ڪري رهيو آهيان!
او سنڌو پتر ساڌ ٻيلا!
ياد ڪر
جڏهن مان تو وٽ هوس.
مون چيو هو گلن کي
سڀ ٽڙي پئو
۽ سڀ ٽڙي پيا هئا!
بن بادلن آڪاش کي ڏسي
چيو هو مورن کي
نچو!

مورن ناچ ڏيکاريو هو
اهڙي ئي ڪوشش
مان هر دفعي ڪريان ٿو
جڏهن جڏهن مان تو وٽ اچان ٿو
۽ مان اَسقل ٿي موٽان ٿو
ان احساس سان
تہ هڪ مُردو ٻئي مردي سان
ويچار ڪري موٽيو آهي.“
”ايئن تہ هر سڏ تي
مڱا موٽندا آهن
ڪي اڌورا، تہ ڪي پورا
موٽڻ هڪ سمجهوتو آهي
جيئڻ جي لاءِ
تنهنجو سڏ ٿيندو
۽ مان موٽي ايندس
ڪجهہ تياڳي
ڪجهہ پائڻ لاءِ
تون اهو ڪيئن سمجهيو؟
تنهنجي سڏ جي هِجي
مان پڙهي سگهان ٿو
توکي بہ منهنجو موٽڻ
پڙهڻ گهرجي
اگر مان تنهنجي سڏ تي
موٽي اچان
مان موٽندس
ضرور موٽندس
جڏهن اُهو سڏ ٿيندو

جيڪو هجي نہ ٿيو هجي
مان پنهنجي موٽڻ بہ بنا هجي جي چاهيان ٿو
مان ڪونہ موٽندس
ڪونہ موٽندس
پر
مان هوندس
هوندس
آڪاش ۾ اهو انادي آواز
آڪاش بہ مان هوندس
اُهو سڏ بہ مان هوندس
اُهو سڏ جو هجي نہ ٿيندو
تون وچي ڪائي ڪک ڳولھ
مون سان ملڻ لاءِ.“

مٿينءَ ڪويتا جون پويون بہ سٽون ڪيتريون نہ خوبصورت آهن!
جڻ اتهاس جو ماضي ۽ مستقبل انهن مان گهوري رهيو آهي.

مون مٿي ڪجھ سچا نظم ڏنا آهن، ڇو تہ انهن کان سواءِ نند جو تصور مٺ ۾ نہ اچي سگهي ها. پنهنجي ڪجھ ابهام (Vagueness) جي باوجود نند جي شاعريءَ کي سنڌيت سان ڀرپور ڪمٽ مينٽ آهي. انهيءَ ڪمٽ مينٽ کان سواءِ سنڌي ادب هوا ۾ انهيءَ غباري (Baloon) وانگر آهي، جنهن کي ڪوئي طرف نہ هجي ۽ جو اُڏامي انت ۾ ڦاٽي پوندو ۽ هوا سان هوا ٿي ويندو.

# مهاڳ

(10 جولاءِ 1988ع تي تاجل بيوس جي ڪتاب ”سنڌ منهنجي امان“ تي لکيل مهاڳ)

مئي 1988ع ۾ مون پنهنجو شعر جو نئون ڪتاب ”آڪن نيرا ڦليا“ لکي پورو ڪيو. ان ۾ پنج ڇهه سؤ بيت آهن جن ڪي ٿر جو محاڪاتي پس منظر تہ آهي، پر جنهن ۾ بہ روايتي بيت جيئن نہ ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ ڏانهن اشارو آهي ۽ نہ وري شاهہ وارا لفظ، استعارا يا حوالا ڪم آندا ويا آهن ۽ جنهن ۾ منهنجا گونا گون مشاهدا ۽ خيال سمايل آهن. مون ان وقت ارادو ڪيو هو تہ لاڙ وچولي ۽ اُتر جي پس منظر سان ساڳيءَ طرح بيت لکندس تہ جيئن سنڌ جي ڌرتي منهنجي شاعريءَ لاءِ ماءُ جي آغوش وانگر لڳي. 25 جون تي مان ڪراچيءَ آيس، جو ان تاريخ تي منهنجو پٽ ويانا مان تعليم پوري ڪري موٽي رهيو هو ۽ معمول وانگر جولاءِ جو سارو مهينو مون ڪي هن وٽ ڪراچيءَ ۾ گذارڻو هو. هتي وائيسز گروپ (Voices Group) منهنجي نظمن ۽ گيتن ۽ ان سان گڏ فيض احمد فيض جي ٻن ڳاتل نظمن جي مهورت لاءِ مون کي تاجل بيوس پنهنجي تازي ڪلام جي ڇپيل مجموعي تي مهاڳ لکڻ لاءِ اصرار ڪيو. جو مان تاجل سان دوستيءَ ۽ محبت سبب ٽاري نہ سگهيس. (هن کان اڳ مون ادل سومري ۽ اياز گل سان هنن جي شاعريءَ جي ڪتابن تي مهاڳ لکڻ جو وعدو ڪيو هو جو سگر ۾ بي انتها مصروفيتن سبب اجان پاڙي نہ سگهيو آهيان ۽ هنن بيحد صبر ڏيکاري، ان جو انتظار ڪيو آهي تہ مان اهو

مهاڳ ڪڏهن تو لکان. مشتاق باگاڻيءَ به ساڳيءَ طرح مهاڳ لاءِ چيو* هو ۽ ڏيڍ سال اڳ مون وٽ پنهنجو مسودو ڇڏي ويو هو. پر ڪافي وقت کان مون سان نه مليو آهي ۽ شايد منهنجي مهاڳ جو آسرو پلي ڇڏيو اٿائين. مان تنهي کان ايتريءَ دير لاءِ معذرت خواهه آهيان ۽ ارادو آهي ته سگهو موتي مهاڳ لکندس.)

تاجل بيوس جو هي چوٿون ڪتاب آهي. هن جا ٽي ڪتاب "جڏهن پونءِ بٽي"، "انبن جهليو بور" ۽ "سرجيندڙ ساٿيهه جا" اڳ ئي ڇپجي چڪا آهن. مون کي تاجل جو مسودو پڙهي،اهو ڏسي حيرت آئي ته هن اتر ۾ خاص ڪري ڪجهه بيتن، واين ۽ ته سٽن ۾ ڪڇي جي حصي جو محاڪاتي پس منظر (Scenic back ground) ايئن ڏنو آهي، جيئن مون مٿي ذڪر آيل اڻ ڇپيل بيتن ۾ ٿر جو پس منظر ڏنو آهي. هو صوبي ديري جو آهي ۽ ننڍي هوندي کان وٽي هن جو ڪڇي جي زندگيءَ سان واسطو رهيو آهي ۽ نه رڳو هن ان جو گهرو مشاهدو ڪيو تو ڏسجي، پر ان خطي جي ٻوليءَ تي به هن کي ڪافي عبور آهي.

فرانس جي مشهور شاعر وئلريءَ (Vallery) چيو هو: 'I Write half The Poem. The Reader writes the other half' انهيءَ معيار تي ڏسجي ته تاجل جا هيٺيان شعر پڙهي صبح جو منظر اکين اڳيان ڦري ويندو:

سج ڪئي تخليق،
سرنهن جي ڦولار ۾،
روشنين جي ليڪ.

ان ته سٽي جو پس منظر تصورائبو ته ائين لڳندو ته ڪڇي ۾ سرنهن جا گيت ڦلاريا آهن، حدنظر تائين کيت ئي کيت آهن، ساوا سرنهن جا کيت، جن جي ڦولار تي صبح جا پهريان ڪرڻا پون ٿا ۽ فطرت جي حسن جو تخليقي عمل شروع ٿئي ٿو.

صبح جو هي منظر به ڏسو. سجو ڏينهن لاباري کان ٿڪجي ستل

---

* مشتاق باگاڻي، موري جو جديد شاعر، جنهن خوبصورت وايون لکيون آهن (ت.ج)

لاهيارڻ (فصل جي ڪٽائي ڪندڙ زائفان) ننڍ مان اُٿي، ڏنڊ جي پر تي، هٿن جي آڱرين سان وار سنواري رهي آهي:

نور پيو نسري،
ٻن ڇڄن جي وچ مان
سج پيو اُڀري

سوڍي ٿي سنبري،
ڪڪر جي ڪاراڻ مان
سج پيو نڪري

صبح ويلي ننڍيون وڏيون ڳوٺاڻيون مٽي ۽ چيلهه تي ٻيلهڙا ڪٽي نار تان پاڻي ڀرڻ آيون آهن. نار ۾ ڏاند وهي رهيو آهي. پاڻي پڙڇ ڪان نيسر مان ٿيندو اچي آهڏ ۾ ڪريو آهي، جتان واهيءَ مان وهي پوک ۾ پهچي ٿو. تاجل هڪ مصور وانگر اهو منظر هيئن پيش ڪري ٿو:

پرهه، پاڻياري،
آئي منهنجي ائٽ تي
ڏينيوڙيءَ واري

چُني اوٽ ڪري،
نينگر منهنجي نار تان
پاڻي پئي ڀري

ڪڇي ۾ ڪرس ٻيڙيءَ جي رسن کي سڏبو آهي ۽ ڪنار ڪناري کي. درياهه جو پاڻي لٿل آهي، تڙ تانگها ٿي ويا آهن، ملاحن جا مڏ سُڃا لڳا پيا آهن. روزگار جا وسيلا تنگ ٿي چڪا آهن. شاعر آئيندي تي اميد رکي، سانوڻ آئي درياهه وارن کي آٿت ڏئي ٿو:

ڪنڌيءَ ڪنايو آيا سانوڻ ڏينهڙا،
اجهو ڪو آيو ڪٽي ڪرس ڪنار تي.

يا سانوٽيءَ ۾ درياهه ۾ چاڙهه آيو آهي، جيڪو پيريون پيو پائي. وڏن وڏن وٽن جي ڪرڻ جو پيانڪ منظر ڏسو:

ڪڙ تان ڪري جيئن، سنجي وڻ سِرنهن جو
مون پڻ ”مرڻ“ تيئن، ڪُنن ۾ ڪيري ڇڏيو.

ديهات ۾ ڳاج ڪٽڪ جا آپون سوڪڙيءَ طور موڪليا ويندا آهن، جنهن لاءِ شاعر چوي ٿو:

باهہ وساٽل ڦوڪ ڙيا
آپون ڪٽڪ ڳاج جا.
سيٹن مُڪا سوکڙي

درياهہ ڦتي ويو آهي تہ چوي ٿو:

نہ دنگيون نہ درياءَ، نہ سي ماٺهو ماڳ جا
ويو لٽي واءُ، پيرا پاٽيارين جا.
نيٺ تہ چر جو پاٽي ڇڇندو
ڪلُ ۾ ترندا ڪُمَر ۽ ڪوٽيون
سڪو پيٺ سنڌوءَ جو
پرن ٿا پيلا.
رات گهمي راڪاس ويو.

ڪٿي ڪٿي هن جي شاعريءَ ۾ جپاني هائڪو وارو رنگ آهي.

پن ڇڻ واري شام
پچاڙيءَ جا ڏينهڙا
پگل تنل جام.

تہ ستو آهي يا ساڪت زندگيءَ (Still Life) جي ڪائي سوريئلي (Surrealist) تصوير آهي!

مان انهن شعرن ۾ ڪوئي علامتي رنگ ڳولڻ نہ ٿو چاهيان. لفظن ۾ مصوريءَ کي پنهنجي جاءِ آهي ۽ ان ۾ ڪنهن سياسي علامت جي تلاش عبث آهي. پر ائين نہ آهي تہ تاجل جي من ۾ پنهنجي دور جي ڇورا ڪورا نہ آهي. چوي ٿو:

پوپٽ جا ڪو پر مروڙي
قيد ڪري ٿو ڳل سرهاڻ

يا

هر ماڻهوءَ جي جيڀ وڍيل،
انــاالحــق الائــي ڪير؟

۽ پوءِ سياسي جبر جي خلاف جو ردعمل ٿئي ٿو ان جي باري ۾ چئي ٿو:

جيترو ٿر تي وسي سانوڻ ويو
اوترو پٽي پيچرا تپندا ويا.

۽ ان ردعمل مان جا جدوجهد اُڀري ٿي، اها مدنظر رکي چئي ٿو:

سا ڪين اسان سان پير ڪٽي،
جنهن اک جو تنرو آلو آ.

يا

پرهه جا سڏڙا ڪالن جا ٻڌي،
رند زنجيرون ڇني پڇندا ويا.

تاجل دراصل هڪ مصور شاعر آهي ۽ بيورو ڪريسيءَ ۾ رهندي هن جي سياست سان گهڻي وابستگي ممڪن به نه آهي. پوءِ به هن پنهنجي دور جا ترقي پسند قدر اپنايا آهن. اجا هن کي پنهنجو طرف طئي ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي گهڻ- رويي ڪلام (Multi_ dimensional poetry) ۾ مڪمل هم آهنگي پيدا ڪرڻي آهي. هن جي شاعري سنڌ سان جذباتي وابستگي ڏيکاري ٿي، جيئن ڪتاب جي نالي "سنڌ منهنجي امان" مان ظاهر آهي. امڪان آهي ته اها شاعري تيزيءَ سان قدم وڌائي، ڪنهن طوفان وانگر اُڀري اچي.

مون هن جو آزاد نظم "جلاوطن" پڙهي، هن کان پڇيو ته ڇا هن اهو محمود درويش کان متاثر ٿي لکيو آهي. محمود درويش عرب شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ فلسطين جي آزاديءَ لاءِ باهه ٻاري ڏني آهي. مون وٽ عرب شاعر محمود درويش جي شاعريءَ جو انگريزي ترجمو Sand and Other Poems پيو هو جو حال ۾ ئي ڇپيو آهي ۽ اهو هن کي ڏيکاريم. پر هن انڪار ڪري چيو ته هن اهو ڪتاب ڏٺو به نه آهي ۽ چيائين ته هن رڳو "هلال مئگزين" ۾ فلسطيني شاعريءَ تي هڪ

مضمون پڙهيو هو.

اهو نظم ”جلاوطن“ تاجل بيوس جي شاعرانہ صلاحيت جي غمازي ڪري ٿو ۽ اُميد پيدا ڪري ٿو تہ تاجل، جو خاص ڪري فطرت جو شاعر آهي، اڄڪلهہ هلي ديس پرديس جا مسئلا هنئين سان هنڊائي، انساني آزاديءَ لاءِ بہ ائين ئي ڀرپور شاعري ڪندو جيئن هن فطرت جي باري ۾ ڪئي آهي. هن ۾ پنهنجي آدرش ۽ ان سان وابستگيءَ ۾ زياده وسعت ۽ پختگي ايندي ۽ هو سنڌي ادب ۾ پنهنجي منفرد جاءِ والاريندو.

❊❊

# ڪوئي ڳل ڦٽو منهنجي ٺاريءَ مان....

(اياز ڳل جي شعري مجموعي جو مهاڳ)

پنجابيءَ جو عظيم شاعر ماڌولال حسين هڪ مجلس ۾ ويٺو هو اُتي هڪ شخص ديوان حافظ کوليو. ماڌو لال حسين هن کان پڇيو: "هي ڪهڙو ڪتاب آهي؟" ۽ پوءِ ديوان حافظ جا پنا اٿلاياٿين، تہ حافظ جي هيٺين شعر تي نظر پيس:

چشمۂ چشم مرا اے بت خنداں دریاب
بر اُمید تو بجوش آبِ روانے دارد۔

(اي ڪلنڊڙ پيارا! منهنجي اکين جي چشمي کي دريافت ڪر، جو تنهنجي آس ۾ وهي رهيو آهي.)

ماڌو لال حسين، ديوان حافظ ڦٽي ڪري چيو: "هن حافظ جي عمر تہ پوڙهين رنن وانگي روئيندي گذري آهي." ائين ئي اڳئين اردو ۽ سنڌي غزل تي نظر وجهبي تہ اڪثر شاعر روئنٽا نظر ايندا ۽ اقبال جي شاعريءَ کان اڳ گهڻو ڪري نہ رڳو اردو شاعري قنوطيت سان پري پئي آهي، پر ابراهيم خليل تائين سنڌي شاعري بہ ايئن لڪير جي فقير رهي آهي ۽ ان مان تاهہ تاهہ ڳوڙها ڳڙندا نظر اچن ٿا. ڳل جا ڪجهہ غزل ۽ سانگيءَ جون ڪجهہ سٽون ان مان ڪڍي ڇڏجن تہ، ساري غزليہ شاعري "سرن درياهہ" [*] ڪرڻ جهڙي آهي.

دراصل غزل ڏاريءَ زمين تي اُسريو هو جو امير خسروءَ واري زماني

---

* سرن درياهہ: درياهہ بُرد، درياهہ حوالي

۾ هندستان جي ڌرتيءَ اپنايو هو. خسرو جي غزل ۾ جا پنهنجائپ هئي. سا اسان کي آرزو لکنويءَ جي غزل ۾ ملي ٿي. انهن جي وچ ۾ پارسي غزل جو چربو هو. غالب جهڙي مفڪر شاعر به چيو:

*فارسی بیں تا بہ بینی، نقشہائے رنگ رنگ*
*مجمعِ اُردو چھ بیني، آن کہ بے رنگِ من ست.*

(فارسي ڏس تہ توکي منهنجا رنگ رنگ نقش نظر اچن. منهنجو اردوءَ جو مجموعو ڇو ٿو ڏسين. اهو تہ بي رنگ آهي!)

خسروءَ جون هي سٽون:

*سکھی پیا کو جو میں نہ دیکھوں، تو کیسے کاٹوں*
*اندھیری رَتیان؟*

یا

*وہ صورتین الاہی کس ملک بستیاں ہیں*
*اب جن کے دیکھنے کو آنکھیں ترستیاں ہیں*

خسروءَ جهڙي شاعري، اردوءَ ۾ اڃان تائين ڪوئي نہ ڪري سگهيو آهي. اردو ۽ سنڌي غزل، ٻنهي ۾ فارسي غزل جون روايتون، تشبيهون، استعارا وغيره بي دريغ استعمال ڪيا ويا آهن. ايتري قدر جو غزل پڙهي دل گاڏون مائون ٿيڻ لڳي ٿي.

اياز گل، ادل سومرو ۽ انهن کان بہ پوءِ واري نئين ٽهيءَ جا شاعر اعجاز منگي، وغيره ادب سان ڀرپور لڳاءُ رکن ٿا ۽ اڻ ٿڪ محنت سان لکي رهيا آهن. ننڍيءَ عمر ۾، پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي هنن جو شعور ڪافي پختو ڪري ڇڏيو آهي. تاج جويو، غلام حسين رنگريز وغيره انهن کان اڳئين نسل جا شاعر آهن، جن بہ سنڌي ادب سان بي انتها لڳن ڏيکاري آهي ۽ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي.

اياز گل جي شاعري پنهنجيءَ ڌرتيءَ جي پيدائش آهي. اها فارسي بحر وزن جي مشاقيءَ تي نہ ٿي ٽڪي، ان کي هڪ انوکي خوشبوءِ آهي، جا نم جي ٻور ۾ ٿيندي آهي ۽ ان کي هڪ الڳ رنگ آهي، جو پڪل پيرُن ۾ ٿيندو آهي. جي هن مشقِ قلم جاري رکي تہ ڪنهن وقت هن

جي شاعري، فن جون اُهي بلنديون ڇهندي، جا ڳالهه ٿورن شاعرن کي نصيب ٿيندي آهي. هو بنيادي طور تي غزل جو شاعر آهي، پر هن جو غزل پيوند ٿيل نہ آهي، ازخود هي ڌرتيءَ مان اُسريو آهي.

مثال طور هن جا هي شعر:

سوچون ساريون هارايل سردارن جيان
خواب پيا ها پيرن ۾ تلوارن جيان

رستا هونئن تہ اُٺيهن جي انڌيارن جيان
توڙي ايندي چانڊوڪيءَ جي چارن جيان

ڪيئن الائي ٿيندو آهي ماڻهن کان؟
شعر رچڻ ۽ پيار ڪرڻ وانگارن جيان

ٽائرن جا گهرا ليڪا، تيز رڙا!
روڊ تي چٿجي وئي آ زندگي

هر طرف جهندا تا ڦٽڪن موت جا
جهڳ کان وسري وئي آ زندگي

تنهنجا ڌرتي! ڌراڙَ جاڳيا هَن
پيچرا، پٽ، پهاڙ جاڳيا هَن

هڪ تِکي چِيٽَ. آهي آزادي!
گهيڙَ، گهٽيون ۽ گهاڙَ جاڳيا هَن

روز ملندا رهون تہ بهتر آ
فاصلا فاصلا وڌائن ٿا

حوصلو ڏي تہ حادثن مان لنگهان
پيارَا، منهنجا مان آفتن مان لنگهان

منهنجو سارو وجود نيڻ ٿئي

تنهنجي لڪيل جذهن خطن مان لنگهان

هڪ ئي نانوَ تي ڌڙڪو تيز ٿئي دل جو
مِٽي سُرمو ٿيندي ناهي هر ذَرَ جي

هر ڪنهن دور ۾ جمندا آهن
باغي ۽ درباري ماڻهو

روپ وٺي نئون آءُ وري روپا ڪولهي!
ٿاريليون ۽ ٽُڙ ٻڌي ويو اونده ۾

تنهنجي يادن سواءِ ذهنُ پرين!
ڪرفيوءَ ۾ ٻزار وانگي آ

هر خوشي قرض ۾ هلي ٿي وڃي
ماستر جي پگهار وانگي آ

ڪوئي ڪم ڪرڻ کان ٻاهر ناهي هونئن
ڳالهہ سڄي هوندي آ جاني! همت جي

جنهن ماڻهوءَ کي تنهنجو پيار مليو آهي
تنهن ماڻهوءَ کي ڪهڙي دولت گهرجي ٻي؟

منهنجي حالت آ وچ - اوير جي
تنهنجو شيوو تباه ڪاري آ

اياز گل نئين ٽهيءَ جو منفرد شاعر آهي ۽ ننڍيءَ عمر ۾ ئي هن پنهنجي جا ءِ والاري ڇڏي آهي. مان هن جي شاعري، ادل سومري جي ۽ نئين ٽهيءَ جي شاعري ڏسي، انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان، تہ اها نيٺ ڪنهن بہ بين الاقوامي معيار تي اچي ويندي. ان شاعريءَ تي جاگيرداري دور مان نڪري، صنعتي دور ۾ داخل ٿيڻ جا آثار ملن ٿا ۽ ان جون تشبيهون، محاڪات وغيره روايتي شاعريءَ کان مختلف آهن ۽ انهن تي پنهنجي انفراديت جي ڇاپ آهي.

روهڙيءَ واري بيدل فقير ڪي چڱا شعر لکيا ها ۽ انهن مان هڪ آهي:

اکـران دي وچ جو ڪوئي اڙيا
عشق دي چاڙهي مول نـ چڙهيا.

اهو شعر آهي تـ سرائڪيءَ ۾، پر ان ۾ جا ڳالهہ ڪئي وئي آهي، اها جديد شاعرن سان لڳي ٿي. هو اکرن ۾ اَڙجي نـ ٿا وڃن ۽ عشق جي چاڙهي چڙهندا ٿا رهن. هنن جا ابتدائي مجموعا ڏسون ٿا، تڏهن بـ ڪيترائي شعر دل ۾ ڪپي ٿا وڃن ۽ اڳين شاعرن وانگر ايئن نـ آهي تـ سڄو ديوان ڇنڊي ڇاڻي ويهجي تـ رڳو هڪ يا ٻـ سٺون ملن، جي دل تي اُڪرجي وڃن. سانده مطالعو ۽ مشاهدو ئي شاعريءَ کي پنهنجي توڙ تي پهچائي ٿو. اُهي زمانا گذري ويا جڏهن ڪنهن استاد جي استاديءَ ۾ شاعر سڄيون عمريون جک ماريندا ها ۽ بحر وزن جي گهرڙ گهوٽ ڪندا ها.

بمبئيءَ ۾ مون هڪ نشست ۾، سڳن آهوجا کي چيو هو تـ: ”هو پنهنجو شعر ٻڌائي.“ ان تي هن جواب ڏنو هو تـ“ ”مون وٽ بندي ڪانـ آهي.“ ان تي مون هن کي چيو هو: ”جيستائين بندي اچي، تيستائين ٽُڪ بندي تي وڃي.“- ”بندي“ هن پنهنجي شعر جي بياض لاءِ چيو هو- سڳن کي تـ مون اها ڳالهہ مذاق ۾ چئي هئي، ڇو تـ، هو منهنجو دوست هو پر اها ڳالهہ اڪثر ڪُهنـ مشق شاعرن سان لڳي ٿي، ڇو تـ اُهي تڪبندي ڪندا ها. دور جديد ۾ ڪيترائي نوان شاعر تڪبندي تـ ڪونـ ڪن ٿا، پر جي اُهي پنهنجي تخليق مان مطمئن ٿي ويا ۽ ساندهہ لکندا ۽ تجربا نـ ڪندا رهيا، تـ انهن جي شاعري بـ تڪبنديءَ وانگر بي معنيٰ ٿي ويندي.

اياز گل ۽ ٻيا شاعر هن وقت سڄاڻ شاعرن وانگر لکي رهيا آهن، ڪافي پڙهي رهيا آهن ۽ پنهنجي منفرد سوچ بـ رکن ٿا. سنڌي ادب هڪ خوبصوت شمعدان وانگر رهيو آهي، جنهن ۾ اياز گل بـ انهن شمعن مان آهي، جيڪي وچ ۾ ٻري رهيون آهن. هو شمع بـ آهي تـ، پروانو بـ آهي ۽ پنهنجي چوڏاري تخليق ٿيل ادب ۾ هن جي بيحد

دلچسپي آهي. چڱو جو هن جي شاعريءَ ۾ ادل جي شاعريءَ ۾ نعري بازي نہ آهي، توڙي هنن جي سياسي سوجهہ بوجهہ تکي آهي.

زندگيءَ جا گونا گون تجربا، خاص ڪري شهري زندگيءَ جو ديهاتي زندگيءَ تي اثر، هن جي شاعريءَ مان بکن ٿا. جڏهن اها شاعري پوري چوٽ تي پهتي، تڏهن سنڌي شاعريءَ تي پنهنجي ڇاپ ڇڏيندي. مون فقط هن جي غزلن مان مثال طور ٽڪرا ڏنا آهن، پر هن جي ٻي شاعري بہ جاندار آهي ۽ هن جي لباس وانگر نج سنڌي آهي.

تنهنجو مايا ڏي جو لاڙو آهي
پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو آهي
سچ ڪاڻ ويڙهہ ۾
هڪ بہ هزار جيئن
سارو شهر لتاڙي ووا!
آيس تنهنجي پاڙي ووا!
تنهنجي پويان نڪتو آهيان
سارا ٻيڙا ساڙي ووا!
منهنجي سچ تي ڪروڌ ۾ هن جي
ڪوڙ تي واهہ واهہ!! ٿي وئي آ.
زندگي هر ستم تي خوش آهي
ٻن ٽڳن جو ڪو ناهہ ٿي وئي آ
سوچون ننگي پيرين آهن
ذهن تتل جڙ تاما آهن
جيون جي آڪاڻي ۾ ڏُک
فُل اسٽاپ ۾ ڪاما آهن
ڇو بدلجي ٿي وچين تون ڪن ۾
ڪجهہ تہ ويساهہ ڪجي ساجن ۾
تنهنجي پيرن ۾ هئي لڳل ميندي
منهنجي گهر جا تہ ها ڪليل رستا

دل جون ڳالهيون بہ ڪين ٿو سمجهين!
ڪهڙي آخر هي فارسي آهي؟
توکي گڏجي تہ ڪين هلڻو آ
ڪهڙو توکي بيهارجي هاٽي!
سڄي حياتي پري پيئي آهي لڙڪن سان
ملو تہ ذڪر ڪيو. هيل ڪي ڪلاڪڻ جا.

هيءُ ڪتاب، مون وٽ مهاڳ لاءِ، گهڻو عرصو پيو رهيو هو ۽ پنهنجي گونا گون مصروفيتن ۽ بيماريءَ سبب، مان اياز گل جي فرمائش هن کان اڳ پوري ڪري نہ سگهيس. هن جو نالو منهنجي نالي سان ائين وابستہ آهي جڻ، منهنجي شاعريءَ جي تاريءَ مان ڪوئي گل ڦٽو آهي. مون کي اميد آهي تہ، اڳتي هلي اهو ڏِسان ڏس کي پنهنجي سڳنڌ سان واسي ڇڏيندو ۽ مون کي هن جي نالي جي مماثلت تي بجا فخر ٿيندو.

# فرسوده روايتن کان بغاوت

## (ادل سومري جي شعري مجموعي جو مهاڳ)

ادل سومرو نئين ٿهيءَ جو شاعر آهي، جنهن فارسي ۽ اردو وزن کي لت هڻي، شعري روايات جا سارا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجو ترنم، پنهنجي اندر جي آواز سان اُپاريو آهي.

مون تہ ديوان گل، ديوان قاسم، ارمغان حامد، ديوانِ فاضل، ڪلياتِ گدا، ديوان بلبل، ڪليات سانگي، ديوان واصف، ڪليات عزيز وغيره ننڍي هوندي پڙهي، انهن جي ٻولي ۽ روايت پرستيءَ کان بغاوت ڪئي هئي. جڏهن اردوءَ ۾ فيض ۽ ن.م راشد جا ڪتاب "اجنبي" ۽ "ماورا" ڇپيا هئا تہ اهي پنهنجي تازگي ڪٽي آيا ها ۽ منهنجي مهاڪوي تئگور سان بہ وابستگي گهٽجي وئي هئي. اهو ڏسي مون کي عجب آيو هو تہ هي ڌرتيءَ جو حصو جتي رنگا رنگ پکي پنهنجون ٻوليون ٻولين ٿا، جن ۾ ڪي پکي ڏيهي آهن ۽ ڪي سائبيريا تائين دور تان اچن ٿا، انهن جو شاعريءَ ۾ ڪو ذڪر نہ آهي. اردو غزل ۾ رڳو ڇهن ستن پکين جا نالا ورتا ويا آهن. مثلاً بلبل، قمري، زاغ و زغن، ڪلاغ، شاهين، ڪرگس، ڪويل، پپيهو ۽ شايد هڪ بہ نالا ٻيا هجن. اُنهن مان بلبل تہ ايران ۾ ٿيندي آهي ۽ ڪويل ۽ پپيهي کان سواءِ باقي نالا بہ ايراني ئي آهن. علامہ اقبال، بلبل و دراج و سار لفظ ڪتب آندا آهن ۽ تتر کي دراج ڪوٺيو آهي. ڪويل ۽ پپيهو لفظ نہ غالب ڪم آندا آهن ۽ نہ علامہ اقبال. ورهاڱي کان اڳ ملڪ جي جاگرافيءَ ڏانهن ڪنهن شاعر ڪونہ ڏٺو آهي ۽ شام اوڌ ۽ صبح بنارس روايتي طور ڪم آندا اٿائون. دليءَ جي شهر آشوب کان پوءِ مير تقي مير لکيو هو:

دلی کہ ایک شہر تھا عالم میں انتخاب
ہم رہنے والے ہیں اسی اجڑے دیار کے.

هند جي فارسي شاعريءَ، خسرو ۽ غالب کان سواءِ پنهنجي ڌرتي جو ذڪر خير ڪو ڪيو آهي. علي حزين جو هڪ شعر آهي:

از بنارس نہ روم معبدِ عام ست ایں جا
ہر برہمن پسرے لچھمن و رام ست ایں جا

(مان بنارس ان ڪري نٿو ڇڏيان، جو هتي عام عبادت گاهه آهي ۽ هر برهمڻ، جڻ لڇمڻ ۽ رام جو پٽ آهي.)

گنگا جمنا، برهم پترا ۽ سنڌوءَ وغيره جي ديس ۾ دجله ۽ فرات جون ڳالهيون ٿينديون هيون. علامه اقبال بانگ درا ۾ هماليه تي نظم لکي، جو پاسو ڦيرايو ته ايران جي ڪوه دماوند تي وڃي نڪتو. بنگال ۾ مون، فقط چمپا جا سترهن قسم ڏٺا ها، پر برصغير ۾ نرگس ۽ گلِ لاله سان تشبيهون ڏنيون وينديون هيون، جي گل فقط ايران ۾ ٿيندا ها. جتي سنڌ ۾ راجستان جهڙا صحرا ها، اتي عرب جي صحراءِ نجد جو ذڪر ڪيو ويندو هو. ديومالائن جي ديس ۾ ليليٰ مجنون، شيرين فرهاد، وامق عذرا، رستم سهراب وغيره جا اجنبي قصا دهرايا ويندا ها. رڳو هڪ شعر اردوءَ ۾ پنجاب جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي باري ۾ لکيو ويو هو ته اهو بار بار دهرائيندا ها. جڻ پنجاب تي ڪو احسان ڪيو هيائون:

سنایا رات کو قصہ جو ہیر رانجھے کا
تو اہل درد کو پنجابیوں نے لوٹ لیا۔

اهو سڀ انهيءَ جي باوجود ته پنجاب جي شهرن پنجابي ڇڏي، اردو اپنائي هئي. اردو شاعريءَ ۾ محبوب کي اختر شيرانيءَ تائين مذڪر لکيو ويو. اختر شيرانيءَ جون عذرائون ۽ ليلائون به رت پوٽيون هونديون ۽ اُهي هر نسواني جذبات کان عاري لڳنديون.

اُروشي ۽ شڪنتلا جي ديس ۾ عورت کي محبوب چوڻ معيوب

سمجھيو ويو. اَمرد پرستي (Homo Sexuality) عام هئي ۽ محبوب جو سراپا ڄڻ پورو مغليہ اسلحہ خانو هوندو هو. تير نظر، خنجر ابرو وغيره سان محبوب ايئن شڪار ڪندا ها، جيئن مغليہ شهزادا شڪار ڪندا ها. غالب جو شعر آهي:

تم مجھے بھول گئے ہو تو پتہ بتلا دوں
تیری فتراک میں کوئی کبھی نخچیر بھی تھا

(تو مون کي وساري ڇڏيو آهي تہ توکي پتو ٻڌايان ٿو. ڇا تنهنجيءَ خرزين ۾ ڪڏهن ڪوئي شڪار بہ هيو؟)

ساري تهذيب جي عڪاسي ڏاري هئي ۽ ايران، سمرقند، بخارا، افغانستان وغيره تان ورتي وئي هئي. محبوبن جا ڏند مسيءَ سان ڪارا هوندا ها ۽ چپ پان سان ڳاڙها، ڄڻ هنن ڏاڻن وانگر عاشقن جو خون پيتو هو. انهيءَ شاعريءَ جو تتبع اسان جي غزل گو شاعرن (گل ڪان سواءِ) ۾ ملي ٿو. سيپئي ادبي سلهہ جا مريض هيا. جن هڪ سو سال شاعرن کي انهيءَ ويا ۾ وچڙائي رکيو ۽ اڃا تائين انهن مان ڪي رت اوڳاڇيندا ٿا وتن. انهيءَ وچ ۾ ڌرتيءَ جا عظيم شاعر، ڀٽائي، سچل ۽ سامي ڄڻ وسري ويا ها. اڳين غزل گو شاعرن ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مصرع سنڌي هوندو هو جيئن ڪنهن ڪنڊي جي منهن ۾ هڪ اڌ ڏند رهجي ويندو آهي، نہ تہ اڪثر شاعر ڀڏا ها ۽ هنن اردوءَ جا پان خور ڏند وجهايا ها. اهڙيءَ شاعريءَ خلاف بيوس پهرين بغاوت ڪئي. آخر ان جي ساري عمارت اچي ڦهڪو ڪيو. اردو شاعري بہ موضوع جي حد تائين بدلجي وئي. ميراجي، فيض، راشد وغيره ان ۾ ڪافي انقلاب آندو پر ٻوليءَ جي لحاظ کان ان جي فارسي آميزيءَ ۾ فرق نہ آيو ۽ ساري جا سارا مصرع فارسي هوندا ها. آرزو لکنوي، عظمت الله، سيد مطلبي فريد آباديءَ، ميرا جي، فراق گور کپوريءَ جن ٻوليءَ ۾ ڏيهي لفظ آندا، انهن ۾ ايترو جينيس ڪونہ هو جو زبان جو مزاج بدلائي سگهن. علامہ اقبال جي ٻولي بہ غالب واري آهي. ان ڪري اردو شاعريءَ ۾ اڃا تائين جمود آهي.

سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ ڀرپور انقلاب آيو آهي ۽ ان ۾ اڌ صديءَ کان وڌيڪ وقت لڳي ويو آهي. اڄ سنڌ، هڪ ماکيءَ جي ماناري وانگر آهي، جتي ڪيئي شاعر گنگنائي رهيا آهن. مون ڪي ٻارهن تيرهن ورهين جي عمر ۾ فارسي بحروزن تي مڪمل دسترس هو. پوءِ مون ان ۾ ڪيئي تجربا ڪيا، جي ٻنهي سنڌي آهن. مون سنڌ جا ڪلاسيڪي اسلوب بيت ۽ وائي به وري جيئاريا آهن ۽ ٻي هر صنف سخن تي (سواءِ ترائيل جي) لکيو آهي.

اڄڪلهه جديد شاعر پاڻ تي ڪوبه زنجير رکڻ نٿا چاهين. انهن جون اکيون کليل ۽ پير آزاد آهن. ادل سومرو انهن مان برک شاعر آهي. هن به ڪيترن ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر غزل، بيت، وايون، ٽيڙو ۽ نظم/ آزاد نظم هن تمام چڱا لکيا آهن. جن مان ڪجهه شعر هي آهن:

## غزل

ويس گيڙوءَ ۾ هتي آهي غزل
سنڌ ۾ سونهين نه چوغو فارسي.

جنهن ۾ ناهي زندگيءَ جي جستجو
ڪهڙي ڪم جي آهه اهڙي شاعري
بک تي آهي سُتو جو آدمي
زهر آ اُن جي اگڻ تي چاندني.

پنهنجي اگهه بڌائڻ خاطر
دستارون ڳالهائين ٿيون
محبوبن جي آمد کان اڳ
هبڪارون ڳالهائين ٿيون

جڻ ٿيا بيڪار ڪنهن پٿر جيان
جن چپن جي ياڳ ۾ ناهي چُمي

هلندڙ بس مان ڳوٺ جو منظر
پار جهڳيون ۽ گدلو سينور
ڪجهه ڪبوتر، هڪڙي مورت
سُڪل گُل ۽ اُجڙيل مندر

زندگي پياري ڪيائون ديس ڪان
هاڻي وينا سنڌ لئه روئن سڪن.

جيڪا هاريءَ جي هٿن مان ٿي ڦٽي
روشني سائي ٻنين ۾ ٿي رهي

ڇا سيارو ڇا بهارون بس فقط
درد جي موسم جهڳين ۾ ٿي رهي.

## بيت

آءُ نه چاڻان ڪير، سڙي ويو بارود ۾،
مون وٽ سڀ ڪجهه ماڻهپو جنهن ۾ ڦند نه ڦير،
هي لاشن جو ڍير، ڏوهه پڇي ٿو پنهنجو؟!

ڊورن ڊانچا، رڻ ۾، مٿان چمڪي چنڊ،
ٿاريليءَ جو جنڊ، اڃا ترسي اُنّ لئه

## وايون

هوٽل هُلّ هشامَ
دونهان دونهان زندگي
لارين پوبان ڊوڙندي،
شهر ۾ ٿي وئي شام
دونهان دونهان زندگي

وڪ وڪ، ورديءَ سان
پوڙها پهريدار
توڪي ڳولن ٿا.

هي ڪتاب مون وٽ ٻن سالن کان مهاڳ لاءِ پيو آهي. ان وچ ۾ ادل سومري گهٽو ڪجهه لکيو آهي، جو اڳي کان بہ بهتر آهي. هن جا اڪثر آزاد نظم نهايت خوبصورت آهن. انهن ۾ بحر وزن جي پابندي نہ آهي. اهي فقط بحر وزن جي سرحدن کي ڇهن ٿا، پر انهن ۾ نواڻ آهي، تازگي آهي، بي پناهہ شعريت آهي ۽ جديد انگريزي شاعريءَ وانگر رڻ ۾ رلندڙ هرڻ وانگر خوبصورت آهن. ان هرڻ جو خاص دڳ نہ هوندو آهي، پر جڏهن سج لٿي واٽڙن مان پاٽي پيئندو آهي تہ ان جي تصوير ازل جي عڪس وانگر لڳندي آهي.

•

مان جاٽان ٿو اچ اوهان وٽ
ريتي رُت جا سارا گل
بوٽن هيٺان چچريا ويا هن
ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ڪين ٿو پسجي
پاريهر جو آڪيرو ڪو
چوڌس آهي رت جي خوشبو
ڪنڊر آهن ساريون وستيون،
ڏنل جاين جي ڪنڊرن مان
ٻار پيا ڳولن رانديڪا
اسڪول اُجڙيل ۽ اسپتالون آهن آباد
تنهنجا وطن پرست پائر
جن، جائي جمر کان آهہ ڀڏو
گولين جو آواز
خوبصورت ڇوڪرين بدران
رائفلون آهن جن جون محبوبائون

ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان

ڏاڍ سان جوتي جنگ بيٺا رهن
ڏاڍ جو ڪوئي ڏرم نہ ديس
ڪاب نہ ٻولي ۽ لولي
ڏاڍ نہ عربي يا ڪو عجمي
ڏاڍ تہ آهي وحشي انڌو
هيٺن کي هيسائي مارڻ
اُن جو ڏنڌو.

(نظم "جوڀن رت جا ڳاڙها خواب" جو حصو)

بابل! تنهنجا پورهيت هٿ
ڪيڏا کهرا ٿي ويا آهن.
تنهنجي هٿن جون هڙ ريکائون
پٿر ٻڻجي ويئيون آهن
ڇهري منجهہ لڪيرون ايئن
جڻ ڪنهن ڳتيل شهر جا رستا
اگهہ پورهئي جا ڪيڏا سستا!
تنهنجون ساريون سندر سوچون
ذهن نگر ۾ ڊوڙي ڊوڙي
هاڻي تہ ٿڪجي پيئون آهن
وڏ گهراڻي محبوبا جان
ننڊ بہ تون کان ڏور وئي آ

(نظم "مايوسين جو موت بہ ٿيندو" جو حصو)

ڪيئي ڏيهي اغوا ٿي ويا
گولين آڏو پرزا ٿي ويا
ينل اکين جا سپنا ٿي ويا
ڊنل دلين جا دهڪا ٿي ويا.
بازاريون پڙ يانگ سموريون

اونداهيءَ جي چادر اوڙهي
رات جي ناتر ناچ نچي ٿي
ڇيرن جا آواز اچن ٿا.

(نظم، امن جا وٿاڻ- ڪتاب ۾ قبرستان جو حصو)

اهڙا ٻيا بہ نظم آهن جيئن: "هر ڏس ۾ هيڊلاڻ آ چانيل"، "ٽڪل زندگي"، "ڏرتيءَ تي دوزخ"، "وچوڙي جو ڪارڻ" "ڏکن جي سرحد وٽ روڪيل خوشيون"، "وچوڙي جي منڊ جي پهرين برسات"، "آدم جو اولاد" ۽ "پاڙون" وغيره اها ڪيفيت هن جي ٻي شاعري ۾ بہ ڪٿي ڪٿي ملي ٿي.

ادل سومري ۾ جو انسان آهي، ان ۾ قوميت بہ ڀرپور آهي تہ بين الاقواميت بہ ڀرپور آهي. پوءِ بہ هن جي شاعري سياست سان واڳيل نہ آهي ۽ اُها آزادي بہ هن جي بحر وزن مان آزاديءَ وانگر آهي. اياز گل وانگر ادل ، شاعريءَ ۾ انهيءَ دور جو آئينہ دار آهي. جيڪا پنهنجا اسلوب ڳولي لهندي، پنهنجا موضوع ڳولي لهندي، جن تي سنڌ جي مهر ثبت هوندي پر پوءِ بہ ان جي آفاقيت مجروح نہ هوندي.

# مهاڳ

(بدر ابڙي جي ڪتاب ”جيل جي ڊائري“ تي 5 فيبروري 1990ع تي لکيل مهاڳ)

هيءُ دور داد امير حيدر ۽ ڪلپنا دت وارو دور نہ آهي. بظاهر ايئن ٿو نظر اچي تہ سوشلزم ختم ٿي رهيو آهي. ممڪن آهي تہ اهو پئرس ڪميون وانگر ناڪام ٿيو آهي. مشرقي يورپ ۾ ڪميونزم لاءِ نفرت ايترو اُڀري رهي آهي، جو پولينڊ ۾ ساليڊرٽي گورنمينٽ ٺاهي وئي ۽ ڪميونسٽ پارٽي اقليتي مخالف ڌر ٿي وئي، ديوار برلن ڪيرائي وئي ۽ امڪان آهي تہ اوير ۽ اولهہ جرمني هڪ ٿي وڃي. هنگري، بلغاريہ ۽ چيڪو سلواڪيا ۾ بہ ڪميونزم ڏانهن ردعمل ۾ ڪافي ڦيرو اچي ويو آهي. رومانيا ۾ تہ چائوشسڪو ماريو ويو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وڌي وئي ۽ لاٿي وئي، ڇاڪاڻ جو رومانيا ۾ ڪميونسٽ پارٽي ايتري موثر نہ رهي آهي. خود روس ۾ هڪ گهڻ پارٽي نظام تي بحث ٿي رهيو آهي. مغربي پريس وارا آرمينيا، آذر بائيجان، بائيلورشيا، ايستونيا، ليٽويا، لٿوانيا، جارجيا، قازقستان ۽ ڪرغيزيا، مالڊوويا، تاجڪستان، ترڪمانستان، يوڪرين ۽ ازبيڪستان ۾ وڳوڙ جي نشاندهي ڪري رهيا آهن. آرمينيا ۽ آذربائيجان ۾ روس فوجي ڪارروائي بہ ڪئي آهي. رڳو اهو نہ پر ٻئي وڏي اشتراڪي ملڪ چين ۾ تائنامين اسڪوائر ۾ ڪوس ڪرائي آپيشاهي مسلط ڪئي وئي آهي. پر اها بہ آخر ڪيستائين هلندي؟ هن دور ڪيئي سوال اڀاريا آهن جن جا جواب اڄا مستقبل جي ڌنڌلڪي ۾ آهن. ڇا اسٽالن

مارڪسزم ليننزم کي اهڙو ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي جهڙو فرينچ انقلاب کي نيپولين هنيو هو؟ ڇا انقلاب جو دور ختم ٿي چڪو آهي ۽ تاريخ جي ارتقا ٽپ ٿي ويئي آهي؟ يا مشرقي يورپ ۾ به جنگ عظيم کان پوءِ سوشلزم مڙهي وئي هئي. ۽ ان ڪري اها عوام ۾ ايئن مقبول نه هئي، جيئن روس ۽ چين ۾ ۽ مشرقي يورپ اهو طوق لاهي پنهنجي گردن خلاص ڪئي آهي؟ اهو ته ظاهر آهي ته روس ۽ چين جي ايتري ترقي سوشلزم کان سواءِ نه ٿي سگهي ها. پر ڇا اُتي سوشلزم پنهنجو رول ادا ڪري چڪو آهي. ۽ هينئر رڳو ڇڳيءَ جو ڳٽ لڳي رهيو آهي؟ ايئن ٿو لڳي ته صنعتي دور ۾ Command Economy بي معنيٰ ٿي چڪي آهي. پر ان جي معنيٰ اها آهي ڇا ته اسان پريزيڊنٽ بش واري آمريڪا ۽ وزيراعظم مارگريٽ ٿيچر واري انگلينڊ جو فرسوده اقتصادي نظام قبول ڪريون؟ اڳتي هلي پتو پوندو ته روس ۽ مشرقي يورپ جي تبديلين جو چين، ڪوريا، ڏکڻ اوڀر ايشيا وغيره تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. اسان لاءِ ته اهو اهم سوال آهي ته افغانستان جو ڇا ٿو ٿئي ۽ برصغير ۾ سارڪ سمٽ تي معاهدي مطابق امن پائيدار رهي ٿو يا نه. سوشلزم جو تاثر ته ايشيائي ليڊر شپ تي به ڪافي رهيو آهي. شهيد ڀٽو، نهرو، ناصر، نڪروما، سوئيڪارنو وغيره سوشلزم کان متاثر هئا ۽ پنهنجي عوام تي پنهنجي خيالات جو پائنده تاثر ڇڏي ويا آهن. ٽين دنيا جا مسئلا اتي ئي آهن، جتي اڳ هئا ۽ سرمائيدارانه نظام اڃان تائين انهن جو حل پيش نه ڪيو آهي. ان ۾ شڪ ناهي ته هن وقت سوشلزم ۾ اها لگن، اهو جذبو ۽ اها وابستگي پيدا نٿي ڪري، جا جان ريڊ (John Reed) جي ڪتاب ”ڏهه ڏينهن جن دنيا کي جهنجهوڙي ڇڏيو“ (Ten days that shook the world) ۾ ڏيکاريل آهي. اهو ٺيڪ آهي ته ڪنهن حدتائين مارڪيٽ اقتصاديات جا اصول ثابت ٿي چڪا آهن ۽ ان حد تائين سرمائيدارانه نظرئي کي هٿي ملي آهي، پر پوءِ به ٽينءَ دنيا جا سياسي ۽ اقتصادي مسئلا حل طلب آهن. ستر واري ڏهاڪي جا نعرا ته هاڻي کوکلا ٿا لڳن، پر پوءِ به ٽين دنيا جا انسان

پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي نجات لاءِ اڳي وانگر لڙي رهيا آهن. نيٺ انهن کي ڪو فلسفو ملي ويندو جنهن ۾ اقتصادي ۽ سياسي آزاديءَ جو ميل ميلاپ هوندو ۽ هو سوشلزم کان ايڏو بيزار نہ لڳندا، جيترو هاڻي مشرقي يورپ ۾ ٿيا آهن. اهو بہ اهم سوال آهي تہ هتي جي ڪميونسٽ پارٽي هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ وانگر، جمهوري نظام ۾ ٻين پارٽين وانگر رڳو هڪ پارٽي رهندي ۽ پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ جي دعويٰ ڇڏي ڏيندي ۽ ان حالت ۾ ان جو پروگرام ڇا هوندو ۽ اها ماضيءَ جي تجربي مان ڪيترو سکندي؟ مان اهو بہ چئي چڪو آهيان تہ هندستاني ڪميونزم کي ڪوتبو تہ اهو اندران گانڌي وادي نڪرندو. ڇا منهنجي هن نقطہ نگاهہ کي تاريخ سچو ثابت ڪندي؟ مشرقي يورپ ۾ ڪميونزم جي ترديد، ممڪن آهي تہ هتي ايتري اثر انداز نہ ٿئي ۽ اسان ۽ ڀارت جا رهواسي، جنهن واهيات ۽ نهايت خطرناڪ بنيادپرستيءَ جو مقابلو ڪري رهيا آهيون، ان مقابلي ۾ سوشلزم جو نظريو اسان کي وڏي هٿي ڏئي ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا لاءِ زهرِ هلاهل بدران ترياق ثابت ٿئي!

ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي تہ 1917ع کان پوءِ واري اشتراڪي دور ۾ بہ ڪافي چڱو ادب روس ۾ تخليق ڪيو ويو. شولو خوف جا ناول Quiet flows the Don ۽ The Fate of A Man ۽ اليا اهرنبرگ جو Fall of Paris وغيره عظيم ناول آهن ۽ اساڪ بيل جون ڪهاڻيون نهايت عظيم ڪهاڻيون آهن. ان ۾ بہ شڪ ناهي تہ اشتراڪي نظام جي مخالف شاعر پاسترناڪ ۽ سولزي نتسن ان دور ۾ عظيم ناول لکيا آهن. پاسترناڪ، آسپ مينڊلٽ سام ۽ ائنا اخمتووا جي شاعري بہ ان دور جي عظيم تخليق آهي. پئي ڏريون زار توڙي ڪميسار، تخليقي ادب تي نهايت ڪڙي نظر رکندا هئا. جيئن آمريت جي دور ۾ پاڪستان ۾ رکي وئي هئي. آندري سنياوسڪي (Andrei Sinyavasky) جو ايبرام ٽرٽز (Abram Tertz) جي نالي سان اجا تائين نهايت چڱو لکي رهيو آهي، تنهن جو شاهڪار Good Night حال ۾ ٿي ڇپيو آهي. هن کي روس ۾

ڇهه سال بيگار ڪئمپ ۾ رکيو ويو هو ۽ ان کان پوءِ هو ۽ سندس زال پئرس پهچي ويا هئا. جتي مٿيون ناول روسيءَ زبان ۾ ڇپيو آهي. هن جو دوست يولي ڊينئل، جو به هن وانگر مغرب ۾ هڪڙي وڏي منڪر (Dissident) جي حيثيت ۾ ڄاتو وڃي ٿو هن وانگر ڇهه سال روس ۾ بيگار ڪئمپ ۾ هو ۽ اتي دل جي دوري سبب مري ويو. انهيءَ به ڏاڍو چڱو ادب تخليق ڪيو آهي. ناول Lolita جو مشهور مصنف نبوڪوف، جو هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو هن چيو آهي ته جيڪڏهن بولشيوڪ اقتدار ۾ نه اچن ها ته هو جلاوطنيءَ ۾ نه هجي ها ۽ اهڙو چڱو لکي نه سگهي ها. ڪجهه سال اڳ روسي جلاوطن شاعر، براڊسڪي (Brodsky) کي پنهنجي شاعريءَ تي نوبل پرائز مليو هنن اديبن ۾ هيمليٽ جي عقيده تقدير (Fatalism) ۽ ڊان ڪئگزات جي آدرش واري طبيعت ملي ٿي. بدر ابڙي به پاڪستان جي قيد و بند ۾ رهي اهڙو چڱو ادب پيدا ڪيو آهي. جو هونئن شايد مشڪل پيدا ڪري سگهي ها.

بدر ابڙو جو منهنجي گهري دوست جمال ابڙي جو پٽ آهي، هن اها ڊائري سن 1980ع کان 1984ع ۾ لکي هئي، ۽ اها هن جديد دنيا ۾ ايتري اهميت جي حاصل نه ٿئي ها. جيڪڏهن اها فقط خارجي حالات جو عڪس هجي ها ۽ ان ۾ ايتري داخليت نه هجي ها. خارجي طور به اسان جمهوريت جي اڃان ريک به مس ڏني آهي ۽ هڪ فلاحي مملڪت جي منزل اڃان دور آهي. پاڪستان جون رجعت پرست پارٽيون تنهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيون آهن ته جيتري به سياسي ۽ آئيني آزادي اسان کي ملي آهي. اها اسان کان کسي وڃي ۽ اسان کي وري ماضيءَ جي تاريڪيءَ ۾ ڌڪيو وڃي. بهر صورت اها اسان جي خوش نصيبي آهي ته پاڪستان جا سڀ ترقي پسند حلقا ان سياسي ۽ آئيني آزاديءَ جي مڪمل بحالي تي متفق آهن.

هيءَ ڊائري آرٿر ڪوئسلر جي فرانڪو جي قيد ۾ لکيل ڊائريءَ وانگر نه آهي، جا هن پنهنجي ڪتاب Scum of the Earth ۾ ڏني آهي

۽ هن جي دور رس نگاهہ کي يورپ جي جديد تاريخ ثابت ڪري رهي آهي. پر بدر جي ڊائري ۾ بہ ڪوئسلر وانگر حقيقت نگاري بدرجا اُتم آهي ۽ جا بدر ابڙي کي هڪ حساس شاعر جي دل آهي، ۽ جذبات جو انوکو اظهار آهي، اهو تہ ڪوئسلر ۾ بہ نٿو ملي.

هر آمر کان وسريو وڃي تہ هن کي مرڻو بہ آهي. هو تاريخ جا سارا سبق ڀلائي ڇڏي ٿو. هلاڪو ۽ چنگيز جي انت تي غور نٿو ڪري ۽ پنهنجي لاءِ خود فريبيءَ جي دنيا ٺاهي ٿو جنهن ۾ هن کي هر ظلم ۽ ستم لاءِ جواز آهي. بزدل ۽ بي ايمان ماڻهو هن سان ها ۾ ها ملائين ٿا ۽ هن کي پنهنجي نقلي بهشت جا بدترين دوست ٿي ورائي وڃن ٿا ۽ هن جي خوشامد ۾ ڦوليا نٿا سمائين، پنهنجي من و سلويٰ لاءِ هن جو احساس جتائي نٿا ٿڪجن ۽ آمر جي وات جي گگ کي ڪوثر ۽ تسنيم جي ڪف آلود لهر سمجهن ٿا. آمر نهايت چالاڪ ۽ تريناڪ ٿين ٿا، پر انت ۾ اهي نهايت بيوقوف آهن ۽ جڏهن موت انهن جي سر تي سوار ٿئي ٿو تڏهن انهن جي مال ۽ دولت، سطوت ۽ اقتدار ڪنهن ڪاغذ جي محل وانگر ڊهي ڍير ٿي پون ٿا ۽ جهنم جي آڳ انهن کي جلائي انهن جي رک بہ اڏائي ڇڏي ٿي ۽ تاريخ ۾ اهي ڀوت پريت وانگر لڳن ٿا، جن پنهنجي دور جو ساهہ تہ مُٺ ۾ آندو هو پر مٺي کان پوءِ پاڻ بہ مٺيءَ جي مُٺ وانگر هئا. ڪيڙا انهن جي ڪفن ۾ چري پنهنجي اڳئين جنم جي ڪِئي تي پڇتائيندا هوندا ۽ چوندا هوندا تہ اها ڪهڙي ڳالهہ جي سزا آهي، جو هن ڪوڙي انسان جو لاش اسان جو رزق ٿي آيو آهي. ساري زندگي مون کي هر آمر کان نفرت ٿي رهي آهي پوءِ اهو هٽلر هو يا مسوليني، چليءَ جو پنوشي ۽ پاڪستان جو ايوب خان، يحيٰ خان يا ضياءُ الحق. دراصل انسانن وانگر قومون بہ پنهنجي ڪئي جو ڪيتو ڏينديون آهن ۽ انهن جي تاريخ ۾ اهڙيون عظيم غلطيون هونديون آهن، جيڪي آمريت لاءِ جواز پيدا ڪنديون آهن. فرد وانگر قوم کي بہ تمام گهڻي دير سان سمجهہ ۾ ايندو آهي تہ پنهنجي ڪئي جو نہ ويج نہ طبيب. شروع کان پاڪستان جا ڪيئي

حلقا چاهيندا رهيا آهن تہ هو تاريڪ ماضيءَ ۾ موٽي وڃن، وهم پرستيءَ جي اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻن، هن جمهوري دور ۾ بہ پنهنجو ڪو اميرالمومنين چونڊين ۽ هڪ فرد واحد کي ڪروڙن انسانن جي تقدير حوالي ڪن. اسان لاءِ دوزخي فوجدار ڪنهن وقت ايوب خان، ڪنهن وقت يحيٰ خان، ڪنهن وقت ضياءُ الحق جي روپ ۾ آيا ۽ پنهنجا هاڃا ڪري اوچا سر ڪپي ۽ شخصيتون پيچي پورا ڪري ويا. انهن آمرن انسانن ۾ بزدلي، ڪميناڻپ، خوشامد ۽ بي حيائيءَ جا جذبا پيدا ڪيا. آمر، انسان ذات جا بدترين دشمن آهن. اسان جڏهن انهن جا لاش ڪيڙن ماڪوڙن جي حوالي ڪريون ٿا تہ ڪيڙن ماڪوڙن تي ظلم ڪريون ٿا. ها! قدرت کي ڪڏهن ڪڏهن ڪيڙن ماڪوڙن تہ بہ رحم ٿو اچي ۽ اها لاش جلائي رک ڪريو ڇڏي. آمريت جي مزاحمت ڪندي، ڪي ذوالفقار علي ڀٽي وانگر شهيد ٿين ٿا. ڪي نذير عباسيءَ وانگر ۽ ڪي فاضل راهو وانگر. مون هميشہ ان موضوع تي سوچيو آهي تہ هنن کي شهادت ۾ ڇا ٿو نظر اچي. منهنجي آپيرا "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" انهيءَ موضوع تي لکيل آهي ۽ ان ۾ آيل ڪردارن سک ديو جي من ۾ گمان ۽ راڄ گروءَ جي دل ۾ يقين ڏيکاري، مون ان مسئلي جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، پر اڃا تائين ان مسئلي کي پوريءَ طرح مُٺ ۾ آڻي نہ سگهيو آهيان. منهنجو هڪ اردو شعر هو جو منهنجي ڪتاب "نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي" ۾ ڇپيو آهي:

یہ نین سجل یہ پتلی پتلی ہونٹ پیا کی امرت سے
ھر گیان سے بہتر، ھوتی ھیں، ھر دھیان پہ جب چھا جاتی
ھیں

اها ڪهڙي سوچ آهي، ڪهڙي ڪيفيت آهي، جا سجل نيڻ ۽ سنهڙن چپن تان روح پلي وڃي ٿي ۽ ڪوڙا ڦٽڪا، قيد، ڦاسيون پنهنجي لاءِ چونڊي وٺي ٿي؟ بدر ابڙي ان جو جواب پنهنجي حساب سان ڏنو آهي. نذير عباسي جي زال حميده جڏهن اُردوءَ جي انقلابي

شاعر، منهنجي دوست ۽ سکر ۾ پاڙيسري مرحوم حسن حميديءَ کي نذير عباسي جي شهادت کان پوءِ پنهنجي ڪيفيت ٻڌائي هئي، تڏهن حسن حميدي ايترو متاثر ٿيو هو جو هن ان تي هڪ طويل مثنوي لکي هئي، جيڪا ڇپجي چڪي آهي. حسن حميديءَ به هڪ ڪميونسٽ وانگر نذير عباسيءَ جي شهادت کي ڏٺو آهي. نظم نهايت سهڻو آهي، پر منهنجو مٿيون سوال اُتي ئي آهي ۽ ان جو تسلي بخش جواب ان نظم ۾ به نه آهي. اڳي ته چوندا هئا:

بنا ڪر دند خوش رسمي به خاڪ و خون غلطيدن
خدا رحمت ڪند اين عاشقانِ پاڪ طينت را

(خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڙيون پائڻ جي چڱيءَ رسم جو بنياد رکيائون، خدا، اهڙيءَ پاڪ فطرت وارن عاشقن تي شل رحمت ڪري.)

پر جن جو اهڙيءَ رحمت ۾ اعتبار نه هجي ته انهن جي پاڪ طينت، عجيب پاڪ طينت آهي، جنهن کي صلي جي پرواهه نه آهي ۽ جا پنهنجو جواز پاڻ آهي. مان انهيءَ کي سمجهڻ چاهيان ٿو چڱيءَ طرح سمجهڻ چاهيان ٿو ڇو ته اها موت ۽ حياتيءَ جا اسرار مون لاءِ بنهه سلجهائي ڇڏيندي. ايئن ته نه آهي ته اها ڪيفيت فقط شهادت وقت محسوس ڪري سگهجي ٿي ۽ ايئن جيئري گرفت ۾ نه ايندي؟ شايد ان ڪري ئي مان شاهه عنايت تي اپيرا نه لکي سگهيو آهيان ۽ پنهنجي دور جي نهايت عظيم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي تي به آپيرا نه لکي سگهيون آهيان.

فخر زمان جي پنجابي ناول ”بنديوان“ ۾ جو ڪجهه آهي، مون لاءِ ڪافي نه آهي. ڇا رڳو انسانذات ۾ اعتبار ڪافي آهي؟ رڳو حسن، حق ۽ نيڪيءَ جي فتح ۾ اعتبار ڪافي آهي؟ پر جي اهڙو اعتبار ڪافي آهي ته ڇو ڪافي آهي؟ مون کي ياد اچي رهي آهي قادر بخش نظاماڻيءَ سان ملاقات، هو ون يونٽ واري دور ۾ روسي سفارتخاني ۾ ڪنهن عهدي تي هو ۽ ڪراچيءَ ۾ هانگ ڪانگ هوٽل ۾ منهنجي دعوت ڪئي هئائين. هن کي رُڪ جو اڪيون هيون، جي جڻ مون تي

ڪُپي ويون هيون. ڪافي دير کان پوءِ هن چپر چِنيا ۽ مون کان پڇيو تہ ڇا مون کي اهو معلوم هيو تہ آمريت جي ايتري مخالفت جا نتيجا ڇا هئا ۽ جي مون اُهي ڄاتا ٿي تہ مون پنهنجي تقدير ڄاڻي واڻي ڇو قبول ڪئي هئي؟ مون هن کي ڪيئي سبب ڏنا، پر هو مطمئن نہ ٿيو. مون کي رڳو ايترو چيائين: "ڪاش! منهنجي جذبات ۾ بہ تو جيتري تازگي هجي!" بدر ابڙي جي ڊائري پڙهي منهنجي هانوَ ۾ ساڳيا لفظ هُرڻ لڳا: "ڪاش! منهنجي جذبات ۾ بہ هن جيتري تازگي هجي."

مون بہ جوانيءَ ۾ دوستيون ڪيون آهن. جوانيءَ جا دوست ڏاڍا پيارا ٿيندا آهن ۽ بدر چواڻي، "واقعي رت جي رشتن وانگر ڪي ٻيا بہ رشتا آهن، جن جو پنهنجو تقدس آهي." خاص ڪري جيل جا ساٿي تہ ڏاڍا پيارا ٿيندا آهن. 1970ع ۾ منهنجو جيل جو ساٿي فقط هڪ ئي هو مرحوم رشيد ڀٽي، جو مون کي ايترو پيارو هو جو ماضي قريب ۾ مان هن جي موت تي اوڇنگارون ڏئي رُنو هئس. 1970ع واري جنگ وقت، اسين سکر جيل ۾ هئاسين ۽ جنهن وقت هندستان جا جهاز جيل مٿان لامارا ڏيندا هئا ۽ سائرن وڄندو هو اسان جيل جي ڪوٺيل ڪاهيءَ ۾ ٽپو ڏئي پاڻ لڪائيندا هئاسين. ان وقت رشيد ڀٽي ڪاهيءَ مان اُٿي، جهاز کي ٻُجو ڏئي چوندو هو "تو! اٿئي، پنهنجا بہ نٿو سڃاڻين!" مون جڏهن رسول بخش پليجي کي رشيد ڀٽيءَ جي جنازي جي نماز لاءِ آيل ڏٺو هو تہ مون هن جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي ايئن سُڏڪا ڀريا هئا، جيئن ننڍا ٻار روئندا آهن.

بدر جي جيل جا ساٿي تہ گهڻا ئي هئا. امر لعل، جمال نقوي، ڄام ساقي، ڪمال وارثي، شبير شر، سهيل سانگي وغيره جي اڃا تائين بقيد حيات آهن ۽ پنهنجي نقطہ نگاه سان پنهنجي حساب سان نڀاهيندا اچن. هنن سان خيال جي نااتفاقي تہ ٿي سگهي ٿي، پر هنن جي ڪمٽمينٽ ۽ اورچائيءَ ۾ مون کي فرق محسوس نہ ٿيو آهي. مون ڏٺو آهي تہ جيئن عمر وڌي ٿي، تيئن اڪثر انسانن جي روح تي ڪٽ چڙهي وڃي ٿي، انهن ۾ جوانيءَ واري تازگي نہ ٿي رهي، هو گهڻو ڪري

حرص و هوس جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ جي انهن ۾ ڪنهن آدرش سان ڪائي لڳن رهي به آئي، تہ زماني سازيءَ، تلخ تجربن ۽ مايوسين سبب انهن مان اڳي واري جذبات جي گرمي نڪري وڃي ٿي ۽ سنگدليءَ جي حد تائين دوستيءَ سان بي تعلقي ٿي وڃي ٿي. خصوصاً اڳيان دوست جڏهن دشمن ٿين ٿا تہ ڏاڍا بُرا دشمن ٿين ٿا ۽ هو برائيءَ تي لهي اچن ٿا. ماڻهپو برقرار رکڻ، جذبات ۾ جوانيءَ واري تازگي ۽ گرمي ساڳيءَ طرح رکڻ، سچ، سونهن ۽ پيار سان لڳاءَ ۾ رتي پر فرق نہ اچڻ ڏيڻ ۽ عمر جي زنگ کان پاسي رهڻ هر ماڻهوءَ جو مقدر نہ آهي. اديب ۽ شاعر بہ انهيءَ معاملي ۾ نهايت ڪمزور نظر آيا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون کي هنن جو گهٽيا پڻو ڏسي تعجب ٿيندو آهي ۽ سوچيندو آهيان تہ ڇا هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جنهن کي اڳي شير سمجهندا هئاسين. هن ۾ اها لومڙ واري چال ڪٿان آئي ۽ آسڪر وائلڊ جي Dorian Gray وانگر هن جو روح اهڙو قبيح ڇو ٿي ويو آهي، ۽ ڇا هي بلڊپريشر جو مريض اهو ساڳيو انسان آهي، جو اڳتي ايتري تحمل، محبت ۽ رفاقت وارو هوندو هو. بدر جي جذبات ۾ تازگي ۽ گرمي ڏسي مون کي هن جي ڦوهہ جوانيءَ تي رشڪ ٿو اچي، شال اها روح جي تازگي هن سان نيبهہ رهي. اها وچي ٿي تہ باقي ماڻهو ماس جو لوٿڙو وڃي ٿو رهي. شال، انسان ۾ آزادي ۽ محبت جو تصور ائين رهجي اچي، جيئن دودي کي ماڙيءَ تي روپا نظر ايندي هئي.

ڪم عمريءَ ۾ ئي بدر هڪ فلاسفر، شاعر، مصور ۽ انقلابيءَ جو ميلاپ آهي، هوندئن تہ هو هڪ سنگ تراش بہ آهي. قيد تنهائي، تشدد، نذير عباسيءَ جي الوداعي هٿ لوڏ، سياسي ليڊر کي ڪارڪنن جي پڪڙپڇاڙ ۽ ان جو آخري نتيجو (رفيق صفيءَ جي اکرن ۾ "جيڪڏهن امتحان اکرن ۾ هجي ها تہ بڙي مارڪ کٽي ها.") جبار کي ڪوڙن جي سزا، صمد چرئي جو ڪردار ۽ بيون ڪيئي اهڙيون ڳالهيون ۽ مثال، آمريت جي دور ۾ پاڪستاني جيلن ۾ زندگيءَ جي نهايت چڱي حقيقت نگاري آهي. ڪيڏو نہ هن سياسي قيدين ۾ آزاديءَ لاءِ انتظار

ڏيکاريو آهي، پيپلزپارٽي ۽ ٻين پارٽين جي ڪارڪنن جون صعوبتون ڏيکاريون آهن ۽ انهن ۾ اها اميد ڏيکاري آهي ته ملڪ ۾ ڪائي تحريڪ اٿڻ واري آهي! ڪيئن نه جيل ۾ سڀ سياسي قيدي عدالتن ۾ اميد رکيو ويٺا هئا! مان اهو سارو وقت هاءِ ڪورٽ جو مصروف ترين وڪيل هوس، هڪ پيري ڪنهن ملٽري ڪورٽ جي خلاف هاءِ ڪورٽ جي جج ڪجهه جملا سختيءَ سان چيا ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي چيو ته هو ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي ٻڌائي ته اهي غلط ڳالهيون حڪومت کي برو نالو ڏينديون ۽ ٻي پيشيءَ تائين جو ڪجهه ملٽري ڪورٽ ۾ ٿي رهيو آهي، اهو ٺيڪ نه گهرجي. ٻن ڏينهن کان پوءِ ملٽري ڪورٽن جي توهين جي باري ۾ آرڊيننس پوري پاڪستان ۾ جاري ٿي ويو. جنهن موجب ملٽري ڪورٽن جي خلاف ڳالهائڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي ججن تائين به توهين عدالت جا مرتڪب ٿي پئي سگهيا.

جنرل ضياءُ الحق جيتري آئين جي بيحرمتي ڪئي. ان کي بار بار پنهنجي سهوليت مطابق ترميم ڪيو يا ان جي تنسيخ ڪئي. اهڙي بيحيائيءَ سان ٿي. وي ٿي قانون ۽ آئين سان بيهودو مذاق ڪيو. جو انسان جو ذهن ايتري شتر بي مهاري ۽طوطا چشميءَ جو تصور به نٿو ڪري سگهي. روز C. M. L. A ۽ صوبائي M.L.A جا آرڊر ۽ آرڊيننس ڏڙا ڏڙا اچي رهيا هئا. جو وڪالت جو پيشو نهايت مشڪل ٿي پيو هو ۽ جڻ دل انگريز جي دور کي سارينديو هئي، جڏهن قانون کي ڪائي پائندگي هئي ۽ هيئن انڌ جي گهوڙي تي سوار نه هو. ابلاغ جي ذريعن مان اعتبار نڪري ويو هو ۽ جيل اندر يا جيل کان ٻاهر ماڻهو بي بي سي ٻڌندا هئا ۽ رڳو ان جي خبرن تي اعتبار ڪندا هئا. آمريڪا جا رسالا، ٽائيم، نيوز ويڪ وغيره ان وقت جنرل ضياءُ الحق جا حمايتي هئا ڇو ته ان وقت ڪميونزم جي پو کان آمريڪا ٽين دنيا جي باري ۾ بدترين فوجي آمريتون اتساهيندي هئي، ۽ويٽنام ۾ شڪست کان پوءِ ته ڇڻ ڇتي ٿي پئي هئي، پاڪستان جي باري ۾ ڪابه صحيح خبر نه ڏيندا هئا. روس جي رسالن تي پابندي هوندي هئي. پر اهي به هن راڪشس کي گهٽو ڪاوڙائڻ نه چاهيندا هئا. رفيق صفي ۽ بدر ابڙي جهڙا انسان.

”هم جو تاريڪ راهون مين ماري گئي“ جو مثال هئا ۽ جڏهن ڪائيون ڪپي ويون هيون تہ باهہ ۾ پنهنجا هڏ پيچي وجهندا هئا تہ جيئن دونهي دڪيل رهي.

هن ڊائريءَ جي خوبي ئي ان جي داخليت آهي. لينن جي انٽيليجنس جي سربراهہ زرزينسڪيءَ جي جيل جي ڊائري پڙهي، ماڻهو ڪوئي تاريخي مواد حاصل ڪري تہ ڪري، باقي ادبي دستاويز جي حيثيت ۾ نهايت ئي بور ڊائري آهي. آرٿر ڪوئسلر لزبن ۾ فرانڪو جي قيد ۾ رهي، جا ڊائري لکي، سا ڪجهہ وڌيڪ دلچسپ آهي، پر ان ۾ بہ زياده تر خارجيت آهي. بدر ابڙي جي ڊائري ان ڪري نهايت دلچسپ آهي، جو ان ۾ گهڻو ڪري هڪ حساس اديب جا پنهنجا پهرين جيل جا تاثرات آهن. جن جو نهايت موثر بيان ٿيل آهي. مون لينن گراڊ ۾ اهو جيل خانو بہ ڏٺو جتي زار جي زماني ۾ لينن جي ڀاءُ کي ۽ گورڪي ۽ ٻين انقلابين کي رکيو ويو هو پر ان معاملي ۾ ضياءَ جي ڀيٽ ۾ زار بدر جا بهتر هئو ۽ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن تشدد پسند زار تي ناڪام ئي سهي، حملو تہ ڪيو پر ضياءَ تي اهڙو حملو بہ نہ ڪيو ويو ۽ جي ڪائي سازش ٿي تہ اها دٻائي وئي ۽ ان جا صحيح تفصيل عوام جي ڏيان تي نہ آندا ويا. سارو معاملو ڪنهن ازلي دهشت گرد حل ڪيو نہ تہ اڃان تائين اسان ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسبا اچون ها. معلوم نہ آهي تہ هيءَ حڪومت ضياءَ جي دور تي هڪ وهائيٽ پيپر ڇو نٿي شايع ڪري؟ ڪيستائين ضياءَ جا حواري اقتدار جون ڪرسيون والاري ويهندا؟ ايڪيهين صدي اچي رهي آهي، انسان ڪائنات کي تسخير ڪندا ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهتا آهن. هاڻي اها فوجي آمرن جي ڏئونس ۽ ڏانڊلي ختم ڪئي وڃي. مان ڀانيان ٿو تہ ڪنهن حدتائين صحيح هو ۽ اقتدار جي هوس دولت جي هوس کان بري آهي ۽ انسان جي جبلت ۾ وڌيڪ شامل آهي.

مان هاڻي سمجهي سگهيو آهيان تہ جمال ابڙو رٽائرمينٽ کان پوءِ فرصت ۾ ڇو نٿو لکي، دراصل جي منهنجو ڪوئي پٽ بدر جهڙو لکي سگهي ها تہ مان بہ لکڻ ڇڏي ڏيان ها ۽ هن جي تخليق تي قناعت ڪريان ها.

[4]

# اڳتي قدم

(آگسٽ-سيپٽمبر-آڪٽوبر 1947ع)

شيخ اياز آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 1947ع ۾ "اڳتي قدم" نالي رسالي جا ٽي پرچا ڪڍيا هئا. جيڪي اياز جي ايڊيٽوريلن ۾ اُن ۾ ڇپيل مواد جي حوالي سان ترقي پسند فڪر جا آئينہ دار هئا. اهي ٽئي، پرچا محمد ابراهيم جويي "شيخ اياز فائونڊيشن" حيدرآباد طرفان، 2001ع ۾ گڏائي، ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. شيخ اياز جا ٽن پرچن جا ايڊيٽوريل ۾ هڪ ڪالم "رولو ڪلب جي شاعر جو خط" هتي شامل ڪجن ٿا. جيڪي سنڌس نثري تحرير جا اوائلي نمونا آهن. 'اڳتي قدم' جي هن نئين اشاعت تي محمد ابراهيم جويي جو لکيل پبلشرنوٽ بہ اهميت جي حوالي سان هن اياز جي نثري تخليقن جي جلد ۾ شايع ڪجي ٿو.

(تاج جويو).

# اياز ۽ اڳتي قدم

اياز سان منهنجي غائبانہ ڄاڻ 1938ع ڌاري ۽ روبرو ملاقات 1941ع جي آخر ۾، منهنجي پياري دوست جمال صديقيءَ جي وسيلي، ڪراچيءَ ۾ ٿي. جمال ۽ اياز وڏي ۽ سڌريل شهر شڪارپور جا هئا، ۽ آءٌ ننڍي سادي شهر تيرٿ لڪيءَ جي لڳ سنڌوءَ جي ڪپ سان ڳوٺ ’آباد‘ جو رهندڙ نيٺ ٻهراڙيءَ جو هوس.

سال 41_1940ع ۾ آءٌ بمبئيءَ جي وڏي ننگر مان بي. ٽيءَ جي ٽريننگ پوري ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسہ الاسلام ۾، جتي آءٌ پڙهيو بہ هوس ۽ پوءِ ماستر بہ مقرر ٿيو هوس، موٽي اچي دخلڪار ٿيو هوس. اياز ۽ جمال ڊي. جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ بي. اي لاءِ داخل ٿيا هئا.

بمبئيءَ مان آءٌ ڪامريڊ ايم. اين. راءِ سان متعارف ۽ سنڌس ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کان متاثر ٿي موٽيو هوس. ڪراچيءَ ۾ ناگيندر ناٿ وياس نالي هڪ گجراتي برهمڻ نوجوان جي تحرڪ ۽ اڳواٽيءَ ۾ ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سنڌ شاخ قائم ٿي چڪي هئي، جنهن سان آءٌ ۽ منهنجا دوست_گجراتي ڳالهائيندڙ بوهرا جماعت جو احمد اي جيواجي، مزدور ليڊرُ ڪونڪني خطب، ۽ اياز جمال ۽ ٻيا ساٿي وڃي شامل ٿياسين. وياس هڪ وڏي سيٺ جو پٽ هو ۽ پيار جي شادي هڪ پڙهيل ڳڙهيل سُشيل اڇوت ڇوڪريءَ، سُشيلا سان ڪئي هئائين ۽ اُن سبب پيءُ جي گهر مان ترڙجي نڪتل هو احمد اي. جيواجيءَ کان بہ سندس اعتقادي ۽ مذهبي پيءُ ڪجهہ رُنل هو ۽ احمد پاڻ بوهرا جماعت جي هڪ روشن ذهن سڌارڪ حاتم

علي علويءَ جي زير اثر پنهنجي ”آڳي قدم“ نالي پريس مان ”آڳي قدم“ جي ئي نالي سان ماهوار گجراتي رسالو ايڊٽ ڪندو ڇاپيندو ۽ شايع ڪندو هو ۽ اياز ۽ جمال ٻئي پنهنجي آلهڙ جوانيءَ جي پهرئين پيار جا چيٽ ڪاڏل هئا. شعر ۽ شاعريءَ سان دل هُين ۽ علم جي نئين روشنيءَ جي ڪجهہ سرسُ چُڪي پيتلَ ۽ وڌيڪ اُن جا پياسي هئا. ٻيا سڀ اسان جا ڪامريڊ بہ ريڊيڪل پارٽيءَ ۾ اُهڙائي پنهنجي پنهنجي نوع ۾ ”حال کان ناراض ۽ بهتر مستقبل لاءِ اُتساهيل“ جي اڇي گڏ ٿيا هئا.

1941_42ع ۾ اسان ريڊيڪل پارٽيءَ جي آواز طور انگريزيءَ ۾ هفتيوار اخبار ”فريڊم ڪالنگ“ (Freedom Calling) جي نالي سان ڪڍي هئيسون، جنهن کي ڪامريڊ وياس ايڊٽ ڪندو هو ۽ جنهن ۾ وقتي آءٌ بہ لکندو هوس، گمنام ٿي ۽ ڪڏهن پنهنجي نالي سان بہ. ٻي مهاڀاري لڙائي (1945_1939) جاري هئي ۽ اسان لاءِ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي پيٺ ۾، شروع کان ئي اُها اَئنٽي فاشسٽ (_Anti Fascist) جنگ هئي. اسين اُن لڙائيءَ ۾ سرڪار جي حمايت ۾ هئاسين، ۽ سرڪار جي نئشنل وار فرنٽ ۾ شامل هئاسين. اسان جو آزاديءَ ۽ جمهوريت لاءِ فڪري خواب ٽہ_طرفو هو: سيڪيولزم ۽ نئشنلزم، سوشلزم، جنهن جي ساپيان لاءِ اسان ”هن دنيا ۾، هن ڌرتيءَ تي حق، نيڪيءَ ۽ خير جي جنت“ بنائڻ ٿي گهري.

ڪامريڊ ايم. اين. راءِ ان سياست جي فڪري سلسلي کي هيومنزم (Humanism) جو نالو ڏنو هو.

1946ع ۾ مون کي پهريون پٽ منور علي ڄائو جنهن جو پهريون نالو لاڏَ پئي ”منور اختر“ رکيوسين. مون سندس ماءُ کي شاديءَ جي نشانيءَ طور سونا ايرنگ نهرائي ڏنا هئا، جن تي پنهنجي سياسي انا جي تسڪين لاءِ ڪميونزم جو عالمي نشان ”ڏاتو ۽ مُترڪو“ جڙيل هو! منهنجي سياسي اعتقاد پٺي جو اُن دور ۾ اهو رنگ هو!

ان ئي سال مون بہ ڪتاب لکيا: هڪ ايم. اين. راءِ جي ڪتاب Historical Role of Islam جو سنڌي ترجمو. ”اسلام جو تاريخي

ڪارنامو"، ۽ ان هڪ ئي پنهنجي تحرير جي نہ ڇپجڻ جو بلڪ هٿان ئي نڪري وڃڻ جو مون کي سڄي عمر بيحد افسوس رهيو آهي:

بيو ڪتاب..'Save Sindh Save the Continent' انگريزيءَ ۾ لکيم (جنهن جو بيو ڇاپو تازو جنوري 2001ع ۾ بہ شايع ٿيو آهي) ان جي جزا طور مون کي سنڌ مدرسي جي ملازمت تان دستبردار ٿيڻو پيو هو.

1946ع ۾ ٿي اسين (وياس، مائي سُشيلا، اياز ۽ ٻيا ڪجھ ساٿي) پراڻي هڪ باربردار لاري، ڀاڙي ڪري، سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ريڊيڪل پارٽيءَ پاران بيهاريل اميدوار ڪامريڊ عبدالغفور جان سرهنديءَ جي ورڪ لاءِ عمرڪوٽ-سامارو-ڪپرو تڪ ۾ ويا هئاسون، ۽ سڄو مهينو ٿر جي پٽن تي اياز جو گيت "او باغي، او راڄ دروهي، ڀارت ۾ ٻلوي جا باني" ڳائيندا رهياسون. جنهن لاءِ اياز پوءِ پنهنجي ڪتاب "ساهيوال جيل جي ڊائري" (1968) ۾ لکيو هو تہ "ان ۾ ڪم آندل ٻولي ابراهيم جي صحبت جو اثر هئي." ۽ ٻيو گيت، جو گڏجي اُتي اسان ڳايو ٿي، سو هو ڊاڪٽر اقبال جي "جس کيت سي دهقان کو..." جو سنڌي ترجمو "جنهن کيت مان هاريءَ کي ميسر نہ ٿئي داڻو تنهن کيت جي هر ڪڻڪ جي تيلي کي جلايو!"

هن ئي 1946ع جي سال جي آخر ۾ اسان دوستن صلاح بيهاري تہ سنڌيءَ ۾ ترقي پسند، وطن دوست رسالو شايع ڪجي، اياز تيستائين ايل. ايل. بي پاس ڪري چڪو هو ۽ ڪراچيءَ کي ڇڏي، شڪارپور ۽ سکر ۾ پريڪٽس ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. فيصلو اهو ٿيو تہ رسالي جو نالو ڪامريڊ احمد. اي جيواجيءَ جي گجراتي رسالي "آگي قدم" جي نالي پٺيان سنڌيءَ ۾ "اڳتي قدم" رکجي، ۽ پوءِ اهو رسالو شڪارپور مان جاري ٿيو ۽ ٽي مهينا-آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر-جا، لاڳيتو شايع ٿيو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتو ۽ مقبول ٿيو.

پنجونجاھ سالن کان پوءِ 2 مارچ 2001ع تي، شيخ اياز جي انهترئين جنم جي ڏينهن تي، "اڳتي قدم" جا نڪتل اُهي ٽئي پرچا گڏجي، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا.

**محمد ابراهيم جويو**

# اڳتي قدم

(آگسٽ 1947ع جو ايڊيٽوريل)

اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انقلاب جو آواز بلند ٿي رهيو آهي. حڪومت، سماج، تهذيب، مذهب، رسم رواج ۾ اهم ڦير گهير اچي رهي آهي. صديون ستم سهي سهي، غلاميءَ جا زنجير گهلي گهلي، عمريون لٽائي، ٿڪا ڪائي، هيسجي، هارائي، اڄ آدميءَ مڪمل بغاوت جو اعلان ڪيو آهي. جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام سان پنجو لڙايو ويو آهي، ڪٿي ڪٿي جيت ٿي آهي، پر جدوجهد هرجاءِ جاري آهي. عوام جي سجاڳي ڏسي جابر قوتون اُن کي نهوڙي نيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. ان ڪوشش کي رجعت پسند مذهب، ادب ۽ آرٽ هٿي ڏئي رهيا آهن. ٻئي طرف ترقي پسند ادب زندگيءَ جي صحيح تصوير ڪڍي، اوچ طبقي جا ظلم ۽ بي انصافي چڱيءَ طرح چٽي، عوام جون مصيبتون، مجبوريون، دک درد ڏيکاري، اسان ۾ انقلابي روح ڦوڪي رهيو آهي. ترقي پسند ادب حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهي. پر صرف حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل ادب هرويرو ترقي پسند نہ آهي. سنڌي ادب ۾ صحيح ترقي پسندي آڻڻ لاءِ اسين في الحال حقيقت نگاريءَ (Realism) تي زور ٿا ڏيون، جا پڻ سنڌي ادب ۾ اجا نہ آئي آهي.

هڪ حقيقت نگار اديب لاءِ ترقي پسند ٿيڻ تمام آسان آهي، بشرطيڪ سندس حقيقتن جو مطالعو منجهس بغاوت جو معدو پيدا ڪري. اچو تہ هاڻي آگسٽ پرچي جا ليک ادب جي ڪسوٽيءَ تي لائي ڏسون.

هري دلگيرُ، ٻيوس اسڪول جو آخرين ۽ بهترين شاعر آهي. سندس

نظم ”ننڊ ڪري ٿو جڳ داتارُ“ ۾ ڪمزوريءَ جو احساس آهي. دنيا جا ناسور ڏيکاري ٿو پر منجهس جراحت جي طاقت نہ آهي. شعر ۾ حقيقت نگاري آهي. غريب عوام پنهنجي بي وسيلائي ۽ بي طاقتي ڏسي ضرور چوندو تہ ”الله بہ سمهيو پيو آهي، ڪير اسان جو فرياد ٻڌي!“

پر اسين دلگير کي چونداسين تہ ”جي جڳ داتارُ ننڊ ٿو ڪري، تہ توهين جاڳو ۽ جڳ کي جاڳايو“ ۽ اها آهي صحيح ترقي پسندي. ”ڏن جو روپ مٿان اختيار“ کهڙي نہ گهائيندڙ سٽ آهي! پر اسان کي پڙهندڙ کي گهائڻو نہ آهي، پر پڙڪائڻو آهي، جيئن هو هن نظام جو بنياد ڪڍي وجهي، جنهن ۾ عورت جي عصمت وڪامي رهي آهي ۽ هوءَ اقتصادي طور مرد جي غلام آهي. ترقي پسند ادب اُن نظام لاءِ لڙي رهيو آهي، جنهن ۾ عورت کي مرد کان مڪمل سياسي، سماجي ۽ اقتصادي آزادي ملندي.

----

لطف الله ’جوڳي‘ پنهنجي ڪتاب ”تذڪري“ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ڪافي نمايان جاءِ حاصل ڪري چڪو آهي. جڏهن مان اسڪول ۾ پڙهندو هوس، تڏهن تہ سندس شاعريءَ جي چڱي ڌوم هوندي هئي. هن ۾ طبقاتي ڪشمڪش جو احساس آهي، پر اظهار نہ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سندس نظم ”غريبن جي دنيا جو الله والي“ ۾ بيوسيءَ جو اظهار آهي ۽ نہ بغاوت جو. هري دلگير جيئن هن جي شاعري بہ حقيقت نگاريءَ تائين محدود آهي، اسان جو کيس عرض آهي تہ ”اسان جا محترم دوست! انهيءَ زماني جا گيت ڳاءِ، جنهن ۾ غريب پنهنجي دنيا جو پاڻ والي ٿيندو.“

---

اياز جو شعر ”اڳتي قدم“ باغي عوام جي همت، ارادي ۽ يقين جي تصوير آهي:

هي قيد اسان کي پيڇڻو آهي
هُن پار يقيناً وڃڻو آهي.

شعر ۾ صحيح ترقي پسنديءَ جي جهلڪ آهي. هن جو پيغام موجود زندگيءَ کي بدلائي نئين تعميري تصوير جو اظهار ڪري ٿو. هو هر رڪاوٽ کي ٺوڪر هڻي، ڪنهن به گهيرٽ گهٻراهٽ کانسواءِ منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي.

---

احسان بدويءَ جي ڪهاڻي ”ٽي تصويرون“ سندس پهرين ڪامياب ڪوشش آهي ۽ اسان کي اميد آهي تہ هو ڪنهن وقت سنڌي ادب ۾ چمڪندو جهلڪون تہ هينئر ئي اچي رهيون آهن. هو صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند آهي. پهرينءَ تصوير ۾ اقتصادي ڪشمڪش جو نقشو آهي، ٻيءَ ۾ انساني فطرت جي ڪمزوريءَ جو ٽينءَ ۾ سماجي بي انصافيءَ جو. سندس پوئين سٽ ”عجيب قائدو! غريب ينيوري!“ جڻ تہ دل ۾ تير ڪپائي ٿي ڇڏي

حبيب الله ڀٽو بہ صرف حقيقت نگار آهي. هو اوچ طبقي جي شاديءَ جي مسئلي کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ”وڏور ڏيءَ“ ۾ آڻي ٿو. ڪهاڻي عورت جي مظلوميءَ ۽ مجبوريءَ جو اڻ لکو احساس ۽ اظهار آهي، سو بہ اوچ طبقي جي عورت جي مجبوريءَجو. اهو احساس جيئن منجهس گهرو ۽ بغاوتي ٿيندو ويندو تيئن سوني تي سهاڳ جو ڪم ٿيندو ويندو ۽ اڳتي هلي اسان جي ساهتيہ ۾ خاص درجو حاصل ڪندو.

روشن آرا زالن جي واحد ادبي رسالي ”ساٿي“ جي ايڊيٽر آهي ۽* سندس ادبي قابليت ڪيس سنڌي صنف نازڪ (Weaker Sex) ۾ نمايان جاءِ ڏئي ٿي. هوءَ پهريون دفعو سنڌي ادب کي عربيءَ جي مشهور شاعر ”خليل جبران“ سان واقف ڪرائي ٿي ۽ عورت مرد جي تعلقات تي سندس هڪ شعر ترجمو ڪري ڏئي ٿي. سندس شعر ”او ساز زندگيءَ جا“ زندگيءَ جي ڏک سک جا ڦرندڙ احساس چٽي ٿو.

---

* روشن آرا مغل

”ڪلٽي“ هڪ عجيب شخصيت جي زندگيءَ جو عڪس آهي.** جماعتي (Social) زندگيءَ جي ترجماني هن ڪهاڻيءَ ۾ نہ آهي. هيءَ ڪهاڻي انفرادي (Individual) زندگيءَ سان تعلق رکي ٿي، پر سچي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ جي اسين سوچون تہ ان ۾ ڪنهن سماجي مسئلي جي جهلڪ بہ نظر اچي ٿي يا نہ، تہ اسان کي اها ڳالهہ دل ۾ اُتري ويندي تہ اسان جي سماج ۾ عورت کي محبت جي اظهار جو حق نہ آهي. هن جي چپن تي مهر لڳل آهي ۽ ڪيس پلئہ پلي ٻڌائي، پوتي پهرائي، ڏنو وڃي ٿو جڻ تہ سندس رفاقت ۽ محبت جي چونڊ گناهہ آهي.

ڪيئل داس فانيءَ جو شعر ”پهريدار“ دير سان پهتو آهي، انڪري لائق جاءِ تي نہ وڌو ويو آهي. نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هي سنڌ جو جهونو شاعر، پنهنجي ادبي رفيقن جو ساٿ ڇڏي، ترقي پسند ادب جو جهنڊو جهولائي، اڳتي وڌي آيو آهي. ڪهڙي نہ سهڻي تصوير!

------

رات جي دهشت خيز خاموشي، نيڻ نکنڊ. ”هي ها“ جا هوڪا! جڻ شڪارپور جو پئنچاتي پهريدار اکين اڳيان اچي وڃي ٿو. ڪهڙو نہ بغاوتي احساس! جو سڄي رات مٺي ننڊ ڪري تنهن جي تجوزيءَ ۾لک، جو ڏيئي- ٻري کان پرهہ ڦٽيءَ تائين اک نہ لائي، تنهن جي ڳنڍ ۾ ويهہ يا ٽيهہ رپيا ماهوار پگهارُ سندس ڪل پونجي، سندس رت ست جي بها، بي خوابيءَ ۽ بيتابيءَ جو اُجورو! پوءِ ستون تہ ڄڻ عوام کي للڪاري چئي رهيون آهن تہ ”اٺو پيسي تي پورهئي جو حق آهي، اچو! پنهنجي دولت پايو!!

خواجہ احمد عباس اردوءَ جو چوٽيءَ جو اديب آهي. سندس ڪهاڻي ”معمار“ سندس بهترين ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هن طبقاتي تفاوت کي اهڙو گهرائيءَ ۽ صداقت سان چٽيو آهي، جو پڙهندڙ جو روح ان جي خلاف يڪدم ڪڙو تي ويندو.

---

** 'ڪلٽي': شيخ اياز جي ڪهاڻي آهي.

ڪرشن چندر ڪنهن بہ تعريف جو محتاج نہ آهي. جيسين اردو ادب زندهہ آهي، تيسين هو هڪ روشن ستاري جيئن چمڪندو. ”ڊنڊ ڪان اڳ ۽ ڊنڊ ڪان پوءِ“ سندس انقلابي خيالات جو عڪس آهي.

يشپال جي سنڌي ساهتيہ سان اڳي ئي ڪافي واقفيت ٿيل ۽ ڪرايل آهي، باقي ڌرم وير جي اڃا گهڻن کي خبر نہ آهي. هي ٻئي هندي ساهتيہ جا ترقي پسند اديب آهن ۽ هندي دانن ۾ سندن ڪهاڻيون ڏاڍو مقبول آهن.

-----

قاضي نذر الاسلام، بنگال جو باغي شاعر، سڄي هندستان جو بهترين شاعر آهي. سندس شعر ۾ بي پناهہ جوش ۽ رواني، عجيب غريب تشبيهون، دل ڪينچيندڙ استعارا ۽ تمثيلون (Symbolisms) آهن. سندس نظم ”چٽنگون“ نئين نظام لاءِ جدوجهد ۽ دنيا جي روشن مستقبل جو آئينو آهي.

هر پرچي ۾ دنيا جي بهترين شاعرن ۽ فيلسوفن جا قول ڏنا ويندا.

هر پرچي ۾ ”سوچو ۽ بغاوت ڪريو“ جي سري هيٺ مضمون ڏنو ويندو، جنهن رستي پڙهندڙن ۾ بغاوت جو روح ڦوڪيو ويندو.

هر پرچي ۾ ”رولو-ڪلب“ جي ڪنهن ميمبر جو خط ڏنو ويندو. اسين ”رولو-ڪلب“ جي ميمبريءَ لاءِ هر شخص کي دعوت ٿا ڏيون، جو سچ پچ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رليو ۽ روليو ويو آهي ۽ اُتي بي انصافي ۽ بدانتظامي ڏٺي اٿائين. جنهن چاهيو آهي تہ هن سماج جي نظام جو سارو مانداڻ اڏايو وڃي ۽ هڪ نئين دنيا ٺاهي وڃي، جنهن جو بنياد ياپيءَ هڪجهڙائيءَ ۽ آزاديءَ تي هجي.

انقلاب زندهہ باد!

انسانيت زنده باد!

ايڊيٽر*

---

* ايڊيٽر: شيخ اياز

# جهلڪون!

(سيپٽمبر 1947ع جو ايڊيٽوريل)

”اڳتي قدم“ جو پهريون پرچو ڏسي پڇيو ويو آهي تہ ڇا، ترقي پسند ادب صرف افادي ادب (Utilitarian literature) آهي- يعني ترقي پسند ادب جو مقصد صرف عوام ۾ بغاوت ڦهلائڻي ۽ مزدور هاري انقلاب جو بنياد وجهڻو آهي ڇا؟ جي ائين آهي تہ ترقي پسند ادب ۾ ڪهڙو لطف ۽ دلڪشي رهي سگهندي ۽ اهو انسان ذات جي ٿڪل ٿڪل دماغ کي ڪهڙي تراوت پهچائيندو؟

اسان جو جواب آهي تہ صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ادب ترقي پسند ادب آهي، پر ترقي پسند ادب صرف انقلابي ادب نہ آهي، انقلابي ادب کي بہ پنهنجو معيار آهي ۽ اهو صرف ”هاري مزدور انقلاب زندهہ باد“ جي نعري تائين محدود نہ آهي. اسان کي ڏسڻو آهي تہ انقلابي اديب پنهنجي ڪهاڻيءَ يا شعر ۾ ڪيتري دلڪشي پيدا ڪري سگهيو آهي ۽ ڪيتري قدر اسان جي جذبن ۽ احساسن کي اٿلائي پٿلائي، مزاح ۽ طنز، فطرت نگاري ۽ رومانيت، لکڻيءَ جي لچڪ ۽ مضمون جي نوائي ۽ نزاڪت رستي اسان جي دل دماغ تي ڇانئجي، اسان کي انقلاب لاءِ آماده ڪري سگهيو آهي. ادب ۽ آرٽ حسن پيدا ڪن ٿا. پر اهو حسن صرف ماحول جي خوبصورتيءَ تي نہ آهي، صرف الف ليليٰ جي ڪهاڻي جي خوبصورتي نہ آهي، پر اهو حسن آهي شاعر يا اديب جي رنگ، طرز انداز ڦهلاوءِ جدت.

پر جيئن اسان مٿي چيو آهي تہ ترقي پسند ادب صرف انقلابي ادب نہ آهي، ترقي پسند ادب انسان جا نفيس جذبا ۽ لطيف احساس

چٽني، هن جي روح کي راحت پهچائي ٿو بشرطيڪ اهي جذبا ۽ احساس حقيقت تي ٻڌل آهن ۽ نہ صرف تصور تي.

ان ڪري اسان اڳئين پرچي ۾ حقيقت نگاريءَ تي زور ڏنو آهي، اياز جا 'ديهاتي گيت' ان جو مثال آهن. پر جي اڄ ڪوئي شاعر سسئي پنهون يا مومل راڻي جا بيت لکي، پنهنجي تصوير جو تاڄي پيٽو پڪيڙي، خوبصورت لفظن جو چار وچائي تہ ان ادب کي رجعت پسند چئبو ڇو تہ اهو ادب اسان کي پنهنجي زندگيءَ کان ڀاڄ ڪارائي، حال ۽ مستقبل کان بي نياز ڪري، ماضيءَ جي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو ۽ ان لاءِ حب پيدا ڪري ٿو. ماضيءَ جو مطالعو ضروري آهي، پر ان جي حب سخت ضرر رسان. جديد تهذيب ۽ ان جي ترقيءَ ۾ مڪمل يقين ئي صحيح ترقي پسندي آهي.

اڇو تہ هينئر هن پرچي جا ليک ادب جي ڪسوٽيءَ تي لائي ڏسون:

"پونئرو" شعر فراري ادب (Escapist literature) جو مثال آهي. ان کان تہ انڪار نہ ڪري سگهبو تہ شعر جي ٽيڪنيڪ دلڪش آهي ۽ ان ۾ رواني‌ءَ جي ڪمي نہ آهي. شعر پڙهندي دل سچ پچ پونئري سان "ڳائي، جهومي، موج لٽائي ٿي" ۽ "سک جي سندر ڦلواڙيءَ ۾ آنند، ناچ نچي ٿي." پوئينءَ سٽ ۾ مرڪب لفظ آنند- ناچ ۽ استعارو "سک جي سندر ڦلواڙي" نهايت دلڪشي پيدا ڪن ٿا. پر اسين ترقي پسند اديب ۽ هري دلگير هڪ چؤواٽي تي بيٺا آهيون. دلگير ڪليو ڪلايو رجعت پسنديءَ ڏانهن گهلي رهيو آهي. ڪيئن؟......

اهو تہ ظاهر آهي تہ شاعر کي پونئري سان تشبيهہ ڏني ويئي ۽ سندس آدرش ڄاڻايو ويو آهي:

جڳ ۾ منهنجو سک سوپيا جي گلشن سان ئي مطلب، ڪنڊن کان مان پاڻ بچايان، ڦولن سان ئي مطلب: يعني تہ شاعر صرف "رس جو لوڀي" آهي، پر زندگي ڪوڙي زهر جو ڍڪ آهي، ان سان هن جو مطلب نہ آهي، شاعر سک، سندرتا ۽ آنند-آشا جو پياسي آهي ۽ هن

جو دنيا جي دک درد، بد صورتيءَ، بد انتظاميءَ سان ڪو بہ تعلق نہ آهي، شاعر صرف ”ڦولن جي هاڪ ڦهلايان“ پنهنجو آدرش رکي ٿو ۽ هو ڪنڊن ڪان صفا منهن موڙي وڃي ٿو. پوءِ پل تہ دنيا ان ٻاہري ڪنڊ تي پئي چلائي ۽ چيچلائي. هري دلگير جي پونئري ۾ خود غرضي ۽ خود پرستي آهي. هن جي شعر جو آدرش نهايت نڪمو آهي. شاعر حسن جو طالب بيشڪ آهي، پر ساڳئي وقت هن محسوس ڪيو آهي تہ هيءَ دنيا هڪ بدصورت ڏائڻ جيئن ڏند ڏيکاري، ڪيس للڪاري رهي آهي. شاعر حسن جي پرستش ڪري ٿو پر جي هو هن بدصورت دنيا ڪان ڀاڄ ڪائيندو تہ سندس آدرش يعني حسن هن دنيا ۾ ڪيئن اچي سگهندو؟ هو تہ هر ممڪن ڪوشش ڪندو تہ هن دنيا مان بدانتظامي ۽ بي انصافي نهوڙي وڃي، جيئن اها هر ڪنهن لاءِ ”سک جي سندر ڦلواڙي“ ٿي پوي.

اياز جا ”ديهاتي ۽ برساتي گيت“ سنڌي ادب ۾ هڪ نئين ڳالهہ آهي، ديهاتي زندگيءَ جي سادي جذبات، سڌيون تشبيهون، عام فهم ٻولي، مڪاني رنگ (Local_colour)! محبت جا هلڪا هلڪا، مٺا مٺا گيت، الهڙ جوانيءَ جا بي غم، بي پرواهہ نغما! ٽيڪنيڪ جي وڏي خوبي اها آهي تہ تقطيع جي جاٽوءَ کي لطف ڏيندا، پر عام ماڻهوءَ لاءِ بہ ساڳيءَ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندا.

سنڌي شعر ۾ گهٽيئي ڏينهن سنبل ۽ نرگس جا راڳ ڳايا ويا، ايراني اصطلاح ۽ تشبيهون ڪم آنديون ويون، وصل ۽ هجر، ناز نياز شوخيءَ ۽ حيا، محبت ۽ نفرت جا جذبا اردوءَ تان اڌارا ورتا ويا ۽ سنڌي شعر جي اصليت تي ٽٽولي ڪئي ويئي. هي گيت سنڌ جي دقيانوسي (Orthodox) شاعريءَ ۽ پتي پراڻي غزل گوئيءَ کي للڪاري چئي رهيا آهن تہ سنڌ جو واريا سو وطن، ايران کان گهٽ خوبصورت نہ آهي، هتان جي عوام جي جذبات گهٽ لطيف نہ آهي، احساس گهٽ شديد نہ آهن! اردو شاعريءَ جون روايتون سنڌي شاعريءَ جي اصليت کي نهوڙي نينديون. اسان کي پنهنجي محب شاعر شاهہ جي نقش قدم تي هلڻ

گهرجي، جنهن نئون ادب ڏنو ۽ ڪنهن جي بہ پيروي نہ ڪئي. پيروي ادب ۽ آرٽ لاءِ موت آهي. اصليت ۽ نواڻ سان ئي شعر جرڪي اٿندو آهي ۽ سندس تجليون غيرن جي اکين ۾ ترورا آڻي ڇڏينديون آهن.

شيخ راز ۽ نارائڻ شيام: سنڌ جي بهترين نوجوان شاعرن مان آهن. شيام جي شخصيت تہ ڪنهن بہ تعريف جي محتاج نہ آهي، باقي راز هن مهل تائين گودڙيءَ ۾ لعل جو مثال ٿي رهيو آهي جنس داڻي مان پرکبي آهي تہ راز جي هڪ ئي نظم "اميري ۽ غريبي" مان پتو لڳي ويندو تہ هن جا احساس ڪيترا نہ گهرا آهن ۽ اظهار ڪيترو نہ دلڪش آهي!

بہ تصويرون آهن- اوچا اوچا محل ۽ فٽ پاٿ، چمڪ دمڪ وارا لباس ۽ ليڙون ليڙون ڪتا، وڏيون وڏيون تجوڙيون ۽ ننڍا ننڍا ڪشڪول نفرت آميز وڏائي ۽ حسرت آميز خودداري! پوئين غريبيءَ جي ميراث، پهرين اميريءَ جي سند! شاعر جي مصوري تہ ڏسو!

هوءَ ڏسين ٿي؟ زرو زربفت ۾ ملبوس حسين يعني ساڙهيءَ
جي دمڪ.
زر و زيور جي چمڪ
ترورا منهنجي اکين ۾ ٿا اچن
آهہ هيرن جي ڪٺين جو هي هار
ڪيئن نہ ڇهتي پيو آ گردن سان!

لفظن جو ڪهڙو نہ خوبصورت انتخاب! ڇا نہ جذبات جي تلخي ۽ الفاظ جي شيرينيءَ جي ملاوت! سنڌ ۾ هن مهل تائين ٿي چار سٽا بي قافيہ نظم لکيا ويا آهن ۽ انهن مان هيءُ بہ هڪ آهي، پر شاعر کي ٽيڪنيڪ تي ضابطو البتہ گهٽ آهي.

شيام جو شعر "ڏاءِ ڏاءِ اي لال!" انساني فطرت جي هڪ دائمي احساس جي ترجماني آهي- پيريءَ جو احساس، گذريءَ جوانيءَ جي رنگين ياد! شعر پڙهي سيسرات اُڀريو وڃي، سٽ سٽ ۾ سوز لفظ لفظ ۾ محبت ۽ مادري شفقت! شعر جو مرڪزي خيال نهايت بلند آهي، شعر

جي ماحول سان لفظ بہ خوب نهڪي ٿا اچن. چپن جون چڳڙون، لڪڙي، نپوڙينمر وغيره (شعر ۾ شفقت جي جذبي جي گهرائي ڏيکارڻ لاءِ "ڙ" جو ڪمر آڻڻ شيام جي تيڪنيڪ جو ڪمال ڏيکاري ٿو.)

چا نہ درد جي پڪارا

"جنهن جي چاتي بہ ۽ تون پيي سو ڪتي......

چهتي سمهہ گل، تہ ويئي ننڊ ڪجي."

باقي شعر ۾ رواني اصل نہ آهي. سٽن کي چڪي تاڻي وزن تي آندو ويو آهي. اها شيام جي شعر جي وڏي خامي آهي. ان جو سبب شايد اهو آهي تہ شيام تمام گهڻو غور ۽ فڪر ڪري ٿو.

مسٽر لطف الله بدوي "نيڪي" جي تشريح ۾ خود لکي ٿو: "عمر خيام" ايران جي مشهور شاعر پنهنجي رباعي "ناڪرده گناه درجهان ڪيست بگوا" ۾ "نيڪيءَ جي احساس" تي هڪ فلسفي جي نقطء نظر کان پنهنجي راءِ ڏني آهي. مگر "خليل" پنهنجي غيرفاني تصنيف "پيغمبر" ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تخليق تي پنهنجو رايو ڏنو آهي:

"بديءَ ۽ نيڪيءَ کي ماحول جو ممنون ٿو سمجهي. اهو ئي سبب آهي، جو هو چوي ٿو تہ نيڪي رزق جي تلاش ۾ ٽڪرن ۾ پٽڪي ٿي، ۽ ان کي جو اُن حالت ۾ ميسر ٿئي ٿو اهو ان جي پيٽ جي جهنم کي پرڻ لاءِ قبول ڪرڻو ٿو پوي. پياس جي منزل جڏهن موت جي درجي تي پهچي ٿي، تڏهن اجايل کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي، جو هو پاڻيءَ جي متعلق ويهي بحث ڪري تہ هي چڱو آهي يا خراب! هن کي ان وقت هڪ ئي خيال رکڻو پوندو تہ پاڻي ڪهڙو بہ آهي، ميسر تي سگهي ٿو يا نہ؟ سچ تہ فطرت انسانيءَ جي حقيقي تقاضا بہ اها آهي، جو بديءَ جي فضا ۾ پليو هجي، ان غريب کي ڪهڙي خبر تہ نيڪيءَ جي صورت ڪيئن ٿئي ٿي."

محترم لطف الله بدوي "خليل" جي هن شاهڪار جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي، جو آسان ڪم نہ آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙي غيرفاني ڪتاب جي ترجمي جي سخت ضرورت آهي. مگر "نظم ۾

ترجمو“. پنهنجي جذبات تي ”شاعر“ جو قبضو ڪرڻ، ۽ صحيح خيالن کي ٻيءَ زبان جي قالب ۾ وجهڻ ڪيترو ڏکيو هوندو ان جو احساس هڪ اديب ڪري سگهي ٿو. بهرحال ڪتاب جي پوري ٿيڻ جو انتظار آهي، جو شايد سنڌي ادب ۾ هڪ گرانقدر اضافو ٿئي.

روشن جو شعر شاعره جي دل جي هڪ ڪيفيت جو ترجمو آهي. ترقي پسند ادب صرف افادي ادب نہ آهي. اهو اسان کي ”گهرو احساس“ پڙهڻ مان معلوم ٿيندو.

دوري ۽ مجبوري ڇا ڪان؟
گڏجي پنهنجي دنيا ٺاهي
تارو ۽ مهتاب!

مٿيون سٽون سچيءَ تشبيهہ کي نهايت خوبصورتيءَ سان ختم ڪن ٿيون، لکندڙ جي سچي ڪيفيت پڙهندڙ جي دل تي ڇانئجي وڃي ٿي.

”واڄ جا ڪانٽا“ هڪ انقلابي رومانيت (Romanticism) جو مثال آهي. ڪهاڻيءَ ۾ اتفاق جي مدد ورتي ويئي آهي. جي تار نظير کي نہ ملي تہ ايترو ڪتراڳ ٿئي ئي نہ. اتفاق جي مدد ڪٿي سهڻي لڳندي آهي، ڪٿي نہ. اهو اتفاق ڪهاڻيءَ سان ڪيتري قدر نهڪي اچي ٿو ان تي فتويٰ خود پڙهندڙ ڏين تہ بهتر ٿيندو؟

”مريم“ احسان بدويءَ جو سنڌي ادب ۾ هڪ اڳتي قدم آهي. انسان جي ڪيتري نہ ذلت ٿي رهي آهي، هن جي خودداريءَ کي ڪچليو ويو آهي، هن جي محبت نفرت جي جذبات کي نهوڙيو ويو آهي، اُهو آندو آهي احسان پنهنجي دردناڪ ڪهاڻي ”مريم“ ۾. انسان جي جسم جي بها، اشرف المخلوقات جي قيمت صرف ٻہ رپيا! عصمت هڪ دفعو لٽي ويندي آهي، خودداري هڪ دفعو لتاڙي ويندي آهي ۽ تنهن کان پوءِ عورت جو نفس مري ويندو آهي ۽ هن ۾ بغاوت جو جذبو نہ رهندو آهي. اجهي، اتي ۽ لٽي جي تمنا ۾ سندس پيار پڇتاءُ جو احساس دفنائجي ويندو آهي. احسان تصوير ڪڍي آهي. ان عورت

جي، جا پنهنجي جسم کي دڪان تي وڪڻي، پنهنجي بي وسيلي زندگيءَ جا ڏينهن ڪاٽي رهي آهي، سندس ڇاتيءَ جا گل مرجهائجي ويا آهن، سندس اکين تي ڪجل مُرڪي رهيو آهي ته ”هينئر جواني ويئي. حسن جي قدرداني وئي.“ جيئڻ جي تمنا، تمنا جي جيئڻ تي مراد رکي ٿي. نه، نه، مريم ۾ تمنا ته مري چڪي آهي، هينئر هوءَ جيئي ٿي ڇاڪاڻ جو جي رهي آهي.“ ڪهاڻي گلو ڦاڙي پڪاري رهي آهي ته هر عورت طوائف نه آهي پر هرطوائف عورت آهي. پر ڇا هوءَ سچ پچ عورت آهي يا ”ڪتيءَ کان به وڌيڪ ذليل!“

جڏهن مون رام پنجواڻيءَ جي ڪهاڻي ”مگٽو“ پڙهي ختم ڪئي، تڏهن جڻ ته ڪنهن دل ۾ ڪتڪتائي ڪئي، جڻ ڪنهن ڇهنڊي پاتي، نه، نه، جڻ نوڪر هنئي، دل م عجيب احساس اٿيا جڻ ته ”شولنگ تان برهما، چمبيلي (چنبيلي) گل سوڙو ڦرندو گهرندو، قلابازيون کائيندو اچي پٽ تي ڦهه ڪري ڪريو.“ (پ) جيئن وسامندڙ ڏيئي جي پوئين لاٽ به ٻه ٽي وڏا پڙڪا کائي وسامي ويندي آهي، تيئن ڪهاڻي پوري ٿي ويئي. جيئن تلاءَ ۾ پٿر اڇلائبو آهي ۽ لهريون ڦهلنديون آهن، تيئن دل ۾ هڪ سوال ڦهلندو وڌو ٿيندو ويو. ان جو مطلب الاجي ڇا هو پر سندس پهريان ۽ پويان اکر ها ”اي ڪاش!......“

رام خط ۾ لکيو آهي ته هو مشهور فرانسيسي اديب موپاسان ( Mau passant) جو مطالعو ڪري رهيو آهي. شايد ان مطالعي جو ڪهاڻيءَ تي گهرو اثر ٿو ڏسجي، موپاسان جي هر ڪهاڻي دماغ ۾ چهٽي وڃائي، واڙڙو ڪري، ختم ٿي ويندي آهي.

ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي تي شايد هيءَ بهترين ڪهاڻي آهي. ان ۾ ڏنگ آهي، ڏينيوءَ جو نه ماڪيءَ جي مک جو ماکيءَ لڳل، مٺو مٺو ڏنگ!

ڪهاڻيءَ ۾ رجعت پسند عنصر ذرا نمايان آهي. رام کي خبر هئڻ گهرجي ته موپاسان يورپ جو هڪ زبردست رجعت پسند اديب آهي ۽ ان جو زياده اثر اسان جي ترقي پسند ادب لاءِ زهريلو ٿيندو ۽ رام خود ترقي پسند ادب جو حامي آهي. هندو ديومالا (Mythology) جي ڳالهه

کي ايتري اهميت ڏني ويئي، جو اها ساري ڪهاڻيءَ تي ڇانئجي وئي آهي. ڪهاڻي آهستي آهستي هڪ ڪوهيڙي ۾ ڇڏي تيندي غائب ٿي وڃي ٿي. ان ڪوهيڙي (ق) ۾ ماضي اشارا ڪري رهيو آهي، خوبصورت وهم ڪيڪاري رهيو آهي!

ميمڻ غوث جي "شمع" ڪي اسين پهريون دفعو سنڌي ادب سان واقف ڪرائي رهيا آهيون. "شمع" جي لکڻيءَ ۾ زور تمام گهڻو آهي. جهڙين سنگين حقيقتن جي ترجماني هو ڪري رهيو آهي. تهڙي تمام ٿورا نوجوان اديب ڪن ٿا. سندس طنز ۾ زهر جو اثر آهي، مثال طور پوئين سٽ "شيطان خدا تي مرڪي رهيو آهي..." زهر ماريندو آهي، دوا بہ تي لڳندو آهي. اڳتي ڏسجي. (ج).

# رولو ڪلب جي شاعر جو خط*

مهربان ايڊيٽر صاحب!

مان شاعر آهيان، مون قدرت جي رڳ رڳ ۾ دورو ڪيو آهي. جڏهن شفق جون سون رنگ لهريون آسمان ۾ لهرائيندڙيون آهن، ۽ هلڪا هلڪا بادل نيريءَ سطح تي ترندا نظر ايندا آهن ۽ جڏهن آهستي شام جي پوئين سُرخي رات جي ڪاريءَ پاڇائينءَ ۾ گم ٿي ويندي آهي، انت جڏبا! مان سمجهندو آهيان تہ منهنجي هستي ڇڏي ٿيندي، ڦهلندي ٿي وڃي ۽ ساري ڪائنات گهري ٿيندي، سميٽبي، منهنجي سيني ۾ سمائبي ٿي وڃي. ڪاش! هميشہ انسان قدرت جئن هجي. بي خوف، بي حجاب، بي پرواهہ! ڪاش! هي حسن ۽ موسيقيءَ جي دنيا ختم نہ ٿئي!

مون محبت ڪئي آهي ۽ اهڙي ڪئي آهي، جو ان جي شدت ۽ گهرائي تمام ٿورا محسوس ڪري سگهندا. هوءَ جڏهن مرڪندي هئي تہ هن جون اکيون منهن، سارو بدن مرڪندو هو سندس چهري ۾ موتيا ٽڙندا ويندا هئا! هوءَ جڏهن پنيان اچي منهنجون اکيون ٻوٽيندي هئي، تہ مان چاهيندو هوس تہ صدين جون صديون گذري وڃن. دنيا بدلجي وڃي، زندگيءَ ۾ اٿل پٿل اچي وڃي، پر اهي هٿ اتي رکيا هجن. اهي ماسيرا، ملايم هٿ ڪڏهن بہ منهنجن اکين کان جدا نہ ٿين. ڪيترو نہ لطف هو اُن انڌاري ۾! ساري دنيا جشن ملهائي، روشنيون ڪري، تہ بہ اهڙو لطف نہ اچي! مان هن کي ڏسي محسوس ڪندو هوس تہ اسان

---

* اياز جو لکيل ڪالم

صديون هڪبئي جو پيڇو ڪيو آهي. ڪڏهن ﭔ ستارا، ڪڏهن ﭔ برساتي بوندون، ڪڏهن اُتر جي هير جا ﭔ جهلڪا، ڪڏهن ﭔ ڇوليون ٿي رليا آهيون. ڪائنات جي هڪ سري کان ٻئي سري تائين ۽ نيٺ زمان مڪان جا مفاصلا طئي ڪري اچي مليا آهيون ۽ محبت جي جُهولي ۾ جهولي رهيا آهيون. ڪاش! اهو جهولو ائين جهوليندو رهي، گرميءَ سرديءَ کان بي نياز سانوڻ سياري کان بي خيال، ٿڌيءَ ٿڌيءَ هير جي خنڪيءَ ۽ خوابيدگيءَ ۾!

حسن جي پيدائش منهنجو آدرش آهي. مان خالق آهيان. مان خدا جي جهان کان وڏيڪ خوبصورت جهان خلقي سگهان ٿو. مان "ڪن فيڪون" چئي اهڙي لفظن جي دنيا ٺاهي سگهان ٿو جنهن جو خدا خواب ﭔ نہ لڌو هوندو!

پر......

مان انسان ﭔ آهيان، صرف شاعر نہ آهيان، منهنجي اکين نہ رڳو خوبصورتي ڏٺي آهي، پر بدصورتي ﭔ ڏٺي اٿائون. ڪنن نہ رڳو موسيقيءَ سان لهہ وچڙ رکي آهي پر درد جون دانهون ﭔ ٻڌيون اٿائون! پوءِ ٻڌايو تہ منهنجا چپ صرف خوبصورتيءَ جي باري ۾ ڪيئن ڳائيندا؟

مان ڪيئي دفعا ڏٺو آهي تہ ٽانگي پٺيان ننگا پار ڊوڙندا ايندا آهن ۽ "بابو، ديا ڪريو"، "الله جي نالي، هڪ پيسو... هڪ پيسو...." ٽانگو تيئن زور سان هلندو آهي ۽ هو ٿڪجي، بيهي رهندا آهن. سندن پيشانيءَ تان پگهر وهي مٽيءَ ۾ ملي ويندو. "ڇا، هي ﭔ انسان آهن،" مون ڪيئي گهمرا سوچيو آهي. ٻارن کي تہ شاعر هميشہ گلن سان تشبيهہ ڏيندا آيا آهن. خوبصورت، دلڪش گلَ جن ڪڏهن ﭔ سرءُ جي سٽ نہ سٺي آهي، جن لاڏ ڪوڏ ۾ وقت گذاريو آهي ۽ هير ۾ رانديون رميون آهن! هنن ٻارن کي ڪيئن مان گلن سان تشبيهہ ڏيندس! هنن جي تہ موجودگي ﭔ اسان کي ڪنڊي جيئن چڀي رهي آهي. هي تہ سرءُ جا سڪل زرد پن آهن. جن کي طوفان ڏڏڙ ۾ ڦيرائيندو

گهيرائيندو گيسرائيندو گهليندو ويندو آهي! گل هي ڪيئن ٿيندا!
ليڙ ليڙ قميصون چيڙهہ چيڙهہ چڳون، ريڙهہ پيڙهہ جي زندگي!

مون ڪارخاني مان مزدور موٽندا ڏٺا آهن. ويهين پنجويهين ورهئين جا ڳڀرو جوان! شاعر انهيءَ وهيءَ جي باري ۾ صفحا سياهہ ڪيا آهن. جواني ديواني، البيلي، مستاني! نہ گذرئي جو غم، نہ آئيندي جو اُلڪو! نئين رت، نوان اُمنگ! ڳالهہ ڳالهہ ۾ رس، پل پل ۾ رنگيني! هڪڙي شاعر لکيو آهي تہ ”چولين جي مستي، بادلن جي رفتار گلن جي نزاڪت چني قدرت جواني ٺاهي.“ اي آڪاش! مان انهيءَ شاعر کي ڪن کان وٺي، گهلي اُهي ڪارخاني مان موٽندڙ مزدور ڏيکاري سگهان ۽ پڇانس تہ چا، تو هن جوانيءَ جي باري ۾ گيت ڳايا آهن، هن ڏک ڏڏيءَ جوانيءَ جي باري ۾! هي مزدور تہ ڏس! مشين تي ٻارنهن ڪلاڪ بيهي ڪبو ٿي ويو آهي! هن کي گردي جو سور بہ پوندو آهي، هن جي پڳهر ۾ بانس بہ آهي. هي اڌ بکيو بہ آهي، سندس دل ۾ آنڌ مانڌ منهن تي اڻ ترڻ آهي. چا، تو انهيءَ جوانيءَ کي ساراهيو آهي.“

مان طوائف- گهر بہ ڏٺو آهي. اتي چڱي چهل پهل لڳي پئي هوندي آهي ۽ جسم جي خريد و فروخت ٿيندي آهي. اجهو هي رگهوناٿ ستوڙي پيو اچي، هي وڏيرو ڪريم بخش، هو صوبيدار سليم خان! هيڏانهن هيءَ ڏسو جا لالٽين در ۾ ٽنگي ڪرسي وجهي ويٺي آهي، سندس سانوري منهن تي پائوڊر مرڪي رهيو آهي، سندس چپن تي پان ٿوڪاري رهيو آهي. تنگ تنگ تي چاڙهي، آڱريون مُنڊي گوڏي کي سوگهو جهلي ويٺي آهي ۽ چئي رهي آهي ”تي رپيا.“ ”اڙي اسان پرديسي آهيون ڪجهہ گهٽ وٺ،“ وڏيرو ڪريم بخش هي هي ڪري کلي ٿو. ”ميري جان ادهر ديکهو تو “ صوبيدار حشمت سان چئي ٿو. رگهوناٿ ستوڙي تہ اڄ ڪٿي آيو آهي، تنهن جي ٽين روپئين واري ۾ ڪٿي تي اک بڌي ۽ چوي ٿو ”چڏ يار چا تي مٺو آهين. هتي تہ مندي تي مندي آهي، تيجي ڪپي تيجي!“

شاعرن عورت جي شرم ۽ حيا جي ساراهہ ۾ خوب قلابازيون ڪاڏيون آهن. هنن تہ عورت کي شرم ٻوٽيءَ سان ڀيٽيو آهي، هنن تہ

عصمت ۽ پاڪ دامنيءَ جي ساراهہ ۾ قلم ڪارا ڪيا آهن! ڪٿي آهن اهي شاعر، اهي خود فريب مداري! هر عورت طوائف نہ آهي، پر هر طوائف تہ عورت آهي! ڪٿي آهي ان جي عصمت، پاڪ دامني، حيا! جيستائين اهڙين عورتن جو وجود آهي، تيستائين مان ڪيئن عورتن کي شرم ۽ پوتيءَ سان پيٽي سگهندس. هي غريب عورتون، بکن ڏکن جون ستايل عورتون، گهر ٻار کان ڌڪاريل، دنيا جي نظرن ۾ ذليل، خدا جي چوٽيءَ دوزخي!

توهان ئي چئو تہ انهن احساسن هوندي منهنجي شاعري سنڌ جي اڳينءَ شاعري کان علحدي نہ ٿيندي! مان خوبصورتي پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو پر اول بدصورتي تہ مٽايان! مان موسيقيت پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو پر اول دک درد جون دانهون، بک بيماريءَ جون پڪارون تہ وڃايان!

ان ڪري مون هن سماج، حڪومت، مذهب، رسمي رواجي خيالات سان بغاوت جو اعلان ڪيو آهي. مان رزمي بزمي، عشقي فشقي شاعر نہ آهيان. مان هن سرشتي کي ڊانوا ڊول ڪرڻ چاهيان ٿو. هن زندگيءَ کي نئين سانچي ۾ پلٽڻ چاهيان ٿو. منهنجا گيت ڪنهن صوفياڻي محفل لاءِ نہ آهن، ۽ نڪي اميرن جي مجلس لاءِ آهن جتي سگريٽ جو دونهون، شراب جي بدبو ڪچريءَ جا گنهگهرو ۽ ڏڪڙن جي ڏاڪڙ ڏون ملي فضا جي بدتميزيءَ کي گهرو ٻڌائيندا آهن. هي گيت عوام جي جهنڊي سان لهرائيندا، انقلاب جي نعري جو آڌر ڀاءُ ڪندا، جيئن زمين آسمان گونجي اُٿي، هيءَ بي انصافيءَ، بدانتظاميءَ جي دنيا ڏڏي وڃي ۽ زلزلي ۽ ظلمات مان نئين دور جي پريات نچندي اچي ۽ دنيا تي پنهنجا سيتل ڪرڻا ڦهلائي! ۽ پوءِ مان پنهنجا نفيس جذبا ۽ لطيف احساس چٽيندس ۽ اهڙو لفظن جو خوبصورت جهان اڏيندس، جو خدا جو بهشت بہ ان اڳيان هر هر جهڪي سلام ڪندو.

چيو وڃي ٿو تہ منهنجن بغاوتي ترانن تي حڪومت بندش وجهندي، جي ائين آهي تہ توهين پنهنجي رسالي رستي آواز اٿاري منهنجي مدد ڪجو.

اوهان جو باغي شاعر